# رهاڻ هيرن ڪاڻ

(پاڳو پھريون)

تحقيق ۽ تاليف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# رهاڻ هيرن ڪاڻ

## ڀاڱو پهريون

تحقيق ۽ تاليف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ

ڪراچي- 2012ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪِتابَ جو نالو: | رهاڻ هيرن ڪاڻ (ڀاڱو پهريون) |
| تحقيق ۽ تاليف: | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| جلد: | پهريون |
| سال: | 2012ع |
| ڇپيندڙ: | ايليگينٽ پريس، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | عبدالعزيز عقيلي،<br>سيڪريٽري ثقافت کاتو<br>حڪومت سنڌ |

| | |
|---|---|
| قيمت: | -/800 رپيا |

ملڻ جو هنڌ

**ثقافت کاتو ڪتاب گهر**

سامهون ايم.پي.اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي- 74400، سنڌ.
فون: 021-9206073

# فهرست

پبلشر نوٽ ........................................ 7

**رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد پهريون ........................... 9**
مهاڳ ........................................ 11
پنهنجي سمجهه جي پئماني ڪي ڪشادو ڪر ........................................ 13
سِڪَ سڪي تي سڪ ڪي، جنهن جي سڪ سا ........................................ 15
سنڌ جي اندروني ياڳن جا نالا ........................................ 17
ڏاتارءِ منگتا ........................................ 22
تاريخ ........................................ 30
سنگھارن جا سانگ ........................................ 84
سنڌ جون مانائتيون مايون ........................................ 92
ڏهسناموءِ دانائي جا بيت ........................................ 97
جَهر جهنگ غزل ........................................ 99
جواني ........................................ 106
سگهڙ شاعرءِ قصا ........................................ 108
سورهيءِ سورهيائي ........................................ 119
قافيون ءِ سنڌ جو ڳائڻ 'ڪافي' ........................................ 121
ظرافت خوش طبعي چرچا ........................................ 139
سنڌ جي پهلواني ملهه ........................................ 150
ڪچهري بدين ........................................ 165

**رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد ٻيون ........................... 187**
مهاڳ ........................................ 189
لفظ 'ڪچهري' ........................................ 191
تاريخ ........................................ 194

سامراجي حڪومت خلاف، سنڌ جو خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو
....................................... 210
سدا حيات سورهيه صبغت الله شاهه ........... 218
زمانو بدلجي ويو!.................................. 222
ويا سي وينجهار ................................. 230
سنڌي ٻولي......................................... 244
سنڌ جي اوبڙ (نباتات) جو مطالعو ........... 248
ڏُٿ ۽ ڏوٿي........................................... 269
ٽَڪر- ٿر ۽ گهاڙ واري وات........................ 276
سنڌ جون رانديون................................. 279
ڳالهيون ملهه ۽ ملهن جون ...................... 285
عوامي فيلسوف ................................... 289
واسينگ نانگ جي مڻ............................ 305
هيءَ جڳ بازيگر جي بازي.......................... 307
مانائتيون مايون ................................. 311
سنڌ جي لوهارن جي ڪاريگري .................. 316
مقامات سنڌي .................................... 322
”اون“ سان سرشار هڪڙي ڏاهي جي ڪمائي ڪي سوال...... 326
مندن جي موت ۽ سڪ وارن جون سارو ٽيون........ 339
ڪڇهري ناڙي.......................................... 348

**رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد ٽيون** ........................ 359
تاريخ.................................................. 361
سنڌي لغات جي باري ۾ هڪ تاريخي خط ............ 367
عربي زبان جو ماهر غلام محمد مهيري ﷫ ............. 372
ويا سي وينجهار ................................... 378
سنڌ جا بازار ۽ بازاريءَ ۾ سنڌن مهارت ............. 383
رسالي جي رهاڻ................................... 409
جنگ ناما ............................................ 413
ظرافت، مزاح، کل ۽ خوشي.......................... 418
سنڌ جا ڀاڳيا ۽ مال جا داڳ يا داغ .............. 424

سگهڙ، شاعر ۽ قصا........................439
سنڌ جا قبيلا ۽ نسب ناما........................448
روس جو سفر........................477
نارو، هاڪڙو نارو، هَمَتڙ نارو ۽ ڪارو نارو........................488
اروڙ ڪان هيٺ درياءَ جا وهڪرا ۽ پُراڻ درياءَ........................495

**رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد چوٿون** •••••••••••••••••••••• 503
مهاڳ........................505
تاريخ........................508
آزادي جا علمبردار........................513
سنڌ جو آسمان........................517
چنڊ: زمين ۽ آسمان جو سينگار........................556
وياسي وينجهار........................559
غازي فقير سيال........................569
ظرافت ۽ خوش طبعي........................577
سنڌ جا شهر: نصرپور........................580
سنڌ جا شهر:اگهم ڪوٽ يا اگهاماٽو........................589
مست وتايو........................594
سنڌ جون جڙيون ٻوٽيون........................596
نواب غيبي خان چانڊئي جي ڪچهري........................600
سنڌ ۾ پاڻي جي پياس ۽ آس........................602
جاوا ـ سوماطرا جو سفر........................604
سنڌ جا قبيلا ۽ نسب ناما........................616

**رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد پنجون** •••••••••••••••••••••• 637
مهاڳ........................639
تاريخ........................641
’رسالي فتحي‘ ۾ آڳاٽا ناياب سنڌي بيت........................646
مانائتيون مايون........................654
ويا سي وينجهار........................657
محبت جون مقالون........................660

حياتان ۽ عطا ................................................ 664
لال شاهه ۽ لال خاتون ................................................ 665
عِظمَت ۽ جنت ................................................ 667
تُتو ۽ ڪَلهي ................................................ 669
بچل ۽ هِرڪائي ................................................ 670
سميجو ۽ سُڪان ................................................ 672
چگُو ۽ ماندر ................................................ 675
جمال ۽ جنت(2) ................................................ 678
جَمِت ۽ سڪيلڏو(3) ................................................ 678
سوپيو ۽ ڦَتَل ................................................ 679
مصري ۽ نوران ................................................ 680
بيبي راستي ۽ تاج محمد امروٽي* ................................................ 683
ميون محمد علي ۽ بخت* ................................................ 684
پيارو ۽ لچم ................................................ 686
گل ۽ ڪملا ................................................ 689
تلسان ۽ ناتو ................................................ 690
عارب ۽ نوران ................................................ 693
مونڻ پتي ۽ راڻي* ................................................ 694
سگهڙ شاعر ۽ قصا ................................................ 695
شاعري گلو مياٽو ................................................ 697
نوءَ يعني وايو منڊل (ATMOSPHERICS) بابت سنڌ جي سياڻن
جا ويچار ................................................ 707
تبديلي ۽ ترقيءَ جا اڳواڻ ................................................ 737
ظرافت ۽ مزاح ................................................ 749
سنڌ جو طب ................................................ 751
سنڌ جو شاهي قلعو رني ڪوٽ ................................................ 755
سنڌ جا قبيلا ۽ نسب ناما ................................................ 758
ڪڇري نارو ................................................ 776

# پبلشر نوٽ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي هڪ يگاني محقق، لطيفيات، لغت جي ماهر، لوڪ ادب، تاريخ جي پارکو ۽ اعليٰ تعليمي ماهر جي حيثيت حاصل آهي. مرزا قليچ بيگ کان پوءِ سنڌ ۾ جنهن ماڻهوءَ سڄي زندگي علمي ۽ قلمي پورهئي ۾ صرف ڪئي آهي، سو ڊاڪٽر بلوچ آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي پنجن جلدن ۾ سنڌي لغت جي تياري، يارهن جلدن ۾ شاهہ لطيف جي مستند متن جي تياري ۽ لوڪ ادب اسڪيم، اهڙا يادگار منصوبا آهن جيڪي هُن جي علمي محنتن ۾ ڪيس سيني کان ممتاز بڻائن ٿا.

حڪومت سنڌ، سنڌ جي ناليوارن عالمن ۽ اديبن جي قلمي پورهئي جي مڪمل ڪم کي گڏيل جلدن جي صورت ۾ پڌرو ڪري ڪين مڃتا ڏيڻ جي ڪوشش ۾ اڳ اڳرو رهيو آهي. ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو جي تحرڪ ۽ ذاتي دلچسپيءَ هيٺ سڀ کان پهريائين شيخ اياز جي سموري شاعري ۽ نثر کي ايڪويهن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ جناب امر جليل جي ڪتابن کي ڇپائڻ جي ڪم جو آغاز ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب رهاڻ هيرن ڪاڻ ڊاڪٽر بلوچ جي زندگيءَ ۾ ڏهن جلدن ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو. ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو جي هدايتن تي ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي خاندان جي صلاح مشوري سان ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ کي ٻن ضخيم جلدن ۾ ڇپائڻ جو اهتمام ڪيو ويو آهي. هن سان گڏ ڊاڪٽر بلوچ جي علمي مقالن تي مشتمل ٽي ڪتاب ۽ سندس ٽيهن سالن جي تحقيقي عرق ريزي هيٺ تيار ٿيل ”شاهہ جو رسالو“ ۽ ”مستند متن“ جون اشاعتون بہ پڌريون ٿي رهيون آهن.

هن ڪتاب جي ڇپائڻ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي خاندان خاص ڪري ارشد بلوچ ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي مداح ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو جا بہ وڏا وَڙ جن سٺيون صلاحون ڏنيون. هن ڪتاب جي اشاعت جي ڏس ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي محنت ۽ دلچسپي بہ وساري نہ ٿي سگهي.

اسان کي اميد آهي تہ سنڌ جي هن عظيم سيلاني محقق ۽ عالم جون هي يادگيريون هتان جي ماڻهن لاءِ جتي سنڌ جي ثقافتي ورثي کي ڄاڻڻ جو اهم ذريعو بڻبيون، اتي هي يادگيريون نوجوانن جي لاءِ سنڌ جي ثقافت، تهذيبي رنگن ۽ زندگيءَ جي حسناڪين جا سوين عڪس ۽ اولڙا جاچڻ جو ذريعو پڻ بڻبيون.

**عبدالعزيز عقيلي**

سيڪريٽري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# رهاڻ هيرن ڪاڻ

## جلد پهريون

# مهاڳ

هي رهاڻ هيرن ڪاڻ آهي، پنجاهہ سالن واري عرصي واري دؤر (2000ـ 1950) ۾ سنڌ جي سڄڻن ۽ سگهڙن سان ڳوٺن، شهرن، واهڻن ۽ وستين ۾ رهاڻيون ٿيون، جن جو هيءُ مواد يادگار آهي. ڪن پيارن ترغيب ڏني تہ آءُ پنهنجي سوانح عمري لکان: ڪنهن حد تائين هي منهنجي سوانح عمري آهي.

هن ذخيري ۾ شامل ڳالهيون سڀ نيون آهن ۽ گهڻيون نہ اڳ لکيل آهن ۽ نہ ڇپيل. هنن ڳالهين کي رهاڻ واري رنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ پڙهندڙن کي مخاطب ٿي ڳالهايو ويو آهي. ڳالهہ مان ڳالهہ نڪرندي ۽ پڙهندڙن کي ڪيئي ڳالهيون ٻڌايون ويندئون ۽ ڪيئي نيون معنائون ٻڌايون وينديون.

افسوس جو ڪجهہ وقت کان وٺي ڪن نون "پڙهيلن" ٻاهرين اوڏر کي اهميت ڏيڻ شروع ڪئي آهي. ڪن تي ٻاهريان سياسي نظريا سوار آهن، ڪن تي هائيڪا هسوار آهن تہ ڪن لاءِ ٽامسن ۽ ڊڪسن جا قول ۽ رايا وڏيڪ وزندار آهن. انهن کي سنڌ وارن جون هي پنهنجيونساديون سوديون ڳالهيون شايد ياءِ نہ پون پر غور سان پڙهڻ ۽ پرجهڻ وارن لاءِ هن ذخيري ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ راڄن جي رهڻي ڪهڻي، ڳالهہ ٻولهہ، سرت سمجهہ، دانائي دؤر انديشي،خوشي، خوش طبعي ۽ شعر ادب جا من موهيندڙ مثال موجود آهن.

هن ذخيري ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي راقم گهڻو اڳ جدا جدا موقعن تي جدا جدا ڪچهرين ۾ ٻڌيون. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي صحيح نموني سان نہ ٻڌايون ويون هجن يا نہ سمجهيون ويون هجن ۽ جيئن تہ اهي هڪ وڏي وقفي کان پوءِ هت بيان ٿيون آهن، انهيءَ ڪري ڪي پوريون ياد بہ نہ رهيون هجن. پڙهندڙ مهربانن کي گذارش آهي تہ جيڪڏهن ڪين ڪا

وڏيڪ صحيح صورتحال معلوم ٿئي تہ پنهنجي پيار ۽ پاٻوهہ سان درستي ڪن.

هي اڻ کٽ خزانو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين منهنجي لکيل يادداشتن ۾ موجود آهي، پر گهڻي حد تائين منهنجي يادگيرين ۾ محفوظ آهي. وقت ۽ فراغت آهر، ان کي قسطن وار شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. هي پهريون ڀاڱو آهي، جيڪو في الحال شايع ٿي رهيو آهي.

ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڏي وڻ ٿيون،
ٻي کي مون نہ چيون، گوشي پرين نہ گڏيا.

نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد، سنڌ

# پنهنجي سمجهہ جي پئماني کي ڪشادو ڪر

5 سيپٽمبر 1955ع تي ڪن پڙهيلن جي وچ ۾ ڪي سوچ ويچار جون ڳالهيون هليون. هڪ سوچ هن طرح هئي تہ: ايمان جو اقرار هڪ ئي آهي، مگر عمل ذريعي ايمان جي تصديق ٻي شيءِ. مومن ٿيڻ لاءِ ايمان جو اقرار ڪافي آهي، پر ”مسلم“ ٿيڻ لاءِ قانون فطرت مطابق عمل ڪري ”تسليم“ واري درجي تي پهچڻو آهي. ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا لَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ “ (اي ايمان وارؤ! ايستائين نہ مرجو جيسين تائين مسلمان ٿيو) آيت انهيءَ حقيقت کي روشن ڪري ٿي تہ خدا ڪائنات جو خالق آهي ۽ خدا کي مڃڻو آهي. خدا جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ معنيٰ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ (ڪائنات جي فاطر) فطرت جو قانون زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪائنات جي هر منظر ۾ ڪارفرما آهي. ”فَنَافِي اللهِ “ ۽ ”بقاباللهِ “ جي صحيح منزل اها ئي آهي. ٿوري سمجهہ وارو انسان ڪنهن وقت چوي ٿو تہ ”خدا کي ڏسان، خدا سان ملان، ڪوشش ڪئي اٿم مگر خدا سمجهہ ۾ نٿو اچي“. حقيقت جي آڏو حجاب ۽ پردا آهن. نبي ڪريم ﷺ ”شين جي حقيقت“ کي سمجهڻ لاءِ دعا گهري (اللهم اَرِنِي حَقَائِقَ الا شياء كَمَاهِيَ) جيڪي پنهنجي ننڍڙي عقل تي عاشق آهن ۽ جن جي سوچ سمجهہ جو ٿانءُ ايترو سوڙهو آهي، جو ڪين پنهنجا ذاتي معاملا بہ سمجهہ ۾ نٿا اچن، سي ڪائنات جي خالق کي ڪٿان سمجهندا! مرحوم ضياءُالدين شيخ حيدرآباد ۾ ٻڌايو تہ هو مخدوم بصرالدين سيوهاڻي وٽ ويو ۽ چيائين تہ: ”خدا سمجهہ ۾ نٿو اچي“. مخدوم صاحب ٻڌي چيس تہ: ”هي پيالو وٺ ۽ ان ۾ اڌ سير پاڻي جو ڪٽي آءُ“. ضياءُ الدين پيالو ڀري ٽمٽار ڪري آيو مخدوم صاحب چيس تہ: ”چريا! مون توکي چيو تہ اڌ سير پاڻي جو ڪٽي آءُ“، هيءُ اڌ سير آهي؟ ضياءُالدين چيو تہ

”سائين انهيءَ پيالي ۾ ايترو ئي پوندو“. مخدوم صاحب چيس تہ: ”اها ڳالهہ سمجهين ٿو باقي ايترو نٿو سمجهين تہ تنهنجي سمجهہ جو پئمانو تمام ننڍو آهي، انهيءَ ۾ ”فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ “ جو تخيل ڪيئن سمائيندو! بابا وڃي پنهنجي سمجهہ جي پيماني کي ڪشادو ڪر!“ مخدوم بصرالدين پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم ۽ صوفي هو. انگريزي ۾ پڻ تعليم ورتائين.

# سِڪَ سڪي تي سڪ ڪي، جنهن جي سڪ سا

• 29 سيپٽمبر 1978ع تي تر ۾ ”جيسي جي پار“ (تعلقو ڇاڇرو) ۾ وڏي رهاڻ تي، جنهن ۾ اسان جي دعوتي (ميزبان) مرحوم جان محمد راهومي ڪنهن اڳئين سالڪ جو بيت ٻڌايو تہ:

سچ چئي سچ ڪي، جنهن ڪي سچ سُهاءِ
هيڪو ڪَٽي ڪمي ڏرتي، ٻيو ڪَمي وَٽراهہ
تريو ڪمي درياءُ، جنهن ۾ خواجا پير سماءِ
چوٿون ڪمي بندو جنهن ڪي ججهي سوٻ سهاءِ
سِڪ سڪي تي سڪ ڪي، جنهن جي ٻِڪ سياءِ
هاٿي سِڪي سوا مڻ لاءِ، تنهن ڪي گرهہ ڪيم گهٽاءِ
ڪيڙي سڪِي ڪَڻ لاءِ، جنهن جو ڏٽ ڏاڏٽو آهہ
مورک سڪي مَتِ لاءِ، جنهن ساڻ آڻ مَيو ڳالهاءِ
مُوڙهو سڪي وات لاءِ، تنهن ڪي سنئين وات سُونهاءِ
ڏَڻ۔ وانڍِي سڪن ڏٽي لاءِ، تن ڪي چاڳُون چَر وَراءِ
ڪنواري سڪي ڪانڌ لاءِ، تنهن لاءِ سَرهي سيج سَنباهہ
سڪي سپ سمونڊ ۾ چئي: ”مولا مينهن وساءِ“
تہ موتي جوڙيان سڦرو پيش پريان جي لاءِ

ڪَمڻ معنيٰ سهڻ، اهو اڳين ٻوليءَ جو لفظ آهي. ماڻهوءَ جو نالو بہ ”ڪمڻ“ يعني سدائين سهندڙ. ”ڏڻ۔ وانڍي“، معنيٰ اهي ٻاڳيا جيڪي ڏڻ ٻاهر جتي ڳاهہ هجي اتي وانڍيون (عارضي جهوپڙا گهر) ڪري ويهن.

• سهڻن جوابن جي ڳالهہ هلندي هيٺيان سهڻا مثال سامهون آيا. اي سجڻ! موقعي تي جن سهڻا جواب ڏنا سي ٻڌ.

ڇپائون تہ ڪنهن ٽالپر امير (شايد مير علي مراد خان) ڪينجهر ڏنڍ تي منزل ڪئي، گندرا اچي گڏ ٿيا. مير صاحب پڇيو تہ: اڄ بہ نوريءَ جهڙي

گندري ڪا اوهان ۾ آهي. چيائون تہ نہ. پر هڪ سُرت ڀَري مائي چيو تہ: گندريون لڪ، پر سمو ڪونهي!

بڪيرن جي بزرگ قائم الدين قلندر کان پڇيائون تہ: عالم وڏيڪ يا وَلي؟ چيائين تہ: عالم جي زبان سونَ جي، ولي جي زبان رڪ جي: هو لَهي گهٽو هو وهي گهٽو“.

ڪنهن ساچاهہ واري سالڪ آڳاتو هينئيون بيت چيو جو پوءِ پهاڪو ٿي ويو؟

بني وجي جَڙَ سين، نہ تہ جُڙان وجي نہ وِکَ
سِرُ وجي نَڪَ سين، نہ تہ نَڪان وجي نہ لِک.

جَڙَ معنيٰ ”دنگ“ (هڪ بنيءَ جو ٻي بنيءَ سان جڙيل دنگ) جنهن کي هن پوئين ويجهي دؤر ۾ ”ڪلاس“ سڏيو ويو. اڳ ”سينءَ ٻَنو“ (لاڳيتو دنگ وارو ٻنو) سڏبو هو. سالڪ چيو تہ: بني وڃي تہ ڀل سڃي وڃي، دنگ سوڙي وڃي، نہ تہ دنگ کان وڏيڪ هڪ وک بہ نہ وڃي. سِرُ وڃي تہ نڪ سوڙو وڃي، نہ تہ نڪ مان (جيڪو مان، شان ۽ عزت جو انگ آهي) هڪ ذرو بہ نہ وڃي! جي نڪ جو ذرو بہ وڃي ويو تہ هميشہ لاءِ خواري ٿيندي. ڪا اوڻائي هوندي آهي ۽ ڪا ميار رهيل هوندي آهي تہ چوندا آهن ”نَڪ جي مر لٿي، چڱي آ،“ ”نڪ جي مَرُ هٿي، سا چڱو جو لٿي“.

# سنڌ جي اندروني پاڳن جا نالا

اي سڄڻ! اڄ تہ سنڌ جي اندروني پاڳن جو سير ڪريون ۽ انهن جي مقامي نالن کي سمجهون، اهي نالا جدا جدا معنائن وارا آهن، ڪي جاگرافيائي ماحول مطابق، ڪي بياباني اهڃاڻن مطابق، ڪي پاڻي جي وهڪ بيهڪ مطابق، تہ ڪي قومن قبيلن جي نالن مطابق آهن.

وڏن پاڳن جا نالا جيڪي وڏيڪ مشهور آهن، سي آهن سرو وچولو لاڙ ڪاڇو ۽ ٿر. سِرو يعني سنڌ جو سِرو يا سِرُ. اهو آڳاٽي دؤر کان وني سکر بکر کان اتر طرف سبي، ديري غازي خان، خانپور ۽ رحيم يارخان وارو پاڳو هو. اتي جا رهاڪو سرائي (سري وارا) سڏبا هئا. جيئن لاڙ وارا لاڙي سڏجن ٿا. ڪلهوڙا ۽ ٽالپر اصل سنڌ جي سِري جا هئا انهيءَ ڪري "سرائي" سڏجڻ لڳا. خاص طرح ڪلهوڙن حڪمرانن ۽ سندن ڪاردارن تي اهو نالو پيو. سکر کان حيدرآباد تائين "وچولو" پاڳو هو ۽ ان کان هيٺ ڏکڻ طرف "لاڙ" يعني زمين جي سطح جي لحاظ سان سنڌ جو سمنڊ ڏانهن لڙيل پاڳو. اولهہ طرف "جبل جي ڪڇ" وارو ۽ اوپر طرف وارو پاڳو "ٿر" سڏيو ويو. جيئن کير ڪاڙهجي ۽ مٿان ٿر ٻڌي، تيئن انهيءَ رنگ رونق جي لحاظ سان واري ۽ پٿن واري اچي اڦڙيل سطح کي ٿر سڏيو ويو. ڪي نالا پٿرائين ريتي واري زمين جي لحاظ سان جيئن تہ روهڙي (زوهڙن يا پٿرن واري) ريتي (ريت واري) سنگرار (پٿرن واري) جبلن سان لاڳو دامن ۾ ننڍڙين پٿرين سان پکڙيل لهواري سطح کي "ساڪراڻ" چئبو.

ٿرپارڪر جي طبعي پاڳن جا جدا جدا نالا آهن: 1. پارڪر. پارهن ڪوهن ۾ سنئون پٽ ڪٽي جبل. پارڪر جو وچ ننگر شهر آهي. 2. سامروتي، مٺي ۽ ڏيپلي تعلقن جو وچ. 3. وَٽ. اسلام ڪوٽ کان ڏکڻ رڻ جي ڪنڌي وٽ جتي بلالاڻي ۽ وسائي پوٽا رهن ٿا. 4. ڇاڇري تعلقي جو ايرنديون پاڳو. 5. ڍٽ، ڍاٽ. مٺي کان اوپر سڄو تعلقو ۽ ڇاڇري طرف جو اولهہ ۽ عمرڪوٽ تعلقي جو ڏکڻ. 6. ڪاڻٽ يا ڪاوڙ. گڏڙي کان اوپر ۽ ڏکڻ وارو پاڳو. ڍٽ وارن جي ٻولي "ڍاٽڪي" آهي. جنهن جو بنياد مارواڙي ٻولي

آهي، پر سنڌي جو بہ ان تي آڳاٽو اثر آهي. پارڪر جي ٻولي تي گجراتي جو اثر آهي، جيڪو گهڻو گهٽجي ويو آهي. 7. ڪنڌو تعلقي ڇاڇري ۾ تڙ احمد ڪان وني ننگر پارڪر تعلقي ۾ شِوِلو تائين. ڪنڌي ۾ درس ۽ راڄڙ سڀ سنڌي ڪن: سما ۽ چنا سنڌي مارواڙي ڳڌين: باقي راهوما، سميجا، جوڻيجا، مڱريا ۽ هنگورجا ڍاٽڪي ڪن.

ڪن ڀاڱن ۽ ڀيٽين جا نالا پاڻي جي اهڃاڻن جي لحاظ سان پيا. جن ماڳن جي نالن پٺيان "رو" (پاڻي جو رئو) آهي، سو ڪنهن وقت اتان پاڻي جي گهارن جو اهڃاڻ آهن. هيٺ ڏکڻ طرف پاڻي گهڻو وڙهو ۽ اتي "رو" وارا ماڳ مشهور ٿيا. جيئن پينگهارو، سنجهورو، ٻنورو ۽ سامارو وغيره. البت ڪن نالن ۾ "رو" معنيٰ "وارو" جيئن تہ ڦاڙهياڙو (ڦاڙهن وارو) ڳاڱيارو (ڳاڱين وارو) پاڻي جي اهڃاڻن مان ميل، ريل ۽ مول خاص نالا آهن. ميل يا مَيل يعني پاڻيءَ جي هيٺ لاڙي وارو ڀاڱو. قمبر کان ڏکڻ خيرپور ناٿن شاهہ تائين "ميل ملڪ" آهي، اهو اولهہ طرف "ڪاڇي" ۽ اوڀر طرف درياءَ جي ڪچي جي وچ وارو ملڪ آهي. پاڻيءَ جي موجودگي يا گهٽائي جي ڪري، ميل ۾ مينهن جو نسل وڌيو. هن وقت بہ ميل واري مينهن ڀلي سمجهي ويجي ٿي. ان ملڪ جي وچئين ڀاڱي کي سڏيو ئي ويو "ميهڙ" يعني مينهن جو ملڪ.

ميرو خان ۽ رتي ديري وارو پاسو "مهان ملڪ" آهي. ڳڙهي خيرو ۽ اوستو محمد تعلقن وارو ڀاڱو "لهڙ" ملڪ آهي. "لهڙ" جي اصل معنيٰ "جهنگ" ۽ "مول" جي معنيٰ پاڻيءَ جي نمنديءَ ڏانهن وهڻ.

ٺاٽي بولا خان کان هيٺ ڪراچي طرف وهندڙ نئن جو نالو"مول" آهي، جنهن تي ٻڌل شهر جو نالو بہ مول آهي. سانوڻ ۾ مول جي نئن ملير جي نئن کي ڀري ٿي. انهيءَ ڪري چيائون تہ:

"ملير پل موج ڪري جنهن جي مول آهي ماءُ"

'ريل' معنيٰ پاڻيءَ جي ريل ڇيل. جتي پاڻي پيو پوي ۽ پکڙي چوندا: مينهن اهڙو وٺو جو پاڻيءَ جي ريل ڇيل پئي پوي. 'درياءَ جي ريل' خاص اصطلاح آهي جيڪو مني پاڻيءَ جي درياءَ توڙي سمنڊ ۾ درياءَ جي ڇوڙ وارن آڳاٽن ڦاٽن ۽ گهارن سان لڳي. يعني درياءَ چڙهي ۽ پاسي سان ايترو رءَ اڇلي جو هڪ ـ ساريڪي پٽي نهي وڃي تہ اها درياءَ جي ريل پٽي سڏبي. جيڪا

آبادي لاءِ پلي.

ڪاري ۾ نديءَ جي ڇوڙ وارا وهڪرا بہ ’درياءَ‘ سڏجن ٿا. انهن جي اڇليل رءُ کي ’پَل‘ سڏين. اهو ميرپور ساڪري ۽ گهوڙا ٻاري طرف جو خاص لفظ آهي. هن سال (2000ع)، واهن ۾ ’پَل صفائي‘ جي مهم هلي. اهو ’پَل‘ ساڳيو ’رءُ‘ آهي ۽ سنڌ ۾ ڪاري طرف بہ ’پَل‘ سڏجي. چوندا آهن تہ هن سال درياءَ پَلُ چڙهيو ۽ پلي آبادي ٿي. اڳ جڏهن سانوڻ (جولاءِ ـ آگسٽ) ۾ درياءَ پربور وهندو هو تڏهن سمنڊ ۾ ڇوڙ وارا ڦاٽ آڏو وير پرجڻ سببان، اٿلي ڀاسي واري زمين ٻوڙيندا هئا ۽ پل چڙهيندا هئا يعني رءُ اڇليندا هئا. جنهن ڪري ’ڪاري ڇاڻ‘ طرف سارين جا پلا-فصل ٿيندا هئا ۽ هزارين مڻ ساريون ٿينديون هيون. 1950ع واري ڍاڪي ۾ راقم پاڻ اتي سارين جا انبار ڏٺا.

پاٽيءَ جي ’ليٽ‘ معنيٰ جنهن طرف پاٽي ليٽي وهي. پاٽيءَ جي ان ليٽ ۽ لاڙي جي اهڃاڻ وارو شهر ’ليٽ‘ آهي، جيڪو گهاري ۽ ميرپور ساڪري جي وچ تي آهي. اٿل جي لحاظ سان لس ٻيلي جو شهر ’اٿل‘ آهي.

سنڌ جي اوير طرف ٿر سان لاڳو ’نارو ڍورو‘ آهي، جيڪو اڳ درياءَ جو ڦاٽ هو نارو جتان لنگهيو ان ملڪ کي ’نارو‘ سڏيائون. اهو خيرپور، سانگهڙ ۽ عمرڪوٽ ضلعن ۾ ’ناري‘ جي پِر وارو ملڪ آهي. ’ڍورو نارو‘ شهر بہ ناري جي اٿل ۽ آبادي سان آباد ٿيو ۽ انهيءَ نالي سان سڏيو ويو. ناري سان لاڳو ۽ ٿر جي ’وٽ وارو ملڪ‘ ’موهر‘ يا ’مهراڻو‘ آهي. يعني ٿر جي منهن وارو ملڪ.

ٿر ۾ ڪوٽيل ڪوهہ هڪڙا هيٺ تانگها، جن ۾ پاسن وارو پاٽي سمي گڏ ٿئي. اهي ’پار‘ سڏجن ٿا ۽ انهيءَ لفظ پويان شهرن جا نالا جيئن تہ ’ڪوڪرو پار‘ ۽ ’جيسي جو پار‘. ٿر ۾ ٻيا ڪوهہ هيٺ گهٽو اونها، جن ۾ هيٺئين جر جو اڇاڳ پاٽي آهي ’تڙ‘ سڏجن ۽ جن اهي ڪوهہ کوٽايا تن جي نالن سان سڏجن جيئن تہ ڇاڇري تعلقي ۾ ’مبارڪ جو تڙ‘ يا ’تڙ احمد‘ مبارڪ خان ۽ احمد خان رند هئا.

سنڌ جي ٿر ۾ توڙي ان سان لاڳو هندوستاني ٿر ۾ ڪوهن کان بہ اڳ مينهن جي پاٽيءَ جا تلاءَ هئا. جيڪي ’سَر‘ سڏيا ويا. انهيءَ اهڃاڻ سان ٿر جي گهڻن ڳوٺن جا نالا آهن. رڳو ننگر پارڪر تعلقي ۾ سترهن ’سَر‘ يا تلاءَ آهن، جن مان ’پوڏيسر‘ وڏيڪ مشهور آهي. اتي آڳاٽو پڪو ٻڌايل تلاءُ يا ’سَر‘ آهي. جنهن کي جبل مان هيٺ لهندڙ پاٽي پريندو هو ’سَر‘ جي سڃاڻپ سان ٻيا ڳوٺ رڻ مَل سَر، جهانجهيا سَر، ڏوڏا سَر، هَباسَر، جيتاسَر، راڻاسَر،

ويڪاسَر، ڦَريا سَر، رام سَر، ياڻسَر، ويري سَر، ڪاجلا سَر (اهو ياري نگر واري تلاءَ جو اصل نالو آهي)، پالا سَر، پونا سَر ۽ ڏيلها سَر وغيره. ڇاڇري تعلقي ۾ 'ڪينسَر' وڏو مشهور ڳوٺ آهي، جتي اسان وڏيون ڪچهريون ڪيون. ڪِينسَر يعني ڪِينءَ سَر، ڪينءَ وارو سَر. ڪين معنيٰ مبارڪ ۽ خير، خير مبارڪ وارو تلاءُ 'ٻاڪاسر' هن وقت سنڌ کان ڪٽيل ۽ هندوستان ۾ آهي. ٽالپرن جي دؤر ۾ اهو سنڌ جو تعلقو هو ۽ شيرو راهومو اتي ميرن صاحبن جو مختيارڪار رهندو هو.

اولهه طرف ڪوهستاني علائقي ۾ جدا جدا پاڳا 'مڪان' سڏجن. 'سالَ مڪان' مشهور آهي يعني نئن بارڻ ۽ جهرڪن جي وچ وارو آباد ملڪ جيڪو پهاڙي ايراضي سان لاڳو اوپر طرف آهي. ان ۾ ڪو واهه ڪونهي. 'ڏبيار مڪان' ساپاهه واهه وارو هيناهون سائو پاڳو آهي، جيڪو جهرڪن کان اولهه طرف جيئن رستو ٽڪر کان هيٺ لهي ٿو شروع ٿئي ٿو ۽ وچي مٿي ٽڪر تي چڙهي ٿو. وچ وارو ٽڪ سڄو 'ڏبيار مڪان' آهي.

ڪي پاڳا قومن قبيلن جي نالن سان سڏيا ويا، جيئن ته ساميجي (اصل ۾ 'سمي جي'؟) ڳڙهي ياسين ۽ رتيديري تعلقن وارو پاڳو جتي خاص طرح ڪماريا، ابڙا ۽ مرڪياٽي قبيلن جي گهٽائي آهي. 'چانڊڪو' لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جو اولهندو پاسو يا اتريون ڪاڇو جيڪو چانڊين قبيلن جي گهٽائي وارو آهي. مَهرڪي ميرپور ماٿيلي وارو پاڳو مَهرن جي گهٽائي وارو. ڏهرڪي، ڏهرن جي گهٽائي وارو. ڪوسڪي، بدين طرف ڪوسن جي گهٽائي واري ايراضي. رهڙڪي (ننڊو پاڳو ڏهرڪي کان اولهه) اصل ۾ رهڙ قبيلي جي آبادي وارو: ماڇڪو ماڇي قبيلي جي گهٽائي وارو. پر اي سڄاڻ! انهن نالن ۾ پويان آيل اضافي حرف "ڪي" ۽ "ڪو" تي ويچار ڪر. "ڪي" ساڳي هندي ۽ اردو واري "ڪي" آهي، معنيٰ "جي" ۽ 'ڪو' معنيٰ "جو" آهي. اهي لغوي هڪجهڙائيون آهن، جيڪي 11هين صدي عيسوي ڌاري هن برصغير جي جدا جدا پاڳن جي ٻولين ۾ پيدا ٿيون، جڏهن سڄي ملڪ ۾ هڪ مشترڪ ٻولي اسري رهي هئي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن پاڳن ۾ ڪن قومن جي قبيلن جي گهٽائي ڏيکارڻ لاءِ اسمن پٺيان 'آٽ' (معنيٰ=گهٽائي) پڇاڙي لڳائي وئي، جيئن ته 'سمات' يعني اهو پاڳو جتي سمن قبيلن جي گهٽائي هجي، 'سمات' نالو صحيح طور تي فقط سمي جي اولاد سان لاڳو آهي. ٻئي ڪنهن جو اولاد 'سمات' ۾ شامل

ناهي. سمن جي گهٽائي وارو اهو سنڌ جو وچون ڀاڱو هو جيڪو تاريخي لحاظ سان اندازاً موجوده ٽنڊي محمد خان- ماتلي ڪان وٺي اتر طرف موري- سيوهڻ تائين هو. محمد بن قاسم جي اچڻ وقت ان سڄي ملڪ جو نالو "سمہ" (پرڳڻو) هو "ساموئي". (ٺٽي کان اڳ جو شهر، مڪلي جي ٽڪري جي بالڪل اترئين ڇيڙي لڳ) معنيٰ "سمن واري" (بستي).

"لاڪاٽ" يعني لاکا قبيلي جي گهٽائي وارو ڀاڱو پويان "آٽ" (معنيٰ گهٽائي) واري پڇاڙي آندي وئي، "سيڪاٽ" يعني ("سيڪو" نالو= شيخيو) جتي سيڪيي نالي وارا گهڻا مک ماڻهو پيدا ٿيا. "سيڪاٽ" بہ سما قبيلي جي بستي آهي ۽ سماٽ ۾ شامل آهي، اصليت جي لحاظ سان. "سماٽ" مان مراد خاص سما قبيلن جي آبادي وارو ڀاڱو آهي. هن ويجهي پوئين دؤر ۾ ڪن مڱڻهارن بہ پاڻ کي "سما" چوائڻ شروع ڪيو آهي ۽ پاڻ کي سماٽ ڪري ڀانيو آهي جيتوڻيڪ هو "سمن جا مڱڻهار" آهن ۽ سما ناهن.

سمن جي گهٽائي واري ايراضي "سماٽ" ۽ لاکن جي گهٽائي واري "لاڪاٽ" پر ڪن ٻين قبيلن جي گهٽائي وارا نالا ٻيءَ طرح مشهور ٿيا. جيئن تہ جوڻ (جوڻن جي جوءِ). مانڌر (منڌرن جو علائقو). نوت (نوتيارن جو پرڳڻو) مانڌر ۽ نوت ٻئي ضلعي بدين ۾. بوق (بوف) يعني برفتن واري ايراضي.

گهٽائيءَ لاءِ "ڪار" ۽ "هار" جون پڇاڙيون بہ اچن ٿيون جيئن تہ "نومڙڪار" نومڙين جي گهٽائي واري ايراضي. ٿاٽي بولا خان واري ڪوهستان ۾ ميرپور ساڪري ۾ "ڪرمتڪار" ڪرمتين (ڪلمتين) جي گهٽائي واري ايراضي "ڪاڪڻ" ذات جا تن جي گهٽائي مٿي جي اسلام ڪوٽ تپي ۾ تنهن ڪري "ڪاڪهار".

# ڏاتار ۽ منگتا

سنڌ ۾ وڏا سخي ۽ ڏاتار ٿيا، جن جون ڳالهيون اڄ تائين پيون ڳائجن. پئسو ڏيڻ ڏکيو آهي پر اوائلي دؤر جي سمن ڄامن منگتن ۽ مڱڻهارن کي دل کولي دان ڏنا ۽ هنن سندن سخا کي ڳايو جنهن ڪري هنن جو وڏو نالو ٿيو ۽ آخرڪار منگتن جي ڪيل ساراهن سڀبان ملڪ ۾ سندن مشهوري ۽ عام مقبوليت وڌي تان جو کين (سمن کي) سنڌ جي بادشاهي ملي. هنن نقد ناڻو سون رپو ڏنو گهٽي ۾ گهٽو ڏنو ۽ ڏاتار ٿيا جملي ڏهه ڏاتار سيني ۾ وڏا ٿيا. پر جدا جدا روايتن ۾ انهن جي نالن ۾ فرق آهي سيني بيانن کي پيٽڻ سان هيٺين ڏهن ڏاتارن تي وڌيڪ اتفاق ٿئي ٿو: (1) وڪيو ڏاتار (2) جکرو جادماڻي، (3) ڄام ڪرن، (4) راءِ ڏياچ، (5) راهو هوٿياڻي، (6) ڄام انڙ، (7) سبڙ چوٽاڻي (8) ڄام لاکو (9) ڄام اونڙ جکراڻي ۽ (10) هٺد ٽنڌياڻي.

سنڌ سخا جو گهر آهي مهمان جي آڌر ڀاءُ ۽ خدمت وڏو وڙ آهي. آڳاٽي دؤر ۾ جيڪي سخي ڏان ڏيندا هئا، يعني مال خزانا ڏيندا هئا، سي ڏاتار جي لقب سان مشهور ٿيا. بلوچن جهر جهنگ ۾ پنهنجي حال سارو اوبل سوبل ماني ڪارائي ۽ آئي جي وڏي آڌر ڀاءُ ڪئي. هن پوئين ويجهي دؤر ۾ ڪنهن سگهڙ چيو ته:

ڏهه ڏاتار اڳي هئا، ڪارهون ڪانيو ڄام
ماني کٽي مٿي ڪيو، بارهون بروچ خان
ڪل جڳ ۾ پيدا ٿيو سخي شادي خان.

ڪانيو ڄام يعني وڏو ڪانيو ڄام شورو راقم وڏيري سائينداد شوري مرحوم کي ڏنو جيڪو هڪ وڏو سخي ۽ علم جو قدردان هو. 1920ع ڌاري مسلمان شاگردن لاءِ مڊل اسڪول قائم ٿيو جيڪو پوءِ مدرسه هاءِ اسڪول ميرپور خاص طور مشهور ٿيو. مال ملڪيت ڏيڻ سنڌ جي ڄامن جي روايت هئي، ”بروچ خان“ يعني شادي خان لنڊ، مالوند ماڻهو هو ۽ ايندي ويندي کي ماني کارايائين پوءِ ڪنهن غريب جي مدد ۾ واهر ۾ ويو ۽ شهيد ٿيو ۽ ”شادي

شهيد“ جي نالي سان مشهور ٿيو. خيرپور ضلعي ۾ جبل لڳ سندس مزار آهي ۽ اهو جبل ٿي ”شادي شهيد وارو جبل“سڏجي سندس شهادت جي تاريخ 27 محرم جمعي جو ڏينهن سنہ 1233ھ آهي.

چوندا سخي رکي نہ صبح لاءِ، چوندا مهمان اچي هڪ تہ بہ ڪجي تيڙ ٿيهن جو تيڙ بہ چئبو ۽ ”تيوڙ“ بہ چئبو. لس بيلي جي اڳئين سخي سبڙ جي ڏيءَ حُميران مهمانن جي وڏي آڌر ڀاءُ ڪندي هئي جو چيائيون تہ:

حُميران هٿين ڏکهي، سندي سبڙ ڏيءَ،
مهمان اچن ويهہ، توءِ ڪري تيوڙ ٿيهن جو.

ڪنهن سگهڙ چيو تہ:

سخي سانگ نہ ڪن، سانڍين ڪين صبح لئي،
روزاني اُپت مئون، ڏيهاڙيون ڏين،
نباهيو نين، معاهدا محبوب سان.

پوئين دؤر ۾ نور محمد ابڙي بہ منگتن کي انعامن سان مالامال ڪيو جو فقير سندس ساراهہ کي وڏو ڪري چيو تہ:

لاکي لک بخشيا، ڳرن بخشي ڪروڙ
نور محمد ابڙي، نيلان واهي اوڙ.

”نيل“ وڏو ڳاڻيٽي جو انگ آهي: فقير ٿو چوي تہ نور محمد ابڙي نيلن جي اوڙ وهائي ڇڏي.

لاڙ جي جتن بلوچن جي سرواڻن مان حمر ۽ راڏو بئي ڀائر هئا. حمر وڏو سخي هو جو منزل ڪٽڻ وقت بہ گوشت پڪل ۽ مانيون چلهن ۾ ڇڏي ويندو هو تہ من ڪو ڪُمَهلو مهمان اچي ڪائي، تڏهن پهاڪو ٿيو تہ:

**حمر تہ ڪهڙو سمرا**

حمر جو پٽ ميراڻ بہ وڏو سخي هو.

درياني در کول، تہ پسان منهن ميراڻ جو
اسين گهرنداسين لک، هو ڏيندو ڪوڙ (ڪروڙ)
جَت تنهين سين جوڙ جوڳجي ٿو ڳرنار ۾.

يعني تہ هي جت راءِ ڏياچ جو جوڙ آهي.

سخا ۾ حَمر جو گهر راڏو ڪان وڏيڪ هو جو چيائون تہ:

”جتي راڏا، اتي سوير ڪاڏا“

يعني تہ وقت تي ماني هلندي ۽ ملندي جَت اصل رڙيءَ جا مالڪ هئا ۽ سندن خطاب ”ملڪ“ هڻ پر پوءِ:

”رڙي تڪن ۾ پڙي، جُڙيو جتن کي جواب.“

13هين صدي هجري جي آخر ۽ 14هين صدي جي شروع ۾ وڏو سخي پير پاڳارو جناب حزب الله شاهہ هو جيڪي ڪجهہ خزاني ۾ هوندو هو سو رات تائين ضرورتمندن ۽ سوالين جي حوالي تي ويندو هو شاعرن ۽ مصورن کي بہ پير صاحب وڏا انعام ڏنا. پاڻ فارسي جا وڏا شاعر هئا ۽ سندن تخلص ”مسڪين“ هو. ان وقت جي وڏي فارسي شاعر مولوي بهاءُ الدين پتافي کي هڪ قصيدي تي هاتي انعام ڏنائون. ديوان مسڪين جي مقدمي ۾ هن فاني فقير اهو قصيدو نقل ڪيو آهي.

ويهين صدي عيسوي جي پهرين ڏهاڪن ۾ حاجي عبدالله شاهہ خُراساني سيد تعلقو ڪپرو غلام نبي شاهہ جي ڳوٺ جو جلال شاهہ تعلقو سامارو ۽ موج علي شاهہ ڳاڙهيا سيد تئي وڏا سخي هئا. موج علي شاهہ غلام نبي شاهہ (پٿوري ڪان ڏيڍ ميل اتر طرف اجا موج علي شاهہ جو ڪوٽ بينو آهي) جو پيءُ هو. تر ۾ وڏو ڏڪار پيو ڪليڪٽر اوطاقتون بند ڪرائيندو آيو جو چيائيون تہ اوهين قرض ڪٽي بہ ماني کارائيندو ۽ ڍل پوري ڪانہ ٿيندي، اول اوطاقتون بند ڪريو نہ تہ ڪڙيا ڪسجي ويندو اتي موج علي شاهہ اندران ڪستو ڪٽي آيو چيائين تہ پني ماني کارائيندس پلي ڪڙيا ڪسي ڇڏيو ان بعد مٿس ”موج درياءَ“ جو نالو پيو ڏڪار واري وقت ۾ بہ 15 يا 20 ديڳيون روزانہ لهنديون هيون.

چوندا تہ: ”ڪاڏو ڪين ڪري، جيتري ڪينڪار ڪري“ يعني تہ آڏر ڀاءُ ۽ خدمت ماني کي اجاريندي، چوندا تہ مڙس پاڻ تہ ڪلي پيو پر ڏوئي ڍڪڻ بہ پيا ڪلن! رب بہ محبت واري پلي، چوندا هٿ جي ٻڪي آن ۽ پئسو ۽ اوطاق جي ٻڪي مهمان. هٿ ”ٻڪي“ معنيٰ هٿ تي ايندڙ شيءِ ونندڙ اڳ جڏهن روڪ پئسي جو چلامان گهٽ هو تڏهن جنس جو واپار ٿيندو هو ۽ هٿ تان شيءِ وکر ونڻ لاءِ آن ڏيندا هئا ٿورڙي وکر لاءِ بہ ان جي ٻڪي آڻبي هئي، ان

تان، شيءِ ونندڙن جو نالو ئي "ٻوڪي" پئجي ويو. هي "علم بديع ۾ معنيٰ جو نڪتو آهي".

اي منهنجا سڄڻ! جي تون علم وارو ٿيندين تہ تن لاءِ اهي سڀ معنائون سوليون ٿينديون.

چوندا: "جنهن جي ماني، تنهن جي ڪاني"، ڪاني يعني ڪرامت، پر عام ٻولي ۾ "ڪاني" جي معنيٰ نقصان رسائيندڙ پٽ پاراتو. اڳ ڪلهوڙن فقيرن جي ڪاني مشهور هئي جو چيائيون تہ "مري پنهنجي موت، تہ بہ ڪاني ڪلهوڙي جي" پر ماني بہ تڏهن تي سرهي ٿئي جڏهن آيل مهمان جي آڌر ڀاءُ تي ڪجي، ڪو سخي جڏهن مهمان نہ هوندو هوس تہ چوندو هو تہ: اٿي ٻهاري ڏيو تہ من ٻڪي اچي.

- وهاڳ:

ڪنهن آڳاٽي تاريخي دؤر کان وٺي آڏيءَ ترڻ بعد وڏي اسر جو منگتا اٿي اچي پنهنجن سمن سردارن جي درن تي بيهي سندن ساراهہ ڳائڻ لڳا جنهن کي "وهاڳ" سڏيو ويو: يعني وهاڻيءَ رات جو ساراهہ وارو ڳائڻ، پنهنجي وقت جي وڏيرن کي اڳين وڏن ڪردارن سان مشابهہ (هڪ جهڙو) ڪرڻ کي منگتن مشابتون (مشابهتون) چيو جدا جدا قبيلن جي منگتن پنهنجن مربين سردارن کي مشابتون ڏئي ڳايو. ڏونئر ڏيڻ ۽ سيراج ڏيڻ بہ ساڳي معنيٰ وارا ٻيا اصطلاح هئا. يعني ساراهون ڪري ڳائڻ.

اي سڄاڻ! منگتن فقيرن جو اهو وڏو گن هو جنهن مان هڪ تہ راڳ ۾ واڌارو ٿيو ۽ ٻيو تہ نامور قبيلن ۾ انهن جي سرواڻن جي جڻ تاريخ قلمبند ٿي، اسان اڳتي هلي توکي سنڌ جي معاشري جي هن خاص موضوع تي وڌيڪ ٻڌائينداسون. هيٺ نموني طور اهي "وهاڳ" ۽ اهي "مشابتون" ڏجن ٿيون جيڪي راقم کي هاليپوٽن جي مڱڻهارن فقيرن مان وڏي سرتيي ۽ سمجهو بابو فقير ٻڌايون، جڏهن (1981ع ۾) راقم سندس ڳوٺ ديهہ ڪرنا (تعلقو عمر ڪوٽ) ۾ ساڻس رهاڻ ڪئي، ان کان اڳ (29 آگسٽ 1981ع) هاليپوٽن جي خبر، راقم تر ۾ ڳوٺ جئيندو خان ڪوسو (شولو) ۾ محمد عالم هالي پوٽي (پٽ عبدالرئوف پٽ حاجي مڱيو پٽ سهراب پٽ غفور پٽ سهراب پٽ ڇڇر پٽ سيڪو پٽ ورايو پٽ خميسو پٽ مال پٽ مينهل) کان پڇي.

"وهاڳ" جي شروع ۾ هميشہ الله تعاليٰ جي تعريف ۽ حضرت نبي

ڪريم جي ثنا ۽ اسلام جي عزت ۽ عظمت جي واکاڻ هوندي آهي، اهو ”وهاڳ“ جو منڍ هو. ڪي فقير پنهنجي قابليت ڏيکارڻ لاءِ وهاڳ جي منڍ ۾ هندي نظم آڻيندا هئا جيئن ته:

الله ايــڪ دوجــا محمــد برحــق هــي
ڪـائيي حـلال حـرام ڪـون ترڪـيـي
نبـي ڪـا نيزا بهـت نـون سـرس هـي
آپ جــب چلــي نــــ گهــات...
سو سناري عالم ڪون روزي ديني جو ديکهئي
پچهــلا نــين تــ روز صـبح ڪـا بـول

—

در خــالق تنهنجــي اميــد وار ســيڪو
مَنــي حضـرت پيــر رحمـت بقـا وارو
الله جـا وٽ ڪـري، سـا وٽ چڱــي هـوءِ
رب تون رحمان تون، اهڙو ئي اوچل نام سندوءِ

—

ڪني ڏنئي تي مال ڌن، ڪي روتي ئي محتاج
سپڙ پيا سر پرت نو محمد چليا معراج

—

ري تنيــين ري تـوٽين، جـئن اپـايئي آپ
چيئي: اجر ايڪ ڏٽي، بيو ڪَپندو ئي سپ
(اجر = امر، قائم)
چُٽــي چــوڻ هنيـا و چـت ڪـري وڌ
پوربون آن جيون پاتشاهہ قـادر پير ڪـري

—

سـچا چـارئي يـار سـچا پـنج تـن پـاڪ
سـچا دوا زده امـام ديــن سـندا دلـدار

—

مــر تــ زيــارت ڪيئـون ملتـان جـي
ســي ســير ڪتــوريۃ واســيا

راوي ريل رهاڻ
ايڏا بخش بهاءُ دين ڪي جڻن وهي درياءُ
شاهہ رُڪن پاڻ سچاڻ

—

الله ايڪ دوجا محمد گهر جاتا
سچان دي گهر سچ هي
نظر تسا ڏا ٽانا
ڏاتاران گهر هَٽ هي
ٽُريان سر تيج تيجانا

مهڙ جَني جو مصطفيَ ٽيندو اُمت ڪارڻي
ڪئينچل ڳڙي ڳپور
ڏني سنهن محمد جي مُلڪ ٽيندو خوش نور
ڏنئر سور ڏئونر
ڏنئر سر ڏنئراج
ڪوڙ نبي سر سيراج
هل ڪيو حورن چيو چڙهہ تون محمد ڄام
تازيءَ وات لغام
پٽ پلاڻي نور جي جنهن تي چڙهيو محمد ڄام
آءُ ميان محمد ڄام سرها بنا
تولڳ سائين چانون چنا
دڙبڪ ديميون وڄن جتول
اڳيان ٽيون نچن حورون رتول
تاري ۾ سچ نور ڏريائين
تُسي تنهن کي ڏيهہ ڏنائين
ڏيهہ ڏسبوائين کهڙا پار
تر بر ڏونگر بحر اپار

- **فقير جون هاليپوٽن کي ڏنل مشابتون**

ڏاتواڻي اسمار هالي پوٽي، منگتي فقير محمد حسن کي چيو تہ: فقير تو

منهنجو نالو وهاڳ ۾ ڪو نہ وڏو آهي، فقير چيو تہ مون وڏو آهي، مون چيو ڪونهي تہ:

بارهن ئي پاڙا ٻاجهتين نڪري ٿيا نروار
ڏاتواٽي ڏسين ۾ آهن تراريا تڪرار
اسمارن اچلون ڪري ڪيرايا ڪنڌار
پڙ پلارا پوپٽاٽي ڪن شينهن جو شڪار
جنگين ويل جوٽن ڪي آهن همٿ ئي هٿيار
ويهن ڪچهرين وچ ۾ آهن تازياٽين سوار
ٽيندن پير وهار راتوڙي جي راون ڪي
– بيحد ٻهمڻ ڪي ڏني هئي واحد وڏائي
چڙهندا وير وريام ٽي حاضر هالائي
مجين ملڪ مڙائي، راتوڙي جي راون ڪي
– جهندا ۽ صدر دين جن ٽي ڪيڪان ڪڏايا
تيخ چلايا تير
ٻنيا وينا ٻاجهتين، ٻنيا سيئي وير
عيسي ويسي عمل هلايا، تيغ چلايا تير

”ٻنيا“ پاڙو هالي پوٽن جو ٻاجهتين يعني ٻاجهت تي، ٻاجهت معني تخت، ٻنيي ڪي بہ پٽ هئا، عيسو ويسو جيڪي ستيهہ يا ستير واري جنگ ۾ مارجي ويا، ٻنيا هالي پوٽا رڳو ڪڇ ۾ آهن، جتي سندن مکيہ ڳوٺ چؤ ٻاري، ٻهمڻ، پرنديارو ۽ وينڊو آهن ۽ سنڌ ۾ بہ آهن، اسمار جهنڊو ۽ صدر دين جن جا نالا آيا آهن تن جو شجرو ديهہ ڪرنا جي منگتي فقيرن (وڏو محمد حسن ۽ هاٽي بابو 1981ع) جي روايت موجب هن طرح تہ هالي جي نالي سان چار وڏا هئا جن جو اولاد ٿيو.

– هالو جوٽائي (يعني هالو پوپٽ جوٽي جو) جنهن جو اولاد هالي پوٽا
– هالو مناهياٽي (يعني هالو پٽ مناهين جو) جنهن جو اولاد هڱورا
– هالو سخيراٽي (يعني هالو پٽ سخيري جو)
– هالو سانداٽي (هالو پٽ ساند جو)

(هي روايت موجب هالي پوٽن جو ڏاڏو هالو مناهياٽي هو)
هالي جوٽاٽي جا ڇهہ پٽ ٿيا، جن جو اولاد هالي پوٽن جا جدا جدا پاڙا
١– گجڻ، جنهن جا لکمير هالي پوٽا

٢۔ جُوڻو جنهن جا ڪارا جوڻا هالي پوتا، ساماري ۽ عمرڪوٽ جي وچ وارا.
٣۔ جکرو جنهن جا ٽي پٽ: هڪ ڪرن جنهن جا منڊرا هالي پوتا، ٻيو قاسم جنهن جا پلي، ٽيو رکڻ جنهن جا جکرا ۽ سما ولهاري، منڊرا ننگرپارڪر ۾ وليي جي ويري، آٽاهه. قاسم جو ڳوٺ ۽ حاجي واصل جو ڳوٺ. جکرا ٿورا گهڻا سنڌ ۾ پلين ۽ ولهاري مين جي پاڻ ۾ مائٽي.
۴۔ ٻنيو پڳدار هو.
۵۔ آٿلو جنهن جا ٻه پٽ: هڪ مهڙ جنهن جا محمود پوتا هالي پوتا، ٻيو "موچار" جنهن جا منگر هالي پوتا. محمود پوتا اوتي ۽ ٺلڪارا ۾: منگر، ٽنڊي الهيار تعلقي ۾.
٦۔ ڇڇر جنهن جو پٽ ڀمڻ، جنهن جا ست پٽ: اسمار (اسماعيل)، هوندو جهنڊو جوڻو ننڍيرو صدردين ۽ گهريو. اسمار جو اولاد اسمار هالي پوتا، جيڪي ٿر ۾ گهڻا آهن (ٽگوسر، منڙيو روهج، ڊوبر ٽي سيءِ اسمار) هڪ پاڙو ٿاهري جو تڙ تي، جوڻا ڊوبر تي آهن، گهريا روهج ۾.

مرحوم صدر الدين آريسر (ڊورو نارو) هن وٽ 5 مارچ 1976ع ۾ ڪچهري ٿي، جنهن چيو ته هندوستان طرف جي پيٽ وٽان سندس وڏن کي شجرو مليو جنهن مطابق:

- مناهين پٽ پاڻو پٽ ڏيرو پٽ ٽيبو پٽ انڙ پٽ سمون
- مناهين کي ٽي پٽ ٿيا: ڇڇر جنهن جو اولاد آريسر، جوڻو جنهن جو اولاد هالي پوتا ۽ ٽيو آسر جنهن جي اولاد سميجو سنهڙو ۽ درس سڏ ڪر دين.
- آريسر ۽ ڇڇر ٻئي پٽ ٻنڙ جا (ٻنڙ پٽ تگو در پٽ ڇڇر پٽ مناهين)
- آريسر کي ٽي گهر هئا: هڪ ڏاڏي پوتي مان جنهن مان ٻه پٽ آرادين ۽ حسن: ٻيو منگرين مان جنهن مان نور الدين ۽ رُکڻ، ٽيو اڏاسوڍا نڪر، تن مان جنهن مان پٽ همڻ، رائو گانگو پٽ نارائڻ سنگهه (جنهن جي عمرڪوٽ لڳ رياست) ۽ نور الدين پاڻ ۾ ماسات هئا.

# تاريخ

اي سڄاڻ! ٻڌ تہ توکي وطن جي تاريخ جون ڳالهيون ٻڌايان. جيڪي مون ٻڌيون يا پڙهيون اهي ڳالهيوُن توکي وڌيڪ تحقيق ۾ ڪم اينديون.

## سلطان محمود سنڌ ۾:

سلطان محمود غزنوي واري دؤر کي سنڌ جي عام روايت ۾ چون، "گجڻي وارو دؤر" (غزني کي گجڻي ڪري اچاريو ويو ڪافي آڳاٽي دؤر کان) چوندا "گجڻي واري دانهن" يعني مائي جنهن دانهن ڏني هئي سلطان محمود غزنوي کي.

مقامي روايت موجب اوليا "خسرو محمودائي" چون ٿا تہ ياڻيو يا ياڻيجو هو سلطان محمود غزنوي جو سومنات کان موٽيا تہ سلطان محمود غزنوي ڏکڙي وٺان پراڻ جو ڪپ ڏيئي اڳتي اتر طرف هليو. خسرو ۽ سندس ٻہ ماٺهو گرز لڳل ۽ قتيل هئا جن هتي اچي وفات ڪئي. اهو مقام راڃي خاناٽي کان هڪ ميل ذکڻ ڍوري محموداڻي وٽ آهي، اهو ڍورو پراڻ درياءَ جي ڪا شاخ هئي اتي نيرو ڍورو سڏجي ٿو اهو ڍورو اتران پيو اچي چمبڙ کان. پوءِ ونگي، پير سخي جو الهنديون پاسو سڪٽي، تنبو غلام علي، شاهہ ديوانو ۽ پوءِ اولياءِ محموداڻي، اتي ڦٽو ڍورو چون.

## سومرا ۽ گجر

سنڌ ۾ عرب حڪومت جي آخري دؤر ۾ سومرن جي اڀرڻ وقت سنڌ کان ڏکڻ طرف لاڳيتو گجرن جي شهنشاهيت هئي. جن جي گادي انهلواڙ (پٽن) هئي. سلطان محمود سنہ 1052ع ۾ سومنات تي چڙهائي ڪري گجرن ۾ ترٿلو وجهي ڇڏيو پر ان بعد گجرن تي وري ڪنهن نہ ڪاهيو. حڪومت ان وقت سولنڪي گهراڻي ۾ هئي، جن 980ع ۾ چالوڪيہ گهراڻي جي جڳهہ والاري. سلطان محمود کان چامند (Chamunda) شڪست کائي ڀڳو ۽ سلطان ديوشرمن کي گادي تي ويهاريو پر سنہ 1037ع ۾ وري چامند جو پٽ درلڀ حڪمران جي حيثيت ۾ نظر اچي ٿو.

## سومرن جي تاريخ

سومرن جي تاريخ ”گلزار سنڌ“. مولوي عبدالرحيم سومري فارسي مثنوي ۾ منظوم ڪئي. اصل فارسي ڪتاب صوفي قلندر بخش صاحب وٽ هو مولوي عبدالرحيم، ويٺل زنگي پور تعلقي ٺل جو هو مولانا عبدالغفور همايوني وٽ پڙهيو سندس فارسي مثنوي ۾ لکيل سومرن جي تاريخ پوئين وٽان ضايع ٿي وئي، ان مان مولوي عبيد الله شائق سومري کي ياد اشعار ته:

محمد حنيفہ بود جَدِ ما — ڪہ اوهست ابن علي مرتضيٰ
يَل سند دوده چون شمشير زد — رميدند مرغان ديودند دد
چڪا چاڪ خنجر بگردون رسيد — ز هندوستان خون به جيحون رسيد
زسُمِ سِتوران دران پهن ودشت — زمين شش شدو آسمان گشت هشت
گروهي زگُردان سند و بلوچ — سگا ليدهِ جنگ مانند هوچ
چو خلجي پناهي زشيران نيافت — چو روباره در خيمہء خود شتافت
چوگرزِ گران دوده برداشتي — يلان را بلرزه در انداختي
زده دوده چون نيزه بر پيلبان — شده زهره آب وتنش بي روان
نہ پيل امان يافت نئي پيلبان — زيلغار پيڪار شاه زمان
بروز و غاشاهہ صولت نهاد — ڪسي پيش آمد اماني نہ داد
چو بنهاد دوده قدم در مصاف — دهن خلجيان بند شد از گزاف
شرم سند راهست از سومره — شجاعت عيان گشت از سومره
ختم شده ڪمالات جنگ وجهاد — براين قوم اشجع تقدس نهاد
بخويشان تلطف بدشمن جري — دراسلاف شان اين سخن پروري

اهي شعر فردوسي جي شاهنامي جون سڪون ٿا لاهين. بيشڪ مولوي عبدالرحيم کي فارسي تي عبور هو هيءَ وڏو عالم. سومرن جي عرب نسل واري سندن پنهنجي روايت جو قائل هو. سندس راءِ ۾ سومرن جو اصل وڏو ڏاڏو حضرت علي جو فرزند محمد حنيفہ هو.

- مولوي عبيدالله شائق سومرن جا پاڙا ٻڌايا: شجاع، حماد، فراس، خفيف ۽ همير (امير). اهي نالا سڀ عربي آهن. مولوي عبيدالله شائق چيو ته ”دوده“ عربي ۾ ”برگذيده“ شايد اصل فارسي دو+ده آهي يعني ٻارهن (يعني ٻارهن جو مت ”ٻہ تہ ٻارهن“). سومرا گهراڻي جي ٻن مشهور ماڻهن جا نالا تاري ۽ ٻاگهي، جيڪي اصل عربي ۾ طاهره ۽ باقيہ.

## سومرا ۽ سما:

وڏي چاڻو سگهڙ عبدالڪريم پٽ متو پاڙو ڪنگو رتو راڄڙ (عمر 85 سال ويٺل لڳ شاهگڙهه تعلقو شاهگڙهه، جيسلمير) سان 20 نومبر 1968ع تي ڪچهري تي ۽ جام هالي ۽ همير سومري جي ڳالهه ٻڌايائين.

هالي پنهنجي ڌيءَ ٻاگهي پٽڻ مناري جي سومري حاڪم منهر کي ڏني. هالو ڌيءَ کي گڏجڻ ويو ته منهر جي پاءُ جي زال جيجان هالي کي ڪينڪاريو ته:

”هالا چگئيءَ ٻار تنهنجا گرا ۽ گنجڙا“! تڏهن ٻاگهي چيو ته: گرا گنجڙا آهن ته به تو ۽ مون سارو آهن. چئي ادي تو ۽ مون ساروڇا ٽيندا جو

”ڪالهوٽيءَ ڪالهه، سر سگهر موڙيئون، گسنيءَ هاٿن هٽڙا“

يعني سگهر چونديائون ۽ ٻڪرين کي گهاڻ پئي ڏنائون جو سندن هٿ گسيءَ هاٿا!

تڏهن ٻاگهي چيو هالي کي ته: ابا، منهنجي پائرن ۾ ڪا همت آهي؟ چيائين ته سيڪا همت آهي، ٻاگهي چيو ته ڪاغذ لکين ته هنن جون ڪير پيڻ جيون مينهيون اچي هٽن (ڪاهين). تڏهن ڪاغذ لکي گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي، واڳ ڇڏيائين ته گهوڙي ڪڙهه تي آئي.

هالي مڪا نيهه، جي هوتيءَ واڇيا،
هيڪر اچي ني، هميراٽيون گجريون.

نيهه معنيٰ پيغام ۽ سنيهه معنيٰ چڱو پيغام جنهن مان سنيها. جڏهن اهو پيغام ٻڌائون ته:

جوٽو جيهو جکرو هو تي هنگورو
پلي پاٽي نه پئي ڏمريو ڏيرو
اُتي ڏيون ديرو جتي ٻاگهي لڏو ميهٽو

سب پائر چڙهيا، هوتي ۽ هگورو چڙهيا، منگتو ساڻ ڪنيائون، آيا ڪوٽ تي ۽ مينهون ڪڍي ويا اتي مائي اچي ڏنو ۽ چيائين ته:

هوتي چوڙي ڪنديون، هگورو در ٻهار
منهرا ڪوٽ نهار ٻاگهيءَ پائن جو ڪيو!

جڏهن منهر لشڪر چاڙهيو تڏهن پنهنجي پيءُ هالي لاءِ زال چيس تہ:

ڏڙ چوٿو منهن موڪرو، ڪانڌ سو تاريج
هيڪ ساريڪو لهي ڪٽي ڳهڙ ڳرهائتي ڏيج

هوتي ۽ هگورو مينهون ڪاهي هليا، آڏو سومرن جي ڪتوريءَ پريل قطار پئي آئي، سو هگورو ويو قطار هٽڻ، هوتي ۽ لنگهو سي وجي ڪنر ڍنڍ جي ويءَ ۾ ويٺا ۽ اتي لنڊو پاڏو ڪنائون، سومرا جيڪي واهر چڙهيا تن بہ چيو تہ ثمر ڪو نہ ٿا کٽون لنڊو پاڏو کهنداسون، تڏهن چيائيون تہ: "هاڻن بہ لنڊو تہ واهرن بہ لنڊو" پوءِ اهو پهاڪو ٿي ويو.

هوتي لنڊي جو گوشت پچائي وينو ڪائي ۽ نيزي سان مٿي وڻ تي مگٽهار کي بہ پيو ڏئي، مگٽهار پري کان منهر جا گهوڙا ڏٺا، تڏهن چيائين:

يالو ڪوڙيو پيت ۾ وينو ودين وير،
اچي پوريئي سنڌ امير، جهلي ڪنر ڪنڌيون.

هوتي خيال نہ ڪيو ۽ اتي سومرن جا گهوڙا بہ اچي ويجها ٿيا، تڏهن مگٽهار وري ويڙ ڏنس تہ:

يالو ڪوڙيو پيت ۾ وينو ڳرين ڳت،
هميراٽا لڏڙا، اگا جيئن نکٽ.

- ڳرين: يعني ڳيهين ۽ ڳڙڪائين گوشت جا ڳترا. اُڳا= ايري مٿي آيا

تڏهن هوتي اٿيو ۽ منهر کي تہ زور ڏيئي زمين ۾ گپائي ڇڏيائين ۽ رڳي سري پئي ڏسجي پوءِ لشڪر ۾ اچي پيو. سو ماريائين باگهي ۽ جيجان بہ چڙهيون آيون تن لقاءُ ڏنو هوتي جي ٿٽي وجائجي ويئي سو وينو يالي جي نوڪ سان زمين ٿلوري اتي باگهي چيو:

هوتي ٿٽي وجائي گينور گينور گل
سوين ماريا سومرا ڪونهي هوتيءَ ٿٽي تُل

جيجان جواب ڏنو تہ:

وڏا ڙي آهير، متان وڏا ويڙ ويا تين
جي گهٽا ماريئي سومرا تہ بہ هٿا سنڌ امير

هن ڳاهہ مان سومرن جو شاهي لقب "امير" نروار ٿئي ٿو جنهن جي

سنڌي صورت ”همير“.

تڏهن هوتي لنگهي کي چيو تہ هن جي شادي توسان ٿو ڪرايان تنهن تي جيجان چيو تہ:

جئن چار وڪڙ ڪنڌي سان، تئن منهنجو تو هيءَ ساڻ
جي آئون سومري ويراسي، تہ بہ تون سما پاڻ سڃاڻ

ويراسي يعني رني، جي آءٌ رني آهيان تہ بہ لنگهي کي نہ ڏي پر پاڻ پرڻج اتي مائن کي مينهون بہ ڏنائين ۽ منهر بہ ڪيڏي ڏنائين. هاٽي هگورو بہ قطار ماري اڇي لٿو لنگهي بيت ڏنو تہ:

جان جي هئو تون هٽ، هگورا پوچڙي
سمن ماري سومرا ڪٽي ڪنر پريا رت

تڏهن هوتي لنگهي کي چيو تہ بيت ورائي نہ تہ پاڻ ٻنهي کي ماريندو اتي لنگهي بيت ورايو تہ:

موڙ هگورا پوچوڙي ٻئي ڪاج سڏاءِ
اسان پٽڻ ماريا سومرا، تو ٽر ڪوڏيا منا

- يعني اسان پٽڻ مناري جا سومرا ماريا ۽ تو ٽر وارا منا.

فقير عبدالڪريم راڄڙ چيو تہ اوٺتيهن سومرن اميرن سنڌ تي حڪومت ڪئي، مٿين روايت هاليپوٽن سمن جي پٽڻ مناري جي سومرن حاڪمن سان جنگ بابت آهي جنهن ۾ هاليپوٽن سمن جي سوڀ ٿي پر سنڌ جي حڪومت هالي جي اولاد کي ڪانہ ملي ۽ انڙ گهراڻي جي ڄامن ۾ آئي. ٻي روايت موجب، ڪجهہ وقت لاءِ ڄام هالو بادشاهہ ٿيو سگهڙ حسن سميجي عمر ستر ورهيہ. وينل کهاڻو تعلقو ڇاڇرو سان اپريل 1978ع ۾ رهاڻ تي جنهن چيو تہ:

”ڄام سمو ننگر ٺٽي جو حاڪم هو. منگل راءِ ڀاٽي جي ڌيءَ سان جيسلمير ۾ شادي ڪرڻ لاءِ ڄڄ ڪريو تي ويو جڏهن ڄڄ ”رتي ڪوٽ“ ۾ پهتي تہ ڄام سمي جو گهوڙو ڇٽي ويو جنهن کي ڪو بہ ماڻهو جهلي نہ پئي سگهيو رتي ڪوٽ ۾، مراد نالي چاڙي جي ڌي کوهہ تي پاڻي ڀرڻ آئي جنهن ڇٽل گهوڙي کي جهلي سوگهو ڪيو جڏهن ڄام سمي کي اها خبر پئي تڏهن چيائين تہ آءٌ انهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪندس، چاڙو نڪر

گهڻ ذات وارو هو ۽ پيو تہ جاجي سڀ منگل راءِ ڀاٽي جي ڌيءَ سان ڄام سمي جي شادي لاءِ ساڻس پيڙا ٿيا هئا. سي گهڻا ناراض ٿي واپس ننڍي ننگر هليا ويا ۽ وڃي ڄام هالي کي بادشاهہ ڪيائون. ڄام سمي، چاٽڙي نڪر جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ کان پوءِ وڃي منگل راءِ ڀاٽي جي ڌيءَ سان شادي ڪئي پوءِ هو پنهنجي ڪسيل گادي لاءِ دهلي جي بادشاهہ وٽ ويو جنهن ڪيس نصرپور وارو علائقو جاگير ڪري ڏنو ڄام سمو اچي نصرپور ۾ رهيو سندس اولاد پوءِ خاص انهيءَ شادي جي ڪري سندس نالي پويان "سميجا" سڏجڻ لڳو.

**سما:**

• ڪنهن منگتي سمن ڄامن جي اوائلي اوٽڪ بابت وهاڳ ڏنو تہ:

"پهرين ڄام سمو سلطان جو پيڙهيءَ وينو پاتشاهہ ساري منجهہ جهان"

"هڪ هلڪي هٿيار پيو هجي سر مهراڻ
چئن درن ديوارن تي ڏاتار پهچائيندو
ڏاڻ."

"چار سما ساموئي يان لتا
هٿ ڪماٽيون، چيلهين پٽا
اچي نايئون نبيءَ کي متا
ٿيا سمڪا پر هتا
ٿئي تيندي مان ڳچ ڏيندا."

اها آخري سٽ پوءِ ڳنڍيائون، پهريون سٽون اوائلي آهن، هينئينءَ سٽ ۾ جکري کي سمو سڏيو ويو آهي ۽ سندس سخا جي تعريف ڪيل آهي.

"سمي ساماٽي، ٿمر نہ کٽجا ساٿيا
هن چنا چانئي چڏيا، ڪارڻ مهماٽين
انهيءَ اهجاٽين، جال پياري جکرو."

• وڏو ڄام انڙ پهريائين ڪنجوس هو جيڪو سوالي ايندو هوس تہ ان کي ڪڏي چڏيندو هو ۽ ان سان سختي ڪندو هو. هڪ ڀيري ٻاهران اوتار سوڍو اچي لنگهيو ۽ کيهہ اڏاٽي. ڄام انڙ جي گهر واري، ڄام جي منهن تي پلئہ هنيو تہ ڄام جاڳي پيو پڇيائين تہ چو تي پلئہ هڻين! راڻيءَ وراڻيو: اوتار سوڍو سخي اچي متيو آهي، تنهن جي ٻاهران کيهہ اڏاٽي آهي، متان اها

تنهنجي منهن تي پوي، تڏهن تي پلئہ هڻان تہ متان ڪٽي ڪنهن کي ڪٽو ڏين! ڄام چيو تہ: آءٌ ڪو پلا بنهہ اهڙو ڪنجوس آهيان ڇا؟ گهر واري چيس تہ ماڻهو سڀ ائين ٿا چون تڏهن چيائين تہ اڄ کان وٺي آءٌ سخا ڪندس پوءِ چيائين تہ پڙهو گهمايو تہ ڄام انڙ ڏاتاريو آهي (يعني ڏاتار ٿيو آهي) پل جنهن کي اڄٽو هجي سو اچي ڏان وٺي، تڏهن هيڪندي ڪنهن منگتي چيو تہ:

انڙ ۾ آس گهٽي، تنهان گهٽيرو ڊپ،
ڏيندو تہ مپ، نہ تہ جوڪو آهي جان کي.

مپ ۽ وپ ساڳي ڳالهہ معنيٰ گهٽي حد تائين، پڄڻ پيٽي تائين، وجهہ لڳڻ تائين. چوندا تہ:

جت هنئي ناهي وپ، ات پڄڻ ڪم وريام جو.

ڄام جوڻي کي دهلي جي بادشاهہ فيروز شاهہ ٺٽي ۾ تخت تي ويهاريو ۽ سندس پاءُ ڄام بانيڻئي ۽ ان جي پٽ تماچي کي پاڻ سان گڏ دهلي وٺي ويو. ڄام جوڻي جي گلا ٿي ۽ جڏهن سلطان فيروز شاهہ وفات ڪئي تہ ڄام تماچي اچي ڄام جوڻي ۽ سندس پٽ کان تخت کسيو. درويش نوح کيبرائي دعا ڪئي تہ:

جوڻو وڃي جهوري ماريو
ڄام تماچي تختين چاڙهيو.

ڄام جوڻي پوءِ ٺٽو ڇڏيو ۽ گمنامي ۾ گذارڻ لڳو. نري (تعلقو ماتلي) کان ڏکڻ ڪنهن جاءِ تي وفات ڪيائين ۽ کيس شاهہ ديواني جي مقام ۾ دفن ڪرڻ لاءِ آندائون، پر هن کي جاءِ نہ ڏني وئي پوءِ شاهہ ديواني جي مقام جي حد کان ٻاهر ڏکڻ طرف کيس دفن ڪيائون. راقم اها قبر ڳولي ڏٺي، ٻي روايت موجب اها قبر ٻئي جوڻي جي آهي چون ٿا تہ ڄام جوڻي جو اولاد جوڻا ۽ جوڻيجا ٿيا. جيڪي پوءِ ٺٽي جي ڄامن جي جنگين جهيڙن کان پري رهي پنهنجي زمينداري ڪرڻ لڳا تڏهن چيائون تہ:

”ڪڏهن سئو ڪونہ، تہ ڪو جوڻيجو وڙهيو جنگ ۾.“

پر ٺٽي جي ڄامن جي دؤر کان پوءِ جڏهن ڪنهن اهو مهڻو ڏنو تہ جوڻيجي جي لنگهي چيو تہ:

”جوڻيجو جانڊاھ، ٻيا سڀ مڱ مڪاني نانگلي“!

## سمن جي هار:

روايت آهي تہ ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ جڏهن مغلن ڪاهيو تڏهن هڏيري واري جنگ لڳي جنهن ۾ دريا خان مارجي ويو هڏيري جي ڍنڍ ٺٽي جي اتر اولهہ طرف آهي. سمن جي زوال بابت پهاڪو مشهور ٿيو تہ: ”پيروزان پيئي سمڪي ويئي“ يعني تہ جڏهن ڄام فيروز ساماڻو تڏهن سمن جي طاقت ختم ٿي. مرحوم قادر شاهہ نصرپوري جي دستخط ڪتاب ۾ هي عبارت لکيل نظر آئي تہ: ”مخدوم بلاول عليہ رحمة کي جڏهن گهاڻي ۾ پيڙايو ويو تڏهن مخدوم جا مريد ۽ خليفا جهڙوڪ سخي سيد رکن ۽ ميون وهيون للاڻي ۽ مخدوم ساهڙ ۽ سيد حيدر جياڻي حاضر بيٺل هئا“.

سنڌ ۾ سما ٻين کان اڳ ۾ مسلمان ٿيا ۽ جڏهن مسلمان ٿيا تہ پردي خاطر پنهنجي وڏائون يعني ڪنجري کي پويان پٺي وڏائون پوءِ سنڌ ۾ اهو مسلمان ماين جو ويس ٿيو.

چون ٿا تہ پنجون يا ڇهون وڏو ڄام سمو تنهن سان پيريءَ ۾ دهلي جي مغل شهزاديءَ شادي ڪئي، جنهن مان ڄام انڙ ٿيو جيڪو وڏو پهلوان ۽ همت ڀريو ٿيو پوءِ انهيءَ تي دهلي جو بادشاهہ ڄام انڙ جي خلاف ٿيو.

سما هڪڙا ”محلائي“ يعني اهي جيڪو پنهنجي محلي ۽ پاڙي مان پنهنجن مان شادي ڪن. ٻيا ”صاحب سما“ جيڪي ٻاهرين پاڙن مان شادي ڪن. قاضي احمد وارا اصلي ”محلائي سما“ گهراڻو متياري لڳ ويٺل ”صاحب سما“ ۽ پڻ لاڙ طرف ”صاحب سما.“ صاحب سمن جو ڳوٺ مڙهي، گهوڙا ٻاري کان 6 ميل اتر اولهہ. اصل وڏي مڙهي (پڊ) سمن جو ڳوٺ ڄام تماچي جو ياءَ يا سئوٽ ”ممسا“ (ايئن) تنهن جو اولاد ”ديهہ مڙهي“ کان ذڪر ”ديهہ ممڪي“ ۾.

## ڪڇ ۾ سما:

’مهڙ قبو‘ يا ”مهڙ پير جو قبو“ سو جکائو تعلقي ۾، جکائو بندر کان ذڪر اوپر ست اٺ ڪوهہ کن ايترو پنڌ مڏئي کان وري الهندي ڪي ٻيا ڳوٺ جن بابت اتي هڪ چوڻي تہ:

”مهڙ ڪبو ڪوڪليا<br>
وڍ مٿي ڏيديا

باڻيٽائي     چاڱڙائي
سرو سيني جو صابرائي“

صابرائي ڳوٺ سيدن جو آهي، انهيءَ ڪري ان کي مٿي ڪيائون.

• ڪارائڙيو سمو گرڙيي ابڙاسيي جو چڙهي آيو تہ ساري سانگهار جي ڏيءَ پٽي ورت ڪيديا. وڏي طاقت واري هئي پوءِ ڪارائڙي سڱ ورتو سارو سنگهار پڇم ۾ هو جتي ”نير واري واءِ“ ساري سنگهار جي سڏجي اها واءِ پڇم جي ڪاري جبل جي پٽ ۾ اترئين طرف ساري سنگهار جون بہ ڏيئون مچاچل (جا ڳائجي) ۽ ڪپورئين جنهن سان ڪارائڙي ڄام شادي ڪئي ان جي اولاد مان ماريي وارا مياڻا. ماريو ڪڇ جي رياست کان ٻاهر آهي ۽ اتي ڪڇ جو ڪونر (شهزادو) رهي. ڪارائڙيو سمو محلات مان موتين جي چوري ڪندو هو راڻين کي اوڊاڻيون ڏيئي موتي ڪٽي ويندو هو پوءِ ڪامل ديوان ٻاهران ڪاهي ڪٽائي ڪير هٽايا ۽ هينان دونهان ڪرايا. دونهن تي سندس ساهہ ماندو ٿيو محلات مان ٽپو ڏنائين تہ وڃي ڪاهيءَ ۾ ڪير تي لڳو ان تي بيت:

ڪارائڙي نينڪ ڏنو مٿان گيدلڙي
ڪامل ڪير پٽريا رهيو ات اڙي
آءَ وينجهارل وري، اسان اڄڻ ايترو

ڪارائڙو سمو پينگهر ڄام جو پٽ هو. پينگهر ڄام ڪاري سمي ابڙي جو پاٽنيو هو اڳ ۾ ابڙو ماراٽو ۽ پوءِ ڪاري جنگ ڏني. ابڙا سيي ۾ ماراٽو. ابڙاسيو ابڙي پويان سڏجي ٿو. ابڙاسيو بنيءَ کان الهندي ۽ عربي سمنڊ سان لڳ اوير.

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ننگر سپ نهاريو
نڪو ڪارايل جهڙو نڪو ڪارايل لوڏ
پينگهي پائي لوڏ، سر سمي ڄام جو.

ابڙاسيي ۾ ابڙي جا نشان آهن ڪانجي جي ڪوٽ کان ڪوهہ ڏکڻ، ٿورو اوير لاڙئون وڳهہ ڪوٽ. سومريون روبا ماڙي کان ابڙاسيي ۾ ويون اتي سومريون غرق ٿيون، اتي مقام جتي ميڙو لڳي ٿو.

## صاحب سمو:

”صاحب سمي جو دڙو“ ديهہ ڪرچ ۾، تعلقو گوني، ترائي جي شهر کان اتر طرف ڏيڍ ڪوهہ اتي گُل غيبي جو دڙو، اتي سومرا رهندا هئا. عبدالملائڪ پير مخدوم نوح جي اولاد مان پٽ يا پوٽو ”ايراضيون مڪان“ ۾ رهندو هو. ترائي کان اتر تي ڪوهہ پنڌ مڇياري ڍنڍ کان اتر اولهہ. ايراضيون مڪان کان ڏيڍ ڪوهہ ڏکڻ ”ڏيئي جي ڍنڍ“ (صاحب سمي جي دڙي لڳ) اتان عبدالسلائڪ سرور پير جون مينهون صاحب سمي تڙائي ڍڪ ۾ ڏنيون. پوءِ بچل شاهہ فقير ڍير واري (صاحب سمي جي دڙي کان ڏيڍ ميل اولهہ) صاحب سمي کي پاراتو ڏنو:

ڏيئي جي پنهين ڪپين، هوندو راڙو رت،
صاحب چڏيو ست، جنهن جي ڪلنگيائي ڪوڙ تي.

صاحب حڪومت جو صاحب هو ۽ سوني ڪلنگي پائي چڙهندو هو پوءِ سمن ۾ شادي تي جنهن ۾ پڙ جج ڪيائون. اتان اچي فساد متو جنهن ۾ صاحب مارجي ويو باقي هڪ ٻہ گهر بچيا: اهي صاحب سما جن مان محمد علي سمو ويٺل ڳوٺ سندس (صاحب سمي جي دڙي کان ڏکڻ ۽ اولهہ) گذاري ويو هاڻي (1964ع) سندس پوٽا آهن. صاحب سمو ترخانن جي دؤر ۾ هو ۽ کين امير ڪيائون جو سڱ ڏنائين. ڪمي ابڙي سڱ ڏنو مرزا شاهہ حسن ارغون کي، انهيءَ ڪري کيس جاگيرون مليون ۽ ڪماريا ابڙا زور آور ٿيا.

## همايون بادشاهہ سنڌ ۾:

”جوڻ“ وٿان ”علي پوٽرن“ وٿان ريڻ درياءَ اڪريو. علي پوٽرا يعني ”علي پور“، ٽنڊي شهر کان ميل ڪن اتر طرف گوني جي ڪپ تي آهي.

## ميان نصير محمد ڳاڙهي وارو

ڳاڙهي پنهواري هئي جنهن کان ميان صاحب نصير محمد زمين ورتي، جنهن تي رُني، ميان صاحب چيس تہ: ڳوٺ ڳاڙهي جو سڏبو. ڳاڙهي اها جتي ميان جي مسجد: اتي رڪيل عنايت شاهہ ۽ حامد شاهہ جيڪي ٻئي ميان نصير محمد جا خليفا هئا، فتح نالي پخالي هو. 8 تاريخ رات اتي ميلو لڳو ۽ 9 تاريخ ميان نصير محمد جو حج. ميان گاجي شاهہ تعلقي جوهي ۾ شاهہ پنجو راڏڻ اسٽيشن لڳ ميان الياس محمد جو خليفو مينگهو پنجو هو.

- محمد عارف ڪلهوڙو ليي ضلعي مظفر ڳڙهہ ۾ دفن ٿيل، اتي قبو هڪ نمبر ۽ ڪوهہ آهي (راوي ميان گل محمد عباسي)

پنهور اصل ۾ عرب پر مال جي پرورش ڪندي پنهور سڏيا ويا. اسلام جي اوائلي دؤر کان وٺي سيوهڻ جي اتر ۾ آباد ٿيا ۽ سندن اميرن جي رياست ”پنهوارڪي“ قائم رهي، آخري دؤر ۾ سندن رياست ”سامتاڻي“ تائين محدود ٿي يعني بوبڪ ۽ دادو جي وچ وارو علائقو. ميان نصير محمد مائي ڳاڙهي پنهواري جي زمين مائي کي مجائي ورتي پر ميان يار محمد پنهورن جي طاقت کي ختم ڪيو ۽ بيواهہ مايون لڏي روانيون ٿيون. پهاڪو تہ:

نؤ سو پنهواري
لڏي تي لهواري

- ميان نور محمد جي ڏينهن ۾ ”مراد گنجو“ سندس صوبيدار جيڪو ڪجهہ وقت ناڙي، ڪڇي ۽ سبي جو حڪمران هو. سبي ۾ مراد گنجي جو ڪوٽ، ضلعي آفيس کان ڏکڻ اوير طرف لڳو لڳ آهي، فتح پور ۽ گنجاوا جي وچ تي پڻ مراد گنجي جو ڪوٽ ۽ قبو شايد اتي ئي دفن ٿيو مراد گنجو ڪليري بلوچ هو ميان نور محمد ڏي ڪو سندس مريد معتقد ناڙي طرفان پئي ويو اتي هڪ درويش جنهن بنا پئي بدّا تنهن پڇيس ۽ چيائينس تہ جي ميان وٽ ٿو وڃين تہ کيس هي نياپو ڏج:

گنجا بينا ماڙي ڪون
بروهي پيلن ناڙي ڪون
تڪ ميان دي ڏاڙهي ڪون

اهو نياپو سڻي ميان لشڪر سان چڙهيو سني وٽ جنگ لڳي ۽ عبدالله خان مارجي ويو ميان جي لشڪر جا ماڻهو تن سندس لاش کي وڍي ڳچ ڳچ ڪري زرهہ لاتي ۽ بيو سامان ڪنيو انهن کي پوءِ ڳچل سڏيائون، اجا تائين رتي ديري طرف موجود آهن، انهيءَ ڪري پوءِ عبدالله خان جو لاش هٿ نہ آيو سگهڙ جلال ڪتي انهيءَ ڪري پنهنجي بيت ۾ چيو تہ (هي بيت ۽ ان جو سچو جواب ڪتاب ”جنگناما“ ۾ ڏسو):

ڪ دانهين ويو دليءَ تي، ڪ اڏاٽو آڪاس

ان جو جواب سگهڙ جمن چارڻ ڏنو تہ:

نڪي ويو دانهين دليءَ تي، نڪي اڏاٽو آڪاس
سمنڊ سوني ساز سين هزارڻ هياس
منهن گهنڊي، چپ وات ۾، هٿين هٿياراس
ڪلنگي جا ڪپار جي سا جنهور ساڻ جڙياس
پيزار جي پيرن جا مهرن ساڻ مڙهياس
جهنڊا جهلندا آئيا علم طوق اڳياس
لڳي جنگ جمن چئي، ڊريا مورچل مٿاس
برن! بزن! بهدرئون، اهي آلا پاس
ڪنڌ ڪرنگهر ڪپرائي ڪرماٽين ڪٽياس
ڪپ ڪٽاريون ڪاتيون رمر رمر منجهہ رتاس
ڳجهڙين ڳتاس، سهرا سفيديون ڪري

- **تاج پور ۾ تاجي ليکي جي عدالت:** نواب عرض محمد خان جي اوطاق جي احاطي اندر چؤڪنڊي عمارت آهي چئني طرفن کان دروازا، مکيہ دروازو اپرندي طرف هيٺيان تاجي ليکي جو کوهہ بيٺل.
- **محمد مرادياب جو ڪوٽ:** نصرپور کان سر ڏکڻ اڌ ميل کان گهٽ مفاصلي تي راقم اڳ اهو ڪوٽ ڏٺو ۽ فوٽو بہ ڪڍيا. پر اڄ (7 آڪٽوبر 1972ع) اتان لنگهياسون تہ ڪوٽ واري پٽ ڊاهي، بني ڪيڙي چڏي هئائون، مسجد باگي خان جتوئي جي، تنهن جا آثار ڪوٽ جي سامهون ۽ رستي جي الهندي پاسي. باگي خان جتوئي جو ڳوٺ موجود آهي، خدا بخش ماچي کي 1930ع ڌاري اتان شيهي جو وڏيون ڊگهيون سرون هٿ آيون جيڪي حيدرآباد ۾ وڪيائين. (شايد بندوق جي گولين لاءِ اهي شيهي جون سرون خريد ڪيل)

**الله بخش شاهہ جهنجهڻ:**

ڪلهوڙن جو سپهہ سالار هو ۽ شاهہ جو خطاب هئس. وڏي غرور وارو هو شاهہ قطب (ميين شاهہ عنايت جو پوٽو) کيس پاراتو ڏنو تہ:

شاهي تنهنجي شاهہ قطب چئي ڪاري تي
جائي توکي جاءِ، ڪانهي شاهہ قطب چئي
لڌي چڏ لاڙڪاٽو!

پوءِ اتان هليو عمرڪوٽ جي طرف ته ٽر مان ڪوسن ۾ بيٺ بلوچن جو لشڪر گڏ ڪري ۽ پڻ ڪڇ مان لشڪر وٺي وري اچي ٽالپرن سان وڙهي ۽ ڪلهوڙن کي سنڌ وٺي ڏئي، پارڪر طرف آيو پورلو (تعلقو ڇاڇرو) تنهن جا ساڏور ٺڪر تن مان اچي شادي ڪيائين ۽ ڪڇ جو رخ رکيائين.

باگي خان نون کي ميرن حڪم ڪيو ته وڃي الله بخش کي سامهون ٿيءُ، باگي خان جا پاٽيجا تاجو راجو ۽ شادي چڙهيا. تاجي جو سنگتي فتح خان رند به ساڻن چڙهيو. چيلهار کان اتر طرف ميل ڪن پنڌ جو ٻئي لشڪر هڪ ٻئي کي سامهون ٿيا. شاهه الله بخش مئو ۽ هن طرف تاجو راجو ۽ شادي ٽيئي پاءُ مئا. فتح خان رند مئو. شير نالي درزي مئو جو الله بخش جو ماڻهو هو فتح خان رند وارا به الله بخش جهجهڙ وارن جا مريد هئا. پر سندن ڏاڍ کان تنگ هئا. پوءِ الله بخش، فتح خان ۽ شير کي اتي دفن ڪيائون. سندن قبرون موجود آهن. تاجي، راجي ۽ شادي کي ڪٽي آيا ۽ نهتي کان ڏکڻ طرف نونن سان گڏ "قيصر شاهه" جي مقام ۾ رکيائون.

- غلام شاهه جي باري ۾ شاعر بهار بيٺ چيو ته:

"گلان وچون گل پيدا ٿيا، ڪجهه ڪليا هي ڪجهه ڪلسي،
دانهه ڏيک ديواني ٿيڻ واءِ حسن دي گهلسي"

- غلام شاهه ڪڇ تي ڪاهيو ڪڇ ۾ جهاري (جبل) واري جنگ ۾ ڪڇ جو راجا پيمجي مارجي ويو پوءِ ان جي پيڻ ميان غلام شاهه کي ڏنائون.
- سنبت 1839 ۾ عبدالنبي سنڌ جا پاڱا ٽڪرا ٻين کي ڏيئي ڇڏيا، هن عمرڪوٽ جو پرڳڻو (سجو وچ ۾ ايرنديون ٽر ۽ پڻ مهراڻي وارو پاڱو) جوڌپور کي ڏنو شاهه ڳڙهه وارو علائقو جيسلمير کي ڏنو سبزل ڪوٽ وارو پاڱو بهاولپور کي ڏنو ۽ ڪراچي وارو پاڱو خان قلات کي ڏنو. اهي سڀ پاڱا پوءِ مير فتح علي خان ٽالپر ٻيهر حاصل ڪري سنڌ سان ملايا.

- **ڪلهوڙن جي دؤر باب لکت ۾ مواد**

(الف) عالم فاضل ميان عبدالرسول چوٽياري واري جي بياض ۾ ڪلهوڙن حاڪمن جي وفات جون تاريخون (ابجد جي حساب موجب) هيٺينءَ طرح لکيل مليون.

- ميان نور محمد عباسي "خيمه بجنة زد ولي" 1167
- ميان غلام شاهه "ميان خفته" ۽ پڻ "جنات فيها خالدا" 1186

- تفرقہ عطر خان عباسي 1171
- قيد شد سرفراز بن غلام شاهہ 1190
- گرفتاري محمد مراد عباسي وفات 1170
- وفات غلام نبي عباسي وقضيہ (قتل) عطر خان و سرفراز و محمد خان ابني (ہہ پٽ) غلام شاهہ (جا) 1170ع
- آمدن مدد خان افغان "آمد خبيث دجال"

(ب) پنجاب يونيورسٽي جي ذخيره شيراني ۾ محفوظ مخطوطہ ۾ اندراجات. جن تي ڳاڙهي پينسل سان صفحا لڳل. هيٺيان نمبر انهن صفحن جا جملي صفحا 308 يعني 154 ورق.

- ص 8 ڪلهوڙن جو شجرو پڻ ٽالپرن اميرن جا ۽ غالباً ليکي خاندان جا نالا
- ص 22 ڪلام پران ناٿهہ هندو فقير (اهو عنوان ڳاڙهي روشنائي ۾، پر پوءِ ڪلام لکڻ رهجي ويو ان صفحي جي مٿان (نوسہ جو ڪلام لکيل)
- ص 27 ميران مهدي جونپوري، ڄام ماڃهي سلطان
- ص 33 ميان الياس شاهہ، شاهہ گودڙيہ
- ص 33 ميان عيسيٰ شاهہ لونبڙا (؟)
- ص 33 ميان سيد مدارشاهہ مهدوي، ميان عبدالله شاهہ گودڙيہ ابڙا، ميان عيسيٰ شاهہ لونبڙا، ميان ابوبڪر جتوئي (اهي نالا ايئن گڏ آيل جو مهدوي طريقي جا اڳواڻ هئا)
- ميان آدم شاهہ ڪلهوڙو، ميان محمد شاهہ آگاني ڪلهوڙو.
- ميان يار محمد دين محمد ميان تاج محمد سہ برادند
- چون ميان دين محمد رامردم معز الدين بطرف ملتان بردند برادر خود ميان يار محمد رادستار داد
- ص 44 ميان فوجا، ميان ڪانہ راجا (ڪاٽا راجا، ڳهٽا راجا؟)، ميان پنجا سلطان
- ص 44 "ڪلام فقراء سرائي واس سنده" (سراين فقيرن جو ڪلام جن جو واسو سنڌ ۾) يعني رهندڙ سنڌ جا. هيٺيون ڪلام:

مانجهہ

تون لک ڏاتار سونهارا ميان، ميڏي اڳڻ ڦيرا پنيوي

بخت بلند فقيران دا سائين، ميڪون ياڳا لطف ڊهيوي
مئن پر تقصير گناهون ڏوهئون، عيب سيي بخشوي
ڪهي "بلوچا" ميڏا من، ميان ڏهون ڪند ڪڏان ناتيوي

مانجهہ
ڪنڏي ڪڙا فقير پڪاران، ايهہ ارداس سڻائين
مئن بي عملا، عمل نهين ڪوئي، دامن لاءِ لنگهائين
دامن تيڏا ڪل فقير تي، تون قدرت دا سائين
"دينڙ" وچ بهشتان ڏئيان فقرا وان ديان جائين

مانجهہ
پاڪ پليد نہ تيوي، توڙي سئين پليدين رلدا
پاڙ فقر سهاڳي دي، دي هر دم ساوي جنهن ڪون سيبا جل دا
سونا ٻاجهہ هڪ رتي تول نہ ڳلندا
"دينڙ" ڪهي فقير ميان دا، ڪوڙ ٻڏا سچ تردا

مانجهہ
تي ڏوبي ڏو منهن ميڏا، ميڏي ميلي دي مل جاوي
پول نوهي (؟) ڪدين نا ڪا ڳل، جو ايوين ميڏي رهہ آوي
حل "مشوري" داتينون مالم جين بهت خير و ماوي (؟)
بخش گناهہ... و ناهان ڪي (؟) غيبي غيب چپاوي

مانجهہ
دنيا ڍونڍ تين ڪُتي طالب، مل ڪر سيڻيان تاڻي
هڏي اتي هوڙ پيوني، ور هڏيان عمر وهاڻي
ڪمليان عشق الاهي چڙيا، پئي ولوڙن پاڻي
"روحل" راهہ رباني ٻاجهون، ٻيا سڀ ڪوڙ ڪهاڻي

مانجهہ
ايڪو ايڪ، ايڪ هين تون هين، تجهہ بن اور نہ ڪوئي جانا
زمين زمن سبب ڪجهہ فقير، تاري راسان آسمانان
قدرت نال محمد خلقيو شاهنشاهہ شهانان
اڪي "محمود" فقير، صدق فقيران ڪلما پڙهہ ڪيتا شڪرانا

متين شعرن مان ظاهر آهي تہ بلوچو ديني، مشوري، روحل ۽ محمود. ”ميان والي“ طريقي جا همعصر سالڪ شاعر هئا. انهن شعرن جو عنوان ”مانجهہ“ آهي، ميان نصير محمد جي طريقي وارن اهو لفظ آندو جنهن جون بہ معنائون هيون هڪ تہ انهيءَ شعر جي صنف جو نالو ۽ ٻيو تہ ”سر“ جو نالو. اهي شعر مانجهہ جي سر ۾ ڳايا ويا. جنهن کي ”ميان دي مانجهہ“ ڪري سڏيائون. سرندي ۾ پڻ ”ميان جي مانجهہ“ وارو سر وڄايائون. انهن شعرن کان پوءِ ان وقت جي ڪنهن شاعر جو چيل سنڌي بيت:

نڪو ماءُ پياءُ ڪو قبلو پيڻ (نہ) ياءُ
پرين سندي پورجا، ساعت جي ساڃاءَ
پاڻان وني پانهنجي سيڪو سانگ سواءِ
عجب تماشو آهہ، صاحب جي سنسار جو.

هن پوئين ويجهي دؤر ۾ محمد آباد (الڳ صادق آباد، 5 اپريل 1965ع) ۾ ڪيل ڪچهري ۾، سگهڙ سومر چنڙ هيٺيون سنڌي بيت ديني جو ٻڌايو جيڪو شايد ان ساڳئي ديني، جو آهي جيڪو روحل جي دؤر ۾ هو.

جول ڪونج، ڪٽ قيصري، پرين سنمک سونهارا
هورين هلڻ حساب جا اٿن بلندائي بارا
ٿهريا گهمن ٿان تي جئن واهہ تڳين تارا
گويا گل جبات جئن پرين وهن وحدت وارا
ڪليسا در ”ديني“ چوي، جئن جواهرن جارا
مليا محب موچارا، لٿي ڪس قلوب تئون

- ص 38 ”ڪلام شاهہ حسين واس لاهور“ ۽ ص 278 ”ڪلام بابا فريد واس پٽن“)
- ص 49، 183_185 ”ميان نامہ“ نوشہ گنج بخش جو 190_192_193
- صفحي 49 تي ”ميان دي مانجهہ“ (يعني سرندي تي مانجهہ جي لئي جيڪا ميان نصير محمد جي مانجهہ سڏجي) نوشہ محي الدين ميان نصير محمد جو فقير ٿيو ۽ ميان جي طريقي جو هيٺيون صدائون لکيون اٿئين:

”ميان صاحب پري پندار، مرد فقير والله توهار“

مرشد پوري، ميان پوري، هوئي آس
نوشہ مرشد وي ملي ڪاج

- ص 25 ۽ 31 ڪاري مس ٿلهو قلم، عبارت غور طلب
- ص 38 ميان تاجا ميان باگا.. ميان نصير محمد
- ص 60 ۾ پڻ ميان محمد نصير جو نالو- حاشيہ ۾

فقير غلام محي الدين لاهوري جنهن جي ڪتنب يعني فقير گهراڻي مان رنجيت سنگهہ ۽ ٻين جا وزير ٿيا، سو سنڌ ۾ آيو ۽ ميان نصير محمد ۽ ميان مانجهي سلطان جي صحبت ۾ رهيو ۽ معتقد ٿيو ۽ پاڻ کي مهدوي سلسلي سان منسلڪ ڪيائين ۽ پاڻ کي "نوشہ فقير لتي نوشاهي المعروف غلام محي الدين" ڪري لکيائين ۽ پڻ پاڻ کي "از ياران ميان ڄام مانجهي سلطان" لکيائين. ميان مانجهي ڪلهوڙو وڏو مالدار ۽ ڀاڳيو هو ۽ پڻ وڏو پهتل شخص هو. راقم ميان مانجهي جو مقام واسو ڪلهوڙي لڳ ڳولي لڌو جنهن جو ذڪر ڪنهن جاءِ ايندو. غور طلب مٿين عبارت وارو فقرو آهي جنهن ۾ هن پاڻ کي "فقير لتي نوشاهي" لکيو "لتي" جو لفظ ميان جي سلسلي جو آهي.

پير فقير امير مان هک ميانجي سگهہ
ميان محمد نصير بن کو وسرسہ نہ اگهہ
نوشہ جتہ کتہ وسدا پير فقير امير
تنهہ سائين سگهہ وي ميان محمد نصير
ميان مرشد پير گور شيخ (نصير) امام
شيخ خليفہ پير گور مرشد ميان امام

- ص 360_363 تي غالباً سچو مدحيہ ڪلام ميان محمد نصير جي نالي ص 262 "ميان محمد نصير" ۽ ص 263 "ميان پاڪ محمد نصير".

نوشاهي سلسلي ۽ ميانوالي مرشدن ۽ فقيرن جو تعلق مهدوي طريقي ذريعي، انهيءَ ڪري "نوشہ" ۽ "ميان" جو تعلق ص 27 تي تحرير غلام محي الدين فقير نوشاهي جي، جنهن ۾ پاڻ کي "نوشہ" زياران جام ماجهي سلطان لکيائين ۽ پڻ مهدوي سلسلي جو ذڪر وڏي ادب سان ڪيو اٿس ۽ "سيد عزيز ميران صاحب دام مجده" جو نالو ڪنيو اٿس (جو سيد ميران مهدي جي سلسلي يا اولاد مان؟) "درگاهہ عرش اشتباهہ.. مهدوي زمان، مرشد دؤر ان سيد ميران مهدوي بن سيد محمود بن سيد محمد سيد خان نور الله مرقده" جو

ذڪر آندو اٿس آخر ۾ ”بحق المهدي وآلہ الا مجاد“.

- ص 8 ميان جا خاص ٽالپر فقير: ميان سوبهدار پسر ڪڪا از چوٽي ميان نصير محمدي (يعني ميان نصير محمد جو فقير)، ميان شهداد دين محمدي (يعني ميان دين محمد جو فقير) ۽ ان سان وابستگي ميان چاڪر ننڌا و ميان چاڪر پدر شهدادپور (شهداد جو پٽ) ميان بهرام، ميان خير الاولد ميان بجار و ميان سوبهدار پسران بهرام فتح علي، غلام علي، ڪرم علي و مراد علي پسران سوبهدار مقتول.
- ليکي ها، ميان ٻيڙا الياس محمدي، ميان روحل آدم شاهي ميان راڄا شاهل محمدي، ميان ڪانہ راڄا (ڪذا) نصير محمدي، ميان راڄا يار محمدي، ميان ٽاجا نور محمدي، ميان راڄا غلام شاهي پدر ميان ٽاجا و ميان بلاول و ميان بلندا و ميان پليا و ميان فتح خان و ميان زنزا (؟) و ميان سجاول و ميان دلاور نہ تن (ڪذا ولڪن هشت) ميان حمزا برادر ميان راڄا ڪہ پسرانش ميان الله بخس و ميان الهداد و ميان سلطان پسران ميان الهہ هو (= الا هو) ميان گوهر و ميان ڪمال پسران ميان سلطان ميان غلام هسن و ميان غ لام علي پسران ميان ٽاجا ميان راڄا شهير (؟) و ميان نوجا و ميان سالار پسر ميان بلاول ميان فتوهل پسر ميان فتح خان ميان دتا پسر ميان پليا ميان سجاول فقير و ميان دلاور پسر ميان بوده (ٻڍو) ميان هوت کهوسہ ميان چاڪر چهتا نصير محمدي (چاڪر چتي جو مقام رستي تي، سن کان اڳتي، ڪبي طرف) ميان راڄا يار محمدي، ميان روحل غلام شاهي.
- شاهہ ها. از ميان ڪرم علي عطار ميان ميرلشاهہ جهوجهن (=جهنجهڻ) ازان ميان شاهہ بهارا ازان ميان مقصوده ازان شاهہ الله بخش.
- ميان باگا ڪنيال نصير محمدي، ميان يوسف شاهہ دين محمدي، ميان حامد شاهہ چدهر (چيڙ)

سنڌي بيت فارسي خط ۾ لکيل:

متان ڄاڻين تون، آن سينڌي ٿئي سڄڻين،
هن در مٿي مون، رونديون ڏنيون ڏادليون.

(اصل در مٿي هون)

اي سڄاڻ! مٿين اندراجات مان ڪمائتا نتيجا نڪرن ٿا، هميشہ وڏي ويچار ۽ سياڻپ سان نتيجا ڪڍجن. ٿوري علم ۽ ٿوري سمجهہ وارا پنهنجا

دل وٽندا نتيجا ڪيندا آهن.

● ڀهريون روحل وڏو آدم شاهي ۽ ٻيو روحل ننڍو غلام شاهي، يعني ڀهريون روحل ميان آدم شاهہ جو فقير هو ۽ ان وقت هو ۽ ٻيو روحل ميان غلام شاهہ جي وقت ۾ هو جيڪو صوفي صاف دل شاعر هو.

● ميان صاحبن جي مدد ۾ جڙ تي لشڪر هئا: جنن جو فقيرن جو پٽ ۽ ڪاني جو. پهاڪو مشهور ٿيو تہ: ”مري پنهنجي موت، تہ بہ ڪاني ڪلهوڙي جي“: ڪاني يعني ننڍڙو ڪان، جڙ بندوق جي گولي، ماڻهن ۾ جن وڏائون ۽ جن ڪيڀائون.

● شروع ۾ ڏاڏائي ڪيائون زمينن تي قبضا ڪيائون انهيءَ ڪري ماڻهو ڏنا، سڱ گهريائون تہ هنن سڱ نہ ڏنا، سانگهڙ طرف جي جوٽيجي زميندار ميان نور محمد کي سڱ ڏنو تہ ان کي ننديائون:

نہ راڄ نہ ڀاڳ، نہ ڪنهن ڀائي ڀت،
هو جوٽيجو جت، پر چامان ڏيئي چام ٿيو.

مائي چامان جوٽيجي هئي ۽ وڏي ديندار هئي. جنهن مسجد جوڙائي بي، مائي چامان ڪبيرياٽي تنهن ۾ پڻ مسجد ٺهرائي جيڪا سئي ڦندر واري ساياتن جي مقام اندر آهي پر مائي چامان جوٽيجي واري مسجد ۾ وقت جي وڏي عالم ميين مبين نماز نہ پڙهي جو چيائين تہ ان ۾ (ميان نور محمد جي) حڪومت جي ظلم جو پئسو شامل آهي.

ميان نور محمد، جن جوٽيجن مان شادي ڪئي تن بابت پڪيءَ طرح معلوم نہ ٿي سگهيو البتہ هڪ روايت موجب انهن جو ”سڪيجا“ پاڙو. ان مان بہ پٽ ٿيا: ميان غلام نبي ۽ ميان عبدالنبي پوءِ ميان غلام نبي جي شادي بہ ساڳئي جوٽيجا پاڙي مان ٿي، مٺا خان ۽ پير محمد سندس سالا هئا، جن کي عبدالنبي سنڌ جو خزانو (سون چاندي جواهرات) جيڪو ان وقت جي تخميني موجب ساڍن اٺن ڪروڙن جو هو سو پنهنجي ڀائٽي (غلام نبي جي پٽ) شاهہ محمد سان گڏ پوڪرڻ (مارواڙ) ڏياري موڪليو ٻيو خزانو جنهن ۾ ساز سامان هو سو جوڌپور ڏياري موڪليائين اهي ٻئي خزانا پوءِ جوڌپور جي راجا ٻجي سنگهہ ڦٻايا.

ميان غلام شاهہ جي شادي ايران ۾ نادر شاهہ جي ساليءَ سان ٿي جنهن مان سرفراز ٿيو نادر شاهہ قتل ٿيو تہ پڳا. ميان سرفراز ٻارڙو هو جنهن کي ۽

سندس ماءُ راڻي کي پويان چڏي آيا جو رات جو پڇٽو پين پوءِ خدمتگار ”گاهي ڪالرو“ تنهن صبح جو بنگلي مان بارڙي کي ڪٽي توبري ۾ وجهي پويان منزلون ماري ڪٽي اچي پهچايو. ميان غلام شاهه وارا تبريزين (تبريزي نسل جي) گهوڙين تي چڙهي سوار ٿيا. تبريزي گهوڙين جو نسل پوءِ سنڌ ۾ آيو.

- مدفن ابناء نور محمد (نور محمد جي پٽنُ جا مدفن)

١_ ميان محمد مراد. ميان يار محمد جي قبي تي رکيل

٢ _غلام شاهه. سرفراز ۽ غلام نبي حيدرآباد ۾.

٣ _ ميان عطر خان، حيدرآباد ۾ گرلس ڪاليج اندر

۴ _ ميان خداداد ميان نور محمد جي قبن وٽ.

ميان خداداد هتان تڏهن ويو. جڏهن محمد مراد ايران مان موٽيو. ان کان اڳ ميان خداداد هٿ حڪومت هلائيندو هو پوءِ هتان ويو تہ احمد شاهه دراني کيس بنارس جو صوبو ڏنو. وفات اتي ڪيائين پوءِ لاش آڻي ميان نور محمد جي قبن تي دفنايائون.

- هوتي نُهڙي سان چون ٿا تہ غلام شاهه ڪلهوڙي جي جنگ تي پوءِ صلح ٿيو ۽ هوتي نهڙي غلام شاهه جي دعوت ڪئي ۽ هر هڪ سپاهي کي بہ تتر ۽ مانيون کارايائين اهو تڏهن جڏهن غلام شاهه پيمجي واري لڙائي تي ٿي ويو. هن وقت (1964ع) حافظ تاجو ( ۽ سندس پٽ ۽ پاڻيجو) وينل الله ڏني نهڙي جو ڳوٺ ۽ بقاءُ نهڙي جو ڳوٺ (نندي شهر کان ڏکڻ اولهہ 3 ميل) هوتي نهڙي جي اولاد مان هوتي نهڙيو ”ٻيلائي نهڙين“ مان، ٻيا ”ونگائي نهڙيا“.
- تاجن منڊرو: سيراڻي کان 5_6 ميل ڏکڻ_اولهہ سندس ڪوٽ جا نشان موجود آهن. پٽيهل جو درياءُ يا ان جي ڇاڙهہ ”تاجن جي ڪوٽ“ کان اولهہ لڳ وهندو هو. تاجن زبردست ماڻهو هو ڪانئس ڪو بہ سلامت ڪو نہ ٿي ويو ”ڏنو“ پونو يا ڏني جو رڻ اتي ڦر ٿيندي هئي، تاجن جي ڪوٽ ۽ پٽهيل کان اولهندي. پوءِ پهاڪو واٽين ۾ يا هين ۾ تہ:

”پرڻي سا پرماءِ. جا مٽي ورڻ ڏني جا“

_ ميان حاڪمن سنڌ ۾ هئي ڪنهن کي بہ سر ڪٽڻ نٽي ڏنو سيني کان چڻ شڪي هئا. نور محمد يا غلام شاهه تاجن تي ڪاهيو ۽ تاجن هارايو ۽

وڃي ڪانجي جي ڪوٽ ۾ ويٺو. غلام شاهه اتي به ڪو نه ڇڏيندس، پوءِ ڪانجي ۽ تاجن گڏجي مقابلو ڪيو پر هارايائون انهي لڙائي ۾ تاجن ماريو. ڪانجي ڪوٽ ميان غلام شاهه محرم 109هه ۾ فتح ڪيو.

• ميان گل محمد عباسي جوڌپوري (ميان عبدالنبي جي اولاد مان) ٻڌايو ته ناريجن ۽ زميندارن کان ميان غلام شاهه زمين خريد ڪري وقف ڪئي، انهي ايراضي ۾ ميان غلام شاهه جي قبي کان وٺي ميان سرفراز جي مزار تائين ۽ جهانيان وارو قبرستان جملي شامل.

## ميان نور محمد

تخت کان اڳ تڪليفون ڏٺائين. قلات ۾ پنهنجي ڀاءُ دائود سان گڏ قيد ۾ رهيو ان بعد والد طرفان سبي، ڍاڍر ملتان طرف موڪليو ويو ان کان سواءِ مرڪز طرفان سيوستان جو نائب فوجدار رهيو. هو ميان يار محمد جو وڏو پٽ هو. تخت نشيني جي رسم 11 محرم ( 13 نومبر 1819ع) _ 1130بعد دائود پوٽرن جي وڏندڙ وقار سببان لڙايون. ديري غازي خان جي جنگ ۾ خدمتن عيوض شهزادي محمد معز الدين وٽان کيس جاگير طورشڪارپور مليو.

مبارڪ خان دائوپوٽري 1132۾ محمد عارف خان کي جانشين بڻايو ميان نور محمد ساڳئي سال شڪارپور کي گهيرو ڪيو ۽ سپهه سالار مير شهداد خان جمادي الآخر 1132تائين جنگ جاري رکي. صلح 1138– 1840۾ ٿيو وري ميان محمد نور محمد خود چڙهائي ڪئي محمد صادق دائود پوٽرو پهريان خانپور ۾ وڃي ۾ ويٺو ان بعد درياءِ سنڌ جي دبلي بيٺ تي ميان نور محمد، مير شهداد خان کي چڙهائي موڪليو لڙائي ٿي ۽ نيٺ اچ جي سجاده نشينن دعوت ڏيئي دائود پوٽرن کي پاڻ وٽ گهرايو 1140 ۾ هو بيٺ دبلي کي ڇڏي ويا. هڪ روايت موجب سيد عبدالقادر شاهه ۽ نور بهار اچ مان گڏجي ميان نور محمد وٽ آيا هئا ۽ شايد صلح ٿيو جو دائود پوٽرن کي وٺي ويا.

- ميان يار محمد، شهزادي محمد معز الدين جي فوج جي مقابلي کان ڀڄي وڃي قلات ۾ پناهه ورتي اتي جو حاڪم مير محراب خان هو جنهن ميان ۽ سندس پٽن سان چڱو سلوڪ ڪيو پوءِ يار محمد سبي ۽ گنجابه جي نظامت ورتي ته خان قلات سندس خلاف ٿيو. خان سمندر خان، يار محمد جي پٽن محمد دائود ۽ نور محمد کي نظربند

رکيو مگر ساڻن سٺو ورتاءَ ڪيو.

- ميان نور محمد هاٿي ۽ نقد قلات جي خان عبدالله خان کي تحفي طور موڪليا جو عبدالله خان دائود پوٽرن خلاف ميان جو حامي هو. ميان ڪڇي ۽ گنجارا وٽڻ جي خيال ۾ رهيو تہ لڙائي ٿي ۽ عبدالله خان شهيد ٿيو ان بعد صلح 1145۾ ۽ ميان نور محمد جي پٽ محمد مراد ياب جي شادي عبدالله خان جي سؤٽ مير مراد علي خان جي نياڻي سان ٿي
- ميان نور محمد کي خدايار خان جو خطاب تخت تي ويهڻ سان مليو ويو هو. عبدالله خان کي شڪست ڏيڻ بعد کيس شاهي دربار مان ثابت جنگ جو خطاب ۽ پنج هزار منصب ۽ نوبت عطا ٿي.
- مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت 1145 ۾ ٿي جڏهن ميان نور محمد طاقت جي نشي ۾ هو.
- 1150 (1737ع) ۾ ٺٽي جو صوبو پڻ ميان نور محمد کي مليو ذوالقعده 1101 ۾ محمد مراد ياب کي ڏاراجہ جي راڻي اجمال خلاف چاڙهي موڪليائين.
- 1740ع ۾ نادر شاهہ جو سنڌ تي حملو نادر شاهہ 8رمضان 1054هہ تي سنڌ جي تسخير لاءِ ڪابل مان نڪتو. ميان صاحب خدا آباد ڇڏي عمر ڪوٽ روانو ٿيو. نادر 14 ذي القعده 1154هہ لاڙڪاڻي پهتو. اتان شهدادپور پهتو. اتي ميان نادر شاهہ کان معافي ورتي ۽ ڏن قبوليو. نادر شاهہ پوءِ محمد مراد اياب، عطر خان ۽ غلام شاهہ کي يرغمال طور ايران وٺي ويو. ان سان گڏ مير ڄام ننڍو کهاوڙ شيخ غلام محمد ۽ خيرو بہ گڏجي ويا، شيخ غلام محمد اڳ ٺٽي جو نواب هو. نادر شاهہ جي قتل بعد غلام شاهہ ۽ عطر خان پڄي نڪتا، هيرا جواهر ڪنيائون پهريان ڪاشان ويا ۽ اتان ڪرمان پهتان. اتان واٽ تي قرهہ باغ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ ڪامياب ٿيا. اتان بلوچستان جي اتر- اولهہ ڪڇ ۾ پهتا جتان پنهنجي اچڻ جو ميان نور محمد کي پيشگي اطلاع ڏنائون ۽ چيائون تہ محمد مراد ياب سمنڊ جي رستي سان پيو اچي. 1162هہ ۾ سنڌ پهتا.

## وصيت نامو

ميان نور محمد وصيت نامو تڏهن لکيو جو محمد مراد ياب اجا ايران مان واپس نہ آيو هو.

## ڪتب خانو

ميان صاحب وصيت نامي ۾ لکيو آهي تہ " از آمدن سفاڪ ناپاڪ برملڪ سنده ڪتب خانہ ورسالہ هاهمگي رفتند "(ظالم نادر شاهہ جي اچڻ سببان ڪتب خانو ۽ ٻيا ڪتاب هٿان ويا)

- ڪڪراله: 1107هہ ۾ ميان نور محمد شيخ شڪر الله، ڪي ڪڪرالہ خلاف موڪليو جنهن ۾ ڄام هوٿي کي نابود ڪري ٻئي ڄام کي گادي تي ويهاريو.
- ڏارجا: 1174هہ ۾ ميان نور محمد صاحبزادي خداد خان کي چاڙهي موڪليو جنهن راڻي جي قلعي تي قبضو ڪيو پر راڻو پڇي ويو ان کان اڳ ڪلهوڙن جي لشڪر کي شڪست آئي هئي جو هنن قبرون لتاڙيون ۽ مڪلي تي سيد عالي جي قبي کي مورچو بڻايو هو. راڻي ڪرمتين جي لشڪر سان حملو ڪيو. مسو خان نوتڪاڻي ٺٽي جو محافظ هو اهو معزول ٿيو ۽ ان غم ۾ وفات ڪيائين ۽ سندس قبر ٺٽي شهر کان ٻہ تي ميل اولهہ طرف ٺڪر تي سيد حسين( وفات 1066هہ) جي مقام ۾ آهي ۽ سال وفات 1158هہ لکيل آهي جعفر پٽري جي قبر هيٺ اولهہ طرف آهي ميان نور محمد ٺٽي کان اوير گجي واري طرف جي سيال جعفر ولد توڳاچي پٽري جي حوالي ڪئي، جنهن ظلم ڪيا جو چيائون تہ "پون پٽري جي اپ الله جو" انهي ڪري ئي ماڻهن جي مخالفت سببان ميان جي لشڪر کي شڪست آئي.
- توبون:بمبئي سيڪريٽريٽ جي پراڻن ڪاغذن مؤرخ 26جنوري 1767ع مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميان نور احمد ايسٽ انڊيا ڪمپني کان جملي 10 توبون خريد ڪيون هيون. 26فيبروري تي موڪليون ويون 21مارچ 1769ع جي ڪاغذن موجب ڏهہ توبون ٻيون خريد ڪيون ويون جيڪي ٺٽي پهتيون.
- از قلمي بياض مرقوم 1773ع تا 1190هہ
  - ذڪر نادر شاهہ بادشاهہ:درآخر ماهہ ذوقعده سنہ يڪهزار يڪصد

پنجاه دويم در موضوع لاڙڪاڻ رسيد۔ واقع 11 ماه محرم سنہ يڪهزار يڪصد پنجاه وسہ رواز ايران شد.

- ذڪر احمد شاه بادشاه سدوزئي: درسن يڪهزار يڪصدو شصت هفتم درماه ربيع الاول(روز) هز دهم در لوهري داخل شده در آخره ماه جميد الاول مراجعت ڪرد
- ذڪر غفران پناه مرحوم ميان نور محمد عباسي: در 1133ه بر مسند ڪامراني بعد از وفات ميان يار محمد نشست در 1167ه فوت شد. تاريخ 14 ماه رمضان 1110ه مير محمد اڪرم از طرف سرڪار ميان صاحب نور محمد درڪارداري لوهري مداخلت ڪرد ودرماه جماد الثاني....علي اڪبر خان قلعداد قلع بهڪر روان شاه جهان آباد شد.
- ميان محمد مرادياب خان بعد وفات ميان نور محمد خلف او ميان محمد مرادياب خان بجايش بر مسند سنده در 1167ه نشتہ ودر 1169ه درحين حيات او غفران پناه ميان غلام شاه برمسند مذڪوره نشتہ و اورا گرفتہ ودر ماه جمادي الاول 1188ه وفات يافت.
- ميان محمد سرفراز خان: وبجايش ميان محمد سرفراز خان برمسند ڪامراني نشستہ ذڪر ڪامراني ميان محمد خان عباسي: بتاريخ 26ماه ربيع الثاني 1190ه درحين حيات از ميان محمد سرفراز خان عباسي فقيران دستار صاحبي گرفتہ ميان محمد خان خلف مرحوم ميان غلام شاه خان عباسي برمسند ڪامراني نشانيدند ودست ودست منيع شدند.
- ذڪر ڪامراني ميان غلام نبي خان عباسي : بتاريخ 19٠ماه رجب 1190فقيران سرائي متفق شده ميان محمد خان را دؤر مڪان 'ڪهاه' گرفتہ نطر بند ڪردندو ميان صاحب ميان غلام نبي خان رادستار واليت داده

## • وفيات اعيان ڪلهوڙا و تالپوران

١۔ تاريخ انتقال ميان غلام شاه 1176ه

٢۔ مير بهرام خان ومير صوبدار(ڪ) بہ اشارتہ عرضي لڙڪ جنگيده شهيد شدند " سدا سڪندري شڪست "

٣۔ فوت راجہ ليڪي 1172ه

۴_ تعمير قلعہ مير ڳڙه(يعني مير بجار خان جيڪو قلعو ٺهرايو) تاريخ ڏنل ڪانهي

۵_ شهادت مير بجار از دست ڪفار... تاريخ ڏنل ڪانهي

٦_ شهادت غلام نبي ڪلهوڙو 1190ھ

۷_ آمدن مدد خان وغارت سند سال 1195ھ

۸_ شهادت مير عبدالله و مير فتح خان و مير مرزا خان بحڪم ميان عبدالنبي سال 1196ھ

۹_ قحط المشهور " دمبريده " وفرازعبدالنبي " امداد قدم بروي سال 1197ھ

۱۰_ وفات مير فتح علي فاتح سند سال 1217ھ

۱۱_ جنگ مير ٺهاره خان وشڪست آن سال 1217ھ

۱۲_ جنگ مياني مهرم 1259

- شاهہ بهارو: 22 اپريل 1955ع تي راقم ڪي دوست محترم شمس الدين ابڙي وڪيل(لاڙڪاڻو) جي ميزباني سان شاهہ بهاري جي قبي ڪي پهريون ڀيرو ڏسڻ جو موقعو مليو. شاهہ بهاري جو قبو لاڙڪاڻي شهر جي اتر- اوڀر طرف چيڙي تي، پراڻي گهاڙ واهہ جي ڀئي طرف آهي. اجا قبو سالم حالت ۾ بيٺل آهي. قبي جي چوٽ(يعني مولهہ) جي تصوير " ڪوزنس " پنهنجي ڪتاب ۾ ڏني آهي پر ٻيو ڪو بہ احوال اتي موجود ڪونهي. مجاورن وٽام معلوم ٿيو تہ شاهہ بهارو پاڙو شاهاڻي ذات جهنجهڻ هو. سندس عزيز اڄ ڏينهن تائين لاڙڪاڻي تعلقي ۾ ساميٽين جي ڳوٺ ۾ لڳ رهن ٿا. قبو وڏي گنبذ سان آهي دروازو اپرندي طرف ۽ دروازي جي هيٺان فارسي ۾ هيٺون ڪتبو لڳل آهي:

عجائب گنبذ در زير گردون
ثريا وار.... جمع گشت است (؟)
بود شاهہ بهارا صاحبش نام
کہ در دنيا بجز نيکي نہ کشت است
بهار است اين کہ گنبذ در تماشا
جهان گويد کہ اين خرم بهشت است
زتاريخش چو پر سيديم گفتند
هزار و يکصدو هشتاد وهشت است

وڏو گنبذ، اندر ڏهہ قبرون، در جي سامهون اپرندي کان الهندي پهرين قبر ڪنهن سيد جي نمبر 2 قبر شاهہ بهاري جي باقي بيون قبرون شاهہ بهاري جي عزيزن يا اولاد جون آهن. اندر گنبذ ۾ الهندي طرف مصلي مٿان هيٺيون ڪتبو:

گنبذ شاهہ بهارا چہ زهي نيڪ سرشت — خادمش بهوت ز تاريخ عمارت پر سيد
ڪاتب از جود وصفائش همہ بر لوح نوشت — هائقش گفت ڪہ وهيشڪ محسود بهشت

سنہ 1188هہ

- تاريخ 18اپريل 1955ع تي ميان شاهل محمد جي قبي ۽ ڳوٺ کي ڏسڻ، گهاڙ واهہ تي، تعلقو قنبر، ڏتل ابڙي جي ڳوٺ لڳ ميل ۾ فقير مجاور مليو چيائين تہ ميان نور محمد چار قبا نهرايا: ميان الياس محمد جو ميان شاهل محمد جو ميان يار محمد جو ۽ ميان نصير محمد جو. ميان شاهل محمد جي قبي جي اوپر طرف قبو چاڪر کهاوڙ جو جيڪو مريد هو ميان شاهل محمد جو. چيائين تہ شاهہ بهاري جو اصل ڳوٺ عاقل لڳ سپهہ سالار هو ميان نور محمد جا هت بہ بيا سپهہ سالار هئا: هڪ خيرو ڳچل رتي ديري تعلقي ۾ ۽ بيو بيڙو چانڊيو.

خيري ۽ بيڙي واهہ ڪٽايا: خيري جي ڪور ۽ بيڙي جي ڪور بئي رتي ديري تعلقي ۾ سندن نالي سان مشهور. ميل فقير چيو تہ: واهہ گهٽو ڪري ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاهہ جي حڪومت ۾ ڪٽايا ويا. نورنگ، نور محمد جو فقير هو، جنهن نورنگ واهہ ڪٽايو. نور واهہ ميان نور محمد جي حڪم سان کنيو ويو ۽ سندس نالو پيو اهي بئي واهہ قنبر تعلقي ۾ آهن. رنجيت سنگهہ وٽ نور محمد لک رپيا امانت طور رکيا هئا. قلات جي خان ميان نور محمد جي اولاد مان ڪنهن کي حاجي پور، ضلعي ديري غازي خان ۾ جاگير ڏني راجنپور ۾ ميان جي والاد جي جاگير جو دنگ، راجنپور کان 10 ڪوهہ پري حاجي پور جتي ميان غلام شاهہ هاڻي (18- اپريل 1955ع) گادي نشين آهي- عمر 30_35 ورهيہ.

- ميان نور محمد جي قبي جي ٻاهران ڪتبا لڳل مگر ڪتبا وارن پٿرن کي صحيح نموني ۾ نہ رکيو ويو باوجود انهيءَ مشڪل جي راقم اهو ڪتبہ درست ڪري پڙهيو ۽ 'ديوان صابر' ۾ شايع ڪيو. صحيح پڙهڻي اتي ڏسڻ گهرجي.
- ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مقبري اندر ڏکڻ طرف ديوار تي ڪتبو

آهي جيڪو راقم اڳ پڙهيو ۾ 18 سنڌي ادبي ڪانفرنس (31 مئي 1958ع) تي پنهنجي خطبہ استقباليہ ۾ شايع ڪيو.

- جسوتڻ آڳرو: تحفة الڪرام ۾ ذڪر لاءِ ڏسو "راڻو آڳرو" راقم کي اڳ اهو خيال هو تہ ان جي گادي ڏوري لوهاڻي جي ڪناري ڳوٺ شهبيگ مري لڳ هئي پر امام علي فقير نوح پوٽي کان (1965ع) روايت ملي جنهن موجب آڳري جي گادي وارو قديم شهر غالباً (شهداد پور کان ڏکڻ) قبي جغان لڳ هو. اتي پٽون ۾ پڻ هڪ پڪ سري ڦٽل جاءِ- ڏورو بہ ان سان لڳو لڳ آهي. روايت موجب "اَحدِي ۾ اڳرو حاڪم هئا. اَحدي جي مسجد جا نشان قبي جغان لڳ: پوءِ اَحدي کي پاراتو تہ:

"نڪو هوندو احدي، نڪو هوندو آڳرو، نڪو واهڙ وهندو."

تي سگهي ٿو تہ"اَحدي آڳرو" صحيح هجي، حالانڪ آڳرو نالو پڻ مشهور آهي ڳوٺ 'اڳرو راهو' موجود آهي.

- ڪلهوڙن جي دؤر جي خاتمي تي فاضل شاهہ تاريخي بيت چيو. حسن علي خان مرحوم وينل ڳوٺ گل محمد پتافي (تعلقو مير پور ماٿيلو) وٽ ڪيل ڪچهري (7 مارچ 1969ع) ۾ ڪريم بخش سخيجي مهر. فاضل شاهہ جو اهو بيت ٻڌايو:

سَما، سَهتا، سومرا، هت سيئي هيڙا سروان
ڦَلَ وڏائون ماڪا آيا چَنا منجهہ چؤگان
پَنوَر پَساري، ڏَوَر ڏَٽي، هامَگ ماڇي مستان
ڦرن فاضل شاهہ چئي چڳڍي جا فرمان
دودائي ناهڙ جا ها در مٿي دربان
ڪلهوڙو ڪيڏي ويو جنهن جا هي ٿي هنڌ مڪان
پوءِ رکج ميان جوانَ، ڪج ڪو ترس تَبار جو.

پهرين سٽ ۾ سما، سهتا ۽ سومرا تئي جدا جدا قبيلا ۽ حڪمران ڪري ڳڻيل آهن. ٻيءَ سٽ ۾ چنن جي ٻن قبيلن ڦل وڏن (يا وَڏن) ۽ ماڪن جو ذڪر آهي ٽين سٽ ۾ پنور مان مراد پنهور آهي. پساري يعني پساري پيا. ڏيک ويک ڪيائون. ڏَوَر ڏٽي شايد 'ڏرتي ڏٽي' پر ڏَور ڪنهن شهر يا پاڳي جو نالو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ هت 'ڏَرَ ڏٽي' وارو خطاب پنهورن توڙي ماڇن سان لڳي سگهي ٿو. چوٿينءَ سٽ ۾ 'چڳڍي جا' يعني پناڻ جا اصل

لفظ 'چَغتہ' آهي. دودائي (هوت بلوچ) ۽ ناهڙ ملتان جا حڪمران ٿيا. آخري ست ۾ 'تبا جو' يعني خالق اڪبر جو.

وڏيري علي مراد ٻري مرحوم سان لس ٻيلي جي شهر اٿل ۾ تاريخ 6 جولاءِ 1969ع تي رهاڻ تي چيائين تہ: "ڪلهوڙن مان ماڻهو ڪڪ هئا. اڳ جو هڪ بيت آهي، جنهن ۾ ائين اميد ڪيل تہ ڪلهوڙا ٻيهر بادشاهہ نہ ٿين:

ويئي ڙي ويئي، پاچا هي پنهوار جي
ڪنهن يت ڪلهوڙي جي اچي پڙ پيئي
پر ٻيهر (سي) ٻيهي، نہ ڪندا صاحبي سنڌ جي.

پنهور يعني پنهور جيڪي سامتاڻي (دادو ضلعو) جا والي هئا، جن کان يار محمد ڪلهوڙي حڪمراني کسي.

## ٽالپر مير

- مير بجار خان حج تي ويل هو. اهو موتيو تہ ڪلهوڙن کي اڏڪو ٿيو:

"جڏهن ڏُريو ڏٺائين، تڏهن تي ڪُر ٻُر ڪلهوڙن ۾."

ميين شاهہ عنايت جي پوٽي قطب شاهہ دعا طور مير بجار جي اچڻ بابت بيت چيو تہ:

ڪاٽو سو قلات مان آيو ڪي ايندو
وجهي جار جٽن کي نهوڙي نيندو
پوءِ هميشہ هوندو تيلو ٽالپرن جو.

'جٽن' کي يعني 'چٽ سراين' (سرائڪي ڳالهائيندڙ ڪلهوڙن حڪمرانن) کي.

- مير شهداد خان کي شهدادپور واري ايراضي جاگير ۾ ملي، جنهن سان ٽالپرن جي طاقت جو پايو پيو. مارڪ واهہ جيڪو ڪرين(تعلقي هالا) کان درياءَ مان نڪرندو هو سو جڻ هڪ ڦاٽ هو ۽ ججهو پاڻي آڻيندو هو. ٻيڙين ذريعي آمد رفت ۽ واپار جو ذريعو هو. مير شهداد خان مارڪ جي پوڇڙي وٽان ان کي اڳتي وڌايو. اهو نئون واهہ شهدادپو وٽان اڳتي ويندي جهول کان بہ اڳتي ويو ان جو نالو شاهو واهہ ٿيو جو مير شاهو خان جي سربراهي ۾ ڪٽايو ويو. ان مان ٻيا واهہ کوٽايا ويا(شهدادپور کي ويجهو) راڄ واهہ ۽ جام واهہ ڏکڻ طرف نڪتا جن مان راڄ واهہ تي

شهدادپور شهر ٻڌو ويو ڪبي پاسي بهرام واهه مير بهرام خان کڻايو ۽ پيو شهداد واهه نڪتو جيڪو جهول جي شهر تائين ويو. مير بجار خان جهول جي اوريان شاهو واهه مان بجر ونجهي کوٽائي اهڙي طرح مير شهداد خان واري جاگير جي باراني زمين آباد ٿي ۽ وڏي خوشحالي سندن طاقت جو ذريعو بڻي. دادو وارو ڪاڇو آزادي لاءِ لڙندڙ ماڻهن جي جاءِ پناهه هو. ڪلهوڙن جو عروج به ڪاڇي مان ٿيو ٽالپر گهراڻي جي مير ماڻڪ خان جي پهرين بيٺڪ به هن علائقي جي ڳوٺ " ٻرگهه بالا " (تعلقي جوهي) ۾ هئي. صوبيدار بن مير هوتڪ جو مقبرو ميان نصير محمد جي مقام ۾ آهي. مير هوتڪ بن سليمان عرف ڪڪو مير ماڻڪ بن سليمان عرف ڪڪو مير الهيار ۽ مير چٽي خان جا قبا ٻرگهه بالا لڳ موجود آهن. مري ٽنڊي آدم وارا به اصل هن علائقي ۾ رهيا. اهو ٽنڊو آدم خان مري آباد ڪيو. حاجي مري جنهن جو قبضو ڪاڇي ۾ آهي سو سندس وڏن مان هو. مير ماڻڪ خان وارا پوءِ اچي ساماري تعلقي ۾ ليلان جي لهور واري دڙي وٽ ويٺا. پوءِ ميرپور(پراڻي) ۾ آيا. مير الهيار خان ۽ مير نارو خان ٻئي اتي فقير عبدالرحيم گرهوڙي وٽ پڙهيا. فارسي جا وڏا ڄاڻو هئا. مير الهيار خان ٽنڊو الهيار ٻڌايو هو. فارسي جو صاحب ديوان شاعر هو جنهن مان سندس هڪ شعر جي مصرع ته:

"اي الهيار بساط غم ڪني کي آرزو"

- ٽالپرن اميرن جو سجعون(سجع معنيٰ فارسيءَ ۾ منظوم فقرو يا مصرع جنهن ۾ ماڻهوءَ جو نالو هجي، پر ان مان بي معنيٰ به نڪري):
- فتح علي خان: "داد نصرت خدا به فتح علي به مدد گار نبي و علي"
- غلام علي: "ناصر من بود نبي و ولي، منم ازجان ودل غلام علي"
- ڪرم علي: "بحق حضرت نبي وڪريم ڪرد بامن ڪرم علي عظيم"
- مراد علي:"ڪرد بامن ڪرم علي ولي- بنده مصطفيٰ مراد علي"
- "بحق حضرت نبي و ولي- يافته ازحق همه مراد علي"
- نور محمد "زنور محمد جهان روشن است "
- محمد نصير خان ١- "علي و حسين و حسن دستگير - خدا يار و يارو محمد نصير" ٢- "سزد گر نهد بر ثريا سرير ڪسي راڪه باشد محمد نصير"
- صوبيدار: ظل احمد تاج فرق صوبيدار" (۽) صوبيدارجهان ز فتح علي"

- شهداد خان: ”خاڪپائي مصطفيٰ و مرتضيٰ شهداد خان“
- حسين علي: ”کرد روشن ز فيض لم يزل- آفتاب جهان حسين علي“
- حسن علي: ”آسوده برسرير امارت بہ خوش دلي- فخرالملوڪ ظل العيٰ حسن علي“
- عباس علي: ”يا حضرت عباس علي ادرڪني“
- محمد علي: ”چم غم چُو شفيعم محمد علي“
- سهراب خان: ”سخي و ولي مير سهراب خان“
- امام بخش: ”يا رب گناه ما بہ طفيل امام بخش“
- فيض محمد: ”مرا داد بخش ياري کرد- بحق فيض محمد مرادم داد“
- علي نواز. ١- ”از آفتاب فيض محمد علي نواز“ ٢- ”يا رب بحق احمد و زهرا علي نواز“

- اهو سنڌ جي ميرن جو وڏو ڪارنامو هو جو ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ جا جيڪي علائقا ٻين جي قبضي ۾ ڏنا ويا هئا سي زور سان واپس سنڌ ۾ آندائون نہ فقط ايترو پر سنڌ جون سرحدون اتر ۽ ڏکڻ - اوڀر طرف وڌايائون. خليفو محمد هاشم راهومو وڏو سگهڙ ۽ سالڪ هو. ملاڪاتيار جي بزرگ جو مريد هو. ساڻس چاچڙي طرف عيداڻي ۾، محمد رحيم راهومي جي دعوت تي ڪچهري ٿي. چيائين تہ اسان کي پنهنجن وڏن کان وني خبر آهي تہ ميرن سنڌ جي سرحد وڌائي ۽ اها موجوده سرحد کان اڳتي هئي پر انگريزن اهي علائقا جوڌپور جي راجا کي ڏئي ڇڏيا هئا، چيائين تہ ميرن جي دؤر ۾ سنڌ جي حد بالوترا تائين هئي. اتي هڪ کوهہ نشان طور موجود آهي، جيڪو مير سلطان خان کٽايو. نالو لڳل آهي. ڇهوتڻ جبل ۽ سڄو تعلقو سنڌ جو هو ۽ اتي شادي خان کوسو ميرن جو جرنيل هو. شيرو پٽ لکمڻ پٽ احمد احمداڻي (مٺي ديٺي جي اولاد ۾) راهومو، ڏوڏُو ڳوٺ، نيڙ ۾ ميرن ٽالپرن جو مختيارڪار هو. نَيڙ سڄي سندس اختيار ۾ هئي. لوٺي ندي وارو پيٽ، تعلقو سانچور، ڪنني کان ايرندر- ٻاڪاسر کان ايرندي گنگاسر کان بہ اوير اهو سڄو ملڪ شيرو احمداڻي سنڀاليو. پارڪر جي پرياڻ اوير ۾ ٿَرادِ ۽ ٿيڙُاتي جو ڏونگر.

- ٽالپرن جي باهمت آفيسرن سنڌ جي اوير توڙي ڏکڻ واري سرحد کي پڪو ڪري پنهنجا ٿاڻا قائم ڪيا. انگريزن سنڌ جون ميرن واريون

اڳيون حدون هٽايون، ائين جو ’ٻڏي ٻائري‘ وٽ سنڌ، جوڌپور ۽ جيسلمير جون حدون اچي مليون. ان کان اڳ (ٻاهڙ مير جي حد ۾) ’ٻڏي ٻائري‘ کان ڏکڻ- اوڀر رامسر جي ڏونگري تائين ۽ اتان ڏکڻ - اوڀر ڇهوٽڻ جي جبل تان ۽ اتان اوڀر ’ڏوري مَنُو‘ جبل تائين سنڌ جي حد هئي. ’ڏوري مَنُو‘ جبل کان (ضلعي جالور جي موجوده حد ۾) سڌو ڏکڻ ’پورل جو منارو‘ اتي ميرن جو ٿاڻو هو ۽ بعضي مير پاڻ اچي رهندا هئا. اتان (ٿَراڏ جي حد ۾) سڌو اولهندي ’ڪونيت بيٽ‘ وٽ ته دنگي هئي جتي پالهڻپور، جوڌپور ۽ سنڌ جون حدون ملنديون هيون. سئي گام اتان ڏکڻ هو. سئي گام کان سر الهندي (هاڻي ڪڇ جي حد) رڻ جي پرين ڪنڌي لڳ سنڌ جي سرحد هئي. ڪانجي ڪوٽ ۽ وگهه ڪوٽ گهٽو اوريان اچي ٿي ويا.

- ٽالپرن جنگ جي ميدان لاءِ بلوچن سپاهين کي ترجيح ڏني، پر انتظام لاءِ سنڌ جي سيني قبيلن مان ’عام مختيار گورنر مقرر ڪيا ويا جن جو ميرن وٽ سيني کان وڏو قدر هو. اتر- اوڀر طرف ٿر ۾ ناريجا، راهوما، راجڙ، ٻانڀڻ، ٻنيرا ۽ ٻيا سندن اعتبار وارا اڳواڻ هئا.
- ٽالپورن ڏکڻ طرف سنڌ جي ٿر واري سرحد جي حفاظت لاءِ اتي کوسن کي وسايو. لڏاٽي، گهمٽائي ۽ ٻليلاٽي کوسا ۽ ٻيا چانڊيا جوڌپور واري سرحد سنڀاليندا هئا. ڏاڪٽي سرحد تي مشهور کوسا ”پارڪر“ جا- ننگر کان 14 ميل اوڀر طرف ويرا واءِ جو شهر انهيءَ ڪري ”ويرا واهه جا کوسا“ ويرا واهه وٽ وڏو ”سانگاهه“ (يعني پاڻيءَ جي چر) جتي ”پونجاٽي“ سوڍا رهندا هئا. فقيرن ٻلالاڻين جون مينهون تڙيائون جنهن تي فقير چيو ته:

> ١- سو سانگاهه ئي سڪي ويو جنهن تي پونجاٽي پرن
> ڪٽت ڪٽائين ڪونڪو پيا ٻڪ مرن
> روبو روبو چون، ته ٿيو پٽ پارڪر
> ٢- پٽيل پارڪر تي پکي ٿا پون
> روبو روبو چون، ته ٿيو پٽ پارڪر

کوسن ۾ شادي خان ۽ پارو خان مشهور ٿيا. شادي خان وڏو جنگي جوان ۽ ڏاڍو مڙس هو. چيائون ته: ”سو ڏونگر ڪيئن ڏهڪي، جنهن ۾ کوسو شادي خان“.

- اچڙي ٽَر طرف ڪيل ڪچهرين مان معلوم ٿيو تہ راڄڙن مان ميرن جا عام مختيار ۽ سپهہ سالار هئا ۽ انهن جون حيدرآباد ۾ اوطاقون هيون. جن تي جنگ لاءِ لشڪر جي ذميواري هئي، تن لاءِ حيدرآباد م اوطاق رکڻ ضروري هئي.
- شادي خان پٽ عزت خان گُهمٽائي ڪوسو ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌ جي طرفان ڇَهوٽَڻ واري علائقي جو سردار هو. انگريزن سنڌ تي قبضي بعد سنڌ جي طرفدارن عملدارن، سردارن ۽ بين ماڻهن کي جيڪي پيش نہ پيا تن کي لتاڙڻ شروع ڪيو تہ آڻ مڃين. ڇَهوٽَڻ جو حاڪم شادي خان انگريزن جي آڻ نہ مڃي ۽ وڙهيو تان جو شهيد ٿيو. سندس قبر 'چولهي جي ڏونگري' تي آهي. اتي جي ماڻهن اها قبر وڏي ۽ ڏکهي ڪري ناهي تہ جيئن يادگار رهي.

شادي خان بن ٽن مقابلن ۾ انگريزن جي پلٽڻ کي هٽايو هڪڙي ۾ ڪلڪتي جي فوجي لڪڙ سنگهہ (؟) کي ماريائين. ان بابت بيت تہ:

- هاتڪ هُتي ئي ڏنس پاريسيءَ ۾ پار
تہ لڪڙ سنگهہ اٿئي لاڏڪو ڪلڪتي جو ڪمدار
هٽين هوند هٿيار، تہ هڪڙا سٽن ٻيا سکن گهٽو
- اتي ڪوسي ڪڙڳ ڪڙو ڪيو. تابش گهٽي تاءِ
لنگهائيندي لڪڙسنگهہ کي، ڪيائين پالڪي پرزا
سپر ڏنائين ساهہ، پر دست چڙهيو هو ديو جي.

شادي خان جي جنگ ۽ شهادت تي ان وقت جو مشهور بيت تہ:

پاراٽي پُر ٿيو ڪارونجهر ڪُهتان
ڪوسي شادي خان جا وهنت چوان ويران
هي ڪم ڪميتن جا هٽڪن ٿا حيوان
ڇُتيون ڇَلوُن ڇَهوٽَڻ سين هئا اصل جا انجام
ڪڍين ڪسونبا ڪوڏ سانُ پيين ڏوتن ۾ دستان
ڏونگر چو تو ڏهڪين، تر ۾ ڪوسو شادي خان
ساما، سمجهين ڪينڪين، هئا سالو سُرت سبحان
مردن پنهنجي مان لاءِ ڪيهرن جهليا ڪان.

سامسنگ نڪر ۾ شادي خان سان هو پر پڇي آيو بيو گنگارام واٽيو هنن جو مددي هو سو مارجي ويو.

چاچري تعلقي ۾ ’جيسي پار‘ تي ڪيل ڪچهري (29 سيپٽمبر 1978ع) ۾ راقم کي ٻن منگتن جون شادي خان جي شان ۾ ڪيل ساراهيون مليون.

فضل فقير ۽ ڪيتو فقير ڏاڏي مگڻهار ٻئي ڇهوٽڻ جا. تن شادي خان کي ڳايو ته:

گهم سوڙان گهوڙان، جوڙ سجوڙان، توڙ و ڪاٽا تازي
هيمرِ والا هِين سجارِي رب جني پر راضي
اِل پر ٻَر ڏِل پر نهين ڪو ايسا-سِبُو سادي خان جيسا
-
چار بندوقان چار گلولئي، جهٽ پٽ توپي چاڙهئي
نا ٻچو ڪِو نڪا ڪراوي، پنجوي هرٽان پاڙئي (ڪيرائي)
اِل پر ٻَر ڏِل پر نهين ڪو ايسا-سِبُو سادي خان جيسا
-
ٽُري جا ڪوڙا ڪسيا، فَرگٽ گهوڙا ڦيري
ڪِ لنگر تازي، لوڏ لُٽاري هرڻ هزاران هيري
اِل پر ٻَر ڏِل پر نهين ڪو ايسا-سِبُو سادي خان جيسا
-
(ڪوڙا ڪسيا يعني تنگ ڪشيو)
گهمٽائِي گهوڙان پِڙان فضل نہ آوي ڦير
اڙٻنگ عزت خان رو سادي بنڪو سير
سادي ري سمير، پادشاهان لگِ پِر گهِڙي
ٻيهي باهڙ مير، جو ڏاٽو جَرَ ڪا ڪري
(لگِ = وٽ، پِر گهڙي= مشهور. ٻيهي= ٻجي- جرڪا ڪري= ڏڪي پيو)

ڪيتي فقير شادي خان کي ڳايو ته:
چليو هي ڇهوٽڻ جا، وِڏ وڏ ڪر واڪاڻ
ڏونگر چو تو ڏهڪين، تو ۾ ڪوسو شادي خان

---

آوَل نامُ علي شير - جي سين نبيِ اڏبَ مير

سَسِيهل آپ ڏرتي سور
مڙدان وڏا هي مذڪور
مڙدان وڏا هي ايمان
جنگان شادي خان ڪرئے خان
سادي سوڙ ڏي تلوار
تہ لاکان فوج سگ لڙوار
چلو انگريچ ڪے ڏيرے
تہ تهدل ڪري تيڙايا گهرايا
تہ ٻهہ ٻِل ٻلوچان ڪا ٻول
گاڏا عمل گلايا (گاڏا=گهٽو)
پهلوان پلايا
رنگ تُجهہ ڪيتيا مگڻهار
جے سون پوڇهيا جباب
رنگ تجهہ يعني توکي رنگ هجي، شاباس هجي!

”اِل پر، ڏِل پر“ انهن مگڻهارن فقيرن جي ساراهہ جو اصطلاح هو يعني اهڙو ٻيو ڪو ثاني. فوجي فقير ڊاڍي مگڻهار بهاولپور جي نواب صبح صادق جي ساراهہ ڪئي جنهن ۾ چيائين تہ:

طبل سارنگي، لال ڪچهري، ٻَن وَن ٻاوَن گاوي
صبح صادق مير محمد گڻ اِڻ فوجو گاوي.

- حڪومت جو نظام

وڏن بوزدارن ۾ 8 جنوري 1990ع تي رئيس حسين بخش خان بوزدار وٽ ڪچهري ٿي. وڏو منصف مزاج ۽ منتظم هو. ٻيا ويٺل ماستر جمعو خان بوزدار، ماستر شاهہ بخش مگڻهار ۽ ماستر صوفي قربان علي ٽيئي رٽائرڊ استاد ۽ با خبر. خيرپور رياست ۾ ميرن جي وقت ۾ نظام بابت چيائون تہ خاص انتظام وارا آفيسر هي هئا: 1. ڪاردار= ڊپٽي ڪليڪٽر جي برابر 2. سجاول ڪار: فصل جي نگهباني، ميرن صاحبن جي ٽين پتي (عارضي فصل تائين) 3. سوار: سجاول ڪار جي هيٺان 4. ديرن تي ڪاراوا. 5. سوارن جي هيٺان واهِي: 6. ڪاراون جي هيٺان. ٻٽئي لاءِ ’ڏوڙوائي‘ ان پرڻ وارا. انُ ڪَرين ۾ هڪ جاءِ گڏ ٿيندو هو. (ڪري جمع ڪِريون) سرڪاري پتي پٽواري

جي حوالي ٿيندي هئي. ٻيا ’ڪوتوار‘ هئا، جن کي زميندارن طرفان فصل لهڻ وقت ست اٺ ڳوٺيون ان جون ملنديون هيون. ڪوهن تي ٻٽئي ڪانه هوندي هئي جو سڄو خرچ ڪاتيدار پاڻ ڪندو هو. واهن ۽ ڪڙين جي لاءِ ڪاٽي جي ڇيڙ هئي. اٿر وارا زميندار ٺيڪيدار هئا. نارن موجب ڇيڙ هڪ نار ڇئن سون جريبن جي ايراضي هئي. ڪاٽي ڪٽڻ لاءِ ماڻهو مقرر هوندا هئا، پر ان ڇيڙ جو معاوضو ملندو هو. شڪار لاءِ ڇيڙ جو معاوضو ڪونه ملندو هو.

ميرن وٽ نوڪرن جي عزت هئي ۽ زميندارن جي به عزت هئي. چڱن زميندارن کي ’سيري‘ جا پنج ايڪڙ معاف هئا. ميرن جي ’نجي‘ زمين تي ڇيڙ ڪانه هوندي هئي. پاڻ کي جاگير ڪين ڏيندا هئا. سئوٽن، عزيزن ۽ ٻين ماڻهن کي جاگيرون ڏيندا هئا، بلوچن کي توڙي ٻين کي جيئن ته تعلقي فيض گنج ۾ ٻانيٽن کي، ناري ڄُبي تپي ۾ راڄڙن، ڳاهن ۽ پنيرن کي، ڪوٽ ڏيجي ۾ سرائي پياري خان خاصخيلي کي ۽ تعلقي ميرواهه ۾ سرائي يار محمد خاصخيلي کي.

مير صاحب چڙهندو هو ۽ ڪٿي اچڻ وارو هوندو هو ته پڙهو ڏيندا هئا. ساڻن گڏ جيڪي سپاهي چڙهندا هئا، تن کي مير صاحب جو ’اُرد‘ چوندا هئا ۽ ان ۾ شامل ’اُردائي‘

خانداني درجي ڪان سواءِ نوڪري نه ملندي هئي. آخوند جو پٽ آخوند، قاضي جو پٽ قاضي. خيرپور جا شاهاڻي ۽ هالاڻي جا سادات تن جي وڏي عزت هئي. اهل بيت ۽ فقراءَ جي به گهڻي عزت هئي. پيرن تي ڇيڙ معاف هئي.

ملڪ جي حفاظت لاءِ ميرواهه جي اوپر، غير آباد زمين تي جنگجو بلوچ لاشاري آباد ڪيائون. چوري ڪانه هئي ۽ مال گور چرندو هو. جيل هو ئي ڪونه ۽ پوليس ڪانه هئي. (مير علي مراد خان جي وقت تائين) وڏا چور به رياست ۾ نه ٽپندا هئا. انگريزن جي حد ۾ هر جڳهه چوري هئي.

امين (زميندار ۽ ٻيا چڱا مڙس) مقرر هوندا هئا، جيڪي فيصلو ڪندا هئا. ميرن جي دؤر ۾ ڪنهن تي حملو ڪونه ٿيو.

- **ميرن جي برداشت ۽ فراخدلي**

ميرن جي برداشت ۽ فراخدلي مثالي هئي ته جيئن ماڻهن ۾ همت حوصلو خودداري ۽ بيباڪي جو جذبو قائم رهي.

(۱) شادمان خان نظاماڻي، مير علي مراد خان ٽالپر جي ڪچهري ۾ ويجي ويهندو هو ته هميشه گوڏو کوڙي ترار جي ڪرڙيي (مُنيي) ۾ هٿ وجهي ويهندو هو. سندس اها روش مير علي مراد کي ناپسند هئي. هڪ دفعي چيائينس ته: ”شادمان خان! مئين ڦَڪ چوڙِبَسِڙِن“ جواب ڏنائين ته: ”مئن ٽڦلا ڪِونهين آن جو سرڪار ڦَڪ وچ صندلي تي ٻهسي“ معنيٰ ته آءٌ به زهر قاتل آهيان (صندُلي يعني ڪموڊ)

- مير عبدالله بن مير غلام حسين بن مير بجار خان پنهنجي (پيءُ جي سؤٽ) چاچي مير فتح علي خان کي چيو ته: چاچا پڳ مون کي ڏي مير ڪنڌ نوائي چيس ته ”اَبا اَجها“ـ پانيائين ته حياءُ ڪندو مگر عبد الله پڳ لاهڻ لاءِ هٿ وڌايا. تڏهن مير فتح علي خان هڪ هٿ سان سندس ٻانهن مروٽي ٻئي سان تلوار ڪڍي چيس ته“ اَبا اها ائين ڪانه لهندي، هن سان لهندي آهي.“
- مير محمود خان بن مير بهرام خان نظاماڻين جي ڏوهٽاڻ هو. مير فتح علي خان ۽ ٻين ٽن ڀائرن جي چؤياري جو والد مير صوبدار خان جيسلمير جي راجا جي ڌيءُ پرڻيو. مير بجار خان ٽالپرياڻي ڏاڏي- پوٽيءَ مان هو ان ٻيبي وڏي عمر ڀاتي سئو کان مٿي. مياڻي جي جنگ هارجي وئي. ان وقت ڪنَ چيس ته تون ميدان تي هل ۽ هلي سر ڏي ته اسان انگريزن تي دعوا داخل ڪيون ته هنن اسان جا وڏا ماريا آهن چيائين ته:”ابا هَاٽي ستي ڪهڙو ڏاگهه چڙهنديا!“
- نمريو فقير مگريو شاعر هو ۽ جاني سندس ڀاءُ هو تڙ ڪاٽل (تعلقو روهڙي) جا وينل هئا. ڪو ڪوري نمري فقير وارن وٽ ويٺل هو سو پڌجي ويو جاني کي موڪليائين ته مير صاحب وٽ وڃ. جاني ويجي ته هڪ منگي ذات جو شاعر وينو مير سهراب جي صفت ۾ بيت چوي هو چيڙا ڇڏائڻ آيو هو جاني کي جَذبو اچي ويو سو چيائين ته:

تون ٿو سانئر سڏائين، توکي برج ناهي بيت جو
نالا محمد مير جا پٽو نينگن تي ناهين،
ٿو چيڙا ڇڏائين، سچو ڪري سهراب کي.

منگي چيس ته: جاهل آهين توکي ڇا چئجي! تنهن تي جاني وراڻيو ته:

جاهل سان جاني چئي هاٺي ڪر جواب
اهو ڪڏ ڪتاب جنهن ۾ سچو ڪيئي سهراب کي

نوڪر اٿيا پر مير صاحب: منع ڪئي ته نه ڇئوس، پڇيائينس ته: نمربي فقير جو ڇا ٿئين؟ جواب ڏنائين ته:

جتؤن نهو نمريي، اُتائين جاني.

مير صاحب حڪم ڪيو ته: ”ڪوري کي آزاد ڪريو. نمريو فقير شاعر آهي، پر هن به اج شاعري ڪئي آهي“ پوئين سٽ ۾ نهو معنيٰ بڻ، يعني جنهن پريءِ مان نمرو پيدا ٿيو جاني بن ان مان.

موتيرام ساهتي طرف جو مير علي مراد کي پسند آيو. ڪيس چيائين ته اسان جو مختيارڪار ٿي. موتيرام چيو ته: بادشاهن جا نرالا خيال آهن آءٌ خوش آهيان، متان نوڪري کان پوءِ ڪانامهري ٿئي مير صاحب چيو ته: موتيرام توتي ڪوبه حرف ڪونه ايندو پوءِ مير کي چورياڻون ۾ آٽي انهيءَ ڳالهه تي بيهارياڻون جو مير بنا پڇڻ جي موتيرام کي ڪوٽ تي چاڙهي ڇڏيو. موتيرام وڏي صوفي عبدالستار جهوڪ واري جو مريد هو سو مير صاحب وٽ چڙهي آيو. مير صاحب موتيرام کي گهرايو. آيو ته فقير صاحب کي چيائين ته بندي جو اول عرض ٻڌو. مير صاحب اجازت ڏني موتيرام چيو ته:

موتيرام جي ميار متان ڏيو ڪا مير کي،
سسئي چيو هو سرتين کي هلندي مهل هيڪار
متان ڪا پيهار ٻول ٻاروچي وسهي.

- مير صاحب ٻڌي ڪاوڙبو ڪونه پر انعام اڪرام ڏنائين ۽ چيائين ته: سرڪار تي موتيرام جي ميار لڳي.
- مير فيض محمد زمين جو ٽڪرو جاگير ڪري ڏنو. عبد المجيد مير بحر کي، پر اتي الله اوڀايو رند هن کي ويجهو ئي اچڻ نه پيو ڏئي آخر مير فيض محمد پاڻ چڙهي آيو ۽ پڇيائين ته:”رند ڪٿان اي“؟ رند چيو ته:”غير آباد دي طرفون ڪڙايان“ (يعني مير صاحب جي انهيءَ اک واري پاسي جتان ديد ڪانه ٿي پيس ان پاسي بينو آهيان) مير صاحب ٻڌي کلي ڏنو ۽ پنهنجي ماٺهو الله اوڀائي کي چيائين:”الله اوڀايا! بلوچ پڙهي- ڇوڙوا مجيد ڪون ٻئي پاسي زمين ڏيسون“ (پڙهي= وڏو سياڻو آهي)
- مير صاحب کي چيائون ته لئي جي ڪاٺي جو ڏنڊڻ نه ڏيو. پڇيائين ته

چوڻ؟ چيائون تہ عقل ويندو هليو. مير صاحب چيو تہ: ’عقل هوسي تہ وبسي، نہ هوسي تہ ڪيون وبسي‘ ائين چئي ڏندڻ ڏنائين.

- ڪو شر (ہروچ) ہہ مينهون ڪاهيون پئي ويو. آڏو مير صاحب چڙهيو پئي آيو. شر عرض ڪيو تہ: غريب آهيان مينهون مري ويون باقي ہہ بچيون آهن دعا ڪريو. مير صاحب چيو تہ: ’ڏٽي توکي بخشي ڏيندو‘ ايتري ۾ پاڳيا اچي پهتا ۽ دانهون ڪيائون تہ مينهون اسان جو آهن، هي چور آهي مير صاحب چيو تہ: ’پر اي مئن اين ڪون بخش ڏتيان هن، تسان ڪون بيان ڏون مينهنان ملسن.‘

- مير علي مراد خان جون انگريزن سان ملاقاتون ”واري تڙ“ (سکر، ريلوي ڪالوني آفيس، جتي هن وقت موٽرن جون گريجون آهن) تي ٿينديون هيون، انهن کي رياست ۾ وني نہ ايندو هو.

- ميان عبد المجيد ٻانيڻ (ولد حاجي مکڻ ولد غلام نبي ولد رمضان ولد مينهون فقير، وينل ظفر آباد، خيرپور رياست، حال حيات) سان رهاڻ تي ۽ ذڪر آيو تہ انگريزن جي حڪومت ۾ هيس ۽ خوف هو. ان جي برعڪس پنهنجا حاڪم پنهنجن ماڻهن کي سڃاڻندا هئا. سندن قدر ڪندا هئا، ڪين ڪم لاءِ چوندا هئا ۽ ڪم پوري ٿيڻ تي ڪين نوازيندا هئا. مثال طور پنهنجن وڏن جي همت ۽ ميرن صاحبن جي شفقت جو مثال ڏيندي ڳالهہ ٻڌايائين (۽ پڻ 22 مئي 2000ع تي تفصيل سان خط ۾ لکيائين) تہ: مير علي مرد خان جڏهن شينهن جي شڪار تي ٿي چڙهيو تڏهن مينهين فقير کي انتظام لاءِ چيائين، جنهن پنهنجي جوان پٽ رمضان کي سندس چمبي گهوڙي پنج ڪلياڻ سميت پيش ڪيو تہ هو سونهون ٿي هلندو ۽ ناري ٻاهران جتي شينهن آهي اتي انتظام رکندا. مير صاحب جڏهن اُرد سان چڙهيو تہ رمضان گهوڙي اڳيان وڌائي. اها ڳالهہ خدمتگارن کي نہ وڻي پر ماٺ ۾ رهيا ايتري ۾ گهوڙي پويان گانبو (وڏو هجوم) ڏسي ’چو ٽيون لنبا‘ (ننڍا وڏا ٽپ) هڻڻ لڳي، جنهن تي مير صاحب ’حسبي حسبي حسن الله‘ جا الفاظ زبان تي آندا تڏهن خدمتگارن عرض ڪيو تہ: قبلا! هي اوهان جو هڪ چيڙو (چڙ وارو) آهي؛ ’حسبي‘ چو ٿا پڙهو! تڏهن مير صاحب ڪين منهن وجهي (سرائڪي زبان ۾) چيو تہ:

وي ڇهر (نوجوان) هي! پل ناز نال سونها تي هلي!
اي مينهين فقير دا ڇهر نهين، ميڏا پچا اي!

شڪار لڳو ۽ مير صاحب شينهن ماري واپس مينهين فقير جي ڳوٺ آيو تہ: رمضان کي آفرين نامو ڏنائين ۽ تارڪشي لونگي ڪلهن تي رکيائين ۽ مينهين فقير کي چيائين تہ رمضان جي ٻانهن مون کي ڏيو پوءِ رمضان کي مير اواهہ ۽ فيض گنج جو ڪاردار مقرر ڪيائين. ست رپيا ڪلدار سندس پگهار ۽ ٻہ رپيا فتح جنگ گهوڙيءَ جي سنڀال لاءِ مقرر ٿيا.

## • عالمن ۽ درويشن جي عزت

ٽالپرن جي دؤر ۾ حڪمران ميرن وٽ عالمن ۽ درويشن جي وڏي عزت هئي مذهب جو فرق ڪونہ رکيائون. مير فتح علي خان کان پوءِ حيدرآباد جا حڪمران شيعا ٿيا، پر مذهبي عقيدا پاڻ تائين رکيائون، ۽ پنهنجا صاحبزادا مٽياري ۽ هالا جي وڏن سُني عالمن وٽ پڙهايائون. مڪتبن ۽ مدرسن لاءِ وقف، موازنا، معافيون، سَندُون سيريون مقرر ڪيائون. حيدرآباد جي حڪمرانن وٽ عالمن جي ايتري عزت هئي جو انهن کي پنهنجن عزيزن کان بہ مٿي ڪيائون. ان جو هڪ مثال تہ: مٽياري جو وڏو عالم عبدالڪريم هميشہ مير نصير خان ڏي ”برادرم مير نصير“ جي عنوان سان خط لکندو هو. مير نصير خان کي سندس هن برابري تي ڪاوڙ لڳي سو وچي وڏي پاءُ سرڪار ميرنور محمد خان کي چيائين تہ: ”هن ملي جو دماغ آسمان تي چڙهي ويو آهي، جو مون کي پاڻ جهڙو سمجهي ’برادرم‘ ڪري ٿو لکي“! انهيءَ تي مير نور محمد خان، مولوي صاحب ڏانهن لکي موڪليو تہ مير صاحب دل ۾ ڪيو آهي بهتر تہ اوهان ان کي ’برادرم‘ واري برابري جي خطاب سان نہ لکو. ٻئي دفعي مولوي صاحب خط لکيو تہ ’برادري‘ ڪڍي ڇڏيائين ۽ رڳو لکيائين تہ ”مير نصير بداند“ (مير نصير کي معلوم هجي) جنهن تي هيڪاري مير صاحب کي مٺيان لڳي ۽ وڏي مير صاحب کي وڃي چيائين تہ: هيءَ خط ڏسو ملي جو دماغ ڏسو تہ ڪٿي بيٺل آهي!مير نور محمد خط ڏسي چيس تہ: ”مير صاحب! شڪر ڪريو جو نقطو هيٺان ڏنو اٿس (يعني ”بداند“ لکيو اٿس ۽ نراند نہ لکيو اٿس) پوءِ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو تہ مولوي عبد الڪريم ۾ ايتري تہ وطنيت هئي جو چيائين تہ: ”سنڌ ۾ امن واري اسلامي حڪومت ختم ٿي هاڻي هيءَ دارالحرب (لڙائي

جو گهر) آهي، جنهن ۾ يا جهاد ڪجي يا ان مان هجرت: پيريءَ سبحان اسان ۾ هينئر جهاد جي طاقت نہ رهي آهي تہ هجرت لازمي آهي“ سو پنهنجو ڪتنب وٺي عربستان هليو ويو پر انگريزن جي دؤر ۾ موٽي سنڌ نہ آيو اتي ئي وفات ڪيائين. سڄي سنڌ ۾ عالمن، حافظن تي ’چيڙ‘ معاف هئي مڪتبن مدرسن کان سواءِ ڳوٺن ۾ بہ جتي عالم ۽ حافظ هئا انهن تي ’چيڙ‘ ڪانہ هئي.

خيرپور رياست ۾ ويندي پچاڙيءَ تائين مهيسرن جي ٽن ڳوٺن تي جن ۾ عالم ۽ حافظ هئا (حافظ سڄڻ مهيسر جو ڳوٺ، وڏن مهيسرن جو ڳوٺ ۽ رفيق مهيسر جو ڳوٺ) چيڙ معاف هئي.

لڪت ۾ ڏنل سَنَدن مان راقم هيٺين اصل فارسي ۾ لکيل سند ڏني جنهن تي مير سهراب خان جي مهر لڳل هئي، جنهن ۾ مير صاحب جو حڪمنامو تہ راڄڙن جي ’ڏهرجہ‘قبيلي جي درويش ڪامل ۽ ٻين ڏهرجہ قبيلي وارن کان بقايا جا ورتل پئسا واپس ڪيا وڃن ۽ آئندهہ لاءِ محصولن جي ڪا وصولي نہ ڪئي وڃي تہ جيئن درويش حڪومت لاءِ خير جي دعا ۾ مشغول هجن. راڄڙن جي هن قبيلي جو وڏو ڏاڏو ’ڏهرجو‘ هو جنهن تان قبلي تي نالو پيو هو. غوث بهاءُ الدين زڪريا جو خليفو هو. مير سهراب خان جي وقت ۾ بزرگ ڏهرجہ جي اولاد مان وڏو درويش ’ڪامل‘ هو. ان ڪي مير صاحب طرفان محصولن جي معافي جو پروانو مليو ڇاڪاڻ جو درويش ڪامل علم وارو هو ۽ سندس مڪتب هو. پوءِ سندس فرزند خالد وڏي علم وارو ٿيو ۽ هن اتي پسايہ (موجوده تعلقو سوراهہ، ضلعو خيرپور) ۾ مڪتب سان گڏ ڪتبخانو قائم ڪيو انهيءَ ڪتب خاني جا سٺ کان وڌيڪ ڪتاب سلامت رهيا آهن ۽ هن وقت اهي عالم فاضل ميان مير محمد (بن لعل محمد بن دوست محمد بن شير محمد بن حبيب الله بن حافظ عبد الله بن حافظ خالد بن درويش ڪامل) وٽ محفوظ آهن اهي ڪتاب راقم تعلقي ڪپري ۾ سندن ڳوٺ وڃي ڏٺا ميون خالد، چوٽيارين جي عالم ميين عبدالرحمان وٽ پڙهيو اڳ غوث صاحب جا مريد هئا ۽ پوءِ جناب پير صاحب محمد راشد ﷫ (روضي ڌڻي) جا قادري طريقي ۾ مريد ٿيا.

## مير سهراب خان جو ڏنل پروانو

معتمد قديم الخذمت مقيم خذمتگار قلعہ دار شير ڳڙه ميهو جت بداند

چون اخوت پناهہ برادر عزيزالقدر گرامي مقدار مستي خان فقير مري در حضور بعرض رسانيد کہ کامل درويش قوم ڏهرجہ دران جا سکونت پذير کہ ابو ابهاي در سر کار اداي نکردهہ درحال شمايان خلاف معمول مبلغ بيست روپيہ عيوض آب نوشي وسودا گري از و تحصيل کرده گفتہ پروانہ رتر (؟) داد آن صادر شهود لهذا قلمي يافت کہ بہ ورود اين پروانہ آنچہ مبلغ شمايانہ خلاف معمول از درويش مذکور وغيره قوم دهرجہ گرفتہ آن را واپس بدهندو. آئينده هم ابوابها کل غير معمول بحال اول تکليف نکنند کہ بخاطر جمع، بوده بده ائي دولت و اقبال مشغول باشد دران باب تاکيد تمام دانند- تاريخ 17 ماه رمضان 1205هہ

(مهر) سهراب فقير ٽالپر

مير سهراب خان سنہ 1246هہ ۾ وفات ڪئي.

## • ٽالپرن جي دؤر جا قلعا ۽ ڪوٽ

ٽالپورن جي دؤر جو هڪ وڏو ڪارنامو اهو هو جو ڏکڻ، اوير ۽ اتر طرفان ٿر ۽ ريگستان واري سرحد لڳ چوڌاري قلعا ۽ ڪوٽ نهرائي انهن سرحدن کي ٻاهرين حملن کان محفوظ ڪري ڇڏيائون. هيٺ انهن جو ذڪر ڪجي ٿو جن مان ڪي راقم ڪشالا ڪري وڃي ڏٺا.

- نئون ڪوٽ هڪ وڏو شاهي قلعو آهي، جيڪو سنڌ مان مٺي ۽ ڏيپلي ڏانهن ويندڙ واٽن جي منڍ ۾ تعمير ٿيو.
- مٺي شهر سان لاڳو الهندين پٽ تي گڏي يا ننڍو قلعو هو جنهن تي (چار برج هئا ۽ چار توبون رکيل هيون. انگريزن جي دؤر ۾ ان ڪوٽ جون پڪيون سرون شهر جي عمارتن ۾ استعمال ٿيون. 1918ع ڌاري بہ توبون اجا برجن تي هيون ۽ بہ توبون هيٺ مختيارڪار جي دروازي تي نصب ٿيل هيون. 1950ع ۾ راقم هڪ توب نئين مختيارڪار وٽ پوريل ڏٺي ۽ ان ڏينهن (6 سيپٽمبر) ڪڍائي رکي تہ جيئن اڳتي ميوزم ۾ رکي سگهجي.
- اسلام ڪوٽ: هي بہ پڪين سرن جو ننڍو قلعو هو ان جون سرون پوءِ شهر اسلام ڪوٽ جي عمارتن ۾ استعمال ٿيون. سنڌي اسڪول انهيءَ ڪوٽ واري جاءِ تي آهي، قلعي جي نالي سان اصل نالو "اسلام ڳڙهہ" هو.

- ڪوٽ سينگاريو: اهو ڪوٽ سينگاريو تڙ تي. سينگاريو تڙ ۾ ٽپو. اسلام ڪوٽ کان چار ڪوهه اتر طرف. هن ڪوٽ جو دروازو وڏو شاهي ۽ اندر کوهه جنهن جا متيان چار فوٽ ڪن هرڻن جي سڱن (سنگالو) سان مضبوط ڪري ٻڌايا ويا.
- ڏيپلي ۾ ننڍو ڳڍ هو.
- ڪوٽ چيلهار: چيلهار جي ڪوٽ وٽ پوئين ويجهي دؤر تائين توبون پيل هيون.
- ڪوٽ ڪُڏي: ڇاڇري کان ٻارهن ڪوهه ڏکڻ-اوڀر. جنهن جو دروازو ننڍو ناهيائون. اتان جا ٻروچ آيا ۽ مير صاحب خبر پڇي ته ڇيائون ته: "ڪُڏي نهرائي اٿئي" پوءِ ڪوٽ تي اهو نالو پئجي ويو.
- ستي ڏيرا قلعو: ڇاڇري کان ويهه ڪوهه اوڀر-ڏکڻ. ڇاڇري ۽ ننگر پارڪر جي حد تي.
- مير ڳڙهه: شايد اهو ڪوٽ جيڪو مير بجار خان جوڌپور تي حملي جي تياري ڪندي جوڙايو. مير عبدالحسين خان سانگي جي بياض ۾ "شهادت مير بجار از دست ڪفار" کان اڳ ان قلعي جو اندراج ته "تعمير قلعه مير گهر" (اٿين)
- راڊرو يا رائڌرو ڪوٽ: ننگرپارڪر تعلقي جي سرحد کان ڏکڻ-اوڀر نيڙ جي تعلقي سانچور ۾. جيڪو ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌ جو تعلقو هو (۽ هينئر هندوستان ۾ آهي).
- خيرپور (مير سهراب خان جي وقت) جي حدن ۽ سرحدن جا ڪوٽ. تن مان "هالي واري پير" وارو پڪين سرن جو ڪوٽ. اهو خيرپور جي سرحد واري دنگ جو ڪوٽ هو. گهوٽهڙو کان تي ڪوهه سڌو اوڀر طرف آهي.
- روهڙي تعلقي ۾ "ڪوٽ سرائڪو" ڳوٺ جي اتر طرف اڌ ميل اوڏڪي مٽيءَ جو ڪوٽ. انهيءَ ۾ پٿر به بنياد ۾ پيل. ٻيو ڪوٽ پراڻي سنگرار ۾.
- پنو عاقل تعلقي ۾ بائيجي شريف جي پرسان به فرلانگ ڏکڻ-اوڀر پني عاقل کان ڏيڍ ميل ڏکڻ اولهه-اوڏڪي مٽيءَ جو ڪچو ڪوٽ. ديوارون ويڪريون جو مٿان گاڏي هلي وڃي.
- ڪوٽ سُتيارو: ديهه ستيارو. تعلقو ميرپور ماٿيلو.
- ميرپور ماٿيلي تعلقي ۾. سوڀي لنڊ جو ڳوٺ. اتان اڌ ميل ڪن اوڀر طرف

اوڏڪي مٿيءَ جو ڪچو ڪوٽ جنهن جون بنائون بيٺيون آهن.

- اوباوڙو تعلقي ۾ ”نئون ڪوٽ“ ڪچو ميرپور ڪان 6 ميل اوير طرف.
- ڪوٽ ميراهو: روهڙي ڪان اوير سيدن جي بڪار ڪان اوير پندرهن ڪوهه.
- خير ڳڙهه پڪو ڪوٽ: ڏهرڪي اسٽيشن ڪان 22_23 ميل ڏکڻ_اوير.
- ڪوٽ بادل واري ڍنڍ تي، جُبي تپي جي ڏاکڻي حد ۾.
- ڪارهوڙو ڪوٽ: امام ڳڙهه ڪان اتر.
- ڪوٽ وارو يا ڪوٽارو ڪوٽ: تڙ الهرکيو منگريو ٻچا چوڙ ڪوٽ جي اتر طرف ڪوٽ ڪارو ڪارهوڙو ڪان اتر، ڪوٽ ميراهو ڪان ٻارهن ڪوهه ڏکڻ_اوير، گهوٽهڙو ڪان اٺ ڪوهه اتر. اتي جو تڙ مٺو پر ماڳ جو نالو ڪارو ڪوٽ ڪچين سرن جو.
- لونگاٽي جي تڙ وارو ڪوٽ.
- منڙاهو وارو ڪاروڪوٽ ڪان اتر_اوير، هاڻي هندوستان جي سرحد ۾.
- راج ڳڙهه: جيسلمير ڪان ويهه ڪوهن جي پنڌ تي راج ڳڙهه.
- شير ڳڙهه: جيڪو مير سهراب خان جي وقت ۾ ٺهيو ۽ اتي جو قلعدار مينهون جت هو جنهن جي نالي مير سهراب خان جو حڪمنامو سنه 1205 هجري جو.
- ميرڻ ڪوٽ: مهرڪي جي پريان، پاڪستان هندوستان جي دنگ سان.
- دين ڳڙهه ميرن جو ڪوٽ: قلعو ۽ پڻ تڙ پڪين سرن جو هاڻي جيسلمير جي حد ۾. انگريزن جي وقت ۾ جيسلمير کي مليو هاڻي ڪشن ڳڙهه سڏجي اتي ميرن جون توبون پيل هيون.
- ڪوٽ لاکن وارو: دين ڳڙهه ڪان اٺ ڪوهه اتر، اتي ميرن ڪان پوءِ مهرن تڙ کنيو جيڪو هاڻي پاڪستان جي پاسي باقي جيڪو اڳ سرڪاري تڙ هو ميرن جي دؤر جو سو هندوستان کي انگريزن جي دؤر ۾ مليو.
- شاهه ڳڙهه: مير سهراب خان جي دؤر ۾ مير محمد حسن خان اتي هي ڪوٽ ٺهرايو ڪچو مضبوط ڪوٽ، هن وقت جيسلمير جي حد ۾ آهي، ڪوٽ جُبي ڪان ٻارهن ڪوهه اتر_اوير ”واٽڪي ڪوهي“، اتان ٻارهن ڪوهه اتر_اوير شاهه ڳڙهه، گهوٽهڙو ڪان اٺ ڪوهه ڏکڻ.
- ٻچاچوڙ جو ڪوٽ: شاهه ڳڙهه جي ٿاڻي جي حد ۾ جنهن جو هيڊ ڪوارٽر سمر.

- ڄُبي جو ڪوٽ: سوراھ ڪان 25 ڪوھ اوپر خيرپور رياست جي تعلقي ناري جي ٽپي ڄُبي جو هيڊڪوارٽر.
- گهوٽهڙو: اتي پٿر جو ڪوٽ جنهن جي ديوار مٿان گاڏي گهمي هلي وڃي. هن وقت جيسلمير جي حد ۾ آهي. ڪوٽارو ڪوٽ ڪان اٺ ڪوھ اتر. اتي ميرن جي وقت جون توبون پيل هيون.
- امام ڳڙهه: مڪان ڪوڙو سوراھ ڪان 25 ڪوھ ڪن اوپر. وڏي پٽ لڳ تلاءَ جو سهڻو نظارو. تلاءَ جي اتر طرف ڪوٽ ۽ وچ ۾ پڪي عمارت. نيپئر ڪاھ ڪري وڃي ڍهرايو راقم 27 ڊسمبر 1988ع تي وڃي ڏٺو ۽ ماپ ڪئي. ته ٻاهريون ڪچو ڪوٽ ٽي سئو پنجاھ فوٽ اتر ـ ڏکڻ ۽ ٽي سئو فوٽ اولھ ـ اوڀر. وچ ۾ وڏي پڪي جاءِ دخل. پوئين دؤر ۾ رياست جي ميرن اجازت ڏني ته پڪيون سرون اتان ڪيڏي خير جي ڪمن ۾ استعمال ڪيون وڃن. وڏي فقير پير بخش ڳاهي انهن سرن مان "سانهرو تڙ" وارو کوھ ٻڌايو هو جيڪو راقم هاڻي وڃي ڏٺو.

- **پراڻ جون ڪيٽيون مير ٺاري خان جون:**
- مقام جنهن ۾ مير پيروز مدفون. اهو مير علي خان وارن جو ڏاڏو.
- ڏگهه بالا جا قبا (تعلقو جوهي) اتي مدفون وڏو مير الله يار خان ۽ پڻ ماڻڪ خان جنهن مان ماڻڪاڻي.
- مير ٺارو خان، الله يار خان، مير فتح خان (ننڍو) ۽ شهيد اهي سڀ چتوڙي ۾ مدفون.

- **ڪراچي:**
- قلات جي خان جي طرفان "سند وظيفه اقوام برھ (=ٻرا) عطيه از حڪام ڪلات" بطيف "رفيع مقدار حاجي صدر الدين نائب و عامل بندر ڪاراجي" ته چاليھ رپيا مواجب ميران ٻري کي ڏنو وڃي "مرقوم بيست هفتم شعبان 1202ھ" هن حڪم نامي تي گول مهر "ڪرم الله سنه شرع شريف 1186ھ". معلوم ٿيو ته سنه 1202ھ تائين ڪراچي قلات جي خان جي حڪمراني ۾ هئي ان بعد نواب ولي محمد خان جي سفارتي ڪاميابيءَ سان سنڌ سان لاڳو ٿي.

- **يوسف خدمتگار:**
- محمد يوسف منگواڻو ـ ڪليڪٽر Rathbone جي ڏينهن ۾ جيئرو هو.

تاجپور ۾ پڻ آيو. "اينت ڪن" (ائين ڪر) تڪيو ڪلام هوس. نواب حاجي شفيع محمد خان تاجپور ۾ پڌايو.

- **مير باگو ۽ بيبي اڍيجي:**

– بيبي اڍيجي جو پاءُ سائينڏنو اڍيجو هو عمرڪوٽ جي راڻي، مير باگي خان، سائينڏني اڍيجي ۽ ٻئي هڪ ماڻهو چوپڙ راند پئي ڪئي، سائينڏني نڪر ڪي ڪو ويڙ ڏنو پوءِ سائينڏنو "روهلڙي جي گهيڙ" (هاڪڙي جر گهيڙ نئين ڪوٽ ۽ فضل پنيري جي وچ ڏاري) تي شڪار تي ويو جتي عمرڪوٽ جي راڻي ۽ ٻئي هڪ نڪر وجهه وٺي ڪيس ماريو.

- **خيرپور جا سپهه سالار:**

ميان گولو شاهه ۽ سندس فرزند غلام مرتضيٰ شاهه وڏا سورهيه سپهه سالار هئا. مرتضيٰ شاهه ڪرڙي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو اها جنگ ڪرڙي ٽاٽي (شهر سکر) واري ماڳ تي لڳي ۽ ڪابل جي حملي ڪندڙ لشڪر سان لڳي، سنڌ جي سورهين سر ڏنا ۽ ڪابلي پوئتي وريا. مير مراد علي خان جي طرفان حيدرآباد جي لشڪر جو سپهه سالار ڪاظم شاهه هو ۽ مير سهراب خان پاران خيرپور جي لشڪر جو سپهه سالار گولي شاهه جو فرزند مرتضيٰ شاهه هو خليفي نبي بخش ڪيس سراهايو ته:

"هيءَ گل گولي شاهه. پرڪا ڪارڻ پوڪيو."

ڪابلين خلاف سنڌ وارن جو نعرو:

هن پر جي مور مچي، هن پر جا ڪگا
مير مراد علي سوپ ڪتي، پئي پناڻ پڳا.

هنن سورهين جو اولاد خيرپور ۾ رهيو جن بابت 1955ع ۾ راقم پڇا ڪئي ۽ ان وقت شاهه مردان شاهه (بن نور شاهه بن حسين شاهه بن غلام شاهه بن غلام مرتضيٰ شاهه بن ميان گولو شاهه) عمر 42 سال، قدقامت ۾ پهلوان پئي نظر آيو مون سان رهاڻ ڪيائين ۽ پنهنجي گهراڻي جو احوال به ڏنائين. ڪجهه وقت پوءِ پڇا تي معلوم ٿيو ته ڪيس سندس زال بندوق هٿي ماريو.

غلام مرتضيٰ شاهه کان سواءِ گولي شاهه کي چار ٻيا پٽ هئا. جن مان الله بخش شاهه وڏو جنگجو هو. "مڪنو هاٿي"، چاليهن هاٿين وارو دروازو

ٽپندو بهاولپور جي قلعي ۾ داخل ٿيو ٻيو مراد شاهه جيڪو پڻ گهوڙي سوار فوج جو سپهه سالار هو پنج سئو گهوڙا ڪمان هيٺ هئس، وڏو پهلوان هو. ڪرڙي واري جنگ ۾ احمد خان ۽ محمد خان ڪابلين کي ماريائين. غلام مرتضيٰ جي پٽ گولو شاهه (ٻيو) جي پٽن مان غلام شاهه وڏو حڪيم هو جئيندل شاهه مير فيض محمد خان جي اردلي ۾ هوندو هو رسول بخش شاهه ۽ فضل شاهه گهوڙي سوارن جي باڊي گارڊ عملي ۾ هئا. جئندل شاهه جا پٽ هينئر (1955ع) ٽانگا وهائين.

چون ٿا ته مير سهراب خان بنگلي تان ڪريو ۽ ڪنڌ کي چوٽ آئي فوت ٿيڻ وارو هو جو غلام مرتضيٰ شاهه کي گهرائي، ننڍڙي مير علي مراد جي چتڙن جي وارن کي غلام مرتضيٰ شاهه جي ڏاڙهي جي وارن سان ٻڌائين يعني پارت ڪيائين پوءِ چون ٿا ته مير علي مراد کي ڪنهن بهاني سان ماريائون ٿي جو ماڻس منجهند جو غلام مرتضيٰ شاهه جي گهر برقعي سان ڊوڙي آئي ۽ اچي حال ڪيائين، غلام مرتضيٰ شاهه لڱين اگهاڙو هاٿي چوڙائي چڙهي ڪوٽ جي ٻانهين پيچي، اندر اچي علي مراد کي ڪنيو هليو ويو.

گولي شاهه وارا اصل ۾ ٺهيري بلوچ ۽ بلوچن جي سماج ۾ ٺهيري ”شيهه“ آهن. يعني وڏا فقير درويش، هو پاڻ کي ”شاهه“ سڏائين. گولي شاهه جي ڪٽنب کي ”شاهاڻي“ سڏيو ويو ۽ هر هڪ جو نالو ”شاهه“ جي خطاب سان ٿيو گولو شاهه. مرتضيٰ شاهه ۽ ٻيا مير سهراب خان واري مقام ۾ دفن ٿيا جيڪو ”قادر بخش جا قبا“ سڏجي ٿو. 21 آڪٽوبر 1955ع تي راقم هي قبرستان ڏٺو. صفي مثل عمارت جنهن ۾ هيٺيان مير صاحبان مدفون.

(1) مير فيض محمد خان، (2) سهراب خان (3) مير خان محمد خان (4) جان محمد خان (5) مير شاهنواز خان (6) مير علي مراد خان ۽ (7) ٻئي مير اسجي ويل، مير سهراب خان جي تربت تي هيٺيون ڪتبو (پورو پڙهي نه سگهيس):

ماهه صفر

شب شنبه ششم

باقي خود کرد در مقام طي سال تاربخش

شنيدم از هاتف وه بود از دل غلامم

قبو گولو شاهه. اندر قبو چن سان لت. ڪتبو ڪونهي مگر ڪنهن پوءِ مس سان هيٺيون تاريخون لکي ڇڏيون آهن.

1. تربت مرحوم مغفور ميان بهادر شاهہ
2. تربت مرحوم ميان گولو شاهہ رحہ رحلتش 22 صفر 1238ھ
3. تربت مرحوم مغفور جنت جايگا ميان غلام مرتضيٰ شاهہ عليہ رحمة تاريخ شهادتش 28 ماه شعبان المبارڪ 1249ھ روز چهار شنبہ شهيد شد.

- گولي شاهہ جو اولاد, يعني خيرپور جي ”شاهاڻي“ خاندان وٽ رکيل ميرن صاحبن جي حڪمنامن ۽ فرمانن جا ڪاغذات (زبون حالت ۾) شاهہ مردان شاهہ ڏيکاريا, جن مان هيٺيان حالات مليا:

1. گولو شاهہ ثاني جو وصيت نامو سندس ملڪيت جي ورهاست بابت مير عليمراد خان جي مهر جي تصديق (مؤرخ 22 سيپٽمبر 1900ع) سان مورخہ 26 ماهہ شوال 1318ھ هيٺان گولي شاهہ جي مهر چراغ ”گولہ شاهہ منور شد“
2. ”ڪاردار تل خيرپور“ ڏانهن ”شرافت پناهہ سيد ميان غلام شاهہ“ جي نالي ”غلہ بتائي ۽ چاه پخت“ ”ڪناره واه لونده“ جو پروانو“ مورخہ 29 ماهہ رجب 1308ھ هو ”غلام حسين را داده علي مراد“ مٿي ڪنڊ تي ”داخلا سند در ڪتاب دفتر خانہ سنہ 1308ھ نمبر 225“.
3. معافي ۾ تي سئو چاليهہ رپيہ ”چلن“ جي سندن نالي ”علي محمد شاهہ“ ۽ ”حسين شاهہ“ هيٺان مهر ۽ پرسان نوٽ ”سواران شاهہ گولہ شاهہ خواهد داد“. 1286ھ مٿان سڄي ڪنڊ تي نوٽ ”بموجب سند مهر خاص حضور عالي مقام دام اقبالہ ابتدار تاريخ بيست نهم ماه جمادي الاول 1278ھ بشرط حاضري ملازمي مبلغ سہ صد چهل رپيہ چلن بمعافي دوازدهم حصہ ماه بماه بمعہ سواران شاهہ گولہ شاهہ“.
4. باغ ۽ وڻن جي سلسلي ۾ سند نالي ”سيادت و شرافت پناهہ نجابت ونقابت دستگاهہ سيد غلام شاهہ“ ماه ذوالقعده 1277ھ“ مهر علي مراد.
5. ”سيادت و شرافت پناهہ فضيلت و صداقت دستگاه ميان غلام شاهہ بعافيت باشد“ جي سرنامي سان مير علي مراد جي مهر سان ڪنهن ڪم بابت حڪنامو.
6. گهوڙن ۽ انن جي چاري لاءِ ”تي بيگہ ڪاشت جواري ”جي زمين جي سند نالي“ سيادت و شرافت پناهہ و نجابت ونقبت دستگاهہ ميان غلام شاهہ شاهاڻي“. ابتداءِ فصل خريف 1308ھ حڪنامہ مؤرخ 30 ماه صفر 1308ھ مهر (”غلام حسين را داده علي مراد“) ۽ صحيح غلام حسين فقير ٽالپر.

7. مير علي مراد خان جي مهر سان سند مؤرخ ماه جماد الاول 1268ھ جنهن ۾ ”ميرواھ“ جي ڪناري تي ڪا جاءِ ”سيد سلطان شاھ“ جي هئي ۽ 1262ھ ۾ ڏنل هئي تنهن سند جي تجديد سيد موصوف جي پوٽي ”سيادت پناه و نقابت دستگاه سيد غلام شاھ“ جي نالي.
8. ”فقير غلام حسين ٽالپر “جي صحيح ۽ مهر سان تجديد سند جي مؤرخ 12 ربيع الاول 1309ھ ”واه لونده“ جي زمين ۽ کوه وغيره جي نالي ”سيادت و شرافت پناه و نجابت و نقابت دستگاه سيد غلام شاھ شاهاڻي“.
9. در حال از روئي الطاف عنايت مبلغ انداز دو صد رپيہ در وجہ مواجب ماهانہ باسم سيادت و شرافت پناھ نجابت ونقابت دستگاھ سيد غلام شاھ من ابتدائي تاريخ غره ماه جماد الاول 1269ھ از سر کار مقرر مرحمت فرموده دهانيده شدہ الخ, تاريخ غزه ماه جمادي الاول 1289ھ مهر مير علي مراد.
10. زمين ۽ کوھ وغيره واقعہ ڦول کلان (؟) واقعہ ”واه لوند“ مملوڪ مرحوم سيد سلطان شاھ جي مرحوم مير سهراب خان ۽ در عهد حڪومت مير رستم خان سلمہ (ڏنا) سي سندس پوٽہ سيادت و شرافت پناھ نجابت و نقابت دستگاھ. سيد غلام شاھ کي 1256ھ ۾ ڏنا ويا, تجديد سند مؤرخ 17 شعبان 1261ھ
11. ”ڪارڪنان سر ڪار نامدار بدانند.

درين وقت سيادت شرافت پناھ غلام شاھ شاهاڻي, رابعد موقوفي سمندر خان و با کمک بعهده مهتممي عدالت از سرکار ابتدائي غره ربيع الآخر 1295ھ از سر کار مقرر فرموده شد مهر ماه ربيع الآخر 1295ھ“ مهر مير علي مراد.

12. مير علي نوار جي ڏينهن ۾ ڪنهن زمين وغيره جي لکپڙھ جو نقل تنهن ۾: ”سيادت و شرافت پناھ نجابت و نقابت دستگاھ مرحوم سيد غلام شاھ وسيده حسين شاھ و پسرانش نور شاھ احمد شاھ شاهاڻي“.
13. شيخ صادق علي وزير رياست جي صحيح سان لونگي جي انعام جو فرمان مؤرخ 14 مارچ 1908ع نالي ”فضيلت شرافت پناھ ميان نور شاھ شهاڻي ڪاردار“.

## انگريزن جو سنڌ تي قبضو

ڪنهن سگهڙ دنيا جي دؤر بابت عبدالنبي ڪلهوڙي جي دؤر ۾ چئي ڇڏيو هو تہ:

اڳوٽي اڳين سان هئس دل وڏي
عبدالنبي ڪلهوڙي کي ڪيرائيندي ڪُڏي
ڏيئي ڦونگ ڦڏي، ٿونٽيون هٽندي ٽالپرن کي.

- انگريزن عهدناما ٽوڙيا ۽ چارلس نيپئر روءُ ڪري اوچتو حملو ڪيو تہ جيئن سنڌ جو سڄو لشڪر مقابلي لاءِ گڏ نہ ٿي سگهي.
- روايتن ۾ اڳ وڏن واقعن کي پٺ پاراتي جو نتيجو ڪري پانيو ويو. صوفي فقير محمد صديق ڪنهن ڳالهہ تان ڪاوڙيو ۽ سندس زبان مان هي ٻت نڪري ويو تہ:

پورا اچي پيل، ساري سنڌ صديق چئي.

ماڻهو پريشان ٿيا، فقير کي چيائون تہ سائين! پنهنجو بيت وراءِ تہ ڪو خير ٿئي تڏهن چيائين تہ:

بيحد پورن کي تا قنڌاري ڪهن،
رات پيين رڻ ۾، وانگي ڪو نہ ورين،
وڃايو وڃن، ساري سنڌ صدق چئي.

انگريز ملڪ تي قبضو ڪيو تہ ماڻهن کي منيان لڳي. چيائون تہ:

”مير مڇي مڙس ٿيندا، سک وسندي سنڌ“

اهو ٻول هُلي ويو پوءِ انگريزن جي خير خواهہ ڪامورن ڪنهن مڱڻهار کي پئسا ڏيئي نئون بيت ٺهرايو ۽ ان کي مشهور ڪيو ويو جنهن ۾ ”مير مڇي“ کي ڦيرائي ”مر مڇي“ ڪيو ويو يعني ”مير“

ڪاري ڪاٻاري، جنگ لڳندي ڇهہ پهر
مير مڇي ماري، سک وسندي سنڌڙي

ائين مامورن جي سٽن وانگر ٻيا بيت بہ ٺهراياٿون تہ جيئن عام ماڻهن ۾ خوف ۽ حراس پيدا ٿئي.

ياناٽي جي پتن ۾ نو لک ندي نار
ڪوٽيندي ٻڪري، ڪيندارن پٽ ڏنار
ٻاروچاٽا پار، تڪي تيڙ وڪامندا.

ياناٽي جون پتون دوڙ اسٽيشن کان 8 ميل ڪن ايرنديءَ ياناٽي جو پوٺو ۽ ياناٽي وارو ڪرڙو (سخت پٽ) مشهور آهن.

سنڌ جي ماڻهن انگريزن جي قبضي خلاف آواز اٿاريو ايتري قدر جو ملتان جو سک گورنر مولراج جيڪو انگريزن سان سامهون ٿيو تنهن جي تعريف ۾ بہ سنڌ جي سگهڙن بيت چيا:

مڙد مٿيو ملتان ۾ مولي ٻاريو مچ
آڪي ٿو انگريز کي هيڪر هيڏي اچ
مان هان مانجهي موڙو تون هان مانگر مڇ
تڪا ترارن سان ڪياڻ ڪني جو تہ خرچ

**تروٽ:**

انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ڪئپٽن تارهوٽ (تروٽ) کي ٿر ۽ ڏکڻ-اوير سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيائون وڏو هوشيار هو ۽ سنڌ جي ماڻهن جي مزاج کي سمجهي ان مطابق کين مطيع ڪيائين. ملڪ ۾ عام طرح "تروٽ" جي نالي سان مشهور ٿيو. پاڻ کي لاشاري ٻروچ مشهور ڪرايائين ۽ گهڻا تہ سچ پچ ائين سمجهڻ لڳا.

- عليم فقير مگريي چيو (1955ع) تہ تروٽ لاشاري ٻروچ هو پر هو يورپ جو. چيائين تہ: ساهڙ درس مگريو نواب شاهہ جي آس پاس جو ويٺل، عمر 110 ورهيہ. پر سال (1956ع) حج تي بہ ويو هو تنهن جو تروٽ سان يارانو هو. تروٽ کان واهن جا ٽيڪا ڪٽندو هو هاڪڙي وغيره جا. چون ٿا تہ ليوڪس، تَرَوَٽ کي ڪراچي ۾ زهر ڏيئي مارايو.
- خضر قاسمي راهومو ويٺل ڪيرلو تعلقو عمرڪوٽ تَرَوَٽ سان دوستي ۾ هو. سمجهو قابل هو. ڪو سڱ جو معاملو هو ۽ آڏو ڏُر گهوٽ کي گندي ۾ لڪايو. مگڻهار راڳ ڳايو ۽ اهڃاڻ ڏنا جيڪي خضر سمجهي ويو ۽ چيائين تہ گهوٽ گُندي ۾ آهي. پوءِ پنهنجو گهوٽ پرڻايائين پر آڏي ڏر وارو گهوٽ بہ سڱ بند ناهي پرڻايائين.
- ياري خان ڪوسي کي تَرَوَٽ چيو تہ سرڪاري رسالي ۾ پرتي ٿيءُ.

جنهن تي وڏي پاتل پهراڻ جي ٻانهن مٿي ڪري ٽَرَوَٽ ڪي چيائين تہ
هي ڦٽن جا نشان سڀ انگريزن سان وڙهندي ٿيا اٿم (84 نشان هئس)
سو ڪيئن پرتي ٿيندس!

- شادي خان ڪي بہ ٽَرَوَٽ گهرايو. چيائونس تہ ترار چوڙي صاحب جي سلام تي وڃ. چيائين تہ:

"لَٽ پَٽ لوهُوءَ ساڻ، هوندي گڏ گُڙي ۾"

گڙي ۾ يعني گلي ۾ (مارواڙي، گڙو- گلو)

## مير شير محمد خان جون انگريزن سان جنگيون

ٻن انگريزي ڪتابن ۾ مير شير محمد خان بابت حوالا ڏسو(1) ڪنيگهام جي لکيل ۽ گيريٽ جي ايڊٽ ڪيل "سکن جي تاريخ" ڇپيل دهلي 1915ع (2) "گورنر جنرل جي لاهور ۾ رهندڙ ايجنٽ جي ڊائري"(پايونيئر پريس، الله آباد، 1909ع).

مير شير محمد خان انگريزن سان جنگيون ڪيون:

1- دو آبي (دٻي) واري جنگ ڪي حيدرآباد جي جنگ يا ناريجن جي جنگ چون ناريجن جي ڳوٺ وٽ لڳي جنهن ۾ سنڌ جو لشڪر بهادري سان وڙهيو ۽ مير غلام علي خان ۽ مير عبد الله خان ماٽڪاڻي شهيد ٿيا.

2- شهدادپور واري جنگ يا ڪونهيري واري جنگ

3- رني ڪوٽ ۾ ماٽڪاڻي ميرن جا مستورات پناهہ گزين هئا اتي بہ انگريزن طرفان حملو ٿيو. ٻي ڪا "پير آري" وٽ جنگ جنهن جو ذڪر شايد ليمبرڪ ڪيو آهي، اتي مير شير محمد خان ڪونہ هو.

•ڪُونهيري واري جنگ موجوده سنجهوري تعلقي ۾ (ديهہ ٻنڙو ديهہ ڪنرو ديهہ الف 40 واري مرڪزي ايراضي ۽ چوڌاري) اڳئين شاهو واهہ جي آباد ايراضي حيدرآباد جي ميرن جي حد ۾ هئي. جعفر خان لغاري مکيہ سردار هو. جعفر خان (۽ سندس ڀيا عزيز شريڪ ۽ پاڙيوارا، راڄ) وقت سر سئو گهوڙي سوار ۽ پيادل سپاهي وٺي جنگ لاءِ پهچندو هو. جعفر خان جي پڙپوٽي لعل بخش خان لغاري 85ورهين جي عمر ۾ سنہ 1938ع ۾ وفات ڪئي. وڏو ذهين ۽ روايت جو پڪو هو راقم سندس زباني ميرن جي آخري دؤر جون ڳالهيون ٻڌيون جن مان ڪي هيٺ لکجن ٿيون:

-'ڪانگن ڪاڏي' (ڪاهي، حيدرآباد ۾) اُتي جعفر خان لغاري جي مستقل

اوطاق هئي، ميرن صاحبن طرفان ضروري اطلاع انهيءَ اوطاق تي پهچندا هئا. مياڻي جي جنگ جو سڌ دستور موجب اڳواٽ ڪنهن اهتمام سان ڪونہ ٿيو فقط ٻہ ڏينهن اڳ حڪم آيو تہ حيدرآباد پهچو. بهرحال وقت ايترو ٿورو هو جو فقط ڪي ٿورا ماڻهو سوار پهچي سگهيا. هن روايت مان ظاهر آهي تہ مياڻي جي جنگ وقت، سنڌ جو سجو لشڪر باقائدي طور گهوڙي سوار ۽ پيادل دستا گڏ تي نہ سگهيا. فقط حيدرآباد جي ويجهڙائي ۾ جيڪي دستا هئا يا جيڪي اڳواڻ ان وقت ڪچهريءَ ۾ هڪيا تڪيا موجود هئا يا خطري کان آگاهہ هئا سي پنهنجن ماڻهن سان مياڻي ۾ پهتا. مياڻي ۾ پهتل ماڻهو سنڌ جي دستوري فوج ۽ طاقت جو ويهون ياڳون بہ ڪين هئا.

ائين تڙ تڪڙ ۾ مياڻي جي جنگ ۽ شڪست جي خبر جڏهن جعفر خان (جو ان وقت پير مرد هو) ۽ سندس ساٿين کي پهتي تہ هن کي ڏاڍو صدمو پهتو. جڏهن کين ٻي خبر پهتي تہ مير شير محمد خان انگريزن سان جنگ (دبي يا ناريجن واري) ڪئي آهي پر پوئتي هٽيو آهي ۽ وري جنگ ڪندو تڏهن شهدادپور کان سانگهڙ تائين سيني راجن ڏي (جي اڳ حيدرآباد جي ميرن سان هئا) جعفر خان پنهنجا پٽ موڪليا ۽ يڪراءِ فيصلو ڪيائون تہ مير شير محمد خان جي جهنڊي جي لشڪر جو رخ ميرپور طرف آهي. هتان سانگهڙ، سنجهوري، شهدادپور وارو لشڪر ۽ درياءَ جي الهندي طرف کان سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي وارو لشڪر ٻئي اچي سڪرنڊ ڏاري گڏجي هڪ شاهي لشڪر ٺاهين، اهڙي طرح اتران شهدادپور ۽ هالا واري طرف کان انگريزن تي اوچتو حملو ڪري کين ختم ڪجي.

مير شير محمد خان وٽ جڏهن سندن وفد پهتو تہ سندن خلوص کان متاثر ٿيو ۽ سندن تجويز کي پسند ڪيائين، مير شير محمد خان سان وفد فيصلو ڪيو تہ پاڻ اول آپ پور(سنجهوري تعلقي ۾ جهول جي شهر کان چار ميل کن اولهہ ۾ سانگهڙ، شهدادپور واري پڪي روڊ لڳ اتر طرف) ۾ اچي منزل اندر ٿئي. جتي سانگهڙ کان شهدادپور تائين سجي تر جو لشڪر پڻ گڏ ٿيندو اتان لشڪر اولهندي طرف سڪرنڊ ڏانهن ڪوچ ڪندو جيئن سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي وارو لشڪر درياءَ اڪري اچي هن لشڪر سان گڏجي.

وفد موٽي اچي تيارين ۾ لڳو مير شير محمد خان کان سيوهڻ طرف قاصد ويا ۽ اتان جي سردارن کي هن تجويز کان آگاهہ ڪيائون پوءِ مير شير محمد خان پنهنجي لشڪر سان اچي آپ پور ۾ منزل انداز ٿيو ۽ مقامي راڄن جو لشڪر بہ اچي ساڻس اپ پور ۾ شامل ٿيو. البتہ سيوهڻ واري طرف

سڪرنڊ روانا ٿيا ۽ ڪونهيري جي پوئني ۾ هئا، جو جاسوسن اچي خبر ڏني ته سيوهڻ وارو لشڪر اجان درياءَ ٽي ڪونه ٽپيو آهي، پر انگريزن جي فوج پوري تياري سان اوهان ڏانهن وڌي رهي آهي.

انگريزين ڪي جاسوسن مير شير محمد خان جي تجويز کان آگاهه ڪري ڇڏيو هو سي مخفي طرح اچي ڪونهيري ۾ پهتا، هتان جو اڌ لشڪر ڪوچ واري حالت ۾ هو پيدل فوج هئي. ڪونهيري واري ميدان ۾ مير محمد خان ۽ سندس لشڪر مردانگي سان مقابلو ڪيو پر پيدل فوج انگريزن جي گهوڙي سوار فوج سان پڄي نه سگهي ۽ فوج جو ڳچ حصو شهيد ٿيو. فيصلو ٿيو ته پوئتي هٽي آپ پور واري منزل کي مضبوط ڪري اتي مقابلو ڪجي، بچيل سمورو لشڪر اچي اپ پور پهتو پر انگريزن جي گهوڙي سوار فوج سندن پويان لڳي آئي.

باوجود انهيءَ جي "اپ پور" ۾ مير شير محمد خان جي فوج بهادريءَ سان جدا جدا طرفن کان حملا ڪيا ۽ انگريزن جي گهوڙي سوار فوج کي وڏيڪ حملي جي همت ڪانه ٿي ۽ هو پوئتي هٽي وڃي منزل انداز ٿيا. مير شير محمد خان ڪوچ ڪري ناري جي سانگاهه يا 'سانگڙي' (ننڍي سانگ= واهڙو) ذريعي (جنهن کي پوءِ 'سانگهڙ' سڏيو ويو) مکيءَ جي ڍنڍ اڪري مير پور ماٿيلي طرف روانو ٿيو. مولانا عبيد الله جو ساٿي مولانا عبد الله لغاري (عمر اسي سال 1954ع ۾) راقم سان انهن واقعن جي تصديق ڪندي چيو ته سندن ڏاڏو مير شير محمد خان جي لشڪر ۾ هو سانگاهه مان، مير بحرن وڏي همت سان لشڪرن کي ٽپايو. انگريزن جي فوج پويان آئي پر سانگاهه ۾ نه گهڙي سگهيا. جو ڪابه ٻيڙي اتي ڪانه هئي. مولانا عبد الله چيو ته ڪيس اها سڄي ڳالهه سندس ڏاڏي ٻڌائي.

## •انگريزن خلاف بغاوت 1957ع

سنه 1957ع ۾، سنڌ ۾ انگريزن خلاف بغاوت ٿي. اتر سنڌ ۾ مَل گذار جکراڻي، دلمراد کوسو ۽ عنايت شاهه شاهپور وارو هن بغاوت جا سرغنا هئا. جيڪب هنن خلاف قدم کنيو ته سنڌ جي قومن لشڪر گڏ ڪيو. جکراڻي، کوسا، ٻنگر، ڪٽوهرءِ ٿهيري گڏ ٿيا سپهه سالار ٿهيري هو لنڊِي وٽ جنگ لڳي، هڪ ٻئي کي آمهون سامهون ٿيا جيڪب جي فوج ترينڊ ٿيل هئي بغل وجايائين ته پوئتي هٽيا بغل وجايائين ته ٽڙي ويا. آڏو اٺ سؤ سنڌ جي لشڪر چيو ته: فرنگي ڀڳو. هو ڇڙو ڇڙ ٿي وڌي آيا جيڪب جي فوج بغل وڄايو ته

فوجين ٿري سيني کي گهيري ۾ ورتو ۽ انن سون کي ئي قتل ڪري ڇڏيائين.

خانبهادر علي نواز خان شاهلياڻي کي پير بخش بن لشڪر خان شيرخاناڻي ٻڌايو ته ڪيس سخي در محمد شير خاناڻي ٻڌايو ته: وڏيرو مير محمد ۽ سخي در محمد جمالي گڏجي قلات جي خان خداداد وٽ ياڳ ۾ ويا ته: اسان جي مرشد (عنايت شاهه) تي فرنگي هلان ڪئي آهي، تون هن کي ڇئو ته هتي. خان خداداد خان پاڻ جيڪب وٽ ويو ته: عنايت شاهه کي ڇڏ جيڪب انڪار ڪيو ته مٿان فوجي حڪم آهي ۽ نه ڇڏيندس. ان کان اڳ شيخ محمد قاسي ڏني هٿائين. دلمراد کوسي ۽ مل گذار جکراڻي کي ڪاري پاڻي عمر جي سزا ڏنائين. بلوچي جي فوج کي ماريائين. هن جو دماغ مٿي چڙهيل هو ضد ڪيائين. عنايت شاهه کي بگٽين پاڻ وٽ رهايو پر جڏهن جيڪب اچي شاهپور ۾ سيدن جي حويلي کي گهيرو ڪيو ته عنايت شاهه پاڻ اچي پيش پيو. توب تيار ڪيائون ۽ عنايت شاهه تي فائر ڪيائون پر ڪا غلطي ٿي جو توب مان پاڻي وڙهو پوءِ شاهه کي ڇڏيائين.

ان کان اڳ عنايت شاهه جي حويلي ۾ ستي بيبي شرم نواز وڏي درويش هئي. خان قلات جي مرشد هئي جنهن جي ڪري قلات پاڻ آيو هو جڏهن جيڪب نه مڙيو ته بيبي صاحبه جيڪب کي چوائي موڪليو ته:"تون نٿو مڙين ته توتي به الله جو ذمر آهي ۽ توکي به سيد حسن ڪاني هنئي آهي سپاڻي تون به مري ويندين" (سيد حسن وڏو ولي، ڪلهوڙن جي اوائلي دؤر جو سندس مزار ۽ درگاهه موجود) توب فائر ڪرڻ واري وقت جيڪب کي پيٽ ۾ سور پيو ته مئو. انگريزن پنهنجي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سنڌ جا اصل راجداري (قومي) وارا معيار مٿائي ڇڏيا. عزت وارن کي بي عزتو ڪيائون، جن تي راڄن جو اعتبار هو تن کي ڇڏي پنهنجن ڇاڙتن کي عام مختيار ڪيائون آخرڪار معاشري ۾ ايتري قدر تبديلي آئي جو:

سچ سمهي پيو ڪوڙ پيو ڪُڏي
چڱن مڙسن چپ ڪئي جو ڳالهه وڏائون گڏي
ڪانون ڪانگيرو ڪيو هنجهه ويا ڇڏي
چندولن چيئون چيئون ڪئي، مور وڏائون دبي
مرضي آ اشراف جي، ويهي جي لَڏي

هي بيت انگريزن جي سنڌ تي قبضي واري دؤر جو آهي جڏهن سچائي ختم ٿي ۽ ملڪ ۾ ڪوڙ ڪاهي پيو. سنڌ جي گهڻن سالڪن اهڙا بيت چيا ۽ بگڙيل حالت تي ڳوڙها ڳاڙيا.

# سنگهارن جا سانگ

سنگهار معنيٰ مال وارا جن جو گذران ئي مال ڌارڻ تي هجي، اهي جتي مينهن وسندا اتي مال ڪاهي ويندا گاهه جي سانگي ويندا، يعني سانگ ڪندا. ڪڇ ۾ ٻني جي علائقي ۾ ڏڪار پيو ۽ سنگهار مالدار مال ڪاهي نيَڙ ۾ ويا. اتان مني تعلقي ۾ ڏاٻڙي جي تڙ تي اچي ويٺا. اتان وري واپس 'ٻني' ڏانهن وڃڻ جا سانباها ڪيائون. سندن انهيءَ سانگ جو بيان شاعر عالي پٽ سرماڻ مبارڪاڻي راڄسينءَ پوٽي (يعني راڄسينءَ درويش جي اولاد مان) هيٺئين بيت ۾ ڪيو جنهن ۾ هن سنگهارن جي جدا جدا ماڳن تي مال ڪاهي وڃڻ ۽ سانگ ڪرڻ جا پار پتا ڏنا آهن. اي سڄاڻ! تون هيءَ بيت دل لائي پڙهه ته توکي سانگين جي سانگ جي حقيقت سمجهه ۾ اچي.

ڏاڏي پوتا ڏاٻڙيءَ تي تا مڙيو مصلحتون ڪن
مينهن وٺا ملڪ تي ڪيو سعيو سنگهارن
وطن ڏي ورڻ جون ڪيون وائيون وانديارين
آٽي اگڻ جهيڪيا اُٺ به اونيٽڙن
ڳڏيون پاجوڙون پٽريون تي چڱيون چوڙبلين
(پاجوڙون پٽريون= وڇاٽيون وڇايون)

مايون مِسِر پَٽ جي تيون ننهٽين ساڻ نهَن
(نُنهٽين= نوڙين، نُهِن =بَڌر)

وجهي بار بوتن تي ڪيو سعيو سنگهارن
ترت چڙيائون تڪڙو 'سونهيارَ' سنگهارن
(سونهيا= تڙ ڏاٻڙي کان اولهه)

وري تنهن 'واٽهيار' تي ڪبو 'پياٽو' پرين.
(واٽهيار راهومن جو تڙ پياٽو=پاٽي پيارڻ لاءِ منزل)

اڳينءَ ويل'عالم سِتي' جو جهليو گس گنگن

(عالم ستي، هنگورجن جو تڙ)

ٿورا ٿيو 'ٿانوَر' تي منهنجا آري ڄام اچن،

(ٿانور لنجن جو تڙ)

ڇهل تنهن 'ڇَڇِي' تي ڪيو پِيو پوشيدن

(ڇچر جتن جي وانڍ)

نمي 'نبي سر' ڪنڌين واڪيو وِير وڇن

(نبي سر لنجن جو تڙ)

چئني ڪنبين 'چانڊاڻ' تي وانڍيون وَس چرن

(چانڊاڻ هڪ ٻَنِي جو نالو)

سهٽي تنهن سانگ ۾ ڪيا ميڙا محبتين

(سانگ ٻائرلي جو تڙ، مٺي کان 3 ڪوهہ اولهندي)

تري 'تِيراڙ' چڙيو اڇي عجيبن

(تيراڙ= رڻ جي ڪنني تي تڙ)

ڍُري تنهن 'ڍونڍي' ۾ هنيا پکا پاڙيچن

(ڍونڍي چاڙهہ ٻيٽ کي سامهون)

چِلي تنهن چاڙهہ ڪيا مانجهاندا ميرن

پئي پاٽي نگيُون پيون ڍڪون ڍولون ڪن

آن چِتاري چِتِ ڪيو ڪاڇو ڪُنڍيڙين

رڻ ريلي چڙيو نمي نانگيلين

(ڍولون، ڪنڍيزن، ۽ نانگيليون مينهن جا نالا)

پهرين تنهن 'پَچَمر' تي وجي کنيا ڪر ڪارين

'ڏينارا' مان ڏينهن جو واڪيو وير وڇن

(ڏينارا سمن جو ڳوٺ پچمر ۾)

'ڪاٽڙبي' ڪَميا ڪينڪي، 'ٻنيءَ' ٻوليون ڪن

(ڪمڻ=ترسڻ)

اچي تنهين 'ٻنيءَ' ۾ ڪيا وانڍيا' ويڙهيچن

(وانڍيا، وقتي نندڙا گهر)

چاهہ پيو چوڙيليون مٿي ريل رمن
(چاهہ پيو= چاهہ مان، خوشيءَ مان)
مَٿِن مِسر پَٽ جون ٽيون سينهوڙيون سونهِن
ٻيلڙا ٻانسيارن تي، گر مٿن مچ ٻرن
(ٻيلڙا = ٻہ دلا هڪ ٻئي مٿان مچ = جواني ۽ حسن جا مچ)
ٻاٽي پيريو پڌرا هو موتيو ماڳ اچن
اُٿيو آڌيءَ رات جو ٽيون جنڊن تي جهلڪن
پوئينءَ رات پوشيديون ٻيون ماٽيِن تي مَلهٽن
(ملهٽن: کير ولوڙن)
ڪري سانجھڻ سويل، آتڻ روز ڪتن
(چرخا ڪتڻ)
’پِرنديارِي‘ جي پر ۾ ڪيا واهيتا راجسِين
پٽيون ٽوٽيون ان جون لاٽون لک لهن
(لاٽون، ڏکيون ڪامون)
ٻُنديون مَنُون ان جون ٽيون چوڳٺيون چِٽجن
ڪُڏ ٻہ ڪٽيرين جا موتين سين مڙهجن
اڳڻ عجيبن جا سونهارا سونهن
’پڳنيون‘ پوشيدن جُون رُبي ريليون جن
(پڳنيون=چاڙهيون)
’چؤغان‘ تہ چاڳلين جا تا سامهان سيلهہ هٽن
(چوغان = گهر آڏو ايوان ۾ ڦيرا)
عطر تيل ان جي تا مَٿن ۾ ملجن
ڪٿوري خوشبوءِ جون ابراسون اچن
عاشق تنهن عباليءَ سين لڏيو لک اچن
پيرا ڏيو پر نديارِي تي ڪلمون ڪوڏ پڙهن.

---

سنگهارن جي سانگ جو منظر تہ:
مَنڌيون مَٿين گُڙن، جهوڪين سونهن پِيَڙا
سندي سنگهارن، جوءِ جياري جڏڙين.

منڌيون (مانڌاٽيون) مٿن ۾ ٽيون گُڙڪن، آوازڪن. گھڻو ڪير مَٿن ۾ ولوڙين جھوڪين يعني جھوڪ يا منزل وارن ماڳن تي پيڙا= سھڻا صحتمند جوان، سگھڙ قادر بخش شينھڙي (پير سرھندي، لڳ سامارو) سان ڪچھري ٽي، جنھن چيو تہ: انين وارن جھوڪن تي انين جو ڪير 'پيڙھن' (وڏيون مٽيون) ۾ ڏھن پوءِ 'پيڙھا' ياڻ جي ھلڪي باھہ تي چاڙھي چڏين ۽ ان ۾ چانور اتو ۽ ڪنڊ وجھي چڏين ۽ پوءِ ان مان پاڻ بہ پيا پين ۽ ٻين کي بہ ڏين. سنگھارن جي جوءِ تي ائين جڏڙن جو بہ گذران پيو ٿئي.

**منڌيون بہ قسم:** ھڪ 'اُيندي' ڊگھي جيڪا وڏي اوچي اُيي مَٽيءَ ۾ پوي ۽ بہ جٽيون يا بہ جٽا آمھون سامھون ٻيھي ولوڙين. ان ۾ 'مَن' پوندي پر نھيرو ۽ سنگھر ڪين ھوندا ٻي ننڍي منڌي 'وينوندي' جيڪا ھڪ جٽي ويھي ولوڙيندي. ڪنھن وقت مال وارن سنگھارن وٽ ايترو ڪير ھوندو ھو جو بيتن ۾ مَنڌين جي وڏي آواز جو ذڪر آيو.

'اوٺي ڳوٺي آٽيين ڪو هُتي جو هٽ هير'

اوٺي ڳوٺي يعني اٺ وارو جيڪو ڪنھن ڳوٺ جو ھجي، پر جتي ڪو ڳوٺ نہ ھجي ۽ ڪابہ وَسٺُن يا وسندي نہ ھجي تہ چئبو تہ:

نڪو سانگي نڪو وانگي، نڪو اوٺي نڪو ڳوٺي.

سانگي يعني سانگ تي وينل ماڻھن مان ڪو. وانگي يعني 'وانگ' جو. سانگين جي سمان ۾ ھڪ 'وانڊ' ٻي 'وانگ'. اھا ييٺي جتي گھر جا ماڻھو ساڻ ھجن ۽ 'وانگ' اھا جوءِ جتي رڳو ھڪ ڏنار ۽ مال ھجي يا ٻيو ڪوبہ اتي نہ ھجي.

# سنڌي ٻولي

اي عقلمند! سمجهہ تہ سنڌي ٻولي وڏي ٻولي آهي ان جي تاريخ ۽ ادب جي تحقيق ڪان وڌ ان جي لفظن ۽ اصطلاحن جي ترڪيب، اسمن ۽ نالن جي سٽاءَ، اضافت ۽ جَر جي حرفن واري صورت، ظرف جي نحوي بناوت ۽ 'اعراب' جي حقيقت ۽ لغت جي وسعت تي وڏي ويچار جي ضروت آهي.

•انوکا لفظ انوکي لغت

-'ميڄڻ'معنيٰ 'متان' اهو ڪڇ جي ٻوليءَ ۾ 'ميڄڻ' ئي چون ڪڇ جي ڄَت سگهڙ جو بيت آهي تہ:

سسئي سرواڻن سين ڪتان لنئہ لڳوءِ
ڪ جتن جيادي ڪِي، ڪَ پاڻهي پيوءِ
ڪَ ڏاڏي پوتو ڏيهہ ۾ ڏکي ڪونہ ڏٺوءِ
ڪلي جو ڪنيوءِ، سو ميڄڻ وڙ وسارئيس.

ڪاري جي عام ٻوليءَ 'مَسَڻ' بہ چون، ساڪري طرف جي سگهڙ موربي موسي پوٽي جو بيت آهي تہ:

عشق الاوڻ، آڳ جلاوڻ، روپ ٻرئين جا رنگ
مانَ ڏسَنِ محبت سين، سرهو جن سان سنگ
مور لاڪيٽا مهند ويا، هاٽي ڪوڙا اڏامن ڪنگ
ڏسي ٻُوري ٻنگ، مَسَڻ هٽين ڦَڪ ڦُلهيار مان.

'مسَڻ' يعني ميڄڻ- ڦلهيار مان يعني سڙيل ڪيريءَ مان.

•نالن ۾ لغت

اي سجاڻ! جاڻ تہ ماڻهن (مردن ۽ زالن) جي نالن ۾ معنيٰ سمايل آهي والدين پنهنجي اولاد تي سهڻي سياءَ وارا نالا رکندا. 'مرڪب' لفظن وارا نالا پوءِ شروع ٿيا. هر ٻوليءَ ۾ ٻهريائين منفرد نالا هئا ۽ اهي طبعي ماحول جي هر جنس مان چونڊيا ويا منفرد سنڌي نالن جو بيان ڏکهو آهي، جنهن مان مثال

طور ڪن مخصوص معنائن وارا نالا هيٺ ڏجن ٿا. خاص طرح انهن ماڻهن جا جن کي راقم پاڻ ڏٺو يا راقم جي وقت ۾ هئا.

- **آسمان جي سونهن:** چنڊ. تارو قطب. ماهتاب. آفتاب ۽ شمس.
- **مهينا (اسلامي):** محرم. صفر. رجب. شعبان. رمضان ۽ عرس (ربيع الاول).
- **مهينا (چيتي، اڪثر سنڌي هندن جا نالا):** چيٽو جيٺو ساوڻ. بڊو آسُو مگهر (=ناهري مهينو) پوهُو (پوهه مهيني جو) منگهو (= مانگهو مانگهه مهيني جو) ۽ ڦڳڻ.
- **طرفن جي لحاظ سان:** اپرندو الهندو اتر ۽ ڏکڻ.
- **وڏي قيمت وارا:** سون. سونو چانديءَ ربو موتي. هيرو ماڻڪ. جواهر. لعل.
- **وڏا طاقتور:** ڏڱاٽو پهلوان. لوهه مروڙ بهادر.
- **طاقت وارا جانور:** شير. شينهڙو ڪيهر. مزار لَيث. آسد. هاٿي، هوٿي ۽ بگهڙ.
- **مٺاج:** مصري. پتاشو لڏون. مِٺو.
- **ميوا:** ڏاڙهون. ليمون. ڦاروهو ڪيوڙو گيدوڙو صوف. توت. انب. ڄمون. گدرو.
- **وڻ:** اڪ. انب. لئو لاٽو ڪرڙ ڪنڊو نم. ٻير. ڪبڙ ۽ ڪانڊيرو.
- **ڦر ۽ پتا:** چيڙ. متيرو ونگو ميهو ڪدو توهه. پيرون. چٽو متر. مڱ. ڪوڏير.
- **گل ڦل:** گل. ڦل. موتيو گلاب. گئونتو.
- **دعا جا. عمر جي لحاظ سان:** جادو(ننڍڙو جادن وارو) ڇتو (ڇتڙن وارو) جهنڊولو ساماٽو ڄُواڻ. آڏو ٻڍو پوڙهو سکيو ستابو دائم. قائم.
- **ڇڱن ۽ ڇڱن ڳڻن جي نسبت سان نالا:** پيراٽو مانيٽو لهٽو ڳهٽو لاکيٽو ماٽو.
- **فعل جي ماضيءَ واري سٽاءَ ۾ نالا:** رکيو پرتو وڏيو پليو وليو ساماٽون پسايو سڏايو وسايو ۽ ورايو وغيره.
- **مستقبل واري سٽاءَ ۾ نالا:** مڇندو بچندو اُبهندو هوندو مرڪندو جيئندو ۽ وسندو وغيره.(وسندو قزاق وڏو حُر مجاهد هو).
- **مصدر واري سٽاءَ:** تلڻ. ڪلڻ. موتڻ.
- ڪي نالا مرڪب سٽاءَ وارا آهن جيئن ته الله آندو رب رکيو ڏٽيءَ پرتو پرچي ڏنو توربيو (= اولاد واروتيو)؟ ماڪر پيو (يعني مقبول پيو جاتيءَ

۾ مغلپينءَ جي درگاهہ جو خليفو ماڪرپيو هن پوئين ويجهي دؤر ۾ ٿي گذريو).

اهڙيءَ طرح ماڻهن جا نالا عجب معنائن وارا آهن. جيئن تہ: سياڻي، سهڻي، ڀائي، سيائي، سانئڻ، سوڀي، سليمت، حليمان، بصران، سَعدان، ڀاڳل، بختاور، نَمُئِي (يعني سدائين جيئري).

جيڪر تون سنڌ جي زالن ۽ مردن جي نالن ۽ انهن ۾ سمايل معنائن تي ڪتاب لکين تہ سنڌي لغت جي وڏي خدمت ٿيندي.

• پيار ۽ سهڻائي لاءِ تصغير ۽ ننڍڙائي واري معنيٰ ۾ 'ڙي' يا 'ل' واريون پڇاڙيون اچن ٿيون. جيئن تہ 'رات' مان 'راتڙي' ڳالهہ مان 'ڳالهڙي' رسالي جي بيتن ۾ آهي تہ:

تن واڍوڙون وٽا، رهي اڄجي راتڙي
—
اوڙڪ اهائي، ڳوليو لهن ڳالهڙي

**'ل' واري پڇاڙي جيئن تہ:** راوَمان راول، پنهون مان پنهل، راڻو مان راڻل، چڱو مان چڱل، بابا مان بابل، سوڍو مان سوڍل، پيارو مان پيارل، ٻڍو مان ٻڍل، تي سگهي ٿو تہ آخر ۾ 'ل' واري سٽاءُ 'مفعول' ۾ آخري 'ل' واري سٽاءَ جو عڪس هجي. ڪي نالا اسم مفعول واري سٽاءَ مطابق 'ل' جي پڇاڙيءَ سان آهن جئين تہ:رکيو مان رکيل، آندو مان آندل، ڏنو مان ڏنل، بخشيو مان بخشل، تڳيو مان تڳيل، پنيو مان پنيل يا پڇل.

-ماڻيٺو ۽ مانگيٺو عجب معنيٰ وارا نالا آهن ماڻيٺو يعني ماٺ وارو، صبر وارو. 'مانگيٺو' معنيٰ منگي ورتل، گُهري ورتل (دعا وراي سوال سان ورتل) مانگيٺو دَرس (وينل ڦانگهاريو لڳ مني) هن ڪي پنهنجي سان پاڏي جو وڏو خيال هو جهان خان وسائي پوٽي سندس تڙتي مال آندو تہ چيائين اول پاڏو ويڙهاء، پوءِ تڙ جو پاڻ پيء. جهان خان پنهنجي پاڏي ڪي 'چاولَيو' سڏيو هو اهو اجا ڪيرو هو پر مانگيٺي جي سان ڪي مارياڻين.

•عام ٻوليءَ ۾ 'ٻٽن لفظن' واري صورت غور طلب آهي گهڻي حد تائين اهي ٻٽا لفظ لغوي تڪرار (ساڳي معنيٰ ۾ ورائي چوڻ) يا تاڪيد يا وضاحت خاطر جڙيا آهن هڪڙا ٻٽا لفظ هم معنيٰ آهن. جن مان مراد تاڪيد يا وضاحت آهي جئين تہ ماني ڏاني، سوڻ ساٺ، چنڊ ڦوڪ، دم دلاسو، لڪ چپ، ونڊورڇ، سنگت ساٿ، ڏڪ پٽ، گس پنڌ ۽ گاهہ پنو وغيره اهي

ساڳي معنيٰ وارا ٻئا لفظ آهن ’ماني ڏاني‘ ۾ ’ڏان‘ بہ ان آهي ۽ ’گاهہ پنو‘ ۾ پنو بہ گاهہ آهي. ڪي ٻئا لفظ هڪ ٻئي جو ضد آهن. جئين تہ ڏک سک، گهٽ وڌ، اڇو ڪارو، ننڍو وڏو ۽ چڱو منو وغيرهہ. ڪن ٻئن لفظن ۾ پويون لفظ يَرتي لاءِ آهي ۽ بي معنيٰ تي سگهي ٿو. جيئن تہ خالي پيالي، هَرُو يَرو ڪن ٻئن لفظن جهڙوڪ ٽنب ٽوٽي، ڪير مڪڙ، گهڙي پلڪ ۾ جنسي مناسبت آهي: يعني ٻئي لفظ ساڳي جنس يا گروهہ مان آهن.

-پر جاڻ تہ اضافي ستاءَ ۾ بہ بہ لفظ گڏا ايندا. هينئين اضافي ستائن ۾ اهي ٻئي لفظ اسم آهن ۽ اهي ٻئي اسم ٻٽ تي، اضافي ترڪيب وارو اسم جوڙين ٿا جئين تہ: جهنگَ ٻلو (جهنگ ٻلو). اهو نالو انهيءَ ٻلي جو جيڪو جهنگلي آهي ۽ جهنگ ۾ رهي، وڏي شاهي جهنگ ٻلي کي جهنگراڙ ٻلو بہ چئبو ٻيو ٻٽو لفظ جَنڊر جهرڪي (جنڊر جي جهرڪي) اهو نالو آهي گهَريتڙو جهرڪي جو جيڪا گهرن ۾ رهي ۽ جنڊر جا ڪٽا چڳي، جَهنگَ جهرڪي (جهنگ جي جهرڪي) نالو آهي انهيءَ قسم جي جهرڪي جو جيڪا سدائين جهنگ ۾ رهي. سمنڊَر ڦيڻ (سمنڊر جي جهڳي) ۽ چيلهہَ چاڪ (چيلهہ جي ڪمزوري لاءِ چاڪائي) ٻئي پَسارڪن وکرن جا نالا آهن. ٻئي لفظ اضافي ترڪيب سان ٽيون اسم جوڙين ٿا. وڻَ ويڙهِي (نالو هڪ ٿلهي ولَ جو جيڪا وڻ کي ويڙهجي، وڻ کي وڪوڙي، مٿي چڙهي وڃي) واري ستاءُ ۾ ٻيو لفظ ’فعل‘ جي صيغي جو آهي. اي سياٽا، سمجهہ تہ انهن سيني ٻن لاڳو لفظن ۾ پهرئين لفظ جي آخري حرف تي هميشہ زبر ايندي اهو سنڌي اعراب جو هڪ قاعدو آهي ’پَنڪي وَرُ (پنڪي جو ور) ’اڪِ ٽيٽ‘ (اڪ جي ٽيٽ) ۽ ’اڪ چنب‘ (اڪ جي چنب) ۾ بہ اضافي ستاء آهي پر ٻنهي مان جيڪي لفظ نهن ٿا سي اسم ناهن پر ’ظرف‘ جي دفعي ۾ شامل آهن.

•سنڌ جي ڪن ڀاڱن ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي ان ۾ ڪي انوکا الفاظ، محاورا ۽ نحوي ستائون آهن، انهيءَ ڪري ان کي ان ڀاڱي جي مخصوص ’ٻولي‘ چئبو جئين تہ ’لاڙ جي ٻولي‘ ،’ڪاري جي ٻولي‘ پر ڪو انوکو لفظ جيڪو ڪنهن ڀاڱي جي ٻولي ۾ ڳالهائجي ٿو ان لاءِ بہ چوندا تہ”هي ٻولي آهي“ يعني تہ هي مقامي ٻوليءَ جو خاص لفظ آهي.

# سنڌ جون مانائتيون مايون

’سنڌ جي معاشري ۾ مائرن ڀينرن ۽ نياڻين جو وڏو مرتبو رهيو آهي. سنڌ ۾ ڪيتريون ئي سياڻيون سجاڳ ۽ مانائتيون مايون گذريون آهن جن مان ڪن جا نالا راقم سنڌ جي سگهڙن سان رهاڻ ڪندي ٻڌا اي بختاور! انهن مان ڪن جو ذڪر هن رهاڻ ۾ هيٺ آڻجي ٿو ۽ وڌيڪ ذڪر ڪنهن ٻي رهاڻ ۾ ٿيندو.

• مائي سبحاني شنباڻي.

مائي سبحاني ڏيءُ مير محمد شنباڻي ويٺل ليندباهو ديهه مامڙو تپو ترائي تعلقو روهڙي. پيءُ کي هڪ ڌيءَ هئي. پيءُ وڏو ڀاڳيو مال وارو هو ۽ ڪنهن جهيڙي سببان ڦاسي چڙهي ويو. مائي سبحاني پوءِ مال کي سنڀاليو ۽ اوطاق هلائي ۽ ماني ڪارائي. 13- فيبروري 1986ع تي چونڊڪي لڳ قائم فقير، پنيري وٽ ڪچهري ٿي (پير صاحب پاڳاري جي جماعت جو فقير وڏو مردانو ۽ مهل وارو راقم جو مهربان يار) جتي وڏيري علي مراد پنيري ٻڌايو تہ: هڪ پيري آڌيءَ رات جو ان ڳوٺ ۾ ويس ۽ ٻاهران وڏي سڏ سلام واريم تہ مائي آڌو سلام جو جواب ڏنو. آءُ حيران ٿيس ڏسان تہ اچي گهگهي سان مائي ٻئي اچي. مون پڇيو تہ: ڪو مرد ڪونهي! چيائين تہ: مرد آءُ آهيان اوطاق آهي ويهہ. وڏيري علي مردا چيو تہ مائي اجا (1986ع) جيئري آهي.

•مائي ڏاٽو ڏاريجاڻي.

مائي ڏاٽو ويٺل ڳوٺ حامد ڏاريجو تجل ڪان هڪ ميل اولهہ طرف کي ۽ چار نمبر پنهنجا هئس. ماني ڪارائيندي هئي وڏي بهادر هئي. اٺ جي هندي جي چؤنڪ ۾ ڪُهاڙي لڳي پئي هوندي هئس. واهر ۾ سڀ کان اڳ ۾ هوندي هئي.

•مائي مريم پنيري.

مائي مريم ويٺل طبل پنيري جو ڳوٺ. وڏي همت واري ٻڙاندو وهڙو جهلي سوگهو ڪيائين.

•مائي صابل مهرائڻ.

مائي صابل ويئل ڳوٺ ڪرڙو. مائي ڏاند کي سڱن کان ورائي دسيو. اهو هن طرح جو ماڻهو وهٽ کي جهلڻ لاءِ ٽپال تي بيهندا _ (واٽ جهلي بيهندا) پوءِ وهٽ ڦري وڙهڻ لاءِ تيار ٿيندو پوءِ ڪو همت وارو ان کي جهليندو.

•مائي پِرائي لغارڻ.

مائي پرائي ڌيءَ الله بخش خان پيروزاڻي لغاري ويئل ڳوٺ ٻنڙو تعلقو شهدادپور. 1925ع ڌاري گذاري وئي. پنهنجي دؤر جي وڏي طبيب هئي، سندس هٿ ۾ شفا هئي پيٽ جي تڪليف، تپ ۽ ٻين بيماري جون ڦڪيون ستيون ڪيائين. عضون تي متان ڏڪن ڦٽن جا ڪامياب آپريشن ڪيائين. پنهنجي نياڻي مائي خيري کي طبابت سيکاريائين. مائي خيري بہ ڪامياب علاج ڪيا. 1965ع ڌاري وفات ڪيائين.

•مائي فاطمہ موچياڻي.

مائي فاطمہ ڌيءَ لال موچي جو نالو روهڙي گهوٽڪي طرف مشهور آهي. سگهڙ شاعر هُئي ۽ پنهنجا بيت ۽ ڪلام جوڙيائين. وڏي حال واري هُئي. سٺ ورهيہ ڪن جي جمار ۾ 1925 ڌاري وفات ڪيائين. 23 مئي 1965ع ۾ ڳوٺ هنگوار ۾ پنهنجي ساٿي ۽ سڄڻ شاهہ محمد شاهہ وٽ ڪيل ڪچهري ۾ سگهڙ وريام خان جتوئي (ان وقت عمر سٺ ورهيہ) مائي فاطمہ جا هينيان بيت راقم کي ٻڌايا چيائين تہ مائي فاطمہ بيتن ۽ ڪلامن ۾ پنهنجي پيءُ لال جو نالو وڌو.

1_ ڇو ڏورين ٿو ڏونگر، تون جانب ڳولج جيءَ ۾
اڏئي ڪيچ ڪوهيارو قلب ۾ اندر سائر سر
اُني بوند برهہ جي اُنا ڪاف ڪڪر
اندر جهنگل، اندر بيلا، اندر شينهن سُير
اندر ڪعبو اندر قبلو اندر خوب خبر
من اندر موچي چوي چوليون ڏي ٿي چر
پاڪ ڏٺي پرور، تون لطف ڪجانءِ لال سان.
2_ لطف ڪجانءِ لال سان، تون قدرت ساڻ ڪُل
مومن مسلمان ٿيا، جئين گلابي گُل
پول نہ ٻئي ڪنهن پُل، تون ڳولج ڊول اندر ۾.
3_ ڳولج ڊول اندر ۾ تون اڇو ڪج ارواح

دانهن تنهنجي دل ۾ تو درس وهي درياهہ
ڪڏهين لهندين ڪينڪي تون اتڪل سان الله
جڏهين شافي ٿيندو شاهہ تڏهين مطلب ٿيندا مَن جا

—

1ـ ڪٽا وجهي ڪچڪول ۾ جوڳين ڪيو جج
نڪا ٻُک بيراڳين کي نڪا آديسين اُڄ
وهن ڪهن ڪابُول رائي مٿي رُڄ
لَت لڳي هُنِ لال چئي، محبت ڪئڙا مڄ
ماڻهن ليکي سُڄ، پر سامي تَنِ مَن سنرا
2ـ تڙيائون تڪبر کي، خودي ڪاڏائون
اوڏا ٿيا الف کي، غير نہ گڏيائون
'الم ذالڪ الڪتاب' محمد مڃيائون
مير مدائي من جو واري وڃيائون
اهي ڏاڳا ڏاريائون، جن سان لطف لڌائون لال چئي.

—

نڪو هو آدم زمين تي، نڪا هونگ هُياس
تڏهن قادر ڪُن فَيَڪُون، مؤن فائق فرماياس
'لاتقنطو مِن رحمة الله' ايئن آلا وَ اُتاسِ
'سلام قُل من الرب الرحيم' ڳجهان ڳجهہ ڳتاس
آڳج ايمان اني تي جنهن تي ڪلمو ٽڙو راس
پيچي پيچ پياس، لنؤ لڳي هَس لال چئي.

•مائي سليمت هاليپوٽي

ٽڳو سَر، تعلقي ننگر پارڪر جي. ڪهٽي وقت کان وني مال جو علاج ڪري، جيڪو پنهنجن وڏن کان سکيائين 30 سيپٽمبر 1978ع تي محترم محمد حسن رند جي دعوت تي تڙ احمد ۾ وڏي ڪچهري تي ۽ مائي مهرباني ڪري اتي آئي. صبح جو ماڻهو بيمار جانور وني آيا. هڪ بيمار اٺ جنهن کي ڏسي پڇيائين تہ: اٺ جهنگ ۾ رهجي ويو هو ڇا؟ مالڪ چيو تہ هائو مائي چيو تہ اٺ کي سيءُ لڳو ۽ اٺ جو مغز جهليل آهي. اٺ کي وهاريائون ۽ گوڏي تي لت ڏيئي جهليائون. مائي هڪ تيز چاقو سان اٺ جي ڪن کان هينان هڪ چير ڏنو تہ ڪارو رت ڦوهارو ڪري نڪتو ۽ اٺ ساهہ پٽيو ۽

ڪنڌ ورايو. پوءِ مائي وڪر لڪايا ۽ سمجهايو تہ اٺ ڪي ڏُک ڏين. هيو هڪ شاهہ هو جيڪو پلو گهوڙو وٺي آيو. مائي سليمت چيو تہ واڳ وٺي گهوڙي کي ڦيراءِ ٻن ٽن ڦيرن کان پوءِ، شاهہ کي ٻڌايائين تہ گهوڙي کي هي مرض آهي ۽ علاج لڪايائين پر ائين چيائين تہ هيءَ گهوڙو اڳ بہ مون وٽ انهيءَ ساڳئي سبب ڪري آيل آهي. شاهہ چيو تہ برابر ائين آهي.

مائي سليمت کان وڌيڪ مون جيڪي پڇيو تنهن جو تفصيل هن طرح آهي. چيائين تہ هالي ٻوٽا سما آهن ۽ چوڪا ڪڙم چار آهن: ٻهمڻ جا پٽ چار ٿيا: ٻنيو چوٽو جکرو ۽ اسمار. جن مان انهن نالن سان چار ڪڙم ٿيا. مائي سليمت وارا ٻنين هالي پوٽن جي غفو راٽي پاڙي مان آهن. مائي جو پاءُ محمد عالم تڳو سر ۾ پيش امام آهي. جنهن سان پڻ ملاقات ٿي ۽ احوال مليو. سندن وڏا غوث صاحب جا مريد هئا. مائي جي والد جونالو عبدالرئوف، ڏاڏو حاجي مڱيلڏو ۽ پڙ ڏاڏو حاجي يوسف. ڏاڏو ۽ پڙ ڏاڏو ٻئي عالم بہ هئا. سندس ٽي چاچا هئا جن مان گل محمد ۽ مهراڻ مال جي علاج جا ڄاڻو هئا. غوث صاحب جو راڳ ڪندا هئا. گل محمد وڏو راڳي پاڳي ۽ سگهڙ شاعر هو. گل محمد کي ڳائي ۽ ماهي مال جي علاج جي وڏي ڄاڻ هئي، باقي مهراڻ کي سڀ مال جي خبر هئي. مائي سليمت مال جو علاج بہ ڪري ۽ ٻنيون بہ سنڀالي. جملي 144 ٻنيون ۽ اٺ هاري پاءُ محمد عالم جا ۽ اٺ مائي سليمت جا.

مائي سليمت کي چاچي مهراڻ کان مال جي علاج جو علم مليو. پنهنجي ڄاڻ بابت چيائين تہ: مون کي اٺ ۽ گهوڙي جي گهٽي خبر ٿي پوي باقي ڳئون ۽ مينهن جي ايتري خبر نٿي پوي. ٿي پيرا علاج ڪريان ٿي نہ لڳي ٿو اٺ ۽ گهوڙي لاءِ مون کي جڻ پسڻ ٿو پوي تہ هي بيماري آهي ۽ هي علاج ڪجي. سال ۾ چاليهہ ڏينهن صلوات پڙهندي آهيان ۽ صلوات جي برڪت آهي. ڪيل ڪامياب علاجن جا مثال تہ:

- هڪ گهوڙو منڊو ٿيو علاج ڪري بينا پر فائدو نہ ٿيو. مون وٽ آنڊائون مون ڏسڻ سان سمجهيو تہ هيو ڪو منڊ ڪونهي ۽ کُر ۾ ڪا تڪليف آهي. جهلائي ڄانچيم تہ لوهي نال جو تڪر اندر ماس ۾ پڳل هو جيڪو ڪڍيم.
- هڪ گهوڙي کي نڙي ۾ ڪٽڪ جو ڪانو ڦاٿو ۽ ڪو علاج ڪونہ پيو ٿئي پوءِ گهوڙو مون وٽ وٺي آيا مون ڪپڙو گهرايو ۽ گهوڙي کي سخت گهٽو ڏياريو جنهن تي گهوڙي ڪنگهيو تہ ڪانو ٻاهر نڪري آيو.
- هن ڳوٺ (تڙ احمد) جو بيمار اٺ مون وٽ آنڊائون مون ڏسي ڄانچي مالڪ کي چيو تہ: تو اٺ تي لوڻ لڏيو آهي، جنهن جي گرمي اٺ کي ساڙي ڇڏيو

آهي هي ڪئين بچندو قبول ڪيائين تہ برابر لوڻ لڏيو اٿم.

- هڪ بيمار اٺ آندائون مون جانچي تپاسي ڏٺو تہ پاسرين هيٺان ڳوڙهو نظر آيو. زور ڏيئي ڏٺم تہ سمجهيم تہ ڪا سخت شيءِ آهي مٿان وڍيم تہ لوهي شيءَ نظر آئي. چقمق گهرائي آڏو ڏٺم تہ لوهي سوئو نڪري آيو پوءِ مالڪن ٻڌايو تہ: اٺ کي تاڙ هنيوسون تہ سوئو ڀڳهي ويو هو اسان پانيو تہ ڪٽي ڪري ويو آهي.

•مون پاڻ پنهنجي جاڻ لاءِ سليمت کان بہ تي ڳالهيون پڇيون، هڪ زناني ويم جي سُوانجي بابت جنهن کي 'ٻتيهو' بہ چون، ٻيو چَندرس بابت جيڪو مال جي هَڏ ڀڳ لاءِ اڪسير آهي ۽ ٽيون گهوڙي جي پيشاب جي جهلجڻ بابت جنهن جو سنڌ جا سوار مختلف علاج ڪن. پوين ٻن ڳالهين بابت مائي سليمت جيڪي سمجهايو سو هيٺ لکجي ٿو تہ ان معلومات مان عام فائدو ٿئي.

- گهوڙي جو پيشاب جهلجي ٿو هڪ آبگير مان ٻيو سرگير مان. ان لاءِ هڪ ڪارگر علاج هي آهي: هڪ پاءُ تر، هڪ پاءُ پتاشا، هڪ پاءُ سينڌو لوڻ اهي ملائي پنج وزن ڪبا ۽ روزانو هڪ وزن اٺي ۾ ڪارائبو.
- چيائين تہ هڏ جي ڀڳ لاءِ چندرس کان وڌيڪ ٻي شيءَ ڪانهي رڳو چندرس ڏبو تہ بہ فائدو پر ٻين شين سان گڏي ڏبو تہ وڌيڪ فائدو ٿيندو. اهو هن طرح جو چندرس، مجٺ، ميد لڪڙي، آساپوري ڏوپ، لوبان ڏوپ ۽ ڪنگٹهار. انهن مان اٺ لاءِ هر هڪ جا ڏهہ تولا، گهوڙي لاءِ پنج تولا، ٻڪري لاءِ اڍائي تولا، مينهن ۽ ڳئون لاءِ اڌ پاءُ وزن ڪري کارائبا پر اٺ جي نري ڀڳي تہ ٽي ويندي باقي ٻيو هڏ ڀڳو تہ ڪونہ ٽيندو گهوڙي جو ٽي ويندو ڀڳل هڏ کي ٻاهران پٽي ٻڌبي تيل جي مالش ڪري، پٽيءَ کي ميٽيءَ جو ليپو ڏيئي پٽي ٻڌبي پوءِ چپرون ڏيئي مٿا چڪي ٻڌي ڇڏبو.

مائي جي ايڏي ذهانت، پر حڪومت جي 'ويٽرنري' کاتي کان ايتري توفيق ڪانہ ٿي جو گهٽو اڳ مائي کي مال جي علاج لاءِ مقرر ڪرائي ٿر جي مال لاءِ ڪا مرڪزي اسپتال قائم ڪن ها. جڏهن سنڌ جي چيف منسٽر جناب غوث علي شاهہ صاحب عمر ڪوٽ ۾ ٿر جي بهبودي لاءِ نمائش جو افتتاح ڪيو تڏهن مون ٿر جي سجاڻ شخصن ڏانهن سندس توجهہ ڇڪايو جنهن تي مائي سليمت لاءِ پنج سئو رپيا مهينو ۽ حاصل فقير وسائي پوتي، ساهڙ ٽيبي ۽ امير بخش چانديي لاءِ ٽي سئو رپيا ماهوار مقرر ٿيا. هڪ پيرو پوءِ بہ آءُ تڳوسر وجي مائي سليمت سان مليس ۽ سوچيم تہ جيڪر تڳوسر ۾ مائي سليمت جي نالي سان مال جي علاج لاءِ اسپتال قائم ٿئي.

# ڏهسنامو: دانائي جا بيت

•سنڌي ڏهسنامو شاعري، لغت جي لباس ۾ دانائي جا بيت آهن. اي سڄڻ! سنڌ جا اڳيان سگهڙ انوکي لغت جا ڳولائو هئا ۽ لغت جي لباس ۾ هنن ڳُن جا گُفتا چيا. انهيءَ رهاڻ جا ڪي ميساريل اهڃاڻ راقم کي 1950_1975ع دؤر ان تحقيق ڪندي سنڌ جي هر ڀاڱي ۾ مليا. هيٺيان بيت ٽُل ۾ سيد دامن علي شاهہ جي اوطاق تي ڪيل ڪچهري (3 مارچ 1972ع) ۾ سگهڙ محمد يعقوب برڙي ۽ ٻين سگهڙن ٻڌايا. پهرئين بيت جو موضوع آهي تہ ڇگُوئي چڱائي کي سجاڳيندو باقي ٻي گُني ماڻهوءَ سان گن ڪرڻ آهي ڪلر ۾ پاڻي هارڻ.

گُني پرجهي گُن کي، رائل پُرجهي روه
پُرجهي ٻيڻ پنينگ کي، پارس پُرجهي لوه
اُسهہ نہ الهداد چوي، ڏسي پُرجهي ڏوه
گاندوءَ ساڻ گلوه، ڪيو تہ ڪلر هاريو.

رائل= ڪونج پيين، ٻوَن= ماڪ پنينگ= نانگ اسهہ نہ= هليو نہ وڃ ڳلوه= گُن، چڱائي. هينئين بيت جو موضوع آهي تہ لاچار وارو ۽ سڪ وارو ضرور اوڏاهين ويندو جيڏانهن جي ڇڪ هوندي

گهايل گهاري ناگهڙي، ٻين پنيگن پاس
نافڪ ولَ ڪؤن نڪري هو آرڳ تڪي آڪاس
هن کي ورتو وَرنايون وڃي، حيرت هيءَ هياس
پوءِ ڇپي بينهہ پاس، طائوس تي تاب ڪيا

نافڪ ول= وَل جي نافي (ڏن، وچ) ڪان ٻاهر نڪري الڳ (ارڳ) تي هو (گهايل نانگ) آسمان نهاري ورتو= ڏاهو جوڳي. طائوس= مور (نانگ کي يا جوڳي جهليو وڃي يا مور ماري)

دانہ رَين دنا، تانگهي ترڪستان ڏي
مرگهن کي آمن ۾ تاري ڏي تمنا

سڪي سِپ سمونڊ ۾ آهي ماندي مينهن بنا
جنهن جِي تَس تَنا، سو والي ميل وسند چئي.

دانہ= ترڪستان جو داناء ماڻهو. رين دنا= ڏينهن رات تانگهي= تانگهہ ڪري، سڪ سان سنڀالي. مرگهہ= هرڻ (هڪ گمان موجب هرڻ رات جو ڪنهن ڏي تاڙي نهاري ٿو) تَس تنا= تن کي تَس اچ.

جڏهن سانگ وسانگ ريءِ ڏَر پَپيهَر پوءِ
وسُون سار وَنجهہ کي راتو ڏيهان روءِ
رئمي رهي نہ روهہ، ري توڙي پوي پوءِ
سيچاڻو ۽ سار ڏو ورک نہ ويکي ڪوءِ
وهيتي ومر ري ڦري، ائين چوي ڪوءِ
جڏ پِرين پنيرا ٿيا، تڏ پاڻي لوڙان لوءِ
جڏ جانب جدائي ڪئي، تڏ واچ اُڏاري روهہ
پِرينِ ڪونهي ڏوهہ، آهن مستايون ماڻهن جون.

رئمي= ڪونج. سيچاڻو= باز. سارڏو= ماکي (؟) ورک= وڻ (باز ۽ ماکي وڻ ڏسي نہ ويهندا جهڙي تهڙي وڻ ۾ ويهي رهندا)

•ڏهسنامي کان الڳ حڪمت ۽ دانائي جا بيت هيٺيان بہ بيت صابر موچي جا آهن، جيڪو وڏو سگهڙ هو. موضوع آهي تہ تڪليف ۾ بنا صبر جي ٻيو چارو ڪونهي.

نڪي ڪٽڪ ۾ ڪُنجهہ، نڪي جهيڙ جَهڪاوَ سان
صبر جو صابري چوي، هوري هار مَ هنجهہ
منڌ پنهنجو منجهہ، متان ڏين موچي چوي.

—

آن نا اونين جهڙي، منهنجا اوني اڪابر
ور وني ويا پاڻ سان، ڪري زوري زورآورَ
هاڻي صبرڙي صابر، اچي ڪين عجيب رِي.

هيٺيون بيت سمجهہ ۽ سياڻپ جو آهي:

ڪانءُ ڪبوتر نہ ٿئي، توڙي صابڻ ملُي سير
ڪوٽو ڪرو نہ ٿئي من مؤن ڪيڍي نہ مير
هو ڏسڻ سان ڏقير، هن جو پري کان بُت پڌرو.

# جهر جهنگ غزل

مير عبدالحسين خان سانگي 19هين صدي جي آخر ۾ ’فارسي غزل‘ جي جاءِ تي ’سنڌي غزل‘ کي تخت تي ويهاريو. 19هين صدي جي آخر کان وٺي 20هين صدي جي پهرين پنجويهن سالن تائين سنڌ جي هر پاڳي ۾ وڏا غزل- گو شاعر ساماڻا ان مرتضائي نٽوي پنهنجي نظم ۾ اوٽويهن نامور غزل گو شاعرن جا نالا ڳڻيا آهن پر اجا به ڪن وڏن جا نالا ڪانئس رهجي ويا. مثال طور حڪيم فضل محمد تخلص ’ماتم‘ وڏو شاعر هو جنهن جي هڪ غزل جي پيران مير عبد الحسين خان ’سانگي‘ ۽ غلام محمد شاهه ’گدا‘ غزل چيا.

ان بعد ٻئي دؤر ۾ (1950ع تائين) محمد بخش ’واصف‘، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل ۽ ٻين مشاعرن جون محفلون جاري رکيون پر تقليد ۽ روايت وارو رنگ غالب رهيو.

هن ٻئي دؤر ۾ بدين مان مولوي احمد ملاح شعرو شاعري جي آسمان تي چنڊ ٿي ابريو. هن نظم کي خالص سنڌي ٻولي واري زبان ڏني ۽ صنعت تجنيس ۽ هم آواز لفظن جي لشڪر سان شعر کي طاقتور بڻايو. لاڙ ۾ ماتلي- بدين طرف 1945— 1965ع واري عرصي ۾، مولوي احمد ملاح جي عام مقبول شاعريءَ جي اثر هيٺ، چڱا شاعر ساماڻا جن پڻ غزل ۾ طبع آزمائي ڪئي. مولوي صاحب پاڻ وڏو غزل گو شاعر هو جيتوڻيڪ هن پوءِ غزل بدران توحيدي شاعري ڏانهن توجهه ڪيو. 1965_1885ع وارن سالن ۾ راقم جڏهن ماتلي، بدين، ڪُنري طرف ڪچهريون ڪيون تڏهن اتي جي مقامي شاعرن جي عزلن جو غلغلو باقي هو جيتوڻيڪ گهڻا گذاري ويا هئا. اي سنڌ جا سجاڻ اديب! اڄ منهنجي توسان انهن وسريل ماڳن جي ڪن گمنام شاعرن بابت رهاڻ آهي انهيءَ لاءِ ته انهن جي يادگيري باقي رهي.

• محسن شاهه

محسن شاهه والد سرور شاهه فارسي پڙهيل هو. نوابن ۾ رهندو هو.

سرور شاهه محسن شاهه کي پڙهايائين ۽ محسن شاهه تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪئي، ماستر ٿيو ۽ 1965ع ڌاري گذاريائين. سندس شعر گهڻو آهي مثال ڏجن ٿا:

ڪونڪو همدم ڏنم هن حال لاءِ
اَبُر کي روئي مُڪم احوال لاءِ
مس اچا محسن ڏي دلبر منهن ڪيو
لُڙڪ ٻوڙي آيا استقبال لاءِ.

—

آدم ڇڏيو هو خلد کي، مون دل ۾ دين ڇڏيو
خالِ حبيب دانه گندم کان گهٽ نه آ.

—

دلڙيون لٽين ٿو دوست ڏتارڻ جي واسطي
وعدا ڪرين ٿو يار وسارڻ جي واسطي
جيسين ڏسان نه جانب اچجئين نه اي اَجل
محسن مريض عشق کي مارڻ جي واسطي

—

جي مَري محسن ويو مجلس ۾ مشتاقن جي اڄ
آهه بس نظم نڪو نادر نشاني مون سندي

## •فيض محمد فيض

فيض محمد فيض، ٽنڊي غلام حيدر جو سنڌي ماستر هو 70/ 1969ع ۾ گذاريائين.

ڪين هت حيدر ٽَنڊي ۾ فيض کي لڳندي ڦَڪي
هي ڦتيل آهي ڦُريل ڪنهن شمع رو جي شهر جو.

—

سندم درد جگر جي سپ دوا پيو پاڻ کي سمجهان
الائي ڇا منهنجا اي ڇا ته ڇا پيو پاڻ کي سمجهان
ڪڏهن ٿي مولوي مالڪ حقيقي کي مجيم حق ٿي
ڪڏهن ڪنهن بت سندو بندو صفا پيو پاڻ کي سمجهان
ڪڏهن ڪنهن تاج تونگر جي به تختن تي نه تن هيريم
ڪڏهن ڪنهن جي گهٽي گهر جو گدا پيو پاڻ کي سمجهان

ڪٿي ٿيو فيض جو صاحب سڏايم فيض محمد پٺي
ڪٿي تان فيض جي خاطر فدا پيو پاڻ ڪي سمجهان.

—

ڪا گهڙي غمگين سان جي گلبدن گهاري وڃهين
هوند تان هيڏا هجر جا ٿپ سيئي ٽاري وڃهين.

—

دلڙي ڦُري وئين تون ڪري ڍنگ ڍنگ نوان
وارن جا ويڙهي تو وڏا ونگ ونگ نوان.

**•محمد حسن شاهه ڪتائي**

محمد محسن شاهه ڪتائي وينل ديهه خاصو لڳ ٽنڊو غلام حيدر تعلقو ماتلي سهڻو حسين هو. نوجواني ۾ اندازي موجب 1973ع ڌاري وفات ڪيائين. نواب حاجي محمد علي خان (وفات سيپٽمبر 1975)وٽ گهڻو ايندو هو.

نوازش جي نماڻن تي نظر داري ڪڏهن ٿيندي
پرين پيارا پينارن جي پوئيواري ڪڏهن ٿيندي
وڇوڙو يار تو ماري-ورڻ واري ڪڏهن ٿيندي!

**•ميرو فقير گوپانگ**

ميرو گوپانگ وينل رپ، تعلقو بدين، سٺ پنجهٺ ورهين ۾ 70–1969ع ڌاري گذاري ويو.

سنگدل سهڻن سان چو پورا تہ دل پيري اٿئي
ڪيا اکين اُوها اندر زابر زخم زيري اٿئي
نيڻ آهو ڍَڪَ هنيا، ڏيئي ڇهڪ تنهن چيري وڏا
هي نہ ورهين جي وڍيل عاشق جي دل ايري اٿئي.

’دل ايري اٿئي‘:ايرڻ ۽ ايرجڻ معنيٰ وارا لفظ آهن. ايرڻ معنيٰ هڪ ٻئي مٿان سٽڻ، وڇائڻ. ڪاٺين جو هڪ ٻئي مٿان پهريون سٽو سٽڻ ايرڻ جي ٻي معنيٰ ’يرڻ‘ ۽ ’معنيٰ يرجڻ ڦٽ جو ۽ زخم جو.

**•اسماعيل نونداڻي**

اسماعيل نونداڻي ڳوٺ حافظ محمد نونداڻي، ديهه اڳڙي، تعلقو

گولاڙچي ۾ درس تدريس ۽ مڪتب پڙهايائين. 1979ع جي آخر ۾ گذاريائين.

نيڪ نيت جي نظر سان نينهن نونداٽي رکيج
قدرداني ناهه ڪِٿهين يار ياري وئي هلي!

•حافظ محمد

ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي ۾ مرحوم الله ڏني خان نظاماڻي وٽ ڪيل ڪچهري (15ڊسمبر 1971ع) ۾ ساڻس ملاقات ٿي. نوجوان, پر رندلا اُبائي-پنهنجو غزل نما ڪلام ٻڌايائين ته:

منهنجي زره پرين توکان زور آهي
اهو ڪانُ تنهنجو ڪمزور آهي
تنهنجي ديدن ۾ ايڏا دام آهن
جيڏا مون سين ٿيا ماتام آهن
سڀ عشق جا هي انجام آهن
توتان هر گهڙي سر گهور آهي.

•خدابخش 'مجاهد'

خدابخش عرف مجاهد ولد حاجي منوخان چانديو وينل ڳوٺ نبي بخش چانڊيو سانوِري شاخ, تعلقو عمرڪوٽ. ساڻس 1960ع کان پوءِ شهر ساماري ۾ 27 نومبر 1964ع ان بعد مرحوم عبدالله خان ڪپري وٽ ڪيل ڪچهرين ۾ 1981ع تائين ملڻ ٿيو. سنه 1964ع ۾ سندس عمر 35 سال هئي. مجاهد هن وقت حال حيات ۽ باهمت آهي. سندن والد منو خان وڏو سگهڙ هو. نبي سر شهر جو وينل مولوي نيڪ محمد ڏبگروٽس ايندو ويندو هو جيڪو اديب ۽ شاعر هو. سندس هڪ غزل جو مطالعو ته:

تڏهن کان يارسين ناتو جڏهن حاضر نه هستي هئي
رڳي هئي راز ۾ رونق, نه ڪا ابجد الستي هئي.
عمرتنهنجي عطر رومي گلابي مشڪ عنبر کان
خدا جو سُنهن ته وڏي خوشبوءِ پنهوارن جي پسيني ۾
نير مان نيڪ محمد نيٺ نڪري آءُ وطن ويندس
ملير اندز ٿيا ماڳي مران منور مديني ۾.

خدا بخش نندڙو هو ذهين هو ۽ هن نيڪ محمد جا شعر ٻڌي پنهنجا شعر چوڻ شروع ڪيا. هڪ ڀيري مولوي احمد ملاح، ڳڙي ۾ قاضي سلطان جي پاڻتي ابراهيم مومن وٽ آيو اتي خدا بخش پنهنجو هي غزل پڙهيو:

زلف زهريلي منجهان زنجير داني پئي ٿي
ڪيءَ ڪجل ڪارين اکين ۾ قهري ڪاني پئي ٿي
قهربا ڳهوال ڪاڪل آپريشان زلف پيچ
گسيوئي عنبرو جي گردن ڪان رواني پئي ٿي
مست هيئن مرندا رهيا موسيٰ ڪليم الله تي
حادثا تنهنجي حسن ڪيا حڪمراني پئي ٿي
ڪي قريبن قرب ڪان ڪرَ موڙ تان ناهي ڪمان
انڌلٽ اهلِ حسن ڪان آسماني پئي ٿي
نيئي مجاهد ڪي نهوڙيو نيڻ نيزي نوڪ سان
نعشِ مظهر مان نئين نعمت نوازي پئي ٿي.

مولوي صاحب چيو ته واري پڙهه ائين تي ڀيرا پڙهاياائين. پوءِ چيائين ته:'توڪي شعر جا سڀ حق واسطا آهن تون ڀل شعر چؤ'

مجاهد سان راقم جون جڏهن ڪچهريون ٿيون ۽ پنهنجا غزل ٻڌايائين ته سندس ذهانت ۽ شاعرانه رواني جا جلوا ڏسي حيرت ٿي جو چيائين ته: آءُ پڙهيل ڪونه آهيان ۽ منهنجو علم صحبتي آهي. چيائين ته: ڪنهن وقت مون کي اهڙو خيال ٿو اچي ته اقبال واري رنگ ۾ آءُ شعر چئي ٿو سگهان. هڪ شعر ۾ چيائين ته:

خدايا شعر منهنجي جي جڏهن پوري رواني ٿئي
پلي مون سان مخاطب پوءِ عقيلي يا گرامي ٿئي.

الله بخش عقيلي ۽ غلام محمد گرامي ٻئي ان وقت زنده هئا. مجاهد جي غزلن ۾ لطافت جا هيئيان جلوا حيرت انگيز آهن:

سنوارِي سينڌ پئي سهڻي صفا منهنجي ستائڻ لئه
اجا محبوب مس مرڪيو ڪيم محسوس ماريندو!
ڳنڊون ڳنڍ ڪان ڪاڪل جون قمر ڪي قيد ۾ آڻن
مجاهد زلف محبوبي وجي ٿو چنڊ واڙيندو.

---

نت نيارين نيڻ گلجين نيم خوابي ڪن نظر
دوبندو ديدون دُناليون عاشقن تي ڪن اثر
چنڊ چوڏهينءَ ماهه ڪان وڌ آهه چهري ۾ چمڪ
سر ڪلهن چوڙي چڏيائين پر قمر جي تيا ڪڪر.

پهرئين غزل ۾ ’قمر ڪي قيد ۾ آڻن‘ ۽ ٻئي ۾ ’پر قمر جي تيا ڪڪر‘ وارن اهڃاڻن مان ظاهر آهي تہ ’مجاهد‘ تي مولوي احمد ملاح جي غزلن جو رنگ چڙهيو. مولوي احمد جي هڪ غزل جو شعر هن طرح آهي تہ:

مُنهن پِران محبوب کي تا وار وَهہَ جهڙا سونهن
ڳر هلي تو ڪو ڪڪر ڪارو قمر جي آسپاس.

’مجاهد‘ جي هيئين شعرن ۾ نزاڪتون سمايل آهن ۽ جڏهن اهي پڙهيائين تہ مون چيو ”واهہ واهہ!“ هڪ غزل جو مطالعو ۽ هڪ شعر هن طرح آهي تہ:

نظر ۾ ناز پرور جي رکيل هن نقش نوراني
1- جڏهن لالي لبن لائي، تہ ماما مينهن جا ناهي
حنا هر حرف ۾ آهي، هلي هر هنڌ حڪمراني.

’مينهن جا ماما‘ يعني ڳاڙها ’مينهن وَساڙا‘ جيت جيڪي ساوڻ جي برساتن ۾ نڪرن.

اسان جي سرد آهن ڪان هجي طوفان جي واقف
تہ لنگر ناخدائن جو برابر بي خطر ٿئي ها.

---

قيد ڪاڪل جي ڪڙي ۾ آهہ قابو ڪائنات
زلف جي زنجير ڪان خود ظلم زور ٿيو وچي.

---

اڄ عجيبن جون اکيون عاشق ڪان آرو پار ٿيون
دلربا جون ٻئي دوناليون دل منهجان ڏوپار ٿيون.

مجاهد هيٺيون نظم پڙهيو تہ معنيٰ جي لحاظ سان مون کي نهايت پسند آيو:

شاگرد عيسيٰ خضر جا ٿيا هميشه لئه حيات
موت کي ماري ڇڏيائون، نفس کان ورتئون نجات
گودڙيون گيڙو ڍڪيائون ويا گنگا گرنار ڏي
جوان ويا جاوي ۽ جمنا، ٻي نه واريائون ڪا وات
ويا نڱي، نانگا هليا ناني ۽ نانڪ نات کان
ڪاپڙي ڪنفاڙ جوڳي ويا هليا ٻي ڪنهن ولات
لُنگ 'ڪڍيائون لانگ' لاهوتي مهيسي ماڳ ويا
اُت اُيا آراداس ۾ جت ناهه نانڪ جي نڪات.

1965ع واري جنگ ۾ لاهور وارن همت سان منهن ڏنو هو انهن جي تعريف ۾ نظم ته:

لوڪ ۾ لولي لڳي لاهور وارن تي سلام
راهه رب جي ۾ شهيدن شهر وارن تي سلام.

اهو ٻڌي مجاهد پنهنجن سنڌ جي سورهين کي ڳايو جن ٽر کان اڳتي وڏي هندستان جي علائقي تي قبضو ڪيو. مجاهد چيو ته:

سنڌ جي سرمست جوانن دلستانن تي سلام
پير پاڳاري جي پتنگن پهلوانن تي سلام
حر حسيني ٿيا اچي همراهه حاضر هم رفيق
قوم تان قربان ٿيا تن قدردانن تي سلام
سڌ سڪندر جي سين هئا سر تري تي سو هزار
جستجو جنگ جي ڪيائون تن جوانن کي سلام
خالد و سلطان و طارف کي سڃاڻي ٿو صحيح
نيٺ ان نقشي قدم جي نگهبانن تي سلام
ڪالهه کين ڪنري نبي سر ڪاهه ڪئي ڪفران تي
چئج تون مرد مجاهد مسلمانن تي سلام.

"سڌ سڪندر جي" يعني پير صاحب پاڳاري سڪندر شاهه جي سڌ تي 'ڪالهه کان ڪنري نبي سر'، يعني 'ڪالهه ڪُنري ۽ نبي سر کان'

# جواني

اي سڄڻ! انسان جي حياتي ۾ جواني وڏي وَٿ آهي، اها وٿ وڃي ٿي تہ
هر ڪو ان کي وري وري ياد ڪري ٿو سنڌ جي شاعرن جوانيءَ کي ڳايو آهي ۽
ان سلسلي ۾ لس ٻيلي جي شاعر مڱئي ٻراديي جا هيٺيان بيت بہ مثالي آهن.

1ـ جوڀن ۽ جواني، جي سچي هئي ساڪي
اُن، مڪڙ ۽ ماڪي، وڪاڻي ورهيہ ٿيا
2ـ ڪارا هئڙا ڪيس، تہ پئي آئڙيم عجيبن کي
سوين سونهن سر تي وڏايون ۽ ويس
لکن جا لبيس، پرين پاسرا ڪيا
3ـ ٻيا سڀ تول اچا چڱا، اچا چڱا نہ وار
دشمن دُشڪارِي نہ آٽي، توڙي ٻڌان پنج هٿيار
مهري مور نہ ٻيهي، توڙي حيلا ڪريان هزار
پلوڙي جوڀن يار، ويندي وداع ئي نہ ڪيئي!
4ـ جڏهن هئس جواڻ، تہ پٽي ڪوڏيون ڪنم ڪيتريون
هاڻي هٿ ڏکن، پير ڏکن، جهلي نہ سگهان پاڻ
سَنج اُهيئي ساڻ، پر جوڀن ريءَ جڏا ٿيا.
5ـ جوڀن سان جنهن جاڙ ڪئي، تنهن سان جوڀن جاڙ ڪندو
هٽي هٿ هٿن تي، ويل وڏي ويندو
اهو محب مڱيو چئي موٽي نہ ملندو
ياد گهڻو ايندو پيو سڄڻ ساريون ڏينهڙا.

اي جوان! هاڻي انهن بيتن جي معنيٰ تي غور ڪر پهرئين بيت ۾ لفظ
ٿورا ۽ معنيٰ گهڻي آهي 1ـ مڱيو ٿو چوي تہ توڙي جو جوڀن سچو هو ۽
جواني بہ سچي هئي (ساڪي معنيٰ ساک واري، حقيقي ۽ سچي) تہ بہ انهيءَ
مڪڙ ۽ ماکي کي وڪامندي ورهيہ ٿي ويا! هاڻي نہ اهو جوڀن نہ اها جواني
2ـ ڪيس معنيٰ وار. 3ـ دشڪاري معنيٰ هيبت، ڊڄ 4ـ سنج= ٽپڙو

هٿيار، اوزار، مڱيي جي هيءَ ست مُلڪان ملڪ پهاڪا طور مشهور ٿي وئي ۽ اسان جتي ڪٿي ٻڌي ته:

سنج اُهيئي ساڻ، پر جوين ريءِ جڏا ٿيا

هٿي هٿ هٿن تي، يعني تاڙي هٿي، ڏارو ڏيئي به جٽا ڪنهن خبر تي خوشي جو اظهار ڪندا يا ڳالهه پڪي ڪندا يا ڪو خوشيءَ جو وعدو ڪندا ته هڪڙو ٻئي جيٰ هٿ تي تاڙي جو نڪاءُ ڪندو، يا ڏارو ڏيندو تاڙي هڻڻ وقت هٿ ويجها هوندا. ڏاري وقت هڪڙو پنهنجو هٿ هيٺ جهليندو ۽ ٻيو ٻانهن ٿوري مٿي ڪري هٿ مٿان واريندو هٿن تي هٿ هڻڻ خوشيءَ جو اظهار آهي، ويساهڻ ۽ ڳالهه پڪي ڪرڻ جو اظهار آهي، پر ڪي ڪچا ماڻهو ائين ويساهي وعدي تان ڦري ويندا ۽ وعدي خلافي ڪندا. مڱيو ٿو چوي ته جوين به ائين جلوا ڏيکاري ويساهي ويندو. اي سڄاڻ! سمجهه ته 'هٿن' جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اصطلاح آهن پر وعدي ۽ انجام واري معنيٰ خاص آهي، ميانوالي طريقي ۾، خوشي ڪرڻ ۽ ڇِسِي ڏيڻ' معنيءِ هڪ ٻئي سان محبت وارا هٿ ملائڻ. پير صاحب پاڳاري جي جماعت ۾ ڪنهن ڏوهه سببان پير صاحب جن جي حڪم موجب، ڏوهي جو هٿ بند ٿيندو ۽ 'بند ٿيڻ' هڪ وڏي ڳڻتي واري ڳالهه آهي جو جماعت وارا ان سان ڳالهائيندا پر ان کي هٿ نه ڏيندا. جڏهن هو فيصلي موجب وهنوار ڏيندو ته پوءِ سندس 'هٿ کلندو' ڪي جوان ٽولي جي اڳواڻ فقير کي هٿ ڏيئي' فقيري جماعت ۾ شامل ٿيندا هئا، اهو 'هٿ ڏيڻ' جڻ پڪو ٻول ٻڌڻ هو ۽ سر ڏيئي به ٻول ۾ سچو ٿي ڏيکاريندا هئا.

# سگهڙ شاعر ۽ قصا

اي محب وطن! هيءَ رهاڻ وطن جي انهن سچن شاعرن جي آهي، جن پنهنجي صاف سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي حال جون ڳالهيون ڪيون. لفظ لفظ ڪري اهي بيت سمجهه ۽ صحيح پڙهه ته توکي سنڌي ٻوليءَ جي ساڃاءِ حاصل ٿئي. جاڻ ته سگهڙن شاعرن مان هڪڙن بيتن ۾ قصا جوڙيا جئين لعلو تيوڻي 'راڻي مومل' جو قصو جوڙيو. ٻهاول مهر پنهنجي عاقل تعلقي جو 1956ع ڌاري گذاري ويو تنهن 'بانڪو بهرام' جوڙيو ۽ پڻ اهو ڪتاب ڇپرايو ڇپائين ته اڳ جيڪو "بانڪي بهرام جو قصو" ڇپيل آهي انهيءَ مان هڪ لفظ به ڪونه آندو آٿم. هينيان بيت ٻهاول جي ڇپيل انهيءَ قصي جا آهن ٻئي بيت ۾ 'ٻڍو' نالو قصي جي هڪ ڪردار جو نالو آهي.

بات سڻي بهرام ڪي، ٿيو نشو نينهن
گوهر 'گل اندام' لئي مرد وسايو مينهن
سگهو رب سميع، ڪندو ميلو محبوبن سان.

—

ڪندو ميلو محبوبن سان راضي ٿيندو رب
ٻڍا ٻڌين ٿو ٻول ڪي، مون ڪي لڳو عشق عجب
سپيريان جي سڪ اڇي ڏنو جيءَ جذب
اعليٰ آهي اصل ڪؤن سندو نينهن نسب
صاحب ڪر سبب، ته وڃي ملان محبوبن سان.

بين سگهڙن قصن جي ڪن ڪردارن بابت يا ڪن ٺاٺن اهڃاڻن بابت بيت چيا. 19هين صدي ڪان وٺندي 20هين صدي جي پهرين ويهن سالن تائين اهڙن بيتن جي پاڙ ۾ ڏي وٺ ڪيائون. تعلقي نل ۾ ڳوٺ ميرپور برڙو ڪنهن وقت سگهڙن جو مرڪز هو. راقم اتي 24- جنوري 1959ع ۾ سگهڙن سان وڏي رهاڻ ڪئي. ان وقت محمد يعقوب برڙو وڏو سڄاڻ سگهڙ هو. هن ۾

سگهڙ فتح محمد حقڙي اڳين شاعرن جا هينيان بيت ٻڌايا، جيڪي مون لکيا ته جئين وسري نه وڃن ۽ پڻ سنڌ جي سڄاڻن جو نالو ياد رهي.

•دوسو: ليلان چنيسر

ڇا مٽيو ڇا مامرو ڇا مٽئيي تئون مَتريو
دانهه ئي دوسو چوي نڪي هو چنيسر چريو
هو ڪانڌ اڳ ئي ڪتريو پر حرف ڏنائين هار جو.

•جيوڻ جت: سسئي

سسئي تي سڏڙا ڪري الله پنهون آڻ
ٻت بير اڳي جنهن ڪاڻ منهنجو ساهه سڪي تنهن ڪاڻ
مُهاران تن مَين جون سونيون جنهور ساڻ
جهاٻا جهوٻا جُهولوان اٿن پٽيون پنڌ پلاڻ
منهنجي پروش ڪندا پاڻ، آڏو جيوڻ جت چئي.

•لِهاڪُ جت: سسئي

ڪيچين ڪرهه پلاڻيا، جُهل ٻنڌي جهاٻا
ڪه ڪه ڪندا ويا ڪيچ ڏي اهي هُل هنيون هاٻا
ڏسڻ ڪئون سي ڏور يا ڏورن جا ڏاڳها
اڳئيون آين مير مصطفي لهراياڻين لاڳا
ٿَڪيءَ جا ٿاٻا، لهي پيا لڙ لهاڪ چئي.

•رنگريز: ليلان جي حوالي سان دانائيَ جو بيت

هَڙئون ڪڍي هڏي جنهن هڏي مان هوڏ ٿئي
جنهن رڏيءَ مئون روڳ ٿئي، سارو نه آڻ رڏي
تڪبر عزازيل ڪيو تڙايائين تڏي
ماڳ نه آندي موتائي، تنهن جي مير مَڏي
جنهن ليلا پئي لاڏ ڪيا، سالوءِ ئون وئي لڏي
جانب ڪئي جڏي، جو سِڪي پئي سهاڳ لاءِ.

سهٽي جي حوالي سان:

سرءَ لڳي سَر موريا ڪڍيا گوش گنگن
لالي لات لئون ۾ گهگهو ڪاءِ سنگن

تَنَ کي بين تَپائيسِ، ڏنَس چَسَ چنگن
تڏ سهڻيءَ کي ڪنگن، ڪٽي بيلي ۾ ٻهائيو.

•**يوسف: راڻو۔ مومل**

سوڍا ڏيئي ساءَ، سڪئين ريت رسڻ جي
لڳين ڪاهه ڪرن جي، نہ تہ قابل هئين ڪاءُ
ياريءَ ۾ يوسف چوي تپي نہ ڪجي تاءُ
الله ڪارڻ آءُ، تنهنجي جُسَن جيءُ جلايو.

(ڪاء= ڪانءُ. جُسن يعني غصن ڪاوڙن. مقامي ٻوليءَ جو خاص لفظ)

•**يعقوب ٻرڙو: سسئي**

سسئي سانباهو ڪيو موچاريءَ مهل
پُلي نڪتي پنيور ڪان جو ڪيچين ڦيريس ڪل
پئي لڪن ڏي لنگهي وڃي، جاڏي مرون مَل
ڊني نہ ڪنهن جي ڊاءُ ڪان جو جانب جاهَس جل
تنهن ٻانيڻ کي ٻرڙو چوي هئاسئو سيني ۾ سل
مرسل ان مهل، يار ميليس يعقوب چوي.

(هس، يعني هئس اتر جي ٻولي)

•**بخشيو: نوري**

نوري هُئي نَبتر، جنهن پاڻ ٻڃو پئي پانئيو
بخشائين بخشو چئي، سمي سارو سر
اها ميو تہ مرڪي مَر، جنهن جي جهوليءَ چنڊ جُهلي پيو.

(مي يعني ميه مهاڻي)

•**لال: متئين بيت جي پران لال بيت چيو تہ:**

جنهن جي جهوليءَ چنڊ جُهلي پيو اها مَرڪي مهاڻي
لَس پَريندي، لال چوي، اها موتين سان مياڻي
اُها آگي اماڻي، لٽس حرف حساب جا.

**ٻَنگو جاگيراڻي: سسئي**

سسئي ۽ پنهل جو ٻڌ تون بات بيان
سسئي کي پنهل جو اچي جوش لڳو جولان

ٻنڌي سندرا سور جا، ساهي ٻڌئين سامان
ڪاهي هلي ڪيچ ڏي ٻَر ڪري بيبان
وَڪڙ آئي ويريءَ جي پر مولا رکيس مان
ور مليس وات ۾ شاه پچايس شان
پوءِ ڏُرهو مليس دان، تيس باري بخت ٻنگوءُ چوي.

سگهڙ علي شير جاگيراڻي (ڪنڌري جو) چيو ته: بيشڪ مير دوست، ملار ۽ ٻنگو ٽيئي جاگيراڻي هئا ۽ انهن جا چيل بيت اسان وٽ هلندڙ آهن.

•مير دوست:سسئي

مام نه پرجهيم مام، جيڏيون تن جتن جي
جهڳ مڳ جهوڙا جهندا ڳل ڳاتا ڳوڙ ڳُتان
منزل تي مير دوست چوي ڪول ڪنوات هيان
پينر پيٽي حج جي منهنجي ڪوهياري سان ڪانه
مليا ته ملندي سان، نه ته ووڙي شال وچي رهان.

—

مالڪ پنهنجي ماڻ مؤن خلقي خلق خداءِ
جوڙ جڙيو جنسار تيو، عشق تڏاهين آه
بخش بديون بدڪار ڪي، جنهن بيحد بار ٻڌا
ڪاف ڪشالا ڪيچ جا، اڳئون اوکي منزل آه
جيءَ جهلي ڪر جاءِ، اڳيان محبن جي مير دوست چئي.

•ملار: سسئي

جاڳيس نه جاڙ ڪري، پنهل خاطر پاڻ
جت چڏيون ويا جوءِ مون کي سجاڻي سرواڻ
آڏيءَ رات انن تي، پهريو پوش پلاڻ
سُتي لوڪ لنگهي ويو، مه چڙهي مهراڻ
هٿن سان هڪلان ڪري، پيرين پجندي ساڻ
مليا ته ملندي سانِ، نه ته ووڙي شال وچي رهان.

—

جاڳيس نه جاڙ ڪري، جاڳي ڏنيم نه جاءِ
اتي آڏيءَ رات جو هو کهڙي مهل ويا
ڏس ني ڏنگي ڪئي، مون کي ورتيون چونه ويا
مان کي ياد، ملارچوي، اورَ انهن جي آءُ (اور=سِڪ

ساڳي ساٿ ملاءِ، جن ڪان گهڻو آساتي آهيان.
مير دوست (پيءُ) ۽ ملار (پٽ) جاگيراڻي ٻئي اُپي (صادق آباد طرف) جا هئا.

صبح ساڻ سسئي ڪيئي اٿڻ سان آرس
نينهن برابر ننڊ ۾ توکي ڪيچي لايون ويا ڪس
هاڻي رند ڏسي روئين گهڻو گوار وياگس
ڳڏ ڪامڻ ڪاهيندي وڃي، تنهن ڪاڻ ترس
مان کي ياد ملارچوي، آهي پاڻ پنهل پارس
جفا مقابل جس، شاه ڪندو لک شابسان!

سُر مارئي:

عمر اوني آئيو تنهن خبر آندي ايئن:
مارن ڏي، ملارچوي، موڪ ۽نا آهن مينهن
آسان پار پرين جو قلم وَهي ويو ڪيئن
هُيو ڏوھ ڏکيءَ جي ڏانهن، نہ تہ ڪير گذاري ڪوٽ ۾!

---

مانهؤون پوءِ ملير ۾ مينهن ڪُجاڻان ڳن
ايت اُلاٽي چڏيا سرتين ساهيڙين
وڳُ مُڪئون ويڙھ سان ٻهُون چاس چرن
مينهن اچي مانڊاڻ ڪيا مٿئون ماروئڙن
وَجون پوءِ وسن، اول اباڻي پچان.

---

ڳنڊيون منجھ ڳنڊير، منهنجون محڪم ماروئڙن سان
اهي مارو ڪاڏي ويا جيڪي ڳڻن جا ڳيهر
ڳُلين قلين قوڳي ڦلاوي، ٻي ڪڪوري ڳهِير
وچ لَڙي، مينهن وَنا، مارو منجھ ملير
موڪل ڏيج مير، نہ تہ مري ويندس ماڙيين.

---

دُرخان تيڳاڻي بلوچ، لڳ مير پور پرڙو 1954ع ۾ گذاري ويو.

شڪر ٿيون شاديون پڳيون قيد ڪڙيون
ڳُجر نڪتيون گاه تي سوري سَريون

ڏينديس باھہ پنيور کي مان گهوري سڄو گهر
هاشم ڪر حشر، اتي آڏي رات جو.

---

چنچر ڏينهن چني هُو رَمي تيا راهي
اتي آڏيءَ رات جو تي ڏس پڇي ڏاهي:
تہ مون لئي رڳو ماتم هو، ڪي نہ سيڪائي
ڪر هاشم همراهي، پُشي پاڙي واريون.

(پُشي يعني پڇي. اتر واري ٻوليءَ ۾ 'چ' کي 'ش' سان مٽيندا ۽ 'مڇي' کي 'مشي' ڪري اچاريندا)

• قاسم فقير

قاسم پٽ گل جو چاريو مڱڻهار وينل ديھہ ڳرنا تعلقو عمر ڪوٽ، 1900_1910ع) ڌاري ٿي گذريو. سسئي بابت تيهن ڏينهن جا بيت چيائين جيئن تہ:

سِڪ ۽ فراق جا بيت

پنجين ڏينهن پهہ ڪيو سرتين سانيائو
مٿي اتان مور نہ مٽئين اندر جو آهو
هلندي هوت پنهون ڏانهن اتم ڏونگر ۾ ڏائو
پوءِ جيڪا رڻ گهمي رائو، تنهن کي سيڻ سلامت ميڙئين.

---

دلبر منهنجي دل تي اچي پروچ ٻڌِ ٻنا
ٻلو هن بنديءَ جو تيندو تو ڳُنا
آري جام اچي رَسين ولهيءَ وَرَوَنا
ميلي ڏينهن مڱڻهار چوي پرور ڪان پنا
جيڪي ڏاتار ڏينهن ڏنا، سي مون جهولي پائي جهليا

---

ڪنڌا ڪوهہ تيو تو مڃو مٿائي چڙيو
ڪ توکي سڪ سڄڻ جي عاشق جو اندوھہ
ڪَ توکي ويلَهہَ ويڙهيو ڪہ ڏکُن ڏار پڳوءِ
ڪ ڪهڙو ڪاج سڏوءِ، جو تو لاتو مُنهن مجر تان!

---

نڪي ويلهه ويڙهيس، نڪي ڏکن ڏار پڳو
آئون پوڙهو ٿيس پريت ري منهنجو جواني جوم چڏيو
پوءِ ڪنهن کي ڏيان ڏوهه، جو اها رضا رب جي.

هن آخري بيت ۾ 'جوم' 'معنيٰ 'جوڀن'

سُتا مَر جاڳاءِ، سور ٻه سپيرين جا
عاشق جي الول جا مون کي پرتون پيچ پيا
روئندي رت ڦڙا، چڳا چٽي پيا
شاخون ويون سڪي، ميجر ويم مٽا
ڏاڍين ڏُور نيا، جي محبتي منهنجَا پرين.

مارئي جي سُر مان گهڻا بيت چيائين:

هن مند مارو سنرا وچي وينا وس
آيون اڳڻ ان جي ٿيون ڪن گورائڙيون گس
ڏونئرين ۾ ڏيٽو گهٽو متيون ڪڍن مس
اڏو ٻنڏيون ان تي ڪن لاکيون لوئيون لس
ساريم ميها موهر جا مڱٽهار چوي مون کي چيڙن ڏني چس
ماڙين گهاريان مس، منهنجو پڳو هنيون پٽ چڙهي.

(گورائڙيون ۽ ڏونئريون ڳائيون رنگ جي لحاظ سان. ڏيٽو= ڪبر)

آٽي اڏيائون اوڏڙا پکا منجهه پکن
مِني ملڪ ملير جي، ڪوڪڙ قوت سندن
ججهان ڏونئڙا ڏيهه ۾ ٿيون پُسي تي پهرن
اَيون آلوڙيون ٿيون ٻڌا ڦَن ڦرن
سترچي مئون ميان سومرا ڪوهه ٻڪراڙيون ٻجهن
من ۾ مڱٽهار چوي اهي ويل نٽا وسرن
پوءِ اهڙي سِٽ سندن، جو وَني وٺڙا ويڙ ڪي.

(وني= وسڪاري وقت)

•حڪيم

اوباوڙي طرف جو. سسئي جون تيهه راتيون چيائين، هينيون بيت سگهڙ صابر پڙهيو:

پهلي رات پرين کي، هيج ڪيائين حال
اکين اوهيرا ڪري جر وهايو جال
ميخان لڳيون مَن ۾ ثابت سچيون سال
ڪندو پلايون پال، شال هو تن ساڻ حڪيم چئي.

•وَڏيو ديدڙ: (راوي سگهڙ صابر شر)

سچ لڳو ڪين ڪري، ڪوڙ لڳو ڪورو
چغل ۾ چائن جو اج تکو ٿيو تورو
جن سان پلائي پورو سي ويا وينجهار وڏيو چئي.

—

سچ لڳو ڪِينَ ڪري، ڪُوڙ لڳو هيهات
زمانو زبون ٿيو برھ مَتائي بات
هاڻ ڳچَن سان ئي ڪات، دَمَ کي ديدڙ چئي.

•هارون ٻَروسرَ

هارون ذات جو ٻَروسر، وينل لڳ 'ليٺ' تعلقو مير پور ساڪرو 13هين صدي (19عيسوي) ۾ هو سسئي بابت سندس بيت تہ:

ويھ نہ شهر پنپور ۾، وک وڏائي واءِ
تہ ساجن تو هي ساءِ، ڪندو محب ملڻ جي.

—

ڪندو محب ملڻ جي، ڪيائين هوند صلاح
چَلا نڪا پَلاہ، هيڪان هيڪ ڪري وئو.

•دلاور خاصخيلي

دلاور خاصخيلي وينل وڏي سائدي، تعلقو گمبٽ، 1910ع ڌاري ستر ورهيہ جي عمر ۾ گذاريائين. ڪوٽ ميان جان محمد تعقلو گمبٽ ۾ ڪيل ڪچهري(15 نومبر 1969ع) ۾ هينئيون بيت علي محمد پٽ عبد الله ناريجي (عمر 75 ورهيہ) کان مليو.

جهڻ پين، جهنگل رهن، ڏين آنهِن تي آرا
مارو پنهنجي مال لئي وارن ٽا وارا
دڙن تي دلاور چئي لاهن سچ سارا
سومرا سردارا، موڪل ڏي تہ ملير وڃا.

•امير بخش

1955ع ۾ هيءَ بيت 'تاريخ معصومي' جي هڪ قلمي نسخي جي شروع واري صفحي مٿان لکيل نظر آيو. لکيل عبارت مان گمان ته ڪم از ڪم هڪ سئو ڪان ٻن سون ورهيہ اڳ جو لکيل يعني ته شاعر 18هين صدي ۾ ٿي گذريو.

يار بنا ٻيو يار، ڪونہ سجهي ٿو ساهہ کي
اڄي ڪين امير بخش چئي ري قريب قرار
يا رب منهنجو يار، ميڙ ته مانداڻي لهي.

•رحيم راهو مو: ٿر ۾، ڪاهڙ طرف (تعلقو ڇاڇرو) جو.

هنئين تي هوريون باهيون بس نہ ڪن
هڪڙا مڇ مجاز جا، ٻيا جانب جاد ڀوَن
واسينگن جي وهہ تي، ڦيٽا فرق نہ ڪن
رهاٽين راهُومو چئي، شال ڪيچي مان سان ڪن.

'مان جي ٻولي اتر، ٿر ۽ لس ٻيلي ۾. 'رِهاٽين' بہ ٿر جي ٻولي يعني 'رِهاٽيون'

•خليفو سارنگ ڪلهوڙو: مارئي

لوءِ وڃي ڪو چوءِ، منهنجن ماروئڙن کي
چانگا چُتي چيلڙو جي ڪنهن جو هوءِ
صحيح وڙولن سوءِ، آءُ ڪيئن ويس ويسري

زباني مرحوم محمد اسماعيل نون، ڪڇهري ڳوٺ عبدالله خان ڪپري، تعلقو سامارو، تاريخ 12_ آگسٽ 1961ع. سارنگ فقير خليفو هو جناب پير سائين محمد راشد (روضي ڌڻي) جو.

•انَس:

خليفو اَنَس مهيسر ويٺل وڏا مهيسر ضلعو خيرپور. جناب پير صاحب پاڳاري حزب الله شاهہ جو خليفو هو. حال وارو فقير هو ۽ پنهنجي حال وارا بيت چيائين: هينيان بيت اوباوڙي شهر ۾ ڪيل ڪچهريءَ ۾ (8 جون 1962ع) ۾ سگهڙ صابر شر ٻڌايا:

مَن چوانءِ مَن، چوانءِ پيي چڱيان ڪري
پرايا پنهنجا نہ ٿين، ڏني ورتي ڏَن
ماڻ ڪيئہ من، جڏ پُرڏين پر واَن ڪوَن.

---

جڏهن هُو آرٿ، تڏهن هَنيا سجي سيڱ جان
ارٿ ڪنيو سڪ ويئي پوءِ سيني سهن نہ هٿ
جي پرين پرائي رت، تون چو لوچين تن ڪاڻ.

---

محبت پانءِ نہ مشڪري، محبت ماري مَن
تانبا ڪوئلا اندر جهڙگا جَهڙگيون ڪن
باهر باڦ نہ نڪري، اندر دووڏ دکن
اُهي مَج آنس چئي، باريا باروچن
رَب اُجهاڻي اُجَهن، نہ تہ ڪير اُجهاڻي آڳ ڪي.

---

محبت پانءِ م مَشڪري، اجا عشق اڳي
عشق جي انس چئي جنهن کي لَنؤن لڳي
هو اڪابر اڳي، پر متيون عشق مجهائيون.

---

هلي بن اکين سان جي ڏسين منهنجو يار
تہ سڪين هوندي سمهڻ کي، اچيئي ڪونہ قرار
راتيان ڏينهان روح م، آهي جانب سندو جار
اَڙي، دل آنس چوي، آهي تنهن سان ئي تڪرار
روئين زارو زار، مون جان ڏيئي هٿڙا.

---

تون تہ آن گهڻن جو تو م رکن اميد گهڻا
آن ٿو دل هڻان، تہ ڪنهن جو ٿيندين سپرين!

# سورهيه ۽ سورهيائي

-وسائو مهر پٽ همير جو ڏاڏو مڙس هو ترئي، گرچو ۽ ماڙيچو نالي سان ڏور. مهر سندس سنگتي هئا. ترئي سائو (سورهيه هاٽو) هئا ۽ (ڏاڙا) هڻندا هئا. سوڍن جو مال هنيائون. هوڏانهن تيهه مڙس ۽ هي ٽي مڙس. پوءِ وسائو ماريو پر وڏو سورهيه هو. انهيءَ ڪري مٿي ڪان پوءِ بہ ڪيس مان ڏنائون ۽ شهيد ڪري سڏيائون.

هاتڪ پٽ همير جي، ارڏي ڪيو آلاءِ
هي ٽي هو تيهه ڄڻا، ڪونهي جنگ جفا
ست بنڌڻ آ سۀرهيان، همت پاڻ الله.

—

وسائي وس ڪيو وڙهڻ جو وارو
مهرمت وارو هٽي شير شهيد ٿيو.

چوندا لَٽ ۽ درياءُ هڪڙي پاسي وهندا يعني ڪڏهن سوڀ ڪنهن جي ڪڏهن ڪنهن جي. اڳ عام جهيڙا لنين سان ٿيندا هئا وڏا وير ترارين سان نبيرندا هئا.

سورهيہ وڙهن سورهيہ سين، وانڪو واڏائي
هڻن هڪ ٻين کي ڪنا ڪمائي
پوءِ سوڀ جَني کي ڏاتر ڏِوائي

—

سورهيہ مرين سوڀ کي تہ آڏي ڏِال ۾ اڏ
هڻ ڀالا، ٻئہ ياڪرين، سينو سيني گڏ
ڪين مرنَدين هڏ، جيين هوندَ ۽ ڏينهن جهان ۾.

-سورهيہ جنهن جاءَ تي ٻيهندا هئا اتان نہ چرندا هئا’سينهڙو‘ سورهيہ هئو.

”اُتو سينهڙي سجان، آءٌ هن هنڌان ئي نہ چران“

-ٻُلوبداڻي سورهيه هو سندس ڳالهه ڪتاب ’جنگ ناما‘ ۾ آيل آهي. ٻُلي راڏي شاهاڻيءَ کي ماريو. ٻُلو ٻُنيءَ تي ويٺل هو چيائونس ته هيءَ جاءِ ڇڏي وڃ. چيائين ته: ”ٻُني ڇُري ته بلوبچُري“ جنگو خان جنگ تي چڙهيو ته ٻُلي جهنڊي ۽ علي خان کي موڪليو ته وڃي جبل جو لڪ جهليو. هنن لُڪ جهليو پر جنگو خان ٻيئي طرف آيو. موٽيو ته جهنڊي ۽ علي خان کي ڏنائين ۽ ٻولايائين ته آءٌ ٻلو ماريو ٿو اچان، اوهان لڪ کان لڙي وڃو. جواب ڏنائون ته: اسين ٻلي جا جهنڊا آهيون ۽ ڪونه مڙنداسون. ٻئي سڳا ياءُ هئا ۽ اتي مئا.

تہ پهريءِ تاهو وڳا، ٿيا نغارا نشان
جهنڊي علي خان، ڪوڏ رڱايا ڪپڙا

’تاهو وڳا‘ يعني جنگ جا دهل وڳا. ’ڪوڏ رڱايا‘ يعني چاهه مان، خوشي ڪري(ڏجي نه). نيرَ ٻُڏل ڪپڙا رڱايا ته جي مرن ته ماتم ٿئي.
- ٿَر ۾ ڪنهن جنگ جهيڙي ۾ ٻيڻُو سميجو ۽ مراد ٿيٻو ’ميلاسَر‘ (جوڳي ويريءَ ۾) هڪ ٻئي کي سامهون ٿيا. ٻئي سورهيه هئا. ٻِيڻو اڳ ۾ وار ڪري مراد کي ترار هنئي جيڪا ڪلهي کان چيري چاتيءَ تائين وهي ويس ۽ ڪِرڻ وارو ٿيو پر ڪرندي به ٻِيڻو کي ڏڪ هنيائين ۽ ترار منهن ميجالو وڍي ويس. تڏهن چيائون ته:

رنگ مراد ٿيٻي کي، جنهن پَڙندي چڱي واهي

’پڙندي‘ يعني ڪرندي.

# قافيون ۽ سنڌ جو ڳائڻ ’ڪافي‘

اي سڄاڻ! سمجهه ته ’قافي نظم‘ لفظن واري صورت ۾ سُتل آهي ۽ ’ڪافي ڳائڻ‘ وارو ان ۾ پنهنجو ساهه وجهي ان کي جاڳائي ٿو. ’قافي‘ نظم جو نالو آهي ۽ ’ڪافي‘ نالو ڳائڻ‘ جو. ’قافي نظم‘ جي اندروني قافين واري سٽاءَ ۽ ’ڪافي ڳائڻ‘ رس لائڻ واري: رمز تي ڪتاب”سنڌي موسيقي جي تاريخ“ ۾ روشني وڌي وئي آهي. اي شائق! تون اتي ڏس ته توکي خبر پوي سنڌ ۾ ٽائين صدي هجري کان ڪافين ڳائڻ وارا ساماٽا پر سنڌن نالن تي لٿ چڙهي وئي، هيٺ اسان پوئين ويجهي دؤر جي ڳالهه ڪنداسون جڏهن ’ڪافي ڳائڻ‘ اچا اوج تي هو. هن دؤر (1975_2000ع) ۾ ڪافين ڳائڻ وارا گهڻجڻ لڳا آهن. همت افزائي نه ٿي ته هي گُن باقي نه بچندو.

•سيد نور شاهه

پنهنجي دؤر (1901_1925ع) جو وڏو ڳائڻو هو ۽ يڪتاري دلي تي ڪافيون ڳايائين ۽ وڏا رس لاتائين ڪُرسي تي ويهي ڳائيندو هو ۽ ٻه دلا يا گهاگهريون وڄرائيندو هو يا هڪ گهاگهر ۽ پڪواز جمعو گنجو مڱڻهار راڄي خاناڻي جو پڪواز وڄائيندو هو ۽ گيدوڙو مڱڻهار چِلا وڄهي گهاگهر وڄائيندو هو. شيدي تنبي قيصر جا ٻه پڪواز وڄائيندا هئا. اڪثر ڪلام ڪلواڙي، ڏاڏري ۽ گت جي وڄت تي ڳايائين. محفل تي وڏي تابش رکندو هو بيو ڳائڻو سندس آڏو ڳائي نه سگهندو هو. سخي تي ڪچهري ۾ هينيون سهرو وڏي لئي سان ڳايائين: بنا ويرئون الله وڏايا وي!

هينيون ڪافيون وڏي لئي سان ڳايائين:

رانجهـــــــو دي رمـــــــز راليَـــــــان
لڳيـان تيـڏيان لُون وچ ڪنـڍيان اکيـان ڪاليـان.

---

مـــاٽهن ليکـــي هـــي مـــاڪ آ، اهـــا رات پئـــي رڙي
عشق عجب آهي چيز، ملندي مرد کي پر حيلي هنر سان.

—

غلام شاهه هنڙي واري جو هي ڪلام وڏي رس سان ڳائيندو هو:

ميڏي راڄهن بين وڄائي - من موهه ڳڏس جندڄائي - ووڄائي!
آڪـــي غـــلام شـــاهه مئـــين ٿئـــي آن ملـــڪ مـــاهي دي
ميڪون وِسر ڳئي سڀ وائي
آنحد ڪوڪ سِٽي دل ميڏي، اسان تي ڪيتي برهه پلائي

نورشاهه تنبدي الهيار ۾ رهيو سندس ٻالڪا بہ ڪافين ڳائڻ جا وڏا ڪاريگر ٿيا.

- محمد رازو خاصخيلي تنبدي غلام علي جو
- صالح منبو ۽ اِمُو ٻئي پائر تنبدي محمد خان جا شيدي
- هوشو شيدي بدين جو ٻالڪو هو چاڳي شيدي جو جيڪو نندي شهر جو_اهو ٻالڪو نور شاهه جو هيئين ڪافي (محمد خان ٿوپورجي) وڏي رس سان ڳاياائين:

ڪاريون ڪنڍڙيون ڳڙميون وچڙيون چالون گڏجي چاريم يار
ساهه جن لئي منهنجو سڪي ٿو ساريم سي تہ سنگهاريون يار

ڳڙميون يعني ڳڙم واريون مينهيون: ڳڙم=اڇو ٽڪو نراڙ تي، چال جو وڏو ڳڙم جو نبڊيو.

- ابراهيم ڪوري مُولان جو ۽ بادل ڪوري ڇُڪي جو.
- نَبُو خاصخيلي، لنجو اٽين جي ڳوٺ (ويل) جو.
- تيرٿ سوٿهڙ، مولان طرف صوبي خان پر ڳڙي جي ڳوٺ جو.
- صالح 'وا' شيدي ڪڍڻ طرف جو، تکو تڪڙو ڳائيندو هو انهيءَ ڪري 'وا' ڪري سڏيائونس. سندس پنهنجو هيئيون ڪلام تلنگ مان ناهي ناهي چوندو هو:

ٿلهه: ڪيا: خبر ڏي اڏر ڪانگ ڪارا!
ڏسي اڄ اڪين سان عجيبن اوتارا

نالي واري مصرع: صالح چئي سدائين سنگهاريون تي ساري

جن ڪي وڄهلندي ورهه ٿيا انهن جي والي واڳ واري
ڏاتـــر شـــال ڏيڪـــاري عجيـــبن اوتـــارا

- رمضان لغاري: محمد ٽالپر جا ڪلام ڳايا يڪتارو ۽ ٻه دلا وڄرائيندو هو (وينٺل ’ڪاپاهو‘ تعلقو ماتلي) وار وڏا هئس ۽ تار تي مٽي ڪي لوڏيءِ گل ٿاهي، وار اچي آڏا ستيندو هو. محمد خان ٽالپر جو هيٺيون ڪلام پيروي مان وڏي لئي سان ڳايائين:

در جو ٻه در پئي ڳولان، آيم هڪو نظر تون
ڪپئي ترس ڪر نه ڪر، ويسان نه تيڏي درتون.

• حاجي اسماعيل مري

ڪافين ڳائڻ ۽ رس لائڻ ۾ پنهنجي وقت (1930_1950ع) ۾ مشهور هو. فقير يار محمد مري ۽ ٻين، ڪانوڙ (تعلقو ڪپرو) ۾ ڪيل ڪچهري (14 ڊسمبر 1978ع) ۾ ٻڌايو ته حاجي اسماعيل هيٺيون ڪافيون وڏي لئي سان ڳايون. مصري شاهه جي هيٺين ڪافي آسار راڳڻي ۾ ڳايائين:

هي هس هار حرير، ڪئين اچن ڪش قيدياڻين ڪي،
تنهنجا سونا تخت سرير

اشرف شاهه جي هيٺين ڪافي ڳايائين:

چشمان دي سهڻي چال، خون ڪرڻ ٻاجهون نهين سي سنگديان.

مصري شاهه جي ٻي ڪافي:

تنهنجي زلفن ڪيڙو زبان، جيئن وسيهر نانگ وراڏا وي.

اڄ ڪچهري ۾ سائين يار محمد اهي تيئي ڪلام ڳائي ٻڌايا. اي سڄڻ! چاڻ ته جهڙي قافي ڪلام جي سناءُ تهڙي ان جي ڍار ۽ لئي. ڪنهن وقت محمود فقير ڪنياڻ جو ڊيگهه ۽ ڍار وارو هيٺيون ڪلام مشهور هو ته:

”يار ياقي، تي اوطاقي، مئن فراقي ڦردي“

سائين يار محمد اڄ ٻيا هيٺيان ڪلام ڳايا:

ٿلهـــــــه: گهـــــڙي گهــــــڙي تيـــــــان گهــــــور،
تنهنجي نـاتي لائـڻ تـان، نينهن نبـاهڻ تـان
1. ٿــورو ڪـــري آ، پيــر پــري آ، آءُ تـــه ڪـريــون اور
ڪلـــــي ڳالهـــــائڻ تــــــان، وري واجهـــــائڻ تـــــان

2_ آڪڙيون اڙائي وِڏَو ڦاسائي، جهمڪڻ لائي جَهڪور
چسـت چلائـڻ تـان، مرڪـي ملائـڻ تـان
3_ اڳڻ اچڻ سان يار اجاريو تلڻ اوهان جي تور
وڪـڙي وڏائـڻ تـان، قـدم اٺـائڻ تـان
4. دريا خان جي دلڙي لُٽي وئين، محبت ۾ تون يار
حڪـم هلائـڻ تـان، مـاري ميجـائڻ تـان.

هي ڪلام دريا خان فقير زنگيچي ڪنڊڙي واري جو آهي.

مٿي ٻي مصرع ۾ لفظ 'جَهڪڻ' آيو آهي، جيڪو نهايت پيارو لفظ آهي. نظر نظر سان ملائڻ وقت، چار چشمي وقت، اکيون جهڪنديون آهن، يعني روشن ٿينديون آهن ۽ اکين ۾ چمڪ ايندي آهي. يار محمد پنهنجي حال واري ڪافي ڳائي ته:

عشق جي آڳ ٿي ڪين اجهامي، ٻري ٻارهن ٿي ماهه
الحق واري آڳ ۾ عاشق، سورهيه ڪٽندا ساهه
درد وارن جي دل ۾ دم دم، پڙڪا لايا باهه
محبت وارن مچ مچايو پئي اج ڪاهو ڪاهه
يار محمد ٻاري ٻاروچل، رمز سڃاڻي راهه

*** سائين يار محمد جو پٽ نور محمد**

(نورل سائين) به سمجهه ۽ سلوڪ وارو آهي. پنهنجا بيت ٻڌايائين ته:

نـور محمـد نيـنهن ۾ ڪيـا سـڄڻ لاءِ سـينگار
اڳـڻ آيـو يـار، وريـو واءُ وصـل جـو.

—

_ پالوريـا پيـرين لڳـي، ڏاڍا ڏيـنهن ٿيـام
وسـري ڪـين ويـام، سـوران جـا سـرتيون
_ پـالوريو پيـر مـان سـرتيءَ ڪالهـه ڪـڍيو
انهـيءَ ويـل وڍيـو جيـڏيون منهنجـو جنـدڙو
_ پالوريـا پيـرين لڳـا، سِـميو رت سَـنئون
ڪـيئن ڪـڍايان ڪـوٺ ۾ جـي مليـا مـارِ نُئـون
تنهنجـي نَعلـن ڪـان نـورل چئـي وجـان تـي وَتُـون
اُن جـن تـان آئـون، صـدقي وجـا سـومرا

پالوريو (جمع پالوريا) لغت آهي جاڳري ٻير جي ڪنڊي کي پالوريو چون.

نور محمد پوءِ اميد علي شاهه جو هيئيون ڪلام زباني ٻڌايو جيڪو حاجي اسماعيل چوندو هو:

ٿلهه: نينهن نيائج نيهي، جا سُڌ لَوڪ سُڻِي جَڳ ساري

1. پاند حجاب جو يار پيارا، لاهه ته ڏسي نماڻي نظارا
چاڪئون وينين ڏيئِي، ماڻن تنهنجن وڏيس ماري

2. جاني ٻڌي اها ڳالهه جِيَس آئون، تو سهڻل جي نام سُيَسِ آئون
اج ته مطلب ٿيِن مِڙيئي، هيڪر وج پنهنجو پاڻ ڏيکاري

3. اوهين پرين پنهنجو پاڻ پَلايو مون بي وَڙي آهي وَڙُ وڃايو
وڙ ڪؤن آهيان ويئي، پِيَسِ پيارا تنهنجي پناري

4. آءٌ عجيب اميد علي ڏي، عبد اَحَدَ جي اَصُلي ڏي
باجهه پريون ڪڻ ٻيئي، واسطي الله جي مان ڏهُون واري.

عثمان فقير سانگي جو هيئيون ڪلام حاجي اسماعيل لئي سان ڳائيندو هو. نور محمد زباني چئي ٻڌايو:

نشا پيتم نينهن نواب ڪنو، جند چٽ ڳئي ڏوهه ثواب ڪنون
(ٻهرين مصرع ياد نه آهي)

2۔ ايريا مهتاب هڻ رات ڳئي۔ جاڏهون تاڏهون پريات پئي
رَل ذاتي والي وج ذات رهي۔ تي سجاڳ جدائي دي خواب ڪنون

3۔ عثمان اتاهين ماريا غوطا۔ جاڳيا خَيبر پَن ڪي بوتا
مُلڪ اهين وچ ڪوئي نه هوتا۔ ڪُل چُپ تي ڳئي ذات صفات ڪون.

سائين يار محمد کي حاجي اسماعيل چيو ته: ڪلام تون به سهڻا ٿو جوڙين پر محمد (ڪتياڻ) جي هن ڪلام جي پران ڪلام ملائي ڏي ته چئون ته تون به بيشڪ ڪلامن جو شاعر آهي. محمد فقير ڪلام چيو هو ته:

”جپ الف اسم دم دم، ڪري نقش صورت نشان ۾“

پوءِ يار محمد هيئيون ڪلام جوڙيو ۽ حاجي اسماعيل چيو ته:
جپ عشق اندر دم دم، ڏس صاف صورت انسان ۾.

1ـ دم دم عشق الستي آهي، پير مُغان سان لنئون ڏس لائي
سرڪ ساقي وٽ تون ٿاهي، پس قدرت جو قُلزم
جهاتي پائي جان ۾
2. ونحن وارو ورق ورائي، اقرب اوڏو ٻول ٻولائي
هر دم ويٺو حڪم هلائي، تي 'قالوا' واري قول ۾ قم
هل 'اِهدنا' جي ايوان ۾
3. عاشق ڪر اثبات اندر ۾، محبن واري مام مندر ۾
برهه سندو پڙهه باب بندر ۾، فَاَڪُروني اَذڪُرڪُم
شاهنشاهه جي شان ۾
4. طالب علي ۾ تنهنجو تڪيو هر دم ويٺو آهين هَڪيو
لاحد وار حد ۾ لڪيو ڏُو ڏُو ڏام مچايو ڏُم
تندن واري هن تار ۾.

ان وقت يار محمد پنهنجو تخلص 'طالب علي' ڪندو هو.

### ٭ عليم منگريو

هڪ ڀيري جڏهن حيدرآباد ۾ مون وٽ اچي ٽڪيو. رات جو رهاڻ ۾ شاعر منٺار فقير راڄڙ جي هيٺين ڪافي ڏاڍي مٺي لئي سان پيروي مان جهونگاريائين:

منهنجا جوڳي ويا جا ميرڙي اديون
آءُ وبنديس پرين جي پيرڙي اديون.

1ـ سامين کي آءُ ساربنديس، تن آديسين کي اوساربنديس
آءُ ڪو نرمل ناٿ نهاربنديس، آءُ وبنديس سامين جي سيرڙي اديون
2. ساهه منهنجو نيو ساميئڙن، آءُ ترسان ڪيئن بنا هت تن
دل درد دکن ڀيا سندا سورن، ڪل ڪاپڙين ري لهندم ڪير ڙي اديون
3. پورب پوري ڪنهن پار ويا، سي ڪاسيءَ گنگا گرنار ويا
هو ناٿي تيرٿ نروار ويا، هليا اتي هنگلير ڙي اديون
4. چوي منٺار مَهيسينِ جي، اتم اداس تن آديسِين جي
سڪ صورت آهي سناسين جي، آءُ وبنديس سامين جي سيرڙي اديون

هي آخري مصرع عليم انبن پڙهي جو آخري فقرو ساڳيو ڀرين مصرع وارو آهي. اصل پڙهڻي ڪا ٻي آهي.

## نابينا حافظ محمد ابراهيم

ڳوٺ رفيق مهيسر (هاٽي تعلقو ڪنگري) ۾ سگهڙ عبدالرحمان مهيسر وٽ ڪيل رهاڻ ۾ نابينا حافظ محمد ابراهيم بنا سازن جي ڪلام چيا. صوفي ڪلام توحيد، وحدت ڪثرت واري معنيٰ جا بيدل ۽ سچل جا ڪلام تلنگ مان واهه جا چيائين. خير محمد فقير جو ڪلام ”قلندر لال مروندي“ ڪلياڻ مان سهڻو چيائين. ’تلنگ‘ جي سنڌي لئي (تاريڪو) مان مخدوم امين محمد جو ڪلام چيائين تہ: ”عشق وڃايو اسلام الخ“ ان جي پران علي محمد مخمور (پير يا سيد، مهيسرن جي تر ۾ وفات) جو ڪلام چيائين تہ:

”عشق آهي تہ چنجوں علم عقل جي پاڙ پٽي ٿو.“

پاهر جي ڪيتي واري ماحول ۾ شاعر ڪي چنجور سان عشق جي مشابهت مناسب نظر آئي. آخر ۾ خير محمد جو ڪلام چيائين تہ:

”عشق جٽيا جس پايا هي- واهه اسلام جڳايا هي“
خير محمد دونون جڳ والين عشق عجب ڪمايا هي
عاشق عبدالحي مُجهي گُر ايوبن آڪ سٽايا هي.

خير محمد فقير نوشهرو فيروز واري بزرگ عبدالحي نقشبندي جو مريد هو.

### ❊ عبدالله

لاڙ جي طرف جو علم وارو شاعر هو جنهن پنهنجن ڪلامن ۾ اندروني ’قافين‘ جي ڪثرت سان نئون رنگ پيدا ڪيو. سندس هيٺيون ڪلام جوڳ مان ڳاياڻون:

جيـــڏيون ڪـــارڻ جـــن، مـــون فـــال ٿـــي پايـــا
منهنجي اڱڻ آيا، اڄ اهي ٿي
1. مجلس محبوبن جي آهي موچاري، هڪ هڪ گفتو سندن هزاري
ســـي ڪـــوڙين تـــا وڙ ڪـــن، مـــون پـــال جـــي پايـــا
ساهہ سيبايا، سانگي سيئي
2. ڏک ڏولاوا ڏور ڪيا ڏاتـر، قربئـون قـريبن لـڏي آ منهنجـي ڪـر
تـــڏهن مـــون ڪـــي تـــن، اهـــي ٿـــورا لايـــا
سانگ سجايا، تيم سيئي

3. مِلي مرادون پنيون من جون، تاکيون کلي پيون طرحين تن جون پـــــارڻ اچـــــي پِـــــريَن، سَـــــبُ وهـــــم وڃايـــــا وصل وسايا، ملڪ مڙيئي

4. عبـــدالله عهـــد پـــاڙيو عجيـــبن، حُبئـــون ڏيکـــاريو حســـن حبيـــبن شـــــمس قمـــــر ســـــهٽن، هـــــڪ گهورســـــين گهايـــــا، نينهن نوايا، ٽيا ٻانها بيئي.

* مِٺو شيخ

ڳوٺ جيوڻ خان پتافي (تعلقو ميرپور ماٿيلو) ۾ پهرين جنوري 1983ع تي سندس لائق فرزند بهاول خان جي دعوت تي ڪچهري ٿي. ڳوٺ جي ڳائڻي مِٺي شيخ يڪتاري ۽ چپڙن تي ڳايو ۽ پنهنجي نالي جي مناسبت سان ڏاڍو مٺو ڳايو. ڪلام چيائين ته:

الله الله ڪا مزا مرشد ڪے ميخانے ميں ہے
دونون عالم ڪي حقيقت ايڪ پيمانے ميں ہے-

ياد ناهي ته اهو ڪلام ڪنهن جو پر مون کي ان موقعي تي مرحوم سنڌي خان جو ڪلام ياد آيو جيڪو مون سندس هٿ اکرين لکيل ڏٺو هو ته:

هر دو عالم ڪا مزا اس دل ڪے پيمانے ميں ہے
ڪيا دهرا مسجد ميں ہے، ڪيا چيز بتخانے ميں ہے

مِٺي شيخ پوءِ راضي فقير جو هيٺيون ڪلام ڳايو ته:

تُسي آدم آدم ڪهندي او، آدم وبچارا ڪل ٻٽيا
اي ’ڪن‘ تُوڻ پهلي دا قصہ سي، اي ڪُل پسارا ڪل ٻٽيا
مرشد ميڏا مڪا مدينا، ڪيڊ غير جا ڪيتس صاف سينا
راضي مرشد مليا دانا بينا، اي خلقٺهار ڪَل ٻٽيا.

چَڪ پير هزاروءِ ڏيتا پٽہ انهن جي وچ تي ڪٿي راضي فقير جو اوتارو هوءِ چيائون ته اجا تائين آهي. راضي فقير جو ڪلام پهريائين ميرپور ماٿيلي ۾ اڳ ڪيل ڪچهري ۾ علي گل ڪلهوڙي ڳايو هو. مون پڇيو ته چيائين ته فقير هاٽي لاهور کان ڏکڻ ”چونگ“ جي شهر لڳ رهي ٿو. انهيءَ ڏس بعد راقم اهو ماڳ ڳولي لڌو. راضي فقير خاصخيلي اصل سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ پيرون مل جو وينل هو.

•شاه حسين جون قافيون

1978ع ۾ لاهور وڃڻ ٿيو. ان وقت سنڌي قافين تي سوچي رهيو هئس ۽ ان سلسلي ۾ درويش شاهه حسين جي قافين جو مطالعو ڪيم ۽ 27 جولاءِ تي هيٺيون نوٽ لکيم.

شاهه حسين لاهوري جون قافيون پنجاب ۽ ملتان طرف هلندڙ هيون مگر ڪنهن آڳاٽي وقت ۾ اهو ڪلام ڪنهن گڏ ڪونه ڪيو. موجودا دؤر ۾ شايد 1930ع ڌاري، ڊاڪٽر موهن سنگهه ديوانه ڪتابڙو "مڪمل ڪلام شاهه حسين لاهوري" جي عنوان سان 163 ڪافين تي مشتمل، اورنٽل ڪاليج لاهور، ليٿو ۾ مرڪنٽائيل پريس لاهور مان ڇپرايو ۽ "لاهور بڪ شاپ" ننس روڊ مان ڇاپي پڌرو ڪيو. اصل ۾ اهو مجموعو ڪنهن سنڌي صاحب وٽ هو. ڊاڪٽر موهن سنگهه لکيو ته:

"ايه شبد تي شلوڪ جيهڙے مين دتے هن، ايسي پستڪ وچون جيهڙي اک سنڌهي نے هندستان ديان هندو مسلمانان سکهه سنتان سادهان صوفيان دے معتبر ڪلام اتي مشتمل تيار ڪيتي سي- تي اوه نسخه اوهدے کسے خاندان دے نے چرهوئيا ڇهپوائياسي انهان دا باقيان ساريان مجموعيان نالون وڌا صحيح صاف هونا انهان دے پڙهن تون پريت هوجاندا ہے 135 شبد تي 2 شلوڪ مين اوسي سنڌهي دي مجموعي وچُون لئي هن. (مهاڳ ص. د) بهائي بنون دي کهاري بيڙ جهڙي 1604 دي لاگے نهي سي - وچ جيڙاک حسين دا شبد ہے اوه مين 138 وان ڪر کهے دي دتاسي- پر سنڌهي صاحب دي مجموعي وچ ايي ڪافي شاه شرف ديد تهي سي (ص ج) [اها 138 ڪافي" هي آهي:

سجنان بولن دي جائي نانهين
اندر باهر اڪا سائين، ڪسي نون آکهه سنائين
اکو دلبر سبهه گهٽ رهيا، دوجا نهين ڪدائين
ڪهي حسين فقير نماڻا، ست گر تون پل چيائين

مطلب ته شاهه حسين جون قافيون پهريائين ڪنهن سنڌي سڄڻ گڏ ڪيون ۽ اهوئي مجموعو وڌيڪ صحيح ۽ معتبر هو جنهن تان پوءِ بيا ڇاپا شايع ٿيا.

موهن سنگهه ديواني سندس ڪتاب "پنجابي ادب دي مختصر تاريخ" (80) ۾ به بيون وڌيڪ قافيون شاهه حسين جون ڏنيون آهن: موهن سنگهه ٻارهن مختلف ماخذن/مجموعن مان اهي 163 قافيون ڪنيون جن مان

137 سنڌي صاحب جي مجموعي تان ورتائين.
- ڪنهن ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي تہ شاهہ حسين 1599ع ۾ وفات ڪئي.
- هڪ ڪافي جيڪا موهن سنگهہ ديوانہ ”پنجابي ادب دي تاريخ“ ۾ ڏني آهي ان ۾ شاهہ حسين، پنهنجو مرشد شاهہ جلال ڪري ڄاڻايو آهي.

پايا ني مين پايا، مين اپنا پيا پايا
عرش ڪرسي پوَن پاني، سبهہ مين آپ سمايا
ڪُل شيءَ مُحِيط کهايا، ڪُنتُ ڪَنز آکهہ سنايا
کهي حسين اي مرم اسان نون، شاهہ جلال بتايا.

-هڪ ڪافي ننڍي ٽلهہ سان، ٿورن لفظن ۾ پر وڏي معنيٰ واري تہ:

ول نـــــــــــــــ دنيـــــــــــــــا آون
سـدا نـہ پهـولي توريـا، سـدا نـہ لگـي سـاون.

-سندس ٻول پيارا ۽ دلپذير جيئن تہ:

”ڪهي، حسين فقير سائين دا، تخت نہ ملدي منگي،
”ڪوئي دم ماڻ لَئي رَنگ رليان“

-گورشبد رتنا ڪر، سردار بهادر ڪاهن سنگهہ ص 952 مانگٿ (گجرات) والي (بيڙ گرنتهہ صاحب دي وچون) ان ۾ نالي واري مصرع ۾”ڪهي حسين فقير“ جا الفاظ آندل آهن جيئن تہ:

ڪهي حسين فقير ربانان
ڪهي حسين فقير نماڻان
ڪهي حسين فقير گدائي
ڪهي حسين فقير مولي دا
ڪهي حسين فقير الله دا

ڪي ڪافيون ناهن بلڪ چوٽڪا بيت آهن. هڪ ”ڍهولا“ آهي (نمبر 91) هڪ شلوڪ (نمبر 107 يعني دوهره)
-ڪي راڳڻيون ساڳيون سنڌي يا سنڌ واريون مثلاً:
ڪافي نمبر راڳن ڪافي نمبر راڳي ڪافي نمبر راڳن
1مصرع راڳ 30 سورٺ 94، 97 برچ جوڳ

4 راڳ ماجهہ 32 ڏناسري 96 پرج
6 راڳ آسا 66 سندهرا 98 راڳ تلڪهاري (=ٽُخاري؟)
22 راڳ وڏهنس 77 رام ڪلي 104 راڳ ڪدارا 123 سارنگ

سنڌ ۾ شاهہ حسين جون قافيون آڳاٽي وقت کان هَليون. ’شاهہ جي رسالي‘ تي تحقيق ڪندي مختلف نسخن مان ڇهہ قافيون (1 رامڪلي، 1 سورٺ، 4 ڏناسري) شاهہ حسين جون دستياب ٿيون، جيڪي راقم رسالي جي تحقيقي جلد ڏهين ۾ رکيون.

**•نور شاهہ شاعر صوفي سالڪ**

نور شاهہ جا رندي ڪلام راقم پهريائين محمد آباد (تعلقو صادق آباد) ۾ ٻڌا. صادي آباد تعلقي ۾ جتوئن جي ڳوٺ ۾ اچي رهندو هو. انيس شاهہ (محمد آباد) جي مهرباني سان راقم اهو ماڳ وڃي ڏٺو. اصل پنڊ دادن (ضلعو جهلم) کان ايندو هو اتي سندس مربي مولوي حيات الله هو. جنهن جو نالو هيٺين ڪلام ۾ آندو اٿس:

هڪ گُرڪون سجدا ڏيندي هون- بيا دين ڌرم نہ منيدي هون
1- گر سانون فرمايا تها- ڳل جٽيا تلڪ لڳيا تها
نِتِ ناڪُر جيءَ پوڇيندي هون
2- گنگا جمنا اندر هي- توڙي مڪاتيرٿ مندر هي
نت هري هر نام جپيندي هون.
3- اَسي ڪالي ڪافري ڪتي هون- رنگ نال الف دي رتي هون
نت لاک دي تند وجيندي هون
4- نور شاه گُروتہ ’حيات‘ ميان- لنگهہ نفي ڪنون اثبات ميان
اڏُ عرش تي سير ڪريندين هون

ميرپور ماٿيلي طرف ڪيل ڪچهرين ۾ نور شاهہ جون ڪافيون امام بخش مهر يڪتاري تي اهڙي تہ ميناج سان ڳايون جو انهن ڪافين طرف وڏيڪ ڌيان ٿيو. معنيٰ ۽ مفهوم تي غور ڪندي نور شاهہ جي انفراديت جو احساس ٿيو توحيد، وحدت ۽ ڪثرت جا سهڻا نڪتا، رياءَ ڪاريءَ خلاف سڏاسوان ٻول، حق ۽ حقيقت جي تصور ۽ تعبير ۾ استغراق ايتري قدر جو جڻ اسلامي رسمي روايتن جو انڪار. بهرحال اهو معلوم ٿيو تہ سندس مزار تعلقي اوباوڙي جي پوبان لاڳيتو تعلقي صادق آباد ۾ آهي. اچ تاريخ 19- مارچ

1979ع انيس شاهہ صاحب محمد آباد جو محمد فاضل شيخ، صوبيدار خان لنڊ، بهاول خان پتافي، غلام شاهہ سيد ۽ بين سان گڏ صبح جو مير پور ماٿيلي مان روانا ٿياسون منجهند جي ڪچهري 11 ڪان 4 بجي تائين ڪشمور ۾ محترم فاروقي (رٽائرڊ ڊي- ايس- پي) جي اوطاق تي ڪئي سون.

4 بجي اتان نورشاهہ جي ماڳ تي پهچڻ جو قصد ڪيوسون ۽ واٽون وڃائيندي لهندي آخر وڃي اتان جي وٽن کي ڇتايوسون. موٽر ڇڏي بہ فرلانگ پنڌ ڪري وڃي پهتاسون جتوئي بلوچ (ڪوش) اتي جا مجاور ۽ سنياليندڙ ڪافي ماڻهو موجود هئا. اسان جي پهچڻ تي آجيان خاطر نعرا هنيائون. اندر پهريائين نور شاهہ جي تڪيي تي وياسون ۽ دعا گهري سون خيال آيو تہ:

ڏوريندڙيون ڏسن جڏهن ڪ ڪڏهن هوت کي.

هن وقت مالهي فقير پٽ محب فقير جڻ مکيہ مجاور آهي پر ٽوري سمجهہ وارو آهي. سندس چاچو نهال ڪوش 75 سالن جو پر سهڻي تصوير وارو. انهن سان نور شاهہ جي حالات بابت ڪچهري ڪئي سون ۽ هيٺين معلومات حاصل ٿي:

1- نور شاهہ 25 شعبان جي رات رضا ڪئي بئي سال "ڪراڙ (هندو) هتان لڏي ۽ هندوستان ويا" انهيءَ اندازي موجب هن شعبان جيڪو 1946ع ۾ هو تنهن ۾ وفات ڪئي يعني تہ آگسٽ 1964ع جي آخر ۾ وفات ڪئي. هڪ خط سندس نالي لکيل 28 اپريل 1931ع جو ڪتابن ۾ موجود هو.

2- سندس عمر ان وقت هڪ سئو سالن کان مٿي هئي. نهال ۽ محب جي ناني کيس باقيل پور ۾ کير پهچائيندي هئي، جتي هو چلي ۾ ويٺل هو. نهال اندازاً 1905ع ڌاري ڄائو سندس ناني ممڪن آهي تہ ان سال کان 25 ورهيہ اڳ تائين کير پهچايو هجي يعني تہ 1880ع ۾ جيڪڏهن چاليهن سالن جي عمر ۾ هن اهو چلو ڪڍيو هجي تہ هو 1840ع ڌاري ڄائو هوندو وفات 1946ع ۾، يعني هڪ سئو ڇهہ ورهين جي عمر. چيائيون تہ هن وقت تائين سندس وفات کي 33 ميلا ٿي چڪا آهن.

3- روهڙي جي ذڪر هڪ پٽ جو ذڪر سندس ڪافي ۾ ۽ "شهباز پور پنجابي تحصيل احمد پور" جي ائڊريس تي سندس خط ۽ اهي پنجابي سندس مريد ۽ پڻ ماڇين جي ملڪ ۾ بہ رهيو. هتان هڪ پيري جهلم هليو ويو اتي بہ ٽي سال يا ڪجهہ وڌيڪ عرصو رهيو جو پوءِ هتان جا

معتقد ويا ۽ وچي ڪيس ونئي آيا. انهيءَ جي معنيٰ تہ سِري ۽ بهاولپور واري علائقي ۾ گهڻو عرصو رهيو پر گهمندڙ هو.

3ـ اهو معلوم ناهي تہ هو اصل ڪير هو. ڳورو رنگ جو ۽ سهڻي ويڪري منهن وارو، قد پورو، وڏي ڳاڙهي ڏاڙهي، وار بہ مٿي جا وڏا، پڇندا هئس تہ اوهان اصل ڪٿان جا آهيو تہ چوندو هو تہ:

"اڌ جهان تي ڪُستا دنيا ملڪ اساڏا" (زباني نهال جي) پائنجي ٿو تہ هو اصل تُرڪ هو ۽ ايران ۾ رهيو اڌ جهان= نصف جهان= اصفهان ـ شهر ايران). ڪستا دُنيا= قسطنطنيہ= استنبول

4ـ هِت سندس رغبت ۾ حاضر گنبا پاڙو ڪوش قبيلو، قوم جتوئي سردار بخش پٽ دوست علي، سردار بخش جو پٽ مُحب سندس خاص خليفو هو. محب جو وڏو ياءُ نهال ۽ محب جو ننڍو ياءُ غوث بخش اسان اڄ ڏٺا. محب 1966ع ۾ وفات ڪئي 1979ع ۾سندس تيرهون بارهو ٿيو.

5ـ ڪچهري صبح جي پوءِ واري شام جو 4 بجي ڏاري ۽ پوءِ ويندي رات جو 10 بجي تائين ڪندو هو. نئون ڪلام ناهيندو هو تہ محب کي سيکاريندو هو ۽ پڻ کيس ڳائڻ جي طرز سمجهائيندو هو پوءِ محب ڳائيندو هو.

ـ سرائيڪي، سنڌي، اردو ۽ بلوچي ۾ ڪلام چيائين. اهي پاڻ لکندو هو. سندس لکيل چار ننڍي وچولي حجم وارا بياض هئا جن مان بہ موجود هئا ۽ اسان ڏٺا. اسان کي گمان هو تہ شايد سندس زبان پنجابي هجي، پر غور بعد معلوم ٿيو تہ سرائڪي آهي. "آليندا" (بليندا جي بدران) ۽ بيا اهڙا سرائيڪي الفاظ ۽ پڻ فقرا ۽ اصطلاح. فقيرن زباني ڪلام پڙهيو تہ:

محمد نام اولاهي ـ اهو قادر تين مولىٰ هي
اي نور شاه عشق دا مالهي ـ جوڳي دي هي عجب چالي
مهر دي چا نظر پالي ـ ماريا اکيان سنگولا هي.

نور شاهہ بيشڪ عشق جو مالهي هو. سندس وڌيڪ حالات ملندا مولوي حيات محمد کان رهائش پنڊ دادن خان بلوچان والا محلہ دڪان ڪيوڙا، گول بازار ۾ 2. مولوي علاءُ الدين ڊاڪخانہ ڏُڏي پهپر هو سٽيشن چاليس تحصيل پنڊ دادن خان مولوي حيات محمد جي پڇي مائي طالعان تنهن کي گهڻي خبر، نورشاهہ جي ـڪٽ رکيل "نتهيان" ۾.

•شرف الدين صوفي

-شرف الدين وينل لڳ منياڻي ضلعو نوشهرو فيروز سندس مشهور ڪلام تہ:

"بيشڪ برابر مٿن آن، بانهي باروچل دي"

اهو ڪلام اسان ننڍي هوندي ٻڌو. 15 سال کن اڳ ساڻس ملاقات راقم کي شرف الدين روهڙي اسٽيشن تي مليو ۽ پريا روڊ اسٽيشن تائين گڏ هئا سون. سندس عمر 71 سال کن. چيائين تہ محمد فقير کٽياڻ 1919– 1920ع ڌاري سندس ڳوٺ آيو. ان وقت ساڻس يوسف خاصخيلي بيسر ۽ موتي بازيگر (اهي ٻئي وڏا ڳائڻا)، سيد آدم شاهہ، دائم حجام ۽ محبت فقير وڏو گڏ هئا. شرف الدين بلڪل نوجواني ۾ هو. چيائين تہ آءٌ بہ ساڻس گڏيس ۽ ست سال گڏ رهيس محمد فقير جي قافين پران قافيون جوڙي فقير کي ٻڌائيندو هوس 'دال' جي حرفن سان محمد فقير جو ڪلام هو، ان جي پران 'ڪ' جي حرفن سان مون ڪلام جوڙيو.

- چيائين تہ محمد فقير سان گڏجي غمدل دايي وٽ گهوٽڪي ۾ وياسون. ماڻهو ڪيس گهٽ وڌ پيا چوڻ. محمد فقير چيو تہ: هلو مڙس آهي تڏهن مٿس ملامت آهي غمدل مليو محمد فقير جي ٽولي ۾ شامل ڪونہ هو.
- چيائين تہ محمد فقير هيسباني، هڪ وڏو توڪل وارو فقير هو. منياڻين جتوئن لڳ اچي پنهنجو مڪان مچاپائين. اتي ئي نزديڪ دفن ٿيو. مٿس قبو هو جيڪو پوءِ درياءَ ڪٽي ويو. محمد فقير هڪ پيري خير محمد فقير جو ڪلام لکي ڏنو تہ: الله نالي عاشق دم جال ويندي- الخ" ۽ چيائين تہ هن جي پران ڪلام جوڙ. شرف الدين ڪلام چيو تہ:

الله نـــال عاشـــق دم اور وينـــدي- ســـت ســـاجن تــؤن ســـر گهـــور وينـــدي

1- سالڪ صورت ڪون سجدا صاف ڪرن- صاحب سي نہ ڪٿهن بکان ڪات مرن
تسـبيح تـال والـي چـن چـوڙ ڏرن، مٽيـا مونجهـ والا پـن پـور وينـدي

2- رهنـــدي دؤر دنيـــا دي صـــلاح ڪنـــون- هـــن واقـــف وات الله ڪنـــون
لنگهـ پـار فنـا فـي الله ڪنـون- شـاهي شـوق وچـون شـهزور وينـدي

3- ماڪيءِ ملڪ تنهان دان مڪان ويکو- جنهان نانہ چہ ڪوڙيا نيشان ويکو
سهٽي صحت والا سامان ويکو- ڪالي ڪلفت ڪون ڪپ ڪور وينـدي

4_ ڪيتا ماڳ نشان'ڪين' ويڪو_ مانجهي ملڪ اهين تي ڪي مور ويندي
رهندا هوت اٿاهين هين ويڪو_ مانجهي ملڪ آهين تي ڪي مور ويندي

شرف الدين چار سئو ڪن ڪلام بيت، نظم گڏريل ڏهن پندرهن سالن ۾ چيا آهن ۽ مشاعرن ۾ حصو ورتو آهي ٻوليءَ ۽ معنيٰ جي لحاظ سان پڪو پختو شاعر آهي.

•سعيد خان لنڊ

سعيد خان بن سردار نور محمد پاڙو جاداڻي لنڊ ويٺل ڳوٺ صاحب خان لنڊ تعلقو ميرپور ماٿيلو 1949ع ۾ 54 سالن جي عمر ۾ فوت ٿيو علم وارو هو ۽ اردو ۽ فارسي تي دسترس هئس. ميرپور ماٿيلي شهر ۾ 28 مارچ 1979ع تي راقم ڪچهري ڪئي، جنهن ۾ سعيد خان مرحوم جا هيٺيان ٻه ڪلام ڪنهن ٻڌايا جيڪي بيان توڙي معنيٰ جي لحاظ سان معياري آهن:

هي هر جا هوت حضور ميان_ هي ملڪ سيو منصور ميان
1_ ڪِٿ قاصر تي مشهور اهو ڪٿ نار ڪٿان ول نور اُهو
رنجور ڪٿان مسرور اهو ڪٿ قادر ڪٿ مق دؤر ميان
2_ انسان حيوان بيجان ڪٿان، ڪٿ سج چنڊ تي آسمان ڪٿان
ڪٿ شهر بنجر بيابان ڪٿان، ڪٿ وڻ ميوا گل ٻور ميان
3_ ڪٿ عاشق معشوق تي قاصد هي، ڪٿ چور چاري تي حاسد هي
ڪٿ صلح تي ڪٿ فساد هي، ڪٿ قرب ڪٿان هي ڪلور ميان
4_ وچ پيدا تي ناپيد اهو ڪٿ قيد اهو لاقيد اهو
ڪٿ سرخ سياه سفيد اهو رنگ بي رنگ پرپور ميان
5_ ڪٿ نام سڏا سعيد خان آيا، قل شيءِ هو الله شان آيا
آپي آپ نهان تي عيان آيا، ڪٿ باطن ذوق ظهور ميان.

(2)

تيڏي حسن دي درسن ڪيتي، مئن شهر ٻه شهر فقيران
1_ سر پهريم تاج فقر دا، ڪران سير گداهر گهردا
مک ويکان مئن دلبر دا، اهي ترت ڪران تدبيران
2_ تيڏي درد ڪنون درويشان، مئن ڇوڙ عزيزان خويشان
پيا يار تساڏي پيشان، تئن دوست دا دامنگير آن

3_ مــئن ڏنــدي پايــان ڇيريــان، پــا جامــان ڏيــوان ڦيريــان
تيــڏي حســن ديــان تــاب تکيريــا، مــئن در در تــي دلگيــران
4. مئن ڪنگڻ ڪلا بي ڪڙيان، هــن جانــب ڪيتــي جڙيــان
پاڳـــاني ڇيـــران چڙيـــان، ڪـــر ڪلهـــي نـــاد نفيـــران
5_ ســـعيد خـــان منگـــر مســـتانا، پـــڌ شـــملا شـــور شـــهانا
مليــا مرشــد شــہ مردانــا، ڪــل اعلــيٰ ڪنــون اڪســيران

13 صدي هجري جي شروعات کان وٺي غزل جي رنگ ۾ ڪلام چيا ويا، جن ۾ ڪيئي لفظي توڙي معنوي صنعتون پيدا ٿيون. قائم فقير شر (مينگهي فقير جو ڳوٺ، خيرپور رياست) علم و ارو فارسي خواندو هو. سنڌي ۾ بہ سهڻو شعر چيائين جيئن سندس هيٺيون غزل رنگي ڪلام تہ:

حسن حملو ڪري، آيونسنگ نروار وه وه وه
خنجر پيڪان پئي پنبٽيون، چشم چيڪار ڇهہ ڇهہ ڇهہ
1_ زلف زنگي ڪاڪل ڪنگي، هٽي جنهن ٻاڻ دل ٻنگي
اهو سامان سڀ جنگي، تفنگ تلوار ٺهہ ٺهہ ٺهہ
2_ ڪري جلوو آيو جاني، تين مشتاق قرباني
عجب لب لال مرجاني، شڪر گفتار ٿهہ ٿهہ ٿهہ
3_ لکين لقمان افلاطون، تي حيرت ۾ حيرانا
ڪيئي دانهن ڪي ديوانا، حسن بازار ڪهہ ڪهہ ڪهہ
4_ ڪروڙين سر هجن "قائم"، ڪيان مان يار تئون صدقي
صدق سئو وار قدمن تئِن، ڏيان لک وار ڏهہ ڏهہ ڏهہ

پير حسن بخش (ڊنڙو تعلقو شهدادپور) بہ ساڳئي رنگ ۾ پنهنجو هيٺيون ڪلام چيو ٻئي پير صاحب پاڳاري حزب الله شاهہ جا معتقد هئا. پير حسن بخش جي ڪلام جو ٿلهہ هو تہ:

"جوين جنسار جانب جو تفنگ تلوار ڦهہ ڦهہ ڦهہ."

هن ٿلهہ ۾ وڏو زور آهي ۽ قائم جي ٿلهہ کان ڪٿر آهي
هيٺين ڪلام ۾ شاعر جو نالو جلو آيو آهي معلوم ٿي نہ سگهيو تہ ڪٿان جو هو ۽ ڪڏهن ٿيو پر ڪلام غزل واري رنگ ۾ چيل آهي، ڪلامن جو اهو رنگ خير محمد هيسباڻي واري دؤر کان شروع ٿيو ۽ مصري شاهہ

جي ڪلامن ۾ وڌيڪ نمايان ٿيو. جلو شاعر جو ڪلام ته:

لڳو عشق عجائب عنبري، صاحب سڄڻ صورت سر جو

1۔ عنبر عجائب مشق مکيائين، چوٽا چندن چڪ ڪيائين
سون ربي سر تاج رکيائين، ٿيو بخت بلند سڪندري
طلب ظهور اقاب ڪوثر جو

2۔ جوهر جڙيون بينسر ڪڙيون، سونيون سريون ٻڄيءَ ٻُل جڙيون
مينا ڪاري چوٽي ڦل چڙهيون، هار هنئين تي چندري
تي مڙهيو مورت ماهہ مصر جو

3۔ نڪ نشان اناف تہ خوني، دند انار مثل لب روني
مرجان لالہ تہ سنگ مرئوني، سينڌ رتائين سنگهري
ٿيو ظاهر ظهورو زيب زهر جو

4۔ ڪجل ڪتاري چشم چلائي، پان ۾ سي لب سرخي لائي
نت نخرا وهہ نات هلائي، پيشواز پهري ڪنجري
چا غلمان حور بهشت بهر جو

5۔ گام گروهہ جي گهر ويٺي گهاري، جام جلو ڪي وياسينگاري
”فاذکروني اذکر“ آري، ڪندو قرب قرابت قلندري
هادي حضرت روز حشر جو

هيٺيون ڪلام قائئي جي ترنم وارو آهي ۽ ڪلام جي ٻولي ۽ سٽاءُ مان معلوم ٿئي ٿو تہ شايد صاحبڏني شاهہ بلڙي واري جو چيل هجي. هو مير عبدالحسين سانگي کان متاثر هو.

پنهل پاڻ سجاڻ، ننگڙو نماڻيءَ جو ننگ ننگ ۾

1۔ ڏونگر ڏوريندس، مان جبل ووڙيندس، هوتن ڪارڻ هاڻ
جهوتون پائيندس جهنگ جهنگ جهنگ ۾

2۔ هڪ ڪٽي مان ڪيچ ڪري ٿو قادر قدرت ساڻ
سوين داٽا ڏس سنگ سنگ ۾

3۔ راتيان ڏيهان روز رندن ۾، روح ڪريان تي رهاڻ
تون رسين ٿو رنگ رنگ ۾

4_ ڪـــارا نانـــگ غريـــب نـــوالا، صـــاحبڏنو چئـــي ســـاڻ
ڏنگـــــڙا هـــــٽن تــــــا ڏنــــــگ ڏنــــــگ ڏنــــــگ ۾

**وريل فقير:**

وريل فقير ابڙو ويٺل لڳ ٻيڙو چانڊيو شاعر درويش هو. سندس طالب قلندر شاهہ وڳڻ وارو هو جنهن جو طالب غمدل دايو. وريل جو ڪلام:

پنيا سندن وار يرن تي پونئر پُلن تا
1_ ظالم زلف زورآور زنگي، ڪن تا قتل قهار
2_ مزگن ماري ملڪ منايا، پيا ڏيهن ۾ ڏهڪار
3_ لائن لال لبن سير لالي، گوهر ڪن گفتار
4_ وريل راز انهيءَ ۾ راول، سوليءَ تي سردار.

# ظرافت خوش طبعي چرچا

خوشي ۽ خوش طبعي سنڌ جي ڪچهريءَ جو ناز آهي، سهڻا گفتا، سهڻا چرچا، نقل نظيرۀ ڀهاڪا تہ مثال هن خوش طبعي جا جدا جدا رخ آهن. راقم هن موضوع تي آڳاٽو سوچيو تہ لوڪ ادب سلسلي جو هڪ جلد هن موضوع تي هجي ها پر ڪن مهربانن بورڊ طرفان اهو ڪم بند ڪرايو. ڪچهرين ۾ ڪيتريون ئي ڪل خوشيءَ واريون ڳالهيون ٻڌيون ويون، جن مان ڪي هيٺ لکجن ٿيون تہ جيئن پڙهندڙ کي سنڌ جي مزاح ۽ ظرافت جي جهلڪ نظر اچي. هي ڳالهيون سڀ سچيون آهن يعني تہ اهي واقعي ٿيون، اهي ڪنهن جا ناهيل نقل نظير نہ آهن.

اي سياڻا! ڄاڻ تہ آمهون سامهون ”سوال جواب“ ڪنهن موقعي مناسبت سان ٿين ٿا، جنهن ۾ ٽوڪ (طنز) جو جواب ساڳئي طرح نموني سان ڏيڻ وڏي سياڻپ آهي، ”چرچو“ ارادي آهي يعني ارادي سان، ڄاڻي واڻي، هڪڙو ٻئي سان ڪندو. ”سوال جواب“ ۾ ضروري آهي تہ طنز حد اندر رهي، حد کان ڳالهہ وڌي تہ جهيڙو ٿيندو. چرچو ارادي عمل آهي انهيءَ ڪري ان ۾ ڪو گفتو حد کان وڌيو تہ بہ سهڻو پوندو.

دانائي سان آمهون سامهون سوال جواب جي ملوڪت جو مشهور مثال. خيرپور جي ميرن جو سپهہ سالار گولا شاهہ ٿهيري (بلوچ) چڙهيو پئي آيو تہ ٻئي طرفان سامهون رستي مان سيد ٻچل شاهہ مهاولي چڙهيو پئي آيو. هر هڪ وڏي عزت عظمت وارو، سو ڀانئي تہ آڏو ايندڙ رستو ڏئي، نيٺ اچي ويجها ٿيا ۽ ٻنهي کي معلوم ٿيو تہ آڏو ڪير آهي، تڏهن سندن وچ ۾ هي آمهان سامهان سوال جواب هليا:

- ٻچل شاهہ: هي آڏو ڪير آهي، جيڪو رستو جهليو ٿو اچي؟
- گولا شاهہ: سڃاڻو ڪونہ ٿا، گولا شاهہ ٿهيري آهي
- ٻچل شاهہ: ٿهيري اهي جيڪي ڀولڙا نچائيندا آهن؟
- گولا شاهہ: پر، اسان ماڻهو بہ نچائيندا آهيون (اهڙا طاقتور آهيون)

- بچل شاهہ: ها پر، جيڪي ماڻهو نچائيندا آهن، تن کي اسين ڪجر ڪوئيندا آهيون.

گولا شاهہ: سائين معاف ڪريو! اسان اوهان جي اڳيان خدمتگار سونهون.

پوءِ ٻئي سوارين تان لهي پيا ۽ هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي مليا

- آمهون سامهون چرچي جا هيٺيان مثال معياري آهن:

- 6 آگسٽ 1966ع تي ڪوئيٽہ ۾ شاهنواز خان جمالي ۽ محمد عالم خان جمالي (اوستہ محمد) سان رهاڻ تي ۽ هوت فقير صوبيداراڻي جمالي مرحوم جو ذڪر نڪتو جيڪو بلوچي ۽ سنڌي جو شاعر هو ۽ خوش طبعي ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هڪ ڀيري چانڊڪار (چانڊين جي ملڪ) ۾ ويو جتي ڪو چانڊيو چرچائي هو جنهن هوت خان سان منهن اٽڪايو.
- چانڊيو: هوت فقير ٻڌون ٿا تہ اوهان جي پاسي (جمالين ۾) بڪ گهڻي آهي.
- هوت فقير: ادا، بڪ مردن جي جوءِ آهي.
- (هوت فقير جي ان چوڻ موجب بڪ جڻ جمالين جي جوءِ تي ڇُڪي، ان لحاظ سان چانڊيي وري چيو)
- چانڊيو: فقيرا ها اسان ڏي بہ ڪڏهين ڪڏهين گهمرا ڪندي آهي
- هوت فقير: ادا ڪندي هوندي جو پيڪاڻو ڪهول اٿس.
- (ڪچهري ۾ هوت فقير جي ڳالهہ مٿي تي وئي ۽ چانڊيي وڏيڪ چرچو ڪونہ ڪيو)
- پهرين وڏي لڙائي (1915ع) وارو وقت هو. جو ان ۽ ڪپڙو ڪونہ ٿي مليو. ان وقت عمرڪوٽ، ساماري ۽ ٿر جي پاسي بہ مشهور چرچائي هئا. مهراڻ هاليپوٽو ۽ ڪو چانڊيو. فقير صوفي حاجي محمد وٽ وڏيون ڪچهريون ٿينديون هيون، اتي هي ٻئي چرچائي آيا. مهراڻ ڊگهو قدآور مڙس هو جنهن کي ڪپڙي جي وڏي ضرورت هئي. چانڊيو بالڪل بندرو ننڍڙو مڙس هو. اشاري تي مهراڻ اڳ ۾ چرچو ڪيو.
- مهراڻ: ادا، اسان وٽ سڀ قدآور ڪپڙو ايترو بہ ڪونہ ٿو ملي جو بت ڍڪيون: پنهنجي پاڙي مان ڪا چوڪري ڏي تہ ٻار اهڙا ڄڻي جو قد ۾ ڪجهہ ننڍا ٿين!
- چانڊيو: ادا مهراڻ! دين ۾ سڀ پاءُ آهيون سڱ ڏيڻ وٺڻ ۾ عيب ڪونهي

پر اسان جي هڪڙي چوڪريءَ مان ڪيترا ڀار ٽيندا! مونکي نہ هلي پنهنجي پاڙي ۾ چڙهين تہ ايندڙ سال کان اڳ اتي سڀ تنبڻ پيا ٽرن.

- موقعي جي مناسبت سان خوشي طبعي:

- ڏهين جون 1962ع تي ميرپور ماٿيلي طرف فتح علي خان پٽافي جي ڳوٺ ڳجهارتن جي ڪچهري هلي "ڳجهارت" ۾ تي چار پاوا هوندا آهن ۽ هر "پاوي" جا پار پتا ڳولڻا هوندا آهن. هڪ ڳجهارت ڏکي هئي ۽ ڳولڻ وارا منجهي پيا. ڪچهريءَ ۾ فريد گبول پئي سگهڙن سان ڳالهايو. سومرن چيو تہ: فريد خان! تون همراهن کي همٿاءِ تہ ڳجهارت ڳولين. چيائين تہ: سائين مان تہ هنن جي خدمت ۾ ويٺو آهيان. پر ماٺهو وڃائين هڪ شيءِ. هي ٽي چار شيون ساڳئي وقت وڃايون ويٺا آهن!

- سگهڙ ساهڙ ٽيبو (ڪرنو، تعلقو چاچڙو) هن وقت (2000ع) سڄي سنڌ ۾ ڳجهارت ڳولڻ جو وڏو ملوڪ آهي. منهنجي ساڻس محبت آهي ۽ سالن کان وٺي سڄي سنڌ ۾ گهڻين ڪچهرين ۾ مون سان گڏ رهيو آهي. چيائين تہ: سنڌڙي ۾ اسان ڳجهارتن جي ڪچهريءَ پئي ڪئي. ڳجهارت جو پائو هو "نار نانءِ" (يعني عورت جو نالو) سومون ۽ ٻئي ساٿي ڳجهارت ڳولڻ لاءِ عورتن جا نالا ورتا. ان وقت حاجي گاجن شر مٿان آيو ۽ ڪجهہ وقت پاسي سان ويهي، اسان کي سامهون تي ڏمڪائي چيائين تہ:

- "ميان ڪجهہ ماٺيو ڪريو! رڳو پيا اسان جي زالن جا نالا وٺو!
- هت جوٽيجا، ميرجت ۽ ٻيا گهڻا راڄ آهن. انهن جي زالن جا بہ تہ نالا ڪٺو"!

- 4 ۽ 5 جي وچ واري رات ڊسمبر 1965ع ۾ بدين تعلقي جي ڳوٺ ڀنيو خان لغاري ۾ "شاهہ جي رسالي" جي رهاڻ ٿي. لغاري فقيرن دنبورن تي راڳ ڪيو. خان محمد وڏو خوش طبع هو. هڪ راڳائي لاءِ چيائين تہ: سائين هن کي رسالي جي ڪهڙي خبر! هي بيت غلط ڪري ٿو پڙهي تہ:

اڳيان چڪڻ چاڙهہ، ٻتي ڏار م ٻڪري

تڏهن هن فقير چيو تہ سائين اسين تہ هيئن ٿا پڙهيون:

اڳيان چڪڻ چاڙهہ، پتي پاڙ م مڪري

- وڻيجي جي باغ ۾ (”ڏابيجي“ اسٽيشن جنهن کي هاڻي غلط نالن سان ڏابيجي ۽ ڏابيجي وغيره سڏيو وڃي ٿو ان کان ڏکڻ) وڏي شاهي بڙ هيٺيان (اهڙو وڏو ۽ گهاٽو جو ان جي هيٺان مينهن ڪونہ پيو) مرحوم حاجي ڪرمي پوي (ڪرمتي بلوچ) وڏي شاهي ڪچهري جو انتظام ڪيو ديڳيون چڙهي وبون ۽ بہ ڏينهن بہ راتيون پئي رهاڻ هلي. رسالي جي بيتن جي پڙهڻي ۽ معنيٰ جي ڳالهہ نڪتي، ڪنهن چيو تہ فقيرن پئي بيت پڙهيا ۽ هڪ ٻروچ جي جيڪو حقي جو موالي هو تنهن وٺي حقو پيتو ۽ بيت ٻڌا. فقيرن ”سر راڳ“ جو بيت پڙهيو تہ:

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي

حقي واري ٻروچ کي اها سٽ وڻي ۽ وڏي چاهہ سان چيائين تہ:

هائو ادا! پتائي تماڪ جي ڳالهہ ڪئي آهي

شاهہ صاحب تہ سودي ۾ وکرجي ڳالهہ ڪئي يعني چڱا عمل، پر تماڪ برابر اهڙو وکر آهي، جيڪو پئي (رکيي) پراڻو نہ ٿيندو. حقي وارن لاءِ پراڻي تماڪ جهڙو اعليٰ وکر ٻيو ڪونهي، سو ٻروچ چيو تہ پتائي ڳالهہ تماڪ جي ڪئي آهي،

- روزي لوهر (ٻڙدي) صفا مسڪين هو رات جو چور اچي گهر ۾ پيس زال جاڳايس، چيائين تہ: بس ڪر، ڏسون تہ ڇڏي چا ٿا وڃن! ڪڙڪا پئي ٿيا، سو زال وري چيس تڏهن چيائين تہ ”بس ڪر، مونکي ڏينهن جو بہ ڪجهہ نٿو هٿ اچي، هي رات جو ڇا لهندا!

- محراب پور جمالي تعلقو اوستہ محمد ۾ ڪچهري ۾ مون پڇيو تہ هت ڪي ساز وڄائيندڙ بہ آهن؟ ڪنهن چيو تہ ”محمود فقير جمالي سرندو وڄائي ٿو“ تنهن تي ڪنهن ٻئي چيو تہ: محمود فقير سڄي عمر سرندو وڄايو پر ”ڪهسئين ڪاسئين“ لهري ڪان سواءِ ٻيو ڪو اکر ڪونہ سکيو (اهي بہ لفظ پنهنجي مطلب وارا آهن ۽ ساڳئي وقت سرندي جي لهري واري آواز سان بہ پورا پچن ٿا)

- اپريل جي ٻارهين تاريخ 1955ع ۾ ڳوٺ شير محمد عارباڻي (تعلقو ميرو خان) ۾ ڪچهري جو موقعو مليو جتي دائم عارباڻي (عمر 55_60 سال) چيو تہ گل بهار فقير نوابن وڏيرن جي نوڪرن جا پار ڏنا آهن تہ:

- ڪائن ماس آهن مواس، نوڪر نواب غيبي خان جا (نواب صاحب ان وقت حال حيات هو)

- ڪائن ساڳ ڪن راڳ، نوڪر عبدالحق ڄُتي جا (عرضي ڀتي جو پاڻ بہ ڳائيندو هو 1951ع ڌاري گذاري ويو.)
- ڪائن ڪڪڙ ڏياٺن ڏڪڙ، نوڪر صالح ڪجڙ جا (ڳوٺ گل شاهہ تعلقو ميروخان)
- ڇڪن تنگ آهن اڙٻنگ، نوڪر جعفر خان ٻڙدي جا
- ڪائن ويڳڙ ڪن ٽيڳر، نوڪر دوست محمد حقڙي جا
- ڪائن لُلَ (ڪچي ڦڪي ٿلهي ماني) آهن املهہ، نوڪر غفور شاهہ جا (سجاول)
- ڪائن چيلا گهمن ٻيلا، نوڪر نبي بخش ڀتي جا
- خير صلاح جي ڳالهہ مهاڙ ۾ خوش طبعي وارو رنگ
- 1958-1959ع ۾ صدر ايوب خان واري دؤر ۾ بي ڊي جي اليڪشن جو سلسلو شروع ٿيو ڳوٺ ڳوٺ ۾ اليڪشن ۽ گهر گهر ۾ جهيڙو پيو (جيڪو پوءِ ڄُتي واري دؤر ۾ مچي ويو) انهن سالن ۾ مون "نڙبيتن" بابت پڇائون پئي ڪيون ۽ ميرپور ڪان الهندي جمڙائو واهہ لڳ ناڙي دين محمد ٻگهئي کي ڳولي ڏنم. "نڙ" جي ڪيس وڏي خبر هئي پر رهاڻ ڪندي چيائين تہ: مزار خان چانڊيو نئين ڪوٽ طرف جو تنهن کي ڳوٺ جي مائي چيو تہ: ماما مزار خان! وڃين ٿو ڪو مولوي پڇيو اڇجانءِ تہ آءٌ پنهنجو ووٽ ڪنهن کي ڏيان، پيءُ کي يا مڙس کي؟ مزار خان مون وٽ آيو تہ اها ڳالهہ ڪيائين ۽ چيائين تہ تون ڇا ٿو چوين؟ ويندس تہ مائي پڇندي تنهن کي ڪهڙي ورندي ڏيان؟ مون چيومانس تہ: ادا پيءُ پرڻائي ڏنس تہ سندس حق پورو ٿيو پوءِ مڙس جو حق مٿس ٿيو باقي ووٽ جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏئي!
- انهيءَ ساڳي وقت ٻي هڪ ڪچهري ۾ ڪنهن سياڻي چيو تہ چوندا هئا تہ:

"پيروز ڪي پئي، سمڪي وئي"

(يعني چام پيروز جي حڪومت آئي تہ سمن جي بادشاهي وئي) پر هاڻي:

"پروڊا پئي، وزيري وئي"

يعني پروجا (PRODA) جي قاعد موجب وزيرن عهدا وڃايا.
- جنگ شاهي ڪان هيٺ، ريل لڳ ٻنهي پاسي جابلو علائقي ۾ مينهن وسي تہ گهٽو گاهہ ٿئي، اتي ڪرمتين ٻروچن (پوا ۽ زنگياڻي) ۽ جوکين جون

رکون، سي ٻاهرين مال جي ڀيل کان ٻچن پر ڪي ٻيا ياڳيا مال ڪاهي اچي پهتا. انهن کان خبرون پڇيائيون تہ هنن چيو: ”ادا، ملڪ ونو آهي الله سائين جو وهاڻ؛ تيو آهي سو هلي آيا آهيون. تڏهن بروچ آڏو چيو تہ: جڏهن لکون لتون تي لڳيون ۽ ”پوتي“ تي پئي تڏهن يادگيري ڪانہ ڪيان. باقي هاڻي آيا آهيون ڪاڄ ڪيڻ! ورايو مال پوئتي!

- ميرپور ساڪري طرف فقير چڙهي ويو وڻ تي نوڙي هٿ ۾ هئس سا هيٺ ڪري پئي ماڻهن کي چيائين تہ: مونکي مٿي اچلي ڏيو چيائونس تہ: وري بہ ٻڙ (وڻ جي پاڙ ٽڙ) کان لهندين، تڏهن ڪٽجانءِ چيائين تہ: فقير پورن وارو آهي متان مٿيئي هليو وڃي!
- ساماڻي ابڙي (خيرپور ضلعو) چيو تہ: ڪٽڪ جي لابارن ۾ مهمان آيو جوئر جون تي مانيون ۽ بصرن جو ٻوڙ آندم جيڪي کاڌائين، ٻيو پيرو بہ ٻوڙ ۽ بہ مانيون ۽ ٽيون پيرو بہ آندم تہ کائي ڇڏيائين وري آءُ اٿيس تہ ماني ۽ ٻوڙ ڪٽي اچان اتي زور ڪري ٻانهن مان جهلي چيائين تہ: ادا هاڻي نہ ات، جو هن بصرن جي ٻوڙ سان منهنجي پئي ڪانهي!!
- ڪنهن جا ٻار گهٽا: ٻوڙ رڌائون تہ ٻارن مان هر ڪو چوي تہ امان مون کي ڏي! امان مونکي ڏي! مڙس بہ چيو تہ: امان مونکي ڏي! زال چيس تہ: ماريا تون ڪيئن تو امان چئين؟ چيائينس تہ: رن بس ڪر! ساڳي ٻولي ڪنداسون تہ ڪو جوهي نہ سگهندو (يعني صحيح ڪري نہ سگهندو اسان جو منجهہ ڪڍي نہ سگهندو). خيرپور طرف احمد پور لڳ نماز جي وقت ماڻهن وضو پئي ڪيو تہ ڦلاڻي وسطڙي ٻانگ ڏني، وڏي آواز ۾ ”الله اڪبر، الله اڪبر“ ڪري، پوءِ ڪيائين ”ڳتر“ (=نر) ”نڪو نہ هلي“ (يعني مٿي نہ هلي، سر تي نہ چرهي) ۽ ڪٽي بس ڪيائين.
- ڏهرڪي طرف، پاڪستان کان اڳ، ڪنهن واڻيي کي چورن ڦريو ۽ پوءِ ٻڌي رستي لڳ واهي ۾ اڇلائي چيائونس تہ: ”اتان چرجانءِ نہ، پيو هججانءِ“ ائين چئي چور هليا تہ پويان سڏ ڪري چيائين تہ: اي ميان چور خان! يلا جڏهن سانوڻ جا مينهن پون ۽ پاڻي اچي تہ اڳتي لريو (لڙهيو) وڃا يا ڪينجهو ٿيو پيو هجان! (ڏسو تہ ڪيڏي نہ دانائي سان پنهنجي چر پر بابت پڇيائين! سنڌي واڻيا وڏي سمجهہ وارا! وڙهيا ڪين، پر ڳالهين ۾ مڃايائون. ”ڪينجهو“ معنيٰ وهندڙ پاڻيءَ ۾ آڏو اٽڪ، لڙهندڙ ڪانين جي گڏ ٿيڻ يا وچ ۾ شاهي دڙي سببان).

- ٻہ چور تن تن واٽين کي ڦريو ۽ پوءِ چيائيون تہ بيهي ڳايو ۽ ڏونڪا هڻو ڳائڻ ۾ هڪ آلاپ ڪيو تہ ”تون ۽ ڇيلو هڪ کي، مان هڪو هڪ کي!“ (اشاري ۾ پنهنجن ٻن ساٿين مان هڪ کي چيائين تہ تون ۽ ڇيلو ٻئي گڏجي هڪ چور کي وٺو ۽ آءٌ هڪوئي ٻئي کي جهليندس) تڏهن هنن ٻن بہ سر ۾ ڳائي وراڻي ڏني تہ:

”يائي اسان ڪان ڪانہ ٿيندي!

اسان ڪان ڪانہ ٿيندي“

پيراڻو پنيرو:

سنڌ ۾ چرچي ڀوڳ، خوش طبعي ۽ مزاح جا مختلف نوع نمونا آهن، جن مان هڪ شخصي ڪردار آهن، جن جي نالن سان نقل نظير مشهور آهن، انهن سيني ۾ وڏو ڪردار وتايو فقير آهي، ان کان پوءِ جي ڪردارن ۾ پيراڻو پنيرو وڏيڪ مشهور آهي، راقم وڏي ڳولا ڪئي تہ جيئن معلوم ٿئي تہ اهي نالا خيالي آهن يا انهن نالن وارا ماڻهو هئا، معلوم ٿيو تہ وتايو نالي درويش هو ۽ هو اگهاماڻي جو وينل هو. پيراڻي پنيري بابت بہ سگهڙن تصديق ڪئي تہ پيراڻو برابر هو پر ڪٿي جو هو تنهن بابت بہ رايا، لاڙ جي وڏي سگهڙ مرحوم جاڙي خان مري سان 6 جون 1968ع تي رهاڻ تي، چيائين تہ اسان جو والد چوندو هو تہ پيراڻو اصل گڙنگ (ضلعو سانگهڙ) جو وينل هو پر پوءِ وڃي ”جانب جي ڊوري“ تي ويٺو. سندس عزيز اسٽيشن چور کان اتر طرف ”ٽيپري“ ۾ وينل آهن. ٻي روايت موجب هو ”ڳگي“ جو وينل هو اجا ٻي راءِ جيڪا وڏيڪ مناسب نظر آئي سا هي تہ 25 جون 1966ع تي سگهڙ علي شير جاگيراڻي وٽ (تعلقو روهڙي) وڏي ڪچهري تي جنهن ۾ چيائون تہ: پيراڻو پنيرو پاڙو ڏيٺڻ (مٽي پريو) ديهہ ”توري (تعلقي روهڙي) ۾ ”ڪارڙي“ جو وينل هو پيراڻي جو پٽ صابل شاعر ٿيو سندس هڪ بيت تہ:

صابل چٽي سپ تل، سائين سي ساوا ڪيا

صابل جو پٽ ونهيون ٿيو جنهن بہ بيت چيا تہ ”انهيءَ واٽ ونهيون چٽي“ ونهين جو پٽ پيراڻو ۽ ان جو پٽ وري ونهيون جيڪو هن وقت (1966ع) اسي ورهين جي عمر جو آهي.

پيراڻي جا ابتا سبتا بيت جٽي ڪٿي هلندڙ آهن، پر ڪو ڪٿين پڙهي تہ ڪو ڪٿين پڙهي، اڳ ڪن سياڻن پيراڻي جي بيتن کي وڏي مام وارا بيت سمجهي ڪن جي معنيٰ بہ ڪئي مثلاً:

ڍهل دارون نہ پئي، ڦاتي پيو ڏونڪو
هاٽي ڪٽي ونو ڪوڏر تہ ڏيونس توبو.

معنيٰ تہ ضدي بيمار دوا نہ پيتي تان جو مري ويو (ڏونڪو ڦاتي پيو) هاٽي ڪوڏر ڪٽو تہ قبر ڪٽي ڪيس پوريون. پيراٽي جا ٻيا بيت بہ ساڳئي رنگ جا آهن پر معنيٰ جي خبر پيراٽي کي. هيٺيان بيت راقم جدا جدا جاين تي اتر توڙي لاڙ ۾ ٻڌا:

ڪندو لڳو پيرَ ۾، ڪوتي پيو گوڏو
ڏيئي ڏاڙهيءَ مان لوڏو، ڪندو ڪڍيائون ڪنڌ مان
ٻرت پيرانا ينيرا!
جان اچان واٽ ونيو تہ ڪپڙ ۾ ڪڙڪو
اچان جهاتي پائي ڏسان تہ ٻوهہ ويٺي چڪي حُقو
تنهن جو آ ٻڙڪو
گدڙ جرڪو ڪلي ڪيرا تيا
ٻرت پيراٽا ينيرا!
جان اچان واٽ ونيو تہ گج شينهندو اچي
پٽ ڪان وڃي جنگهہ تي هٽانس تہ شيڪ پيو ڏندي
ٻرت پيراٽا ينيرا!
سين سبڻ چڏيو اچ سبن تيون ڏانداريون
چون تا تہ پچرن کي تہ ڏيو اونيون موچاريون
درت پيراٽي ينيرا!
جت متي بہ جٽا، چڙهيا اٺ اچن
ڦلا منهنجي گوڏ ۾ صلاح هوءِ نہ ڪن
جان تان بکئي ملڪ جا، جان ڏڪر ڏنو تن
ٻرت پيراٽا ينيرا!
نڪر لڳو پيڏيءَ ۾ نڙگهٽ ڪيو نڪاءُ
ٻرت پيراٽا ينيرا، هنگندو ڪياءُ
ٻرت پيراٽا ينيرا!
اٺ ڪري انگاس تان، پڳي جهرڪيءَ جنگهہ
يڃي پري تي ڊال وارا، متان اچئي ترار کي انگهہ
ٻرت پيراٽا ينيرا!

گهــران نڪــتس نيــرا نــوســت بســريون ڪــائي
لئـــي ڏنـــمر درياهــــــ ۾ ري ريـــج ســــائي
ٻرت پيراڻــا پنيــرا، اهــا الله ڪــي اتڪــل ڪــئين آئــي!

جيٽب (زينب) پيراڻي جي ڏيءُ هئي، صبح جو سوير جنڊ پيهڻ ويٺي ته هرڻ ٻه ٻريان اچي بيٺو صبح جو پيءُ کي ٻڌايائين. پيراڻي چيو ته هرڻ ٻه مڱ ڪٺي آيو هو تنهنجي جنڊ تي ڏرڻ، پوءِ هرڻ ڏٺائين ۽ چيائينس ته:

هـــــرڻ! پـــــڻ پـــــرڻ!
اچـين چـو تــو مــڱ ڏرڻ!
جيٽـــب واري جنـــڊ تـــي!

پيراڻي پنيري جي بيتن وانگر، راقم وريام جا چيل ”الٽا بيت“ ٻڌا چيائون ته لاڙ ۾ گونگڙي طرف وينل هو.

گهوڙو چڙهي واڻئي تي ڪاهي هليو ڪنوات
چيائين چوئٺ مل کي ته پيٽڻ ويندس جات
لڳي چڙ چٽي کي هنيائينس لپات
گهوڙو لٿو واڻئي تان، ڪيول ڪيا ڪوڪات
ٻانهون ٻڌي ٻرڙات، ويرو ڪيا وريام چئي.

❊❊❊❊

وڻ چڙهي ٻڪرار تي وڏي بيٺو تاري
پٽ ڪريو تاري تي، حيران ٿيو هاري
چرڻ بيني ٻڪري کي تاري پٺاري
پوءِ ڪهاڙي ويچاري، ونئي پڳي وريام چئي.

❊❊❊

جي پائين ڪستو ٿيان ته وٺ موڳو ملنگ
چرس پيي چريو ٿي نانگا چڏ ننگ
لاهي لاڳاپا لوڪ جا وڃي دڙي تي دنگ
اهڙو رچاءِ رنگ، جو ولي چون ٿي وريام چئي.

**فولاد فقير شر:**

انوکن ڪردارن واري ظرافت جا مثال بہ سنڌ جي معاشري ۾ گھٽائي ڪي آهن، اي ڪل خوشيءَ ۾ مرڪندڙ مورا تون سان هن رهاڻ ۾ فولاد فقير جون ڪي ڳالهيون ٽينديون.

فولاد فقير شر ويٺل مينگھو فقير تعلقو نري ميرواهہ (ضلعو خيرپور ميرس) وڏو ذهين ۽ پڙهيو هو مڪتبي تعليم ورتائين. فارسي پڙهيو ۽ ذري گهٽ اڌ عالم ٿي ويو. سنہ 1877ع ۾ ڪميٽي امتحان پاس ڪيائين. مولانا رومي جي مثنوي جو ڄاڻو هو دين ۾ رسم ۽ رياءَ کي چڱو نہ ڄاڻائين ۽ آخر ليڪو لتاڙي پنجهين انوکين ڳالهين سان رياءَ رسم کي نندڻ لڳو. مولوين صاحبن کان خاص طرح اجايا سجايا سوال پڇندو هو. فولاد فقير جون اهڙيون ڳالهيون پڌيءِ آءٌ بي سنگت سان گڏ 21 اپريل 1956ع تي سندس ڳوٺ ساٽس ملڻ ويس مون مرحوم محمد اسماعيل نون، علي احمد بروهي (ان وقت خيرپور ۾ انفارميشن آفيسر) بيا گڏ هئا. هينيون ڳالهيون جيڪي اڳ ٻڌل هيون تن جي هن رهاڻ ۾ تصديق ٿي. ساڻن مليس، ان وقت سندس عمر 85 سال کن هئي، جيئن سچل چيو هو تيئن فولاد فقير بہ چيو تہ: "اسين ساڳيا اهي آهيون" ماڻهن چيو تہ: خدا تو سڏائي. هڪ پيري ڪيڏانهن پئي ويو تہ بنگل ڪاسائي بوزدارن جي ڳوٺ جو واٽ تي گڏيس ۽ چيائينس تہ: تون خدا آهين؟ فقير چيو تہ: اسين ساڳيا اهي آهيون تڏهن بنگل چيس تہ: منهنجو توڏي پلئہ رهيل آهي، چيائين تہ سو وري ڪيئن! چيائين تہ پر سال تو منهنجو پيءُ ماريو ۽ هاڻي وري ماءُ ماري ٿئي، اڄ توکان حساب وٺبو. پوءِ فقير کي ڇڪي گهوڙي تان لاٿائين ۽ وچئون تنگ ڏيئي وارا ڪيڏي ڏاڍا ڏڪ ڪيڏيائين. اها ڳالهہ فولاد فقير پاڻ ڪئي، بنگل ڪاسائي وڏو ملهہ هو.

ڳوٺ مينگھي شر ۾ هندن جي مڙهي هئي جتي باسون باسيندا هئا. فولاد فقير بہ ڳئون ڪاهي ويو چيائين تہ مون قنبر باسي هئي سا ڪهندس هندن ايلاز ڪيا، تڏهن چيائين تہ: مڙهي جي اندر نہ تہ پلا باهرا

فولاد فقير خيرات ڪئي، هڪ پاسي دال ماني ۽ ٻئي طرف پلاءُ، چيائين تہ دال ماني خدا جي نالي آهي، ٻوڙ پلاءُ شيطان جي نالي آهي: جيڪا دعوت وٽيو سا کائو. راقم سان فقير پاڻ ڳالهہ ڪئي ۽ چيائين تہ ابا! گهڻا سڀ پلاهہ کائي ويا. منهنجي پڇڻ تي چيائين تہ: ابا برابر، اسان شيطان کي ختمو ڏياريو هو ڏاند جو منهن اپرندي ڪري ڪٺائون، گهڻن ڪونہ کاڌو

پير صاحب پاڳاري جي مريدن مون کان پڇيو تہ مون چيو تہ: سائين اسان جو شيطان مري چڪو آهي انهيءَ ڪري ڪيس ختمو ڏنوسون. پوءِ هالاڻي جو سيد شهاب الدين شاهہ ۽ ٻيا عالم گڏجي تعذير ڏيڻ آيا. چيائون تہ: جواب ڏي تہ ايرندي منهن ڪري ڇو سير وڏي وئي. چيم تہ: سائين الله تعاليٰ هر طرف آهي. ڪلام پاڪ ۾ آهي تہ ”ٻئي ايرندا ۽ ٻئي الهندا الله جا آهن“ باقي جي اوهان ڀانيو ٿا تہ الله ڪي ڪعبي جي ڇت تي ويهاري هيٺان ڏاڪڻ ڪيڏي ڇڏي اٿن تہ پوءِ ٻي ڳالهہ آهي!

هڪ ڀيري درگاهہ پير صاحب پاڳاري جن جي مسجد جو پيش امام مولوي محمد صالح کان پڇيائين تہ: اوهان پڙهيل پنهنجي ڪوني ڪائو ٿا پر الله جي ڪوني نٿا ڪائو سو ڇو؟ (يعني پاڻ سير وجهي ڪُهي ڪائو ٿا. پر ڪو جاندار اڳ ۾ قدرتي طور مئو آهي تہ حرام سمجهي نٿا ڪائو) مولوي محمد صالح ظريف ۽ ذهين هو ۽ ڪيس فولاد فقير جي اهڙين گوهين گهتن جي ڄاڻ هئي سو جواب ڏنائين تہ: ”اهو صحيح آهي پر اسين الله جي ڪوني انهيءَ ڪري نٿا ڪائون جو الله طهريل ڪونهي“ فقير کلي ڏنو ۽ وري ٻيو سوال ڪونہ پڇيو.

ڳهٽو ميتلو سئو کن سالن جي عمر ۾ (جنوري 1989ع ۾) گذاري ويو. راقم ڪيس 1987ع ۾ خيرپور ۾ ڏٺو هو سندس بيان تہ هو فولاد فقير شر وٽ ويو جنهن چيس تہ: ”ڪوني ۾ وجي دهلڙي ڏس. اڄ مون سودو ڪيو آهي. جو قرآن ڏيئي ورتي اٿم. ڏس تہ چڱي آهي يا مونکي فلاڻو ٺڳي ويو آهي. ڳهٽي چيو تہ: آءُ ڪوني ۾ ويس ۽ دهلڙي کي هٿ هٽي واڄٽ ڪڍائي ٻاهر آيس ۽ چيم تہ: ”مبارڪ هجئي! توکي سراسر فائدو آهي. دهلڙي ڏهہ قرآن لهي“! ٻڌي چيائين تہ” وڃ ڪميڻا! آءُ وڏو ڪمينو آهيان پر تون تہ مون کان بہ وڏ آهين!.

# سنڌ جي پهلواني ملهه

ملهه سنڌ جي پهلوانن جي مقابلي واري راند آهي، جنهن جو مدار طاقت ۽ انگ(ڪاريگري) تي آهي. ميرن جي دؤر ۾ ملهه جو وڏو قدر ٿيو. ڳالهيون مشهور آهن. 1965ع تائين صاف سچن ملهن جي مقابلن وارو دؤر هو. ميلن تي وڏا ملاڪڙا لڳا ۽ ملهن پنهنجا ڪرتب ڏيکاريا. راقم 1930ـ 1935ع تائين ڪي اهڙا ڏٺا ۽ 1945ع کان وٺي ملهن بابت بيان قلمبند ڪيا

اي سنڌ جا پهلوان! آءُ اهي ڳالهيون لکان ٿو ته جيئن تنهنجي پهلواني قائم رهي.

هن وقت (1420هه/ 2000) ٻه سنڌ ۾ ملهه موجود آهن ۽ ڳوٺن ۾ ملهه جو شوق آهي پر پوين ٽيهن سالن کان وٺي پئسي جي لالچ ۾ ملهن ملهه جو مان گهٽائي ڇڏيو آهي. صلاح ڪري ٿا وڙهن ۽ سچائي سان نٿا وڙهن. ملهه جا امين باقي نه رهيا آهن. انعام ڏيندڙ وٽ پئسو آهي پر ملهه جي ڄاڻ ناهي. 1951ـ1990ع وارن سالن ۾ راقم ملهه ملاڪڙن کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ ملهه ايسوسئيشن قائم ڪئي ۽ مرحوم مير رسول بخش خان(حيدرآباد) ان جو صدر ٿيڻ قبول ڪيو. حيدرآباد جي اسٽيڊيم ۾ جيڪا پهرين راند ٿي سا ملاڪڙو هو. واهه واهه ٿي وئي! ڊنڙي ۾ پير حسن بخش جي ميلي تي ملهه جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو لائوڊ اسپيڪر تي راقم ملهن جي سڃاڻپ ڪرائي. اهو سلسلو پوءِ پٿائي صاحب جي ميلي تي وڌايو ويو جو آءُ ڀٽ شاهه ڪلچر مرڪز جو سيڪريٽري هوس (1951ـ1966ع). انهي ڪري اهو انتظام ڪري سگهيس. نوابشاهه جي نوجوان محرم علي پٿي کي همٿايم ته ملاڪڙي جو انتظام ڪري پوءِ هن نيڪا ڪٽڻ شروع ڪيا ۽ ميرپور بٺوري ۾ ڊپوٽي ڪليڪٽر مرحوم محمد اسماعيل خان نون جي تعاون سان پهريون ڀيرون ميهر شاهه جي ميلي جو نقشو تيار ڪري ان موجب بازارين هٽايون ويون ۽ بجلي جو انتظام ڪيو ويو. هڪ وڏي ڪشالي وارو انتظام ان کان اڳ گاجي شاهه جي ميلي تي ڪيو ويو جنهن ۾ دادو جي ڪليڪٽر مرحوم عبدالمجيد افغان(جيڪو مون سان گڏ علي

ٻگڙهہ ۾ پڙهيو) ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر محمد اسماعيل خان نون شامل ٿيا. اتي سگهڙن جي ڪچهري راڳ ۽ وچت جو بہ شاندار پروگرام ٿيو. اتي جي سگهڙ اسي ورهيہ جي عمر واري محمد علي لغاري کي اڳواڻ ڪيو ويو.

- **زباني جمال خان سريوال** (تاريخ 25 ذوالقعد 1356_1945__11_11)
  جمال خان پٽ بهادر خان سريوال(نظاماڻي جي شاخ) ڄم شڪار گاهہ لڳ ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي تعلقو شهدادپور عمر تقريباً ان وقت اسي ورهيہ ويهن ورهين جي ڄمار جو هو جو ڊنڙي لڳ پنڊن تي لڏي آيا. جواني ۾ زور سببان ملهہ ڏانهن لاڙو۔ پير حسن بخش سندس مربي هو ۽ هي پير صاحب جو ٿي ملهہ هو. ملهہ بابت هيٺيون بيان سندس زباني لکيو ويو تہ جيئن ملهہ وارن جي ٻولي معلوم ٿئي. ملهہ ۾ سندس استاد اسماعيل لنبو شيدي ويٽل سالاري جو تعلقو هالا. اسماعيل شيدي انگ باز ويڙهو هو. سندس ڪس مشهور هئي. سيوهڻ جي ميلي تي اسماعيل کي جمي ببر(شيدي لاڙ جو) گهمائي اڇلي ڇڏيو. انهي تي هڪ ٻاڻٽي چيو تہ اسين لاڙڪاڻي ۾ پيا ٻڌون تہ هن اسماعيل واري ڪس ڪئي آهي، پر تون تہ چاڙهو ڪو نہ ڪيو. ” اسماعيل جي ڪيس ايترو مشهور هئي. اسماعيل جو پيو ٻالڪو ابراهيم ڪينر ڪرم جي ڳوٺ جو— جانٺي جو ٻنهہ ملوڪ هو. ٻول تي وڙهندو هو. جندو شيدي ڪوٽڙي جو ولي محمد خان جي اوطاق تي(ڪرم نظاماڻي جو ڳوٺ) آيو ۽ چيائين تہ اسماعيل کي ماري آيو آهيان. انهي تي ابراهيم چيو تہ ائين چوين ٿو جي مون سان وڙهين تہ تنگ ڪيڍي وجهئين. ٻڪ وجهي جانٺو هٽي ڪٽي وٺ ڏنئيس تہ گوڏي نڪاءِ ڪيو ۽ تنگ نڪري پيس. ڪنير کي سيوهڻ ۾ اتر جي هڪ شيدي ٻوڙي ڇڏيو. پڇاڙي جي ملهہ هئي ملاڪڙو پڇي پيو پر ابراهيم چيو تہ جيستائين آءُ انهي کي نہ ٻوڙيان تيستائين ماني ڪو نہ کائيندس، اٺ پهر گذري ويا ٻئي ڏينهن ملاڪڙي ۾ سندرا ٿيا ابراهيم جانٺو ٻڌي هٿن ۾ جهلي وجي هنيس تہ مڙس ٻڌي ويو! اتي ابراهيم چيو تہ هاڻي ڪجهہ کائڻ لاءِ وات ۾ ڏيو تہ هتان اٿان.

جمال خان چيو تہ آءُ ۽ ابراهيم ساڳيو طرف هئاسون ۽ پاڻ ۾ ڪو نہ وڙهياسيون فقط هڪ دفعي ملاڪڙي ۾(ڪرم جي ڳوٺ) سندرا ڪيا جتي مون ٻئي ماريون مانس. ان وقت هيٺيان ملهہ مشهور هئا:

(2 )صاحب خان مڱڻيجو اتر جو. جمال خان چيو تہ اسان وڙهندو ڏٺو قد جو پورو پنو۔بت جو تمام پريل. هي اتر ۾ ٻانيڻ زميندار وٽ گذاريندو هو.

(3)فقير شيدي ڪوٽڙيءَ جو-جمال زميندار وٽ اتر ۾ ويٺل هو(رهندو هو)پورو پنو بت جو پريل صاحب خان ۽ فقيري اتي پاڻ ۾ سندرا ڪيا ۽ پڪ پيا، ويهي ويا. صاحب خان اٿي ويو اچا فقيرو اٿيو ٿي تہ اسان فقيري جون ٽنگون سڌيون ڏنيون ۽ هرڪ جي پيل ڪانچ جي ڦر ڦڙ پئي پئي. صاحب خان گهمائي گهمائي ڪٽي اڇليس. فقيرو اٿيو بي ملهہ لاءِ. سندرو ڪرڻ ڪان اڳ دهل جهلارايائين ۽ چيائين تہ ادا جهڙي ڏبي تهڙي ونبي سچو ملاڪڙو بڌي ٿو تہ جي مون صاحب خان کي گهمائي گهمائي ماريو تہ ملهہ منهنجي يا جي ڪاٻي راند ڪري دسومانس تہ ملهون ٻئي صاحب خان جون ٿيون. پڪ پيا- ويهي ويا فقيرو اٿي ويو ۽ اچا صاحب خان اٿڻ ۾ هو تہ ڪٽي ڪنيائين. گهمائي گهمائي ٻڪن مان ڪڍي اڇلي ڇڏيائين.

( 4 )چاڙي ڪوڏو جي (ڪوڏو شيدي ٽنڊي محمد خان جو). آڏو چاڙي ڏيئي بيهي رهندو هو. ٻي راند ڪو نہ ڪندو. هو ملهہ جو ڪوڙو چئبو.

( 5 )نبو شيدي- واري جو ملوڪ هو- هٿ وجهي اچي وچان پوندو هو تہ ٻہ- ٽي وارا ڪري ملهہ کي اڇلائي ڇڏيندو هو.

(6)پيراٽو دايو-24 اڱر پير هوس. جتي ملاڪڙي ڪان ٻاهر لاهي ڇڏيندو هو ۽ ڪو ڪو نہ ڪٽندو هو پيراٽو دايو ڪوڏو شيدي جهڙي آفت کي گهمائي گهمائي ماريندو هو. اتر جو ڪرم علي شاهہ ملهہ هو پر پيراٽو دسنيدو هوس. پوءِ پيراٽي کي زهر ڏيئي مارايائين. پيراٽي جي قد بت وارو مڙس اسان ڪو نہ ڏٺو سچو ملهہ هو.

(7)ولي محمد شيخ اتر- جو هٿ وجهڻ ڪان پوءِ هر ڪو ملهہ مٽي پيو ڦرندو هو.

سچوملهہ هو ڪوڏو شيدي ۽ دالو شيدي کي گهمائي مارياٿين.

- جمال ڪان اڳ جا ملهہ. اهي ميرن جو دؤر پورو ٿيو جو ساماٽا چيائين تہ: اسان انهن جا نالا ٻڌا، پر وڙهندي ڪين ڏٺا1-نورو ڪورڪاٽي اتر جو 2- عالم خان گوپانگ اتر جو ساري ملڪ ۾ مشهور هو 3 پنڊ، اتر جو 4علو بويان لاڙ جو (بويان سندس ماءُ جو نالو هو اهڙي طرح گهڻا نالي وارا ماٺهو مائرن جي نالن پويان مشهور ٿيا.) عالم خان گوپانگ هٿ وڌي ڪانپوءِ نہ بيهندو هو ۽ ملهن کي گهمائي گهمائي ماريندو هو باقي علو بويان جو بچاءُ ڪندو هو ۽ پٽ تي پير لڳس تہ جوڙ کي وارا ڪري ماريندو هو.
- -جمال جا همعصر ملهہ: جمال چيو تہ آءُ فقيري شيدي سان وڙهيس

فقيرو موٿيل هو باقي ولي محمد شيخ منهنجو سن هو. آءُ ساڻس وڙهيس. گل شاهه جي ٽنڊي ۾ مون دلاور ڪٽپر جي ٽنگ ڪڍي وڌي انهي تي ولي محمد شيخ اٿيو پهرين ماري مانس ۽ ٻي ماري ويو.

محرم مستوئي اتر جو. اسان جو سن هو. جاڻنو محرم مستوئي جو مشهور هو. ڪنڊيار جي ميلي لاءِ ڇام عمر ، علي بخش ڀٽي شڪارپور واري ڏانهن لکيو تہ ڪنڊياري تي ملهہ آڻ. هن دلاور ڪٽپر, غلام قادر داد پٺاڻ ۽ محمد خان سر ڪي آندا هتان جمال خان, ساوڻ شيدي(پير حسن بخش وٽ گذاريندو هو) ۽ آچر ماجرائي(ماڇر ۾) لاڙ جو ساڳيو طرف تي ويا. ساوڻ ۽ غلام قادر داد پٺاڻ وڙهيا. غلام قادر داد ٻئي ماريس اتي جمال خان اٿيو. محمد خان سرڪي سنڌس سندرو ٻڌو. پهرين ملهہ جمال جاڻنو هنيس تہ هن کس ڪئي, جمال پوئتي هٽي ٻنا ڏئي وچي ماريس. ٻي ملهہ تي جمال هڪڙو وارو ۽ ٻيو وارو ڪيس پر غلام قادر وري اڇي پير کوڙيو. اتي جمال ڪٽي پوئتي ڪان بلاتيءَ تي ورايس تہ مٿو اچي لڳس. اتي اٿيو محمد خان سرڪي انهي کي پهرين ملهہ تي جاڻنا ٻڌي مارياڻين ۽ ٻي ملهہ تي ساڳي ڪان بلاتي! اتي اٿيو دلاور ڪٽپر. پير علڻ کيس سڏي چيو تہ: دلاور تنهنجي ٻلهڻ(اتر ۾) مشهور آهي ۽ لاڙ ۾ سريوال جي. هن ٻہ ٻلهڻون ڏيکاريون آهن هاڻي تون ڏيکار. پهرين ملهہ ۾ ڪٽپر وس ڪيا تہ وچان ٽنگ ڏئي, پر جمال ٽنگ آڏو ڏنس جنهن ۾ گوڏو گوڏي تي لڳي ٻہ چار دفعا اٽڪي ٻک ڪڍيائون. اتي پير علڻ جمال کي چيو تہ: اڙي چريا ڪٿين تو سمجهين! جمال چيو تہ سائين ڪٽپر پهريائين ٻلهڻ ڪري تہ : ٻي آءُ ڪري ڏيکاريندس بس اڃا وري ڳنڍيا تہ جمال ڪٽي تو وچان ٽنگ ڏئيس: ڪان بلاتي ڪري چوٽي اچي کوڙايائينس ٻي زاند جاڻنو ٻڌي مارياڻين.

اي پهلوان! ملهہ جو انگ جنهن کي اتر ۾ ٻلهڻ چون تنهن کي لاڙ ۾ ڪان بلاتي سڏين, يعني ڪانءَ جي بلاتي واري صورت. راقم ان کي سمجهڻ لاءِ ٻہ چار سال ڪانون کي جانچيو. آخرڪار اسلام آباد ۾ روزانو سج لٿي ڪان اڳ, گهٽا ڪانءَ گڏ ٿيندا ڏٺا. پري پري ڪان ڪانون جا ٽولا اتي پهچڻ لڳا انهن مان ڪي ڪانو مٿان بلاتي ڪائي هيٺ لهڻ لڳا يعني پهريان سڌو هيٺ تکو لوهہ ڏئي وري پوئتي ابتو تي بلاتي ڪائي, ٻي اڌام ۾ هيٺ تي آيا. ڪانءَ بلاتي(ڪانءَ جي بلاتي) وارو اهو تماشو ڏسڻ وٽان آهي. ملهہ جي انگ کي ڪان بلاتي انهي ڪري سڏيائون جو وڏيڪ سگهو ملهہ پنهنجي جوڙ کي, واري وقت يا گهمائڻ ۾. مٿي ڪٽي پاسي تي اڇل ڏيندو ۽ پوءِ وري بلاتي ڏياري

پوئتي وارينديو ائين جو جوڙ جون ٽنگون مٿي تہ سسي هيٺ ٿي ويندي ۽ ايئن سر پر اڇي زمين تي لڳندو)

- جمال جو انصاف: چيائين تہ پٽائي صاحب جي ميلي تي صاحبزادو(بعد ۾ مير) علي نواز خيرپور جو. آيل هو. انهي ميلي تي مون ملاڪڙو پڳو(يعني آخر طور سيني ۾ سرسي ڪئي) جنهن ۾ پنيري(اتر جو) ڪي ۽ هڪ ٻئي ملھ دلاور ڪٽپر کي ٻلهٽو ڪري ماريم. مير علي نواز منهنجون ملهون ڏسي خيرپور ويو ۽ اتي پنهنجي پاءُ الله داد کي چيائين تہ اڄ سنڌ ۾ جمال وڏي ۾ وڏو ملھ آهي. صاحبزادي پاڻ پياري چانديي کي ملھ ڪيو وهاريو وينو هو. تنهن چيو تہ " پياري جهڙو ملھ سنڌ ۾ ڪونهي، " تنهن تي مير علي نواز چيو تہ :چڱو هڪ هڪ هزار رپيا شرط آهي. الله داد پوءِ جمال کي گهرائڻ لاءِ وڏي مير صاحب امام بخش کي چيو. ميرن پير پٽائي ڏانهن پنهنجو ماڻهو چاڙهي موڪليو. پير پٽائي وري ان ماڻهوءَ کي پنهنجي ماڻهو سان گڏ پير ميان ڏنل شاھ ڏانهن(ڊنڙي) جمال جي ٻانهن موڪلڻ لاءِ روانو ڪيو. هي ماڻهو جمال کي سندس ڳوٺ اچي مليا ۽ ميرن جي ماڻهو جمال کي خلاصي طرح سڄي خبر ڪري ٻڌائي: جمال کي پير صاحب اجازت ڏني ۽ هو راڻيپور پهتو جتان الهندي طرف ڪيس مير صاحب جي شڪار گاھ تي پهچايائون. هي اسر جو اتي پهتا. انهي ڏينهن صبح جو مير الله دادو مير صاحب وڏي پڳ واري مير امام بخش خان کي چيو تہ: سائين بادشاهي مير علي مراد ڪيتي جو هر شيءَ چئين پهرين دي اندر حاضر ٿيندي اي اسان جمال دي طلب ڪيتي پر اڄ چار ڏينهن گذر ڳئي هن جو جمال نهين آيا. "اتي مير علي نواز چيو تہ "سائين جمال اڳيا گذر ڳئي هن جو جمال نهين آيا، اتي مير علي نواز چيو تہ "سائين جمال آڳيا هي دهلي وڃايو تہ ملاڪڙا ٿيوي" مير علي نواز جي ماڻهن اچي جمال کي ننڍ مان اٿاريو ۽ مير صاحب وڏي جي مجلس ۾ حاضر ڪيو. مير صاحب جمال خان سان خوش مرحبا ڪري ڏانهس ڏنو. ان بعد مير علي نواز کي چيائين تہ ابا توکي پهلوانن جو قدر ڪونهي: ڪو بکيو هجي، ڏکيو هجي، ڪاٿيءَ مان آيو هجي تہ بر وقت ئي ٻئي ويٺل پهلوان سان ڳنڍائجي! اهو ڪو نهي ٿو هاٽي هڪ هڪ مهينو هر ڪو وچي پنهنجي پهلوانن کي ڪارائي، ان ڪانپوءِ ملاڪڙو ٿيندو انهيءَ تي جمال خان کي مير علي نواز سندس مرضيءَ موجب ڪوٽڏيجي روانو ڪيو.

جتي هڪ ملهه سکاوت لاءِ، بورچي هڪ هٽ سندس حوالي ٿيو ۽ پڻ هڪ بگي سندس حوالي ٿي تيرهن ڏينهن بعد مير آيا جمال خان چيو تہ سائين آءٌ تيار آهيان هن کان پوءِ منهنجو بت قابو تي ويندو ۽ ورندو ڪو نہ انهيءَ اتي ملاڪڙي جي تياري ٿي، پڙها اچي ويا، ملاڪڙو لڳو ٻيا سنها تلها ملهہ ڀڳنديا، آخرڪار جمال خان ۽ پياري چانديي کي سندري ڪرڻ جو حڪم مليو. جمال خان چيو تہ: سندرا ٿيا ٻڪ وڌاسون-ٻک وجهڻ سان پياري مون کي روڙڻ شروع ڪيو (يعني پاڻ ڏانهن ڇڪيو)، آءٌ بہ وجي گڏيوسانس ۽ هڪڙو ٻيو تيو وارو ڪري وجي دسيومانس. واهہ تي واهہ تي وئي. ٻي ملهہ تي وري هن پوري زور سان مون کي روڙڻ شروع ڪيو اهڙي زور سان ڇڪڻ شروع ڪيائين جو ڏسان تہ رڳو پبن تي وجي بيٺو آهي. اتي مون ڏنو تہ سندس پيرا ڇنا پيا آهن ۽ مون کي رڳو اشاري ڏيڻ جي دير آهي. بس ڪٽي ٿو وڃان ٽنگ ڏيانس. تي وارا ڪري، چوٽين تي ڪٽي ٿو پوئتي بلاتي تي واريانس تہ سڌو مٿو اچي زمين تي لڳس ۽ مٿي ٽنگون سندس مون ڪٽي هٿن ۾ جهليون. واهہ واهہ تي وئي مير اتي بيهي رهيا. مير وڏي 25 رپيہ روڪ، پنجاهہ جي لڱي ۽ وڳو ڏيڻ جو حڪم ڪيو. مير علي نواز ڏيڍ سئو رپيا، لڱي ۽ بہ وڳا ڏنا.

ان بعد بہ تي ڏينهن ترسايائين ۽ مون تي راز ايترو جو سندس خاص باغ ۾ مون کي گهرايائين، جو مير صاحب پاڻ اقبال بيگم بالي، مون ۽ سندس هڪ خاص ماٺهو ويهي پتي راند ڪئي: ماني بہ هڪ دستر خوان تي ويهي کاڌي، مون کي چيائين تہ تون هٽ رهہ تو کي خراراڻ جو ۽ هڪ سئو رپيا ماهانہ مقرر ڪري ڏيندس. مون عرض ڪيو تہ سرڪار جو اقبال بلند هجي جڏهن بہ گهرائيندو تڏهن اچي حاضر ٿيندس، باقي وينو هڪ وٽ آهيان (يعني ڊنڙي ۾ پير وٽ). بس آءٌ موڪلائي آيس پوءِ وري مون کي گهرايائين راڻيپور ۾ پارهين جي موقعي تي پوءِ اتان وري ڪوٽڏيجي وياسون اتي مير الله اداد جي وزير هٿان مونکي زهر ڏنو. ويو ٻن پهرن تائين مون کي الٽي شروع ٿي، بورچي مير کي خبر ڏني تہ اوهان جي ملهہ کي زهر ملي ويو. مير صاحب مٿي اگهاڙو هليو آيو. منهنجو سر ڪٽي پنهنجي گڏي تي رکيائين الٽي پئي آئي تہ بہ گوڏو ڪو نہ ڪڍيائين، آخرڪار ڊاڪٽر آيا رات گذري صبح ٿي تہ مير کي مبارڪ ملي تہ اوهان جو ملهہ بچي ويو. ان بعد وري مون سان مهربانيون ڪري مون کي موڪل ڏنائين ۽ زور رکيائين تہ هفتي هفتي هٽان تي ويندو ڪر. ٻيو تون جڏهن ايندي تڏهن 25 رپيا، وڳو ۽ پاڙو تو کي ملندو.

جمال خان چيو تہ:جمون جامائي شيديءَ صاحب خان مڱڻيجو ڪوٽڏيجي ۾ داڻہ واهڻ ميرن جي شادي تي سندرا ڪيا. صاحب خان جمي کي سندرو ٻڌو. شيخ ولي محمد، صاحب خان کي چيو تہ:شيدي مڙس هيڏڙو تنهن کي سندرو اهڙو ٻڌ جو نپوڙي ڇڏينس. اتي جمي مير صاحب کي عرض ڪيو تہ سائين مون سان شيخ ولي محمد وڙهي. آءٌ انهي ڪانسواءِ ٻي ڪنهن سان ڪو نہ وڙهندس. مير صاحب حڪم ڏنو. ٻئي ڳنڍيا. پهرين ملهہ جمي کي گهمائي ماريائين. ٻيءَ تي اچي ٿو جمعو وچان پويس تہ وارن مٿان وارا ڪري وجي هنيائنس. مير چيو تہ گهر جيڪي گهرڻو هجئي. اتي جمي چيو تہ مني حجام کي ڪوٽ تان لاهيو جو هو منهنجو يار آهي. مير صاحب چيس تہ اڙي جمعا بدبخت آهين ٻيو ڪجهہ گهر! جمعي وري بہ اهو سوال ڪيو. مير صاحب عرض منظور ڪري چيس تہ جمعا! سرڪار تون کي ست ويهون ربيا ۽ وڳو ڏئي ٿي: ٻيو بہ جيڪي گهرين سو مليئي.
مشهور ٿي ويو تہ جمعي ڪوٽ تان ماڻهو لهرايو پوءِ پٽ تي جمعي ۽ جمال کي وڙهڻ جو حڪم ٿيو. جمال جمعي کي ٻنهي ميلن (ميل-هڪ ڏينهن وارو ملاکڙي جو مقابلو) تي ٻئي رانديون ڪان بلاتي ڪري ماريون.
جمال خان چيو تہ پٽائي جي ميلي تي جڏهن مون پنيري ۽ دلاور ڪٽپر کي ماري وري رد ڪري اماڻيو تڏهن جيئندو ميربحر اتر جي ڪنهن سيد کي چيو تہ آءٌ موٽيل آهيان پر جي مون کي سرڪار ڪارائي تہ آءٌ هلي سريوال کي ماريان پوءِ ست مڻ گيهہ جا ٻڌجي ٿو تہ ڪائي اچي مون سان پٽ تي وڙهيو ۽ مونکي ٻئي ماري ويو پر ملهہ ڪوڙو هو.
ٻئي ميل تي هي شاهہ جو ويس ڪري اچي ويٺو ۽ اهو بهانو ڏيئي ڪين وڙهيو ۽ رات جو هليو ويو. جمال پويان لڳس راڻيپور ۾ ٻارهين جي ميل تي جمال مراد گهانگهري ۽ پنيري کي ماريو. جيئندو کي چڪيائين(ملهہ وڙهڻ لاءِ هاڪاريائين) پر نہ وڙهيو. وري گل شاهہ جي تنڊي (محراب پور کان الهندي) ۾ پيرن جي شادي تي وچي جيئندي کان پلاند چڪيائين. اتي دلاور ڪٽپر کي آڏاڙي ڏنائون (آڏ ڏنائون تہ پهريان ان سان وڙهي) ۽ انهي کي ماريائين. اٿيو جئيندو انهيءَ کي پهرين ملهہ ڪان بلاتي ڪري ماريائين ٻئي تي ڪين نبريا.
جمال خان چيو تہ: برهم بري جي ميلي تي عدل ڪبر ڪپري جو مون کي ٻئي ملهون ماري ويو. پوءِ ڪپري مان پويان لڳي ٻئي وجي ماريومانس (مالي وارا ملهہ، پنهنجي مخالف جي پويان لڳي، پيڇو ڪري، وڃي پلاند وٺن)

چيائين تہ : دالو شيدي اتر ۾ شيخ ولي محمد کي ماري آيو ۽ آچر ماجرائي دلاور ڪٽپر کي ماري آيو ۽ لاڙ جي سرسي ڪري آيا. پوءِ جڏهن قاضي احمد ۾ جمال شاهہ جي ميلي تي جمال خان ويو تہ اتي دالو جمال خان کي ٽوڪ هنئي جنهن تي سچا ٽي پاڻ ۾ ٽڪريا. پهرئين لاڪڙي ۾ جمال خان ۽ آچر پهريائين وڙهيا ۽ پهرين ملهہ آچر جاتنو ۽ ٻڏي جمال کي ماري، جمال پوئين ملهہ آچر کي ۽ پوءِ ٻئي ملهون دالو کي ڪان ٻلاٽي ڪري ماريون.

- جمال خان جا ٻالڪا سانوڻ خاصخيلي لعلو جي ڪوٽ جو. سيفل شر شاهپور جي طرف جو: گل جهلڻ ڪاٻرين جو حاجيَ دل بيگ لغاري تعلقي سنجهوري جو. سانوڻ خاصخيلي ٻيٺو هوندو هو پر جي وجهہ لڳس تہ گهمائي گهمائي ملهہ کي اچلي ڇڏيندو هو. هڪ ميل ۾ حاجي دل بيگ کي ٻئي ماري ويو: ٻئي ميل ۾ حاجي دل بيگ دهل جهلارائي پڙهو ڏياري چيو تہ اڄ جي سيفل کي جاتنا هٽي ماريم تہ سرسي منهنجي نہ تہ سيفل چئبو تہ مون کان ڏاڍو ۽ آءٌ وري ڪو نہ وڙهندوسانس حاجي دل بيگ جئن چيو تئين جاتنا ٻڏي سيفل کي ماريائين.

گل جهلڻ سچو ملهہ هو ۽ هٿ وڏي ڪان پوءِ ٻيهڻ گل کي عيب هو ۽ جاتني ۽ واري جو گل استاد. (1925_1935ع واري دؤر ۾ ملوڪ ملهہ هو. اڄ 1945ع ۾) جئي پر هاٽي ملهہ ڇڏي ڏني اٿس.(1978ع ۾ منهنجي طرفان موڪليل ماڻهو سنجهوري ۾ گل کان پڇيو تہ: تون سنڌ جي ملوڪ ملهہ ۽ ملهن جو سينگاري هئين، تنهنجي وقت ۾ ٻيا ڪهڙا سچا سنا ملهہ هئا. چيائين تہ: محمد ماجرائي لاڙ جو جمال چانڊيو وچولي جو ۽ سانباٽو اتر جو. گل، وڏي نالي وارو ملهہ، آڪٽوبر 1978ع ۾ گذاري ويو).

- جمال خان جو چوڻ تہ هن وقت (1945ع) ٿوري قدبت ۽ ٿوري طاقت آهر سڄي سنڌ ۾ هوشو شيدي جهڙو ٻيو ملهہ ڪونهي. انب شيدي ۽ هنڊل بہ سچا ملهہ آهن. اتراڏين ۾ ٻرڙو سچو ملهہ آهي. لوهر ٻپ (ٻت ۾ وڏو ڳرو) ملهہ آهي. جاتني تي پير اٿس. مبيجو وڏو ملهہ آهي. محمد بخش مهر ڪپتيو ملهہ آهي ۽ ملهن جو قطار ۾ ڪونهي.
- ڪوڙو ملهہ: جمال خان چيو تہ ڪوڙو ملهہ پهريون اهو جو جاڙي ڏئي ۽ اها نڪري تہ مٿو ڏئي. ڪوڏو شيدي جا اهي ڪم هئا. هن وقت مهر جا اهي ڪم آهن. نرو جهلڻ ۽ وچين هٽڻ ڪپت کان بہ وڌيڪ نڳي آهي.
- ملهہ جي ملوڪت اها آهي جو هٿ پوڻ کان پوءِ ڏسندڙ ڪنڌ ڦيرائي

وري ڏسي تہ ملهہ اڳئي تي وجي. ملوڪ ملهہ اهو جو هٿ وجهڻ کان پوءِ
بيهي نہ، ۽ پنهنجي ڪري وجي ماري (پنهنجي ڪري يعني پنهنجي
راند ڪري پنهنجو داءُ هلائي).

- ملهہ واسطي طاقت ۽ انگ ملهہ جا ضروري پايا آهن پر زور ٻنيهہ رانديون پيچي ٿو. انگ ۾ پهريون نمبر ملهہ گهمائڻ جو پنهنجي جوڙ جنس جا پير چڙائي گهمائيس. ٻيو نمبر وارو جو زوري وجي ٻئي جي گهر پوي واري مان وري ڪان بلاتي يا ٻيلهڻ ملهہ جي ملوڪت آهي، جو ٻئي جو مٿو اچي لڳي جو جهان ڏسي! پوءِ جانئو جو نڪ ٽئي تنگ نڪري وجي، پهريان مٿو لڳي پوءِ تنگون لڳن. آندريو ملهہ جي چوري ياڪاٽ آهي پر واري ۾ يا گهمائڻ ۾ آندريو استاد آهي جانئي مان ونگ ٽيندو.

جانئي جو بچاءُ وارو يا تنگڻ يا وري ڪس، ٽيو انگ اهو جو رڳو پنهنجي تنگ ڊري ڪري ان جي گهر ۾ چڏي تہ مخالف جا پنا اچي لڳندا. وچين ملهہ جو بچاءُ ڪونهي پر ڪپت آهي. ڪو ملهہ وچين ڪري تہ خارج ڪري چڏيندس. واري جي تڏي جو بچاءُ جانئو. پر جي مٿي چڙهي ويو تہ اڳ ڪوڙي پنا ڏئي گهمائڻ جو بچاءُ پٻ ڏيڻ. پهريائين چڏي ۾ اتان نڪري تہ سندري ۾ پوءِ پير ڪوڙي وچان پوءِ هوشو جي "وچان پٺي" مشهور آهي. لاپڙيو ڦڙتيو آهي. چوري، ملهہ ڪانهي، ڍاڪ واري جو بچاءُ آهي.

- اتراڏي ۽ لاڙي ملهہ: اتراڏي ملهہ گهٽو ڪري سچا ۽ لاڙ ۾ شيدي گهٽو وٺ ست ڪن، پر شيدي ٻت جا هلڪا ۽ اتراڏي ٻت جا گهٽا، تنهن ڪري شيدي بچاءُ ۽ ڪوڙڪن، پر شيدي بچاءُ ڪري رانديون بہ وٺن.
- اتراڏين ۾ ملهہ گهٽا لاڙين ۾ ملهہ ٿورا پر هڪ هڪ لڪ لهي. اتراڏي رڳو هڪ ٻڪ تي وڙهندا ٻئي تي نہ وڙهندا. لاڙي ٻئي ڪلها ڏيندا. لاڙين جو قائم ٻڪ ڪٻو. اتراڏي ڇڪڻ وارا ۽ لاڙي ڇڪيندو ڪو نہ: اهو انهي ڪري جو اتراڏاي ٻت ۾ ججها آهن.
- عالم خان گوپانگ رياست جو. قد جو ڊگهو سيني جي تختي ويڪري ۽ چيلهہ سنهي هئس. ڪنهن ڪو نہ دسيس جمعي ٻبر شيدي هڪ دفعي پوئين ملهہ ورتس. پير پير تي ڏيئي پاسو ڏيئي اٿلايائينس تہ عالم خان جون ٽي آڱريون وجي ڪتيون. مخالف ملهہ ڪي عالم خان چوندو هو تہ جيڪا وٽيئي سان راند ڪر. وڏي طاقت هئس هٿن تي ڪٽي ٻلهڻ ڪندو هو.
- عبدالنبي پنڌ ۽ جعفر ڪڪراٽي(غالباً پاڙو قوم ڪلهوڙا) پنهنجي وقت جا وڏا هاڙهي پيچي ملهہ هئا. جعفر ڪڪراٽي، باقراٽي جي لڳ ويٺل هو.

گهمائڻ واري جون تنگون ڦر ڦر پيون ڪن. وڏي ڪاريگري ۽ وڏي چلتي وارا بہ انگ هڪ پلهڻ يا ڪان بلاتي ۾ پيو واري ۾ جاڻنو باقي زور پٺيھ رانديون پڇي مثال تہ محرم مستوئي مڙس هو سگهو سو سيءِ ڪنهن ملھ کي في الحال چڪي ڪٽي مٿي پيٽ تي ڪٽندو هو.

- سندرو نہ موتائڻ اهو نالي وارن ملهن کي عزت ڏيڻ جي برابر هو. ناليوارو ملھ جيڪڏهن اتي اچي ڪنهن بئي ملھ کي وڙهڻ لاءِ سندرو آڇيندو هو تہ هو سندرو ڪو نہ موٽائيندو هو. چوندا آهن تہ بخشڻ مگسي ۽ ڏاڙهون واسواڻي (ويڻل دوڙ) جو سندرو پيا ملھ اڪثر ڪو نہ موٽائيندا هئا. چون شاھ جي ميلي تي هاشم(حاجي جو پاءُ, اڪ جو پٽ) مگسي کي آندريي سان ماريو ۽ هاشم کي وري ارباب ماڇي ماريو.
- ملهن جي قدرداني: اڳ ٽالپرن جي دؤر ۾ ملهن جي وڏي قدرداني تي هن وقت (1945ع ) بہ خيرپور جا مير صاحب ملهن کي پاڻ وٽ رهائن ٿا. عزت ڏين ٿا (پوئين ويجهي دؤر ۾ بہ ڪوٽ ڏجي جي مير علي ڏني خان ملهن کي وهاريو ۽ ورثايو) سنڌ جي ڪن زميندارن ملاڪڙن تي ملهن کي روڪڙن ريين جا وڏا انعام ڏنا پر هر ڪنهن پنهنجي پڇندي آهر ملاڪڙي ۾ انعام ڏنا. 1920ـ1930ع واري دؤر ۾ چام مٺا خان دنگ ڪري ويو محمد خان انڙ نہ انعام ڏيندو هو.
- حيدر شاھ سجو جيڪب آباد جو. بگيءَ هلندي هلندي غريبن کي چار آنا اٺ آنا ڏيندو ويندو هو. ملهن کي بہ ڏيندو هو. نالو ٿي پاڻ تي رڪاياٿين حيدر شاھ سجو

محمد خان انڙ سهٽو زميندار هو ۽ ملاڪڙي جي زيب. زينت هن بہ ملهن کي انعام ڏنا. هن وقت( 1940ع ) اسماعيل خان بروهي پئسو گهٽو ڏئي ٿو. 1950ع واري دؤر ۾ موري طرف پٽي زميندار انعام ڏنا. گهوڙي تي چڙهي اچي بيهندو هو.

- دهل ۽ تپ: دهل اتر وارا وڄائي ڄاڻن. تپ لاڙ ۾ نوري ڪڪراٽي ۽ پنڊ وڏا تپ ائين ڏيندا هئا جو گڏو گڏ لهندا هئا پاسي ڪان ڪو ڏسندو تہ جڻ هڪڙو جٽو بيٺو تپي. تپ ڏيندڙ دهل کي اشارو ڪري تہ ملاڪڙي جو دهل وڄي پوءِ وري تي پير ڪٽندو تپ ڏيندو ايندو ۽ آخر ۾ وري ٽپن جي اٿلائڻ يا پڏا تپ پورو ڪندو. هن وقت چانڊيا. بنگل ۽ جمال ٽپن جا ملوڪ آهن. (جمال تازو گذاري ويو) جمون ڪلهوڙو (ڪنبياري جي پوبان محبت ديره جتوئي لڳ) ٽپن جو ملوڪ. ڦيري ڏئي تار تي پورو اچي ٽپندو هو. ڏني مگٽهار(دوڙ جي

پرجو ويٺل) چيائين تہ پيري شيدي جهڙو ٽپن جو دهل ٽاهو وڄايا ٿهڙو مڱڻهار نہ وڄايو. ٽپن جا ٽاهو ٽنهن ۾ پيري شيدي کي هٿ جي سچائي هئي. ڏني چيو تہ مون پيرو شيدي ۽ جمال سريوال ملهہ وڙهندا ڏٺا. پهرين ملهہ جمال ماريس بي پيرو شيدي وارا ڪري ماريس.

-1920-1940ع جا مکيہ ملهہ

(1) ڱل جهلڻ، جمال ۽ بنگل چانڊيا، محمد عيدو جو (وڏو ملهہ)، علي بخش بروهي، پيرو شيدي، وزير شر، جمعو ڪلهوڙو، احسان سانداڻو تاجو ڏيو (همايون شڪارپور جو) نبو ڳنڀير ۽ ٻيڙو ڳنڀير خيرپور جا، ايوب شر ڪنڌيءَ جو ٻيو نمبر، محمد بخش مهر، ڪٻر، مٺر مڱڻهار. مٿين ڪانپوءِ:

(2) هوشو شيدي، حاجي هاشم دلاور شيدي، هنڊل مڪراني، احمد لوهار شڪارپور جو، گاهي ٻرڙو ناڙي جو اقبال جوڳي نري جو، لعل محمد ڦل، نواز علي پٺاڻ خيرپور جو، غوثو پٺاڻ شڪارپور جو، نور محمد مهر ۽ پنجل مهر ۽ اسماعيل ٻڙدي ڪنڊياري جو.

(3) (اتر جا ملهہ)قلب علي جتوئي، انب شيدي، نور الدين ٻبر، يڪو خاصخيلي، سينئر سٺو ملهہ، سليمان گولو ناڙي جو(لاڙ طرف) بکر شيدي، ملان شيدي، قاضي بروهي، مٺر شيدي، ٻڙدي غلام حيدر صحبت پور گولي جو هنيئر سٺو ملهہ، تڳيو ڦل، عبدالڪريم مير بحر، دودو گوپانگ ڪوٽ ڏيجي، غلام قادر لغاري پانن جو، غلام اڪبر ڪنڀار درگاهہ جو، غلام سرور ڪٻر مير واهہ نري، شير ميربحر، شير گوپانگ ڪوٽڏيجي، غوث بخش ڪلهوڙو تعلقو گمبٽ، مير علي ڏنو ڪوٽڏيجي وارو جو هن ( 1940ع) سٺو ملهہ آهي.

- گهوٽڪي-ماٿيلي طرف جا ملهہ

1- اميد علي پتافي ويٺل پروٽا، محمد خان شر جو ڳوٺ 2-جمال پتافي، ڳوٺ بهاول خان پتافي، پوءِ ميان بهاءُ الدين پتافي جي ڳوٺ وڃي ويٺو- وفات سن 1932ع 3-قيصر لنڊ، ويٺل ڳوٺ ڪبير لنڊ 1920 وفات 4- سبزل ڪورائي، ويٺل لڱ حياتي پتافي 1930ع. اهي چار وڏا ملهہ. سن 1900ع تائين ملهہ وڙهيا. قيصر خان بوزدار لاڙمان شيدي گهرايا ۽ قيصر لنڊ سيني کي دسيو.

- ٻئي دؤر جا ملهہ1-غلام حيدر خان لنڊ ۽ الله ورايو ميربحر، ڳوٺ صاحب خان لنڊ جا. واحد بخش پتافي، ولو سونارو ۽ سيد ڪالي شاهہ (ويٺل

ڳوٺ سلطان گبول). اهي سڀ 1930ع تائين وڙهيا.

- ٻت جو سهڻو ملهه جمال چانڊيو: ملهن ۾ صاحبزادو هو تہ جيئن ڳائڻ ۾ رسول بخش ڪلهوڙو.
- جيڪب آباد ۾ شڪارپور جا ملهه محرم مستوئي، احسان سانڊاڻو ۾ ڏيوو ڏيو. ڀتائي تي ڏيبي سانڊاڻي کي وارو ڪري ماريو. بنگل قاصائي رياست جي پاسي جو سٺو ملهه(اجا جئي). جيئندو ميربحر سکر جو. عالم خان گوپانگ ۾ صاحب خان مگٽيجو ۾ ولي محمد شيخ.
- ڪوڙي حجام جيڪب آباد ۾ جڏي آفت کي واري ۾ اڇي تريون ڪوڙايون انهي تي حيدر شاهه سچي ڪيس ململ جون پڳون ٻڌايون.
- صفر ۾ سانڊاڻي جي ملهه دنگ ٿي وئي. سانڊاڻو تہ واٺيو ملهه پر صفر شيدي جڏهن سارين تڏهن سانڊاڻي چيس تہ شاباس شيدي شاباس. جنجڙ ۾ ٻانپٽي زميندارن وٽ ويٺل سکر جي پاسي ملوڪ ملهه.

لس ٻيلي جا ملهه (1962_10_8)

راوي: سيد غلام مصطفيٰ اميناڻي عمر سٺ ورهيہ. ٻيلو شهر (لس ٻيلو) چيائين تہ جام غلام محمد راڳ جو شوقين، ملهه جو شوقين، هنگلاج ۾ ٻيا سڀ ملڪ جا ياڳا ڏنائين. رعيت نهايت راضي. ملڪ آباد. هتي جا ملهه.

1_ موسو ٻبر ٻيلي جو
2_ جمڙو ٻبر ٻيلي جو موسي جو شاگرد جو پوءِ زور ٿيو.
3_ ساڄو ڪوري ٻيلي جو
4_ بچل ڇتري، گدو ٻيلي جو (اجا جئي) ملهه ۾ تيزي جي ڪري 'ڇتي' سڏيائون.
5_ آچار بنگلو سون مياٽي جو (اجا جئي)
6_ جسڻ سهاڻو سون مياٽي جو
7_ قاسو سهاڻو سون مياٽي جو
8_ مامو مياٽي جو آچار ۾ چسڻ کان گهٽو
9_ گاجي گدو مياٽي جو (اجا جئي) هنڊل بروهي ٽني جو هتي ٻيلي ۾ وڙهي ويو اڄ تائين ملاڪڙا ٻيلي ۾ لڳن ٿا.

•جاتي جا ملهه (1949_12_30)

- زباني حاجي اسحاق ٿهيم ولد حاجي خضر ٿهيم ويٺل جاتي هن وقت (30 ڊسمبر 1949ع) عمر 65 ورهيہ چيائين تہ اسان کان اڳ جا ملهه هي هئا:

- عمر توبل ويٺل ماڇر جو- انگ بازو ويڙهه. سگهو پهلوان
- هوشو شيدي ويٺل جاتيءَ لڳ تڙ جو- انگ بازو ويڙهو
چيائين ته اسان جي عمر جا ملهه هي هئا:
- خميسو پٽ هوشو جو(شيدي) -سگهو پهلوان
- مَنگُو پٽ الله ڏني جو- انگ بازو ويڙهو- وارڙيو
- تماچي شيدي جاتي جو- انگ بازو ويڙهو- وارڙيو
- سومار شيدي لَنبو ڪري ڪوٺيندا هئا شاهبندر طرف جو- انگ باز پهلوان. حاجي اسحاق چيو ته: مٿيان منهنجي سَن جا آهه سيني کي ماريندو هوس. آءُ ايترو انگ باز ڪونه هئس پر طاقت ۾ زور تي گهمائي ماريندو هوسان. جاتي ۾ آءُ سيني کان زور هوس. خميسو ۾ آءُ نه نبرياسون (ڪنهن به هئي کي نه ماريو).
- خميسو جيئندي جو ولاسيي مانڊر جو ڏاڍو جوان
- ننگر ڏَرياڻگ والاسيي جو ڍنگ باز
- غلام محمد مَنچر ولاسيي جو تنڊي باگي پريان ويٺل- ڍنگ باز
- سِڪٽو جهرجهائي ولاسيي جو

حاجي اسحاق چيو ته: اهي به اسان جو سن هئا انهن جو مُک خميسو هو جنهن کي مون گهمائي ماريو.

**•ماڇر جا ملهه:**

-عَلو مَرزان (پيءُ جو يا علو بوبان (ماءُ) جو
-موليڏنو شيدي کي ٽنڊي محمد خان جو
-الله ڏنو بڪير ماڇر جو

(نوٽ بنگل خان چانڊيي چيو ته اسان عَلُو مرزان جو ڪونه ڏٺو باقي مولي ڏني شيدي کي ٽنڊي محمد خان ۾ نظر محمد جي ميلي (مارڪيٽ ۾) مون هئي ملهون ماريون. پهرين ملهه اندريون ۾ ٻي جاٺو (جام مٺا خان جي آڏو). جمال خان چيو ته مون موليڏني کي ڪنڊياري جي ميلي تي هئي ملهون ٻولائي ماريون (ٻولائي ته ٽنگون پاڪڙو)

**•ٽتي جا ملهه**

سومار چريو سومار پوڳ، رَمُو ڪِلڙ وڏو ملهه هو.

گل محمد خان لغاري چريٽاٽي جو ملاکڙا لڳائيندو هو ۽ وڏا انعام اڪرام ڏيندو هو جلسي ته ملهه ويڙهايائين تنهي کي مون (اسحاق ٿهيم)

ماريو. مُنبو ۽ جمون شيدي گل محمد خان جا ملهہ هئا. ساڪري ڏانهن عليم گدو ڏاڍو جوان ملهہ هو. عليم کي شاهہ يقيق جي ميلي تي مون ٻئي ملهون ماريون.

• هن وقت جا ملهہ.

حاجي گدو سير بڪاري تعلقي شاهبندر جو. 2-رَمُو مهاڻو جاتيءَ جو ۽ وڪيو شيدي مانڌر جو.

(نوٽ بنگل خان چانڊيي چيو تہ اسان جي وقت جا ملهہ آچار شيدي ماچرائي، ڏنو لغارين وارو موليڏنو تنڊي محمد خان وارو سومار شيدي لاڙ جو جو سب مورائي ماتلي جو سومار چريو ننگر جو (بنگل خان چيو ننگر ۾ ٻئي ملهون ماريون مانس)، بچل شيدي بيلائي.

•ابراهيم حيدري ۾ ڪراچي جا ملهہ:

(1964ع) ۾ حاجي قاسم سان ابراهيم حيدري ۾ ملڻ ٿيو سندس زباني تہ:

- حسين پٽ عيسو لاڙو ويٺل ابراهيم حيدري- سومار شيدي سان وڙهيو. ان وقت ٻيو ملهہ حسڻ ٻاتو لاڙو انهن کان پوءِ هيٺيان ملهہ مشهور ٿيا:
- غلام پٽ صديق لاڙو (حسڻ جو شاگرد)، اسماعيل اتراڏي سان وڙهيو پوءِ ڦوتو شيدي ماتلي جو ساڻس وڙهيو جنهن پوئين غلام کي ماري، سندس پلو حاجي قاسم ورتو.
- حاجي قاسم ولد حاجي حسين لاڙو ويٺل حيدري، نبو ڳنيير وارا جڻ ڀهرئين جوڙ جا. ان وقت حاجي قاسم ٻئي جوڙ جو ملهہ هو.

•ڳوٺ ينيو لغاري تعلقو بدين

سهراب خان سِرڪاڻي لغاري وڏو ملهہ هو. مير غلام حيدر ڍ گهڙي واري وٽ ويٺل هو. شيدين کي ماريائين.

# ڪچهري بدين

سدا سلامت هجين! سڻ تہ، 'سنئين واٽ' سنڌ ٻوليءَ ۾ هڪ وڏي معنيٰ وارو محاورو آهي. اصل ۾ 'واٽ' معنيٰ پنڌ واري واٽ. پر پوءِ ليکي حساب ۾ هڪ ٻئي سان وهنوار ۾ 'واٽ' جي ڳالھ آئي ۽ 'سنئين واٽ' جو قدر ٿيو سڌي واٽ 'سواٽ' آهي ۽ ڏنگي واٽ 'ڪُواٽ' سواٽا اهي جيڪي ليکي وهنوار ۾ توڙي ليڻ ڏيڻ ۾ سڌا سنوان هجن; ٻيا 'اَواٽا' جيڪي واٽ سان نہ هلن چوندا تہ: واٽ سنئين ونجي توڙي ڦيري واري هجي سونهين کي چوندا تہ: 'دا، ڦيرو ڪونہ ماريندو. واٽ سنئين وٺ ٻيو تہ واٽ وهندڙ هجي توڙي ڦيري واري هجي چوندا تہ:"سِڌ کان ور ڀلو توڙي ولَو هوءِ."

چوندا فلاڻو مون کي واٽ ۾ گڏيو واٽ ويندي گڏيو. حُب خير سان پڇندا تہ: ادا! واٽان پنڌان خير سان آيون! واٽ ۽ راھ ساڳي ڳالھ آهي، پر مهل موقعي سان ٻنهي ۾ فرق ٿيندو. جڏهن ڪنهن ڏورانهين ماڳ تي ڪير پيرين پيادا ويا تہ چئبو تہ"راھ جي پنڌ سان ويا"; اتي "واٽ جي پنڌ سان ويا" ڪونہ چئبو. سنڌ مان غوث جا فقير راھ جي پنڌ سان ملتان ويندا هئا; اڳ سنڌ مان حاجي راھ جي پنڌ سان حج تي ويندا هئا. جو سمنڊ رستي جهازن ۾ سفر ڪرڻ لاءِ وٽن ڀاڙو خرچ ڪونہ هوندو هو.

پر واٽ اها جا وهندڙ هجي، يعني ماڻهو ان واٽ سان ايندا ويندا هجن; ڦٽل واٽ کي "واٽ" ڪونہ چئبو. واٽ سنئين آهي يا واٽ وهندڙ آهي تہ سياڳي آهي; انهيءَ ڪري ماڻهو جو نالو "واٽُو" يا "راهو" رکيائون، يعني واٽ وارو يا راھ وارو. چوندا "فلاڻو واٽ سان آهي" يعني جاڻ ۽ سڌ وارو آهي ۽ جيڪي ڪري ٿو تنهن جي کيس خبر آهي.

البت جهنگ جهر ۾ نئين واٽ تڏهن نڪري ٿي جڏهن ماڻهو اوجهڙ مان هلن ٿا ۽ پيچرو نهي ٿو. جڏهن ڪو اوجهڙ ۾ پوي ٿو ۽ اُجهي منجهي ٿو ۽ آخر منزل تي پهچي ٿو تہ انهيءَ ڪشالي مان هو گهڻو سکي ٿو; پر جيڪي ڄاڻي ٻجهي وهندڙ واٽ ڇڏي اوجهڙ ۾ ٿا پون تن مان ڪي ورلو ٿا منزل کي

ڏکيون واتون هيون، جن مان ڪي اڳ ۾ ڪي پوءِ پاڪستان ۽ هندستان جي 1947ع واري ورهاڱي بعد ٺٽي ويون. انهن مان هڪ وڏي وهندڙ واٽ راهمو ڪي بازار واري هئي، جنهن جي ٺٽي ويڃڻ تي احمد فقير جت عبرت ۾ پئي واٽ کان پڇيو تہ:

آ ڪا خبر احوال جي، تون واٽ کهڙي وار جي؟
ڏي سڀ حقيقت حال جي تون واٽ کهڙي وار جي؟
رڻ ۾ رَهيءَ راتيون گهڻيون، گيڙيون گلر تو ۾ ڪٽيون
ٻيون پڻ پيون توتي پٽيون، تون واٽ کهڙي وار جي؟
رڻَ ۾ گهڻيون راتيون رَهي، ڪنهن پر ويڃائي تو وهي
ڪئين سي هليا تو تان ڪهي،تون واٽ کهڙي وار جي؟
ڪائي ويو اڄ لُوڙ جن، تون ڏي سندو مضمون تن
جن جو پَسان ڪانِي نہ پَن، تون واٽ کهڙي وار جي؟
اڄ ڪا عجيبن جي اڇي، پڻ حقيقت سڀ سچي،
کهڙي ويا رِڻَ ۾ رَچي، تون واٽ کهڙي وار جي؟

تڏهن خود احمد فقير جي زباني واٽ کيس جواب ڏنو تہ:

آدم ٿيو پيدا جڏهن، مون کي خدا خلقيو تڏهن،
هوئي حوا ناهت هڏهن، آءُ واٽ اُنهيءَ وار جي!
پهرين خلافت شيث جي، پوءِ ٿي ادا ادريس جي،
اُت تند لڳي تَدريس جي، آءُ واٽ انهيءَ وار جي!
آدم ڪنا نوح تائين ڪي، ايڪيهہ سَئو ٿيا سال سي،
فاني ٿيا في الحال سي، آءُ واٽ انهيءَ وار جي!
نوح کان وني خاصو خليل، اٺ سئو نوي جو سو وڪيل
کهڙو ڏيان تنهن جو دليل، آءُ واٽ انهيءَ وار جي!
چار سئو اسي گذريا جڏهن، پنيان خليل الله هَڏهن
پيدا ٿيو موسيٰ تڏهن، آءُ واٽ انهيءَ وار جي!
موسيٰ پنيان ڪي ڏينهن هليءِ ويا سوڪ ٽري چاليهہ چلي
عيسي ڄائو ٻيبيءَ پلي،آءُ واٽ انهيءَ وار جي!
عيسيٰ وٺان سردار سين، ڇهہ سئو ٿيا سالار سين

محمد مٿي منٺار سين، آءُ وات انهيءَ وار جي!
تيرهن صديون چاليهه ٻن، اڳرا ٿيا ان پرچون
اڄ سين اڇيو پورا ٿين، آءُ وات انهيءَ وار جي!
هن هنڌ هئا شاهي شهر، لڙجي لڳي پئي ٿي لهر
اڄ ٿو پسين ڪارو ڪلر،آءُ وات انهيءَ وار جي!
هن هنڌ هئي مجلس مٺي، چلندي هئي جن جي چٽي
تن ڪاڻ ٻي ڪا ڏس ڏٺي، آءُ وات انهيءَ وار جي!
جن چال چلگت هئي چٽي، تن محل ماڙيون ويا ڦٽي
اڄ ٿو پسين تنهن هنڌ مٽي،آءُ وات انهيءَ وار جي!
هت گهوٽ گهمندا هئا گهٽا، جن جي مٿي ۾ هئي مٽا،
پئي پاڻ تن لئي خود ڪڙهان،آءُ وات انهيءَ وار جي!
ڏس تون مياڻين ۾ ميان، تڙ لوڻ ٿيا راتو ڏينهان
ڪي ڏينهن تن ۾ هئا ويهان، آءُ وات انهيءَ وار جي!
عاشق 'الله بند' تي اچي، تو ڪا ڏٺي 'ڪنبڙي' ڪچي،
پوندا هئا ات پٽ پچي،آءُ وات انهيءَ وار جي!
تو ڪا ٻڌي 'سنڌڙي' سهي، ڪئين راڄ ويا تنهن ۾ رهي،
وانچي هليا پنهنجي وِهَي،آءُ وات انهيءَ وار جي!
صوبا ڪيئن سلطان ٿيا، ڪئين دفتري ديوان ٿيا
خاڪي وڏا ڪئي خان ٿيا،آءُ وات انهيءَ وار جي!
احمد ادا ويندي مري، ڪانهي مرڻ ڌاران ڳري
آهي خبر اهڙي ڪري،آءُ وات انهيءَ وار جي!
ڏس پڌ پراڻا هاڻ تون، هر گز نہ ٿي اٽڄاڻ تون
ڪلمو پڙهي چڙهہ پاڻ تون،آءُ وات انهيءَ وار جي!

احمد فقير سن 1342هہ (1923ع) ۾ الله بند، سنڌڙي ۽ ڪنبڙي واري وات جي ڦٽي وڃڻ تي هيءُ نظم چيو. احمد فقير ڪڇ جي جتن بلوچن جي 'لاڪاٽي' اوڙڪ مان هو. ناميارو شاعر ۽ عالم مولوي احمد ملاح ۽ احمد فقير ٻئي هم سبق هئا ۽ گڏ پڙهيا هئا. احمد فقير بہ اڌ مولوي هو ۽ خاص طرح شاهہ جي رسالي جي وٽس وڏي رهاڻ هئي. هن پاڻ ۽ پٽس رمضان جيڪي بيت فقيرن کان ٻڌا سي گڏ ڪري لکيا ۽ هڪ رسالو جوڙيو جيڪو رمضان پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم کي ڏنو جنهن جو ذڪر

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪنهن مضمون ۾ ڪيو آهي. راقم سان اها ڳالهه رمضان پڻ ڪئي، جنهن سان رسالي بابت رهاڻيون ٿيون. احمد فقير اڳ گذاري ويو هو. رمضان چيو ته: اسان کي هڪ قلمي رسالو هٿ آيو جيڪو سسئي جي سر سان شروع ٿي ٿيو. اسان ان ۾ فقيرن کان ٻڌل بيت شامل ڪري هڪ نئون رسالو سر ڪلياڻ سان لکيو جيڪو ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب کي ڏنو.

شال جيئين! آڳاٽي وقت کان، ڪراچي کان ونی بدين تائين سنڌ ۾ رهندڙ ۽ ٻئي طرف ڪڇ ۾ رهندڙ جتن بلوچن عزازت جي ڪري توڙي مال جي سانگي، پاڻ ۾ اچ وڃ هئي. ياڳيا ماڻهو سانوڻ ڪڇ ۾ ته سيارو سنڌ ۾ گذاريندا هئا. احمد فقير علڻ فقير جي يوسفاڻي لُنڊ سان دوستي هئي. يوسفاڻي انهيءَ ڪري جو يوسف فقير جي اولاد مان هو. هن وقت ناٿو فقير درگاهه کي سنڀالي ٿو. اهو ماڳ تعلقي بدين جي ڏکڻ الهندين سرحد تي شيخاڻي گهاڙي لڳ آهي. اتان ڪڇ ڏانهن هڪ واٽ شيخاڻي گهاڙي کان ٻتيهه ميل ڏکڻ اولهه سنڌ جي ڪوٽڙي بندر تان ويندي هئي. جتان چار ميل سامهون ڪڇ جو لکپت بندر هو. وچان ڪُهري هئي جنهن مان ٻيڙين ذريعي ماڻهو لکپت پهچندا هئا. ’ڪهري‘ لفظ جي نسبت پاڻي سان آهي پر عام تلفظ ۾ ’ڪهُري‘ ٿيندو. پڙهيلن پوءِ ان کي هميشه لاءِ ’ڪوري‘ ڪيو. ڪهري هڪ وڏي ويڪري ساموندي گهار يا نار آهي، جنهن ۾ وير چڙهڻ سان سمنڊ جو پاڻي پرجي ٿو ۽ پڻ هندستان نيڙ علائقي ۽ سنڌ جي سرحد کان لاڳو رڻ مان مينهن جو پاڻي ان ڪهري ۾ پوي ٿو. ڪوٽڙي ۽ ڪُهري واري ان واٽ کان الڳ ٻي ’رڻ واري اٽ‘ هئي جيڪا ڪڇ جي ڳوٺ لوٽيي وٽان رڻ ۾ لهي، رڻ جهاڳي ’ڪريم شاهي‘ وٽان ’راهموڪي‘ اتي ايندي هئي. لوٽيون يا لُوٽو راهمو ڪي بازار کان چوويهه ڪوهه ڏکڻ اوير جي ڪنڊ تي رڻ واري واٽ سان ڪڇ جو پهريون مهڙ وارو ٽاٽو هو. ’راهموڪي‘ يعني راهومن جي وسين (بستي) جنهن کي هن پوئين ويجهي دؤر ۾ ڪي پڙهيل غلطي وچان ’راهه مڪي‘(مڪي جي راهه) سمجهڻ لڳا. راهموڪي واري واٽ گهڻي وقت تائين وهندي رهي. ان کان اڳ ٻي هڪ واٽ اجا ٻه اولهه طرفان الله بند ۽ سنڌڙي وٽان هئي. راهموڪي کان ڪريم شاهي نو ڪوهه ڏکڻ ۽ ڪريم شاهي کان الله بند تي ڪوهه ڏکڻ هو ۽ سنڌڙي پنج ڪوهه کن اولهه طرف هئي. اوڻويهين صدي ۾ ڌرتي

ڏبڻ سببان سنڌڙي شهر پٽي ويو ۽ هن وقت اهو ڦٽل شهر ساموندي ڪُهري واري چاڙهہ جي وچ ۾ آهي. سنڌڙي سان گڏ ٻيو بہ سنڌ جو سرحدي علائقو هندستان کي مليو. راقم سان آدم مهرن پوٽي نهڙيي (پٽ عثمان پٽ ابراهيم پٽ حافظ صالح پٽ مَيَدُ پٽ راجن پٽ مَيد پٽ مبين پٽ بِلهادي يعني عبدالهادي- پٽ چتو پٽ مهراڻ ٻڍو پٽ نهڙيو) خبر ڪئي تہ سندس پڙ ڏاڏي حافظ صالح سنڌڙي ۾ جمعي نماز پڙهائي هئي. هو چوندو هو تہ سنڌڙي کي ٻہ ڪوٽ هئا، هڪ ٻاهران پٿرن جو ۽ ٻيو اندران سرن جو. شهر جريب کن جي پکيڙ ۾ هو ۽ ان اندر بازار جو رخ سر اولهہ طرف هو.

آڳاٽو جڏهن سنڌوندي جو پراڻ وارو وهڪرو نئين ڪوٽ کان ڏکڻ تي ڍوري (يعني ڍوري ناري يا اپرندي ناري) ۾ اچي چوڙ ڪندو هو ۽ ڍوري کي پاڻي سان پريندو هو. تڏهن ڍوري تي پٽڻ هئا. ڍنڍون هيون ۽ مڇيءَ جون مياڻيون هيون. ان کان پوءِ ٻئي درو ۾ ساڱرو درياءَ ولاسيي مان وهي اچي شيخاڻي گهاڙي ۾ پوندو هو. جيڪا وچي ڪُهري ۾ چوڙ ڪندي هئي، شيخاڻي گهاڙي، ساڱري درياءَ جي جڻ پوڇڙي هئي، ولاسيو بدين تعلقي جو اپرنديون ياڱو آهي، جنهن مان ساڱرو وهندو هو جو چيائيون تہ:

"ساڱري جي سير، وهي ولاسيي سامهين."

اهي درياءَ ڦٽا تہ بہ انهن جي ڍورن ۾ درياءَ جي اٿل ۽ مينهن جو پاڻي وهندو هو ۽ ملڪ آباد هو. اهو وسندڙ ملڪ ويهين صديءَ جي پهرين چوٿائي ۾ وڏيڪ ڦٽو. احمد فقير کي وات جيڪو جواب ڏنو تنهن ۾ سال1342هہ (1923ع) جو اهڃاڻ ڏنل آهي. جنهن کان اڳ سنڌڙي ڦٽي وئي هئي ۽ پڻ ديهہ ڪنڊڙي واري ايراضي غير آباد ٿي وئي. علي بندر کان هيٺ ڏکڻ طرف ڍوري تي ٽي وڏيون مياڻيون هيون: هڪ شڪور جي ڍنڍ تي، هڪ ڏنگ تي ۽ هڪ لالان تي. اهي ٽيئي مياڻيون بہ ڦٽي ويون. چون ٿا تہ جڏهن ڌرتي ڏبي هئي تڏهن ڪنڊڙي وٽ ڍوري مان پاڻي نڪاءَ ڏيئي نڪتو هو. احمد فقير سنڌ جي انهيءَ ڏاڪٽي آباد ڀاڱي جي ڦٽڻ تي هيئيان ڏکارا بيت پڻ چيا تہ:

نڪا ڪوڪ ڪنڊڙي تي، نڪا ڏنگ ڏڙي،
راهمڪي رڙي، موڪلايو مياڻ کان.

—

ڪنڊڙي مٿي ڪوڪ، هئي مهند ملاحن جي،
جت هئا مڇ ملوڪ، اتي سڏ نہ سڃي ساٿين.

—

گگهنڙيءَ تي گوڙ هئي مهند ملاحن جي،
جت هئي پاٽيءَ ٻوڙ ات سڏ نہ سڄي ساٿين.

—

گگهنڙيءَ تي گاج، هئي مهند ملاحن جي
ويا ويچارا ڪيڏهين سپ سميٽي ساج
جتي رهيا راڄ، ات سڏ نہ سڄي ساٿيين

سنڌ جي ڏاڪڻي سرحد جي انهن ماڳن کي ڏسڻ لاءِ راقم ان طرف گهڻا گهمرا ڪيا. آخري ڀيرو فيبروري 1992ع ۾ ٿيو جنهن ۾ ڳوٺ بهادر خان لنڊ ۾ ڪچهري ٿي. اهو ڳوٺ شيخاٽي گهاڙي کان اڌ ميل اوپر طرف آهي، جتان ڪڇ جو شهر لکپت فقط ڇتيهہ ميل ڏکڻ اولهہ طرف آهي. اهو ڳوٺ وڏي بهادر خان ٻڌايو. ان جي اولاد مان حال حيات بهادر خان آهي، 1992ع ۾ سندس عمر پنجهتر سال يا مٿي آهي پر جسماني توڙي ذهني طور هو جوان آهي، سندس ذهانت اها جو اڻ پڙهيل هوندي بہ پڙهيل آهي. خبرون ڏيندي اهڙا انگريزي لفظ آڻيندو ويندو جو ٻڌندڙ کي يقين ٿيندو تہ هو انگريزي پڙهيل آهي. مون تورن لفظن ۾ ڪانئس سرحدي علائقي جي ڪا ڳالهہ پڇي، جنهن تي چيائين تہ: ”ڪجهہ رينج ڏيوس، يعني تہ ڪجهہ وڌيڪ تفصيل ڏيو تہ ڳالهہ کي سمجهجي.“ ڪن ٽاڻن اهڃاڻن ۽ ڪن هٿ آيل حوالن مان تصديق ٿئي ٿي تہ هيءُ ملڪ ڪنهن وقت سائو ستابو هو ”ولاسيو“ جي معنيٰ ئي آهي ”ولين وارو سائو“ ملڪ. لاکو ڦلاڻي بہ ڪنهن وقت ڪڇ مان گهنيري وٽان ڪهري اڪري سنڌ ڏانهن ايندو ويندو هو. رسالي جو بيت آهي تہ:

هني مٿان هنڙا لاکو نہ لاهي
گهنيريان گهيڙ ڪئو ايوئي آهي
ويڃئو سي ڪاهي، جي ڪيمي هيٺ ڪنگهارجي.

”ڪيمي هيٺ“ يعني خيمي هيٺ بہ پڙهڻي تہ ”جيڪي ڪيڙي هيٺ ڪنگهار جي“ گهنيري لکپت جي ايرنڌين پاسي آهي. لاکو جي سنڌ طرف هوندو هو تہ ڪهري ٽپي، گهنيري وٽان وڃي ڪڇ جي ڪنڌيءَ تي چڙهندو هو سنڌ طرف گهاڙيءَ واري ڀاڳي ۾ سندس اچ وڃ هئي. لاکو مئو ۽ ڳچ وقت

ڳهاڙي ڏانهن ڪونہ آيو تڏهن ڪنهن چيو تہ:

لاکا لکين ڏينهن، ڳهاڙيءَ ري ڪيئن ڳهارئين
مٿان وسي مينهن، واٽون ولين ڇانئيون.

هن ملڪ ۾ ساوڻ جي مينهن ۽ وڄڙين جي وس جو ذڪر ٻئي هڪ بيت ۾ بہ آهي تہ:

اڇي اڇ اڪتيون، ڪيائون پر پراڻ،
وسي وڄڙين ڪاڻ، لاٽي ڪڇ وٽين تان.

اڇ هڪ ڍنڍ آهي جيڪا شڪور ڍنڍ جي الهندي طرف آهي. ويڪر ۾ شڪور کان وڏي آهي پر لانڊ ۾ ننڍي. ”اڇي اڪتيون“ معنيٰ ”اڇي نڪتيون“. جڏهن مينهون وڏو پاڻي جهاڳي اڇي ڪنڌيءَ تي چڙهنديون تہ چئبو تہ ”پٽاريون فلاڻي هنڌان اڇي اڪتيون“. اڇ ڍنڍ کان ڍورو ايرندان آهي حقيقت ۾ (ناري ۽ پراڻ واري ڳڏيل) ڍوري ۾ پاڻي گهٽجڻ سبباڻ هيءُ ملڪ ٿٿو:

ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا، ساونگيءَ سڪو ڳاهہ
مهراڻي وٺاءِ، رويو راڄ رضا ڳهري.

ساونگيءَ جو ڳوٺ ڍوري کان اوپر-ڏکڻ طرف آهي.

مٿي ڏنل مولوي احمد واري پهرين بيت ۾ ڏنگ ڏڙي جو ذڪر آهي، ان حوالي مان هينئين چوڻي ڪجهہ سمجهہ ۾ آئي، جنهن بابت اسان سالن کان وڏي پڇا ڪئي. چوڻي آهي تہ:

ڪان تان ڏنگ ڏڙو ڪان تان ڪپو ڪڇ ۾.

پانئجي ٿو تہ ڪنهن موقعي يا واقعي تي ڪنهن ائين چيو جنهن جون بہ معنائون ٿي سگهن ٿيون. هڪ اها جو ڪنهن مسڪين مسافر ايئن چيو تہ: ”يا تہ ڍنڍ ڏڙي“ جي مياڻ تي پهچندس يا تہ مون کي ڪپو (ڳڏون) اڳئي ڪڇ (بغل) ۾ آهي ۽ پيو پنندس کائيندس“ ٻي معنيٰ شايد اها جو ”يا تہ ڏن ڏڙي تي يا تہ ڪڇ (ملڪ) ۾ ڪپو هوندو“ پر ڪپو ڇا؟ ڪنهن سنواريي کي سمجهہ ۾ اچي تہ هوند اها چوڻي چٽي ٿئي، ڪان تان (ن ساڪن) واري محواري جي معنيٰ آهي ”يا تان“ ، جملي ۾ اهو لازمي طور بہ ٻيرا آڻبو جئين تہ مٿين چوڻي ۾ آهي. هيءُ لاڙي ٻوليءَ جو هڪ انوکو محاورو آهي.

هاڻي سڻ تہ توکي سمجهايان تہ ”شيخاڻي ڳهاڙي“ کي ڇو انهيءَ نالي

سان سڏيائون. اهو نالو ان تي درويش ”شيخ ذڪريا“ جي نالي تان پوي، سندس قبو سيراٽي کان پنج ميل ڪن پيو آهي. پر سندس ٻہ خليفا گهاڙي تي رڪيل آهن. هڪ شيخ ذڪريو ٻيو شيخ نوريو. شيخ زڪريو ملتان جي ولي غوث بهاؤ الدين ذڪريا جي خاندان مان هو ۽ پڻ خليفو هو انهيءَ جي معنيٰ تہ سنڌ ۾ سهروردي غوثي طريقي جي آڳاٽي پلٽ پڪيڙ بدين جي ان ڏاڪڻي حد تائين پهتي. شيخ نوريو سيراٽي کان اولهہ طرف مدفون آهي ۽ ڳاڙهي پوٽرا ملاح سندس مجاور آهن. بزرگ ميون جميل پراڻ کان اوير ولهاري (تعلقو ڏيپلو) ۾ مدفون آهي.

يوسف فقير لنڊ، جنهن جو قبو شيخاڻي گهاڙي کان اتر طرف آهي، سو ميانوالي طريقي جو وڏي اثر وارو درويش هو اصل ڪاڇي جي لنڊن بلوچن جي ڦيرواڻي پاڙي مان هو گاجي شاهہ گنج بخش جو خليفو هو ۽ اتي چڪي پيهندو هو. ڪڇ تي چڙهائي وقت ميان غلام شاهہ يوسف فقير کي گهرايو ۽ پوءِ هو هتي ئي رهيو سندس پيءُ موجن کي ٻہ پٽ ڄيا ۽ ٻئي فقير ٿيا: هڪ يوسف فقير جيڪو ستي جتي ٿي رهيو ۽ ٻيو تڳيو فقير جنهن جو اولاد موجود آهي. جاڙو فقير لنڊ، پاڙو شيرواڻي، جنهن جي مزار علي بندر کان اتر ۽ ڊوري جي ايرنديين پاسي ”سوني ڪوبري واري پٽ“ جي چوٽيءَ تي آهي، سو يوسف فقير جي وقت ۾ هو مٺس ميلو لڳي ٿو. موجن جي ڀاءُ جو پٽ ٻہ فقير ٿيو: اهو هو مٺو فقير ڊير وارو. جيڪو سانگهڙ تعلقي ۾ مدفون آهي، مٺي فقير جي اوڏڻ سان لئون لڳي ۽ اوڏن کي پيتيون نهرائڻ لاءِ ڏنائين تہ جيئن وٽس وينا هجن. نيٺ ڪم پورو ٿيو تہ اوڏن چيو تہ: سائين پيتيون نهي راس ٿيون هاڻي ليکو ڪر تہ وڃون. تڏهن فقير چيو تہ: ڪم گهڻو آهي، هاڻي هڪ شاهي ڊير ناهيو. آخر جڏهن اهو بہ نهيو تہ اوڏن سان ليکو ڪرڻو پيس ۽ هو لڏي ويا. پوءِ فقير پاڻهي پاڻ کي نصيحت ڪري سمجهايو تہ:

منا پنهنجي من کي، ڇيڪ ڇڏيئي ڇوڙي،
اچا اپو ڙي، آهين غافل انهين گس تي.

--

اندر اڇو نہ ڪيئي، اڇو ڪيئي اڳ،
منا! مداين مان رڳو ڪيئي رڄ
هاڻي ڪاهي ڪعبة الله ڏي پيٺ پلي جو حج
ڏي ٽپو پٺو منجهہ، تہ پار اڪاريئي پاڻي

--

اندر اڇو نه ڪيئي، اڇو ڪيئن آهين
مٺا! مداين ۾ سنئين تو ساهين،
ڪيڏانهن پيو ڪاهين، نياڳا تون نڪريو!

اي سڄاڻ! چاڻ تہ جڏهن اهڙا وڏي ساڃاهہ وارا سنڌ ۾ هئا، تڏهن سنڌ سربلند هئي، هن وقت جن سنڌ جي صبر ۽ اخلاق واريون خوبيون وساري هنبوڇون هڻڻ شروع ڪيون آهن سي جئين پوءِ تئين سنڌ کي ڪمزور ڪندا، تون سنڌ جي سهڻي اخلاق کي هٿان نہ ڇڏ.

مٿو فقير وڏي ڳالهہ ڳت وارو هو ميان غلام شاهہ وٽ سندس وڏو مان هو 1182هہ ۾ جڏهن ميان غلام شاهہ حيدرآباد وارو پڪو قلعو جوڙائي راس ڪيو تڏهن مٿي کي سڏيائين ۽ ڏيکاريائين. فقير ڏسي چيو تہ: ”ميان سائين! ڪوٽ تہ واهہ جو جوڙايائي پر اتون ڏڪ نهينس“ (ڪوٽ تہ واهہ جو ٺهرايو اٿئي پر مٿان ڇت ڪانهيس). فقير ڏڪ ۾ ڳالهائي ويو تہ مٿان بچاءُ ڪونهينس ۽ تقدير غالب آهي، ٿيو بہ ائين جو ميان غلام شاهہ هتي ويهي حڪمراني نہ ڪئي.

موجن فقير جي اولاد مان هيو ناميارو ”نيڪ نظر علي“ (پٽ گولو پٽ تڳيو پٽ موجن) ٿيو. ان وقت جي ڪنهن وڏي هاٺو اڇي مائي صاحبان ٽالپورياٽيءَ جو وڳ هنيو. مائي اسم الله جو وجهي نظر علي فقير وٽ واهر لاءِ وئي، جنهن تي فقير واهر ونئي پوبان پيو ۽ ڊوري تي لالان جي پٽڻ وٽ وڃي هاٺن کي رسيا. مقابلو ٿيو ۽ هاٺو بہ واهر پلڻ لاءِ سامهان ٿيا. نظر علي سان گڏ واهر ۾ ڇتي خان جا پٽ هئا جيڪي بهادريءَ سان وڙهيا. شاعر وسند خاصخيلي ان واقعي تي بيت چيا تہ:

قلعي وير ڪوڏيا مانجهي مڙيا نہ وير
داين لوڏيا دادلا، ماين لوڏيا مير
تني کي تقدير، ڪا توڙئون هئي تار جي.

—

لال چڙهيو لڪيءَ تي، ساڱاهي سوار
گهوٽ گهاڙيءَ ڪان نڱيو ڪري قول قرار
جهڙا ٻنري پار، تهڙا ننگ نظر علي اجاريا.

—

آيل لنڊ لالان تي، بيٺا مور مرڪن
چتي خان چڱير اڳيان پٽ پرزا ٿيو پون
سر ڏيو سرها ٿين، اسم مٿان الله جي.

---

چارئي لنڊ چڙهي پيا، ڇهه ئي ڏين ڇال
ستين چانڊئي سرسي ڪئي جنهن نہ ڇوڙي ڍال
وڃڻ ساڻ وسند چئي ٿيا نر نهال
ڏس پلي جا پال، جو گهوٽ ڪٽي گهر آئيا.

اجيع (عزيز) فقير لنڊ جا نو پٽ هئا، جيڪي وڏا پهلوان هئا، انهن پائرن مان شاهو شهيد ٿيو.

اڙن ويل الهيار هو بيو شاهو وڏي شان
شاهو سيئي پاڙيا پڙ ۾ پاڪر ساڻ
ڪڏائي ڪيڪاڻ، شاهو شير شهيد ٿيو.

انهيءَ مقابلي ۾ رڳو هڪ لؤنگ لنڊ بچيو جنهن کي شاهر وسند هيٺئين بيت ۾ سنيو تہ:

لؤنگ لڳئي لت، جو ڇڏيئي نيڪ نظر علي کي
پجڻ جي پاڙيا تو ڪتان پرائي گت
مرد مئا، جڳ سئا، سونهين سپ سمت
ڪانئر جائي ڪين ٿئي اوڙ پاڙ اپت
شيد ماءُ ڏنئي مت، ڪا لولي ڪانہ لڙڻ جي!

سنڌ جي راجن پاڳن جي لڳ لاڳاپن ۾ وڏي ڳڻ ڳوت هئي، مڙسن توڙي زالن جا لڇڻ ۽ ارڪاڻ ڳٽبا هئا. لڇڻن ارڪاڻن ۾ گسڻ عيب هو، سياڻا اهڙي عيب کي سئيندا هئا يعني ڪواريندا هئا، يعني نندينندا هئا، سٺ، ڪوار ۽ نند ٿيئي ساڳي ڳالھ ۽ تنهي جي معنيٰ ساڳي مقابلي جي ميدان ۾ پجڻ وڏو عيب هو لونگ پڄو جنهن تي شاعر وسند ڪيس سنيو يا ڪواريو پر لنڊن سان گڏ چانڊيو ميدان ۾ مڙس ٿي بيٺو جنهن کي ساراهيائين. اهو هو دلو چانڊيو جيڪو جهانجهلي جي چانڊين مان هو. انهن مان جمعو خان وڏي حيثيت وارو هو ۽ پوءِ جهان خان ٿيو جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو امين هو ۽

هر ستايل جو انصاف سان فيصلو ڪندو هو پر اتفاق سان هڪ فيصلو اهڙو ٿيو جو ستايل کي انصاف پلئہ نہ پيو. جڏهن دانهون ڪيائين تہ چيائونس تہ وڃ جهان خان وٽ! چيئين تہ: ”ڪٿي جهان خان آهي“ اهو گفتو پوءِ پهاڪو ٿي ويو جهان خان جي عام خاص ۾ وڏي عزت هئي ۽ جهان خان جهانجهلي جو مير سڏبو هو جهانجهلي ديهہ تعلقي بدين ۾ ڪڍڻ سان لاڳو اوير طرف آهي.

بدين وارن پاڳن جي آبادي ڪنهن وقت پراڻ جي پاٽي تي هئي ۽ پوءِ ان ڪان الهندي طرف ساڱري تي ٿي. ان ڪان الهندي پاسي ڏانهن آبادي ريڻ جي پاٽي تي هئي. نائين ڪان يارهين صدي هجري (15 ڪان 17 صدي عيسوي) وارو سمو هو جو ريڻ ۽ ساڱرو ٻئي درياءَ جا وڏا ڦاٽ هئا, يعني وڏا دريائي گهارا هئا, جيڪي ڪافي وقت درياءَ جا وڏا وهڪرا ٿي وڙها. تاريخن ۾ ريڻ کي ”ريڻ بارگاهہ“ يعني ”شاهي ريڻ“ ڪري لکيو ويو آهي, ساڱري لاءِ يارهين صدي جي آخر ۾ ميين شاهہ عنايت چيو تہ:

سر سير ساڱرو جنهن جي لهر سيڪالال.

مٿان اتر طرفان ويندي ٺنڊي غلام علي تائين ساڱري ۽ ريڻ جا وهڪرا جدا جدا هئا, پر هيٺ انهن مان نڪتل واهن جا پاٽي گڏبا هئا, ساڱري کي پوءِ ”ساڱرو نيرو“ بہ سڏيائون: ”نيرو“ يعني ننڍو وهڪرو اهو نيرو ڍورو هو جيڪو ساڱري جي چاڙهہ هو ۽ تلهار وٽان ٺنڊي باگي تعلقي مان وهندو هو نيري ڍوري جي نسبت سان ”نيري وارا جمالي“ سڏجن, جيڪي ڳوٺ ڏاتو خان جمالي ۾ رهن. ڏاتو خان ٽالپرن جي دؤر ۾ فوجي جرنيل هو جنهن تي پڻ ڪڇ ـ سنڌ سرحد سنڀالڻ جي ذميواري هئي, پراڻ ڍوري تي ڏاتي جي نالي سان ڏاتي جو پتڻ مشهور آهي. ڏاتي جو ڦبو ڪوسڪي ڪان ڇهہ ميل ڏکڻ طرف آنهيري (جي جوءِ) ۾ آهي.

ان وقت ”ريڻ“ وڏو ڦاٽ هئي, ريڻ جي الهدين پاسي مانڊر هئي ۽ ايرندي پاسي ولاسيو جنهن جي وچان ساڱري درياءَ جي سير هئي, ڀهڊمي جو شهر ساڱري جي ايرندين ڪپ تي هو ۽ پڻ مل مياٽي, ڪڍڻ ۽ هبي: ان وچ واري پرڳڻي کي ساڱرو پاٽي ڏيندو هو. ساڱري ڪان الهندي ريڻ جي آبادي هئي, روپاهہ ۽ داسڙاهہ آخري طور ڦٽا. ريڻ ڦاٽ جو سمنڊ ۾ ڇوڙ سيراٽي ڪان هو.

پراڻ درياءَ جي پاٽي ڪان پوءِ بدين جي سڄي ملڪ کي ريڻ ۽ ساڱري جي پاٽي آباد ڪيو: تڏهن درويش شهاب الدين جي اتي اچي ويهڻ سان

بدين جو شهر آباد ٿيو. شال جيئين! چاڻ تہ بعضي عوام جي ٻوليءَ سان ماڳن مڪانن تي نالا پوندا آهن. هڪ روايت موجب شاهہ قادري جنهن جي بدين ۾ درگاهہ آهي، تنهن جو نالو شهاب الدين هو ۽ سندس رهڻ واري ماڳ کي بہ ”شهاب الدين“ سڏيو ويو پر جيئن تہ عوام لاءِ اهو نالو ڳالهائڻ ۾ ڳرو هو انهيءَ ڪري عوامي زبان ۾ ”شاهہ بدين“ سڏيو ويو جيڪو وقت گذرڻ سان باقي وڃي ”بدين“ بچيو ٻيءَ روايت موجب ڪو درويش شهاب الدين اتي جو هو جنهن جو مقام موجوده بدين شهر کان ميل ڏيڍ اتر اولهہ طرف آهي. اجا تائين شهر کان ٻاهر اهو ”شاهہ بدي جو مقام“ سڏجي ٿو. شاهہ عبداللطيف جو وڏو ڏاڏو ۽ ميين شاهہ ڪريم جو والد لعل محمد شاهہ عرف شاهہ لَلو بہ انهيءَ مقام ۾ مدفون آهي، ڪن جي چوڻ موجب شهاب الدين قريشي پير هو ۽ ملتان جي غوث بهاءُالدين ذڪريا جي اولاد مان هو. هن وقت ”شهاب الدين جي مقام“ کان اتر طرف قريشي پيرن جو ڳوٺ آهي.

مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ ڪنهن وقت شيخاڻي گهاڙي واري پاڳي کان وٺي جاڙي فقير واري قبي تائين لنڊ قبيلي جي آبادي هئي، لنڊن، چانڊين ۽ جمالين ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ ڪڇ سان لاڳو سنڌ جي هن ڏاکڻي سرحد کي سنڀاليو. بدين جي وچئين ۽ اترئين پاڳي ۾ جيڪي قبيلا آباد رهيا تن مان مکيہ بہ هئا: ريڻ جي اولهہ طرف منڊرا چاچڪان ۾ ۽ اوير طرف نوتيار ولاسيي ۾. چاچڪان ۽ ولاسيي جي وچاڻ ريڻ درياءَ دنگ هو ايرندي طرف ولاسيو ۽ اولهہ طرف چاچڪاڻ هو. چاچڪان جو مرڪز بدين هو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دؤر ۾ ”چاچڪان سرڪار“ هڪ انتظامي پرڳڻو هو ان تي اهو نالو نوتيارن جي نک چاچڪ جي ڪري پيو. ان مان پانئجي ٿو تہ چاچڪان کي ڀهريائين نوتيارن آباد ڪيو. سومرن کان پوءِ ملڪ ۾ نوتيارين جي مقامي رياست هئي ۽ اتان نوتيار لکپت ۽ اڳتي ڪڇ طرف بہ وڌيا. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ هتان جي ڪن مک مقامي قبيلن جهڙوڪ جتن، منڊرن، نوتيارن ۽ دلن تي چڙهايون ڪري انهن کي هيسائي هيٺو ڪيو ويو. جنهن ڪري گهڻا نوتيار ڪڇ طرف لڏي ويا ۽ پوءِ جڏهن ڪلهوڙن ڪڇ تي ڪاهيو تڏهن نوتيار ۽ جت قبيلا راجا جي طرف ٿيا. ٽالپورن جي دؤر ۾ انهن قبيلن جي دلجوئي ٿي ۽ سندن راجن کي ماناٽتو ڪيو ويو جنهن ڪري هو سنڌ جي حڪومت جا خير خواهہ ٿي ويا. ان پاليسي مطابق مراد لاشاري کي موڪليو ويو ۽ هو ڪڇ مان نوتيارن کي دوستيءَ جي ناتي سان وٺي آيو جن مان گهڻا ڏيپلي واري پاڳي ۾ اچي آباد

ٿيا. مراد خان لاشاري ولهاري جو (تعلقو ڏيپلو جتي اولياءَ ميون جميل آهي) ويٺل هو جتي سندس نالي سان "ديهه مراد" يادگار آهي.

نوتيارن جي هڪ نک "توريا" آهي، جنهن مان سنهڙو نوتيار مشهور ٿيو جنهن سنهڙو واهه کٽايو ۽ جنهن جي طاقت جو مرڪز علي بندر هو. علي بندر تي اهو نالو علي نوتيار جي نالي سان پيو. ٽالپرن جي آخري دؤر ۾، سنڌ جي سامهون ڪڇ جي لکپت واري علائقي ۾ آباد نوتيارن مان ناميارو اڳواڻ جمعدار فتح محمد هو جيڪو پڻ "توريا" نک مان هو. جمعدار فتح محمد کي سنڌ مان ٽالپر حڪمرانن جي وڏي پٺڀرائي هئي ۽ هو ايترو طاقتور ٿيو جو شايد ٿوري وقت ۾ ڪڇ تي سندس حڪومت قائم ٿي وڃي ها، پر ان وقت انگريزن ڪڇ ۽ سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ ٽالپرن جي زوال سان گڏ فتح محمد به انگريزن جي طاقت جو شڪار ٿي ويو. لکپت شهر لڳ ڏکڻ اوڀر طرف جمعدار فتح محمد جو قبو هن وڏي تاريخي شخصيت جو يادگار آهي، سنهڙي نوتيار کي راهومن ڪانجي ڪوٽ ۾ گهيرو ڪري ماريو ۽ نوتيارن جي طاقت گهٽجي وئي.

ميان غلام شاهه جڏهن چڙهايون ڪري انهن قبيلن کي هيسائي هيٺو پئي ڪيو تڏهن منڊرن مان راڌڻ ۽ تاجن ٻئي مشهور اڳواڻ هئا. راڌڻ جو مرڪزي ماڳ "مالهين جو دڙو" هو جيڪو سيراٽي کان ڇهه ميل کن اتر اوڀر طرف آهي، تاجن جو مرڪز ڳنو هو جيڪو تاجهيري واري علائقي ۾ هو. اتي تاجن جو ڪوٽ هو جيڪو سيراٽي کان پنج ميل کن اولهه طرف آهي. تاجن منڊرو اهڙو ته ارڏو ۽ اڙٻنگ ساماٽو جو چڙهي چوڏاري هلائون پيو ڪري، رڳو پاڻ تي نظر هئس باقي ٻئي ڪنهن تي مڇ ئي نه پيو ڇنڊي:

تاجن تاجهيريءَ جو ڳنو سندس ڳوٺ
چڙهي چوڏاري پوي مور نه ڪائي موٽ
جو ڪوئنرسر سر پريان ڪوٽ، ان تي مڇ نه ڇنڊي منڊرو.

هن وقت تاجهيري ديهه آهي ۽ بدين کان ڏکڻ اولهه طرف آهي، ڪوئنرسر جو ڪوٽ، روپاهه ماڙي لڳ اتر طرف هو. شايد اتي ميان غلام شاهه جي طرفان ڪو حاڪم رهندو هو پر تاجن منڊري ميان غلام شاهه جي به ڪاڻ نه ڪڍي، جنهن ڪري اها چوڻي مشهور ٿي ته:

تاجن مٿان تاج، مڇ نه ڇنڊي منڊرو

يعني تخت تاج وارن (حاڪمن) جي مٿان بہ تاجن منڌرو مڇ ئي نہ پيو چنڊي پئي ڪنهن سياڻي چيو تہ:

سر سڪو پيڻ سائي، تاجن ڏني تانگهہ،
جان سين ڏرتيءَ مٿي ٻانگ، تان سين مور نہ مڙي منڌرو.

تاجن پنهنجي تنديءَ ۾ نہ مڙبو ۽ ميان غلام شاهہ سان مهاڏو اٽڪايائين، تان جو ڪانجي ڪوٽ واري جنگ ۾ ميان غلام شاهہ جي لشڪر هٿان تاجن مارجي ويو.

تاجن جي طاقت جڏهن اوج تي هئي تڏهن سندس ڳوٺ ڳُنِي ۾ توڙي چوڏاري ڪڪ پن بہ سندس رضا کان سواءِ چري نٿي سگهيو مجال آهي جو سندس موڪل کان سواءِ ڪو پرڻجي ۽ ڪنهن جي شادي ٿئي! ڳُنِي ۾ هڪ غريب گهر ۾ ”پرمان“ چوڪري ساماڻي جيڪا جيئن پئي وڏي ٿي تيئن پئي سونهن ۾ سرس ٿي. هن جي حسن جي هاڪ هلي وئي ۽ سيڪو پيو پرمان پرمان ڪري! تڏهن پهاڪو هليو تہ:

”پرمان تڏهن پسندين، جڏهن ڳُنِي جا وڻ ڏسندين.“

پرمان جو پيءُ غريب هو پر پنهنجي ڳالهہ ڳت وارو هو سو جڏهن تاجن ٻاهر ويل هو تڏهن پرمان کي پرڻائي ڇڏيائين. چوڏاري ڳالهہ هلي وئي تہ پرمان پرڻجي وئي! چيائيون تہ نڪيتي ڪيئن ٿيندي ۽ پرمان کي ڳوٺ مان وني ڪيئن ويندا جو تاجن جي موڪل کان سواءِ پرمان جي شادي ٿي آهي! اهو پوءِ پهاڪو ٿي ويو تہ: ”پرمان پلي پرڻي، پر جڏهن ڳُنِي جا وڻ اڪري“ يعني جڏهن ڳُنِي ڊوري جا وڻ ٽپي اڳتي ساهرن جي گهر وڃي. ڳُنو ڊورو تاجهيري کان الهندي آهي.

اي سڄاڻ! سمجهہ تہ بدين واري پاڳي ۾ ”نوت“ ۽ ”مانڌر“ سنڌ جي نسب نامن جي لغات وارا نالا آهن. آڳاتو ڪنهن وقت ريڻ کان اوير ولاسئي ۾ نوتيارين جي گهاٽي آبادي هئي، جنهن کي ”نوت“ سڏيائون ۽ اولهہ طرف منڌرن جي گهاٽي آبادي هئي، جنهن کي ”مانڌر“ چيائيون. پر بدين سان لاڳو پاڳي کي ڪنهن وقت چاچڪان سڏيائون ۽ اهو نالو جيئن مٿي بيان ٿيو نوتيارن جي نڪ ”چاچڪ“ جي نالي پويان پيو. ”چاچڪان“ نالي جي سنڌ فارسي ۾ جمع واري ترڪيب مطابق آهي.

سنڌ جي نسب نامن جي اصطلاح ۾ ”نوت“ معنيٰ اها ايراضي، جنهن ۾ نوتيار گهڻا گهاٽا هجن. اهڙيءَ طرح ”بوف“ اها پيٽي جنهن ۾ برفت گهڻا

گهات هجن. اها ترڪيب ”او“ جي موڙ سان آهي. جاتي يعني جتن جوُ ملڪ ۽ ساهتي يعني سهتن جو ملڪ: اها ترڪيب ”اي“ جي موڙ سان آهي. ابڙان (ابڙن واري ايراضي). چاچڪان وانگر، فارسي ۾ ”آن“ واري موڙ سان. آهي، اهڙيءَ طرح بين ترڪيبن ۾ بيا موڙ آهن، جيئن تہ ”سماٽ“ يعني اهو علائقو جنهن ۾ ”سمن“ جي گهاتائي هجي، يا ”لاڪاٽ“ يعني اهو علائقو جنهن ۾ ”لاڪن“ جي گهڻائي هجي. سمن جي نسبت سان ڪنهن وقت سمن واري ايراضيءَ کي ”سماواتي“ پڻ سڏيو ويو ۽ سمن واري بستي کي ”ساموئي“ سڏيو ويو.

پر اي سڄاڻ! تون ڄاڻ تہ نوتيار نالو ”نوت“ ۽ ”يار“ جي جوڙسان ٺهيو جنهن ۾ فارسي جو لفظ ”يار“ شامل آهي، اهڙيءَ طرح ”لاڪيار“ نالو ”لاڪي“ ۽ ”يار“ جي جوڙ سان ٺهيو انهن نسبي نالن ۾ آڳاٽو فارسي عنصر شامل آهي، تون ائين سنڌ جي مردن ۽ ماين جي نالن تي غور ڪندين تہ گهڻو ڪجھ سمجهي سگهندي. هن وقت نوتيار رڳو ولاسيي ۾ ناهن پر ان کان ٻاهر توڻ ۽ بيلائي ۾ آهن ۽ پڻ ڏيپلي تعلقي ۾ مهراڻي، سمو ڏڙو گجي واري، تلو يانار ڪهلڙي، لهر، ٻيلو ۽ سهائي ڳوٺن ۾ رهن ٿا. اڳ جڏهن نوت ”نوت“ هئي تڏهن ”ڪري ڪوٽ“ نوتيارن جي قبائلي طاقت جو مرڪز هو. چون ٿا تہ ان تي ڪري ڪوٽ نالو انهيءَ ڪري پيو جو اتي ”ڪري“ اڳاڙيندا هئا. ڪري معنيٰ ڪر جو محصول، يعني هر دور تي محصول بدل هو. ڪري ڪوٽ، ڪيڏڻ کان بہ ميل ڪن ڏکڻ اوير تي آهي ۽ اتي ڪوٽ جا نشان آهن. هن وقت 1994ع اتي ارباب خير محمد رهي ٿو. چاچڪ، توريا، ڦاڙها، ساڳر، ڪن پاريا، بيلائي، ڪڙيا ۽ صوفي نوتيارن جا مکيہ ڪڙم آهن. انهن کان سواءِ ناهيان، آلواڻي، فيل، وڪيا، ٻاگهل، نوراڻي ۽ موڪيا بہ نوتيارن ۾ ڳڻجن.

چون ٿا تہ نوتيارن جي ”ڦاڙها“ ڪڙم جي ارباب ٻاهران ڪنهن چڱي گهراڻي مان شادي ڪئي ان سهاڳڻ جو نالو هبي هو ۽ هوءَ وڏي عبادت گذار ۽ پرهيزگار هئي، ايترو جو پرڻجڻ کان اڳ بہ جڏهن هوءَ ڪنهن مائيءَ کي هٿ ڏيندي هئي تہ ڪپڙي ۾ ويڙهي ڏيندي هئي پرڻجڻ کان پوءِ بہ هن پنهنجو دستور قائم رکيو جنهن تي نوتيارين ماين اها پنهنجي گهٽتائي سمجهي ۽ سهاڳڻ هبي کي ڪڍائڻ جا سانباها ڪيائون، آخرڪار ارباب تي ايترو زور آندائون جو هن سهاڳڻ کي ڏهاڳ ڏنو ۽ ڏهاڳڻ ڪيو مائي هبي وڏي حوصلي واري هئي، سا مائٽن ۾ ڪانہ وئي پر پنهنجو جدا ڳوٺ ٻڌي،

ماڙي نهرائي رهڻ لڳي. اتي وڏي سخا ڪيائين ۽ سندس نالو مشهور ٿيو جڏهن وفات ڪيائين، تڏهن سو وصيت ڪيائين تہ ”مون کي پنهنجي مائٽاڻي مقام ۾ دفن ڪجو“. مائي هبي وارو ماڳ هاڻي ”هبي جا دڙا“ سڏجي، جن جا نشان ٻهڊمي کان اتر طرف موجود آهن.

منڌرن جو ملڪ مانڌر بدين تعلقي جي الهندين پاڳي ۾ آهي ۽ ان جو مرڪز سيراڻي آهي، جتي هن وقت (1994ع) ارباب رسول بخش رهي ٿو عام روايت موجب منڌرن جون سترهن اوڙڪون آهن. جن مان مالهيار اوڙڪ مان راڌڻ هو ۽ موکيا اوڙڪ مان تاجن ٿيو انهن کان سواءِ ٻيا وڏڙيا، ٽڪورا، ٻيڏاڻي، ويڏاڻي، لالاڻي، موسي پوتا، جوڻي پوتا، آري پوتا، عيسباڻي، چناڻي، ڪڙم ڪاهياڻي، چنيچر ۽ راڄڙ. پر راقم کي (1994ع) کان ستر سال کن اڳ جو لکيل هڪ پنو هٿ آيو جنهن ۾ سيني منڌرن جو وڏو ڏاڏو منا خان لکيل هو اها ڳالھہ غور طلب آهي ڇو جو نسب نامن ۾ منا خان نالو ايترو آڳاٽو ڪونهي. پراڻي پني تي هن لکيي مطابق مناهين رائڌاڻي جي اولاد مان منا خان ٿيو ۽ منڌرن جا سڀ ڪڙم سندس پنجن پٽن جو اولاد آهن: منا خان جو پٽ مرکيو جنهن جو اولاد ست ڪڙم: مرکيا، وڏڙيا، ڪڙم پلي، راڄڙ مکر کيا ۽ موساڻي، (3) ٽيون پٽ صاحب جنهن جا ٽي پٽ: لاکو ابراهيم ۽ راڄو. لاکي جو پٽ جماريو جنهن جو اولاد هڪ ڪڙم جماراڻا يا جماريا، ابراهيم جو اولاد ٽي ڪڙم: ماهيڙ جوڻائي ۽ راڄڙ. راڄو جو اولاد چار ڪڙم: موساڻي، عبداڻي، دوداڻي، ٻيڏاڻي (4) منا خان جو چوٿون پٽ شادي، جنهن جو پٽ فضل علي، جنهن جو اولاد ٽي ڪڙم: شادي، ڏيراڻي، مگراڻي، (5) پنجون پٽ فضل علي، جنهن جو اولاد فضلاڻي (هڪ ڪڙم).

شال جيئين! سوچ تہ اڳ سنڌ ۾ جدا جدا قبيلن ڪيئن هڪ ٻئي جا نالا کنيا ۽ پاڻ ۾ سماجي ڀائيچارو پيدا ڪئي. لنڊن ۾ مٺي فقير ڊير واري جي والد جو نالو بڊو هو ۽ پڻ منڌرن ۾ منا خان جي پٽ جو نالو بڊو هو اهو نالو شايد بڊي مهيني جي نالي تان پيو. ان جي پيٽ ۾ ”نوت“ نالي جي وڏي تاريخ آهي. اصل ۾ اهو نالو بلوچن جي نسب نامي جو هو ۽ صديون اڳ جتن بلوچن اهو نالو جاتي ۽ بدين طرف آندو. سسئي پنهون جي ڳالھہ ۾ هوت ۽ نوت يا هوتو ۽ نوتو ٻئي پنهون جي ڀائرن جا نالا آهن. نوت (پٽ عالي پٽ عمر پٽ ٻجار پٽ هوت) جي اولاد مان وري نوت (ٻيو) ساٽو جيڪو رياست جو مالڪ ٿيو ۽ ملڪ سڏجڻ ۾ آيو. ان جي اولاد مان سنڌ جا ڪرمتي ملڪ

ٿيا جن جي هڱورندي ڪان وٺي حب ۽ ملير تائين ۽ اتان ساڪري تائين پنهنجي رياست هئي. اها رياست 15 هين ڪان 18هين صدي جي اڌ تائين قائم رهي، ڪرمتي ملڪن جي ملير رياست تي ميان غلام شاهه جي دؤر ۾ زوال آيو اها ڳالهه اڳتي هلي تفصيل سان بيان ڪنداسون. پر هلندڙ ڳالهه هئي "نوت" جي نالي جي، جيڪو ڪرمتين ۽ نوتيارن جي نسب نامن ۾ آيل آهي. ميرپور ساڪري جي ڪرمتين ۾ اهو نالو هلندو آيو آهي ۽ سئو کن سال اڳ انهن مان نوت نالي وڏو سگهڙ شاعر ٿيو جنهن چيو ته:

عاقل بي عقل پاڻ ۾ سنگت ڪين سونهن
هو ڳهٽو ڪندو ڳالهه ڪي توري تخمينن
هن جون اچلون اهڙيون جهڙيون ڪڙوا ڪونسون ڪن
ٿوهه هنداٽي پاڻ ۾ ڪين متيار ملوڪن
آمو ليمو پاڻ ۾ ڪين ويچيا واپارين
ڪنڊ ۽ لوڻ گڏ، ڪي هليا منجهه هٽن!
سالڪ تا سمجهن، انهيءَ نڪتي ڪي نوت چئي.

هو ڳهٽو يعني عاقل، جيڪو ڳالهه ڪي توري تڪي بيان ڪندو. هن جون اچلون، يعني ان بي عقل جون اجاين گفتن واريون ٻڪون: ڪڙوا يعني ڪڙهه وارا، سگها ۽ زورآور.

پر جاڻ ته بدين واري علائقي ۾ گهٽائي ڪي قبيلا ۽ راڄ آهن، جن گهٽي وقت ڪان وٺي بدين کي شاد آباد ڪيو آهي. بدين جو وڏو ولي شاهه قادري جيلاني ٿيو جنهن پنهنجي تبليغ ۽ تربيت سان عوام جي اخلاق کي سنواريو. بدين جي جيلاني پيرن ۽ ڪڇ ۾ لکپت جي جيلاني پيرن سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ صلح ۽ امن جا ناتا وڌايا. بدين جي پرڳڻي ۾ بيا به ڪيئي فقير ۽ درويش ستل آهن، انهن مان جيڪي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ ٿي گذريا تن مان هيبت فقير جمالي وڏي نالي وارو هو سندس مزار ڳوٺ هيبت فقير جمالي (نندي شهر کان پنج ميل ذڪڻ اوير، ديهه ڪنيارڙو تعلقو بدين) ۾ آهي. چون ٿا ته ڪيس "ميان" وٽان وٺ مليل هئي، انهيءَ ڪري ميانوالي طريقي وارا به صدا ۾ سندس نالو آڻيندا ته:

"هيبت فقير حضوري! ڪر مراد پوري"!

بيتن جي مشهور شاعر سانوڻ خاصخيلي پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو ته

اسين هيبت فقير کي مراد پوري ڪرڻ لاءِ سڏ ڪنداسون، جنهن جي هر هنڌ هاڪ آهي.

"اسين هڪل ڪنداسون هيبت فقير کي جنهن جو ڏيهن ۾ ڌهڪاءُ."

شادي فقير جمالي جنهن جي تربت هيبت فقير جي مزار کي ويجهي آهي ۽ جيڪو سندس وڏو فقير هو تنهن هيبت فقير جي شان ۾ هڪ وڏي صدا چئي، جنهن جون ڪي صاف معنيٰ واريون سٽون هي ته:

اورون سچ، تي پرون غبارا،
تنهن دي پرون تيڏا اوتارا
سير ڪيتوئي، سمونڊ سارا
وچ انجار افضل نام تمهارا.

---

هيبت سيتي ڪمي نہ ڪائي
تون ئي شير تي تون قطبائي
تون ئي روشن، تون روشنائي،
جيوين واسو مينهن وسي وسڪارا.

---

نسبت نال ڪبيري لوئي
ڪل مشڪل آسان هوئي.

مٿئين پهرئين بند مان ظاهر آهي تہ هيبت فقير جو نہ فقط بدين ۽ لاڙ ۾ نالو هو پر ڪڇ ۽ اجا بہ اڳتي انجار تائين سندس وڏي مڃوتي هئي. شادي فقير جي اها صدا راقم ڪڏڻ شهر ۾ الياس فقير جمالي کان ٻڌي جيڪو ملوڪ فقير جمالي جي اولاد مان آهي. ملوڪ فقير کي بہ هيبت فقير جي دعا هئي. ملوڪ فقير جي مريدن مان نيباهو فقير لغاري هو جيڪو ميرن جي ڏينهن ۾ فوجي جرنيل هو سندس قبو ڪڏڻ شهر کان ڇهہ ميل اوپر ديهہ مٽي نمبر 3 ۾ آهي. هي سڀ ميانوالي طريقي جا فقير هئا، يعني تہ "ميان" جا مريد هئا، جيڪو عباسي گادي نشينن جو موروثي لقب هو ۽ ميان آدم شاهہ کان وٺي پئي هلندو آيو پر ميانوالي طريقي جا فقير سچا الله لوڪ فقير هئا ۽ رڳو حاڪمن جا پوئلڳ نہ هئا جڏهن ميان سرفراز جي دؤر کان وٺي ميان صاحبن پنهنجن خيرخواهن. مريدن ۽ دربار جي اميرن کي مارائڻ شروع ڪيو تڏهن سڄي ملڪ جا فقير ۽ درويش ڪلهوڙن جي خلاف اٿي کڙا ٿيا،

لاڙ جي روايتن ۾ ائين مشهور آهي تہ انهيءَ مخالفت ۾ جن اڳواٽي ڪئي تن ۾ منو فقير ڏيرو وارو هيبت فقير جمالي ۽ فقير عبدالرحيم گرهوڙي اڳواڻ هئا. حقيقت ۾ قتل واريون ڪارروايون "ليڪي" درٻارين جي سازشن سبٻان ٿيون. پويان ميان حڪمران جيڪي هيٺا ۽ پرمتڙيا هئا سي سازشن کي سمجهي نہ سگهيا. چون ٿا تہ هيبت فقير، منو فقير ڏيرو وارو ۽ ٻيا ميانوال فقير ۽ پڻ فقير عبدالرحيم گرهوڙي گڏجي تاجي ليڪي وٽ ويا تہ کيس تنبيهہ ڪن. تاجي طعنو هنيو تہ اوهان ميان جا فقير ٿي ڪري بہ ٽالپرن جي حمايت ۾ آيا آهيون. ائين چئي، جن گاديلن تي فقير ويٺا هئا سي ڇڪي ڪڍيائين. انهيءَ تي فقير رنج ٿي اٿيا ۽ بددعائون ڏنائون. ان وقت سيني مٺي فقير ڏانهن نهاريو جنهن جي زبان مان هي فقرا نڪتا تہ:

ڪاهہ لڳئي ٻاهہ
ليڪي ليڪي وچون لاهہ
ٽالپر ڏانتا، ڪلهوڙا گاهہ
هل ڪروس ڏيڱ تہ مٺا ڏيوس ٻاهہ!

ٻين روايتن موجب پويون فقرو فقير عبدالرحيم گرهوڙي ڏانهن منسوب آهي، "ڪاهہ" دادو ضلعي ۾ ليڪين جو خاص ماڳ مرڪز هو. "راڄو ڳنڊيو" جيڪو راڄي ليڪي جو ٻڌايل هو سو بہ اتي هڪ مشهور ماڳ آهي.

بدين جي علائقي ۾ ڪي وڏا سخي بہ ساماڻا جن ۾ بہ نامور مايون هيون. مائي ڳوري جمالڻ ۽ مائي آست گهانگهري. مائي آست (ڳوٺ سنهي گونگي لڳ) پوئين انگريزن واري دؤر ۾ ٿي ۽ مائي ڳوري اڳ ٿي گذري. پوئين ويجهي دؤر ۾ ڪٺيرو خاصخيلي سخي ٿيو جنهن مسافرن کي ماني کارائي ۽ مهمانن کي مان ڏنو. "ڪٺيرو" معنيٰ وڏيڪ ڪٺر وارو يا "واڏو" جيڪو پڻ چڱي سيءَ وارو نالو آهي. بدين کان چار ميل ڏکڻ تي، سيراٽي ڏانهن ويندڙ رستي تي ڪٺيري جو ڳوٺ هو. هو رات جو سمهڻ وقت بہ ديڳڙو يت جو رڏائي سيرانديءَ کان رکي ڇڏيندو هو تہ من ڪو ڪمهلو مهمان اچي ڪائي. اجا وڏيڪ هن ويجهي دؤر ۾ قابل جوکيي وڏي دل سان ماني کارائي. بدين شهر کان ڏکڻ طرف سندس ڳوٺ آهي. ڊسمبر 1989ع تائين پنجانوي ورهين جي عمر ۾ حال حيات هو.

مائي ڳوري سيءَ کان اول سخا ۾ نالو ڪڍيو. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٿي

گذري. هوءَ محمد خان جمالي جي گهر واري هئي، جيڪو پاڻ وڏو سخي هو پر سندس وفات کان پوءِ مائي ڳوري اچا اڳتي وک وڌائي ۽ آئي وئي کي ماني کارايائين ٿر مان علي بندر ۽ ڪيڙڻ کان جيڪي ماڻهو بدين ايندا هئا سي مائي ڳوري جا مهمان ٿيندا هئا. بس ملڪ ۾ نالو ئي رڳو مائي ڳوري جو هوا هن وقت اهو ڳوٺ اسماعيل خان جمالي جو سڏجي جيڪو راڄ واهه تي آهي. راڄ واهه جي ٻنهي پاسن سان اٺن ڪن ڪوهن ۾ جمالين جا راڄ آهن. ٽالپرن جي اوائلي دؤر ۾ جڏهن چانڊگن ۽ جتن جو مارو ٿيو تڏهن جمالي چانڊگن سان ڀيڙا هئا. جمالين کان سواءِ ڪيڙڻ لڳ چانڊين جا راڄ آهن، چانڊيا سنڌ جو هڪ وڏو قبيلو آهي جيڪو ٻن وڏن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، هڪڙا ڪارا چانڊيا جن جي ٻولي سنڌي آهي ۽ ٻيا ڳورا چانڊيا جن جي گهرو ٻولي سرائڪي آهي بدين ۾ چانڊيا ميان نور محمد جي دؤر ۾ آيا ۽ اتي سندن پنج پاڙا آهن، رنگيزا، احمداڻي، بهادراڻي، لهر ۽ حڪيماڻي. لهريجا جنگي هٿيارن يعني تلوارن، ڀالن ۽ خنجرن کي تکي ڪرڻ جي حرفت ”صيقل گري“ ۾ ماهر هئا ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ وڏو نالو ڪڍيائون. وڏي مراد خان لهريجي 1782ع ۾ وفات ڪئي. هيءَ خبر اسان سان محمد خان لهريجي (پٽ مبارڪ خان پٽ محمد خان پٽ حسين خان پٽ دليل خان پٽ مراد خان) ڪئي.

پر شال وڏي حياتي ماڻين! سنڌ جي سدا بهار مهاڻن ۽ ملاحن جي ذڪر کان سواءِ بدين جو باب پورو نه ٿيندو. بدين لاڳو ڏوري ۽ پراڻ جي گڏيل وهڪري جا پترڻ تر ۽ سنڌ جي وچ ۾ وڏا لانگاهه هئا جن کي ملاح سنڀاليندا هئا. مهاڻا سنڌ جا سڀ کان قديم باشندا آهن جن کي اسلام جي آمد بعد ملاح ۽ ميربحر (بحريا سمنڊ جا مير) جهڙن عزتمند نالن سان سڏيو ويو پر پيشه ور ملاح ۽ ميربحر اهي هئا جيڪي اصل ۾ وڏا ناکئا ۽ معلم هئا. انهن مان ڪي عرب هئا جيڪي هميشه لاءِ سنڌ ۾ گهر ڪري ويٺا. بدين کان ڪراچي تائين ڪي ملاح عرب نسل جا آهن. بدين لاڳو مهاڻن ۽ ملاحن جون چار اوڙڪون مشهور آهن: گلاڻي، منڇرا جيڪي منڇر مان آيا، چنڊاڻي جيڪي پڻ اتران آيا ۽ ”محمد حسن“ جيڪي نبي سر تي به آهن ۽ نارائي سڏجن. گلاڻين مان عرس ملاح جي ڀيڻ مائي پارسان وڏي مرداني مائي هئي ۽ وڏي همت ۽ هلندي واري هئي. عرس پٽ ڪاري محمد جو اصل علي بندر جو هو جيڪو ڏوري جو آخري پترڻ هو ان کان اتر طرف ڏوري ۽

پراڻ جا مشهور پٽڙ هي هئا: ٻيلي جو پٽڙ، علو (مهاٽي) جو پٽڙ ۽ چار جو پٽڙ جتي پراڻ ۽ ڍورا (ناروا) اچي گڏيا هئا. پراڻ ۽ ڍوري واريون ٻيڙيون سڀ سنڌي ٻيڙيون هيون، جيڪي ونجهن تي ۽ پٽن تي هاڪاريون هيون.

هن ٻوئين ويجهي دؤر ۾ مولوي احمد ملاح بدين جي ملاحن ۾ جڻ سج تي اڀريو جنهن ملڪ روشن ڪري ڇڏيو. توحيد جو وڏو مبلغ، عالم باعمل ۽ شاعر بي مثل هو. راقم جي ساٺس سالن تائين صحبت رهي، سنڌي لغات ۽ محاورن تي مهارت سبباَن مولوي احمد پنهنجي سنڌي نظم کي نئون لباس ڍڪايو. جنهن ۾ تجنيس حرفي جا نت نوان گل پوتائين ۽ چونڊ لفظن کي نظم جي ميدان ۾ وڏي لاڏ ڪوڏ سان ڪڏايائين. هن پنهنجن غزلن ۾ غنائي رنگ ڀريو ۽ توحيدي تبليغي نظمن ۾ زوردار دليلن جا در پوتا. آخر عمر ۾ قرآن شريف جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيائين، جيڪو سلاست ۽ معنوي معياري جي لحاظ سان هڪ شاهڪار آهي.

# رهاڻ هيرن ڪاڻ

## جلد ٻيون

# مهاڳ

هي رهاڻ هيرن ڪاڻ آهي پنجاهه سالن واري عرصي واري دؤر (2000_1950) ۾ سنڌ جي سجڻن ۽ سگهڙن سان ڳوٺن، شهرن، واهڻن ۽ وستين ۾ رهاڻيون ٿيون. جن جو هيءُ مواد يادگار آهي. ڪن پيارن ترغيب ڏني ته آءٌ پنهنجي سوانح عمري لکان: ڪنهن حد تائين هي منهنجي سوانح عمري آهي.

هن ذخيري ۾ شامل ڳالهيون سڀ نيون آهن ۽ گهڻيون سڀ نه اڳ لکيل آهن ۽ نه ڇپيل. هنن ڳالهين کي رهاڻ واري رنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ پڙهندڙن کي مخاطب ٿي ڳالهايو ويو آهي. ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ۽ پڙهندڙن کي ڪيئي ڳالهيون ٻڌايون وينديون ۽ ڪيئي نيون معنائون وهجايون وينديون. غور سان پڙهڻ ۽ پرجهڻ وارن لاءِ هن ذخيري ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ راڄن جي رهڻي ڪهڻي، ڳالهه ٻولهه، سرت سمجهه، دانائي دؤر انديشي،خوشي خوش طبعي ۽ شعر ادب جا من موهيندڙ مثال موجود آهن.

هن ذخيري ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي راقم گهڻو اڳ جدا جدا موقعن تي جدا جدا ڪچهرين ۾ ٻڌيون. ٿي سگهي ٿو ته ڪي صحيح نموني سان نه ٻڌايون ويون هجن يا نه سمجهيون ويون هجن، ۽ جتين ته اهي هڪ وڏي وقفي کان پوءِ هت بيان ٿيون آهن. انهيءَ ڪري ڪي پوريون ياد به نه رهيون هجن. پڙهندڙ مهربانن کي گذارش آهي ته جيڪڏهن ڪين ڪا وڌيڪ صحيح صورتحال معلوم ٿئي ته پنهنجي پيار ۽ پاٻوهه سان درستي ڪن.

هي اڻ کٽ خزانو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين منهنجي لکيل يادداشتن ۾ موجود آهي پر گهڻي حد تائين منهنجي يادگيرين ۾ محفوظ آهي. وقت ۽ فراغت آهر، ان کي قسط وار شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. پهرين جلد جي اشاعت بعد هي ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ جو ٻيو جلد آهي جيڪو شايع ٿي رهيو آهي.

هي سلسلو سنڌ جي مختلف موضوعن، سنڌ جي عوامي جذبن احساسن، ڳُڻن ۽ ڳالهين جو آئينو آهي جنهن اڳتي هلي اهو معلوم ٿئي ٿو ته ويهين صدي (۽ پڻ ان ڪان اڳ) ۾ سنڌ جي عام زندگيءَ جا ڪهڙا نقش هئا ۽ ڳالهين ڳُڻن جا ڪهڙا خاص عنوان هئا.

هن جلد ۾ ٻه موضوع خاص نوعيت جا آهن: هڪ 'سنڌ جي اوڀڙ (نباتات) جو مطالعو' ٻيو 'سنڌ جي لوهارن جي ڪاريگري ۽ هنر'. سنڌ سائي آهي پر ان سلوڪ جو مطالعو نه ٿيو آهي. راقم سر زمين تي وڃي سنڌ جي گاهن، ٻوٽن، ٻوٽن ۽ ولين کي ڏٺو ۽ تفصيل قلمبند ڪيا، جن کي ابتدائي چارٽ طور شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن وڌيڪ تحقيق ٿي سگهي.
'شاهه جي رسالي' ۾ لوهارن جي ڌنڌي پيشي جي حوالي سان شاهه صاحب جا چيل بيت زير غور آيا ته انهن کي صحيح طور تي سمجهڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ سنڌ جي لوهارن جي ڪاريگريءَ جو پتو پيو. اهو تفصيل سنڌ ۾ حيلن ۽ ٽلن يعني ٽيڪنڪ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تاريخي مطالعي لاءِ خاص اهميت رکي ٿو.
هن جلد ۾ شامل ٻه موضوع ادبي انشائي نوعيت جا آهن: هڪ 'مقامات سنڌي' ٻيو 'گول لاٿون چورس چگهه' انهن ۾ تحقيقي معلومات بدران طبعزاد عبارت آرائي جو رنگ پريل آهي. وڌيڪ وضاحت هر هڪ جي شروعات ۾ شامل آهي.
آخر ۾ 'ڪچهري ناڙي' جو نئون موضوع رکيل آهي، جيئن جلد پهرئين جي آخر ۾ 'ڪچهري بدين' جو موضوع شامل هو.

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد، سنڌ
16 ڊسمبر 2000ع

**نبي بخش**

# لفظ 'ڪچهري'

هر ٻوليءَ ۾ ڪي مشهور معروف لفظ اهڙا آهن، جن جي اصل جي پوري پڪي خبر نٿي پوي. سنڌيءَ ۾ 'ماني' ۽ 'ادا' اهڙا لفظ آهن. 'ميان' بہ اهڙو لفظ آهي مگر اهو سنڌي توڙي ٻين ٻولين (پنجابي ۽ پشتو وغيره) ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. 'ڪچهري' بہ اهڙو لفظ آهي، ۽ جيئن تہ راقم جي عمر ڪچهرين ۾ گذري آهي انهيءَ ڪري اهو ورق ويچار هيٺ آيو آهي.

19هين صدي کان وٺي انگريزن جي دؤر ۾، لفظ 'ڪچهري' ڪورٽ جي معنيٰ ۾ عام طور تي استعمال ٿيو ۽ انگريزن جي دؤر جي اردو ۽ انگريزي ڊڪشنرين ۾ اهو لفظ خاص طرح انهيءَ معنيٰ ۾ ئي ملي ٿو. مصنف جوهن پليٽس (John T. Platts) پنهنجي "اردو ڪلاسيڪل هندي- انگريزي ڊڪشنري" ۾ ڪچهري جي معنيٰ هيٺين طرح ڏني آهي جنهن مان ڪورٽ، فيصلي ڪندڙ تنظيم، دربار، شهري ايوان، ماڻهن جو ميڙ يا ڪاروباري ڪارگذاري جون معنائون نڪرن ٿيون.

A court of justice, tribunal, public office, a town house, or the people assembled, or the business proceeding.

'ڪچهري' لاڳو اصطلاحن جون معنائون هن طرح ڏنيون ويون آهن: ڪچهري برخاست ڪرڻ، ڪورٽ پوري ڪرڻ، ڪچهري چڙهڻ، ڪورٽ ۾ اَچڻ، ڪچهري ڪرڻ، ڪورٽ هلائڻ، ڪيس ٻڌڻ، سرڪاري ڪم اڪلائڻ ۽ ڪچهري لڳائڻ. ماڻهن جو ميڙ گڏ ڪرڻ يا گوڙ گهمسان ڪرڻ: ڀري ڪچهري ۾، کلي ڪورٽ ۾.

مٿين معنائن مان ڏسبو تہ اهي سڀ ڪورٽ ۽ فيصلن سان لاڳو آهن ۽ اهي سنڌي ۾ ڪچهري جي معنائن کان مختلف آهن. سنڌ ۾ ڪچهري عام فهم عوامي لفظ آهي. هندوستان ۾ 'ڪچهري' انگريزن جي دؤر وارو خاص لفظ آهي ۽ انتظامي آهي.

سنڌ ۾ سگهڙن سان ڪچهرين ڪندي توڙي وڏي عمر جي سڄاڻ ماڻهن سان رهاڻ ڪندي 'ميرن جي ڪچهري' جو ذڪر آيو: "فلاڻو ميرن جي ڪچهري ۾ ويو: ڪچهري لڳي پئي هئي. مير صاحب پاڻ وينو هو وغيره" پر اهڙن سيني حوالن ۾ 'ڪچهري' جو مفهوم 'رهاڻ واري مجلس' معلوم ٿيو: 'ڪورٽ قائم ڪرڻ' يا ڪيس هلائڻ واري معنيٰ سامهون نہ آئي. سگهڙن جي عام ڪچهرين ۾ ميرن جي دربار بدران 'ميرن جي ڪچهري' جو ذڪر آيو.

سنڌي ۾ لفظ 'ڪچهري' تمدني مفهوم وارو آهي. 'ڪچهري' معنيٰ اها محفل ۽ مجلس جنهن ۾ ڳالهيون هَلن. جنهن مان علم ۽ عقل وڌي، جتي فهم ۽ فضيلت سان ويهجي ۽ جتي سمجهہ ۽ عقل سان ڳالهائجي. اڄ تائين سنڌي ۾ 'ڪچهري' هڪ عام ۽ عوامي لفظ آهي ۽ شهرن کان وڌيڪ ٻهراڙي ۾ استعمال ٿئي ٿو. ٿر بر ۾ سمجهجي ٿو ۽ ڳالهائجي ٿو. 'چڱن جي ڪچهري' 'مڙسن جي ڪچهري' 'پاڻ ۾ ڪچهري ڪيائون' (محبت وارن) پر گهٽن جو هجڻ لازمي ناهي: بہ دوست هوندا آهن تہ بہ هڪ ٻئي کي چوندا تہ ادا ويهہ تہ ڪچهري ڪريون. چوندا: فلاڻو 'ڪچهريءَ جو مور آهي' 'مڙس ڪچهريءَ جهڙو آهي' ڪچهريءَ ۾ اچڻ وقت سگهڙ ماڻهو چوندو "ادا ڪچهريءَ جو سلام". موڪلائڻ وقت سمجهدار چوندو 'ڪچهريون قائم'! (يعني شال ڪچهريون قائم هجن).

لکت ۾ اردو يا هندي ۾ هي لفظ ڪڏهن استعمال ٿيو ان لاءِ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي تہ جيئن هن لفظ جي قدامت بابت صحيح نتيجي تي پهچي سگهجي. ڪن معتبر اردو لغاتن (جهڙوڪ "فرهنگ آصفيہ") ۾ هي لفظ ڏنل ئي ڪونهي. البتہ اوحد الدين بلگرامي 'نفائس اللغات' ۾ ڪچهري کي هند جو هندي لفظ ڪري ڄاڻايو آهي ۽ ان جي معنيٰ 'ديوان' ۽ 'حساب خانہ' لکي آهي. يعني سرڪاري دربار يا انتظامي دفتر. بلگرامي هيءَ لغات سنہ 1256هہ (مطابق 1831ع) ۾ لکي. يعني هندستان ۾ انگريزن جي انتظامي يا دفتري مفهوم مطابق لکي.

ٻئي طرف تحقيق ڪرڻي آهي تہ سنڌي لکت ۾ هي لفظ ڪڏهن آيو. في الحال راقم جي ڄاڻ موجب 120هين صدي هجري (ارڙهين صدي عيسوي) جي پهرين اڌ جو لکت ۾ حوالو موجود آهي. جيڪو نفائس اللغات توڙي انگريزن جي دؤر جي ڊڪشنرين کان هڪ سئو سال کن اڳ جو آهي.

شاهہ عبداللطيف (1165ھ/ 1752ع) جي همعصر ۽ ساٿياري ميين محمد صلاح پنهنجي منظرميي 'بزغل جا ڪلما' عرف مُحمد صلاح جي سنڌي' ۾ لفظ 'ڪچهري' آندو آهي:

رسالت پاڪ رسول جي پَراسَيتِ پِيا
ڳُهڙُ ڳيڙين ڳائيو چوڏس چڱايا
قريشي جي ڪچهرين پيئي پچارا.

# تاريخ

**ساڪائن/ سِيٿَين (Scythians) وارو دؤر**

ساڪائن/ سِيٿَين/ سٿانن (اصل ۾ ترڪ) پهرين صدي قبل مسيح کان ٻي صدي عيسوي واري دؤر ۾ سنڌ تي حڪومت ڪئي. سندن طاقت جو پهريون مرڪز اوير- ذڪڻ وارو ملڪ هو جيڪو پوءِ سندن نالي سان ”ساڪا-سٿان“ سگستان، سِجستان (عربي اُچار) يا سِيستان سڏجڻ ۾ آيو. اتان ’ساڪائي‘ قبيلا هيٺ بلوچستان مان لنگهندا سنڌ ۾ هنڌ پهتا. پنهنجي تحقيق ۾ آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ جن ماڳن، شهرن ۽ علائقن جي نالن ۾ ساڪ، ساڪا، سيوا، سيوي ۽ سيوستان واريون صورتون موجود آهن، سي ’ساڪائن‘ جي تاريخي ماڳن منزلن جا نشان آهن. هن سال گذريل جون (2000ع) ۾ آءٌ وڌيڪ تحقيق لاءِ پنجگور (بلوچستان) ويس ۽ ڪن ماڳن جي نالن مان منهنجي گمان جي تصديق ٿي تہ ساڪائي قبيلن جي آمد سيستان مان مڪران جي پنجگور واري رستي کان ٿي، هو اڳتي آواران، خضدار، قلات ۽ سبي ۾ سنڌ پهتا. ساڪائن سيستان مان بلوچ قبيلن کي لڏڻ تي مجبور ڪيو جيڪي بلوچستان مان ٿيندا سنڌ ۾ پهتا. بعد ۾ ساڪا بہ بلوچن واري واٽ سان سبي ۾ سنڌ پهتا. پنجگور کان گچڪ، اتان گُوارگو دندار ۾ پوءِ آواران ۾ آيا. گچڪ ۾ هن وقت تائين بہ ماڳ ساڪائن جي نالي سان سڏجن ٿا. هڪ ’ساڪائي قلات‘ (قلعو) ۽ ٻيو ’ساڪائن ڪان‘ (ڪاريز). اڳتي قلات (موجوده) تي ڪاسائن جي تسلط سببان قلات کي سندن نالي سان ’سيوا - قلات‘ سڏيو ويو ۽ سبي بہ سندن نالي سان ’سيوي‘ سڏيو ويو. هنن سنڌ ۾ بہ پنهنجو نالو سيو- سِٿان/ سِيِوستان آندو ۽ ان گاڏي جو هنڌ بہ سندن نالي سان سِيِوِي- واهڻ يا سيوهڻ سڏيو ويو. ديبل (ڀنڀور) جي کوٽائي ۾ هيٺينءَ سطح تي ساڪائن جا آثار مليا آهن. ديبل وارو ماڳ ’ساڪري‘ جي حد ۾ آهي ۽ ’ساڪري‘ جي نالي ۾ بہ ’ساڪا‘ جو عنصر شامل آهي.

سنہ 1965ع ۾ ’روهي اوئغور‘ نالي عالم جو تحقيقي مقالو ’طخارين جو اصل وطن‘ جي عنوان سان ڪراچي مان پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي جي (ميمائر نمبر 80) ۾ ڇپيو جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي تہ: سنہ 518ع ۾ چيني سياح سُن يُون جيڪو وَخان ۽ پوهو مان لنگهيو تنهن ڄاڻايو آهي تہ هَياطِلہ (ترڪ قبيلا) طاقتور هئا ۽ چاليهہ ملڪ سندن ڏل پرينڊز هئا. انهن ۾ ڏکڻ وارو ملڪ تيهہَ لو ۽ مشهور بندر ديبل وارو ڀاڱو بہ شامل هو. جن تي سنہ 80 قبل مسيح ڌاري ساڪائن پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ساڪا سنبت بہ سنہ 79/78 ۾ شروع ٿيو.

### سَگر جو وارو

محقق بيروني پنهنجن ڪتابن ۾ هندَ ۽ سندَ جي سَتن تاريخي سَنبَتَن جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان ٻن سَنبَتَن يعني ’ساڪا سَنبَتَ ۽ سندَ سَنبَتَ‘ جي شروعات انهن وڏن حادثن سان ٿي، جيڪي سر زمين سندَ ۾ ٿيا. ان جي وضاحت راقم ’سندَ سَنبَتَ‘ بابت لکيل مضمون ۾ ڪئي آهي. جيڪو ’صدين کان سيمينار‘ جي موقعي تي پيش ڪيو ويو. ’ساڪا سَنبَتَ‘ بابت بيروني پنهنجي ڪتاب ’قانون مسعودي‘ ۾ لکيو آهي تہ: ساڪا بادشاهہ جي سندَ ۽ ساموندي ڪناري تائين حڪومت هئي. هن ماڻهن تي ڏاڍا ظلم ڪيا ۽ مقامي ماڻهن کي مجبور ڪيائين تہ ’ساڪن‘ جو لباس پائين. وڪرماجيت پوءِ ان کي ملتان ۽ بجهو ’ڪرور‘ وٽ ماريو. ان سال کان ساڪا سَنبَتَ شروع ٿيو.

بيروني پنهنجي ٻئي ڪتاب (ڪتاب الهند) ۾ هڪ مختصر بيان ۾ ’سندَ سَنبَتَ‘ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ساڪا سَنبَتَ کان 548 سال پوءِ هجري سنہ چار ۽ عيسوي سنہ 626ع کان شروع ٿيو. ساڳئي ڪتاب ۾ ٻئي هندَ هڪ وڏيڪ تفصيلي بيان ۾ ڄاڻايل آهي تہ: ’هند جي ڪنهن بادشاهہ کي ايران واري طرف جي بادشاهہ ماريو هو. ان جي مرڻ کان پوءِ کيس پٽ ڄائو جنهن جو نالو ’سَگر‘ هو. سگر جي ماءُ کيس ٻڌايو تہ ڪئين ٻاهرئين بادشاهہ سندس پيءُ کي ماريو هو. پوءِ ’سگر‘ چڙهائي ڪري پيءُ جو وير ورتو ۽ گهڻا ماڻهو ماريائين.

پانئجي ٿو تہ اهو ساڳيو واقعو ٿوري اختلاف سان فتحنامي ۽ تاريخ معصومي ۾ بيان ٿيل آهي. جنهن مطابق ايران مان نيمروز (سيستان) جي

لشڪر سنڌ تي چڙهائي ڪري راءِ سهارس کي ماريو جنهن کان پوءِ سندس پٽ راءِ سهاسي تخت تي ويٺو ۽ وڏو طاقتور ٿيو.

انهن ٻن بيانن مان سنڌ سَنبتَ بابت ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته راءِ سهارس جي موت کان پوءِ سندس پٽ سگر وير ورتو ۽ پوءِ ٻيو پٽ راءِ سهاسي تخت تي ويٺو. اهو انهيءَ ڪري جو تحقيق ڪندي معلوم ٿيو ته سنڌ ۾ 'سگر' بابت روايتون اڄ تائين موجود آهن. ميرپور ماٿيلي - اوباوڙي طرف ڪڇهريون ڪندي به ٿي دفعا سگهڙن کان ائين معلوم ٿيو آهي ته 'سگر جو وارو هو' يا 'هي گهٽو اڳ 'سگر' جي واري جي ڳالهه آهي'. ٿَر ۾ ڪيل تحقيق مان معلوم ٿيو ته هت ڪي پراٽا کوهه آهن جيڪي اڳئين زماني جا 'سگر جي واري جا' آهن. ٿالپرن ٿر کي آباد ڪرڻ طرف توجهه ڏني ۽ غير آباد زمينون سنڌ جي ماڻهن کي ڏنائون. انهن جدا جدا جاين تي پراٽا کوهه ڳولي لڌا جيڪي ڪنهن اڳئين وقت ۾ ڏَلهي (لٽي) چِڏيا هئائون. هاٽي جڏهن انهن جاين تي نوان راڄ اچي ويٺا ته ماڻهن هيناهيون ڏنيون ۽ پڻ ڏنائون ته مينهن جو پاڻي ڪن جاين تي هيٺ ٿو وڃي; تڏهن اهي جايون کوٽيائون، کوهه لڌائون ۽ پاڻي ڪڍيائون. اهڙن کوهن بابت ڳالهيون هلندڙ هيون ته اهي قديم زماني جا 'سگر جي واري جا' آهن. اهڙو ٻهريون کوهه مون کي سگهڙ ساهڙ ٿيبي پنهنجي ڳوٺ ڳرنور ۾ ڏيکاريو. معلوم ٿيو ته 'سگر جي واري' وارو هي کوهه نَوَ پرهه هيٺ، پڪي روهڙي تائين، جڻ ته پڪو گندلو. ان کان هيٺ ٻهرين واريءَ وارو عمق پڪين سرن سان ٻڌل جيڪي ننڍڙيون (چار يا پنج آڱر ويڪر ۽ ڊيگهه ۾). ان کان هيٺ ڪچي يا آيري روهڙي وارو عمق ٻڌو ڪونه ويو. انهيءَ ڪري ٽڙُ ٻنو. ساهڙ ڄام چيو ته: اسان جي وڏن هيٺ 'ٻِٺُو' واري پٽي کي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻڌجي نه سگهيو.

وڏيڪ پڇائون ڪندي معلوم ٿيو ته ٻيا هيٺيان کوهه مشهور آهن ته 'سگر جي واري جا' آهن. تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ 'آٽِيهَر' ۾ (کوسن بلوچن جو جيڪي ٿالپرن جي واري ۾ اتي آيا ۽ کوهه ڳولي ڪڍيائون)، 'ٿر ۾ 'سگر جي واري جا' ٻيا مشهور کوهه هيٺين ماڳن وارا: وَرٽاريو دوبار، ٽڳوسَر، ٻسارٽو، ڪڏي، وَڪُڙيو، ساڪريو (اهي ننگر پارڪر تعلقي ۾) ۽ تارياٽو راجوڙو (تعلقو مٺي) اهي کوهه سڀ پٿر جا. انهن جي خاص سڃاڻپ اها جو هيٺ تمام سوڙها. ايترو جو انهن جو گهيرو "ٽي ٻيير" (يعني ماڻهوءَ جي ٽن پيرن جي ويڪر جيترو گهيرو). ماڻهو ورندر (اندر گهڙندو) ته رهڙجي نڪرندو.

تر ۾ مقامي طور تي ’سگر‘ بابت ڏند ڪٿائون (Legends) هليون. 19 آڪٽوبر 1992ع تي مني ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ۽ وري ’مينگهي جي تڙ‘ تي 24 آگسٽ 1997ع تي ڪيل ڪچهري ۾ راقم کي اهڙيون ڏند ڪٿائون مليون، جن موجب سُگر بادشاهہ سان جنات ٻڌل هئي. جنن کان هو روزانہ نئون کوهہ کوٽائيندو هو ۽ نئون پاڻي پيئندو هو. جملي پنجاهہ ڪروڙ کوهہ کوٽايائين.

سَگر کٽايا ساڳڙو کوئا ڪِروڙ پچاس.

’ساڳڙو‘ يعني ’ساڳڙو ٻڌ‘ وارا، سئي ٻڌ وارا. جيسر مير جي ڳاڙهن پٿرن جي ٻڌ وارا. پوءِ فخر ڪيائين تہ مون وٽ هيتري ڳِنات آهي. مون جهڙو ڪيرا! ماڻهن تي ظلم ڪيائين ۽ کانئن زوري کوهہ کٽايائين. هنن تہ پٽيو پر ڏرتيءَ بہ ڏٽي وٽ دانهن ڪئي تہ ظالم منهنجو پيٽ تنگ تنگ ڪري منهنجا آندرا ڪڍي ڇڏيا آهن. مٿس ڏٽي جو ڏمر تيو ۽ جڏهن مئو تہ مٿس ڪنهن ڏيئو بہ ڪونہ باريو:

هڪ لـــک پوت، سوا لک نياتِي

اي دن ايسو ڏيولَي نہ ٻيسي ٻاتي.

’سگر‘ جو پٽ پگر ۽ ان جو پٽ پاڳيس ٿيو هن جبل ۾ ويهي ڇهہ هزار ڇاونجاهہ ورهيہ تپسيا ڪئي ۽ پاڳ وارو ٿيو. پاڳيس جي بخت سان ئي ”گير مير“ (پهاڙن) مان گنگا ندي هيٺ لٿي.

**عرب اسلامي دؤر**

حيدرآباد جي قلعي جي دروازي سامهون، شاهي بازار جي اولهہ طرف ”اصحابي جي قبر“ مشهور آهي. ’تبع تابعين‘ جو سنڌ ۾ اچڻ صحيح ڪري ڄاڻيو. باقي اصحابن جي سنڌ ۾ اچڻ بابت شروعاتي تحقيق بوبڪن جي وڏي عالم مخدوم جعفر بن ميران ڪئي ۽ ان بعد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ’بياض هاشمي‘ ۾ هن موضوع تي لکيو. سندس عربي عبارت جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

فصل: اصحابن جي باري ۾ جيڪي سنڌ ۾ آيا، جن مان ڪن هت وفات ڪئي. سنڌ جي مقامي ماڻهن مان هڪ شخص ’تابعي‘ پڻ هو. روايت آهي تہ رسول الله ﷺ پنجن اصحابن سان پنهنجو خط سنڌ وارن ڏانهن موڪليو هو. اهي سنڌ ۾ ’قلعي نيرون ڪوٽ‘ ۾ جڏهن آيا تہ اتي جي ڪن ماڻهن

اسلام قبول ڪيو. پوءِ انهن مان ٻه اصحاب سنڌ جي راڻي سان گڏ واپس ويا. باقي ٽي اصحاب سنڌ ۾ رهيا. جن سنڌ ۾ اسلام کي وڌايو ۽ سنڌ وارن لاءِ اسلامي احڪام کي کولي سمجهايو. پوءِ انهن اتي (نيرون ڪوٽ ۾) وفات ڪئي ۽ سندن قبرون اڄ تائين اتي موجود آهن (جمع الجوامع). مون هي روايت مخدوم محمد جعفر بوبڪاڻي جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل ڏٺي ۽ پڻ مخدوم حافظ بن مخدوم بايزيد کان ائين ٻڌم. اهو صحيح آهي تہ سنڌ جو هڪ شخص ’تابعي‘ هو جئين اسان امام محمد بن حسن جي ڪتاب ’موطاء‘ جي حوالي سان هن بياض جي ’دوائون علاج شفاءَ‘ بابت قرآن شريف جي آيتن واري باب هيٺ لکيو آهي. (مخدوم محمد هاشم)

## سلطان محمود غزنوي

اسلامي دؤر ۾ ’السند‘ بغداد جي خلافت جو هڪ وسيع وڏو صوبو هو. خليفي متوڪل جي دؤر ۾ سنہ 247ھ تائين هن صوبي جو انتظام خليفي طرفان مقرر ڪيل گورنرن ذريعي هليو بعد ۾ هن صوبي جو انتظام وقت جي خليفي طرفان سلطان محمود غزنوي جي حوالي ٿيو. ان بابت مؤرخ ابن عمراني (وفات 580ھ) پنهنجي ڪتاب ”الانبياءَ في تاريخ الخلفاءِ“ (1973ع ۾ لائيڊن، يورپ مان ڇپيل) ۾ ڄاڻايو آهي تہ: خليفي القادر بالله خراسان، جِبال، سنڌ ۽ هند جا صوبا سنہ 387ھ ۾ سلطان محمود غزنوي جي حوالي ڪيا. ٻي روايت موجب 402ھ ۾سلطان جي حوالي ٿيا.

گَجڙِي واري دانهن. سنڌ جي هڪ آڳاٽي روايت ’گجڙي واري دانهن‘ بابت آهي. يعني ’غزني واري دانهن‘ يا اهو فرياد جيڪو سنڌ مان هڪ مائي سلطان محمود وٽ غزني ڪٽي وئي. ’نئين ڪوٽ‘ کان اوپر، پڙي جي وچ ۾ ببيٽ ۾ آڳاٽو قبرستان آهي. جيڪو هاڻي ’درس راڇپار جو مقام‘ سڏجي. ان قديم ماڳ تي ’وَڏوهر‘ نالي صاحبزادو رهندو هو. جنهن کي ٿانوَر پَڻِي ڪُهايو. ان صاحبزادي جي ماءُ غزني جي هئي ۽ اها سلطان محمود غزنوي وٽ دانهين وئي. سلطان مائي جي دانهن اُٺائي ۽ پاتي جي ملڪ تي چڙهائي ڪري ٿانور پڻي کي ماريو. تاريخ ۾ ’پاتيہ‘ ملڪ تي سلطان محمود جي حملي جو ذڪر آهي. جيڪو اتر طرفان سنڌ جي سرحدن سان لاڳو هو. هن روايت مان اهو اهڃاڻ ملي ٿو تہ پراڻ درياءَ ۽ ڍوري ناري جي دو-آبي واري آباد علائقي ۾ غزني جو ڪو خاص نمائندو رهندو هو.

ٻرڙائو جو ڪوٽ، جيڪو جهڏي شهر کان ٻه ميل اتر- اوڀر طرف پُراڻ (درياءَ) جي ڪپي ڪنڌي تي آهي، ان بابت روايت آهي ته اهو ’گجٽي جي واري جو‘ آهي، همون جو تلاءُ به اتي آهي.

مل محمود ۽ خدا دوست. هي هڪ قصو آهي جيڪو سلطان محمود جي نالي سان ۽ حوالي سان سنڌ ۾ گهڻي وقت کان هلندڙ آهي. ان ۾ سلطان محمود غزنوي کي ’مل محمود‘ (يعني وڏو طاقتور) سڏيو ويو آهي. ان جي پٽ جو نالو ’خدا دوست‘ ڄاڻايو ويو آهي. شروع وارو بيت ته:

ملڪ ۾ مل محمود هو غزنوي غازي
عادل تنهن عدل سين ڪيڍي بِدعت بازي
ميڙي مرد ملوڪ ڪيا نر سڀ نمازي
نِوڙت نِيازي، هو دين گهڻو ديدار ڪيو.

### سومرا دؤر

سومرن بابت ڪافي مواد راقم جي ٽن ڪتابن ۾ اچي ويو آهي: ٻه جلد دودي چنيسر جي ڳالهه جا ۽ هڪ جلد سومرن جي دؤر جو. مشڪل مسئلو آهي ته سومرن حاڪمن جي حڪمراني جا سلسلي وار سال قائم ڪرڻ. ٿتي جي سمن حڪمرانن جي نالن، لقبن، سنن ۽ سالن بابت راقم طرفان ڪيل تحقيق خير خوبي سان آڳاتو پوري ٿي. جو لکت توڙي آثارن مان پورا پڪا اهڃاڻ مليا. سنڌ جي سومرن اميرن بابت هيٺيان حوالا هن مسئلي تي روشني وجهن ٿا.

سومرن جو آخري بادشاهه همير هو جنهن کي سمن ماريو. همير پٽ دودي جو هو. اهي نالا پڪا آهن، جو ان وقت ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهره جي لکيل خطن ۾ موجود آهن

همير بادشاهه کي شايد پٽ ڪونه هو ۽ جي هو ته به پيءُ سان گڏ مارجي ويو باقي همير جي ٻن ڀائرن هَمُوءِ محمد کي پوءِ سلطان فيروز شاهه خانديش ۾ جاگيرون ڏنيون ۽ هو اتي ئي رهيا. انهن جا نالا به پڪي پختيءَ طرح معلوم ٿيل آهن ۽ راقم جي انگريزي مقالي ۾ تفصيل سان بيان ٿيل آهن.

سنه 624هه ۾ جڏهن جلال الدين شاهه خوارزم جو بادشاهه سنڌ مان لنگهيو تڏهن سنڌ جي لاڙ توڙي ڪڇ جو حڪمران چنيسر هو جنهن جو لقب ”سِنان الدين“ هو. اها شاهدي به لکت ۾ موجود آهي ۽ پڪي آهي.

باقي ٻين حڪمرانن جا نالا توڙي سن ۽ سال ڪن مشهور روايتن جي آڌار تي تخميني طور متعين ٿي سگهندا. انهيءَ سلسلي جون.

هڪڙيون روايتون دودي نالي بادشاهن بابت آهن. هڪ بيان اهو تہ 'ست دودا' ٿيا، جن مان ايترو گمان ڪرڻ صحيح ٿيندو تہ دودي جي نالي سان هڪ کان وڌيڪ بادشاهہ ٿيا.

ٻيون روايتون انهيءَ اهڃاڻ تي متفق آهن تہ پهريون بادشاهہ دودو هو جنهن کي "دودو وڏو" چيو ويجي ٿو.

هڪ وڏي سگهڙ (فقير عبدالستار مهر مرحوم) جي زباني تہ: پهريون دودو ٻونگراڻي هو ۽ ٻيو دودو دوداڻي هو. سنڌ جي نسب نامن جي روايتي اصول موجب، ٻونگراڻي يعني ٻونگر جو پٽ، دوداڻي يعني دودي جو پٽ. دودي چنيسر جي ڳالهہ وارو 'دودو دوداڻي' هو.

هڪ دودي جو لکت ۾ ذڪر، شيخ حسين ديولي يعني پير پٺي جي وقت ۾ اچي ٿو. شيخ حسين عرف پير پٺو.

**سمن جو دؤر**

سومرن کان پوءِ ڪڇ ۾ سمن جي حڪمراني رهي ۽ ڪن مشهور سمن اڳواڻن اتي ئي وفات ڪئي. هيٺئين بيت مان اهڃاڻ ملي ٿو تہ لاکي ۽ ڦل جون قبرون اتي آهن.

اڄ لاکو نہ ڦُل، ڳجهہ ڳرهيان ڪن سين
منجهہ ڪپرن هُل، ٻاهر لَوَن چمڙا.

گهٽي پچا ڪيم پر معلوم نہ ٿي سگهيو تہ اهي ڦتل قبا ڪٿي آهن، جن ۾ شاعر چمڙا ڏٺا. تاريخ 2 مئي 1968ع ۾ خليفي صاحب جي ڳوٺ (تعلقو تنڊوباگو) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ مرحوم گل محمد سالاراڻي جت ٻڌايو تہ: جادم ۽ جکري جون قبرون، ڳوٺ گهياڙي تعلقي لکپت ۾، ڪوٽائر ڍنڍ کان اتر- اولهہ ٽڪر تي آهن. ڪڇ جي رڪارڊ مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ 'مُهڙ' ۽ 'مناهين' مان، 'مُهڙ' جو قبو ڪڇ ۾ موجود آهي.

**ڪلهوڙن جو ديوان تيڪراج**

شروع ۾ ميان عباسي (ڪلهوڙا حڪمران) مهدوي طريقي جا فيض وارا فقير ٿيا. پوءِ جڏهن دنيوي طاقت هٿ ڪرڻ جو پهہ ڪيائون تڏهن ملڪ جي هيٺن راڄن کي هيسائي زمينن تي قبضا ڪيائون، جنهن

ڪري هو مغلن جي ملتان واري گورنر وٽ ڏانهين ويا. انهيءَ ڪري ميان آدم شاهہ قيد ٿيو ۽ پوءِ ملتان ۾ ڪيس موت جي سزا ملي. ان بعد بہ ابڙن، سانگين ۽ ٻين قبيلن جي زمينن تي قبضا ٿيا ۽ انهن جا فرياد ملتان جي گورنر شهزادي معزالدين وٽ ٿيا. ان طرفان چاڙهيل فوج سان ميان دين محمد مقابلو ڪيو پر مارجي ويو. ميان نصير محمد داناءُ هو سو في الحال سنڌ ڇڏي پنجاب هليو ويو ۽ جڏهن واپس آيو تڏهن راڄن جي رضا سان زمين کي وڌايائين. مائي ڳاڙهي ڪان جڏهن زمين ورتائين تہ هوءَ رُني، جنهن تي ميان صاحب ڪيس دلداري ڏني تہ هي شهر منهنجو هوندو پر نالي تنهنجي سان سڏبو. ميان يار محمد دلير هئڻ سان گڏ سياسي شعور وارو هو ۽ ان جي دؤر ڪان طاقت وڌي، جڏهن هن پنهورن کي سامتاڻي مان بي دخل ڪيو. ميان نور محمد طاقت استعمال ڪئي. سياسي بصيرت ڪان وڌيڪ هن ۾ زور ۽ ڏاڍ جو جذبو هو. پنهنجن (دائود پوٽن) توڙي پاڙيسرين (قلات جي خانن) سان جنگيون ڪيائين. ان ڪان وڌيڪ تہ سنڌ جي اندروني رياستن جي حاڪمن (راڻن ڪلمتين، برفتن ۽ ڪڪرالي جي ڄامن) توڙي اثر رسوخ وارن عالمن ۽ طاقتور قبيلن خلاف لشڪر چاڙهيائين.

نُهڙين جي قبيلي کي آڻ مڃائڻ لاءِ ڪانئن سڱ گهريائين جو هنن نہ ڏنو: پوءِ جوٽيجن ڪان گهريائين جن ڏنو. ميان نور محمد پوءِ نئين ڪوٽ، ڊوري ۽ ٽر واري علائقي تي ٽيڪراج کي پنهنجو عملدار مقرر ڪيو. جنهن ڏاڪي جمائڻ لاءِ اتي پنهنجي ماڙي نهرائي ۽ ميان جي زور تي ماڻهن سان وڏي هيس ڪئي. ان ماڙي جا آثار اڃا تائين موجود آهن. ٽيڪراج کي ٿي ميان موڪليو هو جو ويجي ان وقت جي ونگي جي وريام توڳاچي (وڏي) ڪان سڱ گهريائين. هن چيس تہ: هفتي ۾ توکي جواب ملندو. پوءِ توڳاچي پنهنجو لشڪر وٺي چڙهيو ۽ ٽيڪراج کي ماريائين ۽ ان بعد هو پنهنجي ڪٽنب ۽ ماڻهن سميت سنڌ ڇڏي ڪڇ هليو ويو. جڏهن ٽالپر حڪمران ٿيا تہ انهن ڪلهوڙن جي ستايل سيني ماڻهن ۽ قبيلن جي پوئواري ڪئي. پنهنجا خاص ماڻهو موڪليائون جيڪي لاڙ مان لڏي ويل قبيلن (نوتيارن ۽ نهڙين) کي ڪڇ مان وٺي آيا. وسائي پوٽو (چانديو) فقير (اسلام ڪوٽ لڳ ڪاڪٿهار جي وسائي پوٽن جي وڏن مان) موڪليائون جيڪو ويجي وڏي اڳواڻ ابراهيم کي ڪڇ مان وٺي آيو ۽ هو اڃي 'اڇا اوٺار' يا 'اڇيون بازاريون' ۾ رهيو. ٽالپرن طرفان 'ارباب' جي وڏي خطاب سان سڏيو ويو. مير ثاري خان

طرفان سندس وڏي آڏرياءَ تي ۽ هو اچي ’ڪيتلاري‘ ۾ مقيم ٿيو. جيڪو هاڻي ٿرائي سڏجي ٿو.

انگريزن جي دؤر ۾ ڏاڙيلن اچي مال هنيو جنهن ۾ ارباب تاج محمد شهيد ٿي ويو. ويجهن لاڳاپن جي ڪري، ڪاڪٽهار جي وسائي پوٽن مان رحم علي خان (وڏي) پويان واهر تي مال ڇڏايو ۽ پڻ ارباب تاج محمد ۽ ٻين جا جنازا ڍڪائي پڇايا. ارباب تاج محمد ارباب تڳاچي (ٻئي) جو پٽ هو. هن پوئين ويجهي دؤر (1960— 1975ع) ۾ وڏن اربابن مان ارباب توڳاچي ۽ ارباب الله جوڙيي سان راقم مليو. ٻئي وڏا لائق شخص هئا. ارباب الله جوڙيي مولوي احمد ملاح جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيل قرآن شريف ڇپايو. هن 28 آگسٽ 1993 تي هڪ سئو سالن ڪان مٿي وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. آءُ هن خاندان جي پوين مان ارباب امير حسن، مير محمد، عطاءُ الله ۽ فيض محمد جي دعوتن ۽ ڪچهرين ۾ ويس ۽ سندن ميزبانين ڪان متاثر ٿيس. هنن لفظن لکندي اخبار مان معلوم ٿيو ته ارباب فيض محمد ڪالهه (27_11_ 2000) گذاري ويو.

### ٭ ميان نور محمد ۽ نادر شاهه

نادر شاهه جي پهريائين دهليءَ تي ڪاهه ۽ پوءِ سنڌ تي چڙهائي بابت سنڌ جي ڪنهن شاعر وڏو بيت چيو جنهن جون پهريون ٻه سٽون هي آهن ته:

اصفحانا آئيو نِهنگ نادر شاهه
تنهن جو هڪڙو ڪڙڪو ڦنڌار تي، ٻيو دهلي ڍَڪاءَ

پر هن جو ٽيون ڏاڪو سنڌ تي ٿيو جنهن ۾ ميان نور محمد دليريءَ بدران ڏڄ ۽ خوف جو مظاهرو ڪيو. ڪٿي ڪي ويهه ماڻهو ٻه ڪين ٻيهاريائين جيڪي نادر شاهه ڪي سامهون ٿين ها جو لڄ پت رهجي اچي ها ته مقابلو ٿيو. نادر شاهه هندوستان کي پويان ڇڏي اڳتي ايران ويندي ڪابل مان واپس وريو ۽ ڪُرَم ندي وارو لڪ لتاڙي ديرا اسماعليل خان ۽ ديرا غازي خان مان ٿيندو اچي سنڌ تي ڪڙڪيو.

ديرا غازي خان ۾ گامڻ خان (گامون سچار) ڪان نادر شاهه پڇيو ته ”غازي خان جا گهڻا وزير هئا“؟ چيائين ته ”چار“ پڇيائين ته ”ٻيا تو جهڙا، هئا؟“ چيائين ته ”اهي مون ڪان وڌيڪ هئا“ تڏهن نادر شاهه چيو ته ”پوءِ غازي خان جو ديرو ڪيئن لٽيو؟“ چيائين ته ”هن ٻڌڻ ڪان بس ڪئي ۽ چوڻ

ڪان اسان بہ بس ڪئي“.

سنڌ بہ ايئن لتجي وئي. ميان نور محمد جا پنج وزير هئا. مير ’ڄامـ ندو خان‘ (ائين سندس سڄو نالو) ٽالپر، ٻيو ڄام ڄان محمد ڏاهري جيڪي ٻئي ملڪ جا وڏا خير خواهہ هئا پر انهن جي صلاح تي ميان صاحب ڪونہ هليو. ٻئي طرف راجو ليکي، پيروز ۽ ٻيا ميان صاحب کي ٻين خلاف ڀڙڪائيندا ۽ جنگ جون صلاحون ڏيندڙ هئا.

اهو هڪ وڏو سوال آهي تہ نادر شاهہ دهلي جا خزانا لٽڻ بعد هندوستان مان ايران ڏانهن روانو ٿي ڪابل پهتو ۽ اتي پهچڻ بعد وري سنڌ ڇو وريو؟ سخت سياري ۾ ڪُرم درياءَ وارو ڏکيو لڪ لتاڙي، ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان وارا وڏا وڪڙ ڪائي، نادر شاهہ سنڌ تي چڙهائي ڪرڻ ڇو ضروري سمجهيو؟ وقت جي تاريخن ۾ ان بابت ڪا صفائي ڪانهي. فقط ايترو اڌورو حوالو ملي ٿو تہ نادر شاهہ ميان نور محمد ڏي لکيو هو تہ هو کيس ڪابل ۾ اچي ملي پر ميان صاحب ڪونہ ويو.

جيڪڏهن فقط اهو ئي سبب هو تہ پوءِ ميان نور محمد جي غفلت يا غير دوُر انديشي جي ڪري هڪ ترپل آفت سنڌ تي نازل ٿي. ميان نور محمد اڳ ۾ ئي دهلي جي بادشاهہ جي اطاعت قبول ڪري ’خدا يار خان‘ جو لقب وٺي چڪو هو ۽ هاڻي جڏهن محمد شاهہ بادشاهہ هڪ خاص فرمان ذريعي ٻين ملڪن سان گڏ سنڌ کي بہ نادر شاهہ جي حوالي ڪيو هو تہ ان جو سڏ پرڻ ضروري هو. سياسي بصيرت جي تقاضا هئي تہ دهلي ۾ نادر شاهہ جيڪي ڪيو هو تنهن کان سنڌ کي بچائجي. جيڪڏهن ميان نور محمد ۾ ايتري طاقت ڪانہ هئي جو نادر شاهہ جي حملي کي منهن ڏيئي سگهي تہ پوءِ ڪابل ۾ وڃي ساڻس نہ ملڻ ۾ ڪهڙي حڪمت عملي هئي؟

دهلي جي بادشاهہ محمد شاهہ آڻ مڃي ۽ مغليہ سلطنت جو هڪ وڏو ڀاڱو نادر شاهہ جي حوالي ڪيو. ان ۾ سنڌ جو خاص ذڪر هو. چوٿين محرم 1152هہ (1739ع) ۾ دهلي جي بادشاهہ فرمان جاري ڪيو جنهن ۾ چيائين تہ: ”آءُ اهي سڀ علائقا نادر شاهہ جي حوالي ٿو ڪريان ’جيڪي آٽڪ درياءَ ۽ ساگري جي اولهہ ۾ آهن‘.“ (يعني مٿان اٽڪ وٺان سنڌو درياءَ کان وٺي هيٺ سنڌ ۾ ان جي ساگري ٿاٽ جي اولهہ ۾ آهن) فرمان ۾ سنڌ جي اولهہ طرف وارن علائقن جا تفصيل ڏنا ويا تہ: قلعو بکر، سکر، خدا آباد، جوکين ۽ بلوچن (ڪلمتين) جا علائقا، صوبو ٺٽو شهر جوڻ ۽ شهر

سماواتي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڄاڻايوويو تہ درياءَ جي سمندر ۾ ڇوڙ تائين. سواءِ لاهري بندر جي، ٻيو اهو سڄو ڀاڱو جيڪو (سنڌو درياءَ جي) ساڱري (ڦاٽ) کان اولهہ طرف آهي ۽ جيڪو اڳ هندوستان جي سلطنت ۾ شامل هو سو نادر بادشاهہ جي حوالي آهي.

انهيءَ فرمان کان پوءِ نادر شاهہ سيني ڏانهن آڻ مڃڻ جا ۽ ساليانہ ڍل ڀرڻ جا حڪمناما جاري ڪيا. ميان نور محمد ڏانهن بہ اهڙو فرمان آيو ۽ پڻ ڪيس لکيو ويو تہ ڪابل ۾ اچي بادشاهہ جو سلامي ٿئي!

سياسي تدبر جي ڪمي ۽ سندس پنهنجي غرور، سنڌ کي توڙي ميان نور محمد کي وڏو نقصان پهچايو. نادر شاهہ جي اچڻ کان اڳ ميان نور محمد دائود پوٽن، قلات جي خانن ۽ سنڌ جي اندروني حاڪمن ۽ عالمن سان جنگيون جوٽي ڪاميابيون حاصل ڪيون. جن سندس غرور وڌايو. ان سان گڏ ليکي وزير جيڪي فتنہ باز هئا، تن تي هو وڌيڪ ڀروسو ڪرڻ لڳو. روايت موجب راڄي ليکي، ميان کي انهيءَ ڳالهہ تي ٻيهاريو تہ نادر شاهہ ڪير ٿيندو آهي! هو ڪو ايران مان اسان تي حڪم هلائي سگهندو ڇا!

انهيءَ ڪري جڏهن دهلي مان محمد شاهہ جي فرمان سان گڏ نادر شاهہ جو حڪم پهتو تہ ميان نور محمد ڪابل ۾ اچي ملي ۽ ساليانو ڍل ادا ڪري تہ ميان نور محمد طرفان نادر شاهہ جي حڪم نامي جو جواب لاپرواهي سان ڏنو ويو. سنڌ جي آڳاٽن ڪتبخانن ۽ ڪن قلمي بياضن ۾ انهن خطن جا هڪ کان وڌيڪ شعر قلمبند ٿيل نظر آيا جن مان ظاهر آهي تہ نادر شاهہ جي محررن ۽ ميان نور محمد جي منشين اهي لکيا. نادر شاهہ جي ٻئي خط ۾ سندس طاقت جو سمان ڇٽيو ويو تہ:

مَن بادِ شمالم کہ بمالم همه را،  من گرگ گزندم کہ بگيرم رَمه را

از دبدَبِه خلق چه باکست مرا صرافِ جهانم که شناسم همه را

ميان طرفان ان جي جواب ۾ لکيو ويو تہ:

پشه چه باشد که پرد چند ميل ۔ گر بہ هوا رفت نشد جبرئيل

وگر مگس زورِ دوبازو کند ۔ طُعمهِ سِيمرغ نخواهد ربود.

ان تي نادر پادشاهہ طرفان ٻئي خط جي سرنامي ۾ ميان نور محمد ڏانهن ”بطرف خان بي سامن“ ڪري لکيو ويو. ان جي جواب ۾ نادر شاهہ ڏانهن

”بطرف بادشاهہ بي وزير“ ڪري لکيو ويو. ڊل جي جيڪا گهر هئي تنهن لاءِ لکيو ويو تہ:

ڪافِ کہ در کلهوره آن کاف راکشند.
باقي ازان چه مانند خواهنده را دهند.

اهو معيار ڪان هيٺ وارو سخت جواب ٻڌي نادر شاهہ تپي باهہ تي ويو.

نادر شاهہ جڏهن سخت سياري هوندي ’ڪُرم دَره‘ وارا پهاڙ لتاڙي اچي ديري اسماعيل خان پهتو تڏهن ميان نور محمد کي پڪ ٿي تہ اچي ٿو. پر پنهنجي لشڪر کي آڏا گهٽ جهلڻ ۽ مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ بدران، پاڻ کي ۽ پنهنجي خزاني کي بچائڻ ۾ لڳي ويو. پاڻ بچائڻ لاءِ ڏورانهين قلعي عمرڪوٽ جو رخ رکيائين. ڪيس گهڻي ڳڻتي خزاني ڪڻڻ ۽ بچائڻ جي هئي. سڄو ڏيان خزانو ميڙي چونڊي ڪڻڻ ڏانهن ڏنائين. البت سنڌ مان جتان نادر شاهہ جي اچڻ جو گمان هو اتان جي فصلن ۽ ٻين مددي شين ۽ سامان کي ساڙڻ جو حڪم ڪيائين، جنهن ڪري نادر شاهہ ڪان وڌيڪ ميان نور محمد جي ماڻهن سنڌ جي گهڻي ڀاڱي کي تباهہ ڪيو. سندس ڪنهن بہ سپهہ سالار يا سپاهي ڪٿي بہ مقابلي وارو ڪردار ادا ڪونہ ڪيو. جو عزت آبرو طور يادگار رهي ها!

ان وقت وزيرن جو ڪردار ڪهڙو هو تنهن بابت لکت ۾ ڪا وضاحت ڪانهي. ان وقت جون جيڪي ڳالهيون ياد رهيون ۽ زباني روايتن ذريعي هلنديون آيون آهن، انهن مان صرف مير چاڪر نندي خان ٽالپر ۽ چاڪر جان محمد ڏاهري بابت ڪجهہ معلوم ٿئي ٿو. مير صاحب جي ڏنل صلاحن جو ميان صاحب کي احساس ٿيو ۽ ڪيس پنهنجو خير خواهہ سمجهي پاڻ سان گڏ عمرڪوٽ وٺي ويو. چاڪر جان محمد بہ خيرخواهہ هو پر راڄي ليکي وارن هميشہ ميان صاحب کي جان محمد جي خلاف پٺي پڙڪايو. چون ٿا تہ چاڪر جان محمد عمر ۾ ٻين ڪان وڏو هو ۽ ان وقت ڪا عمارت نهي هئي جنهن کي گڏجي ڏسڻ وياُ. راڄي وارن جي اشاري تي ائين ٿيو جو جان محمد جو پير ٿڙڪيو ۽ هينان گپ سندس ڪپڙن کي لڳي. راڄي وارا ’باندرا باندر‘ چئي کليا. تڏهن جان محمد بہ ڪاوڙ مان چيو تہ: ڪو وقت آيو تہ حساب ٿيندوا انهن گفتن تي ميان نور محمد کي پڙڪائيندا پئي رهيا. ڪيس هاڻي ائين چيائون تہ: جان محمد ڪي ڳجها پيغام نادر شاهہ ڏانهن موڪليا آهن. ان تي جان محمد ڪان ميان نور محمد منهن موڙي ڇڏيو.

جڏهن نادر شاهه سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيو ته ڄام جان محمد ضرورت محسوس ڪندي وڃي بادشاهه کي مليو. پانئجي ٿو ته ديري غازي خان ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ ڪٿي مليو ۽ کيس چيائين ته: 'ميان نور محمد مون کي اوهان جي استقبال لاءِ موڪليو آهي. هو ڍل ڏيڻ لاءِ ۽ اوهان جي اطاعت لاءِ تيار آهي. ڪنهن جنگ ۽ لڙائيءَ جي ضرورت ڪانهي. اسين تابعدار آهيون. نادر شاهه کي ايترو مطمئن ڪيائين جو هن پنهنجي گهڻي فوج ۽ ٻيو سڄو اثالو لاڙڪاڻي ۾ ڇڏيو. گهوڙي سوارن جي دستي سان جان محمد سان گڏ روانو ٿيو. مير ڄام ننڌي خان ٽالپر اڳ ۾ انتظام ڪري ڇڏيو هو ۽ شهدادپور ۾ پنهنجا ماڻهو بيهاريا هئا جن ميان صاحب جي طرفان تحفا تحائف پيش ڪيا ۽ اطاعت جي عرضداشت ڏني. پڻ ان سان گڏ مهماني جي. نادر شاهه هاڻي گهڻو مطمئن ٿيو پر جان محمد کان پڇيائين ته عمرڪوٽ گهڻو پري آهي؟ چيائين ته: هتان "ٽيهه فرسنگ" آهي ۽ فقط اڌ ڏي هڪ رات جو پنڌ آهي. اهو ڏينهن وارو ٻاڳو ۽ سڄي رات گهوڙا هليا تان جو گهوڙي ٿونگارو هنيو. تڏهن نادر شاهه جان محمد کي چيو ته: ايتري منزل هڻي منهنجو گهوڙو ٿونگارو هڻندو آهي جيترو پنڌ تو ٿي ٻڌايو سو عمرڪوٽ ڪٿي آهي؟" اڃا ڏينهن نه ٿيو هو ۽ پرهه کان اڳ واري اونداهي هئي. جان محمد جواب ڏنو 'جي بادشاهه جي گهوڙي صحيح منزل ماري ٿونگارو هنيو آهي ته پوءِ عمرڪوٽ جي ٻاهران بيٺا آهيو.' ائين قلعي جي ديوار نظر آئي ۽ نادر شاهه نهايت مطمئن ٿيو ۽ قلعي جي دؤر ازي واري پاسي پڙاءُ ڪيائين.

ميان نور محمد ننڊ ۾ هو جو وڃي کيس جاڳاياڻون. هن کي اهو خواب خيال ۾ ئي ڪونه هو ته ڪو نادر بادشاهه راتو واهه اچي ٻهت مون کي رسندو. خبر پيس ته جان محمد بادشاهه سان گڏ آهي. هتان جان محمد بادشاهه کان اجازت گهري ته وڃي ميان نور محمد صاحب کي احوال ڏئي. مير ڄام ننڌي خان ميان صاحب کي چيو ته: جان محمد اوهان جو خير خواهه آهي ۽ سڀ خير ٿيندو پر ترت هلي بادشاهه جي آڏو پيش پئو. جڏهن جان محمد سامهون آيو ته ميان صاحب چيس ته: نيٺ وٺي آئينس! جان محمد جواب ڏنو ته "هاڻو پر چند گهوڙي سوارن سان" (ٻي روايت موجب چيائين ته: "پنجن سوارن سان" يعني حملي خاطر نادر شاهه کي لشڪر سميت چاڙهي ڪونه آيو آهيان. پر جيئن هڪ بادشاهه ٻئي بادشاهه وٽ مختصر اثالي سان مهمان ٿي اچي تئين وٺي آيو آهيان) پوءِ ميان صاحب کي چيائين ته "خير ۽ صلح خاطر عاجزيءَ

سان هلي پيش پئو.“ ميان نور محمد کي هاڻي جان محمد جي ڳالهہ تي ويساهہ ٿيو. سو پنهنجيون ٻانهون ٻويان ٻڌائي قرآن شريف مٿي تي کڻي اچي نادر شاهہ جي سامهون بيٺو. تڏهن هيٺين گفتگو هلي.

نادر شاهہ: سگ اَبلق چِرا گُريختي؟ (=اي ٻهُڙا ڇو ڀڄي آئين؟ ميان نور محمد کي ڪوڙهہ وارا اڇڙا ٽڪڙا هئا. انهيءَ ڪري ڪيس ڪاوڙ مان ’ٻهُڙو ڪتو‘ چئي خطاب ڪيائين).

ميان نور محمد: طاقتِ مهمان نداشت، خانہ رابہ مهمان گذاشت (مهمان جي مهماني جي طاقت نہ هئي انهيءَ ڪري گهر کي مهمان جي حوالي ڪيو ويو).

نادر شاهہ: جان محمد سان ڪيل وعدي مطابق، ميان نور محمد جي جان بخشي ڪئي، باقي ڏل جي ادائيگي ۽ تابعداري جي ضمانت طور، ميان صاحب جا ٽي پٽ محمد مرادياب، عطر خان ۽ غلام شاهہ پاڻ سان گڏ ايران وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيائين. ميان نور محمد مغموم ٿيو تہ ڪير سندس فرزندن کي سنڀاليندو!

نادر شاهہ، مير ڄام ندي خان جي فارسيداني کان گهڻو متاثر ٿيو هو ۽ پڻ ڄام جان محمد ڏاهري کان مطمئن هو. سو اجازت ڏنائين تہ انهن ٻنهي مان ڪوبہ شاهي مهمان طور گڏجي هلي ۽ ٽن فرزندن کي سنڀالي. ميان نور محمد مير صاحب تي ڀروسو ڪيو ۽ هن خيرخواهي جا فرض بجا آڻيندي وڃڻ قبول ڪيو.

- حڪمران جي حيثيت ۾ ميان نور محمد جو ڪردار دليري ۽ تدبر کان خالي نظر اچي ٿو. هو ذاتي طور ڏڄڻو ماڻهو هو. نہ رڳو نادرشاهہ جي ڏپ کان ڀڄي عمرڪوٽ پهتو پر بعد ۾ احمد شاهہ ابدالي جڏهن سنڌ جو رخ ڪيو تہ اجا هو 20- محرم جمعي ڏينهن سنہ 1167 هہ ۾ شڪارپور پهتو تہ ميان نور محمد خوف ۽ هراس ۾ ملڪ ڇڏي، اَڄڙي تر طرف جان بچائڻ لاءِ منهن ڪري ڀڳو ۽ اُتي اُساٽ سببان سندس پساهہ پورو ٿيو.

### ٽالپرن جو دؤر

ٽالپرن جي دؤر بابت تحقيق ڪندي، 7- جنوري 1990ع تي جَنوجي ۾ مير رستم خان (بن سهراب خان بن رستم خان بن امام بخش خان بن محمد حسن خان بن ميررستم خان اول) سان ملاقات ٿي. هنن لفظڻ لکندي، اخبار پڙهيم تہ مير رستم خان فوت ٿيو (25- آڪٽوبر 2000ع). خيرپور جي خاندان بابت معلوم ٿيو تہ رياست جي باني مير سهراب خان کي پنج پٽ هئا: 1- وڏو مير رستم خان، 2- مبارڪ خان (اولاد ڪنڌرن لڳ ٽنڊو علي

آباد)، 3_ غلام حيدر خان (وڏي پٽ مير محمد خان، ڪوٽ مير محمد ٻڌايو)، 4_ علي مردان (ٻہ پٽ لاولد) ۽ 5_ علي مراد جيڪو پوءِ انگريزن جي دؤر ۾ رياست جو حڪمران ٿيو.

مير سهراب خان هڪ وڏو بهادر سپهہ سالار ۽ حڪمراني ۾ وڏو منتظم هو. هن اتر_ اوير سنڌ جي تر واري علائقي کي جيڪو سندس انتظام هيٺ آيو تنهن کي سنياليو ۽ خوشحال ڪيو. تعلقي ناري جبي جي حد جيڪا جوڌپور ۽ جيسلمير سان ٿي لڳي، ان سان لاڳو ڪوٽ قلعا تعمير ٿيا ۽ سرحدون مضبوط ٿيون. 26 ڊمسبر 1980ع تي ۽ پڻ پوءِ، فقير پير بخش ڳاهي جي دعوت تي نار ۾ سندس نئين ڳوٺ ۾ ۽ پڻ اصل ڳوٺ 'پَڏريي' ۾ راقم جون ڪچهريون ٿيون جن ۾ خيرپور رياست جي نظام بابت معلوم ٿيو تہ تجل کان چُوراسي ميل اوير طرف چؤدنگي 'ٻڏي باٺري' هئي جتي جوڌپور، جيسلمير، خيرپور رياست ۽ انگريزن جي علائقي جون حدون اچي ٿي مليون.

_ مختيارڪار ۽ ڪاردار نہ رڳو بلوچن مان پر سنڌ جي ٻين قبيلن قومن مان پڻ مقرر ڪيائون. فقير موجن ڳاهو ڳاهِڪي پر ڳٽي جو مختيارڪار هو.

_ قبيلن جي وڏن ۽ چڱن کي ميرن زمينون، سَنَدون ۽ پروانا ڏنا. پنهنجو پاڻ کي جاگيرون ڪين ڏنائون. راجن کي صلح ۾ رهڻ لاءِ راجوٽي قدم کنيائون. حملا ڪري ڪنهن کي ڪونہ هيسايائون. ڳاهن ۽ راجڙن جون حدون ۽ نِزاع نبيريائون ڳاهن ۽ مهرن جا پاڻ ۾ صلح وارا فيصلا ڪيائون.

_ ميرن جي مرڪزي انتظامي سيڪريٽريٽ جو نالو هو "شاهي دروازو". راجن قومن تي تورو ڏن ۽ محصول جنس طور مقرر ٿيل هوندو. هو. فقير موجن ڳاهي کي تي سئو هم چورس ميل ڪاتي ۾ ڏنا ويا. زمين ٻن کان پنجن ائن ربين ايڪڙ تي ڏني وئي. جيڪي سرڪاري ماپ لاءِ آياسي ويا ماپيندا ۽ ڏيندا تان جو فقير پاڻ بس ڪئي. ان جي عيوض فقير نَوَ اُٺ جنس طور ۽ فقط نوي رپيا روڪڙا ساليانو "شاهي دروازي" تي ڀياريندو.

ٽي سئو چورس ميل ايراضي ۾ مانڌلو مَهڙ وارو، موڪرو بادل وارو، ٻانڊيو ننگرو واءِ ۽ منڌراهو وغيره جملي ٽيهٺ ماڳ ۽ تڙ شامل هئا. حدون هن طرح، ڏکڻ ڏانهن جوٽيجن جي ٻڪار، اتر طرف پنيرن جي زميندار، ڳوراهو ۽ ڳورن واري کان ڏکڻ " ڪارو ڪبڙ ". اتي ڏوري هٽي اگرپوريائون جو اگر حد جو دائمي نشان. اولهہ طرف ديهہ پير بخش ڳاهو ناري جي آبادي_ اوير طرف راجڙ جو "پير شيهي واريون ڪنڍيون" ۽ "ميران چر"

_ميرن جو مختيارڪار ٻارهين ڪوهين تي منزل ڪندو هو. هو تي

منزلون ڳولهٽو مقام واري ڪانپوءِ ننگرو تي لٿو. ننگري تي مير عباس علي خان موجن فقير کي چيو هو ته موڪرو به تنهنجو ته پڙريو به تنهنجو (اهي ٻئي نالا تڙن جا).

**سنڌ تي انگريزن جي قبضي خلاف ڪارروائيون**

- مير شير محمد خان جنگيون جوتيون. محب وطن ماٺهو نيپئر جي دربار ۾ سلامي تي نه ويا. 1857ع ۾ جيڪب آباد طرف بلوچن بغاوت ڪئي. 1896ع ۽ 1946ع ۾ پير صاحب پاڳاري جي قيادت هيٺ انگريزن خلاف حر تحريڪ هلي.
- **سن جو سيد چتن شاهه**

سنڌ تي قبضي بعد نيپئر سنڌ مان وڏن ماڻهن کي گهرايو ته حيدرآباد ۾ درٻار ۾ اچي سلامي ڀرين ۽ سرفراز ٿين: گهڻا غيرتمند سلامي تي ڪو نه ويا ۽ نقصان سٺائون. جي ايم سيد لکيو آهي ته سيد چتن شاهه سن وارو ان وقت پير مرد هو پر وڏي حوصلي ۽ همت وارو هو ۽ دربار ۾ سلامي تي ڪو نه ويو. سندس نظريو هو ته مير صاحب نظربند هجن ۽ آءُ جاگير وٺي وڃي تابع ٿيان! اهو قبر ڪنڌيءَ تي ويهي ٽڪو ڪو نه ڪٽٽو اٿم. آخر جيڪي ماڻهو دربار ۾ نه آيا هئا، تن لاءِ انگريزن هڪ آفيسر درياءَ جي جهاز ۾ چاڙهي حال احوال دريافت ڪرڻ لاءِ موڪليو. اهو جڏهن سن ۾ آيو ته شاهه صاحب کي سندس جاءِ تي ملڻ ويو ۽ پڇيائين ته: پريا مڙس گهڻو وقت سنيرين؟ شاهه صاحب جواب ڏنس ته:اچوڪو ڏينهن. پيو چيائين ته: اوهان جي سرڪاري رڪارڊ ۾ جاگير چاٽايل آهي اوهان جي نئين سرڪار سان وفادار تي رهندا ته اها اوهان جي بحال ڪئي ويندي. جواب ڏنائين ته : آءُ ضعيف آهيان: پٽ گذر ڪري ويل آهي به ننڍا پوٽا اٿم ڪير زمين سنڀاليندو! سرڪار جي نوازش ڪري ڏيڍ گز قبر جي زمين عنايت ڪندي ته شڪر گذار ٿيندس باقي جاگير آءُ چا ڪندس!. انهن جوابن مان صاحب کي تسلي نه ٿي شاهه صاحب جي طاقت جي هاڪ هئي. مير شير محمد خان اجا تابع نه ٿيو هو. هن آفيسر کي شاهه صاحب جي وفاداري ۾ شڪ پيو سو کيس گرفتار ڪري جهاز ۾ چاڙهي حيدرآباد وٺي ويو. ڪجهه وقت کيس نظربند رکي جڏهن کين اطمينان ٿيو ته هي اهڙو ضعيف آهي، جو ڪو به نقصان يا بغاوت ڪري نه سگهندو ته کيس ڇڏي ڏنائون. مياڻي جي جنگ واري سال کان پوءِ ٻئي سال وفات ڪيائين.

# سامراجي حڪومت خلاف، سنڌ جو خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو

1857ع ۾ جيڪب آباد جي بلوچ انقلابين جي بغاوت، پير صاحب پاڳارن جي آزادي لاءِ عملبرداري ۽ 1896ع ۾ حر تحريڪ ۽ پوءِ 1920ع کان وٺي خلافت تحريڪ سنڌ جي عام توڙي خاص ۾ انگريزن جي سامراجي حڪومت خلاف جذبو پيدا ٿيو. خلافت تحريڪ ۾ سنڌ وارن جي ڪيل ڪم ۽ قربانين تي تفصيلي ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. انگريزن جي مخالفت ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪردار عالمن جو هو ۽ ڪيترن ئي سنڌ جي عالمن ۽ مولوين کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو ۽ 1960ع ۾ راقم سنڌ ۾ خلافت تحريڪ بابت مواد گڏ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پر ٿورو مواد جمع ٿيو جنهن مان ڪي هيٺيان عارضي نتيجا:

- سڀ کان مٿين سياسي سطح تي، خلافت تحريڪ جو همدرد اڳواڻ غلام محمد خان ڀرڳڙي هو. هو خلافت واري وفد ۾ شامل هو جيڪو لنڊن ۾ جارج پنجين بادشاهه ڏي ويو ته ترڪي سان عزت ڀريو برتاءُ ۽ صلح ٿئي. هو ترڪ اڳواڻ توفيق پاشا يا رفعت پاشا سان مليو ۽ سندن خيال ۽ صلاح موجب ئي صلح واري مقصد لاءِ ڪوشش ڪيائين.
- سنڌ اندر سڀ کان وڏي اثر وارو اڳواڻ بزرگ تاج محمود امروٽي هو.
- سڀ کان وڏي قرباني ڏيندڙ ڀڙيون ڪارڪن محمد مڪڻ لنڊ، وينل مٺي فقير جو ڊيرو (ضلعو سانگهڙ) هو. جنهن ٽپيداري تان استيعفا ڏني، انگريزي سامراج خلاف آواز اٿاريائين، جيل قبوليائين ۽ ارڙهن مهينا جيل ڪاٽيائين.
- انگريزن جي قبضي وارو ملڪ ڇڏي افغانستان ڏانهن هجرت ڪرڻ واري تحريڪ کي عملي جامو پهرائڻ وارو وڏي ۾ وڏو اڳواڻ ضلعي لاڙڪاڻي جو جان محمد جوڻيجو هو. جيڪو هجرت ڪرڻ وارن ڪارڪنن سان پوري ريل گاڏي ڀري روانو ٿيو.

- سياسي جذبي وارو انگريزي پڙهيل نوجوان پير الاهي بخش هو جيڪو جيل ۾ ويو.
- سنڌ جي ميرن مان خلافت تحريڪ ۾ عملي جذبي ۽ اعليٰ فڪر وارو مير الله بخش خان(جهول، ضلعي سانگهڙ) هو جيڪو جيل ۾ ويو ۽ پڻ اخبار الوحيد جو ايڊيٽر تي رهيو.
- انگريزن جي پروپيگنڊا جو جواب سيد اسد الله شاهه تڪڙائي ڏنو. مڪي جي شريف(جنهن انگريزن جي اشاري تي ترڪ خليفي خلاف بغاوت ڪئي) جي پٺڀرائي ۾ نوشهري فيروز جي مولوي فيض الڪريم(انگريزن جي اشاري تي) ’تحقيق الخلاقہ‘ رسالو لکيو جنهن جو مدلل جواب سيد اسد الله شاهه تڪڙائي ڏنو. ان تي سنڌ جي سيني نالي وارن عالمن صحيحون ڪيون، انهيءَ رد لکائڻ جو محرڪ، صحيون وننڊڙ ۽ هلي وجي سيني کي انگريزن جي فتني کان سجاڳ ڪندڙ نوجوان مولوي الاهي بخش ايري(ويٺل ٻانهون لاڪير، تعلقو ڪڪڙ هاٽي خيرپورناٿن شاهه) هو. انهي رد لکڻ بعد سنڌ ۾ خلافت تحريڪ زور ورتو.
- انگريزي حڪومت ٻي چال اها چلي جو مڪتبن کي گرانٽون ڏيڻ شروع ڪيون تہ جيئن مولوي سرڪار جو طرف وٺن ۽ خلافت تحريڪ ۾ شامل نہ ٿين. مولوي دين محمد وفائي اها تجويز ڏني تہ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ لاءِ گرانٽن خلاف شعر ٺاهي جتي ڪٿي پڙهيا وڃن. ڏوڪري ۾ خلافت جي جلسي ۾ مولوي دين محمد اها رٿ پيش ڪئي جيڪا منظور ٿي. راقم کي ان قسم جا جيڪي شعر مليا تن ۾ سڀ کان زوردار شعر مولوي در محمد ڪانڌڙي جو هو جڏهن ڪيس ڳولي لڌم تہ مرحوم پاڻ بہ مونکي اهو سڄو نظم ٻڌايو جنهن جو هڪ شعر هو تہ:

گرانٽن جي هڏي تي چو ملان ايمان ٻوڙيو تا
اهو ٿو ڳُونهہ گونرن جو اجان ارمان روڙيو تا!

’جان محمد جوڻيجي کي ’محبوب رهنما‘ چيو ويو. افغانستان ۾(؟) وفات ڪيائين ۽ سرهند ۾ مدفون ٿيو. مولوي دين محمد وفائي سندس سوانح ”ياد جانان“ جي نالي سان لکي ۽ راقم کي بہ اهو ڪتاب تحفي طور ڏنائين. ڪنهن شعر چيو هو تہ:

جان محمد جان محمد سنڌ جو سردار هو
مذهبي ماڻهو اسان جو پيشوا پڳدار هو.

ٿرپارڪر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ پڇا ڪندي خلافت تحريڪ جي جن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جا نالا مليا سي هيٺ ڏجن ٿا. ٻين ضلعن ۾ ٻيا اڳواڻ هئا. جيئن تہ حيدرآباد ضلعي ۾ پير غلام مجدد سرهندي مٽيارين جو ۽ حڪيم شمس الدين حيدرآباد جو اهي ٻئي جلسن کي خطاب ڪرڻ ۾ داناءُ هئا. حڪيم شمس الدين نهايت ئي سنجيدهہ تقرير ڪندو هو.

•ضلعي لاڙڪاڻي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن:

- پير تراب علي شاهہ راشدي ڳوٺ قمبر علي خان(= قمبر) وڏو عالم حڪيم ۽ بهترين انسان هو
- پير مٺل راشدي، تعلقو ڏوڪري(جيل ويو)
- پير علي نور شاهہ راشدي، ڳوٺ ڀنگي، لڳ لاڙڪاڻو
- جان محمد جوڻيجو ڏامراها ڀهرين نمبر مک اڳواڻ
- مولوي در محمد ڪانڌڙو(وارهہ تعلقي جو مک)
- مولوي غلام فريد سپريو ڳوٺ نور محمد سپريو تعلقو قنبر(جيل ويو)
- مولانا مير محمد، نورنگي معرفاني چانديو ڳوٺ نورنگ واهہ ضلعو لاڙڪاڻو
- مولوي عبدالله نوناري، رتوديرو
- الله ڏنو مير بحر(؟)ڏوڪري جو(سيڪريٽري هو)
- جعفر شاهہ گهتهڙ جو(تعلقي قنبر جو)
- مولوي عبدالرحمان چولياڻي بلوچ، چولياڻي جو تعلقو وارهہ
- مولوي الاهي بخش ايري تعلقي ڪڪڙ جو(نظرياتي طور جڻ تحريڪ جي محرڪن مان هو)

•ضلعي ٿرپارڪر جا اڳواڻ:

- محمد مکڻ لنڊ بلوچ، مٺي جي ڊير جو جنهن ٽپيداري تان استيعفا ڏني، گرفتار ڪيائونس ۽ 18مهينا جيل ۾ هو
- محمد امين ٻلي، محمد مکڻ سان گڏ جيل ۾ ويو
- مولوي محمد صالح پيش امام ميرپورخاص، جلاوطن جوڌپور ڏانهن، پوءِ جيل ويو

- حاجي خميسو خاصخيلي، اڻ پڙهيل مگر ڳالهائڻ ۾ گهڻو ٻگهڙ هو. واگهريجي جو
- پير اسماعيل جان سرهندي، ساماري جو
- حاجي احمد علي دل، مجذوب ڏيگاڻ ير ڳوٺ جو
- مولوي عبدالحي نوحاڻي، ڪنگورو تعلقي ڏگهڙي جو
- الله ڏنو پنهور ڪنگرو تعلقو ڏگهڙي جو
- حاجي مصر خان لغاري، اوگهريجي جو
- مولوي عبدالحق چانديو رواٽ، سر. تعلقو ڇاڇرو وڏو ڪارڪنن وڏي اثر رسوخ وارو
- ميون عبدالحي چوٽياريون جو
- سيد اسحاق شاهه ساماري جو
- مير غازي خان تنڊي جان محمد جو
- رئيس ميان محمد خان پناڻ، لڳ ڪنري، ولائتي ڪپڙا عمر تائين پاڻ ڇڏي ڏنائين. وصيت ڪيائين ته مون کي ڪفن به هٿ جي ڪاڻي جو ڏجو. ميندي ڪندو هو ۽ انگريزن وٽ Red Beard جي اڏ نالي سان مشهور هو.
- خانبهادر غلام نبي شاهه به همدرد هو. خانبهادر پوءِ ٿيو اهڙيءَ طرح ٻيا گهڻا رسوخ وارا خلافت تحريڪ جا همدرد هئا.

•ضلعي سکر جو بلڪ سڄي سنڌ جو اڳواڻ جناب تاج محمود امروٽي هو.

مولوي عبدالحي سمو ويٺل قطب الدين سمو لڳ نيڙهي تنهن راقم کي ٻڌايو ته مولانا اشرف علي ٿانوي کي به مولانا امروٽي قائل ڪيو هو ته وقت جي حاڪم انگريز سان جهاد جائز آهي. تاج محمود صاحب جا خليفا سڀ مجاهد باعمل هئا ۽ سيئي تحريڪ ۾ شامل هئا: جيئن ته خليفو محمد صالح ڏاريجو ٻائيجي وارو، 2ـ مولانا حماد الله صاحب پرچوندي وارو، مولوي محمد هاشم چنو اسحاق ديري جو(امروٽ کان 2 ڪوهه الهندي طرف). بزرگ امروٽ واري جو خاص وڏو ورڪر هو. سندس به تي شاگرد انقلابي غزل ڳائيندا هئا، جن کي " بلبلان اسلام " ڪري سڏيندا هئا. انگريزن خلافت تحريڪ خلاف اَمن سڀا قائم ڪئي هڪ خلافتي پنهنجي غزل ۾ امن سڀائي کي تنبيهه ڪئي ته:

هتئون نيٺ هلندين ادا امن سڀائي،
ڇڏي دين پنهنجو پڌئي پڳ پرائي.

مولوي نبي بخش بلو اوڍي(لڳ نل) وارو امروٽي بزرگ جو خاص ورڪر ۽ انقلابي غزل ناهيندو هو. محمد ادريس خلافتي(مولوي ڪو نہ هو) پني عاقل طرف جو عبدالرزاق پيرزادو سعيدآباد(نئين براج کان باگڙجي تائين سجو تر) جو وڏيرو يار محمد پنو وينل سکر جي "شيخ شينهن" محلي جو ورڪر هئا.

مولانا عبدالعزيز شيخ ٽريچاٽي وارو بزرگن جو خليفو ۽ جڻ داخلي ۽ خارجي وزير هو۽ امروٽي بزرگ سان پنجاب ۾ باهر بہ خلافت جي سلسلي ۾ گڏجي ويندو. هو مولانا احمد علي لاهوري ان وقت امروٽ ۾ ئي رهندو هو.

سکر ضلعي جيا ٻيا وڏا نامور خلافتي رهنما هينيان هئا:

- سردار خدا بخش خان پٽافي، تعلقو ميرپور ماٿيلو علم وارو داناءُ ) وڏو مدبر. امروٽي صاحب جي خاص صلاحڪارن مان هو ۽ گهڻو ڪم ڪيائين.
- مولانا عبدالڪريم ڪورائي بلوچ عرف ڪهاڙو وينل احمدپور لڳ قنبر، واعظ ڪرڻ ۽ غزل ناهڻ.
- گهوٽڪي وارا پير، حاجي شير محمد شاهہ ۽ حاجي فخر الدين شاهہ.
- قاضي عبدالرحمان(اڃي مسجد، تعلقو نوشهروفيروز) " الوحيد " جو ايڊيٽر ٿيو. اول وقت ۾ بزرگ امروٽي جي اثر هيٺ واعظ ڪندو هو ۽ پوءِ انگريزن نوڪري ڏيئي لالچائي ڦيرايس پوءِ شيخ عبدالمجيد اها جاءِ ورتي.
- پير حڪيم معين الدين ڪنيارين وارو جيڪو مولانا عبيدالله سنڌي جي معتقد ڪارڪنن مان هو تنهن بہ امروٽي صاحب جي اڳواٽي هيٺ وڏو ڪم ڪيو.
- ڪراچي مان شيخ عبدالمجيد، مولوي دين محمد وفائي، مولوي محمد صادق ڪڏي وارو اهي سڀ بزرگ جا پوئلڳ هئا ۽ پاڻ امروٽي بزرگ صدر " جمعيت العماءَ " هو سندس وفات بعد، مولوي محمد صادق ڪڏي واري کي صدر چونڊيو ويو.

سنڌ خلافت ڪانفرنس جا پهريان اجلاس لاڙڪاڻي، گهنهڙ(تعلقو قمبر) ۽ ٻين جاين تي ٿيا. چوٿون اجلاس ، 2 —3 مئي 1920ع تي جيڪب آباد ۾ ٿيو. جنهن جو صدر مولانا تاج محمود امروٽي هو. سندس صدارتي خطبو تاريخي لحاظ سان هڪ اهم دستاويز آهي، جنهن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو. دادو شهر جي ٻن خلافتي ڪارڪنن، سيد جيوڻ شاهہ ۽ محمد

هاشم اهو خطبو لاهور مان ڇپايو. دادو شهر ۾ جيوڻ شاهہ جي مسجد موجود آهي مولانا امروٽي جي صدارتي خطبي ۾ هيٺيان خاص نڪتا:

- ✓ مسلمانن جي لاءِ خليفتہ المسلمين جي اهميت اسلامي تهذيب ۽ روحاني ترقي جي اشاعت ۾ مقامات مقدسہ جي حفاظت ۽ اسلام جي دشمنن جي حملن جي مدافعت لاءِ اهڙي هڪ مسلمان بادشاهہ يعني امير المئومنين خليفتہ المسلمين جو هجڻ ضروري آهي، جو هر طرح آزاد، خودمختيار، ديني ۽ دنيوي اقتدار رکندو هجي ۽ دين جي دشمنن جي مقابلي ڪرڻ جي پوري طاقت رکندڙ هجي.
- ✓ يورپ جي سرمائيدار نظام جو ٻين قومن کي غلام بڻائڻ جو طريقيڪار. يورپ ۾ ڪنهن بہ اسلامي سرسبز زرخيز ملڪ کي، جنهن ۾ تيل جا چشما، سون چاندي، ٽامي، لوهہ، اڳرن جون کاڻيون هونديون آهن پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ۽ اتي جي هنرن کي ضايع ڪرڻ ۽ انهن کي بي دست و پا بڻائڻ ۽ ضروريات زندگي جي هر هڪ شعي ۾ يورپ جو محتاج رکڻ کي تهذيب جو نالو سڏيو ويندو آهي ۽ پهريائين اخبار جي رستي ان جي حاڪم کي ظالم ۽ حڪمراني جي اصول کان بي خبر مشهور ڪيو ويندو آهي تنهن کانپوءِ اتي جي ماڻهن کي ريلن ۽ تارن وجهڻ رستن نهرائڻ، هنري ڪارخانن جاري ڪرڻ ۽ انهن کي دنيادار بڻائڻ جا سرسبز باغ ڏيکاري، دلفريب دلاسا ڏئي پنهنجي قديم فرمان روا کان بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي. نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ قوم جو اعليٰ طبقو ملڪي شين تي غير ملڪي شين کي ترجيح ڏيڻ ۽ عيش عشرت جي زندگي بسر ڪرڻ سبب زندگي جي هر هڪ ضروري شيءَ ۾ يورپ جو محتاج بڻجيو وڃي ۽ قوم جو ادنيٰ طبقو هنرن ۽ ڪاريگرن جي تباهہ ٿي وڃڻ سبب بک مرڻ لڳي ۽ لاچار ٿي بي مز دوُر ي ۽ ڪولي جو ڪم اختيار ڪري.
- ✓ عيسائين جي مسلمان دشمني. معتبر ڪتابن مان حواصلا ڏيئي وضاحت ڪئي وئي تہ يورپ جي خلافت سان جنگ آهي ۽ خدانخواستہ ترڪي سلطنت ۽ ايراني حڪومت جي تباهي ڪو بہ مسلمان ڏسڻ نٿو گهري.
- ✓ ترڪن جي حمايت ۽ انگريزن تي تنقيد. اوهان صاحب اهو خيال ڪري سگهو ٿا تہ ترڪي خواهہ مخواهہ انگريزن سان جنگ ڪئي؟

عجب اهو تہ انگلستان اسلام جي تباهي جو ٺيڪو کنيو آهي.

✓ هتان جي مسلمانن کي انگريزن سان وفادار رهڻ لاءِ ڪو بہ سبب ڪونهي اسان بہ نسبت پنهنجي مذهبي جذبات ۽ شرعي مطالبات کان سرڪار کي وقت بوقت جلسن جي رستي، تارن جي رستي ۽ وفدن جي رستي آگاهہ ڪري چڪا آهيون تہ جيڪڏهن فيصلو اسان جي مذهب جي برخلاف. ٿيو(يعني ترڪي جي بر خلاف) تہ پوءِ اسين مذهبي حڪمن موجب وفادار رهي نہ سگهنداسين.

✓ جهاد جي ترغيب ۽ هجرت جي ترغيب ۽ افغانستان طرفان همدردي جو ذڪر مولانا محمد علي صاحب خلافت جي وفد جي پاران سيٺ چوٿاڻي صاحب کي جيڪو خط تاريخ 25 مارچ 1920ع جي لنڊن مان موڪليو آهي تنهن ۾ لکيو اٿس تہ لائيڊ جارج وزير اعظم جو وفد کي ڏنل جواب نہ رڳو مايوس ڪندڙ آهي پر سندس جواب ۾ ڪيترائي ڪوڙ بدوڙ آهن... انهيءَ ڪري اوهان کي صاف طرح خدائي حڪم ٻڌائجي ٿو تہ اهڙي صورت ۾ اوهان تي جهاد فرض آهي. مگر جڏهن تہ اوهان هٿيار پنهوار ۽ ٻيا خريدي اسباب موجود نہ آهن انهي ڪري ٻئي ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ هجرت ڪري وڃڻ ڪانسواءِ ايمان جي بچاءَ جو ٻيو ڪو رستو ڪو نہ آهي. خدا جو شڪر آهي جو سخت پريشاني جي وقت ۾ امير افغانستان غازي امان الله خان هندوستان مان هجرت ڪري ويندڙ مسلمانن کي پنهنجي خداداد وسيع سلطنت ۾ هر طرح امن ڏيڻ ۽ مالي جاني مدد ڪرڻ جو وعدو فرمايو آهي. اميد تہ جيڪي صاحب جهاد جي طاقت نٿا رکن ۽ ايمان بچائڻ ۽ خدا تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ واسطي هجرت فرض ٿا سمجهن سي پاڻ ۾ ملي گورنمينٽ کي درخواست ڪندا تہ افغانستان ۾ هجرت ڪري وڃڻ لاءِ رستي ۾ ڪو روڪ نہ ڪري ۽ اهڙي پاس ملي.

✓ گورنمينٽ سان قطع تعلقات ۽ ترڪ موالات (بائيڪاٽ) جي ترغيب. پر جيستائين اهڙو ڪو بندوبست ٿئي تيستائين ڪوبہ مسلمان سرڪار کي ڪابہ مدد نہ ڏئي، نہ ڪو ماڻهو فوج ۾ ڀرتي ٿئي ۽ نہ ڪو نوڪري ڪري ۽ نڪو چندو چيرو ڏئي يا قرض ڏئي. نہ انهن جي ڪورٽن ۾ فرياد ڪري جيڪڏهن پاڻ ۾ خدانخواستہ ڪو تڪرار ٿي پوي تہ اول ان کان درگذر ڪري ڇڏجي، نہ تہ شريعت موجب ان جو

فيصلو ڪنهن مولوي ۽ عالم کان ڪرائي. غرض تہ سرڪار سان سمورا تعلق ٽوڙي ڇڏجن ۽ پنهنجا سيئي تعلق خدا سان ۽ رسول الله ﷺ سان قائم ڪن. (پورو ٿيو)

حڪيم پير معين الدين ڪنيارين وارو مولانا عبيد الله سنڌي جي گروهہ جو ماڻهو هو پر خلافت تحريڪ ۾ بزرگ امروٽي جي اڳواٽي ۾ ڀرپور حصو ورتائين. پوئين دؤر ۾ جڏهن هو نابينا ٿي پيو هو ۽ نواب شاهہ ۾ مطب هلائيندو هو تڏهن ڀهرين تاريخ فيبروري 1965ع ۾ ڪجهہ سکڻ سمجهڻ لاءِ راقم ساڻس مليو. سندس مهربانيءَ سان سندس ڪتبخاني جي گهڻن ڪتابن کي ڏنم ۽ نالا لکيم ۽ پڻ انهن جي صفائي ڪيم ۽ خلافت تحريڪ بابت پڇيم. چيائين تہ 'ڀهريائين دهلي ۾ 'خدامِدين ڪانفرنس' ترڪي جي سلطان جي حمايت ۾ ٿي. عربستان جي شريف حسين انگريزن جي اثر هيٺ, ترڪي جي سلطان خلاف جيڪو خليفة المسلمين هو بغاوت ڪئي هئي. ڪعبة الله تي گولا بازي ڪئي وئي جنهن جي احتجاج ۾ ڀهريائين سنڌي ۾ 'خون حرمين' رسالو شايع ٿيو جيڪو پوءِ ضبط ٿيو. دهلي جي ڪانفرنس ۾ هندوستان جا وڏا اڳواڻ شامل ٿيا. سنڌ مان آءٌ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي وياسون ۽ امروٽي صاحب جو خط کڻي وياسون جيڪو مون حڪيم اجمل خان کي پهچايو'.

- چيائين تہ خلافت تحريڪ ۾ هندن جي ڪانگريس مسلمانن سان تعاون ٿي ڪيو جنهن جي زور ڀڃڻ لاءِ انگريزن وڏيون ڪوششون ڪيون. سنڌ ۾ محمد علي پنهور سنڌيءَ ۾ 'وتوهڙ عنوان سان رسالو لکيو. محمد علي اجا 1965ع جيئي 'امن سَيا' تنظمي قائم ڪئي. انگريزن جي اشاري تي, خيرپور رياست جي وزير شيخ محمد ابراهيم خيرپور ۾ "محدبن... ڪانفرنس" سڏائي جنهن جو صدر مرزا قليچ بيگ هو. بزرگ امروٽي آيو ۽ ٻيا ڪارڪن بہ پهتا جن ۾ شيخ نور محمد, شيخ عبدالمجيد, جان محمد جوڻيجو آءٌ ۽ ٻيا شامل هئاسون. شيخ نور محمد زبردست تقرر ڪئي. بزرگ امروٽي ۽ ڪارڪنن جي هن گڏجاڻي بعد سنڌ ۾ خلافت ڪانفرنسن جو سلسلو شروع ٿيو'.

- چيائين تہ: خلافت جي بحالي جو ٺهراءُ سڀ کان اول سنڌ ۾ پاس ٿيو.

# سدا حيات سورهيہ صبغت الله شاھہ

دنيا جي تاريخ ۾ عظيم انسان ٿي گذريا آهن، جن حق ۽ انصاف لاءِ، مُلڪ ۽ مِلت جي خدمت، عظمت ۽ آزادي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. سنڌ مان سورهيہ صبغت الله شاھ انگريزن جي سامراجي حڪومت خلاف جنگ جوٽي، جن کيس شهيد ڪيو(1943ع). پر پوءِ چئن سالن اندر سندن حڪومت ختم ٿي ۽ ملڪ آزاد ٿيو.

سيد صبغت الله شاھ 13۔ صفر، سنہ 1327 هجري ۾ ڄائو. سندس والد پيرپاڳارو سيد شاھہ مردان شاھہ وڏي علم وارو هو ۽ عالمن جو قدردان هو. ديني ۽ اسلامي تعليم خاطر، ”تفصير ڪوثر“ جي نالي سان قرآن شريف جو تفسير تيار ڪرائي ڇاپايائين جيڪو سنڌي ٻولي ۾ قرآن شريف جو پهريون تفسير هو.

12هين صدي هجري (18هين عيسوي) ۾ جناب پير پاڳاري محمد راشد صاحب سنڌ ۾ اسلامي تعليم ۽ روحاني ترقي لاءِ درگاھہ جو پايو وڌو ۽ سندن وفات کان پوءِ سندن فرزند سيد صبغت شاھ (وڏو) پهريون پير پاڳارو هو جيڪو هن گادي تي ويٺو. سورهيہ صبغت الله شاھ تي بہ سندس والد ساڳيو نالو رکيو. 1339هجري (1925ع) ۾ والد جي وفات بعد پاڻ ڇهون پير پاڳارو ٿي گادي تي ويٺو. اڳ ملڪ ۾ پنهنجي آزاد حڪومت هئي. ان وقت پهرئين پير پاڳاري سيد صبغت الله شاھہ سکن جي وڌندڙ طاقت کي روڪڻ لاءِ مدد ڪئي. ٻئي پير پاڳاري سيد علي گوهر شاھہ ’اصغر‘ جي وقت ۾ انگريزن سنہ 1843ع ۾ سنڌ تي حملو ڪري قبضو ڪيو ’اصغر‘ صاحب جي عمر ننڍي ٿي ۽ ڪانئن پوءِ سندن فرزند، ٽئين پيرپاڳاري سيد حزب الله شاھہ، انگريزن جي ڌاري حڪومت خلاف قدم کنيو ۽ تُرڪي جي سلطان ڏانهن خط لکيو تہ انگريزن کي هتان تڙي ڪڍيو وڃي.

حزب الله شاھہ صاحب ان مقصد لاءِ جماعت جي طاقت کي وڌايو ۽

بارهن چؤڪيون ناهي هڪ مضبوط نظام قائم ڪيو. سنہ 1309هجري ۾ سندن وفات کان پوءِ انگريزن پير پاڳاري جي درگاهہ جي جماعت جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ وڏي پيماني تي پوليس جي طاقت استعمال ڪئي جنهن جي ظلم خلاف سنہ 1896ع ۾ پهرين ’حُر تحريڪ‘ شروع ٿي. انگريزن حُرن کي سالن جا سال لوڙهن اندر بند رکيو ۽ پوءِ انهن کي پوليس جي ٿاڻن تي حاضري ڏيڻ جو پابند ڪيو.

سورهيہ صبغت الله شاهہ شهيد 1922ع ۾ پيرپاڳارو ٿيو. ان وقت سندس عمر بارهن سال هئي، پر ٿوري ئي وقت ۾ ڪيس پنهنجي جماعت توڙي سنڌ جي عام ماڻهن خلاف انگريزي حڪومت جي ظلم ۽ ڏاڍاين جو احساس ٿيو ۽ پوليس جي خلاف آواز اٿاريائين. ان تي حڪومت طرفان مٿن ڪوڙو ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو ويو. اهو ڪيس سکر ۾ هليو ۽ محمد علي جناح صاحب (قائد اعظم) سندن طرفان وڪيل ٿيو. جناح صاحب جڏهن ڏٺو تہ ڪورٽ انصاف ڪرڻ بدران پير صاحب جن کي سزا ڏيڻ چاهي ٿي تڏهن ڪيس تان هٿ کڻي هليو ويو. پوءِ انگريزن پير صاحب کي سنڌ کان ٻاهر اماڻيو ۽ اٺ سال (1930— 1938ع) هندستان جي جيلن ۾ رکيو.

پير صاحب وڏو بهادر ۽ سورهيہ هو. حڪومت جي سختين جي پرواهہ ڪانہ ڪيائين ۽ رَتنا گري جي جيل مان سلامن پيغامن ذريعي سنڌ ۾ جماعت کي صبر ڪرڻ ۽ پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي ترغيب ڏنائين. انهيءَ تي انگريزن، پيرصاحب کي رتناگري مان ڪلڪتي اماڻيو. اتي سياسي اڳواڻن توڙي انگريزن جي مخالف انقلابين ساڻن مخفي طور لاڳاپا قائم ڪيا. اُن وقت ٻي وڏي جنگ لڳڻ واري هُئي ۽ هڪ بيان موجب بنگال جي وڏي انقلابي سياش چندر بوش طرفان پير صاحب جن کي پيغام پهتا. انگريزن ضروري سمجهيو تہ پير صاحب کي بنگال کان پري ڪيو وڃي ۽ انهيءَ ڪري جيل جي مدت پوري ٿيڻ تي پير صاحب کي آزاد ڪيائون ۽ پاڻ 1938ع ۾ واپس سنڌ پهتا.

هاڻي سورهيہ صبغت الله شاهہ مضبوط محڪم ارادي سان ۽ ساڳئي وقت وڏي بردباري ۽ دانائي سان، امن ۽ اصلاح جو پروگرام شروع ڪيو تہ جيئن سنڌ جي عام ماڻهن ۾ سجاڳي اچي ۽ پڻ جماعت مضبوط ٿئي. وڏي تاڪيد سان ترغيب ڏنائون تہ: (1) نشي کان مڪمل پرهيز ڪئي وڃي، (2)

بي اصول ۽ بداخلاق ماڻهن جي صحبت کان پاسو ڪيو وڃي، (3) پنهنجي پاڙي وارن جي مدد ڪئي وڃي ۽ سندن بچاءُ ڪيو وڃي (4) ولايت (انگريزن) جي ڪپڙي ۽ سامان بدران ديسي ڪپڙو ۽ سامان استعمال ڪيو وڃي.

ان وقت 'مسجد منزل گاهہ' سکر سببان فساد ٿيا. پيرصاحب 'غازي تحريڪ' شروع ڪئي ۽ پنهنجي غازين کي حڪم ڏنو تہ فساد بند ڪرائن ۽ ڳوٺن ۾ هندن ۽ ٻين هيٺن جو بچاءُ ڪن.

جاسوسن انگريزن کي پير صاحب جي ڪنيل قدمن بابت وقت بہ وقت خبرون پئي ڏنيون. غازين جي پرتي واري قدم حڪومت ۾ ترٿلو وجهي ڇڏيو ۽ حڪومت اخبارن ذريعي پير صاحب خلاف پروپئگنڊا شروع ڪرائي تہ جيئن پير صاحب خلاف قدم کڻڻ ۾ سولائي ٿئي. جماعت وارن مريدن توڙي پير صاحب سان تعلق رکندڙن جون لسٽون تيار ڪرائي انهن تي سختي شروع ڪئي وئي. ڳوٺن مان ماڻهن کي مجبور ڪيو ويو تہ روزانو اچي تعلقي جي ٿاڻي تي پوليس وٽ حاضري ڀرائين.

ان تي پير صاحب جن حڪومت وٽ احتجاج ڪيو تہ جيڪي ماڻهو ڳوٺن مان پري پري پنڌ ڪري روزانو تعلقي جي صوبيدار وٽ اچي حاضري ڏيندا سي پنهنجو ڪم ڪار ڪيئن ڪري سگهندا.

ان تي پاڻ وڌيڪ سختي شروع ٿي. ماڻهو مجبور ٿيا تہ پير صاحب جن چيو تہ روزاني حاضري نہ ڏيو.

جڏهن اهي ماڻهو پوليس جي چنبي مان آزاد ٿيا تہ انهن پنهنجا اڳواڻ چونڊيا ۽ ٽولن جي صورت ۾ حڪومت سان گوريلا جنگ لاءِ تيار ٿيا. هاڻي انگريزن پير صاحب جن کي ڪراچيءَ ۾ گهرايو ۽ زور رکيو تہ جيڪي ماڻهو حاضري تي نٿا اچن تن کي حاضر ڪريو. پير صاحب گورنر کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو تہ ماڻهن کي پوليس وٽ روزانو حاضري ڀرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي، انهيءَ ڪري هو حاضري نٿا ڏين. حڪومت انصاف ڪري ۽ صلح پسند ماڻهن کي هٿيارن کڻڻ تي مجبور نہ ڪري.

ان تي حڪومت پيرصاحب جن کي ڪراچي ۾ نظر بند ڪرڻ چاهيو ۽ کين چيو ويو تہ: اوهان ڪراچي کان ٻاهر نہ وڃو. هاڻي مقابلي واري صورت سامهون آئي جنهن کي ڪاميابي سان منهن ڏيڻ لاءِ، همت، عظمت، جوانمردي ۽ ارادي جي پختگي ۽ مردانگي جي ضرورت هئي. پيرصاحب وڏو

سورهيہ ۽ دلير هو. ان سان گڏو وڏي سياسي تدبر وارو هو. ظاهر ۾ تہ انگريزن جي حڪومت خلاف ڪو قدم ڪونہ کنيو هئائون. رڳو ڪانئن ماڻهن سان انصاف ڪرڻ جي گهر ڪئي هُئائون. پر هاڻي ضروري هو تہ مريدن ۽ ٻين خيرخواهن کي حقيقت کان آگاهہ ڪن. انهيءَ ڪري پيرصاحب جن حڪومت جو حڪم لتاڙي، ڪراچي مان روانا ٿي سانگهڙ بنگلي تي ۽ پوءِ درگاهہ تي پهتا ۽ سيني باهمت ماڻهن کي ايندڙ حالات کان باخبر ڪيائون.

حڪومت طاقت استعمال ڪئي. پيرصاحب جن کي گرفتار ڪري مٿن بغاوت جو اهو مقدمو داخل ڪيو ويو تہ پيرصاحب انگريزن جي بادشاهہ جارج ڇهين خلاف بغاوت ڪئي آهي. جماعت جي مکيہ ماڻهن کي ڳوٺن مان ڳولي گرفتار ڪري، ٻارن ٻچن سميت لوڙهن (concentration camps) ۾ بند ڪيائون. تڏهن حر فقيرن، سچن مريدن ۽ سندن ٻين ساٿين حڪومت خلاف ڪارروايون شروع ڪيون. ڦريائين ٽنڊي آدم لڳ لاهور ميل گاڏي ڪيرايائون. انگريزن پوءِ سنڌ جي گهڻن ڀاڱن ۾ 'مارشل لا' لڳايو ۽ هزارن ماڻهن کي قيد ڪيائون ۽ سوَن ماڻهن کي پنهنجي 'انڌي قاعدي' هيٺ ڦاسيون ڏنائون ۽ 3 مارچ 1943ع تي جناب پيرصاحب کي بہ شهيد ڪيائون.

سندن شهادت سان سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر انگريزن خلاف نفرت جو جذبو وڌيو. سنڌ ۾ جوان مردن، حرن، مريدن انگريزن خلاف پنهنجيون گوريلا جنگ واريون ڪارروايون جاري رکيون. هيءَ آخري جنگ هئي جيڪا هندستان ۾ انگريزن خلاف لڙي وئي ۽ سورهيہ صبغت الله جن جي شهادت کان پوءِ چئن سالن اندر 14 آگسٽ 1948ع تي انگريزن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو.

# زمانو بدلجي ويو!

زماني جو بدلجڻ يعني ٿوري گهڻي وقت بعد حالات جو بدلجڻ، انسان جي زميني زندگيءَ جو هڪ مسلسل عمل آهي، پر جڏهن اوچتو حالات بدلجن ٿا ۽ نَوَن مسئلن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ته ماضيءَ جي سک سانت وارا ڏينهن ياد پون ٿا. وقت گذرڻ سان ڏک وسري ويندا آهن، پر اڳيان سُک وري وري پيا ياد ايندا آهن. سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان اڳ، راڄن جي رضا واري سماجي زندگي هئي. راڄوڻي فيصلا ۽ راڄائتيون ڳالهيون هيون. سبب معلوم هئا ته تڪرار ڇوٿا ٿين ۽ طريقا معلوم هئا ته اهي ڪيئن نبيرجن. حڪمرانن جي دست اندازي ڪانه هئي. فقط وڏا مسئلا ۽ وڏا معاملا ٿي مير صاحب پاڻ نبيريندا هئا ۽ اهي فيصلا راڄن جي رخ مطابق، اهڙيءَ طرح ٿيندا هئا، جيئن رضانااما ٿين ۽ ملڪ ۾ صلح ۽ امن قائم رهي.

انگريزن 19هين صدي عيسوي سنه 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو. هجري سال 1259 جو محرم مهينو هو. عام فهم ٻوليءَ ۾ انگريزن تيرهين سن ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو ملڪ ۾ نوان قاعدا قانون ڪڍيا، پنهنجا عملدار وبهاريا ته ماڻهن تي حڪمراني ڪن ۽ انهن کي هيسائين. راڄن جي اڳواڻن کي ڦيرائي پنهنجو ڪيائون ته هو راڄن جي زور تي نه هلن پر حڪومت جي زور تي هلن ۽ راڄن کان بي پرواهه ٿي راڄن تي حڪومت ڪن. ايندڙ چاليهن سالن ۾، تيرهين سن جي آخر (1300ھ) تائين وڏو ڦيرو آيو ۽ چوڏهين سن ۾ ته جڻ سڄو چرخو ئي بدلجي ويو! تڏهن ڪنهن سگهڙ چيو ته:

تيرهين ۾ تال مَتيا، ويا چوڏهين ۾ چٽ ٿي
ادب ۽ حياءُ جي مهل وئي متجي.

جئين پوءِ تئين چوڏهين سن ۾، رِشتن، ناتن ۽ اخلاقي قدرن ۾ پَستي آئي. ايتري قدر جو چيائون ته: چوڏهين سن ۾ قيامت اچڻ واري آهي. ڪنهن سگهڙ ٻروچ ان وقت جي حالات تي بيت چيو ته:

چوڏهين سَن ۾ ساماڻا هڪ چُغل ٻيا چور
باندر وينو بادشاهه ٿي، نوڪر سندس نور
ساڌن سچن ماٺ ڪئي، جن جا هنيان ڪاڏا هور
انب ڏسجي ڪو هيڪڙو، سهسين گهمن سور
مور ڪبوتر ٿورا ٿيا، ڳهرون ڪانگ ڪروڙ
ڳڌهه گهمن گور، ويا ٻيلائي ٻروچ ڇئي.

سنڌ جي عام توڙي خاص ڌاري حڪومت جي آزار کي محسوس ڪيو. هڪڙن مقابلا ڪيا، ٻين ماٺ سان سَنو ۾ گهڻن هاءِ هاءِ ڪئي. عوامي شاعرن ۾ سگهڙن ڳالهين، پهاڪن ۾ بيتن ۾ اڳئين آزادي واري زماني کي ياد ڪيو. پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، انگريزن جي وقت وارا ڪامورا ويتر وڏيڪ ٻي لغام ٿيا ۽ ملڪ جي ترقي ۾ ماڻهن جي خيرخواهي جا رستا ئي رڪجي ويا. جڻ زمانو بدلجي ويو!

هڪڙن سياڻن چيو ته: 'زمانو ڪونه ٿو بدلجي: زمانو ساڳيو آهي پر ماڻهو بدلجي ويا آهن.' انهن جي نظر ڪن ماڻهن جي ڪُڌن ڪرتوتن تي پئي! ٻين چيو ته حالات بدلجي ويا آهن: انهن جي نظر مختلف سببن جي ڪري ماحول جي بدلجڻ تي پئي! ڪن پنهنجا اڳيان وَسندڙ ڳوٺ ۾ راڄ ڀاڳ ياد ڪري انهن جا ڳڻ ڳايا. ڪن پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن ۾ جلوا ياد ڪري ٿڌا شُوڪارا ڀريا! نه فقط عام پر عارفن پڻ اڳين وڏن الله وارن کي سِڪ مان ياد ڪيو. شاهه عبداللطيف چيو ته:

مون سي ڏٺا ماءُ، جني ڏٺو پرينءَ کي
ڪري نه سگهان ڪا، تني سندي ڳالهڙي.

ڪن سگهڙن اڳين سالڪن کي ياد ڪري چيو ته:

هِيرين گهورا هنجهڙا، ترين ٻَرين ٿورا
موتي جي مهراڻ جا سي ميڙيندڙ موڙا
هنجهه هليا، مور چليا، وچي ڪنگ رهيا ڪورا
جيڪي گفتي جا گهورا، سي گوهر گذاري ويا.

فضل ينيرو ويٺل نارو وڏي گن وارو وينجهار هو. هڪ سئو ورهين جي عمر ۾ پاڪستان کان اڳ گذاريائين. نبي داد ينيرو جيڪو هن وقت

(1994ع) سرتيو سگهڙ آهي، تنهن سان ڇُونڊڪي جي پريان ناري جي ويجهو قائم فقير ڀنيري جي دعوت (24— 1994ع) تي رهاڻ ٿي. فضل جو بيت آهي تہ:

وَهہَ ويا، وانهيرا وِيا، لَٿي ڇڏيا لَٿَ
گڏي ڇڏيون گوندرين، ڳالهيون اندر گهٽ
ڦوڙائي جا ڦٽ، مون سانڍِيندي سنساريا.

وهہ ويا، يعني اهي وهندڙ واهہ ۾ ڪڙيا ويا، ان لاءِ ٻيو انوکو لفظ 'نيڪام' آهي: چوندا 'اڳيان نيڪام ٿي ويا' اصطلاح طور 'وهہ ويا' معنيٰ اهي جوانيءَ جا جلوا ويا. وانهيرا ويا يعني اهي سُک وارَا اجها ۾ گهَر ويا. انهن ڪي زماني جي لَٿ لٿي ڇڏيو. تڏهن غمن گوندرن واريون ڳالهيون جيءَ ۾ جڙجي ويون. اهي فراق جا ڦٽ جيڪي مون اندر ۾ سانڍيا سي بہ سينوارجِي ويا (بوءِ ڪري ويا) تڏهن جواب ۾ نبي داد چيو تہ:

سانڍِيندي سينواريا، مانَ اُجاريندڙ اچن
ڪولي ڏيو خريدارن کي تہ هو هِيري هَٽُ هٽن
وَٽِج وارا ويسرا، هُت تا هَٽَ هَلن
جڏهن اچي محبوب ملن، تڏهن نئين سِجَ نوان ٿيا.

يعني سُور اندر ۾ سانڍِ تا تہ اُجاڙيندڙ (صاف ڪندڙ صحت ڏيندڙ) بہ ايندا. جوهرين وينجهارن (جاٽو سالڪن) وٽ ڪو وجي تہ هيري جي حڪمت وارو هٽ گهمائين. انهن سالڪن جا دڪان کليا پيا آهن، پر ڪو وٽج وارو وٽن وَجي! جڏهن اهي (اجاڙيندڙ) محبوب ملندا تہ صحت نئين سج نئين ٿيندي!

**19هين صدي جي آخر وارا حالات:** هينيان بيت سگهڙ پريي چانگ نٿي ۾ سنہ 1960ع جي آخر ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ٻڌايا. اهي بيت شاعر هيبت (چانگ؟) سنہ 1900ع ڌاري چيا. ان وقت ۾ ان کان اڳ، انگريزن جي حڪومت جي اهلڪارن جي رويي عوامي زندگيءَ ۾ جيڪو اضطراب پيدا ڪيو سو انهن بيتن مان ظاهر آهي.

هاٽي هن جڳ جي مان ڳالهہ ڪريان ڪيهي
دغل بازي دنيا ۾ پسو جا پيئي

غريب غربا، سيئي پَٽِ رهندا پيئي
ٽٽون، ٽوپڻ، لچ، لغور ڦري سڪر ٿيندا سيئي
حيا، لچ، هيبت چئي، سا ويچاري ويئي
سٽو سيئي، ته آخر زمانو آئيو.

باندر ٿيندا بادشاھ، نوڪر ٿيندا نور
هنجهن حدون ڇڏيون، ماڳ ڇڏي ويا مور
ڏسو دنيا جا دؤر، تي چگُن ڪي چريو ڪري!

سچ سويرو لَڏيو سڀ رياءَ ۾ راضي
پوَن گَجَ گڏهن ڪي، ٽَڙجن پيا تازي
ويا مور مرِي، ڪنگ ٻٽيا قاضي
ٻَنِي اها بازي، پَسو جا پيدا ٿي!

سچ سويرو لَڏِيو ڪُوڙ رهيو ڪورو
عقل ڪنهن اشراف ڪي ٿانءَ رهيو ٿورو
چگو مڙس چغليءَ تي چوري ٿيو چورو
پَسُ زَماني زورو ڦِريا دؤر دنيا جا.

سچ سويرو لڏيو ٿيو ڪُوڙ قَضا
مٿن مائٽن پاڻ ۾ وڏا وير وڏا
'جيءَ' چون جوءِ کي، 'ڦوٽ' لڳي ماء
وَريا انڌا واء، ڦِريا دؤر دنيا جا.

سگهڙ حامِد چيو ته:

ماڻهو جيئرا مُلڪ ۾ پر خلقت وئي کِري
نڪو ساءُ نڪا صحبت، نڪا ذوق ذَري
پنهنجي حرص هَوا ۾ خلقت وئي کَرِي
ڪُوڙ ءِ گلا جِي پيري بڌائون يَري
ٽئڙي ٻَالھ ٻُري، پسو حال حامِدُ چئي.

شاعر جعفر، جواني واري دؤر جي سُکن ءِ سَجڻن کي ياد ڪندي چيو ته:

پريت پراڻي تي، ادب ويو اخلاص
وبئي محبت ماڻهن مان، مِٺَن چڏيو ماس
ڏَندَ، ڏاڙهُون ڏُورِ تيا، چَبڻ ناهي چاس
نظر'وچي نابين تيو، تن اندر ڪي تاس
وڌي ڪائي ڪونہ ڪو ماڙهوءَ سندو ماس!
وئيو وچج واس، جعفر چئي جهان ۾.

---

هٿي دلِ، هيجُ ويو، سِڪَ ڪنيا سامان
وبئي ويچاري نڪري جا مِهر هُئي مهمان
ڪو ڏينهن قريبن لئي، منهنجو من تيو مستان
هاڻي جعفر منجهہ جهان، ناڻي وڪامي نينهن تو.

- **1932ع بَراج جي ڪلڻ سان رهڻي ڪهڻي ۾ تبديلي:**

جڏهن سالن صدين واري رهڻي ڳهڻي ۾ تبديلي ايندي آهي تہ اها تبديلي جيتوڻيڪ فائدي واري هوندي آهي تہ بہ جذبن ۽ احساسن واري دنيا ۾ اڳين ريت رسم وري وري پئي ياد ايندي آهي. سنڌ جي آبادي صدين کان وٺي سنڌو درياءَ جي پاڻي تي هئي. اُتل ۽ بوڏ وقت زمينن تي پاڻي ريل ڇيل هلندو هو باقي اٽل کان سواءِ واهن ۽ ڪڙين ۾ پاڻي زمين جي سطح کان هيٺ وهندو هو. ڪنهن اڳئين زماني کان سنڌ جي ڪاريگرن ڪاٺ جي هڪ ڳل ايجاد ڪئي، جنهن سان واهن، ڪڙين مان هينيان پاڻي ڪڍي مٿي آندائون. اها ڳل هئي اُرلو هُرلو ايٺُ يا نار. 1932ع ۾ سکر بئراج جي واهن وهڻ سان اڳيان نيڪامر (واهہ ۽ ڪڙيا) لٽجي ويا ۽ زمينن تي پاڻي موڪ وهڻ لڳو پر ڪڙين ڪورن تي جيڪي هرلن ۽ نارن جا ڇهڇٽا هئا سي ختم ٿي ويا. رهڻي ڪهڻي ۾ بہ وڏو ڦيرو آيو. اڳ درياءَ جو پاڻي چار مهينا هوندو. جو ڪيتي جو ڪم هلندو هو. اٺ مهينا ماڻهو فارغ هوندا هئا ۽ ميلا، محفلون ۽ ڪچهريون پيون هلنديون هيون پر اڄ واهن کان پوءِ بہ فصل ٽيڻ لڳا ۽ سڄو سال ماڻهو ڪم ۾ قابو ٿي ويا.

سکر بئراج جي نڪرڻ سان جيڪو زندگي ۾ ڦيرو آيو تنهن کي ڳهٽن سگهڙن، شاعرن پنهنجن بيتن ۾ بيان ڪيو. 6 نومبر 1994ع تي جهوني سگهڙ قاضي الله ورايي نظاماڻي (شال جيئي!) پنهنجو بيت ٻڌايو تہ:

سکر بئراج آيو سنڌ ۾، وئي موج سندي ماڻهن
جت چٽا چانور چوکا هئا سِڪ گهٽي سارين
باڙيا بِدڙيا بيشمار هئا، هيون قطارون ڪانگِڙين
سِگهڙيا سابُو سرها، هئي سونهن گهٽي سونهرين
موتيا، گنجا ملڪ ۾ هيون راهون رَتڙين
ڪايو گهٽو خوش ٿيندا هئا، اهو مَرڪ ماروئڙن
هڪڙا ويندا هئا ولايت ڏي، پيو هو وڻ واپارين
ڪيڙيون، رونبا، روِتيُون، اها ڪار بہ ڪُڙمين
اهي سڀ سَرَ سُجا ٿيا، اڄ وارو ڪونہ وربنِ
ڦِنا واهہ وَهڻ ڪان، جڏهن مُنهن ڪيا موڪن
هُرلا نار سڀ نڪري ويا، جي هئا ڪڙا منجهہ ڪڙن
جوڙا سڀ جدا ٿيا، ڇڏيا مانداڻا مينهن
وڏيون محبتون ملڪ ۾ ڇڏيون چوباريون چگن
ٻَڌري جي ٻِيَڻ ڪان ساءُ مَٽيو سنگتين
آسڻ سڀ اُجهامي ويا، اڄ دونهان پيا دکن
زمين پرزا پرزا ٿي، جنهن کي وڍيو اچي واٽرن
نمبر نشانيون نڪري ويون، ٿيو آرو ايڪڙن
ڊِلون سڀ ڊگهيون ٿيون، آهي تاءُ تپيدارن
اعليٰ آفيسرن ملڪ ۾ اچي ڪاهہ ٻڌي ڪامورن
رياءُ رشوت رڙهي آيا، مسڪين پيا مارجن!

پهرين سٽ ۾ قاضي چانورن جا نَو قسم ڳڻيا آهن، جيڪي اڳ لاڙ ۾ ٿيندا هئا: يعني باڙيا، بِدڙيا، ڪانگڙيا، سِگهڙيا، سابو سونهري موتيا، گَنجا ۽ رَتڙيا.

- **ياراني ۽ دوستي جا معيار بدلجي ويا:**

اي سجڻ! 'ياراني' ۽ 'دوستي' ٻئي عام ٻوليءَ ۾ ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن. پر سنڌ جي محبت واري مام ۾ 'ياراني' جو مانُ مٿانهون آهي: اها چڻ خاص ۾ خاص سچي ذاتي دوستي آهي. چوندا: 'ادا، فلاڻن جي پاڻ ۾ ياراني هئي: هو وڏا يار هئا!' اڳ 'ياراني' جي تصديق ۽ اظهار لاءِ هڪ ٻئي سان پٽڪا مٽائيندا هئا: هڪ پنهنجو پٽڪو يار جي مٿي تي رکندو هو تہ آڏو

يار پنهنجو پٽڪو سندس مٿي ۾ وجهندو هو. هنن جڻ پڳون مٽايون ۽ پڳ مَٽُ يار ٿيا. هن وقت اهڙا يار ڳوليا لڀندا، چاڪاڻ جو هاڻي ذاتي مطلب زور وٺي ويا آهن.

اڍائي سئو سال کن اڳ، ٻارهين سن (ٻارهين صدي هجري) جي ڪنهن سالڪ چيو ته: 'سچي ياراني' ڏهين سَن (هڪ هزار هجري سن) تائين هئي. يارهين سَن ۾ به ڪجهه رسمي رواجي هئي، باقي ٻارهين سَن ۾ جڻ ختم ٿي وئي!

يارانې يارن جي هزار ورهيه هُئي
يارهين ۾ بہ يار هئا رُوءِ رواج رُئي
تهان پوءِ مٺي، ٻارهين ۾ ٻَنا ڪري
ٻَنا ڪري، يعني وڏا ٻنا ٿاهي ظاهر ظهور پَڌري پَٽِ

تيرهين صدي ۾ شاعر حمل خان چيو:

ياراني يارن مان ويئي ٽڙي ويئي
گڏيل هئيءَ گُمان ۾ سا پڌري ٿي پيئي
سڪ، محبت، ساءُ، نٽڙي ويا ٿيئي
ڪنهين کي نيئي، حمل حال سُڻائِيان.

اڳ دوستيون سچيون هيون تہ ميارون بہ وڏيون هيون. ساجن وساڻ ۽ شيرخان بروچ ٻئي گهاٽا دوست هئا. شير خان ڪان ڪا پل ٿي ويئي ۽ ساجن مُنهن مٽي ويو. تڏهن شير خان ساجن کي پرچائڻ ۽ مڃائڻ لاءِ سنيهو موڪليو تہ:

آءَ تہ نينهن نباهيون، چنڻ ۾ چاهي
آڳانڊو آهي، جئن ڪو ترهو تار ۾.

يعني محبت وارو ناتو هڪ آڌر ۽ آسرو آهي جيئن تار درياءَ ۾ تُرهو. ساجن جواب موڪليو تہ:

پڳو سجو نہ ٿئي، توڙي سنئين طرف سُواءُ
ريهي سان راس نہ ٿئي، ساجن اچي نہ ساءَ
دل ڏتارڻ آهہ، ڪو سمجهائي شيرخان کي.

يعني پڳي شيءِ سڄي ڪانہ ٿيندي جيتوڻيڪ واءُ سواءُ هجي ۽ سنئين طرف سٽائو لڳي: ريهہ سان پڳل شيءِ سڄي ڪانہ ٿيندي، ڏتارڻ سان دل

ڏتاري نہ سگهبي.

ٻئي ڪنهن سگهڙ چيو تہ:

ڀڳو سڄو نہ ٿئي هڪ موتي ٻيو من،
ڏيئي ريھ رُٻي ڪي ڳنڍيو صرافن،

يعني رهہ ڏيڻ سان رُٻو ڳنڍيو. موتي ۾ من ڀڳا تہ سڄا نہ ٿيندا.

حمل خان چيو تہ:

حمل چئي هن حال جو ويهي ڪئم ويچار
تہ دل لڳي دوستيءَ جو ڇا مُل آهي مقدار
تان اندر مان عقل چيو نُڪتو هي نروار
'لڳي تہ لک هزار، ٽُٽي تہ ٽَڪو نہ لهي'

پر ڪنهن وڏي سالڪ چيو تہ:

پرت پراڻي نہ ٿئي، جي ڳنڍيندڙ هوءِ.

# ويا سي وينجهار

سنڌ، ناڙي ۽ لس ٻيلي ۾ جتي ٻه ڪچهريون ٿيون، اتي مقامي شاعرن جو ذڪر آيو. گهڻن اهڙن سگهڙن سالڪن جا بيت لوڪ ادب جي ڪتاب ”بيت“ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هيٺين شاعرن مان ڪن جا بيت رهجي ويا ۽ ٻين جا بعد ۾ گڏ ڪيا ويا.

- **محمد علي رند**

محمد علي رند، شهواڻي، ويٺل ڪنري ۽ حسن رند اسٽيشن جي وچ تي پاڪستان واري سال (1947ع) ۾ گذاريائين. ڪينسر، تعلقي چاچري ۾ 16 آڪٽوبر 1983ع تي ڪيل ڪچهري ۾ سندس هيٺيان بيت مليا:

موڪل ڏي ملير وڃان، وڃي ڇيلائي ڇيڙيان
مَٿيون مانڌاٽين سين وڃي وير ٻه ولوڙيان
ڪيٺ وڃي ڪيڙيان، موٽي تن مارن سان.

---

مِينهن تي مارن جا وسي پيا وَلهار
سَيئي ٻوٽيون سايون ٿيون تانڪارن جا تار
پَچي پيو پٽن تي ٻگروئي ٻيهار
چُٽيو اچن چاهه مان چوڙيليون چؤڏار
چاڙهن ٿيون چاهه ڪريو ڏوٿياٽيون ڏهپار
تني وٽ هيڪار، وڃي مران تہ مانَ لهان.

فتح محمد سنگراسي سان 14 جنوري 1978ع تي رهاڻ ٿي، جنهن ۾ رحيم ڏني پلي، سومار مگرئي ۽ مرزي نوحاڻي جا هيٺيان بيت ٻڌايائين. مرزي جا بيا بيت لوڪ ادب جي ڪتاب ’بيت‘ (ص 196) ۾ شامل آهن.

- **رحيم ڏنو پلي:**

نڪر نماڻي، نينهن ڳرو ارٿ اُليڙي پار
هوتن ڪارڻ هيترو وڏ؏ جيءَ جنجار

پيير نهاري، پڳ ڪٽي، تون نڪري گس نهار
پلي چئي، پرينءَ ري تون گهڙي هت ۾ گهار
گولي تي گذار، سڄر ڪارڻ سسئي!

سڄر ڪارڻ سسئي ڏي ونڊر ۾ واهون
ڏونگر ڏاڍو ڏاڪڙو اتئي آڳاهون
ڇُلي چڙهج چپرين ڪج دوست لاءِ دانهون
سانگو مَ ڪر ساهه جو پيير مَ ڏر پاهون
ڏيئي لوليون لڪن تان لنگهج پپ بہ پراهون
براهمڻ تون برن ۾ ڪر سسئي صدائون
تہ تنهنجون رڙيون رحيم ڏنو چئي سٽي آرياڻي آهُون
پنهل چام پچائون ڪري هاڙهي ۾ هُت تُنهنجيون

- سومار مگريو

سومار مگريو، پاڙو گاگن، عمرڪوٽ طرف جو ويٺل، اندازاً 1900ع ڌاري جيئرو هو.

ڪاري رات ڪنن ۾ ڏس سهٽيءَ سچائي
اپ ڪپو اوڙاهہ وهي، لهرين لولي لائي
ڏسيو دؤر درياهہ جو مُڙي نتي مائي
ساهڙ سان سچائي، اتس محبت جي مگريو چئي.

- ڏاتر ڏنو

جاڳي جان دَر طاق، هُئي سُتي سيج بَندن تي
ڪيچين ڪاهيو قافلو ڪيڏيءَ وير قَزاق
دَست هنيو دانهون ڪري، هَي هَي هيبتناڪ
ڏکن تنهن کي ڏاتر ڏنو چئي، چير وِڏا هُن چاڪ
ميڙٻِس پنهون پرور پاڪَ، نہ تہ وڏو فرق فراق جو.

- مرزو نوحاڻي

ڪاري رات ڪنن ۾ جت ڪُنَ بہ ڪڙڪا ڪن
پون وَڏَ وجود ۾، چِڙا جيئن چُرن
متر تن مينهنِ جا تا بيلي منجهہ بُرن

محبت جن مرزو چئي سي ڪيئن سک سمهن
سانپير ٿا سُڄن، سرتيون مون ساهڙ جا.

- خميسو

مبارڪ جو ٽڙ، تعلقي ڇاڇري ۾ مرحوم محمد حسن خان رند جي دعوت تي ڪيل ڪچهري ۾، شاعر خميسي جا بيت ڪنهن سگهڙ ٻڌايا ته:

آيم اباڻي پار جا سهڻي منجهه سلام
مينهنِ وسي وسون ڪيون وُٺا مارن جا مقام
مون ڏاران ملير ۾ ڪن ماڙيچا ماتام
واريءَ تي وِرسن گهٽو گجريون ڇڏي گام
ڪاهڙ ۾ خميسو چئي پڪا ارزئون ڪيٺ انعام
وهان ڪئين وريام، تو وٽ سانگياٽي آءُ سومرا!

---

سُتي لڏم سهٽو ڏيل اندر ڏيهي
وڻ ورندا، ڦُلَ نٽڙندا، ڦر چَرندا، گهر جُڙندا،
ورهيه ورندا، طرح ڏنم تيهي
مارو مير منجهه مليِر ٻين ڪير، تڏيءَ هير ڪِهُ ٻيڻ گيهي
اسين ڪوڪڙ آٽيون، چپڙ چاڙهيون، پر پٽن ويهي
عمر اتي ئي، مون ساري رات راند ڪئي.

- غني

7 مارچ 1962ع تي ڳوٺ گل محمد پتافي تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ڪنهن سگهڙ غني جو هيٺيون بيت ٻڌايو: اهو معلوم تي نه سگهيو ته غني ڪٿان جو هو.

جاڳئين جاڳئين سسئي، جاڳئين پهر نه ڪو
جنهين پهر پنهل ويو پهر نه جاڳئين سو
اهڙا گن، غنيءُ چئي، توکي ڇڏي وٽڙا چو
هاٽي رِنگ نه ڪِين رو دَوڙ ته پڇين دوست ڪي.

- نهال

نهال فقير پٽ واسُو چانديو ويٺل ابڙا، تعلقو ميرپور بٺورو. 1910ع ڌاري جيئرو هو. هي بيت 15 جنوري 1965ع تي بٺوري ۾ ڪيل ڪچهري ۾ مليو.

نياز مان نهال چئي، چيتي پيرو چا
هِت ڪرين تو لَر لَر لوڪ سان، ڪُچڻ ڳالهہ نہ ڪا
هِت جون نہ سهين جان تي، هُت ڪر ڳل ڪينئِن جا
هَت ڳتڙا ڳيهو وجين، هت اتئي عدل آگي جا
اُت آٽي رکندئي اڳتئُون قول ڪتابت جا
چئو ڏسندين چاندبيو چئي، جيڪي توکان ڏوهہ ٿيا
سرور جام سچا، تِج نِگهبانُ نهال چئي.

مريد پالاري:

وينل ٿَڪُ مڪان، ڪوهستان جو سگهڙ شاعر هو. سندس ٻيا بيت لوڪ ادب جي ڪتاب ”بيت“ ۾ پڻ شامل آهن.

مارئي:

جهنگل سندين جهُوپڙا، پونگا منجهہ ٻرنِ
سُرَهي باس سومرا، اچي غاريبن گهَرنِ
اُني تان اُني جون ٻِهُون ٻَٺ چَرنِ
سي مليرَ - چايون، مريد چئي واڳيون ساڻ ورن
ٿيون تاڏيليون ٿَرنِ، مُندنِ اُترِ مِينهڙا.

سسئي:

سسئي تي سَرهہَ ڏنا جن جا گهارِينِ اندر گهر
پچائين تي پَسُنِ کي: ’ڪي لنگهيا ساڻ سَبَر‘!
محبوب لاءِ مريد چئي ڏوريم ڏيهہ ڏونگر
وَهَلو وَرِجُ وَرَ اچج آماني ۾ ٿيان.

- هالو. هيٺيون بيت ۽ مٿيان مريد جا بيت علڻ فقير بحراڻي ٻڌايا.

اکين کي اوچتو جڏهن دلبر ڏنو درسن
ملڻ ڏاران محبوب جي هڪ ٿِڙ نٿيون ترسن
جدائي ۾ جانب جي راتو ڏينهن روئن
هالا شال هجن، سامُهيون ٻَئي سجڻين.

- **علڻ فقير**

الياس عرف علڻ فقير بحراڻي، پُٽ ماروءَ جو ٻِپَر، پاڙو جيسر، عمر 75 سال،

ويٺل 'سال' ۾ ڳوٺ حاجي ماڪُو ٻبر. ساڻس 24 جولاءِ 1962ع تي رهاڻ تي جڏهن راقم سال ۽ جهرڪ واري علائقي بابت احوال معلوم ڪرڻ لاءِ جهرڪ واري بنگلي تي رات رهي ڪچهري ڪئي. علڻ فقير 'مارئي' بابت سندس چيل بيتن جو داستان ٻڌايو جنهن مان ٽي بيت مثال طور هيٺ ڏجن ٿا.

ساراهيان سچو ڏڻي جو جڳ ڪي جياري
ڪئين ڏُليا پنهنجي ڏيهه تي وڇوڙي واري
ڏيئي آبُ اجيڻ ڪي پلُر پياري
آهم سڪ سرير ۾ من ڏاتر ڏيکاري
اباڻا علڻ چئي ڪڏهين ايندم اوتاري
سرتين ڪي ساري، روئي وهايم راتڙي.

---

تون ڪڏي ڇڏ ڪوٽن مان تہ وڃي ڏسان ڏاڏاڻا
رهن ريلن ڪنڌئين، ڪن واريءَ وچاڻا
پهون چارين، وَلَرَ وارين، ڪن پٽن تي پاڻا
مَتيان ڪين ماڙيءَ تي اُهي پکا پراڻا
اباڻن جا علڻ فقير چئي آهن ترن ۾ تاڻا
علڻ اَباڻا، ڏِني مونکي ڏينهن تيا.

---

ڪر آجي عمرڪوٽ تان تہ آئون وڃان ويڙ وري
ڪڙا تنهنجي ڪوٽ جا پوندا ڪرف ڪري
ٻڪر باباڻن جا وڃي چاريان ٿر ٿِري
لوئي مون لُڙڪن سان پڄي تي پَري
سا ڪتي ڏُونديس ڪاهڙ ۾ جا ميري آ مَرِي
اباڻا علڻ چئي ايندم اُت اُڱري
پُوئان ماڙين منجهہ مري، تہ بہ نِجا مڙهہ ملير تي.

پهرين بيت جي ٻي سٽ جي معنيٰ تہ: ڌڻي پنهنجي مهر سان ڪئين ڏتڙيل (ڏليا) ۽ وڇڙيل (وڇوڙيا) وطن تي واري (موٽائي آڻي). ٻئي بيت ۾ 'ريلن ڪنڌئين' جي اصطلاحي معنيٰ تہ سڏن پٽن تي. 'ريل' جي اصل معنيٰ درياءَ جو پاڻيءَ لڳ پاسو جتي رڌ اُڇلي ۽ ڳهٽي سڏي زمين ڪڍي (ناهي).

علڻ فقير سال مڪان ۾ درياءَ جي وبجهو رهندڙ هو ۽ انهيءَ ڪري ٿر جي ماروئن لاءِ بہ پنهنجي پاسي واري ٻولي آندائين. حقيقت ۾ 'مارو' 'پِڻن جي پَرِ' رهن تہ ڪچي ۾ مال وارا 'ريلن ڪنڌيين' رهن. 'ميري آهہ مري' ۾ 'مري' جي معنيٰ مَرَ واري

- **حاجي محمد علي ٻبر**

اڪين جون عالم ۾ آهن ڇهہ ذاتيون ۽ چار
هڪڙيون پسن پرين کي ٻيون انڌن جي آچار
ٽيون تمڪن تانڊي جئن، عاشق اُت نهار
چوٿيون چَروُن رتيون پري بيٺيون ٻُنبار
پنجيون اڪيون پوڇڙين سان آهن ڪرڙيون ڪوڙيءَ وار
ڇهيون ڇڪي جندڙو وڏائون جيءَ جنجار
سَتِيُون اڪيون سور جون ونجهليو ڪن ويچار
اَنيون اڪيون ننڊ جون جي ڪَڇن ڪين خمار
موليٰ ڏنيون منهن ۾ ڏهيون جي ڏاتار
سي پسن ٻليتائي ڪانہ ڪا ڏٽين ڳنا ڏار
اڪين جا اَوَتار، ايڏا آهن عالم ۾.

حاجي محمد علي جي بيت سان لاڳو علڻ فقير 'اڪين' تي هيٺيون بيت چيو.

يارهيون اڪيون پنهنجي يار جو دم دم ڪن ديدار
ٻارهيون اڪيون ٻاجهہ پريون آهن نماٽيون نروار
تيرهيون تَرسن ڪينڪي ٽِينَ پيڙبون ساڻ پتار
چوڏهيون اڪيون چنڊ جئن منهنجي سجڻ جو سينگار
پندرهيون اڪيون پوڇڙيءَ مان نيڻ وهائن نار
سورهيون اڪيون سِيل رکيو سهسين ڪن سينگار
سترهيون سَتائن رب کي تہ اسان جو پرم رک تيار
ارڙهيون اڪيون عالم ۾ ڪن دنيا جو ديدار
اوڻيهيون اڪيون علڻ فقير جون پيئُون سڪن لاءِ سردار
آئي ويهين جي وار، تہ سِڪي گڏيون سجڻين.

- **شفيع محمد جلباڻي**

وينل لڳ راڏڻ مولوي هو. سنه 1962ع ڌاري مديني شريف ۾ وفات ڪيائين. رسالي جي تتبع ۾ بيت چيائين جيڪي راقم 7 جولاءِ 1968ع ۾ گوپانگن جي شهر ۾ (تعلقو ڪنڊيارو) سگهڙ غلام رسول گوپانگ سان ڪچهري ڪندي ٻڌا. مثال طور هي ٻه بيت ته:

هڪ جبل جو جهيڙو ٻيو ماريس مونجهه مڙن جي
فَوَيل الذين ظلموا، اتم اهو اوسيئڙو
شفيع محمد شوق ۾، منهنجو سَنڌو نه سيڙهو
مرسل سان ميڙو، ٿيندم شال حضور ۾.

---

هيڪر هيڏي آءُ، ته توکي ڏهوٽي ٿيان
ڏکن ڏيل ڪنبائيو سک نه ساٿي ساءَ
اهدنا الصراط المستقيم، تون وني واڳ وراءِ
شفيع محمد ساٿ جا تون پيرا پنڌ پڇاءِ
آرياڻي تون آءُ، ته لهيم ڪس قلب جي.

- **دلمراد مري**

دل مراد پٽ عيسيٰ خان مَري ٻڌاڻي. 1910ع ڌاري ڄائو هو. 29 جولاءِ 1968ع تي ڳوٺ عيسيٰ خان مري تعلقي ميرپور خاص ۾ هيٺيان بيت شاعر جي ڀائٽي عيسيٰ خان (ان وقت عمر سٺ سال) ٻڌايا. ڪيس گهڻا بيت ياد هئا.

سورهين سڪون سانگين جون مونکي هئين منجهه هُرن
چونڊي ڦوڳ هٿن سان چارين منجهه چُرن
وچينءَ جو وڏن تي هو پُٻن تي پهرن
دم دم دلمراد چئي، آءُ جاد آهيان جيڏين
مٿو مور نه ڏٺان مَرُ مَرَ هجي مينڍن
پٽ پرهينديس ڪينڪي اڏو ٻنڌ انگين
جي تون ساٿ گهڙائين سومرا سي تنهنجا سيئي سڙن
جا مون کي ڏني آلي اباڻن، سا سونهي منهنجي سينڌ تي.

- **حيات لغاري**

وينل ڳوٺ پليو خان لغاري، تعلقو سنجهورو. 1900ع ڌاري ڄائو هو.

سالڪ شاعر هو. عاشق کي سندس صلاح تہ محبوبن جي محتاجي مڃ:

مَڃ محتاجي تن جي، روح غريبي رهہ
وِرچ نہ تن جي ويڻن مؤن، سامهڻان سهہ
رات اتي وڃي رهہ، هئنيڙا گهار حيات چئي.

- **قائم شاهہ جيلاني**

قائم شاهہ جو ڳوٺ، ڀيلاڻي (ضلعو نوشهرو فيروز) کان ڏيڍ ڪوهہ کن ڏکڻ- اوڀر طرف موجود آهي. ٽالپرن جي دؤر ۾ ٿي گذريو. قائم شاهہ اڪثر زماني جي گردش ۾ ماڻهن جي متجڻ تي بيت چيا:

دريائن دؤر چڙيا، وسن نہ مينهن مُداءِ
شينهنِ شرم ڇڏي ڏنو گدڙن ڪيو گاءُ
سڻي ڳالهہ سيد چئي ٿيو ڊپُ گهڻيرو ڊاءِ
هاڻي باري ڪر بچاءُ قادر قائم شاهہ چئي.

---

سچ سمجهہ هليو ويو ڪوڙ رهيو ڪورو
عقل اڻ جاڻن کي ٿانءُ رهيو ٿورو
هنجن سندي ذات تي ڪيو ڪانوَن ڪانگورو
حاڪمن حڪومت ڇڏي، ٿيو ظلم ۾ زورو
قاضي قضا نٿو ڪري شرع ۾ تورو
زميندار جوءِ لئي ٿو گهري جُتي ۾ جورو
رڍ ٻڪري ڪين وننديس، وننديس غازي ڪو گورو
پيس حرام هڏن ۾ ٿيو پورو ئي پورو
سيئي نہ سيد چوي آهي ڪو ڪو ص دؤر و
ٿيو زماني زورو باهر ٻاڦون ڪيئون.

- **جاني منگريو**

گاگن، ٻاڙو ابڙا، ڳوٺ ڇچرو تعلقو نارو. سگهڙ ٿوهر فقير ڀنيري، سومريجي تي ڪيل ڪچهري (13 فبروري 1986ع) ۾ ٻڌايو تہ جاني انگريزن کان اڳ ميرن صاحبن جي وقت ۾ ٿي گذريو.

ڪيچين ڪَرَهَہ پلاڻيا مَيا ۾ مازي
ويا بچيندا ڀنيور مئون، ترسيا نہ تازي

گور ٻڌي آيا گنگھرون، گونگن کي غازي
رب جني راضي، وندر تن کي ويجھڙو.

ـــــــ

ڪيچين ڪَرَهَہ پلاڻيا، هِتئون جي هوتن
سَهجئون سي سينگاريا بوتا بلوچن
جبل چڙھيو جاني چئي، آڏيءَ مهل اُتن
سي مَيا شال موتن، جيڪي پنهون وٺي ويا پاڻ سان.

- **ڏنو فقير مڱڻهار**

وينل سلطان آباد کان ڏکڻ اوڀر، 19هين صدي ۾ گذاري ويو.

ٻَڪا ٻَڪن سامُهان، پيهون پيهن وٽ
ڪٽي ويا ڪاهڙ ڏي، ڏارو ڪيائون ڏَٽ
مال تني جا مُوهر ۾ تا ڀهريون چَرن ڀَٽ
مُئي مڱڻهار چوي، قيد ڪڙولا ڪَٽ
مارو هٿا مون وٽ، سي اُني وِٺڙا اُڪِري.

- **رازق ڏنو فقير وندير**

وينل سينارجا هينيان، 1920ع ڌاري ستر پنجهتر ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. 'ميلڪ ڪافر وارو قصو' جوڙيائين، جنهن مان سندس هتيان بيت:

- آن جو ڏيانءِ سنيهڙو منهنجو ڪانگل ڏجانءِ ڪُل
بر ۾ بيراڳڻ سان تيو حشر جيڏو هُل
سيد چڙهيا دُلدُل، هي روئي تو رت گاڏئون.

ـ

- آن جو ڏيانءِ سنيهڙو منهنجو شمس ڏج شتاب
ڪولج قريبن تي ڪتابئون ڪتاب
لکج لفافي تي ساري عمر ثواب
ويا وس وندير چئي، ڪائڻ خوشيون خواب
چڙهي جوان جواب، هي روئي تو رت گاڏئون.

ـ

- آن جو ڏيانءِ سنيهڙو منهنجو سوچي ڪج صحي
لال ڏنا هئم لاڏڪا ڪٿڙم صاف سَهي

رڻ ۾ رازق ڏنو چئي، پارس ڪونہ پئي
سي ويا سِجَ لَهي، هي روئي ٿو رت ڳاڙهئون.

- ملار جاگيراڻي

ملار پٽ مير دوست جاگيراڻي. صادق آباد طرف جو 1951ع ڌاري گذاري ويو. سسئي جي سُر مان چيل سنڌس ڪي بيت، لوڪ ادب جي ڪتاب 'بيت' ۾ شامل آهن.

جانب جهڙو جڳ ۾ آءُ ڏسان ڪونہ بيو
پِيتيُون ڪيف قلوب ۾، وَتي خان ڪِيو
اوجر تنهن عجيب جو ٻري لاٽ ڏِيو
ماڙيءَ منجهہ ملوڪ اچي پائيندم لِيو
مٿي ساهہ سِيو تيندم معافيون سڀ ملار چئي.

- صالح ڳاگناڻي مهر

وينل 'ميان ڪنڊي جي تلاءُ' جو تعلقو ميرپور ماٿيلو. ڳوٺ جيوڻ خان پتافي لو ۾ 9 مارچ 1969ع تي ڪيل ڪچهريءَ ۾ شاعر غمتار مَهر هيٺيان بيت ٻڌايا. چيائين تہ صالح گهٽو اڳ گذاري ويو.

بولو هوند پيچان، مون ڪي جهالر تي جهوري
ڪين پائينديس ڳهہ ڳچيءَ ۾ پنهل ڪئون اوري
سر صدقو صالح چئي، وجهان هوند گهوٽ مٿان گهوري
ڏونگڙا ڏوري، ڏسان هوت اکين سان.

---

بولو هوند پيچان، ڪامِيان هوند ڪٽي
اولون تي اکين ۾، پيس چتن منجهہ چٽي
ٻاريائين ٻاروچي لاءِ ٻر ۾ باهہ گهٽي
سورن جي صالح چئي مون وبني ڳالهہ ڳٽي
ڪري مانَ ڏٽي، رهي وجن ڪا راتڙي

- غفور خاصخيلي

وينل ڪنگورو، تعلقو ڏگهڙي، 1935ع ڌاري گذاري ويو.

مٿان واو وري ويا، ڪيا واحد وسڪارا
آءُ جڏهين هت ڪيئن جيان عمر ان ڌارا

هت ڪٽن، ڪير ڪتيريون پوشيديون پارا
تن کي گڏجان شال غفور چئي ڏسان سانگي سوپارا
عمر ڪي آرا، منهنجا محڪم هٿا مارن سان.
(پوشيديون= صاف ستري لباس واريون. پارا= برتڻ، ڪير جا)

- دائم خاصخيلي:

طيب جو ننڍو ڀاءُ هو. طيب بيتن جو وڏو شاعر هو ۽ سندس ڪي بيت لوڪ ادب جي ڪتاب ۾ آندل آهن.

ٻڪر ٻاٻاڻن جا ڇيلا ڏين چالون
وارن ورت پنهواريون ات زور منجهان زالون
تن اَرٿ الوڙي ڇڏيا مون مٺيءَ لاءِ مالهون
هت درد مان، دائم چئي، ڪيون مون نياڳي نالون
ستي سنياليون، مارو لهندم ملير جو.
(مالهون= ارٽ يا چرخي جون. نالون (ف ناله ها) = دانهون)

- رب رکيو جَت مِنا ٽي.

ويٺل ڳوٺ ٻِنا، تلاءُ سَنديارا، ابڙاسو(ڪڇ) 19هين صدي ۾ ٿي گذريو.

جا مَنَ تنهنجي سومرا، سا ميان نہ اسان جي مَن
هِت گلن جايون وهن واهيون، هتَ تڏيون چانيون ڇَن
جتن تو وٿ دهل دَماما، تتن هت ٻڪر ٻوليون ڳن
جتن هَت ڪنڌا اڏائين، بنگلا ٻڌائين، تتن هت ڍنگر ڍارين واڙيون واڙا ڳِن
جتن تون وٿ آما ليما سومرا، تتن هت پيرون پَٽ پَچنَ
جتن تون وٿ سنگ مصرين جا، تتن هت ڪيرين ڪئونر ڪين
تنهنجا سيج بند سومرا ڪتون سپ ڪامن
جايون م چامن، جي ڏين ڳچو ڪرڙم ڪي.

---

راضي ٿي رب رکيو چئي، چڏ عمر آٽانگي
هي جا ملهہ مهانگي، سا ڪيئن لوئي لاهيان!

- **قادر ڏنو شاهه**

ڳڙيي گهنور جي پرسان آڳڙي جو ويٺل، اهل دل درويش هو. عمراڻي بلوچ سندس مريد هئا ۽ سندس سهاري ڪي سنڌ ۾ آيا. سندس هيٺيان بيت معنيٰ وارا آهن.

سچ سهائو نہ ڪري، واءُ نہ وڃي ڇت
قريبن ڪارڻ تَتِ اسان ڄَهر پيجي جهرڪون ڪيون.

- **الله داد پنيرو**

ناري جو 19هين صدي ۾ تي گذريو. هيٺيون بيت ڳوٺ شوڪت پنيرو (نارو) ۾ 28مارچ 1982ع ۾ ڪيل ڪچهري ۾ سگهڙ نبي داد پنيري ٻڌايو.

ڪيچي ڪيچئون آئيا، ڏيئي ڏير ڏَتو
ڪونج پجايو ڳنجرو رائي منجھ رت
اونين جو الله داد چئي ڪونهي پَت پتو
ڪيچي هو نہ ڪچو پر توکي سور لکيل هئاسسئي!

- **نتالو گبول**

حاجي محمد سوڍي بگهياڙ (لڳ ميرپور ساڪرو) وٽ ڪيل ڪچهري ۾ هي بيت وڏي سگهڙ مرحوم حاميد رند ٻڌايو.

جت موتين جو مينهن وسي، ملن ماڻڪ بي بها
تون اڳڻ نہ وڃ ان جي جن وٽ قدر تيمت ناهہ
ڪميٽي جي قرب ڳنا، داناءُ جو چابڪ چڱو آ
ان نالائق سان نتالو چئي، هلي پنهنجو وڙُ ڪيم وڃاءِ
هو جي ڪن صدقي ساهہ، وڃي رهہ پاڙي تن پارسن جي.

- **امين چانديو**

ويٺل ڪالي والي، لڳ پنگ رياست بهاولپور جو. 19هين صدي ۾ 1862ع ڌاري تي گذريو. سندس هيٺيان بيت سگهڙ گل محمد عالماڻي ٻڌايا، جڏهن دوست مرحوم حسن علي خان پتافي جي مهرباني ۽ ميزباني سان، تاريخ 8جون 1962ع تي شهر اوباوڙي ۾ وڏي ڪچهري ٿي.

_هن جهان ۾ چڱي عمل بابت:

سودي ۽ سوداگر جي هي موچاري جاءِ

انب، ڪتوريون، ڪيواڙا بيا چوڪيا ميوا چاءِ
انئي پهر امين چئي، ٻج ڏٽيءَ جي ڏاءِ
سوڪو وکر وَهاءِ، جو لهرين ڪئون لنگهي چلون.

سسئي بابت چيل بيت:

جارون جَت گڏيوس، عينن سان امين چئي
سچي نيٽين سوجهرو پرين ڏانهن پيرِوس
اداسو اندر جو تَنهن وير ويوسِ
صفا ساهه تيوس، اوساران عجب جي.

—

گهٽ گهٽيون ۽ گهيڙ گهٽا، ڏونگر ڏاڪا ڏارَ
اَڻ- نهيون امين چئي، ڪيئن ٽپنديون پار
توڙي وَسن تا وٽڪار پر نوبت وڄندي نينهن جي.

هنن بيتن ۾ اتي جي مقامي ٻولي جا لفظ آندل آهن، جن جي معنيٰ سمجهڻ ضروري آهي. سسئي جي پهرين بيت ۾ جارون معنيٰ جڏهن. آخري سٽ ۾ اوساران معنيٰ محابي، طفيل ٻئي بيت ۾ اڻ- نهيون معنيٰ بي ٻٽيون، ' نهو معنيٰ بڙ بنياد.

- جنيدو وساڻ،

ڳوٺ پنهنجو تعلقو سنجهورو،19هين صدي جي آخر ۾ ٿي گذريو مارئي:

پنوهارن پابوهيو آيا واهوندا وري
هنئڙو جهورين جهوريون، چاڪن ڪيس چري
ڪش اچن ڪوٽ ڪينڪي،نڪي هن دؤرن هِري
سانگين ڏانهن سري وڃي گڏ گڏاريان.

—

پنوهارن پابوهيو ڪيا واهوندن وَس
ڏنائون آروڙا آنهن ڪي، تازا، ڪياءَ تس
جوڙيائون جنيد چئي، گوندا متي گس
اجهائون اَوَس، آهن عمر اباڻي راڄ جون

—

پنوهارن پاٻوهيو ملڪ پيا مينهن
جيڏين لاءِ جنيد چئي تي روئي راتو ڏينهن
ڪنڌ ڪٽندي ڪيئن، مَنهن ماروءَ چام جي.

—

پنهوارن پاٻوهيو ڪيا واهوندن وَرَ
سدا سونهن ان جا چنا ۽ چپرَ
قدر ميلين ڪڌهين مونکي پاڙيچا پرور
سانگياڻي سرور، تون پنهنجي راج رسائين.

رامڪلي:

اڄ نہ اوطاقن ۾ ويا ڪنهن ولات
آسڻ نهاريم ان جا پرھ اٿي پريات
جوڳين لاءِ جنيد چئي روئي وهايم رات
ڏک ڏنائون ڏات، سمورو ئي سورن جو.

—

اڄ نہ اوطاقن ۾ ويچارن وائي
آڳ اجهامي ڪينڪِي جا لاهوتين لائي
جيءُ اندر جنيد چئي هيءُ جوڳين جڙائي
آهيان جن سامن سڏائي، سي ويا نانگا نڪري.

- **گبرو خان نوحاڻي:**

گبر پٽ گلشير نوحاڻي، پاڙو سنجراڻي(تعلقو ڏگهڙي) 1930ع ڌاري گذاريائين. سگهڙ شاعر هو. سسئي جي سرمان سندس هيئيون بيت:

هٿ ڪٽيو هَڪلون ڪرين تون چپر ۾ چوٽي
گَڏيئي ڪو نہ، گبر چئي، ڪو ڏونگر جو ڏوٽي
جَت پيچين جو ٽي، سو آري جام اڳي ٽيو.

گبر نالي شاعر جا بيت راقم شاگرديءَ واري زماني (1930_1935ع) ۾ پنهنجي ڳوٺ جي سگهڙ حاجي ساجن لغاري کان ٻڌا جن ۾ آخري سٽ جو پويون اڌ هن طرح هو تہ: ”غالب سُور گبر چئي“ تي سگهي ٿو تہ اهي گبر خان نوحاڻي جا هجن، يا اجا اڳ ڪو ٻيو شاعر گبر نالي ٿي گذريو.

# سنڌي ٻولي

• زيرِ زبَر

ڪجهه وقت اڳ سنڌ جي سڄاڻ ۽ اديب محترم علي احمد بروهي هڪ دلچسپ مضمون لکيو هو جنهن جو عنوان هو ' زير زبر ' بعد ۾ ڪنهن صاحب مون کي چيو تہ: بابا پهريائين زبرون، پوءِ زيرون ۽ پوءِ پيش پڙهبا آهن: ڳالهائڻ ۾ بہ جيڪو زبر کي پهريائين آڻجي ۽ زير زبر ' چئجي تہ بهتر! مون کيس ٻڌايو تہ زير زبر' ٻوليءَ جو هڪ خاص اصطلاح آهي، جنهن جي ٻن لفظن ۾ اڳ پوءِ ٿيل آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ٻيا اصطلاح بہ آهن. مثال طور آبادگار، هاري، ڪڙمي، ووني‌ٽڻ بابت چوندا تہ گل ٻاتي تي آهن. جيتوڻيڪ اڳ ۾ ٻاتي(مکڙي) ۽ پوءِ ان مان گل نڪرندا ٻاجهري يا جوئر جو قد بيان ڪندا تہ چوندا: جئو ڏيڏي چوٽڪ ۾ آهي'، حالانڪ جوئر وڌندي تہ پهريائين 'چوٽڪ '، ڪڍندي ۽ پوءِ ڏيڏي ڪان پوءِ ڏيڏي ۾ ايندي. ڏيڏو اهو پريل ڳيپ آهي جنهن مان پوءِ آخر سنگ ٿيندو. ڏيڏي ڪانپوءِ نيسَر ۽ پوءِ 'ٻورو '، پوءِ ' ڪيرو 'يا جيءُ، پوءِ آيون يا آنيو ۽ آخر ۾ ستون يا سنگ. نار ۽ پوڪ جي نالن ۽ اصطلاحن سان، سچل سائين جي هڪ مشهور ڪافي آهي جنهن جو ٿلهہ تہ:

دم دم جي ديدار جي، آهي نظر اسان جي نار تي.

ان جي هيٺين مصرع ۾ ڏيڏا چوٽڪ جو اصطلاح آندل آهي، يعني ' ڏيڏا' اڳ ۾ ۽ چوَٽڪ ' پوءِ:

ڏيڏا چوٽڪ ڪري وچي نسري، ڳنا انهيءَ جا ماکي مصري

جهڙيءَ طرح 'زير زبر' جو اصطلاح، جنهن ۾ زير اڳ ۽ زبر' پوءِ آهي. تيئن جمع ۾ بہ چئبو 'زيرون زبرون' ۽ نہ زبرون زيرون. مصري شاهہ نصرپوري وڏو اديب شاعر ۽ ٻوليءَ جو بادشاهہ هو. سندس ڪلام مشهور آهي جنهن جو ٿلهہ آهي:

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ

ان جي هڪ مصرع آهي تہ:

سُڻ ميان خليفا آخوند خبرون، عشق وڃايم زيرون زبرون
پيش ڦِري ٿيا جزما لام، ڦَرهي انهيءَ ڪان ٿياسون فارغ.

اي سنڌ جا سڄاڻ اديب! ' قافي ' سنڌ جو قديم نظم آهي ۽ ان جو ڳائڻ ' ڪافي ' خاص سنڌ جو راڳ آهي. ' قافي نظم ' ۾ سنڌ جي عارفن ۽ شاعرن ٻولن ۽ معنائن جا موتي پوئي ڇڏيا آهن تنهن جي ذوق ڪي وڌائڻ خاطر. ' زير زبر ' جي اصطلاح جو ٻيو سهڻو مثال ڏجي ٿو. جيڪو 13هين صدي هجري جي وڏي شاعر مهدي شاهہ(مير واهہ گورچاڻي) جي هيٺين ڪلام ۾ آهي. جنهن جي مصراعن ۾ هن الف ـ بي آندي آهي.

ٿلهہ آهي تہ:

زير زبر شَد مَد، هر نقطا
پيش جزم ڪون جلد سينگار

ٻي مصرع معنيٰ واري آهي:

'جيم جمال الاهي جلوا' ' حي ' پڙهہ حمد حسن هزار
' خي ' خدائي ملڪ بہ تيرا، تون مئن خالق خلقٹهار.

آخري مصرع:

'همزه' آپ هوسي هِڪ حاڪم، 'لا' نہ رهسي جڳ جنسار
مهدي صورت بَن ٿَن آوي، 'يي' يقينان ٿي هڪ وار.

اي سڄاڻ! اجا بہ وڏي عارف شاعر عبدالله فقير ڪاتيار جي هيٺين قافي ۾ ' زيران زبران ' جو اصطلاح آندل آهي.

ٿلهہ: سانون نقطا يار پڙهيا هي
الف اَن بَن ان بِن ان بن آيا

1ـ زيران زبران، تکيا تبران، زامي ميم ڪڙايا هي
2ـ بت متي ڪا، خاڪ ڪا پڇرا، آپي آپ هلايا هي
3ـ گهر عبدالله دي آپي آڪر، مخمد نام سڏايا هي

- **سنڌي ٻولي زيرن زبرن واري آهي**

انگريزن جي حڪومت کان اڳ مڪتبي تعليم واري دؤر، سترهين کان اوڻيهين صدي تائين، سنڌ جي آخوندن ٻارن کي توڙي وڏن کي سنڌي

ٻولي زيرن زبرن سان پڙهائي. ان دؤر جا ڪتاب زيرن زبرن سان لکيل آهن. انگريزن جي اوائلي دؤر ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ جا درسي ڪتاب زيرن زبرن سان لکيا ويا ۽ سنڌي جا ڪتاب جيڪي پوءِ بمبئي مان ليٿو ۾ ڇاپيا ويا سي بہ زيرن زبرن سان ڇپيا. هن ويهين صدي ۾ جيئن پوءِ تئين سنڌي ڪتابن ۾ زيرون زبرون گهٽ ڪيون ويون تان جو پاڪستان(1947ع) کان پوءِ واري دؤر ۾ درسي توڙي بين علمي ادبي ڪتابن ۽ رسالن ۾ زيرون زبرون ماڳهن ختم ڪيون ويون جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ کي صحيح طور تي پڙهڻ ۽ سمجهڻ واري اعليٰ مقصد کي وڏو نقصان پهتو آهي. هن وقت وڏي اڪثريت انهن پڙهيلن جي آهي جيڪي، 'شاهہ جو رسالو' سامهون رکي بہ صحيح نٿا پڙهي سگهن. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ درسي ڪتاب مڪمل طور تي زيرن زبرن سان لکيا وڃن. بين علمي ادبي ڪتابن ۽ رسالن ۾ بہ ضروري زيرون زبرون ڏنيون وڃن.

ابتدائي تعليم جا استاد ٻارڙن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ وهارين تہ" سنڌي ٻولي زيرن زبرن واري ٻولي آهي". ايتري قدر جو حرف ساڳيا هوندا تہ بہ جدا زيرن زبرن ڏيڻ سان جدا لفظ جڙندا. مثلاً:

سپ= پاڻي جي سِپي      ڪپَ= ڪپ جو وڻ

سَپ=نانگ بلا      ڪَپ= ڪپڻ مان امر

سُپ= ڇج      ڪُپ= ڪُپڻ مان امر

ڪي ساڳيا لفظ ساڳي زير زبر هوندي بہ جدا جدا معنائن وارا هوندا مثلاً:

- اُتَرُ(طرف)، آتَرُ( واءُ)، اُتَرُ (جواب) اُتَرُ (مٿان وڏيڪ رقم)
- آچارُ (ڏينهن)، آچارُ(فيصلو)، آچارُ (ڪٽاڻ)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ساڳين معنائن وارا وڏيڪ لفظ آهن. استاد شاگردن جي دلچسپي لاءِ ' تہ- وايا' منظوم ڪن جيئن تہ:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| بَدنُ | جسمَ | بُتُ - | مُند | موسم | رُت |
| ڪِلڪ | قلم | ليکڻ - | ڊول | ساجن | سجڻ |
| اوڏَڻُ | پرَهڻ | ڏَڪڻ - | مرڪڻ | مُشڪڻ | پابوهَڻُ |
| بختُ | نصِيبُ | ڀاڳُ - | ڀاڄي | سبزي | ساڳُ |
| جيڏو | سَرتو | جيِسُ - | تابُ | هَڪل | هِيسَ |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| وَکُ | وِهُ | زَهَرُ | – | ذاڍَ | ظُلم | قَهرُ |
| پِٽي | کيھ | ڏَڃَ | – | ڍَئو | پُڃ | رَڄ |
| پوتو | ليپو | راڳو | – | سُتڳُ | چونڳِي | لاڳو |
| پرهيز | رَکَ | ڪِري | – | مرض | بيماري | مِري |
| ٽِپو | چالُ | لأهُ | – | اونهون | اوڙاهُ | آتاهُ |
| ردُ | روشن | ڏينهن | – | اَبرُ | باران | مينهن |
| زَهر | مصري | ترار | – | نُهَندُ | نيئڃُ | اوزار |
| اويان | آنهُ | آواڙو | – | آهلُ | لَهُ | لاڙو |
| ڍال | سِپر | کيڙي | – | ڊونڊي | ڪَشِتي | ٻيڙِي |
| قبضو | ڪرڙيو | مُٺ | – | ڪرنگهو | سَڏِري | پُٺِ |
| ڪانڌُ | مڙسُ | پَئِ | – | جهي | جهانءِ | لَئِ |
| باجهئون | سواءِ | ڏاران | – | بدلي | عيوض | پاران |
| مثل | وانگر | ڳهاءِ | – | مَچُڙُ | جِمَرَ | مَتان |
| مُنو | ڳاهہ مُنو | نيهُ | – | توڙُ | اَنتُ | چيهُ |

اي سرتيا!چارئ تہ مٿين لفظن مان ' اويان' ۾ نون غنو آهي. قبضو ڪرڙيو ۽ مٺ، جتي هٿ وجهي ترر جهلجي. ان جا نالا آهن: ڪرنگهو سڏري ۽ پٺ تيئي ترار جي پٺ جا نالا آهن. ڳهاءَ معنيٰ وانگر. اها ميرپور ساڪري ۽ ڪاري جي ٻولي آهي. ڳاهہ ڳاهبو آهي تہ ان لاءِ وچ ۾ ' منو' ڪوڙيو آهي. اهو ڳاهہ۔منو(ڳاهہ جو منو) آهي ۽ ان کي نيهہ بہ چئبو ' نيهي ڏاند ' اهو آهي، جيڪو گهٽي چڪ سهي ۽ نيهہ سان لڳي وهي.

# سنڌ جي اوڀڙ (نباتات) جو مطالعو

"اني جئن مورن، اوڀڙ وَلھارَنِ ۾"

اي سڄڻا! ڄاڻ تہ سنڌ جي زمين مان جيڪو بہ سَلو ڦٽي نڪتو آهي تنهن جو نالو آهي بين ملڪن ۾ گاهہ مڙيئي گاهہَ پر هت هر گاهہ جو نالو آهي. راقم سنڌ جي گاهن ۽ ٻوٽن ڪي گهڻو ڳوليو آهي ۽ انهن تي سوچيو آهي. ' لوڪ ادب ' هيٺ سنڌ جي وڻن ٻوٽن ٻوڙن ولين گاهن بابت، ٻيٽن ۽ مٿالن سان، هڪ ڪتاب لکڻ جو ارادو هو پر منهنجي مهربانن لوڪ ادب جو ڪم بند ڪيو تہ متان وڏيڪ ڪتاب لکڻ جي ڪري منهنجو مان مرتبو وڌي وڃي! افسوس جو لوڪ ادب سلسلي جي تحقيق کي بند ڪري وڏو نقصان ڪيائون.

اي سياڻا! پهريائين هيٺين ورڇ (اڪِلاسِي فِڪيشن) کي سمجھ جيڪا سنڌ جي پنهنجي ' علم نباتات مطابق آهي.

**اوڀَڙُ-**

هر سائو سَلو جيڪو زمين مان ڦٽي نڪري ٿو سو ' اوڀڙ' آهي

**وڻ-**

اهو جنهن جي پاڙ واري ڪاٺي مٿي ايريل ۽ ٿُلهي ۽ وزندار هجي. ڪاٺي صفت وڻ سان لاڳو آهي: جنهن جي ڪاٺي ڪجھ سخت سو وڻ ليکبو.

**ٻُوڙو -**

جنهن جون هڪ يا گهڻيون سنهيون پاڙون. جن مان سنهيون ڏگهيون لامون مُچو ٿي مٿي وڌن ٻوڙو. ڪاٺ ۾ ناهي ، پر ڪکن ۾ شامل آهي. ٻوڙي کي مال جي ڪاڌي جي لحاظ سان ' گاهہ ' سڏجي، پر هر ٻوڙي جون پنهنجيون پنهنجيون خصوصيتون آهن.

ٻُوٽو-

جنهن جي پاڙ هڪ ۽ اها سڌي سنئين هيٺ زمين ۾ ۽ مٿي سنهڙين لامن يا پنن جو جهمهٽو ٻوٽي جو نشان ٻن آهن. پن اڪثر سنهڙا سيلا. ٻوڙي جون لامون لسيون. ٻوٽي جون پنن واريون. اهي ٻوٽا جيڪي بيمارين ۾ علاجن طور ڪم اچن سي، ٻوٽيون سڏجن.

وَل-

جنهن جي پاڙ هيٺان زمين مان ڦُٽي مٿي اڀي نہ اُسري، پر پٽ تي پکڙي يا ڪنهن ٻوڙي يا وڻ تي وڪڙ ڪائي چڙهي.

گاهہ-

سنهيڙين ڏاندين سان، پاڙ ول وانگر. پر زمين تي نہ پکڙي ۽ ايو اُسري

ڪک يا گاهہ-

اصطلاحي معنيٰ مال جو چارو. جنهن ۾ وليون ٻوڙا، ٻوٽا سڀ شامل. چوندا تہ: هن سال.مينهن پيو ۽ مال لاءِ گاهہ ججهو ٿيو آهي يا چوندا تہ: مينهن ڪو نہ پيو ملڪ ۾ ڪک(گاهہ) ڪونهي.

وَڻ-

سنڌ ۾ وڻن جو جنسار وڏو آهي ٻيلن ۾ توڙي ٻيلن کان ٻاهر ڪئين وڻ! پر ٿَر ۽ جبل (ڪوهستان) ۾ عجيب قسم جا وڻ آهن. جيئن ٻبر سنڌ جي وڻن جو سرواڻ آهي. تيئن ڪبڙ ٿر جي.وڻن جي اڳواڻ آهي. 'روهيڙو' ٿر توڙي ڪوهستان جا عجيب ڊول وارا وڻ آهن. ڪانگ ۽ وَينَگو' ٻئي ساڳي وڻ جا نالا آهن. پري کان ائين جو چڻ جاگري ٻيري جو جهنڊ. ڪُونيٺ ۽ ڪير (جبل ۾ اهو نالو) ٻئي ساڳئي وڻ جا نالا آهن. جبل جو خاص وڻ ڳَهُوَ آهي، جنهن جي ڪاٺي لوهہ وانگر سخت آهي. شهدادڪوٽ ۾ دڪانن تي 'ڳهو' جون سهٽيون سڏيون لٺيون عام وڪامن. سياري ۾ شڪار وارا ڳهوُ جي پنن جي ڇانهہ ناهي پين . بلوچستان طرف ڳهوُ کي خَط سڏين. بيروني خَط جي وڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جا پن مقوي آهن. آمريڪا جي هڪ پروفيسر مون ڏي ' خط ' جي وڻ جي سڃاڻ لاءِ لکيو جنهن کي ٻڌايم تہ سنڌ ۾ عام جنس جو نالو ڳهو ۽ بلوچستان ۾ ڳهوُ جي خاص جنس جو نالو خط آهي. ڳهوُ جي مضبوط ڪاٺي جو مثال ميين شاهہ

ڪريم هيٺين بيت ۾ آندو ته

سڄڻ جان سَهو ته ڳر روحَ رُڇنڊِيونُ،
سندو ڪاٺ ڳهو پتوئي ڀَر سَهي.

وٽن جو بيان وڏو آهي ۽ وري پيا ڪنداسون ذهن نشين ڪرڻي آهي سا هي ته:ڏگها ۽ وڏا وڻ سڃاڻڻ لاءِ سولا آهن. پر ڪن ٻين جي سڃاڻپ ضروري آهي مثال طور ٿَر ۾ هي سڀ ' وڻ' سڏجن ۽ وٽن ۾ شامل آهن:ٻائري يا ٻَئونر(ن غنو)، آَڪ، ڪبَ، ڳاڱِي، ٻوهه، وَٽهر، تاڪر، لاٽو لاٽي، سِڻ، ڦوڳ، ڄِهٽِ ' ماروڙي' ٻي آهي ۽ ٻيري 'ٻي. ٻائري سنهين لامن وارو وڻ آهي ۽ ٻائري جي پاڙ مان(جيڪا سخت ٿئي) ياڳيا جهيرٽا ناهين. ڄِهٽ جڻ ڪپڙ جي پيڻ آهي شاعر ڄِهٽ جو نالو آندو آهي ته:

ڳتي پِپون، ڪتي ڄِهٽون، ڪتي لاٽا، ڪتي ليار

عام ڪپڙ جو وڻ ڪارو آهي ۽ ان جا پيرون ڪسارا ٿين. پر ٿر جا ڪبڙ منا سنڌ ۾ لاٽي ڪي به وڻ ڪري لبڪيائون ڳجهارت آهي ته:

ٻه-وٽي شهر ٿيو ته نرنان ناهه ملڪ ۾

(وڻ=لاٽي. ٻه -وٽي=ٻه لاٽي=ٻيلياٽي شهر=بغداد نرنان=پنهون، ملڪ = ڪيچ)

ٻيلياٽي بغداد ٿيو ته پنهون ناهه ڪيچ ۾.

**ٻُوڙا**

هيٺيان ٻوڙا آهن: ڪانهه، سَر، ڪير، ڪِپ، سيڻ ، ڇَڳ، مُونهه، ٿُمون، ٻورهاڙو يا سُرهاڙو، ڳتَڙَ(سرهو وهاڻن ۾ وجهن)، ڊريپ، پيرٽ، ڊامڻ، مرٽ. مرٽ جو وڏو ويڪرو ٻوڙو ٿئي. پوڪيل ٻجن مان ٻاجهري، جوئر، ساري، ڳوار ۽ تر به ٻوڙا آهن مال جي ڪاڌي جي لحاظ سان ٻوڙا، سڀ گاهه ۾ شمار ٿيندا. سڃاڻپ جي لحاظ سان ٻوڙا وڏا ڏگها ۽ گاهه سنها ننڍا.

**ٻُوٽا**

هي ٻوٽن ۾ شامل آهن:ڊراماهو گهوڙا ول(ٻوٽو آهي پر ان نالي سان سڏجي)، ڪرسڻ، ڌَڪڙي، لانيو(جنهن جي ڦڙي ڪي مهنبو ته تيل نڪرندو)

ڪنڌاري ڪانڊيرو به ٻوٽو آهي، پر ويران پٽن ۾ جتي ٻي ڪا شيءِ ڪانهي اتي ڪانڊيرو به جڻ وڻ آهي. پهاڪو آهي ته جتي وڻ ناهي، تتي ڪانڊيرو به درخت!

## وليون

هينيون وليون ٿر ۾ وس تي ٿين: ڏڪڻ، گيگٽرال، پڳڙاول، توهه، ٽنگڙي، چيڙو بکڙو ناڙو گولاڙو ميهو سڻي، واهو (پوبون پنج وهنديءَ تي به ٿين) کيرا ول، ڇيري، ڪاٽونبو ڇلانبروءِ گگريون وغيره

## گاهه

گاهن جو شمار ئي ڪونهي؛هڪڙا وس جا گاهه جيڪي مينهن تي ٿين، ٻيا وهنديءَ (وهنڊڙ پاٽي) جا. پر ڪي گاهه وس تي توڙي وهنديءَ تي ٿين. ويڪر، لنب، کهه يا کيهه، ڪِرانجهه، ٻُنڊيِر، ونجهل، ڪوري، مانڊاٽو مانڊاٽي وغيره وس جا گاهه آهن. وس جو گاهه، سانوٽي، ساڳيو وهنديءَ وارو ساوڙي، کَهه گاهه ڪچو هوندو ته سڀ مال کائيندس:منو کير طاقت وارو آهي.

- پرٽ. هن جو ٻج واريءَ ۾ گڏيو پيو هوندو ءِ برسات سان ٿر ۾ ٻاجهريءَ سان گڏ ايرندو. گڏ نه ڪڍي ته ڪنڊا اهڙا ٿي ويندس جو ٻاجهري لڻي ڪا نه سگهبي.

- ٻُنڊيِر نرم توڙي، کهري زمين ۾ ٿئي ءِ سيڪو مال کائيس. ٿوري مينهن وسڻ تي ٻين گاهن کان اڳ تيار ٿي ويندو. پڪو ٿي ويندو ته کارو کٿو ٿي ويندو ءِ مال ٻيا گاهه کائيندو جيڪي نوان ڦٽي ويندا. البته ٻيا سڀ گاهه برساتن کان پوءِ ربيع سڪڻ تي سڪي پچي پري ويندا. پر ٻُنڊيِر سڪو ته به پاڙون هنيو پيو هوندو ءِ سياري ۾ مال جو قوت گذارن ٿيندو جئين وٽن ۾ ڪرڙ تئين گاهن ۾ ٻُنڊيِر. سڪار ڏڪار ۾ ڪم جو. ٻُنڊيِر جو ٻُري ۾ ٻُنڊين جي ڪاٽوئي ڪونهي، انهيءَ ڪري نالو ئي ٻُنڊيِر. شاهه جو بيت رسالي ۾ آهي ته:

> جئن ٻُنڊيون منجهه ٻُنڊيِر، تئن مون مَنِ ماروئڙن جيون
> پيئيون لَس لطيف چئي، هنئيڙي منجهه همير
> وجي منجهه ملير، سڀ چوڙيندس سومرا.

- سيڻ. گاهه خاص ڪري گهوڙو گهٽو کائيس، ننڍي ته ڪاري، جڏهن اچو سنگ ڪڍندي ته ٿيندي مِني.

-ونجهل. گاهه پاڙ ۾ سرهو آهي. سگهڙن ڳجهارت ۾ به هن گاهه جو نالو آندو

آهي تہ:

ڏِيٽي=اَڃن ۽ ڪارن ۾ مونکي آهي گاھہ ذاتين جي.
يَڃٽي=ڏينهن ۽ راتين ۾ مونکي آهي ونجهيل ويڙهيڇن جي.

- ’ڪوري‘ انهي لحاظ کان عجيب گاھہ آهي جو نڪرندي تہ شروع ۾ نرم ۽ سهڻي پر پوءِ جڙ ڪومائي بيٺي هوندي. شاعر چيو آهي تہ:

عمر اوني آئيو جنهن پڪ ڏني پوري
ونا مينهن ملير ۾ ڪومائي ڪوري.

يعني تہ ملير ۾ تہ مينهن بہ وسي ويا ڪوري بہ ڪومائجي وئي آهي.

- ڏنهين. مال جي پاڳين هڪ روايت موجب, وڏي روايتي پاڳيي ساري سنگهار کان پڇيائون تہ مال لاءِ گاھہ ڪهڙو سٺو؟ چيائين تہ ”ڏِنهين ڏنهين ڏنهين...“ پڇيائون ڇو ايترو تڪڙو ٿو چوين؟ چيائين تہ ٽَيسين تائين سُڪي ٿي! البتہ ڏَنهين ٿَر جو عام گاھہ ڪونهين.

- **ٻارهن ڪوهيي ٿر ۽ تڪر جا گاھہ:** خيرپور رياست(هاڻي ضلعي) جو ايرنديون پاسو جيڪو ناري سان لاڳو اولهہ طرف آهي ۽ مٿان روهڙي تعلقي جي حد کان وٺي هيٺ ڏکڻ ڏانهن نوابشاھہ تعلقي جي حد سان ملي ٿو ان کي عام طرح ٻارهن ڪوهن وارو ٿر, تڪر يا گهاڙ چون. راقم 1994ع (جڏهن گهڻا مينهن ونا هئا) تڏهن 9_سيپٽمبر تي تڪر گهميو ۽ هيٺيان گاھہ, ٻوٽا ٻوٽا ڏٺا:

- مکيہ گاھہ ۽ ٻوٽا جيڪي مال کائي:سيڻ(ڪانھہ مثل, سنگ جهلي, ان ۾ ڪٽڪ مثل ٻج), مُونهہ(وڏا ٻوٽا تين جو پاڪر پري ڪٽي اڇجن), ڪرانجهہ, برانجهہ يا بريانجهہ(ٻوڙو), سٽي, مکٽي, جهيرٽي, پرٽ, ڦِريهہ, ڏڪڙي, انهن مان مال لاءِ سٺا گاھہ پهريون نمبر ڦريهہ(يا ڦِڙهہ) پوءِ سيڻ برانجهہ.

  - هيٺيان ٻوٽا کائڻ لاءِ ۽ علاج لاءِ
  - سُنپات:ڪن جي سور کان, ڪاڙهي ڦڙا ڪن ۾ وجهن
  - سالار: ان جي پاڄي ٿئي
  - ڃَپري: طاقت لاءِ, گيهہ ۾ نهندي
  - بکڙو:زمين تي پکڙي
  - سارنگ:بکڙي جهڙو پر ڪنڊن سان ۽ مٿي اسري
  - منڍيري:گرمي کان, پڻ مردانہ طاقت لاءِ گهوٽي ٽاڏل ڪري پين ۽

پرڻ پائڻن تہ پٽري کي ٻاري ٿي.

**(الف) ناري جا گاھ**

تاريخ 8 فيبروري 1982ع تي قائم فقير ينيري جي ڳوٺ وڏي ڪڇهري تي، جنهن ۾ ناري تعلقي جي گاھن ۽ ٻوٽين بابت هيٺيون تفصيل مليو:

- ڦِڙهہ (ان کي ڏٿ طور کائجي)داڻن جو ڇڳو ٿئيس، ٻلي تہ مڙس جيڏي ٿئي، سِڻ وانگر پر گرين سان لامون.
- سڻ: وڏو ڏگهو، وڻ ڪري ليکجي
- لانيو: ٻوٽي وانگر هڪ پاڙو پلو تہ گوڏي جيترو
- ڪَتَرُڻ: ٻوڙو آهي، سنگڙا ڪري ۽ اَن ٿورو ڪارڙو
- برانجُ: لنب وانگر، پر سدائي سائو(ڏٿ طور کائجي)
- ڪرِهہ: سمر واري زمين ۾ ٿئي
- لاٽو: ان ڪارڙو رابڙي ڪري کائجي
- چلانڊرو: وَل وانگر وڻ تي چڙهي
- ڪڪوڙو: پاڙو ۾ پتو دا طور ڪم اچي
- ٻيگ: ٻورو ننڍڙو گاھ
- هِلڙو: ننڍڙو ٻوٽو ٻج کير ۾ ڪاڙهي کنڊ وجهي کائجي
- ٽَنَگڙي: پٽن ۾ ٿيندو پٽي تي نہ ٿيندو زمين تي وچائبو
- گدري۔ ڦار: گاھہ زمين تي ڇترو هٽي، ٻج جو نموني گدري واريون ڦارون.
- ٻَڪڙو: ٻہ قسم 1۔سارنگ 2۔ٻڪڙو(طب ۾ گوکرو چون) ٻڪڙو زمين تي پکڙي ويندو سارنگ مٿي ايري ٻيهندو وچائبو ڪو نہ.
- ڏَڪِڙي: ٻوٽڙو ڇٽي وانگر، سنگهڙا سنهڙا پر اَن سان پريل، کير طاقت وارو ۽ جي ڦر گهٽو پيئندو تہ مري بہ پوندو
- سُرَ هَڙو: ٻوٽڙو لامون بہ خوشبوءِ واريون
- ڦير: (بلوچڪي، کَرَ ٻُرَ) هڪ پاڙ وارو ٻوٽڙو
- پٽَ لهہ: منڊيري وانگر پکڙي
- سَين: تالهي جهڙا ننڍڙا پن، ٻوٽرو
- کيرا وَل: زمين تي پکڙي، منڊيري وانگر
- ٿُمو(بلوچڪي پَنَبوَ) ٿلهو مُڇ، پيڙهي مثل

- اوئن: ٻوٽڙو ڇٽي جهڙو، گلابي گلڙا شاعر ڳوڏي سومري(وينل ڍُهل- وارو لڳ نارو) پنهنجي شعر ۾

وَڻ ڦر ڦيريون ڦٽيون، سرهي ساوڙي ڪَتڻُ
مونکي منهنجي مارن جي محبت من ۾ مڻ.

- ڪَل: هيٺاهين ۾ ڍنڍين ۾ٿئي. پهاڪو آهي تہ: "انڌي گهوڙي ڪل ۾ نہ اميد، نہ آسرو" گهوڙي چرندي ئي ڪَل، ڪِرهہ ۾ ڍِيرُ. انڌي گهوڙي پئي ڪَلَ ۾ چرندي، باقي چڙهي جو ڪم ڪا نہ ايندي، نہ چور ڪاهي نہ ڪوڊڪ تي نيئس، پئي ڪَلَ ۾ چري!

(ب) دوا ۾ پسار جون ٻوٽيون

- ڇَپري، جهنگ جو نالو ڊرمہ هڪ پاڙ وارو ٻوٽڙو تڪيون مٺيون ٿين جن کي ڪير ۾ وجهي مائو ڪجي، حلوو ناهين.
- ڀَنگري يا اُٽنگڻَ: هڪ پاڙ ۾ ٻہ لامون هر هڪ ۾ سنگ جن ۾ ٻہ تي داڻا. ٻوٽڙو آهي(ڀنگرُو بيو اهو دريائي پاٽي تي ٿئي ڪتي ڏاڙهونءَ جهڙا پنڙا)
- ڊريبڙ: ٻوٽو ڏيڍ فوٽ ڪن-هڪ پاڙ-پن گهوڙاول جهڙا. آن ٿئي ۾ رڌي وائي ڪان ڪارائين. وائي لاءِ ماٺهو توڙي مال جو علاج.
- ڪڪوڙو: ڪنن جي سور لاءِ مينهن گهوڙي کي پيٽ ۾ سور لاءِ. اندر زمين ۾ وڏي گوگڙو جيڏو پِتو ڦاڻل ڪوڙو بواسير جي علاج لاءِ ڪم اچي.
- گاميش: گوش موش بہ چون، ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڪم اچي.
- آڪڻ آتمر: سارنگ وانگر مٿي اُسري، ڪنڊڙا پر نرم. پٽري کي ڳاري.
- زار داٽي يا ' ڪِيڙي گاهہ': (سنڌي) گهٽيون لامون ٻوڙي مثل، وارن کان تُوريون ٽلهيون هر هڪ لام ۾ ٻہ تي داڻا جدا جدا.
- ڳير آنڙي: سنهڙو گاهہ پيشاب جاري ڪري، سوزاڪ جو ساڙو بند ڪري ' هاڙهہ' ۾ تاڏل طور گهوٽي پيبن.
- ڪوتڪ: پِٽن جي ويرين يا پٽين ۾ ٿئي ۾ زمين تي وڇائجي پنڙا سفيد سبز، ' چار' جي رنگ تي. سم واري هيٺاهين زمين ۾ ٿئي طبي نالو ' زخم حيات' جراحت وارا ملم ۾ ڪم آڻيندا هئا. پيٽ مان سمڪيون ڪڍندو.
- ڪِرانجهہ: وس تي ٿئي. گهٽيون لامون پر زمين تي وڇائجي وڃن. پراٽي تپ تي پوي ۾ گهوٽي پيارين 'عرق شير' دوا پراٽي تپ لاءِ، ان ۾ ڪِرانجهہ

توڙي ڪوتڪ جا ڪاگرا جزا.
- ڊراماهو: ٻڪريز يا ٻچ کان ڪاڙهي پاٽيءَ سان وهنجارين
- ڳڙو لانيو: مَلي کان پسائي پياريو-يتر جهڙا پن-زرد نموني، کير ٽئيس

- **شادي شهيد واري جبل جا گاهہ:**

9 سيپٽمبر 1980ع تي ناري طرف پچا لاءِ ويس ۾ سگهڙ نور محمد شنباٽي کان معلوم ٿيو تہ شادي شهيد جي جبل ۾ هيٺيون ٻوٽيون ٿين.
- کِير،کِپ،کپ جي نموني، پر چوٽي پيجبي تہ کير نڪرندو. دلي ۾ پسائي رکجي ۽ ٻہ ٽي ڏينهن پيئجي تہ وائي ڇڏي ويندي.
- ڪَرسڻ:سچي لاٽي جي نموني، پر ڪاٽي ڳاڙهي:گرمي کان پسائي پيئبو.
- مَور،نندڙي ٻوٽي، سنهڙا داٽا ڪارا، هڪ ٻہ اک ۾ وجهندا تہ مَرمٽي نڪري ويندي.
- زامر يا زَهمر،وس جي ٻوٽي جبل تي ٿئي، مرادنہ طاقت لاءِ گهوٽي پِيَن.
- گاوزبان: جبل ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿي ٻہ ريپا مڻ وڪامندو هو.
- ڇِپري: وس تي ٿئي، ٽڪيون منيون-طاقت لاءِ کير ۾ رڌي کائين.
- ڪکوڙو:ول ڇپڙ جهڙي: پاڙ گوگڙو مثل، ڦٽ تي ان جو مَلَم رکن.
- ڊرا ٻڙ(جبل ۾ ٻہ اچڙي تر ۾ ٻہ ٿئي): وس تي ٿئي مال کي واءَ کان کارائجي.
- گهوڙا وَل: مينهن لاءِ واءَ کان اڪسير، ڪنهن بہ طرح سان کارائجي.
- پٽ ڪنوار،ڦٽ ڦرڙي تي پوي.
- هزار داٽي يا کيرول: پيشاب جاري ڪري.
- ٻَرانجهہ يا ڳرانجهڙو: وس تي ٿئي، پراٽي تپ جو علاج.
- اوئن:موهَہ (سوڄَ) کي سيڪي ٻڌجي.
- گاميش(گوش موش) ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ صابڻ جو ڪم ڏئي.

- **ناري جبي جي تر جا گاهہ:**

24-جولاءِ 1992ع تي ناري واهہ جي پريان(اوپر طرف) سهتن فقيرن جي مشهور ماڳ 'لَڪَ' تي محترم ضياءُ الدين شاهہ (درازا) جي معرفت وڏيري ساجن ۽ ٻي سنگت سان وڏي ڪچهري ٿي. معلوم ٿيو تہ اتي هيٺيان گاهہ علاج لاءِ ڪم اچن ٿا.
- ڊربيڙ گاهہ: ٻوهہ جيڏو مال توڙي ماڻهوءَ لاءِ واءَ جو علاج.

- پپون: پڪيون ٿين تہ ڪاڙهي ڪَرَتئي (وڏي ڪنگهہ) کان پيارين.
- گهوڙاول: ٻوٽو سڪو يا سائو پر ڪتر ڪري ڪاڙهي ڪم آڻجي، واءَ کان مال لاءِ ۽ باديءَ کان ماٺهو لاءِ.
- هِلڙو، نِنڊِڙو ٻوٽو (لڪ کان 8 ميل کن پري سهتن جي ايراضي ۾ گهڻو ٿئي)، ٻج وڏف جهڙو کير ۾ ڪاڙهي، مصر ڦوٽا بادام وجهي کائجي، پيٽ جي تڪليف لاءِ اسپنگر کان بہ گهڻو ڦندي.
- سنبات يا سنپات: خوشبودار گاهہ پاءُ پاٽي ۾ بہ تولا زڪام کان ڪاڙهجي واس ڏجي ۽ سور کان ڪَن ۾ ڦڙا وجهجن.
- هزار داڻي: وس تي ٿئي، هن جو شربت دم لاءِ ۽ مغز جي ڦيري لاءِ ڪارگر.
- ڇپري: وس جو گاهہ ڪنڊن واري آهي. سڄو ٻوڙو پٽي ڇانوَ ۾ سڪائي گهوٽي اٽو ڪري کير ۾ رڌي رات جو رکي ڇڏجي ۽ صبح جو کائجي. گرمي کان بہ گهوٽي ٿاڌل ڪري پئين.

• فقير پير بخش ٻاهي جي دعوت تي، قائم فقير ينيري سان گڏ تعلقي ناري جي تپي جبي ۾ تڙ ٻانديو تي فقير گل محمد ٻاهي وٽ ڪچهري تي، جنهن کان اتي جي هيٺين گاهن بابت معلومات ملي.

- ٽن وڻ مان ڪئونر ملي، ڪونيٽ مان ٻاڙهو ڪونر جيڪو پيٽ جي ڇڪي جو علاج. ٻائور جو ڪئونر ڇيلهہ ۽ لڱن ۾ سور لاءِ مفيد ۽ ان مان پوٻِهڙو بہ سٺو ٿهندو. ڪنڍيءَ سياري ۾ وڏبي تہ ڇيٽ ۾ ڪئونر ڪندي جيڪو ٻاڙهو ۽ بعضي اڇو ڪئونر پهريون نمبر ٻائر جو ٻيو نمبر ڪونيٽ جو ۽ ٽيون نمبر ڪنڍيءَ جو.
- ڦوڳ جون سڪل ڪانڙيون ڪاڙهبيون تہ پاٽيءَ جو رنگ ٻاڙهو تي ويندو. ڪنڊ وجهي پيئبو تہ ڇانهہ جي ٻاڙ لهي ويندي.
- کِپ وَڻ (تڙ کي 'مُنڍ'، ڍگهي لام کي 'ٺُهائِپ' ۽ ان کان مان ڦٽل سنهڙي لام کي 'ٺُڳي' چئبو) گهڻو ڪم ڏئي، چونئرا ۽ وَنهَن ناهجنَ ۽ نوڙيون وٽجن.
- سِڙُ: سِڙَ جي سنهين لامن جي ڇَڳ يا مُوڙي کي نوڊي چئجي جنهن سان چئونري جي چوڌاري ڀِتِي ڏجي. اي سجاڻ! هيءَ لفظ نوڊي دودي- چنيسر جي قصي جي بيتن ۾ بہ آيو آهي. چنيسر کي جڏهن مائين مهڻا ڏنا، تڏهن پاٺهي پاڻ کي چيائين تہ:

هَلان تہ هورو پوان، ويهڻ مون نہ جُڳاءِ
نڪري نوديءَ مئون، توکي سَپُ چنيسر ڪاءِ.

('هورو پوان' معنيٰ هلڪو تيان يا جَلان ۽ سڙان. سپ چنيسر ڪاءِ=چنيسر کي ڪو نانگ (سپ) ڪائِي!

- ڇَپري يا ڪُئا ڊِال. وَس جي ٻوٽي. ڄِريانَ (پيشاب جي تڪليف) تي پوي، ان جون ڪچيون تڪيون ٻار ڪائين ۽ پڻ ڪير ۾ رڌي ڪائجن.
- ڦيرَ گاهہ (سنهين لامن سان)، مُونهِ گاهہ جنهن جي پاڙ ۾ ٺُمُر يا ٺُمون، ٻئي مال لاءِ سٺا گاهہ آهن.

ناري ۽ اچڙي ٿر جي ڪن گاهن کي جيڪي وس تي ٿين، تن کي شاعر عظيم مهر (مارئي جي زباني) هيٺين بيت ۾ بيان ڪيو:

ساراهيان سچو ڏٺي جيڪو مالڪ آهي ملڪن
آندي هئي عمرڪوٽ ۾ نماڻي نيرَنِ
قادر مُئي تئون قيد ڪٽي ملي سان مارن
ونڙا مينهن ملير تي آ گاج ٻڌي گاهن
ڦير ڦُٽي، ڦوڳي تي، ڏيهہ پڪو ڏونئرن
ٻپون پيرون پاند ۾ کونر خوشئون کائن
مُونهہ منديري موڪ تي ٽا هرڻ گاهہ چرن
ڏَڪڙِي ڏامِٽي ديس تي، يَڪڙو پُرٽ بُرانجَ پِٽُنِ
سيڻَ سامَاٽي، هزار داٽي، ڳِهلي ڳنڊيرن
لنب، لاٿيون سَرهل سَيَنِ ويڪر پُنگِري هِلڙو حاضر تن
ڪَرُوءَ ـ وَل سَنَاوِڙي، ويڪر ٽُرنگ يَريا توهن
نَدا وَل تي چڙهي وَٽين، ڇَڳَ چڙهي چونئرن
ڪَرو ڪَرسڻ بَرو ٻانوَر ليڙا ٽا لڏجن
ايڪڙ گاهہ عظيم چئي، ڪپ خوشيون پيا ڪن
مهر چوئي ماڳن، ٿر ۾ توڪ پچي پيا.

- **روهي جا گاهہ:** اڳين خيرپور رياست جي جُبي ناري (ناري اوير) واري ياڳي ۾ ايراضي جو هڪ ويڪرو پٽو ڏڪڻان اچي ٿو ۽ مٿي اتر طرف وڃي ٿو پوءِ اتان اڳتي ميرپور ماٿيلي ۽ اوباوڙي تعلقي کان بهاولپور طرف وڃي ٿو. هن پٽي کي 'روهي' چئجي ٿو جنهن ۾ هيٺ زمين ۾ جَر

جو پاڻي ڪونهي ۽ ورلي ڪو ڪتي آهي ته به ڪڙو. هن ياڱي کي ڏسڻ لاءِ راقم ٽي چار سفر ڪيا. چونڊڪي وٿان نارو ٽپي، پنهنجي يار قائم فقير پنيري (اهو نالو منهنجو عام طرح قائم خان سڏجي) سان گڏجي، قادن واري کان پهريائين سگهڙ ٽُوهر فقير پنيري وٽ سومريجيءَ تي، پوءِ مٿي مڪان ٻوروراي ۾ تاريخ 5- ڊسمبر 1988ع تي منو فقير مڱرئي ۽ بين پائرن فقيرن جا مهمان ٿياسون. اتي جي گاهن ٻوٽن بابت پڇا ڪندي هيٺين معلومات ملي.

- **ڳائي مال لاءِ سنا گاهه:** سيوڻ (سيڻ) ڳنڊير، لنب، بُراند، ڊامڻ ۽ ڪُوري
- **سنهي مال ٻڪري لاءِ:** سَيَنُ، سارنگ، پڪُڙو (بکڙو)، ڏوڙوچپري، ڍالچپري، ڏنار ڪٿوري، ڪِنِي ٻوٽي، هرڻ گاهه، ڦوڳ، مُرٽ (ٻُوڙو) وغيره.
- اُٺ لاءِ: کپڙ، لاٽو پنگري، لانيو ڊراماهو. 'لاٽوڏڪار جو گاهه آهي'؛
- جڏهن ٻيو گاهه نه هوندو ته به لاٽو هوندو. گهوڙي لاءِ ڊامڻ آمڻ آهي.
- اهي ٻوٽيون جيڪي علاج ۾ دوا طور ڪم اچن ڪَرَسَڻ (هٿ ڪ جي زبر سان). ڊراماهو ڍال چپري، هزار داڻي، منديري، ڏئونر ڦُلي (اچي ڦلڙي واري)، ڪترڻ، سون اَڪڙي، سجاتو (پڻ سجاتو يا سجائتو) يا 'سرجن ٻوٽي، سج جي ٻوٽي به سڏجي ۽ پنگري (= ڪاري اُننگڻ، اڇي پنگري بيڪار آهي).

**چَپر (جبل) جا گاهه**

چپر (سڄي ڪوهستان) ۾ ڪاڇي جي گاهن ٻوٽين جو تفصيلي مطالعو نه ٿي سگهيو البته راقم ڪوهستان ۾ مَهير جبل کان اوپر ۽ اتر وارن پاڱن ۾ پڇا ڪئي. 19 فيبروري 1985ع تي عبدالله ڳوٺ ديهه 'واڻ ڪنڌ'۾ پوءِ پهرين نومبر 1985ع تي 'جهنگ ڪنڊ' ۾ ميان جان محمد رونجهي جي ڳوٺ ڪيل ڪچهرين مان هيٺين معلومات ملي.

**مال جي لاءِ سنا گاهه:**

ڪترڻُ ۽ چوپائي مال لاءِ پهريون نمبر. چوپار مٿي جبل ۾ سڄو سال سدائين ٿئي: وڍي هيٺ آڻين تي به اڍائي فوٽ کن ڊگهو. هڪ ڍڳي گري هئي جنهن لاءِ چيائون ته چوپار چاريوس، پر ڏهائڻ وقت لت هنئي هٹائين سو مائي چيو ته:

گريءَ اهڙا گُڻَ ئي ڪونہ ڪيا، جو چوپارُ چَرندي

- ڀُوتار ۽ ٻيو سانوٽي. ٻئي مال لاءِ ٻيو نمبر سٺا.
- انهن کان پوءِ سيڻ گاهہ (سِڻُ نہ. ان کي جبل ۾ ’ٻرنو‘ چون) ڏنهين، ڀُوئي ٻَنڊِير، لنب ۽ ڊامڻ.
- زامر ۽ ڪورڙ ٻئي ڏگها گاهہ. جبل جي ڀِڪ مان نڪرندا ۽ ڀيا لڏندا ڪندا. وڻ تي بہ چڙهي ويندا.
- موٿ يا موٿارو. سنهڙو گاهہ ڀهرين وس تي جلد موروندو ۽ پوءِ سگهو سڪي ويندو.
- چيهو گهٽي مينهن سان گهٽو ۽ سنو ٿئي، هلبو تہ پير رڱجي ٻاڙها ٿي ويندا. انهيءَ وصف جي ڪري ، شاعرن چيهي گاهہ جو نالو ’سينگار شاعري‘ ۾ سهڻي صورتوَند جي صفت ڪندي آندو آهي. وڏي سگهڙ جلال ڪني، سهڻِي سوپياوان لاءِ چيو (جيڪا چيهي گاهہ تي گُهمي آهي) تہ:

چيهي چَرن ڇُمياس، وَهيءَ ورن ورائيا.

سگهڙ ’مِيين‘ جو چيل هيٺيون بيت جيڪو شاهہ جي رسالي ۾ آهي تنهن ۾ بہ ان حُسن واري جي وصف آهي جيڪا مينهن وسندي نِنڊِڙا ڦر ٻاهران ڪٽي اچي ٿي. اندر ٻڏي (لار=ننڍيا ڦر: لئندي= ٻڏندي) ۽ ٻاهر چيهي گاهہ تي هلندي سندس پير رڇي ٻاڙها ٿيا آهن:

لارَ لئيندي وچڙا، چيهي پير رَتاس
کُڙيون کُهنبي وَرنيون، موتي منهن ٻُتاسِ
پَسي ميگهہ ميون چوي، جوهر جال جَڙياسِ
جهُومڪ بئينسرياسِ، وسي مينہ پُسائيا.

- پچتي، ان ۾ ننڍڙا سنگ جنهن جا ڪنڊا ڪپڙي کي وچڙن، رڍون گهٽو کائينس.
- ڪُتو گاهہ. جنهن جا سنگ بہ ڪپڙي کي چنبڙن

- علاج ۽ دوا لاءِ:
- ڪِپُٽي: اڪڙي مثل، ننڍڙا پن. بهار ۾ ڦوٽڙا ڪندي جن ۾ اندران ٻج، سواد ۾ ڪنڙو ۽ ڪسارو. رات جو پسائي ڇڏجي ۽ صبح جو چاٽي پئجي. هاضمي لاءِ اڪسير آهي. گرمي کي هٽائي ٿي.

- سِنهاري، شهار. مال (اٺ، ڳئون) کي واءَ کان، ڪُتي گهوٽي پيارينداً. ڪاني ساڙي، ڪوئلو ڪُتي چاٽي سرمي سان ملائيندا. پن ڪتي اٺو ملائي، اڳڙي ۾ ويڙهي، ڪِرَ ۾ پوري گرم ڪري، ڏڪ ۾ زخم تي ٽاڪوري ٻڌندا.
- ٽنيو (= رتن جوت). ان جو پاڻي اک ۾ وجهندا تہ سور واري اک مان پاڻي سمندو. اک نري پوندي پاڙپتي صاف ڪري اک ۾ گهمائبي تہ بہ ناريندي.
- وِهر، يعني ٿوهر جيڪو دوائن ۾ ڪم اچي.
- سِج ول. (بلوچڪي. روش گروهہ) ٻوٽو آهي جنهن جا پن سج کي سامهان هوندا. ٻڙ (پاڙ) کان وني سج ڏي ڦرندي، چوٽي ۾ سَنگ جيڪو علاج ۾ ڪم اچي.
- سونيري، سونهري ول اها گهوٽي چاٽي پِئبي.
- منديري، گرمي کان، طاقت، لاءِ، گهوٽي ٽاڏل ڪري پِئبي.
- ميک وَل (ميخ ول، ميخ= ڪلي) اُيا ڪنڊڙا اٽس جيڪي سڪڻ کان پوءِ لڳن. ڏندي ڪونڊي ۾ گهوٽي پيِن، گرمي گهٽائڻ لاءِ طاقت وڌائڻ لاءِ.
- هزارداڻي، ڪُتي پاٽي ۾ ڪاڙهي. ڪانڙيون ۽ ٻج ڪڍي، پاٽي پيارينداً. پيشاب هلائيندي، (سج. ول، ميک ول ۽ هزارداڻي ٽيئي وس تي ٽين.) ٻيون بہ ٻوٽيون ٽين جيئن تہ 'جونڪار' ٻوٽي.
- هنجهو. ٻوهہ جي نموني پر ننڍو ڪاڙهبو تہ ميندي جهڙو رنگ۔
- ريچاڪ: ول، نوڙين وانگر، موسمي ٻري (مليريا) لاءِ پيارين، جلاب هلندو ۽ موسمي تپ ڇڏي ويندو.
- سونا ٻوٽو: جلاب لاءِ ٽاٽي بولاخان ۽ ٽاٽي احمد خان طرف گهڻو ٿئي.
- حسين ٻوٽو: ننڍو ٻوٽو ڪتي ٿئي، گرمي، تپ ۽ اَنِمَرائي (اڻ صحت واري حالت) لاءِ گهوٽي ڪاڙهي پياريندا ٻار اَنِمَرو هوندو تہ چوندا تہ 'حسين ٻوٽو پياريوس'.
- نڙو ٻوٽو: مال ڪائيس. ٻلا ڪائيندي تہ گهوٽي چڪ واري زخم تي ٻڌندا.
- ڊرماهو: ڪاڙهي گهمائيندو تہ گجي ڪندو مَلي واري ٻار کي ان جي پاڻيءَ سان وهنجاريندا.
- ڪِرِمَت: ٿوهر وڏو هي ننڍا ٽين ۽ سخت ڪِڙا. تپ کان جلاب ڪري ڏيندا.
- لَنَبو: صابڻ ٻوٽو. پٽبو تہ هٿ سٽيا تي ويندا. ڪتي پاڻي ۾ وجهي،

ٿهڪائي، ڪپڙن کي ملينڊا مهٽيندا ته صابڻ وانگر صاف ڪندو.
- ٿوهر: اڳ ٿوهر جي ڳنرن مان بندوق جو دارون ناهيندا هئا. اڪ جي ڪاٺي ساڙي ان جو اڱر به بندوق جي دارون ۾ وجهندا هئا.

**تر ۾ وَس جا گاهه**

(الف) ننگر پارڪر ۾، سگهڙ وريام موسي پوٽي ٽيبي سان گڏ ڪارونجهر جي هڪ ٿوري ٽُڪر جي گاهن ٻوٽين کي ڏسي سگهيس. وريام مُهوَسين مان گڏ هليو هو ۽ ڪيس ٻوٽين جي چڱي ڄاڻ هئي، ٻيو وڏو سگهڙ ڏاڙهون شيدي (ويٺل ڊِرهه تعلقو ننگر پارڪر) جنهن سان 1975ع کان وٺي پئي ڪچهريون ٿيون آهن. تنهن سان 14 سيپٽمبر 1975ع تي خاص طرح ڪارونجهر بابت تفصيلي ڳالهه ٿي. انهن ٻن سڄاڻن کان ۽ پڻ ٻين کان تصديق ڪئي وئي ته ننگر پارڪر وارن جبلن ۽ ٻي زمين ۾ هيٺيون ٻوٽيون آهن، جيڪي علاج طور ڪم اچن ٿيون.

- هَنجها وَل: زال يا مال جو ڦر 'کهائو' ٿئي، ڇم جي تڪليف ٿئي يا ڄَر نٿي اچي ته پن ڪاڙهي پيارينڊا، مريض پيٽ کان پوءِ ڏِڪ ڪري سمهي رهي تڪليف ٿئي ته کنڊ جو شربت اُتار آهي. هي ول هميشه بيٺي آهي.
- اَڍائي پَتي: وَس جي ٻوٽي، ڏاتو مارن ۾ ڪم اچي.
- راٺ: ميندي جي پنن جهڙا پن، سنڌن جي واءِ لاءِ. سدائين بيٺي آهي پر فقط گَهٽياري جبل تي ست ٻوٽا آهن.
- گڻ ويل: ننڍڙو ٻوٽو. ان جي ڇانءُ وارو پٽ سٽيو ٿيو پيو هوندو. پاڙ هيٺ وڃي جنهن ۾ ڇهه ست ڳنڍيون. ڳنڍ کي وڍبو ته رت جهڙو رس نڪرندو. هيٺين ڳنڍ اثر ۾ وڌيڪ. مرداني طاقت ۽ رت صاف ڪرڻ لاءِ فائدي واري. سدائين بيٺي آهي.
- ڳِڙوبل: ڦٽ تي پوي، پن ٻڌجن ته ڦٽ مارجي ويندو.
- ڪُئا ڪني، مُوش ڪني يا چوها ڪني (اهي سڀ نالا). گرمي، مثاني جي اصلاح، پيشاب هلائڻ لاءِ فائدي واري. وس جي ٻوٽي آهي.
- ڳُٽِڪيڙِي ٻوٽو: ٽالهي جي پن جهڙا پن. کهراسُين ورا. هٿ هٽبو ته ايڏا ايندو. پاڙ پوري ۽ بعضي موري کان به ٽلهي ۽ وڏي- مال ۽ جانور جي هڏ ڀڳ لاءِ ڪم اچي.
- لُودرڪيس: ٽي- بي لاءِ. وس جي ٻوٽي آهي.

هاٿِي سونڊِي: وس جي ٻوٽي آهي. ڏاٽو مارڻ ۾ ڪم اچي.

- هَنس پکي يا تترِ پيرِي: وس جي ٻوٽي، ڏات ڪي وڏائي ٿي.
- برڊا ٻوٽي. پن ڪونہ ٿئيس، ڳاڙهي ڏانڊي آگر جهڙي.
- سَنا. پيٽ جي تڪليف لاءِ جلاب طور ڪم اچي.
- چَندرَس. وڏو وڻ، ان جو ڪؤنر مٺهن ۾ مال جي ڀڳل هڏن کي جوڙي.
- چن دؤر يا چَندروڙ ڪاٺي، ننڍو وڻ آهي. چوڏاري هبڪار. طاقت لاءِ هن جو اگر گيهہ ۾ وجهي نيرانو چٽين. ماٺهو ۽ مال جو هڏ ڀڄي تہ بہ اگر ڪائيندا.
- جبل جو بصر. تمام ڪڙو(پِٽ جو بصر منو جيڪو ٻار کائين) نانگ بلا تي پوي، جهنگ بصر ٻوٽو بہ وس تي ٿئي. بصر جهڙو اچو (ڪونڊير ڪان الڳ) ڪائجي ڪونہ.
- پَٽ ڪُنوار يا جوڳيئڙو: سوج تي پوي، وس تي ٿئي. ٽڪن گلن سان ڏانڊي.
- هرڻ ڪُري. زمين تي پکڙي. پن ٻتٿرو جنهن جو هڪ پاسو ڊگهو ٻيو ذرا چوٽو. اِهرو (نانگ بلا) ڪائي تہ ڪم اچي. جلندر ۽ ڪوڙهہ جي اچن ٽڪن لاءِ ڪم آچي، پر ڇاڻ هجي تہ ڪئين ڪارائجي.
- برما ڏنڊي: گوڏي جيڏو وڻ. چمڙي جي بيماري ۾ رت صاف ڪري. هن ۾ فولاد آهي.
- بِرما ٻُوٽي: ننڍڙ ٻوٽڙو جنهن جي پاڙ ۾ پٽاٽي جيڏي ڳنڍ و ٿئي. ڪائبو تہ ڪونڊير جهڙو منو. ٿئي، پٿري ۽ رائي لاءِ.
- گوساٽو: وس جي ٻوٽي دم لاءِ.
- ڪڪوڙو. وس تي ٿئي. گولاڙي جهڙا پن. هيٺ وڏي ڳنڊ: ڏاٽ ۽ نڙي جي سور ۽ خناق لاءِ ڪم اچي.
- صحت ڪُندرُو. وڏو وڻ، ان جو ڪونر پسارين وٽ وڪر طور وڪامي، چوڏو سرهو.
- ڪڙائيو. وڏو وڻ. ان جو ڪؤنر ڪتيلو تڏو. سنڌن جي سور ۽ واءُ واري کي ڪارائين.
- سوانجڙو. وڏو وڻ، هن جي ڪونٽر جو ٻرو مکڻ ۾ واء واري کي کارائين. صحت ڪن دؤر و جهڙو، مس سڃاڻيندا، خاص فرق تہ ڪڙايو جو چوڏو سرهو ڪونهي.

- ڄنسا ٻوٽي. ٻڌي جي مينهن تي جبل جي پاٽي وارين گھارڙين ۾ ڪنيي وانگر اڀري، خوشبوءَ واري، رنگ ٽڙ ڪان چوٽي تائين سونَ وَرنو. ڪنهن پٽر جي پويان لِڪ ۾ هوندي.
- ليزم ٻوٽي. سائي ڇهچ ٻوٽي. سج اڀرڻ وقت گل ڦڪو ٽڙيل هوندو. سج لهندو تہ ٻوٽجي ويندو. ماڻهو ڳالهائيندو تہ چڻ شرمائجي ليزم تي، مرجهائجي ويندو.
- اُٽنگڻ. وس تي پارڪر ۾ گھٽي ٿئي. طاقت واري، ڦڪين ۽ معجونن ۾ پوي.
- نورول. هيٺ ٿلهو ٿڙ، وڻ تي چڙهي. ٻي هر ول سبتو ورُ ڏيندي پر نورول ابتو وٽ ڏيئي چڙهندي، هيٺ پاڙ ۾ ڪوڙير جهڙي ڳنڍ پر سخت ڪڙي، چڪبي ڪان.
- گهوڙاول. پاڙ ڏونري جي پاٽي ۾ گهي ڏڍ تي هڻبي تہ ڏڍ ختم (مجرب).
- ڪوراڙول. وسڪاري جي پڇاڙيءَ ۾ پيچندي پن سڪائي رکن، آهڙ ۾ روزانو صبح جو نيراڻو گهوٽي پيئن، ڏات کي گهاتو ڪندي.
- گوڪرو ڪاني. ڪارو نجهر ۾ ٿئي، ٽڪنڍي جهڙي پٽي، پاٽيءَ ۾ ٻوڙي مٿي ڪبي تہ پاڻي جي لار لڳي ايندي، ڄريان لاءِ ڪم اچي.
- ٻچنانگ وَس تي جبل ۾ ٿئي. هڏ سُڪي پوي تہ ڪاڙهي ڪارائجي.
- ڦاڳ. ول آهي، اڇو گل، وڻ تي چڙهي.
- ڪيسو ڦل. وڏو وڻ جنهن ۾ ڳاڙها گل.
- رتن جوت. جبل ۾ ٿئي. طاقت لاءِ ۽ پڻ سِلهہ ۽ واءَ لاءِ مفيد.
- ڪَرَسڻ ٻہ قسم. هڪ گاهہ نموني، اڇا ننڍڙا گل، ڪائبا تہ ڏندن کي چنبڙي پوندا. ٻيو قسم ڪاڻ پن ٻوهہ جي پنن وانگر. گل جو رنگ مٿان ڪارو ۽ ڪولبو تہ اندران هيڊو. دوائن ۾ ڪم اچي. ان جي سيپ ڳولاڪن.

ڪرسڻ ٻوٽو پاڙ ڪان مٿي اُسري، ميهي جي ول جهڙو کهرو ان ۾ ڏينا ٿين جن ۾ سرهاڻ. جنهن تي پؤنر پرن. مومل راڻي جي قصي جو بيت (مومل جي زباني) تہ:

> ڪرسڻ ڪاڪ ڪنڌين ۾، لوهيٽري لالون
> ميڙ مُنجنئِي مينڌار، سارين ئي ساليون
> توريءَ اباليون، لوڊا تي جون لاڏڪيون.

- ملير ميندي، ٻاڙهيرو سنهڙو گل ٿئيس، وائي بادي ڪان ڳهوٽي پيئجي.
- ينگري ڪچا پن ڪائبا تہ اوڳرايون اينديون اٽ گهٽو ڪائيس.
- ڪوڊير. ول جي پاڙ ۾ پٽاتي جيڏو اهو خشڪ ڪري گهوٽي اتو ڪري رکجي. گرمي ڪان ڪائجي. پيشاب ۾ ساڙي لاءِ مفيد. ڪوڊير جي پنن کي 'تَڳر' چئجي، ڪچا ڪتا ڪائجن.
- جهنگ توهہ: چيڙ جي ول وانگر، چيڙ جهڙو رنگ. مٿان ريشم جهڙا ڪنڊا. وس جي ول. ڏُنِي تي پوي. 'ڏُني' آڱرين جي بيماري آهي.
- جهنگلي توري: وس جي، دم تي پوي.
- جهنگ مُوري: زمين اندر گجر مثل ڳنڊ. سدائين سائي. ڳترا ڪري کير ۾ ڪاڙهي ڪائجي. ميناج اٿس. مصري جهڙي مٺي.
- ڪانهَ- ڪوڏي: وس جي ٻوٽي، ڀٿون تي پوي ۽ سورلاهي.
- جهنگلي واڱڻ: ڳنڊلي بہ چون. نچون ڏياري، وس ۾ ڦر ٿئيس.
- موسِلي: هڪ ڪاري ٻي اڇي. جبل ۾ اڇي گهٽي ٿئي.
- هزار- داني يا کيرول: حيض جاري ڪري، پڻ پيشاب کولي.
- کير کِپ: مٿان پٽبو تہ کير نڪرندو.
- اُبَت- ڪنڊڙي يا آڪهاڙو: وس جي ٻوٽي. ٻارن کي ٻاراٽي لاءِ سُور ۽ دم لاءِ ۽ پڻ پٿري لاءِ سدائين بيٺي آهي.
- اوڻن: بخار کي توڙي، وس جي ٻوٽي.
- ڏنار ڪٽوري: پٿري لاءِ.
- ڳُگر يا ڳُگرال: جنهن مان کونر نڪري، سو ٿيو ڳگر.
- جيڪي مَهوَسِي سون ناهڻ لاءِ ڏاٿُن کي مارين ٿا. تن جي تجربي موجب، اڊائي پتِي تامو ماري، هاٿي سونڊي فولاد کي ماري، کير- کپ تامو ماري گوڙ گاهہ يا گدڙول، سون کي مهنڙ ۽ مارڻ لاءِ ڪم آٿين. جو گدڙول جو رس سون کي پاڻي ڪري ٿو ڇڏي.

(ب) مٺي ۾ 15 نومبر 1982ع تي ڪيل ڪچهري ۾ هيٺيان ٻوڙا ۽ ٻوٽا علاج لاءِ مفيد چيا ويا.

- ڏُوڏي ٻوٽي= کيرول ٻوڙِي. گرمي ڪان گهوٽي پيارين. گهٽي ماهواري پڻ بند ڪري.
- ٻَن- گوٻي آسوجي مهيني ۾ ڦٽندي، ڪائي ۽ پن سيڪ ڪٽي گهوٽي، اٽي ۾ ملائي، گهوڙي کي گرمي ڪان ڪارائبو.

- موراڙي. پن گھوٽي ڦٽ ڦرڙي تي رکن
- ٻائري. وڏو وڻ ٻير جھڙو پر لامون ڪاريون. وڏا ڪنڊا ٿين پر گھوٽي مٺاڻ وجھي نيرانو ست ڏينهن پيئن، گيھ سان پيئن، گرڙدي جي سور لاءِ، مرداني طاقت لاءِ.
- ڪونيٽ. پن گھوٽي ڪنڊ وجھي پيئن تہ دست بند ٿين.
- سڻ. پاڙ گھوٽي ناس ڏين ۽ پن گھوٽي پيارين رت بند ڪرڻ لاءِ.
- پرٽ. ٻج گھوٽي پيارين پٽري ۽ رائي لاءِ.
- ڊپ. پاڙ گھوٽي پيارين پٽري ۽ رائي لاءِ.
- چيري. گھوٽي پيارين پٽري ۽ رائي لاءِ.
- پٽ ڪنوار. يا ايريال. ڪلون لاهي، اندران ڳپ ڪڍي گھوٽي رات جو ولھ ۾ رکن صبح جو ٿورو لوڻ ٻرڪي نيرانو ٻرھل لاءِ، سائي لاءِ ۽ ذيابطيس لاءِ ڪارائين ۽ پڻ مٿان هيڊ ٻرڪي ڳڙ، ڦَٽ ۽ سوج مٿان ٻڌن.
- گگر جون گگليون. ان جو ٻج بادي، وائي موڪا بواسير لاءِ فائدي وارو. ننڍڙي ٻار کي ڏند ڪڍڻ وقت پيٽ هلي تہ بہ اهو ٻج پيارين.
- ٻرما ٻوٽي. وس جي ٻوٽي آهي. سڪائي ڪاٺيون پن وغيره گھوٽي پيارين. مثاني جي بيماري لاءِ. رائي ساڙي لاءِ. ٻلا جي ڪاڌل کي پياربي تہ الٽي ڪرائيندي.
- آگھاڙو بہ قسم: ڳاڙھي ڪاني وارو ۽ ٻيو اڇي ڪاني وارو. ڳاڙھي ڪاني وارو ڪاڙھي، پاٽي ماکي سان گڏ پياريندا دم لاءِ زڪام لاءِ.
- ايريال(ڪنوار ٻوٽي). ان جي پاٽي(عرق) مان گوريون ٺاهين جيڪي قبض ڪشا، ريح ۽ بادي لاءِ مفيد. پنن ۽ ٻنڌين جي سور لاءِ. ٻرھال لاءِ مفيد. ڳَر مان پاجي ٺئي، مربو ۽ حلوو ٺهي. ڏيپلي تعلقي ۾ خاص، طرح ڏيپلي شهر سان لاڳو گھٽي ٿئي.
- لُلُر. گرڙدي جي سور ڪان گھوٽي پيارين.
- چار. اڇي پيرون واري ساڏوھي ۽ چار. تنهن جي پنن جو گرم پوپو پاسي جي سور لاءِ. پڻ چار جي پنن جو رس، تنهن ۾ ڳڙ وجھي تيل ۾ لپري ٺاهي ڪچي ماني جي پاسي سان هٽي، گوڏي تي سور ڪان ٻڌن.
- ٿوھر. ٿوه جا ٽڪرا ڪٽي، ٿالهي ۾ وجھي ذيابيطس وارو پيرن سان انهن کي لتاڙيندو ڦيرائيندو تہ فائدو ٿيندو. ٿوھر سائي ڪامڻ ۽ جلندر لاءِ پڻ دوا طور ڪم اچي.

- ڪرڙ. ڪرڙ جو اڱار گيهه ۾ وسائبو پوءِ گيهه ۾ گهوٽبو. ان کي گيهه ڪٽائبو تي چار ڏينهن: پوءِ اهو ميڻ مثل ٿيندو. رات جو اڌ تولو کن يا گهٽ کير سان کارائين ته پڳل هڏ کي فائدو ٿئي. چندرس ۽ ڦٽڪي کان به وڌيڪ فائدي وارو.
- ٻڪڙويا ته ڪنڊي. پيشاب ۾ رائو ڪڍي.
- وڻ ڳانيال. جيڪو سدائين بيٺو آهيءَ بدي (سپيتمبر) ۾ ڦر ڪري. ان جي سنهي پاڙ ڪاڙهي، کنڊ ملائي پيارين ته ڪڇ(ٿورو پيشاب ۽ ساڙو) کي بند ڪري.

(ج) 4نومبر 1982 تي ارباب فيض محمد جي مهماني ۽ مهرباني سان ترائي ۾ وڏي ڪچهري ٿي. رامجي گرڙي سان رهاڻ مان معلوم ٿيو ته ٿر ۾ ڏيپلي واري پاسي هيٺيون وس واريون ٻوٽيون علاج لاءِ ڪم اچن ٿيون.

- ڪُٺا ڏال. گرمي، جريان بواسير لاءِ.
- ٻِرما ٻوٽي. تانڪي، پرميل، مرگهي، پراڻي بخار ۽ آنڊي جي سرطان(ڪئنيسر) لاءِ.
- ڪارو پنگرو. نزلي لاءِ.
- اڇي آڏيري. ڦڦڙن لاءِ ۽ دم لاءِ نهايت مفيد.
- پٽ ڪنوار. ٻرهال ۽ پيٽ جي بيمارين لاءِ.
- ڏارار ڪٽوري: ' ٻاراٽي'(ٻارن جي بيمارين) لاءِ.
- رتن جوت. گرمي لاءِ ۽ پرميل لاءِ، جريان لاءِ.
- ڳِرانجهڙو. مثاني لاءِ، پٿري لاءِ پيشاب لاءِ.
- راڻ. ٻوهه مثل، ان جي پاڙ سنڌن جي سور لاءِ.
- گوکُرو. پرميل، ڪِڇ(پيشاب بندجڻ) لاءِ.
- ٻِگَهول. وڏو ٻوڙو(سانئين مثال) ان جي پاڙ جيڪا ڪاري رنگ واري(ڳاڙهيرڙي اڇيرڙي نه) سا ديسي مَهمَيرو آهي هڏن جي ڀڳ لاءِ.
- ڪرسڻ. برسات کان سواءِ به سائو ڦٽ جو رس چوسيندو.
- للر. ان جا پڪا داڻا گهوٽي پياربا ته پيشاب هلائيندو.
- وٽن مان اڇواڪ. مرگهي لاءِ، دم لاءِ.

(د) سپيتمبر 1983ع ۾ هترائي(تعلقي ڏيپلي) ۾ ڪچهري ۽ ٻوٽين بابت پڇا تي هيٺين معلومات ملي.

- ڪئا ڍال. هن ۾ ڦلڙيون ٿين زنانن بيمارين ۾ ڪم اچي.
- گاجبا. ڦڪا ڦل، گرمي لاءِ.
- منڍيري وَس واري، طاقت وڌائي.
- ڪوتڪ. ملا پڪريز لاءِ ڪارگر.
- گهوڙا ول. مال کي واءَ جي مرض لاءِ.
- مگريال. ول جيڪا زمين تي پکڙي ۽ پڻ وڻ تي چڙهي ۽ گرمي کان گهوٽي پيئن.
- پٽ ڪناور يا ايريال. هٿ جيڏو سائو پاسي کان ڪنبا، پرمال لاءِ پيارين.
- ڪرسڻ. ملي لاءِ، گهوٽي ڦٽ مٿان ٻڌن.
- ڪارو پيچالو. ول جيڪا وڻ تي چڙهي، ڦٽ مٿان ٻڌن.
- ٽڪنڊي يا بڪڙو. ڪڇ لاءِ پيشاب جي ساڙي لاءِ.
- ٻوهہ. پاڙ جو رس زناني ويم وقت رت کي بند ڪري.
- سِڻ. پاڙ ڪٽر ڪري، گهوٽي، رس ڪڍي پيارين تہ زخم جو رت بند ٿئي.
- ٿوهہ. مربو ناهين. ڪڙيون(ٻج) مڇي کائجن.

- **مال لاءِ سنا گاهہ:**

هٽرائي واري پاسي هيٺين طور سنا گاهہ ڳٽين(پهريون نمبر) سُٻگا، ڪوري، مال پاڙ تائين کائيندو رت ۽ کير وڌائيندو(ٻيو نمبر) مانڌاٽو مانڌاٽي(ٽيون نمبر) ڪِوائي، سانوٽي(چوٿون نمبر) پُرٽ.

**بدين تعلقي جي ڏاڪٽين ڪَس جا گاهہ**

3 ڊسمبر 1989ع تي انهي ڀاڱي ۾ پيچا ڪرڻ جو موقعو مليو. معلوم ٿيو تہ هاٽي سم نالي ۽ سيلاب سببان گاهہ گهٽ آهي، پر اڳ هن ڀاڱي ۾ ڪل، ڊرپ، ڏِنُهين، لِچَرُ ۽ ڏامور گاهہ ٿيندا هئا. هينئر البتہ جَهڪِين جاين تي اوَٺن ۽ لُٺاَنڊري ٿئي ۽ ڊنڊين ۾ اندر ڏِير آهي.

**پاٽي جا گاهہ**

هر گاهہ پاٽي تي ٿئي ، پر پاٽي جا گاهہ' اهي جيڪي گهٽي پاٽي تي ٿين يا پاٽي ۾ اندر ٿين. منڇر، ڪينجهر، سونهري ۽ ٻين لاڙ توڙي اتر وارين ڍنڍين ۽ اوير طرف ٻَڪارو وارين ڍنڍين ۾ پڻ ۽ ساموندري ڪناري لڳ سمنڊ جي پاٽي ۾ اهڙا گاهہ ٿين، جن کي مڇي کائي. اهي مڇي جو کاڌو آهن ۽

انهن کي راقم پنهنجن ٻن ڪتابن ’ مٺي جي مڇي‘ ۽ ’کاري جي مڇي‘ ۾ بيان ۾ ڪيو آهي. کاري واري پاڻي ۾ سمنڊ جي ڪناري لڳ سمنڊ جي وڏن واهڙن ۽ دريائن ۾ پاڻي پيو لهي چڙهي ۽ جتان پاڻي لهي اتي روءِ چڏي ۽ پلي زمين ڪڍي اهي پَلَ سڏجن. کاري جي پَلن جا گاهه جيڪي راقم ميرپور ساڪري، ڪيٽي بندر ۽ شاهبندر طرف ڏٺا تن بابت اتان جي ڄاڻن ماڻهن ۽ خاص طرح وڏي سڄاڻ ۽ وڏي لائق دوست حاجي محمد سوڍي مرحوم (لڳ ميرپور ساڪرو) کان پڇيو. چيائون تہ مال(ڳئون، مينهون ۽ ائيون) لاءِ کاري جا هينيان چار گاهه مکيہ آهن.

- سونهڻ: سڀ کان پلو ۽ مٺو’ گوڏي جيترو ٿئي. شاهبندر لڳ مون ڏٺو تہ مينهون پاڻي ۾ اندر منهن وجهي سونهڻ پٽي پيون کائن. سونهڻ جي چاري وارو کير بہ سٺو ۽ سرهو. سونهڻ کاري پاڻي ۾ آهي تہ بہ مٺو ۽ کاري پاڻي هوندي بہ پنهنجو مٺو ساءَ نٿو مٽائي. ڪنهن سالڪ انهي حقيقت تي سهڻو بيت چيو تہ:

کاري جيئن ڪَرَنِ، وَنگ مٽِيئي واسِياَ
پر سوُنهڻ جئن سيٽن، مَنو ساءُ نہ مَٽِيو.

(ڪرن ۽ رقيبن کان پاڻي وانگر سڀ ونگ واهڙَ کان جي بوءِ سان واسي ڇڏيا، پر پيارن سڄڻن(سيٽن)، سونهڻ وانگر، پنهنجو منوءِ ساءَ نہ مٽيو)

- سامونڊي، هي گاهه ايترو مٺو ناهي جيترو سونهڻ، پر طاقت ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي جو مال گهڻو متارو ٿيندو.

- لوراندو ۽ ’پاڙ‘ اهي ٻئي ٽئين نمبر ۾ پلا آهن. ٻنهي کي مال کائي. گاهن کان سواءِ سامونڊي دريائن جي ٻينارين ۾ تَمر وڻ جا ٻيلا آهن. تَمر وڻ اُٺ جو کاڌو آهي.

---

# ڏٽ ۽ ڏوٽي

پورهئي ۽ محنت جا قدردان سڄاڻ نوجوان! اڄ تہ توکي ماضيءَ جي هڪ وڏي پورهيي يعني 'ڏُٽ ڏورڻ' جي حقيقت سمجهايان. گهڻا پڙهيا 'ڏوٽي' جو لفظ استعمال ڪن ٿا، پر ڪين تہ 'ڏٽ' جي تہ نہ 'ڏوٽي' جي پوري خبر آهي. ڏُٽ جهنگ جي گاهن ٻُوٽن، ٻوٽن، ولين ۽ وڻن جو ٻج يا ڦر آهي. هر مُند جو ڪونہ ڪو ڏٽ آهي، پر گهڻو ڏُٽ سانوڻي ۽ سرءُ جو يعني سانوڻ جي مينهن تي ڦُٽل گاهن، ٻوٽن ولين جو جيڪو پوءِ سرءُ ۾ پچي پڪو ٿئي.

انسان جي کاڌي قوت لاءِ جيڪي زمين جي اوپر (وڻن، گاهن، ٻوٽن، ٻوٽن، ولين) مان دستياب ٿئي ۽ جيڪو جهنگ جهر مان بنا روڪ ٽوڪ جي چونڊي ميڙي سگهجي، سو 'ڏُٽ' آهي. انسان پنهنجي اوائلي زندگي واري دؤر ۾ ڏٽ تي ئي پليو. ٿر بر، جهنگ جبل ۾ رهندڙ غريبن جو گذران ڏٽ تي ٿيو. سنڌ جي اوير ۽ اولهہ، ٿر ۽ ڇپر ۾ رهندڙ غريبن ويندي ويهين صدي جي شروعات تائين ڏٽ ڏوريو: يعني گذران لاءِ ڏُٽ ميڙيو چونڊيو. جن جو گذران ڏٽ تي هو ۽ جيڪي سڄو ڏينهن ڪشالا ڪري جهنگ جهر ۾ ڏٽ ميڙيندا هئا سي 'ڏوٽي' سڏيا ويا. عام اصطلاح ۾ 'ڏوٽي' معنيٰ اهڙو غريب جنهن جو گذر ڏکيو هجي؛ خاص معنيٰ ۾ 'ڏوٽي' اهو جنهن جو ڏنڌوئي روزانو صبح جو سوير ڪاهو يا کَهو (ڪوڏر مثل، ننڍي سوڙهي منهن ۽ ڊگهي ڳن سان کَهيڙو) کڻي ڏٽ ڏورڻ. 'ڪاهوڙي' وڏا جفاڪش ۽ محنتي هئا، جن جي مثالي ڪردار کي شاهہ عبداللطيف سر ڪاهوڙي جي بيتن ۾ بيان ڪيو تہ:

اٽيو اٽيو ڪن، ڏوٽيئڙا ڏٽ کي

ڏٽ چار قسم آهي: اَنَ جو ڏُٽ، ٻاجهيءَ جو ڏٽ، ميوي جو ڏٽ ۽ باقي ٻيو ڏُٽ. اڳ وڏا وڏا ڏڪار پوندا هئا تہ ماڻهو ڪنڊيءَ جُو ڳيپ بہ کائيندا هئا. 'ست۔ ڏُڪاري' معنيٰ ست سال ساندهہ ڏڪار: معلوم ٿيو تہ اهڙي حالت ۾ ڪنڊيءَ جا چوڏا لاهي، ڳپ وڍي سڪائي، ڪُٽي پيهي، ان ۾ ٿورو

اتو ملائي ماني پچائي ڪائيندا هئا. ڪچهريءَ ۾ هڪ سياڻي چيو تہ اهڙيءَ حالت ۾ بہ ”مايون پنهنجي لڄ پت ۾ رهنديون رهيون“. تہ جون سوڍيون هميشہ حجاب ۾ رهيون. ڏڪار هوندي بہ پرديس ۾ وڃي پنهنجي سندن واسطي عيب هو. سندن اخلاق بابت مشهور بيت تہ:

ڏُڪها آڇ ۾ تن کي، ڪاسا جني ڪم
پنندي پرديس ۾ تن سوڍين ٿئي شرم
اُتن گهٽي ادب سان، ڳالهائين نرم
قادر ڪر ڪرم، تہ ٿئي وس ولهار ۾.

هن ويهين صدي جي وچ ڌاري ڏُٿ چونڊڻ واري محنت ختم ٿي وئي. شايد انهيءَ ڪري جو ماڻهو سکيا ٿي ويا! تہ جي هڪ سگهڙ جواب ڏنو تہ: سکيائي ڪانهي پر هلا کي نٿي پڄي!

※ ان جو ڏُٿ.

هيٺين وڻن، ولين، ٻوٽن، ٻوٽن جو ٻج، 'اَنَ جو ڏٿ' آهي، اهو ٻج پيهي اٽي طور ماني ۽ ڪاڌي لاءِ استعمال ڪبو.

- ڦِڙهہ. هن 'ٻوڙي' جو ٻج جنهن جي اٽي جي ماني ٿئي. ڦڙهہ جي ٻُوڙي جو نالو ئي 'ٻُوڙو' آهي، جيڪو وس تي ٿئي ڦڙهہ کي جنڊ تي ڦِرڙي، پوءِ پيهي ٻاجهري جي اٽي سان گڏي ماني پچائبي.
- توهہ جي ڪريون (ٻج). توهہ وڏي ٽڪرا ڪري ڪڏ ۾ پوري ڇڏبا. ڳچ وقت کان پوءِ ڪڍي ڪُٽبا ۽ ڇاڻبا تہ ٻج جدا ٿي پوندو. ڏريا تہ انهن جو ڳپ نڪرندو. پوري ان جي ۽ ٻوري ڪُرين گڏي پيهبا ۽ مانيون تينديون.
- ٻرو. جوار جهڙو ڏگهو ٻوڙو، ان جي ٻج ۽ اٽي مان ماني پچائجي. ڊربيڙن اَنَ جي ڦري ڪچي تہ پاجي ٿئي، ۽ پچڻ تي اندران ٻج جيڪو پيهي ماني پچائجي.
- ڪُوري ٻج. پيهي اٽي طور ڪائجي.
- مرُٿُ. ٻج پيهي اٽي طور ڪائجي.
- ڪونيٽ وڻ جي ڇيڙي جو ٻج اَن سان گڏي پيهبو ۽ اٽي مان مانيون.
- ڪوهستان ۾ ٻوئي، مرجي ۽ لَنب جو ٻج ڏٿ ڪري ڪائبو هو مرِجي جو داڻو جيري جي رنگ تي پر گول.

-پُوتار گاهہ جو ٻج، ڪوهستان ۾ ٿئي.

- ڏامڻ جو ٻج. ٿر توڙي ڪوهستان ۾ ٿئي، گهوڙي لاءِ ڏامڻ آمڻ آهي.
- لَنب. سنهڙو تار تار گاهه. جنهن جي چوٽي ۾ چانور مثل سنهڙو داڻو. ان جو ٻيت. شاهه صاحب مارئي جي زباني چيو ته:

آٽيو لنب لطيف چئي، چانور ڪيو چاڙهين.

- لاٽي جو ٻج. ان جي ماني.
- ڪرتيون. سڪل ڪٽڪ جي داڻي جيترو داڻو.
- سيڻَ. ٿر ۾ توڙي ڪوهستان ۾ گهڻو ٿئي، جنهن جو ٻج پيهي اٽو ڪن.
- هِلَڙو. خيرپور واري ٽَڪرءِ ناري ڪان اوير گهڻو ٿئي وڏف جهڙو سهڻو ٻج: ان جي ماني ڪٽڪ جي اٽي سان لاڳو لپ ڪن رات جو ڪير ۾ وجهي ڇڏجي ته صبح جو کائڻ لاءِ پت ٿيو پيو هوندو.
- لُڳسي گاهه جو ٻج. نانگلي جي ٻج جهڙو (سنڌجيسلمير جي حد واري ايراضي ۾)
- پُرٽ. ٻج مان اٽوءِ ماني: ٻئي اٽي سان ملائبو ته وڏيڪ لذيذ.
- مانڌاڻو. هن جي داڻي جي اٽي جي ماني جوئر جهڙي ڳاڙهي.
- پڳڙاول. ان طور اٽوءِ ماني.
- ٻوهه. ٻوهه جو اٽو ٻاجهري جي اٽي سان.
- وَٽهر (جڻ ڪچو ٻوهه) ملائبو جو ٻج متر جهڙو- شادي شهيد ۽ خيرپور واري ٽڪر ۾ گهڻو ٿئي. هن کي شايد ٿر طرف 'متر' چون (جنهن ۾ پڻ مترن جهڙا داڻا)
- جهنگ ۾ وس تي ٿيندڙ ٻاجهري، سانئون، چيڻو، ڪرنگهه، نانگلي، سڪٽي، سانوَڪ،اُوريو. انهن سيني جا اَنَ ذُت ۾ شامل آهن. نانگلي جي ماني ڪاري پر مٺي، البت اثر قبض. سانوڪَ ۽ اوريو ميرپور ماٿيلي طرف وڏيڪ ٿين. چلا ٿين. اوريي جو داڻو سانوڪ جي داڻي کان ٿلهو رنگ ۾ [illegible] ڪائڻ ۾ ڳسارو ناڙي ۾ ڳم جو ٻج پت طور رڌجي.

**٭ پاڇيءَ جو ذت.**

هيٺيون پاڇيون ذت آهن:

- ٻريٻڙ گاهه جي ڦري، مگ جهڙي، جنهن جي پاڇي ٿئي.
- مريڙو يا مَليرڙو لِلُر'، لوٽڪ جيڪي وس تي ٿين.
- ٻُونگر. ڪِرڙ جا سنهڙا تازا ڦُٽل ڪچڙا گونچ.

- ڪرڙ جي پُسي (ڪليل ڦل) ۽ ٻاتي (مڪريا) ٻنهي جي ٻاجي ۾ ڏئونرن جو آچار.
- ڦوڳُ ٻهار ۾ ڦلاربو ۽ اڇڙا گل، اها ڦوڳي ٻاجي سٺي.
- مُنگها: مُنگهو ٻوڙو آهي، ڪوهستان ۾ ٿئي جنهن ۾ ويندي ڏهه- پنڌرهن منگها ٿين، مٿان ڇل ۾ ڪنڊن مٿل.
- پانهيرو. فقط جبل ۾ ٿئي. اڇو گل، ان مان ڪونئري گولاري مٿل رُڪاڻ جو ٻوڙ آهي. لسي ۾ ٻه وجهي کائيندا. لوڻ مرچ وجهي سانڊاٽو ڪندا.
- ميهو. ٿر توڙي ڪوهستان ۾ مينهن تي ٿئي. مٿين ڪل ذرا ڪاراڻ تي.
- گوار. جيڪا پوڪجي ڪانه، پر وس تي جهنگ ۾ ٿئي. اها اُڙڪ گوار رڌڻ ۾ سخت.
- پپون. ٻاجي ٿئي.
- ٻگرو. وس جو ڪچو ته ٻاجي.
- پٽ ڪنوار يا ايريال. جنهن جي ٻِرَ جي ٻاجي ٿئي.
- چپڙن جي ٻاجي.
- سناڙي جي ٻاجي.
- سڱر جي 'ليڙ' (ڪچڙو سڱر) جي ٻاجي.
- اوئن جي ٻاجي.
- اڪ ڦلي. اڪ جي ڦلَ ۾ اندر واري مانڊاٽي اها مني آهي ۽ ان جي ٻاجي.
- توهر ڦلي. مٿي چوٽي ۾ ڪچڙو پن، تنهن جي ٻاجي ٿئي. ٻِر مان مربو ٿهي.

ميها، گوار، پپون، چپڙ ۽ ٽِر 'گڏي رڌين. ان ٻاجي کي 'جهوڏ' چئجي.

**٭ميوي جو ذت.**

وڻن، ٻوٽن، ٻوڙن ۽ ولين جا هينيان ڦَرجن ۾ ميناج آهي، سي 'ميوي جي ذت' ۾ شامل آهن.

- هنجهير، (ڪوهستان) جهنگ جو انجير.
- پيرون. جار جا ۽ پڙ ڪنبڙ جا (ٿر ۾) پيرون جتي ڪٿي پر چاچري تعلقي جا ٽَڙ دوس ۽ ساڪريو پيرن جا مرڪز آهن. پيرون عموماً ٻڳاڙهيرڙي گلابي رنگ تي. 'تيڙيا' پيرون وڏا ۽ رنگ سهٽو.

- ٻاڳي. ٻاڳي وڻ جو ميوو. اڇو گل ۽ پوءِ ٻاڳي جيڪا ٻاڙهي ۽ مٺي پچر ۾ ٿئي.
- ٻاڳو. ٻاڳو وڻ (ٿر ۾). گل پيئرو (پيلو). جنهن مان ٻاڳو ڪڪي رنگ تي، ڇل لاهجي تہ اندران ٻاڙهو جيڪو کائجي.
- گولاڙا، ليار ۽ گانگهيتا پيون ۽ پيرون ميون جي ذت ۾ شامل آهن.
- ٻاڳيا ول بہ چون ساهر.
  جهنگ ۾ ولين جا ڇانهان، ڪاڙينگ (گول) ۽ آل (ڏکهي ڇانهين)
- ڇيڙ، ڇيڙيون جيڪي ٻاڙها تي ڇٽن. وڏو ڇيڙ جنهن کي 'مٺ ڇيڙ' يا مٺ ڪو تينيڙ' چون.
- سَتي يا سناوڙي، ناري طرف سناوڙي.
- ڏوڏا. ڪاوَڙ (ناري جي ٻريان اتريون ٿر) ۾ ٻوڙو آهي پن اڪڙي جهڙا سائي رنگ تي، ڪير جهڙو ساءُ.
- ڇاڱرا بير ۽ سڱر جيڪي پڪا تي هيٺ ڇٽن.
  ڪونڊير. ٻاڙ ۾ پٽاتي جهڙو ڪير ۾ ڪاڙهي مصري وجهي کائن.
- پيون، مُرت جي ٻاڙ ۾ ٿين سي ڪتمنڙيون. پپن ۽ ڏونرو گڏي گاتيو ڪن.

***باقي ٻيو ذت.**

- پَٽ ڪنيي، جيڪا ٿر ۾ هيٺ ميدان ۾ ٿئي. ڇپر ۾ نالو ڦُنگي، ڦونگيون.
- وڏو ڪُنب. ٿر ۾ متي پِٽَ تي ٿئي. ڇپر (ڪوهستان) ۾ نالو آنانگر.
- ڪَئونر. 'ٻائري جو (ٿر)، ڪوُنيت (ٿر) يا ڪير (ڇپر) جو ۽ ڪنڊيءَ جو (ٿر).

اي سجڻ! وري بہ 'ذت' جي حقيقت سمجهہ: ذت جي حقيقت سمجهہ: ذت ان کي چئجي جيڪو بنا پئسي ملي، بنا پوکڻ جي ٿئي ۽ بنا سنيار جي پچي. شاهہ جي رسالي جو بيت (سر مارئي) آهي تہ:

> پاٽهي پَچي پيئيون رِءَ واهيت رءَ واڙِ
> جوءِ ڪُشادي جيڏيين، ملير موڪ مهاڙِ
> اُت اباٽا جنهن جما سا ماڙيين مُور مَ چاڙهہ
> جي اُڪنڊِيُون آراڙِ لوهہ تَنَي کي لاهئين!

يعني وَليون بنا ڪنهن واهيءَ جي ۽ بنا ڪنهن لوڙهي جي جهنگ ۾ پاٽهي پچي پيون. اراڙ (آرهاڙ) يعني 'آرهاڙِي ذُت': اهو ذت جيڪو آرهڙيا آرهاڙ ۾ ٿئي. آرهڙ جو ذت سڱر ٻيا 'ڏونرا'، پَڪا ۽ پُسي جيڪي ڪِرڻ ۾

ٽين. هيٺين بيت ۾ شاعر اسحاق گدي (ميرپور ساڪري طرف جو)، مارئي جي زباني، ڏٿ ساريا آهن ته:

وجهي ميت متي ۾ وڃي گهرِ ڏٿونرارين ڏونڊياس
هي جي مَرَ ماڙين جا، سي لکين لاهينڊياس
ڏُٿ وراهي ڏيهه ۾ ڏاڏاٽين ڏينڊياس
پيرون جي پرين جا سي خوشيءَ سان ڪِينڊياسِ
لاڙي ڍنگر، موڙي سِنگر، گهُمي گهر ايندياسِ
چونڊ ٻاڳا وجهي پاڳا، جيڏين سين جينڊياس
رانئِڪ پڪا، چونڊي ڪَڪا، ڪوڪڙ ڪانڊِ ڏينڊياس
هو جو ڏونئرا پسي پورا، پري پٽينڊياس
ڏيئي ور، چونڊي ٻَر، وڃي ٻِمُوَن ٻاهينڊياس
ڪکِ منڊيئڙو مزلي جهڙو مُٺ سين موهينڊياس
پَٽ ٻصر ۽ پپُون، ڪونڊير وڃي ڪڍنڊياس
ماڪي ميوو مارن سان وڃي مزا ماٽينڊياس
ڪَٿَ ڪِتاليون، اُٺ سوپاريون، خوشيءَ سان ڪينڊياس
راهي ڪور ڪورين تان چڪٽو چڪنڊياس
گرپنا، گوگهيتا ڇُڳن مان ڇننڊياس
گولون گولاڙن جون چڙهي چونڊينڊياس
جم گڏيو جم ڪي، وڃي ليهار لاهينڊياس
لوبون لاک رڱڻ لاءِ آءُ ساڪُڙ سورينڊياس
جاسين آءُ جئنڊياس، تاسين ٿُورُ ڇوڙينڊيس تند مان.

اي سياڻا! ڏس ته ڪهڙو نه سهڻو پر ڳُوڙهو بيت آهي، جنهن ۾ ڏٿن جا نالا آهن. جاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جي لغت وسيع آهي. جنهن ۾ هر شيءَ ڪي نالو آهي ڪن سٽن ۾ سمايل لغات کي سمجهڻ ضروري آهي ڏونرا اريين= مان شان وارين (وارين وٺ). ڏونرار يا ڏونريات معنيٰ اڇو ۽ اڇي لباس وارو. سفيد پوش. سِنگر (ساڪري جي ٻولي)= سگر ڪوڪڙ= سڪل پيرون ٻر، ٻِمون، ڪک منڊيئرو ٻه ڏٿ آهن پر آءُ ڏسي نه سگهيس. ڪٿ ڪتاليون ۽ اٺ- سوپاريون ٻه آءُ ڏسي نه سگهيس ڪورين تان (ساڪري جي ٻولي) يعني ڪيرين تان ’ڪير‘ (جبل ۾) ڪونيت جو وڻ. چڪٽو= چباڙڻ ۾ سخت. ٿُور=

ٻڪرين يا رڍن جا ساڳي ۾ چاول ڦر چاڻ تہ رڍن جا سال ۾ ٻہ تور ٿين: هڪ ’سروئي تور‘ ٻيو ’ساري‘ وارو ’تور‘. چاڻن (مئي) جون لڳل سرءُ (سيپٽمبر) ۾ ويامنديون. اهو ’سَروئي تور‘ جيڪي رهجي ويون (نہ لڳيون) سي مٿان سانوڻ (مينهن) ۾ لڳي ويندي يون ۽ سياري ۾ ويامنديون. اهو سياري وارو تور. پر سمجهہ تہ: رڍ بڪي هوندي تہ بہ لڳي ويندي پر ٻڪري ڏئو تي لڳي‘! مٿي بيت ۾ لفظ تِند ’ آيو آهي: تِندي يا تِندو معنيٰ ڏکهو سڳو يا رسو. چيلن جو تندو. آرهڙ ۾ جڏهن ٻڪريون ٻاهر وهنديون تڏهن چيلڙا تند يا تندي ۾ قطاري ٻڌندا تہ وائکا تي ويهن. سياري ۾ انهن کي گوندي (ننڍي واڙي) ۾ پوريندا تہ هڪ ٻئي سان لڳي ويهن ۽ گرم رهن.

---

# ٽَڪر- ٿر ۽ گهاڙ واري وات

سنڌ جا ڪي پاڳا, اتي جي رهاڪن, ماڳن, آثارن ۽ ٻين خصوصيتن جي ڪري خاص اهميت رکن ٿا پر جيئن تہ اهي پاسي تي آهن. انهيءَ ڪري سيڪو انهن تائين ڪونہ ٿو پهچي. البت ائين چئي سگهجي ٿو تہ جنهن اهي انوکا پاڳا نہ ڏٺا آهن, تن جڻ سنڌ نہ ڏٺي آهي. انهن مان هڪ 'ٽڪر- ٿر' وارو پاڳو آهي جنهن جو هن رهاڻ ۾ ذڪر هلندو.

اڳين خيرپور رياست (هاڻي خيرپور ضلعو) جو اهو پاڳو جيڪو ناري ۽ مهراڻي جي وچ ۾ آهي, يعني جنهن جي اوپر واري پاسي وڏو نارو واهہ ۽ اولهہ طرفان درياءَ جي پاڻي واري آبادي آهي, ان جو اتريون پاڳو ٽڪر يا گهاڙ (جابلو) آهي ۽ ڏاکڻيون پاڳو واريءَ وارو ٿر. اتريون ٽڪر وارو پاسو ڪوٽ ڏجي تعلقي ۾ 'تَلِي' وٽ ختم ٿئي ٿو ۽ هيٺ ڏکڻ طرف ٿر وارو پاڳو شروع ٿئي ٿو. اولهہ کان اوڀر, ناري تائين, سراسري ويڪر ٻارهن ڪوهہ (24 ميل) آهي ۽ انهيءَ ڪري "ٻارهن ڪوهيوٿر" سڏجي, جيتوڻيڪ ڪٿي ويڪر ويهہ ڪوهہ کن بہ آهي. اتر کان ڏکڻ تائين سڄي ٽڪر-ٿر جي ڊيگهہ چاليهہ- پنجيتاليهہ ڪوهہ (80-90 ميل) ٿيندي هن بياباني پاڳي ۾ ميرن واري دؤر ۾ مالدار پاڳين کي ويهاريو ويو. ڪوهہ ڪوتايا ويا ۽ تلاءَ کٽايا ويا. هن پاڳي مان جيڪا آڳاتي وقت جي واٽ هئي تنهن کي وڏو ڪيو ويو ۽ سلامت ۽ سهولت لاءِ, مقرر منزلن تي پاڻي لاءِ ڪوهہ ۽ تلاءَ کٽيا ويا. اهو ان وقت جو هڪ وڏو انتظامي ڪارنامو هو. ٿر- ٽڪر يا گهاڙ واري وات کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ, راقم ٽڪر ۽ ٿر جي ڪوهن تلائن بابت پڇائون ڪيون ۽ معلومات جمع ڪيا جيڪي هيٺ ڏجي ٿي.

**اتر کان ڏکڻ: تلاءُ ۽ ڪوهہ:**

1- لمبرِي وارو تلاء ٽڪر ۾
2- مَٽن وارو تلاءُ ٽڪر ۾
3- ٻڙهہ تي ڪوهہ, ٻڙهہ وارو ٿر
4 - رَهمُو وارو تڙ (ڪوهہ)
5 - مُلَڪِي جو تڙ (ڪوهہ)
6 - پاهڻن جو تڙ (ڪوهہ)

7_ مِني وارو ٽڙ (ڪوهه)
8_ مَلير جو ٽڙ (ڪوهه)
9_ گُجي جو ٽڙ (ڪوهه)
10_ ماٽي وارِي (ڪوهه)
11_ گڪرن وارو ٽڙ (ڪوهه)
12_ نُونڙو_ ٽڙ (ڪوهه)
13_ حبيب جو ٽڙ (ڪوهه)
14_ سانگِريارو (ڪوهه)
15_ سيمي وارو تلاءُ
16_ ٻِتڙو (ڪوهه)
17_ ٻهار (تلاءُ)
18_ لاڪرنڊ و ٽڙ (ڪوهه)
19_ ڪرڙ وارو (تلاءُ)
20_ ڪاريون
21_ ’سرائي وارو مڪان‘،
اتي ڪوهه ۽ جاءِ ٻه پڪي

22 _ اُٽَ ٻارو (تلاءُ)
23 _عِيسن جي ڪڙ (’ڪڙ‘ معنيٰ ڪڏ (پاٽي جي) ’تلاءُ‘)
24 _ ڏاند ڪَڙ (تلاء)
25 _ ليڙ وارو ٽڙ (مٺو ڪوهه)
26 _ جاڪيري وارو ٽڙ (تلاءُ)
27 _ ڏاچ وارو ٽڙ (ڪوهه)
28_ گاداٽو (ڪوهه)
29_ پٽيهل (ڪوهه)
30 _ سُهُڻ (ڪوهه)
31 _ چپريرو (ڪوه ۽ تلاءُ)
32 _ گنڊي وارو (ڪوهه)
33 _ پاٽي وارو (ڪوهه)
34 _ واڃياٽي وارو ٽڙ (ڪوهه)
35 — ڪار وارو (ڪوهه)
36 _ ميٺهَڙ (تلاءُ)

ڪوهه ننڍي ۾ ننڍو اٺ هٿ (21 فوٽ) ۽ وڏي ۾ وڏو ٻارهن هٿ
_ ڪوهي ٽن هٿن کان پنجن هٿن تائين
_ وانڍ عارضي بستي سانگ وقت

ڪاريون ڊنڊ آهي پر سڏجي ڪاريون. ان جي چوڏاري، ٿورڙو پري، ٽَس ڪٽن (يعني ننڍيا ڏرا فوٽ ٻه فوٽ ڪوٽجن) تہ انهن ۾ سيمي جو پاٽي مٺو. ناري جي ٻنهي طرفن، ڪارين ڊنڍن جي پرسان جيڪو ٻه ٽَس ’ڪٽبو سو مٺو هوندو.

## ’گهاڙ واري واٽ‘

هي هڪ آڳاٽي واٽ هئي، جيڪا بادشاهي سَڙڪ ٻہ سڏبي ٿي. اها ڏکڻ کان وچ سنڌ مان ٿيندي ’ٻارهن_ ڪوهيي ٽر‘ مان لگهندي هئي. هي واٽ ڏکڻ طرفان جام ڏاتار کان هلي، سا وچي شادي شهيد (روهڙي تعلقي) سان لڳي.

هن واٽ سان ڪي پاڻيءَ جا منزل وارا تڙ اڳ هئا. پر پوءِ ميرن جي دؤر ۾ وڌيا جيئن تہ جَنگُو خان شر وارو تڙ ۽ سرائي واحد بخش خاصخيلي وارو تڙ ۽ ٻيا جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. پاڪستان کان پوءِ ٻيا تڙ بہ ٺيا.

**گهار واري واٽ تي اولياءُ:**

ڄام ڏاتار، راڏڻ مشائخ (فيض گنج جي ڏاڪٽي اوير واري چيڙي ۾ پڪين سِرُن جو قُبو يت تي)،'علي اصبحو' (قبو ناهي قبر آهي) ۽ پوءِ 'ٻگورو بائد' (ظفر آباد کان 3 ڪوهہ اُتر اوير). 'علي اصبحو' ۽ 'ٻگوروبائد' ٻئي فيض گنج تعلقي ۾ آهن. پوءِ 'پير نانگيو (مانڊبٽن کان ڏکڻ، تعلقو ميرواهہ.) اهي سڀ بزرگ، مخدوم بهاءُالدين زڪريا ملتان واري جا خليفا يا سندس جماعتي هئا. لاڙ مان ايندڙ جماعتون انهيءَ واٽ سان اڳتي ملتان ڏانهن ويندڙيون هيون. سانگريارو تڙ (ڪوهہ) تي بيبي مريم جو قديم قبرستان آهي، ۽ پٽيهل جي ڪوهہ وٽ وڏو ٺڪرانو ۽ آثار آهن.

شادي شهيد کان اڳتي هن تاريخي واٽ جا اهڃاڻ ۽ آثار هن طرح معلوم ٿيا. شادي شهيد کان پوءِ داڙا واهڻ ان کان پوءِ اروڙ ان کان اڳتي دُبر (تعلقو روهڙي)، سُرطاڻ پور.

چيچڙو (تعلقو گهوٽڪي): صالح محر جو ڳوٺ، داماجي، عادلپور، سرحد ڳوٺ (اتر طرف) ۽ ڍهو (ڏکڻ طرف) انهن ٻنهي جي وچان، جهانپور جي ڏکڻان (ٻہ ميل ڪن) (تعلقو گهوٽڪي) مِهرو واهہ جي پُل، باگو ڏهو جي ڏکڻان (هڪ ميل ڪن)، مسوواهہ (تعلقو ميرپور ماٿيلو)؛ ڪوراين جو ڳوٺ، محمدپور جي اتران، رنگپور جي ڏکڻان، ٽَڳ جي اتران، راڄن پور جي پل (ماهي واهہ تي)، اوباوڙو (بس اسٽئنڊ. اوباوڙي شهر کان ڪمُون شهيد تائين ساڳيو پڪو رستو ڪمون شهيد کان سبزل ڪوٽ، اڳتي رنگپور ۽ رائونتي جي وچان،جيوڻ شاهہ جي وسين ۽ پوءِ ڪنيڙا.

اڳ سنڌ مان جيڪو ڏڳ جيسلمير ويندو هو تنهن کي 'رائُرو ڏڳ' چوندا هئا.

---

# سنڌ جون رانديون

**کير کير وتي: ٻارڙن جي راند.**

راند جو نالو 'کِير کِير وَتي'، ۽ هن راند جو اهو خير خوشي وارو نالو ۽ نعرو آهي تہ شال 'کير کير جي وتي' ياوتي وتي ۾ کير'هجي'. ٻاراڻي راند آهي ۽ اسان ٻاراڻي وهي ۾ ڪئي. ٻہ ٽولا ٿيندا. هڪڙا هڪڙي طرف ويندا ۽ ٻيا ان جي ابتڙ ٻئي طرف. هر ٽولي مٽيءَ جون ڍِڳڙيون ٺاهيندي ننڍڙيون ننڍڙيون ڍِڳڙليو لڪائي ٺاهيندو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ آڳ وارو اڳواڻ ٽولو آواز ڏيندو تہ 'کير کير وتي"! ٻيو ٽولو بہ ڍِڳڙيون ٺاهڻ بند ڪري جواب ۾ آواز ڏيندو تہ "کير کير وتي! پوءِ ٻئي ٽولا ڪجهہ وقت هڪ جون ڍِڳڙيون ڳولي ڊاهيندا. وري بہ اڳواڻ ٽولو آواز ڏيندو ۽ ٻيو جواب ۾ چوندو "کير کير وتي"! پوءِ هر ٽولو پنهنجون ٺاهيل ڍِڳڙيون هلي ڏيکاريندو جيڪي ڊاهڻ کان بچي ويون سي ڳڻيندا. پوءِ جنهن جون گهڻيون ٿيون تنهن ٽولي راند کٽي.

**ونجهہ وٽي يا وانجهي راند:** راند وڏن ڇوڪرن ۽ نوجوانن جي آهي. عام نالو ونجهہ وَٽي، پر اصل نالو شايد 'ونجهہ وٽي' هجي، يعني جتي ونجهہ ۾ وٽ ٿئي ۽ هٿ هٽي همراهہ ڪمائجي. هي جنگ جي ميدان، حملي ۽ بچاءُ جو نقل آهي. 'ونجهہ' يعني 'ونج'، يعني ونجي يا ڪوتيل ڪاهي. رانديگرن جو هاڙهي ٽولو ٻاهران ڪاهيون ٽپي حملا ٿو ڪري ۽ 'پيچي' ٽولو بچاءُ ٿو ڪري، وانجهي جو سنئبن زمين تي نقشو هن ريت ٺاهيندا. هر ٽولي ۾ هڪ جيترا رانديگر هوندا ۽ جيترا هوندا اوتريون پير جي ليڪن سان ٻاريون ٺاهيندا. ٻاري جي ويڪر بہ يا ٽي فوٽ ۽ ڊيگهہ ٽيهہ فوٽ. پوري وچ تي وڏي وانجهي (ٻاري) ڪڍندا آهن.

ٻاهران بيٺل ٻاريون ٽپڻ وارا

| | | |
|---|---|---|
| ٻاري جهليندڙ | | ٻاري |
| ٻاري جهليندڙ | وانجهي | ٻاري |
| ٻاري جهليندڙ | | ٻاري |

هاڙهي (آڳ وننڊڙ) ۾ سندس ٽولي وارا ٻاهران ٻيهندا. ٻارين ٽپڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ آڏو 'پيچي' ٽولي وارا ٻاريون جهلي ٻيهندا ۽ هنن کي ٽپڻ نہ ڏيندا. جهليندڙن مان جيڪو وانجهي (مکيہ اڳواڻ) هوندو سو پهرين ٻاري جهلي ٻيهندو پر هن کي اهو اختيار آهي تہ وچين وانجهي وٽي ٻہ ڊوڙي ۽ ٽپندڙ مخالفن کي ڪامائي.

- **چؤپڙ: وڏن (مردن زالن) جي راند:**

هيءَ راند سنڌ ۾ مشهور ۽ مقبول هئي. راند جو نقشو ڳاڙهي ڪپڙي تي پرت پري سهڻو ڪري ناهيندا هئا. عام طرح ڳوٺن ۾ هيءَ راند ستن ڪوڏين سان کيڏبي هئي. ڪوڏيون مٺ سوَليون جهلي هيٺ اڇلائبيون ۽ سَنئين ۽ اونڌين وارين سِتائن جا ڇهہ داو ٿيندا. هن طرح

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| هڪ اونڌي | ڇهہ سنئيون | = | پڪي اٺ، | |
| ٻہ اونڌيون | پنج سنئيون | = | ڪچي اٺ، | |
| ٽي اونڌيون | چار سنئيون | = | چار خانا | |
| چار اونڌيون | ٽي سنئيون | = | ٽي خانا | |
| پنج اونڌيون | ٻہ سنئيون | = | ٻہ خانا | |
| ڇهہ اونڌيون | هڪ سنئين | = | يارهن خانا | |

پهرئين داءُ تي ساري ٽيهہ خانا هلندي، ٻئي تي پنجويهہ خانا ۽ ڇهين تي يارهن خانا، اهي ٽري داءُ وڏا آهن.

هيٺئين لاڙ ۾ ڪڇ طرف ٻہ ستن ڪوڏين سان ڪندا. ڪوڏيون ڦڳائيندا (اڇلائيندا) پوءِ جيڪو داءُ پيو ان موجب هيٺئين طور سارِي هَلندا.

هِڪ اونڌي ڇَهہ سنئيون = يارهن ڪَڻ (چيلها) هلندا. 'داءُ' ٿيو

ٻہ اونڌيون پنج سنئيون = ٻہ ڪَڻ ٿيا. اهو داءُ نہ ٿيو

ٽي اونڌيون چار سنئيون= ٽي ڪَڻ ٿيا، اهو داءُ نہ ٿيو

چار اونڌيون ٽي سنئيون= چارڪَڻ ٿيا اهو ٻہ داءُ نہ ٿيو

ڇهہ اونڌيون هڪ سنئين= 'پوري اٺ لڳي وئي'. داءُ ٿيو پر ٻہ طريقا هلڻ جا:

سامهون هلندو تہ اٺ ڪڻ، ڦيري سان پورا ٽيهہ ڪڻ هلندو

ست ئي اونڌيون= چوڏهن ڪَڻ، داءُ ٿيو

اهڙيءَ طرح راند ۾ جملي چار داءُ ۽ ٽي ڪَڻ.

مٿين مثالن مان معلوم ٿيو ته جدا جدا ڀاڱن ۾ چوپڙ راند جا داءَ جدا جدا. ڪڇ جي سگهڙ شاعر حاجي مکڻ مِناٽي جت بلوچ چوپڙ راند تي ڏِٺ جوڙي ته:

ڇَنوُ گهر هڪ شهَر ۾ چؤڪس گهر ٻيا چار
گام گُجرجي آئيون سورهن ڪري سينگار
سي سورهن ئي هٿ ستن جي، هلن هارو هار
ٽيوپهه چٽيون ٽوليءَ ۾ ڪري هليون قطار
تن جا پڪا ڏيو پار ته اهي ڪهڙيون ڪامٽيون؟

ڇَنُو= يعني جملي ڇهانوي ڪَڻ (ڇيلها). راند جي نقشي ۾ چار گهر اندر وچڻ جا، جملي سورهن ساريون، چئن چئن جدا جدا رنگ اهي هٿ ستن جي، يعني ستن ڪوڏين جي هٿ ۾ آهن. جن ۾ جيڪو داءُ لڳي ان موجب هلن. هاروهار= هڪ ٻئي پٺيان. ٽيوپهه چٽيون= ست ڪوڏيون ۽ سورهن ساريون.

نَوَ نَٽَ راند:

سنڌ ۾ راند جو مشهور نالو 'نوٽڙ' آهي. ڪراچي ۽ حب ۾ 'قطار چون. ڪڇي سنڌي 'نَوَ دَرو' چون. جت بلوچ ڪڇ وارا 'نَوَ ڪيڙي' چون. 'ڪَيڙي' يعني ساري هر رانديگر وٽ 'نَو ڪڙيون' هونديون. ڪڇ جي شاعر حاجي مکڻ 'نَوَ ڪيڙي' تي هيٺين ڏِٺ جوڙي:

سرتين جي سنگ ۾ ارڙهن چٽيون آهين
سي نَوَنَوَ چٽيون نڪريو پنهنجا پيچ پائين
اِن جيڏين جي جنگ جا وڻا ڳُڻ ڳائين
اهي موڙهل ڏور مکڻ چئي ڪي سالڪ سمجهائين.

هيءَ راند زمين تي ليڪا ڪڍي ٽاهڻ توڙي ٻن قسمن جون نَوَ ساريون (مثلاً 9 نڪريون ۽ پٿر) چوندڻ ۽ سَوَلي آهي. ٻه ڄڻا وڻ هيٺان يا ٻي ڪنهن ڇانءَ ۾ ويهي کيڏي سگهن ٿا. جيڪو اڳ ۾ ساري رکندو سو گهاٽي ۾ رهندو ۽ جيڪو پوءِ رکندو سو فائدي ۾. انهيءَ ڪري قاعدو ته پوئين رک واري کي 'راند نبيرڻي' آهي.

هن قسم جون ليڪن واريون ٻه ٻيون رانديون آهن: هڪ 'ڇَنهر' جيڪا گهرن ۾ ڇوڪريون ۽ مايون ڪن، ٻي 'شينهن- ٻڪري' جيڪا ڇوڪرا

توڙي پيا ڪن . انهن ٻنهي ۾ هڪ ساري مٿان ٽپي ٻي ساري کي مارينديءَ نَوَتڙ ۾ 'تڙ' نهندو (يعني ٽي ساريون ساڳي قطار ۾ ويهنديون) تڏهن مخالف جي ساري مرنديءَ شطرنج راند وڏي آهي، باقي نَوَتڙ' راند ۾ بہ چڱي سمجهہ ۽ سجاڳي کپيءَ

**ڊارو.**

'ڊاري راند' تاريخي لحاظ سان آڳاٽي ۽ وڏي مان مرتبي واري آهي، جو وڏن ڪردارن اها راند ڪئي. قصن جي ڪردارن مان مومل ۽ راڻي اها راند ڪئي ۽ دودي ۽ ابڙي اها راند ڪئي.

'ڀنءُ ٻارهن' داءُ ڊاري جو آهي: ڊار واڇلي چوندا: 'ڏر ڊارا۔ ڀَنءُ ٻارا" (ٻارا= ٻارهن)

**سَر منڊل راند:**

ٻارن يا نوجوان ٻدران هي وڏن جي راند آهي.

سَر منڊل راند يعني راڳ ۽ سُر جي ڄاڻ واري راند. ذهن ۽ زڪاوت جي لحاظ سان اها اعليٰ سطح واري راند آهي. راڳ جا ڄاڻو يا شاهہ جي رسالي جي سُرن مان بيتن جا ڄاڻو هيءَ راند رَچائيندا ۽ ڪچهري ۾ ويٺلن کي وندرائيندا. ڪچهري وارن مان جيڪي راڳ جي سرن يا شاهہ جي رسالي جي بيتن کي سمجهندڙ هوندا سي هن راند مان وڏيڪ حظ حاصل ڪندا

هن راند جي اصول ۽ سٽاءُ مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن وقت سنڌ ۾ ڪافي ماڻهو راڳ جي سرن جو شعور رکندڙ هئا. راقم کي موجوده دؤر تائين ڪن جاين تي هن راند جو ذوق شوق نظر آيو. 1970ع ڏاري مِٺي (ٿر پارڪر) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ اتي جو هڪ مڱڻهار فقير ۽ سگهڙ قل ٻجير کيڏاري ٿيا. مڱڻهار فقير سارنگي تي سر وڄايا ۽ سرن ذريعي 'ساري' جا اهڃاڻ ڏنا. جن کي قل ٻجير سمجهيو ۽ ساري کي سڃاتو. 5 مئي 1978ع تي ڳوٺ حاجي شير خان چانڊيو دڙيلو تعلقو سامارو ۾ ڪيل ڪچهري ۾ حاجي ڏيرڻ چانڊئي ٻڌايو تہ اتي ساز تي سرن وڄائڻ ٻدران شاهہ جي رسالي مان 'سرن' جي بيتن پڙهڻ سان 'ساري'جو اهڃاڻ ڏيندا آهن.

❊ هيٺينءَ طرح راند جو نقشو ڪڍيءَ سورهن چيلهن ۾ آسِي ساريون رکبيون.

- ✓ ٻہ ڪيڏاري هڪ طرف ۽ ڪچهري وارا ٻئي طرف هوندا.
- ✓ ٻنهي ڪيڏارين کي راند جو نقشو ذهن ۾ هوندو پر هڪ ڪچهري ۾ ويهندو ۽ ٻيو پري تي ويهندو.
- ✓ ڪچهري وارن مان ڪو هڪڙو راند ۾ رکيل اسي سارين مان ڪنهن هڪ ساري تي هٿ رکندو ۽ ڪچهري ۾ ويٺل ڪيڏاري اهو ڏسندو پوءِ ڪيڏاري ساز وڄائيندو ۽ جدا جدا سرن وارا راڳ ڪندو جيڪي پري ويٺل سندس ساٿي ٻڌندو يا ويٺل ڪيڏاري شاهہ جي رسالي مان جدا جدا سرن جا بيت چوندو جيڪي سندس پري ويٺل ساٿي ٻڌندو.
- ✓ پوءِ پري ويٺل ڪيڏاري کي سڏيندا ۽ اهو اچي اها ساري سڃاڻيندو جنهن تي ڪچهري وارن هٿ رکيو.
- ✓ سڀ حيران تي ويندا تہ هن ڪئين ساري ڳولي ڪڍي. راقم کي بہ حيراني ٿي. سمجهاڻي هن طرح آهي.
- ✓ راند جو نقشو چئن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن کي اتر، اوڀر، ڏکڻ ۽ اولهہ نالا ڏنل آهن.
- ✓ هر هڪ وڏو چورس ڀاڱو چئن ننڍين چورس ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن کي بہ ساڳيءَ طرح اوڀر، ڏکڻ، اولهہ ڪري ڄاڻبو.
- ✓ هر هڪ ننڍو چورس تنهن جون بہ چار ڪنڊون آهن، جن کي اتر، اوڀر، ڏکڻ ۽ اولهہ ڪري ڄاڻبو.
- ✓ ٻئي ڪيڏاري پاڻ ۾ ويهي اڳ ۾ ئي هر هڪ طرف لاءِ ڪو راڳ يا سُر مقرر ڪندا، مثلاً سارنگ راڳ يا سر اتر لاءِ. سورٺ راڳ يا سر ڏکڻ لاءِ، راڻو راڳ يا سر اوڀر لاءِ، ڪارايل راڳ يا سر اولهہ لاءِ ۽ هر چورس جي وچ ۾ ويٺل ساري لاءِ سهڻي جو راڳ يا سر.
- ✓ پوءِ ڪچهري ۾ ويٺل ڪيڏاري، ساز ۾ سر وڄائي ان ساري جا پار ڏيندو يا بيتن ۾ سرن جا پار ڏيندو.
- ✓ سمجهو تہ ڪچهري واري (الف) ساري تي هٿ رکيو آهي. هاڻي ويٺل ڪيڏاري پنهنجي ساٿيءَ کي ان ساري جا پار پتا هن طرح ڏيندو.

ـ اها ساري اوڀر واري وڏي چورس ۾ آهي، تنهن ڪري پهريائين ساز تي ’سر راڻو‘ وڄائيندو يا رسالي مان راڻي جي سُر جو بيت چوندو پر ويٺل ڪيڏاري سمجهي ويندو تہ ساري اوڀر واري وڏي چورس ۾ آهي. ان وڏي چورس ۾ اها ڏکڻ واري ننڍي چورس ۾ آهي. انهي ڪري ڪيڏاري ساز ۾ سُر سورٺ

وڄائيندو يا رسالي جي سر سورٺ مان بيت پڙهندو. اهو ٻڌي سندس ساٿي سمجهي ويندو تہ ڏاڪٽي چورس ۾ آهي. ان ننڍي چورس ۾ ساري اتر واري چيلهي ۾ آهي. ان لاءِ سر سارنگ وڄائيندو يا رسالي مان سارنگ جو بيت پڙهندو. ان آخري اهڃاڻ مان پري ويٺل ڪيڏاري کي ساري جي خبر پئجي ويندي ۽ هو اتي ڪچهري ۾ ايندو ۽ ساري سڃاڻي ڏيندو.

اهڙي طرح (ب) ساري لاءِ جيڪا اترئين وڏي چورس ۾ آهي سر سارنگ وڄائيندو. پوءِ اوپر واري ننڍي چورس لاءِ سر راڻو وڄائيندو. جيئن تہ ساري وچ ۾ آهي، انهيءَ ڪري سر سهڻي وڄائيندو.

# ٻگالهيون ملهہ ۽ ملهن جون

ملهہ سنڌ جي شانائتي پهلواني آهي، جنهن ۾ پنهنجي جوڙ کي رڳو ڪيرائڻو آهي، پر هڪ ٻئي کي مٽيءَ ۾ لٽيڙڻو ناهي. انهيءَ ڪري سنڌ جا ملهہ سهڻو لباس پائي ايندا ۽ ملهہ وقت رڳو پهراڻ يا قميص لاهيندا. اڳ ڪي ملهہ پٽڪا بہ هيٺ لاهي نہ رکندا هئا.

هن کان اڳ 'رهاڻ هيرن ڪاڻ-1' ۾ ملهہ جي پهلواني جا ڪي تفصيل ڏنا ويا آهن. خاص ڳالهہ تہ 1951ع ۾ راقم پهريون پيرو لائوڊ اسپيڪر ذريعي ملاکڙي جي ڪارروائي هلائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ پوءِ اهو پنهنجي ساٿي مرحوم پير شاهنواز ڊنڙي واري جي حوالي ڪيو. اهو هڪ اڳتي قدم هو. ان کان اڳ سواءِ ڪن مشهور ملهن جي نالن جي، عام طرح ماڻهو ملهن جي سڃاڻپ ائين ڪندا هئا تہ: سائي ڪانچ وارو ڪاري ڪانچ واري کي دسي ويو'. شاگردي واري زماني ۾ راقم جيڪي ملهہ 1930ع کان اڳ يا پوءِ ڏٺا، تن ۾ گُل جُهلڻ سنڌ ملوڪ ملهہ ٿيو. ان وقت لاڙ جي ملهن جا اڳواڻ بنگل ۽ جمال چانڊيو (سوٽ) هئا. جن مان جمال سهڻو مڙس ۽ سٺو ملهہ هو.
- لاڙ جي شيدين مان پهريائين حاجي ۽ هاشم (ٻئي ياءُ) ۽ پوءِ هوشُو ٿيو جيڪو سنڌ ملوڪ هو ۽ اتر جي پهلوان ملهن کي ماريائين. مون ڪيس ويجهو ڏٺو قد جو ڇوٽو پر بُت ۾ ڳُٺيل هو. ملهہ جي ڪا ڳالهہ پئي ڪيائين، سندس هڪ جملو ائين ياد تہ:

"پوءِ وَنگُ جو هنيو مانس تہ..."

اتر جا ملهہ جيڪي پٺائي صاحب جي ميلي تي راقم ننڍي هوندي ڏٺا تن مر نبُو ڳنڀير قدآور مڙس ۽ همت وارو هو. جيڪو ملهن کي گهمائيندو هو. نورمحمد لوهار اتر جو وڏو ملهہ هو. احسان سانداڻو ۽ سينر ساڳئي جوڙ جا سچا سٺا ملهہ هئا. محمد بخش مهر، ويٺل راميجا لڳ موري (خيرپور رياست)، ڏکيو ملهہ هو. جوڙ جي ڪُلهي ۾ ڇاڙي، هٽي، سندري واري هٿ سان آڏو ڇپٽي ڏيئي، مخالف ملهہ کي پري جهلي بيهندو هو ۽ پوءِ ڪو وارو

ملندو هيس تہ جهٽ هٽندو هو. پٽائي جي ميلي تي (1930ع ڌاري) گل جُهلڻ ڪيس وارا ڪڍي ماريو ۽ واهہ واهہ ٿي وئي!

ملهہ جو اوج ٽالپرن جي دؤر ڪان شروع ٿيو پر پوءِ بہ ڪن شوقينن، عام قدردانن ۽ زميندارن ملهن کي نوازيو ۽ ملاڪڙن ۾ اچي ڪين انعام ڏنا، جن ۾ چام مٺا خان مشهور ٿيو.

ڪوٽڏيجي جو مير علي ڏنو خان هن پوئين دؤر ۾ ملهہ ۽ ملهن جو وڏو مربي ٿي گذريو بلڪ سندس وفات تي سنڌ ۾ ملهہ ۽ ملهن جي سرپرستي ختم ٿي! پاڻ ملاڪڙا لڳرائيندو هو ۽ پاڻ اچي ملاڪڙي ۾ ويهندو هو. سندس ذوق ۽ قدرداني جو هڪ مثال هي جو پڙهو ڏيارائين تہ 'آهي ڪو جو مَهر(محمد بخش) کي گهمائي ٻلهڻ هٽي ڏسي. اقبال جوڳي (راڄپر) چيو تہ: مير صاحب آءٌ ائين ڪيندس. پڙهو اچي ويو ۽ ملاڪڙو لڳو ۽ اعلان ٿيو تہ: اقبال ۽ مهر وڙهندا ۽ اقبال ٻولايو آهي تہ هو مهر کي ٻلهڻ هٽي ماريندو. پوءِ اقبال ائين ڪري ڏيکاريو جو مهر اٿيو ۽ ٻي ملهہ لاءِ اچي بينو تہ مير صاحب فيصلو ڏنو تہ: "بس ٻي ڪانہ ٿيندي: پهرين بہ ٿي وئي، تہ ٻي بہ ٿي وئي، جو اقبال ٻولائي وڙهيو ۽ جئين چيائين تئين ڪري ڏيکاريائين."!

**❊ ملهن بابت ڪي انو ڪيون خوشطبعي واريون ڳالهيون:**

- گل بيگ لغاري (لڳ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو) ٻئي جوڙ جو تڪو انگ باز ملهہ هو. پر 'هتڙي هٽڻ' واري حرڪت ڪندو هو: يعني پنهنجي سڄي هٿ سان سامهين مَلهہ جو ڪپو. پير جهلي، ارُهہ ڏيئي وجي دسيندو هوس، اهڙيءَ طرح جو ڪنهن کي خبر ئي ڪانہ پوندي هئي. سندس ساٿي بچل خان پرسان بينو هوندو هو ۽ پوروئل جانچي گل بيگ کي هڪل ڪندو هو تہ "هُڻ آپٽي ڪر" يعني. "هاٿي پنهنجي ڪر". ملهہ جي پهلواني ۾ "هَتڙِي هٽن" ڪار نہ هئي، پر گل بيگ جي "هتڙي" ڪنهن کي ڪڏهن ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ آئي. هو اهڙي ڍنگ ۽ اهڙي جلدائي سان اها اٽڪل ڪندو هو.
- 'جانٺي' لڳندي 'وڇين ڪرڻ' بہ ڪار ڪانهي: يعني سامهون ملهہ جانٺو هٽي ۽ هي آڏو اندران تنگ ورائي ونگ وجهي تہ اها ٿي 'وِڇين'. 'جانٺي' جو بچاءُ آهي 'ڪَس'. ڪس ڪجي يعني پنهنجي

تنگ پوئتي ڇڪجي، ائين جو سامهين ملهه کي جاننئي واري تنگ ڇڏائڻ جو وقت ئي نه ملي.

- 1950ع کان اڳ جي ڳالهه آهي ته خيرپور تعلقي ۾ ’حاجناشاهه‘ جو ملاکڙو لڳو. ان وقت ريتي (ذات جو) وڏو ملهه هو پر هڪ هلڪي ملهه ڦل پوتي. گُل بهار سومري جي آڏو هيئين طرح لپاڙ هنئي! اها ڳالهه سگهڙ گل بهار سومري پاڻڪئي، ڦُل پوتي کيس چيو ته:

گل بهار! حاجن شاهه جي ميلي تي مون ريتي سان سندرو ٻڌو.

- ✓ ۽ مون کي ٿو هٽي جاننو!
- ✓ ۽ آءُ تو پوئتي ڦاتان! (کس ڪريان، پنهنجي تنگ پوئتي ڇڪيان)
- ✓ رانن وچان اچي ويو سانس ۽ ڇڏا ڇِير جي ويس!
- ✓ چوڏاري واهه واهه ٿي وئي!.

ڪٽي ڏسان ته حاجن شاهه پاڻ ڦبي جي مولهه کان ارهه جيترو متي نڪتو بيٺو آهي ۽ پيو چيو ته ”واهه ڦل پوتا واهه“.

- مَلهه، چالِي ۽ چَلتو انهن کي ٽالپرن جي دؤر ۾ وڏي اهميت ملي، انهيءَ لاءِ ته پهلوان پيدا ٿين ۽ ملڪ جي دشمنن جو مقابلو ڪري سگهن. ’چالي‘ ۽ ’چلتو‘ پهلوانن جي جنگي ورزش جا قسم هئا. پٺاڻن جي پلٽي- بازي ڏسي، سنڌ جي جنگجُو جوانن پڻ اهي ڪٿر تون ڪيون. مَلهه جا خاص ملاکڙا ٿيندا هئا، جنهن ۾ مير پاڻ اچي ويهندا هئا. ميرن جا پنهنجا ملهه به هوندا هئا، جيڪي ٻين سان توڙي پاڻ ۾ وڙهندا هئا. اهڙن ملاکڙن تي سنڌ مان پري پري جا پهلوان ايندا هئا. اڳ انهن جي مقابلن جون ڳالهيون هلندڙ هيون. هيٺين ڳالهه مون 1942ع ڌاري شاگردي واري زماني ۾ سانگهڙ- چوٽيارين طرف جي ڪنهن سجاڻ کان ٻڌي ڇپائين ته:

’آگهيم راجڙ ٿَريو‘ ميرن جي حڪومت وقت وڏو طاقتور پهلوان هو. حيدرآباد ۾ ڇيلا ڏيڻ ويا ته سنگتين چيس ته هلو ته هلي مِلهه (ٿرين جو اچار ميم جي زير سان) ڏسون. ملاکڙي ۾ وڃن ته هڪ شيدي کي ڳچيءَ ۾ ڍنبر (ڇڙو) ٻڌو پيو آهي. هو پِڙ ۾ ڦرندو ڍنبر وڄائيندو وڃي پر ڪو به مڙس هٿ ڪونه پيو وجهيس. اگهمي کي ٿرين ٽائي ڪنيو ته: ”ڙي اگهيم، تون نٿو اٿي مِلهه وڙهينس“ آخر هي پنهنجي سانداري ۽ دَرِي رکي ويو ۽ شيدي کي ٻڪ وجهڻ شرط ڪٽي پاڪر ۾ سوگهو ڪيائين ۽ نپوڙي متي ڪٽي جهلي

بيهي رهيس. شيدي جي ڪرڙي پٺي لڳي ۽ جيڪو چڙو ٻڏل هو سو پڻ پيٽ ۾ چڙهي پيس ۽ هراس ۾ ساهه نڪري ويس. اتي اگهمي پنهنجي ساٿي ڦڱيي کي رڙ ڪري چيو تہ: ”اڙي ڦڱيا! هِن کي چوءِ تہ جي اڙو هٽڻو هجيس تہ هٽي، نہ تہ آءُ ڪٽي ٿو وهيانس“ (اڙو= جانئنو. واهيانس= هيٺ ستيانس). اتي ڦڱيي چيس تہ: ڪٽي واهينس“ اتي شيدي کي ڪٽي اڇليائين تہ مردو وچي هيٺ ڪريو. ميرن کي ارمان ٿيو پر اگهيم کي انعام ڏيڻ واجب سمجهائيون. سو چيائونس تہ: گهرُ جيڪي گهرڻو هجئي. اگهيم چيو تہ: ”رُپين جون سڄيون يارهن ويهون نوري ۾ ٻڌيون پيون اٿم: باقي امان چيو هئم تہ لوڻ وٺيو اچجان. سو جي لوڻ هجيو تہ ڪٽي ڏيو.“ پر ميرن هن کي روڪ رقم ۽ لوڻ جو ڪڙيو بہ گڏهہ تي رکائي ڏنائونس، ٻئي ڏينهن ميرن کي خيال ٿيو تہ اهڙي طاقتور پهلوان کي فوج ۾ رکجي. سو پويان گهوڙا ڊوڙايائون ۽ ماڻهن کي هدايت ڏنائون تہ: ڏسجو جي بهادر هجي تہ وٺي اچجوس. ٻئي ڏينهن گهوڙا وڃي اک ڏناري تي پهتس. اگهيم پري کان رئي ڏسي يڪدم لئي مان پجر پيجي نوڙي سان ڪڙيو ٻڌي ڪلهي چيائين تہ”هو اکين سامهون اڳيان پئي واگهين جي پِٺ پئي ڏسجي ۽ هٿ ٿو اگهمي ڦرجي!“ ميرن جي ماڻهن هي حال ڏسي وڃي ميرن کي ٻڌايو.

---

# عوامي فيلسوف

1920ع کان پوءِ سنڌ ۾ ريتون رسمون منتجڻ شروع ٿيون. اخبارن جي خبرن ۾ ڏاري حڪومت جي دٻدٻي سببان هڪڙا وهم ۽ وسوسا وڌيا ۽ ڀيا گهٽيا. نوان پڙهيل پنهنجن جاهلن تي ٽوڪون ڪرڻ لڳا. شمس الدين بُلبل انهيءَ طنز جو پايو وڌو ۽ 30— 1935واري دؤر ۾ اخبارن ۾ طنز ۽ مزاح جا وڏا رنگ لاتا. ان کان پوءِ مولوي احمد ملاح 'توحيد' جي تبليغ ۾ جاهلن جي رسمن کي نِنديو. پر اهي معرڪا سڀ علمي سطح تي ٿيا.

عوامي سطح تي عوامي معرڪا ٿيا. جن جي ڪردارن کي 'عوامي فيلسوف'، وتائي جا جاءِ نشين يا 'جاهلن جا وڪيل' سڏي سگهجي ٿو. راقم جي ڪن اهڙن 'عوامي اڪابرن' سان آشنائي ٿي، جن کي سيني 'گمراهہ' چئي پئي نِنديو پر ڪين صحيح طور تي سمجهڻ خاطر مون سندن ڳالهيون ٻڌيون. هن وقت سڀ ڏٽيءَ کي پيارا ٿي چڪا آهن. پر سندن ڪي ڳالهيون هن رهاڻ ۾ بيان ٿينديون. هرڪو پنهنجي پنهنجي رنگ ۾ انگ وارو هو پر هن جيڪي بہ چيو يا ڪيو سو پاڻ ٻڌائڻ يا پاڻ وڻائڻ خاطر ڪونہ ڪيو. جئين ۽ جهڙا هئا تيئن ۽ تهڙا هنن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

- فولاد فقير.

فولاد علي فقير شر، وينل مينگهو فقير. تعلقو ٺري ميرواهہ، رياست هاٽي ضلعو خيرپور. وڏو ذهين هو. 1877ع ۾ پهريون ڪميٽي امتحان پاس ڪيائين. مڪتبي تعليم ۾ فارسي پڙهيائين ۽ پنهنجي وقت ۾ هو مولانا رومي جي مثنوي جو وڏو ڄاڻو هو. سندس بيان 'رهاڻ هيرن کاڻ جلد 1، ۾ اڇي ويو آهي جتي ڏسڻ گهرجي. دين ۾ رسم ۽ رياءَ کي چڱو نہ ڄاڻائين ۽ 'رسمي مسلمانن' جي رياڪاري کي نِنديائين. رياست ۾، سچل جي وقت کان وٺي "مٺن وومٺن" مشهور ٿي وئي هئي پر اجا ڪو اهڙو ڪونہ ساماڻو هو. فولاد فقير اها جاءِ ڀري ۽ چيائين تہ "اسين ساڳيا اهي آهيون" وڏي دعوت ڪيائين: هڪ پاسي پلاءُ رڪاياڻين جنهن لاءِ چيائين تہ اها شيطاني ماني

آهي ۽ ٻئي طرف دال ماني رکاياٿين ۽ چيائين تہ اها ماني خدائي آهي.
1956ع ۾ جڏهن آءٌ وچي ساڻس مليس تڏهن پاڻ ٻڌايائين تہ: ابا دال ماني سا ٿورُن کاڌي، پيا سڀ وچي پلاءَ تي پيا. 1930_1960ع واري دؤر ۾ سنڌ ۾ جيڪي انوکن ڪردارن وارا 'عوامي فيلسوف' هئا تن جو سرواڻ هو. رسمي دعويدارن لاءِ وڏو حريف ۽ ظريف هو. تاريخ پهرين ربيع الاول سنہ 1387ھ (10 جون 1967ع) وفات ڪيائين.

فولاد فقير جون ڳالهيون گهڻيون آهن ۽ پيون هلنديون. مٿس پهريون فرياد داخل ٿيو تہ: هي 'دين' کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي. مختيارڪار وٽ ڪيس هليو. فقير ڪورٽ ۾ اندر ويو تہ ڦِرڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. مختيار تہ بيهي بيان ڏي، هيڏانهن هوڏانهن ڇا ٿو ڏسين؟ فقير جواب ڏنو تہ: "ڏسان ٿو تہ فريادي ڪٿي آهي فريادي کي تہ حاضر ڪر 'دين' ڪٿي آهي جنهن کي مون گاريون ڏنيون آهن جيڪو 'دين' حق آهي سو شاڪي ڪونهي باقي رسمون شاڪي آهن. دين جيڪو حق هو سو انگريزن آئي ويو!

- فولاد فقير جو قول تہ: جنهن جو ڪلام هوندو. سو گڏ هوندو قرآن شريف پڙهڻ وقت نبي سڳورو گڏ هوندو آهي. هندو گيتا پڙهندا آهن تہ ڪِرشن پڙهائيندو اٿن.

- **فضل محمد لغاري**

فضل محمد لغاري، ويٺل ڳوٺ ميرمحمد لغاري تعلقو سنجهورو. 1925ع ۾ جوان مڙس هو. اسين پَٽِي پڙهندا هئاسون تہ هو صبح جو سوير هر ڪاهي، ٻاراٽو ڪتاب ڪڇي اسڪول ۾ اچي استاد کان سبق وٺندو هو. کيس يقين ٿي ويو هو تہ 'سنڌي جهڙي ٻولي ڪا ٻي ڪانهي'. فضل محمد خان سان وري 1945ع ڌاري منهنجو ملڻ ٿيو.

- مون کان پڇيائين تہ سنڌي ٻوليءَ جهڙي ٻي ڪا ٻولي ٿو ڏٺي! مون چيو تہ بلڪل سنڌي جهڙي ٻولي ٻي ڪا مون ڪانہ ڏٺي: پر انگريزي، فارسي ۽ عربي ٻولين جا نالا بہ ٻڌا هوندا. چيائين تہ هائو پر انگريزي الف _ بي ۾ اکر گهڻا؟ مون چيو تہ ڇويهہ. چيائين تہ مون ٻڌو آهي تہ فارسي ۽ عربي الف _ بي ۾ بہ ٽيهہ يا ٻٽيهہ آهن. پر سنڌي الف _ بي ۾ سڃا سارا ٻاونجاهہ اکر! سنڌي وڏي ٻولي آهي! پلا، ڪو فارسي ۽ عربي ۾ ڪاميٽي

امتحان پاس ڪندو ته نوڪري ملندي؟ مون چيو ته: نه. اهڙو قاعدو ئي ڪونهي. چيائين ته نوڪري رڳو سنڌي پڙهڻ سان ئي ملندي (ان وقت جيڪو به سنڌي ڪميٽي جو امتحان پاس ڪندو هو سو پرائمري استاد ٿي ويندو هو. يا تپيداري ۾ کڄي ويندو هو).

- وري ساڱس 1950ع کان پوءِ ملڻ ٿيو. ٻڌايائين ته آءٌ آمريڪا مان پڙهي آيو آهيان سو مون کان وڏيون وڏيون ڳالهيون جيڪي سنڌس دماغ ۾ هيون پڇڻ لاءِ اچڻ لڳو. مون ٻڌو هو ته تاري مل واڻيي کي زڪوات ڏيڻ ويو هو. چيائين ته: هائو ويو هوس، پوءِ هي ڳالهه ٿي:

فضل محمد: سيٺ مون زڪواة ڪڍي آهي. ڪٽي آيو آهيان، سا تون وٺ.

تارو مل: ميان اوهين مسلمان آهيو اها وڃي ڪنهن مسلمان کي ڏي.

فضل محمد: مون ٻڌو آهي ته 'ڏهه دنيا ستر آخرت' آهي. هت ڏهه رپيا ڏبا ته آخرت ۾ ستر ٿي ملندا. تون شاهوڪار آهين. منهنجو توتي اعتبار آهي ته برابر ڏهوڻا ڪري ڏيندين. تڏهن تو وٽ ڪٽي آيو آهيان.

تارو مل: ميان، آءٌ ڪونه وٺندس، اوهان پروچن جا هيترا سارا ڳوٺ آهن، اتي وڃي ڪنهن اعتبار واري کي ڏي.

فضل محمد: سيٺ، مون سڀ آزمايا آهن مون کان اڌارا پئسا وٺي ويا، سي به ڪين ڏنا اٿن. انهن کي ڏيندس ته اهي ساڳيا پئسا به مون کي ڪين ڏيندا. تڏهن تو وٽ آيو آهيان ته سيٺ شاهوڪار آهين ۽ جي ڏهن بدران ستر نه ڏيندين ته به گهٽ ۾ گهٽ ساڳيا ته موٽائي ڏيندين!

- فضل محمد خان چيو ته: مهرباني ڪري مون کي بندوق جو پروانو وٺي ڏي جو مون سڄي عمر پرواني وٺڻ جو شوق رهيو آهي: مرڻ کان اڳ جيئڻ منهنجو اهو شوق پورو ٿئي. ان وقت قاضي سچيڏنو صاحب سانگهڙ ضلعي جو ڪليٽر (ڪليڪٽر). هو مون تي مهربان هو. سو فضل محمد کي پرواني مليو ۽ بندوق ورتائين. مون کيس تاڪيد ڪيو ته سنڀالي رکجانءِ. جڏهن بي رهاڻ لاءِ آيو ته چيائين ته: "گهر جي اڱڻ ۾ گُندلو آهي، بندوق ڪپڙي ۾ ويڙهي، گندلي جي اندر رکي مٿان چاپڙ ڏيئي لنبي چڏيو اٿم. ڪنهن کي خبر ئي ڪانهي ته بندوق ڪٿي آهي.

- مون کان پڇيائين ته: مون ٻڌو آهي ته تون 'شاهه لاهوت' (يعني نئيگ) ويو هئين، اتي چشمو ڏٺئي؟ مون چيو ڏٺم. چيائين ته آءٌ ويو هوس. اتي فقيرن چيو ته چشمي جي مٿان بيهي حضرت علي سائين جو زور سان نالو وٺبو

تہ پاڻي مٿي اڏمو ڪائيندو! مون ڪيس چيو تہ: مون بہ ائين ڪيو ۽ برابر پاڻي اڏمو ڪاڏو. فضل محمد چيو تہ: مون بہ ائين ڪيو تہ پاڻي اڏمو ڪاڏو. پر پوءِ پڇيائين تہ چشمي جي پرسان جيڪو جبل آهي ان تي هٿ جو نشان آهي سو تو ڏٺو؟ مون چيو هائو. چيائين تہ فقيرن مون کي چيو تہ: جبل تي ڪِريو پر حضرت علي سائين اچي آڏو هٿ ڏنس تہ اتي بيهي ويو! اهو علي سائين جي هٿ جو نشان آهي. مون چيو تہ: فقيرن کي ڪير سمجهائي، پيا ڳالهيون ڪن! ٿورو ماٺ ڪري مون کي چيائين تہ: علي سائين برابر طاقت ور هو پر هي جبل وڏو هٿ سان ڏکيو جهليو هوندائين.

- مون ٻڌو تہ فضل محمد بندوق کڻي سندس گهر وارن ٻارن کي دڙڪو ڏنو تہ اوهان کي ماريندس. هنن قلندر شهباز يتائي صاحب ۽ ٻين ولين درويشن جا ٻلاند وڏا (قسم وڏا) پر نہ مڙيو. تڏهن ٻن سمجهدار ٻارن صلاح ڪئي تہ: بابو ٻن واٽين مَمڻ ۽ مُولجي جا نالا وٺي ڪلندو آهي. سو ٻلاند وجهي چيائون تہ: بابا توکي ممڻ ۽ مولجي جو قسم آهي، اسان کي مار نہ! اهو ٻڌندي ئي ڪلي ڏنائين ۽ بندوق کڻي رکيائين. پوءِ مون وٽ جڏهن آيو تہ ون ڪانئس پڇيو تہ: چيائين تہ اها ڳالهہ برابر آهي، هنن قلندر شهباز جا ۽ ٻين جا قسم وڏا پر مون تہ انهن کي ڪونہ ڏنو. ممڻ ۽ مولجي کي مون ڏنو گدرا پوکيائون ۽ وليون اچي وهندڙ واٽ تي چڙهيون، ڪو واٽ ويندڙ گدرو پٽي تہ ممڻ ۽ مولجي گاريون ڪڍن ۽ ائين روزانو پيا مار ڪائن!

- هڪ ڀيري پڇيائين تہ: مون ٻڌو آهي تہ جي ڪنهن ماڻهوءَ کي چِتو ڪتو تو ڪائي تہ هو بہ چتو ٿو ٿي پوي. مون چيو تہ ائين چو نٿا. پر ماڻهو مري بہ ويندو آهي. ٻڌي ماٺ ۾ پئجي ويو. ان وقت اسان جو ڳوٺ هڪ پوليس پٽيل هو جيڪو ڏاڍو سرڪش هو. ان جو نالو وٺي فضل محمد خان چيو تہ :

پلا جي رئيس کي چتو ڪائي ۽ هو چتو ٿي پوي، تہ پوءِ؟

- آخري رهاڻ ۾ جيڪا ڳالهہ فضل محمد خان مون کان پڇي سا هيءَ تہ: "جي ابوجهل هٿ پنهنجي ڳوٺ ۾ اچي تہ هٿ ڏيونس"؟ آءٌ حيران ٿيس تہ فضل محمد کي ابوجهل ڪيئن ياد پيو! مون چيو تہ: ابوجهل اڳ ٿي گذريو هاڻي هت ڪيئن ايندو؟ چيائين تہ: پلا جي اچي تہ

ڪينڪاريونس، هٿ ڏيونس؟ مون چيو تہ نبي ڪريم ﷺ سان چڱائي ڪانہ ڪيائين. چيائين تہ برابر چڱائي ڪانہ ڪيائين پر وري بہ منهنجو ڏيان ڇڪائي، اوطاق جي ٻاهرئين در ڏانهن اشارو ڪري، چيائين تہ: ڏس پاڻ هٿ وڍا آهيون، ابوجهل سامهون انهيءَ در تي اچي بيٺو آهي، پيو پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ۽ سڏي! پلا پوءِ؟ مون فضل محمد خان جو سُر صحيح ڪري چيو تہ: جي سامهون اتي در تي اچي بيٺو آهي تہ پاڻ جئونس تہ: نبي سائين سان چڱائي ڪانہ ڪئي پر نبي سائين دشمنن سان بہ چڱائي ڪرڻ لاءِ چيو. تون اسان جي ڳوٺ ۾ لنگهي آيو آهين، سو جي اجيو بکيو هجين تہ توکي ڀاڻي ماني ڏيون! اها صلاح فضل محمد قبول ڪئي.

- دُراني فقير

دُراني نالو رند بلوچ، ڪڇهريءَ جو مور هو. 1960ع ڌاري يا ٿورو اڳ مون وٽ رهاڻ لاءِ آيو. ان وقت پير واري ڳوٺ ۾ ڪنهن جون رڊون چاريندو هو. موڳي ڪانچ، ڊگهي قميص، بہ پُڙي اجرڪ جو پٽڪو بدّل هوس. ڏاڙهي ڪي رنگ ۽ مڇون ڏاڙهيءَ جي وارن سان گڏ ٻنهي پاسي ٻاهر نڪتل. ڏيان وارو مڙس، پر نهنو ۽ نماڻو. 1942ع جي مارشل لا واري وقت ۾ بہ رڊون پئي چاريائين. ان وقت ٺنڊي آدم جو يوسفاڻي انگريزن جو هڪ خاص غلام ڪامورو هو جيڪو جهنگ ۾ ويٺل غريبن جي گهرن کي باهيون ڏياريندو پئي آيو. دراني کي جهنگ ۾ ڏسي وڏي تابش سان پڇيائين تہ: ڪير آهين ۽ ڪنهن جو مريد آهين؟ "سائين رند آهيان ۽ پيرصاحب پاڳاري جو مريد آهيان". نالو ڇا اٿئي؟ " منهنجو نالو دُراني آهي". اتي يوسفاڻي چيو تہ: 'ملڪ ٻري ويو آهي ۽ تون اجا پيو پاڻ کي مريد چوائين ۽ دُراني سڏائين"! فقير همت سان جواب ڏنو تہ: 'صاحب! بيشڪ مُريد آهيان ۽ نالو دراني اٿم'! تڏهن يوسفاڻي تابش سان چيس تہ: ڇهہ مهينا ٽيپ اٿئي! دُراني ٻاهر آيو تہ وري بہ رڊون چاريائين. مون پڇيو تہ: فقير تنهنجو رڊن تي ايترو شوق! چيائين تہ: "سائين خُدا واريون آهن: ڪنڌ هيٺ ڪيو پيو هلن".

جڏهن دُراني فقير کي خبر پوندي هئي تہ آءٌ پنهنجي ڳوٺ آيو آهيان تہ ضرور ڪڇهري تي ايندو هو. 14_15 ڊسمبر 1975ع تي بہ راتيون ٽڪيو

شايد اها سندس آخري ملاقات هئي. آگسٽ 1979ع ۾ يا تورو اڳ گذاري ويو.

ڏراني فقير ڀهراڙيءَ جو اڻ پڙهيل ريڊار هو پر هن گهڻن مسئلن تي پئي سوچيو. الله پاڪ، ڀٽائي صاحب ۽ رسالو سندس اعليٰ سوچ جا خاص موضوع هئا. الله تعاليٰ بابت چيائين تہ:

- الله اڳ بہ پر سندس نالا ٻاپُو ڪرشن ۽ گوپال هئا. شابس هجي نبي کي جنهن الله کي پڌرو ڪيو.
- تي ڪم الله ڀلا ڪيا: ڪاتي ڪان حضرت اسماعيل کي بچايائين، ٻڪرار ڪان سسئي کي بچايائين ۽ عمر ڪان مارئي کي بچايائين.
- الله اگهہ جيڪو ڀٽائي ڪڍيو سو سر ڪلياڻ ۾ پر ابراهيم جي گهر مان ۽ اسماعيل جي صبر مان! چيائين تہ:

  'ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهہ، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾ '
- ڪلياڻ ڪان سواءِ راڳ حلال ڪونهي. ڪلياڻ ڀٽائي جي راڳ جو بسم الله آهي. 'ڀيرُو' (هندن جو وڏو) واري راڳ ۾ بہ ڪلياڻ هو. ڀيرو بہ راڳ جو وڏو گروهہ. هڪڙي راڳني ۾ سڙيو وڃي تہ ٻيءَ ۾ جيئرو ٿيو پوي! باقي ڀيلن جي ڀڃنن ۾ ڪلياڻ ڪانهي.
- چيائين تہ: لطيف جو راڳ 'ٻيلي' ۾ ايندو ۽ جماعت جو راڳ 'جيين' ۾ ايندو. بنگلي ڏٽي (سائين اصغر صاحب)، خليفي نبي بخش، سليمان شاهہ ۽ عبدالله ڪاتيار راڳ کي 'جيين ۾ آندو (يعني تہ لطيف جي اڳ ۾ فقير 'ووبيلي" کي ڊار ۾ آڻيندا ۽ پاڳاري جي جماعت وارا' جماعت جي راڳ' ۾ "ووجيين!" ورجائيندا).
- شاهہ جي راڳ ۾ هير جو راڳ ڏکيو آهي. هيرن جو ٻولي سرائڪي آهي سا ڏکي آهي -ڪَنُ ور ۾ وجهڻو آهي. هير جو راڳ انگريزي ڪان بہ ڏکيو آهي.
- سر ساموندِي جو ذڪر آيو تہ "سچا ٻيڙا ٻار ۾ هليا هيٺ وڃن" ڏراني فقير چيو تہ: سائين، سمنڊ تي نڪو ماڏول نڪا موري، نڪو سروير نڪو انجنير! هُت ماپ تہ آهي ئي ڪانہ: مَپُ نہ ملاحن!
- بيدل جي باري ۾ چيائين تہ: پير سائين علي گورهر شاهہ صاحب (بنگلي ڏٽي)، هڪ ڀيرو محراب فقير ڏاهري کي موڪليو هو جيڪو وڃي روهڙي مان بيدل کي وٺي آيو هو.

- دُراني فقير سنجهوري شهر جي ٽڪاٽي ۾ ويو. نانڪ جو ڪتاب هن دؤر ي ۾ رکيو هو. جنهن کي هندن ڏنا ست لوڏا تہ دراني ڏنا اٺ لوڏا. تڏهن خوش ٿي سندس بغلي ريوڙين سان پري ڏنائون. ٽڪاٽي جي پٽ تي چؤڏاري چاپيل مورتون لڳيون پيون هيون. تن سيني جو ديدار ڪري اچي بيٺو. پوءِ پڇيائين تہ: اوهان وٺ گيتا آهي؟ چيائون تہ هائو. چيائين تہ ڪٺي اچو! ڪٺي آيا. ڏادي ادب سان وٺي هٿن ۾ جهليائين پوءِ پڇيائين تہ: هي ڪنهن تي لٿي؟ گورڪناٿ تي لٿي، يا رام تي لٿي؟ تڏهن چيائون تہ اسان کي خبر ڪانهي. تڏهن چيائين تہ: پوءِ ڇو رکي اٿوَ؟
- ڏيرڻ فقير وساڻ (تعلقو سنجهرو) وڏي ڪانڌ ۽ صبر وارو فقير هو. سندس ڳوٺ اسان جي ڳوٺ جي پرسان هو ۽ راقم جو ساڻس محبت جو ناتو هو. دراني فقير آگسٽ 1975ع واري ڪچهري ۾ ٻڌايو تہ: مون ڏيرڻ فقير کي چيو تہ سائين دعا ڪر تہ ڪدڙن جو پانڊي ٿيان! ڏيرڻ فقير چيو تہ: ابا تو ۾ اها طاقت ڪانهي. چيائين تہ: ڏيرڻ فقير سچ چيو بيشڪ:

’ڪدڙن جي ڪاساري کي پانڊي تا پچن.

تہ ٻہ ڪڏڙي جي شهر ۾ ويس. ان وقت ڪدڙا فقير، پنجاب مان هڪ جوان ڪدڙو جهلي آيا هئا، جنهن جا ڏڳها وار پيرن تي پيا پون ۽ اکيون پيو ٻرن! مون وڏي ڪدڙي فقير کي چيو تہ: سائين مون کي خدمت جي موڪل ڏيو تہ هن سائين جا پير ڌُئاريان. فقير موڪل ڏني ۽ مون خدمت ڪئي. پوءِ اچي ڏيرڻ فقير کي ٻڌايم تہ: سائين اڄ ڪدڙي جا پير ڌئاري آيو آهيان. فقير چيو تہ: ابا مڙسي ڪئي اٿئي! دُراني فقير جو قول تہ: ”ڪُنيي ۽ ڪَدڙي جو ٻج ڪونهي: اهي ٻئي الله جون امانتون آهن.“
- چيائين تہ: محمد فقير ڪتياڻ تي گنبل شاه نبرو ڪيو تہ: بي شمار ! [illegible] پيس تہ ادا! هائو پر ’ڪتياڻ‘ تي، ’محمد‘ تي نہ. تڏهن گنبل شاه اٿي پيرين پيس.
- دراني فقير مون کي سمجهائيندي چيو تہ:”ستين سَن وارا (اڳيان ماٺهو) لٽيون پي، ڪپڙو چوڙي مري ويا هينئر چاهيون پيون ڪڙهن. لاريون پيون هلن. بوسڪيون پيون پائجن. هرلن نارن جي هلاڪي ڪانهي، پاٽي اڏن تي بيٺو آهي. اهڙي صدي الله وري جڏهن ناهي! ڪائي پي گلا ڪانہ ڪبي“!

- 23 ڊسمبر 1968ع، عيد ڪان ٻه ڏينهن اڳ ملڻ آيو ان موقعي تي گهڻي رهاڻ ٿي. اسان جي ڳوٺ کان ڏکڻ تي ميل ڪن عبدالرحيم جکري جو ڳوٺ هو. فقير سنڌي پڙهيل هو ۽ شاهه جي رسالي ۽ گرهوڙي صاحب جي سنڌي ڪنيو گهمندو هو. مون سان به مليو هو. فقير البت ڀنگ جو نشو ڪندو هو ۽ پنهنجي پيٽ لاءِ ڀنگ پوکيندو هو. مٿس ڪيس ٿيو ۽ ٽيپ ڪائي ويو. دراني فقير سندس تعريف ڪئي. چيائين ته: ڊاڪٽر صاحب! عبدالرحيم فقير جکرو وڏو وير آهي ڀنگ جي ڪيس ۾ ٽيپ ڪائي آيو آهي. ڪورٽ ۾ حاضر ٿيو فقير وٽ شاهه جو رسالو ۽ گرهوڙي صاحب جي سنڌي هئي. جج ڪتاب ڏسي ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر فقير زباني ۾ چيو ته برابر مون ڀنگ پوکي هئي.

جج چيس ته: پر ڀنگ ته ننڍي هئي ۽ ڪنهن ڪم جي ڪانه هئي! جکري فقير جواب ۾ چيو ته: صاحب هئي وڏي ۽ هئي ڪم جي باقي ٽيپ ڏين ته ڏيئي ڇڏ!“

- چياڻين ته: دنيا ۾ زال ٻئي مردن جي پويان هوندا، پر مرد اهي جيڪي مٽيادار!
- چياڻين ته: الله ڏاهو آهي: سڀ ڪم ڪڍي ويو!
- چياڻين ته: زال ۽ زمين الله جون ٽجوڙيون آهن.
- چياڻين ته: ڀٽائي جي رسالي ۾ وڏو جهيڙو آهي (وڏا خيال ۽ ويچار آهن، وڏيون معنائون آهن).
- چياڻين ته ڀٽائي جهڙا مڙس الله جا سپُوت هئا.
- چياڻين ته: اصلي تارڪ آلست ۾ هئا، باقي جيڪي هٽ آيا، سي ڪفن يا قبر ضرور گهرندا.

15- مارچ 1970ع تي رهاڻ لاءِ آيو. ان وقت جا سندس هينيان گفتا ياد آهن:
- چياڻين ته: دعا سُٺا آهي: ٻئي ويامندي ۽ وڏيندي.
- چياڻين ته: تنهنجا سڀ ڪم ٿيا!

- **عبدالعليم عرف عليم مگريو.**

دَرس مگريو وينل ساڀو تعلقو عمر ڪوٽ، عمر 73 سال، 6 فيبروري 1953ع تي منهنجو پچائي اچي مون کي سنڌ يونيورسٽي ۾ مليو جو ٻڌائين ته آءُ سگهڙن سان ڪچهريون ٿو ڪريان. واقفيت ڪرائيندي پنهنجي

پيڙهي ٻڌايائين تہ: ”عبدالعليم پٽ پڌو پٽ پرچيڏنو پٽ ٺئونر پٽ اسحاق پٽ وليداد پٽ جيئندو پٽ ابراهيم پٽ عمر پٽ محمد وڪيو پٽ هيسب پٽ مالي جو پٽ ڪيئون پٽ گوگهر پٽ ساهڙ ڏيرو پٽ مَگراڻ جنهن کي محمد بن قاسم مسلمان ڪيو.“

هَٽونگي جي شهر، تعلقي ڪپري، ضلعي سانگهڙ ۾ 6- آگسٽ سنہ 1885ع ۾ جائو. پوءِ سندس پيءُ لڏي اچي ڏليار تعلقي ڪپري ۾ ويٺو. مولوي عمر الدين چني (وينل لڳ اسٽيشن سيتا، ضلعو لاڑڪاڻو) کيس قرآن شريف پڙهايو چيائين تہ:”مون قرآن شريف معنيٰ سان پڙهيو ۽ الله جي وحدانيت کي دل جان سان مڃيم، پوءِ خلق ۾ گمراهي ڏٺم. گهڻن وڏيرن پيرن فقيرن کي گمراهہ ڏٺم پوءِ فقير عبدالرحيم گرهوڙي وانگر جهاد شروع ڪيو تڏهن منهنجي عمر پنجاهہ سال هئي.

- چيائي تہ:”جنهن بہ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ وحدت جو انڪار ڪيو سو ڪافر ٿيو: باقي ڪافر ڪا ذات ڪانهي، ڪو جسم ڪونهي“
- چيائين تہ: آءٌ يارهن علم جاڻان جيڪي عقل ۽ عبرت جي ڪتاب ۾ لکيل آهن: آءٌ مشرڪن جو مولوي، بي عقلن جو وڪيل، جاهلن جو سرداڻ حرامخورن سان همراهہ، انڌن جو علاج، لچن سان لاڳو چرين جو چڳو مڙس، ڪريلن جو خليفو ٺڳن جو ناهہ ڪندڙ ڀُوڳن جو ڀَرجهلو ۽ ڪوڙن جو قاضي آهيان“
- مون خبر چار پڇي. پاڪستان قائم ٿئي اجا ڏهہ سال بہ پورا نہ ٿيا هئا جوان وقت جي حالات مطابق جواب ڏنائين تہ:

نئين سرڪاڻ ٻچامار، ملڪ تباهہ، خلق خوار
پيدا ٿيو نئون آزاڻ آفيسر ٿا آهن غدار.
جن وڏي آهي ملڪ ۾ ماڻ
اها اٿئي نئين سرڪاڻ اها خبر چار!

پوليس بابت چيائين تہ:

سچو چوڙ پر حالت شڪي
قلم هن تي چار سئو ويهہ
ڏنائين پئسا ڪريون ڪئين!

---

چور بچائي، پاڳيو ڦاسائي ڪوڙا ڪس نڳيون ناهي
صوبيدار صاحب عادل آهي چئي: فرياد ڪوڙو ناحق آهي
چور ڇٽو اچي پاڳيو ڦاهي

---

سڪندر دارا، نوشيروان طائي انهن سيني عدالت هلائي
هاڻي جيڪا حڪومت آئي رعيت جي تنهن ڪئي تباهي!

- هڪ ڪچهري ۾ چيائين تہ ماڻهو چئن قسمن جا آهن: هڪڙا ڪاٽو جيڪي چڱا ڪم ڪري، هن دنيا مان نيڪيون ڪٽي ويا بيا پاتو جيڪي پرائي مال تي پيا پلچن، ٽيان چاتو جيڪي هٿ عيش عشرت ۾ پورا آهن، چوٿان لاتو جيڪي مال ملڪيت لڪائي لَٽي ويا جو نہ پاڻ کاڌائون ۽ نہ ٻين کي کارايائون. مون پڇيو تہ: اوهان ڪهڙن مان آهيون! چيائين تہ: اسين پاتو آهيون، پر انهن لاءِ جيڪي لاتو آهن موذين جي ملڪيت کائڻ جائز آهي.
- ٻي ڏين پيرن سان عليم جي ڀَٽي ڪانہ! گلا جا ليڪا لتاڙي، گهٽي ٻي زباني ڪيائين، جاهل مريدن کي 'مشرڪ' سڏيائين. پينُو پيرن کي نِنديائين تہ:

پير ٽئي، در دِر بيهي
پِني پِيئي، سورن کي جيئي
انڌن جو ٿو اڳواڻ ٿئي
مُلڪ ڦري تہ بہ ڏئو نہ ٿيئي

28 جون 1957ع تي حيدرآباد ۾ آيو مون چيو تہ: فقير زبان کي ڪجهہ لغام ڏي! چيائين تہ: نٿو سمجهين تہ:

'سچي دين الله جي ۾ عيب ڪيائون!'

جاهلن کي مخاطب ٿيندي ابتا سبتا بيت چيائين سندس قول تہ:

رڳو نالو مسلماني، نسورو جهل ناداني.

- چيائين تہ: 'مون نَوَ جهاد ڪيا' (جيئن فقير عبدالرحيم مگريي جهاد ڪيو ۽ سامي جي مڙهي ڊاني، تيئن عليم بہ نَوَ حملا ڪيا، جن کي پنهنجي يقين موجب 'جهاد' پئي سمجهائين. چيائين تہ: سٽن ۾ مون تي ڪيس ٿيا ۽ وڏا معاملا مٽا.

- پهريون اهو جو ڪپري طرف ويساهه وارن مريدن, پنهنجي مرحوم پير جي ڪَٽ محفوظ ڪري رَلي ۾ ان کي مان تي ڏنائون, سا ساڙيائين.
- ٻيو ڳوٺ مينڊري جي تڙ, تعلقي چاچري ۾ ماڻهن کي هڪ ڪبڙ ۾ ويساهه هو جنهن کي لوڙهو ڏنائون, ان جي رَڪ ڪيائون ۽ ڪاني پيجڻ نه ڏنائون, ۽ اچي دعائون گهريائون. ان ڪبڙ کي باهه ڏيئي ساڙيائين. گوڙ شور ٿيو پر پوءِ راجوڻي ناهه ٿيو.
- ٽيون عمر ڪوٽ لڳ ڪنهن قبي کي باهه ڏنائين اتي ماڻهو زيارت تي اچڻ لڳا ۽ جهنڊيون لاهڻ ۽ باسون باسڻ لڳا. چيائين ته:"هڪ رات گاسليٽ جو ڊبو ڪٽي وبس پر قبي جي در کي ڪرف آيل هو در تي گاسليٽ هاري, تيلي ڏنم. هوا هئي گهٽي, سڄو ماچيس ڪپي ويو پر باهه لڳي ئي نه ۽ شيطان مون کي ڦري آيو. اتي الله کي عرض ڪيم ته: شيطان ڦري پيو حڪم ڪر ته تنهنجي حڪم سان باهه لڳي مون وٽ باقي هڪ تيلي آهي. پوءِ ان تيلي تي باهه لڳي ۽ در سڙي ويو ان رات ۽ پوءِ لاڳيتيون ٻه راتيون رات جو آءٌ جڏهن ننڊ ۾ هجان ته جڻ ڪاشيءَ اچي جو ڪٽ کي اٿلائي, ۽ آءٌ هينيان ته ڪٽ مٿان! شايد جنن شيطانن مون کي ڊيڄاريو. فرياد ٿيو منهنجو نالو ڏنائون ۽ پوليس مون کي پڪڙي آئي ۽ اچي عمر ڪوٽ جي جيل ۾ هنيائون ٻارهن ڏينهن جيل ۾ هئس پوءِ ڪيس هليو پر آخر رضانامو ٿيو.
- چوٿون ڳوٺ غلام نبي شاهه تعلقي ساماري ۾ هڪ قِتل قبر کي ڪَتِي وَلي' جي مزار ٻڌائي مٿان اچي باسون باسڻ ۽ 'ڪتي ولي' جي نالو تي جانور ڪهڻ لڳا "آءٌ اها ڳالهه سهي نه سگهيس. هڪ رات ڪَتِي جي پِري ڪٽي آيس ۽ نوڪي ڏنم باهه پڪو سڙي پٽ تي ويو. ويٺل مجاور جو ڪکائون گهر ٻه سڙي ويو. ياون شاهه نالي سيد, ساماري جي مختيا ڪار وٽ مون تي فرياد ڪيو ۽ مون کي جهلي اچي جيل ۾ هنيائون جڏهن ڪيس هليو ته هينيان سوال جواب ٿيا."

مختيار ڪار: باهه تو ڏني آهي, ۽ مجاور جو گهر ساڙيو آهي؟

عليم: مون تي ڪيس ڪنهن ڪيو آهي, مجاور يا ٻئي ڪنهن؟

مختيار ڪار: ياون شاهه توتي ڪيس ڪيو آهي

عليم: جڏهن گهر تي سڙيو تڏهن ياون شاهه ڪٿي هو؟

مختيار ڪار: پنهنجي ڳوٺ هو.

عليم: صاحب! ڪَتي وَلي‘ ۽ ڳوٺ جي وچ ۾ ڪيترو مفاصلو آهي؟
مختيار ڪار: ڏيڍ يا ٻه ميل
عليم: جڏهن پڪي ڪي باهه لڳي هئي تڏهن سيد ڪٿي هو؟
مختيار ڪار: سيد پنهنجي گهر هو.
عليم: ها! جڏهن باهه لڳي تڏهن سيد پنهنجي گهر هو ته پوءِ ڪيئن ڏنائين ته مون باهه ڏني؟ پاون شاهه ڪوڙو ڪيس ڪيو آهي پر جي ’ڪَتي وِلَي‘ پاڻ اتي اچي قسم کڻي چوي ته مون باهه ڏني، ته آءٔ جوابدار آهيان. اتي مختيار ڪار جا سوال کٽي ويا ۽ ڪيس ڪوڙو ڪري ڪيڏي ڇڏيائين.

- پنجون ته ’ديهه پوبي تعلقي ڪپري ۾ پير آيو ۽ ڪنهن جاءِ تي گهوڙو جهلي لٿو. جڏهن پاڻ هليو ويو ته مريدن ان جاءِ تي پٽ وڏو ۽ ٻاهران لوڙهو ڏنائون. پوءِ اتي مجتائون ۽ زيارتون شروع ٿيون مون سمجهايو پر نه مُڙيا. تڏهن مون ڏينهن ڏني جو لوڙهي کي باهه ڏني ۽ سجو سامان سڙي ويو مون تي ڪپري جي مختيارڪار وٽ ڪيس ڪيائون ۽ پوليس مون کي جهلي وڃي جيل ۾ هنيو ۽ پوءِ ڪيس هليو.
- مختيا ڪار: تو باهه ڏني؟
- عليم: هو ڇا جنهن کي مون باهه ڏني؟
- مختيار ڪار:مرشد لٿو هو.
- عليم: جي لٿو هو ته اتي هٿ منهن ڌوتائين يا پيشاب ڪيائين يا ٻي کهڙي شيءِ ڇڏيائين جنهن کي مون باهه ڏني؟
- مختيارڪار: انهيءَ جي مون کي ڪهڙي خبر؟
- عليم: صاحب، جي توکي خبر ڪانهي ته جاءِ کان هلي پڇ ته باهه ڪنهن ڏني.
- مختيار ڪار: جاءِ ڪئين ڳالهائيندي؟
- عليم: جي توسان جاءِ نٿي ڳالهائي ته پوءِ ڪيس ڪوڙو آهي تون انصاف ڪر.
- تڏهن مختيارڪار مون کي ڇڏي ڏنو.

- ڇهون. ڇيائين ته: ڳوٺ مينهلاٽي تعلقي عمر ڪوٽ ۾ ’جيئتان جو ٿانُ‘ هو ۽ جاءِ جي اندر ’جيئتان‘ جو بت رکيل هو. اتي هندو ايندا هئا، پر مسلمان به ايندا هئا ۽ اچي دعائون گهرندا ها مون هڪ رات جاءِ ڊاهي، بت پيجي، باهه ڏني ۽ سڀ ڪجهه سڙي ويو. ٻئي ڏينهن مسلمانن، هندن گڏجي عمرڪوٽ ۾ هيڊمنشي جيڪو هندو هو تنهن وٽ مون تي ڪيس ڪيو ۽

مون کي جهلي اچي جيل ۾ وڌائون پوءِ ڪيس هليو.

- هيڊ منشي: جِيئَنان وَلياٽي هئي ۽ تو ٿانُ ڇو ساڙيو؟
- عليم: زالاٽو بت نهيل هو اهو ڪهڙو ڪم ڏيندو؟
- هيڊمنشي: ماڻهن جا مطلب پورا ٿي ڪيائين.
- عليم: جيڪڏهن مطلب پورا ٿي ڪيائين ته پوءِ پاڻ اچي مون تي شاهدي ڏئي.

پوءِ فريادين کي چيائين جي ڪيس مٿين ڪورٽ ۾ ويو ته گهٽيون ڳالهيون ٿينديون وچي رضانامو ڪريو.

- ستون. چيائين ته: نُورو فقير چانيهو ڪپري کان نَوَ ميل اُتر طرف دفنايل هو. اتي چوڪنڊي هئي ۽ هڪ ٿلهو اتي ماڻهو اچي مڙيا ۽ چون ته نورو سيني جا مطلب ٿو پورا ڪري جهڙوڪ هندو نڪر، ڪولهي، ڀيل، مسلمان سڀ ماڻهو اُتي ايندا هئا. آءُ اها ڳالهه سهي نه سگهيس سو هڪ رات ڪهاڙو ڪٽي وچي قبر کي ڏانم ۽ باهرين اوطاقن کي باهه ڏنم ڪهاڙو قبر تي رکي آءُ رات ئي رات ڀجي وبس ۽ وچي ميرپور نڪتس. اشرف صوبيدار سان صلاح ڪري ٻه هزار رپيا ڏيتي ڪماني کي رشوت ڏيئي مون تي ڪيس چالان ڪرايائون ۽ مون کي جهلي آڻي جيل ۾ هنيائون.

پهريائين مختيارڪار وٽ ڪيس هليو پر مختيارڪار مون کان ڪجهه به ڪونه پڇيو ۽ ڪيس ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ وٽ موڪليائين. اتي ڪيس هليو ۽ جج صاحب چيو ته: تون شاهدن سان سوال جواب ڪر. ڪيس ڪجهه وقت هليو پر پوءِ ڪيس مٿي ميرپور ۾ سيشن ڪورٽ ۾ موڪليائون مون کي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رکيائون پوءِ ڪيس هليو.

جج: تو قبر ڏاني؟

- عليم: مون قبر نه ڏاني.
- جج: ڪلمون پڙ ۽ قسم کڻي ڳالهه ڪر.
- عليم. مون ڪلمو پڙي چيو ته قبر اِنهيءَ ڪُهاڙي ڏاني (ڪهاڙو اُن وقت ڪورٽ ۾ هو).
- جج‌ل ڪهاڙي ۾ هٿ ڪنهن جو؟
- عليم: هٿ لوهار جو جنهن جو گهڙيل هو. جيڪڏهن لوهار نه گهڙي ها ته قبر ڊهي ئي ڪانه ها!
- جج: اوطاقون ڪنهن ساڙيون؟

- عليم: صاحب مون کي خبر نہ آهي آئون اوطاقون ساڙيندڙ نہ آهيان.
- جج: قسم کڻي ڳالهہ ڪر.
- عليم: (قسم کڻي چيائين تہ) صاحب! اوطاقون ساڙيون.
- جج: باهہ ڪنهن ڏني؟
- عليم: صاحب! باهہ ماچيس ڏني جيڪڏهن ماچيس نہ نهي ها تہ باهہ لڳي ئي نہ ها!
- جج: تون ڏوهي آهين. توکي بچاءُ جا شاهد ڏيڻا آهن تہ ڏي.
- عليم: هائو منهنجا بچاءُ جا چار شاهد آهن:
- (جج سرشتيدار کي چيو تہ شاهدن جا نالا پتا لِک ائين چئي ڪنهن ٻئي ڪم کي لڳو)
- عليم: (سرشتيدار کي چيو تہ) لک نالا: شاهہ عبدللطيف ڀٽائي، قلندر شهباز سيوهڻ جو سائين، بغداد وارو پير، غوث صاحب ملتان وارو.
- (جج سرشتيدار کي چيو تہ شاهدن جا جيڪي نالا ڏنا اٿس تن ڏانهن سَمن ڪڍو)
- سرشتيدار (جج کي): صاحب، مماتي وارن جا نالا ڏنا اٿس سمن ڪٿين ڪڍان!
- جج: چارئي!
- سرشيتيدار: ها سائين! چارئي
- جج: (عليم کي) تون ڪو انسان آهين؟
- فقير: ڇو صاحب؟
- جج: مماتيءَ وارا بچاءُ جي شاهدي ڪيئن ڏيندا؟
- عليم: صاحب! پُٽن ڏيڻ ۽ مُرادن پوري ڪرڻ وقت اچن ٿا، باقي حق سچ لاءِ منهنجي بچاءُ جي شاهدي لاءِ ڇو نہ ايندا ڪڍو سمن، بيشڪ ايندا.
- جج: جي نہ آيا تہ ڪيس ڪُوڙو آهي چارئي سچي دين اسلام وارا سَچا آهن، ۽ جي ڪيس ڪوڙو هوندو تہ ايندا ئي ڪين!

پوءِ جج اهو ڪيس ڏياري موڪليو ڪُليٽر (ڪليڪٽر) ڏانهن جيڪو انگريز هو ۽ ان جو نالو 'بڊو' هو تنهن مون کي پاڻ وٽ اڪيلو گهرايو ۽ چيائين تہ: سچي ڳالهہ ڪر مون چيو تہ صاحب! تون ڪرستان آهين ۽ حضرت عيسيٰ کي مڃين ٿو؟ چيائين تہ هائو. پوءِ مون چيو تہ:"جيڪڏهن تنهنجي مذهب کي ڪو خراب ڪري ۽ حضرت عيسيٰ

جيئن سيڪاريوان ڪي ڪاري تہ توکي ڪاوڙ ايندي يا نہ ايندي؟ هي اسان جي نبي جي دين جي خلاف ڪم ٿا ڪن انهيءَ ڪري مون کي ڪاوڙ آئي ۽ مون قبر ڊاني“ ڪليٽر ٻڌي، ڪجهہ وقت ماٺ ڪري، پوءِ مون کي چيو تہ:’توکي ڇهن مهينن جي مهلت آهي ۽ وڃي چال سڌار انهيءَ وچ ۾ ڪجهہ ٿيو تہ توکي سزا ملندي پوءِ مون کي ڇڏي ڏنائون ۽ وڏيڪ مون بہ ڪجهہ ڪونہ ڪيو.

- عليم کي خاص طرح خليفن تي وڏي ڪاوڙ هئي. چوندو هو تہ: ڀٽائي ڪونہ چيو آهي تہ:

خليفن جو خدا سين ڪچاڙو لڳي
سيڪو پنهنجيءَ سيٽ ۾ ٿو ونئري جيئن وڳي
پيٽي آهہ پڳي، لچن کان لطيف چئي.

بيت عليم جو پر نالو لطيف جو ائين ٻين بہ گهڻن پنهنجا بيت لطيف جي نالي سان چيا.

سندس پنهنجو بيت تہ:

انڌا گڏيا انڌن سان، وينئي وات هٿا
دز پهريائين دوزخ ۾، موڙهل ان مٿا
نڪرندا سي نياڳا، ڪوڙا وري ڪٿا
هاديءَ جي هٿا، انهن پٽين ڪونہ پرائيو.

15 جنوري 1958ع منجهند جو منهنجي فرزندن محمد شريف ۽ علي محمد ڪاليج کان موٽڻ بعد پئي ماني کاڌي ۽ چيائيون تہ: مهينا لنگهي ويا پر عليم ڪونہ آيو. انهن جو ائين چوڻ ۽ دروازو کڙڪيو. علي محمد چيو تہ: اهو عليم فقير! ٻاهر ويجان تہ برابر بيٺو هو. مون کيس کيڪاريو ۽ چيو تہ فقير گهمروئي ڪونہ ڪيئي؟ چيائين تہ: ”تون هائو ڪندڙ (ائين) آهين ڌاهن تي [illegible] گهمرو ڪريان، نہ تہ توجهڙا گڏهہ ٻيا بہ گهڻيئي پيا گهمن“!

هڪ ڀيري حيدرآباد ۾ آيو ۽ بہ ٽي ڏينهن رهي پيو جو کيس سخت تپ هو. سيارو هو ۽ آءُ صبح جو تڪڙو آفيس ڏي ٿي ويس جو مون کي سڏ ڪيائين تہ منهنجي ڳالهہ ٻڌي وڃ. مون پڇيو تہ: خير آهي؟ چيائين تہ مونکي بيمار ڏسي رات شيطان مون وٽ آيو هو. مون پڇيو تہ: پوءِ ڪهڙي ڪچهري ٿي؟ (جواب ڏنائين تہ) مون کي چيائين تہ: عليم! اٿي نماز پڙهہ مون چيو تہ: منهنجي نماز ۾ تنهنجو ڇا وڃي؟ چيائين تہ: توکي چوان ٿو جو

سياڻي الله جي آڏو چوندين تہ مونکي شيطان ڪاريو هو! مون چيو تہ: پوءِ تو کهڙو جواب ڏنو؟ چيائين تہ: مون چيومانس تہ: آءٌ اهڙو ياڙيو ڪونہ آهيان جو توتي هٽندس! تون وٺ واٽ تي راهي!

اهو آخري پيرو هو جو پنهنجي تبليغ لاءِ آيو. پوءِ نابينا ٿي پيو ۽ آگسٽ 1967ع ۾ گذاري ويو.

# واسينگ نانگ جي مڻ

4 سيپٽمبر 1975ع تي ”ڪاڪٽهار رحم علي“ (تعلقو مٺي) ۾ مهربان ميزبان حاجي جان محمد وسائي پوٽي وٽ آءُ مهمان هئس ۽ تي ڏينهن وڏيون ڪچهريون هليون. اتي هرڻ جي پيٽ مان نڪتل پٿر جو ذڪر آيو. رحم علي فقير چيو تہ: 1935ع ڌاري مون هڪ وڏو هرڻ ماريو. جنهن جي پيٽ مان مٽيو (گولائون پٿر) نڪتو ان وقت حاجي فقير داداڻي وسائي پوٽو بہ موجود هو. جنهن ان ڳالهہ جي تائيد ڪئي ۽ چيائين تہ: منهنجي پياءُ بچل کي بہ هرڻ جي اوجهري مان اهڙو مٽيو ڳوٺ جاڳاهري (تعلقو ننگر پارڪر) مان مليو آهي، اهو گولائون لسو پٿر، سائيرڙي رنگ تي آهي. چيائيون تہ: نانگ بلا کائي تہ ڏنگ واري جاءِ تي رکبو تہ زهر چوسيندو پوءِ اهو پٿر مهرباني ڪري مونکي سوکڙيءَ طور ڏنائون. ياد ناهي تہ مون ڪتي رکيو ڇاڪاڻ جو ان وقت مون ان جي اهميت کي ايترو وزن ڪونہ ڏنو. چيائون تہ: .مٽيارو هرڻ، تنهن جي پيٽ ۾ تئي ٿو. اهو هرڻ مارائيندو ڪونہ پر جي ورلي مئو تہ اوجهريءَ مان پنج يا ست تولا ميٽو سائو رنگ ۽ مٽيو نڪرندو. اڄ (89-4-28) مون کي اهو پٿر ياد آيو جڏهن بيروني جي ”ڪتاب الجماعر في معرفة الجواهر“ ۾ پڙهيم تہ جبل جو ٻڪر (مرهہ) ۽ جبل جو گهنٽو (گڊ) بئي نانگ کي کائن ٿا. جيڪو اندر پيٽ ۾ هضم تي ڳوڙهو ٻڌجي وڃي ٿو. ان کي ”حجر التيس“ چئجي ٿو يعني ”گڊ جو پٿر“. ڪنهن غلطي مان ان کي ”حجرالبيس“ ڪري لکيو آهي، پر اها غلطي بہ معنيٰ واري آهي ڇاڪاڻ جو ان جو مطلب آهي ”زهر جو پٿر“ انهيءَ لحاظ سان اهو ”ترياق“ آهي ۽ ”رازيانج“ ٻوٽي anise جي رس سان گهي چڪ واري جاءِ تي رکبو تہ سور لهي ويندو ۽ جي ڪير ۾ وجهي پياريو تہ بہ سور ختم ٿي ويندو.

ٿر طرف بين ڪچهرين ۾ مونکي ڪنهن ڄاڻو خاطريءَ سان ٻڌايو تہ نر هرڻ نانگ کي ماري ٿو ۽ کائي ٿو اهو بالڪل ممڪن آهي ائين جيئن سرهہ ۽ گڊ نانگ کي کائن ٿا هرڻ جي پيٽ وارو پٿر بہ ائين جيئن گڊ جي پيٽ

وارو پٽر. بيروني پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾ ”خرز الحيات“ جي عنوان هيٺ هڪ پٽر جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي فارسي ۾ ”مارمهره“ چئجي: يعني بالڪل ساڳي شيءِ جنهن کي سنڌي ۾ ”مڻ“ چئون. بيروني جي روايت موجب، اهو پٽر هڪ خاص نانگ، جيڪو جڏهن چار سئو نانگ کائي ٿو تڏهن ان جي نرگهٽ ۾ سمائجي ٿو.

سنڌ جي روايت موجب ”مڻ“ واسينگ نانگ جي مٿي ۾ ٺئي ٿي ۽ رات جو اها روشن ٿئي ٿي، بهرحال نانگ جو مٿو ۽ نرگهٽ گڏيا پيا آهن ”مٽيا“ جو لفظ ”مڻ“ سان لاڳو آهي: معنيٰ ماٿهوءَ جي منهن جي روشني، ۽ (اصطلاح طور) دل جي روشني. چوندا ”فلاڻي جي منهن ۾ مٽيا آهن“، مٽيادار آهي، منهن ۾ ڏيا اٿس ڏيا جي معنيٰ بہ روشني. چوندا ”نوراني چهرو“ اٿس، ”نور“ بہ روشني آهي، اي منهنجا سڄڻ! تنهنجو ادبي ذوق وڌائڻ لاءِ مشهور شاعر ڪبير شاهہ جو وڏي دانائي وارو بيت لکان ٿو جنهن ۾ واسينگن جي مٿن ۾ ”مڻ“ جي تصديق ٿيل آهي:

ڳوهہ اڳيان ڳالهاءِ، جي ڪٽي مرليون محبت جون هٽين
توءِ ٿڪيون ڏيندي ڦوڪون، جن ۾ لاءِ نہ ساءِ
نور ڪپر کي نہ پيو پرتن ڳالهہ پساءِ
ونءُ تون واسينگن وٽ، ترت لهي ترياءُ
مڻ جني جي مٿي ۾ آهي شمر جهڙي شعلا
سي سنر سٽي، سر ڏيندا، آٽيٰ تان ارواح
ڪندا پاڻ پتنگ جئن صدقي صدقي ساهہ
ڪيرت ڪبير شاهہ چئي وڃي ڳاچ تني وٽ ڳاءِ
جن جو ڳٽن پريو ڳالهاءُ، سي تا عطر اوتين ادب سين.

•

# هيءَ جڳ بازيگر جي بازي

ڪجهه وقت اڳ سنڌ جي ڳوٺن ۾ سرت ۽ سمجهه وارا اهڙا گهڻا ماڻهو موجود هئا جيڪي ڳالهيون ڪندا، سمجهندا ۽ ورجائيندا هئا. پهاڪا ۽ چوڻيون، مثال ۽ معنائون سندن رهاڻ ۾ بيان ٿيندا هئا. ”پهاڪا“ سنڌ جي ادب ۽ ثقافت جو خزانو آهن ۽ راقم جو ارادو هو ته لوڪ ادب رتنا هيٺ ڪم از ڪم پنجن جلدن ۾ انهن کي تحقيق سان شايع ڪيو وڃي پر افسوس جو سنڌي ادبي بورڊ جي سرواڻن لوڪ ادب جو ڪم بند ڪرائي ڇڏيو. هلندڙ رهاڻ ۾ هن موضوع تي ڪجهه گفتگو ٿيندي ۽ آخر ۾ متئين ڏنل عنوان بابت بيان ايندو.

اسان جي استاد سائين مرحوم مخدوم امير احمد هڪ ڀيري (1964ع) مثال طور چيو ته: ”واتي سري، واڳي سري“. عام طرح پهاڪو ائين، پر اصل ۾ صحيح شايد ”واتين سري واڳين سري“ يعني ته ماڻهن جي واتن مان جا ڳالهه سري نڪري ٿي سا جڻ گهوڙن جي واڳين چڙهي وڃي ٿي. ڳالهه وات (زبان) تي نه آڻجي ۽ اندر ۾ ڍڪجي، نه ته کُلي ويندي، چوندا ته: سولي وائي ڪجي، متان ساڀيان ٿي پوي! چوندا ته ”فلاڻي جي وات فال ٿي وئي“، يعني وات مان جا وائي نڪتي سا فال ٿي وئي (ته ائين ئي ٿيندو). تڙ جي پاسي چوندا ته ”تفال چڱو ڪر“ ”تفال“ اصل ۾ عربي لفظ ”تفاؤل“ آهي.

”دڙيلي ۾ دهل وڄي، ڏينگاڻ ۾ ڍيڍ نچي“، اهو ائين جيئن ”پرائي دهلين احمق نچي“.

”ڏيرياڻي ۽ ڏاهه، ورهين وڃهه ڏسي وڙهن“ ائين ڪنهن وڏ گهراڻي فڪر مند مائي آڳاتو چيو ۽ اهو پهاڪو ٿي ويو ڏيرياڻي يعني ڏير جي زال ۽ ڏاهه معنيٰ ٻانهي. انهن ٻنهي وير رکيو ته ورهين کان پوءِ به جي وڃهه لڳن ته وير وٺنديون. اها ان وقت ڪنهن وڏ گهراڻيءَ جي راءِ هئي.

چوندا ”ڪڏهن پاءُ ماري سير کي، ڪڏهن سير ماري پاءُ کي“ پر هن ملڪ ۾ ٻئي مري ويا ”سير“ ۽ ”پاءُ“ سڄي ملڪ ۾ تور جا اصل ماڻ هئا جيڪي

پاڪستان واري دؤر ۾ 1980ع ڌاري رد ڪيا ويا ۽ يورپي ماڻ ”ڪلو گرام“ رائج ڪيو ويو. اهو انهيءَ لاءِ ته ان ۾ ”ڍهائي“ وارو آسان حساب آهي، ڪو فرق ڪونه پوي ها جي وزن جو نالو ”سير“ ئي هجي ها پر ان کي ڍهائي جزن ۾ ورهيچجي ها. جيئن ”رپئي“ جو نالو ”رپيو“ قائم رهيو پر ان کي 64 پئسن بدران هڪ سئو پئسن ۾ ورهيچيو ويو. ساڳيءَ طرح، فاصلي جي ماپ ”ميل“ کي ختم ڪري ٻاهريون لفظ ”ڪلوميٽر“ رائج ڪيو ويو. ضروري هو ته نالو ”ميل قائم رهي ها ۽ ان کي هڪ سئو جزن ۾ ونڊجي ها. تاريخي لحاظ سان“ نالو اسلامي تمدن جو يادگار آهي. بغداد جي عباسي خليفن جي دؤر ۾ ئي زمين جي ماپ ڀهريون پيرو وڏي پيماني تي ٿي ۽ ”ميل“ ان جو ماپو بنيو. جيڪڏهن انگريزي توڙي آمريڪا وارن ”ميل“ نالي کي قائم رکيو آهي ته پوءِ پاڪستان وارن کي ان نالي متائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي! بهتر ٿئي جيڪر، ”ڪلو گرام“ ۽ ”ڪلوميٽر“ کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ”سير“ ۽ ”ميل“ سڏيو وڃي.

چوندا ”گهٽيون دايون جان ڪارين جان مارين“: يعني ٻار ڄڻائڻ وقت هڪ صلاح ٿيڻ بدران اختلاف ڪن جنهن سان نقصان ٿئي.

ميرپور ساڪري لڳ وڏي سگهڙ حاجي محمد سوڍي مرحوم جي زباني ٻڌو ويو ته:

بر ۾ ٻاهيون، ٻيو ٻاريندو ڪير،
يا بيگا، يا ٻشڪو يا گهمن شير.

بيگا، ٻشڪو ۽ گهمن ڪي ڪردار هئا اجا تائين چوٽي آهي ته:

”مڙس ته گهمن گهائو آهي“ . يعني وڏي همت وارو آهي ۽ وڃي ٻار پوندو.

- چيائون ته ”يار چاڪي، جوڳ رکي“! اڳ هر لا (ارلا) ايت ۽ نار هئا جن ۾ ڏاند وهندا هئا. مقرر وقت تي هرلي يا نار ۾ وهندڙ جانور کي (اصطلاحي طور) ”جوڳ“ سڏبو هو جنهن کي ڪڙ ۽ ڪتر ڏيندا هئا. ڪڙ گهاٽي تي پيڙهبي هئي ۽ گهاٽي وارو چاڪي سڏبو هو. ڪنهن هاري جو يار چاڪي هو. تنهن هوندي به سندس ڏاندن ڪڙ کان سواءِ رکي ڪتر پئي کاڌي ان تان اها چوٽي هلي.
- چوندا: ”جهيڙو ۽ جهڻ، جئين وڏاءِ تيئن وڌن“: جهڻ ۾ لوڻ وجهي پيو آگر چور ته گهٽي تيندي ويندي.

- چورو ڪپر تي ڪڍي اچ نہ ٻڌي سياڻي ٻڌي، ٻارڙو پاڻيءَ جي ڪپر تي پيو ڪڏندو تہ ڪنهن وقت پير ترڪي ويندس ۽ ٻڏندو.
- چوندا تہ: "وڙهجي تہ پرچڻ جي جاءِ ڇڏجي" هي وڏي دانائي واري چوڻي آهي.

ڪنهن سالڪ چيو تہ:

"ڪر ماٺهو وڻ ٻاٻرو، ڪنهن پاڙي نہ هوءِ،
توڙي پير نہ پچڻو تہ بہ جيءُ هر ڪو هوءِ.

ڪريل ماٺهوءَ ٻير جو وڻ ويجها هوندا تہ نہ ڪر ماٺهوءَ جي حرڪت ڪان، تہ نہ ٻير جي ڪنڊي ڪان، الڪو (هر ڪو) لهندو تہ متان ڪر ماٺهو ڪنهن وقت ڪرائي ڪري، ۽ متان ڪنهن وقت ڪنڊو هيٺ ڪري ۽ پير ۾ لڳي.

- هيٺيون بيت مثال طور هلندڙ هو جنهن بابت پڇندي آخر ايئن معلوم ٿيو تہ هادي بخش مري نالي شخص نيڪ هو پر بلڪل مسڪين هو. پرڻيو تہ اولاد ٿيس ۽ پوءِ لاچار ان چوري ڪري پٽن ۽ زال کي پٽي ڪارايو. هڪ ڏينهن انهن کان پڇيائين تہ: هي ان چوري جو ٿو آٽيان: قيامت جي ڏينهن ڪو پڇاڻو ٿيو تہ اوهين ان ۾ مون سان بيهندئوا. هنن چيو تہ: "اسين نہ بيهنداسون" اهو ٻڌي هو توبهہ تائب ٿيو ۽ چيائين تہ:

پٽ لڳا پانهنجيءَ، ۽ جدا ٿئڙم جوءِ
هادو انهين ويل لاءِ هئي هي ان نہ هوءِ.

- "هيءُ جڳ بازيگر جي بازي". اهو ٻول ٻڌل هو پر معلوم نہ هو تہ ڪهڙو بازيگر ۽ ڪهڙي بازي! 9 جنوري 1955ع تي راجي خاناڻي ۾ رهاڻ تي جتي ڪنهن سگهڙ سمجهايو تہ:
- هڪڙي بازيگر وٽ ريچ ۽ پولڙو هئا. بازي وڌائين ۽ خيرات ورتائين مس، تہ هڪڙو بيو فقير آيو جنهن چيس تہ مونکي بازي ڏيکار. بازيگر ان کي بہ بازي ڏيکاري ۽ چيائينس تہ تنهنجي دل راضي ڪيم هاڻي منهنجي دل بہ راضي ڪر. تنهن تي فقير سوپاري ڏنس ۽ چيائينس تہ" هيءَ وڃي درياءَ کي ڏي ۽ چئينس تہ منهنجي دل راضي ڪر".

بازيگر روانو ٿيو ۽ هن وڻ سان ريچ ۽ پولڙو ٻڌي درياءَ ۾ سوپاري اڇليائين تہ درياءَ مان اندران راڻي نڪري آئي ۽ چيائين تہ: آءٌ تنهنجي دل راضي ڪرڻ آئي آهيان پوءِ بازيگر کي وڳا ڍڪائي بادشاهہ ٻڌايائين ۽

پنهنجو شهر ٻڏائي ويهي رهيا.

اتي ڪو ٻئي ملڪ جو امير آيو. تنهن پنهنجي ڌيءَ ڏنس. بازيگر جي دل ان ننڍي زال سان ٿي ويئي. هڪ دفعي ان ننڍي زال جي چوڻ تي وڏي راڻي کي وچي درياءَ تي چڙهي آيو. اتي راڻيءَ چيس ته آءُ وڃان؟ چيائينس ته "وڃ". راڻيءَ ٿي پيرا پڇيس، ته ٽيئي دفعا چيائين "وڃ" پوءِ راڻي وئي هلي. بازيگر درياءَ مان ٽپي نڪتو ته اهو اڳيو بازيگر جو بازيگر. ٻ رڇ ۽ پولڙو به ٻڌا بيٺا آهن. ڪيڏانهن وئي راڻي ته ڪيڏانهن وئي بادشاهي! اتي ڏٺائين ته ساڳيو سوپاري وارو فقير بيٺو آهي. تنهن کي چيائين ته مون سان هيءُ ڇا ڪيئي؟ تڏهن فقير جواب ڏنس ته: "تو به ڏيکاري مون کي بازي، مون به ڏيکاري توکي بازي".

# مانائتيون مايون

**مائي ست ڀائي جوڻيجي**. ميون شاهه عنايت (رضوي) شيخ موسي وٽان چڙهيو ۽ ٺنڊي الهيار ڪان ڏکڻ هاليپوٽن ۾ آيو (هن وقت گولي هالي پوٽي جو ڳوٺ سڏجي). چيائيون ته مسافر آهيون، لهنداسون، آڏو چيائون ته اڳتي وڃي لهو. ديهه چارڪي ۾ جوڻيجا (هن وقت ميان داد جوڻيجي جو ڳوٺ) اتي مائي ست ڀائي جوڻيجي سندن وڏي آڌر ڀاءُ ۽ خدمت ڪئي تڏهن مين شاهه عنات چيو:

جهڙو ست ستيءَ ۾، تهڙو جي هاليپوٽن هوءِ
جهڙي جوڻيجاڻي جوءِ، تهڙو هاليپوٽو ڪو هڪڙو.

**مائي جنت ڀري**. سگهڙ شاعر حاجي طاهر گراٽي ٻڌايو ته 1930ع ڌاري جهنگ ڪنڊ (ڪراچي ڪان ٻارهن ڪوه اتر طرف) جا وينل ڀرا، الله ڏنو ۽ پٽس اسماعيل، ميرپور ساڪري طرف مال ڪاهي آيا. مائي جنت الله ڏني جي گهر واري هئي ۽ شاعر هئي پنهنجا گهڻا بيت ٻڌايائين جيڪي مون کي وسري ويا آهن پر هيئين هڪ ست ياد آهي ته:

جاڳيس ڪين، جنت چئي، وئي وهامي وهي

**مائي مان ٻائي جهنجهڻ**. وينل ڳوٺ جهنجهي تعلقو چاچرو سميجن جي ڳوٺ ۾ پرڻجي آئي ۽ سخاوت جي ڪري سڄي ٿر ۾ مشهور ٿي. سندس نالي پويان ”مائي مان ٻائي جو تڙ“ ۽ ڳوٺ، جيڪو چاچري کان ٻارهن ميل کن اوير طرف آهي. مائي مرداني هئي. انگريزن جي دؤر جي شروعات هئي. تروٽ هتان لنگهيو ۽ گهوڙن انن لاءِ گاهه ڏنائون پر مائي پنهنجي دستور موجب ماني به کارائي. تروٽ کي چيائين ته: اسان وٽ تڙ ڪونهي تروٽ پوءِ تڙ جو انتظام ڪيو ۽ ان سان گڏ سنڌ ۾ (هيرل ٽي) مائي کي هڪ سئو اسي ايڪڙ زمين ڏنائين. ڪنهن ڏکيي سال گاهه گهٽ هو ان وقت اسماعيل نالي ڪو چڱو ۽ سندس ساٿي اچي تڙ تي لٿا. اسماعيل گاهه گهريو ۽ مائي گاهه ڏنو:

سميجي اسماعيل چئي، آهين مادر اسان جي ماء
تنهنجي مانيءَ ناهيون بکيا، اسان جي گهوڙن ڏج گاهہ.

**مائي فاطمہ موچياڻي.** سندس احوال ۽ سندس بيت ”رهاڻ هيرڻ ڪاڻ-1“ ۾ اچي ويا آهن. هيٺ سندس قافيون ڏجن ٿيون مائي انهن ۾ نالو پنهنجي ڀيءَ لال جو وڌو.

(1)

ٿلهہ: جي مان جاٽان جت ڪا جاڙ ڪندو
تہ سيجن تي ڪيئن سمهان ها
آن سستي هيس، ساز نہ ٽئڙي،
جيڪو جانب لئي جاڳان ها
جي مان جاٽان منهنجو پنهل نيندا
پهہ ڪري تہ پچان ها
جي مان جاٽان مان ڪان وچڙيا ويندا
پانڌين کون تہ پڇان ها
ڪرها ڪٽڪيا ڪين ٻڌا مان،
گورن کي تہ گڏيان ها
لال چوي تو جيڏيون جانب لئي
هي جبل سارو جانچيان ها.

(2)

ٿلهہ: ڪاڻ پنهل جي جيڏيون سرتيون،
هاٽي ويٺي تي ڪانگ اڏاريان
پار انهيءَ ڏينهن اچي مون کو پانڌي،
تن لاءِ ويٺي تي راهہ نهاريان
ٻڌي سندرو سور انهيءَ مون،
مان آري لئي او ساريان
مٺ محبن جي چا ڪو تيندو
تن کي ويهي مان ڪيئن وساريان
لال چوي تو پنهل پڄاٽان،
مان گهڙي ڪيئن گهاريان.

(3)

ٿلهہ: نڪري ٿيا نروار، عشق عقل ٻئي چوغان ۾
جنگ لڳي ات جلهہ ٿي، ٿيا سرواهين جا شڪار
اتي مڙد ڪڙا هٿا ميدان ۾
ڏرتي سر تہ ڏڪاءُ ٿيو، پڳو سڀ بلخ بخار
خبر رسي خراسان ۾
جڏهن حڪم ٿيو حضرت شاهہ جو چئين قبلين چوڏار
ملڪ فلڪ ٿيا فرمان ۾
عشق ڀڄايو عقل کي، جنگ ڪتي نہ جهونجهار
لال چوي لامڪان ۾.

(4)

ٿلهہ: جيڏيون ڙي مونکي ڪنهن نہ جاڳايو جيڪر مان هوتن ساڻ هلي وڃان ها
جڏهن ڪرهل آيا تي ڪيچ ڏانهن، تڏهن هن ڀوڙي کي ڪنهن نہ ٻڌايو
اٺ تہ آريءَ جام جا، هڪڙي ڪا رات رهايو
هو انگ لکيو آريءَ جام سان، قادر قلم وهايو
لال موچي مسڪين سان، اڄي مولي محب ملايو.

(5)

ٿلهہ: مان سرتي ڳالهہ ڪريم ڪا، هاڙهي ڏانهن هلڻ جي
ڏر ڏسي ڏونگر جا، متان وري پوءِ وريم ڪا
مان ڀي اوريندي‌س ان سان، جيڪا محب لاءِ مريم ڪا
جيڏيون ڙي باهہ جبل ۾، پاروچل جي پريم ڪا
لال موچي مسڪين تي، من پنهنجي ديد ڏريم ڪا

(6)

ٿلهہ: موڪل ڏي ميان سومرا وڃان ملڪ وري
وڃان ملڪ وري، منهنجي سرتين ڪوئن نہ سري
ڪيڏ بنڌياٽي بند مئون، لاهج ڀل جي ڀري
ڪاچ ڪائيندس تنهنجا ڪينڪي، توڙي وڃان ماڳ مري

ناهيون هنڌن جا هيروان، اسين پئون ڪرڙن هيٺ ڪري
ڦوڳ ڦلاريا ڦرڪن، ڏيهه ۾ ڏنئرا پيا تہ ڏري
لال چوي منهنجي مارن سان مان ڪوليان درد دري

- **مائي سوري يا شوري** ننگر پارڪر جي شهر ڪاسبي مان ڪنهن شادي ڪئي ۽ اها مائي سوري يا شوري ذات جي، سهٽي هئي. صوبيدار مائي تہ پليو ۽ ان جي مڙس کي جهليائين ۽ ٽاٽي تي ويهاريائين پوءِ مائي ڏي ويو مائي آئي ۽ سپاهي جي ترار سان صوبيدار کي ماريائين. سچو مياٽو ويڻل بنڌٽالس جو (1948ع ۾ فوت) تنهن مائي جي ست ۽ سورهيائي تي هيٺيون بيت چيو (جيڪو ڳوٺ ڏيٽيون، تعلقي ڏيپلي ۾ الله بچائي لنجي وٽ 31 آگسٽ 1983ع تي ڪيل ڪچهريءَ ۾ سگهڙ عبدالرحيم لنڊ کان مليو):

الله هو جل جلالہ ساراهيان سائين
جوئين هن جهان ۾ اجان ڪي آهين
شاهہ انهيءَ جو شان رکي، موليٰ محشر تائين
جيئريون هون جهان ۾ اهي ستيون سدائين
مڙس مرڪائين پانهنجا، ٿيون مائٽ ملهائين
ڪري خون خوشيءَ مان، ڏس جو مرد ماريائين
ترڇي تنهن کي ترارين سان وڍي وڍائين
سبتيون تراريون صوبيدار کي وه جون وهايائين
هئي ڪس قلب کي سا لحظي لاٿائين
سڌ ڪري شاهدن کي ٿي ڪل ڪوٺيائين
تہ هڪدم هيڪاندي مون کي ڪيو ڪورٽ تائين
سامهيون ڳالهين صاحبلوڪ کي چونديو چيائين
ڏسون شان تنهن شوريءَ جو جو منهن نہ موڙيائين
ات بہ عقل هوش جون ٿي باتين بتايائين
انعامون انگريزن کان ٿي ڪليو ڪنيائين
مشر ٿي ملڪن ۾ سوري سڃيائين
ساعت گهٽي هئي صوبيدار جي، جو وئو هيڪلو هتائين

هاڻي حرص نہ ڪندو هتي ٻيو ڪو سپاهي سچيائين
گذاريندا غريبت سان اتي جي آهين
سهيليون سنگتين سان گهٽو پاڻ پڏائين
پر شوريءَ جهڙي جوءِ سرزمين ۾ ڪانہ سئي سون ڪڏاهين
نالا نيڪين ڪتين جي، ايئن وڪون وڏائين
پليو سوس ساهہ جا اچو سر سنباهين
تن ستين ساڻ سچو چوي، ڪندو مدد موليٰ سائين
ڳالهين پيا ڳائين، ڏيسوتين جون ڏيهہ ۾.

اي سرتيا! چاڻ تہ سچوءَ جي ٻولي ٿر ننگر واري آهي، جنهن ۾ جمع ."ئين" سان ٿهندو. جيئن تہ جوئين= جويون. ڳالهين = ڳالهيون، باتين= باتيون، نيڪين = نيڪيون، آخري سٽ ۾: ڏيسو تين جون = چڱين لائق پرين جيون.

# سنڌ جي لوهارن جي ڪاريگري

سنڌ ۾ حيلن تلن (ٽيڪنالاجيز) جي تاريخ کي مرتب ڪرڻ لاءِ لوهارڪي ڌنڌي ۽ ڪاريگري کي سمجهڻ ضروري آهي. ڪنهن سگهڙ آکاڻو چيو ته:

”جي ڪٽين ڪٽ لوهار تن کي کهڙو قدر سون جو.“

اها هڪ طرفي ڳالهه آهي، چاڪاڻ جو لوهارن کي جي سون جو قدر ڪونهي ته لوهار به چئي سگهي ٿو ته سوناري کي به لوهه جو قدر ڪونهي. هڪ ته لوهه وڏيڪ ڪم جو آهي ٻيو ته لوهارڪي ڪم جي ڪاريگري به ايتري ئي اهم آهي جيتري سوناري جي. سنڌ ۾ سونارا توڙي لوهار ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪاريگري ۾ برک هئا، پر سونارن جو ڪم ”سون“ سان ۽ لوهارن جو ڪم لوهه سان رهيو جنهن ڪري ”سون“ ۽ ”لوهه“ جي قيمت ۾ فرق سببان ٻنهي ۾ فرق ٿيو. ”وينجهارن“ کي به وڏو ڪاريگر ڪري سمجهيو ويو چاڪاڻ جو هو موتين ماڻڪن جي ونڌيا وينجهه ڪرڻ وارا هئا، يعني موتين ماڻڪن کي صاف سهڻي صورت وارو بڻائي، ونڌي وينجهي (سوراخ ڪري)، هار سينگار لاءِ تيار ڪندا هئا. شاهه جي رسالي جو بيت ته:

وٽاسي وينجهار هيرا لال ونڌين جي
هاٽي اني پيٽين ڪتين ڪٽ لوهار.

هن بيت مان ظاهر آهي ته سنڌ ۾ وينجهار به هئا جيڪي آڳاٽو ويا، پر لوهار اجا شاهه عبداللطيف (وفات 1165هه/ 1752ع) جي وقت ۾ موجود هئا، براج واهن جي وهڻ (1932ع) تائين، هتان جا لوهار ڪنيار ۽ موچي پنهنجن پيشن ۾ مشهور هئا، چاڪاڻ جو واهن، ڪڙين، ڪورن، ڪسين تي هرلا ۽ نار هئا جن لاءِ انهن ڪاريگرن جي ڪم جي ضرورت هئي. هرلا ۽ نار ويا ته اهي ڪاريگر بي ڪما ٿيڻ لڳا ۽ هاڻي هن ويهين صدي جي خاتمي تائين انهن پيشن وارا کي ٿورا ڪم ڪندڙ باقي وڃي بچيا آهن ۽

انهن ۾ بہ ڪاريگر ڪو ورلي آهي! 80-1975ع وارن سالن ۾ جڏهن آءٌ ”شاهہ جي رسالي“ جي تحقيق ۾ مشغول هئس تہ ”ڪچو رڪ ڪٽيون تئي“ (هيٺ ڏنل بيت ۾) جي معنيٰ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي ۽ ڳوليم تہ ڪو جاٽو لوهار ملي جو سمجهائي. حيراني تي جڏهن ڏٺم تہ گهٽو ڪري شهرن ۾ ڪاريا ۽ ٻيا ٻاهريان لوهار نظر آيا، پر سنڌ جي اصل لوهارن جا دڪان ئي ڪونہ هئا.

شاهہ جي رسالي جي سر يمن ۾ هينيان بيت لوهارن جي ڪم جي ڪاريگري جي حوالي سان چيل آهن. اهي بيت هڪ تہ شاهہ جي فڪر ۽ شاعرانہ عظمت تي شاهد آهن، جنهن ڪي سنڌ جي ٻئي ماحول سان گڏ لوهارڪي ڏنڌي جي بہ پوري ڄاڻ هئي ۽ ٻيو تہ انهن بيتن ۾ لوهارن جي ڪم جي ٿلن ۽ جيلن جو سمان چٽيل آهي. جيڪو سنڌ ۾ ”تيڪنالاجي“ جي تاريخي مطالعي لاءِ وڏي اهميت وارو آهي.

ٻر تن اڱارن، بہ اڏائين ٻرن جي
هڪ جڻن ڪوري ڪانئيا، ٻيو ڏوڏي منجهہ ڏڳن
اجان لهارن، ميڙي رکيا مچ تي.

--

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اچ پڻ آڳڙين جي
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون آڳار
ڏوڏتان تيءُ ۾ ڏار، جم ڪچو رڪ ڪٽيون تئي.

--

اچ آڳڙيا آئيا، سوڏا سراٽي
پياري پاٽي، تيغون ڪندا تکيون.

انهن بيتن جي معنيٰ گهڻن کان پڇيم پر ڪنهن حد تائين صحيح نموني ۾ سولي سمجهہ ۾ تڏهن آئي، جڏهن لال بخش خان زنئور (ڳوٺ لڳ ميرپور بٺورو) منهنجي سوالن جا جواب باصواب ڏنا. هن وقت (2000ع) هو بندوقن، پستولن رائيفلن وغيره خودڪار هٿيارن جي ساخت، نقص ۽ ”ريپئر“ بابت وڏي ڄاڻ رکي ٿو. ساڻس ميرپور بٺوري جي علمي ذوق رکندڙ نوجوان عبدالقادر ڪنڌي معرفت ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيون ۽ آخري ڪچهري جيڪا محمد هارون ڪاڙڪ (ڳوٺ ميرپور بٺوري کان اولهہ) وٽ 1

نومبر 2000ع تي تي تنهن ۾ لوهارڪي ڏنڌي ۽ ڪاريگري بابت جنهن ڏانهن مٿين بيتن ۾ اشارا آهن تفصيلي گفتگو ٿي.

پهرئين بيت ۾ ”اگرن“ جي سختي سهڻ ساراهه آهي، جيڪي ٻه پيرا (ٻه ڏائين) ٻرن ٿا. اهي هيڪر (پهريائين) وٽن مان وڏيل ڪاٺ واري ڪوري ۾ ٻري اگر ٿين ٿا ۽ ٻيهر لوهار جي ڪوري واري. ”ڏوڏي“ ۾ ڏڳن ٿا. ”ڏوڏو“ اگرن جو اهو تيز تکو مچ آهي جيڪو لوهار جي ڏنوڻ يا ڏمڻ جي ڦوڪن سان ڏڳي ٿو ۽ لالائي واري رنگ ۾ اچي ٿو.

ٻئي بيت ۾ ، ”ڪچي رڪ جو ڪٽيون ٿيڻ“ کي سمجهڻ لاءِ لوهه ۽ ”رڪ“ کي سمجهڻ ضروري آهي، رڪ جنهن سان لوهارن جو ڪم آهي سو چار قسم آهي: مرو رڪ (جيڪو نرم)، ٻيو سخت، ٽيون وڏيڪ سخت، چوٿون اجان وڏيڪ سخت. لوهه ٻه نمونا: هڪ ڪارو لوهه جنهن کي ڪارو لوهه يا ڪچو لوهه چئجي ۽ ٻيو اڇو لوهه يا مٺو لوهه (=نرم آهن). وهڪ وارو تيز اوزار (ڪهاڙي، ڪاتي وغيره) رڪ مان يا اڇي لوهه مان نهندو. ڪاري لوهه مان نه نهندو. ڪارو ڪارو يا ڪچو لوهه لوهارن جي ڪوريءَ واري ڏوڏي ۾ ڏڳيندو ۽ جڏهن ان کي گهڻو تاءُ آيو ته ڳاڙهو ٿي پوءِ اڇاڻ تي ورندو ان وقت لوهار ان کي ڏڪيندو ته اهو سالم رهندو ۽ ان مان ڪا شيءِ نهي سگهندي، پر جي اهو ڪارو يا ڪچو لوهه ڏوڏي ۾ پورو نه ڏڳيو ۽ ان کي پورو تاءُ نه آيو ته ڏڪن هڻڻ سان ڇيتيون ڇيتيون ٿي ويندو. شاهه صاحب عاشق کي لوهه سان تشبيهه ڏيندي چوي ٿو ته: اي عاشق! وڏي تکي مچ يا ڏوڏي ڪان ٻري نه ٿي، ٻري ٿيندي ته توکي پورو تاءُ نه ايندو ۽ ڪچو رهجي ويندين ۽ تنهنجو ڪچو جسم ڏڪن سان ذرا ذرا ٿي ويندو.

ڏوڏان ٿيءُ م ڏار، جم ڪچو رڪ ڪٽيون ٿئي!

ٽئين بيت ۾ ترارن (تيغن) کي ”پاڻي پيارڻ“ جو ذڪر آهي، هن وقت عام اصطلاح ”پاڻي ڏيڻ“ آهي. اوزار ناهڻ وقت ان کي صحيح پورو ”پاڻي ڏيڻ“ لوهار جي ڪاريگري جي وڏي پرکا آهي، پاڻي گهٽ ڏيڻ يا ڏيڻ جو مدار لوهه يا رڪ جي جنس تي آهي ته اهو ڪيترو نرم يا سخت آهي. لوهه يا رڪ جو ٽڪر جنهن مان ڪو اوزار ناهڻو هوندو تنهن کي لوهار اگرن جي ٻرندڙ ڪوري ۾ وجهندو ۽ ڏنوڻ جي ڦوڪن سان وڏو ڏوڏو ٿيندو (مچ مچندو) جنهن ۾ ان ٽڪر کي جڏهن پورو تاءُ ايندو تڏهن ڪڍي سنداڻ تي ڏڪيندو

۽ جيڪو اوزار ٺاهڻو هوندس سو ٺاهيندو. اوزار ٺهي وڃڻ کان پوءِ وري ان کي ڪوريءَ ۾ وجهندو ۽ جڏهن پورو تاءُ اچي ويندس، تڏهن ڪيڏي پرسان رکيل ٿانءَ ۾ هڪ واري پاسي کي ٽٻي ڏياري ٻاهر ڪڍندو ۽ ان کي جانچيندو ته ان تي هڪ ٻئي پٺيان رنگ چڙهندا. پهريائين اڇي رنگ جو ورق نظر ايندو. پوءِ سونهري، پوءِ نيرو سائيرڙو ۽ آخر ۾ ڪارو. ڪاريگر اوزار جي لوهه يا رڪ واري جنس موافق رنگ چڙهڻ وقت ٻيهر هڪ واري پاسي کي پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏيندو اتي "پاڻيءَ ڏيڻ" واري حد پوري ٿي. راقم پڇا بعد هيٺين جدول ٺاهي آهي ته جيئن لوهه يا رڪ جي اوزار کي پاڻي ڏيڻ واري حقيقت سولائي سان سمجهه ۾ اچي. اوزار کي انهيءَ لاءِ پاڻي ڏجي ٿو ته سخت ٿئي ۽ هڪ وقت مڙي نه پوي. ان سان گڏ پاڻئجي ٿو ته "پاڻي ڏيڻ. سان اوزار جي هڪ واري پاسي ۾ "تيز ٿيڻ" جي صلاحيت به وڌي ٿي، جيتوڻيڪ ان کي وڌيڪ تيز ڪرڻ لاءِ روات يا سراڻ کان ڪم وٺبو.

سنڌ جي لوهارن جي "پاڻي ڏيڻ" واري ڪاريگري جو ذڪر هزار ورهيه اڳ وڏي عالم ۽ محقق بيروني، هيرن جواهرن ۽ قيمتي ڌاتن بابت سندس لکيل ڪتاب ("الجماهر في معرفة الجواهر") ۾ آندو "پاڻي ڏيڻ" بابت کيس هڪ ڄاڻو شخص ٻڌايو جنهن سنڌ ۾ ڪٿي ڪنهن لوهار کي ڪم ڪندي ڏٺو جنهن کي ڪوري مان ڪڍڻ کان پوءِ ڪو پاڻيٺ پئي ڇٽڪيو جيڪو ڳاڙهيرڙي رنگ جو هو پوءِ ان کي ان ڳاڙهيرڙي پاڻيءَ ۾ ٽٻي ٽي ڏياريائين ته جيئن لوهه ان پاڻيٺ کي پوريءَ طرح جذب ڪري وڃي پوءِ لوهه کي ڪيڏي ·مارڻ سان ڪٽي ان کي سنئون ويڪرو ٽي ڪيائين. اهڙيءَ طرح هن وري وري پئي ڪيو. جڏهن ان لوهار کان هن شخص پڇيو ته: اهو ڪهڙو پاڻيٺ آهي ته هو حيران ٿيو ته شايد هن سان مذاق ٿو ڪري (ڇاڪاڻ جو اهو رواجي پاڻي هو جنهن جي سڀ ڪنهن کي خبر هئي) ان شخص جڏهن پاڻيٺ تي وڌيڪ سوچيو ته پاڻيائين ته "دوص" (اهو پاڻي جنهن ۾ ڳاڙهو تپيل لوهه ٺارجي) آهي. لوهار ان پاڻيءَ کي ڌوڏي ۾ ڏڳايل لوهه کي ڌڪڻ ۽ ٺارڻ ذريعي ٽي ملايو "ڪتاب الجماهر" جي عبارت پوري ٿي. اي سڄڻ! توکي اهو ٻڌايان ٿو ته مون هن وڏي ڪتاب جي انگريزي ۾ ترجمي کي "ايڊٽ" ڪيو ۽ انگريزي ۾ مقدمو لکيو ۽ ان کي "هڪ سئو ڪتابن" جي رٿا هيٺ اسلام آباد مان ڇپايو).

ٽئين بيت ۾ ٻيو ذڪر "سرواڻ وارن" (سراڻي) وارن جو آهي. اوزار کي

پاٽي ڏيڻ بعد ان جي وهڪ کي تکو ڪبو بيت جي آخري سٽ جو بہ اهو مطلب آهي تہ پهريان پاٽي پياري (پاٽي ڏيئي) پوءِ انهن ترارين کي تکو ڪندا. ننڍي اوزار ڪاتي، ڪهاڙي) کي ”روات“ هٽي تکو ڪندا. سنڌ جا سراڻ وارا ڪاريگر (سر راٽي)، تن جي ”سراڻ“ پنهنجي ناهيل هوندي هئي، اها لاک ۽ تر جي واري کي گڏي ڳوهي لوئي ان کي گول ڦيٽي مثل گول ڪندا هئا ۽ پوءِ ان جي وچ مان لوهي سيخ لنگهائيندا هئا جيڪا هڪ طرف مني ۾ ۽ ٻئي طرف ڪاٺ جي گول سرائي ۾ لڳل هوندي هئي. ڪاٺ واري سرائي ۾ چم جو نيٽو پيل هوندو هو جنهن کي سراڻ ڦيرائندڙ ٻچيءَ ۾ پائي، سولو ڪري، ٻنهي هٿن سان ويهي نيٽو اڳتي پوئتي ڇڪيندا هئا (جيئن ماڌاٽي کي کير ولوڙڻ وقت ڇڪجي). سراٽي ڪاريگر ان گول ڦرندڙ ڦيٽي تي اوزار لائيندو هو ۽ ان جي وهڪ کي سنهو ۽ تکو تيز ڪندو هو. سراڻ سان مورياڻ (ڪٽ) لهندو ۽ اوزار صاف ٿيندو.

اڄ آڳيا آئيا، سوڌا ڪي سجاڻ،
لاهيندا مورياڻ، رڪ ڪيندا پڌرو.

هيٺيون آڳاتو بيت جيڪو لال بخش خان ٻڌايو سو اصلوڪي سراڻ جي حوالي سان چيل آهي:

هوءِ نہ هوئي ساڻ، تہ هاءِ هاءِ ڪير ڪري!
پايو ڪنڌي ڪنڌ ۾، آهي تاٽو تاڻ
سٺا پنهنجي سر تي ايڏا سور سراڻ
پيسي ويئي پاڻ، اڳلي کي اڇو ڪري.

آخري سٽ ۾ جيڪا اعليٰ معنيٰ سمايل آهي تنهن مان گمان ٿئي ٿو تہ شايد هيءَ بيت شاهہ عبداللطيف جو هجي (توڙي جو رسالي ۾ ڪونهي) ڇاڪاڻ جو ساڳي معنيٰ ۾ ”سنداڻ“ جي حوالي سان چيل هيٺيون بيت رسالي ۾ موجود آهي تہ:

سهي جئن سانداڻ، ڌڪن مٿي ڌڪڙا
وهہ وڃائي پاڻ، ڏئي ڌوائون ڌگرين.

يعني سنداڻ پنهنجو پاڻ وڃائي، پنهنجو زور نہ ڏيکاري ۽ ڌگرن (مطرقن) کي ٻئي وار ڏئي!

رسالي جو ٻيو هڪ بيت وڌيڪ غور طلب آهي ڇاڪاڻ جو شاهہ

صاحب پاڻ چيو آهي تہ ان جي صحيح چاڻ ڪن وڏن آڳرين ڪاريگرن ڪي ئي آهي

پچائي پهاڻ، جن رساٽيو رڪ کي
تني سندو چاڻ، آهي آڳرين کي.

راقم هن بيت تي گهڻي غور بعد هن نتيجي تي پهتو آهي: ”رساٽيو“ لفظ ”رسائڻ“ مان آهي، يعني ڪنهن شيءِ کي رس (خاص پاڻيٺ) جي طريقي سان پچائي پڪو ڪرڻ ۽ ڪنهن حد تائين ان جي ساخت ۾ ”رس“ واري خوبي پيدا ڪرڻ. هن بيت موجب پٿريون پهڻ گڏيل لوهہ واري معدنيات (Irore) جي پچائڻ سان اهو مادو (فولاد) ملي ٿو جيڪو رڪ کي رساٽي ٿو ان کي سخت ڪري ٿو ۽ ان ۾ تيزي ۽ جوهر آڻي ٿو.

اوزار (ترار، خنجر، وغيرهہ) تي ترورن وري چمق جو ٻيو نالو ”جوهر“ آهي (يمني نالو فرند). چوندا ”جوهر دار تلوار، اڳ جوهر دار تلوار يا ٻئي ”تکي هندڙ اوزار“ کي ڏکي ويڙهي رکندا هئا تہ جيئن جوهر ضايع نہ ٿئي ۽ وري جڏهن ”جوهر“ چمڪائڻو هوندو تہ ”باميان جي تيل“ (Vitriol) يا ميٺ سان مانجهيندا هئا.

# مقامات سنڌي

["مقامات، عربي ادب جي هڪ خاص صنف آهي، جنهن ۾ اديب ڪنهن موضوع کي وڏي عبارت آرائي سان بيان ڪندو انوکن لفظن ۽ اصطلاحن کي آڻيندو تشبيهن، استعارن ۽ علم بديع ۽ معاني جي بين بندشن سان جادو بياني ڪندو پر هو سڄي ڳالهه ٻن خاص ڪردارن جي زباني بيان ڪندو. "مقامات" جي فن ۾ ٻه ڪتاب مشهور آهن جيڪي مصنفن جي نالن سان "مقامات همداني" ۽ "مقامات هريري" سڏجن ٿا. عربي لغت جي وسعت جي ڪري هيءَ فن ڪمال کي پهتو. علي ڳڙهه ۾ شاگردي واري زماني ۾ خيال آيو ته سنڌي ٻولي ٻه لفظن جي کاڻ آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ٻه "مقامات، وارو ادبي رنگ پيدا ڪري سگهجي ٿو ائين مون "مقامات سنڌي" لکڻ تي سوچيو (اتي آءُ سنڌيءَ جي نالي سان مشهور هئس). مشق طور، سنڌي ڪافي جي ڳائڻ ۽ رس لائڻ جي موضوع تي "مقالو" لکيم جيڪو ڪي سال پوءِ سنڌي رسالي "عام راءِ" ۾ ڇپيو. هاڻي تازو (2000ع) هڪ همعصر اديب هتان جي رملين جي ڳالهه اهڙي ته دلچسپ انداز ۾ ٻڌائي جو مونکي "مقامات" جو فن ياد آيو ۽ هي "مقامو" لکيم.]

مقامو: رمل ۽ رملي

لعلڻ خان لغاري پيو ڳالهه ڪري ته: اسان جي يار عاشق ڪنيار ٽنڊي الهيار ۾ پتا پار ڏيئي ٻڌايو ته: ايندڙ سهائي سومار تي وڏا رملي ۽ جفري ڇنبڙ ۾ گڏ ٿيندا ۽ سيرن سرن ۾ هڪ ٻئي سان پيتان پيٽ ڪندا، راز ۽ رمز وارا رملي اهڙا وڏا رمل هڻندا جو هر مئي جيئري جي خبر ڏيندا، ٻئي طرف جهونا جفري جفر جو حساب جوڙي ساري سنڌ ۾ پوريل خزانن جا پار پتا ڏيندا، اهو ٻڌي، اسين ان ڏينهن پڇائي وڃي ڇنبڙ پهتاسين ته هنن حريفن جي حرفت ۽ ڪيڏارين جي ڪيڏ ڏسون.

وياسون ۽ در لنگهياسون تہ آڏو گلڪاري گلم تي مڙسن جي رهاڻ لڳي پئي هئي، اسان سلام واريو تہ سيني رملين جفرين يڪ زبان ٿي چيو تہ: ادا وعليڪم السلام، يلي ڪري آيئو پوءِ منجهائن هڪڙي مون ڏانهن منهن ڪري چيو تہ: تون سانگهڙ طرف جو پروچ آهين جو مون توکي وڏن بالن واري پهراڻ ۾ پٽڪي جي پير مان سڃاتو آهي، ٻئي چيو تہ: توکي گهران نڪتي ڇهہ ست ڏينهن ٿي ويا آهن جو تنهنجي ڏاڙهيءَ کي لڳل رنگ هيٺيان وارن جون اڇيون پاڙون پڌريون ٿيون آهن، ٽئين چيو تہ: تون ٽنڊي الهيار کان پنڌ آيو آهين جو ڏڪڻ ڏي مهاڙ سببان تنهن جي منهن کي جهولي ستيو آهي، چوٿين چيو تہ تون ڦلاڻي گهٽيءَ مان لنگهي هت پهتو آهين، جو انهيءَ گهٽيءَ ۾ گپ آهي ۽ تنهنجي جتي گپ سان ڀريل آهي، اتي سندن اڳواڻ حاجي ميوي لغاري چيو تہ: ادا مڙس کي ويهڻ ۽ ساهہ کڻڻ ڏيو تہ پنهنجيون خبرون ٻڌائي.

مون ويهندي چيو تہ: اوهان جيڪي ڳالهيون چيون سي سڀ سورهن آنا سچيون! پر اوهان پنهنجي بہ تہ سڃاڻپ ڪرايو ۽ ڪا پنهنجي علم جي خبر ٻڌايو.

تڏهن سيني حاجي ميوي ڏي هٿ کڻي چيو تہ: هو اسان جو استاد آهي، هاڻي رمل ڪونہ ٿو هڻي پر جڏهن ٿي هنيائين تڏهن مئن جيئرن جون خبرون ڏنائين ۽ قبرن ۾ بہ سچن ڪوڙن کي سڃاتائين. هي سليمان عالماڻي آهي جيڪو رمل جي زور تي، چور جي ڏاڙهيءَ وارا ڪک تہ ڏسي ٿو پر جو ايل ڊگي جي پيچ جا وار بہ ڳڻي ٿو. هي حاجي گاجن آهي جنهن جو رمل ڪوڙن قلعن مان ڏوپار پهچي ٿو. هي جان محمد جفري آهي جنهن جو جفر زمين جا ست ورق چيري بہ پوريل ڏن پڌرا ڪري ٿو. هو احمد لغاري آهي جنهن کي تلهار کان وني بدين تائين ڪا شيءِ ڳجهي ڪانهي. هو ٽنڊي آدم جو رانجهن فقير آهي جيڪو مارڪيٽ مٿان اڏامندڙ سرٽين مان هر هڪ جي خبر ڏيندو تہ جڏهن هيٺ لامارو ڏيندي تڏهن کهڙي پوتي ڪڻندي، هو شادمان مهيري آهي جنهن جو رمل کوروواهہ کان وني ٻنوري جي اتر ۾ چور واهہ تائين چلي ٿو ۽ هر چرندڙ پن ۾ سرندڙ جيت کي ڏسي ٿو.

اڃان اها سڃاڻپ هلي رهي هئي جو هڪ مڙس اچي سلام واريو ۽ هي سڀ سندس آڏو اٿي بيٺا جو پنهنجي سير ۾ صحيح ڪري ويا تہ هي رمل ۽ جفر توڙي ريميا ۽ سيميا جو استاد آهي. ڪيس پيرن تائين وڏو جامو هيٺ وڏي

گهيري واري سلوار مٿي تي مولهيو ۽ آڏو ٻٽ ٻڌل هئي. ڳچيءَ ۾ رنگا رنگي ڳانا ۽ ڪڇ ۾ ٻگري هڪ هٿ ۾ ليڪن وارو ڪتاب ته ٻئي هٿ ۾ وڏن مڻڪن واري تسبيح! سيني هن مڙس کي وڏو مان ڏيئي ويهاريو هو جنهن ڏانهن نظر ڪٽي پيو گهوري ته ان جي اندر جا سپ وهم ۽ وسوسا پيو پروڙي!.

اتي حاجي ميوي ڳالهايو ته: هي سائين رمل جفر جو جهونو استاد آهي ۽ اڄ ورهين کان پوءِ وريو آهي، پر جي وينو ته وينو ۽ جي ويو ته ويو! ڏسڻو هجيو ته ڏسي وٺوس، پڇڻو هجي ته پڇي وٺوس!.

بس پوءِ ته سيني ڳجهه ڳولڻ ۽ راز ڦولڻ وارا سوالن مٿان سوال پڇڻ شروع ڪيا جيڪي هن ماڻ واري مام ۾ پئي ٻڌا. پوءِ ڳاٽ ڪٽي ڳالهائين ۽ چيائين ته: هڪ ڪنا تي ٻڌو ۽ پنهنجن رمل جفر جي رازن ۽ مان مرتبن کي سڃاڻو: اسين نه نقلي، نه ٻڳلي، نه املي آهيون پر وڏي راز وارا رملي آهيون، نه اسين موالي آهيون جو امل رس کان سواءِ اسان جي نه سري: اسين رمل جي رس ۾ آهيون جنهن سان ٻڌل شيءِ تري تي ۽ وچايل وٺ وري تي، بيشڪ رمل جي معنيٰ "واري" آهي، پر اڄ اسان جي ساري آهي بيشڪ "رمل" ليڪن ڪيڻ سان واريءَ جي وچاٽي تي جائو ۽ وهمن وسوسن جي خوراڪ ڪائي وڏو ٿيو پر اڄ اسين زائچن ۽ خاڪن جي سير ۾ آهيون. غيبات جون خبرون اسان کان سواءِ بيو ڪير ڏئي! اڳ ڪٿيون اسان کان سواءِ بيو ڪير ڪري!.

پر ڏسان ٿو ته اصل رملي سنڌ مان ويا ۽ نوان نقلي آيا جن نڳيءَ جي ناهه وارا خاڪا ناهيا ۽ ماٺهو منجهايا. اڄ آءُ اوهان کي رمل جا راز ٿو ٻڌايان ۽ سير وارا سپ ور وڪڙ ٿو سمجهايان. هڪ ڪنا تي ٻڌو ته:

قرعو ڍارو ۽ ڪتاب رملي جا يار مددگار آهن، ۽ زائچا خاڪا سندس هڪيا تڪيا هٿيار آهن.

سچو رملي سير ڪندو ۽ سير ۾ ڳالهه ڳوليندو.

خاڪو ۽ زائچو رمل جو گهر آهي جنهن جي هر صورت پنهنجو برج ۽ ستارو رکي ٿي.

سڄاڻ رملي ڍارو هٽي، قرعا تپاسي، برجن ۽ خانن وارو زائچو ڪيندو ۽ خاڪو جوڙيندو.

هو برج ۽ ستاري کي ڌيان ۾ رکي سير ڪندو ۽ صورت حال بيان ڪندو.

رملي موالي هوندو ته به پنهنجن جهوڻن جي جهنگ ۾ سير ڪندو.

پر رمل رڳو ليڪن ۽ لڪيرن سان ناهي، پر خيال جي تبي ۾ آهي ۽ پورن مٿي پورن ۾ آهي.

سڄاڻ رملي، حاجتمند جي منهن مهانڊي مان پنهنجي سير لاءِ نيون واٽون ڳوليندو.

سچو رملي اهو آهي، جيڪو هر وقت راز ۽ اغماز ۾ رهي ٿو.

اهي نو نشانيون رمل جون باقي ڏارا ڪين ڏريو
دم دلاسن پنهنجن سان سڀ کي خوش ڪريو.

ائين چئي پنهنجي مولهيي واري ٻٽ جو ور ڪوليائين ته سڄاتوسون ته هيءُ ته ساڳيو راضي خان لاشاري!!

# ”اون“ سان سرشار هڪڙي ڏاهي جي ڪمائي ڪانئس ڪي سوال

عمرو بن بحر، ”جاحظ“ جي عرف عام سان مشهور آهي هو بغداد ۾ رهيو ۽ اڄ کان ساڍا يارنهن سؤ سال ڪن اڳ سنہ 255ھ ۾ وفات ڪيائين. جاحظ عربي جي علم ادب جي عمارت جو باني مباني هو. نثر نويسي ۾ بيان، بديع ۽ معاني جو بادشاھ هو. شعر جي پرک پروڙ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. علم ادب جي دائري کان ٻاهر ”علم ڪلام“ جو بہ ماهر هو انسان ذات سان لڳاءُ هئس، انسان جي علم ۽ عظمت کي ساراهيائين ۽ رنگ ۽ نسل جي نفرتن ۽ حقارتن خلاف قلم کنيائين. هو ان وقت بغداد ۾ رهندڙ سنڌين جي ذهانت، هنر ۽ حرفت جو قائل هو. جاندارن متعلق پڻ سندس معلومات نهايت وسيع هئي ۽ انهي موضوع تي سندس لکيل ”ڪتاب الحيوان“ دنيا ۾ پهرين قابل قدر تصنيف آهي. جاحِظ جي معلومات جو دائرو اجا بہ وسيع هو جن ۾ بشر، جيت ۽ جانور، پکي پکڻ، وڻ ٽڻ، ذاتيون قبيلا، حسب نسب، ملڪ ماڳ، مطلب تہ جنهن بہ موضوع تي قلم کنيائين تہ ان جي پوري پيرائتي خبر ڏنائين.

پر هڪ طرف جاحِظ جيڪڏهن علم جا درياءَ وهائي ڇڏيا تہ ٻئي طرف سندس وقت ۾ احمقن بہ پنهنجي علم ۽ عقل جي ڏيوالي جا پڙها پِٽي ڏنا. ايئن پئي ڀانيائون تہ علم ۽ عقل کين ئي ورثي ۾ مليو باقي ٻين کي ڪا خبر ڪانہ هئي. سندن چاڻ ٿوري ۽ دعوي وڏي هئي. اونداهي کي روشني پئي سڏيائون تہ ڏينهن کي رات تي ڪوٺيائون. جاحِظ بالآخر اهڙن احمقن ڏانهن پڻ ڏيان ڏنو ۽ سندن شان ۾ ”چورس ۽ گولائي“ جي عنوان سان هڪ رسالو لکيو جنهن جي پڙهڻ سان تصديق ٿئي ٿي تہ:

علم ري عقل جي دز ۾ دعوي ڪن.

جاحظ جي انهي رسالي جي ياد ۾ راقم هي رسالو لکيو آهي، ڇاڪاڻ جو هن دؤر ۾ پڻ دانائي جي دعويدارن جو غلغلو آهي، مضمون جي سٽاءُ ۾

جيتوڻيڪ جاحظ وارو انگ اختيار ڪيو ويو آهي، مگر موضوع جي قالب ۾ پنهنجي مقامي ماحول جو رنگ پريو ويو آهي جئين هن ڪان اڳ هو تئين هن دؤر ۾ پڻ:

"عالم ائون ساڻ، پريو تو پير ڪري"

سيڪو يانئي تو تہ جيڪي آهيان آئون آهيان، مون ڪان وڏيڪ ٻيو ڪير! جيڪي آئون چوان تو سوئي صحيح آهي، ٻئي کي خبر ڪهڙي ۽ ٻيو ڄاڻي سو ڪير!

ٻيا سڀ ماسا تولا آهن ۽ فقط آئون ئي سير جو سوا سير!

جڏهن "آءٌ" ڳالهيان تہ ٻيا سڀ مونکي ٻڌن، ٻيو ڳالهائي سو ٿئي ڪير!

پنهنجي وقت ۾ اسان ڏٺو تہ هر اڌ پڙهيي پاڻ کي عقل جو وير ڪري پئي ڄاتو: ڪنهن بہ ائين ڪونہ پانيو تہ ڪو آءٌ نتو ڄاڻان ۽ ٻئي کان پڇان، يا منهنجي ڄاڻ محدود آهي ۽ ڪنهن ٻئي کان سکان! اسان پنهنجي ذاتي تجربي مان اهو پرايو تہ پڇڻ کان سواءِ پروڙڻ مشڪل آهي، انهي ڪري اسان عالمن آڏو تہ هميشہ سرجهڪايو پر ٻهراڙي جي ڳوناڻن سان ڪچهريون ڪندي پڻ محسوس ڪيو تہ هو جيتوڻيڪ اڻ پڙهيا آهن تہ بہ اڻ ڄاڻ ناهن. ۽ غريب آهن تہ بہ گڻ وارا آهن، اسان چاهيو تہ ڪانئن سکون ۽ پرايون، پر اها سڪڻي سڌ تڏهن پوري ٿي جڏهن اسانجي من مڃيو تہ جيڪي هو ڄاڻن ٿا سو اسين نٿا ڄاڻون جڏهن اسان پاڻ کي اڻڄاڻ ڪري ڄاتو تڏهن انهن سگهڙن کان ڪجھ پرايو.

پر اسان جو هڪ دوست آهي جيڪو پنهنجي علم جو ايترو تہ قائل آهي جو عالمن کي بہ جاهل ڪري پانئي. "آئون" جو وظيفو ڪمايل اٿس، باقي "تون" ۽ "هو" ڄاڻي ئي ڪونہ. جي ڪجھ چئوس تہ چڙي، جي ڪجھ وهجايوس تہ وڙهي. سندس زود رنج طبع کان لاچار ٿي، ساڻس منهان منهن ڳالهائڻ بدران اڪثر ... مخاطب ٿيا آهيون. ڪيس پنهنجي سونهن ۽ عقل تي پڻ ناز آهي، ۽ اسان بہ ڪيس دل کولي داد ڏنو آهي، اسان سندس سونهن ۽ صورت کي ڪماحقون ساراهيو آهي، ۽ پڻ سندس علم ۽ عقل کي جيئن جو تيئن واکاڻيو آهي. البت ان سان گڏوگڏ ڪيس ريجهائي پرچائي، ويهي ڪانئس ڪي سولڙا سوال پڇيا آهن تہ من ڪيس محسوس ٿئي تہ علم وسيع آهي ۽ سندس ڄاڻ محدود! من ائين سوچي ۽ سمجهي تہ هن جڳ ۾ رڳو "آءٌ" ۽ "مان" ڪونہ آهيان، پر "مان" کان ٻاهر ڪجھ ٻيو بہ آهي.

جيڪڏهن ايترو سمجهيائين تہ پوءِ جڻ اسان جو هي قلمي ڪشالو سجايو ٿيو ۽ پورهيو صاب پيو!

چون ٿا تہ هاڻي ڪاني سندس ڏاڏو بزرگوار مستطيل هو ۽ سندس والد ماجد چؤڪنڊو چؤراس: پر جيئي شال پاڻ پنهنجي سر گول مول آهي، جنهن ڪري شان ۾ شبيهہ توڙي لڪڻين آريڪٽين پنهنجن وڏن سان نٿو پڇي البت خودي ۽ خود اعتمادي جي ڪيس ڏهوٽي ڏات مليل آهي، جنهن ڪري نڪو سونهن صورت ۾ ڪنهن کي پنهنجو مٽ سمجهي، تہ نڪو علم ۽ عقل ۾ ڪنهن کي پاڻ کان وڌ ڄاڻي، بلڪ پورو يقين اٿس تہ پاڻ ئي عقل ڪل آهي، باقي ٻي سڄي مخلوق جز ۾ آهي، انهي ڪري ئي هو هر مسئلي ۾ پنهنجي راءِ کي ٻين کان بالاتر ڄاڻئي ٿو. بلڪ انهيءَ کي قطعي ۽ آخري سمجهي ٿو. ڪيس ٻين جي راءِ سان نہ فقط اختلاف آهي، پر ٻين جي راءِ تي هر وقت اعتراض آهي.

سندس چوڻ آهي تہ: ”شمس العلماءِ“ يعني ”عالمن جا سج“ گهڻائي ٿيا، پر اها منزل ڪا ايڏي وڏي ڪانهي. ڪنهن سڄڻ چيس تہ: پر تون تہ هن پوتر ڌرتي جو سج آهين! جواب ڏنائين تہ: ”پُليو آهين“، چئو تہ: ”سڄي نظام شمي جو محور ۽ مرڪز آهين!“ ڪيس انهي مسئلي سان ماڳهين دلچسپي ڪانهي تہ ڪو سج هڪ جاءِ تي بيٺو آهي يا هلي پيو يا زمين پنهنجي چوڌاري ڦري ٿي يا سج جي چوڌاري گهمي ٿي، ڇاڪاڻ جو هو پاڻ کي نہ فقط نظام شمسي جو پر ڪل ڪائنات جو ڪِلو سمجهيٰ ٿو ڪيس يقين آهي تہ جيڪڏهن زمين ڦري ٿي تہ بہ سندس چوڌاري ڦري ٿي ۽ جيڪڏهن سج هلي ٿو تہ بہ سندس چوڌاري طواف ڪري ٿو.

الله ڏينهن ڏئيس، اکيون نراڙ ۾ اٿس ۽ پنهنجن اوچن خيالن سان گڏ نظر بہ آسمان ۾ اٿس، هيٺ ڏسي ئي ڪونہ. ڇو جو پاڻ مٿي آهي هو فقط ”پاڻ جهڙن، پنهنجن ساٿين کي ئي مڃي ٿو باقي جي ڪو عام سگهڙن جهڙوڪ ڪتين، ڪورين، موچين، ڪنيارن ۽ مڱڻهارن جي سگهڙ پائي کي ساراهي ٿو تنهن کي تڇ ڪري ڄاڻئي ٿو.

اسان واندڪائي ۾ وٽس ويندا آهيون ۽ وندر خاطر سندس ٻول ٻڌندا آهيون. پاڻ بہ اسان سان انهي ڪري نهندو آهي، جو رڳو پاڻ ڳالهائيندو آهي ۽ اسين چپ ڪري ويهي سڻندا آهيون. اسان ماٺ تي انهي ڪري مجبور هوندا آهيون، جو سندس آڏو ڳالهائڻ جي ڳلي ڪانهي. هو بہ

اسان کي پنهنجي قدردانن ۾ تڏهن ڳڻي ٿو جڏهن اسين رڳو ڪيس ٻڌون ئي ٻڌون، پر ڪڇون ڪين.

هڪ پيري ساڻس اسان جي اڪيلي سر ملاقات ٿي، پاڻ ڏاڍو خوش هو ۽ اسانجي به وڏي خوش ڪينڪار پليڪار ڪيائين جنهن ئي زبان مبارڪ کوليائين ته آءُ به هڪ ڪنو ٿي ڪيس ٻڌڻ وينس تڏو ساهه ڪٽي چيائين ته:

”وياسي وينجهار هيرو لال وندين جي!، آءُ ڏسان ٿو ته مونکان پوءِ سکڻي سچ آهي، ڇاڪاڻ جو علم ۽ عقل واري ڳالهه کي ڪو سمجهڻ وارو ئي ڪونهي! مون مئي کان پوءِ ”مورک“ گهڻا هوندا، پر ”مؤرخ“ ڪٿان ايندا! ٻوليون ڪندا، پر ٻولي کي ڪير سمجهندا! اوهان کي وري وري پئي ذهن نشين ڪرايو اٿم ته تاريخ جي مطالعي جو بنياد مون وڌو ۽ مون جيڪي ڪارناما ڪيا تن جو پوين جي يادگيري لاءِ رڪارڊ رکڻ ضروري آهي، تون اڄ ڪي ٻه چار ٻيون ڳالهيون به ٻڌي ڇڏ. اهي هي ته! جيڪي چون ٿا ته ”سنڌ“ مان ”هند“ نڪتو آهي، سي يونانين، ايرانين ۽ عربن جا طرفدار آهن ۽ سنڌ ۽ هند جي وچ ۾ نفاق وجهڻ چاهين ٿا مونکي پڪي خبر آهي ته نه ”سنڌ“ ”هند“ مان نڪتو آهي ۽ نه وري ”هند“ ”سنڌ“ مان. حقيقت ۾ اهي ٻئي ٻائر هئا ۽ وچان ئي ڪنهن ٻئي جي پٽيان پيدا ٿيا. ٻيو ته پائي موهن مل جنهن ”موهن جو دڙو“ ٻڌايو سو منهنجو چوڻ جو يار هو جڏهن ڏن گهڻو ٿيس، تڏهن مون ئي ڪيس صلاح ڏني هئي ته پنهنجي يادگار طور هڪ شاندار شهر ٻڌاءِ ۽ پوءِ اهو شهر ٻڌايائين جيڪو سندس نالي پويان ”موهن مل جو شهر“ سڏجڻ لڳو افسوس جو هاڻي هن کي ”موئن جو دڙو“ سڏيو وڃي ٿو پر سنڌ جي تاريخ جي خلاف هڪ ٻي سازش به شروع ٿي آهي، جو ڪي صاحب ڄاڻي واڻي هن شاهي شهر کي ”دراوڙن جي دؤر جو شهر“ ۽ ان تهذيب کي ”دراوڙي دؤر جي سڀيتا“ سڏي رهيا آهن اهي ايترو به نٿا سمجهن ته نڪو پائي موهن مل دراوڙي نسل جو هو ۽ نڪو سندس نالو ”موهن“ دراوڙي لغت جو لفظ آهي.

”ٻيو ته منهنجن ڪن ٿورن سڄڻن کي اها سڌ آهي ته جڏهن سڪندر بادشاهه سنڌ ۾ پير پاتو هو ته مون ئي سنڌين کي سندس خلاف بغاوت ڪرڻ تي پڙڪايو هو. خليفي مامون کي مون ئي مشورو ڏنو هو ته

بغداد ۾ ”بيت الحڪمتہ“ جي نالي سان هڪ تحقيقي ادارو قائم ڪري ڄام ندي کي مون ئي صلاح ڏني هئي تہ دريا خان کي پنهنجو وڏو وزير ۽ سپهہ سالار مقرر ڪري. مرزا عيسيٰ ترخان اڃا حيدرآباد دکن ۾ هو جو مون کيس لکي موڪليو هو تہ مرڻ کان اڳ هو پنهنجي جيئري ئي مڪلي تي مقبرو تعمير ڪرائي. ميان غلام شاهہ جڏهن پنهنجي قلعي ۽ تختگاهہ لاءِ جايون پئي ڳوليون، تڏهن مون ئي کيس سمجهايو هو تہ موجوده حيدرآباد وارو ماڳ نهايت ئي موزون ٿيندو. مير صوبيدار خان بہ مون سان ئي پنهنجو حال ونديو هو ۽ مون ئي کيس سمجهايو هو تہ پنهنجن مان ڪجهہ ڪونہ ورندو فائدو انهي ۾ئي آهي تہ انگريزن جي خير خواهي ڪجي ۽ انعام حاصل ڪجي“.

سندس اهي ٻول ٻڌي کيس چيم تہ: شال ڏينهون ڏينهن تنهنجي عقل ۾ اضافو ٿئي، جيئن منجهندڙن کي گهٽو نہ منجهائين! بيشڪ، تاريخ جو ڄاڻو تو جهڙو وري ڪو ورلي پيدا ٿئي، سنڌ جي تاريخ بابت تنهنجيون ڪيل وضاحتون مونکي ياد آهن جو تو چيو هو تہ: ”عرب جيتوڻيڪ سنڌ ۾ گهر ڪري ويٺا ۽ سنڌ کي پنهنجو ڪيائون پر تنهن هوندي بہ اهي ڏاريا ليکبا ٻئي طرف چچ برهمڻ جيتوڻيڪ ٻاهران آيو ۽ سنڌ جي سمي بادشاهہ جو تختو اونڌو ڪيائين تہ بہ نڪي کيس ڌاريو چئبو ۽ نڪو وري ائين چئبو تہ سنڌ جي حڪومت غصب ڪيائين. ڄاڪاڻ جو هو ڏاهر جو پيءُ هو.“ تو ايئن بہ فرمايو هو تہ: ”ڏاهر کانپوءِ واري سنڌ جي تاريخ کي آءٌ تاريخ ئي نٿو سمجهان، ڄاڪاڻ جو جيڪي ڪم پوئين پيڙهيءَ انگريزن اڇي ڪيا سي ڪانئن اڳ ۾ ڏاهر کانپوءِ ڪنهن نہ ڪيا.“

ان کان سواءِ مون کي تنهنجا ٻيا زوردار دليل پڻ ياد آهن جو تو چيو هو تہ: ”عرب ٻاهران ڇو آيا، اندران ڇو نہ پيدا ٿيا؟ سومرن سنڌ سان کهڙي چڱائي ڪئي! دودو ۽ چنيسر ڇو پاڻ ۾ وڙهيا ۽ ٻاهران علاؤ الدين بادشاهہ کي ڇو آنداٿون؟ سمن جي ڄام جوڻي، سلطان فيروز شاهہ جو طرف وٺي پنهنجي پاءُ ۽ پائٽي تماچي کي قيد ڪرايو! ان کانپوءِ انڙ ۽ جوڻي جي اولاد هڪ سؤ سال تائين هڪ ٻئي کي سک سان ويهڻ ڪونہ ڏنو! ڄام ندو مدينا ماڇاڻي سان ڇو پرڻيو ۽ پيروز ڇو ڄائو جنهن ارغونن کي منٿون ڪري گهرايو ۽ دريا خان کي مارايو. ارغون ۽ ترخان ٻئي ٻاهران آيا ۽ ڌاريا هئا، انهي ڪري سنڌ جي سڄڻپائي انهي ۾ آهي جو سندن مڪلي وارن مقبرن

ڪي ٻهرائي ڇڏجي. مغل تہ بلڪل ئي ڏاريا هئا جن دهلي ۾ ويهي سنڌ تي حڪومت ڪئي، حڪمران عباسي ڪلهوڙا ديري غازي خان طرف جا سرائي هئا ۽ سندن ٻولي بہ سرائيڪي هئي، سو انهن کي ڪئين ٿو سنڌي سڏي سگهجي! هنن تہ پاڻ فقيري جو ڦند ڪري غريب سنڌين کي جن ٻچايا ۽ سازشون ڪري سڄڻ مارايا! مير ٽالپر پاڻ سنڌ ۾ ڇاوا تہ ڇا تي پيو سندن وڏا تہ بهرحال سري مان آيا!".

ڪيس چيم تہ: شال دانائي ۾ دنگ ڪرين ۽ تاريخ جا بخيا اڌوڙين! اهي تنهنجون وضاحتون تہ سونن اکرن ۾ لکڻ جهڙيون آهن. پر پوءِ بچندا وچي اهي اکر. باقي سنڌ جي سڄي تاريخ تي پاڻي ڦري ويندو! پيو تہ تون بين ڌارين کي ڌڪارين ٿو پر برهمڻن ۽ انگريزن کي ساراهين ٿو. سنڌ جي انهن ٻنهي خيرخواهن سان جيڪو تنهنجو قرب آهي تنهنجي بہ اسانکي ڪل نٿي پوي! وڏي ڳالهہ تہ محب وطن هجڻ جي بہ هام هڻين ٿو جو ننڊ ۾ بہ پيو "سنڌ" "سنڌ" ڪندو آهين. البت سڄاڳ ٿيڻ ڪانپوءِ "آئون" "آئون" ڪري اٿندو آهين. پر آفرين هجي تنهنجي تاريخ داني تي ۽ ان گوهر افشاني تي! تنهنجو اهو بہ ارشاد آهي تہ: "ٻائي نائون مل جو سنڌ تي وڏو احسان آهي، جو انگريزن لاءِ سنڌ وڻ آسان ڪيائين ۽ سنڌ کي غلامي کان آزاد ڪرايائين". هڪ ڀيري تو پنهنجي خواب جي بہ ڳالهہ ٻڌائي هئي ۽ مونکي ويهي سمجهايو هو تہ: "آئون انگريزن جا ڳڻ انهي ڪري ٿو ڳايان جو هنن ئي هوش محمد جهڙي سورهيہ جو قدر ڪيو" تو چيو تہ: "نيپيئر صاحب پاڻ پنهنجي سر موڙ سان خواب ۾ ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي اڇي چمڙي جو قسم کڻي چيائين تہ: "مونکي هوشو جي مارڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو! منهنجي نڙي سڪي وئي پر پاڻي ڪو نہ پيتم ۽ ڀهريائين هوشو جي لاش کي ٽڙ ڏياريم ۽ ڪفن ڍڪايم. پوءِ پنهنجن آفيسرن کي سڏايم ۽ پاڻ ڪلهو ڏيئي جنازو ڪڍايم ۽ سڄو ڏينهن ڀيرين پنڌ ڪري اڇي حيدرآباد جي قلعي اندر پورايم. اهو انهي ڪري، جو قلعو اسانجي قبضي ۾ هو ۽ اسين هوشو جي قبر جي حفاظت ڪري ٿي سگهياسون. جنگ جي ميدان ۾ سندس لاش کي ڇڏيون ها تہ سنڌي سندس ڪهڙو قدر ڪن ها!".

جڏهن کان وٺي نيپيئر صاحب اها راز جي ڳالهہ توسان ڪئي تڏهن کان وٺي تون قسم کڻي چوين ٿو تہ: "دو آبي جي جنگ واري ميدان ۾

جيڪا هوش محمد جي قبر آهي، سا ڪنهن ٻئي جي آهي، خوامخواهه مير علي مراد خان ميرپور واري انهيءَ قبر کي پٽر جي ڪنهڙي سان ٻڌايو ۽ وٺي هلايو ته اها هوش محمد جي قبر آهي. تنڊي نوڙهي ۾ رهندڙ هوش محمد جو پنهنجو اولاد به پليل آهي، جو اهي جنگ جي ميدان واري قبر کي پنهنجي ڏاڏي هوش محمد جي قبر سمجهن ٿا. مون کي نيپئر صاحب جي ڳالهه تي پوروٽيقين آهي، ڇاڪاڻ جو هو مڙس ڪوڙ ڳالهائڻ جهڙو ڪونه هوا“

پوءِ منهن ۾ گهنڊي وجهي چيائين ته: ”اسان وقت بوقت توسان گهٽيون ئي ڪي ڪم جون ڳالهيون پئي ڪيون آهن، جن سيني ۾ حڪمت ۽ دانائي پريل آهي، پر نه معلوم تو ڪيتريون ياد رکيون آهن هاڻي تاريخ کي ڇڏ ۽ ٻيون ڪي ڳالهيون پڇ ته تنهنجا سيئي شڪ لاهيان ۽ توکي سنئين گس لايان“.

تڏهن ڪيس چيم ته: ”شال سهري پير تنهنجون سڀ سٽايون ڪري! تو بيشڪ مون کي ٻي ملهيون ڳالهيون پئي ٻڌايون آهن، پر آءٌ تنهنجي حڪمت ۽ دانائيءَ جي ڪن ٻولن ۾ ماڳهين منجهي پيو آهيان. وڏي عرصي کان وٺي پئي سوچيم ته تنهنجن باريڪ بيانن جي وڌيڪ وضاحت لاءِ توکي تڪليف ڏيان ۽ پڻ ٻيون ننڍڙيون سنهڙيون ڳالهيون جيڪي آءٌ نٿو سمجهان سي توکان پڇان، پر هبڪيس پئي ته متان تون ايئن پائنئين ته ڪجهه سکڻ بدران سامهان سوال پڇڻ لڳو آهي. سچ ته ڪيترائي سوال سانڍي رکيا اٿم، پر توکان پڇڻ جي جرئت نه ٿي اٿم. تڏهن مهربان ٿي چيائين ته: ”اچ دل کولي پڇ ۽ جيڪي پڇڻو هجيئي سو پڇ، ڇو جو مون مئي کان پوءِ اوهان جا مسئلا ڪير حل ڪندو! ماٿهو برابر مون کي ”پڏڻ خان“ ٿا سڏين پر مون کي سندن پرواهه ڪانهي، ڇاڪاڻ جو منهنجا ڪارناما رات کان وڌيڪ روشن آهن! جي اتفاق سان آءٌ مري به ويس، ته به منهنجون ڳالهيون پيون ڳڻبيون ۽ ڳائبيون“

تڏهن ڪيس دلداري ڏيئي چيم ته: ”شال تنهنجو ڪاڏو پيتو سجايو ٿئي ۽ جڳن جا جڳ جيئين! آءٌ حيران آهيان ته تنهنجي ڏاهپ کي ڳايان، يا تنهنجي سمجهه کي ساراهيان! پر ماڻهو برابر ايئن ٿا چون ته تنهنجي زبان تنهنجي چاڻ کان ڏگهي آهي ۽ تنهنجي ڏاهپ تنهنجي نيت تي سوار آهي، جو تون چوچڙي دڪائي، جهيڙو جاڳائي، پاڻ پري کان ويهي رنگ ڏسندو

آهين ۽ جهيڙي وقت هميشه هٽندڙن جي پٺ ۽ پڇندڙن جي اڳ ۾ هوندو آهين. پيو ته ماڻهو توتي اها ميار به ٿا رکن ته تون نارڻ ڪان وڌيڪ بارڻ ۾ پيڙ آهين. ۽ ناهڻ ڪان وڌيڪ ڍاهڻ ۾ ڏيڏڙ آهين. چون ٿا ته: تون منهن جي مني ۽ اندر جي ڪاري تيڻ ڪي عيب نٿو پائنين. منافقي کي مصلحت ڪري ٿو جاڻين ۽ سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ڪرڻ ۾ روحاني خوشي ٿو ماڻين تنهنجي خيال ۾ هوسي، لوسي ۽ حاسدي بدڪردار ناهن. پر ماڻهن خوامخواه ڪٽي انهن کي بدنام ڪيو آهي ماڻهو عام طور ايئن ٿا چون ته تون تعبير بدران تخريب ڏي مائل آهين ۽ فساد جي جڙ اکيڙڻ بدران فتني جو ٻج چٽيندڙ آهين.“

مون پانيو ته مڙس مات ۾ آهي سو پشيمان ٿيو آهي. پر حقيقت ۾ سندس ڪن تي جونءِ ئي ڪانه سري. مون ڏي ڏسي کلي چيائين ته: ”اهڙن ابوجهن تي ڪير اعتبار ڪندو! ماڻهن جا وات ۽ گندين جا ليڙا پيا کلندا ۽ بند ٿيندا پر پٽ جنهن کي جيئن وڻي تيئن چوي. پر جيڪو منهنجي منهن چڙهيو سو منهنجي پهرين چٽ سان چٽ تي ويندو. ممڙي جو چٽيو بعضي وري اٿي، پر منهنجو چٽيو ڪڏهن نه چڙهي انهن مت جي موڙهلن کي چئو ته منهنجن ڪمن بدران منهنجين ڪاميابين ڏي ڏسن“.

تڏهن مون کيس چيو ته: تنهنجون ڪاميابيون ۽ ڪارناما ايڏا ته اوچا آهن، جو ويچارن زمين وارن جي ته اتي نظر ئي نٿي رسي! پر شال اجان به ڏکهو ٿئين جو تنهنجي چوٽي آسمان سان گسي ۽ ڪياڙي قطب سان لڳي! پلا، تون اڄ اسان کي ڪٿ نڪٽ جي خبر ڏي ۽ وچون ٽيڙو جي سڌ ڏي. پر پهريائين ٻڌاءِ ته آسمان ۾ مسيت ڪهڙي جاءِ تي، ته ٻتو ڪوهه ڪٿي؟ مچي ڪٿي ته گهتو ڪٿي؟ هو جي ”منيون“ ۽ ”وات“ ٿا چون ۽ پيو جو ”ڪانءُ“ ٿا ڪونين، سو ٻڌاءِ ته ڪانءُ منيءَ تي ويهي ٿي يا وات ونئي اڏامي ٿو؟ هي جو چون ٿا ته تارو ايريو آهي سو ڪهڙو تارو ۽ ڪهڙيءَ مند ۾ ايري ٿو؟ ”ايت“ ڪڏهن ۽ ڪٿان اسري ٿو ته ”لڏو“ ڪهڙيءَ مند ۾ لڙي ٿو؟ پر پتائي صاحب جو چيو آهي ته:

”ڪتين ڪر موڙيا، لڏا ويا لڙي“

سو سمجهاءِ ته ڪتيون ڪيئن ٿيون ڪر موڙين، ته لُڏا ڪڏهن ٿا

لڙن؟

اڄ تنهنجون ٻڌايل ڪي ٻيون ڳالهيون بہ توکي ياد ڏياري ڪي وڏيڪ سوال ٿو پڇان تہ من تنهنجي جيئري تو کان ڪجهہ سکي وٺان سو سدا جيئين ۽ شال جوانيون ماڻين! تون چوين ٿو تہ ”آءٌ پکي پکيءَ جي ذات ٿو سڃاڻان ۽ پڻ سندن ٻوليون ٿو ڄاڻان. ٻيو تہ وڏي کوجنا ۽ تحقيق کان پوءِ مون هي ڳالهہ ڳولي ڪڍي آهي تہ ڪانءُ ”ڪان ڪان“ ڪندو آهي ۽ ڪڪڙ ”ٽران ٽران“ ڪندي آهي“. بيشڪ تنهنجي اها تحقيق قابل تعريف آهي، ڇاڪاڻ جو اڳ اها خبر ڪنهن ورلي کي هئي! پر ڏٺي شال توکي لقمان جي ڪجهہ جيتري جمار ڏئي! اسان کي اهو تہ ٻڌاءِ تہ ٽنگون کهڙي پکيءَ جون ڊگهيون تہ پڇ ڪهڙي پکيءَ جو وڏو؟ ڪن ڪهڙي پکيءَ جا ڊگها تہ ڏند ڪهڙي پکيءَ جا وڏا؟ ٻولي ڪهڙي پکيءَ جي مٺي تہ ڳچي ڪهڙي پکيءَ جي ڊگهي؟ هل ۽ سرڻ ۾ ڪهڙو فرق، تہ ڦوسي ۽ ڦدي ۾ ڪهڙو ڦير؟ ڇيڇڙو ڪڏهن لنوي، تہ ڪٽڇي ڪڏهن ٻولي؟ گرڙ پک وڏو ڪ ڍرڙ ڍينگ وڏو؟ ڪجهہ جون اکيون وڏيڪ ڇٽيون يا سندس نڪ وڏيڪ تيز. جو کوهن تان اچي ٿي ڍونڊي تي ڍري! يلا ”ججو“ ۽ ”جوهر“ جي خبر ڏي جيڪي ٻٽو ٻٽ ٿا اڏامن! يا اها ڳالهہ وهڃاءِ تہ: ٻوڙي کي ”ٻوڙي“ ڇو سڏيائون، وهيي کي ”وهيو“ ڇو ڪوٺيائون ۽ ”ملان موسڙي“ کي اهو نالو ڪيئن ڏنائون؟ ٻڌاءِ تہ عقاب ڪٿي رهي تہ هماءِ ڪٿي لهي؟ يلا اها خبر ڏي تہ جڏهن نوح نبي جي ٻيڙي ٿي زمين تي لٿي، تڏهن ڪڪڙ ڪهڙو ڪم ڪيو تہ ميٺر ڪهڙي مڙسي ڪئي؟

شال چمڪين ۽ چٽو ٿئين جو آرسيءَ کي انڌو ڪرين! تون پنهنجي سونهن صورت کي واڪاڻيندي چوندو آهين تہ :”اکيون سهڻيون اُهي جيڪي وڏيون هجن“ انهيءَ ڪري ئي تنهنجو چوڻ آهي تہ ”اکيون چٻ جون سهڻيون آهن. پر ماڻهو خوامخواهہ ڪنهن کي چٻ چئي ٿا چٽرون ڪن ۽ ويچاري پکيءَ جو شان گهٽائن! بيشڪ تون جماليات ۾ جامع ڪمالات آهين! حسن بابت تنهنجي اهڙي تيز تخيل کان متاثر ٿي، توکان ان جي حقيقت سمجهڻ گهرون ٿا تہ: سونهن سانوري رنگ ۾ آهي يا ڳوري منهن ۾؟ وڏي اک ۾ آهي يا ننڍي وات ۾؟ سڌي نڪ ۾ آهي يا سنهي چپ ۾؟ سنئين قد ۾ آهي يا ڏنگي ٽور ۾؟ نئين وهيءَ ۾ آهي يا پور جواني ۾! يلا عشق

جو راز سمجهاءِ تہ: عشق اکين سان آهي يا دل سان؟ اول اکيون اٽڪن ٿيون، پوءِ دل لڳي ٿي، يا اول دل لڳي ٿي پوءِ اکيون اٽڪن ٿيون، پوءِ دل لڳي ٿي، يا اول دل لڳي ٿي پوءِ اکيون اٽڪن ٿيون؟ تون پاڻ حسن کي دماغ سان پرکين ٿو يا دل سان تورين ٿو؟

وڏي عقل جا ويرا تنهنجو چوڻ آهي تہ :"ليکي حساب ۾ جيڪا مهارت مون کي آهي، سا ٻئي ڪنهن کي ڪانهي، ڇو جو ٽن لکن ۽ ڇئن لکن ۾ جيڪو فرق آهي، سو بہ مون کي ئي معلوم آهي." يلا جي ايئن آهي تہ پوءِ شال هڪ مان لک ٿيندين! ٻڌاءِ تہ: "سهسين" ۽ "هزارين" ۾ ڪهڙو فرق؟ "ڏيڍ لک، ڇاڪي چون؟ لک وڏو ڪہ پرچ؟ "نيل" وڏي ڪہ "پدم؟" "انت" ڇاهي ۽ "انت جو انت" ڇاهي؟ يلا جي وڏي ليکي ۾ نہ پئون ۽ نندي کي ئي وٺون، تہ پوءِ شال ڪڻ مان مڻ ٿيندين! اسان کي سمجهاءِ تہ "ڇپنو" ڇا، "ٻئونترو" ڇا؟ "ساڍي سٽ" گهٽي ٿي، تہ ڏيڍڙو چوٿايو ڪيترو ٿيو؟ ساڍ چال، ڇا تہ "نوتيرهيو" ڇا؟ "پنج هٿيو" ڪنهن کي چون تہ "پنجاهيو" ڪنهن کي ڪوٺين؟ "تيرهن تر" ڪهڙا تہ "تيرهن تيزيون" ڪهڙيون؟ "گهڙي" ۾ "پل" گهڻا، تہ "پهر" ۾ گهڙيون ڪيتريون؟ يلا ٻڌاءِ تہ ماڻهوءَ جو قد وڏو ڪہ پرهيہ؟ هٿ وڏو ڪہ چاڙڪي؟ نري وڏي ڪہ ڪانو؟ "ٻوڪو" وڏو ڪہ ٻاچو؟

هڪ ڀيري تو چيو هو تہ: "ماڻهو ماڻهوءَ کي تہ سڃاڻان، پر جانورن جي بہ جنس جنس جي مون کي خبر آهي. ڏٺي شال توکي مکين کان پناهہ ڏئي ۽ مڇرن منگهڻن کان بچائي! ٻڌاءِ تہ ڪٽ ڪتي سرجي چارو ڪٿي جمي؟ "جوا" ڪيئن لڳن، "ڪارڙا" ڪيئن سرن؟ "پهرات" ڇا، "پوراف" ڇا؟ اٺ کي، ٿوهو جو تيو، گهتي کي دنب ڇو ٿي؟ گڏهن جا ڪن ڇو وڏا آهن ۽ ڏاند جو پيچ ڇو ڊگهو آهي؟ خچر زوراور يا استر قداور؟ گهوڙا ڪيئن پيدا ٿيا تہ مينهون ڪيئن ڪن مان ڪٽڪي نڪتيون؟ ڏاچي ڀيري ڀيري مڙي پر مينهن ڇو حيلي سان مڙي؟ اٺ جو چپ ڪڏهن چيريو ڏاند سڱ تي ڏرتي ڪڏهن کنئي؟ يلا ٻڌاءِ تہ جنهن مڇي کي "ڏاهي" تا چون سا سيني مڇين ۾ ڏاهي آهي، يا ٻي ڪا ڪانئس وڏيڪ سياڻي آهي؟ اهو صحيح آهي ڇا تہ ٻلي شينهن جي ناني آهي، ۽ ٻوهہ واڳون جي ڏاڏي؟ يلا ٻڌاءِ تہ مک کي ٽنگون گهٽيون تہ پنيوريءَ کي اکيون گهٽيون؟ تنهنجو اهو بہ چوڻ آهي

تہ: ”نانگن بلائن جي جيڪا مون کي خبر آهي سا گوگي کي بہ ڪانہ هئي!. شال ڏٽي توکي ڪک پن کان رکي، ۽ تنهنجي دشمنن جو پير لنڊيءَ تي وجهي! مهرباني ڪري اهو راز تہ کول تہ بلائون ڪهڙيون آنا لاهين، تہ ڪهڙيون بچا ڏين؟ ارڙ ۽ اڳهہ جو ڏس ڏي، يا گرڙ ۽ ”بونقوڙ“ جي خبر ڏي! ٻڌاءِ تہ ڏومي ڪٿي گهمي، ڏانگي ڪٿي ويهي، بہ منهين ڪٿي سمهي تہ ”بمي“ ڪٿي ڦيري؟ ڪلڪان جوڳڻ ڪٿي جي، تہ سڏائين ڪڏهن تي؟ پريو گاروڙي ڪٿي جو تہ اسمعيل جوڳي ڪڏهن تيو؟ ”جهاڙ“ چا، ”جهپاڙ“ چا؟ ”هدو“ چا، ”واچا“ چا؟ اهو سمجهاءِ تہ ايسر مهاديو ڪڏهن تيو جنهن جي واچا تي چلي؟

تون چوين تو تہ: ”جالينوس کي ڪهڙي خبر! مرضن ۽ عارضن جو پچو تہ مون کان پڇو تنهنجي راءِ موجب، اک اتي ڪانہ تي پر ويهي تي نس چڙهي ڪانہ تي پر لهي تي ڏٽي شال توکي تپ تؤ کان رکي ۽ تنهنجي سڪرات سولي ڪري! اسان کي بہ سولو ڪري سمجهاءِ تہ: ڍِرپ کي ”ڍِرپ“ چو چيائون ۽ ستي کي ”ستي“ چو سڏيائون؟ هڙب چا، تہ سرٽ چا؟ ڪک چا، تہ ڪتر چا؟ سڳو چا تہ سڳي چا؟ ٻڪي چا، تہ ڦڪي چا؟ ساٽر چا تہ پني چا؟ يلا چئو تہ: چڪ ڪيئن تي پوي، چڪي ڪيئن تي لهي؟ سائي ڪيئن تي سرجي، تہ ”مائي“ ڪيئن تي مڙي؟ اباسي چو تي اچي ۽ نڇ چو تي ڏجي؟

تون اهو بہ چوين تو تہ غيبات تنهنجي قبضي ۾ آهي، ۽ تون نہ رڳو جن تو پاڙهين پر پرين جا پاڇا بہ تو تارين، جي ايئن آهي تہ پوءِ شال وسوسن پيدا ڪرڻ ۾ وڏين ۽ جنن کي وڏيڪ ويجهو ٿين! اڄ سل ۽ سچي ڪر تہ: ”علامتي“ ڪيئن تي جاڳي، ”حساب“ ڪيئن تو تئي؟ ”جاڳر“ ڪيئن تا ڪن، تہ ”پڙهيا“ ڪيئن تا ڪين؟. سمجهاءِ تہ ”هائو“ چا، تہ ”بائو“ چا؟ ”رات جي ماءُ“ جو ڏس ڏي ۽ پڻ ”ڏينهن جي پيءُ“ جو پتو ڏي! ٻڌاءِ تہ راڪاس ڪٿي رهي ۽ برڙ باڪاس ڪٿي ويهي؟ ديو جي حقيقت کول ۽ جنن بابت کي ٻول! ڏائڻ جي معنيٰ سمجهاءِ ۽ پريءَ جو پاڇو وهجاءِ!.

شال پوين جا سر ڏوڻين! ٻڌاءِ تہ سڪر ديو ڪٿي جو تہ ڪلڪان ڪٿي جي؟ ام الصبيان جنڙي جي خبر ڏي ۽ ويسان ڏائڻ جي سڌ ڏي! ٻڌاءِ تہ اڇڙن وارڙن وارا جنڙا جنبورڙا ڪٿي رانديون ڪن، پيوٽ پوتڙا ڪٿي پوڻن. ۽ ڪنڌ وڍيا ڪنواس ديو ڪٿي رهن؟ يلا، ”ڪبيڪج“ ڪير، جنهن جو

پڙهيل ڀيريائين ٿا نالو لکن؟

پلا پنهنجي مخصوص مهارت ۽ ذاتي عادت جي آڌار تي چئو تہ: ”پوتار“ وڏو ڪ سندس ”اونتار“ وڏو؟ ”سيٺ“ وڏي ڪ ”ٻتاڪ“ وڏي؟ ”ڦونڊ“ وڏي ڪہ ”ڦوڪ“ وڏي؟ ”توڏ“ وڏي ڪہ ”تڏر وڏي؟ ڪوڙ وڏو ڪہ بهتان وڏو؟ منافقي ۾ ڪهڙي مصلحت تہ گلا ۾ ڪهڙو گن؟

شال ساجن سوائي توسان سهنج ڪري ۽ قلندر تنهنجا ڪم ڪري! ڪي روزمره جون سنهڙيون ننيڙيون ڳالهيون سمجهاءِ تہ: ”ٻوڙ“ ڪي ”ٻوڙ“ چو چياڻون؟ ماني ڪي ”ماني“ چو سڏياڻون؟ وڏيري ڪي وڏيرو“ چو ڪونياڻون؟ احسان ڪي ”تورو“ چو چيائون؟ ٻلي ڪي ”ڪيري“ چو سڏيائون؟ ويا ڪي ”ڪوهياري“ چو ڪونياڻون؟ شڪاري ڪي ”آهيڙي“ چو چيائون ۽ ماري ڪي ”پاڙهيري“ چو سڏيائون.

پر اجان بہ جي تون دانائي جو دم ٿو هڻين تہ شاعر وريي گڏي جي سوال جو جواب ڏي تہ:

ڪٿي سيءُ سپجي، ڪٿي وهي واءُ
ڪيترا سير سمونڊ ۾، ڪيترا پاڻي پاءُ؟

پلا اهو سمجهاءِ تہ: واءُ چو ٿو لڳي، پاڻي چو ٿو وهي؟ چنڊ چو ٿو اڀري تہ سج چو ٿو لهي؟

شال تنهنجا ڪن وڏيڪ سرلا ٿين جو منهنجون سڀ التجائون سڻن! شال تنهنجي دماغ جا تاڪ کلن جو سڀ سوال سمجهين ۽ صحيح جواب ڏين! شال تنهنجي زبان اجان بہ ڏگهي ٿئي جو تنهنجي سوچ ڪي اندران ٻهاري ٻاهر ڪڍي! آخر ۾ ڪي بہ چار ڳالهيون ادبي ميدان جي مانحصين ۽ جنگ جي ميدان جي سورهين جون بہ سمجهاءِ تہ جيئن ننڍو وڏو تنهنجي دانائي جا داستان ڳائي ۽ تنهنجي قابليت جون ڪهاڻيون ٻين ڪي ٻڌائي!

سو شال تنهنجي اڪري مطالعي ۾ اضافو ٿئي ۽ تنهنجي ادبي سؤدي بازي ۾ برڪت پوي! ٻڌاءِ تہ: نوري ڪنهن جي ڌيءُ تہ سورٺ ڪنهن جي ڄائي؟ ڪونئرو ڪٿان آئي ۽ ليلان ڪيڏانهن لڏي؟ سهجان ڪٿي سامائي ۽ سومل ڪنهن پڙهائي؟ سهڻي ڪٿي ٻڏي تہ سسئي ڪٿي پيئي؟ مومل

ڪڏهن ڪاڪ وبني ۽ ڪٿي ڏاگهہ چڙهي ؟پلا اهو وهجائي ڏي تہ: لاکو ڦلاڻي ڪڏهن تيو تہ هٽند تنديائي ڪٿي رهيو؟ بلو بڊاماٽي کهڙي ماڳ جو تہ شينهڙو ڏماچاٽي کهڙي جوءِ جو؟ پنهون کي "جام" چو سڏيائون تہ چنيسر کي "داسڙو" چو ڪونيائون؟ ڪلاچي جو ڪن ڪٿي هو ۽ مورڙي مڇ ڪٿي ماريو؟ سهٽي جو گهر ڪٿي هو تہ ميهار جو ياڻ ڪٿي هو؟ ڦل وڏو ڪٿي وڏيو ۽ پوري سان ڪٿي گڏيو؟

شال ڏرتي تنهنجو ڳرو بار سهي! ماڻهو توتي ميار تا رکن تہ پويان ويهي ٿو فتنا جاڳائين. پر ٻاهر نڪري ميدان نٿو ملهائين سو شال ميدان ۾ اچين. پر پڇين ۽ ٻڇين جو پوين سان خبرون ڪرين! ٻڌاءِ تہ "رڻ" ڇا، آرڻ ڇا، سانگيون ڇا، مصريون ڇا، "تہ چل ڇا، "تهاڳ ڇا؟ ننگر کهڙي ماڳ تي وڙهيو دودو ڪٿي ماريو؟ دولهہ دريا خان سان ڪنهن ڌوهہ ڪيو تہ سورهيہ صبغت الله سان ڪنهن دغا ڪئي؟ چئو تہ ڇغل ڪڏهن ساماٽا ۽ سنڌ جا سورهيہ ڪيئن ماراٽا؟ .

# مندن جي موٽ ۽ سڪ وارن جون ساروٽيون

سنڌ ۾ مندن جي موٽ تي، سڪ وارن پنهنجا سڄڻ پئي ساريا آهن. مند پرجڻ تي، ٻاهر ويل اچڻ وارا ڏينهڙا هئا ۽ سڪندڙن کي سندن انتظار هوندو هو. مند جي موٽڻ تي سڪ وارن کي پنهنجن سڄڻن جون ساروٽيون ٿيڻ هڪ فطري عمل هو. مينهن جي مند، سرءُ لڳڻ ۽ پوکن پچڻ جي مند، سياري جي مند ۽ چيٽ ۾ وڻن ٻوٽن جي ڦٽڻ ڦلارجڻ واري مند انهن چئني مندن ۾ پيار وارن کي پنهنجا پرين ياد پيا.

سانوڻ جي مينهن ۾ سڄڻ کي سارڻ وارو سمان، شاهه صاحب سر سارنگ ۾ سهڻو چٽيو آهي ته:

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ڪئي چوٽي
منڊائتي مينهن جي ڪنوڻ نه ڪوٽي
آءُ لالڻ موٽي، گهورئا رسڻ ڏينهڙا.

---

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪارا ڪڪر ڪيس
وڄون وسڻ آئيون ڪري لال لبيس
پرين جي پرديس، سي مونکي مينهن ميڙئا.

سنڌ ۾ سانوڻ جو منڊائتو مينهن گهڻو ڪري اتر اوير واري ڪنڊ کان ايندو. انهيءَ ڪري ”اتر پار“ جو اهڃاڻ جيڪو پوءِ سيني شاعرن پنهنجن بيتن ۾ آندو. سگهڙ سورينگ مرگر (ڪلمتي) ويٺل ديهه ڏوڙو ٽپو سڪپور، تعلقو ميرپور ساڪرو، 19 هين صدي جي وچ ڌاري تي گذريو سندس بيت ته:

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ڪي آ ڪار
ويلون وڄون ولات تان واحد ڪٽي وار
منگهي جا مرگر چئي توڪ وسي ڪرتار

سڪا پٽ سينگار ساوا ڪر سورينگ چٽي.

ڪار معنيٰ ڪاراڻ، ”منگهي جا“ يعني منگهي پير وارا پٽ پاسا (توڪ). سومار زنگياڻي ڪلمتي (تعلقو گهوڙا باري) سانوڻ جي مينهن جي واڌائي جو بيت (مارئي جي زباني) چيو تہ:

اج پڙ اتر پار ڏي وجون تيون وري
ڪنوڻين مونکي خوش ڪيو چوڏاري چري
پٽ آءُ نہ پرهيان، زوراور زري
ظلم جا زنگياڻي چٽي پوندا ڪوٽ ڪري
ويڙهيچا وري، اچي سار لهندم سومرا.

سگهڙ مبارڪ پڙ مارئي جي زباني چيو تہ:

اج پڙ اتر پار ڏي ڪڪر ڪڍيائين
اوئينگ اباڻي پار ڏي البت اوتيائين
ميهارن جو مبارڪ چٽي اچي ملڪ ملپائين
وطن وسايائين، ونهين ويڙهيچن جو.

اوئينگ معنيٰ اوهيرا (مينهن جا)، ملپائين معنيٰ پرپائين اسحا گدو، تعلقو ميرپور ساڪرو 19 هين صدي ۾ ٿي گذريو.

اج پڙ اتر پار ڏي ڪيا مينهن مانداٽا
پهري پيا پٽن تي، سانوان ساماٽا
ڏٽ چوندبيندي ڏيهہ ۾، ماٺهن ڪيا ماٽا
جي ڪلر ڪوماٽا، تن تي موربا گاهہ گدو چوي.

محمد احسان شيخ ڪڙياڻي، ويٺل ميرپور ساڪري ڪان ڏکڻ، ڳوٺ عيسو سوائي، 19هين صدي جي پهرئين اڌ ۾ ٿي گذريو.

اج پڙ اتر پار ڏي ڪڪر تيا ڪارا
ڪنيو اچن ڪتي جا پهنواريون پارا
هنيون هٽ نہ وندري تن ڏٽوليين ڏارا
منهنجو محمد احسان چٽي ڪري ارواح اوبارا
پهنوارين پارا، ڪو سچ ڪ سنيهو آئيو!

ڪنهن ٻئي شاعر چيو تہ:

اڄ پڻ اتر پار ڏي وڃن ڪئا واندا
ٿيليندين ٿرن ۾ ٻوڙيندين پاندا
هوندم هيڪاندا، ماروئڙا ملير ۾.

---

اڄ پڻ اتر پاري ڏي، ڏم ڪيائين ڏڙڪو
چريو چئني ڪنڌين ڪاڻ هير ڪندو ڪڙڪو
وسيلو وڙڪو آهي منڌائتن مينهن جو.

سيپٽمبر 1994ع ۾ ڇاڇري تعلقي جي سرحدي شهر "تڙدوس" ۾ سگهڙ سلطان درس سان رهاڻ ٿي، مينهن جو قدر ٿر ۾ آهي، جو برسات وقت پورهئي تي ٻاهر وٻل ٿر وارا اوس موٽندا. سلطان فقير مارئي جي زباني چيل پنهنجي سڪ ۾ اڪير وارو هينيون بيت ٻڌايو:

عمر اباڻي پار ڏي ٿيا ڪڪر ڪارونيار
انا مينهن ملڪ تي، گاهن ڪيا گلزار
سڪا وڻ ساوا ٿيا، ٻڄي باغ بهار
مولئي ڪيڙا مهر سان ساٿيهہ منجهہ سڪار
ڀهون ٿيڙيون ٻاجهريون، ڪيون آڳي اوٺيان تار
مڱ منڊانا مڪٽيون، گڏ تهين سان گوار
ٻيريون ڪيريون ٻانئريون ٻي ويڪر منجهہ ولهار
پرت پوپريئي پٽن تي، توهہ ولين ڪيا تار
للر ۾ لاٿا ٿيا، چڪن ۾ چوڏار
وري آئي وطن ۾ پهنوار جي پار
چيڙ جاريون جاهه ڏان ٻڪرين کي ٻڪرار
کير پيين ٿا خوشيءَ مان ڏونئرا ڏڻ ڏنار
پائر جي پٽن ۾ جهانگي ڪن جهونگار
تن ويڙهيچن جي وجود ۾ آ الف انوئي پار
منهن ڏيکارئين محب جو سلطان کي ستار
دائم ڪرائين دلبر جو درس کي ديدار
مارو مٽيادار، ڏيکاريم ڏيهہ ڏٽي!

سانوڻ کان مهينو پوءِ سرءُ شروع ٿيندي، پر عام اصطلاح ته ”سرءُ لڳندي“ بڊو ۽ اسو (سيپٽمبر ۽ اڌ آڪٽوبر) سرءُ جا مهينا آهن. ان وقت هاري هر ڏيندا، ٻني ناهيندا ۽ سرءَ جا فصل (سرهيه، جانيو) ڪاهيندا، ڪتيءَ جون پوڪون (جوئر، ٻاجهري، گوار تر) پچنديون، لابارا لهندا ۽ ٿيندا ڪانو ال (ٻچا) اڏاريندا. سرءُ جي سُڪن ۾ ٻه سڪ وارن کي سجڻ ياد آيا.

جمعو:

سرءُ سکيري سجڻا، هارين ٻڌا هر
پنج منيون هن پرينءَ جون انهن جي آڌر
ڪمون قول پڙهي ڪري ڏي ڳڻن سان ڳتڪر
لاڙي لنگهائج لاهه کئون چوني ساڻ چپر
جاني يار جمعو چوي موٽن ساڻ مهر
ٿين ميلا مر، محبت جا هن مند ۾.

---

سرءُ سکيري سجڻا، ڪانون ال اليل
جيڪي وچڙيا هئا ورهين جا سي هيڪاندا ٿيا هيل
ٻيلي توسان ٻيل، هوندس شال حضور ۾.

ٻنگلو:

سرءُ سکيري سجڻا، جهليا پيڻ پاٻوڙا
هارين هر هٿ ڪيا، جال وهن جوڙا
ڏورن کؤن ڏوڙا، ٿيا باري بخت ٻنگو چوي.

---

سرءُ سکيري سجڻا، رت مني راول
ڪانون آکيرن مؤن اڏاريا هن ال
پور پون پلپل، مانکي محبوبن جا.

منو:

سرءُ سکيري سجڻا، ڪو ڏيڪا ڪانا
مل اچي منهنجا پرين سجڻ سمانا
طعنن جا طعنا، مان تان لاهه منو چوي.

---

سرءُ سڪيري ٿو چوان، اڄ آيا جان ڪال
اک ڦري، هٿ نري، ايٺ الاٽي مال
ڪانگ لنوي شال، آيا جاني جوءِ ۾.

شاعر مٺي جي ٻهرين بيت ۾ "سمانا" جون ٻہ معنائون آهن ۽ ٻئي لڳن ٿيون (1) سمن تي پورا، وعدي مطابق پوري وقت ۽ ماڳ تي ملڻ وارا (منهنجا سڄڻ!) (2) وڏي چڱي مان وارا. ٻئي بيت ۾ مال يعني مالھ. چرخي جي مٿان ويڙهيل تندن جو پٽو.

پر اي سياٽا! ڄاڻ تہ سرءُ ۾ ڪانهہ ۽ سر نسرندا ۽ پوکن واري ساواڻ ۾ ڇٽايون ٿينديون جو ڪانهن ۽ سرن جي چوٽين ۾ اڇا سنگ نڪرندا، جن کي "ڳنگ" چئبو.

سرءُ لڳي، سر موريا، ڪڍيا گوش ڳنگن.

سرءُ جي مند پيدائش واري آهي جو هاري ڪڙمي جو ڪيل پورهيو ان ۾ صاب پوي ٿو. فصل لهندا، جوئر، ٻاجهري پچندي ۽ ان ٿيندو. چوندا تہ "ان آهي تہ ايمان آهي". اهڙي پياري مند ۾ پنهنجا پيارا ياد پوندا. هيٺئين بيت ۾ شاهہ عبداللطيف اهي اهڃاڻ ڏنا آهن تہ ڪيئن سڪ واري سرءُ ۾ پنهنجي پياري ور کي سنيالي ٿي ۽ چوي ٿي تہ:

سر لوهيڙا ٻيپيا، ڪسر نسرئا
تو ڪيئن وسرئا، ڍولا ڏينهن اچڻ جا!

يعني تہ مند پرجي آئي آهي، سر ۽ لوهيڙا ٻيجي ويا آهن ۽ ڪسر نسري ويا آهن، پر اي منهنجا ڍول تون ڪونہ آئين! توکي هن مند ۾ اچڻ وارا ڏينهن شايد وسري ويا!

[illegible] "[illegible]" [illegible]ي پارن پٽن توڙي سڪندڙ جي پنهنجي سڄڻ لاءِ ساروٽي واري نفسياتي ڪيفيت کي اجاري ٿو پر اي سياٽا! پهرئين سٽ ۾ جيڪي ٽي لفظ آهن يعني سر، لوهيڙا ۽ ڪسر تن کي سمجهہ لوهيڙو وڻ آهي، سر ۽ ڪسر ٻوٽا آهن. لوهيڙو يا روهيڙو ٿر توڙي جبل ۾ ٿئي ۽ بياباني ماحول ۾ نهايت سائو نظر ايندو. ان جا گل ويتر وڏيڪ سهڻا آهن. ڪاٺي نهايت مضبوط اگ کوهن کٽڻ وقت "چڪ" لوهيڙي جا ڪندا هئا جيئن تہ هي وڻ تورو ٿئي ۽ ڪٽي ڪٽي ٿئي، تنهن ڪري ان جي وڍڻ جي منع هئي.

افسوس جو پاڪستاني دؤر ۾، سنڌ حڪومت جي ڪمزوري سبب، ساوا سهڻا گلن سان سينگاريل لوهيڙا جيڪي ٿر، جبل جا گهوٽ آهن ۽ جن کي رنگين گلن جا موڙ بدّل آهن سي بي واها ٿي پيا وڃن! پر اي سڄڻ! سر ۽ ڪسر جي معنيٰ سمجهه جو اها ايتري سولي ناهي ۽ مونکي بہ گهڻي پڇاءَ ۽ جانچ بعد سمجهه ۾ آئي آهي. عام طرح چوندا تہ سر بہ قسم آهي، هڪ سچو سر ۽ ٻيو ڪوڙو سر جنهن کي ڪسر چئبو پر شاهہ صاحب جي هن بيت مان ظاهر آهي تہ "سر" معنيٰ سچو سر، يعني "سچي سر" کي چئبو ئي "سر" باقي "ڪسر" معنيٰ ڪوڙو سر. سرءُ لڳندي (سرءُ جي منڊ پربي) تہ سرن جي چوٽين ۾ ٻڳ پوندو (ٽولهہ ٿيندي). باقي ڪسر نسري ويندا، يعني انهن جي ڪانن جي چوٽين ۾ اڇا گنگ نڪري نروار ٿيندا. ائين جاڻ تہ سر ڏيڏي ۾ هوندو تہ ڪسر نسري ٻيهندو. سر ۽ ڪسر جي سڃاڻپ جا وڌيڪ اهڃاڻ تہ "سر" (سچي سر) جو ڪانو سنهون، پن ويڪرو قد ننڍو ۽ گنگ اڇو. سر ۾ "ڪٽ" ٿوري ٿيندي سر مان مڃ جو سنهو سٺو واڻ ۽ پڻ ٿوئا نهن "ڪسر" جو ڪانو ٿلهو پن سنهو ڊگهو قد وڏو گنگ ڳاڙهيرو ۽ هن ۾ ڪٽ، گهڻي ٿئي. ڪسر مان، ڳاڙهو ٿلهو واڻ ۽ موڙا نهن.

سر نسرئا تہ سرءُ جي منڊ پوري ٿي. سرءُ جي پوري ٿيڻ تي سياري جي شروعات ٿيندي، اتر لڳندا ۽ سڄڻ ياد پوندا شاهہ صاحب انهيءَ سڪ جو اهڃاڻ ڏنو تہ:

سر نسرئا پاند، اتر لڳا آءُ پرين!
مون تو ڪارڻ ڪاند، سهسين سڪائون ڪيون.

ڪنهن سڪندڙ سهاڳڻ پنهنجي پياري ور کي "سياري جو سيءُ" سڏيو (جيڪو جان ۾ سمائجي ٿو وڃي) چيائين تہ:

آءُ آرهڙ جي ويڄي،
تون سياري جو سيءُ

سر ساموندي جي بيت ۾ سهاڳڻ پنهنجي وڻجاري ور کي سياري جي سيءُ ۾ ياد ڪيو تہ:

اسان اڏارا، آڻي آونگ چاڙهيا
منهن ڏيئي مون آئيا ساموهان سيارا
اپرن سيڪارا، پسئو ور پين جا.

پهرين سٽ ۾ ”آونگ“ آهي، جيڪو اڳين ٻوليءَ جو ۽ خاص طرح هيٺين لاڙ ۾ ڪاري واري ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ڇڪو يا اڇٽ جيڪو گهر جي ڇت هيٺان لٽڪيل هوندو هو. جنهن ۾ مڇي يا گوشت رکندا هئا ته واٺکو رهي. بيت ۾ صحيح لفظ ”آونگ“ (گ جي زبر سان) آهي جنهن جي معنيٰ آونگ ۾ يا آونگ تي چاڙهيا، يعني مٿي چاڙهي رکيا. لفظ ”اڏارا“ مان سمجهجي ٿو ته مراد ”مڇرا“ (ننڍيون مڇيون) آهي.

سياري جي پوري ٿيڻ تي ”چيٽ“ ايندو جيڪو ”بهار“ جي برابر آهي چيٽ جي مند ۾ به گهڻن سڪ وارن پنهنجن سڄڻن کي سنڀاليو. ڇتي شاعر چيو ته:

چيٽ ٿيو وڻ موريا، وريا واهوندا
پرين جي پرڏيهه ويا، سي اڄ صبح ايندا
دلبر پنهنجي ديس ۾ شال هميشه هوندا
خاطر تن خوش ٿئي جي محبن لاءِ ماندا
پرين جي پاندا، شاديون هونديون شهر ۾.

(”واهوندا“ معنيٰ سياري جي پڄاڻي تي ذڪڻ اولهه جون هوائون ”خاطر“ معني دل. ”پرين جي پاندا“ معنيٰ پاند ڪان، طرفان، جتي پرين هوندا اتان)

چيٽ ٿيو وڻ موريا، واهوندا ورن
سڪ جن جي ساهه کي سي اڱڻ مان اچن
جانب اچي جوءِ ۾ مون کي شال ملن
ٽا وڃيو مون وڃن فوجدار فراق جا.

—

چيٽ ٿيو وڻ موريا، ٿيا واهوندا واهه
اڳهي در الله جي هن عاجز سندي آهه
اچڻ ساڻ عجيب جي ٿيو آرامي ارواح
آهي جيءَ جسي ۾ جاءِ دلبر پنهنجي دوست جي.

—

چيٽ ٿيو وڻ موريا، ڪي واهوندن وراڻ
جڙ منهنجي جيءَ کي آهي سڄڻ ساڻ

خاوند ڪيو ڪيئن، ڏنو ڏاتر ڏاڻ
اندر روح رهاڻ، متي تنهن محبوب جي.

—

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، ٻيرين جهليا ٻور
باغين گل ٻهاريا، آمن ڪيا انگور
سڀ ڪنهن ساعت سپرين مون کي پلپل پور
ڦوڙائي فراق جا آهن ساجن وڏا سور
دلڙيان تئين م دؤر، جانب منهنجي جيءَ جا.

—

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، ڪي ڪانڊيرن قطار
لبر گهرجين ديس ۾ سرتين جا سينگار
وري آءُ وطن ۾، تيون هيڪاندا هيڪار
دم اوهان کان ڌار، ڏينهن قيامت پائئيان.

—

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، تي چوڌس چانڊوڪي
خاشا خم شراب جا تي مٽ ڪڍي موڪي
محبت منهنجي من ۾ تو پرين جا پوڪي
سارهجي ويئي روح ۾ تي اکوڙڻ اوکي
صاحب ڪر سوکي، تہ دلبر ڏسان ديس ۾.

—

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، تي ساجن جي سنڀال
سڪ اوهان جي سپرين هڙو ڪيم حال
اوهان جي اڪير جي مون کي ساعت سال
انئي پهر اکين کان جر وهي ٿو جال
سجڻ ايندم شال، وينئي واٽ نهاريان.

—

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، ٽا ڦاروها ڦٽن
باغن ٻهاريون ڪيون ليما ٽا لٽڪن
"ناري" سنڌي ڀِرتي، ڪکر ٽا ڪڙڪن
اندر ڦٽ فراق جا ٽا جانب لاءِ جٽڪن

مونکي مان ملن، دلبر پنهنجي ديس ۾.

—

چيٽ ڦٽو وڻ موريا ڪڪوريا ڪرير
اوهان جي اداس جو سونچو منجهه سرير
ڇڏائيندم ڇتو ڇٽي، عالم جا امير
اچي ڪڏهون قيد مان دولهه دستگير!
پيرن سندا پير، ميڙ منهنجا سپرين.

بهار جي مند ۾ پرين جي واپس ورڻ بابت. لس ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جي پائٽي دوس محمد، مارئيءَ جي زباني بيت چيا ته:

چيٽ ڦٽو وڻ موريا،پيرون ٽا پچن
پرين جي پرڏيهه ويا موٽي شال اچن
ننگ پنهنجي نينهن جو من سائين سڄاڻن
ڦوڙائي فراق جي شل ڪوڪ نه پوي ڪن
مونکي شال ملن، دلبر پنهنجي ديس ۾.

—

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، ڏاڙهن ڪڏيا ڏار
دلبر اچي ديس ۾ سگهي لهج سنڀار
اوهان جي ارواح ڪي آهي پلپل منجهه پچار
ساري سپ چمار، گڏ گذاريون ڏينهڙا.

—

چيٽ ڦٽو وڻ موريا، ٽرن ٽڏي هير
هٽن سرتيون سيليا، پين پاڪ پنير
ڪڍ بنديائي بند مان دوس محمد چئي دلگير
پيرن سندا پير، مونکي مارن ميليين.

# ڪڇهري ناڙي

اي سڄاڻ! هي ناڙيءَجي رهاڻ آهي، جنهن ۾ ناڙي ۽ ناڙيوالن (ناڙي وارن) جي ڳالهه هلندي. ناڙي، سنڌ جي سري جي ساڄي پاسري آهي جيڪا سبي کان شروع ٿي جيڪب آباد ضلعي جي اتر اولهه کان ڦري ٿي. ناڙيءَ جو سڄو ملڪ وس تي آهي. مينهن وسن ۽ نيون وهن ته ناڙي آباد ٿئي. راقم ناڙيءَ جي حدن پاڳن کي سمجهڻ لاءِ ڪشالا ڪيا ۽ 1960ع کان وٺي ناڙيءَ ۾ جدا جدا جاين تي ڪچهريون ڪيون. آخري وڏو سفر مهيني نومبر 1996ع ۾ ٿيو مرحوم مير شاهنواز خان شهلياڻي جمالي (محراب پور) جيڪو وڏو اديب ۽ علم دوست هو تنهن جي مهرباني ۽ ميزباني سان ناڙيءَ کي پوريءَ طرح سمجهڻ جو موقعو مليو ۽ جيڪي مون سمجهيو سو اي سياڻا! سڻ ته توکي سڻايان.

چاڻ ته ناڙي (نالي) نالو هڪ نديءَ جو آهي، جيڪا سبي شهر جي اتر اولهندان- ڏکڻ ڏي وهي ٿي. اهو سڄو ملڪ جتي ناڙي ندي جو پاڻي وڃي ان کي آڳاٽي وقت کان ناڙي سڏيائون بعد ۾ چڱي سياڻ خاطر، شهر "پاڳ" جو نالو ڳنڍي "پاڳ ناڙي" سڏيائون.

مٿان سبي کان وٺي جيڪب آباد ضلعي جي سرحد تائين ناڙيءَ جا ٽي مکيه پاڳا آهن. هڪ مٿين "بلاناڙي" منڙي کان ڏنگڙو تائين، ٻي درمياني (وچين) ناڙي، ڏنگڙو کان چڪڙ اسٽيشن تائين جنهن ۾ پاڳ وارو علائقو شامل آهي ۽ ان کان پوءِ زيرين (هيٺين) ناڙي، جنهن ۾ "مولوي" ۽ طنبو وارو علائقو اچي وڃي ٿو. مٿان ان سڄي ملڪ کي ٻه نديون سيراب ڪن ٿيون، هڪ ناڙي ٻي بولان. اهي ٻئي وڏيون نديون آهن. مٿئين پاڳي ۾ بارهن ئي مهينا انهن ۾ پاڻي هلي، ايرندا "لهڙي" واري نئين جو پاڻي به ناڙي ۾ اچي ٿو. انهن ۽ ٻين نئن نالن جو پاڻي ان سڄي ملڪ کي ريلي ڇيلي ڏکڻ ۾ اچي ڪير ٿر واهه سان لڳي ٿو. اڳتي شهدادڪوٽ کان باريچن واري علائقي مان پوءِ غيبي ديري کان ۽ اڳتي فريد آباد ۽ ماڏو وٽان اولهه منڇر ڏانهن رخ رکي ٿو.

ماڏو ڪان اتر اولهہ هڪ نئين جو نالو ”آخر ناڙي“ آهي. جنهن ڪي اهو نالو شايد انهيءَ ڪري ڏنائون جو اها چڙهه ناڙي جي پاٽيءَ جي آخري حد آهي.

مٿان ناڙي ۾ بولان جو پاٽي ”سچو شهر“ وٽ گڏجي ٿو پوءِ اتان نندين وڏين نين نالن جو پاٽي شهر جلال خان ڏانهن منهن ڪري ٿو. اتي جي ڪنهن سگهڙ آڳاٽو چيو تہ:

نديون سپ نواڻ، جهوڪان جلال خان ۾.

يعني سڀني ندين نين جون جهوڪون (منزلون) جلال خان ۾ آهن. جلال خان مغيري بلوچن جو شهر آهي جيڪو سندن وڏي سردار جلال خان بڌايو. هن وقت (1996ع) بہ مغيري سردار جو نالو جلال خان آهي. سچو شهر ڪان هيٺ اهو پاٽي جدا جدا نالن ۽ ڍورن ۾ هيٺ وهي ٿو جيئن تہ باغ، هينگڻ، قبوليو مٿان ايندڙ ”شرڪل“ ڍورو هيٺ ”قبوليو“ سڏجي ٿو جيڪو ”طنبو“ جي ايرندان مٿي ٿو. ڀاڳ ناڙيءَ جا هيٺيان شهر جيڪي راقم ڏٺا.

شهر ڀاڳ: وچين ناڙي جو مکيہ شهر آهي، اڳ خان قلات جو هڪ اهم انتظامي شهر هو. 26 نومبر 1996ع تي شهر ڀاڳ کي ڏسڻ جو موقعو مليو. شهر جي بازار پر رونق ۽ واپار جي چلتي ۽ چهچٽي وارو شهر آهي. جنهن کي پاٽي 12_13 ميل اتر_اولهہ طرفان ”سني جي شهر“ کان نلن وسيلي پهچي ٿو خان قلات جي حڪمراني وقت شهر ۾ وڏا تلاءَ هئا. شهر ۾ هاءِ اسڪول آهي جنهن جو وڏو سهڻو احاطو آهي. ڏکڻ طرف خان قلات جي ڪنهن صاحبزادي غلام مصطفيٰ خان جي مرقد وارو ڊگهو قبو آهي. هي شهر ڪنهن دؤر ۾ ديني علم جو مرڪز هو ۽ هتي وڏا عالم پيدا ٿيا. شهر جي قاضين جو وڏو ملا جيوڻ هو. قاضي عزيز الله ويهين صدي جي نصف اول ۾ ناميارو عالم هو سندس فرزند قاضي حبيب الله، سنہ 1953ع ۾ قضا تان استعفا ڏيئي دارالعلوم قائم ڪيو جيڪو سندس رهبري هيٺ هلي رُهيو آهي. قاضي صاحب جي عمر ستر سال کن، نوراني چهرو متواضع ۽ مهربان. ساڻس علمي ادبي گفتگو ٿي. مدرسي جي اڳين عمارت جي سامهون اتر طرف سردار يار محمد خان رند نئين عمارت جوڙائي آهي ۽ مدرسي جي فروغ خاطر هو ٿي پيرا مدرسي ۾ آيو آهي. قاضي حبيب الله صاحب جو فرزند محمد انور هن وقت مستونگ ۾ قاضي آهي خان قلات جي دفتر خاني جي رڪارڊ جي آڌار تي، هن ”ذڪري“ فرقي بابت ڪتاب لکيو آهي

تيرهين صدي هجري جي آخر ۾ شهر ڀاڳ ۾ هڪ وڏو عالم ۽ صوفي بزرگ عبدالوهاب ٿي گذريو جنهن حديث جي ڪتاب مشکواة المصابيح جي مشڪل لغات جي حل لاءِ ”خلاصة البيان“ نالي ڪتاب لکيو. هي قلمي ڪتاب راقم ڏٺو جنهن جي آخر ۾ لکيل عبارت:

فيقول الصوفي عبدالوهاب ابن سيد عيسيٰ الناصري جيلاني ساکن بهاگ بلوشستان انہ لما کان.. بعض کلمات مشکواه المصابيح المشققره.. فتها بمفاتيح البيان طالباً الله.. فسميت هذه الشرح بخلاصة البيان

- شهر سَني

قلات جي خان عبدالله خان ۽ ميان نور محمد جي وچ ۾ جيڪا جنگ لڳي، ان بابت معلوم ٿيو تہ شهر سَني کان نَوَ (9) ميل کن اترـ اوير طرف واري ماڳ تي لڳي، جنهن کي پوءِ خانپور سڏيو ويو. هن وقت (1996ع) کنڊر آهي. سني شهر، جتوئي بلوچن جو علائقو آهي.

- فتحپور قديم:

هي شهر مشهور سردار مير چاڪرخان رند جو مرڪزي شهر هو. انگريزن جي آمد وقت اجا آباد هو. ان جا آثار شهر ڀاڳ کان ڏکڻـ اولهہ طرف آهن. (وڌيڪ تحقيق ڪرڻي).

- شورڻ، گاجان، گنداوا:

تاريخي شهر آهن جيڪي ناڙيءَ جي اولهہ طرفان جبلن جي ڪنڌيءَ لڳ آهن. انهن جي زمين کي جبلن جي چشمن جو پاڻي آباد ڪري ٿو انهيءَ ڪري اها زمين ناڙي ۾ شامل ناهي. گنداوا کي مُولهہ جو پاڻي آباد ڪري ٿو. اوائلي اسلامي تاريخ ۾ ’گنداوا‘ جو نالو ’قَندا بيل‘ آيو آهي. گنداوا کان هڪ واٽ قلات ۽ ٻي خضدار وڃي ٿي، گنداوا کان گاجڻ، قاضي اسماعيل، سُڪليجي، آري سَر ۽ پوءِ خراسان يعني قلات. گنداوا کان پير ڇِتو نَوَ لنگهہَ (مولهہ جي پاڻيءَ جا)، ڪُونهُون هَتاجي، جانءِ، پاٽي واند، خَزانَ جتان ٻہ واٽون: هڪ ڪَرخ ڏانهن ٻي خضدار ڏانهن. گنداوا شهر جي دڪانن تي راقم خوشبوءِ دار چانور ڏٺا جيڪي جابلو ڀاڱي ۾ مُولهہ جي پاڻي تي ٿين ٿا. جامع مسجد جي پيش امام قلندر صفت انسان مولوي رِڏ جو ڪي گهڙيون ديدار ٿيو. خاص ڳولا سان، قاضي نور محمد بابت معلون ٿيو تہ ڪلواڙ قبيلي

جو هو سندس پٽ ابوالخير جنهن کي ٽي نياٽيون ٽيون. قاضي نور محمد ’پاٽي پٽ‘ واري لڙائيءَ (1868ع) ۾ قلات جي خان نصير خان سان گڏ هو ۽ ڪتاب جنگ نامو لکيائين. ان تاريخي ڪتاب لاءِ راقم جڏهن اسلام آباد ۾ تاريخي اداري جو ڊائريڪٽر هو تڏهن بلوچستان يونيورسٽي کي گرانٽ ڏياري ۽ هي ڪتاب نئين سِر شايع ٿيو. 10_ جنوري 1978ع ۾ جڏهن راقم گندوا ۾ پهچا ڪئي تڏهن قاضي نور محمد جي نياٽين جي اولاد مان هڪ جوان مڙس مليو جيڪو اٽپڙهيل هو.

- **فتحپور (نئين).** هيءَ صوفي رڪيل شاهه جو شهر آهي. هن فتحپور جي زمين ٽِوڙي ان سان لاڳو نو شهره جي زمين کي مُولهه جو پاٽي آباد ڪري ٿو.
- **مولوي**، زيرين ناڙي، يعني ’هيٺين ڏاکٽي ناڙي‘ جو هڪ مکيہ شهر آهي. پهريون شهر اتر طرف هو جڪو مولوي يار محمد ماڇي ٻڌايو. ان بعد هاٺوڪو شهر مولوي سعدالله ماڇي ۽ يائرن ٻڌايو.
- **ميرپور بيبي واري**، هي بہ ’زيرين ناڙي‘ جو ٻيو مکيہ شهر آهي.
- **مٺ** هي زيرين ناڙي ۾ ٻُڏن جو وڏو شهر آهي. ميرپور کان ڏهہ ميل اتر گنداوا کان ويهہ ميل کن اوپر واقع آهي. ڊسمبر 1968ع ۾ جڏهن راقم اهو ياڳو ڏٺو تڏهن مٺ شهر جو رئيس حضور بخش هو.
- **پير ڪلو**. شهر مولوي کان ڏکڻ ’پير ڪلو‘ جي مزار زيارت گاهہ آهي، جتي مجاور رهن ۽ ٻيا زيارتي اچن وڃن، پر شهر ڪونهي.
- آباد. پيرڪلو کان ڏکڻ اولهہ ’آباد‘ جو شهر، مگسين جي علائقي جو پهريون وڏو شهر آهي.
- **شهر هاشم ٻڌ**. هي شهر ’ڪلو ۽ شهر آباد‘ کان ڏکڻ طرف آهن. هن وقت (1968ع) شهر هاشم ٻڌ وارو ٻُڏن جو علائقو اندازاً ڏهہ ميل اتر_ ڏکڻ ۽ پنج ميل اولهہ_ اوير تي آهي.
- **شهر گولا**. اهو هاشم ٻڌ کان اولهہ طرف آهي. گولا بلوچ آهن انگريزن جي دؤر ۾ گولن هي ياڳو ٻُڏن کان خريد ڪيو.
- **شهر طنبو**. عمراڻين بلوچن جي علائقو جو مکيہ تاريخي شهر آهي.
- ناڙي ۾ گهٽي حد تائين سرائڪي ۽ بلوچي زبانون رائج آهن سنڌي ڳالهائيندڙ قبيلن ۾ برڙا، ابڙا، جکرا، ڪاڪيپوٽا، راهوجا، مُنگراٽي (منگر جي شهر جا) ۽ ککراٽي اچي وڃن ٿا. اهي سڀ چوندا تہ

اسين 'آبڙ' ۾ آهيون. لاڙڪاڻي طرف ڪڇهرين ۾ بہ مٿين پيڙهيءَ وارو نالو 'سما' بدران 'آبڙ' ٻڌو ويو جنهن مان گمان نڪري ٿو تہ 'آبڙ'جي حيثيت 'سمي' کان جدا آهي.

هيٺ ناڙي جي چئن مشهور تاريخي قبيلن بابت ڪيل تحقيق مختصر طور بيان ڪجي ٿي.

**ٻڌُ قبيلو.**

ٻڌ قبيلو ناڙيءَ جي آڳاٽن قبيلن مان آهي ۽ گمان نڪري ٿو تہ 'ٻڌ' اصل ۾ چنا آهن. محمد بن قاسم جي فتح وقت سندن ٻڌ علائقو موجود هو ۽ ان جو مکيہ شهر قندابيل (گنداوا) هو. هيٺ سيوهڻ کان جيڪب آباد تائين ڪاڪا ۽ چنا راڄ هئا ۽ مٿي وچ ناڙي تائين ٻڌ چنن جا راڄ هئا. ان وقت چنا اسلام ۾ آيا ۽ هڪ وڏي عرصي تائين هو مُولھ جا مالڪ رهيا ۽ پوءِ اندروني نا اتفاقي سبب مٿن زوال آيو:

چنا چوراسي راڄ، هئا مُولھ مَڳ- ڏٽي
جڏهن پيين پاڻ ۾ تڏ ٿيا ترارين ڪاڄ.

اوائلي اسلامي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ مقامي ماڻهن دل سان اسلام قبوليو ۽ سندن اصلوڪا نالا قائم رهيا. ان جا بہ وڏا مثال: سنڌ ۾ 'ٻانيڻ' قبيلو' ۽ ناڙي ۾ 'ٻڌ' قبيلو جن جا نالا اجان تائين هليا اچن جيتوڻيڪ اهي اسلام کان اڳ جا آهن. ٻڌُ قبيلو اسلام کان اڳ ٻڌ مذهب وارا هئا ۽ ٻڌ نالو اجان تائين هليو اچي.

هن وقت ٻڌن جو مکيہ شهر مَتو آهي پر ناڙي کا ٻاهر سنڌ ۾ 'ٻڌ' قبيلي وارا موجود آهن. خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ (وارهہ طرف) ۽ ٻين ماڳن تي رهن ٿا. ناڙيءَ ۾ اڳ ٻڌن جو علائقو وڏو هو اولهہ جهل ۽ اوير طرف ڪنڊو ۽ طنبو. کيرٿر واھہ جي نڪرڻ وقت، وڏيري هاشم ٻڌ جي پٽ موسي اڳين سَنَد پيش ڪئي هئي جنهن ۾ ذڪرڻ طرف ويندي چانڊيي جي حد تائين ٻڌن جو علائقو هو پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻين قومن کي وڪڻي ڇڏيائون 'مَٽُ' کان هيٺ ذڪرڻ طرف 'هاشم ٻڌ جو شهر' آهي. 19هين صدي جي آخر ۽ 20 هين صدي جي شروع ۾ ٻڌن جو وڏيرو هاشم ٻڌ هو جيڪو 1915ع ڏاري ٻڌن ۽ ٻرڙن واري جنگ ۾ مارجي ويو. ٻڌن ۽ ٻرڙن جي انهيءَ جنگ جو تفصيلي احوال راقم ڪتاب'جنگ ناما' ۾ ڏنو آهي، جتي ڏسڻ گهرجي. اسان هاشم ٻڌ جي

شهر کي وچي ڏنو جيڪو وس ۾ آباد ٿئي ٿو ۽ جنهن جون جايون پٽيون سلامت آهن. سگهڙ هوت خان صوبيداراڻي جمالي، سورهيه هاشم کي ساراهيو ته:

هاشم شير شهيد ٿيو رليو تولي امامن،
هاشم جهڙا پُنڙا، مائون مرجڻن.

## ماڇي ۽ جويا

مٿي بيان ٿي چڪو ته ٻُڏن جو وڏو علائقو هو. جيڪو ٽڪرا ٽڪرا ڪري وڪيائون 'شهر مولوي، وارو علائقو ٻُڏن کان ماڇين ورتو ۽ ان کي آباد ڪيو.مولوي يار محمد ماڇي شهر ٻڌايو جيڪو سندس نالي پويان 'مولوي' جي نالي سان سڏيو ويو. اصل شهر مٿي اتر طرف هو پوءِ ٽن ماڇين ڀائرن مولوي عنايت الله، مولوي سعد الله ۽ مولوي عبد العزيز هاٽوڪو شهر آباد ڪيو.

اهو علائقو خان قلات جي ڀاڳ ناڙي- گنجابه محال ۾ داخل هو ۽ مير نصير خان طرفان ماڇي قبيلي وارن کي مدامي طور سند سان پڪو ٿي مليو. ميان نور محمد جنگ ۾ فتح بعد جڏهن ڀاڳ ناڙي ۽ سڄي گڇي واري ڀاڱي تي قبضو ڪيو تڏهن پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ ماڇين ۽ ٻين جي اصل آبادي کي بي دخل ڪيائين. ان لاءِ ميان پنجاب مان جويا آندا، جيڪي سندس خادم مستي فقير جويي جي پويان ميان جا مريد ٿيا هئا. جوين پوءِ ناڙي ۾ زور ورتو ۽ پڙ سنڌ ۾ پکڙيا. مستي فقير جويو 1169ھ ۾ (ميان نور محمد جي وفات کان پوءِ) فوت ٿيو ۽ کيس آدم شاه جي ٽڪري تي دفن ڪيو ويو. ميان نور محمد 'ميانوالي طريقي' ۾ رک ۽ پرهيز جي دائري سوڙهو ڪيو ۽ ماڇين، موچين، مهاڻن ۽ ڪن ٻين اهڙن قبيلن کي ان دائرن کان ٻاهر رکيو. جڏهن ميان نور محمد پنجاب ۽ ملتان کان جويا ۽ ليکي آندا ۽ ناڙي ۽ سنڌ ۾ ويهاريا، ته انهن کي سندس پٽ پرائي حاصل ٿي. ناڙي ۾ ماڇين واري علائقي تي جوين جو قبضو ٿيو.

5 کان 7 جنوري 1977ع تائين شهر مولوي ۾ وڏيڪ تحقيق جي سلسلي ۾ راقم جون (مرحوم مير شاهنواز خان ساهلياڻي جي ميزباني ۽ مهرباني سان) ڪچهريون ٿيون. وڏيڪ تحقيق ڪرڻ جو موقعو مليو. ارباب غلام قادر جويي کان معلوم ٿيو ته اهو علائقو اصل ۾ ماڇين جو هو جن کان

جوبن ورتو ۽ پوءِ هنن ماڇين ڪان خان قلات واري اصل سَندَ بہ ورتي. اها سَنَد ارباب غلام قادر وٽ محفوظ هئي جنهن جو نقل هيٺ ڏجي ٿو:

حڪم عالي شد آنکہ نائبان و کار داران وضابطان وعا ملان شاهي استقبال محال بهاگ ناري و گنجابہ پتوجهات خاطر عاطر عالي مستفاد (؟) ابودو۔ بدانند درينوقت از روي شفقت و مهرباني زمين دشت موات غير آباد ده مولوي محدود بحدود اربعہ هذا حد شِرقا آن ناله هذا و جنوبا آن پير کله سراني (؟) احيانا آباد نموده حواله فضيلت پناه ملا آدم و طاهر و خضر و قبول وکرم صالح فرموده شد و بناء بَتائي غلات ابدي و هميشگي بقرا چهارم حصہ بلا خرچ چنانچہ يک حصہ از سرکار عالي وسه حصه ازانها و حصہ گاه و کرب و کنده دوهي بقرار دهم رسد چنانچه يک حصہ از سرکار ونُهہ حصہ آبادگاران وبتائي غلات ده خرچ بقرا هشتم حصه و ازنجار و حجام و دايه و مهتائي بقرار پنجم ابد مقرر سواي آن هشت خرمن رئيسي فراخور حال پيدايش و بتائي خرمنات رئيسي بلا خرچ بقرار ابدي بقرار هشتم حصه چناچنه يک حصہ از سر کار عالي و وهفت حصه از آبادگاران وجو هات زمين داري چنانچہ دَهوياري بقرار سائر ناڙي و کي کاسه وجه اربابي ونود جريب پروانگي مرزا بريد (؟) سرکار درباره نامبرده خان مرحمت وعنايت فرموده شد۔ بلاعُدو و اهمال رسانيده نعطل و انحسراف نہ ورزند بر کار کنان سرکار عالي لازم که اين تعليقچه رفيع عالي راسَنَد ابدي وهميشگي داانسته طلب تعيقيچه مجدد نہ کنند اندر اين باب تاکيدرا هر.... (؟) بيلغ دانسته وعهده شناسند تحرير تاريخ چهارمده محرم الحرام سنہ 1154

الله نعم الوکيل

حسبنا

نعم المولي ونعم النصير

سَنَد ۾ آيل ڪن نالن جي وضاحت پير کله سَراني= جيڪڏهن لفظ 'سراني' آهي تہ وڌيڪ صحيح 'سرحاني' ٿيندو يعني 'سرخاني' (سر خان جو پٽ). بلوچي زبان ۾ 'خان' کي 'حان' ڪري اچاريو ويو. اهڙو بيو بلوچڪو نالو 'پير حسن سَرحاني' آهي، جيڪو حب ندي جي الهندي

ڪناري تي مدينة الحڪمة' جي سامهون مدفون آهي. نالہ رونگہ= رونگهن وارو واه (رونگها ذات جا) پنج وهنہ=پنج وهڻ سي هي: 1. مولوي سعدالله واهہ. 2. صابري واهہ 3. رونگها واهہ 4. خانواهہ 5. راڄ واهہ. ڀهنري = ڀنري جو شهر. جن شخصن جا نالا چاڙهايل، اهي سڀ ماڇي قبيلي جا. ڪرب = ڪڙٻ (گاهہ ڪانن جو) ڪندهہ دوهي = ڪنڌو ۽ ٻُري. ڍهوياري = ڍهو ياري حصو راڄ جو.

'ڍهوياري' حصي جي تخميني بابت تحقيق ڪندي معلوم ٿيو تہ ناڙي ۾ قلات جي خانن واري وقت ۾ توڙي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي قبضي واري وقت ۾." ان جي جنس طور سرڪاري ٻٽئي ٿيندي هئي، جنهن ۾ ڍهوياري حصو سرڪار جي حصي مان ملندو هو. مثال تہ جيڪڏهن جملي جوئر 12 سئو مڻ تہ ان جي ٻٽئي هن طرح: چوٿون حصو 3 سئو مڻ سرڪار (خان) جو جنهن مان ڍهون حصو ٽيهہ مڻ موٽي ملندو آبادگارن ۽ ڪڙمين کي، جنهن جا وري چار حصا ٿيندا: هڪ حصو 'ڍهوياري' سيني ڪڙمين جو، هڪ حصو رئيس جو (ڪم سنڀاليندڙ ڪمدارن جو)، هڪ حصو اربابن (مالڪن) جو ۽ هڪ حصو عام راڄ جو.

### عُمراڻي بلوچ

وچين ۽ زيرين ناڙي (لڳ تعلقو اوستہ محمد) کي 14– 15هين صدي ڌاري گرگيجن بلوچن آباد ڪيو. ناڙي جي شهر ڍنبو جي چوڌاري سڄو علائقو عمر خان گرگيج جي اولاد عمراڻين جو آهي، جن بابت وڏي سڄاڻ پير مرد سگهڙ چنيسر خان عمراڻي (عمر اسي سال) هيئين خبر ٻڌائي جنهن سان 14_15 جنوري 1979ع تي شهر مولوي ۾ وڏي ڪچهري ٿي. چيائين تہ: بالاچ، عمر، جيئند ۽ دودو چارئي ڀائر هئا. بالاچ بهادر ۽ شاعر هو سندس شعر قديم بلوچي شاعري جو قيمتي سرمايو آهي. عمراڻي، عمر بن عالي گرگيج ، ند جه اولاد آهن. جن جا پاڙا: نوتڪاڻي (هي پاڙو قوميت ۽ راڄ ۾ وڏو هو)، سوياڻي، سيتاڻي، پليائي، ملغاڻي، پائنڻاڻي، پرياڻي، بورياني. پوئين دؤر ۾ سرداري دلاور خان جي گهر ۾ آئي. "عمر خان پٽ عالي خان گرگيج، تنهن جو پٽ علي خان جنهن کي ٽي پٽ: دلاور خان، جؤنگو خان (جنهن کي چار پٽ: جن چار شهر ٻڌايا)، مصري خان ( جنهن جو پٽ امام بخش خان جنهن جا چار پٽ جن چار شهر ٻڌايا). دلاور خان ڀهريائين ڪنگ' شهر ٻڌايو ۽ پوءِ ڍنبو واري ماڳ تي آيو جتي پنهنجو ڍنبو هڻايائين. دلاور خان پوءِ پنهنجي

زمين انن پٽن ۾ ياٺين ۾ وراهي جن شهر ٻڌايا. سندس پٽن مان ڪٽوربي خان شهر ڪُٽُور ٻڌايو مير خان پنهنجي پٽ جي نالي سان شهر ’ڳڙهي رحمان‘ ٻڌايو. محراب خان، ڳڙهي جي مٿان شهر محراب پور ٻڌايو. فتح محمد خان پنهنجي پٽ نور محمد جي نالي سان ’شهر نورو‘ ٻڌايو ولي محمد خان شهر ايري (قبوليي ڪان اوپر) ٻڌايو. مندئو خان شهر ’ديهه ماڙي‘ (ايري واري طرف) ٻڌايو. تاج محمد ’تاجپور‘. بالاچ خان ’بالاچ‘ ٻڌايو. ڪٽوربي خان جو پٽ غلام علي خان، جنهن جو پٽ دلاور خان (وڏو) نادر شاهه جي وقت ۾ هو ۽ اها زمين ڪيس نادر شاهه ڏني. اڳ هي ملڪ نواب خان گاڏهيءَ جو هو. بن ياٺرن مان ’خان دؤر ان‘ پنهنجي زمين نياڻين کي وراهي ڏني ۽ سخي رَتي پنهنجي زمين ياٺرن کي وراهي ڏني.

’راقم اهي سڀ شهر ناڙي بابت تحقيق ڪندي 1965— 1975 عرصي ۾ ڏٺا. جن مان ڪي غير آباد هئا. طنبو هڪ وڏو شهر هو جنهن جون شاهي ديواريون پري کان شاندار صورت ۾ نظر آيون. محراب خان جي پٽ ميربخش خان جنهن طنبو شهر کي وڏايو سو به انگريزن کان اڳ ميرن جي دؤر ۾ ٿي گذريو‘

5 کان 7 جنوري 1977ع تائين شهر مولوي ۾ رهڻ وقت راڳ جون محفلون ٿيون ۽ وڏي سنگت ساڻ هئي ۽ ميزبان مهربان شاهنواز خان شاهلياڻي هو ان وقت جا قلمبند ڪيل تاثرات هيٺ ڏجن ٿا.

”محمد نواز جوبي يڪتاري ۽ کڙتالن تي ڪالهه رات ۽ رات ثانيون چيو. لئي ساڳي چيزل شاهه جي فقيرن جي ڳائڻ واري جنهن ۾ هن وقت فقير مولا بخش عمراڻي، فقير غلام حيدر مگڻهار ۽ سيد دولت‘ شاهه تعلقي جيڪب آباد جو (تيئي موتيل مڙس) سنا ڳائيندڙ آهن انهن کي راقم پهريائين ڪوئيٽا ۾ جناب چيزل شاهه جي قرب پرين محفلن ۾ ٻڌو. محمد نواز (ياٺيو) ۽ مير محمد (چاچو) جويا ٻئي وينل مولوي، صوفي چيزل شاهه جا فقير آهن. محمد نواز تنگ کان منڊڙو پر يڪتاري کي نه رڳو وڄائي، پر ساڳئي وقت نچائي ۽ ڪڏائي ۽ پڻ کڙتالن کي وڏي رمز سان کڙڪائي. هينيان ڪلام ڳايائين، وڏو رس لاتائين ۽ محفل کي مچايائين.

ـ ڪلام چيزل شاهه ۾ وڏو سوز سندس پنهنجي حال جي ڳالهه:

جان جلي وئي جندڙي ساري، برهه بيڙ مچ باريو آ.

برهہ بيڙ مچ باريو آ، منهنجي ساهہ کي سورن ساڙيو آ
1ـ بره جا پڙڪا، ڪُنَ جي ڪڙڪا، عشق اوپڙو آيو آ
لهرن لڙهندي ڪنڌي نہ ڪائي، توڪل ترهي تاريو آ
2ـ جان جلي وڌو سورن ساڙي، قول ازل انگ پاڙيو آ
سک، قرار آرام نہ ڪوئي، مان روئيندي رات گذاري آ
3ـ درد ڏکن ۾ جندڙي آهي، دردن دل کي آزاريو آ
چيزل عشق اصلي اِهڙو، سُولي سِر نيئي چاڙهيو آ.

ـ ٻيو ڪلام

ٻُڌ سُورن جي ڪا پچار، ڏاڍو عشق آزاريو يار
ڪربل دي وچ قَتُل ڪرايئي، سيئي هُيا سردار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
اصلي عشق اڙانگو آهي، ڪيئن ڪيِئين سرڏار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
صوفي سائين شاه عنايت، نيزي سر نروار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
ڳجهہ جون ڳالهيون ڪيان مان ڪنهن سان، لٿا تِي اسرار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
ڏاڍي عشق آزاريو يارسولي تي منصور چڙهائي، پاڙيئي سيِ اقرار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
شمس الحق کَل کَلايئيُ، تُنهنجا خوني خيال خمار
ڏاڍي عشق آزاريو يار
چيزل سودو سرجو آهي، ڪرسچو وٹج واپار
ڏاڍي عشق آزاريو يار.

ـ چيزل شاهہ جي ڪلامن کان پوءِ هيٺيون ڪلام فيضل فقير لاشاري جو ڳايائون ۽ ڏاڍو رس لاتائون. فيضل فقير صوفي رکيل شاهہ جو طالب هو پاڻ وڏو سالڪ شاعر هو ۽ گهڻو ڪلام چيائين:

سِر سمجهہ حقيقي حال وچون۔ صاف صنم سيِ چال وچون
1ـ ڪڏان عابد زاهد زهُد ڳهون۔ ڪڏا رند قلندر عُهد کهون
ڪڏان غوث قطب آبدال وچون

2_ ڪٿان گل ڦل زار نظار گهون_ ڪٿان بر بحر بازار ڪهون
ڪٿان رڻ پٽ روڊ جبال وچون

3_ ڪٿان مير امير وزير ڪهون_ ڪٿان بيد برهمڻ پير ڪهون
ڪٿان صادق سوز فقير ڪهون_ ڪٿان خاص آغاني خيال وچون

4. ڪٿان رومي هون ڪٿان رنگي هون _ ڪٿان زلف بنا ڪر جنگي هون
ڪٿان هر رنگ دي وچ رنگي هون _ ڪٿان ڪيفي ڪيف ڪلال وچون

5. ڪٿان بحر محيط بيان ڪهون _ ڪٿان خطري خوف زيان ڪهون
ڪٿان پاڪ صمد سبحان ڪهون _ نهين فرق فيضل هڪ وال وچون.

هيءَ ڪلام جئين محمد نواز چيو آهي تئين لکيو ويو آهي. درستيءَ جي ضرورت آهي.

---

# رهاڻ هيرن ڪاڻ

## جلد ٽيون

# تاريخ

## سومرن جي دؤر جو شهر جناني (جنهڻ)

ابن بطوطہ انين صدي هجري ۾ سنڌ ۾ آيو تہ پهريائين جنهن شهر ۾ ويو تنهن جو نالو "جناني" لکيو اٿس ۽ اتي رهندڙ سومرن جو ذڪر ڪيو اٿس. سومرن جي ذڪر مان سمجهجي ٿو تہ اهو شهر "جنهڻ" هو ڇاڪاڻ جو "جنهڻ" نالو خاص طور سومرن جي بستين جو آهي ۽ اجا تائين موجود آهي. ابن بطوطہ جنهن "جنهڻ" (جناني) جو ذڪر ڪيو سو "نئين ڪوٽ" کان اتر اوڀر طرف هو. جنهن جا کنڊر اجا تائين موجود آهن، اهي کنڊر هاڪڙي ناري واري ڍوري کان اولهہ طرف آهن پر اوڀر طرف واري موجوده بستي جو نالو اجا تائين "جنهڻ" آهي. ان موجوده جنهڻ واري زمين مرحوم قادر داد خان رند کنئي ۽ اتي رهڻ لاءِ پٽ تي پنهنجي پڪي جاءِ (بنگلو) ٺهرائي هئائين. سنہ 1960ع ۾ سندس فرزند محمد حيات سان گڏ مون اتي جي تاريخي آثارن جي ڳولا ڪئي ۽ 24 جنوري 1960ع تي آثارن وارو اهو پڙو ڏٺو جيڪو ڍوري جي اولهہ طرف آهي. اتان گندرف جو ٽڪر ۽ هڪ مٽيءَ جو پڪل ڳرو ڳوڙهو مليا جيڪي جنگ جي سامان جا نشان هئا، اهي يقيني طور قديم جنهڻ (جناني) جا هئا جنهن جو ابن بطوطہ ذڪر ڪيو آهي.

انهن آثارن بابت ان ڏينهن قادر داد خان مرحوم سان ڪچهري ٿي، چيائين تہ: هڪ دفعي اتي کوٽيوسون تہ هڪ وڏو شاهي مٽ ڏٺوسون جنهن کي هيٺان ٽي ٻہ بونب (چوٽي) هئي، شايد انهيءَ لاءِ تہ زمين تي پورو کپي بيهي ان ۾ اندر هڪ ڀڳو ڪونرو پيل هو جيڪو اسلامي دؤر جو نشان هو هڪ عاج جو ڊارو پڻ پيل هو جيڪو سڄو سلامت هو پر مون ان تي ذرا زور ڏنو ۽ مهٽيو تہ ٽڪرا ٽي پيو بئي هنڌان ڀڳون جو ٿلهو بت پڪل مٽيءَ جو مليو. آڳاٽو منهنجي بنگلي جي آڏو دڙي تي هڪ چانديءَ جو سڪو مليو جنهن جي هڪ پاسي "ٻهوج، 401" (؟) (لکيل هو ۽ ٻئي طرف "شاهہ غازي" لکيل هو پڻ اتان سندس ماڻهن تي سڪا چاندي جا لڌا.

## شڪارپور شهر ۾ دائود پوٽن اميرن جو مقام

26 اپريل 1984ع تي هن مقام کي ڏسڻ جو موقعو مليو جيڪو شڪارپور شهر جي "ستوئرت محلي" ۾ واقع آهي.

صفحي اندر ڏهه ٻارهن قبرون هڪ ئي صف ۾، جنهن ۾ اوير کان چوٿين نمبر قبر صادق محمد خان (اول) جي جيڪو 1159ع واري لڙائي ۾ مئو.

ٻين قبرن مٿان، تاج طور، ڪپڙن جا نهيل پنڊا، اهي قبرون صادق محمد خان کان اڳ جون يعني مبارڪ خان، بهادر خان (اول)، ثاني ۽ ٻين جون.

سنجر خان سڪياڻي (؟) جي قبر ۽ ان سان گڏ ٻي محراب خان جي (اوير طرف). سنجر خان کي شهزادي معز الدين شڪارپور جو والي مقرر ڪيو هو.

جيڪڏهن شڪارپور جو شهر 1026هه ۾ ٻڌو ويو ته پوءِ اهو بهادر خان (اول) ٻڌو هوندو ۽ نه بهادر خان ثاني.

### ميان نصير محمد ۽ مائي ڳاڙهي:

مائي ڳارهي پنهور هئي جنهن جي زمين فقيرن ورتي ۽ اتي ميان صاحب جي هميشه لاءِ رهڻ ڳوٺ ٻڌڻ جو ڪم شرع ڪيو. ميان نصير محمد پاڻ آيو ته مائي ڳاڙهي زمين ونڻ تي رني جنهن تي ميان صاحب کيس دلداري ڏني ۽ چيائين ته هي ڳوٺ تنهنجي نالي سان سڏبو پوءِ اهو ڳوٺ مائي جي نالي سان ڳاڙهي سڏيو ۽ پاڻ "ميان نصير ڳاڙهي وارو" سڏيو ويو.

### ميان يار محمد جي تخت نشيني:

مير شهداد خان جي صلاح ۽ سفارت سان، ميان يار محمد مغل شهزادي معز الدين سان صلح ڪيو ۽ مغل طاقت کي تسليم ڪيو. عيوض ۾ کيس سندس ماتحت علائقن تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ "خدا يار خان" جو شاهي خطاب مليو. اهو جاڳايل ڪونهي ته ٽيل عهدنامي موجب سنڌ ۾ سندس حڪمراني جون حدون ڪهڙيون مقرر ٿيون، پر ايترو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته موجوده دادو (اتر) ۽ لاڙڪاڻي ضلعن وارا علائقا انهن ۾ شامل هئا. ننڍي جو صوبو گهٽو پوءِ ۾ ميان نور محمد کي اجاره داري تي مليو. جنهن ۾ نصرپور سرڪار جا، هاه ڪنڊي ۽ چاڪر هالا وارا پرڳڻا (هالا شهدادپور واري ايراضي سميت) شامل هئا. صوبي ننڍي جي حد کان ميان يار محمد جي حد اتر طرف هئي: يعني ته موجوده نواب شاهه ضلعو

سندس حد ۾ شامل هوندو.

سيوهڻ جي عالمن جي بياضن ۾ هيٺين عبارت لکيل نظر آئي: ”ميان يار محمد ڪلهوڙهہ حڪومت دربلاد شمالي سند ڪرد از سنہ 1113هہ تا سنہ 1131هہ پس در سنہ 1131هہ وفات ڪرد 18 سال حڪومت ڪرد“. هن عبارت موجب ”بلاد شمالي سند“ يعني اتر سنڌ جي پرڳڻن تي ميان يار محمد جي حڪومت هئي. ميان ڏاتو ڪهاوڙ مريد هو ميان يار محمد جو جنهن ”ڏاتي جي ڪور“ وارو واهہ کڻايو. ڏاتي کان پوءِ صاحب ۽ شهداد ڪهاوڙ ٿيا ۽ شهداد جي نالي سان شهدادڪوٽ جو شهر ٿيو.

**ميان غلام شاهہ ۽ هوتي نهڙيو:**

ميان غلام شاهہ نهڙين جي قبيلن تي چڙهائي ڪئي: هڪ ونگائي نهڙيا جيڪي هجرت ڪري ڪڇ هليا ويا ۽ ٻيا ”ٻيلائي نهڙيا“ جن جو ڄام هوتي هو جنهن آڻ مڃي. جڏهن ميان غلام شاهہ ڪڇ ۾ ٻيمجي واري لڙائي تي ٿي ويو تڏهن هوتي سندس مهماني ڪئي ۽ ميان جي فوج جي هر هڪ ماڻهو کي ٻہ ٽتر ۽ مانيون کارايائين. هوتي جي اولاد مان ندي شهر کان ٻہ ميل اولهہ ٻہ ڳوٺ، هڪ الله ڏنو نهڙيو ۽ ٻيو بقاءِ نهڙيو.

ميان غلام شاهہ ناريجن زميندارن کان زمين خريد ڪري وقف ڪئي، انهي ايراضيءَ ۾ ميان غلام شاهہ جي قبي کان ميان سرفراز جي قبي تائين ۽ جهانيان وارو قبرستان شامل.

**مير فتح علي خان جي دؤر انديشي:**

مير فتح علي خان وڏو مدبر ۽ دؤر انديش هو هن صحيح نموني ۾ اختيارات جي ورڇ ڪئي. هن ملڪ جا انتظامي اختيار ورڇي ڏنا، پر مالڪيءَ جا اختيار نہ پاڻ رکيا ۽ نہ ڪنهن ٻئي کي ڏنا، ڪو بہ علائقو ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ۾ ڪونہ هو: سڀ حڪمران متفقہ ٿي ڪنهن بہ علائقي ۾ ڪي بہ قدم کڻي سگهيا ٿي. مثلاً ڪرڙي (سکر) خيرپور جي حد ۾ هئي، پر حيدرآباد طرفان بہ فوج پهتي، عمرڪوٽ مير ناري خان ميرپور واري جي حد ۾ هو پر حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپور جي فوجن گڏجي عمرڪوٽ تي جوڌپور جي قبضي خلاف قدم کنيو.

مير فتح علي خان جي آڏو ميان نور محمد وارو ڪنيل غلط قدم هو جو سنڌ کي ذاتي ملڪيت طور ست پٽيون ڪري پٽن ۾ ورهايائين. وراثت ۾

ملڪيت واري ڳالهہ تان تڪرار ٿيا ۽ ميان نور محمد ڪان پوءِ پائر وڙهندا رهيا. ميان غلام شاهہ پنهنجي طاقت ۽ حڪمت عملي سان اهي فتنا ختم ڪيا، پر ڪانئس پوءِ وري اهي جاڳيا ۽ عبدالنبي محض مالڪ ٿيندڙ ”وارثن“ کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڀاءُ عطر خان ۽ ڀائٽين کي بي گناهہ قتل ڪرايو. ٻيو وڏو قدم مير فتح علي خان اهو کنيو جو حيدرآباد ۾ مير بجار خان جي پٽن (پنهنجي سوٽن) جون غلط فهميون دور ڪري انهن کي پنهنجو ڪيائين. ڪن ماڻهن فتنو ٿي جاڳايو جنهن کي بند ڪيائين. ان لاءِ پاڻ پنهنجن ڀائرن سميت قرآن شريف تي عهدنامو لکي ڏنائين. هيٺ اهو عهدنامو ڏجي ٿو جيڪو مير عبدالحسين خان سانگي پنهنجي قلمي ڪتاب شڪارنامہ جي آخر ۾ تاريخ 25 مئي 1918ع تي اتاريو.

## (انجام نامہ)

انجام نامہ کہ برحمائل مصنف مجيد قران مجيد حضرات مير صاحبان بہ مير غلام حسين خان و مير بهرام خان (ابني مير بجار خان) شده نقل از اصل گرفتم کہ آن حمائل شريف نزد مير عبدالله خان است: اقرارمي کند مير صاحب مير فتح علي خان و مير غلام علي خان وکرم علي و مراد علي باميان غلام حسين و بهرام خان براين معني کہ بموجب آمدن ميان غلام حسين از تفصيرات در گذشتم وانچہ قوت و جاگيرات انجام کرده داده بشرط راستي کہ ميان غلام حسين و ميان بهرام کہ برحاشيہ قرآن مجيد نوشتہ داده تفاوت نخواهد شدو آبرو ميان غلام حسين و ميان بهرام و متوسلان لہ فتنہ انگيز نباشد بحال داشتہ خواهد شد دشمن ميان غلام حسين وبهرام دشمن مايان دوست ميان غلام حسين دوست مايان ست مگر بشرط راستي کہ ميان غلام حسين و بهرام خان کہ برحاشيہ قرآن حميد نوشتہ داده راست بحال ست و آئنده بموجب حسن خذمت وراستي نتيجہ نيک خواهد يافت

سجل مبارڪا سجل شريف

فتح علي خان — من غلام علي خان

۽ اتان جوڌپور ۾ ويو. چور ڪان والهو تري ريلوي اسٽيشن ڪان ذڪڙ تائين تالپري سنڌ هئي ۽ اتر طرف جوڌپور.

**تالپرن جي حڪومت ۾ راڄن جي رضا ۽ رضانامن جي اهميت:**

تالپورن جي دؤر ۾، حڪومت جو مدار راڄن جي رضا تي هو يعني ته اها راڄن جي رضا واري حڪومت هئي. هر ڳوٺ ۽ راڄ ۾ جيڪي ڏاڍايون ٿينديون هيون تن جا فيصلا اتي جا راڄ ڪندا هئا. پر جڏهن مٿي ميرن صاحبن وٽ فيصلا ويندا هئا ته به راڄن جي رخ موجب فيصلا ٿيندا هئا ۽ ڏنگي ۽ ڏاڍي خلاف ٿيندا هئا. بنيادي اصول اهو هو ته جي به ڌريون وڙهن ته به رضاناما ٿين ته جيئن اڳتي لاءِ امن رهي. وڏو فساد جهان خان پرڳڙي ۽ ڪنگوري جي نوحاڻين جي وچ ۾ ٿيو (جنهن جو تفصيلي ذڪر لوڪ ادب جي ڪتاب "جنگناما" ۾ اچي چڪو آهي). جهان خان به ڏاڍائي ڪئي پر نوحاڻين اجا وڌيڪ ڏاڍائي ڪئي ۽ حيدرآباد ۾ فيصلو "قتل جو عيوض قتل" ٿيو. جهان خان ۽ ٻيا جملي چوڏهن مڙس مئا ۽ نوحاڻين جا ست مئا. عيوض ۾ ستن نوحاڻين کي قتل ڪرڻ جو حڪم ٿيو. مير صاحب جڏهن ڪچهري مان اٿي ويو تڏهن نوحاڻين اڳواڻن جو قتل شروع ٿيو: پنج قتل ٿيا ۽ باقي ٻن کي جهان خان جي ماءُ اچي ڇڏايو. ان بعد رضانامي واري اصول موجب وري به ٻنهي ڌرين کي ناريو ۽ ناهيو ويو. ميرن پاڻ سرڪار جي (پنهنجي) طرفان نوحاڻين کي پرچايو جيڪي نوحاڻي قتل ٿيا هئا، تن جون قبرون ٻڌايون ۽ ڪن تي قبا نهرايا. تاريخ 12 آگسٽ 1996ع تي مون سيف الله خان نوحاڻي سان گڏ ڪنبن واري لال ڇتي مقام کي ڏٺو جيڪو دنبالي کان ڏکڙي ويندي رستي لڳ ڪٻي طرف آهي. جملي تيرهن قبرون ڇئن سان پٽر جون پڪيون ٻڌايل. جن مان ستن تي نالا هيسب خان، جعفر خان، حاجي شهڪ فقير نوحاڻي ولد راميڻ، (حاجي شهڪ جو پٽ) راميڻ، جاني ولد ڪلو سعيد خان ولد پاهڙ ۽ يارو ولد سالار.

# سنڌي لغات جي باري ۾ هڪ تاريخي خط

[سنہ 1945ع ۾ آءٌ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيس. هڪ ڏينهن تعليم کاتي جي آفيس ۾ جناب عثمان علي صاحب انصاري کي ملڻ ويس تہ هن سنڌي لغات بابت، جيڪا ان وقت هڪ بورڊ تيار ڪري رهيو هو ان صاحب ڪي سوال پڇيا، جن جي جواب ۾ ٻئي ڏينهن 29 نومبر تي مون ڏانهس هيٺيون خط لکيو جيڪو ان وقت جي ابتدائي خيالات جو عڪس آهي.]

استاد محترم عثمان علي انصاري صاحب.

تسليم : تاريخ 28 نومبر اوهان سان ملاقات دوران سنڌي لغات ۽ سنڌي الفاظن جي تحقيق ۽ انتخاب جي سلسلي ۾ تبادلہ خيالات جو موقعو مليو. اوهان سان گفتگو جي بنا تي آءٌ مناسب سمجهان ٿو تہ هن سلسلي ۾ پنهنجا خيالات اوهان جي سامهون رکان.

اوهان منهنجي ذهن نشين ڪرايو تہ اوهان سنڌي زبان جي اهڙي لغت تيار ڪري رهيا آهيو جا بلڪل مستند ۽ مڪمل هوندي ۽ اوهان جي آڏو اهو سوال آهي تہ ڪهڙن لفظن کي انهيءَ لغات ۾ جڳهہ ڏجي. منهنجي خيال ۾ هي مسئلو جيتري قدر اهم آهي ايتري قدر ئي پيچيده آهي. انهيءَ جي مناسب حل لاءِ اوهان کي پنهنجي رٿيل ڪم کي ٻن مکيہ پاڱن ۾ ڪن اصولن ۾ ضابطن هيٺ آڻڻو پوندو: ٻن مکيہ پاڱن مان منهنجي مراد اول ٿيل لغات جو دائرو (scope) ۽ ٻيو ڪم جو طريقو (method) آهي.

### ڪم جو دائرو

لغات جي دائري متعلق اوهان چيو تہ اسين هڪ اهڙي لغات ٺاهي رهيا آهيون، جنهن جي بناءَ تي جيڪر يونورسٽي هلائي سگهجي: انهيءَ جي معنيٰ تہ اوهان جي رٿيل لغات جو دائرو نهايت وسيع آهي. تاهم هن ڳالهہ کي قبول ڪرڻو پوندو تہ سڄي سنڌي زبان، هڪ ڏک سان، ڪنهن ہ رٿيل ڪتاب ۾ سمائجي ڪانہ سگهندي انهي ڪري منهنجي اول تجويز

هي آهي تہ هن سلسلي ۾ اوهان جو بورڊ سنڌي ٻولي جو دائرو رٿيل سنڌي لغات ڪان وسيع تسليم ڪري ۽ رٿيل سنڌي لغات کي زياده ۽ زياده سنڌي زبان جي لفظن جي تحقيق جي سلسلي ۾ صرف هڪ انتهائي ڪوشش قرار ڏئي. آءٌ هي تجويز انهيءَ ڪري اوهان جي آڏو رکان ٿو جو مون کي بيروني افواهن ۽ اوهان جي اشارن مان ائين سمجهہ ۾ آيو تہ شايد هن سنڌي لغات کي آخري طور مڪمل لغت قرار ڏنو وڃي. هن نظريي جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو تہ جو لفظ هن لغت ۾ ڪونهي سو گويا سنڌي زبان جو تلسيم شده لفظ ڪونهي ۽ جيڪي بہ تسليم شده لفظ تي سگهن ٿا سي سڀ هن لغات ۾ آهن. اهڙي دعويٰ وڏي ڪوشش جي باوجود بہ اٽپوري ثابت ٿيندي. مگر هي خيال سنڌي لغات جي ترقي لاءِ يقيني خطرناڪ آهي ۽ لغت جي وسعت (جيڪو اهان جو مقصد آهي) کي غير منصفانہ طور بغير نتيجي محدود ڪري ٿو.

## ڪم جو طريقيڪار

لغات ۾ لفظن جي صورتخطي ۽ ترتيب جي اصولن وغيره کي ڇڏيندي هن وقت آءٌ لفظن جي ”چونڊ يا انتخاب“ جي موضوع تي ڪجهہ چوندس. در حقيقت انتخات جو نالو ئي خطرناڪ آهي ڇو تہ انتخاب جي اصول موجب، هڪ وسيع ذخيره مان صرف اهي ”تورا“ الفاظ مقبول ٿيندا جيڪي ”تورن“ انتخاب ڪندڙن کي پسند ايندا. اج ڏينهن تائين ائين پئي ٿيو آهي ۽ انهيءَ ڪري وسيع سنڌي زبان مان صرف ڪتابدانن جي ’ڪتابي ٻولي‘ کي ئي ’ادبي ٻولي‘ جو شرف مليو آهي. انهيءَ ڪري سنڌ جي عوام ۽ سنڌ جي ”ڪتاب دانن“ جي درميان وڏي گهاري پئجي وئي آهي ۽ سندن زبان توڙي بيان ۾ زمين آسمان جو فرق پيو نظر اچي. جيسيتائين ”عام محاورن“ کي ”خاص ڪتابي ٻولي“ تي ترجيع ڏيئي ان کي غالب نہ ڪيو ويندو، تيستائين نڪي هي وٿي پرجي ۽ نڪي هي گهاري گهٽجي. اوهان جي گفتگو مان معلوم ٿيو تہ اوهان پڻ ساڳئي خيال جا آهيو. مگر صورت ۾ بغير ’انتخاب‘ جي چارو ڪونهي انهي ڪري ضروري آهي تہ انتخاب جا اصول نهايت ڪشادا ڪيا وڃن، جيئن هن لغات ۾ هر لفظ پنهنجي ’انوکي‘ وضع قطع جي باوجود سمائجي سگهي ۽ سندس دائري ۾ نہ نقط هٿاٺڙا، سچاٺو ۽ پالي الفاظ اچي پنهنجو قبضو ڄمائن مگر جڙن ۽ ٿاهڙ

لفظن کي بہ مناسب جڳهہ ڏيئي پالي پنهنجو ڪري سگهجي.

سنڌي لغت جا بہ مکيہ سر چشما آهن: (1) غير سنڌي ٻولين (2) ۽ سر زمين سنڌ جي زبان پنهنجي مڙني محاورن سميت. انتخاب جو اصول صرف پهرئين سر چشمي مان چونڊ وقت ئي لڳندو. پر پهرئين سر چشمہ مان اهي جملي الفاظ پنهنجا ڪيا وڃن، جيڪي هن ڪان اڳ سنڌ جي باشندن سنڌي ۾ استعمال ڪيا هجن ۽ نہ اهي الفاظ جيڪي موجوده پنجن ڏهن سالن جي ڪشمڪش سبب عمدا ۽ ارادتاً ڌارين زبانن مان ورتا ويا هجن“.

”عوام جي زبان“ ئي در حقيقت لفظن جي سرمايي جي کاڻ آهي مگر انهيءَ کاڻ مان موتي ميڙيندڙن لاءِ ضروري آهي تہ اول انهيءَ کاڻ جي جملي خصوصيات کان واقف ٿين ۽ لفظن جي پيداوار توڙي ڏِلائي، رنگ توڙي بوءِ کي سمجهن ۽ جن اصول وضوابط جي ماتحت اهي لفظ ايرن ٿا انهن کي پروڙين. صرف عوام سان لهہ وچڙ ذريعي ئي اها پروڙ پوندي. مونکي گذريل ڇئن سالن ۾ گاهي بگاهي سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۾ مختلف ذاتين جي ماڻهن سان گهرين ملاقاتن ۽ ڏِگهين ڪچهرين ڪرڻ جو موقعو مليو آهي ۽ آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ سنڌ جي دهقانين جي زبان نهايت عجيب و غريب لفظن سان مالا مال آهي: جيڪي لفظ منهنجي لاءِ اڳ اجنبي هئا سي هينئر محرم ۽ معلوم پيا لڳن.

مون عرض ڪيو تہ الفاظ جي انتخاب لاءِ سنڌي زبان جي خصوصيات کان واقف ٿيڻ ضروري آهي. لفظي خصوصيات (قلب، بدل، خذف ترخيم ۽ تڪرار وغيره) مان هڪ ’بدل‘ آهي جنهن موجب لفظ ۾ هڪ اکر ٻئي جو بدل ٿئي ٿو. مثلاً ڪسڪڻ ۽ گسڪڻ (ڪ ۽ گ هڪٻئي جا بدل) يا ڪَپ، کَپ، گهَپ (ڪ،ک، گ، گهہ هڪٻئي جا بدل) وغيره جن جي معنيٰ ۾ ڪو فرق ڪونهي. ٻين خصوصيات کي ڇڏيندي آءٌ خاص طرح ’قلب‘ (ڦير گهير) جو [illegible] ايهان سان جنهن اصطلاح ”ٻَپيون ٻڏڻ“ يا ”ٻپيون ٻڏڻ“ تي گفتگو ٿي هئي سو خصوصيت ’قلب‘ جو هڪ مثال آهي. هن خصوصيت موجب هڪڙا اکر لفظن ۾ اڳتي پوئتي مٽبا سٽبا آهن جئين مٿين لفظ ۾ ’ب ۽ پ‘ اڳ پوءِ آهن.

’ٻَپي ٻڏڻ يا ٻپيون ٻڏڻ‘ صحيح آهي. مگر مٿين ’قلب‘ (ڦير گهير) واري خصوصيت موجن ”ٻپي ٻڏڻ“ يا ’ٻپيون ٻڏڻ‘ محاورو بہ صحيح آهي، جنهن کي رد ڪري نٿو سگهجي. ساڳئي اصول موجب پيا بہ لفظ آهن. مقلوب

الفاظ“ جي ’باب‘ هيٺ مون وٽ هينيون تفصيل قلمبند ٿيل آهي، جيڪو اوهان جي آڏو رکان ٿو جنهن ۾ اوهان جي مثال ’همراهہ‘ ڏانهن بہ اشارو موجود آهي خصوصيت قلب مان هڪ لفظ ’پِڇي ۽ چِپي‘ آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ معنيٰ ۾ فرق آهي جو پڇي اک جي چِٻي ۽ چِپِي نڪ جي. پ ڪان سواءِ ’ڪ‘ سان بہ ڇ مٽجي ٿي، جو ’چِڪ‘ بہ چون ۽ ڪچ چون. ان جو مثال ’نڪچٽو‘ (نڪ مان وار چونڊيندڙ) آهي مگر خصوصيت قلب جي ماتحت ’نچڪٽو‘ بہ عام استعمال هيٺ مشهور آهي. ’ب‘ ۽ ٽ جي ڦير ڦيندي، جو ”ٽُب“ بہ چون تہ ”ٻُٽ“ بہ چون. ’ب‘ ۾ ’ڏ‘ جي ڦير ڦيندي جو ’ٻڏو‘ توڙي ’ڏٻو‘ چون. ’همراهہ‘ ۽ هرماهہ‘ خام محاورو آهي مگر ’ر‘ ۾ خصوصيت قلب مسلم آهي ۽ ڪيترن ئي اکرن سان ڦري گهري ٿي. جيئن تہ ”سرڪڻ“ بہ چون تہ ”رسڪڻ“ بہ چون. اهڙي طرح ”ٻِرٽ ۽ ٻِتر“، ”سَرٽ“ ۽ ”سٽر“ ۽ ”ورجي“ ۽ ”وجري“ ’ر‘ جي ڦير گهير جا ٻيا مثال آهن ’ه‘ ۽ ’ر‘ آوازن ۾ جوڙ آهي پڻ ڦير گهير، جئين تہ پهرياڻ ۽ پَرهياڻ، پهرڻ ۽ پرهڻ:

پَٽ نہ پَرهيان سومرا جا نڪتيان جيان
عمر چئہ آن، ڪئن پَٽ پرهيان سومرا.
(رسالو)

پونڙيون مصحف مي آهن پوش
پرهيان قبرن مٿي پيرن جي پڙ.
(گل)

انهيءَ جوڙ جي ڪري ’همراهہ“ بدران ’هرماهہ‘ چوڻ انهن لاءِ آسان آهي. ’ه‘ ۽ ’و‘ ’قلب‘ واري ڦير آهي جئين تہ ’پنهوار ۽ پنوهار‘ ’س‘ ۽ ’ڏ‘ ۾ قلب واري ڦير آهي جئين تہ ’سڏڪڻ ۽ ’ڏسڪڻ‘:

سُڏڪي سُڏڪي سور، ٿي ٻڌائين پين کي
اوڳي اورمَ عام سين محبت جا مذڪور.
(مراد)

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڏسڪيو جهلي ڏار.
(شاهہ)

ب ۽ گ بہ خصيوصيت قلب موجب ڦرن ٿا ۽ ”گوبو“ بہ چون ”بوگو“ بہ چون. بہ ۽ گ جو مشهور مثال گبري ۽ بگري آهي. اصل لفظ بگري (بغلي) آهي مگر مقلوب لفظ گبري وڌيڪ عام آهي.

’نہ گِدا، نہ گبري، نہ لانگوتي نہ لينگ‘

---

’ٻُک وڏائون ٻگرين، جوڳي ڪندا جُج‘
(رسالو)

’س‘ ۽ ’ھ‘ آوازن جي ڦير آهي، جو سَهڪڻ بہ چون تہ هسڪڻ بہ. البت هسڪڻ لفظ نفرت وارو آهي. مون مٿيون بحث عرض رکيو آهي، جنهن ۾ مقلوب الفاظ جي خصوصيت واضح ڪئي وئي آهي. هاڻي اوهان جي بورڊ جي اختيار آهي تہ مقلوب الفاظ کي غلط سمجهي ترڪ ڪري يا مخصوص سمجهي داخل ڪري. آءُ هڪ وڌيڪ ذڪر ڏانهن اشارو ڪندس. اوهان دؤر ان گفتگو ۾ ”غلط العام“ جو ذڪر ڇيڙيو هو. بهتر ٿيندو تہ ”غلط العام“ جو اصول صرف عربي ۽ فارسي لفظن سان لڳايو وڃي. ’دينا دَستي‘ (ديده و دانستہ) ۽ ”مرهيات“ اسان وٽ غلط العام جي حيثيت رکن ٿا. ’مرهڻ‘ مقلوب آهي. رحمڻ‘ جو. اوهان عصمت ۽ ’شفا‘ جو ذڪر ڪيو مگر خاص سنڌي الفاظ ۾ غلط العام جو دخل بيجا ٿيندو. نيٺُ سنڌي لفظن جي انتخاب ۾ ”غلط العام“ جو ٿورو ٿڦي انهن کي چونڊڻ مناسب نہ آهي: اهي در حقيقت ”استعمال عام“ جي اصول هيٺ نهايت شڪريي سان چونڊڻ گهرجن.

مخلص
نبي بخش

# عربي زبان جو ماهر غلام محمد مهيري رحمة الله عليه

سنڌ ۾ اسلام جي آمد سان عربيءَ ۾ تعليم شروع ٿي، مڪتب ۽ مدرسا قائم ٿيا. پهريائين ديبل ۽ منصوره ۽ پوءِ ٻيا شهر علم جا مرڪز بڻجي ويا. وڏا وڏا عالم پيدا ٿيا، جن عربيءَ ۾ مختلف موضوعن تي معياري ڪتاب لکيا. سنڌ جي انهن عالمن ۽ سندن تصنيفن جو جيڪي عربي زبان ۾ سندن مهارت تي شاهد آهن اڳين تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ذڪر آهي ۽ انهن مان ڪي اسلامي دنيا جي ڪتبخانن ۾ موجود آهن، مثال طور ڪي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. جيئن تہ:

- ✓ مڪاتيب المُرسلين، تاريخ جي موضوع تي ابو جعفر محمد بن ابراهيم ديبلي جو ڪتاب جنهن ۾ هن رسول اڪرم ﷺ جا لکيل خط گڏ ڪيائين.
- ✓ ڪتاب التعليم، فقہ بابت مسعود بن شيبہ سنڌي جو
- ✓ منصوره جي عالم ابو العباس جا 'فقہ ظاهري' بابت ڪتاب
- ✓ قرة الا نظار شرح تنوير الابصار، ابو طيب سنڌي جو
- ✓ ڪتاب المتانة في مرمة الخزانة، علامہ جعفر بوبڪائي جو
- ✓ طوالع الانوار شرح ڪتاب الدر المختار محمد عابد انصاري سيوهاڻي جو.
- ✓ مناسڪ الحج بابت سنڌ جي عالم رحمت الله سنڌي جا ڪتاب.
- ✓ دراسات اللبيب، مخدوم معين ٺٽوي جو.
- ✓ بَذل القوہ في حوادث سني النبوہ، مخدوم محمد هاشم جو تاريخي ڪتاب.
- ✓ سنڌ جي درسگاهن ۽ استاد عالمن اهڙا هونهار شاگرد پيدا ڪيا، جن عربي زبان ۾ ايڏو مقام ماڻيو. ٽالپرن جي دؤر تائين سنڌ جون علمي درسگاهون وڏي معيار واريون هيون جن مان سيوهڻ، مٽياري، ٺٽو، ولهار، چوٽياري، ٽِپت، ۽ کهڙ جو ذڪر انگريز عالم رچرڊ برٽن ڪيو آهي.

سنڌ تي انگريزن جي قبضي بعد, درسگاهن کي سرڪاري امداد کان محروم ڪيو ويو. باوجود ان جي سنڌ جي عالمن ۽ گهڻگهرن پنهنجن پيرن تي بيهي مدرسا قائم ڪيا, جن مان ڪيئي نامور عالم پيدا ٿيا. 12_14هين صدي هجري (19_20 هين عيسوي) جي درسگاهن ۽ استادن جي سلسلن مان اتر سنڌ ۾ شهداد ڪوٽ,همايون, امروٽ ۽ داد لغاري جي وڏن استادن جي قائم ڪيل درسگاهن مان شهداد ڪوٽي, امروٽي, همايوني ۽ آميني (غلام محمد امين لغاري جا شاگرد) عالمن جا سلسلا مشهور ٿيا. (انهن سلسلن بابت تازو شايع ٿيل ڪتاب 'مقالات قامي, (مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جا مقالا ڏسڻ گهرجي, جنهن ۾ تفصيلي معلومات ڏنل آهي.) شهدادڪوٽي سلسلي, جو باني علام نور محمد هو جيڪو علام عبدالحليم ڪنڊوي جو شاگرد هو. سندس ٻيو شاگرد همايوني سلسلي جو باني علام محمد يعقوب هو (علام عبدالحليم ڪنڊوي سن 1245هجري ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مزار روهڙي اسٽيشن لڳ اتر واري ٽڪري تي آهي. قلات جي ڪڇي ضلعي جي ناڙي پرڳڻي ۾ بياباني ڳوٺ 'ڪنڊي' ۾ ويهي پڙهايائين. هڪ وڏو عظيم استاد هو جنهن رڻ پٽ جي درسگاه مان وڏا عالم استاد پيدا ڪيا. شاهنواز خان شهلياڻي جمالي مرحوم (محراب پور) جي مهرباني سان راقم 98_1996ع وارن سالن ۾ ناڙي جا ماڳ مقام ڏٺا ۽ خاص طرح ڪنڊي جي شهر کي وڃي ڏٺو جنهن جون پتيون ۽ ڪوٽا اجا بيٺا هئا. شهر جي اتر طرفان تلاءُ هو ۽ ان جي اتر_ اولهه ڪنڊيءَ تي ڪنڊي جو وڻ بيٺل هو جنهن تان شهر تي نالو پيو. درسگاه وارا ماڳ موجود هئا.) شهداد ڪوٽي سلسلي جي هڪ مشهور شاخ'فيروز شاهي' سلسلو هو. جنهن جو باني علام عطاءُ الله هو جنهن ڳوٺ فيروز شاه ۾ درسگاه جو بنياد وڌو. مولوي علي محمد مهيري رحمة الله عليه جو علمي تعليمي سلسلو ٻني درسگاهن جي وڏي استاد حامد الله ميمڻ جي واسطي سان فيروز شاهي سلسلي سان ملي ٿو.

علي محمد مهيري صاحب جي سوانح حيات گهڻي ڀاڱي تفصيل سان معلوم آهي, ڇاڪاڻ ته سندس شاگرد مولوي محمد نورنگ زادي 'تحف وطن' نالي سان ڪتابڙو ڇپائي ان کي روشن ڪيو ۽ هاڻي هن دؤر ۾ مولوي حافظ محمد رمضان مهيري پنهنجي هلندڙ تحقيق سان مولانا صاحب جي

سوانح جا سڀ رخ روشن ڪيا آهن (مولوي حافظ محمد رمضان مهيري هن وقت ڪور واهه هاءِ اسڪول ۾ عربيءَ جو استاد آهي. هن صاحب علامه علي محمد مهيريءَ جي سوانح کي روشن ڪري وڏي خدمت ڪئي آهي. علامه مهيري جو سوانحي خاڪو پهريائين سندس شاگرد مولوي محمد نورنگ زادي پنهنجي ڪتابڙي، ”تحفه وطن“ ۾ شايع ڪيو. حافظ محمد رمضان سنه 1990ع ۾ وڏيڪ تحقيق ۽ تفصيل سان ”تن پنهوران پچار“ جي عنوان سان مولانا مهيري جي حالات ۽ مولانا جي استادن، شاگردن ۽ همعصر رفيقن جي حالات تي بهترين سوانحي مجموعو شايع ڪيو. ان مجموعي تي مبني سندس مختصر مقالو مجله ”السند“ اسلام آباد ۾ پڻ شايع ٿيو آهي.

نهايت ذهين بار علي محمد، لاڙ ۾ ڪورو واهه لڳ ننڍڙي ڳوٺ بجاري ۾ مهيري قبيلي جي نيڪ مرد حافظ پَرتي جي گهر ڄائو. سندس سوانح حيات تي مولوي حافظ محمد رمضان مهيري تفصيل سان لکيو آهي باقي هت قبيلي مهيري جي نالي ڪجهه وضاحت ڪجي ٿي. مهيري قبيلو ڪلمتي بلوچن جو هڪ قبيلو آهي جيڪي صديون اڳ مڪران جي ڪلمت پرڳڻي مان هجرت ڪري، ساموندي ڪناري واري پٽي لڳ پهريائين هڱورندي ڪان حب ندي تائين ۽ پوءِ حب ڪان ملير ۽ سنڌو تائين آباد ٿيا. هي قبيلا گبول ۽ مهيري اتر طرف، حب ندي ۽ ڪير ٿر جبل جي وادين ڏانهن وڌيا ۽ آباد ٿيا. گبول قبيلي وارا پوءِ گهٽو اتر طرف ڪير ٿر جبل ۾ تونگ ۽ رني ڪوٽ تائين وڌي ويا پر ٻئي قبيلي وارا مَهير جبل (گڏاپ ڪان اتر- اولهه) ۽ ان سان لاڳو پاڳي ۾ رهيا ۽ مٿن مهيري نالو پيو. مهير جبل سان لاڳو حب ندي ڪان ونئي اوپر طرف مول ندي تائين مهيري گهڻي وقت تائين آباد رهيا. خطرناڪ حادثو ٿيو جو مهيرين مهير ۽ مول کي ڇڏيو. ان واقعي بابت بيت آهي ته:

مهيرين مول ڇڏي، ملير مهراڻين.

البت سندن آثارن طور، حب ندي لڳ هيندان جو وڏو قبرستان ۽ پڻ مهير جبل ڪان اتر- اوپر جهنگ ڪنڊ ۽ واڻ- ڪنڊ ۾ ننڍيون پٿر جون قبرون نالن سان موجود آهن.

1294هه ۾ جڏهن آئنده جو وڏو عالم علي محمد ڄائو، تڏهن بجاري جي ڳوٺ ڪان اولهه ڪور واهه ۽ بٺوري طرف توڙي اولهه بدين طرف گهٽو سڄو ملڪ بيابان هو هن بيابان جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ هڪ ٻار جو جمڻ، وڏو

ٽيڻ.پڙهڻ ۽ علم جي پڳ پڌڻ هڪ معجزي کان گهٽ نہ هو. ننڍڙي علي محمد کي مڪتب حافظ محمد نونداڻي (مهيري) پڙهايو جيڪو پاڻ خليفي محمود ڪڙيي واري جي مدرسي ۾ پڙهيو هو. ثانوي سطح تي فارسي ۾ سندس استاد حافظ احمد ميمڻ هو عربي ڪيس شهر ٻني جي وڏي عالم سليمان ٻنوي ۽ سندس رفيقن پڙهائي. علامہ سليمان شورو ٻنوي وڏي علمي لياقت وارو هو. هن پوءِ ڪراچيءَ ۾ مڪتب جو بنياد وڌو جيڪو پوءِ 'گڏي وارو مدرسو' ٿيو.

اهي سڀ وڏا شفيق قابل استاد هئا. جن صحيح معنيٰ ۾ علم جي طالب علي محمد جي تربيت ڪئي، پر سندس آخري علمي سَندَ ۽ خاص طرح عربي ۾ سندس مهارت ان وقت لاڙ ۾ عربيءَ جي وڏي ڄاڻو استاد علامہ حامد الله ميمڻ جي تربيت سان ٿي، جيڪو شهداد ڪوٽي عالمن جي شاخ فيروز شاهي جي باني علامہ عطاءُ الله وٽان فارغ تحصيل ٿيو هو. هو ٻہ ڀيرا حرمين شريفين ويو. هڪ ڀيرو پنج سال ۽ ٻيو ڀيرو پندرهن سال اتي رهيو جنهن جي ڪري عربي زبان ۾ کيس وڏي دسترس حاصل ٿي پوءِ جڏهن سنڌ ۾ موٽي آتو تہ درس تدريس ۾ مشغول ٿيو ۽ ان عرصي ۾ ذهين طالب علم علي محمد مهيري جيڪو تحصيل تعلمي ۾ منتهي درجي واري سطح تي پهچي چڪو هو سو ڪانئن ٻهرو ٿيو. استاد علامہ حامد الله جي عربي ۾ مهارت ۽ ان سان گڏ شاگرد علي محمد جي پنهنجي ذهانت هئي جو کيس درسي علمن سان گڏ عربي زبان جي صحيح ڄاڻ حاصل ٿي.

علامہ علي محمد مهيري جي عربيءَ زبان جي انتهائي ڄاڻ تي حيراني ٿي ٿئي، جو اها ڄاڻ درسي سطح کان گهڻو مٿي آهي. سندس دؤر جي عالمن ۾ ان پايي جو ٻيو عالم نظر نٿو اچي. هو عربي زبان جو نہ فقط عالم هو پر وڏو اديب هو ۽ نہ فقط عربي نثر لکڻ ۾ پر عربي شعر چوڻ ۾ بي کيس مهارت [illegible] نثر ۾ سنڌس لکيل خط موجود آهن جيڪي معياري ادبي عبارت ۽ عربي لغت جي ڄاڻ تي شاهد آهن. اُنين ۽ انٿ تي سندس وڏو شعر سلامت رهيو آهي. جيڪو اسلوب ۽ محُاڪات جي لحاظ سان. قبل ازا اسلام وارن شاعرن جي شعرن سان ملي ٿو جن کي عربي جي وڏي اديب ۽ شاعر ابو تمام پنهنجي مشهور ڪتاب حَماسہ ۾ مرتب ڪيو آهي. اهو هڪ وڏو قصيدو آهي جنهن کي صحيح طور پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي پهريان شعر نموني طور هيٺ ڏجن ٿا.

طوالُ العُنقِ تَحسُبها سِطاعا ۔۔۔ وَاذ سِيقَت تُخيَلها اِشراعا
مُبارکُ هُن آجام الاراكِ ۔۔۔ وتَعلموا القَيظ اکمات فراعا
اِذا غِيثت فَدَرت کالسحابِ ۔۔۔ يَصُبُ المحتَلِبُ کاساتِباعا

لاڙان دؤر ۾ ٻه وڏا عالم ۽ شاعر پيدا ڪيا: وڏو علي محمد مهيري ۽ ننڍو احمد ملاح. مولانا علي محمد شروعات ڪئي جو قصيده بُرده جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيائين. مولانا احمد ملاح ڪلام پاڪ جو بيتن ۾ ترجمو ڪيو. مولانا علي محمد اصلاحي تحريرون لکيون ۽ غلط راهه تي هلندڙن کي شعرن ۾ ٽوڪيو. مولانا احمد ملاح بدعت خلاف جهاد واري شاعري ڪئي. ٻنهي صاحبن عشقيه شاعري به ڪئي مون کي حيراني ٿي جڏهن مون مولانا احمد ملاح جا غزل ڏٺا (مون کي سنڌس غزلن جو ديوان دستياب ٿيو جيڪو پوءِ مون مولانا عبدالله جوٽيجي کي اشاعت لاءِ ڏنو). ايتري ئي حيراني ٿي جڏهن مون کي مولانا مهيري جا ڪي شعر دستياب ٿيا. سنه 1955ع ڌاري جڏهن مولانا علي محمد جي عظمت جي مون کي خبر پئي تڏهن پاڻ ڪي سال اڳ فوت ٿي چڪو هو. لاڏين ۾ سنڌس دوست حاجي جمعي جت سان منهنجي ڪچهري ٿي جنهن مولانا جون ڳالهيون ٻڌايون. چيائين ته پاڻ وڏو شاعر هو ۽ هڪ غزل مون ڏي لکي موڪليو هئائين جنهن جا هيٺيان شعر مون کي ياد آهن:

اي صبا وڃ سيگهه مان، آ تون ڪُهارن مان ڪٺي
چشم منهنجي جي چٽائي پير پريان جي پٽي

1ـ سو لکيا مون سوز سان خط خاص ڪاغذ پر ڪڏهن
يادگيري لاءِ يارن کي نه ورندي ڪا وٽي

2ـ چو نٿو پئي حال منهنجي تي حبيبن کي خيال
بخت منهنجي تي ۾ برابر آهه ڪا آڏي آٽي

3ـ ماڻ ڪري محمد علي تي رمز انهيءَ کان نه رنج
عرس جئين اميد رک تان مان ميڙ ڀنئي ڏٽي.

عرس مان سنڌس مراد شايد عرس ميمڻ هو جيڪو به ان وقت گور شاعر هو. ٻيو هيٺيون شعر ڪجهه وقت اڳ ۾ مولوي محمد رمضان مهيري کان مليو.

پرهه جو پيدا پرين ٿيا اڄ سجڻ سينگار سان
درد واري دل سنديم خوش ٿي کِلي کينڪار سان

1ـ حُزن هَم هنئيڙي سندا گوهر سندي گفتار سان
لحظي اندر وٺڙا لهي دلبر سندي ديدار سان
2ـ تارا ڪتيون شرمائيا تنهن شهنشه انوار سان
جهِيٽا جهڪا ٿيا سج قمر جوهر سندي جهلڪار سان
3ـ لعلڻ سندا لڳ لچڪٽا لامون ليارن جون لڏن
سي سنها ۽ سونهٽا، چُٽين چتون چينگار سان
4ـ چست ۽ چالاڪ چلندي، ٻيل ڏيچاري حبيب
موري جي مانند زبور زيب زينتدار مان
5ـ جنهن پَر چمن چيتِي اندر بلبل ڪري باتيون بهار
تنهن پراسين اچ اوچتا گڏ ٿيا اچي گلنار سان
6ـ ٻهڪندِي ٻُوهَل ڏني محبوب جي مينڊن مٿي
موتي نه مت ماڻڪ چوان جانيءَ سندي جنسار سان
7ـ ڪئي مون پڇا پرين وٽان چئو جو سبب هن ساٿ جو:
سانجهر سويرا صبح جو ڪهڙي لڳا ڪم ڪار سان
8ـ مرڪي چيو مهندان مٺي جاني ڏنو جوڙي جواب:
لار وچڙا ٿي لَيَم مينهون مُڪم ميهار سان
10ـ لب لبن کي سامهون ٿي حرف ڳالهيا حبيب
درد دل جا مون چيا ان پر اکين جي ٿار سان
11ـ آڳا علي محمد سندو ميڙو مُحبن سان مدام
احسان سين ڪر تون عطا ارواح جي آڌر سان.

مولانا علي محمد وڏو مفڪر ۽ مفسر هو. قرآن شريف جي سورة (والتين والزيتون) جو سندس لکيل منظوم شرح هڪ شاهڪار آهي ۽ گرهوڙي صاحب جي ڪلام ۽ فڪر، حوين سڪون تو لاهي. ان جي پهرين سٽ وڏي مَعنيٰ وارِي آهي ته:

"اقبال ڪارڻ آدم جي قادر قسم کنيا."

# ويا سي وينجهار

**•جمعو**

محبت جي ميدان ۾ لائون لک هڻن
ڪم پئي گل پوي، ڪا اٿن سوپ سندن
سرديون گرميون گذري وينديون ڳالهيون پيون ڳڻجن
تڏي آئي تنگ نہ تجي توڙي هجي وير ورهين
سؤ ريئي تي سينڌ نہ متجي، ٿا چڱا ائين چون
هڪ سهڻيون، پيون سڦريون وهايو وڻجن
پايو پيٽ وَرَن ۾ اهي هئين ۾ هٽجن
جمعا جوڳئيڙن جا مون ڪي پلٽيو پور پون
مولا تن مردن، گسئون تون نہ ڪائين

•بنگو: بنگو فقير گوپانگ لواري وارن بزرگن جو مريد ۽ وڏو سالڪ هو. ڪنڌياري تعلقي جي گوپانگن مان هو.

بي بُجِڪي بنگو چئي، حياهَٽ پرجهہ
نڪي جهِيڙ جهنگاوَ سان، نڪي ڪي ڪُلجهہُ
نہ ٻئن نيو پاڙ سان، نہ تون نيندين ڪَجهہ
ڀُتي ٿئي نہ ڏرتي، ٻُڊو ٿئي نہ سج
اول ڏئي انڌن ڪي، ٿو پوءِ اياري سج
هتان هاري ٻج، لڪين لوڪ لڏي وئا.

**•نورو**

ڪيئي همير هلي رهيا، هت ريل متئون راٽا
تن جون رهيون پنڌ پالڪيون هنباريون هاٽا
ڪي رکيا ئي رهجي ويا، نورُو چئي ناٽا
جي ساهہ ڪي سيباٽا، سي هڪ ٽَپيءَ وِيا هيڪلا.

---

صحيح سڄاتم سچ کي، مون ڪين سڄاتو پاڻ
وبندو گز گوگهٽ ڪريو پئي هوندي ڪماڻ
ڪيئي ڇڪيندڙ ڇڏي وئا، هئڙا سُرت سڄاڻ
ڏيندين مٽيءَ جو مهماڻ، تُنهنجي خوبي وبندي خاڪ ۾.

※ ڪبير شاھ: لس ٻيلي جو مشهور شاعر:

پورهيو پريو نہ ٿئي، پريو ٿئي نہ جواڻ
حرص هيڪاهين نہ ٿئي، جي پتوڙين پاڻ
ٻانڌي ٻڌي نٿو ٻيهي مَيو اِهو مهراڻ
سنگت ساڏوءَ ساڻ، ڪج ڪيرت ڪبير شاھ چئي.

**بابُو مَتُوئو:** ڪڇ جو شاعر هو. ويهين صدي جي پوئين اڌ ۾ ٿي گذريو. وينل 'لئي واري تڙ جو' (ڪاهوڙي کان ڏکڻ) تعلقو ڪاهوڙو. پهرين بيت ۾ ٽُڪ جي لحاظ سان تيرهون سن، پر مراد چوڏهون سن (تيرنهن سئو هڪ کان نوانوي تائين).

ٻَڌي جُٺ جهان سان، تيرهين سَنہ ڪيو تاءُ
پٽ نہ اوڏو پيءُ کي، ڏيءَ نہ اوڏي ماءُ
ڪلفت پيئي ڪُڙم ۾، وِئو سُرهو ساءُ
اهڙو ويري واءُ، لڳو ساري لوڪ کي.

※ **جيئند درس**

وسهج وسريم ڪينڪي تون هڪڙو دم حبيب
ڏسان ڪونہ ڏسين ۾، تنهنجو قرب قريب
ڪسي دل درس چئي ڪيئي غضب ساڻ غريب
آء الله لڳ عجيب، متان سانگ سِڏارئين سپرين!

※ **محمد ڪاناٽي مگريو**

وينل ڳوٺ ڪانو مگريو، پوجڙري ۾، تعلقو ڇاڇرو 1950ع کان اڳ وارن سالن ۾ ٿي گذريو.

وطن ونا، ولهار ونا، ونا ڏيهہ ٻہ ڏاڏاٽا
مندرن موتي آئيون، ڪيا مينهنِ ماندباٽا

من ورن مگريو چئي منهنجا ساجن سياڻا
سي رَهنئي اچي راڻا، جن ڏني ڏک ڏور ٿئي.

※ **اشرف** : اشرف پٽ دؤر ي جو احمداڻي ڪلمتي، تعلقو ميرپور ساڪرو سنہ 1900ع ڌاري گذاري ويو.

- عشق اوکي انگڙين، نينهن نهوڙي هڏ
سُتي سپرين کي منهنجو ساهہ ڪري پيو سڏ
هيءُ ڪرنگهل هيڪلو منهنجو هنئيون حبيبن گڏ
ايڏو ئي اَبڏ، آهي عشق جو اشرف چئي.

- عشق اوکي انگڙين، عشق اوکي ذات
رهي عشق اکين ۾، بي اندر ۾ اوطاق
عشق اهڙي ذات عجب آ اشرف چئي!

- عشق اوکي انگڙين، اچي شينهن جهو
جنهن کي وجهي وات وسئون سو ويو
ڪو توکي پرو پيو، عشق جو اشرف چئي!

※ **پيو شاعر**

محبت ميک مجاز جي، جَڙ لڳي جنهن کي
مايَتَ ٻئي جي من جِي، ترت پوي تنهن کي
بيو جت جاڻي ڪينڪي، جي پاڻ پلي پرکي
نيهن نائي نر کي، ڪو حيف نہ ان جي حال کي.

※ **حاجي خان ڪلمتي**

حاجي خان ڪلمتي بلوچ، وينل ميرپور ساڪرو 19هين صدي جي پوئين اڌ ۾ حال حيات هو.

ڪوڙن ساڻ ٿيوم، ناحق ناتو نيهہ جو
هينئڙو حاجي خان چئي، وسان پاڻ ويوم
تنُ پنهنجو تِن لاءِ تي وٽيين ورهايوم
قدر ڪونہ ڪيوم، طعني ماريس تن جي.

❊ **عبدالرحمان چانڊيو**

آخوند عبدالرحمان بن طاهر، پارواٽي معرفاٽي چانڊيو ڳوٺ سون واهه (باغ جاگير نواب غيبي خان) جو 19هين صدي ۾ ٿي گذريو. وقت جو وڏو شاعر ۽ اديب هو.

ڇَتن منجهه ڇِتيون، لڳيون مونکي محبوبن جون
عاشق عبدالرحمان کي، ويا ڪري پُور ٻِتيون
رهيون ڪين رتيون، جيڏيون منهنجي جان جون.

❊ **عبدالنبي چانڊيو**

عبدالنبي چانڊيو سُماراٽي چانڊيو ويٺل دنگ جاگير نواب غيبي خان، تعلقو قمبر 19 هين صدي ۾ ٿي گذريو.

عبدالنبي چئي عجيبن جا دکن ٿا دونهان
وِرهه وڪوڙي آهيان، سورَ ٿئا سونهان
لوڪ سَجي لوُهان، جانب ڏيئي ويو جان ۾.

❊ **طاهر چانڊيو**

طاهر فقير آجباٽي، ويٺل ڳوٺ نهال خان چانڊيو جاگير، سنه 1900ع ڌاري ٿي گذريو.

- بي عقل ٻهي اچي، ته ٻڌي ٿيءُ ٻوڙو
ويڙهي رک وجود ۾ کَهند سندو کوڙو
ناحق نادانن سان آهي سخت پورڻ سوڙهو
ٿيندو ڏک ڏوڙو تن اندر طاهر چئي.

- بي عقل ٻهي اچي ته ٻڌي ڏئيس ٻُڙي
حرف ڳالهائيندين هيڪڙو ته ڪندو خام کُڙي
اها جنگ جُڙي، ٻنهين جي بروچ چئي.

❊ **هدايت علي رڏ**

هدايت علي فقير رِڏ، ويٺل سونهارو، تعلقو سوراهه ضلعو خيرپور، وڏي سلوڪ وارو سگهڙ هو. 1960ع کان وني راقم جي ڪچهرين ۾ گڏ هو. سندس واسطي، اسلام آباد مان ثقافت کاتي طرفان وظيفو مقرر ڪرايم.

سينگار شاعريءَ ۾ سهڻا ٻول چيائين. ٿورو وقت اڳ گذاري ويو.

عامر چون ٿا عقل وارا، تون ٻرنديءَ ڪي ٻار
سوري پنهنجي سياڻپ سان تون اگهڻ ڪي اجار
متان پوئي پيشاني تي ڪا ٿوڪن سان ٿلهيار
هي مُزرو اٿئي محنت جو، وسئون ڪين وِسار
همٿ عليءَ جو هٿيار ڪڻ هٿان هٿ هدايت علي چئي.

※ **جيئندو:** اتر سنڌ جو هو.

سِيڻاهيا سَنگي وٺا، سهٽي ڪانءِ سَنگي
هَيس محبت من ۾، ڏاڍي طلب تنگي
وجهي پينڊ پريت جا، واڍرن ساڻ ونگي
لهريون سيءِ لنگهي، جانب لاءِ جيئندو چوي.

---

سا هيٺ ڏجي ٿي. نظر علي خان چيو تہ:

- هي ڏُرو ڇهن مهينن جو چوزو آهي. تتر وانگي اڇا اڇا ٽڪرا يا ناسي رنگ ڏانهن اشارو ڪري چيائين تہ هي ٻيو نمبر پلو آهي. ٻهريون نمبر اهو جنهن جي پُٺي سَڄي ميرانجهي ناسي رنگ تي هجي. چيائين تہ اهڙو ٻهريون نمبر 'ڏرو' هن وقت جُوءِ ۾ گهمي پيو جو مون ويهن سالن کان پوءِ ڏٺو آهي. (اسين پوءِ جڏهن گڏجي شڪار تي وياسون تہ وڏي سکر بئراج واهہ لڳ اهو مون ڏٺو ۽ نظر علي خان کي ڏيکاريو جنهن چيو تہ اهوئي آهي. نبي بخش)
- چيائين تہ هي ڏرو جيڪو هينئر جهليو اٿئون تنهن کي ٻن ٽن هفتن اندر سيکاري شڪار جهڙو ڪندس. چيائين تہ منهنجو پيءُ ڏاڏو هن فن جا ماهر هئا. منهنجا هن وقت بہ شاگرد آهن. (نظر علي خان جي عمر ان وقت سٺ کن سال هئي.)
- چيائين تہ آئون بازن جو علاج پاڻ ڪريان ۽ پڻ جي ڪنپ پجي پوي تہ ٻيو ڪنپ جوڙيان، اهو هن طرح جو سُئي سِرس ۾ ٻوڙي ٻنهي ڪنين جي پوري ڏانڊي ۾ جهل ڪبي.

ان کان پوءِ وارن پنجن سالن ۾ مون محترم شهاب غوث جي صحبت ۾ هڪ وڏي تجربيڪار بازدار حاجي عيسيٰ خان مري (زميندار، عمر 85 سال لڳ ڦلهڏيون تعلقو ميرپور خاص) سان بازداريءَ بابت چار پنج سال رهاڻيون ڪيون. سندس سڄي عمر بازن جي شوق ۾ گذري، ان وقت وٽس بہ باز هئا جيڪي مون ڏٺا. بعد ۾ هڪ باز کي ڪُريز ۾ وهاريو هئائين. 'باز ڪولڻ' ۾ سندس چاڙ ۽ تدبير بهترين طور طريقي واري هئي. اهي ڳالهيون جيڪي ٻين کان نہ ٿيون، سي عيسيٰ خان سمجهايون. مثلاً هڪ نئون جهليل ٿوپي چڙهيل باز طعامو نہ پيو کائي. عيسيٰ خان چيو تہ: 'گوڏي ٻڌوس' يعني هڪ تنگ گوڏي کان آهستي ورائي ٻڌو، باز ڇهنب سان اها ڇوڙڻ جي ڪوشش ڪندو اتي طعامو ٻڌو تہ پاڻهي کائيندو. ساٽس 4 مارچ 1968ع تي سندس ڳوٺ ۾ بازن بابت تفصيلي ڪچهري ٿي. چيائين تہ لاڙ ۾ ڪرم علي خان مگسي ويٺل نِمرو، تعلقو ٽنڊوالهيار باز ڦاسائيندو هو. ان کي ڏسي مون کي بہ 20_25 سالن جي عمر ۾ 1900ع ڌاري بازن جو شوق ٿيو. ٻيا هيٺيان شوقين مون ڏٺا: وڏيرو سائينداد شورو، سعيد احمد شاهہ ۽ نهال خان لاشاري (ڳوٺ ڪاٺت، تعلقو عمرڪوٽ، سمورن مان مخدوم امين محمد جا بازدار مشهور

هئا. محترم شهاب غوث چيو ته ويهين صدي جي پهرئين اڌ ۾ عيسيٰ خان مري ۽ ٻيا هيئيان وڏا شوقين بازدار هئا: ٽنڊي محمد خان جو مير معتمد خان، بڪيرن (تعلقو ٽنڊوالهيار) جو پير صديق محمد شاهه جنهن وٽ لڪانو نالي وڏو خفتي بازدار هو. پٿوري جو رسول بخش پنيرو ۽ عبدالحليم هالپوٽو" (جيڪو بندوق جو به وڏو توبچي هو).

1965_1975ع وارن سالن ۾ انهن ڪچهرين کان پوءِ، 1976– 1979ع ورا سال منهنجا اسلام آباد ۾ گذريا ۽ بازن بابت وڌيڪ پڄاڄو موقعو 1990ع ۾ مليو جڏهن واپس سنڌ آيس. خيرپور جي ميرن صاحبن ۽ راڻيپور جي پير صالح شاهه جي بازن جي شوق بابت هينئين تن ڄاڻو بازدارن کان وڌيڪ معلومات حاصل ٿي.

- مير لطف حسين بن مير نواز علي، عمر 75 سال (1990ع) اصل وينل داڙا واهڻ لڳ خيرپور.
- فضل محمد نوتڪاڻي، ڪوٽڏيجي، (عمر 58سال) وڏو سمجهدار جنهن جهڙو هاڻي ٻيو ڪو سنڌ ۾ ڪونهي.
- ڏتل خان عرف شڪر خان لاشاري (عمر78سال)، راڻيپور

مير روشن، (حسين آباد، لڳ خيرپور) ۽ هڪ اڳئي وڏي بازدار الله داد جي پٽ غلام نبي سان به رهاڻ ٿي.

مير لطف حسين خيرپور ۾ 8 جنوري 1990ع تي پهرين ڪچهري ٿي ۽ وري ٻيهر 1_ مئي 1990ع تي رهاڻ ٿي. چيائين ته سنڌ ۾ ميرن صاحبن جي دور ۾ بازداري جو شوق عروج کي پهتو. پنهنجا خاص ماڻهو مقرر ڪيائون ۽ انهن کي نوازيائون جو هو وڏا خفتي بازدار ٿيا. انهن کي بازن جي ايڏي وڏي خبر هئي جو شايد دنيا جي ٻئي ڪنهن ملڪ جي بازدارن کي اهڙي ڄاڻ نه هجي. ان دؤر ۾ بازن جو شوق سنڌ ۾ جتي ڪٿي وڌيو. هيئيان ان وقت جا مشهور بازدار هئا:

- جمعدار چتل جمالي. مير فيض محمد جي وقت ۾ هو.
- جمعدار شاهه علي ۽ ان جو وڏي پاءُ داروغو جمعو جيڪي خيرپور ۾ مير الهداد جا بازدار هئا.
- ڪرم چانڊيو ۽ سندس پٽ فيض علي، مير غلام حسين خان بن مير الهداد خان جا بازدار هئا.
- جمعدار حمزو (جمعدار چتل جو پٽ) ٻئي دؤر ۾ ٿيو.

مير لطف حسين چيو تہ جمعدار چتل جمالي ماهر هو. اهڙو ٻيو ڪونہ ٿيو. جن مير صاحبن کي بازن جو شوق هو تن کي بازداري جي بہ ڄاڻ هئي. راهوجن ۾ منهنجي مامي عبدعلي وٽ بازنامو ڪتاب هو.

8ـ جنوري 1990ع تي وڏي ڄاڻو بازدار فضل محمد نوتڪاڻي سان ڪوٽ ڏجي ۾ ڪچهري ٿي. خيرپور رياست جي بازدارن بابت چيائين تہ :

- پيارو چانديو سيني ڪان اڳ جو وڏو خفتي بازدار هو.
- جمعدار حسين بخش پٽ بچل خان، مير علي نواز ڪان اڳ هو.
- حوالدار فتح علي پٽ حسين بخش مير علي نواز صاحب وٽ هو.
- مسلمات راستي ڏيءَ فتح علي بہ ايتري ڄاڻ واري هئا. جو فتح علي نہ هوندو هو تہ باز سنڀالي ويندي هئي.
- ڪوڙو شيدي خاصخيلي ۽ ڄاڙو شيدي خاصخيلي ٻئي فتح علي جا شاگرد هئا.
- سرائي قلندر بخش لاشاري ۽ در محمد جماڻي ان وٽ جا ٻيا بازدار هئا.
- چتو خاصخيلي ۽ امام بخش شيدي ۽ محمد خان مير جت پهريائين مير علي نواز صاحب وٽ هئا ۽ پوءِ مير علي ڏني خان وٽ آيا.
- الهداد سؤٽ هو فتح علي جو. وٽس مينگلور (ڪانيا واڙ) جي نوابن ۽ قيصر خان مگسيءَ جا سرٽيفڪيٽ هئا.
- ڦوٽو خاصخيلي، علي بخش خاصخيلي ۽ محمد شاهہ بازدار هئا.
- الله ورايو ۽ خير محمد خاصخيلي ٻئي فضل محمد جا شاگرد.

ڏتل خان عرف شڪر خان لاشاري سان 11 سيپٽمبر 1990ع تي راڻيپور ۾ محترم ضياءُالدين شاهہ وٽ ڪچهري ٿي. هو پير صالح شاهہ وٽ رهيو. چيائين تہ خيرپور رياست ۾ ساڳئي وقت رياست جي والي مير علي نواز صاحب ۽ پير صالح شاهہ کي بازن جو وڏو شوق هو. چيائين تہ اسان ڪان ٻہ هينئيان پهرئين دؤر جا بازدار هئا. يعني 1920ع ڪان اڳ جا:

- اميد علي ڏاريجو عرف شيدي، ميرن جو ماڻهو هو ۽ پوءِ پير صلح شاهہ وٽ آيو.
- پيروز خان جمالي، قادر بخش ميربحر ۽ سمو خاصخيلي ٽيئي پير صالح شاهہ وٽ هئا.
- آئون ۽ ٻيا هينئيان ٻئي دؤر ۾ پير صالح شاهہ وٽ رهياسون.
- محمد بچل شيدي، بخش علي ميربحر، محمد چتل خاصخيلي (پوءِ مير

علي نواز صاحب وٽ آيو) حسين بخش شيدي ۽ رمضان ميربحر .(ڏتل خان جو بيان پورو ٿيو).

بازن ۽ بازداري جي چاڻ رکندڙن سان رهاڻيون ڪنديءَ جيڪي ٻون سکيو سمجهيو سو هيٺ قلمبند ڪجي ٿو تہ جئين پڙهندڙ کي سنڌ ۾ بازن جي شوق ۽ بازداري ۾ مهارت جي سڌ پوي.

**° بازن جا قسم**

’باز‘ نالو هڪ خاص جنس جو آهي، پر سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي اهو نالو ٻين لاءِ بہ ’اسم جنس‘ طور استعمال ٿيو. ٻيو تہ’باز‘ نالو مادي جو آهي جنهن جو نر ذور (جُرة) آهي، پر سنڌ ۾ ’باز‘ کي نرجي مفهوم ۾ مذکر ڪري ڳالهايو ويو. سنڌ ۾ جيڪي باز جهلجن ۽ شڪار لاءِ ناهجن (هيرائجن) ٿا تن جا نر ۽ مادي نالا هيٺ ڏجن ٿا.

**گلاب چشم**

| مادي | نر |
|---|---|
| باز | ذُرو |
| باشو | بِشينِ |
| شِقرو | چَپڪ |

**سياهہ چشم**

| | |
|---|---|
| چَرَغ | چَرغيلو |
| لَغڙ | جَهگڙ |
| بَحِري | بَحري بچو |
| شاهين | شهنچو، ڪوهيلو |
| تُرمُچي، چُرمچي | چَنَوُئو |

[illegible] گلاب چشم يعني ڳاڙهين اکين وارا آهن ۽ پويون پنج جنسون سياهہ چشم يعني ڪارين اکين وارا آهن. عقاب سڀ کان وڏو شڪاري پکي آهي. ڳجهہ ۽ پرمار کان بہ وڏو آهي. مٽان رنگ جو خاڪي آهي. سَهَيڙ ماري ٿو پر شڪار لاءِ ڪونہ جهلجي. عيسيٰ خان چيو تہ: سِيچاڻو هڪ ننڍو پکي آهي جيڪو ڪڇ (ملڪ) ۾ ڪونج کي لڳي ٿو. مٿي چنبڙيس ٿو ۽ ڪائيس ٿو تا جو هنيون ڪائيندس تہ اچي هيٺ ڪنديءَ ۽ اڏامي ويندو. سيچاڻو جهلجي ڪونہ ٿو. ڪنهن کي هٿ نہ ٿو اچي. چيائين تہ ٻيو هڪ ننڍو پکي ريغِي، ترمچي کان هلڪو هتي (ميرپور

ضلعي ۽ ان سان لاڳو ايراضي) اچي ٿو جيڪو ليلا، چندول ۽ ٻيا ننڍڙا پکي ماري.

سڀ شڪاري پکي موسم تي سنڌ ۾ اچن ۽ ننڍڙن پکين ۽ جانورن کي مارين ۽ کائن. مٿين جنسن کان سواءِ ڪُٺامرا (تنبڙ)، بارڪ، ٿِهَڪ، ٻ دؤر ۽ لِها بہ شڪاري پکين ۾ شامل آهن. ٻوڙي (جهار) جيڪا سيپٽمبر ۾ اچي ۽ ٻاجهري ۽ جوئر کائي. ان لاءِ هاري چوندا تہ: ”لِهو آيو ٻوڙي وئي“ لِهو رنگ ۾ مٿان ڀورو ميرانجهڙو ۽ سڄاٽپ اها جو پيچ مٿان ڪارو ليڪو ۽ خفتي ٿهڪ بارڪ ۽ ٻ دؤر کي لغڙ ۽ چرغ ڦاسائڻ لاءِ جهلين.

**•سنڌ ۾ باز ڪٿان اچن**

سنڌ ۾ باز پاڪستان جي اتر وارن جبلن مان ٿا اچن. چترال ۽ سوات ۾ بہ باز جهلجن ٿا ۽ شايد اتي جا آهن يا اچا بہ ٻاهران اتران هندوڪش ۽ قراقرم جي جبلن مان ٿا اچن. اونهاري جي گرمي گذرڻ بعد سيپٽمبر ڌاري اچن ۽ سيارو سڄو هت رهن. عام طرح پڇبو تہ چوندا تہ باز ’رُئاکي‘ پکي آهن يعني رُهاڪي (روهاڪي) پکي آهن ۽ مٿان روهہ مان ٿا اچن پر ’گلاب چشم‘ جنس وارا روهہ ۽ بيابان جا ناهن پر وٽراهہ ۽ ٻيلن جا رهندڙ آهن، جتي پاڻي هوندو. ’سياهہ چشم‘ جنس وارا (لغڙ، چرغ، بحري) اڪثر ٻاهر ٿرن برن ۽ سمنڊ جي ڪناري لاڳو سُڃراهن ۾ لهن رهن. گلاب چشم مان شقرو ۽ چپڪ ۽ سياهہ چشم مان ترمچي ۽ چٽوئو سنڌ ۾ بہ رهن ۽ ٻچا ڪن.

**• باز جو رنگ**

جدا جدا جنسن جا رنگ جدا جدا آهن. ڪن جنسن جا رنگ هيٺئينءَ طرح:

- **طوغِين يا طيغُون:** عيسيٰ خان چيو تہ اهو سڀ کان پلو سفيد باز آهي تصويرن ۾ بادشاهن جي هٿن تي طوغين آهي. شهاب غوث چيو تہ: بکيرن جي پير صديق محمد شاه وٽ سفيد باز هو جنهن کي شڪار ڪونہ ڪرايائين پر رڳو ڏسڻ لاءِ ويهاري ڇڏيو هئائين.
- **هيرو:** جنهن جي ڪوڙي (سينو) توڙي پَرنِ ڪنين جو رنگ اڇو جنهن تي چٽ، ٻين جنسن جو رنگ عام طرح ميرو.
- **آهُوپَر:** اهو جنهن جي ڪنين تي هرڻ جي پيرا وارا چٽ هجن، (هن وقت،

ٻه پنج پَريون ۽ ٽيو پڇ). پنيءَ تي ٻنهي لڪن جي جوڙ وارو مرڪز 'ڪنداڪ'. ٻنهي پاسي هر پک جي چوٽيءَ وٽان پنج ڪنيپ ڏِگها جن کي 'پنج پَري' سڏجي. چوٽي وٽان مٿان کان هيٺ تي سنهڙا ڪنيپ جن کي 'لشڪر' چئجي. لشڪر کان هيٺ تي ٻيا ڪنيپ قطار ۾ سپ هڪ جيڏا ۽ هڪ جيترا جن کي 'بازنامو' چئجي. لشڪر ۽ بازنامي وارن ڪنين کي 'يارپَر' به چون. هر پک ۾ مٿان 'يارپر' هينان 'پنج پري' ڳچيءَ کان هيٺ پيٽ تائين سنهڙا ڪنيپ سي 'ريزا' ٻئي پنج پَريون، تن جو يڪو نالو ڳدرڪ. باز جي پڇ جي هر ڪنيپ کي بازدار'ڳلي' چون. باز جي پڇ ۾ عام طرح ٻارهن ڳليون (ڪنيپ) پر ڪو ڪو جنهن جي پڇ ۾ تيرهن ڪليون. اهو 'تيرهيو' چئبو. پڇ تي تي خط پنج پريءَ کان هيٺ تي. ٻئي پکيءَ دهنديندو ته چوندو ته : 'مونکي هٿ هنيو اٿس'. وڏي هٿ وارو باز سٺو. ٻئي پکيءَ جون 'ٽنگون' پر باز جا 'نال'. باز وچي تتر جهليندو ته خفتي چوندا ته: "باز جا نال وٽ ۽ تتر هٿ مان ڪسي وٽ" (يعني باز جون ٽنگون جهل ۽ تتر چنبن مان ڪسي وٽ). باز جي هر پير ۾ چار ننهن ۽ ننهن جو نالو 'وِير'، هر پير ۾ ٻه ننهن (هڪ پويون ٻيو سامهون) سي 'شهه- وير'.

- **باز جي شيشي:** پڇ جي مٿان پنيءِ تي وهه جهڙي هڪ اڇي بونبڙي هڏي (جيڪا هر پکي کي ٿئي) جنهن ۾ باز چهنب هٽندو ته تيل نڪرندو ۽ ان مان ذري ذري چهنب ٻوڙي پنهنجن ڪنين جي مالش ڪندو. ڪنين کي سوئيندو ۽ روغنائي ڪندو. بت ۽ ڏول ۾ سهٹو. شوباز هو جنهن جو مٿو ننڍو چهنب ڏِگهي ۾ ڏگهي. گوڏي چوٽي ۽ سينو ويڪري ۾ ويڪرو هجي.

- **باز جي عمر**

ڳلاب چشم باز جي وڏ ۾ وڏ عمر ڏهه سال. چوزباز جيڪو پهريائين جهلجي ٿو سو قدبت ۾ ڪو ننڍو ڪو وڏو. سبب معلوم ناهي، پر شايد ماءُ پيءُ جي صحت ۽ عمر جو اثر هجي. هتي سنڌ ۾ باز ٻچا ڪونه ٿا ڪن. ٻاهران وٺيو ايندا آهن. ڪن خفتين وڏا وس ڪيا، پر ٻچانه ٿيا. مير لطف حسين چيو ته: هت (خيرپور) وڏا حيلا ڪيائون پر باز ۽ ڏُري ٻچا نه ڪيا جيتوٽيڪ هڪ پيري لڳ ڪيائون. شهاب غوث ٻڌايو ته هڪ خاصخيلي خفتي وٽ باز آنا ڏنا پر وائي ٿيا. شقرو ۽ چپڪ ڳلاب چشم آهن پر هي سنڌ جا آهن ۽ هتي باغن ۽ بين وٽراهن ۾ ٻچا ڪن ٿا. اهڙي طرح لغڙ ۽ ترمچي به ملڪي پکي آهي ۽ هتي سنڌ ۾ ئي رهن ۽ ٻچا ڪن. ڳلاب چشم

باز جڏهن پنهنجا ٻچا ساڻ ڪري ٻاهران ايندا آهن، تڏهن ڏنو ويو آهي تہ اهي ٻيلن ۾ ماءُ جي ڪڍ ميڪندا وتندا آهن. بعضي ڪي ڪچا ٻچا جهلجي پون تہ اهي ڪولڻ ۾ ناهڻ کان پوءِ شڪار ۾ تتر کي ڪونہ وٺن ۾ پيا ميڪن. فضل محمد ٻڌايو تہ: ائين هڪ ڀيري ڪچو باز تتر کي جهلي نہ سگهيو تہ ويچارو تي مون ڏانهن ڏسي پيو ميڪي.

حاجي عيسيٰ خان چيو تہ عمر جي لحاظ سان:

- ڇُوز: نوجوان باز جڏهن سنڌ ۾ اچي ٿو تہ تقريباً عمر ۾ هڪ سال تائين.
- بوزم: جنهن ان بعد هڪ سال جي ڪريز ڪاڏي ۾ عمر ۾ ٻن سالن جو.
- خاني: ٻہ ڪُريزون ڪاڏل، عمر ۾ ٽن سالن جو.
- ٽريناڪ: جنهن خاني کان پوءِ ٻہ ڪُريزون ڪاڏيون، عمر ۾ پنجن سالن جو.

قاسدار 'چوز' توڙي 'ترييناڪ' جهلين. ترييناڪ جو رنگ بدليل هوندو. چوز جي اک اڇي. هيرو ترييناڪ جي ڳاڙهي يا پيلي. فضل محمد چيو: چوز ننڍو نوجوان ڇهن اٺن مهينن کن عمر جو. ان بعد جڏهن ڀهرين ڪريز ڪاڏائين تہ ٿيو ترييناڪ. اڃا وڌيڪ ڪريزون ڪاڏائين تہ ڪرڙپيل. هڪ باز اٺ ڪريزون ڪاڏيون ۽ اٿين کان پوءِ ٻہ تترو ورتائين.

• بازجون بيماريون

باز جا خاص مرض ٻہ: هڪ پيٽ جي خرابي ۽ ٻيو ٻَريا ڪنيپ پڇن. هر بازدار خفتي پاڻ علاج ڪندو.

- **پيٽ جي خرابي يا بد هاضمو:** فضل محمد چيو تہ باز جي چَٽي يا وَٺ جي چوٽيءَ ۾ ڪاري ڳوڙهي ۽ پوءِ اڇو ليڪو جيڪو پري اڇليندو. جيڪڏهن چوٽي ڪاري نہ هجي ۽ ليڪو پيلو هجي تہ پيٽ خراب اٿس. وڌو سبب وزن کان وڌيڪ صعامو نہ ڏيو تہ متان طعامو ڪائڻ. چاڻو بازدار چوندا هڪ جي مٿان ٻيو طعامو نہ ڏيو متان دوبخالو نہ ٿي پوي. مصريءَ ٻي تڙ چاقوءَ سان گهڙي لسي ڪري، ڇهنب کان ڏجيس ۽ پوءِ مٿان ٿورو پاڻي ڦڙو پياريو تہ جيئن تڙ هيٺ لهي وڃي. گلقند پاڻيءَ ۾ وجهي ڳاري چاڻي، پوءِ اهو ڳارو نازوءَ سان (جيڪو ڪِيف مثل) وات مان وجهبس. 'نازو' هيٺ نڙي تائين ويندو.
- **پر پڇڻ:** فقط' پنج پري' ۽ پيچ وارا پر پڇندا تہ ڳنڍي سگهبا. بازدار ٿلهي سوڙ سبڻ واري سُئي سان يا بانس جي گهڙيل سنهڙي پوري نليءَ سان پر ڳنڍيندا. اها نلي ٽنيڻ (سرس) ۾ پسائبي تہ جيئن اندران پچي بيهي. اها

پڳل پر جي ڏانديءَ جي مٿان ڀنهي پاسن تي چڙهي ٻيهندي. ڏاڳي جو ڳلي وڙ وارو وڪڙ ڏبو پر اهو ذرا عيب ٿيندو. باوجود پر ڳنڍڻ جي، باز اڏامندو ته فرق پوندو جو وچان هوا نڪتي ويندي. حاجي عيسيٰ خان پنهنجي تجربي موجب، بازن جون هيٺيون بيماريون ۽ انهن جا علاج ٻڌايا.

- **نلجي پوڻ:** يعني نالن (تنگن) جو ڪمزور ٿيڻ. باز نلبو يا نلجي پوندو ته پير جهلي نه سگهندو. ذري هڪ پير تي ذري ٻئي پير تي پيو ٽڙندو. چڙ تنگن جون رڳون چڙهي پيس يا ٻت چڙهي پيس. ان جو علاج آهي ٻه ڏينهن ڏڪ ۾ ويهارڻ.
- **طعامو سَٽڻ:** باز اول سڄو کاڌو نڙي کان هيٺ جَغول يعني ڳُج ۾ ڏيڳ ڪندو آهي. بيماري ٿيس ته طعامو جغول مان هيٺ هضم نه ڪندو پر وات مان اوڳاڇي ڇڏيندو. (علاج ياد نه رهيو ته ڪهڙو ٻڌايائين - نبي بخش)
- **ناسن مان پاڻي نه آڻڻ:** باز شڪار ڪاڻ وقت ناسن مان پاڻي آڻيندو. اهو نوڪ تي ڏسڻ ۾ ايندو جو نوڪ پڳي (پڄي) ٻيٺي هوندي. اهو پاڻي آڻڻ باز جي مغز جي صفائي آهي. پاڻي نه آندائين ته ڇئبو ته مغز جهليل اٿس. صحيح نه آهي. (علاج ياد نه رهيو ته ڪهڙو ٻڌايائين).
- **تارون ڦاٽڻ يا بندجي پوڻ:** يعني ناسن مان ايندڙ پاڻي بند ٿي وڃڻ. ريشو اندر هيٺ تي ڳري جيري تي پوندو ۽ باز مري ويندو. علاج آهي 'ملٽِي' جنهن کان طعامو زور سان پٽائبو (ڪذا) جيئن ڇهنب سان مٿي ڇڪون ڏئي ۽ ناسن مان پاڻي آڻي.
- **وائي:** باز هٿن تي ڪنب ڏاريندو (ڪنب هيٺ تي پيرن ڏانهن لاڙيندو) ۽ اڏامڻ ۾ هبو هبو اڏامندو. علاج آهي تل جو نود گرم ڪري باز ويهاري مٿان ڪارو ڏبو ۽ تل جو نود گرم ڪري رکبو. ٻه چار ڏهاڙا ائين ڏڪ ۾ ويهاربو ۽ هلڪو طعامو ڏبو.
- **ٻُوندي يا ڪارو واءُ:** باز وات ۽ ناسن مان رت آڻيندو. علاج ڪونهي، مري ويندو.

### • باز ڦاسائڻ وارا ڦاسدار يا ڦاسگير

ڦاسدار بازن جي جدا جدا جنسن کي ڦاسائڻ لاءِ جدا جدا حرفتون ۽ هيلا ڪن. 'بازداري' ۾ ڪاميابي لاءِ پهريائين ته ٻه ڏريون ضروري آهن: هڪ وڏي شوق ورا شوقين جن کي باز رکڻ ۽ باز سان شڪار ڪرڻ جو شوق هجي

۽ ان لاءِ هو گهربل خرچ ڪري سگهن ۽ ٻيا خفتي بازدار جن کي باز جهلڻ، سنيالڻ، شڪار لاءِ ناهڻ ۽ شڪار ڪرائڻ جي ڄاڻ هجي. انهن کان سواءِ هڪ ٽي ڏرب شامل آهي: يعني اهي جيڪي جهنگ مان بازن کي ڦاسائين ۽ جهلين.

بازن کي ڦاسائيندڙن ۽ جهليندڙن کي اتر ۾ خيرپور طرف 'ڦاسدار' چون ۽ لاڙ ۾ حيدرآباد ميرپور طرف ڦاسگير. اهي باز ڦاسائين. اهي باز جي طعامي لاءِ پکي ڦاسائين. سياه چشم باز تر، ٻر، تڪر ۽ ساموندي ڪناري لڳ سُيراه ۾ جهلجن. 1990ع ۾ درياه جي اولهه طرف ٻاگڙجي جي ٻيلي ۽ ڪيٽي، رڪ، مديجي ۽ پراٽي سکر لڳ شاهه ٻيلي ۾ هيٺيان ڦاسدار:

ٻاگڙجي جي ٻيلي، ٻاگڙجي جي ڪيٽي: ڦاسدا، شيخ.

- رڪ ٻيلو ڦاسدار ملاح ۽ مڱڻيجا.

- شاهه ٻيلو مديجي: ڦاسدار شيخ

معلوم ٿيو ته سکر کان لاڙڪاڻي واري پاڳي ۾ ڦاسدارن ۾ پهريون نمبر نئين ديري جو محمد خاصخيلي هو جيڪو وڏو خفتي هو. ڳڀه جي ٻولي ڪندو هو ته ڪارو تتر اچي مٿان چڙهندو هوس. ڊنڊ ۾ ڪاني کوڙي هٿ تي پکي ٻڌي، هٿ ڪاني تي رکي، باز جهليائين.

1990ع ۾ حيدرآباد ميرپور خاص طرف مشهور ڦاسگيرن مان فيضن ٺهيري، ٻائو ديري جي ٻچل ميربحر ۽ سڪرنڊ طرف سبابڪي (ذات جا) ڦاسيگرن جا نالا ٻڌڻ ۾ آيا. وڏي بازدار عيسيٰ خان مري وٽ سکيو نالي ڦاسگير هو.

**•بازن کي ٻيلن ۽ هڙهين ۾ ڦاسائڻ**

ٻيلن هڙهين ۾ باز کي وڏين اٽڪلن ۽ حيلن سان ڦاسائيندا آهن. باز وڏي ليکي ڪي ٻي تي جهنگل، ٻيلي، هُڙي ۾ رهندو پر ڏسڻ ۾ نه ايندو. ڦاسدار به ڏسي نه سگهندا، پر باز جي عادتن آثارن مان ان جي رهڻ ۽ مار ڪرڻ واري جوءِ جانچيندا. ٻين پکين جي 'اڊائي ٻولي' (باز کان ڊرپ وڏي ٻولي) مان سمجهندا ته ويجهو ڪٿي باز آهي. باز جي پَخال يا چِٽي (وِٺِ) کي ڏسي پڪ ڪندا ته هت باز آهي. خفتي پخال ۽ چِٽي جي نموني مان سڃاڻيندا ته 'چوز' آهي يا وڏو تريناڪ آهي: جي چٽو لاڳيتو ليڪ وارو هوندو ته چوز ۽ جي وچ ۾ ڪٿي وٿي ته پوءِ 'تريناڪ' چٽي ۽ پخال واري هنڌ مان ۽ باز

جي مار شڪار جي نشانين مان باز جي اچڻ وڃڻ جاگس سڃاڻندا. باز صبح جو شڪار ڪري کائي پي پاڻ کي صاف ڪري لڪي ويهندو. اڪثر ڪانءُ جو طعامو ڪندو (ڪانءُ ماري کائيندو) ۽ جتي وڏيڪ وڻراهه ۽ ڪانون جو ڪانگيرو ۽ پاڻي هوندو اتي ويهندو ۽ لِڪ ڪندو. گلاب چشم شڪار ڪندو ته زه۔ن تي ويهي کائيندو ۽ اتي ڪنب نظر ايندا. سج لهڻ وقت ڪانءُ ماريائين ته منڍي پٽي چڏي ڏيندو ۽ صبح جو کائيندو. اونده ۾ پٽ تي نه ويهندو ته متان ڪو ٻلو گدڙ مٿس حملو ڪري. 'سياه چشم' شڪار ڪندو ته مٿي وڻ تي ويهي کائيندو. گلاب چشم باز ويهڻ وارين جاين تي هيٺ اُڏامندو ائين جو وڻراهه جي لنگهڻ لوگهڻ، وِٽين خالن وچان زمين جي تر کان ٿور مٿي، نانگ وارا ور ڏيندو اُڏامندو ايندو. بازن ڦاسائڻ وارا ڦاسدار يا ڦاسگير انهن لنگهڻ لوگهڻ آڏو باز کي ڦاسائڻ جا حيلا ڪندا. مثلاً باز ۽ ڏ۔ه جي لنگهه لوگهي آڏو سنهو ڄار 'اُيو ڏيندا . باشي، شقري لاءِ وال چٽري' ناهيندا جيڪا گهوڙي جي پڇ جي وارن مان جوڙيل 'ڳارين' سان پيجري مثل هوندي، ان ۾ ليلو پوري (بلبل) "ڪو بيو پکي تنگ ۾ ڏاڳو ٻڌي ويهاريندا. ان جي دانهن تي باشو يا شقرو متان اچي ڏڪ هڻندو ته تنگون ڳارين ۾ ڦاسي پوندس. ٽين ڪوني اڏيندا. مير لطف حسين چيو ته بيلي ۾ هڙهين ۾ بازن جي اچڻ وڃڻ وارن لوگهن آڏو ڄار هڻندا جنهن کي 'دُغزو' چئجي. فضل محمد چيو ته بيلي ۾ هڙهين جي گهٽ تي هڪ دام هڻبو جنهن کي 'لانگهو' چئبو ۽ ان ۾ بيو پکي ڪونه ٻڌبو. بيو 'وال چٽري' خاص طرح باشن ۽ شقرن کي ڦاسائڻ لاءِ. 'ڪوني' جيڪا ٽن دامن جي، جنهن ۾ پکي (تتر يا هيڙهو) ٻڌبو.

- **لغڙ، چرغ، بحري کي ٽرن، برن، ٽڪرن ۾ جهلڻ**

خيرپور رياست جي ٽڪر ۾ ڪوٺا آهن، جن تي لغڙ، چرغ ۽ بحري اچن. اتي انهن کي ٻن طريقن سان جهلين بارڪ يا ٽِهڪَ (ڪوٺا مار جو قسم پر ذرا مٿي اڏامي) جهلي ان جي پيرن ۾ وارن ۽ ڪنين يا سٽ جو چورس يا گول ٺاهيل موڙو ٻڌندا جنهنج ۾ گهوڙي جي پڇ جي وارن جون ڳاريون (سرڪڻ ڦاهيون) ٻڌل هونديون. پکيءَ جون اکيون سبيل هونديون ۽ جنهن جوءِ ۾ باز هوندو ان ۾ اڏائيندا ۽ هو ڏسي ڪونه سگهندو سو پيو هيڏانهن هوڏانهن ڦيرا ڏيندو. مٿان لغڙ اچي ٻه تي ڏڪ هڻندس ته پير ڦاسي پوندس ۽ ٻئي اچي هيٺ ڪرندا. ٻيو طريقو جنهن کي 'دغزو' (دو۔ گزو) چئجي سو

ٻہ جهلين. هر جنس جي مادي کي جهلڻ پسند ڪندا ۽ جنهن جي ڇهنب کان پڇ تائين 16_17 انچ ڊيگهہ هوندي اهو رکندا ۽ ٻين کي ڇڏي ڏيندا.

**•باز جو مُلهہ**

مير لطف حسين (خيرپور) چيو تہ 1940ع ڌاري باز ۽ ذرهہ جو ملهہ ٽي چار سئو رپيا هو. هت ڦاسائيندا هئا ۽ وڪڻندا هئا. فضل محمد چيو تہ گهٽو اگ رياست (خيرپور) واري وقت ۾ باز جو ملهہ ويهہ- ٽيهہ رپيا هو. اهي باز امر تسر کان اتي جا ماڻهو آڻيندا هئا. چيائين تہ: 1980ع ۾ آءٌ پشاور مان انن سَوَن ۾ باز وٺي آيس. شهاب غوث ٻڌايو تہ 55_1950ع ڌاري سياهہ چشم بحري، چرغ وغيره جو ملهہ هڪ سئو رپيا تائين هو ۽ باز ۽ ذرو ڇئن سَوَن رپين تائين ملندا هئا. هاڻي سنڌ ۾ بازن جو شوق گهٽجي ويو آهي باقي سياهہ چشم جنسن مان ’بحري‘ جو ملهہ چڙهي ويو آهي. سنڌ ۾ بدين ۽ ٿر طرف بحريون جهلين ٿا ۽ جنهن جي ڇهنب کان پڇ تائين ايڪيهن انچن جي ڊيگهہ سان هزارن ڇا پر لکن ۾ وڪامي!

**•باز جو ڪُريز ڪائڻ**

جهنگ جو باز سياري کان پوءِ هليو ويندو. هٿ جي ڪوليل ناهيل باز کي بازدار هت ويهاري ڇڏيندا. سياري کان پوءِ اونهاري ۾ باز کي احتياط سان ويهارڻ وارو عمل ۽ عرصو ڪريز آهي باز جو ڪريز ۾ ويهڻ ۽ ڪريز ڪائڻ باز دار جو باز کي ڪوريز ڪارائڻ، انهيءَ عمل جا صطلاح آهن سنڌ ۾ فقط ’گلاب چشم‘ باز ۽ ’ذره‘ کي ڪريز ڪارائيندا، ٻين کي نہ، جيڪڏهن باز ڪريز ۾ نہ ويهي ۽ ڪريز نہ ڪيڏي تہ ان جو علاج ڪندا. ’سياهہ چشم‘ لغڙ وغيره کي هڪ سيارو وڳائڻ (شڪار ڪرائڻ) بعد ڇڏي ڏيندا. ڪريز واري عرصي ۾ باز پنهنجا اڳيان ڪنپ ڇاڻي ٻيا ڪيندو.

باز کي ڪريز ۾ ويهارڻ لاءِ پهريائين پٽرن سان لانديءَ خاص ڪوٺي مقرر ٿيندي ان ۾ باز جي ويهڻ لاءِ ’چَڪُ‘ يا ڪاٺ جو آڏو ٺهندو جنهن ۾ ٻہ پاوا ۽ وچ تي ڏگهي ڪاٺي. آڏي تي سر جا ڪانا ٻڌا تہ جيئن نَنهن نہ گسن. زمين تي هيٺيان واري وڇايل هوندي، پاسي سان پاڻي سان پريل ڪوناري رکيل هوندي، ساڳي ڪوٺي ۾ ٻن بازن کي ويهاربو تہ هر هڪ لاءِ چڪ توڙي ڪوناري جدا جدا هوندا. باز سڄو ڏينهن اندر ويٺل هوندو ۽ روزانو ساڳيو بازدار اندر ويندو ۽ خدمت ڪندو. سانجهيءَ وقت منهن انڌاري ڪيڏي اڇي

باهر ئين اڏي تي ويهاربو وري صبح جو منهن انڌاري اندر ڪٽي ويجبو.

- **باز جو پر چاڙهڻ:** هر سال باز پنهنجا سڀ وڏا پَرَ توڙي ننڍا ڪنپ چاڙهيندو ۽ نوان ڪڍندو. ڪُريز ۾ وجهڻ باز وٽ روزانو ساڳي ويس ۾ صورت وارو ماڻهو خدمت لاءِ ويندو: ٻيو ڪو ويندو تہ ڇرڪ، چرڪ يا ڏپ جي ڪري ڪُريز نہ چاڙهيندو يعني پر نہ چاڙهيندو. باز پنهنجي ٻنهي پکن مان واري تي پر چاڙهيندو يعني ٻنهي پنج- پرين مان واري تي، هڪ هڪ طرفان ٻيو ٻئي طرفان، اچليندو. اهڙي طرف سيني ۽ پُڇ جا چاڙهيندو ۽ نوان ڪڍندو. گهڻو ڪري روزانو پر چاڙهيندو پر جي ڪنهن هڪ ڏينهن نہ چاڙهيائين تہ ٻئي ڏينهن خفتي خدمتگار سڀ چاڙهيل پر سنڀاري رکندو آخر ۾ ڳڻيندا تہ ڪيترا ۽ ڪهڙا پر ڏنائين (چاڙهائين) يا ڪهڙا نہ ڏنائين ڪي پر نہ ڏنائين تہ جڙ پوري ڪريز نہ ڪاڏائين ۽ ڪنهن تڪليف (ٻُک، چرڪ، ڏپ) ڪان پَرَ جهليائين (يعني جهلي چڏيائين ۽ نہ چاڙهيائين)

- **ڪُريز ۾ طعامو:** روزانو هڪ طعامو 11_12 بجي ڏينهن جو ڪارائبو. ڪريز ۾ پهريون نمبر طعامو جهرڪيءَ جو ۽ ٻيو نمبر ڳاڙهي ڳيريءَ جو. گهڻو ڪري طعامو 'زند.' ڏبو يعني جيئرو (زندھ) پکي کهي ڪنين سوڌو اچلي ڏبو. پکي نہ ملن تہ ٻڪريءَ جي دل، ڪڪڙ جو ڪوڙو يا ڪڪڙ جي تنگ طعامو ايترو ڏجي جيئن بکيو رهي ۽ ڏٽي ڪي سجاٽي.

هر ڪو باز عام طرح تي ڪريزون ڪائيندو پر ڪي وڏيڪ ڪائيندا. شڪر خان لاشاري چيو تہ ڪي ڇهہ ڪريزون بہ ڪائيندا. فضل محمد چيو تہ: سندس باز اٺ ڪريزون ڪاڏيون ۽ انين ڪان پوءِ بہ تتر جهليائين.

•**باز ڪولڻ ۽ ناهڻ**

بازدار آهستي باز کي ماڻهو ڏسڻ تي هيرائيندا ۽ جڏهن پورو نهي ويندو تڏهن ان جون اکيون کوليندا. جڏهن اکين کولڻ وارو آخري عمل پورو ٿيو تہ چئبو باز کُلي ويو يا باز نهي ويو معنيٰ تہ ماڻهوءَ سان هري مري ويو تيار ٿي ويو.

باز کي کولڻ واري ترتيب ۽ پرورش هڪ ڏکيو عمل ۽ وڏي صبر وارو ڪم آهي، خفتي بازدار لاءِ هڪ وڏي آزمائش آهي. هر خفتي پنهنجي پنهنجي رٿ ريت سان باز کوليندو پر هيٺيان مرحلا ۽ حيلا ضرور ٿيندا.

- **اکيون سبڻ:** جهنگ مان باز جهلڻ ساڻ ان جون اکيون سبندا (بند

ڪندا). هر اک جي هينئين وٽ مان سئي سان مٿي ڏاڳو ڪڍي، ٻنهي اکين جي وٽن مان ڪڍيل ڏاڳا چوٽي تي ٻڌي ڇڏبا.

- **ٽوپي ٽپڻ:** ٻن ڏينهن کان پوءِ ڏاڳا ڪڍي اکين تي ٽوپي چاڙهي ڇڏبي. پهرئين ڏينهن ٽوپي نہ چاڙهبي ڇاڪاڻ جو ٽوپيءَ جي هڪ پٽي هينيان نڙي وٽان آهي جي پهرئين ڏينهن ٽوپي چاڙهبي تہ نڙي وٽان موڙهہ ٿيندس ۽ سر سنڀالي نہ سگهندو (ڏسو هيٺ). انهيءَ ڪري اول اکيون سبندا ۽ سِر سنڀالڻ کان پوءِ ٽوپي ٽپيندا.
- **اوجاڳا ڏيڻ:** باز کي ناهڻ جو ڏکيو عمل اهو آهي، جو باز کي هٿ تي ويهاري اوجاڳا ڏيئي ماڻهوءِ سان هيرائجي ۽ هٿ تي ناهجي ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ماڻهو ڏينهن جو ۽ ٻہ ماڻهو رات جو گهرجن جيڪي باز کي هٿ تي ويهاري جهلين، هٿ کي پيا چورين، باز کي سجاڳ رکن ۽ ننڊ ڪرڻ نہ ڏين. نَرم طبعيت واري پکي کي 15 کان 25 ڏينهن ۽ راتيون، وچولي کي 25 کان 30 ڏينهن ۽ راتيون اوجاڳو ڏين. ڪَرَڙو باز اجا گهڻو وقت وٺندو. فضل محمد چيو تہ هڪ باز ڇاونجاهہ راتيون ڪائي ويو البت ٻين جنسن وارا گهٽ ڏينهن ۾ کلي ويندا. لغڙ ويهن ڏينهن ۾ کلي ويندو. بحري پنهجويهن ڏينهن اندر کلي ويندي، ٻانشو پندرهن ڏينهن اندر کلندو، شقرو ۽ چَپڪ اٺن ڏينهن اندر کلي ويندا. باز ناهڻ ۽ کولڻ واري عرصي ۾ باز جي کاڌي پيتي ۽ صحت جو خيال رکڻو پوندو.
- **طعامو ڏيڻ:** فضل محمد چيو تہ انهيءَ مدت ۾ طعامو صبح جو منو آنو گوشت ۽ رات جو ڏيڍ پاءُ گوشت، پاڻي ٻہ پياربس، ٻُچ، ٻُچ ڪَبَس تہ ڇهنب وچي هيٺ پاڻيءَ ۾ لڳنا.س.

حاجي عيسي خان چيو تہ باز پاڻ پنهنجي صحت ۽ صفائي جي سنڀال تہ ڪري پر خيال رکڻو پوندو. سِر سنڀالڻ، شيشي پلٽڻ ۽ پَشيرو ڪرڻ سندس پنهنجي سنڀال وارا ڪم آهن.

- **سِر سنڀالڻ يا وِسوانس ڪرڻ:** گلاب چشم توڙي سياهہ چشم (بلڪ سرڻ ۽ گوهڙو وغيره) ڪنين ۽ بين هڏن داٽن جو جيڪي ٻَرڻ جهڙا نہ هوندا. تن کي هڪ ٻُوڙهي جهڙو ڪري اوڳاڇيندا، يعني وات مان ڪڍندا ۽ اوڳاري ڦٽو ڪندا. باز سر سنڀاليندو يعني رات جو طعامي جي هضم ٿيڻ بعد صبح جو ڪنين جي اوڳر وارو موڙو وات مان ٻاهر ڪڍندو. ان جو خيال رکبو جي سر نہ سنڀاليائين تہ طعامو ڪونہ ڏبو جي ڏبو تہ جوڳير تي پوندس.

- **شيشي پلٽڻ:** باز شيشي پلٽيندو يعني پُٺيءَ واري سوراخ ۾ ڇهنب ٻوڙي پرسوئيندو ۽ مالش ڪندو. ٻچ جي مٿان قدرت طرفان اها تيل جي شيشي رکيل. باز خوش هوندو تہ انهيءَ سوراخ مان ڇهنب ٻوڙي پنهنجن کنين جي پاڙ ۾ تيل ڏيندو.
- **ٻَشيرو ڪرڻ:** پکيءَ جي 'ٻسيره' يا وانهيري تي ويهڻ واري عادت کي 'ٻشيرو ڪرڻ' چيائون. باز جي اها عادت جو وانهيري وقت هڪ وڻ تان اڏامي ٻئي وڻ تي ويهندو ۽ آخر ۾ وانهيري واري وڻ تي ويهندو ۽ ڪنيڙاٽيون هڻندو. ائين سج لٿي وقت روزانو 'ٻشيرو ڪندو' يعني پنهنجن هٿن (نرين ۽ پيرن تي) ٻنهي طرفان پنج ٻَريون کولي، ڦڙڪائيندو ۽ ڦهڪائيندو.
- **دک ڪرڻ:** يعني ٽوپيءَ ۾ ٽڪ (سوراخ) ڪرڻ. شروع ۾ رات ڏينهن ٽوپي چڙهيل هوندي جيئن ٻاهر ڪجهہ بہ ڏسي نہ سگهي. ڪجهہ پوءِ رات جو ٽوپيءَ ۾ سئي جي منڍ جيترو دُک (سوراخ) ڪبو. ٻن ٻن ڏينهن بعد اهو سوراخ وڏو ڪبو. ڏهن ڏينهن بعد وڏيڪ وڏا ڪيا. پندرهن ڏينهن بعد رات ۽ ڏينهن جو ٽوپيون جدا جدا. رات واري ٽوپي لاهي ڇڏبي ۽ ڏينهن جو چڙهيل هوندي پر دک وڏا هوندا تڏهن ڪوني مان ٻاهر ڪڍي وجبس ۽ ٻوڙن کي ٻاهہ ڏيئي ٻاهہ ڏيکاربي، ڪڙٻ ۽ ڊنگرن کي ڏڪ هڻبا تہ نڪاءُ ٻڌي ۽ هري. مهيني يا چاليهن ڏينهن بعد جڏهن پورو هري ويندو ۽ نہ ٿهندو تڏهن ٽوپي لاهي ڇڏبي.

شڙقين بازدار باز کي ٻاهر ڪڍي ويندا تہ پيرن ۾ سينگار لاءِ زيلون (گهنگهرا) وجهندا، پؤٺر ڪليون پارائبندا. اجا ٽوپي چڙهيل هوندي.

- **دکن ۾ ٻانولي ڏيڻ:** ٽوپي چڙهيل هوندي پر دُک وڏا هوندا جو باز کي شڪار لاءِ ناهبو ۽ ٻانولي ڏبي، يعني شڪار ڪرڻ سيکاربو هڪ تتر جهلي ٽنگ ۾ ڏور ٻڌي ان کي ڇڏبو تہ ڦٿڪندو ۽ باز جهليندس. تلور تي ناهبو تہ اهڙي رنگ جي ڪڪڙ جهلي، ٽنگ ۾ ڏور ٻڌي ڦٿڪائجي. ٻانولي ٻُڪ ۾ ڏبي ۽ روزانو ڏبي تہ جئين سکي.
- **سَڳن ۾ ٻانوليون ڏيڻ:** باز کي توڙي تتر کي سڳا ٻڌل هوندا جو اڏاري ٻانليون ڏبيون.
- **ڇوٽ ٻانوليون ڏيڻ:** باز کي ۽ تتر ٻنهي کي ٻنا سڳن جي ڇوٽ ڇڏبو پر تتر اهڙو سولو ۽ سهنجو ڇڏبو جئين ضرور ماري.

- سڌ تي هيرائڻ: بانولي ڏيڻ وقت تتر کي تورو چڪ هڻي تہ پري ڪري گوشت ڏئي هٿ تي ويهاريس ۽ وري هيٺ لاهبس. خفتي وري گوشت ڏيکاري هٿ تي اچي ويهڻ لاءِ سڌ ڪري چتا لفظ چوندس مثلاً ”هيڏي اُتي آءُ ميان بازا هيڏي اُتي آءُ! هيڏي اُتي آءُ“ ”آءُ ميان بازا“ سڌ ۾ ساڳيا لفظ وري وري چئبا ۽ چتا ڪري چئبا تہ جئين ياد ڪري ۽ سڌ جو سنو تئي يعني سڌ تي اتي اچي هٿ تي ويهي. سڌ تي ايترو پڪو ڪبس جو وڻ تي ويٺل هجي ۽ گوشت ڏيکارجيس تہ لهي اچي، اندر جهنگ ۾ هجي تہ بہ خفتي جو سڌ سڃاڻي نڪري اچي. سيتي تي بہ هيرائي سگهجي ٿو. ڪولڻ وارو خفتي سڌ ڪندو تہ باز سڃاڻي ويندو. پر پوءِ ڪو بيو خفتي سڌ ڪندو تہ بہ ايندو. چوندا آهن تہ:“ باز آهي هٿ جو“ ضرور سڌي هٿ تي ويهارڻو آهي.
- شڪار لاءِ مِنو ڪرڻ: باز کي جهنگ ۾ شڪار لاءِ ڇڏڻ کان اڳ، باز کي پوري قبضي ۾ رکڻ لاءِ باز کي مِنو ڪرڻ. بک وجهڻ، ڪڪرا ڏيڻ ان وقت جا حيلا ۽ حڪمتيون آهن.
- بُکَ وجهڻ: شڪر خان لاشاري چيو تہ باز کي هي دوا کارائبي: ڪوڏيءَ جيتري مصري داڻ داڻ ڪبي، ايريو چٽي جيترو هڪ ئي ٽڪر، ننڍو ڦوٽو هڪ ان جي داڻ. اهي تئي شيون ڏڌر صبح جو نيرانو يڪو وزن کارائبس. کارائڻ وقت سنيال وارا گهرجن:هڪ پر ۽ ٽنگون جهليندس ۽ بيو منڊي جهلي ۽ اهو ڏڌر وات ۾ وجهبس پوءِ پاڻيءَ جا بہ ڏُڪ جئين دوا هيٺ لهي وڃي. پوءِ گلقند ڏيڍ تولي مٿان ذرو ذرو ڪري وات ۾ وجهبس پوءِ هٿ تي ويهاريس ۽ پنج ڏهہ منٽ ڏيان رکبس تہ جيئن اوڳاڇي ڏيئي بک ٻاهر نہ ڇڏي جي چِندڻ جي ڪري تہ ٻڇي جهلبس ۽ ڇڏي ڏبس تہ چِندجو خيال لهي ويندس. ان وقت چنو هڻندو پوءِ ڇڏي ڏبس.
- آبدارو ڏيڻ: صبح جو بک وجهڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ نہ کارائبس. شام جو ’آبدارو‘ ڏبس يعني گوشت پاڻي ۾ ڌوئي صاف ڪري، (پاڻي سان مهتي آبدار ڪري) اڌ آنو کن کارائبس جيئن اڌ بک ۽ اڌ ڍئو هجيس. ٻئي ڏينهن صبح جو جهرڪي جيترو گوشت چربي لاهي، تورو ڌوئي ڪري کارائبس ۽ شام جو اڌ واري بانولي ڏبس. هن طرح جو تتر کي نڪ ۾ سندس پرهڻبو تہ تتر هيٺ ڏسي نہ سگهندو. هيٺ نہ لهندو ۽ مٿي اُڏامندو. باز جون دواليون ڪيڏي هٿ تان اُڏاربو تہ هينان هينان اُڏامي

وجي مٿي اباڪي ڏيئي جهليندس.
فضل محمد باز کي قبضي ۾ آڻڻ ۽ شڪار لاءِ تيار ڪرڻ، منو ڪرڻ ۽ ڪَڪرا ڏيڻ جا هيٺيان طريقا ٻڌايا.

- منو ڪرڻ: طعامي ۾ ٻوٽڙين جا ٽِڪا ڪري ڏبا، اهو جڻ باز جو جلاب آهي، ڇَنا گهٽا لاهيندو ۽ بک ڪندو. منجهند جو پاڻي انوسڙو ڪري پيياربو ته وبتر گهٽي بک ڪندو پوءِ شام جو 4 بجي شڪار تي چڙهبو.
- ڪڪرا ڏيڻ: سنڌ ڪاتر ڪري پاڻي وجهي ڪاڙهبو ۽ پوءِ ناري رکبو. باز کي اول سنگ مصري جا گهڙيل پنج ڊگهڙا ڪڪرا ڏبا ۽ پوءِ ڇهون سينڌي لوڻ جو ڪڪرو. مصريءَ جي ڪڪري جي اڌ جيترو ڏبو ۽ پوءِ مٿان سنڌ ڪاڙهيل پاڻي جا پنج ڇهه چمچا پيياربا.
- لغڙ کي دَلبو ڏيڻ: باز کي بانولي ڏبي ۽ لغڙ کي دلبو ڏبو. خفتي ڪانوَن جي ڪنبڻ جو هٿ جيڏو موڙو ٺاهيندا ۽ پوءِ ٻاهر وڏي ميدان تي وجي لغڙ کي اڏاريندا ۽ هيٺيان پيا دلبو ڏيندا، يعني دلبي کي پيا مٿي اڇليندا ۽ دلبي کي ڏڪ هٽائيندا. دلبي ڏيڻ وقت آواز ڪندا هها....'هَها'.. جنهن تي لغڙ مٿان موٽندو. ٻه ٽي ڏڪ هٽائڻ بعد، دلبو هٽائيندا ڪو نه ۽ لغڙ اچي جهليندس.

لغر کي ٽوپي هميشه پئي هوندي رکو شڪار وقت ٽوپي لاهبي، اڏرندو ته مٿي پيو ڦرندو. هيٺان تلور اڏري ته خفتي هيٺان هي هي هي- هاهاها وارا آواز ڪندا ته جئين لغڙ خبردار ٿئي.

عيسيٰ خان چيو ته سنڌ ۾ باز جي جهلڻي ٽوڙي باز جي ڪولڻي بهتر ۽ برتر آهي. ڦاسگير باز جهليندا ته يڪدم ٽوپي نه چاڙهيندا. اڪيون سهٽائي سان سبي ڇڏيندا. هر اک تي ٽاڪو هڻي ٻئي سڳا مٿي چوٽيءَ تي ٻڌي ڇڏيندا خريد ڪندڙ اکيون کولي ڏسندو ته صحيح آهن. ان اطمينان بعد هو پاڻ ٽوپي چاڙهيندو پر پهرئين جهلڻ واري ڏينهن نه باز ايندو ته پهريون ڏينهن مهمان ڪري ويهاريندا پوءِ ٽوپي چاڙهيندا. شهاب غوث چيو ته سنڌ ۾ باز ڪولڻ ۽ ناهڻ وارو طريقو بهتر آهي جو ان ۾ محنت به وڌيڪ آهي. هٿ تي ڪٽي هلندا ۽ هٿ سڪائي هلندا ته جيئن لوڏي سان باز "ٽلجو پوي" يعني ڇڪي پو وانگر بت جهلجيو پوي. چيائين ته پنجاب ۾ ملتان طرف پيو طريقو آهي. ٿنگن جي مٿان گديون (ڪپڙي جون گوٿريون) چاڙهي ڇڏيندا ته جيئن ٿنگ پکيڙي ٽڙڪي نه ۽ جي ٽڙڪي ته به سوڙهو ٽڙڪي. بازار ۾ ويهاري ڇڏيندا ته پل ماڻهن کي ڏسي ۽ ٽڪي، پر ٽٽڪي نيٺ وجي نهندو.

### • سنڌ ۾ بازن جو شوق ۽ شان مان

بازن جو شوق ۽ بازداري لاءِ وڏو وقت ۽ وڏو خرچ گهرجي. بنا وڏي شوق ۽ عشق جي ڪو اڪيلو ماڻهو باز سنڀالي نہ سگهندو. پئسي وارو بہ بنا پوري شوق جي باز سنڀالي نہ سگهندو. چاڪاڻ جو رڳو خرچ بہ ڪم نہ ڪندو. بازن جي سنڀال ڏانهن پورو ڌيان ڏيڻو پوندو: ٿوري خرچ واري ڪي بہ جي عشق هوندو تہ پاڻ پنهنجي سر باز ڪي سنڀالي سگهندو.

بازن جو شوق ۽ شڪاري شاهاڻو آهي، پر سنڌ وارن جي شوق ۽ سنڌ جي بازدارن جي جاڻ ۽ ڪاميابي سنڌ ۾ بازداريءَ کي اوج تي رسايو. سنڌ ۾ ميرن صاحبن دل کولي هن شوق کي همٿايو جنهن ڪري زميندارن سنڌن واسطيدارن توڙي ڪن بين ٿوري آمدني وارن شوقينن بہ باز رکيا. سنڌ جي اڻ ورچ خَفتين باز جهليا ۽ وڏن هوشيار بازدارن باز کوليا ۽ ڪاميابيءَ سان شڪار لاءِ ناهيا.

سنڌ جي بازدارن وٽ باز جو وڏو شان مان آهي، فضل محمد ٻالهہ ڪندي چيو تہ: 'باز شهنشاهہ آهي' حاجي عيسيٰ خان جدا جدا جنسن بابت پنهنجي راءِ ڏني تہ:

- سيني جنسن ۾ ۽ گلاب چشم جنسن ۾ بہ باز پهريون نمبر آهي ۽ بادشاهہ آهي، باز جي ويهڻي شاهاڻي آهي، اڪيون سهڻيون ڪليل، پنج پريون ننڍيون ۽ پڇ وڏو ۽ پڇ جا ڪم ازڪم ٿي خط ظاهر. سياهہ چشم جنسن ۾ اها سهڻائي ڪانهي، باز وانگر ڪر ڪيڏي نہ ويهندا ۽ اڪيون ٻوٽيل هونديون ۽ نقط شڪار وقت کوليندا. انهن جو پڇ ننڍو ايترو جو پنج پريون ۽ پڇ ڊيگهہ ۾ اچي گڏبا.
- باشو ٻئي نمبر ۾ آهي، جڻ وزير آهي
- شقرو ٽئي نمبر ۾ آهي ۽ جڻ ڪوتار آهي.

سنڌ ۾ گلاب چشم جنس پسند ڪيائون ۽ ان تي سجو توجهہ ڏنائون. سبب اهو جو گلاب چشم باز سهڻو شاندار ۽ وڏي ڏيا وارو آهي. سنڌ وڏراهن ۽ هڙهين بيلن وارو ملڪ هو جتي گلاب چشم باز ٿي آيا. شڪار ۾ بہ باز تتر، تلور سهو جهلي، يعني همہ گير آهي. انهي ڪري ان کي 'همہ گير' ڪري چيائون، بلڪ باز کي بادشاهہ ڪري پانيائون. باز جهلجي ايندو تہ ان کي مان شان وارو شرف ڏيندا. ان جي ويهڻ لاءِ اڳ ۾ ڪٿ ايندي پهريون ڏينهن مهمان ڪري ويهاريندا. جنهن مان هڪ ضروري مقصد بہ پورو ٿئي، يعني تہ جي ڪجهہ اڳ پيٽ ۾ هجيس تہ ڪڍي.

باز جو چرغ جو لغڙ بحري وغيره جو شڪار گھوڙن تي ٿيندو. گھٽ ۾ گھٽ ڏهه پنڌرهن گھوڙا هوندا. ميرعلي نواز ٽنجاهه ڪان سئو گھوڙن سان چڙهندو هو. هڪ ته شڪار شاهاڻو انهيءَ ڪري گھوڙن تي ۽ ٻيو ته جيڪڏهن باز ڪٿي پري ويو ته پويان گھوڙي تي ماڻهو جلد پهچي ويندو. پيرين پيادو پڄي نه سگھندو.

**•باز جو اٿالو**

باز جي جهلڻ کان پوءِ سنڀالڻ، ناهڻ ۽ شڪار ڪرائڻ لاءِ وڏي تياري گھرجي. نئين باز کي ناهڻ کولڻ لاءِ به ٽيهن چاليهن ڏينهن جي مدت تائين چوڪيدار خدمتگار. به ڏينهن جو ۽ به رات جو گھرجن.

- ناهيل باز کي سياري بعد سڄو اونهارو ڪريز ۾ ويهارڻ لاءِ ٿڌي لانڍي يا ڪوٺي، ويهڻ جو اڏو ياٽيءَ جو انتظام ۽ هڪ خاص سمجهدار خدمتگار گھرجي.
- باز کي جهلڻ لاءِ ڪي خاص سنج سڳا گھرجن جئين ته:
- ٽوپي
- دستانا
- دواليون
- پؤنر ڪليون
- زيلون اگھنگھرا
- باز شڪار تي چڙهي ته خاص اٿالو گھرجي. فضل محمد چيو ته ”باز شهنشاهه پکي آهي ۽ وڏي خدمت چاڪري گھرندو“:
- هڪ پنهنجو خاص اردلي يا نوڪر.
- گھوڙو جنهن تي اردلي سان گڏ چڙهندو.
- سانڙيا جيڪي ٻوڙن کي سٽيندا ۽ تتر ڪيندا.
- جتي وڃي لهندو اتي ڪٽ جدا ملندس.

**• ڪهڙا باز ڪهڙو شڪار ڪن**

باز شڪاري پکي آهن ۽ اهي جهنگ ۾ ڪونه ڪو پکي يا جانور شڪار ڪري کائن. گلاب چشم بازَ ۽ ڏُرا جيڪِي پاٽيءَ جي پروارن هڙهين ٻيلن ۾ لهن جتي ڪانوَ گھٽا آهن، سي اڪثر ڪانءُ مارين. سياهه چشم جنس وارا لغڙ، چرغ، بحري جيڪي ٽرن برن ٽڪرن ۾ لهن سي اتي ڪوئا ۽

ٻيا جانور ۽ پکي مارين.

آڳاٽو ڪنهن سڄاڻ ماڻهو ڪنهن باز کي تتر جهليندو ڏٺو يا لغڙ کي تلور جهليندي ڏٺو ته کيس خيال آيو ته ڇو نه باز ۽ لغڙ کي جهلي انهن ذريعي تترن تلورن جو شڪار ڪريان!

باز ۽ چرغ ٻئي وڏا پکي آهن، پر شوقين اميرن ۽ بازدارن باز جي سهڻي شاهاڻي شڪل ڏسي، باز کي جهلڻ، سنيالڻ ۽ شڪار لاءِ ڪيڏائڻ وڳائڻ پسند ڪيو. سنڌ ۾ شروع کان گلاب چشم بازن جي شوق شڪار کي ترجيح ڏنائون. سنڌ جي بازدارن سياهه چشم جنس وارا باز به پئي جهليا، سنياليا پر گلاب چشم بازن تي وڌيڪ توجهه ڏنائون. گلاب چشم هينان وچي شڪار کي جهليندا. سياهه چشم مٿان لوهه ڏيئي ڏڪ هڻندا. انهيءَ ڪري، گلاب چشم کي پڙڪين وارن پکين (تتر، تلور ڪروانڪ) تي ٻڇيندا. ڪن اڳين ڳالهين موجب ڪنهن وقت ڪن بازدارن عُقاب کي به جهليو ۽ ان سان سهن، هرڻن جو شڪار ڪيو. پر باز ذري، چرغ، بحري وغيره کي تتر ۽ تلوريون جهلڻ سيکاريائون ۽ انهن مان ڪن کي سَها ۽ هرڻ جهلڻ تي به ناهيائون. انهن بابت جدا جدا بازدارن کان هيٺين معلومات حاصل ٿي.

• باز

تتر، ڪارو تتر، آڙي، تلور ۽ سهو جهلي. عيسيٰ خان چيو ته باز ڳروانڪ ماري ۽ ڪوڪو ڊيل به جهلي. خيرپور جي بازدارن ته چيو ته: ناهبو ته هرڻ جو ٻَڪُ به جهليندو. چُوز (نوجوان) باز چريو ٿي تتر جهليندو ۽ ڪُريز ڪاڏل ٽريناڪ اتڪل سامهو جهليندو جو هو تجربيڪار آهي. آزمودگار حرفتي ماڻهوءَ کي به باز جي انهيءَ نالي سان 'ترِيناڪ' چون. چوندا ته: فلاڻو وڏو ترِيناڪ آهي (چالاڪ ۽ هوشيار آهي.)

فضل محمد چيو ته هڪ جوان چوز باز تنهن هڪ ڏينهن شڪار ۾ ٻٽيهه تتر جهليا. مير لطف حسين چيو ته سندس باز هڪ ڏينهن ۾ اٺ تتر ۽ پڙ سهو جهليو.

- تلور باز کي چنو (تيڪ) هڻي ٿي. شڪار وقت باز تلور جي هينان ويو ته تلور چنو هڻندس ۽ باز وني نه سگهندس. پر ڪجهه مٿي ٿي جهليندس يعني نيزو ڪڍي هڻندس ته جهليندس.

شڪر خان لاشاري چيو ته پير صالح شاهه جي باز پرمار کي هٿ هنيو

(چنبو هنيو) ۽ هيٺو ڪيو ان باز جو نالو 'ڪنول هو. باز پري وڃي تتر کي هڪ ڪبڙي ۾ جهليو ته پرمار مٿان لُوهه ڏيئي اچي لٿو. ان تي باز تتر کي سيري ڪبڙي جي جارين ۾ تنگ مٿل خال هو ان ۾ تي وينو. پرمار اندر وڃڻ لاءِ سسي اندر وڏي ته باز اهڙو ته هٿ هنيس جو پرمار جون تنگون پيون لڏن ۽ بيهي نه پيو سگهي. پوءِ اميد علي خان وڃي پرمار کي جهليو. رنگ جو ڪارو هو. (ناڙي ۾ شهر مولوي ڪان مٿي اتر واري ٻر ۾ اسان هڪ وڏو ڪارو شڪارِي پکي ڏٺو ايڏو وڏو جو اهڙو بيو ڪو پکي ڏسڻ ۾ ڪو نه آيو هو. چيائون ته ٻَر جو پرمار آهي - نبي بخش).

• ڏُرو

ذرو گهٽو ڪِري تتر جهلي، تلور ڪو ڪو ونندو آهي. مير لطف حسين چيو ته هن ذور ناهيو جنهن سَيَهڙُ (سهو) جهليو. پهريائين جهليائين ته چڙهيون هٽي چڏائي پڳو ته وري بيهر وڃي ورتائين ۽ جهلي چڏيائين.

•شقرو

شقرو (مادي) اچو توڙي ڪارو تتر ماريندي باقي چپڪ (نر) هيڙها، ملهالا، جهرڪيون ماريندو. ڇوڪرا انهن کي رکن ۽ شوق سان شڪار ڪرائن.

فضل محمد چيو ته: مون شقرو ناهيو جنهن تتر جهليا. چيائين ته شڪار وقت شقري کي هٿ ۾ جهلبو ۽ تتر اٿيو ته شقري کي ٻه پويان زور سان اڇلي هٽبو.

• باشو

باشو (مادي) تتر جهلي، باشو تکي تي اڏامي ۽ پکي کي چُرڻ ڪو نه ڏيندي، خفتي چون ته 'باشوا گهاڙي ترار آهي'.

• بشين (نر)

هيڙهو بٽيرو جهلي. تتر چڏائي ٿو وڃيس. پر بشين باشو ٻئي گڏجي تتر جهليندا.

• شاهين

عيسيٰ خان چيو ته شاهين آڙيون ۽ بدڪون ماري، فضل محمد چيو ته: چرغ سيني ۾ تيز تکو ڏڪ هٽي ٻئي نمبر ۾ شاهين.

•چرغ

چرغ تلور جهلي ۽ تکو ڏڪ هڻي. چرغ سرڻ بہ ماري، سرڻ وننڊو تہ وڏو تماشو ٿيندو. عام تجربي مطابق چوندا تہ: چرغ ناهبو پر پورو صحيح نہ ٿيندو.

- مير لطف حسين ٻڌايو تہ چرغ هرڻ کي جهلي سگهي ٿو پر سڄو مدار ان کي ناهڻ تي آهي. خفتي هرڻ جي ٻچي جي پٺيءَ تي چاقو جو چهڪ ڏيئي چرغ کي طعامو ڪرائيندا. هڪ ڇهنب هڻندو تہ هرڻ کي اڳتي ڪندا ۽ چرغ کي ڇڏيندا ۽ طعامو ڪرائيندا. ائين تکو تکو اڳتي ڪندا ۽ هر ڀيري طعامو ڪرائيندا. ايترو نهي ويندو جو وڃي هرڻ کي وچڙندو ۽ پوبان ڪتا بہ وڃي پهچندا.
- فضل محمد چيو تہ باز چرغ وڏا پکي آهن، چرغ جو سينو تورڙو ڳاڙهي رنگ تي. هتان (خيرپور) جي وڏي ڄاڻو بازدارن حسين بخش خاصخيلي چرغ ۽ باز ناهيا جن هرڻ جهليا. پهريائين ننڍين برن ٻڪرين تي هيرايائين ۽ پوءِ هرڻ جي ٻچن تي ناهيائين. هرڻ کي واهہ ۾ ڊوڙايائين جيئن هيڏانهن هوڏانهن گوهي نہ ڏئي. ڪتا رکيائين تہ جيئن باز يا چرغ هرڻ کي وچڙي تہ ڪتا بہ وڃي رسن.

•لغڙ

لغڙ شڪار ۾ تتر، گروانڪ ۽ تلور جهلي ۽ ڪانگ ۽ چٻري کي ماري کائي. عيسيٰ خان ٻڌايو تہ انگريز آيا تہ سنڌ ۾ بازن جي شڪار کان گهڻو متاثر ٿيا. انگريز آفيسر، بازدارن کي ڪراچي ۾ گهرائي لغر جو سرڻ کي جهلڻ وارو تماشو ڏسندا هئا. شڪر خان لاشاري چيو تہ لغڙ ۽ چرغ تلوريون جهلين، پر جي ناهبا تہ هرڻ جهليندا. چيائين تہ: محمد ڇٽل خاصخيلي هرڻ لاءِ لغڙ ناهيو. هرڻ جي ٻچر جي منهن ۽ اکين تي ڪانوَ جا ۽ تلور جا کنڀ ٻڌائين تہ جيئن لغڙ ان دلبي تي اچي ۽ هرڻ نہ تکو نہ ڊوڙي ۽ پيو ٽڙي ٽاٻڙي.

شڪر خان چيو تہ: شڪار وقت خفتي لغڙ کي اڇليندا تہ گولائي ۾ اڏامندو مٿي چڙهندو ويندو. پوءِ خفتي 'ها' 'ها' واريون هڪلون ڪندا. هوڪارا ڪندا ۽ پٺ هرڻ ٻچو ڇڏيندا. پوءِ لغڙ لهندو، پهريون ڏڪ نالي ماتر هڻندو، ٻيو ٿور وڌيڪ ۽ پوءِ ٽئين يا چوٿين ڏڪ تي جهليندو. ڏڪ هرڻ جي منهن ۾ ڪنين ٻڌل جهُنڊ ۾ هڻندو.

• **بحري**

بحري تلور ۽ بدڪون جهلي. بحري (مادي) ۽ شاهين (نر) تلور جهلين. شڪار ۾ تکي ويندي. ڏڪ هڻندي ۽ جي پکي نه ڪريو ته هلي ويندي. بحري اڏامڻ ۾ تکي انهيءَ ڪري پري پري به مار ڪندي چوندا ته:

"بحري تئي تکي ته ڪري قوت قنڏار."

عيسيٰ خان چيو ته بحري نيرگ ۽ بدڪون ماري. چيائين ته: ڍنڍن جي شڪار ۾ هڪ به بحري ڍنڍ مٿان اُڏائيندا جيڪي مٿان ڦرنديون هيون. پوءِ نيرگ هيٺان اٿندا هئا ته ڏڪ هڻنديون پر جي نيرگ بحرين جي ڊپ کان اٿندا ئي نه ته شڪار ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي.

•**ترمچي**

عيسيٰ خان چيو ته شڪار ۾ ترمچي تتر ماري پر ڳيري تي عاشق آهي. ترمچي (مادي) ۽ چٽوئر (نر) ٻئي جهنگ ۾ گڏ هوندا ته تتر کي جهليندا.

حيدرآباد- ميرپور خاص طرف بازدارن، سياهه چشم بازن مان خاص طرح بحري ۽ شاهين کي ڍنڍ جي پکين آڙين ۽ بدڪن کي جهلڻ تي ناهيو جو لاڙ ۾ پاڻي، گهٽو ڍنڍون گهٽيون هيون. حاجي عيسيٰ خان سان 24 مارچ 1968ع تي، شهاب غوث جي رفاقت ۾ بازن بابت ڪچهري ٿي، جنهن ۾ چيائين ته بحري کي ناهي ڍنڍ جي مٿان اڏاربو ۽ پٺي چڪر ڏيندي ۽ پکي اٿندا ته جهليندي. عيسيٰ خان چيو ته هڪ شڪار ۾ اسان بحريون هڪ ننڍي ڍنڍ جي مٿان اڏاريون جنهن ۾ ٻارهن نيرگ هئا. ٻارهن ئي ماريائون. بحري مٿان ڦرندي ته ڍنڍ جا پکي ڊڄ مان اڏامندا ۽ سنو شڪار ٿيندو.

تعلقي بدين ۾ شيخاڻي گهاڙي لڳ ڳوٺ بهادر خان لنڊ ۾ 15 فيبروري 1991ع تي ساموئي ڪناري لڳ سُجراهن ۾ لهنڌڙ بازن بابت ڪچهري ٿي، جنهن ۾ سيني تصديق ڪئي ته اتي لغڙ چرغ ۽ بحري وغيره ڍنڍ جي هيٺين بدڪن کي جهلين ۽ ڪائين: چيڪلو ڏونئري، ٽورانڊو ڦاراهو گيٽو رُونئارو ٻڏٽو ۽ ڏوريو (جنهن جي ڇهنب چمچي جهڙي). بهادر خان چيو ته: مون پاڻ ڏوريي ۽ ٽورانڊي کي جهليندو ڏٺو. حاجي محمد لنڊ ۽ محمد رفيق مهراڻ پوٽي ٻڌايو ته: اسان ڪونج کي جهليندو ڏٺو.

بهادر خان ٻي هڪ عجب ڳالهه ٻڌائي ته هڪ ڏينهن مون واٽر ڪورس جي ڪناري لڳ 'باز' (لغڙ چرغ يا بحري) ڏٺو جنهن هڪ ٽنگ تي ٻئي ٽپڪيون ڏنيون. ويجهو وڃي ڏٺم ته ڳوراهه بلا (ٽي يا ساڍا ٽي فوٽ ڊگهي)

باز جي هڪ پَرَ کي مٿان ور وجهي هيٺ ٽنگ کي وڪڙ وڌو آهي. باز جو فقط هڪ پَرَ ڪليل جنهن ڪري اڏامي نہ پيو سگهي. ٽونگن سان بلا کي ٽڪيائين پئي، پر بلا پنهنجو منهن پَرَ جي هيٺيان لڪايو وجي. مون پَرَ کي ڇڪي مٿي ڪري لڪڙ سان بلا جو منهن زمين تي آٽي، جڏهن ان کي ڇٽيو تڏهن ان جو باز جي پَرَ کي ڏنل ويڙهو ڪليو. باز پوءِ ٽپڪيون ڏيئي اڏامي ويو. (هن ڳالهہ مان پانئجي ٿو تہ لغڙ لوهہ ڏيئي بلا کي چنبا وڌا پر بلا وڏي ڳري هئي، جنهن باز جي پر کي وڪوڙي وڌو ۽ نيٺ لغڙ کي ماري ها جي بهادر خان نہ ڇڏائي ها ـ نبي بخش)

# رسالي جي رهاڻ

شاهه جي بيتن ۾ اعليٰ فڪر ۽ عرفان واري معنيٰ سمجهڻ کان اڳ ضروري آهي ته ظاهري معنيٰ سمجهجي، يعني سنڌي ٻوليءَ جي انهن لفظن ۽ اصطلاحن کي سمجهجي، جيڪي شاهه صاحب پنهنجن بيتن ۾ آندا آهن ۽ پڻ انهن تاڻن ۽ اهڃاڻن کي سمجهجي، جن سان انهن لفظن ۽ اصطلاحن جو تعلق آهي. هيٺيان مثال انهي سلسلي جي ڪڙي آهن.

• تِتر جو سوڻ

ڪَرڙا ڏونگر، ڪَههَ گهٽي، جت رڻ تَترائو
تتر تئي مَ تِنِ کي، ڏونگر ۾ ڏائو
جڏ جام پنهون جائو تَڏتئو سَولو طالع ساٿ جو.
(سر ديسي، داستان_ 6، بيت 17)

سسئي تي دعا گهري ۽ چوي ته پنهونءَ جي ساٿ کي ويندي شال ڏائو تتر نه تئي، يعني ڏائي پاسي کان نه ٻولي. جو اٽائو سَوڻ آهي. ڳالهه صبح جي پهر جي آهي چاڪاڻ ته ساٿ به جتي هوندو اتان صبح جو سنبري روانو ٿيندو. صبح جي پهر جي تتر ساڄي پاسي کان ٻولي ڪري ته سئي سَوَڻ وارو آهي. پوئين پهر کاٻي کان ٻولي، ته سٺائو آهي. پر جي کاٻي پاسي کان ٻولي ۽ ساڳئي وقت ٻيو ساڄي کان ٻولي ته به اهو سَولو نياڳو سوڻ آهي. محمد عارف کهڙي سستي پنهونءَ جي قصي ۾، جڏهن پنهونءَ جو ساٿ سنڌ اچڻ لاءِ ڪيچ مان ٿو چڙهي، تڏهن جو بيت چيو آهي ته

ساٿ هلندي سج ۾ ڪي ٻن تترو لات
سوڙهيين ڳنديين سوڻ ٿيو ڪيائون اها وائي وات
پرين مليا پريات، ان ڪاتائو ساٿ جا.

• مالهاريءَ جو سَوَڻ

مالهاري سنڌ جو هڪ ننڍو سهڻو ۽ ٻوليڙ پکي آهي، جيڪو "مؤنث" ڪري ڳالهائجي. ڪيئي ٻوليون ڪندي ۽ ڪن ٻين پکين

وارون ٻوليون بہ ڪنديون، تر ۾ مالهاريءَ جو سوڻ گهٽو ڳڻيين، ڪنهن ڪم سان ٻاهر روانا ٿيندا ۽ پوءِ جي مالهاريءَ سڄي ڪان ڪٻي مٿي يا ڪٻي ڪان سڄي اڏاٽي تہ وسوسو ڪندا. سسئي جي زباني، شاهہ صاحب جو بيت آهي تہ:

سَڄي هَٿ ساٽِين جي مَ وانءُ مالاري
ڏائِي جا ڏيرن جي، مٿِ ساتاري
مانَ وِرِ مَن وِڄ ۾ اولاٽي آري
اَسوِنھ ويچاريءِ، ان پر مِڙيِ هَوت ڪي.

سسئي ٿي چوي تہ:

1. اي مالهاري تون ڪٻي ڪان اڏري سڄي نہ وڃ
2. پر سڄي ڪان اڏري ڏائي پاسي واري وڻ تي وڃي ويهہ.
3. (اهي آٽاوا سَوڻ ٿين) تہ مانَ واٽ تي اٿن تان بار لاهن ۽ ٻيهن
4. هيءَ ويچاري اڻ واقف من ان طرح وڃي هوتن کي پهچي. يعني تہ: جي مالاري ڪٻي ڪان سڄي طرف اڏامي تہ اهو سَوڻ سٺائو ۽ واڏائي وارو آهي ۽ جي سڄي ڪان اڏامي ڪٻي طرف وڃي تہ آٽائو آهي. هن بيت جي ٻين لفظن جو معنائون بہ غور طلب آهن. ڪاشيءِ مٿن، معنيٰ ان شيءِ تي رخ رکي وڃڻ، قصد ڪري وڃڻ. وِرمڻ معنيٰ ٿورو ترسڻ، ٿورو پاڻ جهلڻ ۽ صبر ڪرڻ، ڪڇ ۾ جت چوندَا: "ورم وِرمُ". يعني نَر نَر، صبر ڪرَ! اولاٽڻ معنيٰ سواري جي وهٽ تان سنج لاهڻ. پلاٽڻ معنيٰ سنج وجهڻ ۽ والاٽڻ معنيٰ وهٽ تا سنج لاهڻ اولاٽو وَهِٽ، يعني ڀُنيءَ نلهو. رسالي جي سُر ڪنيات ۾ بيت آهي تہ:

"پلاٽئان پئو اولاٽيو نہ اُٿيي"

يعني پلاٽن ڪان تہ ويو جو پئجي رهيو آهي پر اولاٽجي ٿو تہ بہ اٿي نٿو سگهي. ملتان جي غوٽئي فقير عليم جو بيت آهي تہ:

اولاٽي عليم چئي پير پلاٽج پوءِ
اتم وڏو آسرو شاهہ رُڪن سندوءِ
لال قريشي لوءِ، اَجهي تنهنجي آهيان.

يعني: اي منهنجا پرين، جڏهن آءُ اولاٽجي وڃا يعني هيٺو ٿي وڃان (سواريءَ جي لائق نہ رهان، ڪنهن ڪم جو نہ رهان) تہ ور مونکي آڏر ڏيئي پلاٽج (پلاٽڻ جهڙو ڪجُ، ڪم جهڙو ڪج).

اي سڄڻ ! چاڻ تہ حاجي آجهلُ هاليپوٽو قاسم اونو ۽ عليم هاليپوٽو ٽئي اڳ جا فقير هئا. جڏهن رڪن عالم رڪن الدين ملتان ۾ غوثي گاديءَ تي هو. قاسم فقير اونو ڪيٽي (مير ناري خان جي ڪيٽي) وارن فقيرن مان هو ڪوسڪيءَ جي ويجهو تعلقي ٽنڊي باگي ۾ سندس نالي سان ڳوٺ آهي. عليم هاليپوٽي جو ڳوٺ بہ بوڏاري لڳ آهي.

• لَمِي، لَمُو، لَس ۽ چَنَ

ڪڇ ۾ جتڪي سنڌ ۾ چوندا تہ ”فلاڻي شيءَ تہ لَمِي تي“ يعني پَري تي، ڏگهي فاصلي تي تي. سسئي بابت شاهہ صاحَب جو بيت آهي تہ:

لَمون ڏوري لس، سُتي سَڳرِ پٽئين.

لَمون يعني ڏگهو ڏوراهون ۽ لس معنيٰ لس بيلي وارو ملڪ، ”لس“ جي ٻي معنيٰ سڄو سر بستو ڪُلي طور تي، سنڌ ۾ چوندا: ”چَرَ جي پاڻيءَ جي لس“ لڳي پئي آهي. ڪڇ ۾ ”جتڪي سنڌي“ ۾”لس“ معنيٰ وڻن واري جُوءِ، خاص طرح اها جوءِ يا ايراضي جنهن ۾ ڪهيون هجن، ڪهي (جمع) ڪهيون، ٻبرن جهڙو وڻ جنهن جون پاڙ ڪان ٿي لامون جيڪي ٻوڙي مثلِ نسرن ۽ اُسرن، اهي لامون ٿلهيون ڏگهيون ”ڪهيون“. اهي بانس جي ٻوڙي وانگر ڏاريون ڪري مٿي نسرن، ڪهيون اڪثر نَين جي پيٽ ۾ ٿين، ڪنهن بئي شاعر چيو تہ:

وڏا وڻ وٽڪار جا، جت ڪهيون ڪانديرا.

لَس ۽ چَن ۾ فرق آهي. لس اها جنهن ۾ ڪهيون، چن اها جنهن ۾ ٻَبر. ڪڇ جي علائقي ”بَني“ ۾ هڪ لس جو نالو ”سومارلس“ يعني سومار جي لَس.

• ڏارو ۽ ڏاري

رسالي جو بيت آهي تہ:

ڏينهان ڏاريءَ ويس، راتين روئي رَت ڦُڙا
لَنڊِيءَ جي لبيس، ڪانڌ ڪمَيٽيءَ ڪتيو.

لفظ ”ڏارو“ جتن جي ٻولي ۾ رائج آهي. ٻي قصور ماڻهو چوندو تہ ”آءٌ نِڪي چور آهيان، نڪي ڏارو آهيان“ ڏارو اهو جو خاص ڪري جنس جي چوري ڪري، يعني ڳاهہ جي، ان جي، ٻاجي ۽ مڇي وغيره جي چوري ڪري، چور ڪي تہ پوءِ بہ سَڳُ هٿ ڪري سچاڻبو باقي ڏاري ڪي جِنس چورائيندي

ڏسبو تہ سچاڻبو. ڀِٽائي جو بيت آهي تہ:

چور سچاڻڻ سقرو ڏارو اکڙين
ڪُچر ڪيازيءَ پڌرو وانگرڙُ وِکڙين.

وانگرڙُ يعني پيرن جو تکو هلڻ جي تکو. ڪچر معنيٰ بي همت. ڍڄڻو جيڪو ڪم وَقت ڪيازي ڏيکاري (پٽيرو ٿي هلي). مٿئين بيت متعلق ڳالهہ مشهور تہ جيسلمير جي پاسي ڪو سيٺ ڪنهن مائي تي موهت هو پر مائي پنهنجو سيل رکيو ۽ ڪيس رخ ئي ڪونہ پئي ڏنائي غريب هئا ۽ شاهہ عبداللطيف جا مريد هئا. اتفاق سان شاهہ وٽن اچي لٿو پر ڪين اها وصيت ڪانہ هئي جو سندس مهماني ڪري سگهن تڏهن مائي لنگهي وئي ان سيٺ وٽ ۽ چيائين تہ اج آئون تنهن جي حوالي آهيان پر مون کي هيترو سيڌو سامان ڏي، تڏهن سيٺ مٿس زور رکيو تہ سچي ڳالهہ ٻڌاءِ تہ توکي اج ڪهڙو لاچار پيو جو آئين. چيائين تہ: اسان جو مرشد آيو آهي پر اسان وٽ گهر ۾ ڪٽو بہ ڪونهي! تڏهن سيٺ کيس پنهنجي ڀيڻ ڪيو ۽ ايترو ڪجهہ ڏنو هميشہ لاءِ سکيا رهيا.

# جنگناما

• **مير بهرام جو شهادت نامو**

[واقعي جي هي روايت لاڙ جي آهي، جنهن تي ساڪري طرف جي بگهياڙن (ڪلمتي بلوچن) جي شاعر بکر گدي بيت چيا. سڄو واقعو بيتن ۾ هو پر ڪي ٿورا ياد رهيا جيڪي راقم 1952ع ۾ مرحوم حاجي سِرماڻ بگهياڙ (ڪلمتي) جي زباني قلمبند ڪيا- نبي بخش]

حڪمران سرفراز ڪلهوڙي، ميربهرام ۾ ڪن ڳالهين جو شڪ آندو ۽ چيائين ته: "مير بهرام جي ڪن ڪڙهي ته!" ميربهرام چيو ته:"پوءِ نڪ جو مر ڏجيس": يعني ته جي ڪن سُئي ڳالهه ڪلي ته نڪ وڍائيندس، پٽ وڃائيندس. اتي ڪلهوڙي ميربهرام کي مارائڻ جو پهه ڪيو. مصري نالي جانوري ٻروچ اهو سُر معلوم ڪيو ۽ ميربهرام کي سجاڳ ڪيائين:

"مصري نالي جانوري چيو ايئن ٻولائي ٻروچ،
ته صباح سيج چڙهندين مور، لائون لهندي گهوٽ."

تان چئي:

اسان استادن (مرشدن) کي منو مور نه گهريو
پاڇا پٽر پاهنجو ڪنو ڪونه ڪندو
پرجي امر ائين هوندو ته رضا تي راضي آهيون.

ميان گهڻن کي ڪن ڏنا، پر ميربهرام کي مارڻ تي ڪو ڪونه سنديو. آخرڪار جعفر ڪوسي آهو (آشرو) ڏنو. منصوبي وارو ڏينهن جعفر اندر تلوار ڪڻي سنبهي ويٺو هو. ميربهرام اندر ميان وٽ ويو ته سندس تلوار ذرا ٻاهر نڪتل هئي. انهيءَ تي ميان چيس ته: "بهرام اڄ تنهنجي تلوار تي اُگري" چيائين ته: سائين دشمن ڏنا اٿس. چيائون ته: آءٌ به تنهنجو دشمن! چيائين ته: جنهن جي گهر ۾ ڪوسو سو منهنجو ڪو سڄڻ! انهي وقت ئي جعفر وار ڪيو. مير ويٺي ئي سپر ڏني ۽ پنهنجي ڏڪ سان جعفر کي ماري وڌائين.

هن منصوبي بعد ميربهرام کي پڪ ٿي ته ميان مارائيندو سو وڏي پٽ بجار کي حج تي موڪليائين ۽ ننڍي صوبيدار کي ساڻ رکيائين. ميربهرام

ڪي مِٽي ڪوسي چوائي موڪليو تہ:

بر سنيهو بهرام کي منهنجو پانڌي نيئي پهچاءِ
تہ "ميري" نانءُ منو چوري وٺان پاڻ وڃاءِ
سِپر ساھ ڏنياءِ، نہ تہ دست چڙهيو هئين ديوَ جي.

(جواب): چئي سپر سِيڙو ساھ جو توري پيچ تمام
ائين ڪوسا سپ خوار ٿيا ان اونڌي عقل ساڻ
ڏس ڪيئن ليڻ ساڻ لپيٽ ٿيو تنهنجو جُنگ ديءُ جعفر خان!

پٽ صوبيدار تڏهن ميربهرام کي صلاح ڏني تہ:

"بانڪا اُتي بهرام، پڙ پائرن جا پاءُ
هل جان هلون هالار ڏي، جان ڪٽڪون ڪچ متا
گهورون ڏيون گجرات ۾، جيئن وڻ سٿون ڏي واءِ
پوءِ موتي تنهن ماڳاءِ، اچي خبرون ڪوسن جو لهون.

ميربهرام وڏو داناءُ ۽ دلير هو. غلام شاھ جو وڏو وزير هو ۽ هن جي پٽ سرفراز کي فسادين جي هٿن ۾ نٿي ڇڏڻ چاهيائين. پانيائين تہ ميان سرفراز سياڻو ٿيندو ۽ پنهنجي طاقت نہ توڙيندو. هن واقعي کي بہ درگذر ڪري ميربهرام دستور موجب ميان سرفراز کي سمجهائيندو رهيو پر ميان سرفراز ڪين سمجهيو ۽ ليکي بدخواهن جي وَرَ چڙهي ويو هڪ ڏينهن مير بهرام ۽ سندس پٽ صوبيدار کي ميان گهرايو ۽ پنهنجن ماڻهن کي بہ سڏيائين.

عام ڪچهري اٿيا، آيا وچينءُ منجھ وريام
ميان ماڻهو موڪليو ميچ ڏيئي کي مام:
الله بخش، پيروز راجيا، آءُ تون ميربهرام
آنکي گهوٽ گهرائيو سنڌ سندي سلطان
سي چارئي چُري هليا جن کي هئا اميري ارڪان
هي (صوبدار) پڻ عهدي اٿيو لڳو ان جي لام
سي دوسي آيا در تي جت دائم هئا دربان
ات مير موتائي جهليو آڏي پائي آڻ
توکي حڪم ناھ هلڻ جو اتي جمعيت وٺ جوان
سو ڪوپي جيئن ڪر ڪٽي وڏوٽو وريام
ڪوجو ڪوڪٽ در تي، اڳيان نہ ارڪان!

ٻيا ٻاهر ٻيهي رهيا، جو اندر مير کي مارڻ جو منصوبو تيار هو سو پنهنجي پٽ صوبيدار کي اندر هلڻ کان منع ڪيائين. پر اشاري طور سڃاڻپ ڪرايائين تہ: الله بخش (ليکي) مون جهڙو وڏو آهي (منهنجو مٽ آهي). لڙڪو شيدي مير صاحب جو خاص نوڪر اندر هليو جڏهن مير شهيد ٿيو تہ ٻاهر اچي صوبيدار کي ٻڌايائين جنهن الله بخش کي ليٽائي وڌو.

لڙڪي لڙ ڪري اچي ٻانهي ٻولايو
تہ مير ڪٽي شمشير سان ليکي ليٽايو
هو ڪوٽ جهليو ڪاهي نہ تہ مير تڪيا هئا منجهيان!

صوبيدار الله بخش کي ماريو تہ ٻيا مٿس وري ويا ۽ پاڻ ٻهادريءَ سان وڙهندي شهيد ٿيو.

جهڙيون هنيون صوبيدار هيڪڙي تهڙيون جي چونڊيل هٿن چار
تہ ڏڙ ڏٻي ڏوڙهيو ڪري، رڪ در پيچي ڪن بازار
تہ راڄي ٻہ ٽي رنگ ڏٺو جا ڪيائون ڪلهوڙي سان ڪار

يعني: تہ راڄو رنگ ڏسي ها جا ڪلهوڙي سين ڪارڪن ها. غلام محمد لغاري صوبيدار سان گڏ وڙهيو ۽ شهيد ٿيو:

غلام محمد جي گڏو چوي هئي آزيءَ سين اُپڪار
سوهٽي ائين چئي تہ: "نهين ڪپيندي يار"!
تنهن کي جوان جواب ڏنو سورهيہ صوبدار:
تہ "ڪيڙي چاڪتي ڪر، ڏون هٿان سين مار"!

---

حاجي ويو حج تي بانڪو مير بجار
خبر پهتي خان کي، تہ ههڙو ٿيو آچار
مير بهرام ماريو ويو سورهيہ صوبدار
ڪري اي قرار، وريو ان ولائتان
وريو ان ولائتان ان جي قرار ڪيا
بادشاهہ سين بکر چئي اچي ٻول ٻڌا
ڍريو جڏ ڍناء، تڏ تي ڪر ٻر ڪلهوڙن ۾.

مير بجار سڏو قلات جي خان (بادشاهہ) وٽ آيو هتان ميان قلات جي خان کي لکيو تہ بجار اچي ٿو ان کي مارائجان. بجار وڃي لشڪر گهريو تہ هن لشڪر ڏيڻ کان انڪار ڪيو پر بين چيو تہ جي پنهنجي لشڪر نہ ڏين

تہ بہ جي عام ماڻهو بجار سان خوشي سان وڃن تن کي اجازت ڏي. خان اها موڪل ڏني ۽ گهڻا ماڻهو بجار پاڻ سان ڪيا. پوبان ڪلهوڙي مير فتح علي ۽ بين کي مارائڻ جي ڪئي پر ايتري ۾ مير بجار بہ اچي پهتو.

**پرڳڙين ۽ نوحاڻين جو جهڙو:**

هن نزاع جو تفصيلي بيان لوڪ ادب جي ڪتاب "جنگ ناما" ۾ "نوحاڻين جو جهان خان پرڳڙي تي حملو" جي عنوان هيٺ اچي چڪو آهي، تاريخ 12 آگسٽ 1996ع تي ڪنگوري (تعلقو ڏگهڙي) ۾ سيف الله خان نوحاڻي وٽ ڪچهري تي، جنهن ۾ دودو خان ۽ ٻيا پائر آيا ۽ هن واقعي بابت هيٺيان وڌيڪ احوال مليا.

پهريائين جهان خان پرڳڙي نوحاڻين جي ڳوٺ ڪنب تي چڙهائي ڪئي. ميرن صاحبن تائين خبر پهتي تہ هنن هڪدم ڏهہ جلالاڻي سوار اماڻيا جن ڏوهيون ڏيئي جهان خان کي موٽايو پوءِ بہ فتح باغ تي وڃي ڏُري ۽ دولت کي ماريائين.

نوحاڻين جڏهن جهان خان جي ڪوٽ تي حملو ڪيو تڏهن جهان خان سميت 14 ماڻهو مئا. نوحاڻين مان هيٺيان مئا: حيدر سحاقاڻي، سعيد خان سحاقاڻي، ملهغ محموداڻي (ڪونج جو لڳ چوهڙ جمالي) راميڻ غلاماڻي ۽ جاني هيسباڻي: بہ نوحاڻي فتح باغ تي مئا جملي ست ڄڻا انهيءَ ڪري قتل عيوض قتل جو فيصلو ٿيو ۽ مير صاحب ستن نوحاڻين کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو جن مان هي پنج قتل ٿيا: وڏيرو هيسب خان جنهن کي ريشم جا ڪپڙا پارايائون، حاجي شهڪ راميڻ جو پيءُ، راميڻ پاڻ، هوت خان ۽ جعفر خان باقي گبر خان ۽ شير خان بچي ويا جو جهان خان جي ماءُ ٻاهر اچي کين ڇڏايا.

ڪنب مان جيڪي نوحاڻين سان حملي ۾ شامل ٿيا هئا، تن مان هڪ منو سنجراڻي بہ هو جنهن جو نالو بيت ۾ اچي ٿو تہ:

منو پٽ مراد جو هو سنجراڻي ساڻن.

جاني ۽ جعفر خان کي بيت ۾ ڏنل جس تہ:

جاني جعفر خان هئا شرف وڏي سان شان.

**دستين جو ٻگهي خان کي مارڻ:**

ٻگهو خان (بکو خان) دستي تي پنهنجن دستين جو وير هو سو هو اچي شرن جي سردار احمد خان شر (اوباوڙو-ڏهرڪي) وٽ سامر ٿيو. احمد خان

وڏي ڪوٽ ۾ وڏو در وجهايو ۽ ڪرفن ڪڙن سان بند ڪرايو. ٻگهي خان کي اندر رهايو ۽ پهرو رکايو. تڏهن ٻگهي خان چيس تہ: جي دستي ڏاڍا تي، تنهنجي ماڻهن کي هٽائي، اچي ڪوٽ تي حملو ڪن تہ پوءِ دروازو کولائي ڇڏجان تہ مان انهن سان ميدان ۾ وڙهان ۽ ائين نہ ٿئي جو مونکي هتي اندر اچي مارين. احمد خان اهڙي خاطري ڏني.

دستين جڏهن حملو ڪيو تڏهن شر هتي ويا ۽ دستين اچي ٻگهي خان کي ماريو. ٻگهي خان ان وقت احمد خان کي وڏا سڏ ڪيا تہ دروازو کولاءِ، پر ڪو کولڻ وارو ئي ڪونہ هو. احمد خان تي اها ميار رهجي وئي، تڏهن پارو سگهڙ احمد خان ڏي بيت چوائي موڪليو تہ:

احمد خان ارڏي کي ڏيو پارو جا پيغام:
تہ دستي ڪري مستي تنهنجي ماري وئڙا سام
ٻگهي پئي ٻولاوا ڪيا اتي سگ اتڪايو سانهہ
هاڻ تون گانڊو پري گام، هلاءِ وجي هتي کي.

احمد خان ان جو جواب موڪليو تہ:

احمد خان ارڏي جا ڏيو پاروءَ کي پيغام
تہ دستي ڪري مستي منهنجي ماري وئڙا سام
ڪٽندس هاٿي ڪاهوڙي تي، تن جو پاٽيءَ منجهان پير
ورائي وٺندس وير، ٻگهي خان، ٻروچ جو.

پر پوءِ اها هام بہ پوري ڪانہ ڪيائين ۽ ٻگهي خان جي طرفدارن پنهنجي ٽڪي لاهڻ لاءِ اچي احمد خان کي بہ ماريو.

# ظرافت، مزاح، کل ۽ خوشي

خوشي ۽ غم، انسان جي احساسن ۽ جذبن جون ٻه مکيه ڪيفيتون آهن ۽ پنهنجي جدا جدا نوعيت سببان اهي هڪ ٻئي کي چٽو ڪن ٿيون: غم نه هجي ها ته خوشي ڪين چمڪي ها، خوشيءَ کان سواءِ غم جي خبر نه پوي ها. انهي ڪري ئي اهي ٻه ڪيفيتون هڪٻئي سان لازم ملزوم ٿيون. قرآن شريف جي اصطلاح ۾ "ڏکن سان ئي سک آهن." ڀٽائي صاحب، هن طرح ورجايو ته:

"ڏکن پٺيءَ سک، سگها ٿيندءِ سسئي."

جيئن ته خوشي، انسان جي احساسن جي هڪ يقيني ۽ حقيقي ڪيفيت آهي، انهيءَ ڪري ان کي بي معنيٰ يا بي مقصد چوڻ حقيقت جي خلاف آهي، البت فقط خوشي کي ئي جملي حقيقت سمجهڻ يا انسان جي حياتي ۾ فقط خوشي جو مصنوعي ماحول پيدا ڪري غم کان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، پڻ هڪ غير حقيقي عمل آهي. اهڙي ڪوشش بالاخر غم تي ختم ٿيندي ڇاڪاڻ ته هرجيو کي موت جو ذائقو چکڻو آهي، انهيءَ ڪري انساني زندگي جي حقيقت کي سڃاڻيندي، غم ۽ خوشي ٻنهي سان گڏ جيئڻو آهي ۽ ٻنهي سان نباهڻو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻئي انسان وجود جون لازم ملزوم ڪيفيتون آهن.

جيئن ته خوشي غم سان گڏوگڏ آهي، انهيءَ ڪري "خوشي" جي نعمت انساني زندگي جو سهارو آهي، خوشي غم کي هلڪو ڪري ٿي، خوشي غم جو ترياق آهي، خوشي غم جو اُتار آهي.

خوشيءَ جون جدا جدا حالتون ۽ ڪيفيتون آهن، راحت، فرحت سرور وغيره اهڙين ڪيفيتن جا جدا جدا نالا آهن. اکين ۾ چمڪ، منهن تي رونق ۽ چپن تي مرڪ خوشي جي اظهار جون سانتيڪيون صورتون آهن ۽ کل ٽهڪ ان جي اظهار جون آوازي صورتون آهن، مگر اهي سڀ ظاهري خوشيءَ جون ظاهري صورتون آهن، اندر واري خوشيءَ کي، انسان جي روح جي

خوشي يا دل جي خوشي، جي لحاظ سان ”روحاني خوشي“ يا ”دلي خوشي“ سان تعبير ڪريون ٿا. اهڙيءَ اندروني خوشيءَ جو بہ جسم جي رڳن ۽ پٺن، انگن ۽ عضون تي اثر پوي ٿو جنهن جي اظهار لاءِ چئبو آهي تہ: منهنجا نيڻ ٺري پيا: منهنجا پٽيھ ئي نيڻ پيا کلن، منهنجي رڳ رڳ ٺري پئي، پنهنجي جند جان ٺري پئي ۽ منهنجي دل ٺري پئي!!

اهي خوشيءَ جي اندروني ڪيفيت واري چشمي جا مٺيان بوڙيا آهن، ۽ ٺهڪ ان جا ڇوٽ نارا. کلائڻ، ٺهڪ ڏيارڻ، جڻ ظاهري خوشيءَ جي چشمي کي ڇوڙڻ ۽ ان ۾ لهرين پيدا ڪرڻ جي برابر آهي، هڪ جاندار جي سطح تي کل ۽ ٺهڪ هر ماڻهوءَ لاءِ وقتي معجون آهي، جيڪا غم واري جي غم کي لمحي لاءِ ئي هلڪو ڪندي ۽ ٻين کي ڪن لمحن لاءِ تازگي ڏيندي.

اهي روشن ضمير جيڪي پنهنجي اعليٰ اخلاق ۽ مهر سان غمگينن کي روحاني خوشي بخشين ٿا سي جڻ روحاني طبيب آهن:

”ايندو سو عجيب، جو شادي ڏيندو صحت جي.“ (شاهہ)

ٻيا اهي جيڪي عزازت، دوستي، غريب پروري ۽ ٻين سماجي لاڳاپن هيٺ، پنهنجي مخلصانہ محبت واري جذبي سان ٻين جي دل خوش ڪن ٿا ۽ دل ٺارين ٿا سي جڻ سماجي طبيب آهن. ٻيا وقتي ٽوٽڪائي ۽ جيڪي چرچي ڀوڳ جي فوري ٻڪي ٽڪي سان ڪاوڙ رنج ۽ ملال واري ڪوساڻ تي ٿڌو ڇنڊو وجهن ٿا ۽ ٺريل طبعيت لاءِ تازگي وارو ماحول پيدا ڪن ٿا.

کلائي خوش ڪندڙن جو ڪنهن آڳاٽي زماني کان وٺي قدر ڪيو ويو آهي، انهيءَ قدرداني سببان، ڪي پيشہ ور کلائيندڙ ساماٽا، جن کي ”مسخرا“ سڏيو ويو. وقت جي بادشاهن اميرن وٽ اهڙا درباري ”مسخرا“ رهيا ۽ سندن وڏي قدرداني ٿي. اهڙي ۽ جدا جدا وهي ۾ کل جا اياربندن جدا پار ۽ وڏي جي کل جي نوعيت تي روشني وجهن. راڄن ۾ مسخرا ساماٽا ۽ مشهور ٿيا، عام سماجي سطح تي بہ هر پاڙي، ڳوٺ، راڄ ۾ ڪي ماڻهو پنهنجي طبعي ظرافت سببان مشهور ٿيا.

هيٺ اسان سنڌ ۾ ظرافت ۽ مزاح جي جدا جدا نوعن نمونن تي روشني وجهنداسون ۽ ڳالهين، مثالن سان انهن کي وهجائيندا سون.

[تاريخ 12 نومبر 1975ع روهڙي کان راولپنڊي ويندي، ريل گاڏي ۾ لکيم، ارادو هو تہ لوڪ ادب جي رٿا هيٺ هڪ ڪتاب ”سنڌ ۾ ظرافت ۽ خوش طبع“ تي تيار ڪندس ۽ هي مهاڳ طور مناسب ٿيندو.]

تعلقي اباوڙي جا ڏانڊو سادا ۽ سباجها ڳوناٽا. مال وارا ماڻهو جن جون ٻڪريون بگهڙ کنيو پيا وڃن. مرشد آيو تہ چيائيون تہ: سائين دعا ڪر جو ناهر اسان جون ٻڪريون کنيو ٿو وڃي! سائين چيو تہ: ”ابا دعا آءٌ ٿو ڪريان تہ ڏٽي خير ڪندو پر ڪو ڪتڙو بہ ڏاريو جيڪو ڪجهہ ٽئونڪي ۽ پڻونڪي. تڏهن ٻانهون ٻڌي چيائيون تہ: سائين اسان لاءِ پئونڪٽو بہ تون تہ ٽئونڪڙو بہ تون! (11 نومبر 1975ع تي، تعلقي ميرپورماٿيلي ۾ صوبدار خان لنڊ جي گوٻي تي (گوٻو: زمين واري اوطاق) وڏي ڪچهري رکيل هئي ۽ سڄي رات هلي، گلڻ مهر يڪتاري تي ڳايو ۽ وڏو رنگ لاتو صبح جو سوير سگهڙ بيڙو فقير ڪنيار پيو موڪل گهري ۽ وڃڻ جي ڪري ۽ آءٌ پيو چوانس تہ ائين نہ ڪر. توکان سواءِ سگهڙن سان ڪيئن رهاڻ ٿيندي. تڏهن سگهڙ شاعر محمد خان گڏاٽي مون ڏي منهن ڪري مٿين ڳالهہ ٻڌائي اهڙيءَ طرح جو بيڙي جو نالو ڪونہ ورتائين پر ڳالهہ اچي بيڙي تي بيٺي)

فطري سادگي ۾ سچائي سان، بغير عقل ۽ ناهہ جي جيڪي ڪجهہ چئجي ٿو ان ۾ ظرافت جي جهلڪ پيدا ٿئي ٿي. جيڪب آباد طرف جي ڳالهہ آهي، گهرام خان گذاري ويو. سڀ ماڻهو وڏي افسوس ۾ هئا. جت ويچارو پري کان آيو سو ڏسي حيران ٿيو پڇيائين تہ چيائون: ”بهرام خان مرگيا هي!“ چيائين تہ : ”ميڏي رنگلي جيها اٺ ئي مرڳيا جنهن خرادين ان ڊويا. بهرام خان دي مٿون هڪ ڳوٺ رکان ها تہ اتي نہ سگهي ها!“

ڏنو قنبراڻي لهڙي هميشہ تکو تڪ هلندو هو پڇندا هئس تہ چوندو هو تہ:

”سڄي لهڙ جو بار اسان جي ڪلهن تي آهي“

ملتان واري بزرگ مريدن کان پڇيو تہ نماز پڙهندا آهيو؟ ڪنهن هاري چيو تہ ”ٻرين دڙين“ (يعني ڪي پڙهن ۽ ڪي ڪي نہ پڙهن) هاري پنهنجي ٻوليءَ ۾ جواب ڏنو: پوک جو پڇيو تہ چوندا: دڙين دڙين چڱي ٿي آهي: يعني ڪٿي ڪٿي.

محمد خان گڏاٽي، ڪچهري جو مور، ٽيون ڏينهن (9 نومبر 1975ع) جيوڻ خان پٽافي جي ڪچهري ۾ آيو. مون چيومانس تہ توسان سياڻي نويڪلي ڪچهري ڪنداسون. تڏهن هي نقل ٻڌائي موڪلايائين. چيائين تہ ڪو شخص ٻاهر مسجد ۾ نماز پڙهڻ تي ويو تہ سندس ٻن ڏيئرن ياڏر ۽ ڦاڏر چيو تہ بابا اسان جون ٽي بہ بہ رڪعتون پڙهيو اچجانءِ زال سلميت چيو: ميان منهنجو بہ هڪ سجدو ڏيو اچجانءِ. سو ويو ۽ وڃي نيت ڪيائين تہ:

ٻہ رڪعتون ٻاڏر جون ٻہ رڪعتون ڦاڏر جون, سجدو سلميت جو
باقي اسان جو اچڻ وڃڻ ائين الله اڪبر!!

محمد خان چيو تہ فلاڻي ٻروچ جنهن جي ٻئي ٻروچ سان ان وقت چڪتاڻ هئي تنهن اچي ڪنهن قبر تي ختمو ڏنو تہ:

جي سيد جي قبر تہ صلوات جو ثواب اٿئي!
جي جاموٽ جي قبر تہ ڪلمي جو ثواب اٿئي!
جي ٻروچ جي قبر, تہ نيت جي مراد اٿئي!

محمد خان چيو تہ وعظ ۾ ويٺاسون ۽ مولوي صاحب گهڻو تاڪيد ڪيو تہ ٻيڙي کان, ناس کان پري رهو منهنجي پر ۾ همراهہ ويٺو هو تنهن چيو تہ: ناس جو تہ قرآن ۾ چار ٻيرا سورت قل اعوذ برب الناس ۾ نالو آيو آهي!

ڪچهري ۾ ٻئي ڪنهن ٻڌايو تہ مولوي صاحب وعظ ڪيو ۽ بيان ڪيو تہ: حضور ڪريم هر مسلمان جي شفاعت ڪندو اتي ڪنهن اٿي پڇيو تہ: دبر وارن جاگيراڻين جي بہ؟ چيائين تہ ها تڏهن هن چيو تہ: ”ڪم تہ ڏکين مڙسن سان پوندوا“ (جاگيراڻين جو ڳوٺ دبر, روهڙي تعلقي ۾ آهي جتي سگهڙ علي شير جاگيراڻي جي دعوت تي مون وٽي ڪچهري ڪئي, پر اها رات تہ خير سان گذري!)

1940ع کان اڳ جي ڳالهہ تہ شاعر منٺار فقير راڄڙ جو ڪلام ڪنهن پئي ريڊيو تي غلط ڳايو فقير ولي بخش منٺار فقير جو پوٽو تنهن پئي ريڊيو ٻڌو هڪل ڏنائين تہ ائين نہ هيئن! پر ريڊيو مان وري بہ ساڳئي نموني آلاپ آيو ڪاوڙ مان ڪشي جو ڏنڊو هنيائين تہ ريڊيو کي پڇي چپ ڪرائي ڇڏيائين.“

شاهہ محمد خان نظاماڻي مبالغي واري کي چوندو هو تہ: تون سچو آهين, پر عقل نٺو مڃي.

محمد فقير ڪتياڻ وٽ ڪو آيو ۽ چيائين تہ” امام مهدي آهيان“ فقير چيو تہ ”الله چئين تہ آءُ اٿي سجدو ڪريان باقي توکي مهدي ڪري ڪونہ مڃيندس.

فقير مولا بخش ميراثي (دودي چنيسر جي ڳالهہ ڪٽندڙ ۽ ڪچهري جو مور) چيو تہ: فلاڻي شيدي کان ڪنهن چرچو ڪري پڇيو تہ: ادا ڪير مڙس آهين (يعني ذات جو ڪير آهين)؟ چيائين تہ: انڌو آهين ڪيئن! گهنڊي ڏس, ڏٺونر و سڃاڻ!

گل محمد خان جمالي (وينل ڳوٺ حاجي صوڀو خان جمالي تعلقو اوستو محمد) يڪتاري تي ڪافيون چوندو هو. ننڍڙي تنبي وارو جڏو سڏو يڪتارو جنهن تي پاڻ پيو وندرائيندو هو. ڪافين ۾ شروع ٿيندو هو تہ ڪنهن جو ٿلهہ تہ ڪنهن جي مصرع چئي وچي مٿي چڙهندو هو. چيائونس تہ: گل محمد هڪ ڪافي سڄي چئي پوري ڪري پوءِ ٻي ڪڻ. هڪڙي جو ٿل چئي وري وچي ٿو ٻيءَ جو ٿل چوين“ جواب ڏنائين تہ: ”ابا آءٌ ڇا ڪريان، اڃا ڳائڻ ٿو شروع ڪريان تہ ڪيتريون ئي ڪافيون اچي ٿيون منهن ڏيئي بيهن. ڀلا ڪهڙي ڇڏيان ۽ ڪهڙي ڪٽان! پوءِ سيني جي ٿو گڏي حاضري ڀريان.“

ساهڙ خان لغاري (ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقو سنجهورو) سگهڙ شاعر ۽ خوش طبع هو بالغن جي تعليم جو ٻڌي چيائين تہ:

پوڙهن جي پڙهائي کان مولا ڏئي معافي
ڪهڙي ڪندا شافي، جو مند سندن موتي وئي!

سيد موسن شاهہ شاهپور (بلوچستان) جو (عنايت شاهہ کان بہ اڳ) قاضي موسيٰ شاهہ سڏبو هو جڏهن پنهنجن جتن مريدن کي زوري نمازون پڙهايائين تڏهن ڪنهن نيت ڪئي تہ:

نيت ڪيان نماز جي
چٽي موسيٰ شاهہ جي۔ الله اڪبر!

نماز پڙهڻ لاءِ جتن کي ٻارهين مهيني ڏاچي باسيائين. سال کان پوءِ جتن جو هڪ وڏو ڏاچي وٺڻ آيو موسن شاهہ پڇيو تہ: نماز پڙهندو آهين. ڀلا الحمد پڙهي ٻڌاءِ. ويچاري کي نہ پئي اچي سو چيائين:

”جي الحمد نہ آئي تہ ڏاچي ڳئي!
جي تون ڏاچي نهين ڏيندائين تہ اسان
ٻي سڀ نمازان بنا وضو پڙهيان هن“

لاڙ جو نوحاڻي بروچ غوث جو مريد حج تي ويو مديني شريف کان موٽيو تہ دل پرچي آيس ۽ موڪلائيندي چيائين تہ:

الله جا رسول، هاڻي پر تين غوث کي!

لانڍي واري پاسي کان ڪٽان ڪو جوکيو اٺ تي چڙهيو پئي آيو تہ اوچتو تتر پڙڪي ڏيئي اٿيو ۽ ڇرڪ ۾ مڙس جو پٽڪو وڃي هيٺ ڪريو ان تان دانهن ڪٽي آيو ملير ۾ جام وٽ تہ: ”جام مان جي شرع ڪر“ جام

سمجهايس پر وري بہ چوي تہ "مان جي شرع ڪر!" ان تي ڄام هن کي دڙڪو ڏنو تہ اٿيو ۽ چيائين تہ:

"ڄام! جي توجي هي شرع آهي
تہ جوکيا ڪر سوار ٿيا!

يعني جي تنهنجو هي انصاف آهي تہ پوءِ جوکيا بہ اٺ تي سوار ٿياسي ٿيا!

عبدالله خان نوحاڻي ٻڌايو تہ: منو سنجراڻي نوحاڻي (ڪنب ۽ ڪنگوري وارن نوحاڻين مان، تعلقو ڏگهڙي) وڏي همت وارو هو. سڄي عمر، ڪتي بہ سندس هار ڪانہ ٿي، جڏهن گهڻو بيمار ٿيو تڏهن گهر واري کي چيائين تہ ڪهاڙي منهنجي سيراندي کان رک. غش تي ويو ۽ وري اکيون پٽيائين ۽ حوصلي ۾ آيو تڏهن بيٺلن کي چيائين تہ: مڙس مڙس جو مٺ آهي، مون ٻڌو آهي تہ مئي کان پوءِ ملائڪ اچي ٿا پڇاڻو ڪن. ڪهاڙي مون سان گڏ قبر ۾ رکجو.

# سنڌ جا پاڳيا ۽ مال جا داڳ يا داغ

اي سياڻا! ڪنهن آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ مالوند ماڻهن جو ملڪ رهيو آهي. سنڌ ۾ گهڻو مال هو. سنڌ جي سهڻي ڏيکي جي صورت تہ 'مئن جي دڙي' جي مهرن ۾ لڳل آهي. سنڌ ۾ وڏا سنگهار هئا يعني وڏي مال وارا هئا جن ۾ 'سارو سنگهار' جنهن وٽ سارو سپ مال هو سو گهڻو مشهور ٿيو. جن وٽ کير وارو مال هو يعني گهٽيون ڳئون مينهيون هيون سي پاڳ وارا هئا ۽ اهي 'پاڳيا' سڏيا ويا. جيڪي مال وارا سانوڻ جي مِينهن ۾ گاهہ سانگي پنهنجو مال اتي ڪاهي ويندا هئا جتي گاهہ هوندو هو سي 'سانگي' سڏيا ويا: اهي سانگ ڪندا هئا. يعني مال جي سانگي ڪڏهن ڪنهن جاءِ تہ ڪڏهن ٻيءَ جاءِ تي ٽڪاڻو ڪندا هئا. سنگهارن جي مال جون سنگهرون ، سانگين جا سانگ ۽ پاڳين جا پاڻ سنڌ ۾ مالندن جي تاريخ ۽ تهذيب جا وڏا اهن اهڃاڻ هئا ا جن جا آثار ڪن پاڳن ۾ اڃا تائين موجود آهن.

سنڌ جي سنگهارن پاڳين جي ريت رسم ۾ مال جي سنڀال وڏي اهميت واري آهي. هر پاڳيو پنهنجي مال جي پوري پرورش ڪندو: هڪ تہ مال جي چاري جا سپ حيلا ڪندو: ٻيو تہ مال کي مرضن کان بچائيندو ۽ گهڻو ڪري پاڻ هر مرض جو علاج ڪندو. ٽيون تہ پنهنجي مال جي سڃاڻپ لاءِ مال تي مالڪيءَ جا لَڪ يا نشان هڻندو. سڃاڻپ جا نشان انهيءَ ڪري بہ ضروري جو جدا جدا پاڳين جا مال گڏ چرن ۽ هڪڙن جا ڀِھرو ٻين جي ڌڻن سان گڏجي وڃن جن جي سڃاڻپ داڳ سان ٿئي. پاڳين جي ريت رسم ۾، داڳ يا وڍ وارو جانور ڏٽيءَ کي موتي ملندو پر جيڪڏهن ان تي ڪوبہ لَڪ. لَڪو يا نشان نہ هوندو تہ چوندا تہ: اڻ- داڳيو آهي، اڻ- وڍيو آهي، مالڪي ثابت ناهي.. چوندا تہ هڪڙو فيصلو ڪريون "اڻ- وڍيو آيو آهي" جي وڍيو ۽ داڳلي آهي تہ پوءِ چوندا تہ ويهو تہ فيصلو ڪريون. پانئجي ٿو تہ شاهہ صاحب پاڳين جي انهيءَ ٻول مان پنهنجي بيت ۾ الفاظ آندا تہ:

"جي وڍيو آهي تہ ويهہ، اڻ- وڍيو تہ واٽ ٿيءُ."

سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ گهمندي ڪچهريون ڪندي، مال تي جدا جدا داڳ نظر آيا. جن کي ڏسي خيال آيو تہ انهن لکن، نشانن جو مطالعو ڪجي ۽ ’مٹن جي دڙي‘ مان مليل مهرن تي ڏنل نشانن سان انهن کي ڀيٽجي! انهيءَ خيال کان مون سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ مال جي داغن ۽ وڍن جو مطالعو ڪيو پر خاص طرح ضلعي خيرپور، روهڙي تعلقي، ناري جُبي ۽ گهوٽڪي ضلعي ۾ وڌيڪ پڇائون ڪيون اتي جي ايرندين ڀاڱن ۾ گهٽ آباديءَ جي ڪري (ان وقت گهوٽڪي ضلعي ۾ اجا گدو بئراج جو پاڻي ڪونہ آيو هو) ملڪ خالي هو ۽ مال ججهو هو. سنڌ سان لاڳو ضلعي رحيم يارخان (پنجاب)، ضلعي ڪڇي (بلوچستان) ۽ لس ٻيلي جي ڪن ڀاڱن ۾ بہ پڇائون ڪيون.

اندازاً 1960ڪان 1985ع تائين اهو مطالعو جاري رهيو ۽ جيڪي داغ مون ڏنا ۽ پڙ ٻيا اهي داغ جن بابت ڪن سڃاڻن مون کي ٻڌايو تن جا نقش نشان پويان ضميمي ۾ ڏنا ويا آهن. ان مطالعي مان حاصل ڪيل معلومات هيٺ ڏجي ٿي. اي سُرتيا! چاڻ تہ سنڌ جي زميني ’ڪلچر‘ جي تحقيقي مطالعي لاءِ هي معلومات وڏي اهميت واري آهي.

**مالڪيءَ جي سڃاڻپ جا لَڪَ يا نشان**

ڀاڱين وٹ مال جي مالڪيءَ جا ٿي نشان:

داڳ يا داغ يعني ڪو نقش جنهن کي جانور جي جسم تي پڪيءَ طرح نشان ڪجي. (داڳ جانور جي جسم تي ڏنپ ڏيئي ساڙي نشان ڪبو).

لَک يا لکو نقط هڪ يا ٻہ ڏگهيون ليڪون، ٻيو ڪو نقش ڪونہ هوندو. لک يعني لکاءِ وارو. لکا ڪندڙ مالڪيءَ جو نشان.

وَڍُ: جانور جي جسم تي خاص قسم جو وڍ ڏيئي نشان ڪبو. هيٺين قسم جا وڍ ڏيندا.

لِيھ يا چير يا جهير. مال جي سڄي يا کٻي ڪن ۾ چير ڏيندا، اڪثر ڪن جي هيٺان (ٽُران) يعني هيٺينءَ وٹ سان وڍ ڏيندا. گمبٽ تعلقي ۾ ڪن جي هڪ خاص چير کي ’سائدو‘ چون.

ڊوش. نارِڙي طرف بہ اڀيون ليھون سير يا چير ڏيندا.

ڪُڏ. ڪڏو يا ڪڪر، ٽيئي ساڳي ڳالھ. ڪن جي هيٺين يا مٿين وٹ سان ننڍڙي اڌ گول جيترو ٽڪر ڪٽي ڇڏيندا.

ڪُنيي، ڦنگھہ يا ڦونگي، ڪن جي چوٽيءَ ۾ سوڙهوگولائون ٽڪر وڍي ڇڏيندا.
ٻُٽ، ڪن جي چوٽي وڍي ڇڏيندا (گهوڙا ٻاري تعلقي جا جلباٽي) 'ٻُٽ' ڏين.
ڪنيتِي يا سِيالڪي ڪڪري، ڪن جي وٽ سان ڊگهي ريڙ وڍي ڇڏيندا.
جسم جا ڀاڱا جن تي داغ ڏٻا.

- ✓ سَٿر. ران يا پِنڊي تي ڏوهي پاسي، يعني ڏهڻ واري پاسي يعني جانور جي کٻي ران واري پاسي. ران کي ڀاڱيا 'سڄُو پاسو سڏين، يعني جنهن پاسي کان ويهي کير ڏهجي، تنهن کي چڱي سوڻ خاطر 'سڄو' پاسو چون.
- ✓ اڳين يا پوئين هنجهي تي، يعني سڙ کان گوڏي تائين.
- ✓ ڪنڌ تي.
- ✓ ڳِتي تي، ڳلي تي، يا ڳرڳ تي(ڳُلو ڳرڳ ٺيئي ساڳي ڳالهہ)
- ✓ ڊُوناڙ تي (نڪ مٿان)، جنهن کي 'دونو داغ' چون.
- ✓ مُنها تي(نڪ کان مٿي ڪنن جي چوٽين تائين).
- ✓ ڊگهو غين داغ، سڄي پاسي ڪنڌ کان منهاڙ تائين ڦيرائي آٽين.

'سائدو ۾ 'ڊگهو غين داغ' انهيءَ لاءِ تہ جي مينهن پاٽيءَ ۾ ويٺل هجي تہ بہ پري کان سڃاڻي سگهجي.

### داغ ڏيڻ جو وقت

- ✓ آرهڙي جي چاليهي ۾ (مئي- جون مهينن ۾). سرد هوا جي ڪري ڦٽ جلد ڇٽي وڃي.
- ✓ سياري جي چالهي ۾ (ڊسمبر- جنوري ۾). سرد هوا جي ڪري ڦٽ جلد ڇٽي وڃي.

### داغ ڏيڻ جي ترتيب

- ✓ گهٽو ڪري داغ وارو لوهي نقش باهہ ۾ تپائي ڳاڙهو ڪري جانور جي جسم تي ٺپيندا. اڇڙي تر ۾ رُهي طرف، ٿوهر جي ڳنر هيٺان گول وڍ ڏيئي ٿوهر جي کير ۾ ٻوڙي جانور جي جسم تي ٺپيندا تہ مٿان وار ۾ ڪل ساڙي ڇڏيندو.

### داغن جي ڊيگهہ ويڪر

- ✓ منڊين، چلن، منگيلن، تارن ۾ ڪنئڇي جي ڪڙن جي صورتن وارا داغ ماپ ۾ ننڍا ٺيندا آهن.

ڪي تورا ٻاڪيا ننڍڙا داغ ڏين. سوراهه تعلقي (ضلعي خيرپور) ۾ شباڻي (ٻروچن) ٻاڳين جا داغ اشهد آڱر جيترا، ڪي ٻاڪون يا گرانٽ جيڏا.

پر گهڻو ڪري داڳ، وڏا ۽ ٽن مقدارن وارا.

- ✓ ننڍا داغ، ٻن کان ٽن انچن تائين.
- ✓ وچولا داغ، ڇئن کان ڇهن انچن تائين.
- ✓ وڏا داغ، ڇهن انچن کان ٻن اڍائن فوٽن تائين.

**جانور جن کي داغ ڏجن**

داغ رڳو ٻڳئون، مينهن ۽ اٺ کي ڏين رڍ ٻڪري کي ڪونه ڏيندا، جو ڏاس ۽ اُن ٻئي ڪترجن ٿا ٻڪريءَ کي البت لَک يا (هڪ ليڪ يا ٻه ليڪون) ران تي ڏيندا.

هر ڪو ٻاڳيو پنهنجو پاڻ داغ ڏيندو يا سندس پنهنجا ماڻهو ڏيندا.

اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ داغ ۽ ڏنڀ ۾ فرق آهي. داغ مالڪيءَ جي سڃاڻپ جو نشان آهي ۽ ڏنڀ مرض جي علاج لاءِ آهي، ڪي ٻاڳيا ٿڏي جي مرض جي علاج لاءِ ڪُک تي ’ڪنر‘ داڳ ڏيندا، جيڪو سندن مالڪيءَ جو نشان بہ هوندو.

**ڪڏهن کان وٺي داڳ شروع ٿيا.**

آڳاٽي وقت کان وٺي ماڻهن پنهنجي مالڪيءَ جا ڪي نہ ڪي نشان ڏنا هوندا، پر جڏهن کان وٺي فائدي لاءِ گهڻي مال پالڻ جو سلسلو شروع ٿيو مال جي گهڻائي ۽ مالڪيءَ جي سڃاڻپ لاءِ داغ ڏيڻ جو سلسلو پيشي طور شروع ٿيو. اوائلي اسلامي دؤر ۾ ان جو امڪان نظر اچي ٿو جو عرب ۾ بہ اهو ”سلسلو آڳاٽو نظر اچي ٿو“ مغربي محققن مان چارلس ڊائوٽي اتر عربستان جي جيل شمر واري ٻاڳي ۾ ۽ بينت سقوطره ۾ انن جا داغ مطالعي هيٺ آندا، جن کي ڏسجي ٿو تہ سنڌ وارن داغن سان ملن ٿا. عربستان ۾ ’سِمات الابل‘ (انن جا داغ) آڳاٽي وقت کان هليا. قبيلي بنو غاضره جي مالڪيءَ جي داغ کي شاعر بيان ڪيو آهي تہ:

ڪَرِم عليها سمة الغواضر الحلقان والشعاب الفاجر

يعين بہ پاساريون ايپون ۽ ٻنهيءَ جي چوٽيءَ تي گول ڇلا.

**زورداغ، طاقت لاءِ**

سوار گهوڙن کي ’زورداغ‘ ڏيندا، يعني طاقت يا زور وٺڻ لاءِ زور داغ ڏيندا ۽ دوڪ تيڻ ڪان اڳ ڏيندا ’زور داغ‘ جانور جي پوين ٽنگن اندران ڏبا پر پاسيرا اُيا داغ سي ’لانگون‘. زور داغ بيماريءَ ڪان اڳ، چڱي ڀلي جانور کي ڏبا. گهوڙا ٻاري طرف گڏهن کي بہ ’زورداغ‘. ڏين گمبت ۾ جهنڊل شاهہ سان 16 نومبر چئني ٽنگن اندران، تي هر هڪ ران تي؛ چئن ڦيزن تي، هر هڪ تي اندران هڪ؛ 2 نڪ تي، تي هڪ پاسي تي ٻئي پاسي؛ 8 ڪمر تي (ٽَل جي پوئين وٽ ڏاري)، چار هڪ پاسي، ٻئي پاسي.

# مال جي مالڪيءَ جا داغ، جدا جدا پاڳن جي پاڳين جا

- گھوٽڪي ضلعي ۾ لاڳو پاڳن جا داغ

– مُندي داغ، فيض محمد ٽانوري، وينل چاچڪ، تعلقو ميرپور ماٿيلو
– ڪڙي داغ، گڏاٽي بلوچ
– گزڪمان داغ، الله رکيو راڄڙ، وينل ڪوهہ پير بخش لغاري
– آٽيرڻ داغ، لغارين جو ميرپور ماٿيلي تعلقي جا ۽ بيا
– پٽافي، سردار گهر جو داغ، حسڻاٽي پاڙا ۽ احمداٽي، ميرپور ماٿيلو
– پٽافي راڄ داغ، حسڻاٽي ۽ احمداٽي راڄن جو
– سَتاٽي داغ، ستاٽي پٽافين جو
– رُڪڻاٽي: مهرن جو داغ
– رَهڙن جو داغ
– سردار مهرن جو داغ
– چِلو ۽ لار ۽ مٿان ليڪ، بوزدارن جو داغ
– شَرن بلوچن جو داغ
– ڪانءُ پير داغ، لنڊن بلوچن جو
– علم داغ، علم مٿان ليهہ، سردار گهر سخيجا راڄ
– علم داغ، علم هيٺيان ليهہ، باقي سخيجا راڄ
– منڊي ۽ پاسي سان ٻہ ليهون، ساڙرو (قبلي جي) مهرن جو داغ جيڪي ران تي وڏي بيهنديون
– ڏانداري داغ، انساٽي مهرن جو ڏاچين کي ڏوهي پاسي ڏيندا.

– ڏنگي لِهيہ، انساٽي مهر ڳئون کي ڏوهي پاسي ڪن جي هيٺان ڏيندا.
– ٽوٽي داغ، ساڪاٽي مهرن جو داغ
– سڏي ليهہ، ميهاٽي مهر، لالي پوتا ۽ بيا سڀ، تڙ ٿَر وارا
– ليهہ ۾ ڪُنيي، سوائي مهر مَتُوجا، وينل ڪوهہ پير بخش لغاري

- لونگاڻي مهر، ڏوهي پاسي پنديءَ تي ڏيندا
- مانڏاڻي داغ، نصير مهر گاگناڻي جو ڏوهي پاسي
- ٻُلڪو داغ، ٻُلن بلوچن جو (اصل ۾ وڏي پاڳئي پير محمد ٻُلي جو)
- ڪٽچي يا ڪُورڙو داغ، تڙتن جو (پاڙو جتوين جو)، پوئين ران تي
- ذات گبولن جو داغ (سيني گبولن جو)
- ٽوٽي داغ، ڪلاچي بلوچن جو
- سنگهر داغ، ٻرمبڪين جي گڏاڻي پاڙي جو، پوئين سڙ تي ڏين
- چاچڙڪو داغ، ڏَنڻ چاچڙ جو (ڏنڻ وڏو پاڳيو تي گذريو)
- لٺ داغ يا ڏانداري داغ، ٻارن جو (ليڪ ڪُڪ ڏانهن وڏي بيهيندي)
- ڪلن جو داغ، پوئين ڪٻي ران تي، ٻي جَهل ڏيندا يعني ٻيچ جي هيٺيان ٻنهي چتڙن تي سڌو ليڪو
- اٽيءَ سان تہ شاخو داغ، ڏاريجن جو

**تعلقو پنو عاقل**

- ڏُونو داغ، ڪن جي هيٺان وري، ڏُن تان ڦري ٻئي جي هيٺان تائين (ڏن تان ڦري ٿو انهيءَ ڪري ڏَونو سڏجي تہ مُنهنار ۾ اڏ تہ ڏُن)، جتوئن جي ٻن پاڙن موني ۽ زنگيجا جو، تعلقو پنو عاقل

**تعلقو نارو (ضلعو خيرپور): لَڪ، تَجل ۽ سومر واري جي ملان سهتن ۽ ٻين جا داغ**

- وَٽوهڙ داغ، خليفو عنايت علي سهتو 'مجيد جو'
- داغ، وڏيرو ساجن سهتو موڏيجو
- داغ، ڪنڊو سهتو موڏيجو
- داغ، رس سهتو مرڏيجو
- داغ، جاڳڻ سهتو عليمجو
- داغ، شير فقير سهتو عليمجو
- داغ، الهڏنو سهتو گدو جو
- داغ، محبت فقير سهتو ورايو (ورائيجو)
- داغ، خير محمد سهتو ورايو (ورائيجو)
- داغ، جان محمد سهتو ورايو (جَلبو)
- داغ، محمد حسن سهتو عليمجو

- داغ، دوس فقير سهتو علميجو
- داغ، وڏيرو محمد يوسف سهتو ورايو
- داغ، وڏيرو مير سهتو پوڙو
- داغ، ملان سهتا، نارو
- داغ، محمد امين سهتو ورايو

**تعلقي روهڙي ۽ ناري واري پاسي جا داغ**

- ڪٽڇي يا ڪڙو داغ، برهماڻي جتوئي. وينل شاهہ بيلو تعلقو روهڙي، فوٽ کن ڏکھه ڳئون مينهن اٺ جي ڏوهي پاسي، اڳين هنجهي سڻ ڪان گوڏن تائين.
- دونو داغ ۽ پڻ ڪٽڇي داغ ڏوهي پاسي ۽ پوئين سڻ تي ۽ ڳئون ڪي اهي ٽيئي داغ.
- تارازي داغ، شاڌڃا، وينل شاهہ بيلو ڏيڍ فوٽ کن ڏکھه ڏوهي پاسي ٻنهي جنگهن (آڏي ۽ پوئين) تي.
- مڱرين جو داغ، تڙ توڙ روهڙي تعلقي جو دنگ، گرانٽ جيڏو ڳئون مينهن اٺ جي ڏوهي پاسي سٿر تي.
- شباڻين جو داغ، ديهہ دهلارو، تعلقو روهڙي، ٻاڪُون جيڏو ڳئون مينهن کي ڏوهي پاسي ۽ اٺ کي ڪنڌ تي ساڄئي پاسي.
- حاجي خان شباڻي جو (نئون داغ) ڳوٺ ديهہ دهلارو
- منڌرا داغ رِڏن جو ڍَهٽي تعلقو نارو.
- پاڄاري داغ، ڏنڀ وارا پڙهيار، ڏوهي پاسي سَٿر تي.
- پانجاري داغ، ڊيداڻي جا راڄڙ، ڏوهي پاسي ڏين.
- لنجواڻين جو داغ، سهي پٽ تعلقي روهڙي جا لنجواڻي، ڳئون ۽ مينهن کي پنبڙي تي ۽ اٺ کي ڳٽي تي.
- ڪڙو ۽ ليڪ داغ، ڪورڪاڻي، ديهہ سونهارو تعلقو روهڙي
- ٻہ ساڪو داغ، ولَيجا راڄپر، نارو
- ٽہ ساڪو داغ، خيريجا راڄپر، نارو
- ٻہ چِلا داغ، راڄپر سوناڻي پرياڻي
- مانڌاڻي چلو داغ، راڄپر سوياڻي پرياڻي، بسيرو
- مٿ تي هڪ چلو ٻانيڻ راڄپر

- ٻہ ڪڙا داغ، چاڪراٽي، ديھہ دهلارو تعلقو روهڙي
- چلو ڪانءَ پيريو داغ، سوپارو پنيرو ڳوٺ ڏاڪو تعلقو روهڙي
- مانڊاٽي ۽ جهل داغ 'علي مراد وارو' وڏيرو علي مراد ساريجو پنيرو ديھہ ريگستان ڪرتار تعلقو روهڙي.
- داغ جڙيي وارو وڏيرو جڙيو پنيرو ڳوٺ چنيپ تعلقو روهڙي
- ٻہ ڪڙا داغ' الله داد مياٽي پنيرو پياري جو ٽوڻ ديھہ مامڙو تعلقو روهڙي

## ٭سوراهہ ۽ ناري (رياست خيرپور) طرف جا داغ

- سنگر داغ (سنگر ڪاٺ جي جنهن ۾ مانڊاٽي بيهي). سوراهہ جي نظاماڻين جو مال کي پنڊي تي ۽ اُنين کي ڪنڌ تي (ڇهہ ست انچ ڊيگهہ)
- سجي اٽيءَ سان پنجاري داغ، سوراهہ جي شاهاڻي پاڙي وارن پڙهيارن جو (چار انچ)
- کبي اٽيءَ سان پنجاري داغ، سوراهہ جي شاهاڻي پاڙي وارن پڙهيان جو (چارانچ)
- ڏيڍ ڪنڊي داغ، پرڳڙين جو
- ٽوٽي داغ، شرن جو فقط ڳتي تي ڏيندا
- ٽوٽي داغ، ڦاڙهياري جي لغارين جو فقط ران تي ڏيندا
- ڪنڊي داغ، سوراهہ جي لُنڊ بلوچن جو
- داغ، سوراهہ جي لاشارين جو
- ڪنڊي داغ، سوراهہ جي ٽَڪر جي مهراڻين (امير بخش مهراڻي وڏو سنگهار ياڳيو)
- ماٽهو داغ، سوراهہ جي دزڪاڻين جو
- هڪ ڪنڊو مڙيل مانڊاٽي داغ، فقير بودن پنيري وارن جو ياڳوهر ديھہ ڇچڙو تعلقو سوراهہ.
- جيمر داغ، گنبل شاهہ جيلاني، سوراهہ جو
- ڳُنر داغ جَهل (ليڪ) سان، گل محمد پنيرو وينل ڪمال واري تعلقو سوراه ڏوهي پاسي.
- پيراٽو داغ (پاڳارو خاندان)، تڙ کَڏيءِ تعلقو سوراهہ
- چنڊ داغ، پير نور مصطفيٰ، وينل ڊُٻ، تعلقو سوراهہ

- ’ح‘ داغ، مير رستم خان، جنوجي، تعلقو روهڙي
- نپو داغ، چانڊين جو
- اڏ سِنگري داغ، پاتا راڄپر، لنجواڻي، پنيرا (ڪي پاڙا)
- ڏيڏر داغ، ويسرن جو
- مَرڪو داغ، مَرين ۽ سندن راڄن جو
- وڏو چلو داغ، ٻانيڻ جو
- تنبراڻين بروهين جو
- ڪئنچي جا ڪڙا، سوراهه جي چاڪراڻين جو پڻ روهڙي تعلقي جي سرحد تي مينهون مگريو جو
- وڏي مانڊاڻي، جلالاڻين جو
- ننڍي مانڊاڻي، مهراڻين جو (گلڻ مهراڻي)
- ماڻهو داغ، جُبي ۾ وينئل نڪرن جو (ڊيگهه اٺ انچ)
- چرخي داغ، جسڪاڻين جو (ڪوٽ ڏجي، سوراهه: روهڙي تعلقو)
- تارو داغ، مير علي ٽالپور جو (ڪوٽ ڏجي)
- ننڍو چلو ڦوڳ پنيري جو
- ڪڙو داغ، مهراڻي (نارو)
- مانڊاڻي داغ، چانگن جو (نارو)
- داغ شرن جو نارو.

**ضلعي رحيميار خان جي سنڌ جي قبيلن جا داغ**

| | |
|---|---|
| - سردار جانو خان | - ڇهڙا مهر |
| - سڪي مهر | - پُرڙا |
| - هڪڙا | - درس فقير |
| - وڪيو فقير | - رُڪڻائي مهر |
| - ڪتوال | - ڪلر |
| - انڙ | - ٽانوري |
| - ميتلا | - مجامهر |
| - پتافي | - جهنجهه |
| - ٻپڙ | - چنڙ |
| - گهنامهر | - مگريا |

- واحدو فقير ـ صُحب جا مهر
- ـ مُبامهر

**ڪشمور، ڪنڊ ڪوٽ ۽ درياءَ جي پنهي طرفن**

- سنگهر داغ، جتوئن جي زنگيجي پاڙي جو ڪبي ران يا ڪبي ڳتي تي، پڻ پنهي تي.
- سندراڻين جو تعلقي ڪنڌ ڪوٽ وارن ۽ بين جو
- ڏانداري داغ، لباڻن جو (وڏن ڏندن سان)
- ڪُنديلو داغ، ملاڻن جو
- جيم داغ (اهو نالو پر ڪن 'ح' بنا نقطي) پني عاقل تعلقي جي هگورن وارن سيدن جو. پڻ ڳتي تي ننڍين ڏندن سان ڏانداري.

**سکر کان لاڙڪاڻي تائين درياءَ جي ڪنڌيءَ سان**

- هاسو داغ، ناريجن جو ساڄي سٿر تي ڏين
- **ناڙِي طرف جا داغ**
- تتر پير داغ، فتحپور جي سيدن (چيزل شاه وارن) جو ڪبي ران تي.
- شورڻ جي رند سردار گهر جو داغ، ڳچيءَ تي ڏين
- جهل جي مگسي سردار گهر جو داغ، ڳچيءَ تي ڪبي پاسي ڏين
- مگسين بين راڄن جو داغ، ڳتي تي ڏين
- مانڌاڻي داغ، جَهل جي ساياڻي مگيسن جو ڳچيءَ تي ڪبي پاسي ڏين
- جهَل جي مگسين جاماڻي پاڙي (پهلوان خان) جو ڳچيءَ تي ڪبي پاسي
- شورڻ جي هيسب خان رند جو ران تي
- لانڍي وارن فقيرن جو ڳچيءَ تي
- منڌاني داغ، چهه انچ، ڳچيءَ تي ڪبي پاسي، مير محمد خان (بن غلام محمد بن شاهلي بن فوجو خان) جمالي جو اوستو محمد ڳڙهي خيرو
- مُنبي ۽ ٻه ٻوش، شاهل خان بن فوجو خان جمالي منبي ڪابي ڳل تي ۽ پاسيارا ٻوش ڪن جي هيٺان ڳچيءَ تي. هي داغ فقط اوني مال کي ڏيندا.
- ناڙي، اوستہ محمد ۽ ڳڙهي خيري طرف داغ رڳو اٺن کي ڏيندا. ڳئون ٻڪري ۽ سنهي مال کي وڌ ڏيندا وڍيا چيريا جهير تن جا نالا:
- جونو جمالي جو ڪن جي چوٽيءَ کان سڌو جهير

- ڪيٽني ٻڙدي جو ڪن جي ٻنهي پاسي ويڪر ۾ جهير.
- ٻُٽ ۽ جهير عمراڻي جو جهير ڪن جي پوئين پاسي ڪان

### اچڙو تر ۽ نارو

- عينڪ داغ (عينڪ جيترو). ڀِلُو جا پاڙو پاٽُو قبيلي وارا راڄڙ (حاجي علي محمد وارا).
- باجيد پاڙي وارا پاتو راڄڙ (حاجي نصير وارا)
- ڪنجي داغ، مري بلوچن جو
- داغ، ڪامُونجا پاڙي وارا پاٽُو راڄڙ
- ڪُنَر داغ، موج علي شاهہ بخاري جو

### ڪپرو تعلقو

- مَرِڪو داغ، ڪپري تعلقي جي مَرين (بلوچن) جو سردار پاڙي وارا، ڏِڳن کي سائي ران تي ۽ انين کي سائي ڳِل تي جاڙا (ٻَنا) ڪري ڏيندا. مرين جا ٻيا پاڙا، هڪ هڪ ڳِل تي ۽ ڳِراٽ تي ڏيندا.

### ميرپور خاص، ساماري ۽ عمرڪوٽ طرف جا داغ

- ڪجائو داغ، آريسرن جو ڪنڌ تي ڏيندا
- عينڪ داغ، پيربخشل شاهہ (پير عثمان سخي جو پٽ) جو
- ماٽهو داغ، سنهڙي وارن شاهپوٽن سيدن جو. ڪنڌ تي ڏين
- ڪتر داغ، الله خان ڪپري، تعلقو سامارو ڳئون کي ڏوهي پاسي ۽ انين کي ڪنڌ تي.
- چلو داغ پٽين جو
- سنگهر داغ، عمر ڪوٽ کان هيٺ ڊپري وارن رندن جو
- لکنو داغ، نڪرن جو.
- بنگلاٽين (بلوچن) جو
- چرخو داغ، ناري وارن لنجواٽين جو

### ڪوهستان ٿاڻي بولاخان طرف جا داغ

- چلو داغ شهٽن (برفتن) جو
- ٻٽو چلو داغ، باريچن جي
- ٽـ چلو داغ، چُٽن جو
- صاد داغ، ملَڪن جو

### تعلقو ميرپور بٺورو

- ٽـ شاخو داغ، نورڻ رند ٽنڊي عالم جو ۽ ٻيا رند، ڏوهي پاسي ران ٿي، انين ڪي ڳل تي.
- گهوڙي داغ، بٺوري ۽ بدين تعلقن جو لاڪن جو.
- ٻـ لِيهو داغ، ٻاگهلي وارن مهيرين جو ڳل تي.
- مينڊي ڦل داغ، خاناڻي جت، وِيٺل ڪور واهـ
- حي داغ، ميون مير محمد عباسي رند، راٻڙال چنو
- ڪنو داغ، سيدنور محمد شاهـ وِيٺل شيخ احمد

### تعلقو سجاول

- پنجاري داغ، حاجي عبدالرحيم شاهـ مرحوم ۽ ٻين سجاولي سيدن جو
- ناتاري داغ، پرڳڙين جو وِيٺل وڏي گونگڙي تي.

### تعلقو ٺٽو

- منڊيئڙو داغ، چانگن جو (وِيٺل بوير جاڳس، لڳ جهمپير)
- ڪُڙهي داغ، سيدن مچارن وارن جو
- شورن ۽ زيدپوٽن جاڪرن جو

### تعلقو گهوڙا ٻاري

- ماڻهو داغ، خُشڪن جو ڳوٺ درويش
- جهَڙ ڦُونگي، ڪن جي چوٽيءَ مان سنهي ليهـ، خشڪ
- عينڪ داغ، زنگياڻين (ڪلمتين بلوچن) جو
- ڇلو لارسان، داغ پنهورن (پاڙو سَيدر) جو
- مُنڊير لاشاري (عمر خان جا پائر) ڏوهي پاسي ڪن ڪي ڦونگي وجهن
- جلباڻي (الله بچائي خان جا پائر) ڪن ڪي ٻُٽ ڏين (چوٽي وڍن)
- ڪنڊي داغ، ناهين جو
- ڪانگ پيرو داغ، راهوڪڙا، گليل ڳوٺ وارا، پير پٽي ڪان ڏڪڻ
- ڪانتو داغ ۽ پڻ 'هَنو داغ' (پاڳين جا نالا ياد نـ رهيا)

### ⁕تعلقو جاتي

- ڇلو ۽ لار داغ، ملڪاڻين جو: سائي ران تي مامو وارن جو ۽ ڪاٻي ران تي حاجي عثمان وارن جو.

- ’بجار‘ نالي سان داغ، بجاراڻي جتن بلوچن جو
- ڪُنر داغ، ڏوهي پاسي ڪُڪ تي، نتيار جت ڏانڏاري وارا
- (ڏين تڏي جي مرض ڪان پر پوءِ اهو لک سجاڻپ جو نشان بہ ٿئي)
- ڪن ڪي هيٺان پاڙ ۾ ’جهير‘ (ليڪي مثل وڍ)، گهمبوراڻي جت
- عينڪ داغ، ڪوسن جي، ڪيٿي وارا ۽ ٻيا ڪوسا.
- ڪُڏو ڪن جي پاڙ ۾، ڏوهي پاسي، ڪتائي (خطائي) اوٺا
- پنجن جو انگ، ڏوهي پاسي ران تي، تاراڻي جمالي

بدين ضلعي جا داغ

- ٻياني داغ، سرڪاڻين (لغارين) جو مينهن ڳئون ڪي ڏوهي پاسي
- ڇلو داغ، ٽَرائي لڳ ڳوٺ بقادار شاهہ جي سيدن جو
- منڊي داغ، نظاماڻين جو ڪڙيي گنهور ۽ بدين وارا
- ري داغ، تعلقي بدين جي جمالين، نوحاڻين ۽ عمراڻين جو
- ٽہ شاخو داغ، تعلقي بدين جي رندن جو
- لنجواڻين جو ڏيواڻي فقير لڳ راڄو خاناڻي
- ماڻهو داغ، لنڊن بلوچن جو
- ڪانءُ داغ، تعلقي بدين جي چانگن جو
- چرڪو داغ، مگسين جو ويٺل نانگو شاهہ، ماتلي ڪان اولهہ
- اڍائي ليهو داغ، سيراڻي جي سورن جو
- تارو داغ، ٻڙن جو ويٺل سيراڻي ڪان اولهہ
- مُنو داغ، جتن جو ويٺل ڪڍڻ ڪان ڏکڻ پير جو ڏرو. ڏوهي پاسي ٻُل تي
- ٽڙهي داغ، حاجي نور محمد ۽ ٻين بوهڙن جو ويٺل ڪڍڻ ڪان اتر مقام پنو
- ٿلڙي داغ، سيراڻي جي گوپانگن جو
- ٻہ ليهون وچ تي مُنو داغ، پڙاڻي جت ويٺل روياهہ ماڙي
- علم طوق داغ، پير عالي شاهہ (مرحوم) بدين
- بندوق داغ، پير محمد حسن شاهہ بدين
- منگلي داغ، مِنائي سيدن جو ڳوٺ منيون لڳ ترائي
- ڪجائو داغ، چانڊين جو ۽ پڻ پيرو لاشاري لڳ ويٺل آريسرن جو.
- لام داغ، سيد عثمان شاهہ، ديهہ ماڪانڊي

- ڪُل داغ، لواري جي پيرن جو
- شينهن داغ، سيد حسن شاهہ چيل وارو ٻهڊمي ڪان اولهہ

**ٿرپارڪر جا داغ** (داغ صحيح، نشان رهجي ويا)

- ڪتاري داغ، ارباب نور محمد راهمو (ڏيپلو)
- چلو داغ، درسن جو (ڏيپلو)
- چؤ ساڪيو هميراٽو داغ، سوڍن ٺڪرن جو.
- ٺہ ساڪيو هميراٽو داغ، سوڍن ٺڪرن جو
- چؤ لڪو= (ڪڏو ڪنيي، ڪڪر، وڍو وغيره سان چار نشان) هنگورجن جو.
- پاڳوڙو داڳ، مسلمان ڏوهتن جو.
- رائڪو داڳ، آريسرن جو.
- ٽِپري داڳ، سمجين جو.
- ڏٿهيرِي يا گزڪماڻ، پيلن جو.
- ٻِتو ڪُنر، راجڙن جو.
- ارڙ (ٻہ ليڪا)، گنگ داس ٺڪرن جو.
- ٺہ سول، ٻانيٽن هندن جو.
- الف داغ، نيٻاڙي جي گجوئن جو
- ڪنو داغ، سيدن جو
- ڪُنِريو ڪنو ٽُڳوسر جي هاليپوٽن جو

**لس ٻيلي جا داغ**

- ٺہ شاخو ڄامو ٺڪو داغ سردار جيئند خان جو ڏوهي پاسي ران تي ڏين.
- چلو داغ، سينهان قوم جو ٻيلي ڪان متي ڪُڊُوارو ڍورو. ڏوهي پاسي ران تي.
- گول ٽپو چنري پوتن ڄاموٽن جو ٻيلي ڪان اوير گجري جي جبل ۾، ڪٻي ڪَرَڪ (ٻُڄل) تي.
- ڦونگيون وڍ، صابر ڪو (برفتن جو پاڙو)، صابرن جو
- ڦونگي ۽ ڪڪر، آچرڪو (آچرن برفتن جو)، سجي ڪن جي تران (هيٺيان ڪڪر ۽ ڪٻي ڪن ۾ ڦونگي.
- ڦونگي ۽ ڪڪر، شيخن جو سڄي ڪن ۾ ڦونگي، ڪٻي ڪن جي ٻڙ ۾ مٿان ڪڪر.

# سگهڙ شاعرۡ قصا

هي موضوع ’رهاڻ هيرن ڪان- ياڳو پهريون“ ڪان هلندڙ آهي، اي سجنڻ هي رهاڻ وطن جي انهن سچن شاعرن جي آهي، جن پنهنجي صاف سنڌي ٻوليءَ ۾ قصن جي حوالن سان پنهنجي حال جون ڳالهيون ڪيون. هنن بيتن ۾ ٻوليءَ جي انوکي لغات سمايل آهي، جنهن کي سمجهڻ سان ٻوليءَ جي صحيح ساڃاءِ حاصل ٿئي ٿي.

**قائم سُپاڙ: سهٽي**

قائم سپاڙ بلوچ ڪلمتي، وينل تعلقو ميرپور ساڪرو 19هين صدي جي وچ ڏاري ٿي گذاري ويو.

1. ميهار آهم من ۾ ٻي وائي ناهم وات
قائم چاريندس ڪنڍڙيون مون کي ساهڙ نہ وسري سات
روز مڙوئي رات، مون ڪُن مڙوئي قبوليا.

2. ڪُن مڙوئي قبوليا تريو ويندس نار
ان محبتي ميهار سين منهنجي اکين لاتي آر
هو جا وڃي تي وٿاڻ تي ساليهون هٽي لار
سوا جنهن سنيار، ساهتن قائم رهندي ڪينڪي.

3. قائم رهندي ڪينڪي سا گهڙي انهيءَ گهيڙ
ڏيان ناهيس درياءَ تي تنهن کي نديون سيئي نيڙ
اچيو گهڙي اتان جتان واڳون سندي ويڙ
هو پيليو منجهان پيڙ وڃي ساهڙ سامهون.

**اسحاق گدو: سهٽي**

اسحق گدو ميرپور ساڪري تعلقي جو سڄاڻ، سگهڙ ۽ شاعر هو ٽالپرن جي اوائلي دؤر ۾ ٿي گذريو.

1. گهڙو ڪٽي گهڙي هئي آڏي رات اچي
آسوس درياءَ، اسحق چئي، هٽي ڪام ڪچي
تہ بہ ست وجي ساهڙ بين سهٽي ئي سچي
تنهن جي پرت پنجن سين هئي قرب چام ڪُٺي
تنهن ورتي راهہ اچي، هوءَ جا سرتين منجهہ هئي سوهٽي.

2. ورتائين راهہ رَچي، وڏائين پاڻيءَ ۾ پير
جيئن ماڙهو ڏينس ميهٽا تئين جر سندس سير
ڏيان ناهس درياءَ تي، گهڙي تان ئي گهير
اچيو گهڙي اتي جتان، واڳون سندو وير
تنهن جو نالو وني ڪير، جا آهي پياري پيغمبر جي.

## ميون قُل ڪوراڙ: سسئي

ميون قُل درس، راجسين پوٽو ذات جو ڪوراڙ ڪڇ ۾ ڳوٺ پوڄرڙيءَ ٻني علائقي جو وينل هو. سنہ 1953ع ۾ وفات ڪيائين سندس 'ست سرا' بيت لوڪ ادب جي ڪتا 'بيت' (1971ع) ۾ ڏنل آهن.

هتان تي هلنديا‌س، سامهين ساٽيهہ ڏي
سونَ ڪڙولا سنگهرون ڏونگر کي ڏينديا‌س
آيل، باروچن لاءِ ڳيسَريا ڪنديا‌س
جي ملي تان ملنديا‌س، نہ تہ گهوري باروچل تان.

—

سامهي ساٽيهہ ڏيِ هتان تي هلنديا‌س
هُنِ جا نَغَنَ آب انن تي، آءُ ڳجاڙو ڪٽنديا‌س
اُڃ ۾ آب اکين جو پاڻي ڪيو پيئنديا‌س
جي مِلي تان ملنديا‌س، نہ تہ گهوري باروچل تان.

## گلاب : مومل راڻو

گلاب اوباوڙي ماتيلي طرف جو شاعر هو. هيٺيون بيت شاعر غمتار مهر کان 16 نومبر 1974ع تي ڳوٺ جيوڻ خان پتافي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ مليو.

مومل کي مينڌري ڏني زهر ذري
انئي پهر اوندهہ ۾ چارئي پهر چري

گجر جو گلاب چئي، ايترو وڙ وري:
'پر خبر ڏئيم کري، راڻا پنهنجي رنج ۾.'

•خميسو: مارئي

اديون ڙي ارمان، ماريس ماڙيجن جي
وري پيچاري جي کل لڏائون کاڻ
وڃا پڌي وَٽ صدا سانگي سرت سبحان
ڪٽي آندئي ڪوهه تان، ڪلي پئي مون ڪاڻ
جٿن تو وٽ دهيل دماما ڏوڪڙي
تٿن مون وٽ پيٽ وڃائين يان
جٿن تو وٽ بيڪاريون پيرن جون
تٿن مون وٽ ڪير ولوڙيون خان
ڪالُهتا نڪر تي ڪاڻ ڏسان آءٌ دردن تي دربان
آءٌ تو وٽ سانگياڻي سومرا وهان ڪيئن وريام
آيم اباڻي پار جا سهڻ منجهه سلام
مينهن وسي وسون ڪلين وُٺا مارن جا مڪان
مون ڏاران ملير ۾ ڪير ماڙيچن ماتام
واري تي ورسين گهٽو گجريون چڏي گام
ڪاهڙ ۾ خميسو چئي، پڪا ارزئون ڪيٽ انعام
ايڏا جي ايمان تن ساهہ ۾ سانگيئڙن ڪي

نٿالو گبول: سورٺ

ويٺل گل محمد گبول جو ڳوٺ، لانڍي مڪان ڪان ڪراچي، 19 هين صدي جي پوئين اڌ ۾ ٿي گذريو.

سورٺ تي سوال ڪيا، چارڻ ڪي چئي
منت نہ مڃيئہ مڱتا، بڏئہ سندن تي تئي
لڪين لهي آئيا، ڪوڙين آيا ڪهي
هھڙي تند قبول ۾ ڪڏي ڪاڻ سئي
بچيل جا ٻولي ڪئي، ساجد ڪئي پٽي
متان محلاتن تان آيو پاڻ لهي
ڪري سُسهي، ڏنائين نَمائي سرُ نٿا چئي.

•سلام مهر: سورٺ

سلام نالو جيئندو (پاڙو) مهر، ويٺل ڪاڏارا، ضلعو جيسلمير 1880ع ڌاري ٿي گذريو. سورٺ جا بيت ٽيهہ راتيون چيائين، جن مان هي بہ دستياب آهن.

چارڻ چوٿين رات ڪي سِر جي دعويٰ سَٽ
نو سو ناٽو تو ڏيان، مور نہ ڏيان گهٽ
چڏ وڏائي وڍڻ جي، محب هجي مان وٽ
لهہ چارڻ چڏ هٽ، اُبارج سِر سَلامُ چئي.
(اُبارج =بچائج)

سمجهو ستين رات ڪي مُڙ مٿي ڪوُن مير
سورٺ جي سرير ۾ ايڏي ٿي اڪير
ٻڌا وائي وچوڙي جي، نيڻ وهايان نير
ساري ڏيانءِ صاحبي، وٺي ٿي امير
پر جنهن جوا هڙو آ اڪسير، سو سر ڏئي ڪين سلام چئي

• سسئي

پهلي رات پرين ڏي ٿي ڪَهہ ٻجهي ڪاري
نيڪائي هڏ سگهيٽي هوت جي، ڏرئون هئي ڏاري
ڪچي ڪيچن من ۾ سسئي نہ ساري
جي اچن هوند آري، تہ ٽيندو سک سلام چئي.

---

بانيڻ ڪي ٻيءَ رات ۾ لڳي ڪا لوري
ويهي ڪين پنيور ۾ ٿي گهٽ پڇي گهوري
اچين هوند اوري، تہ ٽيندو سک سلام چئي.

---

ٽينءَ رات پرين ڏي ٽيو اڪيرو ارواح
هاڙهي وچي مرَ هيڪلي ٽيون سرتيون ڪر صلاح
جن ڪي ڦٽ فراق جا، تن ڪي ويهڻ ناهي واهہ
اجهو ٽيندو پاڻ ۾ الله، وچي جوڙي ٽينديس جستا.

---

چُري چوٿين رات ڪي ڏس پنهل جو پنڌ
ڏونگر ڏاڍيون گهٽيون جتي سونهپ ناهي سنڌ

اچي ٽيو باري پاڻ بلند، وڃي جوڙي ٽينديس جت سان.

---

ڪري پهه پنجين رات کي پڇ ڏونگر ۾ ڏس
ليڙا رات لنگهي ويا گورا ڪري گس
ڪيچ ڪڏينديس ڪس، وڃي جوڙي ٽينديس جت سان.

---

ڇُلي ڇهين رات کي سڪ لڳي سائي
وِلهه ۾ ويهي ڪينڪي هن پار ويڃڻ وائي
جت گڏيو جائي، وٽڙا سور سلام چئي.

---

ستين رات سلام چئي ڪِيَ ڪيچين جي ڪاهه
ڪپي گام پنهونءَ ڏي ڪو سنيهو سڻاءِ
لاڳاپا لڪن جا اچي لعلڻ مون تان لاهه
عيبن ڪئون آجي ٽيان مان ساجن تنهنجي ساءِ
جانب ڏيندم جاءِ، وٽڙا سُور سلام چئي.

---

اٺين رات کي، وَهه ڳنهي ڪا وات
محبت جي مشغول ۾ اڳيان گهيڙ گهٽا آهن گهات
ڪَءَ ۾ ڪُٽڪن ڪينڪي ڪيچين جا ڪنوات
اڳيان ٻجهي اچ آڪري، لڳي لُوهه لپات
ڇر مينهن جي ڇات، هن سان ٽيندو سلام چئي.

---

نڪري نائين رات کي، تون پير پڌر تي پاءِ
ڏانهون درد فراق جون سيئي سڻاءِ
پئي پيرين هن جي بديون سڀ بخشاءِ
ايذائي لائق لاءِ، جو وڃي جوڙي ٽئين جت سان.

---

ڏسي ڏهين رات کي، اتي ڪيائين آهون
وندر جي وٽن ۾ ڏئي ويچاري واهون
سرتيون شهر ڀنڀور ۾ آيو ڪيچ ڏٽي ڪاهون

پنهون پرڏيهي سان مون لڪئي جون لائون
جت گڏيو جائون، وئڙا سُور سلام چئي.

---

جُڙي يارهين رات کي سسئي ڪي صلاح
ٽينديس ويراڳڻ وَرَ لئي سُڪائينديس ساهه
ڏوريندس ڏونگرڙا مان لڪن سندا لاهه
ڪاهي ڪاهي ڪاهه وڃي ٽينديس هيڪاندي هوت سان.

---

ٻيهي ٻارهين رات کي سرتين ڪئي صلاح
چوري رات چڙهي وئا، تنهن ڪڍ ڪهڙي ڪندين ڪاهه
سُور ڦٽا ڪر سسئي، اٿئي سک صلاح
هو چڏي هوت وياءِ تون رهي رهه پنيور ۾.

---

تيرهين رات تمام لڳي آ سک ساهه کي
ويينديس مان وٽڪار ڏي، ڪاڪيون پليو ڪام
ڏوريينديس ڏونگرين مان لڪين سندي لام
اتي ٿيو آ جام وڃي جوڙي ٽينديس جت سان.

---

نڪي چڪي چوڏهين رات کي، نڪي ڪائي ساڻ خوشي
ڏاڍي جات جتن جي وئا رات رُسي
لتا لال لڱن تي پيئڙا پاند پسي
ٻوڙها تن ٻلن تي، بوندان پيون وسي
ٻنهي وچ راهه رسي، ٿئين هوند هيڪاندي هوت سان.

---

پسي پنڌرهين رات کي، ڪڍ ڪيچين جي ڪاهه
اديون آريچن سان منهنجو جيءُ نه جهلي جاءِ
تي ويچاري وسيلي، جنهن ايڏا قول ڪيا
نماڻي کي ننڊ ۾ ڇڏي هوت وئا
سائين سُک ڪيا، وڃي تي هيڪانڌي هوت سان.

• **جلال نظاماڻي: مارئي**

جلال نظاماڻي، پاڙو علياڻي، سانگهڙ جو ويهين صدي جي شروع ۾ گذاري ويو. 'تيهہ راتيون' جنهن مان هيٺيون بيت:

چهين رات چَڪن تا مارن لاءِ ماندي
وڳر منجهئون وِلهي ڪر عمر تو آندي
لاهہ نير نماڻيِ جا، تون واري ڪر واندي
تہ جيڏين ساڻ جلال چئي تئي هيڪر هيڪاندي
هت ڪير تيندم ڪانڌي، متان مارن جهَل مري ويجا.

**دين محمد لغاري: مارئي**

دين محمد پٽ احسان علي لغاري، پاڙو ڪُلڪُلي، ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو. 1935ع ڌاري اسي سالن جي عمر ۾ گذاري ويو. تيهہ اکري چيائين جنهن مان هيٺيان بيت:

الف اباڻن کي ڏني ڏينهن تيام
ساعت نہ سري جن ري تن ري ڏينهن تيام
ڏوراڻي ڪنهن ڏيهہ وٺا وڃي پَرئين سانگ سُيام
ڪل پيي ڪانہ پيام، ڪهڙي واقعا ويڙاين سان.

"واقعا (واقعو) = وڏي تڪليف مصيبت. چوندا ڪهڙي واقعائي؟ ڪنهن جو پيارو عزيز گذاري ويندو. تہ چوندا تہ "ڦلاڻي سان واقعا وهي وئي!"

ب آئون باب انهن جي ماروئڙا ملير
وڃي ڪوڙ قرار تيا، ڪنهن سانگ سڌير
وٺا پُري ان پار ڏي ڪٽي ڏُت ڏَڏير
مون ناهي سڌ سرير، ڪهڙي واقعا ويڙاين سان.

-

ت آئون تات تن جي منهنجا وٺڙا سانگ
عمر آيا ڪينڪي منهنجا موتي ماڳن تي
هن جي دک دينو چوي وڏي دل ڏڳي
لوئڙيارن لڏي، وڃِ پکا پري اڏيا.

-

ث آئون سنگهارن جا مونکي سرسا تيئڙم سور

هنجهون هاريم هن لاءِ تيم نماڻا نور
هِت وِهايم هيترا ڪي پنهوارن لاءِ پور
ڏاڍي ڪنهن ضرور، مونکان مارو ماڳ متي وئا.

—

ج اڏيائون جت، اتان آيو اوني ڪونه وري
خبر ڪتيرين جي مونکي ناهي خوش ڪري
پنهنجي اباڻن لئي منجهه ڳاراڻن ڳري
مون ناهي سڌ سري، تہ ڪهڙي واقعا ويڙاين سين.

—

ح ئون هلي وئڙا مارو ڪنهين ماڳ
هُن جو دک دينو چوي دل اندر ۾ داڳ
لڏيون لاڙي لس ويا، تر اڏيائون تاڳ
آءُ ڪنهن اياڳ، تيس ولهي ويڙهيچن ري

• **ڳُلو مرڙاڻي: سسئي**

ڳلو مرڙاڻي وينڊل وسين بهار شاهہ لڳ متياري، 1943ع ڌاري گذاري ويو.

سڻ سنگر تي سچون ڪريان جيڪا منهنجي من
اتيس تي اوسيڙي مان ڏسيو تن ڏيرن
چميم تي هٿ هوتن جا، آءُ پجيس تي پيرن
سي ونيو مون وهاريا، خاصن ڪتولن
ڪاڄ رڏم تي خوشيءَ مان لاءِ انهن اونيڙن
پهرينءَ پرونہ ڏنو ڪو ڀهران بروچن
ٻيءَ ٻيهي رهيا پاڻ ۾ ڪا مدي ڪري من
تيجهيءَ تڪاڻا جوڙيا ڪي آتڻ اشرافن
چوٿينءَ رات چڱي ڪي مصلحت ملوڪن
پنجينءَ پيهي پاڻ ۾ ڪي ٻڌي باروچن
ڇهينءَ چانئي چڙيا نشانادانن
ستين سيلا ڪڍيائون ڪشي ڪنواڻن
انين رات انن ڪي بينا تليو تونئر ٻڌن
نائين نيش پلاڻيا ڪرها ڪيچيڙن

ڏهين وچي ڏس پيو هاڙهي منجهہ هوتن
ڪارهينءَ رات ڪرم سان وڃيو لس لنگهن
ٻارهينءَ جو ٻانيڻ ڪان ٽا پرت پچائون ڪن
اهي گنگا اٺ گلو چئي هئا سندا سرواڻن
پياري پرت ڪي ڪيو ڳهيلو ڳوڙن
تن تنگ مهارون توبرا گوربنديون گوڏن
انهن اهڃاڻن، پنهون نيائون پاڻ سان.

•لالوُ ڏُنَڙُ:سسئي

لالو ڏنڙ ويٺل ٻاجڪ جبل(شاهہ گودڙيي ڪان اتر_اولهہ ڪنڊ تي) سنہ 1900ع ڌاري تي گذاريو

سسئي ڪي سور ها ڄمندي سان ڄرمين
پٽي ٻانيڻ پوتيون، ويهي ڪيا وهمين
تہ هيءَ وچي تي هندڪار ڪئون ڪچي تي ڪرمين
پئہ لوڙهي پاٽيءَ ۾ ڇڏي اوڪي ابهمين
ٻڌي ڪين ٻروچ لئي هوس دنيا دم دمين
هو پاڻ مليس پر ۾ هي سونهين نہ هئي ساٿ جي.

# سنڌ جا قبيلا ۽ نسب ناما

(نسب ناما ۽ شجرا تاريخ جو حصو آهن، پر ڪنهن بہ قبيلي جو شجرو شروع ڪان وٺي معلوم ناهي. 1950ع کان پوءِ راقم سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق ڪندي، سنڌ جي قبيلن ۽ شجرن بابت پڇا ڪئي. ڪن سڄاڻن ڪي پنهنجي قبيلي جا يا پنهنجي ڪٽنب جا جيڪي شجرا ياد هئا. سي لکيا ويا. اڪثر شجرن بابت بيانن ۾ اختلاف آهي، انهيءَ ڪري، جيڪو شجرو جنهن بيان ڪيو، تنهن جو نالو ڏنو ويو آهي تہ جيئن معلوم ٿئي تہ اهو شجرو ان بيان ڪندڙ جي زبان مطابق آهي ممڪن آهي تہ سڄو صحيح نہ هجي، پر اهو ٻئي ڪنهن سڄاڻ جي بيان ڪي پيٽڻ ۾ مدد ڪندو- نبي بخش)

فتحنامي مطابق تيرهين سئو ورهيہ اڳ، پهرين صدي هجري جي آخر(اٺين صدين عيسوي جي شروع) ۾ اسلامي دؤر جي شروعات وقت، سنڌ ۾ هيٺيان قبيلا موجود هئا: لوهاڻا، سما، لاکا، سهتا، ڪاڪا، چنا، جت، ٺَڪُر ۽ ميد (ميهه). اهي ان وقت جا وڏا قبيلا هئا جو تاريخ طور انهن جو ذڪر آيو آهي. انهن کان سواءِ بہ ٻيا گهڻا ننڍا قبيلا ان وقت موجود هوندا انهن آڳاٽن دؤرن ۾ ڪا حد بندي ڪا نہ هئي. موجوده دؤر وارا پاسپورٽ ۽ اجازت ناما ڪين هئا ۽ قومون ۽ قبيلا هڪ ملڪ مان ٻئي ملڪ آزادي سان پئي آيا ويا. روزگار جي تلاش، ڏڪار سڪار وارين ڦرندڙ گهرندڙ حالتن، قدرتي حادثن سببان، قبيلا ڪٽي بہ تمام گهڻي عرصي تائين ڪين وينا ۽ هميشہ سندن هجرت ۽ هل هلان هئي. چئي نٿو سگهجي تہ سنڌ ۾ ويٺل مٿيان قبيلا اٺين صدي جي شروع کان ڪيترو اڳ سنڌ ۾ ويٺل هئا ۽ اهي ڪٿان آيا ۽ اچي سنڌ ۾ ويٺا سنڌ ۾گهڻو ڪري هڪڙا قبيلا الهندي کان ۽ ٻيا اپرندي کان آيا. لوهاڻا ۽ مهاڻا(ميد) شايد آڳاٽا مقامي قبيلا هئا. جت (بلوچ)

الهندان ايران طرفان آيا ۽ نڪر اپرندا(راجستان مان) آيا. سمن جي شجرن وارن ڪن روايتن ۾ ٻين اهڃاڻن موجب اهي الهندان آيا. سهتا اصل راٺوڙ هئا ۽ اهي اپرندان آيا. اهي ڳالهيون ۽ اهڃاڻ وڌيڪ تحقيق طلب آهن
هيٺيان قبيلا اسلامي دؤر ۾ آيا جن بابت وڌيڪ تاريخي حوالا ملن ٿا.

- عرب:عرب قبيلن مان سيدن، هاشمين ۽ قريشن جا نالا مشهور آهن ڪن عرب قبيلن جا اصل نالا سنڌي لهجي ۾ سمائجي ويا. جئن تہ اصل عرب نالو بنو مسيره ڦري مهيسر ٿيو ۽ تميم ڦري ٿهيم ٿيو. شجراع ۽ گهمرا نالا بہ اصل عربي نالن جو عڪس آهن. مرحوم الله داد خان شجراع(وڪيل شڪارپور) چوندو هو تہ اسان جا وڏا چوندا هئا تہ اسين عرب آهيون. ڪن عرب قبيلن سنڌ ۾ جيڪو ڌنڌو اختيار ڪيو انهيءَ نالي پنيان سڏيا وڃن. جيئن تہ پنهور جن ٻڪريون(پهون) ڌاريون ۽ مال پاليو.پنهون اصل ۾ اسدي قريشي آهن جيئن وڏي عالم مخدوم محمد هاسم ٺٽو لکيو آهي اهڙي طرح ڌنڌي پيشي جي لحاظ سان ٺنيا ۽ ٻيا قبيلا جن بابت روايتون تہ عرب آهن.
- بلوچ قبيلا:انهن مان سڀ کان اول جت، بلوچ اسلام کان اڳ واري دؤر ۾ سنڌ ۾ آيا ٻي صدي عيسوي ۾ سٿين ساڪائن(وچ ايشيائي ترڪن) بلوچن کي سيوستان(ڏکڻ اولهہ ايران) مان بہ دخل ڪيو هو ۽ هيٺ مڪران ڏي آيا ۽ اتان سنڌ ۾ آيا. جت بلوچ انهن آڳاٽن قبيلن مان آهن جيڪي سنڌ تائين آيا. باقي ٻيا بلوچ قبيلا پوءِ آيا.
- مانجهند:ايران جو جمشيدي نسل جو قبيلو
- ترڪ:انهيءَ نالي سان ترڪ قبيلا جن مان ڪي جهانگارن ۽ باجارن ۾ موجود آهن شايد جهانگارا باجارا بہ اصل ۾ ترڪ نسل جا هجن. لاڙ ۾ ترڪ نالي سان ڪٿم موجود آهن.
- مغل:هن نالي ۾ وچ ايشيا جا گهڻا قبيلا مغل، ارغون ۽ ترخان وغيره شامل آهن. نصرپور شهر جا مغل، شهيد جان بابا ترخان جو اولاد آهن.
- قزاق:سنڌ ۾ بلڪل انهي نالي سان سڏجن. حرن فقيرن مان وسندو قزاق مشهور ٿيو.
- ڪالرو: سنڌ ۾ مشهور قبيلو آهي ۽ انهن جا ڳوٺ آهن حيات ڪالرو ۽ ان جي قبيلي جو مقام اگهاماٽو ۾ مخدوم محمد اسماعيل ؒ جي مزار کان اوڀر طرف آهي. اصلي نالو ڪارلوغ ترڪ جيڪي ڪنهن وقت سنڌ۔

ساگر دوآبي جا حڪمران هئا قطب الدين ۽ التمش بادشاهن جي وقت ۾ هو خودمختيار هئا ۽ مٿيون پاڱو سنڌ. ساگر دوآب وارو ايلدوزي جي هٿ ۾ هو ۽ هيٺيون پاڱو سلطان ناصر الدين قباچه جي حڪمراني ۾ هو.

اهي قبيلا جيڪي هن وقت سنڌ ۾ موجود آهن ۽ جن جي نسب نامن ۽ شجرن بابت تحقيق ڪندي جيڪي ڪجهه معلوم ٿي سگهيو سو هيٺ هن پهرين قسط ۾ بيان ٿيندو. پهريائين هڪ وڏي آڳاٽي قبيلي، يعني سهتن جي قبيلي جو ذڪر ايندو ۽ ان بعد ڪن ٻين قبيلن مان شنباڻين، نوحاڻين، سميجن ۽ جاڪرن ۽ جت بلوچن جو بيان ايندو.

## اٺين صدي عيسوي جي شروع ۾ اسلامي دؤر جو آڳاٽو قبيلو سهتا

فتحنامي ۾ محمد بن قاسم جي اچڻ وقت، ٽن وڏن قبيلن لوهاڻن سمن ۽ سهتن جي جدا جدا ٻر لاڳيتن پرڳڻن جو ذڪر اچي ٿو. جن مان پرڳڻي سما ڪان اتر طرف لاڳيتو پرڳڻو سهتا هو جيڪو ضلعي نوشهروفيروز ۽ ان ڪان اتر طرف علائقن وارو پرڳڻو هو. سهتا قبيلي وارن محمد بن قاسم جو استقبال ڪيو ۽ صلح ٿيو ۽ ان صلح ۽ امن سان سهتن جي قبيلي اسلام قبول ڪيو ۽ اسلامي دؤر ۾ ٻي ڪان نائين صدي هجري( 8ڪان 10صدي عيسوي) تائين هو وڏي مان مرتبي وارا ٿيا اٺن صدي واري انهيءَ دؤر ۾ هو اتر طرف نه ففط اروڙ تائين پر اروڙ کان اڳتي ميرپورماٿيلي تائين وڌيا ۽ طاقت وارا ٿيا. تاريخ جي لحاظ سان سڀ ڪان اول نالو سهتن جو اچي ٿو ۽ پڻ سهتن جي پرڳڻي سهته جو ذڪر پهرين صدي جي آخر ۾ اچي ٿو. وري 16هين صدي ۾ تاريخ طهاري ۾ سهتن جو ذڪر اچي ٿو انهي ڪري هن سڄي قبيلي جو مکيه نالو سهتا صحيح ٿيندو پوءِ هن قبيلي مان ڏاري جو اولاد ڏاريجا طاقتور ٿيو جيڪو اتر طرف اروڙ ۽ اڳتي ميرپورماٿيلي طرف وڌيو. هيٺيون سهتن وارو اصل علائقو سهتن جي نالي سان سهتڪي يا ساهتي سڏيو ويو ۽ مٿيون اتر وارو علائقو ڏاريجن جي نالي سان ڏاريجڪي يا ڏار سڏيو ويو انهيءَ دؤر ۾(ڏاريجڪي) سهتڪي لاڳيتا علائقا هئا. اروڙ ۽ بکو ڏار ۾ هو ۽ هيٺ ذڪرڻ طرف سهتڪي يا ساهتي هئي يعني سهتن جو علائقو. (انگريزن جي دؤر ۾ جڏهن مسلمان اڻ پڙهيل ۽ هندو پڙهيل ٿي ويا، تڏهن پڙهيلن ساهتي جي معنيٰ ڪئي ساهت وارو علائقو يعني پڙهيلن ۽ مهذبن وارو علائقو. جنهن ۾ پريا، نارو شاهه، ڪنڊيارو ۽ منياڻي شامل هئا. جن ۾ هندن جا پنهنجا هاءِ اسڪول هئا. مسلمان اڻپڙهيل جن کي پنهنجي

تاريخ جي خبر ڪا نہ هئي، تن مجيو تہ برابر ساهتي معني ساهت وارو علائقو ۽ نہ سهتن جو علائقو. هڪ بيان موجب سهتڪي يا ساهتي جي اتر واري حد، اوير طرف ناري ۽ ميرواهہ تعاتن جي دنگ تي گيلي جي پٽ کان اتر طرف روهڙي تائين,اولهہ طرف لب درياءَ تائين ۽ ڏکڻ طرف دربيلي کان اڳتي هئي. هن وقت(1983ع) تائين، سهتن جا ڳوٺ دالي(نارو شاهہ لڳ) کان وٺي ڪنڊياري تعلقي ۽ پوءِ تعلقي گمبٽ ۾ گهٽا ۽ پوءِ ميرواهہ، ڪوٽڏيجي ۽ خيرپور تعلقن ۾ موجود ۽ وسندڙ آهن.

ڏاريجا ڏاريجڪي، اروڙ روهڙي-بکر کان شروع تي جيتوٽيڪ هيٺ بہ ڏاريجن جا ڳوٺ هئا جيئن اجا تائين ٻبرلوءِ ۽ گوندرڙو موجود آهن. لوءِ (ـ ڳوٺ) جي نالي وارا ڳوٺ گهٽو ڪري سڀ ڏاريجن جي جدا جدا پاڙن جا آهن. نسب نامي جي راويت مطابق ، ڄام سوائي کي ٽي پٽ ٿيا: ڄام ڄَهلو جنهن جهلو جو لاءِ (عادلپور)وسايو، ڄام وڪريو جنهن پني عاقل واري ڊرب وسائي ۽ داد جنهن دادلوءِ وسايو پهاڪو مشهور تہ:

"ماتيلي سر گاگڙي، سٺ جهلو جولوءِ "

يعني ماتيلي کان وٺي گاگڙي تائين سٺ لوءِ(ڳوٺ) ڄام جهلو جا. سندس اولا مان عادلپور جا ڄام جن مان هن وقت ( 1985ع) ڄام مير احمد خان(بن ڄام محمد صالح بن ڄام ارباب) سنڌ جي ڪمشنر جي وقت ۾ باويهن ديهن تي عادلپور جي ڏاريجن ڄامن جو لاپو لوءِ، بڏل هو جيڪو 1958ع ۾ ختم ٿيو. ڪن ديهن ۾ 'سور ستار' هو يعني سورهن دريون(ان جون) سرڪاري تہ سترهين لاپي جي، ڪٿي هڪ يا بہ ربيا ٽوڪي تي(ٽوڪو- بہ مڻ پندرهن سير) روايت موجب وير ۽ ٻبر ڀاءُ هئا جن وير ۾ لوءِ ۽ ٻبرلوءِ وسايا. ڄام ابوالخير ويرم لوءِ جو هو. عاقل ۽ ٻيا ڇهہ ڀائر هئا. انهن ست پنا(پنو-آباد ايراضي گاهہ واري) شهر بڏايا جن مان پنو عاقل، پنو غلام علي، پنو حسين ۽ ٻيا اهڙي طرح. روهڙي، پني عاقل ۽ گهوٽڪي تعلقن ۾ ڏاريجن جا ٻيا ڳوٺ جئين تہ پريان لوءِ (اصل پريالوءِ جتي ارباب غلام مرتضيٰ)، هَمڻ لوءِ، ابي لوءِ(هاڻي اتي ڏاريجا ڪين آهن).

- تاريخ:

ڏهين صدي هجري(16هين-صدي عيسوي) ۾ سهتن جي مرڪزي پرڳڻي جو حڪمران عمر شاهہ بن دائود هو جنهن جو مک شهر دربيلو هو. مٿي اتر طرف بکر کان ميرپور ماتيلي تائين سهتن جو ٻيو وڏو قبيلو ڏاريجا

طاقتور هو. ان وقت سهتا ۽ ڏاريجا همت ٻڌي سنڌ ۾ ارغونن جي وڏنڌڙ طاقت سان ٽڪريا، پر هارايائون. سنه 927هجري ۾ شاهه بيگ ارغون جي حملي وقت روهڙي وارو پاسو ڏاريجن جو هو ۽ اتان لشڪر گڏ ڪري بکر جي قلعي تي حملو ڪيائون. ڏاريجا شاهه بيگ ارغون سان ٽڪريا جنهن جو فائدو مهر سردار لالي کي ٿيو ۽ ماتيلي طرف ڏاريجن جو زور ٿيو. دربيلي وارا سهتا شاهه بيگ ارغون جي پٽ شاهه حسن سان مقابلي ۾ آيا ۽ مارجي ويا.

دربيلي جي سهتي ڄام عمر شاهه جي پٽ جو نالو به دائود هو. همايون بادشاهه جڏهن ٻبرلوءِ ۾ منزل ڪئي. ٻبرلوءِ جي باغ ۾ مغلن جي مسجد سڏجي ٿي، اتي همايون بادشاهه جي منزل هئي. تڏهن عمر شاهه ۽ پٽس کيس دعوت ڏني جو هو دربيلي ۾ آيو ۽ رهيو. ان وقت مرزا شاهه حسن سنڌ جو حڪمران همايون جي خلاف هو پر باوجود ان جي ڄام عمر شاهه همايون بادشاهه جو شانائتو استقبال ڪيو کيس دعوت ڏيئي دربيلي ۾ ڪجهه وقت رهايائين جتان پوءِ همايون بادشاهه درياءِ ٽپي پاٽ جي شهر ۾ ويو جتي اڪبر جي ماءُ سان سندس شادي ٿي مرزا شاهه حسن پوءِ انتقام ورتو. عمر شاهه گذاري ويو هو باقي دائود کي ماريائين. ان بعد ڀائيجي ٿو ته مغلن جي دؤر ۾ سهتن جو سرواڻ آنهيو (ن غنو) (آنهيو معنيٰ آنهه وارو هٺڙ ۽ هستي وارو هنيو صحيح ناهي) ڄام هو جنهن جو شهر هگورجا هو جتي چون ٿا سندس نهرايل مسجد موجود آهي روايت موجب هو ظالم هو جنهن ڪري کيس مغلن طرفان اماڻيل فوجي ڪٽي ويا.

- نسب نامو:

سهتن-ڏاريجن جي نسب نامي ۽ شجري بابت، مون گڏيجي جي ميان نبي بخش سهتي، ٻبرلوءِ ۾ وڏيري خان محمد، عادل پور جي ارباب مير احمد خان، گوندرڙي ۾ ارباب شاهه بخش ۽ ٻين کان پڇائون ڪيون ۽ هيٺين ڳالهين تي وڏيڪ اتفاق ٿيو

- متفقه راءِ ته سهتا اصل ۾ رانوڙ آهن. رانوڙڪيءَ ۾ ڪو راٺو سيني جو وڏو هو. هڪ روايت موجب، پوءِ ڪرڻ، ڦلودي، جوڌپور ۽ جيسلمير طرف کان آيا. اتي جنگ ڪري نڪتا ۽ سنڌ ۾ اچي وينا، جتي دين اسلام وارا ٿيا. فقير رحمت الله ونڊير مرحوم پنهنجو هينيون شجرو ڏنو جنهن ۾ اناويهن پيڙهي ۾ متي وڏو ڏاڏو راٺو رانوڙ ڄاڻايل آهي رحمت الله فقير

وندير بن خضر فقير بن بلاول فقير بن نعمت الله بن عبدالله بن نعمت الله بن محمد حيات بن ساجن بن پانڌي بن جمال الدين بن ابوبڪر بن بلاول بن ڪريمداد بن غلام محمد بن صديق بن عبدالله بن مشائخ سعد الله بن ڪمن بن حسين بن وسايو بن پسايو بن سئلو بن تيلو بن مولو بن وسنداس بن راڻو رانوڙ.

- عادپور ۾ مير احمد خان چيو ته :سهتا، مڱڻيجا، ڪونريجا، ڍوڍا ۽ ٻيا راجداري ۾ ڏاريجن سان شڪي آهن، باقي سڱابندي ۾ ناهن.
- گوندرڙي ۾ ارباب شاهه بخش ڏاريجي سان 14نومبر 1985ع تي ڪچهري ٿي: چيائين ته سهتا، وندير، ڏاريجا، اجڻ، مڱڻيجا، ڍوڍا جيهجا سڀ هڪ ئي ڏاڏي جو اولاد آهن. وڏن جو مکيه لقب ارباب هو پر پوءِ چام ۽ خان سڏاياءون.
- آخوند ٿارو مڱڻيجو عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت ۾ هو ان جي لکيل شجري جا ڪي ٽڪرا ميان نيڪ محمد سهتي(نئين ڳوٺ جو لڳ هڱورجا)، ماستر عبدالواحد ڏاريجي(ڳوٺ هڱورا تعلقو پنو عاقل) ۽ ميان نبي بخش ٻهڻجاڻي سهتي(گڏيجي) وٽ هئا. ميان نيڪ محمد وٽان مرحوم عبدالڪريم سنديلي هن طرح نقل ڪيو ته: راڻي موڙا سنگ رانوڙ کي ست پٽ هئا:سهتو جنهن جا سهتا، راهو جنهن جا هڱورجا، مڱڻ جنهن جا مڱڻيجا ۽ اجڻ جنهن جا اجڻ. (پر جيئن فارسي شجري ۾آهي) ميان نبي بخش وٽ به ساڳيو اهو اتارو منهنجي نظر مان گذريو البته وٽس اصل فارسي شجري جو ڪجهه ٽڪرو به هو جيڪو آءٌ هن طرح پڙهي سگهيس، ”نقش شجره مردهه مڱنيجه از اولاد مورا سنگ قوم رانوڙ ملڪيت آخوند ٿهارو خان و حبيب الله، چند حروف براي يادگيري تحرير غره ذوالقعده 1189 “ اڳتي لکيل شجرو هن طرح مون کي سمجه ۾ آيو:چار پاءُ، سيٽر، جيسر، اهيه، موٽپر سيٽر جو اولاد سيٽارجا، جيسر جا ٽي پٽ لڏو هالو(جنهن جا هالا) ۽ ٽيون نالو ڊنل. اهيه (انهيو جا ٽي پٽ:هڱورو، ويروهر ۽ ڏيو. موٽپر جا موٽپارجا
- ميان نبي بخش 18 اپريل 1983ع تي گڏيجي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ چيو ته هڪ روايت موجب ست پاءُ ۽ انين پيڻ راڻي هئي:سيٽر جنهن جا سيٽارجا، انهيو جنهن جو شهر هنڱورجا، جيسر، گهلو(گهلي جو شهر ۽

ٺندرو اهي اچي گڏيجي ۾ ويٺا). دراز جنهن جو شهر درازو، گنبو جنهن جو سهر گمبٽ ۾ گنبيرو(شهر ڳوٺ ۾ ڍنڍ گنديرو). پيڻ راڻي جي مڙس جو نالو مهيم هو ملڪا ستها ۾ سڏوجا مشائخ اولاد آهن مائي راڻي جو. ڪنهن فقير پاراتو ڏنو جنهن تي مهيم جو نالو ميٺجي ويو ۾ شهر کي راڻيپور سڏيو ويو:

ڪو جو ٿهر پيو راڻيپور تي رات

چٽي ٻي سيٺ ذات مُٺو گهر مهيم جو

- ٻي هڪ روايت موجب سهتن جا وڏا ڪڙم ات: سهتا، ڏاريجا، ڪونريجا، مڱٽيجا، اچڻ، شمس، جيسر يا جيسارجا(انهن جو قٽل ڳوٺ جي قديم مسجد، هڱورجن کان اڌ ميل ڏکڻ تي بيٺل)انهن کان سواءِ ٻين نالن سان بيا گهٽا پاڙا جيڪي هڪ روايت موجب جملي چوهٺ انهي مان ڪي هي: ڍوڍا، مهائين، پوٽرا، ونڊير، ڏيا، تگر، ڏهراج، مولهڻ، وسطڙا، هگورا پوٽرا (سندن ڏاڏو ڪمن جنهن جو ڪمن واهڻ)، ٻهٽجاڻي، جماڻي، خميساڻي، ساهيجا، ڪَپرجا، صدريجا، ُحليا، ملا، موٽپارجا(رسول آباد ۾) ڏيپارجا، هالا، شورا، شجري ۾ وڏو ڏاڏو شورو جنهن جو اولاد شورا( ۾ نہ سورا). حيدرآباد طرف ڄامشورو ۾ بيا شورا بہ شايد سهتن جي پيڙهي واري شوري جو اولاد. هالا بہ سهتا آهن: شهر هالاڻي ۾ لاڙ ۾ شهر هالا بہ سهتن جو ۾ ان شهر وارا ارباب سڏجن. هالاڻي جي پرسان تاريخي مسجد لڳ بہ چار گهر سهتن جا ويٺل جيڪي پاڻ کي هالا سڏائين.
- ڄام خان، ميد ۾ متل چارئي پائر هئا. ڄام جي اولاد مان ڄام انهيو ٿيو خان شهر خانواهڻ ٻڌايو.
- ويجر گمبٽ طرف. پهاڪو تہ: ويجر جن جي وڄ تي سي گمبٽ ڪئن گهارين "!

•ديندار ي ۾ علم:

سهتا قبيلي جي ڏاريجن ۾ ٻين پاڙن سميت، سنڌ جي تاريخ ۾ خاص اهميت آهي. هو شروع کان وٺي دين اسلام وارا ٿيا. سندن ارباب ۾ ڄام طاقتور ٿيا ۾ ارغونن سان مقابلا ڪيائون. ڪي وڏا ديندار ۾ درويش ٿيا. 7 صدي هجري کان وٺي ملتان جي غوث بهاءُ الدين زڪريا ؒ جا معتقد ٿيا ۾ وڏي فيض وارا فقير ٿيا ۾ غوثي سهروردي طريقي ۾ مشائخي جي درجي تي

پهتا جيئن تہ:

- وڏي ڪمن جي اولاد مان سعدالله عرف سڌو مشائخ(لڳ اوڀر طرف شهر راڻيپور) جنهن کي ست پٽ ٿيا:محمد عثمان جنهن جو اولاد ملڪا سهتا ۽ ٻيا ناري ۾ ستابو اولاد ملڪي ۾ عبدالعليم اولاد عليم جا ۽ ٻيا جلب، ميان عبدالمجيد جنهن جو فرزند محراب جنهن جو اولاد محراب جا (خليفا جناب پير صاحب پاڳاري جا). گلشير جنهن جو اولاد ناري ۾ ميان عبدالله، اولاد بلال جا ونديرِ، ميان امين، اولاد ملڪي ۾ (هن وقت حاجي محمد ابراهيم)، ميان جمو اولاد جمڙا، چار فرزند ميان عثمان، ستابو ميان امين ۽ ميان عبدالله ملڪي واهڻ ۾ رهيا باقي ٻين جو اولاد وچي ناري ۾ رهيو.
- مٿين پٽن ۾ عبدالرحمان جو نالو ڪونهي ڪا ڀل ٿي آهي. مون 17- اپريل 1983ع تي مُلڪا واهڻ ۾ جڏهن شجري بابت پڇائون ڪيو. تہ مرحوم رحمت الله فقير ونديرِ پنهنجو شجرو ڏنو ٻيو تہ حاجي محمد ابراهيم(اصل سيوهڻ جو) شاهو نالي ڪاتب سنہ 943هجري ۾ لکيو ۽ جيڪو پوءِ 1047هہ ۾ عبدالرحمان بن ميان سڌو( مشائخ) جي تڙ-پوٽي مولانا عبدالرحمان ولد ابوالخير جي ملڪيت هو. هن مان معلوم ٿيو تہ سنہ 943هہ ۾ راڻيپور جو شهر موجود هو ٻيو تہ مولانا عبدالرحمان سڌو مشائخ جي پٽ عبدالرحمان جي اولاد مان هو ۽ 1048هہ ۾ سڌو مشائخ ﷫ جي چوٿين پيڙهي ۾ هو. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ سڌ مشائخ انداز 8 صدي جي آخر ۽ 9 صدي هجري جي شروع ۾ ٿي گذريو. انهي ڪري اها عام روايت صحيح نہ آهي تہ سڌو مشائخ شاهہ خير الدين ﷫ جو شاگرد يا مريد هو. سندس ڀڙ-پوٽو مولانا عبدالرحمان شاگرد يا مريد ٿي سگهي ٿو. قرآن شريف جي پوياں لکيل اصل فارسي عبارت ڏجي ٿي، جيڪا تاريخي لحاظ کان وڏي اهميت واري آهي:

"وقد وقع الفراغ من الستويد روز شنبہ ماه محرم الحرام وقت زوال کاتب حروف شاهو بن سليمان بن حميد بن شهاب بن سليمان بن سعيد(معيد ؟) بن روتر(ائين) قريشي متوطن ساکن قريہ راني پور اصل ساکن سيوستاني سنہ ثلث واربعين وتسع ماۂ

(ان بعد هيٺيان وقت جي مالڪ جي تحرير)

حق ملک اين مصحف مولانا عبدالرحمانولد ميان ابوالخير ولد مولانا

مرحومي مغفوري ميان عبدالرحمان ولد مرحومي ميان سدو...دستخط مولانا حمزه والد حبيب از قرار تاريخ بست وهفتم ماءِ شوال سنہ 1047 ھہ“

ٻيو محمد مشائخ، شهر گڏيجيءَ کان اتر طرف منو ميل

- جهنڊو مشائخ، راڻيپور کان ٽي ميل اوڀر، شاهي رستي تي.
- محمود مشائخ، گمبٽ کان چار ميل ڏکڻ اولهہ ، گنڊيرو.
- شيخ مهائين، ڪوٽ ڏجي کان اولهہ درگاهہ سندس تربت تي سال وفات 827هجري مان معلوم ٿئي ٿو تہ 9 ـ صدي هجري ۾ حال حيات هو.
- شاهہ جمال (سهتو پر نالو ائين).سهتن ۾ مڱڻيجن جو ڏاڏا پير ۽ پير تاج محمد(سهتو) ديهہ پير تاج ٽپو گڏيجي، ٻئي پنهنجن جا پير هئا.

سنڌ ۾ ٻين ماڳن تي بہ سهتن جا ماڳ مقام آهن جيئن تہ ويرم فقير سهتو اگهاماڻو ۾ سندس مرشد شاهہ محمود سهروردي سان ساڳئي قبي ۾(مخدوم محمد اسماعيل جي درگاهہ کان ڏکڻ پاسي) مدفون آهي.

انهن درويشن کان سواءِ ٻيا علم وارا عالم هئا جئين مولانا عبدالرحمان نعمت الله(فقير رحمت الله جو ڏاڏو) فارسي جو شاعر هو ۽ پير صاحب پاڳارو جناب حزب الله شاهہ مسڪين ڪيس پاڻ وٽ گهرائيندو هو.

ڪي سنڌي جا شاعر ٿيا، جن مان ڪن جو ٿورو گهڻو ڪلام ملي ٿو جيئن تہ امين ڏاريجو چاڙ جو (لوڙهي لڳ تعلقو خيرپور):لعل خان، ڏيپارجا ڳوٺ جو مير علي مراد جي وقت ۾ هو: رازق ڏنو فقير اڄڻ کهڙن جون رازق ڏنو هينين سينارجن جو ۽ امين جنهن ڪي حضرت پيران پير جي دعا تي، سسئي جي هڪ بيت ۾ ان ڏانهن اشارو تہ:

جائي جت ڏنوم عينن سان امين چئي،
رات جو مسافر آيا تہ بہ پاڻ چنڊبر پيهي.

مسافرن ڪي ماني کارايائين پر زال ڪي نہ اٺاريائين. پڇيائونس تہ ڪلي چيائين تہ:

جي ستي تہ ڪتي، جي جاڳي تہ جن،
الله لڳ امين چئي ان جو نالو ٿي نہ ڳن.

واحد بخش سهتو ميڄٺ جو هو ۽ ميرن جي وقت ۾ هو سندس هڪ بيت تہ:

حرُ هلي آئيو ڪنو هٿ ڪٽي
ڪاهي پيو ڪنڪ ۾ مانجهي مرد مٽي
ٽري لک تنهن مان ڪيائين تہ پهرين سٺ پٽي

پارهن هزار ٻيا ٻه وڏائين هيڪل هاءِ هٽي
تن ۾ تيز ترار جي ڪا آيس انگهه آٽي
مل ته منهن ير پيو جنهن سان واقعا هي وٽي
ريلا ڪري رت جا، پيپس چاٽ چٽي
واحد بخش وجود مون هي آهي ڳالهه ڳٽي
اچا آهه گهٽي، حقيقت هن حال جي.

رازق ڏنو فقير، ويٺل سيٺارجا، هيٺيان، وفات 1927ع ۾ سنڌ جو شاعر هو سندس چيل هيٺيون مولود شاعراڻو معيار وارو آهي:

تلهه: رات ڏنم رخ روشن، چنڊ چوڏهينءَ جو ماهه منور
۽ کهڙي ڪريا مان صفت ثنا ڪان قاب قوسين اوادني
صورت پڙهي ڏس تون انا اعطينا ڪالڪوثر
- رازق ڏنا رب جو رايو اول ڪلمو پوءِ چايو
ڪل ڪئون اڳي، پوءِ آيو تيو ڪل نبين جو افسر

رانوڙ: مسلمان رانوڙ قبيلا

رانوڙن مان قبيلن جن اسلام قبوليو تن پاڻ کي رانوڙئي چورايو ۽ اهي قبيلا ٻه آڳاٽي وقت کان سنڌ ۾ آباد ٿيا. ننڍي ضلعي واري ڀاڱي ۾ بگهياڙ جي آبادي لڳ سنڌن سرداري هئي. 18 هين صدي عيسوي جي شروع ۾ ڪرمتين بلوچن ۽ جوکين جي رانوڙن سان بگهياڙ جي ڊوهڙي واري پٽڻ تي جنگ تي جنهن ۾ رانوڙن جي سرسي ٿي. ان جنگ جو بيت آهي ته:

تُل ڏِسي ٿَهڪيا، ڪويو ڪرمتين
جوکيا نه وڏيا جنگ تي، بينا چام بچون ڪن
رنگ رانوڙن لاٿيو جن جي گڙگڙ ڪي گُرزن
ڪويو=سُسئي ويا= بينا، هٽيا

رندن جي شنباڻي قبيلي جو تورو شجرو
زباني سڄاڻ سگهڙ نور محمد شنباڻي

- نور محمد پٽ سهجو پٽ پير بخش پٽ زهر پٽ غني پٽ جمال پٽ غني پٽ چَلو پٽ سارنگ پٽ چيتَڪُ شنبي پٽ جلال پٽ لَک پٽ تکو پٽ ريهان پٽ جلال پٽ شنبو پٽ چيتڪ پٽ شنبي پٽ سائينداد.

- سائينداد پٽ ميراڻ پٽ جاڙو پٽ چاڪر پٽ رند پٽ جلال.
- سائينداد جا ٽي پٽ: شنبو سيد علي، ڪيئو
- شنبي جا نو پٽ! هڪ گذاري ويو. باقي اٺ: 1 گُذري، 2 لوشڪُ، 3 شگهرو، 4 غلامو 5 چيتڪ، 6 چتو 7 شهيڪ، 8 لدو. انهن مان ٽن جو اولاد هيٺين طرح:
- گذري جو اولاد:چتڪاٽي،2. سياهہ ڦاڏ 3 ڪذو
- لوشڪ جو اولاد: 1. پهلواٽي، 2. عاقلاٽي، 3. حيراني، 4. گنبدڪاٽي
- شيهڪ جو اولاد: 1.شيهہ ڪاٽي، 2. نوتڪاٽي، 3. جامڪاٽي، 4. سفيلاٽي ، 5. درياٽي ۽ 6. ٻيا.
- سيد علي جو اولاد: 1.ريحو 2. ڪارچو 3. ڪُذي سَرُ
- ڪيئا جو اولاد: ڪيئا زئي، انهي ۾ ٻاڙا، رحملاٽي، بکراٽي،هلياٽي بنبي زئي ۽ نالبر.

**نوحاڻي قبيلي جو شجرو زباني ڪنگوري وارا نوحاڻي**

بلوچي دپتر(دفتر) جي هڪ شعر ۾ آهي تہ نوحاڻي قبيلي جو ماڳ نلي هو يعني سيوهڻ کان اولهہ جبل وارو علائقو 10_صدي عيسوي ۾ رند ۽ لاشارين جي جنگ وقت نوحاڻين جو سردار مير عمر هو جنهن جو پٽ ڪلو بہ وڏي همت ۽ حوصلي وارو هو. ان وقت مير گهرام لاشاري شڪست کائي هيٺ سنڌ ڏانهن ٽي آيو جو ڪلو ساڻس مليو ۽ بلوچي رسم موجب حال پڇيائين. چيائونس تہ:حال کي مان ڏين تہ حال پڇ. نہ تہ نہ پڇ چيائين تہ حال ڏيو سڀ چڱي ٿيندي. حال وٺڻ کان پوءِ چيائين تہ: هاڻي اسين نوحاڻي اوهان سان آهيون ۽ اوهان جي ٻاران وڙهنداسين. پوءِ اچي پيءُ کي ٻڌايائين تہ:ابا قول ڪري آيو آهيان. مير عمر چيو تہ ابا تو پلو ڪيو. تون پلو ٿيون. پوءِ اهو پهاڪو ٿي ويو تہ:

ڪلو عمر هوندي پلو.

يہني ڪلو پيءُ هوندي پلو. نوحاڻي، هڪ وڏو قبيلو آهي ۽ بلوچستان ۽ سنڌ ۾ آباد آهن. رند_ لاشاري جنگ ۾ عمر هيسباڻي نوحاڻين جو اڳواڻ هو پهريائين رندن کي شڪست ڏنائين پوءِ لاشارين کي شڪست آئي جنهن ۾ عمرمارجي ويو پوءِ لاشاري ۽ نوحاڻي گجرات ويا ۽ راڌنپور ۾ طاقتور ٿيا.

جيڪي اتان موتيا سي ڪنگوري ۾ اچي ويٺا. بلوچستان ۾ تربت کان ستر ميل اولهه گورغ باغ ۾ مير امام بخش نوحاڻين جو سردار آهي. سنڌ ۾ خاص طرح دادو ۽ ميرپورخاص ضلعن ۾ پڻ بين ضلعن ۾ ڳوٺ آهن پنجاب ۾ بکري ۽ ديري غازي خان ضلعن ۾ آباد آهن

- نسب نامي جي روايت موجب هيسب ۽ غلام ڀاءُ هئا. هيسب جو پٽ عمر جنهن جو پٽ ڪلو جنهن جو اولاد هيسباڻي نوحاڻي: غلام جو اولاد غلاماڻي. هيسباڻي نوحاڻي فقط ڪنگوري(ضلعو ميرپورخاص) ۾ ٿي آهن ۽ بنگلاڻي انهن جي هڪ شاخ آهي. سرياڻي ۽ سنجراڻي پاڙا هيسباڻي سان متي مائٽي ۾ آهن
- مير حسن نانو هو ڪلي جو جنهن جو اولاد گبراڻي
- سرياڻي شاخ جا ست اٺ پاڙا: سحاقاڻي، مزاراڻي، هوتياڻي، نوتياڻي، علوداڻي، جيئنداڻي، ساماٽاڻي ۽ دراڻي.
- سنجراڻي شاخ مان پاڙا: مناڻي، قاسماڻي، شڪلاڻي.
- بيا پاڙا:مبارڪاڻي، هزاراڻي، بلاڻي مناڻي، محموداڻي.
- سيوهڻ طرف جيڪي راڄ تن ۾ جماڻي(وڏو پاڙو) گبراڻي، بنداڻي، زنگيجا، سيراس ۽ سورائي ڪبڙائي.

**جاڪرا، سندن وڏا پاڙا ۽ اوڙڪون**

(محترم الله بچايو جاڪرو (پاڙو اوتا) مختيارڪار هڪ باهمت آفيسر هو. راقم جي ساڻس دوستي هئي ۽ انهيءَ ڪري مون جاڪرن جي نسب نامي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. 21 آڪٽوبر 1974ع ۾ جهمپير جي محمد ايوب جاڪري سان ڪچهري ٿي ۽ 1983ع ۾ جنگ شاهي طرف پڇائون ڪيم جيڪو ڪجهه معلوم ٿيو سو مختصر طور لکجي ٿو ته جيئن وڌيڪ صحيح ۽ سربستي احوال لاءِ ڪم اچي- نبي بخش)

راڄداري جي لحاظ سان، آڳاٽي وقت کان وٺي جاڪرا ٻاپڙي ملڪ بولا خان جو راڄ رهيا آهن:فقط سندن هڪ پاڙو گوبلا سي حملاڻي ملڪ جو راڄ رهيا. گذريل ويجهي دؤر ۾ مرحوم ملڪ سڪندر خان حملاڻي پنهنجي وقت ۾ سڀ راڄ پنهنجا ڪيا.

(ملڪ سڪندر خان وڏو لائق سياڻو ۽ سڄاڻ هو. منهنجو ساڻس ناتو هو جڏهن آءٌ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر (1973_1976ع) هوس،

تڏهن سنڌ يونيورسٽي جي زمين تي جيڪي قبضا هئا، تن جي فيصلي لاءِ ساٿ ڏنائين پر مون کي يونيورسٽي مان اسلام آباد بدلي ڪيو ويو ۽ پوءِ سڪندر خان بہ هيءَ جهان ڇڏيو ۽ هي فيصلو رهجي ويو.) عام روايت موجب جاکرا اصل ۾ رانوڙ آهن ٻي روايت موجب اسلامي دؤر ۾ ڪي عرب پاڙا بہ جاکرن ۾ گڏيا. مصلي پوٽا، زيد پوٽا عريب نالا آهن ۽ پڻ همند نالو حماد يا محمد جو سنڌي اچار وارو نالو آهي

سڀ کان اول جاکرو جيسر ۽ گندرو تن اسلام قبوليو. جاکرو وڏو پهلوان هو جنهن ان وقت جي ايڪل بادشاهہ کي ماريو جو هن ڪچو ڳالهايو:شڪار تي آيو تہ جاکري جي ماءُ پيءُ ڪپڙا ڌوتا ۽ مٿان ڇاتي وٽان پند لٽل هو ايڪل ٽوڪ ڪئي تہ: لامون ڏگهيون آهن. مائي جواب ڏنو تہ جي ڏگهيون آهن تہ شينهن جون ڇڪيل آهن، پر تو کي ان جو جواب ملندو. پوءِ جاکري ايڪل کي ماريو هن وٽ خنجر ۽ سپر سان گڏ جهاڻ هوندي هئي جيڪا دشمن کي سامهون اچي مٿي اڇليندو هو ۽ چرٽات ڪندي هئي:دشمن مٿي ڏسندو هو تہ جاکرو حملو ڪندو هو. ايڪل کي جاکري ڏانداٽي مڪان(جهول ڏنڊ کان اتر، جهمپير کان 7 ميل ڏکڻ اولهہ) وٽ ماريو جتي چون ٿا تہ ان جي قبر آهي.

۔ هڪ روايت موجب جاکري جا پٽ: چار حسَڻ، حُسڻ، همند ۽ منجهون. همند جو اولاد اوٺا ۽ سنبڪ. ٻي روايت موجب جاکري جو پٽ سرماڻ جنهن جا ٻہ پٽ حَسڻ ۽ حَسڻ جا ٽي پٽ قنبر، سوڍو ۽ منگهہ جن جو اولاد قمبر پوٽا، سوڍي پوٽا ۽ منگهہ پوٽا.

گهٽي وقت گذري وڃڻ سان نندين کي وڏن جون پريون پيڙهون وسري وڃن ٿيون. ڪن کي ڪي ڳالهيون ياد رهن ٿيون ٻين کي ٻيون ڳالهيون انهيءَ ڪري گهڻو ڪري سنڌ جي سيني قبيلن جي نسب نامن ۽ شجرن ۔ اختلاف آهن. 1960ع کان وٺي مون جاکرن بابت پڇا ڪئي ۽ 4 ڊسمبر 1960ع ۾ ڪيل ڪچهري جنهن ۾ سڄاڻ امير بخش جاکرو(ڳوٺ خان محمد جاکرو ديهہ اديجاٽي، تپو چليا) ۽ ٻيا موجود هئا، سي متفق ٿيا تہ جاکرن جا وڏا پاڙا پنج ۽ انهن جون چوئيتاليهہ اوڙڪون(شاخون، ڦليون، يا وراٽون) پنج وڏا پاڙا 1 سرماڻ پوٽا، 2 همند، 3 حُسڻ، 4 حَسڻ ۽ منجهئان. جن جون چئوئيتاليهہ اوڙڪون:

سرماڻ پوٽا: انهن جي فقط هڪ اوڙڪ 'مير پوٽا'

هَمند: اٺ اوڙڪون. سُنبڪ پوٽا، اوٽا، قمبر پوٽا، نلي پوٽا“، باجي پوٽا، آريجا، هيجُب، مَهمند پوٽا.

حُسَڻ: ڪَلي پوٽا، مُصلي پوٽا، مُگّ ٽُر پوٽا، ڪَريڙ پوٽا، غلامي پوٽا، شاهي پوٽا، براهم پوٽا، عارباڻي يا لَسڙا، مُنگر پوٽا، سنجهي پوٽا، پنيي پوٽا، عيسباڻي، پيرپز پوٽا، ۽ گوبڊا يا گوبلا.

حَسڻ: قابلاڻي، حُسيناڻي، سوڍي پوٽا، پيرزاداڻي ۽ آدماڻي.

مَنجهڻان: هَلي پوٽا، مُري پوٽا، تماچي پوٽا يا تماچياڻي، خاقوئاڻي، مَڪٽاڻي، مينهن وساڻي، هوٿياڻي، زَيد پوٽا، بجار پوٽا، بُلڪ پوٽا، بيگ پوٽا، راولاڻي، ڏيوڙاڻي، الله ناڻي، سُڪيي پوٽا، لڏاڻي، لال خاناڻي، درياهه خاناڻي، نانگراڻي، ميرُ واڻي ۽ دَڙيا.

سنه 1983ع ۾ ڪيل ڪچهري ۾ عام روايت اها ته سيني جاڪرن جو وڏو سرماڻ ۽ وڏي پڳ وارا سرماڻ پوٽا. ان وقت انهن جو چڱو مڙس بيگ، (ڳوٺ پرار نٽي ڪان اوير). شاهو پوٽن جي پڳ وارا سڀ حُسڻ، انهن جو چڱو مڙس علي اڪبر (پٽس حاجي خان گذاري وبو) ڳوٺ ڏُقي، تعلقو ميرپور بٺورو. شاهپوٽن جي پڳ ۾ شامل وراڻو براهم پوٽا، منگر پوٽا، غلامي پوٽا، ڪريڙ پوٽا، روڏاڻي، پنهون پوٽا، گوبلا، پچين پوٽا، پيروز پوٽا، مُري پوٽا، هارڻ پوٽا، عيسب پوٽا ۽ ملاراڻي.

- منجهواڻي يا منجهنان، آريجا ۽ سوڍي پوٽا، اهي ساڳي پڳ ۾، ڪلي پوٽا ۽ زيد پوٽا ساڳي پڳ.

## سميجا

### تر ۽ جيسلمير طرف سمي جو اولاد

[تر جي قبيلن جي نسب نامن بابت، ڇاڇري، ننگر ۽ مٺي تعلقن ۾ جدا جدا وقتن تي ڪچهريون ٿيون. ڇاڇري طرف ڪي وڏيڪ ڄاڻو مليا، جن ڪي سميجن، مگرين ۽ ڪن ٻين جي شجرن جي گهٽي خبر هئي. انهن مان 13 جنوري 1978ع تي ڇاڇري ۾ حسن سميجي سان (وبنل کُهاٽو، تعلقو ڇاڇرو عمر ستر سال) ڪچهري ٿي. ۽ پوءِ سجاڻ سگهڙ امام الدين سميجي سان (ڪينسر، تعلقو ڇاڇرو ۾) تاريخ 31 مئي ۽ 31 آگسٽ 1978ع تي سميجن جي نسب نامي بابت ڪچهري ٿي. حسن ۽ امام الدين ٻنهي جون متفق روايتون، البت حسن سميجن جو هڪ پاڙو ’سينهڙا‘ به ٻڌايو. امام الدين (پٽ ستار

پٽ ويندو پٽ مانجهي پٽ ويڏو پٽ هميرو پٽ خيرو پٽ گوهڙ) سميجن جي ’گوهڙ سميجا‘ وراڻ مان، اصل ويٺل ڏيڏهريو (هندوستان) 1965ع واري لڙائي کان پوءِ سنڌ ۾ ڦانگهارو تعلقو ڇاڇرو ۾ اچي ويٺو. سندس زباني تہ سميجا ڀاٽوءَ جو اولاد آهن.

فارسي ۾ لکيل سنڌ جي تاريخن ۾، سنڌ جي سمن قبيلن کي ’سميجا‘ ڪري لکيو ويو آهي انهن کان الڳ، تہ ۽ جيسلمير طرف جا سميجا هڪ وڏو جدا ڪڙم آهن، جيڪي پڻ پاڻ کي سمي جو اولاد سمجهن ٿا. امام الدين جي زباني سندن نسب نامي جي روايت موجب، سمو پٽ رايڏڻ جو تنهن هڪ شادي سنڌ ۾ ڪئي ۽ ٻي جيسلمير ۾ ڪئي. جيسلمير واري شاديءَ مان جيڪو اولاد ٿيو تن ۾ هيٺ مناهين جي پيڙهيءَ مان ڀاٽو ٿيو (ڀاٽو پٽ جراڙ پٽ ابڙو پٽ ڀنيرو پٽ آمُر پٽ مناهين). ڀاٽو جو اولاد سميجا ۽ پڻ ٻيو اولاد.

**ڀاٽو جا ڇهہ پٽ:**

- سومرو (وڏو)، لاکو تاجيو تڳوڏر ساهيو ۽ ڳاهيو.
- سومري پٽ ڀاٽو جو اولاد: سومري جو گهُريو جنهن جا ٽي پٽ: رايڏڻ، ڪُبر ۽ سرادين (صلاح الدين).
- رايڏڻ جا ٽي پٽ: ٻتَڙ جنهن جو اولاد ٻتڙ سميجا، صدر جنهن جو پٽ توڳاچي جنهن جو اولاد ناٿا سميجا. ٽيون ڪلو.
- ڪلو جا ٽي پٽ: هڪ منو ٻيو لنجو جنهن جو اولاد لنجا سميجا، ٽيون ڀنيو جنهن جو پٽ ناٿو جنهن جو اولاد ناٿا سميجا.
- منٺي جا ٽي پٽ: اڀيڙ، سانيون، سانئرو يا سونئرو جنهن جا سانئرا يا سونئرا سميجا.
- اڀيڙ جا ست پٽ: رتن جنهن جا رتن سميجا، ڪينئرو جنهن جا ڪينئرا سميجا، اجو جنهن جا اجا سميجا، ڀَرمو جنهن جا ڀرمو سميجا، قاسم جنهن جا قاسم سميجا، طاهر جنهن جا طاهر سميجا ۽ ڏتو جنهن جا ڏتا سميجا.
- سانئين جا ڇهہ پٽ: ڀيئنرو جنهن ڀيئنرا سميجا، ڪينئرو جنهن جا ڪيئنرا سميجا، اَجو جنهن جا اجا سميجا، ڀَرمو جنهن جا ڀرما سميجا، سانگڻ جنهن جا سانگڻ سميجا، ڇهون گوهڙ جنهن جا گوهڙ سميجا.

- گوهڙ جا ٻه پٽ خيرالدين ۽ جيئو: خيردين جا ڇهه پٽ! ربو هميرو مالو وستو علو الله ڏنو جن مان مالو بنا اولاد. جيئو پٽ گوهڙ تنهن جا ٽي پٽ ڪرمڻ، ساڏو ۽ ساهلي، تنهي جو اولاد.
- ڪبر پٽ سومري جي اولاد مان ٻه پاڙا: ڪبر سميجا ۽ ندا سميجا جيڪي ندي جو اولاد ندو ڪندر جو ڪندر، گجڻ جو ۽ گجڻ ڪبر جو. ندي جو پٽ شيهو جنهن جا شيها سميجا.
- گجڻ پٽ ڪبر جو اولاد: گوپو گجڻ جو جنهن جا گوپا سميجا، راهو گجڻ جو جنهن جا راهو سميجا، رتو گجڻ جو جنهن جا رتا سميجا، ڪندر گجڻ جو جنهن جا ڪندر سميجا ۽ ڪلو گجڻ جو جنهن جا ڪلُو سميجا.
- سرادين پٽ سومري جو اولاد: سرادين جا ٻه پٽ هڪ پاتل جنهن جا پاتل سميجا، ٻيو ساتل جنهن جا ساتل سميجا.
- لاکي پٽ پاٽو جو اولاد: روايت ته: فقيري پهريائين لاکي کي ملي، هو غوث جو پهريون خليفو هو. ٻين کي غوث لاکي ڏيکاريو.
- لاکي جا ٻه پٽ: جيهو ۽ راڄپال.
- جيهي جو هگورو جنهن جا پٽ عيسب ۽ آچار. عيسب جو اولاد عيسب سميجا، آچار جو اولاد وڃي ٻجيرن سان گڏيو ۽ اهي ٻجير ٿي ويا.
- راڄپال جو اولاد: سڪرين ٻانگڻ (ٻانگي) جو ۽ ٻانگڻ راڄپال جو. سڪردين جو سڀ اولاد درس ٿيو. سڪردين جا پٽ: اِجو جنهن جا اِجا درس، پيرج جنهن جا پيرج درس ۽ جيائو جيڪو ڪرامت وارو ۽ اڏاٽو سو ڪونه وريو پر چيائون ته جيئريون ته جهرڪيون به پيون اڏامن، ڪو مئو اڏامي! پيرج مئي پوءِ اڏاٽو.
- تاجيو پٽ پاٽو جو اولاد: ويڏو جنهن جا ويڏا سميجا، پسايو جنهن جا پسايا سميجا، ۽ وڪيو جنهن جا وڪيا سميجا.
- تڳودر پٽ پاٽو جو اولاد درس ٿيا. (ڪيجراڙي ۾ ٻيا هندوستان ۾) درس يعني الله وارا فقير. غوث جنهن کي خلافت جي پڳ ٻڌائي سو ٿيو درس ۽ سندس اولاد به درس.
  - ٭ ساهيو پٽ پاٽو جو. تنهن جو اولاد ساهيا سميجا.
  - ٭ ڳاهيو پٽ پاٽو جو. تنهن جو اولاد ڳاهيا سميجا.

### سميجن جون پڳون

سپ سميجا اولاد ياٽو جو ۽ پهرين پڳ ياٽو تي، پوءِ سومري تي، پوءِ گهريي تي، پوءِ ڪبر تي. ڪبر جي پوٽي ماريو پينٽري جي پٽ گاجي ڪي ۽ انهيءَ ڪري پڳ ملي سانهيي جي پٽ گوهڙ ڪي، پوءِ خيردين تي، پوءِ پٽس ربو تي، پوءِ پٽس رهمل ڪي، پوءِ پٽس سگرري ڪي، پوءِ پٽس جلال ڪي، پوءِ جلال جي اولاد مان پڳ ڦري آئي مير محمد پٽ هوتي تي (مير محمد پٽ هوتي پٽ گنبو پٽ ويڏو پٽ هميرو) مير محمد جو پٽ ارباب هن وقت (1978ع) پڳ تي، ويٺل منڙيو تعلقو ڇاڇرو ضلعو ٿرپارڪر.

### جت ـ بلوچ قبيلا

هيءَ تحقيقي مطالعو انهن جتن قبيلن جو آهي، جن کي شاهه عبداللطيف سسئي جي سرن وارن پنهنجن بيتن ۾ ’جت ـ بلوچ‘ سڏيو آهي. مثلاً هيٺين بيت ۾ پنهون جت بہ آهي ۽ بروچ بہ آهي.

> ووڙيم سڀ وٽاڻ، جار ڪارڻ جت جي
> والله بڪل شيءِ محيط، اتي اِيَ اهڃاڻ
> سڀ ۾ پنهون پاڻ، ٻئو ناهہ بروچ ري.

هيٺئين وائي ۾ جت ۽ باروچا ساڳي ڳالهہ:

> جت پانهنجيءَ جوءِ ۾ جانب مانَ جِيئِنِ،
> بانهي باروچا پانهنجي سڱر مانَ سَڏَنِ.
> (ڪوهياري 5: وائي)

شاهہ صاحب گهڻي ڀاڱي لاڙ ۽ ڪڇ جي جتن قبيلن واري بلوچڪي معاشري کان باخبر هو پر سنڌ جي سِري ۽ ان سان لاڳو بلوچستان جي جتن قبيلن جو بہ ساڳيو ئي معاشرو آهي: نہ فقط ايترو پر سنڌ ـ بلوچستان توڙي ڪڇ جي جتن قبيلن جي ٻولي ’جتڪي‘ بہ ساڳي آهي. ٻين بلوچ قبيلن وانگر، جت قبيلا بہ ايران کان آيا، پر اهي ٻين سيني کان صديون اڳ سنڌ ۾ آيا ۽ سنڌ جا ٿي ويا. سندن سماجي نظام بہ بلوچن وارو سرداري قبائلي نظام آهي ۽ انهيءَ نظام ۾ بہ هو ٻين بلوچ قبيلن سان ڀائيچاري ۾ آهن. جتن قبيلن ۾ بلوچن واري ساڳي روايت عام آهي تہ هو امير حمزه جو اولاد آهن.*

---

* (مثلاً ڪڇ جي جتن مان منٺي قبيلي جي سَريال ۽ سگهڙ شار چڱي جت، جتن چانگن واري لڙائي ۾ جتن مائي ڪؤنر بائي جنهن مخالف چانگ کي ڏک هنيو تنهن ساراهيندي ’ملڪ زادي‘ (جاتي جي ملڪن مان) ۽ ’حمزه پوٽي‘ (امير حمزه جي اولاد مان) سڏيو:

گهگهي ورا آهن ۽ جيتوڻيڪ وقت گذرڻ سان ڪن جو لباس متجي چڪو آهي تہ بہ سيني وٽ گهگهي جو مان ۽ گهگهي جو ننگ شرم آهي. 'پڪي راڄ' راوڻ جتن جي حوالي سان چيل آهي تہ:

پئي ڏريءَ جو پردو گهگيليءَ پرم
رکج شاهہ شرم لائق لاڳي جا ڏٿي

بلوچن جي معاشري ۾ بہ غلط فهمي باقي آهي ۽ ڪن ٽورن کي اها ڄاڻ آهي تہ 'جت' تاريخي طور بلوچ آهن. جئين سنڌ جي ٻين قبيلن ۾ آهي. تيئن بلوچن ۾ بہ وڏيڪ طاقتءِ اثر وارن قبيلن ڪن ٻين قبلين کي پاڻ کان گهٽ ڪري سمجهو. خاص طرح 'رند' ۽ 'لاشار' قبيلن 15هين صدي ۾ پنهنجي اوج ۽ عظمت واري وقت ۾ 'جتن' کي گهٽ ڪيو پر جڏهن جتن پنهنجي وڏي جمعيت سان لاشارين خلاف رندن جو طرف ورتو. تڏهن سندن اهميت محسوس ٿي ۽ رندن جي سردار چاڪر اعظم جتن جي سردار قبيلي کي ساڳيو بلوچن وارو 'ميريءَ' جو خطاب ڏنو جيڪو اڄا تائين 'ميرجت' قبيلي جي نالي ۾ موجود آهي.

'جٽ' جدا، ٻيا جاٽ، جت ۽ جت جدا

جتن بلوچن جي جت نالي سمجهڻ ۾ ٻاهرين لکندڙن کان غلطيون ٿيون آهن. ڄاڪاڻ جو ڪي ٻيا قبيلائي نالا جهڙوڪ جاٽ ۽ جٽ، جت نالي سان ملن ٿا. انهن ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي.

- جاٽ هڪ جدا قبيلو آهي ۽ انهن جي گهڻائي هندستان ۾ مشرقي پنجاب ۽ دهلي طرف آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهي آڳاٽي وچ- ايشيائي ترڪي نسل مان هجن. جاٽ قبيلن مان گهڻا اسلام ۾ آيا ۽ 19 هين صدي ۾ جاٽ مسلمان قبيلا ايرنڊين پنجاب مان لڏي اچي مغربي پنجاب جي فيصل آباد واري علائقي ۾ نئين نهري پاڻي تي آباد ٿيا. خاص طرح ساموندي، گِدر پندي، مريد والا ۽ سلوني جهل وارن پاڳن ۾ انهن جي گهڻائي آهي.

---

مهندان ملڪ زادي، حمزه پوٽي، پس تنهن جا پار،
ڳوئر هائي ڪُر اجاريو پيڙ ملهايا پار.
تاريخي حقيقت طور 'جت' بہ ٻين وڏن بلوچ ڪڙمن وانگر هڪ وڏو ڪڙم آهي. جيڪي ان تاريخي پس منظر کان واقف آهن تن کي بخوبي معلوم آهي، پر جيڪي واقف ناهن سي حيران آهن تہ پٺاڻي صاحب کي جت ۽ جتن کي بلوچ ڪيئن ڪيو.

- جَٽ: اهو ’جاٽ‘ کان جدا، پنجاب (پاڪستان) جو هڪ ٻيو قبيلو آهي.
- جٽ: پنجابي- سرائڪي ۾ استعمال ٿيندڙ گھٽتائي وارو لفظ آهي. پاڪستاني پنجاب جي وچ ۽ ذڪڻ جي غير آباد ٻهراڙين ۾ آڳاٽي وقت کان وني جيڪي پوئتي پيل جدا جدا ذاتين وارا غير معروف مقامي ماڻهو هئا، تن کي نئين نهري نظام تي ٻاهران اچي آباد ٿيل ماڻهن ’جانگلي‘ (جهنگلي) يا ’جٽ‘ (اڻ سڌريل) سڏيو. سنڌ ۾ بہ اهو لفظ ان اڳي معني ۾ رائج ٿيو خاص طور جڏهن کان پنجاب کان’عامل هندو‘ سنڌ ۾ آيا. انگريزن جي دؤر ۾ ان جو وڌيڪ استعمال ٿيو ڇاڪاڻ جو پڙهيل هوندو ۽ سرڪاري ڪامورا خاص طرح ٻُوناٽن مسلمانن کي ’جٽ‘ سڏڻ لڳا.

مٿين ٽنهي نسبتن نالن کان ’جت‘ نالو ۽ نسب نامو جدا آهي. سنڌ- بلوچستان ۽ ڪڇ جي جت قبيلن جو جاگرافيائي توڙي تاريخي لحاظ سان مٿين نالن سان ڪو واسطو ڪونهي.

سنڌ ۾ ’جت‘ لفظ جيتوڻيڪ عام فهم آهي پر ان جون بہ معنائون آهن: هڪ عام ڏنڌي پيشي واري ۽ ٻي نسب نسل واري. پهرين معنيٰ موجب ڪوبہ شخص جيڪو اٺ ڏاري ۽ پالي يا اٺ جي واڳ سنڀالي ۽ ڪنهن کي هتان ڪٺي هُت پهچائي سو جت آهي. اهو عارضي ڏنڌي پيشي وارو لفظ ڪنهن بہ قبيلي جي ماڻهو سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. ٻي معنيٰ دائمي نسل نسب واري آهي، يعني نسل نسب جي اعتبار سان ’جت‘ لفظ ۽ نالو قوم قبيلي سان لاڳو آهي: انهيءَ معنيٰ ۾ ئي سنڌ، بلوچستان، ۽ ڪڇ جي جت قبيلن تي اهو قبيلائي نالو آڳاٽي دؤر کان پيو. جڏهن ٻين قبيلن وانگر اهي بہ ايران يعني سيستان، ڪرمان ۽ قديم مڪران ۾ رهاڪو هئا.

## جت بلوچ تاريخ ۾

تاريخي حوالن توڙي لغت جي اعتبار سان، ’جَت‘ لفظ فارسي آهي. اصل ۾ اهو لفظ ’جُفت‘ هو- معنيٰ جوڙيوال، جوڙ ۽ ساٿي، ان دؤر کان وني انهن قبيلن جو پيشو اٺ پالڻ ۽ لڏڻ ۽ انن جا قافلا ڪاهڻ رهيو. مصنف مقدسي ويندي 5_ صدي هجري ۾ بلوچن جو ذڪر ڪري ٿو جن وٽ جماز (اٺ) آهن. اٺ سان گڏ هئڻ ۽ پڻ مسافر ۽ ن اٺ تي جوڙ جُفت هجڻ جي ڪري، ايرانين هنن کي ’جُفت‘ سڏيو. وقت گذرڻ سان، اهو لفظ قبيلي جي

پنهنجي ٻوليءَ ۾ (ف کان سواءِ) هلڪي اچار سان ڦِري ’جُت‘ ٿيو. قبل از اسلام واري دؤر ۾ جڏهن هو سنڌ ۾ آيا ۽ آباد ٿيا تہ سنڌن نالي وارو لفظ ’جُت‘ سنڌيءَ ۾ رائج ٿيو ۽ اڃا تائين رائج آهي. سنڌي لغت ۾ ’جُت ٿيڻ‘ (جوڙ ٿيڻ، ٻٽ ٿيڻ) ۽ جُتو وجهڻ (گڏيو وجهڻ، لڳو وجهڻ) ان آڳاٽي دؤر جا لفظ آهن. شاهہ صاحب جي رسالي ۾ سر سزي- راڳ جي بيت ۾ آهي تہ:

جُتووانءُ جهاز گڏئو غُرابن سين.

(اي وڏا جهازا تون بہ غرابن سان لڳو وڃ، گڏيو وڃ)

اڃا بہ گهڻي وقت گذرڻ سان، سنڌ ۾ سنڌي جي اثر هيٺ لفظ ’جُت‘ ڦري ’جَت‘ ٿيو، جيتوڻيڪ اوائلي اسلامي دؤر ۾ سنڌ ۾ اڃا اهو نالو ’جُت‘ (ج جي پيش) واري صورت ۾ رائج هو جو عربيءَ ۾ پڻ ان کي ’زُط‘ (ز جي پيش سان) ڪري لکيو ويو.

سنڌ ڏانهن بلوچ قبيلن جي پهرين هجرت ٻي صدي عيسوي ڌاري ٿي جڏهن ساڪائن انهن کي سيستان مان ٻي دخل ڪيو. انهي ڪري، پنجين ڇهين صدي عيسوي ۾ راءِ گهراڻي جي دؤر ۾ بہ جت قبيلا سنڌ ۾ موجود هئا. ان دؤر ۾ ايران جي ساساني شهنشاهہ طرفان سنڌ تي حملا ٿيا ۽ هڪ وڏي حملي ۾ سنڌ جو راءِ سهاراس مارجي ويو ۽ سنڌ (جيڪا ان وقت سنڌ- بلوچستان جي حدن واري هئي) جي لشڪر مان گهڻا ڌسنا قيدي ٿي ايران ويا، انهن ۾ ٻن بلوچ قبيلن ’زُط ۽ سَيابجي‘ يعني جَتن ۽ سياهہ پادن جو ذڪر اچي ٿو. (جيڪي هن وقت تائين سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود آهن). اهي قبيلا پوءِ ايران ۾ رهيا ۽ ساسانين جي فوج جا اڳواڻ ٿيا حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت ۾ هنن اسلام قبول ڪيو. پهريائين ٻئي هڪ بلوچ قبيلي جو اڳواڻ سياهہ سوار جيڪو ايراني بادشاهہ يزد جردي هڪ فوج جو جرنيل بہ هو تنهن يزد جرد جي غلط ڪاري کان بيزار ٿي، اسلامي سپهہ سالار اصحابي ابو موسيٰ الاشعري سان ڳالهايو جنهن کي حضرت عمر اجازت ڏني ۽ بلوچ جرنيل معاهدو ڪري بحيثيت قبيلي جي اسلام قبول ڪيو ان کان پوءِ ساڳئي معاهدي مطابق، زُط ۽ سَيابجي (جتن ۽ سياهہ- پاد) قبيلن اسلام قبول ڪيو ۽ اسلامي ڀائيچاري ۽ برابري واري اصول مطابق انهن کي عرب قبيلي بنو تميم سان ملائي ان جي ٻن پاڙن بنو سعد ۽ بنو حَنظلہ جو ڀائر ڪيو ويو. انهن عهد نامن جي ڪري پوءِ ٻيا بلوچ قبيلا اسلامي لشڪر سان شامل ٿيا. جنهن ڪري ايران جا ڪرمان، سيستان ۽ مڪران وارا علائقا جلد فتح ٿيا.

محمد بن قاسم جي ڏاهر سان جنگ وقت اجا سنڌ ۾ رهندڙ جت بلوچ قبيلا اسلام ۾ ڪين هئا. انهن مان جنگ ۾ جيڪي قيد ٿي حجاج وٽ پهتا. تن بابت معلوم ٿيو تہ هو مينهون پاليندڙ آهن انهي ڪري حجاج انهن کي سندن اهل اولاد سميت ڪسڪر علائقي ۾ آباد ڪيو.

فردوسي جي شاهنامي ۾ ايراني تاريخ جي ساساني دؤر ۾ خاص طور ٻن بلوچ قبيلن 'ڪوچ ۽ بلوچ' جو ذڪر اچي ٿو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان دؤر ۾ ۽ پڻ پوءِ بلوچ پائيچاري ۾ هي قبيلا بلوچ جي نالي سان ۽ پڻ ڪن ٻين نالن سان ٿي سڏيا ويا. "ڪوچ ۽ بلوچ" کي اسلامي تاريخ ۾ عربي اچارن سان 'قُفص ۽ بلوص' ڪري لکيو ويو. اسلامي دؤر جي شروع ۾ ٻيا بلوچ پهرين صدي هجري جي شروع (7_ صدي عيسوي) ۾ فارس ۽ اهواز ۾ رهندڙ بلوچ قبيلن (سياهہ سوارن، جتن ۽ سياهہ پادن) جو ذڪر آهي. ٻي صدي هجري جي شروع ۾ محمد بن قاسم جي فتح سنڌ ۾ رهندڙ جت قبيلن (جيڪي اسلام ۾ نہ آيا هئا) جو ذڪر آهي. چوٿين صدي هجري ۾ ٻين گهڻن بلوچ قبيلن ۽ سندن اڳواڻن جا نالا ملن ٿا. چوٿين صدي (366_ 311هہ) ۾ جڏهن ايراني گهراڻو بنو بُوَيہ طاقتور ٿيو تہ سندن حڪمرانن، عُضدالدولہ ۽ بهاءِ الدولہ، ڪرمان ۽ سيستان ۽ مڪران جي بلوچ قبيلن خلاف انتقامي جنگيون شروع ڪيون. چاڪاڻ جو بلوچ قبيلا ايرانين خلاف اسلامي فوج سان شريڪ هئا. ان کان پوءِ سلطان محمود غزنوي طرفان سرڪش بلوچ قبيلن خلاف لشڪر ڪشي ٿي. انهيءَ ڪري 4_5 صدي هجري (10_11 عيسوي) ۾ خاص طرح سيستان، ڪرمان ۽ اتر مڪران مان بلوچ قبيلن جي ڏکڻ مڪران (بلوچستان)، سنڌ ۽ پنجاب طرف ٻي هجرت شروع ٿي. مسعودي (ڪتاب مروج الذهب) ابن حوقل (ڪتاب صورة الارض) مقدسي (ڪتاب الاقاليم) وغيره مصنفن تيهن کن بلوچ قبيلن جا نالا ڏنا آهن، جيڪي ان وقت فارس، ڪرمان جي بيابانن، قفص_ بلوچن وارن جبلن، سيستان سان لاڳو علائقن، مڪران ۽ ان جي ساموندي ڪنارن لڳ رهندڙ هئا. انهن مان بلوچستان_ سنڌ ڏانهن بارائي (بروهي؟)، مري، بغدي ۽ هوت آيا. ٻين ڪن جي بہ سنڌ جي مقامي نالن ۾ سڃاڻپ ٿي سگهي ٿي. جيئن تہ:

قفص (+ڪجج، ڳيچ) جنهن مان سنڌ ۾ نالو ڳبچاڻي (يعني ڳُبچن جو پاڙو).

ڪوچ، جنهن مان سنڌ ۾ ڪوش ۽ ڪوچڪي.
خشڪ، جن جو عربي ڪتابن ۾ نالو 'جواسڪي.
جسڪاٽي، جن جو عربي ڪتابن ۾ نالو 'جواسڪيہ'

※ سنڌ- بلوچستان ۾ مير جت قبيلا

چهين ستين صدي هجري (14_15 عيسوي) ۾ اتر (ڪيچ ۽ پنجگور) توڙي ڏکڻ مڪران (ڪلمت ۽ ڪلانچ) ۾ بلوچن جي جمعيت گهٽو وڌي ۽ ڪيچ ۾ حڪومت قائم ٿي. ان دؤر ۾ هو اتان سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب طرف وارن پهاڙن تائين وڌيا. اها بلوچ قبيلن جي ٽئين ۽ آخري وڏي هجرت هئي. انهن مان هوت نسل جا قبيلا (ڪلمتي، ڪلاچي ۽ ٻيا) ڏکڻ ڏي سنڌ ۽ ڪچ طرف آيا ۽ رند ۽ لاشاري قبيلا اتر طرف قلات ۽ سبي ۾ طاقتور ٿيا جت قبيلا اڳ موجود هئا.

جن جو ذڪر رند ۽ لاشاري جي جنگ بابت چيل شعرن اچي ٿو. گويل ديوانو ڏهن هزارن جو سردار هو جنهن جو ذڪر بيورگ جي شعر ۾ اچي ٿو. رند ۽ لاشاري جي جنگ ۾ جت سردار راوچ پنهنجن ارڙهن هزارن ماڻهن سان مير چاڪر رند سان ٻيڙو ٿيو جنهن تي ڪيس ساڳيو بلوچن وارو مير جو خطاب مليو ۽ پڻ سورڻ لڳ جاگير ملي ان وقت کان وٺي سندس سڄي پائيچاري وارا ميرجت سڏجڻ لڳا. 10هين صدي کان وٺي مير جت ڪڙم هيٺ وچولي سنڌ تائين پکڙيا جتي ويا اتي هنن پنهنجي سماجي حيثيت برقرار رکي جو هنن پنهنجي جتڪي ٻولي ڪا نہ ڇڏي، جنهن ڪري اها اتر ۽ وچولي سنڌ ۾ مير جتڪي سڏڻ لڳي راقم گذريل چاليهن سالن کان وٺي بلوچستان، اتر ۽ وچولي سنڌ، لاڙ ڪاري ۽ ڪڇ ۾ رهندڙ جتن بلوچن جي جدا جدا ڪڙمن ۽ پاڙن، سردارن سربراهن، ماڳن مقانن، ڏنڌن پيشن، ٻولي ۽ ان جي محاورن بابت پڇائون پئي ڪيون آهن معلوم ٿيو تہ 10صدي کان وٺي انهن جا ڪڙم قبيلا، مجموعي طور سان، بلوچ، قبائلي نظام ۽ قدرن سان وينديہ پاڪستان جي قائم ٿيڻ تائين انهن ساڳين ماڳن مقانن تي رهيا آهن البتہ پاڪستان ٿيڻ بعد ڪچ گهٽن پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏيا ۽ هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ ڪاري ۽ لاڙ ۾ رهيا.

هيٺ، جاگرافيائي لحاظ سان(الف) اتر سنڌ ۽ ان سان لاڳو بلوچستان ۽ وچولي سنڌ(ب) لاڙ (ج) ڪاري ۽(د) ڪچ جي جت- بلوچن جي ڪڙمن ۽

پاڙن تي مختصر طور تي روشني وڌي ويندي.

-اتر ۽ وچولي سنڌ ۽ بلوچستان: جيئن مٿي بيان ٿيو 10-عيسوي ڪان وني ڪي ڪڙم مير جت جي نالي سان مشهور ٿيا ٻيا جت واري اصل نالي سان سڏيا ويا. ميرجت پوءِ هيٺ وچولي سنڌ تائين پکڙيا ۽ جتي ويا اتي هنن پنهنجي سماجي شناخت برقرار رکي جو هنن پنهنجي اصولي جتڪي ٻولي ڪا نہ ڇڏي، جنهن ڪري اها چاڻ مير جتڪي جن نئين نالي سان مشهور ٿي وئي. ميرجتن ڪانسواءِ ٻيا جت قبيلا، ٻين بلوچ قبيلن وانگر، مقامي ماحول مطابق سرائڪي يا سنڌي ڳالهائڻ لڳا. بهرحال ٻوليءَ سببان هڪڙا قبيلا ميرجت ۽ ٻيا جت سڏجڻ لڳا. اتر سنڌ ۽ ان سان لاڳو بلوچستان جي علائقن (سبي، ناڙي، ڪڇي) توڙي وچولي سنڌ تائين اها صورتحال رهي.

ميرجت پاڙا: راوچي يا رواچي ۽ سٽاٽي ٻئي پاڙا ڪوبل ديواني جي اولاد مان پر راوچي کي تاريخي اهميت آهي، جو هو مير چاڪر رند جو طرفدار ٿيو. رواچي جا مکيہ ڪڙم تي جن مان ٻيا پاڙا ٿيا:

1- جو نگلاٽي (پڳ وارو) جن جو وڏو هيبت (جونگل پٽ فتح محمد پٽ عاشور پٽ جئونگل پٽ رستم پٽ (هيبت). جونگلاٽي جا ٻيا تي پاڙا جيڪي گنداوا ۽ ناڙي ۾ آباد: حمل زئي، جيئندزئي، چلوزئي. خان قلات محمود خان جي وقت ۾ رواچي جي پڳ قلندر جونگلاٽي تي هئي.

2 دادواٽي،جنهن ۾ گلاباٽي(پڳ وارو)، بيشڪواٽي، (بشڪو سوڍي جو. سوڍو محمود جو)چنداٽي، داداٽي ۽ ڪوبل.

3 موچاٽي، جنهن ۾ دلاورزئي(پڳ وارو)جامر زئي ۽ ماچاٽي. دلاور زئي جو وڏو ڏاڏو دلاور پٽ طوغان پٽ سومر.

ٻيا مير جت پاڙا:سنجراٽي، پنڊ، حاجاٽا، ڪنداٽي، ٻبر، لنجواٽي، لشاري براٽا بالادي(جن مان جتڪي ڪي سرائڪي ڳالهائين) پنڊ حاجاٽا ۽ ڪنداٽي اهي سرائڪي ڪن.

- پائيچاري راجداري جي لحاظ سان، رواچي، سڀ رند سردار آهن. رواچي جي وڏيري کي پڳ بہ رند سردار ٻڌائيندو. سنجراٽي، لشاري، لنجواٽي پنڊ ۽ براٽا بہ رند سردار سان آهن. ٻيا هينيان پاڙا راجداري ۾ ٻين سردارن سان آهن پر ڦوڙي سڀ رند سردار کي ڏيندا.

- ٻبر، واسوواٽا ۽ حاجاٽا جمالي سردار جي راجداري ۾ آهن

- سٽتاڻي ۽ مگسي سردار جي راڄداري ۾.
- لنجواڻي، چانديي سردار جي راڄداري ۾.
- جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جا هڪڙا ميرجت راڄداريءَ ۾ جمالي سردار سان ۽ ٻيا ٻڙدي سان سردار سان، پر ڦوڙي سڀ رند سردار کي ڏيندا. انهن ۾ شامل پاڙا:جونگلاڻي، ماڇاڻي، دادواڻي، ڪنڊاڻي، موچاڻي، دلاورزئي ۽ بالادي.
- لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رتيديري ۽ نئين ديري طرف والوٽ، واسو واڻا، دائيداڻا، ڀنڊ ۽ ديدڙ وغيره ساهو والن مان پاريجا، جهانگاري ۽ پڻ ڪنڊاڻي، بحراڻي، حاجاڻا ۽ زرداري جن مان ڪي ٿورا سرائڪي ڳالهائين.

**-وچولي سنڌ ۾ ميرجت:**

گهڻو ڪري ميرجت پاڙا اتر سنڌ مان هيٺ وچولي سنڌ ۾ آباد ٿيا. سکر،خيرپور، نوابشاهه، دادو ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ ويڻا. ڪي ٿورا پاڙا اڃا هيٺ نتي يا بدين ضلعن جي حدن ۾ آباد ٿيا(جيئن ڪي راوچي هالا، ميرپور بٺوري ۽ تلهار تعلقن): پر هيٺ لاڙ ۾ گهٽائي ٻين پاڙن جي آهي جن جو ذڪر هيٺ ايندو. ٻين بلوچن وانگر،وچولي سنڌ وارا ميرجت ۽ ٻيا پاڙا وقت گذرڻ سان اتر جي سرداري نظام واري پائيچاري کان الڳ ٿي ويا آهن. انهن جون پنهنجيون جدا جدا راڄداريون آهن جتيوڻيڪ گهڻا وڏا پاڙا اهي ساڳيا آهن جيڪي جيڪب آباد ۽ بلوچستان طرف آهن جيئن ته راوچي، جونگلاڻي، بشڪواڻي، داداڻي، دلاورزئي، ماڇاڻي، لنجواڻي، سنجراڻي، سٽتاڻي، حمل زئي، گنڊڪاڻي، شهبڙائي، عاقيواڻي، پرڪاڻي، ڪرمناڻي، چمناڻي، مغلاڻي، بحراڻي، ڪنڊاڻي ساهو وال، شهداڻي، چوڪاڻي، بالادي، واسوواڻا، حاجاڻا، دائيداڻا، ٻبر، لاشاري، دادواڻي، گلاباڻي، چندواڻي، موچاڻي، چام زئي، جيئند زئي، چلو زئي، زرداري، گولاڻي، تيجواڻي، بلنداڻي(ٽنڊو محمد خان لڳ) لاڪاڻي(شاهه ڪريم)، براهماڻي،(سجاول). ڪي پاڙا، پوئين ويجهي دؤر ۾ سندن وڏن ڏاڏن جي نالن سان مشهور ٿيا مثلاً ڳوٺ بهار خان ميرجت(ٽنڊوالهيار) ۾ رهندڙ پاڙا قيصراڻي، دائوداڻي، چٽاڻي، جاڙوواڻي، بنگلاڻي، رستماڻي، نصيراڻي، حسناڻي، ڏاڙهو واڻي، ٻيڙاڻي، ڪرمناڻي ۽ ميواڻي. ڳوٺ گولو ميرجت ۾ راوچي، مندوستاڻي، ٻيلساڻي، بياماڻي، اهي سڀ مير جتڪي ڳالهائين. دادو، نوابشاهه، سانگهڙ ۽ حيدرآباد ضلعن جي

هيٺين ڳوٺن وارا مير جتڪي ٻولي ڳالهائين.
ضلعو دادو: ڳوٺ بيگو ميرجت، ڳوٺ رائلو مياڻ ۽ ڳوٺ سائينڏنو ملاح.
ضلعو حيدرآباد: ڳوٺ انب ميرجت(ٽنڊو محمد خان) ڳوٺ سڪيو ميرجت لڳ هالا ڳوٺ الهه بخش ميرجت تعلقو هالا ڳوٺ بهار خان ميرجت، ٽنڊوالهيار. ڳوٺ دولت خان ميرجت ٽنڊوالهيار. ڳوٺ مٺو ميرجت ٽنڊوالهيار ڳوٺ محمد رحيم ميرجت، نصرپور. ڳوٺ الهورايو ميرجت ٽنڊوالهيار. ڳوٺ گولو ميرجت(ٽنڊوالهيار)، ڳوٺ موليڏنو ميرجت، ڳوٺ دودو ميرجت لڳ پٽ شاهه ۽ ڳوٺ ڇيڙ ميرجت(ٽنڊوالهيار).
ضلعو نوابشاهه: ڳوٺ اميد علي ميرجت، سٺ ميل. ڳوٺ سائين رکيو ميرجت سٺ ميل، ڳوٺ مراد علي ميرجت سٺ ميل ڳوٺ سليمان فقير ٻانڊي ڳوٺ حاجي طالب چڪ، 62 ڳوٺ دين محمد ميرجت، ڪوٺ لالو ۽ ڳوٺ دوست محمد ميرجت لڳ لاڪا روڊ.
ضلعو سانگهڙ: ڳوٺ عارب فقير ڪڏڙو ڳوٺ سومر فقير شاهپور چاڪر، ڳوٺ حاجي الهورايو ميرجت، سنڌڙي ڳوٺ بچو فقير، شاهپور چاڪر ڳوٺ سومر ميرجت، ٽنڊو آدم.

**لاڙ، ڪاري ۽ ڪڇ جا راڄ**

- لاڙ ڪاري (سمنڊ جي ڪناري) ۽ ڪڇ جا جت راڄ، پائيچاري ۽ راڄداري نظام سنڌ -بلوچستان جي ميرجتن ۽ جتن راڄن کان الڳ آهن، اهي ميرجت نه پر جت سڏجن، جيتوڻيڪ سندن ڀريون وڏو سردار مير عمر هو. سنڌ-بلوچستان جي ميرجتن واري ساڳي جتڪي ٻولي ڪن. سندن پنهنجو سرداري نظام الڳ آهي سواءِ ڪاري جي ، لاڙ ۾ ٺٽي ۽ بدين ضلعن جا سڀ راڄ جاتي جي ملڪ جي برادري ۾ آهن: ڪڇ وارا راڄ اتي پنهنجي ملڪ جي برادري ۾ آهن جنهن جو لقب لاڪو آهي، يعني لکڻ وارو. مهربان ۽ بختاور ڪاري وارن راڄن مان ڪي ملير-ساڪري جي ڪرمتي ملڪ جي برادري ۾ آهن ڪي جاتي جي ملڪ جا پاءُ آهن. پاڪستان ڪانپوءِ ڪڇ جا راڄ جيڪي هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا تن جو ڪڇ سان جيتوڻيڪ تعلق ڪٽجي ويو پر پاڻ کي ڪڇ واري راڄداري سان واسطيدار سمجهن ٿا.
- ڪاري ۾ رهندڙ جت راڄ جيڪي ڪاري چاڻ جي پريان سنهري، وير

ڪندڙي ۽ ڪانين وارو مڪان وغيره ماڳن تي درياءَ جي اولهه ۽ اوير ٻنهي طرفن رهن، تن مان دبائي راڄ جيڪي درياءَ جي اولهه طرف آهن سپ ڪرمتي ملڪ سان ڀائيچاري ۾ آهن. باقي ٻيا اوير طرف وارا جاتيءَ جي ملڪ جي ڀائيچاري ۾ آهن. جن ۾ هيٺيان راڄ شامل آهن:شيخ يا شهه، آسر، ونگائي، عامر،سهائي، للاڻي، مسڻ، چمڙيا، جتوئي، عيساڻي، شهبيگي، نتيار، بجاراڻي، فقيراڻي، بجار پوٽا ۽ مسواڻي.

- ڪڇ ۾ جت قبيلا ڪنهن اڳاتي وقت کان سنڌ مان ويا. ونگارين مان جيڪي راڄ ڪڇ ۾ آيا اهي سپ مال وارا: باقي ڪڇ جا گراسيا، راڄ سي زميندار مال وارن مان، هڪڙا نتيارجن وٽ نٽي يعني ٻڪايون ۽ مينهون ٻيا جن وٽ انيون سي ڪنڌ واري ڀاڱي ۾ رهن ۽ انهي ڪري ڪانڊي سڏجن. نتياري ۽ ڪانڊي سپ ڀائيچاريءَ ۾ لاڪي سان آهن.
- نَتيار:نتيارن ۾ سالار جو اولاد سالاراڻي وڏو ڪڙم آهي. مرحوم فقير گل محمد سالاراڻي(بن صالح محمد بن حاجي ابراهيم بن مبارڪ بن ونهيون بن مبارڪ بن ونهيون بن شاهو بن ارجڻ، بن بيگن بن سالار) چيو ته سالار جا وڏا مٿي هديه آهن. سنڌ جا هديه(ساڪري ۽ ملير ۾)ڪلمتي آهن: ان مان گمان نڪري ٿو ته هي قبيلو شايد اڳاتو ڱلمت(مڪران) مان آيو هجي. سالار جو پٽ بيگن جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: راميڻ، حسن ۽ ارجن. راميڻ جو اولاد راڏاڻي ۽ سانولاڻي، حسن جو اولد عمراڻي ۽ مداڻي، ارجن جو اولاد برياڻي جن جو وڏو ڏاڏو جعفر برياڻ ۽ ٻيو ونهياڻي جن جو ڏاڏو پتائي صاحب جو فقير ونيهو جيڪو ڪتن جي خدمت ڪندو هو. پڙ جانگ پاڙو تن بابت صحيح روايت اها ته سالار جو پاءُ ستار ڏنو هو جنهن ورجانگ، سوڍي ۽ منگري سوڍري کان زمين ڪتي، پوءِ ان جي اولاد لاءِ مشهور ٿيو ته ورجانگ وارا. جيڪو پوءِ ڦري پڙجانگ ٿيو ٻيا. نتيار پاڙا.
- واگهاڻي، نتالاڻيه، سانئياڻي ٽيئي هڪ راڄ.
- مداڻي جن ۾ شامل ربناڻي، مراداڻي ۽ وزيراڻي سپ پاڻ ۾ هڪ راڄ.
- حاجاڻي ۽ آرياڻي هڪ راڄ.
- موڏاڻي ۽ ڇهلاڻي هڪ راڄ.
- مناڻي ۽ عارباڻي هڪ راڄ.
- شاهواڻي، لاڪاڻي، سوتڪاڻي، بجار پوٽا، آجاڻي، منهاڻي، ڏاتواڻي،

بکراڻي، محباڻي، عامر سڪانياڻي، تالي، ونگائي، رتاڻي ۽ مياڻي اهي سڀ
نُتي وارا يعني مينهون ۽ ڳايون ڌارين. پاڪستان کان اڳ ڪچ ۾ سڀ
کان گهڻيون مينهون(ڏهه پندرهن هزار جي بيماري نه پئي ته) سالا راڻين
وٽ، ٻئي نمبر ۾ منداڻين وٽ، ٽئين نمبر ۾ لاکاڻين ۽ چوٿين نمبر ۾
ونگاين وٽ.

- ڪاندي:ڪچ ۾ ڪاندي جت. اهي جيڪي ڪچ جي الهندين علائقي،
ڪنڊ ۾ رهن ۽ انيون ڌارين. انهن ۾ شامل راڄ فقيراڻي ۽ ٻيا انهن مان
هڪ پاليا جيڪي پال ۾ رهن ۽ ٻيا گهنائو جيڪي گهنائو ۾ رهن.

- ونگائي:هڪ روايت موجب ونگائي نسب نامي ۾ اصل منداڻي آهن ۽ ٻي
روايت موجب اهي ونگي بن مير عمر( وڏو) جو اولاد آهن.

عامر (جن جا راڄ پٽائو ۾ موچا)، سيائي ۽ شيهه(شيح= شيخ،
بلوچڪيءَ ۾ شيخ جو اچار شيح) ٽيئي نسب ۾ ونگاين سان گڏجن.
حڪومت اهي ڪٽرم ڪنڊ ۾ ويهاريا ۽ انهن کي جاگيرون ڏنائون ۽ پرڻ
ڌاڙ(پن چري) معاف ڪيائون ته سرحد کي سنڀالين. حاجي مير عمر ونگائي
کي لڪي جاگير ڏنائون لَکاني عامر ۽ شيهه(شيخ) جي کي شوري جاگير
ڏنائون; ونگارين جو چڱو مڙس حاجي علي محمد(پٽ مير پٽ ڪريمداد
پٽ مهڙ(ننڍو) پٽ ڪريمداد(مٿي مهڙ وڏي ۽ مير عمر جو والاد) ۽ ٻيا
پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ لڏي اچي ڪاري ۾ رهيا.

تاريخي اعتبار سان، لاڙ ڪاري ۽ ڪچ جا موجوده جت قبيلا هوت نسل
جي بلوچ قبيلن سان گڏ سنڌ جي لاڙ وارن پاڳن ۾ آيا ۽ پوءِ اتان اڳتي ڪچ
ڏانهن ويا. 6 هين صدي هجري ۾ ملڪ خطاب ڪيچ جي حڪمرانن جو
هو:ان سان ساڳئي خطاب وارا اڳواڻ سنڌ جي لاڙ ۾ پنهنجن قبيلن جا
سربراهه ٿيا. لاڙ ۾ جتن بلوچن جي قبائلي رياست ٺنڍي محمد خان کان
هيٺ ميرپوربٺوري، گولاڙچي ۽ جاتي تعلقن وارين حدن ۾ هئي ۽ ان جو
مرڪزي شهر رَڙي هو. ملڪ ميرو اتي جو سردار هو. 18_صدي ۾ مشهور
سردار حمر ۽ راڏو هئا، جن جا مزار ملا حسن درساڻي جي مقام لڳ آهن.
پانئجي ٿو ته ٽالپورن جي اوائلي دؤر ۾ جڏهن چانگن ۽ جتن جون جنگيون
ٿيون تڏهن جتن رڙي وارو علائقو(تعلقو بدين) ڇڏيو ۽ جاتي کي پنهنجو
مرڪز بڻايو. جاتي تعلقي جو نالو ئي جتن راڄن جي گهڻائي ڪري پيو.

- نسب نامي جي هڪ روايت(زباني مرحوم گل محمد فقير سالاراڻي (2

اپريل 1969ع) موجب بجار ۽ ميرو ڪيچ مان آيا. بجار پنهنجي نياڻي پنهنجي ڀائٽي ميري کي ڏني ۽ پوءِ پنهنجي پڳ بہ ميري کي ڏني. ميري رڙيءَ ۾ سرداري ڪئي. ميري جو پٽ شير خان جنهن جا ٻہ پٽ هڪ پونگو ٻيو جمن. پونگو جي اولاد مان ڪڇ(سراڙو تعلقو ڪاهوڙو) ۾ نتيارن جا سردار جن پنهنجو لقب " لاکو "ڪيو ۽ حمر جي اولاد مان سنڌ ۾ لاڙ جي جتن جا سردار تن جو لقب ملڪ. ملڪ ۽ لاکو ٻئي پڳداري جا خطاب ٿيا: ملڪ سنڌ ۽ لاکو ڪڇ ۾. 65_1960ع ۾ ڪڇ ۾ نتيارن جو سردار حاجي نور خان (پٽ آگيڏنو پٽ علي بخش پٽ مير محمد پٽ حمر پٽ پونگو). هو سنڌ ۾ ان وقت ملڪ مامو خان (پٽ بقادار پٽ محمد صديق پٽ غلام حسين پٽ راڌو پٽ جهان خان پٽ حمر) هو. مامون خان مرحوم سان رقم جون رهاڻيون هيون. هن وقت مامون خان جو فرزند ملڪ غلام قادر ۽ سندس سؤٽ محمد علي، جاتي جي ملڪاڻي گهراڻي جا وڏا آهن.

- نسب نامي جي ٻي روايت موجب، ڪنهن وقت جتن جو وڏو مير عمر هو جنهن جا ٽي پٽ: ونگو جَسو ۽ مَندو. ونگو جنهن جو اولاد ونگائي جن تان سڄي علائقي جو نالو ونگو ٿيو. ونگي جي اولاد مان مهڙ جو اولاد مهڙاڻي. جيڪي وڏيرا ونگاين جا ۽ بحري جو اولاد بحراڻي جيڪي ڪارا ونگائي سڏجن. ونگي جي اولاد مان ڪي ڪڇ ۾ ويا جتي وڏي مان مرتبي وارا ٿيا ۽ ڪين جاگيرون مليون. جسي جو اولاد جساڻي راڄ(سنڌ ۽ ڪاري ۾) ۽ مَندو جو اولاد منداڻي راڄ(سنڌ ۽ ڪڇ ۾).
- سنڌ ۾ مَلڪ جي ڀائيچاري ۾ چار وڏا راڄ: 1 اونار 2 مَنهون راڄ 3 پڪي راڄ، 4 ڪارائي. اونار اهي جيڪي اصل ڪان ونءِ هن وقت تائين اٺ ڏارين، اهي اونار يا اٺ پري راڄ سڀ مَلڪ سان آهن، جيئن ڪڇ ۾ نتيار راڄ (جيڪي ڳئون، مينهن ڏارين) سڀ لاکي سان آهن.
- اونارن ۾ شامل راڄ: جيئنداڻي، عمراڻي، چاڪراڻي، منگهاڻي، زهري، مَمو ساڻي، ڏُڏڪاڻي(ڏڏڪي جا ويٺل جن ۾ بلالاڻي ۽ ٻيا شامل)، ٻهلاڻي، عيسباڻي، للاڻي(جاتيءَ لڳ) دبائي گهٽا راڄ انيون بہ ڏارين ۽ مينهون بہ ڏارين.
- منهون راڄ:اهو مجموعي نالو آهي، جنهن ۾ گهٽا راڄ شامل. منهون راڄ مان ماهيڙ مڪڙا ۽ پٺائي انيون ڏارين اهي گهڻي وقت کان ونءِ هَل هلان

چڙي، مَنهن اڏي هڪ جاءِ تي وينا ۽ پاڙيسرين سان سنڌي ڳالهائڻ لڳا. فقط منهين راج وارا ئي آهي، جيڪي جتڪي ڪين ڪن ۽ سنڌي ڳالهائين. انهن ۾ شامل سسئي وارا، رهيجي وارا، گنبول، ڍاتي، اوناٽي، پيروزاٽي، ريڊار، چنڙائي، ملان، بيلائي، ماهيڙ، مڪڙا، پٽائي، جماٽي، مارواٽي، ميوا، گيانچ. انهن مان ڪي انيون بہ ڏارين جيئن تہ ماهيڙ، مڪڙا ۽ پٽائي اهي سڀ ملڪ جي پائيچاري ۾ آهن ڪڇ ۾ گِراسيا منهون راج آهن پر اهي الڳ آهن.

- پکي راج :يعني پکن وارا جيڪي هڪ هنڌ وينل نہ آهن پر سانگي سان جتي وبهن اتي پکا هٽي ويهن. ولاَسيا(ولاسي وارا) لاڪاٽي ۽ ٻيا پکي راج ۾ شامل آهن. بلوچن جي راهہ رسم موجب، ٻين وانگر، اهي بہ گهگهيلا، پَن پَردي وارا آهن. پکي جي پت سندن سماج جو سهاڳ آهي. شاهہ جي رسالي جو بيت آهي تہ:

پکي ڏري جو پردو گهگهيلي جو پرم
رکج شاهہَ شرم، لائق لاڳي جا ڏٽي.

پکي ڏري يعني=پکي جي ڏري، ڊيگهہ يا لانڍ. پوت= پکي جي ويڪر، شاهہ= بندر جو شاهہ. لاڳي جو ڏٽي= محصول جو مالڪ. هيءَ بيت ساموندي ڪناري لڳ پکي راج وارن لاءِ دعا آهي.

# روس جو سفر

(30 جون کان 17 جولاءِ 1978ع)

اپريل 1978ع جي آخر ۾ وزارت ثقافت جي آفيسر مختار احمد اطلاع ڏنو تہ مئي جي آخر ڌاري لکندڙن جو وفد روس ويندو ۽ اوهان هن وفد جا اڳواڻ آهيو. آخر وقت پرجي آيو ۽ مئي 29 تاريخ شام جو اسلام آباد مان ڪراچي آياسون. اتان 12بجي رات جو روانگي ٿي ۽ صبح جو 9 بجي ماسڪو پهچڻ کان ڏيڍ ڪلاڪ اڳ جڏهن جهاز مان هيٺ زمين تي نظر پئي تہ ملڪ جا گهٽا ياڱا ٻيلن وارا، وچ ۾ ٻنيون ۽ ٻيا پاڻي جا تلاءُ ۽ ڍنڍون نظر آيون. اهو ئي سمان پوءِ ماسڪو کان پڪوف ويندي نظر آيو.

ماسڪو شهر جي ٻاهران پسگردائي ۾ شاهي رستي لڳ نشان جتي گذريل وڏي لڙائي ۾ آخر طور جرمن فوجن کي روڪيو ويو. حملا آورن جڻ ماسڪو جا وڻ ڏٺا پر شهر ۾ داخل نہ ٿي سگهيا. شهر ۾ گهمياسون ۽ 30 ۽ 31 تاريخ تي وڏيڪ شهر کي ڏٺوسون. هڪ خصوصيت جو وڏا شاهي ڪشادا رستا جو جڻ وڏا ميدان آهن. مکيہ رستن تي اٺ لينون، چار موٽرن جي اچڻ جون چار وڃڻ جون. بلڊنگون بہ وتيرڪيون، وڏيون ۽ سهڻيون هوٽل " يوڪرينيا " جنهن ۾ اسان رهياسيون اتان چوڌاري شهر جو نظارو ائين جيئن وڏي وسيع خطي ۾ وڏين وڏين وٿين بعد عمارتون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڏي ڪرفر سان بيٺيون آهن. وچ ۾وڻن جا نظارا ۽ ساوا ميدان ، جڻ شهر ۽ فطري ماحول پاڻ ملي هڪ ٿيا آهن. مٿان آسمان ڪشادو ۽ هيٺ زمين ڪشادي۔وسعت ۽ ڪشادگي ماسڪو جي خاص خصوصيت آهي.

اها ساڳي خصوصيت  لينن گراڊ جي قديم:شهر جون گهٽيون بہ وڏيون، پرجديد ياڱن جون شاهي سڙڪون، ڪشادا ميدان هت سوڙهہ آهي ئي ڪا نہ. آمدرفت جا ذريعا ٽيڪيس، اليڪٽرڪ ٽرام، اليڪٽرڪ بس، ٻي بس، زمين دوز گاڏيون ۽ ريلوي:لهڻ چڙهہ اچڻ وڃڻ ۾ بہ سوڙهہ ڪانهي. لينن گراڊ ۾ 4 بجي ڌاري سج ايري تہ 12بجي لهي. ان بعد بہ رات چٽي، جڻ

پڪي سانجهي اونداهه آهي ئي ڪا نه. اهي ڳالهيون مير حاجي علي احمد خان ٽالپر ڏانهن خط ۾ لکي موڪليم. انگريزن جي دؤر ۾ اسان کي هتان جي ڪا خبر ڪانه هئي، بلڪ گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا هئي.

- هي ملڪ هڪ نئين ۽ وڏي وسيع دنيا آهي. روسي پاڻ پنهنجي دنيا ۾ رهن ٿا ٻي ٻاهرين دنيا جي ڪين محتاجي ڪانهي. گهڻن کي غالباً ٻاهرين دنيا جي خبر به ڪانهي.
- هتان جا ماڻهو تن مان گهڻن ۾ مهاندن، جذبن، عادتن ۽ احساسن ۾ مشرقيت، سنڌن گهرو زندگي عزيزن، ٻارن ۽ وڏن سان پيار واري زندگي.
- وڏو نظم نسق، صبر ۽ تحمل! پاڻ ۾ گفتگو ڪندي منجهن تيزي تڪائي نظر ڪا نه آئي. تي ڪلاڪ يڪيون تقريرون پئي هليون پر سڀ مجموعي خاموش سان ٻڌيون. البته هڪ هال ۾ جلسي ۾ هڪ تقرير حد کان ڊگهي ٿي وئي ته وقفي ۾ ماڻهن تاڙيون وڄايون(احساس ڏيارڻ ته جڻ تقرير ختم ٿي چڪي آهي).
- ورڪرن جي دنيا، ڪم ۽ شغل، البته تن آساني جا سامان به پيدا ٿي چڪا آهن پر اڃا تن آساني ڏانهن ڊوڙ ڪانهي. ريل گاڏي ۾ ويهڻ واريون ٻئنچون لوهن تختن جون بنا ڪنهن گاديلي جي (ٻئي طرف پاڪستان ۾مئي جي پوئين اڌ ۾ ريلوي واري مشير جو بيان ته پاڪستان جي اڳئين ٿرڊ ڪلاس ۾ به گاديلا لڳايا ويندا).
- روسي انقلاب زارن ۽ سردارنجي تسلط زبردستي ۽ ڪرستانن جي دقيانسي قسم جي مذهب سببان آيو. اڄ ديولون اڪثر ويران آهي. ڪي 16هين صدي جون ۽ پوءِ جون تاريخي آثارن طور محفوظ آهن ۽ ڪن ۾ عجائب گهر(تلڪ الايام نُداوِلهابَين الناس- قران حڪيم).
- مغربي جرمني جي مذهبي مڪالمي جي اداري جو نمائندو آيل هو. هت ڳالهائين پر سنئين سلجهيل تقرير نه ڪري سگهيو باوجود انهي جي جذهن ساڻس تبادله خيالات ڪيم ته چيائين ته: ضروري آهي ته هن ملڪ سان مڪالمو(Dialogue) جاري رکجي، پر وڏو مسئلو "اسلام سان مڪالمو جاري رکڻ". مغربي برلن ۾ مسجد آهي ۽ مسلمانن جي ڪنهن فرقي جي آهي پيش امام پاڪستاني آهي ڪيس تبادله خيالات لاءِ چئجي ٿو ته چوي ٿو ته ته بحث مباحثا يلي پيا ڪريو پر الله کي مڃيو ته پوءِ ڳالهايون اهڙي جواب جي مدنظر ڇا ٿو ڪري سگهجي!(سندس ڳالهه ختم)

- پاڪستان جي ماسڪو سفارت خاني جي قائم مقام سربراهہ احمد ڪمال چيو تہ: ماسڪو ۾ مسجد آهي ۽ جڏهن جمعو يا عيد تي ٿئي تہ سوين هزارين مسلمان اچي ٽا نماز پڙهن. جيڪا ڳالهہ شايد حڪومت کي پسند نہ بہ هجي. لينن گراڊ ۾ سمرقندي عمارت سازي جي فن واري سائي توبيدار گنبذ سان وڻن جي سبزار ۾ نيزا ندي جي پار هڪ نهايت سهڻي مسجد آهي پري کان ڏنيسون پروگرامن ۾ بدل هئاسون. اتان نڪري پنهنجي منهن ڪنهن شيءَ کي ڏسڻ جو سوال ئي نٿي اٿيو.
- شاعر اليگزانڊر پوشڪين( 6 جون 1799_29 جنوري 1837ع) جي سالگرهہ وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي وئي. پاڪستان جي اديبن کي بہ هن موقعي جي دعوت هئي. جنهن لاءِ اسان جو وفد آيو جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ وزارت ثقافت جي آفيس جنهن " فائيل نيڪال ڪيو "(آفيس جي ڪم ۾ سهڻائي يا تڪميل بدران، فائيل نيڪال ٿيندا آهن) ۽ اسان کي اسلام آباد هوائي اڏي تي اچي اماڻيو تنهن ايترو بہ ڪو نہ ٻڌايو تہ اسان ڇو ٽا روس وڃون اسان هتي اچڻ بعد انهيءَ جشن ۾ شامل ٿياسون ۽ جيترو ٿي سگهيو اوترو پاڻ موڪيوسون.

' پوشڪين' جي لفظي معنيٰ ' توب ': هو شاعر، اديب هو انهي ڪري سندس باري ۾ مثال مشهور هو تہ هو پوشڪين جي توب هو. وڏي امير گهراڻي جو هڪ پئسي وارو امير هو ۽ فرانس ۾ پڙهيو. 14 ٻوليون ڄاڻندو هو. سندس ناني جو گهر هڪ محلات مثل. هڪ باغ ۾ سهڻي ڍنڍ جي ڪناري لڳ، انهي ڍنڍ جي ٻئي طرف( ڏکڻ) پوشڪين جو اباڻو گهر: پاڻ زار ۽ وقت جي نظام خلاف تحريرون ۽ نظم لکڻ شروع ڪيائين. لينن گراڊ ۾ هو جو وقت جي زار نڪولس کيس اتان نيڪالي ڏني. ان وقت بہ سال کن اچي پنهنجي گهر ۾ رهيو ۽ زندگي جا آخري 4 مهينا لينن گراڊ ۾ گذاريائين سندس سڄو ڪٽنب اتي هو. 27جنوري تي لينن گراڊ ۾ (نيزره ندي جي پار هن وقت اتي باغ ۽ نشان لڳل) سندس باهرئين ڪنهن شخص (غالباً فرينچ) سان آمهون سامهون (Dual) مقابلو ٿيو جنهن ۾ سخت زخمي ٿي پيو سندس دوست کيس کڻائي گهر آيا جيڪو نيزه ندي جي اورئين طرف (شاهي محلاتن جي ويجهو) آهي. اهو گهر ڏٺوسون وچون ڪمرو سندس رهڻ وارو جنهن ۾ هن وقت سندس وقت جا سندس تعلق، وارا ڪتاب رکيل آهن. 29جنوري تي سندس نازڪ حالت! دوستن پڇيس تہ ڪنهن کي

سڏيون ڪنهن کي الوداع ڪندين؟ تڏهن پنهنجن ڪتابن ڏانهن نظر ڦيرايائين ۽ اشارو ڪيائين. ان بعد ٻه دفعا توري توري وقت لاءِ هوش ۾ آيو ۽ اکيون پٽيائين ۽ فقط ايترو چيائين ته 'حياتي ختم آهي!' سندس آخري آرزو موجب سندس ڪتابن، تحريرن، ملڪ ۾ سندس هڪ هڪ اکر ۽ هڪ هڪ ڪاغذ پرزي کي سنڀالي سينگاري رکڻ لاءِ هن وقت هر طرح جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. پوشڪين زار جي خلاف هو جنهن ڪري هن وقت جي اشتراڪي حڪومت لاءِ هو هيرو آهي ڪئين وقت فوتي جي آخري آرزو اگهائي ٿوا[منهنجو نانو مون کي ننڍي هوندي ٻڌائيندو هو جڏهن آءٌ سنڌي اسڪول ۾ پڙهندو هوس وري جڏهن نوشهري مدرسي ۾ پڙهڻ ويس ۽ پڙهڻ ۾ ذهانت سان گڏ شوق پيدا ٿيو) ته: تنهنجي والد(علي محمد خان) کان وفات کان اڳ وصيت جو پڇيوسون ته چيائين ته : منهنجي ڇوڪري(راقم کي ان وقت ڇهن مهينن کن جو يا گهٽ) کي پڙهائجو " آءٌ سمجهان ٿو ته سندس دل جي ڳالهه هئي جنهن جو اثر ٿيو ۽ ڀهراڙي جي ناگفته حالات جي باوجود آءٌ پڙهيس ۽ والد بزگوار جي وصيت پوري ٿي ۽ سهڻي نموني سان روشناس ٿيس- نبي بخش]

3جون 1978ع تي پوشڪين پهاڙيون " شهر ۾ شام جو هال ۾ شاهي جلسو جنهن ۾ روس جي چوٽي جي اديبن ۽ عالمن جون پوشڪين ۽ ٽالسٽاءِ بابت تقريرون. ان موقعي تي ٻاهرين ملڪن مان آيل مهمانن کي به تقرير لاءِ سڏيو ويو. جلدي کان ڪم وٺڻو پيو ۽ مون اردو ۾ هيٺيون مسودو تيار ڪيو ۽ قدري ترميم سان پڙهيو ۽ روسي مترجم ان جي ' پئرا ' به ' پئرا ' ترجمو ڪندو ويو.

1 پاڪستان سي دوستي کي پيغام اور صلح مين آپ سي مخاطب هون آج کي اس اهم تقريب مين، مين اور ميري پاڪستاني رفقاءِ، سوويت يونين اور دوسري ممالڪ کي دانشورون سي شريڪ هو کر پوشڪين اور ليئو ٽالسٽاءِ کي ياد کو تازه کر رهي هي جس ني انيسوين صدي کي تاريک ماحول مين شمعين جلائين اور اندهيري مين اجالا پيدا کيا.

1 انيسوسين صدي مين جابرانه (Despotism) جاگيردارانه (Fuedalism) اور نو آباداياتي ( Colonialismنظامون ني، باهمي ساز باز سي، دنيا کو اپني ذاتي مفاد کي گرفت مين لي رکها تها ايسي حالت مين روسي عوام، هماره عوام اور دوسري ڪئي ملڪون کي عوام سب کي سب يکسان طور

پر ان استحصالي طاقتون کي اجاره دارئ کا شڪار هوئي.

3 ايسي ماحول مين، اس ملک مين پوشگين، اور ٽالسٽاءِ اور ديگر ممالک مين دوسري روشن ضمير شخصيتن پيدا هوئين جنهون ني سچي دوستون کي طرح اپني اپني ممالک کي دگهي عوام سي همدردي کي اور ان کان ساتهہ ديا اور ان کان هاتهہ بٽايا. هماري ملک مين ايک صدي پهلي شاهہ لطيف (1952_1689)ني اپني توانا، پر اثر اور پر اميد شاعري سي سندهہ کي غريب عوام کو سهارا ديا، اور اس صدي کي آغاز مين هماري ملک کي نامور مفکر اور شاعر محمد اقبال نہ نوآبادياتي نظام کي خلاف آواز اٹهائي، اور پوري مشرق کي محکوم عوام کو پيغام زيست ديا.

4 آپ کي ملک مين، انسيوسين صدي پوشکين اور ٽالسٽاءِ کي تهي عوام کي لئي ان کي محبت همدردي، اور اس وقت کي غير منصفانہ سماجي اور معاشي حالات کي خلاف ان کي احتجاج ني، ناانصافي اور استحصال کي خلاف انسان کي سوئي هوئي ضمير کو جگايا.

5 اسي طرح انهون ني اس صبح نو کي نويد دي جس نہ طلوع هو کر بيسوسين صدي کو جگمگايا_ يہ ايسي لوگون کي پختہ يقين، استقلال اور جرات کان نتيجہ تها کہ سب سي پهلي آپ کي ملک مين جاگيردارنہ نظام کو شڪست هوئي ، اس کي بعد بالا آخر نوآبادياتي نظام کو هماري ملک مين پسپا هونا پڑا.

6 اس وقت، ناانصافي، اور استحصال کو انسان کا ذهن رد کر چکا هي اور وه پسپا هوتي هئي نظر آ رهي هين ليکن بعيد نهين کہ وه اپنا روايتي لباس بدل کر باقي رهني کي کوشش کرين، لهذا پوشکين، ٽالسٽاءِ اور دوسري روشن ضير شخصيتون کي تعليم و تربيت کو زنده رکهنا ضروري هي تا کہ ظلم اور استحصال کا هميشہ کي لي خاتمہ هو جائي، اور عدل و انصاف، اخوت ومحبت عالمگير قوتين بن کر همارے دلون پر حڪمراني کرين.

- لنين گراڊ روس جي زارن جي گادي جو شهر ثقافتي ذخيرن، زاري، محلاتن، نيزا ندي جي دلڪش نظارن وارو شهر. ماسڪو کان پوءِ هن وقت ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. اسان کي شاندار هوٽل ايسٽوريا ۾ رهايائون، جيڪو اڳين زارن جي محلاتن ۽ الگزانڊر چوڪ ۽ شاهي ستون واري، ميدان جو ويجهو آهي شهر کان ٻاهر خليج جي ڪناري تي زار پيٽر جو

موسم گرما وارو محلات ڏسڻ وياسون. وڏي ٺاٺ وارو محل، ڦوهارن سان برسايل ۽ خليج واري طرف کان شاهي باغ سان سينگاريل، عجيب نظارا! شهر ۾ شاهي محل وارو ميوزم ڏٺوسون، جنهن ۾ 14 هين کان 19هين صدي جا اثر ۽ مشهور آثار افسوس جو آخري ڏينهن بہ وري مختلف ميوزم ڏيکارڻ جي حوالي ڪيائون ۽ منهنجي دير نہ آرزو هتان جي مشهور مشرقي علوم واري ڪتبخاني کي ڏسڻ جي پوري نہ ٿي سگهي جو منتظيمن انتظام نہ ڪري ڏنو ۽ اتي هلندڙ امتحانن جو عذر ڏنائون.

- لينن گراڊ کان تاجڪستان جي گادي جي شهر دوشنبہ ۾ آياسون. هوائي جهاز مان لهندي ئي جڻ وطن جي هير لڳي. ساڳي ڪوئيٽا واري موسم ۽ آب و هوا. دوشنبہ جو نئون وَسايل شهر، شاهي رستن، وڻن سان سينگاريل. ان جي وچين سيند' لينن خيابان' جنهن جي هڪ ڇيڙي تي رودڪي شاعر جو مجسمہ هتي چار ڏينهن رهڻ ٿيو گهڻو ڪجهہ ڏٺو ٻڌوسون، پر ٿي ٽاٽا ياد رهندا:

- اديبن جي عمارت ۾ اديبن سان ملاقات ۽ مختصر مشاعرو: هتي جي Writers Union لاءِ نئين شاهي عمارت ٺهي آهي. اتي يونين جي صدر محترم مومن ٿناعت جي اڳواٽي هيٺ هتان جي اديبن اسان جو اسقبال ڪيو. گڏجي ويناسون. خيالات جي ڏي وٺ ڪئي سون. هتان جي اديبن مان هينيان هئا. جناب مومن ٿناعت (صدر) جنهن شروعاتي خطاب ڪيو. جناب باقي رحيم زادهہ معمر پر سهٽي طبعيت وارو جڻ سيني جو استاد. ڪيس پهريائين ڇپائون تہ شعر پڙهي، ڇپائين تہ اول پل ٻيا پڙهن مير سعيد مير شڪر تنهن کي اقبال جو خاص ذوق ۽ مطالعو خانم گل چرهہ سليماني جيڪا ٻارڙن لاءِ گيت لکي. هڪ گيت نان خمير ۽ نان فتير 'بابت جنهن ۾ خمير ۽ فتير ۽ نان بشير هي الفاظ وري وري پئي آيا. عبيد رجب سهڻو شعر پڙهيو. بازار صابر شعر پڙهيو عبدالغفار غفاري اردو ڄاڻندڙ. استاد بزرگ باقي رحيم زاده پر معنيٰ شعر پڙهيو. مائي موجوده خانم شعر پڙهيو. سيد علي مامرو مسعود ملا جان، عسڪر حڪيم شامل ٿيا. خوش طبع جوان سال شاعر لائق شير علي پنهنجو شعر پرهيو جيڪو مون کي پسند آيو هينيو شعر:

هر زمان از زندگاني بشنوم پندگر ڪ درختي عمر دارد شير بيصندِ دگر
گرخردمندي پشيمان رفت از روئي زمين باز در روئي زمين رويد هزمندِ دگر

خلق بي فرزند عالمگير نيست باز زايد بادر تاجيک فرزندِ دگر
بس کہ کام تاجيکان رابلسخن برداشتند باز آيد شاعر و شعر و پساوندِ دگر
درزماني کہ زمين و آسمان هم بي خداست رسخن بايد پيغمبريا خداوند دگرئ

کيس چيم تہ واهہ جو شعر آهي مون کي هن زمين ۾ اقبال جو شعر ياد آيو(دارد خدا وندِ؟) اسان جي وفد مان رضاهمداني جي گهر(پشاور) ۾ فارسي ڳالهائجي. هو فارسي سان مانوس ۽ فارسي ۾ شاعري ڪندڙ. کيس چيم تہ بيلي همت ڪر پهريون شعر رسمي پڙهيائين تہ

يک گلستان تمني يک جهان آرزو بهرتن سوغات مهرو آشتي آور ده ايم
چشم ماروشن دل ماشاد شد اي دوستان کزنگارستان پاکان دوستي آورده ايم
ٻيو شعر غزل جنهن جا ڪي اشعار:
سحر رسيد بپهناي خاوران برخيز بکف سوج صبوحي ومي کشان برخيز
کشيد خيمه ابر نشاط و موسم گل رسيد باد بهاري زگلستان برخيز
بشم ساقي شيرين چوتو تلخي اي بيني پيلہ بشکن ومي ريزوسر گران برخيز
بقعر خاک رضا اين فتادگي تاکئي مقام تست سَراوح کهکشان برخيز

• اديبن جي هن استقباليہ ۽ مختصر مشاعري بعد محترم نيازي فاتح علي نالي شاعر جيڪو محفل ۾موجود ڪونہ هو ۽ ان جي پيٽ جي شادي هئي ۽ سندس طرفان دعوت ڏنائون تہ سڀ هلي شادي جي خوشي ۾ ساڻس شريڪ ٿيون. اتان پنڌ ويجهو پيدل روانا ٿياسون. شادي هڪ عمارت ۾ اسان جي هوٽل تاجڪستان جي سامهون. عمارت نئين نهرايل نالو "خانہ فراغت' (RECREATION HOUSE) مهمان ڪنواريتا گهوتيتا سڀ متين منزل جي حال ۾ ميزن ڪرسين جي قطار تي ويٺا هئا. دعوت جا ابتدائي طعام سڀ ميزن تي موجود هئا. بلڪ ميزون پريل هيون. اسان گهڙياسون تہ گهوٽ پيءُ ۽ شاعر نيازي فاتح وڏي قرب سان اچي مليا. اسان جي رفيقہ مائي ادا جعفري ساڙهي ۾ هئي سو سيني اسان ڏانهن ڏٺو. ڪنهن صاحب مِيڪروفون تان اعلان ڪيو تہ معزز پاڪستاني مهمان آيا آهن. اسان کي "سَرميز" تي خاص مهمانن واري قطار ۾ ويهاريائون. شاعر بزرگ آقا باقي رحيم زادهہ وچ تي جڻ محفل جو سرمور ۽ ساڻي ٿيو ويٺو هو. منهنجي سڄي طرف رضاهمداني، کٻي طرف ادا جعفر ۽ ان جي کٻي طرف محترم مومن قناعت (شاعرن ۽ اديبن جو صدر). هڪڙا طعام کائڻ لڳاسون تہ ٻيا طعام اچڻ لڳا.

شوروو جڻ سپهہ سالار تي آيو ۽ پويان بين سپاهين جي قطار. اسان جو مترجم سامهون وينل تنهن همثايو تہ وينا ڪائو هٿ نہ ڪيو طعام پيا ايندا ۽ جيستائين وينا هونداسون تيستائين پيا ايندا. ٿيو بہ ائين 8 بجي ڌاري طعام آيا سي هي: شيخن وارا ڪباب، پاوا عاليشان رڌل، آئيس ڪريم وغيره. پر طعامن سان گڏ صدر مجلس باقي صاحب جا وقفي وقفي بعد اعلان تہ هي شادي جي محفل آهي ۽ خوشي جي محفل آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ هن محفل ۾ معزز پاڪستاني مهمان پڻ شامل آهن. ميڪروفون تي سندس اعلانن ۾ خوش طبعي محفل کي مچايو. پاڻ هڪ خطاب ڪيائين، جنهن ۾ گهوٽ ڪنوار (جيڪي پڻ سرميز جي سجي ڇيڙي تي وينل هئا) کي والدانہ نصيحت ڪيائين تہ ڪيئن هڪ ٻئي جي حال تي هلجي ۽ ڪئين محبت پري زندگي گذارجي. مبارڪبادي جو شعر بہ پڙهيائين. مون پنهنجي رفيق رضا همداني کي چيو تہ وارو ڪرا تنهن بہ شادي جي مبارڪ جو شعر اتي جو اتي گهڙيو. پوءِ ڪيس بہ وارو مليو سو ميڪرو فون تي چڱا واچڻ وجايائين. گهوٽ پيءُ جو نالو آنڌائين. معلوم ٿيو تہ گهوٽ جو نالو ناظم خان ۽ ڪنوار جو نالو نفيسہ خانم آهي.

- شادي جي دعوت ۾ راڳ رقص: استاد باقي بحيثيت ساقي، محفل کي پنهنجن اعلانن سان مچايو تہ راڳ ۽ رقص مجلس کي وڌيڪ گرمايو. مهمانن جي ويهڻ کان پوءِ اڌ مني ڪلاڪ اندر راڳ شروع ٿيو. مائي بَرنا پهريائين ميدان ۾ آئي. ساڻس گڏ هڪ ساز (نئون Riolinمثل) وارو ۽ هڪ دف وارو راڳ شروع ڪيائين. آواز مٺي، انداز سهڻو محترم قناعت مون کي چيو تہ هي راڳ"نغمہ شش مقام" آهي. ان بعد هڪ وڏي احساس ۽ جذبي وارو نغمو جيڪو چيائيون تہ "نغمن مناجات" آهي. اڳ غالباً سماع ۽ مناجات انهيءَ طرح پڙهندا هئا. هن نغمہ وقت ملڪ قلندره رقاصہ اتي جنهن سهڻو رقص ڪيو. ڪيس ڪلهن کان پيرن تائين يڪو جامو پيل. جنهن جي اڏو اڇن ٻيڙن جي قطار- ڪارا وار پيشاني مٿان ونگن مثل ورايل. نچڻ جو طريقو پيرن جي رفتار ۽ هٿن جا سهڻا ناٽ. ان بعد هڪ نوجوان سرندي مثل ساز تي ميرعلي شير نوائي جو غزل"نغمہ چشم خورم" ۾ ڳايو. ساڻس ٻيو هڪ ساز وارو ۽ هڪ دف وارو. ان بعد هر هڪ ڳائيندو ويو هڪ نغمہ اهڙو جنهن ۾ 'مالڪوس' وارو انداز. ان بعد آخر ۾ پاڪستاني نغمہ "سوني دهرتي" ڳايائين ۽ حيران ٿياسون تہ ڪيئن ٻاهر جا راڳ بہ ياد

ڪيائون تہ جئين مهمانن کي ريجهائين.

اتي وري مائي بَرانا اتي. غالباً هن دؤر جي بهترين ڳائڻي آهي. واهہ جي نغما ڳائيائين. پر ان وچ ۾ ٻي رقاصہ شرف خانم اتي جنهن تڪڙين ڦيرين پائڻ سان پوريون ڪري ڇڏيون. وري هڪ ٻئي جوان ڳايو'نغمہ تَماور' (؟) ڳايائين. هڪ فُل سوٽ واو ڪرڙوڍ مرد اتيو پيشہ ور رقص ڪندڙ ڏاڍي سهڻي انداز ۾ رقص ڪيائين. اتي هڪ مرد اتيو جنهن سُنتي (روايتي) انداز ۾ حافظ جو غزل ۽ ٻيو ڪو شعر ڳايو جنهن جي شروعات ڏگهي آلاپ "الاها" سان.

11 بجي کان پوءِ محفل متي. مائي برنا، حافظ جو غزل ڪلاسيڪي موسيقي جي انداز ۾ "شَش مقام" ۾ ڳايو. ان بعد "مُغلي سہ گاهہ" ڳايو ويو. ان بعد "نغمہ پهلوي" (ايرانين وارو متي ڏگهي آلاپ وارو انداز) ۽ "نغمہ اُزبڪي" هليا. ان کان پوءِ شرناءِ ۽ دف تي جيڪو تارو وڳو سو اسان جي تَلُو جو هڪ قسم. تَلوُ وڄڻ سان محفل متي. اول پيشہ ور پيءُ (رقص ڪندڙ) پنهنجي ڌيءَ سان تي رقص ڪيو. ان بعد ٻيو هڪ مرد رقص جو ماهر ۽ هڪ رقاصہ مائي تن گڏجي تکو رقص ڪيو. هوڏانهن 'تلو' بہ تکو وڳو ۽ هڪ ڏُمر ڌَڙي مچي وئي. ساڍي يارهن تائين اهو رنگہ پوءِ "نغمہ خوا زمي" ڳايو ويو جنهن ۾ اندروني ترنم. ٻارهين بجي حمزه نالي ازبڪي جو "نغمہ سَيو" ڳايو ويو.

•گوشہ اديبان ۾ دعوت: هي دعوت خاص طرح محترم مومن قناعت ۽ موجود خانم جي گڏيل ڪوشش ۽ لائق شير علي جي شرڪت ۽ رفاقت جو نتيجو. ورزاب نديءَ جي ڪناري سان چشمو ۽ باغ سبزه زار جنهن ۾ سپيدار ۽ عَرعَر جا وڻ- چشمو جنهن ۾ چمڙي جي بيماري وارن کي شفا- ندي ڪناري لڳ هڪ چبوتري هيٺ ماني جو انتظام. محترم مومن، موجود خانم ۽ لائق شير علي مهمان نوازي ۽ محبت جا رنگ لائي ڇڏيا. هڪ بجي کان 5 بجي تائين اتي هنن دوستن سان صحبت ۽ سرور وارو وقت گذريو.

- بابر فرغانہ مان آيو تہ: هتان ڪوهہ حقار- دوڪنين وٽان لنگهيو.

• بيدِ مجنون جو قصو: جڏهن اديبن سان گڏ شادي جي محفل ۾ وياسون تہ رستي تي سهڻا وڻ جن جون لامون هيٺ لڙيل. سيد مير شڪر چيو تہ: هي "بيد مجنون" (وڻ) آهي ۽ هو "طنگ بيد". تڏهن مون کيس گرامي جو هيٺيون شعر ٻڌايو جيڪو هن پنجاب ۾ سونهن جي باري ۾ چيو هو:

بجاي لالہ اش ليليٰ دميده بجاي بيد مجنون سر کشيده

ظاهر آهي تہ گرامي "بيد مجنون" وڻ جي لحاظ سان مٿيون شعر چيو.

اهو شعر سيد مير شڪر توڙي لائق شير علي کي وڻيو. پوءِ لائق شير علي پنهنجو هيٺيون شعر مونکي ٻڌايو:

نہ ليليٰ ماند نہ مجنون و ليکن تا جهان با قيست،
بخاک پاي ليلي بيد مجنون سجده خواهد کرد.

- شادي ۾ طعام واريون ميزون سهڻن گلن جي گلدستن سان سينگاريل- ڳاڙهي پيلي رنگ جا گل جيڪي چيائون تہ گل سوسن جو هڪ قسم آهي جنهن کي "سوسن رنگي" سڏيو ويجي ٿو.

• روز جي سياسي فڪر، طرز زندگي ۽ حڪمت عملي بابت ڪي خيالات:

- اشتراڪي مادي نظريي، خالق ڪائنات ۽ رب العالمين جي تخيل کان محروم ڪيو ۽ مذهب جي فرسوده ڪرستاني تخيل خلاف اشتراڪين جو رد عمل حد کان اڳتي لنگهي ويو. باوجود ان جي 'الہ واحد' جي عمي گرفت کان آجو ٿيڻ سندن واسطي غير ممڪن ٿيو ۽ بالاخر هنن پنهنجي محدود ماحول جي اثر هيٺ 'لينن' کي ئي 'الہ' ڪري ورتو. اسلام جو سبق تہ "الله اسان سان آهي"، هنن جو عقيدو تہ "لينن اسان سان آهي". اهو نعرو جا بجا لکيل نظر آيو.' تاجڪستان ۾ نورڪ وٽ، 'وَخش ندي' جي بند وٽ ڪبي پاسي تي، هڪ ٹُڪري جي چوٽي تي لينن جو مجسمو ۽ روسي لفظن ۾ وڏو شاهي عنوان جنهن جي معنيٰ "لينن اوهان سان آهي".

- مساوات ۾ يقين، قوميتن ۽ سندن بچاءُ ۾ سندن يقين، تہ بہ 'روسي سوويت جا گورا ٻين ريپبلڪن ۾ آباد رهيا آهن، سندن ٻولي ۽ مقامي طور سندن برتري چڙ 'نو آبادياتي' نظام آهي.

- فارسي- عربي الف- بي جو خاتمو ۽ تعليم ۽ تربيت ۾ فارسي- عربي ڪتابن جي بي دخلي پڻ مساوات جي خلاف آهي.

- عيش ڪوشي ۽ شراب نوشي وڏنڊڙ سلسلو ۽ تن آساني ۽ تفريح، محنت ۽ مشقت جا ضد آهن، پڻ اشتراڪي نظام جي خاتمي جا آثار.

- ريپبلڪ رياست ۾ مقامي باشندن کي اچا تائين روسي ريپبلڪ واري منزل تي نہ آندو ويو آهي، تاجڪستان هوٽل جو سڄو عملو روسي. مون ڪنهن اديب کان پڇيو تہ چيائين: "اسان جون عورتون هنن جي خدمت ڪرڻ عيب ٿيون سمجهن".

• باوجود ان جي پيون خوبيون:

- اقتصادي نظام ۾ مساوات زال ۽ مرد جي مساوات تسليم. زالون دڪان، ٽيڪسيون ۽ ريلوي وغيره هلائي رهيون آهن.
- اسان اهڙو ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ڏٺو جيڪو اپالو هجي، ٽنڊو منڊو انڌو هجي. اڻ سونهائيندڙ حرڪت ڪندو هجي، ڏاڍيان ڳالهائيندو گوڙ گمسان ڪندو هجي.
- ڪردار ۾ شرافت ۽ شائستگي.
- گهرو زندگي ڪڙم ڪٽنب واري، ٻارن سان پيار، زال مڙس جو پيار ڏاڏن نانن سان پيار اهي گهر ۾ گڏو گڏ.
- سگريٽ نوشي خلاف پرچار ان جو چڱو اثر، گهٽ سگريٽ ڇڪيا آهن.
- مجموعي طور سان، روس خلاف مغربي پروپيگنڊا گهڻي ڀاڱي غلط نظر آئي. هت مسلمان بہ پنهنجي لياقت جي لحاظ سان اڳتي اچي رهيا آهن.
- هن وقت رسول حمزه داغستاني، ڳوٺ 'سئول' جو جيڪو سندس زبان "آواري" ۾ شاعري ڪري، وڏي ۾ وڏو شاعر ڪري مڃيو وڃي ٿو. ٻيو مشتاق ڪريم وڏو شاعر. رحيما قزاقاق ﷫ ڀائي مراداق نائلہ رمضاناو سان اسان ملياسون، اهي ٽئي خوب خاتونيون هر لحاظ سان صف اول ۾ نظر آيون. (هي احوال گهڻي ڀاڱي روس جي ٻن شهرن، پُوشڪين پهاڙيون (تاريخ 4 جون 1978ع) ۽ لينن گراڊ (تاريخ 7 جون 1978ع) ۾ رهڻ وقت لکيو ويو- نبي بخش.)

---

# ناروءِ هاڪڙو ناروءِ همتڙ ناروءِ ڪارو نارو

سنڌو درياءَ جي تاريخي وهڪرن تي ٻاهرين عالمن (خصوصاً راورٽي، هيگ ۽ تازو ٽيل هوائي سروي ۽ هنٽنگٽن رپورٽ) قابل قدر ڪم ڪيو آهي. البت موجوده سنڌ واري ايراضي اندر مختلف دؤرن ۾ درياءَ جي اٿل پٿل ۽ جدا جدا وهڪرن بابت تحقيق، ناري ۽ ان کان مٿي وارن واهن ۽ اروڙ کان هيٺ وارن وهڪرن بابت آهي.

هاڪڙو هاڪڙو نارو ڪارو نارو نارو ۽ اپرنديون نارو جيتوڻيڪ جدا جدا نالا آهن، پر پاڻيءَ جي ان ساڳئي ذخيري سان تعلق رکن ٿا، جيڪو هڪ ته ماضيءَ ۾ مٿان ليٽ ڪري ايندو هو. يعني رحيم يار خان، اوباوڙي ۽ ماٿيلي طرفان ڇڙ ۽ اُٿل ڪري ايندو هو ۽ ٻيو روهڙي وٽان درياءَ مان ڦاٽ ٿي وهندو هو. جڏهن پهريائين اهو ڦاٽ ٿيو ته ڪنهن سگهڙ چيو ته:

درياءَ کي پٽ جائو تنهن جو نانءُ رکيائين نارو
تڪي پاءَ مکڻ، پئسي مڇيءَ جو ڪارو
دعا ڪريو يارو اهو ٻول ٻُهون ٿئي.

مٿان ايندڙ پاڻي آڳاٽي هاڪڙي جي سيلاب وارن وهڪرن مان ايندو هو. اهي ذخيرا گڏجي هيٺ وڏو نارو ٿي وهندا هئا. جنهن کي هاڪڙو نارو سڏيو ويو. اهو بڪار کان پوءِ تر جي ڳس ونيو ايندو هو ۽ 'نئين ڪوٽ' کان هيٺ 'پتاري' وٽ اچي پُراڻ درياءَ واري وهڪري سان گڏبو هو. اهو ٿيو هاڪڙو هاڪڙو نارو يا نارو. انگريزن جي دؤر ۾ روهڙي واري ڦاٽ کي ٻه در ڏنائون ۽ ان کي اپرنديون نارو سڏيائون ۽ درياءَ جي ٻئي طرف ويندڙ ڦاٽ کي ٻه در ڏنائون ۽ ان کي الهنديون نارو سڏيائون.

1960ع کان وٺي راقم اوباوڙي ۽ ميرپور ماٿيلي جي آثارن ۽ اتان جي آڳاٽن گهارن ڍورن واهڙن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. ڳوٺ گل محمد پتافي ۾ مرحوم حسن علي خان جي دعوت تي سنڌس داناءَ ۽ دانشمند والد سردار خدا بخش خان پتافي کان مفيد معلومات ملي ۽ ٻڻ پوءِ احمد علي خان ۽

جيوڻ خان جي ڪچهرين (13 نومبر 1967ع) تي گهٽ سگهڙن کان اڳئين دؤر ۾ مٿان ايندڙ ڇَرَن اُٿلن بابت معلوم ٿيو. جيڪي رحيم يار خان کان مٿان قديم هاڪڙي درياءَ جي پٽن وارو پاٽي ڊورن ۽ گهارن مان آٽي سنڌ ۾ وڏي ناري کي پرينديون هيون.

❊ هاڪڙي طرف وارا ڍورا ۽ چرون:

نندي ريٽي، نهري ريٽي (وڏي)، ڳوڙهيلو ۽ ريندڻ وڊر وغيره آڳاٽا ڍورا آهن، جن جا پيٽ اوباوڙي، ميرپور ماٿيلي ۽ پني عاقل تعلقن ۾ ملن ٿا. سردار خدا بخش خان پتافي مرحوم راقم کي ٻڌايو تہ: مان پنجن سالن جو هوس تہ ڳوڙهيلو وهندو هو. سردار موصوف 97 سالن جي عمر ۾ سن 1964ع ۾ وفات ڪئي. سندس اکين ڏٺي شاهدي مان تصديق ٿئي ٿي تہ 1872ع ڌاري ڳوڙهيلو وهندو هو. ان جو وهڪرو مٿان ضلعي رحيم يار خان مان ڀُٽا واهڻ، ٻندرو ۽ راجڙي وٽان. پوءِ سنڌ ۾ پنّي جي شهر کان اتران، چانڊڻ، ڳوٺ جيوڻ خان پتافي، ديهہ ڳوٺ سوڀو خان لنڊ مان ڳوٺ جي ڏاکڻان، کوهي ڪينگهي جي اتران شاهپور جي اتران اچي ٻلهٽي ڍنڍ ۾ پوندو هو جتان پوءِ ڪاري ناري ۾ ڪرندو هو.

مٿان رحيم يار خان کان وڏي ڇَلَ (ڇَر) 'ڇِتا پَٽ' (پڌر پوٽا) ڏيئي ايندي هئي ۽ تکي ايندي هئي، انهيءَ ڪري 'ترڪلي' چوندا هئا ۽ پڻ 'تَرَڪِڙ:' اها ڇَل 'وَهند' مان وهندي هئي يعني واهُندَ واهڙ مان وهندي هئي. رحيم يار خان کان اٺ ڪوهہ اوير ۾ 'جاڙ وار چوڪي' جي ٿوبي وٽان ايندي هئي. مدو فقير وِڪئي چيو تہ: 'وڏي ڇَل' آئي جيڪا رحيم يار خان کان ٽي ڪوهہ اوير 'مارينگڙي جي دڙي' وٽ اچي بيٺي.

ريٽي واري پاٽي جي ڇَر جو گس رحيم يار خان کان اوير، ڪينجهُو کان لڳ اوير، چنيسر جي دڙي لڳ، پوءِ لوڻ وارو، پير مَلهُو لوهيڙو پني وار ڪُنداهُو سيسر وارو ڊرين وارو ڪاڏَلَ مڇي وارو ٻَنباهُو پني وارو اتان جُکراهو نئين جيڪا سَمانڊي جي ڍنڍ ۾ پئي. متفقہ راءِ اها آهي تہ گڙنگ، ٻُنڊڪي ۽ باهڻ واري وارا بہ ڪليل پَٽ جتان ڇَر آئي هوندي، پر ريٽي وارو پيٽ، جکراهو جي نئن مان ٽي اچي سَمانڊي ۾ ختم ٿيو.

ريٽي ۽ ڳوڙهيلي وارو پاٽي هيٺ خيرپور رياست جي ناري تعلقي تائين ايندو هو. سوراهہ کان ناري جي پريان اٺ ڪوهہ اوير، ديهہ ڪَلاَهُو ۽

ڏيهه سَراڏِڻو ۾ ڪجهو ڏيندو هو. ڳلاس سَرڏاڻو ۽ ته - واٽو ٽيئي ڏنڊيون تعلقي ناري ۾ به جيڪي هاڻ سڪيون پيون آهن.

سانوڻ جي وڏن مينهن ۾ جيڪا اٿل مٿان ايندي هئي تنهن جا پار شاعر حاجي نُهنجي مهر پنهنجي بيت ۾ ڏنا ته:

ساراهيان سچو ڌڻي پاڪ ڏڻي پرور
خاوند خداوَند جي خلقي سب سُير
سارنگ سنبري آئيو چؤڪنڊن چوڏر
آئي موج مهرياڻ ڪي جال وُٺهوئي جر
تکي سير سموںڊ جي، چيهه وِڳو چَمڪَرَ
رکيائين لوڏ لمي تي، منڙو ڪيائين مقرر
داءُ رکيائين ڏُبي تي، سَرهو صاحب ڳڙهه
پيڙ رکيائين پيڳلاهه تي، تاڏل ڳيڙي تر
ٽُوري ها تِڪاٽا، هَرٽولي حاضر
ڪُنب پريائين ڪانديري جو چُلي لڳي آ چَر
راهه پُچي تي ريٽِي جا، پري ڪوٽ عمر
ٽُل ڏنائين ٽٽوٽ ڪي، ديناٽو دلبر
هُرش ڏنائين هاڏي ڪي، ڏڪائي ڏانورُ
وَرُ ڏنائين واراهي ڪي، نانءُ سُجي نَهَوَر
مَرڪِي آ مَن ڳڙهه تي، بوند وسائي بَرُ
پَٽ پريائين پالِهي جا اوري ۽ اوير
منگرو پچي معمول ٽيو ڀهون پڪا باجهر
ڪونج سنباهي ڪر، اُڏاٽي اشڪين ڏي.

مٿين سٽن ۾ جن ماڳن جا نالا آيا آهن، تن جي وضاحت (چَر ڪي چَل چوندا.)

چمڪر = پاڻي جي وهڪري جو آواز.

لمو = ريتي کان ڏکڻ. منڙو = ڪچيون کهيون. مَتُو جا مهر ويٺل رحيم يار خان کان ست ڪوهه اوير.

ڏبو = صادق آباد کان اوير طرف 8 ڪوهه. صاحب ڳڙهه ڏُبي کان ڏکڻ ميل کن هڪ مقام آهي. جتي دائود پوٽن جي پراڻي ماڙي ڪندر.

ياڳلاهه = ڏُبي کان ميل اوير

ٿوهڪي = صاحب ڳڙهه کان ڏکڻ ۾ ميل. هرٽولي = هيرڻ جي پوک.
ڪانديرو = صادق آباد کان اوڀر ـ ڏکڻ 6 ڪوهه.
ريٽي = مٿان ايندڙ هاڪڙي جي پاٽي جو هڪ وڏو شاهي ڍورو. 'ريٽي جڻ درياءَ' هو ميرپور ماٿيلي ۾ ٻه ڍورا: وڏي ريٽي ۽ ننڍي ريٽي.
ٺٽوت = تاريخي آثارن وارو ماڳ. ديناٽو = دين ڳڙهه. هندو ان کي ڪشن ڳڙهه سڏين.
هرش = ٽاڏهه. ڏانڊ جي = دڙڪو. هاڏو = هندوستان جو ڪوهه "پٽن واري" جي پير ۾.
واراهو = هندوستان ۾.
مَن ڳڙهه = هندوستان ۾ ٽڙ رَهڙن جو. نَهورَ = هندو 'سلام ڳڙهه' کي نَهورَ چون.
مَن ڳڙهه = موهن ڳڙهه.
پالهي = جيسلمير کان ويهه ڪوهه اتر ـ اولهه طرف گاهه ٿئي، پرت ٿئي.
رام ڳڙهه پانڌو، کُهيارو اهو سڄو ملڪ پٽرائون: انهي کي مگرو چون.
سگهڙ ڪريم بخش گڏاٽي، جيڪو 1904ع ڌاري گذاري ويو تنهن سانوڻ جي مينهن ۾ هڪ بي اٿل جو بيان پنهنجي هينئين بيت ۾ ڪيو ته:

ڏاتر پنهنجي ڏيهه تي سبزيون ڪيون سير
ملهي مير محمد سڻ صدائون سوير
رکي پلٽ پٽن تي دريا خان دلير
واهُڙ وهي نڪتا گهٽ پريا سپ گهير
ڏهري مئون ڏکڻ هليو اڳيان پير
ريندڻ مان راند ڪري جَر جالاريا جير
تاڏن مؤن تار وهي، پِٽن سان ٿي پير
ڳوڙهيلو ڳچ ڪٽي، وني هليو اڳيان پير
وِڏُرَ واڏ ڪري هلي ناري سان ڇُل چير
مينهن مانداٽا ڪيا، مارن ڏوتا مير
ماٿهو مال متارا ٿيا، ڏسي پاٽي جا پير
گاهن گلزاريون ڪيون، جهڳن لال جهُڳير
جيلاني جولان ڪري ڪِڊ ڏرت ڏڪر شير
ڏٽي ڪرنا دير، تون ٻاجهارا ٻاجهه پئي.

هن بيت ۾ آيل نالن جي وضاحت. 3. دريا خان = درياءَ 5. ڏهرو=اوباوڙي

تعلقي ۾ هڪ وڏو ڍورو 6. ريندڻ = ريندڻ ڍورو تعلقي اوباوڙي مان اچي ميرپور ماٿيلي تعلقي جي ديهه جندو پتافي ۾ چوڙ ڪري ٿو. 8. ڳوڙهيلو. ان جو تفصيلي ذڪر اڳي ڇڪو آهي. 9. وِڏِر = تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ شهر ميرپور سان لاڳو اولهه. تعلقي گهوٽڪي ۾ خانڳڙهه ۽ خانپور مان، اڳتي پني عاقل تعلقي مان وجي ٿي ناري ۾ پوي. وڏر 1955ع ڏاري درياءَ مان وهندي هئي ۽ فيڊر واهه نڪتو ته بند ٿي.

## همتڙ نارو ۽ ڪارو نارو

ڇَر جي پاٽيءَ جا لَڙها، يعني هينانهين نشيب وارين زمينن مان پاٽيءَ جا تڪا وهڪرا، جيڪي اونهان نه پر تانگها ۽ ٿوري وقت لاءِ عارضي بيا واهڙ ۽ ڍورا جيڪي هيٺ اونهان، ٿيان وڏا شاهي ڍورا جيڪي وڏن واهڙن ۽ درياءَ جي ڦاٽن وانگر وهن. ريٽي به هڪ اهڙو شاهي ڍورو جيڪو مٿان اوباوڙي ميرپور ماٿيلي تعلقي مان ايندڙ ڇرن جو پاٽي جدا هيٺ (ناري ڏانهن ويندڙ واهڙن کان الڳ) ذڪڻ اولهه طرف ڪٽندو هو. ريٽي ۽ ناري جي وچ ۾ مفاصلو 16 ميل.

مٿي ماٿيلي ۾ شاهپور ۽ خانپور انهيءَ وچ تي لڙهو جيڪو بُلهٽي يعني به لڙها جيڪي هيٺ ديهه جُوٽاس (تعلقو پنوعاقل) ۾ ”هَمتَڙُ نارو“ ٿيا. اتان اڳتي اولهه اتر طرف چٽڪِي (چنڪي) ڍورو. همتڙ نارو اڳتي ذڪڻ ـ اولهه هليو ته ٿيو ڪارو نارو.

ڪاري ناري وارو پاٽي، مٿان خانڳڙهه ـ عادلپور لڳ وِڏِر واري ڍوري کان هليو پوءِ پينُور کان اڳتي بِلهٽي ڍنڍ، آڏلڪو لال مشائخ، ڍنڍي کان اولهه، مِيراهي جي اولهه، آباد، اِيروڻي، منگهيرو وَس، بيڙُوڊو بستوئي نار، بَنبراهُو باديجي، ڪارو پير، ڏاڪو ڦلو گدڙ واري، سهاڳڻ، گَهه، پوءِ اڳتي ڪانپڙي مؤن لهي، ديهه ڏهلارو ۾ اچي (موجوده) ناري ۾ پيو.

سگهڙ الهندي خان جسڪاٽي (عمر اسي سال) سان 8 فيبروري 1966ع تي سوراهه تعلقي ۾ نور محمد سنباٽي وٽ ڪچهري ٿي، جنهن وڌيڪ تفصيل سان هينيان پار پتا ڏنا ۽ چيائين ته: نارو اصل ليٽ ۽ اٿل جو پاٽي جيڪو هينين ماڳن تان مٿان ايندو هو.

هڪ ليٽ (يعني اٿل واري واٽ) ميرپور ماٿيلي جي اوڀهندان اچي پوندي هئي ينگالي جي ڍوري ۾. ينگالي ۽ وڏر بنهي جو پيٽ خانڳڙهه لڳ اتران

ظاهر آهي. ڀنگالي اچي پئي ٻلهٽي ۾ ’وَر جي دڙي‘ وٽ پنهنجي عاقل ڪان اوڀر. ٻلهٽي اچي پئي همتڙ ناري ۾ ڇڇڙن جي ڳوٺ وٽ (سنگرار کان ڪوهه ڏيڍ اتر) همتڙ نارو اچي پيو ڪاري ناري ۾، غلام نبي جي ڳوٺ وٽ (سنگرار کان ڪوهه ڏيڍ اتر ـ اولهه) ڪارو نارو اچي پيو وڏي ناري ۾ (موجوده اپرنڊين ناري ۾) ’مُنهين واري پَتڻ‘ کان. انگريزن جي وقت ۾ روهڙيءَ کان نارو کٽائي اچي مُنهين واري پَتڻ کان وڏي ناري ۾ وڌائون.

ٻي ليٽ (وارو وهڪر): ڳوڙهيلو اچي پيو ريٽي ۾ ۽ ريٽي واري اٿل اچي پوندي هئي وڏي ناري ۾ سائدي وٽان.

ٽي ليٽ نٽي مَلهٽي (ميرپور ماٿيلي کان 8 ڪوهه اتر ـ اوڀر کان) سرحد کان، ڏُلي کان، اچي پئي ڀنگالي ۾.

چوٿين ليٽ سَڏوجو (پنهنجي عاقل کان 8 ڪوهه اوڀر) نبي شاهه، لال پير ۽ پوءِ نِرڇ کان ۽ اچي پئي ڪاري ناري ۾.

پنجين ليٽ، سانگي، جانب واهه ۽ ڏُبر، فقير آباد ۽ پوءِ غلام ڳوٺ کان اچي پئي ڪاري ناري ۾

## سانگهڙ ـ ٽنڊي باگي طرف ناري جي اُٿل

18 هين صدي ۾ ٽالپرن جي دؤر کان اڳ ۽ ان کان پوءِ 1940ع تائين ڪن وڏي عمر وارن جي يادگيرين ۾ ”ٽي نار آيا“. يعني ٽي ڀيرا ناري جي اٿل آئي. جنهن سانگهڙ کان وٺي هيٺ ويندي عمرڪوٽ ۽ ٽنڊي باگي تائين ٻوڏ ڪئي. تاريخ 28 آگسٽ 1973ع تي نئين ڪوٽ جي پريان (مِٺي پِٽ ۽ ناري جي ڪَس سان تعلقو ڏيپلو) ارباب عطاءُ الله جي دعوت تي ”مِٺي ڳيچو“ اوطاق تي ڪيل ڪچهري ۾ معلوم ٿيو ته مقامي روايت موجب اتي پهريان گهٽو اڳ ’نارو هاڪڙو‘ آيو ۽ ’مِٺي ڳيچو‘ مان پٽ کي چيري ٻه ڍنڍون ڪيائين. هڪ ڪاري ڍنڍ ۽ ٻي ’مٺي ڍنڍ‘ (جيڪا هاڻ ڪاري ٿي وئي آهي). ’نارو هاڪڙو‘ آيو. معنيٰ وڏو نارو جنهن ۾ مٿان اوباوڙي ميرپور ماٿيلي مان هاڪڙي جا ڍورا اچي پوندا هئا. انگريزن جي اوائلي دؤر ۾ 1860ع ڌاري جيڪا وڏي ناري جي اٿل آئي تنهن بابت شاعر مير خان جمالي (وينٽل ڳوٺ ڇَروئو ڪڌهڙي کان ڏکڻ، تعلقو ٽنڊو باگو) هيٺيون بيت چيو:

اول نام الله جو ڪم ڪري ڪلتار
مينهن کي موڪل ٿي، آگي جي اختيار

ڪڪر آيا ڪيترا ڪري ڪارونيار
ڪنوٽين ڪيڏ ڪڙا ڪيا اوهيرن انڌار
ناري نياپو موڪليو چڙوڳين چؤڏار:
”آءُ بہ اچان تو ايڏهان لڙي ڏسندس لاڙ“
چوٽيون موٽيون ميزلون، اونهان پنڌ اپار
اُتل ڪيائين اروڙ مٿان، جئن ماڳُون ڪن ملار
سنجهي آيو سانگهڙ ۾، ڪيائين آڏي جو آزار
هَفيزون* حيران ٿيون ڪيائين منشين ماروماr
تاهہ پيو ٽپالين ۾، ڪيڏانهن ويا ڪوٽار
پاڙون ويون تن پئنچن جون* جن اونڌا ڪيا آچار
چائي پئي تنهن چٽي* تان، خلق ڪِلي، ٿيو خوار
باجهر سڀ ٻڏي وئي، جُٽ ڪري وئي جوار
لنديون لس لُڙين ويون، آئي واسينگن جي وار
اتي صوفين ڪٽي سعيو ڪيو هئا بس گهٽو بيزار*
آنڌائون لڏا، وهٽ جڏا، وڌئون ٻُغدين مٿي بار
وڃي وينا بندر تي ٻٽائي بازار.
آيو ٻيڙو تڪڙو ڪيائين، سڏائي صوبيدار
ڀِهر وٺي ويو پنهنجي اُنائي الهيار
جُڙيو جس نصير کي هئا ڪامل ڳالادار
گهٽا بانڪا بلالاٽي اڙين جا آڏار.

هفيزون = آفيسون
پئنچن جون = هٽ واٽين جون
چٽو مل وينل هو ”تور بند ڪلوئي“ جو.

صوفي فقير ان وقت وينل هئا ”سومرن واري ڇَن“ ۾ ديهہ ڊوڊارو ڊوري جي اولهہ ۾ پراڻ جي اوير. صوفين جي پڊن تي اتي ڪنڊو بينل هو ان کي ’اُڪر ڪنڊو‘ چوندا هئا. يعني ٿلهو جنهن مان اُڪريون نهن. نهندي ڪنڊي مان، ٻي ڦاٽي ٿتي ويندي.

# اروڙ ڪان هيٺ درياءَ جا وهڪرا ۽ پراڻ درياءَ

اروڙ ڪان هيٺ، جدا جدا تاريخي دؤرن ۾ درياءَ جي وهڪرن مان وڙهو. انهن کي مجموعي طور سان ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. الهنديون وهڪرو موئن جو دڙو وارو جنهن جو قديم نشان آرل آهي ۽ پوئي دؤر جو نشان الهنديون نارو وچون وهڪرو. جنهن جا نشان موجوده وهڪرو ۽ ان ڪان اوڀر طرف وارا ڪيئي ڍورا آهن. جن مان مکيه وهڪرو پريا، سن، ساوڙ وارو جيڪو هيٺ نوابشاهه ۽ سڪرنڊ جي وچ ڏاري ڦٽي به وهڪرا ٿيو انهن مان مکيه وهڪرو ڏکڻ- اوڀر طرف قديم برهمڻ آباد ۽ پوءِ اسلامي شهر منصوره وٽان وهندو هيٺ وڃي پراڻ درياءَ ٿيو جيڪو سومرن جي دؤر تائين وڙهو. ٻيو نئيو وهڪرو ڏکڻ-اولهه ڏانهن هيٺ شهدادپور-نصرپور طرف وارو هو (جيڪو پراڻ درياءَ واري وهڪري ڪانپوءِ مکيه درياءَ ٿيو) جيڪو سنه 1101هه تائين وڙهو. ان بعد موجوده هالا طرف وارو مکيه وهڪرو ٿيو جنهن مان هالا- حيدرآباد جي وچ تان وري ٻيا ڦاٽ ٿيا. جيڪي ڪجهه وقت لاءِ مکيه وهڪرا به ٿيا. جئين ته ريڻ، ساڱرو ۽ آخر ۾ گوني. اهي سڀ وهڪرا پراڻ واري وهڪري ڪان پوءِ ٿيا ۽ ڏکڻ اوڀر رخ تي هليا. ٽنڊي محمد خان ۽ ٽنڊو الهيار جي وچئين ڀاڱي مان، درياءَ ڏکڻ-اولهه طرف ڦريو ۽ هيٺ ڪلري، گونگڙو بگهياڙ ڦٽو ۽ خاناهه وهڪرن مان سمنڊ ۾ پيو.

- اروڙ واري بند- سنه 1966ع ۾ ارڙو وٽان درياءَ جي قديم پيٽ ۽ اروڙ جي بند بابت تحقيق ڪندي هي نتيجا سامهون آيا ته درياهه جو وهڪرو اروڙ جي اتران هو جنهن تي بند هئي. معلوم ٿيو ته 1930ع ۾ نئين سکر بئراج واري رٿا موجب جڏهن نئون نارو کوٽايو ويو ته اروڙ ۾ محمد بن قاسم مسجد جي برابريءَ ۾ سامهون نئين ناري جي پيٽ مان ان جا نشان نڪتا: مسجد ڪان اتر طرف ۽ پريان ناري جي اتر طرف ٿبا انهن جي وچان ناري جي پيٽ ۾ بند جا نشان مليا. ان بند جي کوٽجڻ سان نئون

نارو وڙهو ۽ جڏهن اڳين پيش گوئي پوري ٿي ته:

"هاڪ وهندو هاڪڙو: ٻڳي ٻنڌ اروڙ"

- اروڙ کان هيٺ درياءَ جو اڳيون وهڪرو-هيٺ ڏکڻ طرف وارو وهڪرو جنهن جي جدا جدا ڍورن بابت هيٺين معلومات ملي.
- اروڙ جي اتران، ڳوٺ قلاتي ٻرڙي جي اتران ، ابيجاڻي جي ڏکڻا، آنبهه کان اتر -اولهه، شاهه حسين جي اتران، سدن سوائي جي مزار جي ٻنهي طرفان(وچ تي ٻيٺ، پوءِ اڳتي هليو ڏکڻ) پير پلو اولياءَ آدر ، پير بدر(پوءِ هليو اتر- اولهه) تنبدي مستي جي اوير ۽ ڪوٽڏيجي کان اولهه، انهي وچ مان نارو وارو ڍورو شروع ٿيو( ڪوٽ ڏجي جي ڪنڊرن کان ميل ڪن اولهه)
- ارڙو کان اتر طرفان، پوءِ ابيجاڻو(اروڙ کان ٻه ميل هيٺ)، اتان ڇيڇرو (ڪنڌرن کان اتر)، ڪالهوڙي (ڪنڌرن کان اولهه)، منڙي(خيرپور کان ڏکڻ 8 ميل) کان اوير، پوءِ نارو وارو ڍورو ۽ پوءِ ميان جي ڪڙيي کان ڦري ڳوٺ مراد جسڪاڻي جي ڏکڻ اوير، بکو جي ڳوٺ کان اتران، نيباهو پاتو کان اولهان، ٻاڙيءَ جي پٽ ۽ شهر کان اولهان، بوزدارن جي اتران، باگي جو ڍورو ويسرن کان اولهان، پچرا جو اولهه بهلاڻي جو اولهه ۽ هالاڻي جو اوير.
- ٽين ڪچهري ۾، اروڙ کان هيٺ واري وهڪري جا وڏيڪ تفصيلي نشان هن طرح بيان ٿيا( تعلقو روهڙي) ارڙو کان اتران، قلاتي، ٻرڙو ابيجاڻو نور شاهه جي پٽ کان اولهه، ڪلري، بخشي جي ڳوٺ کان اولهه، همرلوءِ، ته منهن، ڳوٺ ڳاڙهو ڪنبڙي، داڙا واهڻ، نٺ(تعلقو خيرپور)، شادي شهيد ۽ لونگ فقير کان اولهه (تعلقو ڪوٽ ڏجي) گوندرڙو راڇپاري، ادهم سلطان کان اولهه، خانڻ ٻرڙو ٻاڙو(ڪوٽلو)، ابن شاهه کان اولهه، ڍِهرِ، شاهه جو تنبو بنگلو ڪوٽ ڏجي ۽ قديم ڪنبرن کان اولهه، قائم گوپانگ، پير گبو جسڪاڻي، بکو لاشاري جي ڳوٺ کان اتران، ٽيڪرانو ٻاڙي، نيباهو پاتو(اتان اولهه رخ)، خيرپور کوهي(اتان ايرندي وريو)، ميان ابوبڪر جي مقام کان اولهان، ٻڍل شهيد جي اولهان ، نور بوزدار جي اولهان، بگو دڙو جي ايرندان(تعلقو مير واهه) بوزدار مَٺ، کروالا، باگو ڍورو ميهر ويسر، کرڙي، نير وارو(ڳوٺ) پير ونهيل، موجائي راڇپر(تعلقو ڪنڊيارو) محراب پورشهر جي اولهان، ڪونڙي ڪبير جي اتر- اولهان ۽ بهلاڻي جي اولهان اڳتي هالاڻي ڏي ويو.

- **هالاڻي ڪان هيٺ لاڙ تائين وهڪرو:** وڏي تجربي واري داناءُ مرحوم حاجي جام خان علياڻي لغاري(تعلقو سامارو) جنهن هن وهڪري جو هالاڻي ڪان اڳتي آخر تائين پيرو ڪنيو هو. تنهن سان ان بابت 16جولاءِ 1954ع تي سندس ڳوٺ(تعلقو سامارو) ۾ ڪچهري ٿي. چيائين ته:

'هالاڻي ڪان پوءِ پريا، نوشهري ۽ پڊ جو وچ، مصر جي واءُ، آمرجي، ڪارجاڻي، سن ساوڻ هَبن(ذات) جو ڳوٺ چاڪر لغاري، مير لغاري، رنيڻ جو ڊورو نيئن، حسن علي، عطر جوکيہ دليل ڪوٽ(اتان وڏ وارو ڊورو مڏماڙي ڏي ويو ) طيب ڪيريو حاجي ڪيريو پير شاهہ جي ماڙي جو ايرنديون پاسو ٽَلِي، سڪرنڊ جي اتر_الهنديون طرف، امير بخش لغاري، علي مردان لغاري، علي بخش راهو، ڪچهري واهہ(محبت سنجراڻي)، ستياري، نور محمد جمالي، ڪنب ليمان، ڀڊو چانڊيو قيصر چانڊيو گل محمد لغاري، بقاءِ انڙ، رانجهو ٽالپر ۽ مهر علي ٽالپر(ڪان الهندي) سوڍڙا فقير، باراڇڙي، هگّورا، پير زير ملدسي، شهدادپور جو الهنديون پاسو مقام سهٽي، خيرمحمد وساڻ، ٽنڊو آدم(ايرندي طرفان) شهبيگ مري، ماڪوڙاڻي، شهر الهيار مري امير حسن مري ڪان نصرپور وارو ڊورو ڇڇي ڏکڻ طرف هليو ويو مير حسن مري، شاهڪ مري، مَشائخ اوڊو راجپاري جو اوترين طرف، احمد ساند، سيد احمد شاهہ مٽياري چامن ميرجت، الهداد ٽالپر، نمرو هاليپوٽو بچل دل، خاناهہ وارو ڊورو آريسر بگهياڙي، ڪاماري جو ايرنديون طرف، جاني لغاري، اميد علي لغاري، ڊالي وارا پير، صحبت مري، شربت مري، ميرو مري، ڦتو چاڪي، ڪاڻ جو ايرنديون طرف، ابوبڪر مهر، پير عظيم شاهہ ڪاهو وارو دڙو(ايرنديون طرف لڳو لڳ)، لعل خان لغاري جي الهندي طرفان شهبيگ انڙ، ميرپورخاص جي ايرندي لڳ انجڻ جي شيڊو وٽان، سيد تقي جي ڳوٺ جي الهندادن، مير غلام علي ٽالپر، مقام سيد جمن شاهہ نوڙوهو ٽالپر، ڳاڙهو سيد، جهنڊيلن(ذات خاصخيلي) جي ايرندي لڳ، بچل شاهہ ۽ علي محمد شاهہ جي الهندي طرفان، اميد علي سينهڙو جي اولهہ ڪان، لعل بخش لغاري جي ڏکڻ اوير طرفان، ٻيلاڙو جي ايرندي طرفان، چڱونري جي الهندي طرفان، سيد علي بخش شاهہ جي اوير طرفان، الله بخش گورچاڻي ڪان اولهان، مير واهہ گورچاڻي جي ايرندي طرفان، بهرام گورچاڻي جو الهنديون پاسو آدم گورچاڻي جو اويرنديون، امير بخش گورچاڻي جو الهنديون، ڏتل لغاري جو

اتر_اوڀر، اجر جي مقام جو اولهه، الله بخش لغاري جي اتران، بچل لغاري جي اتران، محمود شاهه ڪهاڙي جي مقام جي ڏکڻان، مينگهائي وارن ٽيبن جو اوڀر، حيات چانڊئي ڪان اولهه. مقام عثمان يا پير ٺاري ڪان ڏکڻ گندي وَرَ جو اولهه، ڪاڇيلا اسٽيشن ڪان اولهه. مقام سيد ڊولو شاهه جي اولهه طرفان، سيد فتح محمد شاهه ڪان اوڀر، خيرالدين پنجابي ڪان ڏکڻان، دڙو جَسِيرل ڪان ڏاکڻان، پڊ ڪالرو ڪان اولهان، کَڏو وارا فقير لغاري ڪان اولهه. مطلب دل ذات جو پاڙو رمدان ڪان اوڀر، مقام عثمان ڪان اوڀر، خداداد ٽالپر ڪان اوڀر، گهلپور ڪان اوڀر، ڏرڙائي ٽالپور ڪان اولهه. مستوئي ڪان اوڀر، مقام عامري ڪان اولهه. ٽنڊي جان محمد جي اوڀر، ڪنب بالو جو ڏکڻ، غلام علي لغاري ڪان اوڀر، مهر محمد علي ڪان ڏکڻ، جهنڊو پاٽڻي مقام ڪان اولهه. نيري(پاڙو) لغاري ڪان اوڀر، پراٽو جهڏو ڪان اولهه. مقام نصير جو اوڀر، محمد ڪلوئي جو اوڀر، جهڏو پراٽو(ٽيون) ڪان اولهه. محمد هاشم خدمتگار جو اوڀر، مقام بسِي جو اوڀر، ميوو رند ڪان اولهه. غلام محمد نوتڪاٽي ڪان اوڀر، پير خاڪي جو اوڀر، ڦل فقير (مقام) ڪان اولهه. مقام ڪتي جو الهه ماڙي ڪرم خان لغاري ڪان اوڀر، دودو سرڪاٽي ڪان اوڀر، علياٽي لغاري ڪان اولهه. بخشو ڪلوئي ڪان اوڀر، وَليو ڪلوئي ڪان اولهه. هاليپوٽن ڪان اولهه. شهر محراب چانڊيو ڪان اوڀر، خير محمد احمداڻي ڪان اوڀر، همير ٺَهَ ڪان اولهه. مقام ميت پوٽا ڪان اوڀر، آريسر ڪان اولهه. مقام ابراهيم شاهه ڪان اوڀر (ڀٽاري وٽ هاڪڙو نارو ۽ پراڻ اچي گڏيا) ڀٽارو ڪان اولهه. قبول دايو ڪان اوڀر، ڊارو(مڪان)مهراڻ پوٽا ڪان اولهه. حاجي بچل احمداڻي ڪان اولهه پنڊ نوشهره ڪان اوڀر، باغ وارا احمداڻي ڪان اولهه. مڙهي ڀڳت ڪان اولهه. مقام وڏهريو ڪان اوڀر، مقام اسمعيل شاهه ڪان اوڀر، ڪاپرو ڪان اوڀر، دلاور شيدي ڪان اوڀر، موسو هالو ڪان اوڀر، جَرڪس ڏناٽي ڪان اوڀر، دو ڊارو ڪان اولهه. عليم هاليپوٽي ڪان اوڀر، ڇَن سومرا ڪان اولهه. ڪلوئي جهان ڪان اوڀر، سهاوَڙي ڪان اولهه پڊ ٿوربند ڪلوئي ڪان اولهه. ڪڏو ڪان اوڀر، ڪمهلو هالا ڪان اولهه. آڙهوٽا ڪان اولهه. شهر ونگو ڪان اوڀر، ٻڙ جو اولهه. قبا وليو پليو ڪان اولهه. ڏيرا ڪان اوڀر، ڪاَجهَر ڪان اولهه. جڻنداڻي فقير ڪان اولهه. مهڙ سومرو ڪان اوڀر . جيئند لنڊ ڪان اوڀر، عزيز فقير جي ڀٽ جي اولهه. راڄو لنڊ ڪان اوڀر، مقام هيبت فقير جمالي جي اوڀر، سينگاري جو اوڀر، ٻنهوار جو اولهه. سٽاپَ جو اير ڇوڙ Escape جو اوڀر، ڪوٽ

ڪانجي کان اولهہ، وڳهہ ڪوٽ کان اولهہ، ڪنڌڙي جو اوير، ديهہ بوهر کان اوير، شڪور ڍنڍ جي اوير، اتان سنڌ ۾ ڪڇ واري نار ۾.
آفرين هجي سڄاڻ حاجي جام لغاري کي جنهن پير پيادل درياءَ جي اڳين وهڪرن جا اهي پيٽ ڏنا متي پاڻ ڄاڻايائين تہ مير حسن مري کان نصرپور وارو ڍورو ڇڄي ڏکڻ طرف هليو ويو. ان کان پوءِ شاهڪ مري طرف جنهن ڍوري جا پار پتا ڏنائين سي درياءَ جي اجا بہ اڳئين پيٽ پراڻ واري وهڪري جا، يعني پراڻ درياءِ جا پار جيڪو سومرن جي دؤر تائين وڙهيو.
راقم نوابشاهہ کان هيٺ وارن وهڪرن لاءِ سر زمين ڏني ۾ پڻ پڇائون ڪيون جن مطابق هينيان نتيجا نڪرن ٿا
مٿان اتران ايندڙ درياءَ نوابشاهہ ۾ سڪرنڊ جي وچ واري پاڳي ۾ ڪلري وٽان بہ شاخون ٿيون. مکيہ شاخ ڏکڻ- اوير طرف وئي، جنهن کي اسان ڪلري-جلوالي وهڪرو چئي سگهون ٿا. ٻي ننڍي شاخ ڏکڻ طرف شهدادپور ڏانهن وئي جنهن کي لوهاٽو وڪرو چوڻ مناسب ٿيندو. ان ننڍي شاخ وارو لوهاٽو وهڪرو پوءِ ٿيو جڏهن مکيہ شاخ کان درياءَ رخ مٽايو.
- **ڪلري-جلوالي وهڪرو:** هن مکيہ وهڪري جو هڪ اهڃاڻ ڳلري آهي، جنهن جو نالو اوائلي اسلامي تاريخن ۾ڪلري بلري ڄاڻايل آهي. ڪلري جي نالي سان ديهہ نوابشاهہ کان 5 ميل ڏکڻ طرف ٽپي ماڙي ۾ موجود آهي هن مکيہ شاخ جا، ڏکڻ- اوير طرف بہ ڍورا يا بہ وهڪرا ٿيا. جيڪي هيٺ جمڙائو جي پاڄي واري موري ڏاري پاڻ ۾ ڳڏيا. هڪڙو اوير وارو جيڪو احمد آباد، حمزو باگراٽي، لسڪي، وزير رند، برهوڻ وٽان پاڄي: ٻيو سمير وارو ڍورو جيڪو گپچاٽي، مٺاچورا، يارو ڏاهري، توبڻ ڏاهري، مراد علي رند، ڪرم الله ڏاهري، موج واهہ، سارهيوڙي وٽان پاڄي سمير جي نالي سان ديهہ، شهدادپور کان پنج ميل اتر طرف موجود آهي. پاڄي کان اڳتي نار وارو پونو(اڳ نارو وارو ڍورو) پوءِ اوير طرف ڪنب جعفر خان لغاري، (پوءِ ڏکڻ طرف) وري بہ شاخون برڙا پوءِ ڄَراڙي(= جلوالي) جهول، برهمڻ آباد ۾ ٻي ڍنڍ متيلا ۾ پوءِ اسلامي تختگاهہ شهر منصوره.
- لوهاٽو وهڪرو:جڏهن ڪلري-جلوالي وهڪرو گهٽيو تہ لوهاٽو وڪرو مکيہ درياءَ ٿيو ماٽو جمالي، گل محمد لغاري، ڪتوري، لنڊو ميان جي مسجد، ٻانڙي، شهدادپور، ٻاراچڙي، ستياري، ڏرڙ برڙا، لوهاٽو گُلر، ڳوٺ شهبيگ مري

۾ هوتي مشائخ.

- **پراڻ درياءَ**: پراڻ درياءَ جو نالو ميرپورخاص کان هيٺ واري وهڪري تي پيو اهو وهڪرو اسلامي دؤر (انين صدي عيسوي) کان اڳ مٽان نوابشاهہ سڪرنڊ جي وچ واري ڀاڱي ۾ ذڪرڻ- اوپر طرف مڙيوا نوابشاهہ کان هيٺ ڪلري مان سمري ۽ ڪونهيري مان(موجوده شاهپور چاڪر وارو ڀاڱو) ’نارو‘ ڍوري مان، جَلوالي ڍوري مان برهمڻ آباد لڳ ڏيپر گهانگهري جي ٿل وٽان، پاتوبن وٽان، ڪاهوءَ جي دڙي جي اپرندان ۽ ميرپور جي اپرندان ۾ پوءِ هيٺ پراڻ درياءَ تي وهندو هو. اتان اهو وهڪرو پوءِ الهندي طرف اسلامي شهر منصوره جي ڀنهي طرفان ٿيو ۽ جئين پوءِ تيئن اولهہ طرف هٽندو ويو ۽ سومرن جي دؤر ۾ جلوالي کان هيٺ وارو وهڪرو ڦٽي ويو. (پراڻو تي ويو.) اهو پوءِ پراڻو درياءَ يا پراڻ درياءَ، سڏجڻ لڳو. پراڻ درياءَ جي پاڻي ۾ آبادين کان پوءِ بہ ماڻهن پئي ياد ڪيو تہ:

جهوني تون پراڻ،ڏينهن گهٽيرا سنيرين

توکي ڏنا هاڻ، لاکي جهڙا پهيڙا.

انگريزن جي دؤر ۾ پراڻ وارا پيٽ هيٺ ذڪرڻ اولهہ تي ٿرپارڪر ۽ حيدرآباد ضلعن جو دنگ ڪيو ويو، ائين جو هڪ طرف تعلقو ٽنڊو باگو تہ ٻئي طرف ڪجهہ ڀاڱو تعلقو ڏگهڙي ۽ باقي تعلقو ڏيپلو پراڻ ۾ هاڪڙو نارو يا ڍورو هاڪڙو نئين ڪوٽ کان ڇهہ ميل هيٺ، رحيم خان نوتڪاڻي جي ڳوٺ کان اولهہ. ڀٽاري وٽ اچي گڏيا ڀٽاري کان هيٺ بہ عام طرح ڍورو پراڻ سڏجي پر حقيقت ۾ اهو هاڪڙي ناري ۾ پراڻ درياءَ جو گڏيل پيٽ آهي، جنهن تي ڇهہ ميل هيٺ ونگو. ان کان هيٺ وڏي ڍوري مان اولهہ- ذڪرڻ طرف ٻيا ڍورا نڪتا، جن مان هڪ سومرن جي تختگاهہ روپاهہ ماڙي وارو هو. 25 نومبر 1964ع ۾ شهر پنگرئي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ اهو تحقيقي نتيجو نڪتو تہ روپاهہ جو شهر ريڻ تي نہ هو پر ڍوري ۾ پراڻ تي هو.

پراڻ درياءَ جي تاريخي اهميت جي مدنظر، هاڻي ڪن دوستن گڏجي ميرپورخاص کان وني هيٺ تي پراڻ درياءَ جي پيٽ جو پير ڪنيو آهي. تاريخ 6 نومبر2000ع تي فقير بشير احمد خان وٽ (ڳوٺ غلام علي فقير لغاري، تعلقو ڏگهڙي) وٽ وڏي ڪچهري ٿي، جتي پراڻ جي پانڌيڙن مان مصطفيٰ رضا پناڻ ٻڌايو تہ سال کن کان وني اسان ميرپورخاص کان پراڻ جي پيٽ

جو پيرو ڪنيو آهي ۽ پير پيادا هليا آهيون ۽ هن وقت تائين جهڏي ڪان اڳتي ٽپي ويا آهيون.

اسان پراڻ جي وهڪري ۽ اتي جي آثارن ڪي هن طرح ڏٺو:

- ڳوٺ لعل خان لغاري، ميرپور خاص ڪان 4 ميل ڏکڻ، اتي پراڻ جو ڪن ۽ پاٽي.
- سمن موري ڪان جهلوري ۽ ڍينگاڻ ويندڙ رستي وٽان پراڻ جو پيٽ ظاهر.
- سنهڙي واري سيدن جي ڳوٺ ڪان اوپر طرف.
- مصري شاهه مورن وارن ڪان اولهه طرف پراڻ جو ڪن ڄارن وارو رستو جتي مور گهٽا اتي پراڻ اولهه طرف مڙي ٿي.
- مير واهه گورچاٽي ڪان 3 ميل اوپر طرف 'مير جي لانڍي' وارو رستو ٽپي ٿي.
- مهدي شاهه جو مقام جتي مير واهه وارو ڍورو پراڻ ۾ پويءِ اهو ماڳ ٽِڪول سڏبي.
- اجري فقير درس جي درگاهه، ڳوٺ خان محمد لغاري جو پراڻ جي اوپر ڪپ تي.
- لاکو فقير، جهوڪ جي بزرگن جو خليفو پراڻ جي اولهه لڳ ڳوٺ ڏتل لغاري.
- محمود شاهه ڪهاڙي جي درگاهه، ڪاٺ جي ڪهاڙي وارو جنهن ڪي دَلن ماريو اهو پراڻ جي اوپر ڪپ تي ۽ اڳتي پراڻ ۾ وڏا وڪڙ.
- مقبرو نارو شاهه اوپر طرف، مخدوم هالن وارن جو مريد، جن مقبرو نهرايو.
- سوڍل شاهه جو مقبرو اولهه طرف، اتي پراڻ جو وڏو ڪن ۽ وڏو نظارو.
- ڍگهڙي- ڪوٽ غلام محمد روڊ تي پراڻ مٿان ريل جي پل.
- معصوم شاهه جي درگاهه- اولهه طرف.
- منڌرن جون ماڙيون ۽ پٿون، بلاڪن ۾ وڏا دڙا، اتي پراڻ جو بندر هو ۽ هزارين سرون پيون آهن.
- منڌرن ڪان ٻه ميل اوپر درگاهه ابراهيم ناگوراٽي ٿيهو:ملاڪاتيارن وارن فقيرن جو ڏاڏو فقير بابو سڪريو ابراهيم ناگورائي ڪان ٻه ميل اتر.
- لال ڇتو پراڻ جي اوپر.
- نوح فقير لغاري(خليفو ملتان جو) " ڪڏ وارا فقير "، گدامري،نم ۽ پپر جا وڻ.
- عثمان فقير درس پراڻ جي اولهه ڪپ، اتي سرفراز واهه اڇي پراڻ ۾ پوي

ٿو. ڏگهڙي جو شهر سرفراز واهه تي ٻڌل آهي ۽ غلام علي لغاري جو ڳوٺ سرفراز واهه جي اتر لڳ.

- سيدن وارو دونهائو پراڻ ڪان اوڀر_صالح محمد شاهه لڪياري جو قبو.
- غلبو فقير، پراڻ جو اوڀر.
- مصري شاهه جي درگاهه، پاسي ۾ پراڻي مسجد.
- خواجه سڌاتوريو جوٽيجو لواري وارن جو خليفو ان جو مقام ٽنڊي جان محمد وارا مير صاحب اتي رکيل.
- آمري جو مقام، ٽنڊي جان محمد ۽ پراڻ جي وچ تي، اولهه طرف.
- گل شاهه جو درگاهه، اوڀر طرف.
- بالو جا ڪنب، اتي پراڻ جو ڪن، اتي ميرن جو سپهه سالار ڪلوئي جيڪو جنگ ۾ مارجي ويو ۽ جنهن تي ميرن قبو ٺهرايو پڻ اتي بدام جا پڊ.
- جهنڊو پاٽي جي درگاهه پٽر لڳل، پراڻ جي اوڀر اتي اوڀر طرفان وڏو ڍورو اچي پراڻ ۾ ملي ٿو. ڍوري جو وڏو پيٽ، اولهه طرف ٻرڙائي جو ڪوٽ
- سمن شاهه جو تڪيو اولهه طرف.
- جهڏو شهر ، پراڻ ڪان اوڀر ۾ درگاهه سخي تاج محمد(پوٽو حسن باغبان جو) گلڻ شاهه شهيد(سمن شاهه جو پياءُ).
- جهڏي جي قبر، شهر جهڏي جي ڏکڻ پراڻ جي پيٽ مان مٽي چاڙهيون ۽ مٽي قبر تائين
- جوڳٺ ۾ ساهين جون سماڌيون( پٿرن جون ڏسڻ وٽان)
- گاڏ(خاصخيلي) جو ڳوٺ.
- روشن آباد ۾ خاڪي پير جي درگاهه پراڻ ڪان اوڀر ۾ اولهه طرف قاسم شاهه.
- معصوم شاهه جي درگاهه، اولهه طرف اتي مور گهٽا.
- جرڪس ڏناٽي اوڀر طرف.
- ابراهيم شاهه(اولهه) ۾ پوءِ ميرن واري (اولهه).

پراڻ درياءَ ۾ پيا سپ اڳيان پويان ڍورا ۾ وهڪرا سَوَن سالن ڪان تاريخ جو يادگار آهن، جڏهن سنڌ جو درياءَ(سنڌوندي) پرجي وهندو هو ۽ اٿلون ۾ آباديون ڪندو هو. عام خيال ته مينهن نه پيا ۾ مندون منجي ويون تڏهن هاٽي درياءَ جي پيٽ ۾ واري پئي اڏامي، پر حقيقت ۾ ماڻهو منجي ويا ۽ نيتون بدلجي ويون!

# رهاڻ هيرن کاڻ

## جلد چوٿون

# مهاڳ

هي رهاڻ هيرن ڪاڻ پنجاهه سالن واري عرصي واري دؤر (1950_2000) ۾ سنڌ جي سڄڻن ۽ سگهڙن سان ڳوٺن، شهرن واهڻن ۽ وستين ۾ رهاڻيون ٿيون جن جو هيءُ مواد يادگار آهي. ڪن پيارن ترغيب ڏني ته آءٌ پنهنجي سوانح عمري لکان: ڪنهن حد تائين هي منهنجي سوانح عمري آهي.

هن ذخيري ۾ شامل ڳالهيون سڀ نيون آهن ۽ گهڻيون سڀ نه اڳ لکيل آهن ۽ نه ڇپيل. هنن ڳالهين کي رهاڻ واري رنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ پڙهندڙن کي مخاطب ٿي ڳالهايو ويو آهي. ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ۽ پڙهندڙن کي ڪيئي ڳالهيون ٻڌايون وينديون ۽ ڪيئي نيون معنائون وهجايون وينديون. غور سان پڙهڻ ۽ پرجهڻ وارن لاءِ هن ذخيري ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ راڄن جي رهڻي ڪهڻي، ڳالهه ٻولهه، سرت سمجهه، دانائي دؤر انديشي، خوشي، خوشطبعي ۽ شعر ادب جا من موهيندڙ مثال موجود آهن.

هن ذخيري ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي راقم گهڻو اڳ جدا جدا موقعن تي جدا جدا ڪچهرين ۾ ٻڌيون. ٿي سگهي ٿو ته ڪي صحيح نموني سان نه ٻڌايون ويون هجن يا نه سمجهيون ويون هجن ۽ جئين ته اهي هڪ وڏي وقفي کان پوءِ هت بيان ٿيون آهن. انهيءَ ڪري ڪي پوريون ياد به نه رهيون هجن. پڙهندڙن مهربانن کي گذارش آهي ته جيڪڏهن ڪين ڪا وڌيڪ صحيح صورتحال معلوم ٿئي ته پنهنجي پيار ۽ پاٻوهه سان درستي ڪن.

هي اڻ کٽ خزانو آهي جيڪو ڪنهن حد تائين منهنجي لکيل يادداشتن ۾ موجود آهي، پر گهڻي حد تائين منهنجي يادگيرين ۾ محفوظ آهي. وقت ۽ فراغت آهر، ان کي قسط وار شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. پهرين ٽن جلدن جي اشاعت بعد هي ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ جو چوٿون جلد آهي جيڪو شايع ٿي رهيو آهي.

هي سلسلو سنڌ جي مختلف موضوعن، سنڌ جي عوامي جذبن، احساسن، ڳُڻن ۽ ڳالهين جو آئينو آهي جئين اڳتي هلي اهو معلوم ٿئي ته ويهين صدي (۽ پڻ ان کان اڳ) ۾ سنڌ جي عام زندگيءَ جا ڪهڙا نقش هئا ۽ ڳالهين ڳُڻن جا ڪهڙا خاص عنوان هئا.

هن جلد ۾ "سنڌ جو آسمان" هڪ خاص تحقيقي نوعيت جو موضوع آهي، جنهن لاءِ سنڌ جي سڄاڻن، هارين ۽ مالدارن کان سالن جا سال پڇائون ڪري چنڊ، تارن بابت سندن بيان قلمبند ڪيا ويا آهن. ان سان گڏ مون پاڻ نڪتن ۽ تارن کي سالن کان وٺي پئي جانچيو آهي ۽ جدا جدا تاريخن تي پنهنجي انهن جانچن کي قلمبند ڪيو آهي. انهيءَ جانچ مان ڪي حيرت جهڙيون ڳالهيون معلوم ٿيون، جن کي تفصيل سان لکيو ويو آهي. قرآن شريف ۾ "خُنَس" ۽ "ڪُنَس" ستارن ڏانهن ڏيان ڇڪايل آهي جيڪي مٿي ايري وري پوئتي هٽي هيٺ لهي وڃن ٿا. اها حقيقت جئين مون کي معلوم ٿي. تئين هر ذوق واري کي به تارن کي ڏسڻ جانچڻ سان معلوم ٿي سگهي ٿي. مون کي وڏي حيرت ٿي جڏهن ڏٺم ته هڪ روشن تارو اسر جو ايري ٿو ۽ وقت گذرڻ سان مٿي چڙهندو اچي ٿو: چڙهي چڙهي وري پوئتي هٽڻ شروع ڪري ٿو ۽ لهي وڃي ٿو. سانجهيءَ جو تارو ڏٺم ته الهندي طرفان مٿي چڙهيو ۽ ڪن ڏينهن بعد وري هيٺ ٿيندو لهي ويو. به تارا هڪ ٻئي پنيان ايرندي طرفان چڙهيا پر پويون تارو اڳين کان اڳتي وڌي ويو.

تارن ستارن جو وڏو جهان آهي جنهن تي رات جو نظر پوي ٿي. عام طرح اها ڳالهه ته ڏينهن جو پري تائين نظر پوي ٿي پر رات جو اونداهي ۾ ويجهي تائين به ڏسي نه ٿو سگهجي. اها زمين جي ڳالهه آهي: مٿي آسمان ڏي انسان جي نظر هزارن ڪوهن تائين پوي ٿي.

هن جلد ۾ ٻيو خاص موضوع "سنڌ جي شهرن جي تاريخ" آهي. ان سلسلي ۾ مثال طور شهر نصرپور جي تاريخي آثارن، حڪيمن طبيبن، شاعرن، مسجدن، مزارن، محلن ۽ گهراڻن بابت مختصر ڄاڻ ڏني وئي آهي. اميد ته اڳتي ڪي سڄاڻ انهن کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪندا. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ٻين شهرن جون به تاريخون لکيون وينديون. ڳوٺن جي تاريخ لکڻ جي شروعات ٿي چڪي آهي.

هن جلد ۾ پوئين جلدن ڪان هلندڙ خاص موضوع ”سنڌ جي قبيلن جي تاريخ“ کي وڌايو ويو آهي ۽ لاشاري، دل، چانگ، مڱريا، راٺوڙ گجر، سنگراسي، ڏهوٽ ۽ مرزائي قبيلن جي روايتن ۽ نسب نامن کي آندو ويو آهي. ٻيا موضوع بہ نوان ۽ معنيٰ وارا آهن. آخر ۾ جاوا سوماطرا جو سفرنامو ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ انڊونيشيا جي تاريخ ۽ تمدن تي روشني پوي ٿي.

علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، سنڌ
15 فيبروري 2003ع

خادم العلم
نبي بخش

# تاريخ

مخدوم جهانيان، سلطان فيروز شاهہ ۽ سمن ڄامن جي وچ ۾ صلح ڪرايو. جلال الحق والدين ابو عبدالحسين بن ڪبيرالدين احمد بن سيد جلال الملة والدين سرخ بخاري، جيڪو ”مخدوم جهانيان جهان گشت“ جي نالي سان مشهور ٿيو. سنہ 707 هجري ۾ ڄائو سندس وڏو ڏاڏو جلال الدين سرخ بخارا مان بکر ۾ آيو ۽ پوءِ بکر مان ملتان ۾ آيو. مخدوم جهانيان ستن سالن جو هو جو اچ جي بزرگ شيخ جمالي خاندان جي مجلس ۾ شرڪت ڪيائين. پنهنجي والد ماجد مخدوم بهاءُ الدين زڪريا جي پوٽي ابو الفتح رڪن الدين جي هٿ تي بيعت ڪيائين. ملفوظات ۾ چوي ٿو تہ: ”پاڻ مڪہ شريف مان بکر ۾ آيو تہ ماڻهو ڪيس ملڻ آيا. اروڙ جي هڪ بزرگ جي ذڪر ۽ ان بعد فرمائي ٿو تہ: سلطان محمد بن تغلق مون کي شيخ الاسلام مقرر ڪيو.“ سنہ 764هہ ۾ سلطان فيروز شاهہ ۽ (سمن ڄامن مان) ”ڄام (انڙ) ۽ ٻانڀيہ“ جو صلح ڪرايائين (سيد صباح الدين، بزم صوفيہ، اعظم ڳڙهہ 1949ع). سندس ڪن پٽن سيد شمس، سيد ماهہ، سيد صدر الدين ۽ سيد ناصر الدين جون قبرون (سکر لڳ) بکر واري ٻيٽ ۾ آهن (ملفوظات الدر المنظور). بابو تاج الدين بکري سندس وڏو خليفن مان هو. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ڊاڪٽر رياض الاسلام جو تحقيقي مقالو اسلامڪ ڪلچر، حيدرآباد دکن)

## ڄام نظام الدين جي وفات بعد پٽن ۾ نفاق

ڄام نظام الدين (عرف ڄام نندو) سنڌ جي سمن حڪمرانن ۾ سيني کان وڏو اولي العزم ۽ بيدار مغز حڪمران هو ۽ صحيح معنيٰ ۾ سلطان هو. هن سنڌ ۾ رهندڙ سيني قبيلن ۾ حب الوطني جو جذبو پيدا ڪيو. لاشاري قبيلي جي معزز نوجوان دريا خان جي ترتيب ڪري ان کي پنهنجو پٽيلو ڪيائين، سپهہ سالار بڻايائين ۽ ”خان الاعظم“ جو خطاب ڏنائين. خان دريا

خان جي اڳواڻي ۾ سنڌ جا بلوچ قبيلا سلطان تان ۽ سنڌ تان سر گهورڻ لڳا. سنڌ جي فوجي طاقت مضبوط ٿي، ارغونن کي شڪست آئي ۽ سبي جو قلعو فتح ٿيو پر حالات جي ستم ظريفي جو سلطان ڄام نظام الدين جي قدآور شخصيت جي پيٽ ۾ ڪانئس پوءِ سندس ڄامڙا ثابت ٿيا. ٺٽي جي مؤرخ محمد صالح ولد ملا زڪريا پنهنجي ڪتاب "معارف الانوار في بيان فضائل سيد الابرارئمة الاظهار و احوال قطب المختار" ۾ جيڪو هن سنه 1140هه ۾ پلاري بزرگ سيد حسين عرف شاهه مراد شيرازي (13 ربيع الاول 831_12 ربيع الاول 893هه) جي سوانح بابت لکيو، ڄام عالي مقام مرحوم جي پٽن جي نااتفاقي تي روشني وڌي آهي. ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ اهو تفصيل موجود ناهي. لکي ٿو ته:

ڄام نندي، شاهه مراد جي فرزند سيد منصور جي خلافت ۾ سنه 914 هه ۾ وفات ڪئي. مزڪور آهي ته پٽ هئا: هڪ صلاح الدين ۽ ٻيو فيروز ڄام (نندي جو جنازو (ٺٽي جي) شهر کان ٻاهر اڳتي مقام ڏانهن کنيو ٻئي هليا تڏهن واٽ تي ٻنهي ڀائرن ۾ بادشاهي بابت پاڻ ۾ بحث پئي ٿيو تان جو مقام تي پهتا. جنازي نماز لاءِ (وڏي جي بجاءِ ساڳئي وقت) ٻنهي سيد منصور کي نماز پڙهائڻ جي اجازت ڏني. مدفون کان فارغ ٿي جڏهن سڀ شهر ۾ آيا ته علماءِ فضلاءِ، فقراءِ ۽ رعايا سيني گڏجي صلاح الدين کي بادشاهي جي بشارت ڏني ۽ هن کي ڏينهن حڪومت ڪئي. بعد ۾ ڄام (مرحوم) جو ٻيو پٽ فيروز سيد منصور جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته کيس ان صورت ۾ (ائين چئي) بادشاهي جي بشارت ڏني ته: "اوهان کي محمد ﷺ طرفان خلافت جي خلعت پهرائي اٿن ۽ توتي لازم آهي ته عدل انصاف ڪرين، خلق کي پاڻ ڏانهن راضي ڪرين. تنهنجي بادشاهي لاءِ تيرهن سالن جو حڪم نبوي صادر ٿيو آهي." (پوءِ) صلاح الدين به خدمت ۾ حاضر ٿيو جنهن کي احمد آباد (گجرات) جي حڪمراني جو حڪم ڏيئي رخصت ڪيائون.

هن بيان مان لڳي ٿو ته عالمن، فاضلن، درويشن ۽ رعيت سيد منصور جي پيڇڻ کان سواءِ صلاح الدين کي حڪومت جي مبارڪ ڏني، جنهن جو رد عمل اهو ٿيو جو سيد موصوف فيروز کي حڪومت جي بشارت ڏني. سنڌ جي تاريخ جو هي هڪ وڏو حادثو آهي.

## مِيان نصير محمد جي والده ۽ گهر واريون

تاريخ: 28 مارچ 1996ع تي ميان نصير محمد جي ڳاڙهي واري مسجد

۽ ميان نصير محمد جي مقام کي ڏٺوسون ۽ معلوم ٿيو تہ: ميان نصير محمد جي مسجد واري ماڳ جي ٻاهران ڪوٽ هو. ڏکڻ طرف وارن ٻن برجن جا نشان ڏٺاسون. ميان نصير محمد جي مقام ۾, سندس مزار لڳ, سانئڻ (ماين) جو مقام آهي, جنهن ۾ ميان نصير محمد جي والده ۽ ٻہ گهرواريون مدفون آهن. گهر وارين جون قبرون هڪ ٻئي کي ويجهو گڏ ۽ والده جي اوڀر طرف ڪجهہ وٿيءَ تي آهي. فقير اها سڃاڻپ ڪرائي. والده واري تربت پٿر جي ۽ ٻاهران ڪتهڙو سيراندي کان خوشخط ڪلمو ۽ پيراندي خالي, نالو ڪونهي, سنگتراشل پٿر جي بنهي پاسي آيتون. گهر وارين جون قبرون اهڙيون سهڻيون سنگتراشل جهڙيون مڪلي تي. سيراندين کان ڪلمان ۽ پيراندين کان نالا هيٺين طرح:

تاريخ وفات مرحومہ بي بي بهائتي
يک هزار ويک سدو يارده
(1111 هہ)

2. تاريخ وفات مرحومہ بي بي جادو
يک هزار ويک سدو چهارده
(1114 هہ)

## ميان نور محمد جي دؤر ۾ نادر شاهہ جو حملو

نادر شاهہ جي حملي بابت ٻن قلمي ڪتابن ۾ حوالا نظر مان گذريا:

دُره نادره, مصنف محمد قلي ابن حافظ خواجہ بخش, سال تصنيف 1232 هہ. هي قلمي ڪتاب پشاور ميوزيم ۾ مطالعي هيٺ آيو. ان ۾ عبارت:

ڪابل ۾ پهچڻ بعد نادر شاهہ کي پوري تحقيق سان معلوم ٿيو تہ خدا يار خان (ميان نور محمد) مخالفت ۾ آهي. نادر شاهہ جي وچ ۾ ڪي ڳالهيون (غالباً وزير جان محمد ڏاهري اتي اچي مليو ۽ ڳالهيون ٿيون). خدا يار خان سنڌو دريا اُڪري وڃي عمر ڪوٽ ۾ پناهہ ورتي. (درياءَ اڪرڻ مان گمان ٿئي ٿو تہ ميان نور محمد خدا آباد ۾ هو جتان هو عمر ڪوٽ ڏي روانو ٿيو). نادر شاهہ بہ درياءَ اڪري پنيان پيو ۽ وڃي عمر ڪوٽ جي قلعي وٽ پهتو. ميان نور محمد گرفتار ٿيو ۽ قلعي ۾ جيڪي خزانا لڪايل هئا سي نادر شاهہ هٿ ڪيا. (ميان نور محمد خزانا پاڻ سان کنيا هئا ۽ ٻيوبان فصلن ۽ ٻين ذخيرن کي ساڙايائين تہ جئين نادر شاهہ کي ڪجهہ بہ هٿ نہ اچي. اهي

ئي خزانا هئا، جيڪي عمر ڪوٽ جي قلعي مان نادر شاهہ کي هٿ آيا).
ميان نور محمد فرمانبرداري قبول ڪئي ۽ نادر شاهہ کي تحفا پيش ڪيائين. (نادر شاهہ بہ پنهنجي طرفان تحفو ڏنو جنهن جي وضاحت هن طرح):

از خذمت نعت حضرت شاهشناهي نيز از خيار فواکہ يعني خربوزه کہ دؤر ان اوقات نو باوه از بلخ آورده بودند يک هندکہ عبارت دويست شتر باشد بارگيري و برائي سرکار بادشاهي ذيجاه اهداشد'

2. نادر نامہ: هي مثنوي ,شاهنامہ, وانگر خدايار خان عباسي (ميان نور محمد؟) ٽن سالن جي محنت بعد 1155 هہ ۾ لکي پوري ڪئي. سنہ 1931ع هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو هڪ سنڌي صاحب لاهور ۾ چوڌهن ٻين ڪتابن سان گڏ سٺ رپين ۾ پروفيسر محمد شفيع کي ڏنو. جيڪڏهن مثنوي نادر نامہ ميان نور محمد پاڻ تصنيف ڪئي تہ پوءِ اهو ڪتاب نادر شاهہ جي حملي بابت نهايت قيمتي ماخذ آهي. مٿيون احوال ڪتاب جي وڪري جو مون ڳولي لڌو پر افسوس جو ڪتاب کي ڳولي لهڻ لاءِ وقت نہ مليو.

**•ميان نور محمد جا سپهہ سالار**

تاريخ نامہ نغز، موجب ميان نور محمد جا سپهہ سالار نَوَ هئا: مير چامر ندو مير بهرام خان، ميرڪ چاڪر خان، مير شاهو خان، شاهہ بهارو مراد ڪليري، بلاول، خيرو ۽ ڪمال. ٻهريان ٽئي ڀائر مير شهداد خان جا پٽ هئا ۽ مير شاهو خان سندس ڀاءُ يا سؤٽ هو.

**•بکر تي افغانن جو قبضو**

ان جو ذڪر وڏي مير جان الله شاهہ روهڙي واري پنهنجي هڪ ڏکهي مخمس ۾ ڪيو آهي تہ:

بکهر چون اجاره گرد افغان
بيداد کشيد سر بکيوان
برهم زده شد چهار ار کان
ديهات خراب ص شهر ويران
اشراف دارد دلش پريشان.

**•ٽالپرن جي دؤر ۾ افغاني لشڪر جا حملا ۽ ساڻن مقابلا**

ٽالپرن جي شروع واري دؤر ۾ جنگ هالاڻي ۾ شڪست کان پوءِ بہ ميان عبد النبي لالچون ڏيئي افغاني لشڪر سنڌ تي چاڙهي آيو. ڪابلي افغانن سکر تي قبضو ڪيو پر مير رستم خان حملو ڪري سنہ 1240 ھہ ۾ بہ کين بي دخل ڪيو. انگريزن جي سياسي چال ۽ سندن ٽيڪ تي شاھہ شجاع افغان لشڪر وٺي آيو. ٻاهرئين حملي وقت دستور موجب حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپور جي ميرن متفقہ طور شاھہ شجاع جي اڳرائي کي منهن ڏنو. سنڌ جي لشڪر مان ڪي نالي وارا سپهہ سالار ۽ ٻيا شهيد ٿيا پر افغاني لشڪر سکر کان اڳتي وڌي نہ سگهيو. ٻہ مقابلا ٿيا ۽ ٻنهي ۾ افغاني لشڪر ميدان ڇڏي پوئتي هٽيو.

پهريون مقابلو اربع ڏينهن ويهين تاريخ شعبان 1249 ھہ ۾ ٿيو. افغان لشڪر جو سپهہ سالار آخوند زادو الهداد هو. هن مقابلي ۾ سنڌ جي لشڪر مان ٽي سپهہ سالار ۽ ٻيا سپاهي شهيد ٿيا. اهي سپهہ سالار هئا عالم خان مري، چاڪر خان جسڪاڻي ۽ رحيم خان کوسو.

ٻي جنگ هفتو پوءِ اربع ڏينهن 28 شعبان 1249 ھہ تي ٿي جيڪا ڪرڙي واري جنگ، جي نالي سان مشهور آهي. ان ۾ افغاني سپهہ سالار سمندر خان هو. سنڌ جي طرفان خيرپور جو غلام مرتضيٰ شاھہ ۽ حيدرآباد جو سيد ڪاظم شاھہ سپهہ سالار هئا. هن جنگ ۾ افغاني لشڪر کي شڪست آئي جو وري ٽيون ڀيرو جنگ لاءِ ميدان ۾ نہ آيا. هن جنگ ۾ غلام مرتضيٰ شاھہ، ڪاظم شاھہ، جهان خان مري، دريا خان نظاماڻي ۽ بهادر خدمتگار شهيد ٿيا.

# آزادي جا علمبردار

[اتر سنڌ ۾ خانڳڙهه (جيڪب آباد) طرف بلوچن 1857ع ۾ انگريزن خلاف هٿيار کنيا. اهو واقعو مشهور آهي ۽ ان بابت ڪجهه نه ڪجهه لکيو ويو آهي. راقم کي هيٺيون بيان مرحوم مير شاهنواز خان شاهلياڻي جمالي ٻڌايو جنهن پنهنجي والد مير علي نواز خان کان ٻڌو. مير علي نواز خان ۽ دلمراد خان کوسو (1857ع واري وڏي دلمراد خان جو پوٽو) دوست هئا جنهن کان به مير علي نواز خان کي حقيقتون معلوم ٿيون. انهيءَ ڪري هي بيان جيڪو 1975ع ۾ قلمبند ڪيو ويو جيتوڻيڪ مختصر آهي مگر تاريخي اهميت وارو آهي- نبي بخش]

1843ع ۾ سنڌ تي انگريزن جي قبضي بعد، ملڪ جي ماڻهن کي آڻ مڃائڻ خاطر چارلس نيپيئر جي جابرانه حڪمن ۽ قانونن ۽ خاص طرح اتر سنڌ جي جان جيڪب جي فوجي ڪارروائين سببان 1857ع ۾ هيٺ ڪراچي ۾ توڙي اتر سنڌ ۾ بغاوتون شروع ٿيون خانڳڙهه (جيڪب آباد) کان 34 ميل اتر شاهپور تائين ماڻهن ۾ انگريزن جي خلاف تاءُ هو ڇاڪاڻ جو جيڪب فوجي قانون لڳائي ڪُلم ڪُلايو ماڻهن کي هڪ ڪنڊي جي وڻ ۾ ڦاسين تي پئي لٽڪايو. اها ڪنڊي شهر کان ٽي چار ميل اولهه طرف بيٺل هئي جتي ٽي چار رستا اچي ملندا هئا ۽ وڏو ڇوسالو هو.اها ڪنڊي پوءِ جيڪب جي ڪنڊي، سڏجڻ لڳي.

چار اڳواڻ هئا جن انگريزن کي تڙي ڪڍڻ لاءِ جنگ جو فيصلو ڪيو ۽ شاهپور کي مرڪز بڻايو.

- ✓ سيد عنايت شاهه بن اشرف شاهه عرف آچن شاهه، عيسباڻي بخاري وبنل شاهپور تعلقو ڄَت.
- ✓ شير محمد عمراڻي، پاڙو تنگياڻي، وينل مَجوتي تعلقو ڄت (1975ع ۾ سندس اولاد مان قادر داد).

- ✓ **ملگذار جکراڻي**، ويٺل ڳوٺ لَندا لڳ شاھپور (1975ع ۾ سندس اولاد مان محمود ۽ شير علي).
- ✓ **دلمراد خان کوسو**، پاڙو چناڻي، ويٺل بهادر پور، تعلقو ٺل (1975ع ۾ سندس اولاد مان سندس پٽ بهادر خان جي چئڻ پٽن جو اولاد: انهن مان وڏو پٽ دلمراد خان وڏي همت وارو هو. ﴿هندن، اوستہ محمد جي وڏي عالم عبدالوهاب جي پٽ ابو الحسن کي قتل ڪيو. مولوي عبد الوهاب وڏي علم ۽ عزت وارو هو. ايتري قدر جو جڏهن فارغ التحصيل ٿيو تہ مولانا محمود الحسن ديوبندي سَنَدَ ڏيندي مٿس پنهنجي پڳ رکي هئي. دلمراد خان هندن جي اڳرائي جو جواب ڏنو ۽ سندن ست ماڻهو مارايا. انهيءَ ڪري گرفتار ٿيو ۽ سر شفيع کي هڪ لک رپيا ڏيئي وڪيل ڪيائين ۽ آخر آزاد ٿيو. مير علي نواز خان شاهلياڻي جمالي انهيءَ معاملي ۾ ساڻس مددگار هو).

جيڪب انهن خلاف فوج موڪلي جنهن کي شڪست آئي. شاهپور کان اتر شيراني علائقي واري جنگ مشهور آهي. ان ۾ هڪ فوج جو ڪماندر ۽ ٻہ ٻيا انگريز مارجي ويا. انهن جون قبرون شاهپور ۾ آهن (سيد مير محمد شاهہ جي بنگي کان اوپر، چٽ واري نئين جي اولاهين ڪنڌيءَ تي). ان بعد ٻي فوج چڙهائي ڪئي ۽ عنايت شاهہ کان سواءِ ٻيا ٽئي اڳواڻ گرفتار ٿيا. جيڪب فوجي عدالت ۾ ڪيس هلايو ۽ ماڻهن ۾ هراس ۽ هيبت پکيڙڻ لاءِ چئني تي سخت سزائون رکيون: (1) عنايت شاهہ کي توپ جي منهن ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيائين، (2) شير محمد عمراڻي کي ’جيڪب جي ڪنڌي‘ ۾ ڦاسي ڏنائين، (3) ملگذار جکراڻي کي قتل ڪرايائين، (4)دلمراد خان کي ڪاري پاڻي جي سزا ڏنائين.

عنايت شاهہ جي گرفتاري لاءِ جيڪب پاڻ فوج وٺي شاهپور تي چڙهائي ڪئي. عنايت شاهہ ان وقت موجود ڪونہ هو ۽ بگٽين جي ملڪ ۾ ويل هو. سندس پٽ اچن شاهہ ۽ پير شاهہ موجود هئا، جن تي جيڪب سختي ڪئي ۽ عنايت شاهہ جي گرفتاري لاءِ ڪيمپ هٽي ويٺو. جنهن تي سخي در محمد جمالي (پاڪستان جي موجوده وزير اعظم ظفر الله خان جمالي وارن جو وڏو) ۽ غلام محمد ولد مير محمد جمالي رات ئي رات گهوڙين تي چڙهي خان قلات وٽ ڀاڳ ۾ پهتا ۽ خان محراب خان کي چيائين تہ: اسان جي مرشد تي سختي آهي، تون جيڪب سان ڳالهاءِ. خان

قلات پير جان کي جيڪو خان طرفان خانڳڙهه ۾ نائب هو ڏياري موڪليو ۽ جيڪب ڏانهن پيغام موڪليائين ته: عنايت شاهه کي ڪابه سزا نه ڏني وڃي ۽ مٿس جيڪو به جرمانو هوندو سو آءٌ ڀري ڏيندس. جيڪب اها ڳالهه نه مڃي ۽ چيائين ته سزا اڳ ملي چڪي آهي سو ڪيس سزا ڏيندا سون.

هڪ روايت موجب شاهپور ۾ جيڪب جي ڪيل سختي سببان عنايت شاهه آيو ۽ جيڪب مٿس توب تيار ڪرائي پر ڪنهن خرابي سببان توب نه ڇٽي ڀي روايت موجب عنايت شاهه پيش نه پيو ۽ جيڪب دل شڪستو ٿي پوئتي موٽيو. ان کان اڳ اندران حويليءَ مان وڏي پلاري بزرگ بيبي شهرناز جيڪب کي چوائي موڪليو ته: تنهنجي لاءِ چڱو ائين آهي جو پوئتي موٽي وڃ ۽ دير ڪندين ته تنهنجو لاش خانڳڙهه ويندو. پوءِ اچن شاهه ۽ پير شاهه کي ڇڏيائين. جيڪب رات جو خواب ۾ ڏٺو ته: سيد حسن شاهه (عنايت شاهه وارن جو وڏو) جي قبي مان باهه جو اُلو اڏاٽو جيڪو اچي سندس تنبوءَ کي لڳو. صبح جو چيائين ته: ”پير پادري ني مار ڈالا“ ڳالهه ائين مشهور آهي، پر جيڪب کي ڪو چرڪ پيو يا بگٽين جي فوج سان گڏ عنايت شاهه جي حملي جو ڊپ لڳو يا بيمار ٿيو سو ڪئمپ ڪوچ ڪري پوئتي روانو ٿيو. خانڳڙهه(جيڪب آباد) کان 11 ميل اتر ”ڇٽن پٽي“ جي قديم قبرستان وٽ پهتو جو پيٽ ۾ وٽ پيس. اتان روانو ٿيو ۽ گهوڙي تي سوار هو جو مئو ۽ سندس لاش خانڳڙهه رکيو. جيڪب کان پوءِ ماربيڊر ۽ ان کان پوءِ بيو انگريز فوجي آفيسر آيو جن جکراڻي، بگٽي، پنگر، کوسن ۽ ٻين قومن جا سوين ماڻهو مارايا.

عنايت شاهه سلامت رهيو ۽ وفات بعد کيس سيد حسن شاهه جي مقام ۾ رکيائون، جتي سندس تربت حسن شاهه جي قبي کان اتر طرف آهي. راقم هن آزادي جي علمبردار جي تربت مير شاهنواز شاهلياڻي سان گڏجي وڃي ڏٺي. سندس پڙ پوٽي سائين اچن شاهه (بن عنايت شاهه بن اچن شاهه بن عنايت شاهه) سان راقم جي نيازمندي هئي. وڏي خوصلي ۽ همت وارو هو. ٻاڻ ميزبان هو جو جيڪب آباد ۾ سندس بنگلي تي مون، پنهنجي دوست محمد اسماعيل نون سان گڏ، سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون.

انگريزن جيڪب آباد ۾ جيڪب جي قبر کي يادگار طو پڪو ڪيو ۽ ان کي مان ڏيڻ لڳا. ابوجهه ماڻهو به پوءِ جيڪب جي قبر تي مجتائون باسڻ لڳا. پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ پنجاب وارن به شهرن تان انگريزن جا

نالا مٽائي ڇڏيا، پر سنڌ ۾ جيڪب آباد جو نالو قائم رهيو حالانڪ اهو جيڪب جي قبضي ڪان اڳ جو شهر خانڳڙهہ هو جنهن کي انگريزن جي دؤر ۾ بدلائي جيڪب آباد ڪيائون. جيڪب جي عزت ۽ عظمت هن پوئين ويجهي دؤر تائين قائم رکي وئي. انگريز مصنف لئمبرڪ بہ ڪتاب لکي نيپيئر ۽ جيڪب کي ساراهيو. ڪن سنڌ مان بہ سندس ساراهہ جا ڍڪ پئي پئي پريا آهن. تورو اڳ سنڌ جو گورنر سومرو صاحب جڏهن جيڪب آباد ويو تہ اخبارن جي لکڻ موجب پهريائين جيڪب جي قبر تي ويو.

# سنڌ جو آسمان

منهنجي مهربان ۽ مشهور شاعر فيض احمد فيض، سندس خيال جي اوج سان، سنڌ جي زمين کي پنهنجو آسمان بڻايو:

فيض اوج سے ہم نے
آسمان سندھ کی زمین کی ہے

مون سنڌ جي آسمان ۾ چنڊن تارن ۽ نکٽن جي سونهن ۽ سينگار کي ڏٺو آهي. اي سڄڻ! اچ تہ توکي بہ سنڌ جي آسمان جو سير ڪرايان.

سنڌ جي روايت موجب، تارا ۽ نکٽ الاهي روشني جا جزا آهن ۽ نوراني آهن. انهيءَ ڪري هر سمجهہ واري کي سڄاڻ سيد جي تاڪيد تہ:

اُڀريا اسر جا نوراني نکٽ
اُٿي وٺ وَٽ، صبح جي سيد چئي.

'سنڌ جو آسمان' ٻڌي ڪو پڇي تہ آسمان گهڻا آهن ڇا. تہ ان جو جواب 'هائو' ۾ آهي. قرآن حڪيم ۾ بہ ستن آسمانن (سبع سماوات) جو ذڪر آهي، انهيءَ لاءِ تہ انسان سوچي ۽ سمجهي. اسان جو آسمان اسان جي ڌرتي جو آسمان آهي جيڪا هڪ گرهہ آهي. اهڙا نَوَ ٻيا گرهہ معلوم ٿي چڪا آهن ۽ هر هڪ جي مٿان آسمان آهي. اهي ڏهہ ئي هڪ شمي نظام ۾ شامل آهن. ڪائنات ايترو وسيع آهي جو اهڙا ٻيا ست يا ستن کان ستوڻا نظام هجن. انسان جو علم وسيع ٿيندو تہ'ستن آسمانن' جي حقيقت بہ معلوم ٿيندي. ڌرتيءَ کان مٿي هوائي ڪرهہ (Atmosphere)جا بہ هڪٻئي مٿان فضائي يا آسماني تهہ آهن جيڪي انسان کي معلوم ٿي چڪا آهن، پر آهن ست. زمين سان لاڳو مٿي پهرين هوائي ڪرهہ وارو تهہ 'ٽروپر سفيئر' (Troposphere)آهي، ان جي مٿان ٻيو' سٽراٽو سفيئر'(Stratosphere) مٿان ٽيو 'ميسو سفيئر'(_Meso)چوٿون ٿرمو سفيئر'(_Thermo)پنجون جنهن سان شامل. آيو نائيز گيسن' (Lonised gses)جو تهہ، ان کان مٿي ڇهون' آيونو سفيئر'(_Lono)۽ ستون مٿان

'اڪسو سفيئر.(_Exo)

اي سر تيا! سڄي دنيا (ڌرتي) جي ملڪن مٿان آسمان هڪ ئي آهي، پر دنيا جي هر ڀاڱي جي آسمان جي صورت نرالي آهي. ان صورتحال جي لحاظ سان، پاڪستان ۾ سنڌ جو آسمان نرالو آهي پر خاص طرح سنڌ جو آسمان جئين مو ڏٺو آهي تئين توکي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ان سلسلي ۾ ڀريائين ڪي ڳالهيون سمجهڻ ضروري آهن.

ڄاڻ تہ سنڌ جي مٿان آسمان طنبوءَ وانگر گولائي ۾ بيٺل آهي ڪنهن بہ طنبوءَ کي مٿي جهلي بيهڻ لاءِ وچ ۾ هڪ اڀي ڏگهي ڪاني ڏنل هوندي آهي جنهن کي سنڌيءَ ۾ 'مَل' چئبو آهي. سگهڙ شاعر محمود پلي ڏگهو قدآور مڙس هو سو کيس دوستن 'مَل' ڪري سڏيو ۽ پوءِ هن پاڻ پنهنجو تخلص بہ 'مَل' ڪيو. هاڻي سمجهہ تہ تون آسمان جي هيٺان پوري وچ تي بيٺو آهين، يعني جتي تون بيٺو آهين اها آسمان جي طنبوءَ هيٺان 'مل' واري جاءِ آهي. تنهنجي سر جي مٿان جيڪڏهن اُڀي ليڪ ڇڪجي جيڪا مٿي وڃي آسمان کي لڳي تہ ان جاءِ کي اسان 'چوٽي' يا 'ڪاپار' چونداسون. ان چوٽي واري جاءِ کان جيڪڏهن هڪ خيالي سڌي ليڪ اتر- ڏکڻ ڪڍجي جيڪا قطب تاري مان لنگهي ۽ ٻي خيالي ليڪ ان سان گونيا ڪنڌ تي اوڀر- اولهہ تي ڪڍجي، تہ اهي بہ ليڪون آسمان کي چئن ڀاڱن ۾ ورهائينديون: اتر- ايرنديون ڀاڱو اتر-الهنديون ڀاڱو ڏکڻ- ايرنديون ڀاڱو ۽ ڏکڻ- الهنديون ڀاڱو. اسان انهن ڀاڱن جي حوالن سان، آسمان ۾ چنڊ، تارن ۽ نکتن جو بيهڻ بيان ڪندسون.

اي سياڻا! سمجهہ تہ چنڊ ۽ تارا آسمان ۾ ايرندي طرفان ايرن ٿا، مٿي چڙهن ٿا ۽ پوءِ الهندي طرف لهن ٿا. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ۽ اسان بہ انهيءَ ظاهري صورتحال موجب توکي سمجهائينداسون. جيتوڻيڪ ستارن جي علم ((نجوميات /Astronomy)مطابق سمجهاڻي ٻيءَ طرح ٿيندي چنڊ تارن جي ايرڻ ۽ لهڻ وارن طرفن جي لحاظ سان، هڪ طرف جو نالو ٿي اوڀر يا ايرندو ٿيو ۽ ٻئي جو اولهہ يا الهندو.

جئين سج اوڀر کان ايري مٿي چڙهي ٿو تہ سج پهر تي آهي، هاڻي ٻن پهرن تي، هاڻي اولهہ طرف لڙيو آهي يا هاڻي باقي پهر تي آهي، تيئن چنڊ يا ڪنهن تاري ۽ نکٽ لاءِ بہ چئبو تہ مٿي پهر تي آهي، ٻن پهرن تي يا ڪاپار چوٽي تي آهي يا لڙيو آهي يا هاڻي باقي پهر تي.يا اڌ پهري تي آهي ۽ لهڻ

وارو آهي.

سال جي مدت ۾، تارن ۽ نکٽن جو اڀرڻ، مٿي اچڻ ۽ لهڻ جدا جدا مهينن جي حوالي سان بيان ٿيندو آهي. اهي مهينا شمسي سال يا سنبت جي سن وارا آهن. جن جي ڄاڻ ضروري آهي اسلامي تاريخي دؤر ۾، انهن سنبت وارن مهينن کي بہ چنڊ جي حساب سان مقرر ڪيو ويو يعني هر مهينو چنڊ ڏسڻ سان شروع ٿيندو. سنڌ جو سنبت وارو شمسي سال 'چيٽ' جي مهيني سان شروع ٿيندو جيڪو مارچ- اپريل مهينن جي مدت ۾ ايندو سنبت وارا ٻيا مهينا بہ ائين ايندا هيٺ سنبت وارا مهينا ۽ آڏو انگريزي نالن وارا مهينا ڏجن ٿا تہ جيئن سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.

| سنبت سال جا مهينا | انگريزي نالن وارا مهينا |
|---|---|
| چيٽ | مارچ- اپريل |
| ويساک | اپريل- مئي |
| جيٺ | مئي- جون |
| آکاڙ | جون- جولاءِ |
| سانوڻ | جولاءِ- آگست |
| بڊو | آگست- سيپٽمبر |
| آسو | سيپٽمبر- آڪٽوبر |
| ڪتي | آڪٽوبر- نومبر |
| ناهري | نومبر- ڊسمبر |
| پوهہ | ڊسمبر- جنوري |
| مانگهہ | جنوري- فيبروري |
| ڦگڻ | فيبروري- مارچ |

## نحس تارا ۽ وهم وسوسا

اي سڄاڻ! تارن بابت صحيح سوچ ۽ تارن بابت وهمن وسوسن ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي. آڳاتي دؤر جو انسان وهمن ۾ ورتل هو ۽ هن پنهنجي بچاءُ ۽ بهبوديءَ لاءِ وهمن وسوسن جو سهارو ورتو. وهم ۽ وسوسا سنڌ جي اپوجهن ۽ اڻڄاڻن ۾ بہ هلندا آيا آهن ۽ تارن بابت اهي ٻن قسمن جا آهن: هڪ اهي جيڪي آسمان ۾ ظاهر ظهور اڀرندڙ ۽ لهندڙ تارن ستارن بابت آهن. ٻيا اهي جيڪي هڪ غير موجود خيالي تاري بابت آهن.

ظاهر ظهور تارن مان 'تارو' نالو فقط ٻن تارن جو آهي، هڪ صبح واري تاري جو ۽ ٻيو ايٽ تاري جو چوندا: 'تاري ايربي اڀياسون' يعني صبح وارو تارو جڏهن اڀريو تڏهن اڀياسون چوندا: 'هنن اهڃاڻن مان پانئجي ٿو تہ تارو اڀريو آهي' يعني اَيٽ تارو اڀريو آهي. ناڙِي وارا چوندا: 'هي تاري جو رَغام آهي' يعني هي جهڙ (رغام= هلڪا ڪڪر) ايٽ تاري جي اڀرڻ ڪري ٿيو آهن.

- **نحس تارو:** انهن ٻن 'تارن' کان سواءِ وهمن وسوسن واري دنيا ۾ ٽيون نالو 'تارو' هڪ خيالي 'تاري' جو آهي، جنهن بابت جدا جدا بيان آهن. وهمن نہ فقط ابوجهن ۽ ڪمزور ذهن وارن کي مجهايو آهي پر ڪن ڏسڻن وائسڻن کي بہ رلايو آهي. ان جو پڪو نالو 'تارو' آهي پر 'نحس تارو' (نياڳو تارو) بہ سڏين (ان جو ٻيو نالو 'جوڳني') چوندا: تارو سامهون آهي، ان طرف نہ وڃڻ گهرجي. عام وهم موجب 'تارو' بہ بہ تاريخون هر قبلي طرف، هڪ تاريخ زمين ۾، هڪ تاريخ آسمان ۾ آهي. قبلن جي ڳڻپ اڀرندي کان ڪندا جنهن موجب 1 ۽ 2 تاريخ تارو اڀرندي 3 ۽ 4 ڏکڻ، 5 ۽ 6 اولهہ، 7 ۽ 8 اتر، 9 ۽ 10 آسمان ۾ وري 11 ۽ 12 اوير ۽ انهيءَ طرح اڳتي ٿيهن تائين. انهيءَ ڳڻپ موجب 'تاري' سامهون نہ ويندا. اڳ اهو وهم ايتري قدر هو جو قبرستان واري طرف ڏانهن تارو سامهون هوندو هو تہ جنازو دفن ڪرڻ نہ ويندا هئا. 9 تاريخ تي تارو زمين ۾ آهي انهيءَ ڪري ڪوڏر جي لپي وارو ڪم نہ ڪندا جو تارو هيٺ زمين ۾ سامهون آهي: ٽوٽي بہ نہ کوڙيندا ۽ جي لاچار کوڙڻي پئي تہ ڏري ۾ لوڻ، اَن يا پئسو پائي وجهندا، يعني تاري کي نذر ڏيندا. 10 تاريخ تي مٿي چڙهي وڻ نہ ويندا، مٿي ڇت جو ڪم نہ ڪندا ۽ نئين وهٽ تي نئين سواري نہ ڪندا جو تارو مٿي آهي.

نحس تاريخ اها تاريخ ڪندا جيڪا هٿ جي آڱوٺي ۽ آڱرين جي ڳڻپ ۾ وچين آڱر تي اچي. ڳڻپ آڱوٺي کان شروع ڪري ڇيچ تائين ۽ وري آڱوٺي کان شروع ڪبي. انهيءَ ڳڻپ موجب معيني جا ڇهہ 'نحس ڏينهن' يا 'اَيريون تاريخون' ڪندا: اهي ٿيون 3,8,13,18,23۽28

- حاجي مکڻ جت مناٽي، ڪڇ جو شاعر تنهن ڪڇوڻ (مانگر مڇ) تي بيت ناهيا، جنهن ۾ ڪڇون اربع ڏينهن اتر طرف ويو ۽ مئو. ڇاڪاڻ جو اهو ڏينهن نحس هو ۽ ٻيو تہ اترطرف تارو سامهو هو:

هڪ اتر ڏينهن اربع جو ٻيو تارو هو تڪرار
_مانجهو (مانجهند) جي مرزائن جي ڪنهن قلمي يادداشت ۾ ڏنم ته هر
مهيني جون هيئيون تاريخون نحس ڪري ڄاڻايل3،5،13،18،21،24،ان
ساڳي يادداشت ۾ مهيني وار هيئيون تاريخون نحس ڪري ڄاڻايل:

| | | |
|---|---|---|
| آڪاڙ_18 | ڪتي.20 | ڦڳڻ_21 |
| سانوڻ_8 | ناهري_8 | چيٽ_18 |
| بڊو_3 | پوهه_26 | وبساک_16 |
| اسو_1 | مانگهه_23 | جيٺ_13 |

اي سرتيا! توکي 'تاري' جي انهن وهمن وسوسن کان خبردار ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي آسمان جي تارن ۽ نکتن بابت سنڌ جي سياڻن سڄاڻن جي بيانن پنهنجي طرفان ڪيل جانچن ويچارن جي آڌار تي هيٺ وڌيڪ روشني وجهجي.

نکٽ ۽ تارا

- سنڌ جي روايت موجب، سنڌ جي آسمان ۾ نَوَ لک تارا آهن.
- نکٽ :(Constellations) نکٽ' نکشتر 'جو هلڪو سنڌي اچار آهي. اهي تارن جا ميڙ آهن، جن ۾ ڪن آڳاٽن سڄاڻن جي خيال موجب ڪي سٽائون يا صورتون سمايل آهن.سنڌ جي آسمان جا مکيه نکٽ ڇهه آهن:ڪتيون، تيڙو، لڏا، وڇون، کٽ ۽ چوتار. انهن مان پهريان چار ايرندي کان الهندي طرف آسمان اورانگهين ٿا. کٽ ۽ چوتار اتر طرف واري آسمان ۾ قطب تاري جي چوڌاري ڦرن ٿا. ڪتيون، تيڙو ۽ لڏا اونهاري جا نکٽ آهن يعني اونهاري وارين راتين ۾ آسمان ۾ هوندا. وڇون سياري جو نکٽ آهي، يعني سياري وارين راتين ۾ آسمان ۾ نظر ايندو. ڪتيون، تيڙو ۽ لڏا ٿئي زراعت ۽ مينهن جي مندن جي اهڃاڻن جي لحاظ سان هارين ۽ مالدارن لاءِ وڏي اهميت وارا آهن.

لونگ هالو عمر هڪ سئو هڪ ورهيه. وبنل پراڻا هالا تنهن سان 22 جولاءِ 1960ع تي ڪچهري ٿي، چيائين ته: اسين هاري اٺ نکٽ نهاريندا هئاسون، جيڪي هڪ ٻئي پويان ايندا هئا 1 ميزان (هڪ تارو وڇونءَ کان اڳ ۾)، 2. وڇون، 3. ڪتي4. تيڙو 5. منا 6. پيسرو (ڏکڻ_ اوڀر ڪنڊ کان ايري ۽ ڏکڻ_ اولهه ڪنڊ تي لهي، پاڻي ڇڄڻ واري وقت) 7. ايٺ، (ڏکڻ طرفان

پوئين رات جو تورو نڪري وري لهي وڃي.) 8. نائب.

انهن جو ذڪر هيٺ ايندو. افسوس جو مون لونگ ڪان نائب بابت ڪونه پڇيو ته آسمان ۾ ڪڏهن ۽ ڪٿي بيهي ٿو.

_چوندا نکٽ چڙهيا آهن (اڀري مٿي آيا آهن) يا نکٽ نئي ويا آهن يعني اولهه طرف گهٽو لڙي ويا آهن. هيٺ تي نمي ويا آهن شاهه صاحب جي رسالي ۾ سر مومل جي بيتن ۾ آهي ته:

نکٽ سڀ نئي ويا، آيو نه اوني.

---

اُيي اياريام نکٽ سڀ نئي ويا.

ڪنهن آڳاتي دؤر کان وٺي سنڌ جي سڄاڻ هارين، هر واهَڻ وَستين ۾ نکٽن تارن کي جانچيو ۽ انهن جي اڀرڻ لهڻ جي اهڃاڻن سان موسم جي متجڻ، مينهن جي وسڻ ۽ جدا جدا فصلن جي پوکڻ جا وقت معلوم ڪيا. عام بوليءَ ۾، اڪيلو تارو سو تارو چئبو. پر وڏيڪ هوندا ۽ ڪنهن خاص سٽاءُ ۾ بيٺل هوندا ته 'نکٽ' (Constellations)چئبا. جيئن وچونءَ جي صورت وارن تارن کي وڇونءَ جو نکٽ چئبو.

- گِرَهه :(Planets) ڌرتيءَ کان سواءِ نَوَن گرهن مان فقط چئن کي سنڌ جي آسمان ۾ ڏسي سگهجي ٿو .انهن مان تي يعني مريخ(Mars) زحل (Saturn)۽ مشتري(Jupiter) اهڙا آهن جيڪي اوڀر کان اولهه تائين سنڌ جو آسمان ٽپن ٿا. زُهرو(Venus)افق تي مٿان اچي وري پوئتي هٽي وڃي ٿو .مريخ ڪٿي جي ويجهو ڳاڙهيرڙو تارو آهي، جيڪو ٽن تارن جي ٽڪنڊي جو چوٽي وارو تارو آهي .زحل هڪ وڏو چٽو اڪيلو تارو آهي جيڪو ڪتي- ٽيڙو-لڏي جي پويان چڙهي ٿو .آڪٽوبر 1985ع ۾ ۽ وري 29 تاريخ نومبر تي مون ڏٺو ته زهرو سنجهي وقت اولهه طرف لڙيل هو ۽ مريخ صبح وقت اولهه طرف لڙيل هو. آگسٽ(1989ع) پهريون هفتو صبح 5 بجي ڏٺم ته مريخ ان وقت وڏيڪ چٽو لڳو. ان کان اڳ به ڳاڙهيرڙو ۽ چٽو پر ننڍو لڳندو هو. مون تازو پڙهيو ته مريخ زمين کان ٽيانوي ملين ميلن تي هوندو آهي پر هن وقت چاليهه ملين ميلن تي آهي، زمين کي ايترو ويجهو وري وڏي عرصي بعد ايندو.
- گهمندڙ تارا (Comets):گهمندڙ تارن يعني ڪاميٽن ۾ پڇر تارو مشهور آهي، جنهن کي سنڌ جي روايت ۾ چڱو نه سمجهيو ويو. اهو ماڻهو

جيڪو پنهنجي هڪ ڳالهه تان ڦري وڃي يا هتان هت وڃي ڦٽنو جاڳائي تنهن کي 'پير تارو' سڏين.

ڪي تارا جڻ سدائين هڪ جاءِ 'بيٺل تارا' آهن ۽ ڪي ٻيا هلندڙ آهن جن ۾ گرهه (Planets): ۽ ٻيا گهمندڙ تارا (Comets): شامل آهن. انهن سڀني کي سمجهڻ لاءِ' علم نجوم'جي ڄاڻ ضروري آهي. انهن بابت سنڌ جي سڃاڻن ۽ سنڌي ٻولي جي ادبي اصطلاحن وارا ڪي اهڃاڻ هي آهن.

سانجهيءَ ٽاڻي واٽ جو ڏس ڏيندا تہ چوندا :انهيءَ تاري جي رخ تي هليو وڃ ڪي سال اڳ مون کي ميرپور ساڪري کان پنهنجن مهربانن بگهياڙن( بلوچن)جي ڳوٺ وڃڻو هو. سانجهيءَ ڏاري گڏجي نڪتاسون. سامهون اولهه طرف وڏو چمڪندڙ سانجهيءَ تارو بيٺل هو. چيائون تہ انهيءَ تاري تي هلنداسون ۽ سڌو ڳوٺ پهچنداسون. سنڌي شاعريءَ ۾ تارن جي حوالن سان جذبات جو اظهار ٿيل آهي. شاهہ صاحب جي بيت ۾ آهي تہ:

هن تاري هن هيٺ، هت منهنجا سپرين

عوامي شاعر سانوڻ جو بيت (مارئي جي زباني) تہ:

قطب سنڌي ڪنڌ تي، آهن نوري ناناٽا.

(الف) هيٺ اسان پهريائين اهي ننڍا وڏا تارا جن کي سنڌ وارن نالا ڏنا تن جو تفصل ڏينداسون (ب) پوءِ سنڌ جي آسمان جا جيڪي چار تارا وڏيڪ مشهور آهن يعني قطب، ايٺ، صبح جو تارو ۽ سانجهي تارو تن جو ذڪر ڪنداسون (ج) ان کان پوءِ سڀ کان اهم موسمي نکٽن ۽ تارن جو جن سان سنڌ جي هارين، ڪڙمين ۽ راهڪن جو گهڻو واسطو رهيو آهي ۽ جن جي ابرڻ سان ساليانو موسم جي مٽجڻ، ٻج وجهڻ ۽ جدا جدا فصلن پوکڻ جي وقتن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو تن جو ذڪر ايندو.

### اهي تارا جن تي نالا

اي سڄڻ! ڄاڻ تہ سنڌ جي هر ڀاڱي ۾ ڪن تارن جا نالا ساڳيا آهن ۽ ڪن جا نالا ٻيا ۽ انهن کان سواءِ ڪي نوان نالا. راقم سنڌ جا سڀ پاسا گهمي، اتي جي سڃاڻن کان پڇي، تارن جا نالا معلوم ڪيا، پر وڏيڪ پڇا ڪبي تہ اجا وڏي لسٽ ٺهي ويندي تارن بابت وڏيڪ صحيح ڄاڻ تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن رات جو انهن نالن وارن تارن جي سڃاڻپ ڪرائي ويندي: پر اها جانچ هڪ سڄو سال جاري رهندي ڇاڪاڻ جو جدا جدا تارا

سال جي جدا جدا وقتن تي رات جو آسمان ۾ چڙهن ٿا. هيٺ انهن تارن جا نالا ڏجن ٿا، جن بابت ڪن موقعن تي ڪجهه معلومات حاصل ٿي سگهي. انهن مان وڏن تارن ۽ نکتن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ايندو.

- قطب تارو يا اتر قطب مشهور تارو آهي ۽ سڀ- راتيو آهي، يعني مهيني جي سيني راتين ۾ ساڳئي جاءِ تي قائم آهي.
- قطب جي ڪٽ: جيڪا قطب جي چوڌاري ڦري ٿي.
- ڳاڏي: قطب لڳ ٽي تارا.
- چؤتار: چار تارا جيڪي ڪٽ وانگر قطب تاري جي چوڌاري ڦرن ٿا.
- ٽـ تار: ٽي تارا پاڙ ۾ ويجها پر ڏنگي قطار ۾ 14 جولاءِ 1980ع تي ڏنم تـ گهڻو اولهه طرف لڙي ويا هئا ۽ هيٺيون تارو سر اولهه واري لائين تي هو باقي بـ ان ڪان مٿي ڪنداٽا.
- ٻـ تار: انهن جي سڃاڻپ جدا جدا، ڪي ڪن ٻن تارن کي تـ ڪي ٻين ٻن تارن کي ٻـ- تار چون. ڪتي ايرندي تـ ٻـ تار مٿي پهر تي هوندي ٻـ- تار ايرندي تـ هاڙهه وارو چاليهو شروع ٿيندو يا ڪجهه اڳ شروع ٿيل هوندو. دادو طرف لڏن يا منن کي بـ ٻـ- تار چون. نئيگ ۾ حاجي بهادر خان نوحاڻي چيو تـ: ”نئيگ جا هاري واهيءَ جو پاڻي، وڇون، ڪتي، ٽيڙو ۽ ٻـ- تار تي چوڙين: ٻـ- تارا لڏن يا منن وارا آهن.
- وڇون يا ڀِتون: وڇونءَ جي شڪل ۾ ٻيٺل تارا.
- وڇونءَ جي ڪٽ: وڇونءَ جي مڇين آڏو تارا.
- لڏڙا: اهي لڏو يا لڏا کان جدا آهن. 11 جولاءِ 1987ع ۾ ڳوٺ احمد بخش ٽڳڙ (ضلعو دادو) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ٻڌايون تـ: اڳ ۾ وڇون ايرندو ۽ پوءِ لڏڙا ايرندا. ڪتي پوءِ ايرندي ’لڏڙا‘ تارا بـ ڪتي وانگر چڳو ڪري بيهندا ۽ ٽي تارا ڏسڻ ۾ ايندا.
- ڪتي يا ڪتيون: چڳي وانگر مڇ ٿيل تارا، تارن جو سهڻو چڳو.
- سهڻو: سهڻو تارو آڪاڙ جي مهيني ۾ ڪتيءَ جي پويان ايندو ۽ مينهن وسڻ جو وڏيڪ امڪان ٿيندو.
- ٽيڙو: ٽئن تارن جي چوڪڻ جي وچ ۾ ٽي اُڀا تارا ۽ ٽي ٻيا پاسيارا سنها تارا، ان کي ’ترهيلو‘ بـ چون.
- لُڏو، مُنو يا مُني (جمع، لڏا، مُنا، مُنيون) بـ تارا، هڪ چنو تارو جيڪو

’ٽيڙو ڪان پويان وٿيرڪو ۽ ٿورو اتر تي، ٻيو ڇتو تارو جيڪو پري ڏکڻ طرف تي وڏيڪ تفصيل هيٺ ايندو.

- پيسرو: سانوڻ مهيني جي آخري هفتي ۾ ايرندو پاڻي جي گهٽجڻ جو نشان.
- اَيت: ڏکڻ- اوڀر طرف افق مٿان ايري ۽ ان وقت درياءَ ۾ پاڻي لهي.
- سونهون: ڏينهن جو سونهون آهي ۽ رات گذرڻ ڪان پوءِ ڏينهن ٿيڻ وارو هوندو تہ ايرندو. ايٺ ڪان اڳ ۾ ايري.
- ڪڪڙو: پوهہ جي مهيني ۾ ايرندو:

ڪڪڙو نہ ايري پوهہ ري

ڪتي نہ لهي مانگهہ ري

سياري جي سير ۾ ايرندو ان وقت سخت سيءُ پوندو جو مينهن بہ وينئي متندي چوندا: ايريو ڪڪڙو نريو مينهن جو مڪڙو.

- لوڏي تارو: صبح جو تارو جنهن تي ٻاڳيا مال لوڏيندا. يعني واڙن وٿاڻن مان ڪڍي ٻهرائيندا.
- واٽ نوح نبيءَ جي ٻيڙي جي آهي.
- کوهہ: تي کوهہ هڪ واٽ ۾ ٻيو وڇون جي مڇن برابر اتر طرف ۽ ٽيون وڇون ڪي ڪنڊيءَ جي پويان.
- ٻُتو کوهہ: چيٽ ۾ واٽ (گس) جي پران ايرندو کوهن تي مارئي جي سُرجي ٻُجهارت تہ:

ڏيڻي:

تارو تي ائين تارو تي ٻينين

تارو منهنجي جان ۾ هٽي جو پينين

تاري مان ڪٽي اچي تارن تي وينين

پيڇڻي:

وهائو تي آئين، وڇون تي ٻينين

ڪُنڊي منهنجي جان هٽي جو پينين

کوهن تان ڪٽي آٽي ڪتن تي وينين

- ڪانءَ: واٽ جي پرسان، اوڀر طرف
- قبو: وڇون جي ڪنڊي جي پويان
- ڏانڊي تارو: سانجهي وقت جو يا وري صبح وقت جو.

- منگليون: لس بيلي جي شهر اٿل (1949ع) ۾، تارن ستارن جي پڇا ڪرڻ وقت اهو نالو ورتائون. پر اهو پڇڻ وسري ويو ته ڪهڙن تارن کي منگليون ٿا چون.
- ميزان: هڪ وڏي ڄاڻو هاري جي زباني موجب هي تارو وڇون کان اڳ ۾ ايري ٿو.
- نائب. اهو به هڪ اهڙو تارو جنهن کي اڳ هاري ٻج پوکڻ لاءِ ڄانچيندا هئا.
- مسيت: وڇونءَ جي پويان آهي.
- گهنٽو ڪتوءِ ٻگهڙ: اهي ڪتَ جي چؤڪٽ جي هڪ پائي سان لاڳو. گهنٽو پائي سان لڳ، ان کان پوءِ ڪتو ۽ پوءِ ٻگهڙ کي جهليو بيٺو آهي.
- لڏڻ يا ٽِپٽو: ڳاڙهيرڙو تارو جيڪو چمڪا ڏئي ۽ جڻ لُڏي، چيٽ جي مهيني ۾ وڏي اسر ايرندو (مير پور ماٿيلو.)
- ٽِپٽو: وهائو تاري جي پويان ايندو. گهٽو چمڪو ڪندو پر پوءِ ڏينهن ٿي ويندو (ساڳيو 'لڏڻ' تارو؟)
- ڏوٿي تارو: ڏٿ ڏورڻ (گڏ ڪرڻ) لاءِ صبح جو سوير اٿڻ واري وقت جو تارو.
- صباحي يا صبحي تارو: پرپات وقت وارو چٽو روشن تارو (اهڙا هڪ کان وڌيڪ تارا)
- وهائو تارو: صبح وارو هڪ روشن تارو، جنهن تي خاص اهو نالو سڄاڻن جي چوڻ موجب: 'وهائو تارو متي ڪونه چڙهندو ۽ آسمان ڪونه لتاڙيندو. روزانو دير سان ايرندو ۽ پوئتي ٿيندو لهي ويندو: وري ڇهن مهينن بعد اولهه طرفان نظر ايندو.
- سانجهيءَ تارو: سانجهيءَ وقت الهندي طرف ٻيهندڙ چٽو تارو. چوندا ته جي ڦگڻ چيٽ ۾ بيٺو ته برسات آٽيندو. ڳاهه ٿيندو ڍڳين جو ٻچاءُ آهي. ڦگڻ چيٽ ۾ ڏُڏِي گهٽ ٿيندي آهي.

اوکيءَ پيءُ پُتپر ڪجي، ڏڏي ڦگڻ ماهه.
ياري تڏهن پرکجي جڏهن هڙ ۾ ٿمر ناهه.

ـــ مريخ (Mars): ڪتي جي ويجهو بيهي، تي تارا تڪندو ناهي بيهن. مريخ انهن ۾ ڳاڙهيرڙو.

ـــ مشتري (Jupiter) وڏو چٽو تارو. فيبروري 1980 ع ۾ مريخ ۽ مشتري ستار

جو قِرآن ٿيو. يعني هڪ ٻئي کي ويجها آيا.مريخ ڳاڙهيرڙو ۽ مشتري چٽو .انهن جي پير ۾ ٽيون ستارو( ؟ )انهن ٽنهي جي صورتحال کي مون مارچ، اپريل ۽ مئي ۾ جانچيو جيئن اڳتي وڌندا ويا تہ انهن جي پاڻ ۾ سٽاءُ بہ ٿورو ٿورو ڦرندي وئي. مارچ ۾ اوپر طرف مٿي هڪ پهر تي هئا. اپريل ۾ ڏيڍ پهر تي ۽ مئي جي پهرئين هفتي ۾ ٻن پهرن کان ٿورو اڳتي ٿيا.

- زهرو: وڏو چٽو تارو(Venus). هڪ ڳيچ ۾ آهي تہ:

زهرو تارو ظاهري نچيو پئي نروار
لکي لاڏا بنا، سهڻا تنهنجا وار

ڪيسر تارو: ڪيسر خان چانديو سخي ۽ ماني کارائيندو هو ۽ رات گذرندي هن تاري جي ٻيهڻ تائين ماني پئي هلندي هئي. ماڻهو چوندا هئا تہ: اجا تارو ٻينو آهي، ڪيسر چانديي جي ماني هلندي هوندي. پوءِ وڏيڪ خوشي طبعي ڪندي چيائون تہ: ڪيسر تارو اجا ٻينو آهي ۽ ماني ملندي.

## سنڌ جي آسمان جا چار مکيہ تارا

اهي آهن قطب تارو، ايٺ تارو، صبح وارو تارو جن جو سنڌ وارن وٽ گهڻو ذڪر هلي ٿو.

### قطب تارو

قطب تارو ڏسڻ ۾ هڪ ننڍو تارو جيڪو سر اتر طرف واري آسمان جي مٿئين پاڱي ۾ آهي. اهو ڌرتيءَ جي گولي جو اتر قطب آهي، يعني زمين جي اترين چوٽيءَ مٿان بيٺل آهي;زمين جنهن محَورَ تي ڦري ٿي ان جو اتريون ڇيڙو آهي. ان تاري کي طبعي طور اهو شرف حاصل آهي جو سڄي زمين جو منهن ان ڏانهن آهي، انهي ڪري هڪ جاءِ تي بيٺل نظر اچي ٿو. ٻيا تارا ڦرندڙ نظر اچن، پر قطب تارو قائم آهي، قطب تاري جي انهي ڳڻ ڳوراڻي جي ڪري، وڏي ۾ وڏي درويش ولي کي قطب چيائون چوندا هڪڙا ولي، ٻيا غوث ۽ ٽيان قطب. سنڌ ۾ قطب تاري جي مدد سان مسجد ناهڻ وقت ڪعبتہ الله جو رخ معلوم ڪندا، ماڻهو اولهہ ڏانهن منهن ڪري ٻيهندا. اهڙي طرح جيئن قطب تارو سندن سڄي ڪن سان برابري ۾ ٻيهي، ان وقت ماڻهوءَ جي منهن وارو رخ ڪعبتہ الله جي رخ برابر هوندو آهي. قطب تارو جڻ زمين جو

ڪعبو آهي ۽ انهيءَ ڪري سنڌ وارا جن جون دليون اسلام روشن ڪيون تن قطب تاري جو ادب ڪيو. سنڌ وارا نہ اتر طرف منهن ڪري پاڻ کي فارغ ڪن ۽ نہ اتر ڏانهن پير ڪري سمهن. عوام ۾ عام روايت تہ قطب تاري ۾ نبي(ﷺ) جو نور آهي. قطب تاري جو ماڻهن تي اهو ٿورو جو رات جو ڏس(طرف) جي خبر ڏيندو.

قطب تارو قائم آهي ۽ ان جي چوڌاري جيڪي نکٽ ۽ تارا آهن، سي سڀ قطب جي چوڌاري ڦرن ۽ سال ۾ ڦيرو پورو ڪن ۽ انهن ۾ بہ وڏا نکٽ شامل آهن هڪ ڪٽ ۽ ٻي چئوتار. قطب تاري بابت هڪ نقل جو ڪنهن چيو تہ منهنجو سائين ڪنهن وٽ ڪو نہ وڃي، هڪ جاءِ تي ويٺو آهي: ٻيا سڀ ٻيا گهمن ۽ گهرن. چيائن تہ:

نکٽ سڀ نمون، پر قطب چري ئي ڪنيڪي.

تڏهن سندس ساٿي انهي ڳالهہ کي گهٽ ڪندي جواب ۾ چيو تہ:

اصل آڪيرن مان چپون ڪن چر:

پر قطب جو سهڻو مثال هڪ وڏي محبت واري پنهنجي يار دلدار کي ڏنو تہ:

وڃي نناڻون نڪري، ڏونگر ڏيهہ منجها
ڪ ٻو پڪ مير ڪسي ان ماڳا
سائرهہ هوند سڪي وڃي پون نہ آڪاسا
سائرهہ هوندي سڪي وڃي پون نہ آڪاسا
تڏهن آن ملان، نينهن نبيري نڪرون.

هي بيت وڏي معنيٰ وارو آهي جنهن کي ڏيپلي جي وڏي سگهڙ ۽ سالڪ فقير پير بخش ڪلر مرحوم پڙهيو هو. (نناڻون ڪوهہ قاف جبل. ٻو _ ٻرو _ درو يعني قطب تارو. سنڌ ۾ هندو جاتي وارا قطب تاري کي ٻوپگت يا در پگت چون. پڪ مير = پهاڙ. سئار= سمندر پون واءِ. آڪاسا_ آڪاس ڪان يعني مٿان واءُ نہ لڳي. هڪ يار ٿو پنهنجي دلدار کي چوي تہ اي منهنجا پيارا پرين! جيڪڏهن قطب تارو. پهاڙ پنهنجن جاين تان چرن. يا سمنڊ (سائره)سڪي وڃي يا مٿان واءِ بند ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان وٽان(آن ملا) پنهنجي دوستي ڇني وڃون مطلب تہ اهي ڳالهيون ٽيٽيون ئي ناهن، سو اسان جي دوستي بہ ٽٽڻي ئي ڪانهي!

2_ ايٽ

ايٽ جي ايرڻ سان موسم جي متجڻ ۽ درياءَ ۾ پاڻي جي گهٽجڻ سببان مال وارن ۽ هارين جي زندگي ۾ ايٽ جو نالو ڳرو ۽ ڳٽتي وارو آهي. ايٽ بابت پڇا ڪندي ايٽ جي ايرڻ ۽ اثر انداز ٿيڻ بابت سنڌ جي جدا جدا پاڱن ۾ جدا جدا ڳالهيون ٻڌيون ويون

- ايٽ تاري جي ايرڻ واري مهيني ۽ تاريخن بابت ڪن چيو تہ ساوڻ جي آخر ۾ ايري ٿو ڪن چيو تہ بدي جي شروع ۾ ايري ٿو ڪن چيو تہ بديءَ جي آخر ۾ ايري ٿو ۽ ڪن چيو تہ اسو مهيني جي شروع ۾ ايري ٿو.
- ٽر ۾ عيداڻي (تعلقو چاچرو) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ چيائون تہ ايٽ ساوڻ مهيني جي 20 ۽ 28 جي وچ ۾ ايرندو.
- شهر بوبڪ ۾ 28 مئي 1965ع ۾ ڪيل ڪچهري ۾ اها راءِ تہ سرءُ جي شروع ۾ بدي مهيني جي 15 تاريخ ايرندو. ٻين جو خيال تہ بدي جي پڇاڙي ۾ ايرندو.
- چونڊڪي (تعلقو سوراهہ) ۾ 3 مارچ 1966ع ۾ ڪيل ڪچهري ۾ وڏي سڄاڻ ٻودن فقير پنيري چيو تہ ”اسوءَ جي پهرين ساڻ ايرندو.“
- ڪن جو خيال تہ اسوءَ جي 15 تاريخ ايرندو.
- 4 ڊسمبر 1965ع ۾ ڳوٺ پنيو لغاري (تعلقو بدين) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ چيائون تہ آسو مهيني جي آخر ۾ ايرندو.

اهي سڀ بيان ڪنهن حد تائين صحيح آهن, جيڪڏهن چئجي تہ ساوڻ جي پڇاڙيءَ ۾ جمي ٿو بدي جي آخر تائين سنڌ جي آسمان جي اوير ذڪڻ واري افق مٿان اڇي ٿو ۽ آسو جي شروع ۾ چٽو ٿي بيهي ٿو جو ان کي سڀ ڏسن ٿا. انهيءَ نتيجي جي تصديق هڪ آڳاٽي بيت مان ٿئي ٿي تہ:

سراڻ ماهہ ستاويهن بدي ٿي گئي
ايٽ ڪونجڙين لڪاپور ۾ لڪيو

يعني تہ جڏهن ايٽ سنڌ کان گهٽو پري, ساوڻ (سراڻ) مهيني جي 27 ۽ بدي جي 3 تاريخ واري عرصي ۾ سرجيو ۽ لڪاپور جي ملڪ ۾ ٿورو لڪايائين (نظر آيو) تہ ڪونج ان کي ڏٺو.

- بدي مهيني جي شروع ۾ ايٽ جي ايرڻ تي, مل محمود پلي جو چيل ليلي مجنون جي قصي جو بيت شاهد آهي جنهن ۾ مورڙي مڇ کي ٻولايو تہ:

چڙ تہ سانوڻ بدو لنگهي، اچي ايٽ اسوءَ جي وار

اوڳا مڇ، امين چئي، توکي ڪيو ڪيو خمار.

اڳين عالمن جنهن تاري کي ’سهيل‘ سڏيو آهي تنهن کي بہ اسان وٽ ’ايٽ‘ تو سڏجي. هڪ وڏي عالم (ابن قُتيبہ) جيڪي اهڃاڻ ڏنا آهن انهن موجب حجاز ۾ سهيل 14- آگسٽ ڌاري ايري ٿو ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سهيل جاگرافيائي لحاظ کان ڪٿي اڳ تہ ڪٿي پوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌ جي سڄاڻن جي ڏنل اهڃاڻن موجب پڻ اندازو لڳائجي ٿو تہ ايٽ‘ 20- آگسٽ ڌاري ايري ٿو. بلوچستان جي روايت موجب پڻ جنهن کي بلوچ ’سهيل‘ سڏين سو ’ايٽ‘ آهي. مير شاهنواز شاهلياڻي مرحوم (محراب پور جمالي، اوستہ محمد) چيو تہ بلوچن جي روايت موجب سهيل بدي مهيني جي ٻاويهين تاريخ ايري ٿو.

گيست دويئو سهيل کهوشتي

زڙتا هو شغان اوشتي

يعني بدي جي 22 تاريخ سهيل ايري بيهندو ۽ جوار ان وقت ڍڍي مان سينگ ڪڍي بيهندي.

- سنڌ جا واٽيا چوندا: تارو بدي جي ٻاويهن رات چمندو. ان رات ورت رکندا، ڪجهہ ان نہ کائيندا باقي پيئڻ واري ڄمو شيءِ پيئندا. چوندا:

نَڪر ماءَ ويائي، جيرو ڳڙڪائي

نَڪر يعني ايٽ تاور جنهن کي ادب مان ’نڪر‘ سڏيائون بدي جي رات جڏهن چنڊ ايرندو تڏهن جيرو ۽ ڳڙڪائي ورت پورو ڪندا.

•ايٽ پرهہ ڦٽيءَ سان گڏو گڏ ايرندو.

- ايٽ ڏکڻ- اوير ڪنڊ وٽان ايرندو. گهٽو متي ڪونہ چڙهندو ۽ جيئن پوءِ

تئين ڏاکڻين افق تان پاسو وٺيو الهندي طرف هلندو تان جو هيٺ ٽٻي ويندو (لهي ويندو).

- ايٽ بدي مهيني جي 22 تاريخ بيهندو يعني ايرڻ کان پوءِ نظر ايندو.

- ايٽ لڏي کان پوءِ ايرندو.

شهر اٿل (لس بيلو) ۾ وڏي سڄاڻ وڏيري علي مراد ٻري چيو تہ: جنهن رات ايٽ ايرندو ان رات آسمان بالڪل صاف هوندو چمر (جهڙ ڪڪر) بلڪل ڪونہ هوندو پوئين رات البت ٿورو سيڪ ٿيندو (ماڪ پوندي). ايٽ چٿو تارو آهي ۽ (اٿل شهر کان) ڏکڻان درياءَ (سمنڊ) طرف ايرندو.

مون تاريخ 12ـ نومبر 1974ع تي ڳوٺ جيوڻ خان پتافي (تعلقو ميرپور ماٿيلو) ۾ صبح سويل ڏٺم تہ ڏاکڻي افق مٿان پوري وچ ڏکڻ کان ٿورو اولهہ طرف تي بيٺل هو.

•ايٽ جي جمڻ ايرڻ جا اهڃاڻ

ايٽ جمي اڳ ۾ ٿو مٿي ايري پوءِ ٿو. جمي ٿو تڏهن ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.

عام خيال تہ جڏهن جمي ٿو تڏهن ماڻهو ايٽ کي ڪونہ ڏسندو پر ڪن آثيجن ۽ اهڃاڻن مان پائيبو تہ ايٽ جميو آهي. سڄاڻ سگهڙ محمد نواز جوڻيجي (سجاول، تعلقو ميروخان 1957ع) ايٽ جي ايرڻ جا. آثيج تفصيل سان ٻڌايان تہ:

- ڏڏي گهٽ: مينهن ۾ کير گهٽبو.
- ڏہواڏ: پاڻي گهٽبو درياءَ پاڻي لهندو ۽ پاڻي جي تانگائي سببان ميربحرن جا رڇ اٽڪي پوندا.
- مينهين سڳ سپڙيا: تلاءَ ۾ پاڻي گهٽ، مينهون وچي ويٺيون تہ سڱ ٿورو پاڻيءَ ۾ ٻڏا باقي گپ ۾ ريا.
- ڪانَونِ اَل اڏاريا: آکيرن مان ٻچا اڏاريا.
- ٻابيهو ٻوڙو: نيڏڙو ڳاڙهيرو ڳيرو ٻولي بند ڪندو.
- لَئو باڪڙ: لئي جو وڻ ڪاٺوگو ڇاٽي ڇڏيندو.
- ماڪوڙا مرندا: جيڪي ٻرن کان ٻاهر هوندا.
- ڪانهہ ڪوماڻو: ڪانهہ جي ٻوڙي جو اڇو ٻهارو مرجهائجي ويندو.
- هاري منڊو: هاريءَ جو ڪم گهٽبو.
- هاري جون ست ئي ڏيئر ڳيورايون، يعني سامايون. وڏيون ٿيون، اهي اَن جون پوکون جيڪي پڇي راس ٿيون (يعني جوئر، ٻاجهر، گوار وغيرهہ)
- عام طرح ائين چوندا تہ ايٽ جي ايرڻ سان هرشيءِ گهٽبي:

ٿڻ گهٽ، ڪڻ گهٽ، ٻي بہ گهٽ گهٽيائي هوءِ
ڪو سالڪ سَلي چوءِ، ڪري پرولي پڌري

ٿڻ گهٽ يعني سوئائن ڳاين مينهن ۾ کير گهٽبو ڪڻ گهٽ يعني سنگن ۾ داڻو گهٽبو. جوئر ڳيجي ويندي پر داڻي تي ماڪ جو اثر ٿيندو.

عام خيال تہ ايٽ جي ايرڻ جي پوري خبرجت ڏيندا جو چوندا تہ: رات تارو ايريو جو اسان جو وڳ الهندي منهن ڪري وينو (يعني اتر ـ الهندي منهن ڪري وينو ڇاڪاڻ تہ تارو ڏکڻ ـ ايرندان ايريو). چيائون تہ: تاري

ايرڻ وقت اٿِ ڏکڻ کي پنهنجي ڏيئي ويهندي ۽ جي ڦري وڃي ته ان کي لَڙهو لڳندو يعني بيماري ٿيندي جو ڪنگهندي، ڦٽڪار ڪندي ۽ تيڪ هڻندي: چوندا ته ”ايٽ ٿيو اٿس“ ايٽ ايرندو ته ڏڏڪار ٿيندي، انهيءَ جو شاهد شاعر سوني جو بيت ته:

آيَٽ ايريو اسور ٿيو پيئي ٿڏ ٿرين
ڳنڍين گوشا ڪيڍيا، ڦُليا انب ڦرين
جاني جوءِ وربن، سانيڙا سونو پئي.

گوشا ڪيڍيا يعني گونچ ڪيڍيا ۽ انبن جي وڻن ۾ ڦرجڻ لاءِ ڦوٽهڙو شروع ٿيو.

- چوندا ته ايٽ کي هڪ ڏسي اٿِ ۽ ٻي جوءِ: اٺ (ڏاچي) سيءَ لَڪائيندي ۽ اتر جي واءَ کان منهن موڙي ويهندي اسر ويل زال ٻه جنڊ ۾ ٻڪي وجهندي ته ڳارو ٻجهي پوندو. لوڪ ادب جي روايت موجب مائي سوهي ڏهر (ذات جي) ايٽ ڏنو جنهن جي پوءِ سالڪن کي پروليءَ ڏنائين ته:

ڪَتيءَ ڪَتڻ، ڪير کَهو جيئن جَر مانو هوءِ
ايءَ پرولي جو پيچي، سوهي ان جي جوءِ.

معنيٰ ته: ڪتيءَ جو ڪن ايٽ ايرڻ سان نهندو، رنگ سنو ايندو ۽ ڪتي ڪتندو جو ڪمائي گهڻي ٿيندي، ڪير کهو معنيٰ ڪير گهٽ ۽ جر مانو معنيٰ پاڻي گهٽ. اهو ٻڌي ڪو سڄاڻ سگهڙ ٻروچ سمجهي ويو ته مائي سوهي ايٽ ڏنو آهي. سو جواب ۾ چيائين ته:

تون سمي گهر سومري، وڏو ويڻ وڏوءِ
تون جنهن جي آهين، تون تنهين جي جوءِ
مچڻ ڪو ڏنوءِ، ايٽ تارو اُڀ ۾ا

هن نقل جي ٻي روايت موجب پهريون پرولي وارو بيت هن طرح:

جَرهِيڻ، ڪير ڪئبو ان نه اپت هوءِ
جيڪو ايءِ ڳالهه پيچي، سوهي ان جي جوءِ.

هيڻ معنيٰ گهٽ ۽ ڪئو ٻه معنيٰ گهٽ. هن روايت موجب ٻن سگهڙن جوٽي ۾ ڳاڻ اهو بيت هن طرح پڳو ته:

اسوءَ ۾ ٿو ايري تو ڳوري ايٽ ڏنو
تون جنهن ور جي ڪامڻي، ٿي تنهن جي جوءِ

• ايٽ تارو ايرڻ بعد ڪيترو وقت آسمان ۾ ٿو بيهي. ان بابت هڪ خيال

اهو تہ مهينو ڪن ٻيهي ٿو ۽ روزانو نَوَ گز پاڻي پيئي ٿو (يعني روزانو درياءَ ۾ نو گز پاڻي لهندو): پر ٻي عام روايت موجب ايٽ جي اثر سان پاڻي جي لاٽ اجا بہ گهٽي:

ايٽ تارو اڀريو لڪاپور مٿاءِ
سهسين گز سمونڊ جا، ٿو سرسيو ڪڍي ساهہ

هڪ ٻي روايت موجب، اسوءِ مهيني جي آخر واري باقي رات هوندي جو اڀرندو ۽ ويندي ماگهہ مهيني تائين نظر ايندو.

## 3. صبح وارو تارو

صبح جو سوير ماڻهون اٿن ٿا ۽ ڪم ڪار ڪي لڳن ٿا. ٻڌراج ڪان اڳ درياءَ ۾ جاڙهہ (آبڪلاڻي) واري پاڻي وقت هاري سوير اٿندا هئا تہ جيئن ٻني جو ڪم پورو ڪري سگهن. صبح جو ان وقت هڪ چٽو تارو اڀرندو ڏسي ان کي جدا جدا نالن سان سڏيائون جيئن تہ:

- ڏينهن جو تارو: جنهن جي مٿي چڙهڻ سان ڏينهن ٿئي.
- صَباحي يا صوبحي تارو: يعني صبح وارو تارو چوندا "تاري اڀري اٿي"
- پروهيون يا پروهڙو تارو: جيڪو اڀري تہ پرهہ ڦٽي. عيداڻي، تعلقي چاچري ۾ سيني سڄاڻن متفقہ طور راءِ ڏني رات جون ٽي پتيون گذرن ٽيون تہ اڀري ٿو. چيائون تہ سانجهي تارو بيٺل هوندو.
- ڏوٿي تارو= ڏُٿ وارن جو تارو: يعني جيڪي ڏٿ ڏورڻ لاءِ صبح جو سوير اٿن تن جي اٿڻ جي وقت وارو تارو.
- وهائو تارو: جيڪو رات وهامي ٿي تہ اڀري ٿو يا جيڪو اڀرڻ سان رات کي وهائي ٿو. ڪن سڄاڻن جي چوڻ موجب، وهائو تارو مٿي ڪو نہ چڙهندو ۽ اولهہ طرف آسمان ڪونہ لتاڙيندو. پوئتي ٿي لهي ويندو ۽ وري ڇهن مهينن بعد اولهہ طرفان نظر ايندو.

مون پاڻ جانچ ڪندي صبح وارا روشن تارا ڏٺا انهن بابت هيٺين طرح لکيو.

2001ع صبح وارو تارو آگسٽ ۾ اَسر جو 4 بجي ڏاري مٿي چڙهي ٿو 15. آگسٽ تي مون جانچيو تہ پهر ڪان مٿي بيٺل هو.

- 30 آڪٽوبر، صبح وارو تارو مٿي چڙهي ڪونہ ٿو پوئتي گهرڪي ٿو.
- 20 نومبر اوڀر طرف گهٽو هيٺ تي ويو آهي.

- 27 نومبر اوڀر طرف ايترو مٿي ڪونہ چڙهيو جو نظر اچي نومبر جي پوئين هفتي ۾ لهي ويو.
- 2002ع جي پهرين نومبر ڏاري اڀرندين افق ڪان مٿي ٿيو. 15 تاريخ ساڍي 5 بجي منجهند پهر تي، 20 ڪان 30 تائين مٿي چڙهيو پوري پهر تي.
- 1جنوري 2003ع مٿي ڏيڍ پهر تي پر هاڻي مٿي نٿو چڙهي.
- مارچ جي پڇاڙي وارين تاريخن ۾ صبح وارو تارو اڀريو ۽ اُفق تان ظاهر ٿيو ۽ اپريل جي 15.تاريخ 5 بجي صبح جو ڪانو ڪن مٿي آيو. مئي ۾ پهر تي ۽ مئي جي آخر ۾ سوا پهر تي مٿي آيو.
- 15_اپريل (1991ع) "صبح وارو تارو جيڪو اڳ مٿي ڏکڻ اوڀر ڪنڊ تي هو سو هينئر ڏکڻ۔ اوڀر ڪنڊ تي هيٺ ۽ پڻ ڪنڊ بدران وڌيڪ اوڀر طرف نظر اچي ٿو."
- 15 مئي: "صبح وارو تارو اوڀر افق ڏانهن هٽندڙ ۽ هيٺ ٿيندڙ هاڻي ڪنڊ ۽ سر اوڀر جي وچ تي آهي."
- 15_ نومبر 1986ع تي اوڀر ڪان مٿي پهر تي سر اوڀر ڪان ٿورو ڏکڻ تي آهي.
- جنوري 1987ع (15,5,1 ۽17 تاريخ) ۾ پرهہ جو ڏکڻ اوڀر ڪنڊ تي پر ڪافي مٿي ۽ هينيان بہ ٻيا تارا جن سان جڻ بہ۔ پور پاسو ٽڪنڊو نهيل.

## 4.سانجهي تارو

صبح جي تاري وانگر سانجهي تارو بہ سنڌ جي آسمان جي تارن ۾ هڪ مشهور نالو آهي. هر اهو تارو جيڪو سانجهيءَ وقت، سرالهندي يا ٿورو ڏکڻ تي، چٽو ٿي بيهي ان کي 'سانجهي تارو' چئي سگهجي ٿو. سال جي ڪن مهينن ۾ ڪي چٽا تارا سانجهيءَ وقت نظر ايندا آهن ۽ سانجهي تارا ٿي بيهندا آهن. سنڌ جي سياڻن سڄاڻن جي بيانن توڙي راقم جي ڪيل جانچن مان انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ سانجهيءَ تارا ٻڌجن ٿا. راقم پاڻ جانچ ۽ پرک ڪئي تہ هينيان تارا جدا جدا مهينن ۾ الهندي طرف سانجهي تارا ٿي بيٺا.

- لڏو جيڪو سانجهيءَ تارو ٿئي ٿو. ٽيڙو جي پويان ايندو لڏو جيڪو اپريل ۾ الهندي طرف ايترو لڙندو جو پانئبو تہ هيٺ ٿيو تہ سانجهيءَ تارو ٻڌجي ويندو. 1986ع ۽ وري 1988ع ۾ مون ڏٺو تہ مئي ۾ لال لڏو هيٺ لڙي

سانجهيءَ تارو تي ويو. ان وقت الهندي طرف ٻيو ڪو به تارو ايڏو چٽو ڪونه هو. 29 آگسٽ 1986ع تي ڏٺم ته سانجهيءَ وقت الهندي افق کان مٿي اڌ پهر تي (يا ڪجهه گهٽ) بيٺل هو ۽ 9 بجي کان اڳ لهي ويو.

- 31 نومبر 1987ع تي اولهه طرف، سانجهي وقت، چٽو تارو ڏٺم جيڪو هيٺ هو ۽ لهڻ وارو هو.
- 1988ع ۾ هڪ وڏو چٽو تارو ۽ ٻيو ان کان اڳتي ٽيپي ويل ڳاڙهيرڙو ٻئي مارچ ۾ اولهه طرف لڙيا ڏٺم ۽ چٽو تارو جيڪو پوياڻ هو سو مارچ - اپريل ۾ سانجهي تارو ٿي بيٺو ۽ 16 - اپريل ڏاري لهي ويو.
- جون 1989ع ۾ اولهه طرف وڏو اڇو تارو سانجهي جو هيٺ بيٺل هو ۽ جولاءِ ۾ سانجهيءَ وقت مني پهر تائين مٿي چڙهيو. هي تارو وچون کان اڳ ۾ هو. ڏٺم ته وچون اوپر طرف پهر تي هو ۽ سانجهيءَ تارو اولهه طرف پهر تي.
- جنوري، فيبروري ۽ مارچ جي شروع تائين سانجهي وقت اولهه طرف سانجهي تارو پهر - مني پهر تي بيهي ٿو مارچ جي 15 - تاريخ ڏاري لهي ٿو.

مٿين مشاهدن کي وڌيڪ پرکڻ جي ضرورت آهي، پر انهن کان سواءِ به سانجهي تاري بابت ڪي رايا ۽ بيان آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

**سانجهي تارو جيڪو ڪنهن سال بيهي ڪنهن سال ڪو نه بيهي**

- تاريخ 2 - آڪٽوبر 1985ع ۾ سري مڪان (ڪوهستان) ۾ اتي جي سڄاڻن کان سانجهي تاري بابت پڇيم. چيائون ته چيٽ کان سانوڻ تائين هوندو پر ڪڏهن بيهي ڪڏهن ڪونه بيهي ان سال چيائون ته موسم (چيٽ، آڪاڙ سانوڻ) کان اڳ هو پر موسم ۾ ڪونه هو.
- 17 سيپٽمبر 2001ع تي ٿر ۾ ڇاڇري طرف ڪيل ڪڇهرين ۾ چيائون ته سانجهي تارو چيٽ جي مهيني ۾ سانجهي وقت الهندي ڏانهن چٽو نظر ايندو. سانجهي تارو ڏڳين جو ٻچاءُ آهي ۽ جي بيهندو ته برسات ٿيندي (معنيٰ ته ڪڏهن بيهي ڪڏهن نه بيهي). چوندا: هيل سانجهي تارو بيٺو آهي، مينهن وسندا، گاهه ٿيندا، پکي ۽ هرڻ ايندا، شڪار ٿيندا. چيائون ته هن سال (2001ع) ڪونه هو ۽ برسات پئي، گذريل سال (2000ع) چيٽ تائين بيٺو ۽ برسات پئي وڌيڪ پڇا تي معلوم ٿيو ته ڇاڇري تعلقي ۾ ڪاوڙ واري پاڳي ۾ پئي هئي ٻئي پاسي ڪانه پئي، پر هن بيان مان به اهو

نتيجو نڪتو تہ سانجهي تارو ڪنهن سال بيهي ٿو ڪنهن سال ڪو نہ ٿيو بيهي.

- نومبر 1992ع جي پوئين اڌ ۾ منهنجي ڪيل جانچ جو خاڪو نڪتل آهي، جنهن ۾ جاڻايل تہ: الهندي طرف سانجهي تارو سج لٿي وقت بيٺل آهي ۽ اهو آڪٽوبر کان وٺي بيٺل آهي (پر هاڻي نومبر 2006ع ۾ جانچ ڪيم تہ سانجهي تارو بيٺل ڪونہ هو. نبي بخش 15_نومبر 2006ع) سانجهي تارو جيڪو اولهہ طرفان ٿي چڙهي ۽ وري پوئتي هٽي لهي.
- 28 سيپٽمبر 1978ع تي عيداڻي (تعلقو ڇاڇرو) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ڄيائون تہ ڄيٺ ۽ آکاڙ۾ چٽو نظر ايندو سج جي پٺيان آهي ۽ سج لهندو تہ نظر ايندو. پوءِ روزانو مٿي چڙهندو ايندو ۽ پوءِ وري هيٺ هٽندو ويندو.
- 3 مارچ 1966ع تي چونڊڪي (سوراهہ تعلقو) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ڄيائون تہ: سانجهي تارو' آسمان نہ اورانگهيندو' بيو تہ ڏاهن چيو آهي تہ:

الهندان اُڳي تہ تر تي،
ايرندان اُڳي تہ جَرَ تي.

'اڳي' معنيٰ ايري: الهندان ايرندو تہ تر تي مينهن وسندو ۽ جي ايرندان ايرندو تہ درياءَ ۾ پاڻي چڙهندو: هن چوڻي جي پهرين سٽ مان لڳي ٿو تہ الهندي طرف کان بہ ايرندو (يعني اوير طرفان اورانگهي نہ ايندو پر ايرندو ٿي اولهہ کان). چوندا: اهو تارو جيڪڏهن سانجهي جو اولهہ طرف مند (سانوڻ) ۾ بيٺو تہ ڏؤر ڪندو (آباد ڪندو). چوندا هن سال سانجهي تارو نہ بيٺو نہ اُڳيو ٿُبي ويو سال نہ ٿيندو."

## ڪَتِ

ڪت جي نالي سان تي جدا نکت آهن هڪ وڏي نکت جيڪا قطب تاري جي چوڌاري ڦري، ان ۾ ست تارا آهن ۽ انهيءَ ڪري ان کي تر ۽ ڪڇ طرف ساتيرا يا سنتيرا چون. ڪت کي بيڙي ۽ سکاڻ بہ چون: چار تارا بيڙي وارا ۽ بيا ٽي سکاڻ جا. جن کي گهٽو ڪتو ۽ بگهڙ بہ چون انگريزن ۾ ڪت جو نالو "گريٽ بيئر" (وڏو رڇ) آهي، جو اڳين ماڻهن کي اها صورت انهن تارن ۾ نظر آئي بي ننڍي ڪت جيڪا پڻ قطب تاري جي چوڌاري ڦري ٿي؛ ڪي 'چوتار' کي ننڍي ڪت ڪري پائين. ٽين ڪت وچونءَ جي ميين

سامهون آهي جنهن جو خاص نالو پٿونءَ جي ڪٽ'.
•ڪٽ قطب تاري جي چوڌاري ڦرندي ڳجهارت آهي تہ:
نرنانءُ پنهنجي جاءِ، جنهن کي ڪاتي ڦرندي آ
نرنانء= قطب، ڪاتي= ڪٽ
يعني: قطب پنهنجي جنهن کي ڪٽ ڦرندي آ
ٻي ڳجهارت:
نار ڦري چوڌاري لهي نہ سگهي لال کي.
ڪٽ قطب
ڪٽ ڦري چوڌاري، لهي نہ سگهي قطب کي.

**سانجهيءَ وقت جانچ**

- مارچ (1988) ڪٽ، قطب جي اوپر پاسي ڪان هيٺان مٿي چڙهي آئي جو ان جا ست ئي تارا سانجهيءَ وقت نظر آيا.
- اپريل 15 (1989ع). ڪٽ قطب ڪان ذڪڻ آهي، پهريان بہ تارا جڻ قطب واري سنئين ليڪ ۾ ذڪڻ.
- مئي (1988ع) شروع ۾، ڪٽ جا سامهان بہ تارا قطب ڪان سر ذڪڻ ساڳي سڌ ۾ باقي ٻيا تارا پوئتي مئي 1993ع ۾ ڏٺم تہ بہ ساڳي صورتحال. مئي مهينو ڪٽ جي اوج جو آهي سڄي سربستي سامهون نظر اچي ٿي.
- 15 مئي ڪٽ لڙي آهي. 25 مئي (1988ع) قطب ڪان ذڪڻ ۾ ٿورو اولهہ ڏي لڙيل ڪٽ جي وچ وارو آخري تارو ڪاپار تي.
- جون (1991ع) ۾ ڪٽ اولهہ تي لڙي.
- جولاءِ (1989ع)، ڪٽ قطب جي اولهہ طرف ۾ جولاءِ جي آخر ۾ اچا وڏيڪ لڙيل چؤ تار قطب جي ذڪڻ- اوپر طرف بيٺل.
- آگست (پهريون هفتو 1989ع)، ڪٽ قطب ڪان اتر- اولهہ ڪنڊ تي.
- 29 سيپٽمبر (1986ع) ڪٽ قطب ڪان اتر- اولهہ طرف، اڳيان چار تارا اتر ڏانهن.
- آڪٽوبر ڪٽ سنجهي ۾ غائب آهي، قطب جي اتر- اولهہ طرف هلي وئي آهي.

**صبح وقت جانچ**

- آڪٽوبر- نومبر (1987ع) 5 بجي ڏاري ڪٽ قطب جي ذڪڻ- اوپر تائين

چڙهي.

- نومبر (2003ع) کٽ قطب تاري جي ڏکڻ ۾، سامهان ٻہ تارا قطب واري ليڪ کان اولهہ طرف وڃيل.
- ڊسمبر (1987ع) کٽ قطب کان ڏکڻ طرف. ائين جو پڇ وارو آخري تارو ڪاپار تي اچڻ وارو.
- دسمبر 31، 2002ع جو ڏنمر تہ کٽ جا سامهان ٻہ تارا قطب واري ليڪ کان اڳتي وڌي ويا هئا ۽ باقي تارا پوئتي.
- فيبروري- مارچ (198ع) کٽ صبح جو قطب کان اولهہ طرف.

مٿين جانچن مان معلوم ٿيو تہ ڇهن مهينن تائين يعني مارچ کان سيپٽمبر تائين کٽ سانجهيءَ وقت نظر ايندي: مارچ ۾ قطب جي اوپر- ڏکڻ طرف هوندي، مئي جون ۾ سڌو ڏکڻ طرف ايندي، جون ۾ اولهہ طرف لڙندي ۽ آگسٽ- سيپٽمبر ۾ قطب تاري جي اولهہ- اتر طرف هوندي.

- **وڇون يا پٽون**

هيءَ نکٽ آهي جنهن ۾ گهٽا تارا آهن جن جي سٽاءَ ۽ بيهڪ وڇونءَ جي شڪل واري آهي. ڪتي لهندي تہ وڇون ايرندو ٻئي ساڳئي وقت آسمان ۾ ڪين بيهندا. چوندا تہ: ڪتي ۽ وڇون، مگ ۽ مگينڊو آهن ۽ هڪ ٻئي کي ڪين ڏسندا.

•وڇونءَ جي نکٽ جا پنج ياڱا آهن، جن جي تارن جا جدا جدا نالا: جيئن تہ:

1. مچون: مچون وارا تارا
2. شِيبَ: ٻنهي مچن جي وچ وارا
3. ڪپار: وڇون تارو جتان مچون مٿي ورن ٿيون
4. ناهين (نهائين): وڇون جي دن وارو تارو
5. ڪُنڍي: پڇ واري وريل چوٽي.

ايرندو تہ هر ياڱي جي نڪرڻ تي سيءَ وڌندو ويندو. مانگهہ مهيني ۾ ايرندو جڏهن اجا سخت سيءَ هوندو پڇ واري ڪنڍي ظاهر ٿي تہ سانگهڙ ڪندو يعني سخت سيءَ ٿيندو.

پٽون ڪنڍي ڪڍي، سسي ويو سينسار
مينهون ۽ ميهار سج اياري اٿيا

يعني ڪنڍي نڪرڻ وقت اهڙو سخت پوندو جو پاڻيءَ جو جانور سينسار يا

سيسر بہ سيءَ ۾ سسي ويندو. مينهون سيءَ جون ڏاڍيون آهن، پر اهي ۽ سندس ميهار سڄي رات وڻي گذاريندا ۽ سڄ ايرندو تہ ست ساري اٿندا.

پٽون ڪنڊي ڪڍي، لٿو مڻ سيئان
آهيڙي، الٿو پيو تر ڏينهان.

يعني جي وڇون ايري مٿي چڙهيو ۽ پڇ واري ڪنڊي ڪڍيائين تہ سيئن يا سيءَ جو زور(مڻ)ٽٽو. جي ٽيڙو.( آهيڙو) وچي لٿو تہ ڏينهن ۾ تر پوندو يعني ڏينهن تر جيترو وڌندو، هر روز ڏينهن ۾ تر جيتري واڌ ٿيندي.

## وڇونءَ بابت سانجهيءَ جو ڪيل جانچ

- مئي جي سنجهي ۾ اوير طرف وڇون منهن ڪڍيو آهي، جڏهن وڇون ايرندو تہ تر پوندا. يعني رات ۾ تر جيتري ڪتر پوندي ۽ ڏينهن ۾ تر جيتري واڌ ٿيندي.
- جون کان وڇون جي مٿي چڙهي اچڻ جو وقت شروع ٿيو.
- جولاءِ، سنجهي ۾ 9 بجي ڌاري، وڇون ڏکڻ طرف پوري وچ تي.
- آگسٽ پهرين هفتي ۾ سر ڏکڻ. قطب تارو ۽ وڇونءَ جي ڍڍر وارو تارو ساڳي ليڪ ۾.آهي.
- آگسٽ 29 (1986ع) وڇون ٿورو اولهہ طرف لڙيل
- آڪتوبر 20 اولهہ طرف لڙيل
- نومبر 20، اولهہ طرف نظر ڪو نہ ٿو اچي، تمام هيٺ يا لهي ويل

## پرياٽ وقت ڪيل جانچ

- جنوري ۾ صبح جو ايريو
- فيبروري 5(1987)، ڏکڻ، اوير ڪنڌ تي مٿي بيٺل.
- مارچ(1991ع)، پرياٽ جو وڇون سامهون ڏکڻ، ڪاپار تي بيٺل.
- اپريل ڏکڻ طرف بن پهرن کان ڏرا لڙيل اولهہ ڏانهن
- مئي ۾ صبح 4 بجي وڇون لهڻ وارو آهي اولهہ افق تي اجا نظر اچي ٿو
- جون5 وڇون نظر ڪو نہ ٿو اچي غالباً مئي جي پڇاڙي ۾ لهي ويو

مٿين جانچ مان ظاهر ڪو نہ ٿو اچي اونهاري جو نڪتہ آهي، يعني اونهاري ۾ سانجهي کان وٺي رات جو مٿي آسمان ۾ چڙهندو ۽ نظر ايندو.

## پوک ۽ مينهن جي مند جا تي مکيہ نکت

ڪتي، تيڙو ۽ لڏا ٽئي هڪ ٻئي کي ويجهو آهن ۽ اونهاري جي آسمان ۾ گڏ بيٺل نظرايندا، آڏو ڪتي، پويان تيڙو ۽ ان جي پويان لڏا......... ائين اهي هڪ ٻئي جي پويان ايرندا ۽ لهندا. اول ڪتي ايرندي ۽ آهستي آهستي متي چڙهي پهر تي ايندو تہ تيڙو ايرندا، اڌ پهر تي ايندا تہ لڏا ايرندا اهي ٽئي نکٽ تيهن ڏينهن اندر هڪ ٻئي پٺيان ايرندا، پهريان ڪتي ايرندي ۽ پوءِ تيڙو پندرهن ڏينهن بعد ايرندا.

اهي سڄاڻ! ڪتي، تيڙو ۽ لڏا اهي ٽئي سنڌ جي آسمان جا ڪارائتا نکٽ آهن، ڇاڪاڻ جو اهي پوک جي مند ۽ مينهن جي ڄاڻ جاکيہ نکٽ آهن. اڳ هاري انهن نکٽن جي ايرڻ ۽ متي اچڻ واري وقت جي حساب سان جدا جدا فصل پوکيندا هئا ۽ انهن کي ڏسي مينهن جي وسڻ جا اندازا لڳائيندا هئا. انهي موضوع تي آخر ۾ ايندا سيون، ان کان اڳ انهن ٽن نکٽن جي سڃاڻپ.

### 1 ڪتي يا ڪتيون

" ڪتي ، سنهڙن تارن جو هڪ ڇڳو آهي ۽ سنڌ جي آسمان جو هڪ سهڻو نکٽ. ڪتي نالو صحيح آهي پر، جئين تہ ڪتي جي نکٽ ۾ هڪ تاري بدران تارن جو ڇڳو آهي انهي ڪري ان کي جمع واري صورت ۾ ڪتيون چئي سگهجي ٿو. پر اي سڄڻ! سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ ائين جمع ۾ ڳالهائڻ وارو رجحان آهي. جئين ڪن ڳوٺن جي نالن کي جن جي آخر ۾ "ي" آهي جمع ۾ ڳالهائيندا. شهر پاٽوئي (تعلقو سنجهورو) کي چوندا پاٽويون ۽ شهر متياري کي چوندا متياريون، شهر چوٽياري(ضلعو سانگهڙ) کي چوندا چوٽياريون، ڳوٺ ماڇي(تعلقو ڪنگري، ضلعو خيرپور) ماڇيون.

- ڪتي جي نکٽ ۾ ڪيترائي تارا آهن. ان بابت گهٽن جو چوڻ تہ ست تارا، ڪي چوندا يارهن تارا ۽ ڪن جي چوڻ موجب ٻارهن تارا. ٻارڙا بہ هڪ ٻئي کي چوندا تہ تي تيڙو ٻارهن ڪتيون ٻارهن ڏائين ڪير ڳڻيندو؟ پر وڏي رياضي دان محقق بيروني لکيو آهي تہ ڪتي ۾ ڇهہ تارا آهن.
- ڪتي جي ايرڻ واري وقت بابت گهٽن جو چوڻ آهي تہ آکاڙ (جون) مهيني ۾ ايري ۽ ڪن چيو تہ هاڙهہ جي چاليهي ۾ ايري ٿي پر آکاڙ جي مهيني ۽ هاڙهہ جي چاليهي جا ڪي ڏينهن ساڳيا آهن. منهنجي ڳڻپ

موجب هاڙهہ وارو چاليهو(چاليهہ ڏينهن) 20مئي کان 5 جولاءِ تائين آهي. هڪ سڄاڻ سمجهايو تہ ڪتي هڪ ئي مهيني جي مد اندر ڄمي ٿي، ايري ٿي ۽ مٿي چڙهي ٿي.يعني تہ 8 تاريخ سرجندي ۽ 17 تي ايرندي جو ڪي ڏسندا ۽ 27 تاريخ چڙهندي(مٿي ٿيندي) جو سڀ ڏسندا حاجي ڄام مهيسر(ڳوٺ رفيق مهيسر تعلقو ڪنگري) چيو تہ ڪتي 7جون تي ايري ٿي ۽ 7 ڊسمبر تي لهي ٿي. ايرڻ کان پوءِ ست ڏينهن سير ۾ هوندي جو ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي. ڪتي کان 10 جون تائين لڪل هوندي آهي، اهو چاليهو هاڙهہ جو ۾. پشو ۽ سانوڻ 7 جون کان ٻہ ڏينهن اڳ يا پوءِ ڪا ميل جٺر ڪي ڪتي ساڙيندي ۽ پڻ ڪنڊي کي ساڙيندي. ڪن چيو تہ هاڙهہ وارو چاليهو پڄندو تہ ڪتي ايري ويندي، چيائون تہ صبح وقت وچون الهندين افق ۾ ٻڏندو تہ ڪتي ايرندي ۽ ڪتي جڏهن ايرندي تہ بہ ساڙ ڪندي (جو اجا سخت گرمي هوندي) ۽ لهندي تہ بہ ساڙ ڪندي (جو سخت سيءُ هوندي). پر ڪنهن بروچ جنهن کي ڪتي وٽندي هئي چيو تہ:ڏوهہ ڪتي جو ڪونهي، ڏوهہ سڄو وچون جو آهي، جيڪو ڪتي جي ايرڻ ۽ لهڻ وقت تو لهي ۽ ايري ۽ ساڙ ڪري.

سيني سڄاڻن جو ان تي اتفاق تہ ڪتي ڄمندي يا ڦٽندي(ايرڻ شروع ڪندي تہ) تہ اکين ڪانہ ڏسبي ۽ ڳولبي تہ بہ نظر نہ ايندي تان جو سانوڻ ۾ مٿي چڙهندي ۽ نظر ايندي، تڏهن پهاڪو تہ:

رلي ڪتي، سانوڻ ليي

يعني ڪتي جيڪا رلي وئي هئي سا وچي سانوڻ ۾ لڌي

ڪتي جيتوڻيڪ ڄمندي ۽ ايرڻ شروع ٿيندي تہ اکين ڪا نہ ڏسبي پر آثيجن (اهڃاڻن) مان سمجهيو تہ ايري آهي ان وقت جا هي آثيج تہ:

- ست ڏينهن سخت جهولا لڳندا.
- لڪ ۽ جهولي سان ڪنڊيءَ جي لون سڙندي،يعني ان وقت ڪنڊي ڦٽندي ۽ ڳوٺج ڪيندي جيڪي سڙندا: ڪومائبا.
- زمين آب ڪري ويندي، يعني زمين ۾ سوڪ بدران آلاڻ وارو اثر پيدا ٿيندو.
- ڪتي ڄمندي تہ ستن ڏينهن اندر ڪتي نہ ڪتي گوڙ ٿيندي ۽ مينهن تورو گهڻو وسندو.
- لون (وٽن) واري لون ۾ ڳوٺچن ۾)ماڪ جا ڦڙا هوندا.

- اڪ مڪڙ جو ٻچو جمندو ۽ ڪتي نظر ايندو.
- آر(جيت) وڻن ۾ گهر ڪرا ڪندي.
- ٻـــــتار(ٻه تارا) پهر تي هوندي.
- ڪتيءَ جو واءُ(ڏکڻ- اولهه وارو واءُ) جهڪو ٿيندو.
- نيها پوري ٿيندي ۽ آرهڙ شروع ٿيندو.

اي سجڻ! اهي سڀ ڪتيءَ جي ايرڻ جا آثار آهن. جيڪي مون سنڌ جي سجاڻن کان پڇي تنهنجي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ لکيا آهن. ڏس ته سنڌ جي هارين کي ڪتي ڪيترو نه پياري آهي، جو ان جي پرک لاءِ ايترا پار پتا ڪيا ائون!

اهڙين پرکائن جي تحقيق علم الانسان جو ڀاڱو آهي

- ڪتي جو لهڻ:
- چوندا: سگر جي ڪچي ليڙ ته ڪتي لڪي(لهي وئي)سگر پڪو ته جمي(جمندي پر ڏسڻ ۾ ڪا نه ايندي، جڏهن ايرندي تڏهن ڏسڻ ايندي).
- وڻن ٻوٽن تي ڪوريئڙي جون تندون نظر اينديون ته چوندا: ناڙو لٿو آهي، ڪتي لهي وئي.

چوندا:ڪتي نه لهي مانگهه ري، وچون نه لهي ري پوهه.

- چيائون ته: ڪتي مانگهه مهيني جي تاريخ 7، ٿيڙو 17 ۽ لڏا 22 تي لهندا.
- ڪتي لهندي ته پارا (سيءَ) پوندا. چوندا ته: ڪتي لٿي جا ست پارا پوندا.
- آڪٽوبر ۾ سرنهن، ڏاٽو بوسو پوکبا: انهن کي ڪتي لهڻ وقت ماري ٿي.
- حاجي ڄام مهيسر چيو ته: ڪتي، ٿيڙو ۽ لڏو 7 ڊسمبر تي گڏ لهن ٿا ڪتي اتر طرف ڦري لهي ٿي ۽ ٿيڙو ۽ لڏا سڌو لهن ٿا. (مون ڏٺو ته ٿيڙو ٻه ٿورو اتر طرف لهن ٿا- نبي بخش)

سانجهيءَ وقت ڪتين جي جانچ

- فيبروري 1976ع ڪتيون اڄ ڪلهه سنجهي ۾ سوير ڪاپار تي.
- فيبروري 1989ع سانجهيءَ وقت ڪتيون ايرندي طرفان مٿي چڙهي آيل ۽ ٻن پهرن کي ويجهيون.
- مارچ 1989ع، سانجهيءَ وقت ڪتيون لڙي ويل.
- 15 اپريل، ڪتيون گهڻو هيٺ لڙي ويل ايترو جو ڏسڻ ۾ ڪين ٿيون اچن.

### صبح وقت ڪتين جي جانچ

- آگسٽ (1989ع) صبح جو 5 بجي ڪتي ۽ تيڙو بن پهرن تي (ڪتي تورو هيٺ لڙيل).
- 1 کان 15 سيپٽمبر تائين ڪتي ڪاپار ڪان لڙي.
- آڪٽوبر (1989ع) صبح جو ڪتي ۽ تيڙو بن پهرن کان وڏيڪ هيٺ لڙيل.

### 2. تيڙو.

تيڙو يعني وچ وارا اتي تارا، جن تان هي نالو پيو. هن نکٽ ۾ گهڻا تارا آهن جنهن ڪري 'تيڙو' جمع ۾ ڳالهائجي ٿو: ڇئبو تيڙو ايريا آهن يا لڙيا آهن.

تيڙو نکٽ ۾ جملي سورنهن تارا آهن هڪ وڏو چوڪس جنهن جا چار تارا چئن ڪنڊن وارا. ان چوڪس ۾ وچ تي ٽي چٽا اُيا تارا قطار ۾ جنهن کي ٽر ۾ هرڻ چون. بيا ننڍڙا ٽي پاسيارا تارا قطار ۾ جن کي لوڏي يا (ڏاٽڪي ۾) آهيڙي چون. هن سڄي نکٽ کي بہ ٽر طرف "هرڻ" سڏين. ڪچ طرف "هرٽائون". چؤڪس وارا چار تارا هرڻ جون چار ٽنگون آهن.

. تيڙو جي وچ وارن ٽن اين بيٺل تارن کي "ٽنگڙ" چون ۽ پاسيارن ٽن تارن کي 'تيڙو' هيٺين بيت انهيءَ تي شاهد، جنهن ۾ تيڙو کان پوءِ تارا، يعني لُڏا:

"ٽنگڙ، تيڙو، تارا اثباتي اثبات،
ڪتي سندي وات، ڪڏهن ڇڏيندا ڪينڪن."

ٽنگڙ= ايا بيٺل ٽي تارا، تيڙو= پاسيارا ٽي تارا، تارا= لڏا يا منيون اهي ٽئي ڪتيءَ جي پويان محڪم هوندا ۽ ڪتي واري وات نہ ڇڏيندا.

- رسالي ۾ شاهہ جي بيت موجب، تيڙو نالو انهن ٽن تارن جو جيڪي ايا بيٺل آهن بيت ۾ آهي تہ:

ڪتين ڪر موڙئا، تيڙو ايا ٿيئي

- تيڙو جي ايرڻ بابت ڪن جو چوڻ تہ: 'تيڙو' آکاڙ مهيني جي چنڊ کان پوءِ ايرن ٿا يعني آکاڙ مهيني ۾ ايرن ٿا بي راءِ تہ ڪتي جي ايرڻ کان پوءِ تيڙو 17 تاريخ سانوڻ جي ايرندا. ان وقت ڏينهن جي مدت ۾ ڪتر پوندي، يعني ڏينهن گهٽجڻ شروع ٿيندا.

- وڏي سجاڳ جام مهيسر (عمر 85 ورهيه) چيو ته تيڙو 26_27 جون تي ايري ٿو. تيڙو سانوڻ جو سير آهي ۽ جيڪا پوک پوکبي سائين ڏينهن چمندي تيڙو. 10 مئي کان 20 جون تائين ڏسڻ ۾ ڪونه ايندا.

## سانجهي وقت ڪيل جانچ

- ڊسمبر: 15 تاريخ، رات جو 11 بجي ڪتي ۽ تيڙو مٿي چڙهندڙ.
- جنوري_15، رات 8 بجي ڪتي ۽ تيڙو ايرندي طرف کان مٿي چڙهي آيل.
- فيبروري: جي پوئين اڌ کان وني هن وقت 7 مارچ (1991ع) تائين سنجهي ۾ تيڙو ڪاپار تي آهن.
- مارچ 1991ع ۾ تيڙو ڪاپار لڳ آهن ۽ ڪتي اڳتي لڙي وئي آهي.
- اپريل جي 10 تي تيڙو گهڻو اولهه لڙي ويا آهن.
- مئي جي شروع ۾ تيڙو گهڻو لڙيل ۽ لهڻ وارا. 15 مئي تي تيڙو الهندين افق ۾ ٻڏي ويا آهن، جون ۾ تيڙو لهي ويا.

## صبح وقت ڪيل جانچ

- سيپٽمبر 2001ع، مُنا (لڏا) پوئتي آهن ۽ تيڙو سر ڪاپار تي.
- 10 نومبر (2002ع) تي تيڙو ڪاپار تي پر ٿورو لڙيل.
- نومبر 15(1999)، تيڙو گهڻو لڙيل، باقي مني پهر تي، پويان لڏن جو چمڪو ۽ چلڪو.
- نومبر 21(1987ع) صبح جو تيڙو گهڻو لڙي ويا آهن.
- نومبر 15 (2006ع) ساڳي مٿين صورتحال.

## 3. لُڏو/ لُڏا: مُنو/ مُنا/ مُنيون

لُڏا به وڏا چٽا تارا آهن جيڪي تيڙو جي نڪت کان پوءِ ايرن ٿا انهيءَ ڪري آسمان ۾ اهي تيڙن جي پويان وتيرڪا آهن. هڪ ٿورو اتر تي ۽ ٻيو پري ڏکڻ طرف. انهن کي مُنا يا مُنيون به چون چوندا: 'مُنيون تيڙن جون' يعني تيڙو جي پنيان منيون يا ٽوٽيون آهن. اي سياڻا! تون انهن نالن کي سمجهه جو مون کي به سمجهڻ ۾ دير لڳي. نالو اصل ۾ 'لوڏي' هو ۽ مون ڪن سڄاڻن کان اهو نالو ٻڌو. لوڏي، يعني لوڏيندڙ لوڏ وارو. شڪاري، تر ۾ لڏي کي آهيڙي (شڪاري) به چون تيڙو جو ٻيو نالو هرڻ جنهن کي پويان اهي لوڏي لوڏين ٿا. لوڏي مان پوءِ لڏو ٿيو.

پر لوڏي يا لُڏو نالو فقط اترئين تاري جو آهي. ڏاکڻين جو نالو 'سهيل' آهي. رنگ روشني ۾ 'لڏو' لالائي تي آهي ۽ سهيل تيلي- روۓ نيراڻ تي. لڏي جي لالائي ۽ ٻئي تاري تيلي روۓ جو شاهد. شاهه صاحب جو هيٺيون بيت:

تارا تيلي روۓ، لڏا لال نه ايرين،
جهڙو تون صبح ، تهڙي صافي سڄڻين.

بيت جي پهرين سٽ ۾ ٻنهي سهڻن تارن ڏانهن اشارو آهي. پهريائين سهيل تازي ڏانهن جيڪو تيلي روۓ نيراڻ تي مائل آهي هن سٽ مان اهو به ظاهر آهي ته لڏي جو رنگ لالائي تي آهي. لڏي کي خطاب آهي ته: اي لال لُڏا! تون به شال نه ايرين جو تون سونهن ۾ محبوب جو مٽ ناهين!

•لڏو 7_8 جولاۓ تي ڄمي ٿو 20 مئي کان 30 جون تائين لڏو لڪل رهندو.

اي سرتيا! جي تون نهاريندين ته توکي ڏسڻ ۾ ايندو ته 'لڏو' ۽ 'سهيل' ٻنهي کي ملائيندڙ ليڪ ڪُنڊائتي آهي: يعني اتر- اوير جي ڪنڊ کان ڏکڻ- اولهه جي ڪنڊ ڏانهن آهي. جڏهن لڏا لڙن ٿا يعني ٻن پهرن کان اولهه طرف مڙن ٿا ته انهن جو اهو ڪنڊائتو رخ وڏيڪ پڌرو ٿئي ٿو. عام ٻوليءَ ۾ چوندا ته: لڏا ايريا آهن يا لڏا مٿي چڙهيا آهن. 'لڏا' چوڻ ائين آهي جيئن 'ڪتي' کي 'ڪتيون' ٿو چئجي البت جي ٻنهي تارن (لڏي ۽ سهيل) کي ڳڻبو ته پوۓ لڏا (جمع ۾) چوڻ صحيح ٿيندو.

**سانجهيءَ وقت ڪيل جانچ**

- فيبروري (2001ع) مُنايا لڏا ڪاپار تي.
- مارچ (1987ع): پهرين تاريخ سانجهيءَ بعد لُڏن يا مُنن جو جلوو نظر آيو. سانجهيءَ وقت ٻئي ڪاپار کان سر ڏکڻ هئا، ۽ پوۓ لڙي اولهه طرف لڙيا. لڏن جو اهو جلوو ڏسي مون کي عبد الله فقير ڪاتيار جي وڏي آس ۽ اثر واري ڦاڪي (ٿلهه: مندان ٿيون موٽن، سڄڻ ڪڏهن ملندين) جي مصرع ياد آئي ته:

نڪت ايري نوان ٽئڙا، لودَيئڙا لَهڪن

لودَيئڙا يعني لُڏا. لهڪن يعني سنهان سهڻان چمڪا ڏين. اي سڄڻ! لهڪڻ ۽ جَهڪڻ (آسمان جي تارن جو لهڪڻ ۽ انسان جي اکين جي تارن جو جهڪڻ ٻئي لفظ معنيٰ ۾ وڏي ناز نزاڪت وارا آهن (ائين جيئن پنجابي ٻوليءَ ۾ 'لشڪار').

- 16_ اپريل 1988ع تي سانجهيءَ جو لڏا يا مُنا اولهه طرف پهر کن تي،

تيڙو وڏيڪ هيٺ لڙيل.

**صبح وقت ڪيل جانچ**

- سيپٽمبر 2001ع. لڏا پوئتي، ڪتيون ڪاپار تي.
- آڪٽوبر 20. اتريون منو سفا ڪاپار تي ۽ 30 آڪٽوبر تي ڪاپار کان لڙيل.
- نومبر- ڊسمبر کان وٺي لڏا لڙيل آهن. ڊسمبر (2002ع) جي شروع ۾ ڏٺم ته لال لڏو ڪاپار کان منو پهر کن هيٺ اولهه طرف لڙيل نظر آيو پر ان جو ساٿي نيرو تيلي- روءِ تارو نظر نه آيو. اهو سوير اولهه-ڏکڻ ڪنڊ تي ڪُنڊائتو هيٺ لڪي ويجي تي.

**ڪتي، تيڙو لُڏن مطابق پوک جي مُند.**

خريف جي پوک کي سنڌ ۾ ڪتي يا سانوڻي سڏين ۽ ربيع جي پوک کي سَرَءُ يا چيٽ چون. ڪتي يا سانوڻي (خريف) جو فصل چيٽ (ربيع) جو فصل بدي، اسو ڪتي ۾ پکبو ۽ ڦگڻ- چيٽ ۾ ڪٽبو.

- ڪتي جي مند ۾ ٻج جي موسم. ڪتي ايري ته ڪتي جي پوک جي ڪمائي شروع تي: جهنگ وڍيا ۽ هرلا نار چاڙهبا (هڻا). وچولي سنڌ ۾ اول وونئڻ ڪاهبا ۽ پوءِ اتر سنڌ ۾ جوئر ڪاهبي. اها مند ڪتيءَ جي. ان کان پوءِ ٻج وجهڻ ۽ ڪاهڻ واري مند تيڙو جي، جيڪا تيڙو ايرڻ کان شروع ٿئي. چوندا ته: جوئر لاءِ اها مند ڪتيءَ کان به ڀلي، پر جي غفلت جي ڪري وئي ته سال ويو. انهيءَ ڪري تاڪيد ته: اي ڪڙمي! جيڪي ڪجهه ڪرڻو اٿئي سو ڪتيءَ جي مند ۾ ڪر. رازق ڏني فقير ونديرِ جو بيت ته:

بيا نکت پَن ڪري، ڪتي ويجي ڪاهه.

تيڙو لڙندا ته تذڪار جي شروعات تيندي ان مند بابت ڪنهن سجاڻ چيو ته:

تارا لڏيا، مچر گڏيا
مينهو الڻ مَٽ جهڳيا
ڳئوارڻ هٿ ڦوسي
رڍين والي بيٺي روسي.

لڏو تارو لڙيو سيءَ پيو ۽ مچر مئو. گرمي گهٽبي ته مينهن ۾ کير گهٽو تيندو ۽ ياڳيا اسر جو اٿي مينهن کي ماڪ چاريندا. ڳئون ۾ کير اوترو

رهندو پر ڇيڻو گهڻو لاهيندي. رڍن ۾ ڪير سڪي ويندو ۽ رڍن واري رئندي.

ٽيڙو جي مند کان پوءِ لڏي جي مند جيڪا ٽورڙي جنهن کان پوءِ جوئر جي ٻج جي مند ختم. ٻج ۽ پوک جي مند جعلي چاليهه ڏهاڙا: ويهه ڏهاڙا ڪتي جا، تيرهن ڏهاڙا ٽيڙو جا ۽ ست لڏي جا. 15 نومبر 1969ع تي ڪوٽ جان محمد (تعلقو گمبٽ) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ اها راءِ ته: جوئر جي ٻج جي پوري مند فقط هڪ مهينو آهي. ڪتي واري جوئر قد وڏو ڪندي پر سنگ ننڍو ڪندي. ٽيڙو واري قد گهٽ ڪندي پر ان گهڻو ڪندي. لڏي واري به ان يلو ڪندي پر ڪڏهن ڪڏهن کَس ٿيندي (ان ماري ويندي): ڪتي ۽ ٽيڙو واري کس نه ٿيندي.

•چوندا: سڱر ڪيرو- ارڙ ڦيرو يا "سڱرن ڪيرا- ائٽن ڦيرا": يعني جڏهن سڱر پچي ويندو ۽ پڪو ٿي ڪرندو تڏهن ڪتي ايرندي ۽ ٻج پوکڻ وارو 'ڪتيءَ جو چاليهو' شروع ٿيندو. هرلا ۽ نار وهڻ شروع ٿيندا (هئا). ڪتي ايرڻ واري هوندي ته ووئنڻ پوکبا ۽ ٽيڙن جي ايرڻ تائين پوکبا (هئا) ڪتي ايرڻ کان پوءِ ماڪ پئي ۽ ڪپڙا گهميا ته جوئر پوکبي. ڪتيءَ ۾ جوئر جي پهرين مٽ (ٻج پوکڻ جي) ۽ ٽيڙو ۾ آخري مٽ. لڏا ايرندا باجهري، گوار ۽ تر پوکبا. ڪتي لهڻ بعد ڪتي سنڌي ڪٽڪ پوکبي هئي.

- بدي مهيني جي ڏهين تاريخ ڪتي ڪاپار تي بيهندي. ان کان پوءِ ڪتيءَ جي پوک نه ٿيندي.

چوندا: "ڪتي آئي ڏُني، سانوڻي پني": يعني سانوڻي جي فصل پوکڻ جي مند پوري ٿي. 'آئي دني' يعني 'دن جي مٿان آئي' ائين جو ماڻهو سمهي ته ڪتي دن جي مٿان سڌي بيٺل ڏسي، پرڀات جي وقت، آگسٽ جي پڇاڙي ڌاري ائين ٿيندو.

• چيٽ جي فصل لاءِ چوندا ته: سانجهي نماز جو سلام وارجي ۽ ڪتي ايريل نظر اچي ته ڪٽڪ جي پوري مند. ڪي ڪڙمي چوندا هئا ته: پلي ڪٽڪ اها ٿيندي جو ٻج ڪتي (لٽي) جا ست پارا ڪائي پوءِ ڦٽي. ڇٽا جڏهن سر جو ٻوڙو نسري ته پوري مند. ڪي اڳ ۾ به ڪاهيندا. مٽر ڇٽن کان پوءِ ڪاهبا. ٽيڙو لڙي وڃي ته چيٽ جي مند ختم. ان وقت ڪتي لهي ويندي ۽ ٽيڙو به وڃي جهرندو.

**•ڪتي، ٽيڙو ۽ لڏي مطابق مينهن جي مند:**

ڪتي، ٽيڙو، لڏا ۽ انهن سان گڏ سنهڙو. اهي چارئي مينهن جا قاصد آهن.

ڪتي جيٺ ۾ ايرندي ۽ ڪتي قُتندي تہ ڪکر نڪرندو: قُتندي يعني اوپر طرفان افق مان مٿي نڪري تورو چٽي ٿيندي. پوءِ سنهڙو ٻئي مهيني آکاڙ ۾ نڪرندو ۽ مينهن جا ڏروها آڻيندو. ٽيڙو سانوڻ مهيني جي شروع ۾ ۽ پوءِ لڏو سانوڻ جي پڇاڙي ۽ بدي جي اڳياڙي ۾ اڳندو ۽ مينهن آڻيندو. چوندا تہ:'ڪتي کان لڏي جا ڏروها ٻيٽا آهن'.

'ڪتيون ڪاپار- پاٽي پاتار' يعني پاٽي بلڪل تري ۾ هوندو مينهن- ڪونہ هوندو. چوٽي تہ:'ڪتيون آيون ڪاپار تہ بہ ماسي تي مينهن گهري!!' يعني ان وقت مينهن جي مند ڪانهي، مينهن سانوڻ ۾ جڏهن ڪتيون نڪري نروار ٿين اڇيون چٽيون ٿين چوندا: 'ڪتين اچ پاٽي بچ"

- اٿل ۾ وڏيري علي مراد ٻري چيو تہ: ڪي جون جي 20 ايري 5 جولاءِ تي ڪتي جي مينهن جو موسم ختم. ان کان پوءِ سنهڙو 5- جولاءِ تي ايري ۽ 10 جولاءِ تي ان جي موسم ختم. ٽيڙو جي موسم 10 آگسٽ تائين. لڏي تائين بہ برسات هوندي.

- مينهن جي وسڻ ۽ گهٽي وسڻ بابت ڪتي، ٽيڙو ۽ لڏي جي ايرڻ جي لحاظ سان چوندا : "ڪتي جو ڏروهو سنهڙي جو ڏروهو" ٽيڙو جو ڏروهو ۽ لڏي جو ڏروهو"ڏروهو (لاڙ ۾ اچار ڏوهو) معنيٰ مينهن جي وسڻ جو گمان ۽ امڪان. ڪتي اڳ ۾ ايرندي ۽ اڳ وارو وسڪار ٿيندو. چوندا: ڪتي ايرندي تہ ڪتي نہ ڪتي آوَس مينهن پوندو ۽ پوءِ ٽيڙو جو ڏروهو. ٽيڙو ڪاپار کان لڙندا تہ:

سِيَارا وسڪارا ٿيندا،نيلا ٿيندا نيٺ
هرڻ ڪاپارئون لڙندا،هاري ڪيڙيندا ڪيٺ.

يعني ٿڌڪار ۽ وسڪار ٿيندي، تارين واريون ڪانيون سايون ٿينديون(نيلا ٿيندا نيٺ). ٽيڙو (هرڻ) مٿان ڪاپار کان (ٻن پهرن کان اولهہ طرف) لڙندو ۽ هاري هر ڪاهيندا ۽ ٻج چٽيندا. پوءِ لڏي جي ايرڻ کان وٺي مينهن. هڪ سڄاڻ چيو تہ: لڏي جو ڏروهو ڪتيءَ جي ڏروهي کان ٻيٽو آهي. سهيل جو ڏروهو بہ ڳٽيندا ۽ آسرو ڪندا. چوندا: ڏروهو اچا آهي.

- چوندا: "ڪتي ڪُندوسي، ٽيڙو ٽِينگ ٽپي، لُڏولس وسي" يعني انهن نکٽن ايرڻ وقت. ڪتي وارو مينهن ڪنهن ڪنڊ پاسي وسندو. ٽيڙو ايرندو تہ ڪڏهن هِت ڪڏهن هُت وسندو ۽ لُڏي جي ايرڻ سان سڄي ملڪ تي لس وسندو.

ـ پڻ ڪتي، تيڙو ۽ لُڏي ۾ مينهن بابت چوندا:

ڪتي ڏنگين=ڪتي ۾ ڪتي وسي
تيڙو تِنگ ٽپو=اتر وسندو وري ڏکڻ وسندو
لڏو لَس وسي=يڪو مينهن سڄي ملڪ ۾.

ـ پڻ چوندا تہ:

ڪتي ڪڏهن ڪڏهن= ڪتي ايرڻ کان پوءِ برسات ڪڏهن ڪڏهن تنگڙ تينگ ٽپو= تيڙو (تنگڙ) ايرڻ کان پوءِ برسات ٽَپين ٽپين، هِت هُت.
لڏو ٻاٽڙ ٻوڙ= لُڏي ايرڻ سان برسات گهٽي، ايترو جو هُرلي جو ڍينگو (ٻاٽڙ) ٻاٽيءَ ۾ ٻڏي ويهندو.

ـ چوندا:

ڪتيءَ جا ڪکر= ڪتي ۾ ڪکر نکرڻ شروع ٿيندا.
تيڙو جا ٺهڪا= تيڙو ۾ ٺورا وسڪارا ٿيندا.
لُڏي جون لوليون= لُڏي ۾ مينهن جون لوليون يعني گهڻو مينهن.
پر اهو گهڻو مينهن لُڏي جي ايرڻ ۽ چٽو ٿيڻ وارن ٿورڙن ڏينهن تائين ان کان پوءِ مينهن جي مند ختم. چوندا تہ: (اداهاريا) هاڻي آسرو لاهي ويهہ: وري وَٺ واري سان ايندڙ سال مينهن وسندا:

لُڏئون لاهي ويهہ، وَٺَ وَسندَئي مينهڙا!

يعني لڏي جي موسم کان پوءِ آسرو لاهي ويهہ: وري ڪنهن بخت ڀاڳين مينهن وسندئي پر اهي خاص اهڃاڻ برسات جي موسم جي پڇاڙي جا. ان کان پوءِ ٻڏي ۽ اَسوُ ۾ بہ مينهن جا، ڇڊا وسڪارا ٿيندا، جن کي ڇٽبو ٻڏي جا ڏاروڙا ۽ 'اَسوُ جا اوهيرا، باقي ساوڻ تہ مينهن جو مهينو آهي.پر بعضي ساوڻ ۾ نہ وسي ۽ ٻڏي ۾ گهڻو وسي. ڪنهن سگهڙ چيو تہ:

ٻڏي ڏيئي ٻوڪ، ساوڻ کي سرهو ڪيو
ڪنهن سال ٻڏي بعد اَسوءَ ۾ بہ گهڻا وسڪارا ٿيا، ۽ سگهڙ چيو تہ:
اوهيرَن اَسوءَ جي ڇڏيو ساوڻ سينگاري

## حيرت جهڙيون ڳالهيون

تارا ڏسندي جانچيندي مون کي حيرت ٿي تہ صبح جو تارو ايرندان مٿي چڙهيو ۽ وري پوئتي هٽيو ۽ لهي ويو. سانجهي جو تارو الهندان مٿي چڙهيو ۽ وري پوئتي هٽيو ۽ لهي ويو ۽ هڪ ٻويان ايندڙ تارو اڳيان ويندڙ تاري کان اڳتي ٽپي ويو.

**صبح واري تاري جو مٿي چڙهي وري پوئتي هٽڻ ۽ لهي وڃڻ**

عام طرح تارا سج ايرندي پاسي کان ايري الهندي پاسي وڃي لهندا آهن. پر منهنجي حيرت جي حد ئي نه رهي، جڏهن هڪ سال صبح جو ايرندڙ چٽي تاري کي ڏٺم ته مٿي چڙهيو پر وري پوئتي هٽيو ۽ اوڀر طرف وڃي لٿو. ان بعد ٻين سالن ۾ به ساڳيو لقاءُ ڏٺم. ان وقت جي لکيل يادداشت مان اقتباس هيٺ ڏجن ٿا.

- 1986ع آڪٽوبر جي شروع ۾ 5 بجي ڌاري، چٽو تارو اوڀر طرف ڪن کان مٿي بيٺل هو پر پوءِ هيٺ ٽيڙ لڳو. آڪٽوبر جي آخر ۽ نومبر جي پهرين هفتي ۾ ڪُن کان ٿورڙو هيٺ. اڄ نومبر جي 18 تاريخ آهي ۽ ساڍي 5 بجي صبح جو چٽو نظر اچي ٿو. پر آڪٽوبر واري سطح کان هيٺ تي آهي. اڄ نومبر جي 26 تاريخ آهي. دير سان 6 بجي ڌاري ٿورو مٿي آيو پر صبح صادق جي اجاڻ واري گهيري ۾ هئڻ ڪري ان جي اڳين چمڪ ۽ چٽائي باقي نه رهي آهي عنقريب هيٺ تي لهي ويندو."
- مارچ 1987ع جي پهرين تاريخ ڏٺم ته پرهه ڦٽي جو صبح وارو تارو گهٽو هيٺ تي ويو آهي. هن وقت ڏکڻ - اوڀر جي ڪنڊ تي آهي ۽ شايد لهي وڃي.
- 1987ع ڊسمبر 8_9 تاريخ تي صبح وارو تارو جيڪو اڳ وچ اوڀر تي ۽ مٿي هو سو مٿي ڪونه چڙهيو. پوئتي هيٺ تي هٽيو ۽ وچ- اوڀر کان ڏکڻ_اوڀر طرف هٽيو. پهرين جنوري ڌاري مٿي ڪونه چڙهيو ۽ هيٺ افق ۾ ٻڏي ويو.
- 1989ع ۾ ڏٺم ته چٽو تارو جيڪو ڊسمبر ۾ يا اڳ آسمان جي ڏکڻ اوڀر پاڱي ۾ ايريو سو جنوري ۾ وڌ ۾ وڌ مٿي چڙهيو. ان بعد هيٺ ٽيڙ لڳو تان جو لهي ويو.
- جون 1993ع کان وٺي پرهه جو اوڀر طرفان وڏو چٽو تارو مٿي چڙهڻ لڳو ۽ پهر تائين مٿي آيو. آڪٽوبر ۾ مٿي چڙهڻ بدران پوئتي هيٺ ٽيڙ لڳو. "هاڻي 30_31 آڪٽوبر تي صبح جو نماز وقت (5_6 بجي) هيٺ جڻ اڌ پهر تي آهي."
- آڪٽوبر 2002ع کان وڏو چٽو تارو اوڀر طرفان مٿي چڙهڻ لڳو ۽ 15 جنوري 2003ع تائين ڏيڍ پهر کان مٿي چڙهي آيو. پوءِ هيٺ لهڻ لڳو ۽ 20 جنوري تي جڻ 5 فوٽ ڪن تائين هي هيٺ ٽيو.

مٿين مثالن مان هينيان نتيجا نڪرن ٿا. ڀپهريون تہ صبح وارو روشن تارو صبحي يا صباحي تارو هڪ ناهي پر هڪ کان وڌيڪ آهن، جيڪي جدا جدا مهينن ۾ (۽ شايد جدا جدا سالن ۾) آسر يا پرڀات جو روشن تارا ٿين ٿا انهن مان هڪڙي کي جيڪو سوير ايري ٿو 'وهائو تارو' سڏجي ٿو. ڪڇهرين ۾ سياڻن سڄاڻن اڪثر ائين چيو تہ: 'وهائو تارو' مٿي ڪو نہ چڙهندو ۽ آسمان ڪونہ لتاڙيندو (يعني الهندي طرف ڪونہ ويندو) پر پوئتي ٽپي ڏيندو.

## سانجهي تارو جيڪو مٿي چڙهيو ۽ وري هيٺ لهي ويو

تارا سڀ ايرندي کان ايرندا آهن ۽ الهندي طرف وڌندا آهن، پر حيرت جي حد ٿي نہ رهي جو 1989ع ۾ ڏٺم تہ هڪ تارو اولهہ افق تي ظاهر ٿيو ۽ جون- جولاءِ ۾ جيئن پوءِ تيئن مٿي چڙهيو ۽ سانجهيءَ وقت ڳاڙهي شفق جي ڳاڙهاڻ واري جي مٿين سطح تائين آيو 7 جولاءِ تي ڏٺم تہ شفق جي ڳاڙهاڻ جي چوٽيءَ ۾ وڏي چلتي ۽ چمڪ سان بيٺل آهي ۽ سانجهي بعد اڌ مني ڪلاڪ تائين ائين بيٺل نظر آيو جيئن پوءِ تيئن مٿي چڙهيو ۽ آگسٽ جي پوئين اڌ ۾ سانجهيءَ وقت پهر ڪن تي مٿي اچي پهتو. 2 سيپٽمبر تي ڏٺم تہ هيٺ لهي آيو آهي پر ڳاڙهي شفق کان اڃا مٿي آهي ۽ سانجهيءَ نماز کان اڌ منو ڪلاڪ پوءِ بہ شمر ڪيو بيٺو آهي ان بعد مون جانچ ڪانہ ڪئي پر هيٺ ٿيندو سيپٽمبر ۾ لهي ويو پويان ايندڙ تارو اڳيئن کان اڳتي نڪري ويو.

- آگسٽ 1986ع ۾ بہ تارا آسمان جي ڏکڻ- اوپر ڀاڱي ۾ نظر تي چڙهيا، هڪ وڏو چٽو تارو جيڪو لڙي سانجهيءَ اوپر افق تان مٿي اسري ٿو ۽ 10-11 بجي ڏاري پهر ڪن تي اچي ٿو ۽ وڏو چلتو لائي ٿو. ٻيو ان جي اڳيان ننڍو ڳاڙهو- پيلو تارو پر اهڙو روشن جو جڻ ڏيئو پيو ٻري. 29- آگسٽ تي ڏٺم تہ اهي ٻئي تارا آسمان جي ڏکڻ- اوپر ڀاڱي کي سهڻو سينگاريو بينا هئا پوءِ وڏو چٽو تارو وڌيڪ تڪڙو مٿي چڙهندو سر ڏکڻ اچي بيٺو آهي ۽ ڳاڙهيرڙي ننڍي تاري کي ايترو تہ اچي ويجهو ٿيو آهي جو نظر جي گمان موجب ٻنهي جي وچ ۾ جڻ ٽن فوٽن جيتري وٿي آهي. تارو اڳتي وڌيو تان جو 26 ڊسمبر تي ڳاڙهيرڙي تاري کان چار فوٽ وڌي اڳتي ويو. جنوري ۾ 8 بجي تائين ڏسڻ ۾ آيا ۽ پوءِ جنوري ۾ ٿي لهي ويا.

هن جانچ مان ائين گمان ٿيو تہ وڏي چٽي تاري جي رفتار وڌيڪ تيز آهي بشرطيڪ ٻئي تارا ساڳي سطحي مدار ۾ هلندڙ هجن. پر غالباً، ٻنهي جو سطحي مدار مختلف آهي ۽ زمين جنهن مدار ۾ هلي رهي آهي اتان اسان کي ائين ٿا نظر اچن جو جڻ وڏو چٽو تارو زمين کي ويجهو آهي ۽ ڳاڙهيرڙو پري ڳاڙهيرڙي جي رنگ مان ائين لڳو تہ شايد گرهہ (Planet)هجي.اي سياڻا !انهن گمانن مان سمجهہ تہ تارن ستارن جو صحيح علم(Astronomy) ڄاڻڻ ڪيترو ضروري آهي!

- 1988ع آڪٽوبر- نومبر ۾ اڇو چٽو تارو پوبان ۽ ڳاڙهيرڙو ننڍو اڳ ۾ ظاهر ٿيا. جيڪي 15 نومبر ڏاري سنجهي ۾ وڌيڪ اولهہ ڏانهن لڙيا. 28 ڊسمبر تي وڏو چٽو تارو ڳاڙهيرڙي کان جڻ بہ فوٽ اڳتي اولهہ طرف وڌي ويو حالانڪ گهٽو پوئتي هو.

1970ع جنوري مهيني جي 15— 17تاريخن ۾ پوبان ايندڙ چٽو تارو اڳيان ويندڙ ننڍي تاري کان اڳتي نڪري ويو. هن وقت (جنوري 20) ٻئي لاڙو آهن.

1988ع آڪٽوبر کان وٺي سنجهي ۾ بہ تارا هڪ ٻئي پوبان وڏي وٿي تي اپرندين افق تان مٿي چڙهيا، هڪ وڏو چٽو ۽ ان جي پوبان بيو ننڍو. مهيني ڏيڍ تائين، بيا ڪي اهڙا چٽا تارا آسمان جي ڏکڻ- اوبر پاڳي ۾ ڪين هئا جڏهن ٻئي مٿي چڙهي آيا تہ ٻنهي جي وچ ۾ وڏي وٿي تي وٺي پوءِ پوبان ڪٽي ۽ تيزو نروار ٿيا. 4 مارچ 1988ع تي ٻئي تارا اولهہ طرف لڙيل هئا پر ٻنهي جي وچ ۾ وٿي گهٽجي وئي. معلوم ٿيو تہ پوبون ننڍو تارو تڪڙو وڌيو ۽ 5 تاريخ تي ڏٺم تہ ذري گهٽ اچي آڏو وڏي تاري جي برابر تي بيٺو هو. 6 تاريخ تي بالڪل برابري ۾ اچي ويو ۽ 8 تاريخ تي وڏي کان اڳتي وڌيل نظر آيو جو وڏي تاري جي هيٺيان ڏکڻان اڳتي وڌي ويو. 8 کان 11مارچ تائين نظري گمان موجب، جڻ 6 فوٽ کن اڳتي وڌي ويو 6 اپريل کان پوءِ ننڍڙو تارو هيٺ ٿيندو لهي ويو باقي وڏو تارو جيڪو سانجهي تارو تي ويو هو سو 16 اپريل ڏاري لٿو.

1991ع ۾ ٽيڙو مئي جي مهيني ۾ گهٽو لڙي لهڻ وارا ٿيا: انهن جي پوبان هڪ وڏو روشن تارو مئي جي مهيني ۾ اولهہ طرف سوا پهر تي بيٺو " جون جي 10 تاريخ بعد اهو سانجهي کان پوءِ 8بجي ڏاري جهيٽو جهڪو ٿيو آهي انهي چٽي تاري جي پوبان بيو ننڍو تارو جيڪو مئي ۾ گهٽو پوئتي هو سو

جون ۾ وڏي 18 جون تي اچي وڏي تاريخ جي هيٺيان ڏکڻ طرف هڪ ڪاني جي وٽي تي بيٺو ۽ 18جون تي اهو وڏي تاري ڪان وڏي اڳتي ٿيو آهي. "

سپيٽمبر 1992ع ۾ آسمان جي اوڀر- ڏاکڻي پاڳي ۾ سنجهي ۾ ٻه تارا مٿي چڙهيا. هڪ وڏو چٽو ۽ ٻيو ننڍو. وڏو چٽو اڳتي هو ۽ ننڍو ان ڪان پوئتي، پر 2 آڪٽوبر تي ڏنم ته ننڍو پوبان اڳتي وڏي آيو هو پوءِ ائين وڏندو آيو تان جو آڪٽوبر جي آخر ۾ اچي وڏي تاري جي (اتر طرفان) پر ۾ بيٺو ۽ نومبر ۾ وڏي ڪان گهڻو اڳتي وڏي ويو پر اچا آسمان جي ڏکڻ- اوير پاڳي ۾ هو. ڊسمبر ۾ ڏکڻ- اولهه پاڳي ۾ وڏي ويو. 26جنوري تي ڏنم ته اتر اولهه پاڳي ۾ وڃي پهتو. فيبروري ۽ شروع مارچ ۾ مون جانچ ڪانه ڪئي پر 31 مارچ تي ڏنم ته پوئتي وارو وڏو چٽو تارو توڙي اڳتي وڌندڙ ننڍو تارو ٻئي ڪين هئا. وڏو چٽو تارو مٿي چڙهڻ بدران پوئتي اوير-ڏکڻ هيٺ ٿيندو لهي ويو.

اسان جي ڄاڻ ۾ علم ۾ اضافو

اي سڄڻ! سنڌ جي آسمان کي جانچڻ ۽ تارن نکتن کي نهارڻ سان اسان جي دلي خوشيءَ سان گڏ اسان جي علم ۽ ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ٿو. افسوس جو چنڊن تارن سان سينگاريل آسمان ڏانهن جيڪو ايڏو وڏو ۽ سهڻو آهي، اسان مان ڪي ٿورا نهارين ٿا. اي سياڻا سنڌ جي آسمان ۽ ان جي چنڊ تارن ۽ نکتن بابت جيڪي مون پنهنجي تجربي جي بنياد تي لکيو آهي، تنهن ۾ پل ٿي سگهي ٿي انهي ڪري ضروري آهي ته تون پاڻ پنهنجي شوق سان تارن نکتن کي نهار ۽ حقيقتون معلوم ڪر. البت هن ڪشالي ۾ سنڌ جي سڄاڻن ۽ سگهڙن ڪان مون جيڪو چوٽيون، پهاڪا يا بيت ٻڌا ۽ لکيا آهن سي سنڌ جي اهڙين ڪڙمين جي روايت ۽ ذهانت تي شاهد آهن ۽ ان سان گڏ سنڌي علم ادب جو قيمتي سرمايو آهن. آءٌ پاڻ هڪ علمي ادبي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي آسمان کي ڏسڻ لڳس ۽ ذري گهٽ چاليهن سالن تائين ڏسندو رهيو آهيان. جڏهن شاهه جي رسالي ۾ سر مول راڻي جو هيٺيون بيت پڙهيم ته ڪتين ۽ ٽيڙو کي جانچڻ جو خيال آيو ته آءٌ پاڻ ڏسان ۽ سمجهان ته ڪڏهن ٽا ٽيڙو ايا ٿين (ڪاپار تي اچن) ۽ ڪتيون ڪر موڙين(لڙن).

ڪتين ڪر موڙيا، ٽيڙو ايا ٿيئي
راڻو رات نه آئيو ويل ٽري ويئي
ڪُوءِ سا ڪاٽي راتڙي جا پرين ري پيئي.

مونکي ڏنءِ ڏيئي، وچي ڍؤليو ڍٽ قراربو.

ڪتين ۽ تيڙن جي مٿي چڙهڻ ۽ لڙڻ وارو اهو لقاءُ ڊسمبر مهيني جي آخر ۾ ٿيندو جڏهن تيڙو ڪاپار تي ايندا ۽ ڪتيون لڙي وينديون. پر اي سياڻا! ڪن بين بہ شاهہ صاحب جي بيتن جو نقل ڪندي بيت چيا جيڪي پوءِ فقيرن پنهنجي گڏ ڪيل رسالن ۾ لکيا پر اهي صحيح ناهن. مثلاً هيٺيون بيت:

ڪتيون ڪاپار آئيون لڏا وٺا لڙي
موٽ مٿيءَ جا ولها چانگي تي چڙهي
راٽي ڪاڻ رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

سنڌ جي آسمان کي جانچڻ سان معلوم ٿيو تہ ڪتيون اڳ ۾ پوءِ تيڙو ۽ پوءِ لڏا هڪ ٻئي پٺيان ٿا ايرن ۽ مٿي اچن ۽ لڙن. انهيءَ ڪري ڪتيون جڏهن ڪاپار تي هونديون تڏهن تيڙو پٺيان (اوير طرف) هوندا ۽ لڏا اجا بہ پٺيان هوندا: تہ پوءِ اهي ڪتين کان اڳ ۾ ڪيئن لڙندا! پر بيت ۾ هن غلطيءَ جي خبر ان کي پوندي جنهن نڪت نهاريا هوندا. البت مون کي هاڻي هڪ خيال آيو آهي تہ اصل بيت شايد هن طرح هجي:

ڪتيون ڪاپارا ويون، لڏا وٺا لڙي
موٽ مٿي جا ولها چانگي تي چڙهي
راٽي ڪارڻ رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

معنيٰ ڪتيون تہ ڪاپار کان ويون، يعني گهڻو لڙي ويون، پر لڏا (جيڪي پوئتي هئا) سي بہ لڙي ويا. جنهن لکندڙ پهريائين اهو بيت اتاريو سو ”ڪاپار ويون“ کي سمجهي نہ سگهيو ۽ پنهنجي عقل موجب ان کي درست ڪرڻ خاطر ”ڪاپار آئيون“ ڪري لکيائين.

مٿئين مطالعي مان هڪ ٻي ڳالهہ بہ اسان کي معلوم ٿي تہ تيڙو کي ’هرڻ‘ بہ چئبو آهي. انهيءَ حقيقت معلوم ڪرڻ بعد شاهہ صاحب جي هيٺئين بيت جي معنيٰ بہ سمجهہ آئي:

جٿن سي هرڻ هُماء، سرگردان سنسار ۾،
هو پير نہ ڏئي پٽئين، هو ڏر سر ڏري نہ ساهہ.

يعني هرڻ (تيڙو) ۽ هماءِ (خيالي پکي) ٻئي هن سنسار ۾ مٿي پيا ڦرن: نڪو هرڻ (تيڙو) هيٺ زمين تي لهي ۽ نڪو هماءِ پکي ڪڏهن ڌرتي تي لهي ۽ مري، ڏند ڪٿا موجب هماءِ ايترو تہ مٿي پيو اڏامي جو جڏهن آنا لاهي

تو تہ اهي زمين تي ڪرڻ ڪان اڳ وچ تي ڦٽن ٿا ۽ ٻچا وري مٿي اڏامي وڃن ٿا.

تارن نڪتن جي اڀرڻ، مٿي چڙهن ۽ لهڻ جي ڄاڻ سان اسان کي شاهہ صاحب جا اهي بيت سمجهہ ۾ آيا. ان ڪان سواءِ اسان جي ڄاڻ ۾ ٻيا هيٺيان اضافا ٿيا:

- صبح وارو تارو هڪ ناهي پر هڪ ڪان وڌيڪ آهن.
- سانجهي تارو بہ هڪ ناهي هڪ ڪان وڌيڪ هن.
- هڪڙا تارا هڪ جاءِ قائم آهن ۽ ٻيا هلندڙ آهن ۽ قائم تارن ڪان اڳتي وڌي وڃن ٿا.
- ساڳيا تارا هر سال ساڳئي وقت ساڳي جاءِ تي نظر نٿا اچن.
- ڇهہ مهينا ڪن هڪڙا تارا ۽ نکٽ آسمان ۾ نظر ايندا ۽ ٻيا ڇهہ مهينا ٻيا تارا ۽ نکٽ نظر ايندا.

پر اهي اهڃاڻ بہ وڌيڪ غور طلب آهن. اچا هڪ ڳالهہ ٻي تہ اهي تارا ۽ نکٽ جيڪي اوڀر طرفان اڀرن ٿا ۽ آسمان لتاڙي اولهہ طرف لهن ٿا، تن کي جي تون هڪ سال تائين جانچيندين تہ توکي اهي بہ پيرا سولائي سان نظر ايندا. هڪ سانجهيءَ جو ٻيو صبح جو. جنهن مان معلوم ٿيندو تہ اهي سال ۾ بہ پيرا تنهنجي مٿان لنگهن ٿا هڪ پيرو ڏينهن جو مٿان لنگهيا ۽ سانجهيءَ وقت نظر آيا ۽ ٻيو پيرو رات جو لنگهيا ۽ فجر جو نظر آيا.

# چنڊ: زمين ۽ آسمان جو سينگار

سج زمين ۽ آسمان جو سردار آهي ۽ چنڊ ٻنهي جو سينگار آهي. عيد جو چنڊ انسان جي بي انتها سونهن ۽ جمال جو مثال آهي، پر شاهه عبداللطيف چيو ته محبوب جو حسن بي مثال آهي. چنڊ جي صورت ڪان وڏيڪ سهڻو آهي، چنڊ کي چيائين ته:

ڀ اکيون ٽيون نڪ، تو ۾ ناهه پيشاني پرينءَ جي.

سج جي ايرڻ لهڻ سان، ڏينهن جي پهر، ٻن پهرن، ٽن پهرن گذرڻ واري وقت جي خبر پوي ٿي. چنڊ جي ايرڻ لهڻ سان هر رات جي وقت گذرڻ توڙي مهيني جي راتين جي گذرڻ جي خبر پوي ٿي. اهو بيان هيٺ ايندو. ان کان اڳ چنڊ بابت ڪي انوکيون ڳالهيون:

- سج توڙي چنڊ، الهندي طرف (ٿورو اتر تي، وچ تي، يا ٿورو ڏکڻ تي)، ٿوري ٿوري فرق سان جدا جدا جاين تي لهن ٿا. سياڻن جو چوڻ ته: چنڊ ۽ سج جڏهن اولهه طرف ساڳي جاءِ تي لهندا ته جڻ مينهن جي مند آئي. اهو آکاڙ جو مينهن(جون-جولاءِ) هوندو. چوندا: آکاڙ جو چنڊ سج واري جاءِ تي لهندو.
- وڇونءَ جو نکٽ چنڊ ۾ هجي(قمر در عقرب) ته سنڌيءَ ۾ ان کي موڙ چئبو اهي سال جي هر مهيني ۾ ادائي ڏينهن، پر ساڳيا نه جد جدا. وهمن وسوسن وارا موڙ ۾ ڪو نئون ڪم شروع نه ڪندا.

راقم هڪ پيرو ڏٺو ته مهيني جي پهرين تاريخن ۾ شام جو جڏهن چنڊ الهندي هو ته ان جا سڱ ايا يا ٿورو اتر تي لڙيل:پر ٻئي هڪ مهيني ۾ ڏکڻ-اوير تي ڪنداءَتا. مهيني جي پوين تاريخن ۾ صبح جو سڱ اولهه طرف لڙيل-جمادي الاول سنه 1413ع، بلوچستان جي تعلقي اوستہ محمد ۾، کير ٿر واهه جي اولهه طرف هڻاسين جو ڏٺم ته سانجهيءَ وقت اولهه طرف چنڊ ۽ چٽو تارو ائين نهي بيٺل نظر آيا جيئن جهنڊي تي چنڊ، تارو نهيل.

- هر قمري مهيني ۾ چوڏهين جو چنڊ فقط هڪ، پر ايڪٽيهن ڏينهن واري

ڪنهن انگريزي مهيني ۾ ٻه چوڏهيون ٻه ٿينديون. يعني چوڏهين جو چنڊ ٻه ڀيرا ڏسبو. ان کي نيرو چنڊ(Blue moon) چوندا آهن. مثلاً 2 تاريخ آڪٽوبر تي چوڏهين جو چنڊ ٿيو ۽ اهو قمري مهينو جيڪڏهن اوڻٽيهو هوندو ته 31آڪٽوبر تي ٻه چوڏهين جو چنڊ ٿيندو.

چنڊ جو سڀ کان وڏو ڪارج اهو جو چنڊ کي ڏسي رات جو وقت سڃاڻي سگهبو ۽ پڻ اندازو لڳائي سگهبو ته مهيني جي ڪهڙي تاريخ آهي. سنڌ جي سڃاڻن. پهرين تاريخ کان وٺي 28تاريخ تائين چنڊ جون اناويهه منزلون ڳڻيون ۽ چنڊ هر رات منزل ۾ هوندو. آسمان ۾ هوندو. البته جيڪڏهن اوڻٽيهو مهينو هوندو ته چنڊ اناويهين رات غائب ٿيندو ۽ جي مهينو ٽيهو هوندو ته چنڊ اوڻٽيهين رات غائب ٿيندو(يعني آسمان ۾ نظر نه ايندو).

اي سڃاڻاڃاڻ ته چنڊ سنڌ جي هارين، مالدارن ۽ ڳوناڻن لاءِ هڪ وڏو گهڙيال آهي. سنڌ جي سڃاڻن صدين کان وٺي چنڊ جي اڀرڻ لهڻ سان تخيمني طور رات جو وقت پئي معلوم ڪيو آهي ۽ پڻ مهيني جي راتين جو اندازو لڳايو آهي ته ڪيتريون گذريون ۽ ڪيتريون باقي رهيون اهو حساب هن طرح لڳايائون.

- مهيني جا ٻه ڀاڱا ڪيائون:1 کان 14تائين پهريون چوڏهن راتيون ۽ 15کان 28 تائين پوئيون چوڏهن راتيون. اهي اناويهه راتيون چنڊ آسمان ۾ نظر ايندو.

چوندا: پهرين تاريخ جو چنڊ لٿو ته رات جي هڪ پتي گذري، ٻي تاريخ جو لٿو ته رات جون ٻه پتيون گذريون. اهڙي طرح ستين جو لٿو ته رات جون ست پتيون گذريون. يعني رات جو اڌ گذري ويو. آڌي تي وئي. چوڏهين جو چنڊ سانجهيءَ جو اڀرندو صبح جو لهندو يعني ته رات جون چوڏهين پتيون گذريون ته سڄي رات پوري ٿي.

- چوڏهين تاريخ کان پوءِ 15 جو چنڊ اڀريو ته چوندا: رات جي هڪ پتي گذري وئي، 16جو اڀريو نه. رات جون ٻه پتيون گذريون. 21جو اڀريو ته رات جو ست پتيون گذريون اناويهين جو چنڊبر صبح ٽاڻي اڀرندو يعني رات جون 14پتيون گذريون(سڄي رات گذري وئي) اهي بنيادي تخيمنا ڏيان ۾ رکبا ته ڪنهن به رات چنڊ کي ڏسي اندازو لڳائي سگهبو ته ڪيترو وقت گذريو آهي. مثلاً 3 _تاريخ جو چنڊ اجا ڪو نه لٿو آهي ته چوندا:

اجا رات تي پتيون بہ ڪا نہ گذري آهي. ستين تاريخ تي چوندا: اج رات چنڊ آڏيءَ جو لهندو: چوندا: چنڊ لهي پيو آڏي تي وئي آهي چوڏهين جو چنڊ اڀريو تہ چوندا تہ رات جي هڪ پتي گذري وئي: چنڊ مٿي چڙهي ٻن پهرن تي آيو تہ چوندا: اڌ رات تي وئي. 21تاريخ چوندا: چنڊ اڀريو آهي ۽ اڌ رات گذري وئي! آڏي تي وئي!

# وياسي وينجهار

## بنگـــــل فقير پيو

تعلقي ڪشمور جو ميرپورماٿيلي جي اترين حد جي سامهون ڪاپاٽي جي سر مان نصيحت جا بيت چيائين جنهن ۾ ڪتڻ جا اصلاحات آندل آهن.

1 تن تنيو توبهہ ڪري، ڦولائج نہ ڦورو
امهيل هو اڳ جو ڪيئن ٽئي ڪورو
پيلي جو پيو چوي پيچي نہ چڏ پورو
رب ڪري ٿورو تہ پراٽا پنهنجا ٿين.

2_تن تنيو توبهہ ڪري، پنجئي ڪتيون پانديون
اٿي اسر ويل جو ويهو نہ وانديون
ڪيو برهہ جي بات بنگل چوي، رسائي رانديون
سي ڪيئن منهن مانديون، جي وڳا ڪتين ورجا.

3_ تن تنيو توبهہ ڪري، پانديون ڪتج ٽيهہ
لاهي لحم لڱن تان، بنگل چوي بيهہ
پوءِ پاڳي پائي ٿيءُ، ورساڻ وڳن ۾.

هنن بيتن ۾ لغت آهي، 1 ڦولائج نہ اکلي پڏرو نہ ڪج. امهيل_امايل، اڳ ۾ استعمال ڪيل، ڪورو ٿانءُ امائبو آهي، پاٽيءَ سان ڌوئي صاف پاڪ ڪبو آهي. پيلو_آويءَ ۾ پوري طرح نہ پڪل. پيچي چڏ پورو_ آسرو لاهي چڏ 2 پانديون ڪتڻ_ پاندين جي پورائي لاءِ سٽ ڪتڻ، ڪپڙي جون پانديون_چيڙي وارا پاند. رسائي_ رچائي مچائي.

## _پيروز رجيرو

تعلقي ميرپور ساڪري جو رجيرو ڪملتي، 19هين صدي جي آخر ۾

تي گذريو. ڪلمتين مان پيروز نالي تي شاعر ٿيا: پيروز لاڪاٽي، پيروز ٻبراٽي ۽ پيروز رجيرو جنهن مارئي جا بيت چيا:

1 ـ مارن مون کي سانديون، ڪوري مٿي ڪير
ظلم جيئندو ڪينڪي، هاجو ڪيوءِ همير
ڪڍبندياٽي بند مان، جنهن کي نيهر وڏاءِ نير
ٽئڙم ساهه سڌير، ته وڃي وڙڪان ويڙ ۾.

2ـ وڃي وڙڪان ويڙ ۾ گهمي ڏسان گهر
پلئه لڳان پرينءَ جي، واڳي جنهن جي ور
پسان شال پيروز چئي، ٿاڏيليون ۽ ٿر
اهائي عمر، آهي مصلحت منهنجي من ۾.

3ـ مصلحت منهنجي من ۾ شل پير پڄائي
ڏٿ چوندبينديس ڏيهه ۾ آءٔ جيڏيون جتائي:
ڪانبا پريو ڪلهن تان للر جا لاهي
اهوئي آهي، ساڱ اسان جو سومرا.

4ـ ساڱ اسان جو سومرا ڪرڙ ڪانڊيرا
پهون پهريون پٽن تي گهميو چرن گاهه
تن ونيهن ويڙهچن کي تو سڪي منهنجو ساهه
اهو حرف حسابا، صحي ڏيندين سومرا.

5ـ صحي ڏيدين سومرا، تو کي آءٔ تي چوان ائين:
واءٔ لڳا، وهند وربا، مارن ونا مينهن
ات بہ چونديس ائين، تہ هٿا مون تي هٿ همير جا.

1ـ ڪوري مٿي ـ رڳو صاف ڪير تي، 2 وڙڪان ـ گهمان ڦران 3 جيڏيون جتائي ـ جيڏين کي جتائي، ٻولائي، 5 مون تي هٿ ـ ٻاجهہ جا هٿ.

ـ شريف تنيو

ٻاڳ ناڙي جو 20 هين صدي جي شروع ۾ تي گذريو. مومل ـ راڻي جو قصو

جوڙيائين جنهن ۾ هڪ سئو پنجاهه بيت هئا. جيڪي حيري پر ڳڙي ڪي ياد هئا جنهن کان سگهڙ محمد نواز جوڻيجو(تعلقو مير و خان) سکيو:

اڻ ترڻ اور عجيب جي، تن اندر منجهه تار
ڏٺي وري ڏينهن ٿيا، دلبر جي ديدار
جن جي اٿم تانگهه تنيو چوي، مون ڪي ڏاتر سي ڏيکاري
جڏهن ملندم جانب جمعي وار، تڏهن سئو پيرو صدق ٿيان.

## -گوهر شاهه

18اپريل 1955ع تي صابو فقير ملاح وٽ ڏتي جي مياڻي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ سگهڙ محمد بخش چانديي(ويٺل پاٽ ضلعي دادو) چيو ته گوهر شاهه ڪاريجن جو. لڳ متياڻي، ننڍي عمر جو سگهڙ آهي.

ڪرڙ ڪڪوريا، ڪندا موريا، تهڪن پيا توهه
ڪرڙ ڪڪوريا، ڪندا موريا، ڀهڪن پٽين ٻوهه
مارن ساڻ ملير ۾ ات راضي ٿيم روح
بينا مرٽ ملير ۾ ڦٽي ڪري ڦوهه
ڏسن گوهر شاهه، گلزار ڏي جهانگي وجهي جوهه
ساون ڪئي سونهه، جَهلي گل جُهلي وِئا.

## -ميوو

19 هين صدي ۾ تي گذريو. خليفي محمود نظاماڻي جي سلسلي جي هڪ بياض ۾ ميوي جو سنيگار جو هيٺيون بيت لکيل مليو.

ناز منجهارا نڱئو ڏر سر پير ڏري
قمر چوندبُ ڪريم کي ڪُر مشنون ڪري
پريون پسڻ آئيون حورون هار ڪري
مڙيئي ميوو چوي، منهنجي جانب جي نه جري
پئو پڙلاءُ پري، ملڪن تي محبوب جو.

## • ڪالو فقير پناڻ

جميس آباد جو رهندڙ هو. 1935ع ڌاري گذاري ويو. 'سچار' تخلص هوس.

پيدا ڪر ڪو پاڻ ۾ ڪاهوڙي خلوص
توحيدي تحليل جا جوڳي ڪڍ جلوس
آهي انهيءَ ڳالهه ۾ نانگا تو ناموس

مدامي مانوس، سچار رهه ستگُر سان.

---

نِرتِي ساڻ نهار سُري ڪرڻ تون ساڻ
پارس آهين پاڻ، ساميئڙا سچار چئي.

---

جئن ڪورا ڪنير ٿانوَ تئن سامي سيئي صاف
ڪعبو قلب ڪاپڙين تن ڪي ڪر طواف
نفي ۽ اثبات مان ماٽيائون مناف
تن سامين تان سچار چئي، موت ٿيئڙو معاف
غمن جو غلاف، اوڍي آسودا ٿيا.

## • محمد براهماڻي

محمد پٽ احمد پاڙو براهماڻي جت بلوچ. وينل گولو فقير، تعلقو جوهي 1930ع کان اڳ اسي سالن جي عمر ۾ گذاري ويو.

هاري ڪاڻ هميشه سمجهئون سانوڻ جن
ٻج وجهن ٿا ٻنيءَ ۾، وٽجيو روز وٺن
هڪ پوکن ماڻڪ موتي، هڪ ميڙن اڪن پن
سؤدو سوتڙ ڪجان، آهين ضامن ضعيفن.
ڳورا بار براهماڻي چئي ڪير ڪٽندو ڪن
ڪلمون روز پڙهن، جن ڪي سڪ سيد جي.

## • اسماعيل

دادو ۾ جوهي طرف جو، آڳاٽو ٿي گذريو. ان وقت ٻيو شاعر اسحاق هو جنهن اسماعيل جي بيتن جا جواب ڏنا.

ڪرڳل ڪاهه ڪنن تي رنگ لوهيڙي لس
تڙڳن ٿيون تالور ۾ هيرا پايو هس
ڪتوري خوشبوءِ جا درس اڏاٽا دس
اصل جو اسماعيل چئي ڏينهن اهو ئي ڏس
اها پسئو وس، تي ڪاهي ائين ڪاڪ تي.

اسحاق

ڪاهي ايئن ڪاڪ تي، جڏ پيلا ڏنئي پاڻ
عقل جو اسحاق چئي جت وڃايئي جاڻ
جان اگهائين ها اڳين کي، جان مرين ها پاڻ
هاڻ سور وٺيو تو ساڻ، موٽيو وڃين مينڌار.

مصري

مصري جمالي، ٺاري فقير جمالي جي ڳوٺ جو(تعلقو جوهي). 1930ع کان اڳ تي گذريو محبت ۽ مجاز جا بيت چيائين:

گڏ هجان گلابي سان پلڪ نه ٽيان پري
ڀڄڻ بنا ٻروچ چئي منهنجي ساعت نٿي سري
گهٽو پليان پاڻ کي پر منهنجي ٽڪ نٿي ٽري
دل سڙي دونهان ٿيا، هنيون ٻڇ ٻري
وڃي حوالي ٿيان هوت جي ٻه تي پير پري
اهو قادر ڏينهن ڪري، من منجهان مصري چئي.

فتح ڪوراڙي

فتح ڪوراڙيو شايد ضلعي ٺٽي جو ويهين صدي جي شروع ۾ تي گذريو. هيٺيون بيت سهٽي جي قصي جي حوالي سان چيائين جو سهٽي چئن يارن جي ٻچايل ڪير جي سرڪي پيتي هئي.

سوني رڱ سونهٽي، سونو ڪيائين سينگار
سونو گهڙو گهيڙ تي، سونو حيرت هار
سونو مڪنو(علي ڦل)سينڌ تي، سونو ترهو تار
سونو مير محمد مصطفيٰ، سونا چارئي يار
ٽيو فضل فتح چئي، پيئي سوني پار
جنهنجو اهڙو محب ميهار سا وڃي اکتي ڪن ڪوراڙي چئي

صديق سهتو

'صديق سهتو کاري چاڻ جو 1945ع ڌاري گذاري ويو.

– دل جو دلبر هيڪڙو سالڪ يار سچو
ڏئي دلاسا دل کي اوکيءَ ويل اچو
تنهن پارس جي پريت مان وڃي روح رچو

سئو ورهين سهتو چئي، ان جو ٽئي نہ قول ڪچو
سي لهندا ڪيئن لچو جن جو پاڙو پارسن سين.
- لڏي ويا ڇڏي، ڪري آتڻ اولاٽو
پيڙي دل پرزا ڪري، ويا گهمائي گهاٽو
تن سڄڻن لاءِ صديق چئي، منهنجو ارواح اوڏاٽو
عاشقن اولاٽو پل سدا هوءِ سهاڳ جو.

## -ڪلوئي

شاعر ڪلوئي(بلوچ) ميرپور ساڪري تعلقي جي شهر ٻهارن ڪان اولهہ طرف ڪڳاڻ ۾ وينل هو 19 هين صدي جي آخر ۽ 20 هين صدي جي شروع ۾ ٿي گذريو.

چنڊ ڏنو رمضان جو ٿا عالم عيدون ڪن
ماڙهوءَ مٿي مامرا ٻہ ٿي ٿول ٻجهن:
هڪ ناچاقائي نادان ڪري الوڙي عضون
ڪ هوندا هٿن حاڪم جي، ڪ آين پنڌ پيرن
پيٽ پري پرديس ۾ متان وساري ويهن
ڪرا ڪنيا، ناڙ پيليا، اچا پرين اچن
واعدا ڪيو وڃن، سي موٽيا ڪ مشڪل جهليا!

## -ڪنيار

ميرپورساڪري تعلقي ۾ شايد وينل ليٿ جو. 19هين صدي جي وچ ڏاري گذاري ويو

وٺا مينهن، وس ٿي، ٿي تازا ٿي تلن
مارو چاهہ(جهڻ)ملير ۾ جهڄينيدي جهلن
ڪونئرين جا ڪنيار چئي، چڳا ات چلن
وٺنديس اوس ولين جو ڦري منجهہ ڦلن
پيرون پاور پار جا ٽانگن منجهہ ٽلن
ڪسجي مان ڪرن، هي جي ڪڙا ڪراين ۾.

## -لوهار

شاعر لوهار معلوم نہ ٿي سگهيو تہ ڪٿي جو 1930ع ڪان اڳ ٿي گذريو.

عمر اوٺي آئيو مليران ماڻهو
پارڪر پچي پيو ڏيهه ۾ ڏاڏاڻو
لوئيءَ جو لوهار چئي آهي پلئه پيراڻو
عمر اماڻون، ثابت ڏجن سومرا.

(اماڻون يعني امانتون)

**-موسو پوو**

موسو پٽ موتيو پوو بروچ ڪلمتي، تعلقو ميرپور ساڪرو، 1925ڌاري ست پنجهٺ سالن جي عمر ۾ گذاري ويو.

پڪي ڪري ڪاپر، چوٽو چڙدين ڪيترو
ڏيهه تنهنجو ڏاڏڻو آهي بيباڻو بر
متان وسارين موسو چوي، تون دوساڻو در
ٿو سڪيو پانئين سر، پر آيئه ڏينهن ڏام جا.

اڄ پڙ اتر پار ڏي ڪنوڻ ٿي ڪيلي
ڏسان جان ٻڪرال ۾ ته رائو ٿي ريلي
آين مند ميلي، مينهن جي موسو چوي
(ٻڪرال ڪنوڻ اتر- اوير جي ڪنڊ تي ٿيندي ۽ مينهن آڻيندي، رائو ٿي ريلي- سڪن پٽن تي پاڻي ٿي پلٽي)

ڪلي گڏيم خواب ۾، جن جي سدا هيم سڪ،
ڪنان عام اٿي ويا لوڪان ڪري لڪ،
پيارينڊم پڪ، محبت جي موسو چوي

**-اسماعيل ٻڪيرو**

شاعر ٻڪيرو،ميرپور ساڪري تعلقي جي ٻڪيرن مان هو 1930ع ڪان اڳ ٿي گذريو.

مارئي

ساڻيهه ساعت نه وسري ٿي راتو ڏينهن رئان
عرض اباڻي پار ڏي، چينيو ٿي چوان
بندياڻي ٻڪيرو چئي مر ههڙي هال هئان

جيڏين جاد پوان، من ذت چوندبيندي ڏيهه ۾.

آءُ پانڌي ڪر ڳالهڙي، سوڌي سڌ سڻاءِ
هي حقيقت حال جي نيئي پنهوارن پهچاءَ
تہ بندياڻي بڪيرو چئي تي ونجهلي وطن لاءِ
جهجي جهانگيئڙن ري، مون جئن شل نہ ڪاءِ
مون من ملير ماءُ، ساڻيهہ ساعت نہ وسري
سسئي
اکين جي ڏنام، تہ ڪي وجن نڪري
بوتا بڪيرو چئي، ميا ماڳ جهليام
ائن ڪي اسماعيل چوءِ، ڳانا ڳل ٻڌام
توڙا تند هيام، هينئڙي جي هوتن سان.

## -ڳنيير

شاعر ڳنيير ڪيٽي بندر طرف جو ويٺل هو. 19 هين صدي ۾ تي گذريو سندس هينيان بيت بيان ۾ سلاست جي لحاظ سان معياري آهن ۽ ڪبير شاهہ جي بيتن جون سڪون ٿا لاهين.

1- ويندين تي وانڪا، اديون نہ ڪجن ايترا
ور ونئي وات تيا، بوتن تي بانڪا
سڌ منهنجي ساهہ جي، اديون ڙي آن ڪا
هيم، ڳالهہ ڳنيير چوءِ، جتن سين جان ڪا
ڪنديس وس وانڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.

2-ويندين تہ وانڪا، هاري نہ ڪجن هيترا
ان ٻڌي ٻوٽ پلاڻيا، بغدي اٺ بانڪا
تن لڪي ليڙن لڏيو جاڙ ڪري جان ڪا
توڏن سين تان ڪا، هيم ڳالهہ ڳنيير چوءِ.

## -قادر بخش

قادر بخش پٽ چوٽا خان سائينداداڻي، پوو ٻروچ. تعلقو ميرپور ساڪرو1956ع ۾ ٽيهن سالن جو جوان شاعر هو ۽ ان سال 20-آگسٽ تي

ڪيل ڪچهريءَ ۾ پنهنجا بيت ٻڌايائين جيڪي معياري معلوم ٿيا.

پنهون ڪهڙي پر، ٿي ساجن نيائون سرتيون
ائين ڪڙيون هيون خيال ۾ پتين ڏيو پر
مون ڪي نہ جاڳايائون جيڏيون، نڪي واريا ور
تن قريبن جي قادو چوي، سونهان شال سگر
هي گهوريو پانيان گهر، پرمان ڪين پنيور ۾.

(آئين= اوهين: واريان= اوهان واريو. پرمان= راضي ٿيان. ريجهان)

پنهون پنهون ڪندي پتن ۾ انهي هاڪ هلندياس
چپر جي چنن ۾ ونگا ور ڪندياس
چڏي پير پنهون جو ورچي نہ وهندياس
وَر ڪارڻ وَڙولون ڏونگر ۾ ڏيندياس
تن قريبن کي قادو چوي، پيش وجي پونديايس
نينهن نباهيندياس، ڪندي سڌ ساٿين کي.

## • پليجو

پليجو ضلعي ٺٽي جي ڪنهن ڳوٺ جو هو 19 هين صدي ۾ ٿي گذريو.

ڪامَ اُڏائي ڪانءُ کي متان سيگ سجي
پاٽان پرپايوس پليجو چوي، وهاريو تان مَر وجي
متان منٺ مجي، ڏئي سنيها سڄڻن جا.

## • صالح محمد شاھ

صالح محمد شاھ وجه ديني سيد، رهندڙ شاھ حسڻ اولياءَ (سندن ڏاڏو) وٺيجي کان اولهہ طرف، ضلعو ٺٽو، 1925ع ڌاري ستر ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

-پِني پني پوريي، ويا ساڻ سُنگن
وٺڙاڪن ولايتين، ڏاڍا ڏينهن لڳن
بيٺيون بگريون تني جون تا هوت منجهہ تڳن
انهين اهڃاڻن، وجي لاهوتي لال ٿيا.

-پني پني پوريي، ڪيائون تنبي منجهہ ڪٽا
وٺڙا ڪنهن ولات تي ، وينى ڏينهن ڳٽا

سامين ڪي سفر ۾ لڳا، ڏينهن گهڻا
صالح چئي سڻا، گڏجي مان گذاريان.

آخر ست ۾ سڻا معنيٰ، ساڻن.

### -هارون بگهياڙ

هارون پٽ موريو خان بگهياڙ ڳوٺ مريد خان، تعلقو ميرپور ساڪرو 12جنوري 1990ع تي حاجي محمد سوڍي بگهياڙ مرحوم جي دعوت تي ڪچهري ۾ پنهنجا بيت ٻڌايا.

-مجازيءَ مان مون، سوين سور پرائيا
ڪل پيم ڪا نہ ڪا تہ ڪو پيري هٽندو يون
اڳي هوس آسونهن، هاڻي سڌ پيم سور جي.

-مجازيءَ جو مٿ، عقل آهي، ڪو نڪو
ڪنين چاڙهي چوٽ تي، ڪن پؤنست هٽي پٽ
تون ويهہ وجي ان وٽ، جن جو ناتوئي نينهہ سان.

-تو ڪئي، توڪان پئي، پر توڪي ائين نہ جڳاءِ
هينئڙو منهنجوهارون چئي مرجوش منجهہ جلاءِ
هادي پيو هلاءِ باقي ناهي حال هلڻ جو.

### -محمد خان تالپر

محمد خان تالپور راجي خاناڻي جو 1930ع کان اڳ واري دؤر جو شاعر هو ۽ سندس ڪلام وڏي شوق سان ڳايا ويا.

سون چڏي ويو سيم، گڏيو ريهہ رواز جو
خريدار ڪتي وئا، ٿيا سونارا سقيم
جي ڪندڙ ڪم قديم، تن محمد متر ڪا چڏيا.

هن بيت ۾ محمد خان پنهنجي وقت جو نقسو چٽيو جڏهن انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪانپوءِ ولايت مان مال اچڻ سبب ملڪي پورهيت ۽ ڪسابي سقيم تي ويا. شاعريءَ جي لحاظ سان آخري سٽ فصيح ۽ بليغ آهي. واهہ واهہ!

# غازي فقير سيال

ڪي ماڻهو پنهنجن عادتن اطوارن، شوقن، ذوقن، ڳالهين ڳڻن ۾ خاص خوبين جي ڪري ٻين کان نوع ۾ نرالا ۽ هلت چلت ۾ يگانا هوندا آهن. غازي فقير سيال ڪي ٻه انهن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. سندس سوانح جا انوکا انگ رنگ هي ته:

-سنڌي چار درجا پڙهيو پر علم ۽ ڄاڻ ۾ ڪيئي درجا مٿانهون ٿيو.
-پرڻيو ته شادي واري رات ٻه نڪاح ڪيائين.
-پٽ جوڙا جوڙا ڪري وڏا ڪيائين.
-راڳ جي شوق ۾ گويو ٿي ڳيائين.
-حڪمت جي شوق ۾ حڪيم ٿيو.
-اوطاق ۾ هڪ طرف دواخانو ۽ اسپتال ٻئي طرف چلم ۽ ڪچهري.
-مسجد ۾ بانگون ۽ پنجئي وقت نماز.
-هڪ طرف راڳائي ته ٻئي طرف پيش امام.
-ڪڏهن ڏينهن جو وعظ ۽ مولود ته رات جو ڪافيون ۽ ڏڪڙ ڏمالون.
- وڏي عيال وارو ۽ وڏي خيال وارو.
- مسڪيني حال ۾ فقر ۽ استغناءِ واري بادشاهي ڪيائين.

غازي پٽ حاجي دائم سيال، پنهنجي سيالن جي ڳوٺ ۾ (لڳ رفيق مهيسر، تعلقو ڪنگري ضلعو خيرپور) 13 ربيع اولاول سنه 1340هه يا 1341هه ۾ ڄائو.

سنه1929 ۾ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ 1932ع تائين چار درجا پڙهيو. سنه 1938ع ۾ شهيد سورهيه بادشاهه پير پاڳاري صبغت الله شاهه کان ذڪر ورتائين ۽ مريد ٿيو. حسين فقير درس گمهه جي چوڪي جو مک هو ۽ دلدار فقير ڪوري، دودو فقير پٺهيار ۽ ٻيا وڏا فقير هئا، جن جي صحبت ۾ ذڪر وٺي فقير ٿيو. چيائين ته تپهري کان نماز کان پوءِ وارو وقت هو جو سورهيه بادشاهه اسان کي هن طرح سمجهايو:

-مرشد جي صورت ياد ڪري، يارهن دفعا قل پڙهي حضرت عبدالقادر

جيلاني کي ختمو چئي پوءِ ذڪر ڪريو.
-ذڪر سانجهي نماز کانپوءِ ۽ فجر جي نماز کان اڳ ۾ ڪريو. چار تسبيحون پڙهو: لاال الہ الا الله، لا الہ الا الله الله الله هو هو
ائين سمجهائي پوءِ دعا گهريائون.

1947ع ۾ غازي فقير، درگاهہ پير صاحب پاڳاري تي حڪيم فقير الله جتوئي وٽ حڪمت سکڻ وينو مولوي نور الله ۽ حڪيم فقير الله جتوئي ٻئي ڀائر (شاعر گهرام فقير جتوئي جي ڀائٽي شاعر بخش علي جا پٽ). وينل اصل ڪرڙي ڍِتو خان جتوئي، پوءِ اچي مهي مڪول ۾ 28سال رهيا جتي پڙهائيندا هئا ۽ حڪمت بہ ڪندا هئا. پوءِ اچي خيرپور تعلقي ۾ ڊانڊي ۾ ويٺا جتان لڏي اچي پير صاحب پاڳاري جي درگاهہ تي ويٺا جو اتي جا معتقد مريد هئا. حڪيم فقير الله جا پٽ حڪيم ميان ضياءالدين ۽ حيڪم ميان نظام الدين پوءِ لڏي وڃي لاڙڪاڻي(لاهوري محلي) ۾ ويٺا.

سگهڙ عبدالرحمان کان غازي فقير سيال جي ڳالهہ ٻڌي آءٌ 23 اپريل 1991ع تي وڃي ساٽس مليس ۽ جهڙو ٻڌم. تهڙو ڏٺم. داناءُ فهميدو وڏ-گڙدو، کلي کيڪاريندڙ ۽ آئي جي آڌر ڀاءُ ڪندڙ ان بعد ڏهہ سال ساٽس محبتون ۽ ڪچهريون رهيون سندس ڪي ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون.

-حڪمت ۽ علاج. چيائين تہ نبض شناسي. جي باري ۾ استاد سمجهايو تہ: نبض جا قسم آهن ۽ هر هڪ جا ٽي نمونا:تکي، متوسط(وچولي) ۽ ڍري. سڄي هٿ سان سڄي هٿ واري نبض ڏسبي ۽ کٻي سان کٻي هٿ واري نبض. ڏسڻ جو صحيح وقت صبح جڏهن مريض نيرانو هجي ۽ حڪيم بہ نيرانو هجي جو پيٽ تي بار نہ هوندس ۽ خوش هوندو. پهرين خبر ڇهڻ سان پوندي تہ جسم گرم آهي يا سرد. نبض ڏسڻ وقت پهريان شهد آڱر رکبي، پوءِ ٻي، ٽي ۽ چوٿين نبض ڏسڻ سان مريض جي جان ۽ بلغم ۽ سوادءِ جي خبر پوندي، حڪيم مريض ڏي نهاري بہ گهڻو حال معلوم ڪري وٺندو. سردي واري جا چپ سڪل ۽ منهن تي خشڪي، جگر جي خرابي واري جو رنگ پيلو خون جي بگاڙ واري کي ڦرڙيون.

-اطريفل يعني تہ ڦلي جي ترڪيب سمجهايائين تہ: آنورا، ٻيهڙا ۽ وڏي هريڙ مکيہ اجزاءِ آهن انهن کان سواءِ وزن مطابق ٻين شين جي ملاوتن سان جدا قسمن جا اطريفل ٺهندا يعني اطريفل ڪبير، اطريفل صغير، اطريفل زماني ۽ اطريفل مشمشي.

-پسارڪن وڪرن بابت چيائين ته:(الف) مٽي ڪاڻي، افغانستان- ايران کان اچي. استاد فقير الله چوندو هو ته ان ملڪ ۾ نانگ گهڻا آهن، انهي ڪري مٽي ڪاڻي جي ڪل لاهي پوءِ استعمال ڪجي ڪاري پراڻي فائدو نه ڏيندي، زرد رنگ واري فائديمند آهي. (ب) مڃٺ جي ڪاڻي سنڌ ۾ ڪا نه ٿئي ٻاهران اچي.

-راڳ راڳڻيون ۽ وڄٽ غازي فقير راڳ استاد محمد عمر مڱرئي کان سکيو جيڪو ٻه سال وٽس مهمان ٿي رهيو. ٻڌايائين ته ڪيئن ناڏي ڏنا جي وڄٽ تي پڪي راڳ جي گائڪي استاد سيڪاري. غازي فقير ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ سگهڙ عبدالرحمان وٽ ڪيل ڪچهرين ۾ واهه جو ڳايو. هڪ ڪچهري ۾ آءُ ڪيس ڪراچي ٽي وي تي وٺي ويس، جتي ڳايائين ۽ واهه جو ڳايائين.

-تالن بابت، ڏاڏري تارجا ترڪا(ڏن، ڏنا، تن، تنا) ٻڌايائين ته پريي مان ڪٽبو ۽ خالي تي ڇڏبو. تين تال توڙي ڪلوارو خالي مان ڪٽبو ۽ پريي تي اچبو.

-راڳين بابت چيائين ته سنڌي جوڳ ۽ مانجهه مارو ٽيون ۽ تلنگ وارا سر راڻي ۾ به اچن ٿا. چيائين ته حسيني راڳ رات جي پوئين پاڱي ۾ ڳائجي

-ڪافيون ڪلام:وڏن سالڪن جهڙوڪ پير سائين اصغر، عبدالله فقير ڪاتيار سچل سائين، فقير خيرمحمد سائين ۽ عثمان سانگي ۽ ٻين جون چوندڪافيون ڪيس ياد هيون، جيڪي پاڻ ڳايائين ڪي ڪافيون جيڪي ٿل يا مصراعن ۾ غلط ڳائبيون هيون ته ڪي پاڻ درست ڪري ڳايائين ٻولي توڙي معنيٰ جي ڪيس سمجهه هئي. مثال طور چيائين ته عام طرح سچل جي ڪلام جو ٿل ائين پيو پڙهجي ته:

شاهه ٿيو سيلاني، نه ڄاڻا ڪهڙي ڳالهه ڪئون.

پر هيٺ مصراعن مان اظهار آهي ته سچل ڪي اها ڄاڻ آهي انهي ڪري ٿل ۽ مصراعن هينئن طرح صحيح ڪري پڙهڻ گهرجن.

-ڪلام سچل:

ٿل: شاهه ٿيو سيلاني، سالڪ سمجهن ڳالهه انهي ڪي
1 صورت هن ڪي جوئي سڃاڻي، حائل هي حيراني
2 سوئي اندر سوئي ٻاهر، تو ڪير ٿئي قرباني
3 پول ڪنهين نه پلجو هر گز، عين اٿو انساني

4 پنهنجي ذات ڪيائين ظاهر ۽ جوڙ ڪري جسماني
5 سچل سر صحيح ڪري ڄاتو جان جسو سڀ جاني.

## ـ ڪلام عبدالله فقير ڪاتيار

عبدالله فقير ڪاتيار جو هيٺيون ڪلام، جيڪو قافيءَ جي هيئت ٻولي جي اهميت توڙي معنيٰ جي وسعت جي لحاظ سان يڪتا آهي ۽ جنهن جهڙو ڪو مثال نٿو ملي. غازي فقير سچو صحيح جهونگاري ٻڌايون مون سالن ڪان پئي پڇا ڪئي پر نہ ڪنهن کي اهو سچو ڪلام ياد هو ۽ نہ ڪنهن وٽ سيني مصراعن سميت لکيل هو.

ٽل: الک رمز عشاقن واري
عشق ٻاجهون ٻيو ڪير لکي ڪو.

1عشق اشارت، منجهہ ڪتابت
انڌي لکي، گونگي پڙهي فرمايت
هجي ڪوڪاٽو سرت سياٽو
ان ابت جو پير لکي ڪو

2ـ دنوي عقل ۾ نہ ڳالهہ اچڻ جي
چوان زبانئون تہ ناهہ چوڻ جي
پڙهيل هجن، چا دفتر کولن
ان ڪپيريءَ پير لکي ڪو

3ـ نازڪ نقطو هي نينهن وارو
شوق وارن کي روشن سارو
ڳجهڙي ڳجهارت، برهہ بشارت
ثابت ڪوئي سير لکي ڪو

4 ـ آهي عشاقن عقل ڪل
روز ميثاقئون مليو مسلسل
هي سر اونهون، ناهي نمونو
دانهہ درس دلير لکي ڪو

5 روز ميثاقي حق سان باقي
عشق سندن عبدالله ساقي
ڇاجي عالم، علم جا مالم
اهو چند چڱير لکي ڪو.

عبدالله فقير ڪاتيار جو ٻيو هيٺيون ڪلام به غازي فقير کان سچو صحيح مليو ۽ پڙ پاڙ ڳايائين.

ٽل: آهي جوڳين ڪي ڪل ڪاجا، آهي سامين ڪي ڪل ڪاجا
ڪن تا رمز صحي رام ريجهائڻ جي
1 من لہ المولیٰ فلہ الکل، اي ڏوڙا ورتائون ڏاجا
2 ويٺا پڙهن وفي انفسکم، طرف چڏيائون طمعاجا
3 ٻهون سي ٻنهي جهانن ڪئون، آديسي تيا آجا
4 عبدالله عجيب اهي ئي منهنجا، سامي سليم سڀاجها

مٿي مصرع۔ 3 واري خيال کان متاثر ٿي سچل چيو ته
ٻئي جهان چڏيو هو تا ٽئين جهان وچن

ٽئين جهان جي مراد غازي فقير " طالب المولیٰ مذڪر " ڪئي ٻيا به، طالب الدنيات مئونث " ۽ طالب العقبیٰ مخنث ". اصغر سائين، عبدالله فقير واري " آديسي تيا آجا " کان متاثر ٿي پنهنجي ڪلام ۾ چيو.

"ڪعبي وچن ڪيئن ڪاپڙي، جيڪي عام ڪئون آجا تيا."

غازي فقير ان رهاڻ ۾ عثمان فقير سانگي ۽ خير محمد سائين جا هيٺيان ڪلام جهونگاري ٻڌايا.

## ـ ڪلام عثمان فقير سانگي:

ٽل: گم تيوين وچ ذات، تڏهين صفات سڃاڻين
1 پهلون موج مجازي والي، پڇين حال حقيقت حالي
تيسئي آپ وچون اثبات، ٻئي ڪنهين طرف نه تاڻين
2 ذاتي دي وچ تيوين ذاتي، فڪر فناتين لاءِ دي ڪاتي
هووين هميشه حيات، آپ ڪون هر گز غير نه ڄاڻين
3 وادي وحدت وچ لڙهہ جاوين، قطره قلزم نال رلاوين
فرق ڳيا فرقات، وچ رلسي وچ پاڻي پاڻي
4 وحدت دا ڪل ڪارونيار اي، جنهن دا پار نہ ڪوئي اور ار اي
دن نهين جت رات، ناوت ڪائي پنڌ پڄاڻي
5 اهو عثمان نفي ڪر نالا، ظاهر باطن هي حق تعالیٰ
غيب لساني لات، وچونو ول آپڻا آپ نہ آڻين.

ٿل:بي رنگ برهہ بيان، اونهون بحر عشق جو آهي
1 جن ملڪ جي جاءِ نہ جاتي، تڪيو طالب ڪن تا تاتي
انهيءَ جوءِ جوان، ڪي ڪي ويندا قدم وڌائي
2 دعواداري مفت ڪئي جن، ترت تلذا حاصل ڪئي تن
ناقص اهي نادان، سفلا سڙيا سينون ساهي
3 گهيڙ انهيءَ ۾ گهڙن تا عاشق، توڪل ترهو ساڻ جني سڪ
سر ڏين سلطان، لاڳاپا سڀ لوڪ جا لاهي
4 بي رنگ جون جي سمجهن باتيون، گم غماز ۾ تن جون گهاتيون
مرد اهي مردان، ساري سڌ انهن کي آهي
5 بي رنگ جو آهي انت نہ ڪوئي، پاڻ سڃاڻي جاڻي سوئي
انهي کي عثمان، سالڪ، سمجهن، سٽرو ناهي.

## ـڪلام خير محمد فقير هسيباڻي:

ٿل: آيا عشق اسان وچ لاحدڪا
جاڻون هنر حساب نہ ابجدڪا
1 ڪنز ق دؤر ي منطق معنيٰ، ڪشف ڪرامت ڪوڙ بهانا
عشق پڙهايا الف يگانا، سر صحيح شهہ احمد ڪا
2 هرجا ذات ظهور ويکو اي حسن قبح سڀ نور ويکو
اي بجلي اي ڪوهہ طور ويکو ڪيا خيال خطر نيڪ ويدڪا
3 صورت معنيٰ سمجهہ سڃاڻين، جزما نقطي نينهن دي جاڻين
حرف هجي ڪو شڪ نہ آڻين، الف بيني ابرو مدڪا
4 خوش خير محمد حسن وٽيوسي، طالب تي تنهن طرف تڻيوسي
وحدت دا وچ ملڪ مٽيوسي اين سهڻي صورت دا صدقا.

## عقائده غازي فقير:

چيائين تہ مريد پاڳاري جو آهيان ۽ منهنجو مسلڪ الهہ واصحابہ
مون پنهنجو هي، عقائد نامو جوڙيو آهي جنهن کي دعا طور پڙهندو آهيان:

اول آخر هڪ الله باطن ظاهر حق الله
ذات احد قل هو الله صاحب رب سبحان الله
اول آخر هڪ الله

بحيد بالا بي نياز قدرت جنهن دي بي انداز
هر تون مخفي رکدا راز باري بيشڪ بي پرواهہ
اول آخر هڪ الله
سوئي سميع سوئي بصير سوئي حليم سوئي عليم
هادي حاڪم هر دم جهان دا سائين صانع مهر وماهہ
اول آخر هڪ الله
دانا بينا دائم قائم حاضر ناظر هر سو هرجا
رازق سڀ کون روزي ڏيندا آب و داڻا سنجهہ صباح
اول آخر هڪ الله
زيرو بالا سڀ تون اعليٰ تحت ثريٰ تائين فوق سماءِ
سڀ وچ وسدا سڀ ٿون وکرا شان جنهين دا شاهنشاهہ
او آخر هڪ الله
بعدا خدا دي بهتر برتر مير محمد سيد سرور
عزيز اعليٰ جنهن دا اڪثر ويکو وچ ڪلام الله
اول آخر هڪ الله
بعد نبي دي حيدر صفدر حسن وحسين ڏونيهن گل گوهر
پاڪ بتول رسول دي دختر پنجئي ميڏي پشت پناهہ
اول آخر هڪ الله
زين العابد باقر جعفر موسيٰ ڪاظم علي رضا
تقي نقي وعسکري حامي تائين مهدي شاهہ
اول آخر هڪ الله
آل نبي تون بعد صحابي اخي جنهان نون آکيان عربي
نال نبي دي صادق سچہ سي ني ساڏي مشعل راهہ
اول آخر هڪ الله
پير پيران دا پير جيلاني غوث الا اعظم گنج معاني
آل حسن دي نور نوراني هادي هي دم هي همراهہ
اول آخر هڪ الله
مرشيد ميڏا پير پڳارا عرشان تائين جنهن دا نارا
ڏونهين جهانين سر سهارا سورهيہ سائين صبغت الله
اول آخر هڪ الله

غازي بندا جي تون حق دا قلب زبان هووئي هميشا
لا الہ الا الله محمد رسول الله
اول آخر هڪ الله

غازي فقير جي هن منظوم عقائد۔ نامہ مان ظاهر آهي تہ هو فهم فڪر جو صاحب ۽ اعليٰ اديب هو. غازي فقير اسان ڪان سال ڪن اڳ جدا ٿي ويو.

# ظرافت ۽ خوش طبعي

- محمد فقير کٽياڻ جي ترغيب سان، نوجوان صاحبزادي مخدوم محمد زمان پنهنجو تخلص طالب المولىٰ ڪيو. ان ۾ اها ندرت جو دنيا جي شاعرن جي اختيار ڪيل تخلصن مان هي هڪ ڏکو تخلص هو. ان کان متاثر ٿي ڏنڙي جي نوجوان پير شاهنواز پنهنجو تخلص عارف المولىٰ ڪيو. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي پنهنجي ”ڪيئي ڪتاب“ ۾ لکيو ته اهي لقب ڏسي مون ڊاڪٽر نبي بخش کي عالم المولىٰ ۽ پاڻ کي پاڻ کي ”جاب المولىٰ“ جو تخلص ڏئي ڇڏيو آهي.
- سوراهه طرف(ضلعو خيرپور) 9سيپٽمبر 1999ع تي جاڙڪيءَ ۾ ڪچهري ڪندي ابن شاهه باقر شاهه ۽ بين جو ذڪر آيو جن جون اتي تربتون ۽ درگاهون آهن. پير مراد احمد خان نظاماڻي مون کي چيو ته سائين سيدن پٺي تڪرن ۾ تبيون هنيون.
- حضرت موسىٰ کان وٺي الله سائين جي پيارن الله سان ٻه حجتون پئي ڪيون آهن. سنڌ ۾ وتائي فقير جون ڪيل حجتون مشهور آهن. ڪن ٻين ٻه حجتون ڪيون ۽ ڪن پيا. جنوجي جي وڏير علي مراد پنيرو مون سان ملڪ جي بگڙيل حالت بيان ڪندي تڪڙو چئي ويو ته جڻ الله سائين جا ٻه ڦرڪا ڦري ويا آهن.
- ڳوٺ سجاول مهر ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ڪنهن ٻڌايو: ته اتي ڪنهن گڏهه کي پٺي تاٽيو ۽ ڪٽيو ته واهه تي رکيل ڪاٺيءَ تان لنگهي. ماڻهن ڏٺو ته گڏهه تي اڳ ئي لڏ آهي جيڪا ڳري آهي، ڪاٺيءَ تان ڪيئن لنگهندو! سو همراهه کي سمجهائڻ لڳا ۽ چيائون ته تورو اڳتي موري آهي اتان وجي ٽپاءِ. گڏهه ڪاٺيءَ تان ڪيئن لنگهندو ڇو پيو اجايو تاٽينس ۽ ڪٽينس! تڏهن چيائين ته اوهان جهڙن ماڻهن ته هن جو دماغ خراب ڪيو آهي.

نه ته ٽئي گڏهه ڪاٺي نه ٽپي!

- پاڪستان کان اڳ انگريزن جي دؤر ۾ ماڻهن کي هيسائڻ لاءِ صوبيدار وڏي طاقت وارا هئا. ڪن پاڻي تي خونائتا نالا رکيا. هيئيان نالا (1925ـ 1935واري دؤر ۾) مشهور هئا. ٿهار، گهاٽو ۽ مڇ پٽ.
- 1فيبروري 1994ع تي ڳوٺ سجاول مهر ۾ ڪچهري تي. چيائون ته عبيدالله مهر مختياڪار چوندو هو ته، صبح جو آءُ زهر آهيان، منجهند جو ٿهر آهيان، شام جو مهر آهيان.
- محمد فقير مسخرو هن ويجهي آخري دؤر ۾ مسخري ۾ پڄاڻي ڪري ويو. سندس وقت ۾ توڙي پوءِ بيو ڪو اهڙو ڪو نه ٿيو جو سنيجده اکر ڳالهائي ۽ کلائي ۽ سندس چرچن مان هڪ ڪافي جيڪا اصل ۾ هئي ته:

قبر تائين ڪندي وئي اباڻا اباڻا
فقيرن کي ڦيرائي ڳايو ته:

قبر تائين ڪندي وئي هنداڻا هنداڻا
ميها گهٽا ملڪ ۾ ونگا ڪين وڪاڻا.

چيائين ته: سائين مارئي کي ٿر جا هنداڻا ضرور ياد پيا هوندا.
- هڪ لائق ماڻهو مون کي ٻڌايو ته فلاڻي مائي جو مڙس گذاري ويو جنهن کي دفن ڪري آيا ۽ اچي فاتحه پڙهيائون ۽ مائي سان همدردي ڪيائون تڏهن چيائين ته: الله سائين پنهنجا ويسوها وڃايا، باقي مون کي مڙس ته ڪانڌين مان ئي ملي ويندو!
- گهوٽڪي اوباوڙي طرف جي ڳالهه آهي جو هڪ شاهوڪار واڻيو وڏي عمر جو ٿيو پر شادي نه پيو ڪري. هڪ مسلمان وڏيري کي چيائون ته پنهنجو دوست آهي، تون سمجهائينس سو هن چيس ۽ گهڻو زور پريس ۽ پڇيائين ته: سيٺ آخر شادي ڇو نٿو ڪرين؟ تڏهن چيائين ته:

ياڻي! پر ڦرست ڪانهي!
- علي درميتلو(ڳوٺ قادن ميتلو تعلقو خيرپور) جوان ملهه ساماڻو سو ملهه ملهه پيو ڪري. ميلي تي ڪنهن سان وڙهيو ته پهرين ملهه ۾ ٻوڙي ڇڏيائينس پوءِ ٻي ملهه ڪيائين ڪانه ۽ ان ڏينهن کان پوءِ وڃي يڪتارو ڪنيائين پڇيائونس ته علي در هاڻي ملاڪڙي ۾ ڪو نه اچين ۽ سندروئي ڪو نه ڪرين! چيائين ته هاڻي وينڙ جو راڳ ٿا ڪريون.

- ڪچهري ۾ چيائون تہ هيئيان سوال جواب، بالڪل ائين. فلاڻي ڳوٺ جي ٻروچ جج سان ڪيا هئا. انگريزن جو اوائل هو بيگناهہ جهليو هئائونس. ڪورٽ ۾ اندر ويو تہ چيائونس:جتي لاهي اندر اچ: جتي سان اندر ڇو گهڙيو آهين؟

چيائين: آهي بہ مسيت؟

جج چيس تہ: الله رسول سڃاڻين؟سچ چئجان!

چيائين تہ:ڏنا ڪو نہ اٿم پر مڙسن جو نالو وڏو آهي.

جج چيس تہ: پڙ ڪلمون!

چيائين: ڏني بہ ٻانگ اٿئي.

جج چيو: ڇٽ کي ٻاهر ڪڍو.

چيائين: مان ڇٽ آهيان نوٽڻ ڪيڏ تہ خبر پويئ!

※خيرپور رياست ۾ عباس علي خان شر ميرن جو ڪاردار هو جنهن پڙتال ڪري ڪيترائي تڙ وڏيري فقير پير بخش ڳاهي جي مالڪيءَ ۾ داخل ڪيا. بہ تڙ جن مان هڪ جو نالو 'موڪرو' ۽ ٻئي جو نالو 'پڏريو'، عباس علي خان اهي بہ فقير پير بخش جي نالي ڪيا ۽ خوش طبعي ڪندي چيائين تہ:

وڏيرا! پڏريو بہ تنهنجو تہ موڪرو بہ تنهنجو!

ان بعد عباس علي خان صوبيداري جي عهدي تي هو ۽ نري ميرواهہ (وڏي نري) ۽ ٻي ننڍي نري ٻئي سندس ذميداري ۾ هيون. ان وقت جڏهن فقير پير بخش ساڻس مليو تہ (جواب) ۾ خوش طبعي ڪري کيس چيائين تہ:

عباس علي خان! ننڍي بہ تنهنجي نري، وڏي بہ تنهنجي نري!

# سنڌ جا شهر: نصرپور

[سچي سنڌ کي صحيح نموني ۾ سمجهڻ لاءِ سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي تاريخ لکڻ ضروري آهي. ڳچ وقت کان وٺي ڳوٺن جي تاريخ لکڻ ڏانهن قدم وڌايو ويو آهي. ان سلسلي ۾ مثال خاطر، مون پاڻ پنهنجي ڳوٺ جعفر خان لغاري جي تاريخ لکي ۽ ڪن ٻين سڄڻن به پنهنجن ڳوٺن جا احوال لکيا. انهيءَ سلسلي ۾ مختصر پر چڱي شروعات اڏيري لال جي ناظم ڪئي آهي. جنهن اڏيري لال يونين ڪائونسل جي ڳوٺن بابت هڪ مختصر ڪتاب شايع ڪيو آهي. سنڌ جي شهرن جي تاريخ سواءِ ڪراچي جي، نه لکي وئي آهي. ضروري آهي ته اهي شهر جيڪي سنڌ جي تمدن ۽ تاريخ جا مرڪز رهيا آهن ۽ جن جي تاريخ جا آثار منجهن رهيا آهن، انهن ڏانهن توجهه ڏنو وڃي. ٺٽو، نصرپور، حيدرآباد، هالا، سيوهڻ ۽ روهڙي اهڙن تاريخي شهرن ۾ شامل آهن. راقم هن ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ 1958ع ۾ شهر نصرپور بابت ڪي حالات جمع ڪيا، پر پوءِ ٻين مشغولين گهيري ورتو. نصرپور بابت جيڪي قلمبند ڪيو ويو تنهن کي سنواري پيش ڪجي ٿو. هي اڻپورو مواد آهي، جيڪو وڌيڪ تفصيلي مطالعي لاءِ ڪارگر ٿيندو. نبي بخش]

## اولياءَ

1. شاهه احمد غوري، حافظ عالم شهيد، ستين سن جو شهر کان هڪ ميل اتر مدفون.
2. شيخ بابيد بن شيخ آچر شهيد، پيالا زهر جا پيتائين، روايت موجب ستون سن، شهر کان سوا ميل اتر مدفون.
3. شاهه محمود بادشاهه جيلاني، ٻارهين سن جو شاهبندر جي شهر (ضلعو ٺٽو) ۾ سندس اولاد مان پير فتح علي شاهه جي مزار ۾ قبو آهي. 1964ع ۾ پير سيد علي شاهه چيو ته اسان شاهه محمود جيلاني نصرپوري جي

اولاد مان آهيون.

4. شاهہ مراداٿي شاهہ شمس الدين جيلاني، چون ٿا تہ اورنگزيب جي وقت جو شهر جي وچ ۾.
5. شاهہ عنايت جيلاني، يمن مان آيو مقبرو قاضين جي پاڙي ۾.
6. بيبي نوريري، شهر جي وچ ۾ بازار جي ڏکڻ اولهہ ڪنڍ جي ڇيڙي تي.
7. شاهہ نور نوري، مصري شاهہ وارن جو پڙ ڏاڏو شهر کان اوير سڏ پنڌ تي. انهن مان بزرگ شاهہ جنهن جي وقت ۾ شاهہ عنايت آيو آخر ۾ مصري شاهہ.
8. مصري شاهہ متياري وفات تقريباً 1322ھ شاهہ احمد غوري جو مقام.
9. سيد ابراهيم شاهہ، ڪريم پوٽن سيدن منجهان، ٻارهين سن جو.
10. سيد اسماعيل شاهہ، سيد فاضل شاهہ حيدرآبادي جو ڏاڏو شهر جي اتر ڪنڊ تي شاهہ واهہ جي اتر ڪپ تي.
11. پئونر فقير سيلاني، آڳاٽو 7 سن جو شهر ۾ اتر—الهندين ڪنڊ تي، شاهہ واهہ جي ڪناري تي.
12. جمن شاهہ.
13. ميان عبدالحميد سيد، شاهہ احمد غوري ۽ شيخ بايد جي وچ تي.
14. نور محمد سيد، عالم ،حافظ شهيد، 11 سن جو شهر کان اوير هڪ فرلانگ.
15. شاهہ نٿو پاٽو ذات جو شاهہ نور نوري جي مقام ۾.
16. درس مُبو پاٽو شهر کان ڏکڻ (اسٽيشن واري رستي جي اوير) هڪ ميل.
17. احمد شاهہ، قمرالدين ۽ بدرالدين پاٿر، جيلاني پير، جڙيل شاهہ وارن جو ڏاڏو شهر جي اترئين ڇيڙي تي.
18. سيد اميد علي شاهہ بخاري، بخاري محلو شهر جي اتر ۾.
19. شاهہ محمود سِيستاني، هو سيستان (ايران) مان هت آيو جو اهڙا حوالا مجاورن جي ڪاغذن ۾ موجود آهن، جن جو ذڪر هن مضمون جي آخر ۾ ايندو. روضي اندر بہ ٽُربتون، الهندين شاهہ محمود جي ۽ اوير طرف سندس خليفي حاجي حضوري جي. دروازي مٿان ڪاٺ جي تختي تي نقش ۽ ڪتبو:

تعمير بنا روضي پرازنور ولايت ملڪوت مشرف زنظر نور عنايت
.... آمده قبول بدر بارگاهہ شاهہ دايم زبخش شاهہ عطا نور و فتاحت
تاريخ بنا روضہ ڪہ ناگاه زدرگاه آمد بگوش هم سچو پرازنور ڪرامت
1011ھ

هن ڪتبي موجب روضو يارهين صدي جي شروع ۾ سنہ 1011ھ ۾ ٺهيو. جنهن جي معنيٰ تہ شاهہ محمود ڏهين صدي هجري جو بزرگ هو پر ۾ مسجد جي محراب جي سڄي طرف، چوٽيءَ سامهون، پٿر تي هيٺيون ڪتبو:

شيخ عبدالرحيم ڪرد بنا مسجد فيض بخش روح افزا
ڪرد اوز ايران قدوسي در طواف اندبر زمين بوسي
بي ڪدو رات بي ريا باشد اينچنين خانہ خدا باشد
بهر تاريخ هاتف اين درسفت آيت رحمت الله بگفت
1095

18 تاريخ جولاءِ 1958ع ۾ جڏهن مون درگاهہ ۽ مسجد کي ڏٺو تڏهن مسجد جي مرمت پئي هلي.

## حڪيم طبيب

### پهريون دؤر

- قاضي محمد ڪامل، تالپورن جي دؤر جو وڏي ۾ وڏو حڪيم.
- ديوان تارو مل نصرپوري، شاگرد هو قاضي محمد ڪامل جو.

### ٻيو دؤر

- سيد اسد الله شاهہ، ٻڙائي سيدن مان.
- سيد قادر شاهہ رضوي سادات مان.

5. قاضي عبدالرحمن (مولانا تاج محمد جو والد) 1920ع ڪان اڳ وفات، سندس تمام وڏو نالو شهر جو استاد، وڏي وقار ۽ ڪردار جو صاحب، لنگهندو هو تہ سڀ ماڻهو اٿي بيهندا هئا.

8ـ ديوان عالمچند، طب ۽ ڊاڪٽري ڪان واقف هو، تعليم جي ڪوشش ڪيائين، هندو مسلمان سندس عزت ڪندا هئا.

9ـ گوپالداس ڪٽي.

10ـ چينا نند لوهاڻو

### ٽيون دؤر

11_ قاضي محمد بخش بن غلام حسين بن قمرالدين بن محمد بچل. ٽئين دؤر جو هن وقت (1958ع) عمر 48 سال، طبيہ ڪاليج لاهور ۾ پڙهيو. منهنجي ساڻس محبت ۽ ڪچهري هئي.

12_ حڪيم آخوند عبدالله.

راقم بياض طب ڏٺو جنهن ۾ حڪيم ٺارو مل جي دستخط هيٺيون مواد:

- بعون عنايت الاهي جلشانہ اين ڪتاب طب مسميٰ بنافع الخلق از دست حقير پر تقصير بنده ٺها رومل واقع تاريخ هفتم ماه ذي حجہ 1272هجري مطابق تاريخ هفتم ماه سانون 1917ع برابر تاريخ نهم ماه آگسٽ 1856ع واقعہ حيدرآباد.
- اين نسخہ (اورق 313_333) تشريح اعضاء البدن ازدست حقير پر تقصير بنده ٺهارومل ولد چندن مل تاريخ هفدهم ماه ذي حجہ 1272واقع حيدرآباد صورت تحرير يافت وزينت تسطير پزيرفت. اعضاءِ البدن تصنيف عبدالرحيم بن ڪمال ڪشميري.

ان بعد مختلف نسخا: روغن نوشادراز سيد قلندر بخش جامپور ديره غازي خان؛ قائم ڪردن نوشادر از حاجي الياس؛ از پياره خان مري بدامني؛ از جان محمد لغاري؛ از آخوند نور محمد؛ ازميان عبدالحڪيم هالاني؛ از احمد خان بهورگري؛ نقل از ڪتان غلام محمد خان لغاري قاسماڻي.

- تمام شد مرقوم تاريخ هفدهم ماه جمادي الثاني 1266 ازڪتاب مجموعہ مملوڪہ قاضي نصرالله ولد قاضي مير محمد ساڪن شهر ننده ٽالپور واقعہ حيدرآباد (جنهن جي آخر مان طب جي مواد جو نقل)

### فارسي جا شاعر

- شاهہ احمد غوري محمد باقر درس. فقير ٻڏايو تہ ماتلي ۾ سعيد پور جي پير رفاعي جي ڪتبخاني جا ڪتاب انهن ۾ شاهہ احمد غوري جو هيٺيان شعر لکيل هئا:

ڪلہ آذان ماديگر است_ سجده بر آستان ما ديگر است عشاق راڪون ومڪان ديگر است.......

---

عاشقان درقصر درياء مي روند_ اهل بہ دنيا مي روند

- نور شاھ رضوي خاندان مان، صاحب ديوان، سندس 'ديوان نوري'
- قائم شاھ بخاري، تخلص 'شاھنشاھ' صاحب ديوان.

**تاريخ وفات:**

"وفات مرحوم مغفور مقبول سيد حضرت قائم الدين شاھ حسيني بخاري بتاريخ: 11_ماھ ربيع الثاني بروز ڇنڇر 1319"وفات وقت عمر سئو کان مٿي تقريباً 104يا 105.سندن هڪ مهر تي سال 1257 لڳل. هڪ سر جنهن تي پاڻ پنهنجي هٿ اکرين فارسي ۾ اشعار لکيائين 131.

ميان محمد صديق گراٽي ڇيو: آءٌ سائين قائم الدين شاھ وٽ پڙهيو هوس. منهنجي پيءُ جو نالو عَيرس فقير جيڪو سائين قائم شاھ جو فقير هو. انهي ڪري سائين وٽ خانگي طرح پڙهيس: دوايہ تہ-وايہ قرآن شريف، ڪريما وٽس پڙهيس. ان وقت سندن سونهاري سفيد، پرون سفيد، وار سفيد. سونهاري ننڍڙي ڇاپئين، قد پورو پنو بت ۾ هلڪو مون تي نالو محمد صديق بہ پاڻ رکيائين. وٽس هيٺيان عالم ايندا هئا، 1. ميون محمد ميمڻ ڪاماري وارو عالم ۽ حڪيم 2. ميون عبدالرحمن ڪرناٽين وارو عالم ۽ حڪيم (شاهپور دربور کان ميل ڏکڻ) 3. مولوي عبدالڪريم ميمڻ شاعر فارسي ۽ سنڌي جو 4. ميون فقير محمد ٽيبومولوي ۽ حڪيم ڀاسوڙي جو 5. مصري شاھ نصرپوري شاعر 6. آخوند صاحب ڏنو ميمڻ نصرپوري (سائين قائم شاھ پڙهيو هو آخوند هو آخوند صاحب ڏني جي ڏاڏي آخوند محمد حسن وٽ)

شهر نصرپور بابت، سندس هيٺين رباعي هڪ درويش ٻڌائي (جنهن ۾ درستي جي ضرورت آهي).

دل پرز تماشا از گلزار نصرپور-بہ آب وهواست شکر بار نصرپور
مزاري واشجاري ابرار نصروپور-همہ مقبره ومرقد ابرار نصرپور

ديوان شاهنشاھ (قلمي) جي مطالعي مان معلوم ٿيو تہ ان ۾ جملہ 717صفحا متوسط جملہ 639غزل ۾ مداحون، شاهنشاھ جي اولاد مان غلام قادر شاھ بن قائم شاھ عرف علي گل شاھ بن بڍل شاھ عرف علي بخش شاھ بن قائم الدين شاھ عرف قائم شاھ بن اميد علي شاھ بن جان محمد شاھ بن قائم شاھ، سنہ 60_1958ع ۾ نصرپور هاءِ اسڪول جو استاد . راقم جو ميزبان جنهن جي مهرباني سان ديوان شاهنشاھ جو مطالعو ڪيو ويو.

شهر جا خاندان:

1 رضوي سادات: نور شاهه نوري, بزرگ شاهه, مصري شاهه رهندڙ پاڙو "امير پٽي".
2 بخاري سادات: اميد علي شاهه, بدر الدين شاهه, قائم شاهه تخلص شاهنهشاهه. بخاري محلو.
3 احمد شاهه,قمر الدين, بدر الدين جيلاني, " رهندڙ " پيرن جو پاڙو.
4 بڙائي سيد: بڙ جي هيٺيان ويٺل حاجي جيئندل شاهه, حاجي محمد علي شاهه, امام بخش شاهه, بقادار شاهه(هن وقت حسن شاهه زندهه) " پيرن جو پاڙو".
5 مالهياڻي سيد: سپ مست, منجهائن علي گوهر شاهه پاڙو قاضي امير پٽي.
6 ملان پٽي (عالماڻي): ميون عبدالحق(وڏو) عالم بزرگ شهر جو قاضي, دهلي ۾ بادشاهه گهرايو هوس ۽ مولوي محمد عالم عالماڻي, ملن جو پاڙو.
7 قاضي: قاضي مقبول, محمد حسن, قاضي محمد باقر ۽ ٻيا. قاضين جو پارو
8 آخوند(ميمڻ): آخوند محمد حسن, محمد يوسف, صاحبڏنو بخاري محله
9 درس(گراٺا): سومار, مولوي عبدالحق ۽ ٻيا, بخاري محله
10 پاٺو: شاهه نٿو ميون دوست محمد, درس مبو " پاٺن جو پاڙو".
11 مغل: مرزا جان بابا ترخان جو اولاد, مرزا مريد علي, مرزا دوست علي, فقير عبد علي درويش " " مغلن جو پارو " يا " مرزائن جو پاڙو".
12 چنا: يونس, ابراهيم ۽ ٻيا, جيلاني پيرن جا خادم, " چنن جو پارو"
13 ابڙا:محمد اسماعيل وڏو هن وقت ( 1958ع) حاجي محمد مٺن, حاجي سعدالله ماستر, ۽ ماستر محمد يوسف(منهنجو مهربان). "ابڙن جو پارو"
14 پانڌياڻي(گراٺا): محمد فاضل, محمد ڪامل وڏو حاجي عبدالله ۽ ٻيا "پانڌياڻين جو پاڙو".
15 ڪٽي(سومرا):محمد بچل ۽ ٻيا, "ڪٽين جو پاڙو".
16 ڪنهنياتي(پٽي):نور محمد, واليڏنو عثمان ۽ ٻيا. ڪنهباتين جو پاڙو".
17 ڪاشيگر: اوستہ خير محمد, اوستہ سائنل, اوستہ خميسو اوستو علو ۽ ٻيا وڏا ڪاريگر هئا هن وقت محمد حسن ۽ محمد هارون.
18 ڪاغذ ڪٽا: ڪرڙ جي مسجد جي ڏکڻ ۾ ويٺل, ميرن جي ڏينهن ۾ ڪاغذ ٺاهيندا هئا ان وقت هٿي جي ڪاريگرن جو وڏو قدر هو " پيرن جو پارو".
19 دبگر:چم جون دبيون ٺاهيندڙ شهر جي اترين پاڱي ۾.
20 ڏوڙ ڏوا: مسلمان-شهر جي اتر ۾.

21 سونارا: سما، امير پٽي پاڙو(سندن جايون واري لٽي ڇڏيون آهن هينئر لڏي وڃي ٽنڊوالهيار ويٺا آهن)

## علماءِ

1. محمد عابد السندي: مولوي عبدالحق صاحب جن ٻڌايو تہ ڪتاب طوالع الانوار ۾ خود پاڻ ڪي نصرپور جو ڪري لکيائين اجا تائين اهو نالو قاضين ۾ هليو اچي، (هي ڳالهہ اجا وڌيڪ تحقيق طلب آهي).
2. مخدوم محمد اڪرم:قاضين مان جنهن صحيح بخاري جو شرح لکيو ميان ولهاري هتان اهو نسخو ڪڻائي ويو. ميون ولهاري نصرپور مان گهڻا ئي قلمي ڪتاب ڪڻائي ويو.
3. سيد محمد صديق رضوي
4. قاضي روح الله، وڏو عالم ۽ درويش، قاضين مان.
5. مولانا تاج محمد بن قاضي عبدالرحمان بن قاضي محمد حسن، قاضين مان، وفات 1347هہ
6. مولانا عبدالحق( وڏو) ملان عالماڻي، ٽالپورن جي دؤر جو
7. مولانا عبدالحق(زندهہ) جنهن جو استاد مولانا تاج محمد هو
8. مولوي عبدالرحمن(زندهہ) مولانا عبدالحق جو شاگرد

## مساجد

1 .موجوده جامع مسجد، ڪاشي جو بهترين ڪم، تعمير 1338هہ

2 مسجد پير جيلاني، ڪاشي جو بهترين ڪم، ڪاريگر اوستہ حاجي محمد بن اوستہ خميسو.

3 مسجد فقير ميان موسيٰ، ڪنهباتين جو پاڙو مسجد جو ڪتبو:
”اول بنا ميان موسيٰ ولد ميان سومار سفيد تيار کرد “ بتاريخ 1۔ رمضان 1166هہ دويم بار سيني مسلمانن مومنن مرمت ڪرائي، 1 ماهہ محرم 1313هہ سويم بار پاڙي وارن سيني مومنن مسلمانن مرمت ڪرائي بتاريخ 1۔ماهہ رجب 1321هہ بروز اربع.

4 پاڻن جي مسجد، ٿهرايل غازي خان پاڻو سندس قبر صحن ۾ پراڻين، سنهين سر جي ٿهيل، غازي خان مير صاحب کي شينهن کان بچايو هو ۽ ڪيس پگهار ۾ پنيشن.

5 مسجد مائي خيري ” شاهہ واهہ “ جي اولهندين ڪناري تي، سنيهون

سرون، آڳاٽي پر سادي.

6 قديم جامع مسجد جيڪا سلطان فيروز شاهہ جي امير ٺهرائي، قديم درياءَ جي اپرندين ڪپ تي، حاطي جي سامهون ست پٿر جا ٿنيا هئا جن تي ڪاٺ جون ڪامون ست سال اڳ( 1900ع) ماڻهن ڏيون.

7 ڪرڙ واري مسجد، قديم زماني جي ” خونياٽي ڪڏ “ جي اتر ڪپ تي.

## شاهہ محمود جي درگاهہ جا مجاور

نصرپور ۾ شاهہ محمود جي درگاهہ جي مجاورن جون ٻہ ڏريون، جن مان شيخ محمد ولد يوسف(ڪتنب ڏيتا) ۽ شيخ رمضان ولد طيب (ڪتيب مگريا) سان 18جولاءِ 1958ع تي ملڻ ٿيو. انهن وٽ وڏن جا 12— 13 هين صدي هجري جا فارسيءَ ۾ لکيل ڪي ڪاغذات رکيل هئا، جيڪي ڏيکاريائون ۽ مون ڪوششون ڪري پڙهيا انهي رڪارڊ مان معلوم ٿيو تہ:

شاهہ محمود آڳاٽو سيستان(ايران) مان آيو هڪ شجري مان معلوم ٿيو تہ شاهہ محمود قادري طريقي جو بزرگ هو. مجاورن ۾ نذر نياز جي تقسيم بابت هڪ آڳاٽو فيصلو جنهن تي مهر(1128هـ) غياث الدين رضوي جي ٻي مهر (1135هـ) شمس الدين رضوي جي ۽ ٽئين مهر نجم الدين جي ۽ پڻ ٻيون مهرون. انهي فيصلي مٿان لکيل عنوان ” شاهہ شيخ محمود سيستاني نور الله موقده “ ٻيو فيصلو جنهن تي وڏي عالم محمد اڪرم (1280) وڏو عالم عبدالڪريم ۽ محمد صديقي جون مهرون صحيحون ۽ پڻ چاٽايل تہ ”مخدوم معظم مرحوم عثمان المتعلوي“ جو فيصلو بہ ائين هو. هن فيصلي جي هيٺين شروعاتي عبارت جنهن ۾ شيخ محمود سيساني جو نالو:

” در صورتي کہ مجاوري وخاڪروئي درگاهہ حضرت پير شيخ شاهہ محمود سيستاني نور الهہ تعاليٰ مرقده حوالہ بعضي مرد مان بودو آنچہ پيدايش وجهہ نذرانہ آن درگاهہ عاليہ جي شد فيما بين خود هي قسمت نموده قوت گذران مي ڪردند۔ الخ “

-شيخ رمضان وارن ڪاغذن ۾ هيٺين اڳين عالمن ۽ قاضين جون صحيحون: هڪ آڳاٽي صحيح ” خادم شرع محمد مير 1111هـ جي. قاضي حسن جي صحيح 1262هـ. 1268 هـ ۾ ميان محمد مراد عباسي طرفان حڪم نامو جنهن تي(گهٽو پوءِ لڳل) مهر قاضي حسن ۽ مهر

عبدالرحمان (1197هه). ٻين ڪاغذن تي صحيحون عبدالولي بن وحيد الدين(1181). قاضي نور محمد (1184). عبدالحليم بن عبدالمقيم(1198هه) شير سزدان رضوي(1197)

-شيخ محمد ولد يوسف وارن جي ڪاغذن تي شيخن مجاورن جا نالا هينئين طرح:

مشيخت پناهه شيخ طيب(1162_ (1168) ۽ شيخ سائينڏنو(مهر " نواب غلام شاهه عباسي ( 1181)" شيخ سائينڏني کي ٻي سند(1181)شيخ ابو طالب ولد شيخ سائينڏنو مرحوم کي ميان غلام شاهه طرفان معافي جي سند، 1197هه تائين شيخ ابو طالب، شيخ صالح ولد شيخ ابو طالب کي(1219هه) ۾ (1224) ۾ مير غلام جي مهر سان سند ۽ (1226هه) ۾ مير مراد علي ۽ مير ڪرم علي جي مهرن سان سندون. انگريزن جي دؤر ۾ فتح محمد پٽ شيخ محمد مجاور درگاهه شاهه محمد سيستاني جي تروٽ کي ڪيل درخواست -شعبان 1184هه ۾ عامل سيد ميرل شاهه(يعني نصرپور جو حاڪم.)

# سنڌ جا شهر: اگهم ڪوٽ يا اگهاماڻو

اگهم نالي ماڳ يا شهر جو ذڪر تيرهن سئو سال اڳ محمد بن قاسم جي فتوحات ۾ اچي ٿو. اهو بعد جي تاريخي دؤر ۾ ويندي 13 هين صدي هجري تائين اگهم ڪوٽ جي نالي سان مشهور رهيو. پوئين ويجهي دؤر ۾ ”اگهاماڻو“ پڻ سڏيو ويو. 10 هين صدي هجري کان وٺي هن شهر جا عالم عارف مشهور ٿيا. شاهه لطف الله قادري پنهنجي وقت جو وڏو صوفي سالڪ هو ۽ مخدوم حامد اگهم ڪوٽي وقت جو وڏو عالم هو. جنهن ڪن فقهي مسئلن ۾ مخدوم جعفر بوبڪائي سان اختلاف ڪيو. ڏهين صدي هجري ۾ وڏي عالم عارف عابد مخدوم محمد اسماعيل سومري ڪڇ مان لڏي اچي اگهم ڪوٽ ڪي وسايو ۽ سندس سڪونت سان هن شهر جي رونق وڌي.

تاريخ 22مارچ 1959ع تي، هن تاريخي شهر جي موجوده آبادي تي توڙي اڳين آثارن جو معائنو ڪيو ويو جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

- **شهر لاڳو اڳيون درياءَ:** قديم اگهم شهر، ان وقت جي درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد ٿيو جنهن جو ڍورو شهر لڳ موجود آهي. مخدوم صاحب جي درگاهه جي مجاور ميان غلام نبي ٻڌايو ته درياءَ جي هن ڍوري مان پلن مارڻ جون ماٿيون ۽ ٻيڙين جا ڪاٺ قلعا مليا. تحقيق ڪندي معلوم ٿيو ته ڪنهن وقت وڏي درياءَ ڦٽو اتر طرفان ايندو هو ۽ نصير واهه جي ڪيساني واري ريگيوليٽر کان ڏکڻ طرف تي شاخون ٿيندو هو. 1 اپرنديين شاخ ٽنڊوالهيار کان ڏکڻان،گولي هالي پوٽي جي ڳوٺ کان شفيع محمد اوني جي ڳوٺ کان، ماٽڪ لنجواڻي کان، گجرڪوٽ کان اچي وچين شاخ سڪٽي سان ملي 2 وچين شاخ سڪٽي: اتران آبريءِ ڪوڪر، داد جروار ۽ زئونرن کان، اگهاماڻي جي اوپر کان ۽ پوءِ گلاب لغاري ۽ پير حسين شاهه کان، ڳوٺ صابن دستي وٽ اپرنديي شاخ سان ملي. 3 الهندين شاخ ستياري: ٽنڊي قيصر کان حسين خان ٽالپر،(چڪي) کان، ڏئونرا هگورا، ٽنڊي فضل، راڃي جو ڳوٺ، باقي جو ڳوٺ ستياريءِ ڪڇر،

مانباڻ ۾ پوءِ هيٺ درڙي ڪان هي ستياري شاخ وڃي سڪٽي سان ملي. اتان هيٺ ٿيئي شاخون گڏجي ڪو درياءَ تي ڳوٺ آرائين، ڳوٺ ڇتو مادلاٽي ۾ پوءِ هاشماٽين ڪان وڃي ٿو پراڻ ۾ پوي اتي تي ڳنڍا هئا ته جيئن پراڻ جو پاڻي وري پوئتي ڦتي ۽ درياءَ ۾ نه چڙهي.

## اگهم ڪوٽ:

قديم شهر ۾ ڪوٽ ٻين سيني آثارن جي ڏکڻ طرف آهي. مخدوم صاحب جي درگاهه کان ڏکڻ ۾ پراڻي پيرواهه کان ڏکڻ، ڪوٽ جا چار برج جن جا بنياد ظاهر، ڊيگهه ۾ اولهه- اوير ۾ ويڪر ۾ اتر- ڏکڻ قلعي سان لاڳو اوير طرف آثار گهٽا، پر سڀ زبون: اولهه طرف چار آثار هڪ قديم جامع مسجد، ٻي ڪلهوڙن جي دؤر جي مسجد، ٽيون شيخ بايزيد جو قبو ۽ چوٿون پراڻو قديم ٿل. شيخ بايزيد، روايت موجب، شيخ فريد شڪر گنج پاڪ پٽن واري جو تڙ پوٽو هو. جامع مسجد، پٿر جي پيڙهه ۾ ديوارن سان آهي جيڪا دائود نالي ديندار شخص جي ڇهن پٽن سنه 1168هه ۾ جوڙائي ۽ ٺٽي جي سنگتراش ابو طالب ماڪر پيپي ٺاهي. مسجد جي وڏي محراب تي پٿر ۾ هيٺيون ڪتبو:

يکي مسجد داشت بس حرمتيک دائم دؤر عظمت وفرحتي
شده کهنه بعد از مرور زمان بنا کرد ابناءِ دائود آن
کريمدنه اسحق هم محمد ست اسماعيل وطيب دگر احمد ست
عمل کرده استاد ماکرپيه ابو طالب سنگتراش تهته
خرد گفت تاريخ بي دقتي که جامع چها ثاني جنتي

**مخدوم صاحب جي درگاهه:** مخدوم محمد اسماعيل سومرو ڏهين صدي هجري جي وچ ڌاري ڪڇ ۾ آيو. هتي سندس مدرسو هو مخدوم ساهڙ لنجار انڙپور وارو سندس شاگرد هو. سيد شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو ڪائنس عمر ۾ ننڍو هو ۽ سندس وڏي عزت ڪندو هو. مخدوم صاحب 996هجري ۾ وفات ڪئي سندس درگاهه شهر جي اترئين پاڳي ۾ آهي. اتر طرف قبو ۽ ڏکڻ طرف آڏو مسجد، اولهه طرف، مجاورن جي جاءِ، اوير طرف آهي. ڏکڻ طرف ٻاهرئين دروازي مٿان لڳل فارسي ۾هيٺيو ڪتبو آهي:

” چراغ مسجدو محراب منبر علي ابوبکر و عمر عثمان حيدر
چراغ مسجد و محراب منبر علي وفاطمه شبير و شبر

طلب اذ درگہ مخدوم اسمعيل مراد۔ بهر مراد کہ آئي بہ مطلب برسي
اين درگاھہ آسمان جاھہ هست کہ ظاهر و باطن چہ قبر اينست کہ تابہ
قيامت زنون حق آباد. وسال وفاتش ز فاضلي پرسيدم جواب داد
کہ " ظل الله " است. دارم ياد تاريخ چهار دهم ماھۂ ذوالحج سنہ 996 ".

- **درگاھہ کان اتر۔اوڀر آثار:**
- مقام ميواٽي ۽ باقياڻي لغارين جو خليفا پير صاحب پاڳاري جا.
- ڊنل قبو آڳاتو وڏو پير پوٽو زين العابدين شاھہ ۽ ٻيا(نٽي ۾ جانعلي شاھہ وارن جا اڏا).
- **شاھہ اسماعيل قريشي جو قبو**
- قبو سعيد خان مدواڻي لغاري، ڪلهوڙن جو سپهہ سالار
- درس حمزه پڙهيار درويش هو. شاهہ عبدالڪريم کي ننڍڙو ڪري نپاپائين، حويلي لاءِ ڪاٺيون ڪري ايندو هو. گڏهہ جهنگ ۾ رلي وئي سو پاڻ ٽوريون ڪاٺيون ڪٽي آيو. شاهہ ڪريم چيو تہ: چٽي، ٻي وٺنداسون. تڏهن چيائين تہ: بس! اها وئي ۽ چٽي؟ شاهہ ڪريم چيس چڱو وڃي ڳول. جهنگ ۾ وڃي گڏهہ کي سڏ ڪيائين تہ گڏهہ آئي ۽ ڪاهي آيو تڏهن شاهہ ڪريم چيس تہ ڪرامتون ٿو ڪرين، هاڻي وڃ مخدوم اسماعيل کان هدايتون وٺ. مخدوم صاحب وٽ آيو ۽ هتي رهيو تہ ترهڏي جي ديهہ ۾ ترهڏي ڊنڍ تي اوڏڻ تي عاشق ٿيو. مينهن ڪو نہ پيو ۽ اوسر ٿيو تہ اوڏ لڏڻ لڳا. تڏهن دعا گهريائين تہ مينهن وٺو. مخدوم صاحب جڏهن گهڻو سمجهايس، تڏهن چيائين تہ: سائين مائي منهنجي ماءُ ٿئي، پر منهنجي محبت آهي ۽ ڪيس ٿو ڏسان تہ خدا ٿو ڏسان. تڏهن مخدوم صاحب چيو تہ: ابا تون ڄاڻ تہ تنهنجو خدا ڄاڻي!
- ٻچل شاهہ بخاري جي چئوڪنڊي، درويشن، بخارين جو وڏو مخدوم صاحب کان پوءِ جو.
- مدواڻين لغارين جو مقام
- ڏاتر ڏنو قريشي
- مائي خيري ۽ شايد ذات جي پلي، مخدوم صاحب جي وقت جي.
- **درگاھہ کان اتر طرف آثار**
- اڇي ٻني، هڪ ڊِگ وانگر (درگاهہ کي ويجهو اوڀر تي)
- حسين شاهہ ۽ مرتضيٰ شاهہ وڏي پير پوٽا جيلاني ڊوري وارا تن جا

وڏا(ويجهو وچ تي)
- درس پوڙا(ست پائر) مقام(ويجهو اولهہ تي)
- مخدوم صاحب جي نياڻي بيبي آئسان, ذرا پري اتر طرف
- **درگاهہ کان اوپر۔ ڏکڻ طرف آثار**
- مين جو مقام(قبو ڊهي ويل) ميون فقير محمد, علي محمد ۽ ٻيا
- نواب عبدالرحمان دل, ٽالپرن جي دؤر جو پاڙو اگهم دل.
- مقام حيات ڪالرو(ڪالرو قبيلي جو—ڪار لوخ ترڪ)
- درگاهہ وارو پتڻ(درياءَ جو) ۽ پتڻ واري مسجد, ان جي اولهہ مسافر خانو پتڻ واري مسجد, هالن جي مخدوم نصير محمد ٺهرائي.
- **درگاهہ کان اولهہ آثار**
- مقام, ڪي پٿر پوريل, هڪ تي ڪتبو:
"تاريخ وفات بيبي ماهم غره شعبان روز دوشنبہ بوقت نماز ظهر 117هہ"
- گراٽو فقير اولياءِ
- قبو ڏکڻان دروازو: اولهہ کان اوپر قبرون: مخدوم يحييٰ(پاءُ), مخدوم اسماعيل, مخدوم حامد(پٽ), مخدوم ابو القاسم پوٽو.
- **درگاهہ کان ڏکڻ ۽ ڏکڻ۔اولهہ**
- درگاهہ کي ويجهو ڏکڻ۔اولهہ مقام سيد ڏتو(مخدوم اسماعيل کان اڳ جو) وڏو عالم, ڪتنب ۽ سندس هڪ سئو چاليهہ شاگرد.
- مين جو ٻيو مقام مسجد کان اوپر, ميون دوست محمد ۽ ٻيا
- ڪوٽائي سيدن جو مقام, يعني اگهم ڪوٽ وارن سيدن جو وڏو عابد زاهد لال ڏنو شاهہ "جڙاءُ وارو "(سندس اولاد پوءِ شيعا ٿيو ميران خوري ۾ رهن)
- مقام سريوالن لغارين جو(نجم الدين وارا سندس ڳوٺ ٻہ ميل اولهہ)
- مقام مصري شاهہ ۽ ڪريم شاهہ بخاري
- سيد محمود شاهہ سهروردي
- پاٽولين جو شهر(مٿين مزارن کان ڏکڻ)
ماڻڪ ۽ ويڌو ٻئي پاٽولي, مخدوم صاحب سان گڏ ڪڇ مان آيا, سندن اولاد ماڻڪي ۽ ويڌاڻي
- مخدوم اسمعيل کان اڳ واري قديم مسجد (پاٽولين جي) شهر جي اولهہ واري پاسي کان ڏکڻ طرف, پيرواهہ جي اتر طرف
- پير واهہ جو پڌو جيڪو اوپر طرفان درياءِ مان پاڻي آڻيندو هو پير واهہ

پاٽولين جي شهر جي اوپر طرف ڏکڻ ڏي وري ٿو ان ور جي اولهه طرف ” رهو ڪرڻ جو پڊ“

## وتائي جو گهر

پير واهه جي منهن سان لاڳو ڏکڻ طرف، مهاڻن جي پاڙي لڳ، وتائي جي پيءُ جو گهر هو اتي ان وقت ڪندو بيٺل هو جيڪو پوءِ وتائي وارو ڪندو سڏبو هو.

اها پيٽي اجا تائين ” وتائي وارا پڊا سڏجي.

- **مخدوم صاحب جي درگاهه جا مجاور**
- اهي مجاور ميان عباسي، حضرت عباس جو اولاد پراڻي دهلي مان هت آيا. خواجه نظام الدين اولياءِ جي درگاهه وارا ۽ هي ميان ساڳئي خاندان مان، پاڪستان کان اڳ هڪ ٻئي وٽ ايندا ويندا هئا. حيدرآباد ۾ شاهه محمد سرڪي جي درگاهه وارا مجاور ۽ مخدوم صاحب جي درگاهه وارا پاڻ ۾ عزيز ۽ ساڳئي خاندان مان. حيدرآباد ۾ موجود سربراهه ميين دين محمد جو ڏاڏو دين محمد ۽ مخدوم صاحب جي درگاهه وارن مان ميون علي احمد ٻئي پائر هئا. هي حقيقت هت اڄ 1959_3_22) اسان سان ميين غلام نبي ڪئي. ميون غلام نبي ولد ميين يار محمد عرف ميون الله ڏنو ولد ميون علي احمد ولد مخدومي محمد بچل ولد جمال الدين ولد محمد شجاع ولد مخدوم ابراهيم جيڪو مغلن جي طرفان جوڻ ۾ سفير ٿي آيو هو.
- مخدوم ابراهيم، مخدوم اسماعيل سومرو ۽ اجمير جو ميران ڏاتار شهيد ٿيئي. پاڻ سنڌو هئا. اهي ٻيبيون پيٽيون وير اول(جهونا ڳڙهه رياست جي حد ۾) جون هيون.
- مخدوم ابراهيم کي پنج فرزند هئا: وڏو فقير محمد جيڪو عالم هو سو هت مخدوم محمد اسماعيل وٽ مدرسي ۾ آيو ان هالن جي مخدوم نصير محمد ڀٽي جي گهران شادي ڪئي. ٻيو محمد شجاع جيڪو جوڻ ۾ رهيو ٽيون جمال الدين جيڪو جئي شاهه تي رهيو. چوٿون محمدبچل جنهن جو پٽ فتح محمد جوڻ ۾ رهيو. فتح محمد جي گهر ۾ جام جوڻي جي نياڻي هئي. جام جوڻو نري لڳ، شاهه ديواني جي مقام ۾ مدفون آهي. جام جوڻي جي ٻي نياڻي جوڻ ۾ پير دين شاهه جي گهر ۾ هئي(هن حقيقت مان معلوم ٿيو ته اهو جام جوڻو پوءِ ٿيو اڳ گمان هو ته هو ننڍي جي حڪمران جامن مان هو_نبي بخش )

# مست وتايو

اگهاماڻو شهر وتائي مست جي خود خيال ڳالهين ڪري مشهور ٿيو. وتايو ڪو خيالي ڪردار ڪو نہ هو(جئين ڪن ڀانيو آهي) پر جيئري جاڳندي صورت هو. اگهاماڻي ۾ مخدوم محمد اسماعيل سومري ﷫ جي وقت کان وٺي مخدوم صاحب جي خادمن توڙي ٻين کي وتائي بابت سچي خبر هئي، جيڪا پوءِ درگاهہ جي مجاورن خادمن وٽ سندن وڏن کان هلندي آئي. 22 مارچ 1959ع تي اسانکي درگاهہ جي خادم ميين غلام نبي هيئيون احوال ڏنو

چيل طرف مهراڻي جو کٽي مولراج ۽ سندس ڀاءُ پنهنجن ڪٽنبن سميت مخدوم صاحب جي هٿ تي سنہ 971هہ يا 973هہ ۾ مسلمان ٿيا. مولراج کي پوءِ ٻہ پٽ ٿيا: الياس ۽ وطايو(وطايو- پيرين پنڌ هلندڙ لتاڙيندڙ: عام ٻولي ۾ وتايو يا واتايو). سندس ڀاءُ کي هڪ پٽ ٿيو جنهن جو نالو لهندڙو. اهي ٽيئي ٻار هتي اگهاماڻي ۾ ڄاوا ۽ وڏا ٿيا سندن گهر، درياءَ مان نڪرندڙ پير واهہ جي منهن کان ڏکڻ طرف مهاڻن جي پاڙي لڳ هئا. اتي ان وقت ڪندو بيٺل هو جيڪو پوءِ وتائي وارو ڪندو سڏبو هو. اهي جايون اڄا تائين وتائي وارا پڊ سڏجن( اسان ميين غلام نبي سان گڏجي وڃي اهي پڊ ڏٺا.)

اهي ٽئي ٻار مخدوم صاحب جي مدرسي ۾ پڙهيا. شيخ لهندڙو پڙهي عالم ٿيو ۽ پوءِ نصرپور ۾ حڪومت طرفان قاضي مقرر ٿيو. امام بخش ڪيريي جي گهران شادي ڪيائين* وتايو پڙهيو پر عالم ڪو نہ ٿيو سندس ڀاءُ شيخ الياس پڙهي حافظ ٿيو.

وتايو جيئن وڏو ٿيو تہ خيالي ۽ مستي واري موج ۾ اچي ويو. مخدوم صاحب وٽ ڪو نہ ايندو هو. ڪجهہ وقت پير واهہ جي پتڻ وٽ ٻاٽڻي تي

* شادي ڪيائين ۽ ان طرف رهيو ۽ وفات ڪيائين. سندس مقام تندوالهيار کان اولهہ وڏي رستي جي اتر طرف آهي.

پتڻ اڪاريائين ۽ پوءِ پير واهہ جي ڪپ تي هرلو چاڙهيائين، پر آڌ ورائي پيرواهہ ۾ وڌائين. لابارن وقت هيٺ جيڪي هرلن وارا هئا تن وٽ وڃو ۽ چيائين تہ: منهنجي پٽي ڏيو: نہ تہ قسم ڪٽو تہ منهنجي هرلي جي پاڻي جو ڦڙو بہ اوهان وٽ نہ آيو. هت هن شهر ۾ ٻيون ڳالهيون بہ ڪيائين جيڪي پوءِ مشهور ٿي ويون.

-وڏي قديم جامع مسجد ۾ مناٽي ورهايائين تہ هڪڙن کي مٺيون پري ڏنائين تہ ٻين کي ٿوري ٿريءَتي رکيائين. پڇيائونس تہ چيائين: خدا واري ورڇ ڪٽي اٿم جو ڪي ڍون ۾ ڪي ٻکن ۾، اوهان کان پڇيم تہ راج واري يا خدا واري ورڇ ڪيان؟ اوهان چيو تہ: خدائي ورڇ ڪجان.

-پنهنجي گهر واري ڪنڊيءَ جي وڻ تي چڙهي، قرآن شريف کولي ڪول بابت آيت پڙهائين ۽ چيائين تہ: رب سائين، توڪل ڪيم پر آهي ڪجهہ ڪو نہ ڪوءِ امان تي ماري. تو چيو تہ توڪل ڪريو تہ رزق ڏيندس، اچي قرآن تي هٿ رک تہ وتائي جو رزق تو وٽ ڪونهي.

وتايو ٽن جاين تي بيمار ٿيو يا مئو: پهريائين اگهاماٽي کان الهندي، شيخ پرڪٽي واري گس تي سينڌي دڙي وٽ غش ٿيو پيو هو جو چوڪرن ڏٺو ۽ چيائون تہ ڍڳا لتاڙيندس. سو تنگ مان چڪي پري ڪيائونس تہ ٽپ ڏئي اٿيو ۽ چيائين تہ ”سڌ پئي مئاسون، تنگ پئي گهلياسون، سو هتي ڪين ٿا مرون“. ٻئي ڀيري ڦٽي درياءِ جي پيٽ ۾ واڳون ڏر ”(آبڙي کان ڏکڻ) وٽ مئو ماين ڏٺو ۽ پانيائون تہ درياءِ ۾ ٻڏو آهي پر اجا ناٽڪو اٿس(نبض هلي پئي) سو گڏهہ جي لڏ جو دونهون ڏنائونس تہ اٿي ڪڙو ٿيو چيائين تہ ”مئو آهيان ڪالهہ وري اچ ئي ٿا اٿارين: هتي ڪو نہ مربو! “ پوءِ وڃي پنهنجي سوٽ لهندڙي جي مقبري تي رهيو پويان ڪو ڪڙيو هو ۽ ڪنهن ڏينهن اتي مئو: شيخ لهندڙي تي رهندڙ هو ۽ سو سڃاتائونس ۽ کڻي اچي ان مقام ۾ پوريائونس.

# سنڌ جون جڙيون ٻوٽيون

ڦهريون ڀيرو سنڌي لغات جي سلسلي ۾ بيروني جي ڪتاب "الصيدنه" جي مطالعي جي ضرورت محسوس ٿي. هي ڪتاب عربي متن ۽ انگريزي ترجمي سان همدرد فائونڊيشن، ڪراچي مان 1973ع ۾ شايع ٿيو ۽ لاهور جي عالم ڊاڪٽر رانا احسان الاهي جي ڪيل محنت ۽ تحقيق جو ثمر آهي. ليٿو ۾ ڇپيو آهي ۽ باوجود احتياط جي ان ۾ ڪي غلطيون رهجي ويون آهن. بيروني گهڻن دوائن ۽ جڙين ٻوٽين جا سنڌي نالا به ڏنا آهن.جن کي صحيح طور تي سمجهڻ خاطر مون ترڪي جو سفر ڪيو ۽ برصا شهر جي ڪتبخاني ۾ ڪتاب "الصيدنه" جي قديم ترين قلمي نسخي جو مطالعو ڪيو: ان نسخي سان ڀيٽ ڪري 59ڪن سنڌي جڙين ٻوٽين جا نالا صحيح صورت ۾ لکيا، جن جو تفصيل سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ موجود آهي.

'ڪتاب الصيدنه جي مطالعي مان ڪي ٻيون ڳالهيون به ذهن نشين ٿيون انهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو. ان ۾ جيڪي انگ ڏنا ويا آهن سي همدرد فائونڊيشن جي ڇپايل ڪتاب الصيدنه جي عربي متن جي صفحن جا آهن. جيڪي معلومات مون قلمبند ڪيا آهن سي جدا جدا موضوعن متعلق اهن جن بابت ڪنهن وقت آءُ سوچي رهيو هوس.

### "صيدنه" يعني پسار

بيروني جي تحقيق موجب صحيح لفظ صيدنه آهي جيڪو اصل ۾ چندن آهي. چندن جي ڪاني جي ۽ چندن جي وڻ جي اهميت سببان پسارڪي وکر کي مجموعي طور سان انهيءَ نالي سان سڏيو ويو پر عربي ۾ صيدله جي صورت ۾ وڏيڪ رائج رهيو ۽ انهي ڪري پساري کي صيدلاني سڏيو ويو. سنڌ ۾ پسارڪي وکر جي جاڻ ۽ تجارت بيروني واري وقت ۾ ۽ ڪجهه اڳ ( 3 ۽ 4 صدي هجري) اوج تي هئي. بشر الفزاري (يعني فزاره قبيلي جو) جيڪو پاڻ ماهر پساري هو تنهن سنڌ ۾ اچي تحقيق ڪئي ۽

پسارڪي وڪرجاسنڌي نالا نوٽ ڪيا. صيدنہ يا صيدلہ (material medica) جي موضوع جو هڪ آڳاٽو ڪتاب جنهن جو بيروني حوالو ڏنو آهي، سو هو ديسقوردس جو صيدنہ( 7_3) ۽ صهار بخت جو صيدنہ(189). بيروني کان اڳ طب جي جن مسلمان عالمن تحقيق ڪئي، تن مان حڪيم رازي جو صيدنہ (216) وڏيڪ مشهور ٿيو(جيڪو مون ڪي سال اڳ ڪتي پڙهيو تہ رازي جي مشهور ڪتاب الحاوي جي پويان ضميمي طور ڇپيو آهي).

## ٻولين جي ڄاڻ

بيروني وڏو محقق هو ۽ ڪيس گهڻين ٻولين ۾ مهارت حاصل هئي. هو دوائن ۽ جڙين ٻوٽين جا نالا يوناني، سرياني، عربي، فارسي، سنڌي ۽ هندي کان سواءِ ٻين علاقائي ٻولين جهڙوڪ، سجزي (سيستان علائقي جي ٻولي) وغيره جا ڏئي ٿو. ڪيس انهن ٻولين جي قديم ڪلاسيڪي صورت توڙي ان وقت جي رائج روز مرهہ واري صورت جي خبر هئي. مثلاً عموما هو هندي نالا ڏيئي ٿو پر ڪن جاين تي وضاحت ڪري ٿو تہ اهو نالو قديم هندي(الهنديہ القديمة) جو آهي. (424) ائين ڀائنجي ٿو تہ ان مان سندس مراد سنسڪرت آهي اهڙي طرح هو سيستان جي قديم ٻولي کي السجزيہ القديمہ چوي ٿو(351) بيروني کي ٻولين جي ڄاڻ ۽ ان بابت سندس حوالا هڪ نهايت اهم موضوع آهي جنهن تي تحقيق جي ضرورت آهي.

ڪتابن کان سواءِ جن جا نالا ڪتاب الصيدنہ ۾ ڏنل آهن بيروني پاڻ ان وقت جي همعصر عالمن جا نالا ڏئي ٿو جن کان ڪيس جڙين ٻوٽين بابت خاص معلومات حاصل ٿي: جڻين تہ ابراهيم السنداني(174) ۽ سندان شهر جا ڪي ٻيا (331). ملتاني ملتان وارا ۽ ”صيادلہ مولتان“ (314) يعني ملتان جا پساري:سنڌ جي شهر منصوره وارا اهل منصوره. بشر الفزاري جنهن جو ڪتاب بيروني جي آڏو هو سو سنڌ ۾ آيو ۽ جڙين ٻوٽين بابت تحقيقات ڪيائين ۽ سنڌي نالا لکيائين. بشر ملتان ۾ بہ ويو هو(256). هڪ صفحي (237) تي بشر السجزي ڇپيل آهي ۽ جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ پوءِ بشر سجستان جو يعني سيستان جو هو سيستان ۾ افغانستان جو الهنديون پاڱو، بلوچستان جو بالڪل اتريون پاڱو ۽ ايران جو بالڪل ڏکڻ- اويرنديون بلوچستان وارو پاڱو شامل هو!

## سيستان جا بلوچ

بيروني ان وقت جي سجستاني ٻولي جا ڪي لفظ ڏنا آهن. تي سگهي ٿو تہ انهي ٻولي جو تاريخي رشتو اوائلي بلوچي ٻولي سان هجي. بيروني چوي ٿو تہ سلحفاتہ کي سجزي ٻولي توڙي هندي ٻولي ۾ ڪڇهہ چئجي ٿو سنڌي ۽ بلوچي ۾ ڪچو. سيستان جي بلوچن جي بيروني کي ڄاڻ هئي ۽ جت گبچ قبيلن جا نالا آيا آهن. بيروني ٻاهرين لفظن جي "چ" جو متجي ' ص تيڻ جا مثال ڏئي ٿو تہ جئين بلوص (- بلوچ) يا قفص ( - ڪفچ، گبچ، ڪوچ) ۾ صاد (صفحو نمبر 3). ٻي جاءِ تي هو سجستان جي جتن بلوچن جي ٻولي جو لفظ ڏئي ٿو: چوي ٿو تہ هو طراثيت کي هيور ۽ خيور چون(354).

### سنڌي سمنڊ

" بحرالسند "( 317)يعني سنڌ جو سمنڊ. بيروني پهريون عالم آهي، جنهن عربي سمنڊ بدران سنڌي سمنڊ لکيو آهي، بيروني ڪيترن ئي سنڌي وکرن ۽ دوائن جا نالا آندا آهن، جن مان ڪي ساڳيا نالا آهن جيڪي هن وقت بہ استعمال ٿين ٿا جيئن تہ:

- سعتر(256)يعني ساٿر
- چندل ۽ چندن(248)
- سر ڪنڊ(متن ۾ " سہ سو ڪند " ڇپيل آهي، جيڪو صحيح ناهي: البتہ معنيٰ " قطاع جيده" لکيل آهي يعني ڳچي يا سر جو ٽڪر جنهن مان ظاهر آهي تہ صحيح لفظ سر ڪنڊ آهي) سنڌي ۾ چندن جو ٻيو مشهور نالو سر ڪنڊ آهي

  رسالي جي وائي ۾ آهي تہ: سيڻين سر ڪنڊ سپجي، عطر پرين اتورا
- مجٺ(290). مجٺ توڙي ماجونو رنگ سنڌ ۾ مشهور رهيا آهن
- ڪروان(316). پکي جو نالو جيڪو عربن وٽ مشهور آهي اهوساڳيو نالو آڳاتو عربي مان سنڌيءَ ۾ آيو ۽ ڪروان پکي جنهن جو شڪار ڪجي سو موجود ۽ مشهور آهي.
- قصدار(خزدار) جو ليمو(331)
- خر دل جنهن کي هندي ۾ رائي ۽ ملتاني ٻولي ۾ "آهري" چون (175). هن وقت سنڌي ۾ آهر ٿا چئون.
- فتق(226) يعني ڦوٽا ان مان ظاهر آهي تہ سنڌي لفظ ڦوٽا عربي لفظ فتق

مان نڪتل آهي.

- ڪور(326) جنهن جي معنيٰ مقل يعني گگر ڇاٽايل آهي، سو ڪونئر آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪونئر اصل ۾ عربي لفظ ڪور آهي.

گلن بابت بيروني جون وضاحتون هيٺين ريت آهن

• نرگس ۽ نرجس. رازي جي راءِ ۾ نرجس ساڳيو عبهر آهي. ائين پڻ چيو وڃي ٿو تہ عبهر ساڳيو سوسن آهي. شيراز هڪ گل سوسن نرجس سڏجي. نسرين ساڳيو نسترن گل آهي: سنڌي ۾ ساڳيو نالو نرگس آهي. جلال ڪٽي سسئي جي سر مان گلن بابت هنر جو بيت چيو جنهن جي هڪ سٽ:

هو سج سورج ڪان نڱيا،نڪري ٿيا نرگس.

• نيلو فر(366) مشهورنالو آهي يعني پبڻ جو گل.

# نواب غيبي خان چانڊئي جي ڪچهري

نواب غيبي خان چانڊيو وڏو سخي ۽ گهڻ سَهو هو. ڪنهن سان ڪوڙ ڪونه ڳالهايائين. سندس حياتيءَ ۾ شهر غيبي ديري ۾ ڪنهن جي گهر تئو ڪونه چڙهيو. سيني کي ماني بَنيءَ تان ملندي هئي. سندس باري ۾ گهڻيون ڳالهيون هلندڙ آهن, جن مان نواب صاحب جي سادگيءَ سان گڏ سندس فهم ۽ فضيلت جي خبر پوي ٿي. روزانو ڪچهري لڳندي هئي. نواب صاحب, وچ ۾ ڪرسي تي ويهندو هو ۽ سندس مشير, صلاحڪار ۽ ٻيا سڀ چوڌاري هيٺ ويهندا هئا. فيصلن هلندي هو پنهنجي راءِ ڏيندا هئا ۽ آخر ۾ وڏيڪ ڪارگر راءِ بحال ٿيندي هئي.

مون کي عزيز مرحوم غلام الله خان لغاري (سپرٽينڊنگ انجنيئر, ايريگيشن جي عهدي تان رٽائر ٿيو) نواب صاحب جي هڪ ڪچهري جي ڳالهه ٻڌائي جيڪا ساڻس مرحوم محمد علي خان کهاوڙ پاڻ پنهنجي زباني ڪئي. محمد علي خان کهاوڙ جون مينهون چورائجي ويون ۽ غيبي ديري ۾ ڪنهن وٽ پهتيون ۽ هو پاڻ غيبي ديري نواب صاحب وٽ ويو. نواب صاحب آيو ۽ ڪچهري ۾ اچي ويٺو. محمد علي خان چيو ته: مون ڪيس احوال ڏنو ته مينهون فلاڻي جي گهر بيٺيون آهن سي وني ڏيو. تڏهن ويٺلن مان ڪنهن چيو ته: هي اجايو بهتان آهي, ڪهڙيون مينهون ته ڪهڙي ڳالهه! نواب صاحب چيو ته: 'ادو بحالو' (يعني هائو بحال). اتي وري ڪنهن ٻئي چيو ته: جي هي مڙس ڪوڙ ٻڌي آيو آهي ته سڀ ٽڪ ٽڪ هٽو. نواب صاحب وري به چيو ته: 'ادو بحالو!' اتي يڪدم ڪچهري مان ڪنهن ٽئين ماٺهو ڳالهايو ۽ چيائين ته: آءٌ سڃاڻان ٿو هي محمد علي خان کهاوڙ آهي, عزت وارو آهي ۽ راڄ جو چڱو مڙس آهي. هي جيڪا ڳالهه ڪندو سا ڪوڙي نه هوندي پلا جيڪڏهن مينهون فلاڻي جي گهر ۾ آهن ته موٽائي ڏئي. تڏهن نواب صاحب هٿ مٿي ڪري چيو ته: "ادو بحالو!" اهو آخري فيصلو ٿيو ۽ مينهون محمد علي خان کي موٽي مليون.

نواب غيبي خان پاڻ هميشہ ڪچهري جي وچ ۾ ڪرسي تي ويهندو هو ۽ چوڌاري ماڻهو ويٺل هوندا هئا. لاڙ جي ڪنهن جت اهو لقاءُ ڏٺو سو اچي خبر ڪيائين تہ: نواب صاحب ڪچهري جو مور آهي، رڳي هڪ اوڻائي آهي جو مڙس وٽ نڙ ڪونهي جو ويهي وڄائي.

نواب غيبي خان چانڊيو هلت چلت ۾ سادو پر بردبار، داناءُ، خوددار ۽ بلوچي روايات جو محافظ هو. غلام الله خان لغاري (سپرنٽينڊنگ انجنئير) ٻڌايو تہ: جيڪب آباد جي ساليانيءَ جشن 'هارس -شو' جي موقعي تي منهنجي ۽ ٻين عملدارن جي اتي ڊيوٽي هئي جو گورنر بہ آيو. شيخ عبدالقادر ڪليڪٽر هو. انگريزن ۽ سنڌن مڊمن جي ويهڻ جي جاءِ جدا ڪيائون ۽ ٻين کي جدا تي ويهاريائون. نواب غيبي خان آيو تہ انگريزن واري طرف چاڙهي تي چڙهڻ لڳو. ڀريائين ڪنهن آفيسر وڏي چيس: نواب صاحب اوهان جي جاءِ هن پاسي آهي، پر هن کي ٻڌائين بہ ڪونہ. ان بعد ڪليڪٽر پاڻ تڪڙو تڪڙو آيو ۽ چيائين: نواب صاحب اوهان جي جاءِ هن طرف آهي. تڏهن چيائين تہ: ادو اتي بہ ڪا جاءِ هوندي ۽ اسين ويهي رهنداسون. پوءِ هليو آيو ۽ هڪ ڪرسي تي پاڻ ويٺو، ٻيءَ تي پنهنجو پٽڪو لاهي رکيائين. ٽئين تي سندس رفيق ڏاتو خان ويٺو ۽ چوٿين ڪرسي تي سندس ننڍڙو پوٽو سلطان احمد ويٺو. پوءِ ٻيون ڪرسيون آنداڻون ۽ انگريز ۽ مڊمون بہ پاسي سان ويٺا رهيا، پر نواب صاحب بنا ڪنهن هٻڪ جي لاغرضائي سان ويٺو رهيو. ائين آخر ۾ انگريزن کي پنهنجي خودداري ۽ عظمت وارو شان بہ ڏيکاري ڇڏيائين.

# سنڌ ۾ پاڻي جي پياس ۽ آس

## • ٿر ۾ ساوڻ جي مينهن جي موسم

عبدالعلي فقير سمون ٿر جو (تعلقو مٺي) ويٺل هو. سندس ڪي محبت وارا ٿر ڇڏي سنڌ ڏانهن وڃڻ وارا ٿيا، جو برسات ڪانه ٿي پئي. عبدالعلي فقير دعا جو بيت چيو ۽ وڏو مينهن آيو جيڪي لڏي ٿي ويا سي خوش ٿي ويهي رهيا.

اترئون تي آئيو ڪڪر ڪاري ڪار
جَهڪ گڏي، جُهڙ وَهي، آوڻ ڪي آڌار
ڪررنگ راٽاسِر تي، تون واحد وڄون وار
خوشيون ڪري ’ڪوڙ ٻهن‘ تي، چمڪيون تي چيلهار
ڏتين پٽين پار ڪرين، هونگون ڏئي هالار
سوين سورٺ سامهيون گجيون مٿي گرنار
هاري تون هارين جي خاوند اوڙ مَر ڪار
اوهيرا عبدالعلي چئي، آٽي ڏوري ڏار
جي ڏولائي ڏورنيا، والي سي ئي وار
اڄ مينهن جي مند تي، پرين وڃ مَ پار
سرهايو سنگهار، اڄ وَٺي جون آئيون.

## • نئين ڳاج جو پاڻي

نئين ڳاج جي پاڻي تان تڪرار ٿيو. هڪڙي طرف رُستماڻي ۽ لغاري ته ٻئي طرف جمالي. محمد فقير براهماڻي ڳاج نئين لاءِ دعا جو بيت چيو ته گهڻو پاڻي آٽي جيئن سيئي راڄ خوش رهن. محمد فقير 1930ع کان اڳ اسي ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي.

ڳاج تي گوهيون ڪري تنهن کي سائين تون سمجهاءِ
ليٽون ڪري لغارين، ڏي تنهن کي سڏي واٽ سونهاءِ

سرلي لپ سول مان نگهه ساڻ نواءِ
سترهن راج سِراين جا. سڀ جي تو ۾ اميد آ
ٻبر ٻُڇهڙي ٻيا. سڀ وسي خوشي وساءِ
لاهه غم ڳُڙن گوپانگن جا. چانڊيا سرس سواءِ
لائق ڪر لُنڊن سان، اتئي جمالي ٻي جاءِ
پاڳو ڏين پائرن سنئون، سڀ کي نيت پنهنجي آ
مند وسين، مند نه وسين، بي پرواهه بادشاهه!
وڏيون وَڏايون وهائي، رُدراٽين سان رَهاءِ
آباديون انهن جون ٽين جاءِ بجاءِ
پٽ پچي راس ٽين، ولڙين ويڙ وڏاءِ
ڪانئن خوب خوشيءَ مان، دوست توکي ڪن دعا
براهماٽي بلوچ جي تون جوڙ جنت ۾ جاءِ
سيد سانگ رساءِ، مڙني جو محمد چئي.

سُول ننڍي نئين آهي جيڪا گاج مان نڪري ٿي. ٻُڇهڙي پنهور آهن انهن جي پاڙي جو اهو نالو. 'ڳڙ' لغارين جو پاڙو جيڪي ڳڙ لغاري سڏجن.

# جاوا _ سوماطرا جو سفر

[13 کان 27 مارچ 1977ع]

(هي سفر نامو جاوا جي شهر سُرابابا ۾ 22 مارچ 1977ع تي لکيو ويو).

"اڪين سوئي اوڙڪيو جو ڪتبن سُئوِم ڪَرنُ."

جاوا جون ڳالهيون ٻڌندا هئاسون سو اچي اکين سان ڏٺوسون. سرسبز سهڻو ملڪ، جنهن جي قدرتي سونهن جي جڻ تعريف نٿي ڪري سگهجي. سياسي طاقت جو مرڪز هن وقت "جاوا" آهي. صدر 'سوهارتو' بہ جاوا جو آهي. جنگ آزادي وقت ڊاڪٽر حتي ۽ ٻيا ليڊر سوماطرا جا هئا. سوماطرا ۽ جاوا ٻئي انڊونيشيا جي تاريخ ۾ سياسي توڙي اقتصادي لحاظ سان اهم جزيرا پئي رهيا آهن. هن وقت بہ آدمشماري جو وڏو انگ انهن ٻن ٻيٽن ۾ آهي. جاوا ۾ 8 ڪروڙ ۽ سوماطرا ۾ ٻہ ڪروڙ ۽ باقي ٻين ۾ تي چار ڪروڙ جملي جزيرا ٽن هزارن کان بہ شايد وڌيڪ هجن.

هي ملڪ عجائبات مان آهي. هڪ تہ جدا جدا جزيرن جا ماحول نرالا ۽ ٻيو تہ جزيرا سمنڊ ۾ جڻ گج تي ٽِڪُن مثل جڙيل. سڄي ملڪ جو نقشو ائين آهي جيئن ڪنهن نيري زمين تي ساوا ۽ ڳاڙها، اڇا ۽ ڦِڪا رنگدار هٽي، ماڊرن آرٽ جي مصوري ڪئي هجي. زمين زرخيز ۽ مٿان مينهن! سڄي زمين آباد! چانورن ۽ مڪائي جي فصلن سان گڏ ٻيا فصل، هڪ فصل ڪٽن تہ ٻيو وجهن. ساڍن چئن مهينن ڪن ۾ چانورن جو فصل ڪٽن ۽ اهڙي طرح ساڳي زمين مان ٻن سالن ۾ پنج فصل چانورن جا ڪٽن.

قسمين قسمين جا وڻ! ساڳ هتي سپجي، آبنوس (ebony) هتي ايري، تہ بانس هتي اُسري! چندن جو خوشبودار وڻ مَلوُڪا ۽ سوماطرا جزيرن ۾ پيدا ٿئي. ان جي سنهڙن ورقن جا ويڙها هن وقت هتي هڪ سئو رپين (15 رپيا پاڪستان) ۾ ملن ٿا. وڄهڻو هٽجي ٿو تہ عطر واري خوشبوءِ دار هير لڳي ٿي. ڪافور هتي سوماطرا جزيري جي 'آچيہ' علائقي جي سنگڪيل (Singkel) واري علائقي ۾ ٿئي. ڪارا مرچ ، لونگ ۽ ڦوٽا مَلوڪا جزيري يا

سوماطرا جي اترين ڀاڱي ۾ ٿين. ناريل جتي ڪٿي آهي. ناريل جا وڻ ڀري ڀري ڪان آسمان تي ڇت گل ٺاهي تا ڇڏين. ٻيا ننڍا ٻوٽا، ’ڪافي‘ (coffee) جا ۽ چانهه (Tea) جا جاوي چانهه خوشبوءِ ۾ مشهور آهي. ٻيا عجيب قسم جا ميودار وڻ جن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ميوا ٿين ٿا. جيڪي نه ڪنهن ٻڌا ۽ نه ڪنهن ڏٺا! انب ۽ ’پپيهو‘ مشهور آهن. هتان جي ٻولي ۾ انب کي ’منگا‘ چون ٿا، جيڪو ساڳيو لفظ انگريزي ۽ ٻين يورپي زبانن ۾ ’مينگو‘ ٿيو. ’پپايا‘ لفظ به هن ملڪ جو آهي جنهن کي اسان ’پپيهو‘ چئون. هتان جو پپيهو اندران ڳپ ۾ گلابي رنگ تي مائل آهي ۽ نهايت مٺو آهي.

جانور قسمين قسمين! واگهه ٻيلائي، هاٿي، رڇ، ڀولڙا ۽ باندر عجيب قسم جا رنگين ۽ ٻوليندڙ (ڳائيندڙ) پکي، جهنگ جا ٻانگا، مور رنگين ڪبوتر، رنگين طوطا وغيره. ڪي جانور عجيب ۽ انوکا جي ٻئي ڪنهن هنڌ ورلي ٿين. مثلاً اورنگهُتُن (اورنگ= ماڻهو+ هتن=ٻيلو) يعني جهنگلي ماڻهو (Man of the Forest) جيڪو نڪي ماڻهو نڪي باندر: وڏو شاهي، ٻنا ٻچ جي، چئن جنگهن توڙي ٻوئين ٻن جنگهن تي هلي. اکيون چڻ ماڻهو واريون. نڪ صفا ڪونه ۽ رڳو ٻه سوراخ. يوگ يا ڪارتا شهر جي حيوان خاني ۾ هڪ اورنگ هَتُن جنهن کي آءُ ويجي ڏسندو آهيان. وڏي عمر جو ڳاڙهي ڏاڙهي اٿس، پاسن کان پيشاني وٽان وڏا نڪتل وَنگ (مينڊين مثل) واري آيا اٿس. وينو آهي ته وڏي صبر وارو ۽ خاموش چڻ ڪنهن غور فڪر ۾ ۽ زندگي تي گهري نگاهه رکندڙ آهي. ٻيو جانور ڪمودور ٻيٽ جو جنهن جو نالو ئي ”ڪمودو“ چڻ وڏي ازگر ڳوهه هلي ته ڪنڌ ۽ ڪرمتي ڪٽي هلي. ڪنهن اڳئين ’جڳ جي جانور‘ جو يادگار. سُرابايا جي حيوان خاني ۾ ’Dolphin River‘ تي ننگ، ٻچ مڇي وارو منهن لُڏڙي جي منهن مثل، ٻه اکيون سنهيون، مٿي چوٽي تي سوراخ جنهن مان شايد ساهه کٽي ۽ ڀڻ پاڻي جو ڦوهارو پچڪاري وانگر هٽي. انهن لاءِ خاص حوض ٺڏي صاف وهندڙ پاڻي جو ان ۾ هڪ پلاسٽڪ جو وڏو گول بال پيل جنهن سان هڪ ’ڏالفن‘ راند ڪري ۽ ٻچ هٽيس ته بال ٻُل ڪائي ويجي مٿي ڇت کي لڳي.

ملڪ سڄو ڪڪرن سان ڇانيل، ندين ۽ واديون، ٽڪريون وڻن سان ڇانيل، ٻيا ٻرندڙ جبل جن مان ٻاهه جا اُلا ۽ دونهان پيا نڪرن، بعضي ڦاٽي لاوا (گرم گارو) وهائي هيٺان ڳوٺ ۽ آباديون ساڙي ڇڏين ’يوگ يا ڪارتا‘ جي ڀرسان مشهور ٻرندڙ جبل ”ڪنمر رابي“ آهي. اسان هڪ دفعي ان جي

سامون واري تفريح گاهه وٽ وياسون، پر اهو ڏينهن ڪڪرن سان ڇانيل ۽ مينهن وسندڙ هو ۽ مٿي جبل کي ڏسي ڪونه سگهياسون. هڪ ڏينهن جڏهن سمنڊ جي هڪ تفريح گاهه ”بارون پنتائي“ کي مغربي جاوا ڪناري تي ڏسڻ وياسون ۽ پريان موٽياسون ته ”ڪنمر رابي“ جي چوٽي صاف نظر آئي ۽ دونهين جون لاٽون پئي نڪتيون. تي مهينا ڪن اڳ گرم گارو(lava) وهائي اڊائي سو گهر تباهه ڪيائين ۽ ٽيهه چاليهه ماڻهو ماريائين.

علم الا انسان جي مطالعي ۽ تحقيق مطابق، قبل ازتاريخي انسان هتي هڪ ملين سان اڳ پيدا ٿيو. ان جا آثار جاوا جي Solo ندي واري علائقي مان 1890_91ع ڌاري دستياب ٿيا. انساني نسل جا ٻه ڪيئي نمونا، جڻ ايشيا جا سڀ نسل اچي هتي نمودار ٿيا آهن. مَيلي نسل جا ماڻهو گهڻا آهن پر عرب، سنڌ ۽ هند جا ماڻهو چيني ۽ مقامي جهنگلي باشندا جن ۾ آئرين جا رهواسي ڪارا جن جا وار شيدين مثل آسٽريليا جي جهنگلي ماڻهن سان ملندڙ.

ٻوليون ٻه ڪئين آهن. هن وقت سرڪاري ۽ عام فهم زبان کي”انڊونيشي“ چيو وڃي ٿو جيڪا ”مَيلي“ تي مبني آهي .اها مليشيا، سينگاپور ۽ انڊونيشيا واري ساڳي عام فهم ٻولي آهي جنهن کي وسيع ڪري رهيا آهن. اڳ جاوي ٻولي ۽ مدوري مادورا جزيرن جي ٻولي عربي خط ۾ لکبيون هيون جڏهن اڳين لڙائي ۾ جپانين هن ملڪ تي قبضو ڪيو ته ميلي - انڊونيشي ٻولي ’رومن خط‘ ۾ لکجڻ شروع ٿي ۽ هاڻي اخبارون توڙي علمي درسگاهون ۽ سرڪاري آفيسون انهيءَ خط ۾ انڊونيشي زبان لکي رهيون آهن. اها مُلڪي سهولت آهي. البته تاريخ ۽ ثقافت جي لحاظ سان، عربي خط جو هِت صدها سالن کان هجڻ هڪ مُنفرد مَظهر هو. مليشيا ۾ اجا تائين عربي خط رائج آهي پر انڊونيشي رومن خط جي اثر هيٺ شايد مليشيا وارا به رومن خط اختيار ڪندا. انهيءَ هوندي به جاوا جي مدرسن ۽ خانقاهن ۾ اجا تائين جاوي ۽ مدؤري زبانون عربي خط ۾ لکجن ٿيون ۽ پڙ اجا تائين ڪتاب عربي خط ۾ ڇپجن ٿا. ڪالهه (1977_3_22) آءٌ وَلي سُونن امفيل جي ديني درسگاهه تي ويس، درسگاهه واري گهٽي ۾ ڪتابن جا دُڪان. جتان هيٺيان ٽي ڪتاب خريد ڪيم جن ۾ جاوي ۽ مدؤري ٻوليون عربي خط ۾ لکيل:

1_ برهان الدين زرنوجي جو مشهور ڪتاب ”تعليم المتعلم طريق التعلم“ ترجمه الي لغة المن دؤرة الحاج محمد نور مُنيري اسماعيلي، ڦمکا سان، مَرِدؤرا، طُبع علي نفقة توکو مخلص، سورابايا.

2_ الڪتاب المسميٰ بُسلم التوفيق، ترجمہ الي اللتہ الجاوية الم دؤر يہ الفقير الي رحمہ ابہ البصير الخبير محمد عثمان الا سحاقي (سوربايا)

3_ تاريخ الاوليا: تاريخ والي سفا، ڏينيغ بشري مصطفي رمباغ سنڌي وانگر جاوي ۾ دؤر ي لاءِ الف_ بي پڻ_عالمن عربي حرفن تي نقطا وڌائي استعمال ڪئي آهي.

سنڌ وانگر هتي اسلام آڳاتو آيو. عرب مسلم تاجر غالباً 3 صدي هجري ۾ هتي پهتا. 5 صدي هجري (12 صدي ع) تائين عرب مسلم تاجرن سوماطرا جزيره جي آچيه واري خطي، توڙي جاوا جي ڪناري سان بندرن ۾ بستيون قائم ڪيو. تيرهين کان سورهين صدي تائين صوفين، ولين (سونان)، عالمن (ڪِيائِن) ۽ حڪمران سلطانن جي ڪوشش اسلام کي سيني بيٺن تائين پهچايو ۽ سڄو ملڪ مسلمان ٿي ويو. هن وقت هتي تاريخ دانن ۾ ٻين جي وچ ۾ اختلاف رهيا آهن. ڪن جي راءِ تہ اسلام هتي سڌو سنئون عربستان، عمان، حضرموت ۽ بصري کان آيو. ڪن جي راءِ ۾ تہ اسلام هِتي گجرات جي مسلمانن آندو. مون پنهنجن مقالن ۽ تقريرن ۾ (پهريون ڀيرو) وضاحت ڪئي تہ دين اسلام هتي سڌو سنئون عرب اسلامي ملڪن مان آيو. مگر اسلام جي تبليغ ۽ توسيع جيڪا 12 هين صدي عيسوي بعد شروع ٿي تنهن ۾ نہ فقط هِند جا مگر سنڌ جا مسلمان پڻ شامل هئا. گجرات مان مسلم مبلغن جي آمد جا ٻہ دليل آهن: هڪ تہ گجرات يعني رانديرَ ۽ سورت جا مسلمان شافعي مذهب رکندڙ آهن ۽ انڊونيشيا جا مسلمان پڻ شافعي آهن ٻيو تہ جيڪي صوفي ۽ عالم هتي آيا تن مان نورالدين رانيري آهي (يعني رانديرجو) جنهن جو مزار سوماطرا جزيري جي آچيہ (Achieh) واري علائقي جي گادي جي شهر باندا (بندي) آچيہ (Harbour of Achieh) ۾ آهي. (مون وٽ ڪتبخاني ۾ هڪ قلمي ڪتاب، ايمان جي پختگي ۽ قلب جي صفائي بابت صوفيانہ انداز ۾ لکيل موجود آهي، جنهن ۾ مصنف پاڻ کي 'فقير نور الدين' لکي ٿو. شايد اهو ڪتاب هن ساڳئي صوفي مبلغ نور الدين رح جو هجي.)

سنڌ مان جو مسلمان آيا ان جي وضاحت مون هن سفر دؤر ان پنهنجن مقالن ۾ ڪئي* شاهہ لطف الله قادري، ميين شاهہ عنايت ۽ شاهہ عبد اللطيف جي رسالن ۾ سرسامونڊي ۾ خاص ذڪر آهي تہ ڪيئن سنڌ مان وڻجارا سمنڊ رستي لنڪا، جاوا، ماچين تائين اچن ٿا پنهنجي ٻئي سفر ۾ وڌيڪ مطالعي بعد

انگريزي ۾ ڪتاب لکيو (1980) Abvent of Islam in Judonesla پيو ته جيڪي جاوا ويجن تا سي اتي ئي رهي تا پون ۾ پوئتي ڪين تا موٽن. انهيءَ ڪري دعائون ته ڏٺي ڪين واري آٽي. جاوا جي واپار ۾ وڏو نفعو هو جو سنڌي ۾ پهاڪا پيدا ٿا ته:

جيڪي ويا جاوا- سي ٿيا ساوا.

---

جيڪو ويجي جاوي-- سو ول نه آوي
جي آوي ته پُريان تائين کاوي

سنڌ وارا نه فقط جاوا ۾ ويجي گهر ڪري ويٺا، پرڪي تاجر جاوا- سوماطرا کان به اڳتي (ڪمبو ڊيا، ڪوريا، چين طرف) هليا ويا. ميين شاهه عنايت جي بيت ۾ آهي ته:

پَرَ لَنڪان پر هٿا جني جا پتار“

پر لڪان يعني پَرلڪَ کان. ’پرلڪ‘ سوماطرا جزيري جو بالڪل ئي اتريون چوٽي وارو علائقو آهي، جتي غالباً مسلمانن جي پهرئين حڪومت 13 هين صدي عيسوي ۾ قائم ٿي. سنڌ جي ڪن پڙهيلن ’سر ساموندي‘ مان هندن واپارين جوگمان ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو ”ڏني ڏياري، ساموندين سڙهه سنبا هيا“ ۾ پانيائون ته ڏياري جو ذڪر آهي انهيءَ ڪري وڻجارا پڻ هندو هئا پر ڏياري صرف ’موسم جو اهڃاڻ‘ آهي اجا تائين ساڪري- ڪيٽي طرف بيڙيا تا سمنڊ ۾ مڃي لاءِ ڏياري، يعني ته سانوڻ جي ختم ٿيڻ ۽ سياري جي شروع وقت ويندا ڇاڪاڻ ته سمنڊ ان وقت ماٺو هوندو آهي ساموندين جو سلسلو شاهه لطف الله کان اڳ 15- 17 هين صدي دؤر ان هو. جڏهن انڊونيشيا ۾ اسلامي سلطنتون قائم ٿيون. ان وقت هندو واپارين جي وڃڻ جو ايترو گمان نٿو پيدا ٿئي. سنڌ جا بيڙ ياتا اجا تائين سڀ مسلمان آهن ان وقت انهن جا اهي اهڃاڻ آهن ته ’الله جي آسري‘ بيڙيون هاڪاريائون ”نذر نبيءَ جام جو چڙهندي چيائون“.

ڪوشش ڪئي آهي ته هتي ڪي اهڙا اهڃاڻ هجن، جيڪي سنڌ جي اعليٰ شاعري ۾ ملن ٿا. غالباً سنڌ جي بزرگن تائين اهي روايتون پهتيون هيون ته ڪيئن ڪي مسلمان درويش الله جي راهه ۾ هن ملڪ تائين پهتا. سوماطرا ۾ هڪ وڏو علائقو ۽ شهر ’ساموندرا‘ آهي، سوماطرا جي ٻوليءَ ۾ سمنڊ کي ’سلمندر‘ چون، يعني ’ڊر‘ جي اچار سان ساڳيو سنڌي اچار آهي. ان وقت جي ساموندرا رياست ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي ساموندين، جي

سعين ۽ ڪوشش سان قائم ٿي هجي. مون هت ڪي هڪ ٻہ شخص ’آچيہ‘ (سوماطرا) طرف جا ڏٺا جن جا مهاندا اسان جي ماڻهن جهڙا آهن. خصوصاً منهنجو ميزبان نور الزمان صديقي، جنهن ’جاڪ جڪرتا‘ (يوگ يا ڪارتا) شهر ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ پوءِ سرابيا تائين مون سان گڏجي آيو.

گجرات ۽ سنڌ مان مسلمانن جي اچڻ هتي اسلامي معاشري کي تقويت ڏني. اسلام جي تبليغ ۽ تشهير صوفين، ولين، عالمن، معلمن ۽ سلطانن جي ڪوشش سان ٿي. صوفين ولين ۽ درويشن جي هن وقت تائين هتي وڏي عزت ۽ عظمت آهي. هر جزيري ۾ سندن مقام ۽ مزار آهن. ماڻهو سندن نالن کان واقف آهن ۽ عالم سندن ديني خدمت کان با خبر آهن. خاص طرح آزادي واري دؤر (1940ع– 1977ع) ۾ انهن بزرگن جي نالن کي اُجاگر جي ڪوشش ڪئي وئي. هن پوئين ويجهي دؤر ۾ اعليٰ اسلامي تعليمي درسگاهون ۽ يونيورسٽيون سندن نالن سان قائم ڪيون ويون آهن. جاوا جي جزيري ۾ وڏي عالم مخدوم مَلڪ ابراهيم آڳاٽو اسلام جي تعليم ۽ تبليغ ڪئي. سندس مزار سرابيا شهر کان اوپر Gresik ۾ آهي. پڻ اتي ٻيو ولي سونن گِري مدفون آهي. اسان انهن بزرگن جي درگاهن جي زيارت لاءِ 21 مارچ تي وياسون مخدوم ابراهيم جي متولي وٽ شجرو ڏٺم جنهن ۾ ” الشيخ، مولانا ملڪ ابراهيم قريشي بابرڪات زيب العالم(امام باقر جي اولاد مان ڄاڻايل) . سندس تاريخ وفات12 ربيع الاول 866 هجري جاوا جي جزيري ۾ نَوَ ولي مشهور جن کي جاوي ٻولي ۾ “ سوگُو سُونَنَ” (نوَ ولي)سڏيو ويجي ٿو.’سونان‘ يا ’سونن‘ (ڪٿي ڪٿي مون ’سنن‘ پڻ لکيل ڏٺو). جاوي ٻولي جو لفظ آهي، جيڪو چون ٿا تہ’سُو هُون‘ مان نڪتل، معنيٰ جنهن کان گهرجي‘ (يعني جيڪو سوال سٽي ۽ ڏئي). مخدوم ملڪ ابراهيم ٻيهريون سونان جاوا ۾ ٿي گذريو جنهن جو ذڪر ڪري آيا آهيون.

سرابيا شهر ۾ ’سونان رادين احمد‘ ٿي گذريو جنهن جي درسگاهہ تي اسان 77_ 5– 22 تي وياسون ’رادين احمد‘ کي ’سونان اَمپَل‘ سڏيو ويجي ٿو. ’امپل‘ پرڳڻي يا اراضي جو نالو آهي سرابيا شهر سونان رادين احمد کان پوءِ آباد ٿيو. سونان امپَل ساڳئي وقت عالم ۽ مبلغ هو جنهن هت ٻيا عالم پيدا ڪيا. هن اسلام جي تبليغ ڪئي. سندس مسجد، اسلامي تبليغ جو مرڪز ۽ پڻ اسلامي درسگاهہ هئي. اڄ اها مسجد، غالباً لاهور واري جامع

مسجد جي اڏيل راضي ڪان ٻه گهڻو وڏي آهي ٻاهران حضر موت جا عرب آباد آهن. غالباً سونان آمپل جو عرب ممالڪ اسلام سان رابطو رهيو. سندس نياڻو "رادين پاڪو" هو جيڪو هن وقت "سونان گري" (جبل يا پهاڙي جو سونان) جي نالي سان مشهور آهي ۽ 'گرسڪ' شهر جي شاهي پهاڙي تي مدفون آهي. سرابيا شهر ۾ اعليٰ اسلامي تعليمي درسگاهه I.A.I.N(Institute Agama islam Nigiri)ولي سونان امپل(IAIN Sunan Ampe) جي نالي سان گورنمينٽ طرفان قائم ڪيل آهي. ان ڪان سواءِ يونيورسٽي 'سونان گري 'جي نالي سان قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ آرٽس ۽ سائنس پڙهايا وڃن ٿا. اها اسٽيٽ يونيورسٽي ناهي پر مسلمانن جي طرفان پنهنجي قائم ڪيل آهي.

جاوا ڪان سواءِ جزيري سوماطرا ۽ ٻين تي پڻ سونان (ولي) ٿي گذريا. انهن ڪان سواءِ ٻيا دين جا عالم ۽ مبلغ ۽ مصنف هئا مثلاً سوماطرا ۾ صوفي عالم ۽ درويش نور الدين رانيري يا رانديلي ٿيو جيڪو اصل ۾ رانديَر شهر (گجرات) جو هو ٻيو عالم ۽ شاعر الحمزه الفنصوري هو جيڪو Melabohشهر ۾ مدفون آهي. اهو شهر" بند آچيه"کان 300 ڪلوميٽر اولهه طرف آهي اهڙي طرح شمس الدين السمطراني ٿيو جيڪو آچيه جي Singkelعلائقي ۾ مدفون آهي جتي ڪافور پيدا ٿئي ٿو. انهن ۽ ٻين بزرگن جا شاگرد وڏا عالم هئا جن مڪتب ۽ مدرسا قائم ڪيا جن کي پونڊوڪ Pondokسڏيو وڃي ٿو. اهي ثانوي ۽ اعلي تعليمي مدرسا آهن جن ۾ شاگرد (Santry)رهن ۽ انهيءَ لحاظ سان نالو'Pansantern' . انهن مدرسن جا باني مباني عالم مقامي ٻولي ۾ "ڪيائي " سڏجن بهرحال عالمن، صوفين درويشن ۽ سلطانن جي سعيي سان هن ملڪ جي مختلف جزيرن ۽ ٻيٽن ۾ اسلام پکڙيو عالمن ڪتاب لکيا، درسگاهون قائم ڪيون ۽ دين جا عالم ۽ مبلغ پيدا ڪيا. سلطانن پنهنجن سرحدن کي وسيع ڪيو ولين، درويشن عوام سان محبت ۽ دلي رشتي سان کين اسلام ڏي متوجهه ڪيو جيڪڏهن ماڻهو موسيقي سان متوجه ٿي ٿيا ته هنن بزرگن ان کي اختيار ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪئي. جنگ آزادي ۾ سڀ' ڪيائي( مدرسن جا باني ۽ عالم)پيش پيش رهيا ۽ جهاد ڪيائون ائين چوڻ صحيح ٿيندو ته جيڪڏهن'ڪيائي' ۽ پونڊوڪ (مدرسا)نه هجن ها ته ڊچن خلاف جهاد لاءِ ميدان تيار نه ٿي سگهي ها.

موسيقي کي هتان جي رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافتي زندگي ۾ وڏو اثر رهيو.

جدا جدا ٻيٽن جا باشندا آڳاٽي زماني کان وٺي پنهنجن سادن سازن سرودن ۽ رقصن ۾ مست ۽ مسرور هئا. هندن جي اچڻ کان پوءِ واڄي قسم جا ساز مروج ٿيا. اڳ اڪثر ساز 'بانس' ۽ ٻئي ڪاٺ جا هئا. تندن ۽ تارن وارا ساز مسلمانن رائج ڪيا. اجا تائين انهي سلسلي جو مشهور ساز 'رباب' سڏجي. دهلن جو سادو قسم ڪو اڳ موجود هو پر فوجي دٻدٻي ۽ نوبت واري روايت هيٺ وڏا ننڍا قسمين قسمين جا دهل مسلمانن رائج ڪيا. پر راڳ جي رسم جي سلسلي جو وڏو ڪردار درويش ولي "سونائن ڪالي جاڳا" ادا ڪيو. هن ڏنو تہ عوام ساز سان ريجهن ٿا. انهيءَ ڪري وجڻ وارا پتل ۽ چنگ مان ٺهيل ساز سڀ يڪجا ڪيائين. انهن مان ڪن سازن مان سازينو ٺاهيائين ۽ اهڙي طرح هڪ خاص قسم جو سازينو (آڪيسترا) مرتب ڪيائين. جيڪو 'گيميلان' سڏجي ٿو. ان قسم جي ٻي سازينن کي نبي صلعم جي مولود (ربيع الاول) ملهائڻ لاءِ مروج ڪيائين. مسلمان سلطانن گيميلائن جا جدا نوع مرتب ڪرايا. جن مان هڪڙا شاهي مهمانن جي مرحبا لاءِ ۽ ٻيا فوج جي همت افزائي ۽ تربيت لاءِ استعمال ڪيا ويا. اڳ سازن جي مجمعي طور اهڙا سازينا مرتب ٿيل ڪونہ ها. ڪي ٿورا ساز مندرن ۾ ٻين جاين تي وڄايا ويندا هئا. ولي "سونان ڪالي جاڳا" پڻ "پُتلين جي پاڇي واري تماشي" (Shadow Play)۾ اسلامي روايتن جذبن ۽ خيالن کي رائج ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. پتلي کي هتان جي زبان ۾ "وي يَنگ" ۽ تماشي ڪندڙ کي "دالنگ" سڏيو ويجي ٿو.

راقم 19 مارچ 1988ع تي "پاڇيدار پتلين جي تماشي" جو مطالعو ڪيو جنهن مان پتليون پيش ڪندڙ ۽ ڳالهہ ڪٿندڙ اڳواڻ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. سڄو دارو مدار ڳالهہ ۽ ان جي ڪٿڻي تي آهي. ٻئي طرف مون پنهنجي فراغت واري ٿوري وقت ۾ 'گيميلان' سازيني ۾ مرتب ٿيل سازن جو مطالعو ڪيو. گادي جي شهر جوڪ جا ڪرتا ۾ سلطان ڀووانو-IXجي محلات ۾ 'گيميلان' جا هينيان پنج جدا جدا سازينا مرتب ٿيل آهن:

- ڪيائي گُنتر مادو(Kyai Guntu Madu)
- ڪيائي ناگو وِلاگو(Kyai Nago Velago)جاوي زبان ۾' ناگو ولاگو',انڊونيشي' ناگا ولاگا'.
- ڪيائي ڪبو گنگنگ(Kyai Kebogangang)
- ڪيائي گُنتر لائوت(Kyai Guntur Laut)
- ڪيائي گُنتر ساري(Kyai Guntursari)

پهريان ٻہ گيميلان ”سِڪاتَين“ سڏجن جيڪو اصل ۾ ”شهادتين“ آهي. اهي ٻئي سونان ڪالي جاڳا ترتيب ڏنا ۾ اهي ٻئي مولود البني (6 کان 12 ربيع الاول) لاءِ مخصوص آهن. فقط انهي هڪ هفتي ۾ وڄندا, هر هڪ ۾ هينيان نَو ساز شامل آهن.

- هڪ ڪنانگ (Kenong) جيڪو سورهن دٻلن جو آهي(انن دٻلن جون ٻہ قطارون)دٻلو جنهن جي چوٽي تي ضرب ايندي.
- چار سارون(Saron)
- هڪ ڪتُڪ (Ketuk)
- هڪ ڪمُپل(Kempul)
- هڪ گانگ(Gong) جيڪو ڪمپل مثل وڏو شاهي
- هڪ گندنگ (Gedang) وڏو دهل مثل

ٽيو نمبر ”ڪيائي ڪبو گتگنگ“ شادي جي موسيقي لاءِ سلطانن جي سهاري هيٺ مسلمانن موسيقارن جي ايجاد آهي.

چوٿون نمبر ”ڪيائي گنتر لاؤت“ ٻاهران ايندڙ معزز مهمانن, سفيرن ۽ ٻين کي سلامي لاءِ سلطاني سلسلي جو آهي.

پنجون نمبر ”ڪيائي گنتر ساري“ فوجي پريڊ ۽ فوجي رقص لاءِ, سلطاني سلسلي جو. ”ساري“ جي لفظ مان گمان نڪري ٿو تہ شايد عثماني ترڪن جي ”جانساري“ فوجي رقص جي زير اثر ٺٽيو هجي. ڪيائي گنتر ساري وڏو ترتيب ڏنل گيميلان آهي, جنهن ۾ ڪم از ڪم هينيان 28 ساز شامل آهن.

- ٽي بونانگ Bonang
- چوڏهن سارون Saron
- ٻہ گندر Gender
- ٻہ گندنگ Gendang
- هڪ گانگ Gong
- ٻہ ڪنانگ Kemong
- هڪ ڪتُڪ Ketuk
- هڪ گمبانگ Gambang
- ٻہ ڪئمپل Kempul

مٿين پنجن قسمن کان سواءِ ڇهون ’گيميلان‘ غالباً خاص سلطاني

سلسلي جو آهي، جيڪو جدا هڪ شاهي شامياني وارو عمارت ۾ جيڪا سلطاني محل (Kraton) اندر آهي، رکيل آهي .ان ۾ ٻه گهڻا ساز آهن ۽ گهڻا سپ لطيف آوازن وارا. اهو 'گيميلان' اندر محلات ۾ رقص جي سکيا لاءِ آهي. هن وقت محلات کليل آهي ۽ ڪوبه ماڻهو اتي اچي رقص سکي سگهي ٿو.

جوڪ جاڪرتا جو اهو سلطاني محل هن وقت ٻاهران ايندڙ گهمندڙن ۽ ڏسڻ لاءِ مقرر وقتن تي کليل آهي. ان جو موجد موجود آهي. سلطان گهراڻي جو باني ا ـ Sultan Hemengku Buwono (1755_92ع) هو. هن وقت آخري سلطان HBP_IX هن وقت انڊونيشيا جو وائيس پريزيڊنٽ آهي.

گيميلان جي انهن مختلف ترتيبن کي مسلمان موسيقارن ۽ سُونان ڪالي جاڳا ايجاد ڪيو. انهن کي محض لهولعب لاءِ نه پر اعليٰ مقصد لاءِ ايجاد ۽ استعمال ڪيائون. انهي ڪري هر گيميلان جو ابتدائي مانائتو خطاب "ڪيائي" آهي. اهو خطاب هتي اسلامي معاشري ۾ محض انهي مُنتظم لاءِ آهي جيڪو تعليمي درسگاه قائم ڪري ۽ ان کي هلائي ۽ اڳواڻي ڪري. گيميلان پڻ جڻ مهذب معاشري جو عزت مند اڳواڻ آهي. مسجدن ۾ هڪ نئين نوع جو وڏو دهل يا دهلن جو جوڙ تنگيل آهي، جنهن تي اذان کان اڳ نوبت وارو ڏونڪو لڳي ٿو. اهي دل ڇت مان لڙڪندڙ واجهن ۾ ٻڌل ۽ لٽڪيل آهن. انهن مان هڪ کي بيڊُڪ Beduk چون. سرابيا جي هڪ مسجد ۾ بانس مان ٺهيل وڏي شاهي گهنڊ مثل ڏگهو پورو ساز لٽڪيل ڏٺم جنهن کي ڪاٺ جي مطرقي هڻڻ سان وڏو آواز نڪري، اهڙو گهنڊ مون 'ميدان' کان 'بالاوان' بندر ڏانهن ويندي واٽ تي هڪ آڳاٽي سلطاني مسجد ۾ پڻ ڏٺو.

سوماطرا ۾ خاص طرح ۽ پڻ جاوا ۾ اسلامي دنيا جي سازن جو آڳاٽو سلسلو جنهن ۾ خاص طرح تارن وارا ساز شامل آهن ۽ سپ عام مقبول آهن. انهن مان هڪ ساز کي 'رباب' چون. سوماطرا ۾ هڪ ساز 'ڪياچي' جيڪو تارن وارن سو غالباً 'ڪماچي' (ڪمانچہ) جو بگڙيل نالو آهي. هن وقت جوڪ جاڪرتا (يوگيڪرتا) ۾ سلطانن جي محل ۾ گيميلان جا مٿيان قسم رڳو نمائش طور رکيل آهن. رقص وارو گيميلان هن وقت هر آچر تي وڄائين ٿا ۽ رقص سکڻ جي رسم نمائشي طور ڏيکاري وڃي ٿي. وڏن وڏن هوٽلن ۾ گيميلان رکيل آهن ۽ ٻاهرين مسافرن جي دلچسپي لاءِ وڄايا وڃن ٿا. پٽلين

جي پاڇي واري تماشي تي به گيميلان جي ٽورن گهٽن سازن جي شموليت رهي ٿي. گيميلان جا Cassets ٺاهيا ويا آهن. في الحال موسيقي جي اها روايت ڪنهن حد تائين زنده آهي. ٻئي طرف آمريڪي 'پاپولر' ۽ 'پاپ موسيقي' جو جتي ڪٿي هُل لڳو پيو آهي. رڪارڊن جي ڏُم پٺيءِ پويءِ اهڙي طرح هن ملڪ جي قومي روايتن، ڪلچر ۽ زندگي جي شعبن تي مغرب اثر انداز ٿي رهيو آهي. ٻين اسرندڙ ملڪن وانگر، انڊونيشيا ۾ به 'مغرب جي تمدني تهذيب' جو جادو ۽ طلسم جاري آهي. قومي روايتن ۽ قومي زندگي جي برتري جو شعور آهي ته به سهميل آهي.

هن وقت هت به "اليڪشن" جو دؤر دؤر و آهي. پارٽين جا جلسا جلوس شروع آهن. هاڻي هتي جا نوجوان جيڪي قومي روايات مطابق سنجيدگيءَ ۽ تحمل سان سينگاريل آهن سي جلسن جلوسن جي نعري بازي ۽ هاءِ هو واري ماحول ۾ پلجي رهيا آهن. اڳتي قومي زندگي ڪهڙو رخ ٿي وٺي. اهو مسئلو انڊونيشيا توڙي ٻين مشرقي ملڪن ۾ پيچيده آهي ۽ ان جو جواب مستقبل ۾ مضمر آهي.

هن وقت ٽي سياسي جماعتون آهن. هڪ 'گولڪر' جيڪا حڪمران پارٽي واري جماعت آهي ۽ زور آهي. ان جو نشان انڊونيشيا/ جاوا جو مشهور وڻ "تيريگن" يا "بٽرينن" آهي، يعني ساٿو ۽ چانو ۽ آسائش وارو. ٻي جماعت جيڪا اڳئين صدر سوڪارنو جي سلسلي جي آهي، ان جو نشان 'ڍڳو' آهي. جيڪو هتان جي زندگي مطابق بهادري، 'همت ۽ طاقت جو نشان آهي. ما دؤرا جزيري ۾ ڍڳن جي جوڙن ڀڄائڻ جون شرطون مشهور آهن. هتان جو ٻگو ڪڙو ڏاند نهايت سهڻو آهي. ٽي جماعت جيڪا ٽن اسلامي جماعتن جي پارٽي آهي سا اسلامي جذبي سان سرشار آهي مگر وسيلن ۾ گهٽ. هتي هڪ سئو 'ملين' مسلمان آهن جن مان وڏي اڪثريت ۾ اسلام جو جذبو آهي. مگر اڄ ڪلهه مسلمانن جي ملڪ جي سياست 'اسلام' جي نالي کان ڇرڪندڙ آهي. ڇاڪاڻ جو مغربي ۽ ٻيا ملڪ اتي پنهنجن مذهبن جو نالو ڪونه ٿا ڪڍن. هن پارٽي جو نشان 'ڪعبو' آهي. هنن کي سمجهڻ گهرجي ته اهو نشان مناسب ناهي. 'ڪعبي' يا 'اسلام' واري پارٽي کي شڪست آئي ته نفسياتي طور تي ڄڻ ڪعبي ۽ اسلام کي شڪست. جنهن صورت ۾ سڀ مسلمان آهن ته پوءِ 'اسلامي' سلسلن کي وچ ۾ آڻڻ مان ڪهڙو فائدو!

## عربي ۽ سنسڪرت الفاظ

انڊونيشي (ملايو) توڙي جاوي، مَر دؤر ي ۽ آچيہ (سوماطرا) جي ٻولين ۾ سنسڪرت ۽ عربي الفاظ ۽ پڻ فارسي ۽ ترڪي الفاظ موجود آهن. سنڌ ۽ پاڪستان مان ڪو انڊونيشيا ويندو ۽ پنهنجي محدود ڄاڻ ۽ ٿوري عقل سان سندن نالن ۽ لفظن تي سوچيندو تہ سواءِ حيراني ۽ پريشاني جي ٻيو ڪجهہ پلئہ ڪونہ پوندس. مثلاً.

ديوان مَها سِسِوا=ڪاليج يا يونيورسٽي جي وڏن شاگردن جي ڪائونسل تنظيم.

سسوا=شِشِ = چيلو= شاگرد: مَها= وڏو Advanced Student. ديوان لفظ اَصل فارسي ۽ پوءِ عربي ۾ پڻ استعمال ٿيو معنيٰ ڪائونسل. سو هن ترتيب ۾ پڻ فارسي ۽ سنسڪرت يڪجاءِ ڪيل.

بناءِ تاتا سامونڊرا (Ocean Establishment System) هڪ ڪمپني جو نالو جنهن ۾ بِناءِ= عربي (بنياد): تاتا=انڊونيشي (تنظيم)؛ سامونڊرا=سمنڊ.

هَستا ڪَريا (Hasta Karaya) = اٺ ڪم.

هڪ اعليٰ عرَبي مدرسي جو نالو جتي شاگرد رهن "آشرم". سامهون بورڊ تي هن طرح لکيل:

A.P.I

ASRAMA PERGUUAN ISLAM

PONDOK PASANTREN

آشرم جو در = Pintu Ashram

ڪنهن چيو تہ Pondok لفظ عربي 'فندق' مان نڪتل آهي پر ائين ناهي. فندق خود عربي لفظ ناهي، ٻيو تہ Pondok بلڪل مقامي لفظ آهي. معنيٰ اسلامي مدرسو. اهو غالباً جاوي يا مر دؤر ي ٻولي جو لفظ سوماطرا ۾ 'آچيہ' واري علائقي رنگ ڪنگ (Rang Kang) ۾ مڪتب کي دايہ (Dayah) سڏين. جيڪو تي سگهي ٿو تہ 'ضيا' مان هجي.

مغربي سوماطرا جي پادانگ (Padang) واري پاسي مڪتب کي سُورَئو (Surau) سڏين. يعني اها جڳهہ جتي ٻارڙا پڙهن ۽ پڻ نماز پڙهجي، پر جمعي نماز نہ پڙهجي.

هڪ دڪان جي مٿان نالو (Jayama'mur) ڄيہ معمور (سنسڪرت+ عربي).

شريڪت دگنگ ثمور=ثمور (ٻيٺ) واپار ڪمپني.

شاستري = عالم.

# سنڌ جا قبيلا ۽ نسبناما

سنڌ جي قبيلن ۽ سنڌن نسب نامن جي مطالعي سان سنڌ جي تاريخ ۽ سماجي زندگيءَ جا نوان باب روشن ٿين ٿا. راقم ڪافي عرصي کان اهڙي مطالعي جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ مختلف قبيلن جي سڃاڻن ۽ سڃاڻن کان پڇائون ڪيون ۽ حالات جمع ڪيا ۽ 1992ع ۾ رسالي مهراڻ (جون - جنوري) ۾ هن موضوع تي لکندي هيٺين طور ڏيان ڇڪايو:

”سنڌ جي ذاتين، قبيلن ۽ نسب نامن بابت پوري تحقيق نہ ٿي سگهي آهي. وڏ ۾ وڏ تہ نالا معلوم آهن پر نالن بابت بہ بي وڌيڪ خبر ڪانہ آهي. قبيلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ، علم تاريخ توڙي علم انسان جو هڪ خاص بابت آهي، اها معلومات انهيءَ ڪري ڪارگر آهي، جيئن صحيح نموني ۾ سيني جي سڃاڻپ ٿي سگهي“.

اهي ملڪ جن ۾ اجا ذاتيون ۽ قبيلا قائم آهن، اتي فطري طور هر قبيلو پاڻ کي وڏو سمجهي ٿو ۽ ٻئي کي گهٽ. سنڌ جي قبيلن جي نسب نامن بابت تحقيق ڪندي اهو معلوم ٿيو تہ خود ساڳئي قبيلي جي جدا جدا ڦرين ۽ پاڙن ۾ پنهنجي فوقيت ۽ ٻين جي گهٽتائي واريون روايتون هلندڙ آهن، جيڪي ماضيءَ ۾ هڪ ٻئي سان اختلافن جون يادگار آهن. وڏي دل گهرجي جو اهڙين روايتن کي ماضيءَ جو باب ڪري سمجهجي ۽ وڌيڪ ڇڪتاڻ نہ ڪجي.

قبيلن جي تاريخ ۽ نسب نامن جو موضوع ايترو دلچسپ آهي، جو هر سمجهدار ان کي وڌيڪ سمجهڻ چاهي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترن ئي سڄڻن خط لکي توڙي روبرو اچي پڇائون ڪيون آهن. آءٌ کين چوندو آهيان تہ اسان جي معلومات محدود آهي. ڪنهن وقت سنڌ ۾ نسب نامن محفوظ ڪرڻ جي رسم روايت جيڪا افسوس جو قبيلن جي ٻي رُخي توڙي سياڻن ۽ سگهڙن جي ٻي قدري سببان آهستي آهستي ختم ٿي ويئي. ڇهہ سؤ سال کن اڳ، ساداتن جي نسب نامن تي تحقيق ڪندڙ هڪ مصنف لکيو تہ:

سنڌ ۾ سادات پنهنجا نسب ناما محفوظ نٿا ڪن. بلوچ قبيلن ۾ پاڻ پنهنجن نسب نامن ياد ڪرڻ ۽ ڳائڻ جو رواج هو. جنهن ڪري ڪافي مواد محفوظ رهيو پر ان ۾ وقت گذرڻ سان واڌارو ڪو نه ٿيو. سنڌ جي سمن قبيلن مان گهڻن جا موروثي ڀٽ ۽ ڀان هوندا هئا، جن کي ”چؤپڙا“ هوندا هئا، جن ۾ نون چاول پُٽن جا نالا لکندا هئا. اهڙن لکندڙن مان جيڪي هندو هئا، سي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سرحد پار رهجي ويا ۽ نسب نامن لکجڻ جو هيءُ سلسلو ڪٽجي ويو. ترائي جي اربابن مان سڃاڻ سربراهه مرحوم ارباب الله جوڙيي اهڙي خبر ڪئي. اتر ۾ پنيرن ۽ چاچڙن جا نسب ناما به ڪنهن وقت لکت ۾ موجود هئا.

ڪنهن وقت سنڌ ۾ ڪي ڪٽنب پنهنجا نسب ناما ٽامي جي پٽڙين تي اُڪرائي محفوظ ڪندا هئا ۽ ٻيا ڪي ڪٽنب لڪائي رکندا هئا. گذريل چاليهن سالن ۾ مون سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ جڏهن پڇائون ڪيون ته ٽامي جي پٽڙين ۽ ڪاغذ جي بندين ۾ لکيل نسب نامن جون ڳالهيون ٻڌايون ويون، پر ان سان گڏ عام طرح اهو عذر ڏنو ويو ته فلاڻي وقت باهه لڳي ۽ اهي ڪاغذ سڙي ويا.

سمن کان سواءِ، سنڌ جي سهتن وٽ پنهنجا شجرا هئا، جن جا ڪي زبون ٽُڪرا نظر مان گذريا. اهڙيءَ طرح اُپرندي طرف جي وڏن قبيلن مان خاص طرح مڱرين، مهرن ۽ راجڙن پنهنجن ڀٽن ۽ مڱڻهارن ذريعي پنهنجا نسب ناما سنڀاليا. وڏي چاڙهو حسين مڱريي، مرحوم عليم فقير، منو فقير ۽ ٻين کان مڱرين جي نسب نامي بابت ۽ مرحوم عبدالڪريم راجڙ کان راجڙن جي نسب نامي بابت مفيد معلومات ملي.

سنڌ جي قبيلن جي نسب نامن بابت ڪنهن وقت ڪي نهايت ضروري سوال سامهون ايندا آهن، جن جي پڪن جوابن لاءِ وڏي تحقيق جي ضرورت آهي. هڪ اهم سوال اهو ڪيو ويندو آهي ته سنڌ جا قديم ۾ قديم باشندا ڪهڙا هئا. هڪ تاريخي حوالي موجب، سنڌ جون قديم قومون ٽي هيون: موميد، تاڪيا ۽ پانيا. موميد ته ميديا مهاڻا آهن. تاڪيا غالباً 6_7 صدي عيسوي کان اڳ سنڌ ڇڏي پنجاب طرف هليا ويا، جتي اڳ ۾ سنڌن گهڻائي هئي. پانيا بابت پوري پڪ نه آهي ته اهو نالو ڪهڙي قوم جو آهي. نتيجي طور چوندا سون ته صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جا قديم باشندا مهاڻا آهن، جن کي اسلامي دؤر ۾ ”ميربحر“ واري مانائتي نالي سان سڏيو ويو.

ڪي موجوده قبيلا ڪن اڳين وڏن قبيلن جون شاخون آهن، پر نالن متجڻ سببان انهن جي نسب نامي بابت پوري ڄاڻ نہ رهي آهي. مثلاً پنهور، پالاري، ٿهيم، ٽُنيا، ۽ ڪي ٻيا اصل ۾ عرب قبيلا آهن. پالاري ٿهيمن جي شاخ آهن ۽ ٿهيم اصل ۾ "تميم" آهن يعني عرب قبيلي بنو تميم مان آهن. جن عربن جي آخري دؤر ۽ سومرن جي اوائلي دؤر ۾ لاڙ ۾ حڪمراني ڪئي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ڪي قبيلا اصل تُرڪ نسل جا آهن. ڪي اڃا تائين پاڻ کي "تُرڪ" سڏائين ٿا. جيتوٽيڪ ڪي ترڪ ڪٽنب آڳاٽو مقامي سنڌي ڪٽنبن سان ملي ويا. "مغل" ترڪ نسل مان آهن. ڪالرو ۽ قزاق ترڪ نسل جا قبيلا آهن. وَسندو قزاق اڳين حرن فقيرن جي ٽولن مان وڏي همت وارو فقير ٿي گذريو.

جت قبيلا بلوچ نسل جا قبيلا آهن ۽ گهڻا جت قبيلا اسلام کان اڳ واري دؤر ۾ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ آباد ٿيا. چانگ ۽ پڙجانگ بلوچ قبيلا آهن. جيتوٽيڪ اهي پنهنجن انوکن نالن سان مشهور آهن.

سنڌ ۾ ڪي قبيلا اهڙا بہ آهن جن جي نسب نامن بابت غلط فهميون پيدا ٿيل آهن ۽ جن بابت وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

محض سنڌ بابت تاريخي معلومات محفوظ ڪرڻ لاءِ نہ رڳو پنهنجي وڏائي ۽ ٻين جي گهٽتائي لاءِ ضروري آهي تہ هر قبيلي جا سڄاڻ نوجوان سڀ کان اول پنهنجي وڏن ۽ سياڻن کان جيتري قدر ٿي سگهي، قبيلي جي اصل ماڳن، قبيلي جي جدا جدا پاڙن ۽ پڳن، ۽ قبيلي جي نيڪ مردن ۽ سڄاڻ مائين بابت حالات گڏ ڪن، ٻئي مرحلي تي، ڪتابن مان معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

آخر ۾ هت اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ باوجود ڪوتاهين جي، ماضيءَ ۾ سنڌ اندر نسب نامن بابت معلومات محفوظ ڪرڻ جي ڀرپور رسم رهي آهي جنهن جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا.

1. سنڌ جي سمن جي نسب نامن جون ڪي آڳاٽيون روايتون لکت ۾ موجود آهن، جن جو راقم گهڻي وقت کان وٺي مطالعو پئي ڪيو آهي. مگر جيئن تہ اهي زباني روايتون هيون ۽ گهڻو پوءِ لکت ۾ آيون انهيءَ ڪري انهن ۾ گهڻو مونجهارو ۽ اختلاف آهي. ٺٽي جي سمن سلطانن جي پيڙهي ۽ پڳداري بابت جڏهن تحقيق ڪئي وئي تہ لکيل روايتن مان ڪو پتو پئجي نہ سگهيو ۽ فقط مڪلي جي تاريخي آثارن وارن

ڪتبن جي آڌار تي سمن حاڪمن جا ذاتي ۽ سلطاني نالا توڙي سندن هڪ ٻئي پٺيان حڪمراني جا مُدا ۽ سال متعين ڪيا ويا.• عام طرح سان "سماٽ" جي صحيح معنيٰ کي بہ پوري طرح نہ سمجهيو ويو آهي. اصل ۾ سمن جي سَنهن راڄن کي "سماٽ" جو نالو ڏنو ويو ۽ نہ بين کي جيڪي سمن جي نسب نامي ۾ شامل ناهن. بيو تہ 'سماٽ' جي معنيٰ جتي سمن جي گهٽائي هجي؛ سڀ سنڌي ڳالهائيندڙ قبيلا سماٽ ناهن. يعني سمي جو اولاد ناهن؛ هر هڪ جو پنهنجو شجرو ۽ پنهنجا سلسلا آهن.

2. بلوچ قبيلن مان ڪن جا نسبناما ڪنهن حد تائين موجود آهن پر بلوچن مان سڀ کان وڌيڪ تفصيلي نسب ناما ڪڇ جي راڏن جتن جا آهن جيڪي گذريل صدي جي لکتن ۾ بيان ٿيل آهن.
3. سنڌ جي ساداتن مان لڪياري، متياري ۽ بخاري سلسلن جي ڪتنبن مان ڪن جا نسب ناما موجود آهن، پر وڌيڪ تفصيل سان روهڙي ۽ نصرپور جي رضوي ساداتن جا نسب ناما لکيا ويا. مير علي شير قانع خاص طرح ٺٽي ۾ آباد ٿيل ساداتن جا نسب ناما لکت ۾ آندا. پوئين ويجهي دؤر ۾ لڪياري ساداتن مان جناب سيد محمد راشد ﷬ (روضي ڌڻي) جي اولاد جو شجرو تفصيل سان موجود آهي.
4. سنڌ ۾ ملتان جي غوث بهاءُ الدين زڪريا ﷬ جي اولاد جا شجرا (جيڪي قريشي سڏجن) آڳاٽو سنڌ ۾ گهڻن جاين تي تفصيل سان موجود هئا، پر هن وقت اهو تفصيل جيتري قدر بڪيرن جي درگاهن جي قبن وارين ديوارن تي لکت ۾ آندل آهي، اوترو ٻئي هنڌ موجود ناهي.
5. جناب مخدوم نوح ﷬ ۽ سندس اولاد جو شجرو آڳاٽو فارسي ڪتاب "فرع الاصول" ۾ تفصيل سان لکايو ويو، جنهن جو سنڌي ترجمو درگاهہ جي مجاور محمد صالح "انيس العشاق" جي نالي سان تاريخ 5 ماہ ذوالقعد 1306ھ ۾ پورو ڪيو. شجرن جي لحاظ سان، هي تفصيلي ڪتاب ڇپائڻ جهڙو آهي".

---

• ڏسو راقم جو انگريزي ۾ لکيل تحقيقي مقالو (سنڌ جي حاڪمن جي پيڙهي وارن بادشاهن جو سلسلو) جيڪو "پاڪستان رڪارڊس ۽ آرڪائي وز ڪميشن" جي پهرئين اجلاس آڏو پشاور ۾ سنہ 1951ع ۾ پيش ڪيو ويو ۽ جيڪو پوءِ اجلاس جي ڪارروائي طور سنہ 1953ع ۾ ڇپيو.

متئين مهاڳ لکڻ بعد اٺ - نو سال گذري ويا تہ مون محسوس ڪيو تہ هن وقت تائين ڪيل تحقيق مان جيڪو مواد حاصل ٿيو آهي سو قسطن وار شايع ڪيو وڃي. ’رهاڻ هيرن ڪاڻ‘ جي پوئين جلد 3 ۾ شروعات ڪئي وئي ۽ سهتن، جتن - بلوچن، جاکرن، سميجن ۽ ڪن ٻين قبيلن بابت ڪيل تحقيق کي قلمبند ڪيو ويو. هن چوٿين جلد ۾ انهيءَ سلسلي کي ڪجهہ اڳتي وڌائجي ٿو ۽ هيٺ ڏنل لاشاري، دل، چانگ، مگرين ۽ سنڌ جي ايرندي پاسي وارن ٻين قبيلن بابت تحقيقي مواد ڏجي ٿو.

## ٭لاشاري

بلوچن جي قبيلن مان لاشاري هڪ وڏو قبيلو آهي ۽ تاريخ جي لحاظ سان پڻ اهم آهي. 14-15 هين صدي ۾ سنڌ سان لاڳو سندن رياست هئي، جنهن جو مرڪزي شهر گاجان هو. رند ۽ لاشاري واري وڏي ٽيهہ- سالہ لڙائي ۾ سنڌ جي حڪومت لاشارين جي مدد ڪئي. سندن قبيلي مان خان درياخان، سلطان جام نظام الدين جو وڏي اعتماد واريو وزير ۽ سپهہ سالار هو جنهن کي سلطان، پنهنجو پٽيلو ڪيو ۽ خان الاعظم جو خطاب ڏنو.

سلطان جام نظام الدين جي دؤر ۾ لاشاري قبيلي جو ماڳ ۽ مرڪز ’ڪاهان‘ (ضلعو دادو) هو ۽ ٻي سندن گهٽائي نئين ضلعي جي ڪوهستاني پاڳي ۾ ۽ هيٺ ساموندي ڪناري لڳ گهوڙاٻاري ۽ شاهبندر علائقن ۾ هئي. لاشارين جو سونهن وارو مقام ان دؤر جو تاريخي يادگار آهي. ڪوهستاني علائقي ۾ مَلڪ اسحاق ۽ پوءِ بنگي خان سندن مشهور سردار ٿيا.* سلطان جام نظام الدين جي دؤر ۾ سومرن سربراهن کي ’همير‘ جو خطاب، سمن سربراهن کي ’جامائي‘ جو خطاب ۽ بلوچن سربراهن کي ’ملڪي‘ يا ’ميري‘ جا خطاب مليا.

ان دؤر جو بيت آهي تہ:

* مير اسحاق جو مقام ۽ قبر (ديهہ) ڪنڊ جهنگ، موئيدان پٽا ۾) مهير جبل کان تہ طرف واري وسيع وادي ۾ واقع آهي. اهو مقام ڳنڊ جهنگ مقام کان ڏيڍ ميل اوپر طرف (ڳوٺ محد چٽي کان بہ اوپر ۽ ڳوٺ پير بخش چٽي کان ڏکڻ) آهي جيڪو راقم 2- نومبر1985ع تي ڳولي لڌو. قبر جي پيراندي تي مير اسحاق جو نالو لکيل ۽ قبر جي سيراندي متان سرداري وارو مولهيو ۽ هيٺ سواري وارو گهوڙو ڪُند ٿيل آهي. بنگي خان جي قبر جنگ شاهي کان اولهہ طرف واري ڪوهستان ۾ آهي.

'همير' چايو سومري، سمي چايو 'چام'،
'ميري مَلڪي' لقب بلوچڪو اڳيان نيڪ نِدام،

چايو يعني چورايو نيڪ ندام يعني نيڪ نظام، يعني سلطان چام نظام الدين. موجوده دؤر ۾، ساڪري، گهوڙاباري، شاهبندر ۽ پڻ بنوري ۾ لاشارين جا ٻه وڏا قبيلا "مُنڌير" ۽ "مڃر" آهن، جيڪي انهن نالن سان سڏجن ۽ باقي ٻيا لاشاري سڏائين.

- مُنڌير قبيلي مان ٻه رئيس پاڙا، هڪڙا سلطاناڻي (جن جي نسبت سلطان چام نظام الدين جي فوج جي حوالي سان) جن مان پوئين ويجهي دؤر (1962ع) ۾ شير محمد خان ۽ حاجي عمر خان وارا، ٻيا علياڻي جن مان عالي خان، بنگي خان، احمد خان ۽ ٻيا. انهن ٻن پاڙن کان سواءِ ٻيا منڌير پاڙا موريا ڻي، گُلاڻي، موساڻي، شنباڻي، ڀنايا ڻي، ڳڪاڻي، هالاڻي (ڪاري جا، جتي ٻيا ٻه ٻه پاڙا).

-مُڃر قبيلي مان قاسماڻي، حَسُواڻي، مهراڻي، ريدار ۽ تاجواڻي.

- حمراڻي، سائيناڻي ۽ وَلاساڻي ٻه مُنڌير.

-ٻيا لاشاري راڄ شهر ٻني لڳ جن مان وڏي سگهڙ الله بخش سان راقم جون ڪچهريون ٿيون؛ ٻيا "وَر" جي شهر وٽ ڪانٽي واهه تي.

لاڙ جي انهن سيني لاشارين وٽ اها روايت مَشهور تہ لاشاري قبيلي وارا سلطان چام نظام الدين جي وقت ۾ ۽ پڻ ان کان اڳ گجرات طرف ويا اتي وڏي طاقت وارا ٿيا. انهن ڪي جنگين وقت سما چام سڏيندا هئا.

گهوڙاباري تعلقي جي لاشارين وٽ آڳاٽي وقت جي روايت جنهن موجب چام نظام الدين لاشارين کي جنگ وقت سڏيو جيڪي ان وقت گجرات ۾ هئا. سنہ 1962ع ۾، مرحوم الله بچائي خان جلباڻي جي ڳوٺ ڪيل ڪچهري ۾ وڏي سگهڙ طاهر محمد محسن مورياڻي مُنڌير لاشاري (ڳوٺ ٻن، تپو ٻيلي تعلقو گهوڙاباري) هينئين تاريخي روايت بيان ڪئي تہ مَهميد خان لاشاري، گجرات مان راڌڻ پور آيو ۽ اتان اولهہ طرف مڪران جو رخ ڪيائين ۽ سنڌ پهتو.

گجرات گُڙ آئيا، رائي راڌڻ پور
ڪيائون منهن مڪران تي، ڏيئي پائرن پر:
ڪابل ڪنبائيو آهيان، دهليءَ سندي در
ڪوپا ائين ڪوهستان جا، سُرها سروسر

پرِي پيرو ڪر، اچي سگهو رس ساموئي ڪي.

اهو وقت هو جڏهن ڪابل قنڌار طرفان ارغونن پئي حملا ڪيا. سلطان ڄام نظام الدين جي حڪم موجب درياخان گجرات مان لاشاري سڏايا. بلوچ شاعر مُلاعيسي لٽينگ بہ پوءِ هن واقعي کي بلوچي شعر ۾ بيان ڪيو جيڪو (ان وقت مون جيئن ٻڌو ۽ سمجهيو تيئن) هيٺ ڏجي ٿو.

مهميد شي ڪيچ مڪرانا
سمي بِرزان وَزِي رَڪغان
عيسي اي مشڪاٽي سَئين
ميرين مُنڌير مَسترين
هردَه بَرش هڪ وسرا
هرڪي بہ دهلي ناموار
حڪومت پنان ير سَرين
جامہءُ ندو برزاين مسترين
ترڪ تماچي تيج گرين.
ڍوري نامي داز غئين.

**• دَل ۽ سندن پاڙا**

دَل سنڌ جو هڪ وڏو قبيلو آهي، جنهن بابت راقم آڳاٽو پڇا ڪئي پر خاطر خواهہ خبر ٻن سُڃاڻن ڪان ملي: هڪ حاجي احمد علي مجذوب ڪان جنهن سان 21- مئي 1957ع ۾ رهاڻ ٿي. حاجي صاحب علم وارو هو ۽ شاعر پاهڙ فقير دل جو پٽ هو. ٻئي اعتبار جوڳي جهوني سگهڙ شهداد (ڏيٿو دل) ڪان ملي جنهن سان ٿر ۾ 30- آگسٽ 1971ع تي هيراڙ ۾ سندس جاءِ تي ڪچهري ٿي. ٻيا احوال ٻين ڪان مليا.

حاجي احمد علي چيو تہ: دل اصل ۾ ابڙا آهن. اهي سمن جي بادشاهي ڪان اڳ موجود هئا. ستين سن ۾ هن قبيلي مان هڪ عبادت گذار مائي پهريائين غوث بهاءُالدين زڪريا جي مريدياڻي ٿي؛ پنڙو ڪچ تي هوس جنهن کي ڏسي غوث صاحب چيو تہ: "اين وچو دَل تيسن"، يعني هن مان ٻيا گهڻا ٿيندا. مائي پوءِ ٻارڙي جو نالو بہ دل رکيو جنهن جو اولاد وڌيو ۽ طاقت وارو ٿيو. پوءِ ٻئي پڳدار غوث صاحب دعا ڪئي تہ: "دلن جي دوڙي، ڏينهن قيامت توڙي" دوڙي معنيٰ ڪنهن تڪليف يا جنگ وقت يڪ مشت

گڏجاڻي، ٻڌي ۽ مضبوطي.

هي قبيلو جڏهن طاقت وارو ٿيو تڏهن وڏا پاڙا ۽ ”راڄ چوويهه هئا جن ڏي ضرورت وقت چاڻ لاءِ چنيون نڪرنديون هيون.“ سگهڙ شهداد جي زباني موجب دل قبيلي جا پاڙا هيٺين نسب نامي موجب ٿيا.

- محمود ۽ اگهامِ ٻئي سڳا ڀاءُ، جن جو اولاد انهن نالن وارا پاڙا.
- ساهِم، حُسُن، ورَسو ۽ ڏيسر: چارئي ڀاءُ جن جو اولاد چار پاڙا انهن نالن وارا
- ڇَجَو سهتو پونئرو ديدو پنيرو: پائر جن جو اولاد انهن نالن وارا پاڙا
- ابڙو ڪِهڙ، ڪانهيون، ناهيون: چار پاڙا
- ديدا، لاکا ۽ راٺا ڦل اهي چارئي پٽ ويسي جا ۽ چار پاڙا.
- ڪاڇيلا ۽ درس راڄسين: اهي به پاڙا پاڻ ۾ ويجها، درس راڄسين مٿي وڃي ٿو ڪاڇيلا سان گڏجي.
- ڏيتا: ڏُوچ، سونپار، آري، صادق پوٽو چارئي ڀاءُ جن جو اولاد اهي چار نکون کون ڏيٽن جون. صادق پوٽا دادو طرف آهن. (شهداد جي زباني پوري ٿي).
- بودلا، ٻائو گگن ۽ ساهڙا هي چار پاڙا ڪنهن وقت پُراڻ تي وينل هئا.
- لنجا: انهن جون هيٺيون نکون: لنجي پوٽا، سلطان، جوٽا، جوٽاڄ، پٺُو مَسَڻ، پارا، راوت، ڏُجا، ڏگا، بدام، موٽن، مناهين ۽ لال. لنجي جي اولاد مان غوث جو خليفو راڄسين سومراٺي (راڄسين پٽ سومري جو مزار ندي شهر کان ٻه ميل اتر طرف) ٿيو. ڪڇ مان پاڪستان لڏي آيل خليفي صابر (ننڍي) سان 1960ع ۾ ڪڇهري ٿي، جنهن راڄسين سومراٺي جي اولاد باب ٻڌايو ته: راڄسين کي ٻه پٽ ٿيا: مبارڪ ۽ پکريو مبارڪ جا چار پٽ: آرادين، سپڙ، سومار ۽ الله ڏنو جن جي اولاد مان به ڪامل درويش ٿيا.
- ٿيبا، آٿُلا، جَناساند ۽ رمدان يا رمضان دل (وڏي شاعر ميين شاهه عنات جا ناناٽا).

ڀهريان مک دل پاڙو ٿورا هئا. وقت گذرڻ سان انهن مان ٻيون نکون ٿيون، جيڪي سڀ هن وقت دل سڏجن جيئن ته سڏايا، سڪريا، آمر، ڪاڪا، ٻُنيا، بکيرا، پوٽڙا، ٻاڪڙ (ڇجي جو ڀاءُ)، جوٽس، راٺا، مندوس، هوتي، ڪُنڊا، ٻيُو ڀهيار.

چيائون تہ دل قبيلي جون ٻاونجاهہ نگون جن مان پڳ چئن نگن تي محمود اڳهام، ٻولي ۽ ساهڙ تي. عام راءِ اها تہ اڳ پڳ هڪ هئي، درياخان جي وقت ۾ ڪي پاڙا ان پڳ مان نڪتا.

مختلف بيانن مان معلوم ٿيو تہ دل قبيلو ڪلهوڙن جي شروع واري دؤر ۾ طاقتور هو. سيني پاڙن جي متفقہ روايت تہ ڪلهوڙي سڱ گهريو ۽ دل سڱ نہ ڏنو. جنهن تي ڪلهوڙي چڙهائي ڪئي. ميان نور محمد جي نالي مشهور آهي تہ ٻين ذاتين کان سڱ گهريائين، ٿي سگهي ٿو تہ هن دل قبيلي کان بہ سڱ گهريو پر مکيہ سبب دل قبيلي جي طاقت هئي. ميان نور محمد سنڌ جي طاقتور قبيلن کي ماري ميدان لاءِ متن چڙهايون ڪيون ۽ پوءِ ميان مراداياب ۽ ميان غلام شاهہ بہ ائين ڪيو. اهو هڪ خاص سبب هو جو ماڻهو ڪلهوڙن جي حڪومت مان خوش نہ هئا. موجوده ميرپور خاص ۽ جيمس آباد تعلقن ۾ پراڻ جي ٻنهي ڪنڌين سان دل آباد هئا: اتر طرف سندن مرڪز وَنگ (ميرپور کان اتر ۽ ڪاڻ کان 3 ميل اتر) جتي لنجي پوٽن دلن مان شادي جو مقام ۽ قبو آهي ۽ ڏکڻ وارو مرڪز پراڻ جو 'سوڍا ٻوڙ گهيڙ' جنهن لڳ ٻودلا دل هئا. اتي سندن بستي وارو پِڙو موجود آهي. وَنگ ۾ طاقتور اڳواڻ لنجي پوٽن مان شادي دل هو جنهن 1124هہ ۾ ڪوٽڙي جي مرزا بيگ مغل کي ماريو. ٻي لڙائي نڪرن سان ٿي جنهن ۾ شادي مارجي ويو پر پوءِ ٻودلا دلن جو ٻيو لشڪر سوڍن کي پراڻ جي گهيڙ وٽ پهتو ۽ کين ٻوڙي ماريائون جو ان گهيڙ تي نالو ئي پئجي ويو "سوڍا ٻوڙ گهيڙ".

•چيائون تہ: ميان غلام شاهہ ڪاهي آيو. اهو واقعو ميان نورمحمد جي آخري دؤر جو. ان وقت دل قبيلي جو اڳواڻ محمود پاڙي جو پڳدار درياخان هو. پنهنجا ڪٽنب تہ ڏانهن موڪلي ڇڏيائون ۽ باقي قوم بيٺي، پر گهڻا مارجي ويا ۽ سندن سڄي علائقي تي ڪلهوڙن جو قبضو ٿيو:

> ٻائو، گگن، ٻودلا، هُو ساهڙ ڪين سُڄن
> ٻنيون ۽ ونيون رليون ويچارن
> ٻئي پاسا پُراڻ جا اڇي ڪڇيا ڪلهوڙن
> ٻِڳائو دروازا درن جا سي وري ڪيئن اچن
> ڦِتا ماڳ سندن، ڦاٽا دهل دلن جا.

پوءِ عام ڳالهہ ائين هُلي تہ هنن محمود شاهہ ڪاٺ ڪهاڙي واري کي ماريو ۽ هن پٽيو تڏهن دل مٽا. محمود شاهہ دل قبيلي جي ڪوٽ کان مٿيو ۽

چوڪريءَ کي ڏسي عاشق ٿي ويهي رهيو. هن جي نظر پاڪ هئي پر هنن کي غيرت آئي ۽ ماريائونس ۽ پراڻ ۾ لوڙهيائونس. اهي پاڙا بائو بودلا ۽ ساهڻ جن جي ماڻهن محمود شاهه کي ماريو. انهي تي ڪن چيو ته:

"بائو ۽ بودلا ڪڏ ڏاڏا ڏيهه منجها."

پوءِ درياخان ۽ ٻيا سنڌ ڇڏي ويا ۽ ڪڇ گجرات ٿيي وڃي ٻڙودي ۾ پهتا. ڇاڪاڻ جو ڪڇ تائين ڪلهوڙن جو لشڪر پهتو هو يا پهچڻ وارو هو. ڪي دل ڪنيات هليا ويا ۽ ڪي اجا تائين اتي آهن.

جڏهن ٽالپرن جي حڪومت قائم ٿي ته ميرن ماڻهو موڪليا ۽ دل قبيلي وارا جيڪي سنڌ ڇڏي ويا هئا، تن کي واپس وٺي آيا.• درياخان کي ماڻُ ڏنائون ۽ ديدن کي ۽ ٻين کي ٿر ۾ زمينون ڏنائون ته سرحد مضبوط ٿئي. ديدا، اگهام، ڏيتا، لاکا، ٻڪيرا، ٽيٻا، پونئرا، لنجا، بودلا ۽ ٻيا اڄ تائين ٿر ۾ آباد آهن. هيراڙ ۾ پير مرد شهداد (پٽ چاڪر، آري ڏيتو) چيو ته: هيراڙ تڙ انگريزن کان اڳ ميرن صاحبن جي وقت ۾ ڪنيائون. ميرن جي ڏينهن ۾ ننگر پارڪر جي پريان تائين جي حد هئي ۽ اتي جوٽاڄ پاڙي وارا آباد ٿيا.♥

درياخان ميرن جو درباري هو. هڪ ڀيري ڪچهري ۾ مير صاحب پڇيو ته: هاٿي ٿر ۾ مالدار ايترو خوش آهن، جو ڪو هڪ ڀاڳيو هڪ هزار ڪاريون ڪٻريون وهڙيون پهچائي ڏئي. درياخان چيو ته هائو پر هڪ هزار ڪان وڌيڪ آءٌ پهچائي سگهان ٿو. پوءِ درياخان سڏ وڌو ڇنيون لکيون: جن سڏ ٻريو سي دلن ۾ ليکيا ويا. هڪ هزار کان وڌيڪ وهڙيون پهچي ويون، جيڪي مير صاحب ڏي ڏياري موڪليائين. جن درياخان جي سڏ کي مان نه ڏنو سي (ڪانهيان ۽ نانهيان وغيره) درياخان واري پڳ مان ان ڏينهن نڪتا.

## •چانگ

بلوچن قبيلن مان چانگ هڪ آڳاٽو قبيلو آهي جيڪي اوائلي

---

•ڪي هميشه لاءِ ٻڙودي کي وسائي ويٺا ۽ غالباً اجا تائين اتي آهن. 21 مئي 1958ع تي حاجي احمد علي مجذوب سان حيدرآباد ۾ ڪچهري ٿي، جنهن ٻڌايو ته هو سنه 1320ھ (1915ع) ۾ وٽن ٻڙودي ۾ ملڻ ويو هو. ان وقت هو راءِ جي محل جا محافظ هئا. هامون ميان، جهامو ديسو ميان سندن وڏا هئا. ننگر پارڪر ۾ ڪچهريون ڪندي معلوم ٿيو ته ڪي دل اجا تائين ڪنيات ۾ آهن.

♥ 2 سيپٽمبر 1980ع تي ننگر پار ڪر تعلقي جي سرحدي ڳوٺ جهُڳليو (ننگر کان چاليهه ميل اتر اوڀر) ۾ ڪچهري ٿي ۽ معلوم ٿيو ته جوٽاڄ اجا تائين ننگر پار ڪر جي سرحد جيج پريان بونهار ۾ ويٺل آهن ۽ سندن پڳدار بابو آهي. ڪي گهر، ننگر کان سٽ ڪوهه ڏکڻ هندستان جي تعلقي ويرم گام جي ڳوٺ ماتر ساٿو ۾ آهن.

اسلامي دؤر ۾ سنڌ ۾ آيا ۽ آباد ٿيا. ڱُبچاڻي (ڱُبچ= ڱُجچ)، ڪوچڪي (ڪوچ)، ڪوش، خشڪ، جسڪاڻي ۽ بيا انهن آڳاٽن بلوچ قبيلن ۾ ڳڻي سگهجن ٿا. قبيلي جي پنهنجي هڪ روايت موجب، چانگ وڏي بلوچ قبيلي هوت جي شاخ آهن. هن قبيلي وارا وڏا بهادر ٿيا ۽ موت کي منهن ڏيڻ کان نہ مڙيا ان روايت جو يادگار رسالي ۾ شاهہ جو بيت تہ:

محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪرمَ سانگ،
سوري سپيرين جي، چڙهہ تہ ٿئين چانگ

يعني سوريءَ تي چڙهہ تہ چانگ سڏجين. قبيلي جي ٻي روايت موجب، چانگن جي بهادري تڏهن کان مشهور ٿي جڏهن چانڊيا ۽ چانگ ذالنون سان وڙهيا (يعني ارغونن سان سبيءَ ۾ وڙهيا). اهو سلطان ڄام نظام الدين جو دؤر هو جڏهن خان دريا خان سپهہ سالار هو. ان دؤر جو آثار لڪي شاهہ صدر (شاهہ صدر جي روضي کان اوڀهہ طرف) چانگن جو مقام آهي جنهن ۾ هڪ پٿر جي چِٽي هيٺ ڪنهن چانگ سردار جي قبر آهي. اها چِٽي، مڪليءَ تي سمن جي مقام وارين چِٽين سان ملندڙ جلندڙ آهي. راقم اها گهڻا سال اڳ ڏٺي ۽ ان تي 'چانگ' نالو پڙهيو.

هڪڙن بيانن موجب، 16–17 هين صدي ۾ چانگ قبيلي جي طاقت جو مرڪز لاڙ ۾ ٽنڊو محمد خان ۽ ٻٺوري تعلقن طرف هو. مغلن جي دؤر ۾ نصير خان سپهہ سالار هو ۽ چانگن جون بہ جاگيرون هيون: هڪ سنجر چانگ واري ۽ ٻي 'ڱچائي' شير خان چانگ واري (اهو نالو شير خان پوءِ ٿيو) ٽالپرن جي دؤر ۾ لاڙ جي ٻن وڏن قبيلن جتن ۽ چانگن ۾ جنگ لڳي جنهن جو ذڪر ڪتان 'جنگ ناما' ۾ آهي. هڪ روايت موجب، لاڙ ۾ سنڌن طاقت جي مرڪز مان پوءِ اتر سنڌ طرف پکڙيا. پر ٻانئجي ٿو تہ چانگ ان کان اڳ بہ اتر طرف آباد هئا. شڪارپور- جيڪب آباد ريلوي لائين تي لطيف چانگ ريلوي اسٽيشن لڳ هن قبيلي جي آڳاٽي آبادي هئي. اوٻاوڙي تعلقي ۾ ريٽي روڊ سان لاڳو ۽ اڳتي صادق آباد طرف (شادي خان وارا) آباد آهن. اڄان اڳتي پنجاب ۾ سندن بستي 'ڪتي چانگان والي' آهي. گهڻو ڪري مغلن جي دؤر ۾ چانگ سنڌ کان ٻاهر پنجاب طرف بہ سربراهہ ۽ سپهہ سالار هئا. مشهور نالو نصير خان جو آهي ۽ ان کان پوءِ مغلن جي دؤر ۾ الله بخش خان سپهہ سالار هو.

خير پور ضلعي ۾ ڪچهريون ڪنڊي، فيض گنج تعلقي جي چانگن جو

شجرو وڏيڪ پڪو پختو ۽ تفصيل سان مليو. چانگ قبيلي جا ڪٽنب هت لاڙمان سنجر چانگ طرفان آيا ۽ ميان غلام شاهه کان اڳ آيا. ميان غلام شاهه کان ڪين سند ملي. ٽالپرن جي دؤر ۾ مير رستم خان ۽ مير علي خان مراد خان جي وقت وڏن عهدن تي هئا ٻڏو خان، دوست علي خان غازياڻي، مانجهي خان ۽ چوهڙ خان لاڙمان آيا جن جو اولاد ۽ پاڙا ۽ ڳوٺ آهن.

- ٻڏو خان جو اولا: ٻڏو پٽ جهانگي پٽ جونگل پٽ نيهو پٽ ڏنگو پهريائين هيٺان لاڙ مان آيو ۽ پَٽ باراڻ (شهداد پور- سانگهڙ) ۾ رهيو. اتان پوءِ پڊعيدن طرف آيو. سندس قبر پڊعيدن کان 4 ميل اتر (ريل لڳ اوير) ابراهيم شاهه جي مقام ۾ آهي ڪيس ڇهه پٽ ٿيا: چاڪر ، باراڻ، نوڪر، ميرڻ، فتح، لڏو ۽ گهرام. پهرين ڇهن جو اولاد ڇهه پاڙا: چاڪراڻي، باراڻي، نوڪراڻي، ميراڻي، فتحاڻي، لڏياڻي. اهي گهڻي ڀاڱي ٻن ڳوٺن پڪا چانگ ۽ منو چانگ ۾ رهن. انهن جو وڏو مير علي مراد خان جي وقت ۾ سربراهه هو.
- دوست عليءَ غازياڻي، لاڙمان سنجر چانگ مان آيو سندس ٽي پٽ فتح، ريحان ۽ گاهي جن جو اولاد ٽي پاڙا: فتحياڻي، ريحاڻي، گاهياڻي جيڪي ڳوٺ حاجي محمد حسن چانگ، دائودي موري ۽ ڳوٺ رحمت الله چانگ ۾ رهن. انهن مان جعفر خان دوستلياڻي، مير رستم خان جي وقت ۾ وڏو وزير هو
- مانجهي خان ۽ پانڌي خان ٻه ڀاءُ مانجهي خان کي ڇهه پٽ ٿيا، ڪريمداد، رحيم داد، ميان داد، الهداد، خالقداد ۽ احمد. هڪ پاڙو مانجهياڻي، باقي ڇهه پاڙا ڇهن ڀائرن جي نالن سان، ڳوٺ حيدر چانگ ۾ رهن. پانڌي جو اولاد پانڌياڻي ڳوٺ ترائي ۾ رهي.

سانگهڙ ۽ خيرپور ضلعن مان چانگ قبيلي جا بهادر حر فقير انگريزن سان وڙهيا. تڳيو فقير چانگ 1896ع ۾ انگريزن سان مقابلن ۾ شهيد ٿيو. 1946ع وارن مقابلن ۾ ڪڏڙي جي غلام علي فقير چانگ کي سورهيه بادشاهه بهادري ۽ اڳواڻي لاءِ چونڊيو هو. غلام علي فقير ۽ پڪن چانگن جو عبدالله فقير خيرپور جي ناظم سان ڪامياب مقابلي ۾ موجود هئا. ان بعد آخري مقابلن ۾ ڦوٽي فقير چانگ اڳواڻي ڪئي.

ڦوٽو فقير پاڪستان ٺهڻ بعد زنده هو ۽ راقم کانئس خبرون پڇيون سنهو هلڪو ڇڙڪ ۽ قد ۾ پورو پنو. چيائين ته:فقيرن کي انگريزن ۽ سندن

جاسوسن سان وڙهڻ ۾ وڏو جذبو هو ۽ وڏي طاقت هئي. رات وچ ۾ پيرين پيادا هڪ جاءِ تي ڪارروائي ڪري ايترو پري نڪري ويندا هئاسون. جو پوليس ۽ ملٽري کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي ڪا نه ايندي هئي منهنجي ٽنگن ۾ ايتري طاقت هئي، جو پلن گهوڙن جي پڄڻ جي جاءِ ڪا نه هئي، جڻ اڏامندو هوس جيسلمير ۾ وڃي مخالفن کي ماريم. ٻيو مثال ڏنائين ته: پاڪستان ٿيو ۽ پير سائين سڪندر شاهه گادي تي ويٺو ۽ اسان کي حڪم مليو ته اچي حاضر ٿيو ۽ آءُ درگاهه تي وڃي حاضر ٿيس. منهنجي اچڻ ڪري وڏو پوليس اٿالو موجود هو. پوليس ڪمانڊر کي پير سائين چيو ته: هي ڦوٽو آهي ۽ ان جي ٻانهن تو کي ڏيان ٿو پر جي وري پڃي وڃي ته پاڻ ڄاڻجان. مون دل ۾ چيو ته پير سائين مونکي موڪل ڏيئي چڪو آهي مونکي ٻاهر وٺي آيا ۽ پوليس جو پهرو گهيرو هو پر وجهه ڄاڻي وٺي ٿو ڀڄان ته پوٻان ايندڙ پوليس کي پوئتي ڇڏي ويس ۽ رات جي پيٽ ۾ راڻيپور ٽپي ويس.

ڦوٽي فقير جي همت جي منهنجي اکين ڏٺي شاهدي ته: جمڙائو واهه جي منڍ تي ناري جي ڪپ تي انجنيئري بنگلي ۾ مون سگهڙن ۽ ڳائڻن جي هڪ وڏي ڪچهري جو انتظام ڪيو. قاضي سچيڏنو مرحوم سانگهڙ جو ڪليڪٽر(ڊيپوٽي ڪمشنر)هو: وڏو دوست ۽ اديب هو مون تي مهربان هو ۽ ضلعي ۾ علمي ادبي ڪچهرين ۾ منهنجي پوري پٺڀرائي ڪيائين. منڍ جمڙائو واري ڪچهري کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ اتي پاڻ پنهنجي منزل رکيائين. رات جو ڪچهري مچ تي ٿي سيءُ هو. مٿان جهڙ هو ۽ ٻاهر اونداهي رات ۽ ڦڙ ڦڙ هئي. حيدرآباد جا ٻه وڪيل(پيرو ۽ ساٿي) به اچي پهتا هئا، تن قاضي صاحب کي چيو ته سائين: ڪچهري ته سٺي، پر ڪو شڪار جو پروگرام رکو ها ۽ هرڻ جو گوشت هجي ها. قاضي صاحب جن خاموش رهيا. ان ڪان اڳ ڦوٽو فقير اتي پهتو هو ۽ مون سان مليو هو آءُ ٻاهر ويس ۽ فقير کي چيم ته هي ڳالهه آهي. ڦوٽي فقير چيو ته: جيڪڏهن ڪليڪٽر صاحب هڪ بندوق ۽ ٻن ڪارتوسن جي اجازت ڏئي ته آءُ صبح تائين هرڻ پهچائيندس. هتان ڇئن ڪوهن تي هرڻن جو ڏس آهي. مون چيو ته فقير جهڙ ڦڙ آهي آءُ هام هڻي تنهنجو نالو وٺي بندوق هٿ ڪريان پر پوءِ پنهنجي ڳالهه ٻيهنديءَ! چيائين ته: ڏٺي چڱو ڪندو. مون ڳالهه ڪئي ته قاضي صاحب اجازت ڏني ۽ بندوق فقير جي حوالي ٿي. رات گذري وئي فجر جو اٿيس ته مون کي ڳٽي هئي. سج ڪني تي ڪڍي سو ٻاهر نڪري ناري جي

ڪنڌي تي ويس ڏسان تہ پريان ڦوٽو فقير وڏن سڱن وارو هرڻ ڪلهن تي کنيو پيو اچي سندس ڪپڙا آلا هئا پڇيم تہ چيائين: تي ڪوهہ کن ويس جو شڪار لڳو ڪپڙا پسيل آهن جو ڦلاٽي جاءِ تان ناري مان تري هن پر آيس (يعني هرڻ بندوق ۽ ڪپڙن سوڌو تري آيو. پري کان ڪتي هرڻ مارياڻين ۽ پنهنجو ڪيل قول پارياڻين).

-مڙزاڻي

وڏي ميرڻ جو اولاد ميرٽاڻي، عرف عام ۾ مرزاڻي سڏجڻ لڳو. مرزاڻين جو هڪ ويجهو ڳوٺ حيدرآباد کان اوپر طرف آهي ۽ پڻ ريلوي اسٽيشن مرزاڻي آهي. ديري غازي خان طرف بہ مرزاڻي آهن. 1964ع ۾ عنايت علي خان مرزاڻي حيدرآباد ۾ وڪيل هو سندس عمر سٺ ورهيہ کن هئي، چيائين تہ سندن وڏو غلام علي خان پنهنجي وقت جو وڏو طبيب هو. اندازن 13 هين صدي جي آخر ۽ 14 هين صدي جي شروع ۾ تي گذريو. وڪيل صاحب وڏي غلام علي خان جو بياض طب (قلمي) ڏيکاريو جنهن ۾ جدا جدا عنوانن تي جملي 89 باب هئا. هڪ صفحي تي وڏي غلام علي خان جو هٿ لکيو هيٺيون شجرهہ هو جيڪو مون ڪوشش ڪري پڙهيون ۽ اتاريو

”غلام علي خان بن حاصل خان بن باقر خان بن رانجهہ خان بن مصري خان بن مهره خان بن مير الهداد خان بن شهداد خان بن شادو خان بن سلطان باهو بن حاجو موراني بن ميرڻ، بن خفيف، بن دودو نهري، بن پيي(– پيين) بن متو بن دودو پٽيو بن پيي(پيين) بن مهت(؟) بن همون بن خفيف بن دودو سياهہ بن پونگر بن سومرو بن شهبندين(شهاب دين) بن شاهو بن حسين بن جراڙ بن شمس بن مراد بن مسو بن تدو(؟)بن ارادي(؟) شهبندين بن محمد حنيفہ بن حضرت علي ڪرم الله وجهہ“.

هن شجري جو پهريون پاڳو ميرڻ تائين، مرزاڻين جو آهي. ان ۾ مير الهداد خان ۽ شهداد خان جا نالا اچن ٿا، جيڪي بلوچ نالا آهن ميرڻ کان اڳتي جيڪي نالا آهن سي سومرن جي شجري جا آهن ۽ اهميت وارا آهن جو انهن کي سومرن جي شجر جي ٻين بيانن سان ڀيٽي ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو. ٻانئجي ٿو تہ شجره جو اهو پويون پاڳو پل مان گڏي لکيو ويو آهي.

## سنڌ جي اپرنديءَ وارا قبيلا

### ٭مگريا

مگريا قبيلي وارن جي متفقہ روايت تہ مگريا جيسلمير جي حڪمران ڀٽي يا ڀاٽي گهراڻي مان مگر راءِ پٽ بجيراءِ جو اولاد آهن. بجيراءِ ڀاٽي کي اولاد ڪو نہ ٿيندو هو ڪنهن مسلمان درويش دعا ڪئي. ٻارڙو پيٽ ۾ ستن مهينن جو هو جو لا الا الله جو سندس زباني آواز اچڻ لڳو ۽ ولادت بعد هو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو. ڏند ڪٿا موجب اجا پيٽ ۾ هو جو مغلن ڪاهہ ڪئي ۽ بجيراءِ مارجي ويو: راڻي ستي ٿيڻ لاءِ ڏاگهہ تي چڙهي تہ تاءُ اچڻ تي ٻارڙو جمي پيو. ”مگر مان پيدا ٿيو تنهن مگريو“ چوايو صحيح ايئن تہ مگر راءِ جو اولاد تنهن مگريو چوايو. انهي آڳاٽي روايت کي پوءِ ڪنهن هينئين منظور ميي ۾ بيان ڪيو تہ:

ساچوڏي سماءَ تہ ڪيئن سر جو گهر ڀاٽيي ڄايو مگر راءُ
نظرسين تي پيدا ٿيو ٻولي مهر منجها(يعني فقير جي دعا.)

پنجين مهيني پيٽ ۾ تي آيو آوازا
سامائجي سترٻو پڙهي ذڪر زبانا
هي جو ٻولي ٻالڪو جوڙيو جبابا(جوابا)
ميان جي معمور جو مونکي ناهہ سماءُ
ٻهو چئي بجيراءَ کي اوڏ تي اوگناءِ(ـسڻ)
ڏني تهڙي چئجان رکج ڪو م راءَ
تو منهنجي وڄاءِ دولهہ آدرياءُ
پڇو پوٽيدار کان ڪري نارائڻ نياءُ
چئي : اوي هندو هي مسلو اهنجو ناهہ وياءُ
هندو حيران ٿيا ڪچن ڪين مها
پنهنجي پر ۾ پشيمايا لڄاڻيا تنهن کا
جي ڪو ساڙي هن کي هٽي هٿ هڪا
خون بخشيان تنهن کي عالم سڀ اوڳاءُ
پي پرچي ڪينڪي ڏئي نہ موڪل ماءُ
مٿان لڳي جنگ مغلن جي ماريو بجيراءُ
ستي سنبري ڏاگهہ تي ساڙڻ پنهنجو ساهہ

اڇي وِٿي آروڳي ڪري ور اڳياءَ
ڪوڙين ڪانيون آيون، نائيون طاق تيلن جا
آيا ملڪ الله جا الهي عرض ڪاءِ
ٻانهن ڪان جهلي ٻاهر ڪڍيئون ٻاهہ ڪنا
اڇي وِٿو پٽ تي نڪتو آڳ منجهاءِ
مرڪي مسلمين ٿيو چئي ڪلمون مهاءِ.

تاريخي حوالي موجب، رمل ملڪ( واري وارو ملوڪ، يعني جيسلمير) جو حاڪم سنڌ ۾ برهمڻن جي حڪومت جي خلاف هو ۽ ڏاهر سان جنگ ڪئي. انهي ڪري جڏهن سنڌ ۾ اسلامي لشڪر جي فتح ٿي تہ رمل جي راءَ اسلام قبول ڪيو. اهڙي طرح ايرندي طرفان مڱرين جي قبيلي سيني ڪان اول اسلام قبوليو.

مڱرين جي شجري بابت جيڪي روايتون مليون انهن سيني ۾ وڏيڪ تفصيلي روايت وڏي سجاڻ حسين فقير مڱريي ڪان ملي جنهن سان 2 سيپٽمبر 1980ع، 4_آگسٽ 1981ع تي مرحوم محمد حسن رند جي دعوت تي مبارڪ جي تڙ(تعلقو ڇاڇرو) تي ڪچهريون ٿيون.

- حسين جي پنهنجي پري: حسين پٽ قاسم پٽ راجو پٽ ٻيڙو پٽ لاڏو پٽ ابريو بن جاتريو پٽ موتڻ پٽ گل پٽ سخي پٽ ساناهيو پٽ چاربو پٽ وسندو پٽ عباس پٽ سلام پٽ سلطان پٽ حڪيم پٽ باگڙ پٽ ڏيرو پٽ سچروراءُ پٽ ڀڱوراءُ پٽ مڱرراءُ.
- مڱر راءُ ڪان مٿي جو شجرو: مڱر راءُ منجهوراءِ ميٺو ٿيئي پٽ ٻجيراءَ جا. ٻجيراءُ پٽ ڏساد پٽ ٻاجو راءُ پٽ مند پٽ ٻڙٻت پٽ ڪونب ڪرن پٽ پيم پٽ ياتي پٽ يوپت.

## مڱر راءُ جو اولاد

ٻير ڏهہ چانرو ۽ ڏوسر ٿيئي ٻيرم جا ٻيرم ۽ ٿتو ٻئي ياءُ پٽ ٻست جا ٻست پٽ ٿاهرو ت ڏيرو پٽ سچري جو سچرو راءُ پٽ ڀڱوراءُ پٽ مڱراءُ جو.

- ٻير ڏهہ جو اولاد: ٻهڻ(وڏو)، ساهڙ ۽ قمر ٿيئي پٽ ٻير ڏهہ جا.
- ٻهڻ جو اولاد سارنگ مڱريا، ساهڙ جو اولاد ڪيتا مڱريا.
- قمر جو اولاد: وريو پٽ ڪيتو پٽ مهراڻ پٽ سہڙ پٽ قمر.

- ڪينٽرو پٽ لونيو پٽ قمر، تنهن جو اولاد ڪينٽرا مگريا.
- وريو پٽ ڪيتو تنهن جو اولاد سوجا مگريا.
- پيرو پٽ ڪيتو اولاد پيگارا مگريا.
- رتو پٽ ڪيتو: اولاد رتا مگريا.
- وڏڻ پٽ ڪيتو: اولاد وڏڻ مگريا.
- پونٽرو پٽ ڪيتو: اولاد پونٽرا مگريا.

(ساتل، ساسو)، بڪو ستيون، چارئي پٽ ڪيتي جا بنا اولاد جي)

- مهراڻ، چنڙ ۽ ڪنڙ ٽيئي پٽ سبڙ جا، چنڙ جا چنڙ مگريا.
- رڪڻ ۽ جوڏو ٻئي پٽ ڪنڙ جا، مليو رڪڻ جو جنهن جا مليا مگريا.
- سيهڙ قطب جو قطب چنگل جو اهو جوڏي جو جنهن جو اولاد جوڏا مگريا.
- جمال(طلاقيو) پٽ ڪٽوريو پٽ بولو پٽ موهڻ پٽ سبڙ پٽ قمر(جمال جا طلاقيا مگريا)
- سڪو پٽ ابو پٽ موهڻ پٽ سبڙ قمر، سڪو جا سڪا مگريا.

**مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي سجاڻ حسين جي روايت موجب گرهوڙي صاحب**

بير ڏهہ جي مٿين تيرهين پاڙن مان،( بهڻ جي اولاد مان )سارنگ مگريا پاڙي مان هو سندس پري هن طرح: عبدالرحيم پٽ عبدالله پٽ صابر الله پٽ موسيٰ پٽ اسماعيل پٽ خيرمحمد عرف ڪونجو پٽ بهڻ(خيرمحمد ۽ سارنگ ٻئي ڀاءُ پٽ بهڻ جا) ماءِ جو نالو مائي نيامت هو. موسيٰ جو ٻيو پٽ مکڻ جنهن جو اولاد مکٽائي فقير(حسين جي زباني پوري ٿي)

- **چانري جو اولاد:**
- گاگن پٽ مانڏل پٽ ساهسو پٽ اسوڏو پٽ مانڏل(وڏو) پٽ ڏوڏو پٽ چانرو.
- گاگن پٽ مانڏل جو اولاد گانگا مگريا.
- ڪڪڙ ڏهہ پٽ مانڏل جو اولاد ڪڪڙ ڏهہ مگريا.
- مرکيو پٽ مانڏل، جو اولاد پاتو مگريا.
- پاتو پٽ مانڏل جو اولاد پاتو مگريا.
- گوڏير پٽ ويرسين پٽ ساهسو پٽ اسوڏو اولاد گوڏير مگريا.
- ڪلو پٽ سومر پٽ اسوڏو اولاد ساڍر مگريا ۽ سومر مگريا.

- سگر پٽ سومر پٽ اسوڙو اولاد سگر مڱريا.
- پورو پٽ پرڪيو پٽ اسوڙو اولاد پورا مڱريا.
- ڪنڊو پٽ نيپڙت پٽ اسوڙو اولاد ڪنڊو مڱريا.
- چنڙ پٽ اسوڙو اولاد چنڙ مڱريا.
- ترڪو پٽ بڪائت پٽ ڪنڊيو پٽ جهنڊو پٽ اسوڙو اولاد ترڪا مڱريا.
- سانورو پٽ خيرو پٽ جهنڊو پٽ اسوڙو اولاد سانورا مڱريا.
- چيٽو پٽ سينڌل پٽ جهنڊو اولاد چيٽا مڱريا.
- سومرو پٽ مهاجڙ پٽ جهنڊو پٽ اسوڙو اولاد سانورا مڱريا.
- ڪدر پٽ اسوڙو اولاد ڪدر مڱريا.

(ميون، جهالر، مريو، توريو دودو ۽ چنيسر پٽ اسوڙي جا پر فقط نالا)

- اسوڙو پٽ وڙو مانڌل پٽ ڏوڏو پٽ چانرو.
- جوٽو پٽ وڙو مانڌل، اولاد جوٽا مڱريا.
- گراج پٽ وڙو مانڌل، اولاد گرارج مڱريا.
- جهوجهو پٽ وڙو مانڌل، اولاد جهوجها مڱريا
- وڙو مانڌل پٽ ڏوڏو پٽ چانرو.
- روهڙ پٽ ڏوڏو اولاد روهڙ مڱريا.
- وسڻ پٽ ڏوڏو اولاد وسڻ مڱريا.
- ڏارو پٽ چانرو اولاد ڏارا مڱريا.
- آسڪرن پٽ چانرو اولاد آسڪرون مڱريا.

(راجيو پٽ چانرو تنهن مان پاڙو ڪو نہ ٿيو)

**ٻست جو اولاد:**

- ٻست پٽ ٺاهرو پٽ ڏيرو پٽ سچر وراءُ پٽ پگر راءُ پٽ مڱر راءُ.
- ڏهيسر پٽ ابو پٽ گهٽسين پٽ ڏيپل ڏهہ پٽ ڪارت پٽ ٻست.
- ٺنو پٽ ٻست، اولاد ٺنا مڱريا.

**ٺاهرو جو اولاد: وڪيا درس مڱريا.**

-صمد پٽ ڏنو پٽ ڏون پٽ پڪريو پٽ حبيب(ٻيو پاءُ ساهو پٽ حبيب) پٽ وليدار پٽ حبيب پٽ عمر، ٻيا ٽي پاءُ مدفر(مظفر)، ساهڙ ۽ هارون پٽ عمر جا، هارون جو اولاد هارون درس سڏجن، پر مٿي اهي وڪيا درس مڱريا آهن.

-عمر پٽ محمود پٽ وڪيو جنهن جو اولاد وڪيا درس.
-وڪيو پٽ عيسب پٽ مالهو پٽ سلطان پٽ گجڻ پٽ ڪينئون پٽ ڪينئرو پٽ گهوگهر پٽ ساهڙ(ساهڙيي ڪوٽ جو باني)

## ساهڙ جو اولاد ساهڙ مڱريا

-هٽند، پتر، ببر، لنجو گانگو. پنجئي، ساهڙ جا، ساهڙ ڏيري جو.
-ٽاهرو ڏيري جو پٽپار ڏيري جو جنهن جا پٽپار مڱريا.
-سرپار ڏيري جو جنهن جي اولاد مان رامڪا مڱريا(مسلمان).
-باگڙيا يا واڳڙ، حليوجوارو، متلو موهڻ، مولو ڇهہ ئي ڏيري جا.
-ڏيرو پٽ سچر وراءُ پٽ مڱر وراءُ پٽ بجيراءُ پٽ ڏساد پٽ باجوراءُ.

## مڱرين جي قبيلي مان ٿي وڏا مشهور

پهريون مڱرراءُ جنهن اسلام قبوليو ۽ سڄو قبيلو اسلام وارو ٿيو ٻيو گانگو مڱريو جنهن مقابلي ۾ گنگداس ياتي کي ماريو. گنگداس جي ماءُ راجا وٽ دانهين وئي تہ گانگو منهنجي پٽ گنگداس جو مٿ ڪو نہ هو. پوءِ راجا چارڻ گهرايو جنهن چيو تہ:

گانگو گنگداس ، سام پئي ساريڪا،
جي هو ڏٺي ڍٽ جو تي هو ڪنني جو ڪونراس.

يعني تہ ٻئي هڪ ٻئي جا مٽ آهن. گانگي جي سورهيائي ۽ تعريف ۾ چيائون تہ : مڱرين ۾ ڏيرا، چانرا ۽ ساهڙ وڏي همت وارا ٿيا پر گانگي سيني کي ملهايو:

ڏهہ ڏيرا، چوڏهن چانرا، ساهڙ ست وزير.

گانگي سڀ ملهائيا. مڱريا ٽر پير ٽيون مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جيڪو وڏو عالم ۽ عارف هو. چوٽيارن ۾ مخدوم مبين وٽ پڙهيو جنهن کي ادب مان ابو بابو ڪري سڏيندو هو. جيڪو استاد کان پڙهيائين، تنهن جي روشني ۾ پاڻهي پاڻ کي وڏيڪ پڙهايائين ۽ اسلام جي عظمت ۽ شريعت جي حقيقت کي سمجهيائين. عرفاني علم ڪيس وقت جي وڏي عارف خواجہ محمد زمان لواري واري کان مليو. اسلامي فڪر ۽ عرفان ۾ شاهہ عبدالڪريم، شاهہ عبداللطيف، خواجہ محمد زمان، گرهوڙي صاحب ۽ سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) معرفت جي آسمان جا روشن ستارا هئا.
-مرحوم علي مڱريي سان 8 نومبر 1956ع تي رهاڻ ٿي چيائين تہ ويرم

پوٽا مڱريا جوڌپور طرف آهن، آسڪرن جيسلمير جي ڏکڻ طرف، ٽاهرو بہ جيسلمير طرف، پٽيار ڪپري ڪان اتر جيسلمير ٽائين. پسٽ سکر ڪان اوتر اپرنديءِ نارو(ٽاهرو) بهاولپور جي سرحد تي، مکڻ پوٽا وڏا اشراف ڪپري طرف، وڪيي پوٽا تر ۽ ڪپري طرف، موسي پوٽا راٽيپور، سکر ۽ روهڙي طرف(فقير پيري مريدي ۾). گهيڙو ٽنڊ آدم ڪان اتر- اوپر چيائين تہ وڪيو موسو گهيڙو تيئي پٽ حيسب جا: گاگن پٽ ساهڙ جو جنهن مهرن ڪان وير ورتو ماهو پٽ سلطان پٽ گهوگهر پٽ ساهڙ جو.

عليم چيو تہ:عبدالرحيم موسي پوٽن مان هو. پٽس جو اصل نالو ملار هو. فقير ڪي پاءُ ڪو نہ هو تي چاچا هئس، فقير جو سؤٽ (ياسو ٽاٽي سؤٽ جو پٽ) سنگهار فقير هو جيڪو هميشہ گرهوڙ ۾ رهيو نڙ جو وڏو ملوڪ هو 1920ع ڏاري گذاري ويو سندس پٽ جمعو( 1956ع۾) گرهوڙ ڪان اوپر پٽوري جي آسپاس وينل هو.

## * رانوڙ

هڪڙا رانوڙ قبيلا صديون اڳ اسلام تي آيا ۽ هميشہ لاءِ سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا. انهن قبيلن ۾ خاص طرح سهتا تاريخي لحاظ سان اڳ جا آهن، بيا رانوڙ قبيلا پوءِ غوث صاحب(ملتان) جي تبيلغ ۽ تلقين سان اسلام ۾ آيا ۽ لاڙ ۽ تر ۾ آباد ٿيا. جيسلمير جي شهر شو ڪوٽڙيو جا رانوڙ ڪٽنب جن اسلام قبوليو سي ڪوٽڙيا سڏيا ويا جن مان تعلقي مٺي ۾ هڪ ڳوٺ علو ڪوٽڙيو ۽ بيو ڳوٺ وائڙي طيب ڪوٽڙيو(يعني طيب ڪوٽڙبي واري وائڙ وائڙبون بيون بہ آهن). رانوڙ قبيلي مان وڏو درويش ۽ غوث صاحب جو خليفو جرڪس ڏناٽي ٿيو(يعني جرڪس پٽ ڏني جو). غوث صاحب جي دعا سان ڏنو مسلمان ٿيو پر سندس پاءُ ايسر مسلمان ڪو نہ ٿيو بعد ۾ ايسر جو اولاد بہ مسلمان ٿيو ۽ لاڙ ۾ سرڪي سڏجن. ڏني جي قبر، شهر بدين ڪان اتر، مير واهہ جي ڪپ تي، شاهہ بديءِ(شهاب دين) جي مقام ۾ آهي ۽ جرڪس جي مزار اربابن جي ترائي ڪان اتر طرف پٽ تي.

## •گجو

1978ع ۾ پڇا ڪندي معلوم ٿيو تہ تر ڊويزن سانگهڙ ۽ ڪپري تعلقن ۾ هن قبيلي جي گهٽي آبادي آهي ۽ پڻ جيسلمير ۽ پاهڙ مير طرف آهن، هن قبيلي وارا گجوراٽا سڏجن ۽ ڪي پاڻ کي گجور سوڍا بہ سڏائين. هن قبيلي

جو وڏو راڻو گيجسنگ وڏو بهادر ۽ بلندا اخلاق هو. ملتان جي جماعت جي خدمت ڪيائين ۽ غوث صاحب جي فيض سان اسلام قبول ڪيائين. سندس نالو مصلح الدين ٿيو ان بعد ڪيس شهيد ڪيو ويو. روايت موجب ايڏو بهادر ۽ مٽيا وارو هو جو سر لٿي ڪان پوءِ بہ نوند تي وڙهيو. راڻي گيجسنگ عرف مصلح الدين ڪي ڇهہ پٽ هئا. جن مان هن قبيلي جا هيئيان ڇهہ پاڙا:

1 جارپ، اولاد جارپ 2 بٽيير، اولاد بٽيير
3 پيتو اولاد پيتا 4 رٽيير، اولاد رٽيير
5 گجڻ، اولاد گجڻ 6 سومار، اولاد سومار

گجو قيبلي وارا گهڻا سڀ غوث صاحب(ملتان) جا مريد آهن. اڄڙي تر ۾ جيڪي ويٺل آهن، سي پير صاحب پاڳاري جا مريد آهن. راقم جي آڳاٽو ڇاڇري ۾ وڏيري محمد صديق سان ملاقات ٿي ۽ سندس دعوت تي بلڪل سنڌ جي سرحد لڳ سندس ڳوٺ ۾ وڏي ڪچهري ٿي.

## ❊ سنگراسي

سنگراسي، اصل ۾ سوڍا تڪر آهن، جيڪي غوث صاحب جي دعا سان اسلام ۾ آيا ۽ گهڻو ڪري سڀ غوث صاحب(ملتان) جا مريد آهن ۽ سندن وڏو راڻو سنگراسي پٽ ڏجڻ سنگ پٽ راڻو ڪينڻرو اسلام تي آيو جنهن جا ست پٽ هئا. لوڻو چونڊو جڪرو آسر، سوڍو لوٽو ڪٽاريو. انهن جي اولاد مان سنگراسين جا ست پاڙا جيڪي ٿر جي ڇاڇري تعلقي ۾ آباد آهن. 13 تاريخ جنوري 1978ع ۾ وڏي سگهڙ فتح محمد سنگراسي، عمر اسي ورهيہ سان ڇاڇري شهر ۾ ڪچهري ٿي. جنهن پنهنجي پري جو هي شجرو ٻڌايو: سچو پٽ فتح محمد پٽ جيئڻ پٽ مبين پٽ ٿوبڻ پٽ بادو رگهو پٽ ٿاهريو پٽ پيرجي پٽ پنيو پٽ ملوڪ (جيڪو پاڻ يا سندس پيءُ، ميين شاهہ عنايت جي دعا سان مسلمان ٿيو).

# رهاڻ هيرن ڪاڻ

## جلد پنجون

# مهاڳ

هي رهاڻ هيرن ڪاڻ آهي. پنجاهه سالن واري دؤر (2000_1950ع) ۾ سنڌ جي سڄڻ ۽ سگهڙن سان ڳوٺن شهرن، واهڻ ۽ وستين ۾ رس رهاڻيون ٿيون. جن جو هيءُ مواد يادگار آهي. ڪن پيارن ترغيب ڏني ته آءُ پنهنجي سوانح عمري لکان، ڪنهن حد تائين هي منهنجي سوانح عمري آهي.

هن ذخيري ۾ شامل ڳالهيون سڀ نيون آهن ۽ گهڻيون سڀ نه اڳ لکيل آهن ۽ نه ڇپيل. هنن ڳالهين کي رهاڻ واري رنگ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ پڙهندڙن کي مخاطب ٿي ڳالهايو ويو آهي. ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ۽ پڙهندڙ کي ڪيئي ڳالهيون ٻڌايون ويندي ۽ ڪيئي نيون معنائون وهڃايون وينديون. غور سان پڙهڻ ۽ پرجهڻ وارن لاءِ هن ذخيري ۾ سنڌ جي ماڻهن ۽ راڄن جي رهڻي ڪهڻي، ڳالهه ٻولهه، سرت سمجهه، دانائي، دؤر انديشي، خوشي، خوشطبعي ۽ شعر ادب جا من موهيندڙ مثال موجود آهن.

هن ذخيري ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن. جيڪي راقم گهڻو اڳ جدا جدا موقعن تي جدا جدا ڪچهريون ۾ ٻڌيون. ٿي سگهي ٿو ته ڪي صحيح نموني سان نه ٻڌايون ويون هجن يا نه سمجهيون ويون هجن. ۽ جيئن ته اهي هڪ وڏي وقفي کان پوءِ هت بيان ٿيون آهن انهيءَ ڪري ڪي پوريون ياد به نه رهيون هجن. پڙهندڙ مهربانن کي گذارش آهي ته جيڪڏهن ڪين ڪا وڌيڪ صحيح صورتحال معلوم ٿئي ته پنهنجي پيار ۽ پاٻوهه سان درستي ڪن.

هي اڻ ڪُٽ خزانو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين منهنجي لکيل يادداشتن ۾ موجود آهي پر گهڻي حدتائين منهنجي يادگيرين ۾ محفوظ آهي. وقت ۽ فراغت آهر، ان کي قسطن وار شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. ٻهرين ڇئن جلدن جي اشاعت بعد هي "رهاڻ هيرن ڪاڻ" جو پنجون جلد آهي جيڪو شايع ٿي رهيو آهي.

هي سلسلو سنڌ جي مختلف موضوعن، سنڌ جي عوامي جذبن

احساسن، ڳڻن ۽ ڳالهين جو آئينو آهي جيئن اڳتي هلي اهو معلوم ٿئي ته ويهين صدي ۾ (۽ پڻ ان کان اڳ) سنڌ جي عام زندگيءَ جا ڪهڙا نقش نشان هئا ۽ ڳالهين ڳڻن جا ڪهڙا خاص عنوان هئا.

"رهاڻ هيرن ڪاڻ" جي هن سلسلي ۾ ڪن خاص موضوعن کي ڪافي تحقيق سان پيش ڪيو ويو آهي. اهي موضوع سنڌ ۾ ذهني سجاڳي ۽ تجرباتي ڄاڻ سان تعلق رکن ٿا. هن کان اڳ وارين ڇئن اشاعتن ۾ سنڌ جي تاريخ، سنڌ جا قديم شهر، سنڌ ۾ ظرافت جو انداز ۽ سنڌ جي عام مقبول شاعري، ناياب مواد ۽ ٻين ادبي موضوعن کان سواءِ هيٺين خاص علمي ۽ تجرباتي موضوعن کي تحقيق جي روشني ۾ بحث هيٺ آندو ويو آهي، وقت گذري ويو نه ته انهن تي وڏيڪ تفصيلي ڪتاب لکي سگهجن ها.

- سنڌ جي موسيقي 'ڪافي'
- سنڌ جي اوپڙ، نباتات (باٽني)
- سنڌ ۾ بازداري جي مهارت (زوئلاجي.)
- سنڌ جو آسمان، تارا ستارا (استرانامي/استرالاجي)
- سنڌ جو درياءَ ۽ ان جا وهڪرا (جاگرافي)
- سنڌ ۾ مال وارن جي مالڪيءَ جا نشان
- سنڌ ۾ هنر مندي:لوهارن جي ڪاريگري (ٽيڪنالاجي)
- سنڌ جا نسب ناما، قبيلا (ايٿنالاجي)

هن پنجين اشاعت ۾ هڪ ادبي موضوع 'محبت جون مقالون' شامل آهي. جنهن ۾ محبت وارن جي جيئرن جاڳندن مثالن سان سنڌ ۾ عشق ۽ محبت جي معيارن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. خاص علمي تحقيقي موضوع سنڌ ۾ 'نوءَ يا وايو منڊل' (Atmospherics) جو مطالعو آهي جنهن کي سنڌ جي مختلف پاڳن مان پڇائون ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ

10_جولاءِ 2003ع

خادم العلم
نبي بخش

# تاريخ

## پُراڻ درياءَ ۾ هاڪڙي جي دو-آبي وارو علائقو دَمريلو

دَمريلي جو ذڪر صدي جي شروع ۾ اسلامي فتوحات ۾ اچي ٿو. فتحنامي جي عبارت موجب، محمد بن قاسم راوڙ جي فتح کان پوءِ برهمڻ آباد ڏانهن روانو ٿيو ۽ وچ تي 'بهرور' ۽ 'دهليله' جا قلعا فتح ڪيائين. اتي جو حڪمران ڏاهر جو پاٽتيو ديوراج هو. انهن نالن ۽ ماڳن تي فتحنامي جي تحقيقي اشاعت (اسلام آباد، 1983ع) ۾ روشني وڌي وئي آهي ۽ ان کانپوءِ بـ وڌيڪ جاچ ۽ غور ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، جنهن جا نتيجا هيٺ ڏجن ٿا.

- فتحنامي جي مختلف قلمي نسخن مطابق بهرور ۾ پڻ بَهرود لکيل آهي. هن نالي جي پوئين پاڱي 'رور' يا 'رود' جي معنيٰ ندي يا واهڙ آهي. اهو فارسي لفظ آهي ۽ 'مهران رود' (مهراڻ ندي) توڙي 'اروڙ' (ال+رور) جي نالن ۾ موجود آهي. 'بهـ' (فارسي) معنيٰ سهڻو ۽ 'بهرود' معنيٰ سٺي نظاري يا وهڪري واري ندي. قلعو جنهن جو نالو بهرور يا 'بهرود' هو سو ان جي ڪناري تي هو.
- 'دهليله' اصل ۾ 'دمليله' هو پر پوءِ ڪتابت جي غلطيءَ سببان 'دهليله' ٿيو. 'دمليله' ساڳيو 'دَمريله' آهي جنهن جو ذڪر سلطان محمد بن تغلق جي سنڌ تي حملي ۾ اچي ٿو. 'دمريله' جو سنڌي اچار 'دمريلو'، جيڪو اصل ۾ يا پوءِ ڦري 'ڏنيرلو' ٿيو. ڏنيرلو جي نالي سان ديهه ۽ ماڳ اجا تائين (نهتي کان اتر طرف) موجود آهي. 'دمريلو' (دمر+ريلو) جي نالي مان پڻ پاڻيءَ جي وهڪ (ريلي) جو گمان ڪري ٿو.
- پهريائين بهرور ۽ پوءِ دمريلو قلعو فتح ٿيو جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تـ بهرور ڏکڻ طرف ۽ دمريلو اڳتي اتر (برهمڻ آباد واري) طرف هو. فتحنامي ۾ وڌيڪ ڇاڻايل آهي تـ: دمريلي وارا، ايرنڌٽين دروازي کان،

منجهل ندي اڪري ريگستان واري طرف نڪري ويا. محمد بن قاسم، نوبہ بن هارون کي دمريلي جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ويندي ودهاتيہ تائين ساحلي بيٽڙين جو انتظام سندس حوالي ڪيائين.

- متين حوالن مان ظاهر آهي تہ انهن قلعن وارو علائقو ندين ۽ واهڙن وارو هو ۽ ساموندي ساحل تائين بيٽڙيون هلنديون هيون. انهن اهڃاڻن مان سڃاڻپ ٿئي ٿي تہ اهو سنڌ جو ڏکڻ-اوڀر نديون پراڻ درياءَ جي شاخن ۽ ڍوري هاڪڙي جي دو-آبي وارو علائقو هو. ڍگهڙي ڪان اتر-اولهہ طرف 'دنبالو' آهي، جيڪو نالو پڻ ڏنبرلو/دمبرلو/دمريلو سان ملي ٿو. ڍگهڙي ڪان وٺي نئين ڪوٽ تائين پُراڻ درياءَ تي آباد ٽيندڙ علائقو دمريلو هو ۽ ان ڪان اوڀر طرف 'رمل' (واري) يا ريگستان. اندازاً ميرپورخاص ڪان هيٺ ڏکڻ وارو علائقو دمريلو هو ۽ اتر طرف وارو علائقو برهمڻ آباد جيڪو پڻ پراڻ درياءَ جي وهڪري تي آباد هو.
- دمريلي علائقي وارو مرڪزي شهر يعني 'قلعو دمريلو' اتي هو جتي پوءِ نُهتو نالي شهر آباد ٿيو. نهتي شهر جي موجوده آثارن سان لڳ ڏکڻ-اولهہ تي قديم قلعي جا نشان موجود آهن ۽ انهن ڪان اولهندي طرفان هڪ واهڙ جو پيٽ آهي. انهن آثارن جو راقم پهريائين1959ع ۾ ۽ پيهر 1963ع ۾ معائنو ڪيو. قلعي جي ڪنڊرن جي ڊيگهہ اولهہ-اوڀر ۾ آهي، يعنيِ تہ ڊيگهہ ۾ قلعو اولهہ-اوڀر تي هو. هن علائقي ۾ ٻيو ڪٿي بہ ڪنهن قلعي جا نشان نظر نہ آيا.
- هن علائقي ۾ ٻيا آڳاٽا آثار نئين ڪوٽ ڪان اتر- اوڀر طرف آهن. هڪ راڄپال اولياءَ جو مقام سڏجي ٿو ۽ ٻيو آڳاٽو ماڳ اسٽيشن فضل پنيري ۽ جنهڻ جي وچ تي آهي. اتان آڳاٽي عرب- اسلامي دؤر جا سڪا مليا. ڀهرود قلعو انهي پاڳي ۾ هو. اتي جنهڻ نالو بہ سومرن جي آڳاٽي شهر جو يادگار آهي جنهن کي ابن بطوطہ جناني ڪري لکيو آهي.
- نهتي لڳ قلعي وارن آثارن ڪان ڏکڻ طرف وهندڙ درياءَ جي شاخ جي ٻئي طرف ڳاڙهو پڙو آهي، جيڪو گهڻو آڳاٽو ڪنڊر آهي جتان 'مٽن جي دڙي' جي هڪ سِيل ملي.

- **مياں نصير محمد جو فقير شاهہ وسائو**

مياں نصير محمد وڏي مٽيا وارو، وڏو مدبر ۽ منتظم هو. هن خاص

تعليم ۽ تربيت سان پنهنجا فقير پيدا ڪيا. جيڪي آئنده جا اڳواڻ ٿيا. ڳاڙهي (تعلقو خيرپور ناٿن شاهه) ۾ جامع مسجد تعمير ڪرايائين ۽ ان ۾ مدرسو قائم ڪيائين. ان مدرسي ۾ جيڪي خطابي پڙهيا تن مان ڪن اندران پِتين تي پنهنجا نالا لکيا هئا جيڪي چاليهه سال کن اڳ راقم (نبي بخش) پڙهيا. فقيرن جي عملي تربيت لاءِ، ميان نصير محمد پنهنجو 'ميان والي طريقو' هلايو ۽ ان طريقي مان وڏي حال ۾ وڏي خيال وارا اڳواڻ فقير پيدا ٿيا جن ميان نصير محمد جي مجتا، محبت ۽ عظمت کي ماڻهن جي دلين ۾ جاڳير ڪيو. ايتري قدر جو الله ۽ نبي کان پوءِ 'ميان' جو نالو ماڻهن جي زبان تي چڙهيو. 'ميانوالي طريقي' جي اصولن ۽ عقيدن، ريتن ۽ رسمن جو عوام الناس تي وڏو اثر ٿيو ۽ هن نظام ۾ ميان جي فقيرن کي وڏي مان شان ۽ وڏي عزت ۽ وقار وارو ڪيو ويو. ڪن خاص فقيرن کي 'شاهي' جي خطاب سان نوازيو ويو. اڳ سنڌ ۾ 'شاهه' جو خطاب فقط ساداتن لاءِ مخصوص هو ۽ هر سيد کي ادب مان 'شاهه' ڪري سڏيو ويو. ميان والي طريقي ۾ بناذات پات جي، بنا ڌن دولت جي، فقط 'ميان' سان عقيدت ۽ ميان کي مڃڻ ۽ مڃائڻ واري اهليت رکندڙ فقير کي 'شاهه' ڪري سڏيو ويو. ميان نصير محمد جي فقيرن مان جيڪي 'شاهه' جي خطاب سان مشهور ٿيا، تن ۾ وسائو شاهه، گاجي شاهه ۽ پنجو شاهه مُک هئا. جيئن ته اهي 'شاهه' سڏيا ويا انهيءَ ڪري وقت گذرڻ سان ائين پانيو ويو ته سيد هئا. بيو ته وڏي نالي وارا هئا ۽ 'ميان' جي طاقت ۽ طريقي کي وڌايائون. انهي ڪري به عام ۾ اهو خيال ويٺو ته سيد هئا. حقيقت ۾ شاهه وسائو چانڊين مان هو. گاجي شاهه کوسن مان هو ۽ پنجو شاهه ڏهوٽن مان هو. عام ماڻهن سندن ذات کي ڍڪي سندن عزت ۽ عظمت کي قبوليو ۽ ان کي ائين وڌايو جو چيائون ته:ٽي ٻار تختي تي لڙهندا آيا جن کي ڪڍيائون پوءِ انهن مان هڪ کي چانڊين رکيو سو ٿيو شاهه وسائو. ٻئي کي کوسن رکيو سو ٿيو گاجي شاهه ۽ ٽئين کي ڏهوٽن رکيو سو ٿيو شاهه پنجو. گهڻو اڳ، دولهه دريا خان بابت جيڪو لاشاري قبيلي مان هو تنهن جي مان مرتبي وڌائڻ خاطر به ائين چيائون ته سيد جو ٻار هو يا اوچتو ازغيبي پڌرو ٿيو. عوامي روايتون پنهنجي جاءِ تي، پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ميان نصير محمد جي انهي ٽنهي فقيرن مان هرڪو بذات خود وڏي مان مرتبي وارو هو. هيٺ اسان شاهه وسائي جو تفصيلي ذڪر ڪنداسون.

شاهہ وسائو ولد فيروز چانڊين جي ميرواڻي پاڙي مان هو. نوجواني کان وٺي ميان نصير محمد سان سندس عقيدت هئي ۽ ميان صاحب کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيائين ۽ وڏي خدمت ڪيائين. ميان صاحب خوش ٿي کيس چيو: ’هاڻ تون وڃ شادي ڪر‘ چيائينس تہ: تون گجرات وڃ، اتي مَهندُو ڪوسو آهي، جيڪو پنهنجي ڏيءُ راڻي توکي پرڻائيندو. مهندو ڪوسو اتي وڏو تمندار هو: کيس اڳ خواب ۾ مرشد ( ميان نصير محمد) آيو جنهن چيس تہ اسان جو فقير اچي ٿو تنهن کي پنهنجي نياڻي ڏج: وسائو فقير ويو تہ هن کيس پنهنجي نياڻي ڏني ۽ مرشد جي حڪم موجب فقير شادي ڪئي، پر هو وري بہ اچي مرشد جي خدمت ۾ رهيو. هاڻي ميان صاحب کيس پنهنجو ’خليفو‘ ڪيو. اهو درجو ٻئي ڪنهن کي حاصل ڪونہ هو. کيس ’شاهي‘ جو خطاب بہ مليو ۽ پڻ پري پري ميان صاحب جي ڪمن تي وڃڻ لاءِ کيس مهريءَ تي سواري جي اجازت ملي.

پوءِ هو ’شاهہ وسائو مهريءَ جو هسوار‘ لقب سان مشهور ٿيو. وڏي همت وارو هو ۽ ڪيترن ئي معرڪن ۾ شامل ٿيو. ان وقت کيس بہ پٽ هئا: ميرو ۽ ڪنڊو. مقابلن ۾ سندس ڪوڏ ۽ ڪاميابي کي ڏسي، سندس پيءُ کيس چيو تہ:

’هولين هولين ٻول، متان ڪنڊو نہ وڃئي اول.‘

يعني: آهستي ڳالهاءِ ۽ ڍرو ٿي، متان ڪو اهڙو ڏکيو وقت اچئي جو تنهنجي پٽ ڪنڊو کي ضمانت طور اول ڪري وٺي وڃن! آخر شاهہ وسائو لَڪي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو ۽ ”لڪي جو شهيد“ سڏيو ويو. روجهاڻ جمالي طرف ”شاهہ وسائي جو ڪنڊو“ مشهور آهي جتي چون ٿا تہ ڪا وڏي ڪرامت جهڙي ڳالهہ ڪيائين. اتي اجا تائين سندس ياد ۾ ڪو ڏينهن ملهائين. حڪيم عبدالحميد خان چانڊيي (شهر ماڏو، ضلعو دادو) کان مليل روايت موجب شاهہ وسائو سنہ 1111هجري ۾ چانڊيي جرنيل موندر خان سان گڏ جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿيو.

شاهہ وسائي جي اولاد مان ٽرپاڪر وارن وسائي پوٽن جو ذڪر اڳتي ’سنڌ جا نسب ناما‘ هيٺ ڏنو ويو آهي. 4 سيپٽمبر 1975ع تي ٽر ۾ ڳوٺ ڪاڪٺهار رحم علي (لڳ اسلام ڪوٽ، ضلعو مٺي) ۾ جڏهن منهنجيون ٽر ۾ وسائي پوٽرن جي ڪٽنب بابت ڪچهريون ٿيون، مهربان ميزبان رحم علي فقير (ننڍو) اڳئين وقت جا ڪي ڪاغذ ڪڍي آيو. اهي ڪاغذ ڦاٽي

زبون ٿي ويا هئا، پر مون بچيل ٽڪرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي جن مان هيٺيان تاريخي معلومات ملي.

- هڪ خط جو ٽڪرو جنهن جي مٿان مهر ”خادم الفقراءِ نور محمد عباسي“ ابجد لکت ۾ سال ’1259‘ جيڪو صحيح معلوم نہ ٿيو. شايد اصل ۾ ’1159‘ هجي. جيڪڏهن ايئن هجي تہ پوءِ اهو گمان نڪري ٿو تہ جنهڻ واري ماڳ تي ’وسائي پوٽرا‘ ميان نور محمد جي وقت ۾ آيا. پر هن ساڳئي خط ۾ نالو ”رحم علي فقير خليفہ“ لکيل يعني وڏي رحم علي فقير جو نالو. رحم علي فقير چون ٿا تہ وڏي چمار ماڻي، انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ هو ميان نور محمد جي وقت ۾ باهمت هجي.
- هڪ حڪمنامو ”رحم علي درويش واقع تڙ دهکياره“ (تڙ ڏيڪاريو) بابت ”قلعہ دار ريگستان“ ڏانهن. ”قلعہ دار ريگستان“ يعني ٿرپارڪر جو قلعدار يا گورنر.
- مير ڪرم علي خان ٽالپر جو پروانو مهر سان سال ”1225“ هجري جو.
- مير محمد نصير خان جو حڪمنامو مؤرخ ”11_ماهہ محرم 1252“. جنهن ڏانهن اهو حڪمنامو ان جي ماڳ مڪان بابت الفاظ تہ ”واقعہ ريگستان تعلقو اسلام ڳڙهہ.“ قلعو اسلام ڳڙهہ ٽالپرن جي دؤر ۾ تعمير ٿيو ۽ ان کي تعلقو ڪيو ويو. انگريزن جي دؤر ۾ اسلام ڳڙهہ جو نالو بدلائي اسلام ڪوٽ ڪيو ويو. ننڍو قلعو هو جنهن جون سرون ڪٽي شهر وارن پنهنجي ڪتب آنديون. اتي پوءِ اسڪول ٿيو. اسلام ڪوٽ وارو سنڌي اسڪول انهيءَ اڳئين اسلام ڳڙهہ واري ماڳ تي نهيل آهي. اسلام ڳڙهہ قلعي مان توپن جا گولا دستياب ٿيا جيڪي هاڻي يو. سي طرفان اسلام ڪوٽ ميوزم ۾ رکيا ويا آهن ۽ راقم اهي 25 آگسٽ 2003ع تي ميوزم جو معائنو ڪندي ڏٺا.

# ’رسالي فتحي‘ ۾ آڳاٽا ناياب سنڌي بيت

بيتن ۾ تصنيف ٿيل رسالن ۽ ٻين ڪتابن کان سواءِ به ڪن آڳاٽن قلمي ذخيرن ۾ ڪي سنڌي بيت لکيل آهن، جن جو دستياب ٿيڻ سنڌي بيتن توڙي انهن ۾ سمايل معنيٰ ۽ فڪر جي مطالعي لاءِ نيڪ فال آهي. هن کان اڳ هيٺين چئن ماخذن مان اهڙا ناياب بيت چونڊي شايع ڪيا آهن: شاهه جا رسالہ قلمي، ڪتاب مثنوي زيبا نگار، ڪتاب يوسف زليخا ۽ پير سائين حضرت سيد محمد راشد ﷫ جي ’ملفوظات مجمع الفيوضات‘ . (ڏسو سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم جو ڪتاب ’ڊاڪٽر بلوچ هڪ مثالي عالم‘ ، پاڳو ٻيو سال اشاعت 2002ع).

هاڻي هن سلسلي جو هڪ ٻيو فارسي قلمي ڪتاب دستياب ٿيو آهي جنهن جي ورقن جي حاشين تي ڪي سنڌي بيت لکيل آهن. هي فارسي قلمي ڪتاب ’رسالہ فتحي‘ (يا رسالہ فتحيہ) آهي جيڪو حضرت مخدوم نوح (﷫) جي پوٽي، مخدوم فتح محمد بن مخدوم امين محمد (اول) سنہ 1019هہ (1615ـ1616ع) ۾ تصنيف ڪيو. هي ڪتاب مخدوم صاحب جن تي ڪتب خاني ۾ محفوظ هو ۽ سٺ سال کن اڳ جڏهن مولوي دين محمد وفائي ڪتاب ’سفينتہ النوح‘ لکيو تڏهن رسالہ فتحي سندس آڏو هو. پڻ ٻئي هڪ بزرگ جي ڪتاب ’الدر المنظوم في تذڪرة المخدوم‘ ۾ رسالہ فتحي جا حوالا ڏنل آهن. ڪجهه وقت اڳ راقم ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري، هالن پراڻن جي علمي ادبي شخصيت قاضي شوڪت علي صاحب کان هن ڪتاب بابت پڇا ڪئي ته معلوم ٿيو ته اصل رسالو جيڪو مخدوم صاحب جن وٽ هو سو ناپيد آهي. ان بعد تازو (27 جون 2003ع جي آخر ۾)، شوڪت علي صاحب جي ڪوشش سان هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو دستياب ٿيو جيڪو ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ۽ محترم سليم الله صديقي جي معرفت مون تائين پهتو.

مطالعي مان معلوم ٿيو ته هن قلمي نسخي ۾ پهريان سٺ ورق موجود نہ

آهن ۽ چئي نٿو سگهجي تہ شروع ۾ فاضل مصنف هن ڪتاب جي تصنيف ۽ ان جي نالي بابت ڇا لکيو. بهرحال مصنف پاڻ عالم عارف هو ۽ هي ڪتاب پنهنجي جد امجد جي رشد ۽ هدايت کان متاثر ٿي لکيائين. هن ڪتاب ۾ هڪ سڄو باب مخدوم نوح (ﷺ) جي مناقبن بابت آهي، جنهن ۾ سندن سوانح ۽ ملفوظات آهن. ان باب کان سواءِ پڻ ٻين جاين تي سندس ذڪر آهي پر هي ڪتاب نہ تہ جناب مخدوم نوح (ﷺ) جي سوانح بابت آهي ۽ نہ وري سڄو سندس ملفوظات بابت! ڪتاب جي بابن جي عنوانن توڙي موضوعن مان ظاهر آهي تہ مصنف هي ڪتاب تصوف ۽ عرفان جي اهم موضوع تي لکيو. عنوانن ۾ 'باب' بدران مصنف 'فتح' جو لفظ آندو آهي. 'باب' جي معنيٰ دروازو آهي ۽ 'فتح' جي معنيٰ ان دروازي جو کلڻ. پڻ 'فتح' جي عنوان ۾ مصنف جو نالو بہ 'رسالہ فتحي' ٿيو. تصوف ۽ عرفان جي حوالي سان، فتح سان ڪتاب معنيٰ الاهي رازن جو کلڻ، روحاني وارداتون ٿيڻ يا نوان مقام حاصل ٿيڻ.

صوفياءِ ڪرام جي اصطلاحن ۾ فتوحات غيبي جي اهائي معنيٰ آهي. 'فتح' جي عنوانن وارا هن ڪتاب جا جملي باب 'فتوحات' آهن، يعني تصوف ۽ عرفان جي رازن رمزن واريون وارداتون.

موجوده نسخي جا پهريان ست ورق ڪٽل آهن پر انين ورق تي ۽ اڳتي جيڪو موضوع هلندڙ آهي سو توحيد جو آهي جنهن مان چئي سگهجي ٿو تہ ڪتاب جو پهريون باب 'فتح دربيان توحيد' هو. ان بعد ٻيا هيٺيان باب موجود آهن: فتح دربيان حق، فتح دربيان حقيقت، فتح دربيان مناقب و مدارج ياران ڪرام، فتح دربيان معراج، فتح در بيان نبوت انبياءِ ولايت، فتح دربيان خداوند فرمان ظاهر و باطن، فتح دربيان شيخي ومريدي، فتح دربيان مناقب غوث الحق والدنيا والدين (مخدوم نوح ﷺ)، فتح دربيان انسان، فتح دربيان محويت، فتح دربيان هستي ونيستي، وجود و عدم و بقا و فنا، فتح دربيان سلوڪ، فتح دربيان معرفت نفس ۽ فتح دربيان عشق و محبت جنهن جي پويان ڪتاب جا ورق ڪٽل آهن.

هنن بابن جي عنوانن مان ظاهر آهي تہ، مجموعي طور سان، هي ڪتاب تصوف بابت آهي. صوفياءِ ڪرام ۽ سندن تصنيفات کان مصنف باخبر آهي. ابو سعيد خراز، خواجہ عبدالله انصاري ۽ ٻين جا قول نقل ڪيا اٿس ۽ تصوف جي ڪتابن جهڙوڪ رسالہ قشيريہ، ڪشف المحجوب،

تذڪره الاولياءِ، عوارف المعارف وغيره جا حوالا ڏنا اٿس. هتان جي عارفن مان شيخ رڪن الدين (ملتان)، پنهنجي جد امجد مخدوم نوح، بهاوالدين دلق پوش (گودڙيو) وغيره جا قول بيان ڪيا اٿس. مخدوم نوح (ﷺ) جي مناقب واري 'فتح' (باب) هيٺ حاشين ۾ رسالہ بهاوالدين دلق پوش، ۽ 'رسالہ ميان منہ درويش' جا حوالہ آندل آهن.

وڌيڪ تفصيلي مطالعي سان هن ڪتاب جي اهميت وڌيڪ واضح ٿيندي. شروع واري باب ۾ 'توحيد' بابت تفصيلي وضاحت ۽ ٻين بابن هيٺ سلوڪ ۽ عرفان جي ٻين موضوعن مقامن جي سمجهاڻي مان نتيجي طور چئي سگجهجي ٿو تہ سنڌ ۾ تصوف جي موضوع تي هي ڀرپور جامع ڪتاب آهي.

ڪتاب جي زير نظر قلمي نسخي جي ڪتابت مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي نسخو ڪنهن ڪاتب 12- صدي جي آخر ڌاري لکيو. ڪن ورقن جي حاشين ۾ عبارتون لکيل آهن جن مان ڪي اهڙا اضافا آهن جيڪي ڪتاب جي موضوع سان تعلق رکن ٿا ۽ انهيءَ لحاظ سان گهٽ ڪري اهي اضافا مصنف پوءِ پاڻ ڪيا. ٻيا اضافا سنڌي يا فارسي بيتن جا آهن. سنڌي بيتن جي ڪتابت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي جدا ٻئي قلم سان ڪيل آهن. يعني تہ ڪتاب جي ڪاتب جي قلم جا ناهن پر پوءِ جا ڪيل آهن. اهي بيت 12-صدي هجري جي آخر ڌاري حاشين تي لکيا ويا. هڪ بيت سينگار شاعري جي موضوع جو آهي جنهن کي 12 صدي جي وچ ڌاري وڏي سگهڙ شاعر جلال ڪتيءَ پنهنجن بيتن ۾ اوج تي پهچايو. هو جمن چارڻ جو همعصر هو. جنهن سنہ 1152ھ ۾ وفات ڪئي.

ڪتاب ۾ ڪن ورقن جي حاشين تي جيڪي سنڌي بيت يا بيتن جا ڪي الفاظ لکيل آهن تن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي:

(1)

چيتاري ڇُونڊياس، ڳالهيون ڪي سڄڻين
جہ منهن مقابل ٿياس، تہ سيئي ويئون وسري

'توحيد' واري باب جي هڪ ورق تي هن بيت ڏانهن اشاري طور فقط "تہ سيئي ويئون وسري" لکيل آهي. هي بيت شاهہ جي رسالي جي معياري متن ۾ سر رپ جي پهرئين داستان جو بيت آهي.

(2)

ڳالهيون پرين، تنهنجيون.........

توحيد واري باب جي هڪ ورق ۾ ڪنهن بيت جا فقط اهي لفظ لکيل.

(3)

جا پريان جي پهتَ.....................

توحيد واري باب جي هڪ ورق تي ڪنهن بيت جا فقط اهي لفظ لکيل.

(4)

موکي هن مَتن سين، ڪا جا ڪيئي پَتِ
پَسئو پِرِ شراب جي، منجهئو وجي مت

(5)

موکي هن متن سين، ڪوجو قهر ڪئوء
متارا محتاج تو، توڙي وڃي سِر نئوء

مٿيان ٻئي بيت پڻ توحيد واري باب جي ورقن تي لکيل. ڪيئي (ڪ ٿِي)، يعني ڪَئِي: پت= ريت، اٽڪل. بيت نمبر-٥ جي آخري سٽ جي شروع ۾ 'تو' جو لفظ آهي جيڪو صحيح ناهي؛ پڻ هن سِٽ جي آخر وارو لفظ صاف لکيل ناهي. شاهه جي رسالي ۾ 'موکي' وارو موضوع سر يمن جي داستان-6 ۾ آهي. چئي نٿو سگهجي تہ هي بيت ڪنهن جا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ مصنف جا هجن.

(6)

پاڻ پيي سلطان، اُپِي ڏي سنيهڙا
پاڻ کي پاڻ لهي، پاڻ سجاڻي پاڻ.

هي بيت 'حقيقت' واري باب جي هڪ ورق جي حاشيي ۾ لکيل آهي.
هي بيت ميين شاهه عبدالڪريم جي ڪلام مان آهي، ۽ اصل پڙهڻي هن طرح آهي:

پاڻ ئي سلطان، پاڻ ئي ڏي سنيهڙا
پاڻ ڪر پاڻ لهي، پاڻ سجاڻي پاڻ.

(7)

طالب قصره سونہ سَر، رومي رهي جتِ
پرينءَ ري پروڙئو تت، اُوءِ پسجي پيهي

هي بيت ’حقيقت‘ واري باب جي ورق تي مٿئين بيت جي هيٺيان لکيل آهي.

ٻهرين سٽ. شاهہ جي رسالي معياري متن سر ڪلياڻ جي داستان-2 هيٺ انهيءَ عنوان سان ڏنل ڇهن بيتن مان آهي، پر بدليل آهي. رسالي ۾ هن طرح آهي تہ:

طالب قصر. سونهہ سر. اي روميءَ جي راحت
جَني ڏني سٽ. تني ڪچئو ڪينڪين.

ٻي سٽ ڪنهن ٻئي بيت جي تي سگهي ٿي، اها پڙهٽي توڙي معنيٰ ۾ صحيح ناهي. هيٺيان چارئي بيت پڻ ’حقيقت‘ واري باب جي ورقن تي لکيل آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ مصنف جا چيل هجن.

(8)

متان پانئين ڪِين ٻئو سيوئي الله
حقيقتان هيڪڙو هُوَ کہ ..............

(9)

جي تي ڏنو جيڏيين جنهہ ير ڏٺو ماءَ
هوند گهٽيني گهورئا گهر وَرن ئي سانءَ

(10)

جنهن ني تارا جهَپئا اُيرئو سو سجُ
سجو ٿئو سوجهرو چوکو جائو ٻج

(11)

جِنهن ڏهسَنَ ڏِياَ جهَپئا اُيرئو اَيَرم
پاپَنِ پاڙُون اُتڙيون جئن جائو آدَرَم

ٻهرين سٽ ۾ ڏهسن (ائين) آهي: ٿي سگهي ٿو تہ اصل ۾ ڏُهہ سَنِ هجي يعني ڏهين سن ۾ (مخدوم نوح ﷺ ڏانهن اشارو). هن سٽ ۽ ٻي سٽ جي آخر وارا اصل ۾ ’يرم‘ ۽ ’ڌرم‘ ڪري لکيل آهن پر شايد صحيح ’ايرم‘ ۽ ’اڌرم‘ هجن، معنيٰ وڏي شعاع وارا وڏا ستارا. سينگار شاعري ۾ ’ارڌم‘ لفظ آيو آهي تہ:

ايريو ٿي اَرڌم، جَر تر ڏيا جهپيا

ٻيءَ سٽ جي شروع وارو لفظ (پاپن) اصل ۾ ’پاپ تہ‘ لکيل آهي.

(12)

جيڪين ڏجي جوڳيين، تَسُو تا نہ لوڪ
ڪڍي ڪاپڙين ڪي، تئا ڏجي ٿوڪ

ڀورين سٽ ۾ 'تسو' کي جيڪر'تہ سو' ڪري پڙهجي تہ معنيٰ نڪرندي. هيءَ بيت 'معراج' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

(13)

جي جاڳندي من ۾ سُتي پڻ سيئي
پڳهيو پاڻ ڳري مَن پرينِ نيئي.

هي بيت 'نبوت النبياءِ ولايت' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.
اصل ۾ هي بيت ميين شاهہ عبدالڪريم جي ڪلام مان آهي جنهن ۾ پوئين سٽ جي پڙهڻي هن طرح آهي:

من پريان نيئي، پڳهيو پاڻ ڳري

(14)

ننگرئو نيٺين، ٻن اولي نہ اوهَري
سڀاجهي سيٺين، ڳٽين هَٽِي ڳرو ڪئو

هي بيت 'شيخي مريدي' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي. شاهہ جي رسالي (معياري متن، سر ساموندري، داستان-4 ) ۾ هي بيت هيٺين پڙهڻي سان موجود آهي:

ننگرئو نيٺين، مَن اوليءَ نہ اوهري
سڀاجهي سيٺين، پائي ڳڻ پڳهيو هنيون.

(15)

سيرت صورت سچٽين ڏسان ڪونہ ٻئو
هيڪائي هڪ ٿئو، وچان وچ وئو.

هي بيت 'شيخي مريدي' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

(16)

چپن سندي ڳالهڙي، هنين نہ سندي مت
هن وائي پير ٻئو وَهي نُجوئي يَتِ

هي بيت 'شيخي مريدي' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي. ٻي

سٽ ۾ نِجوئي ڪري پڙهجي تہ صحيح ٿيندو: نِجو يعني جدا. ٻيءَ طرح، ٻيءَ يت.

(17)

آيل سندي سڄڻين وائيءَ سَئو وَرَنُ
رُئاري رَتَ ڦڙا اندر وڍي وَمُ

هي بيت 'شيخي مريدي' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي. ٻيءَ سٽ جو آخري لفظ 'وَمُ' ايئن لکيل آهي. قافيو پورو نہ آهي، پڻ معنيٰ غور طلب آهي.

هيٺيان چارئي بيت انسان واري باب جي ورقن تي لکيل آهن.

(18)

سالَ سِڪوئي سون جَن کي تا سي اسيهي
پريان پاڻ پَسائيو مون من مجهيئي

(19)

سالَ سڪئاسون جن کي تا سي اسين پاڻ
سڄاتوسون سپرين لٿا سڀ گمان

هي بيت ميين شاهہ عبدالڪريم جي ڪلام مان آهي. اصل بيت هن طرح آهي:

اسين سڪون جن کي، سي تان اسين پاڻ
هاڻي وڃ گمان، صحيح سڄاتا سپرين.

(20)

سيرت صورت سڄڻين ڏسان ڪينَ ٻئو
هيڪائي هيڪ ٿئو وچان وِچ وئو

(21)

سيرتَ صورتَ سڄڻين، سڀ پريان جي ذات
هيڪائي هيڪ ٿئو ويئي وچائي تات

ٻولي ۽ اسلوب بيان جي لحاظ سان، 19،18، ۽21 بيت قاضي قادن جا ٿي سگهن ٿا جيتوڻيڪ هن کان اڳ ٻئي ڪنهن بہ ماخذ ۾ موجود ناهن. بيت نمبر 20 ممڪن آهي تہ مصنف جو چيل هجي.

(22)

جيئن چڱن سين چڱائيون ايئن مُوراهين هو

جي مَٽن سين ڀالَ ڪريين، تو جٽن ڪري نہ ڪو
ڏُٿارڻ ڏوهارين ڪي قادر ڪم سندو

هي بيت 'انسان' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي.

(23)

جتي راهہ گُمر ٿيي ور سا ڪاري راتِ
هي ٻڙِ وجي وِسَري نہ هُنَ سندي تاتِ

هي بيت 'انسان' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي. هي بيت شاهہ لطف الله قادري جو آهي ۽ راقم جي تصحيح سان ڇپيل 'شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام' (انسٽي ٽيوٽ آف سنڌالاجي 1968ع، صفحو25) ۾ هيٺين پڙهٽي سان موجود آهي:

جتي راهہ گم ٿئي، وَرُسا ڪاري راتِ
هِي ٻُڙ وڃي وسري، هُنَ هُنهيِن جي تات

هي بيت، پوءِ شاهہ عبداللطيف جي رسالن ۾ پڻ نقل ٿيو (تفصيل لاءِ ڏسو شاهہ جو رسالو رسالي جو ڪلام (جلد ڏهون) سر ڪاهوڙي، صفحو(35_348)

(24)

سيرت صورت سڄڻين ايئن ڪير ٿئو
هيڪائي هيڪُ، ٿئو وڇان وڄُ وئو

هي بيت 'معرفت نفس' واري باب جي هڪ ورق تي لکيل آهي: بيت نمبر 20 کي ٿورو بدلائي لکيل آهي.

(25)

پُوچڙيءَ پاندُڪٽي جي جُهار (ن) جبين
وجڙئون جُهڙ وڄ ۾ اَجها اوڊر ڏينِ

هي بيت عشق ۽ محبت جي بيان واري باب جي ورق تي لکيل آهي. اصل جيئن لکيل آهي تيئن پڙهڻ ۾ مشڪل آهي ۽ وڌي ويچار کان پوءِ ان جي اها پڙهٽي سمجهہ ۾ آئي آهي. هي سينگار شاعري جي معنيٰ وارو بيت آهي جنهن ۾ محبوب جي حسن جو بيان آهي 'جهارن جيبن' يعني پيشاني ڀسائينِ.

# مانائتيون مايون

- بيبي سائڻ صاحب جناب پير سائين سيد محمد راشد (جدامجد پيران پاڳاره) جن جي وڏي نياڻي ۽ ابراهيم شاهه جي امان هئي. پاڻ شعر چيائين. هيٺين ڪافي سندن چيل آهي:

مانَ ڪڏهن مان تي ڙي اديون، پاروچل پاجهہَ ڪري
ووا مان ڪڏهن مان تي
سو شال ملندم وو سپرين ميان
الاسور جنهن جا سان تي، ڙي اديون
هيءَ سِر سُوريءَ وو چاڙهيو ميان
نرمل جي ناتي، ڙي اديون
ويندس رهنديس ڪين ميان
وجان جانب آجاتي، ڙي اديون

- بيبي صاحب اميرزادي، سائڻ، جناب پير سائين سيد محمد راشد جي پوٽي ۽ سندن فرزند سيد شاهه نواز جي نياڻي. علم واري ۽ علم پرورو هئي. شعر چيائين.

هيٺين ڪافي سندن چيل آهي.

روضي واري جهڙو جامع، نہ تيو تيندو نہ ڪو آهي
1_رسوليءَ راهہَ تي راسخ، منجهين مازاغَ تي ماسخ
شرع تي شاهہ تيو شامخ، قدم ڪامل اتي ڪاهي
2_ولي الله وَحداني، جنهن جو ڪونهي ڪومت ثاني
لاهوتي لالِ لاثاني، سدا سبحان ساراهي
3_هادي امت سندو برحق، آهي امام سو مُطلقَ
آيو آواز ايءُ از حق، بحر رحمت سندو آهي
4_هجي جيڪو غَمَ سان همدم، ڏئي دلداريون دم دم
دلاسا ڏيئي ڪرم خرم، سندس ايءُ شان آ شاهي

5_زيارت سان ٿين ضايعا، مڙئي افڪار اجايا
سَوَن ڪئون سُورَ سوايا، لائق لحظي اندر لاهي
6_لَڪياريءَ سان لکين لائق، ڪيا فضل مڙئي فائق
اهڙو مرشد ڏيئي مالڪ، چڙيا ڊرپ ڊاءِ سڀ ڊاهي

- جتن ۽ چانگن جي ماري جو ذڪر ڪتاب 'جنگناما' ۾ تفصيل سان اچي چڪوآهي. ان ماري ۾، جتن مٿان چوڙهن راڄ وري ويا (گهڻا راڄ سندن مٿان حملہ آور ٿيا) . جتن جو اڳواڻ شير خان جت مارجي ويو ۽ جتن جا گهر بار لٽجي ويا. ان وقت ساڪري طرف ڪرمتين جو سردار ملڪ ٻبَر هو جنهن جي گهر ۾ جتڻ مائي هئي (جنهن جو پٽ الهداد جيڪو پنهنجي پڻيتي ياءَ مزار خان سان گڏ مڪلي واري جنگ ۾ ماريو). الهداد جي ماءُ پنهنجي وَر ملڪ ٻبر کي چيو تہ: "جت مرندا مري ويا پر ملڪَ وير ڪونہ ورتوءِ." ملڪ چيو تہ: 'وير جيڪر ورتوم، پر مون وٽ ڪا پهر ڪانہ پهتي.' تڏهن مائي چيو تہ :

ٻبرا ٻاباڻن ۾ آءٌ جيڪر مڙس هياس
تہ اڏي پکو اوڏڙو راڏين پاس رهياس
رڱي نيزو رت سان مَرڪي هوند مياس
نہ تہ ونئي وير وَرياس شير تنهن شير خان جو.

ٻبر=اي ملڪ ٻبر. ٻاباڻن= پنهنجن اباڻن (جتن). جيڪر مڙس هياس= آءٌ جي مرد هجان ها. اڏي پکو اوڏڙو= تہ آءٌ پنهنجو پکو اچي راڏن (جتن ملڪن) جي ويجهو اڏيان ها، انهن سان شامل ٿيان ها. رڱي نيزو= پوءِ يا تہ پنهنجو نيزو رت ۾ رڱي وڙهندي مران ها، نہ تہ شير خان جو وير وٺي پوءِ موٽان ها.

- دريا خان ڪنهن سونهن ڀريءِ کي ڏنو ۽ پوءِ هي بيت ڏانهس ڏياري موڪليائين:

هٿن (منجهہ) هٿيار، سينو سَڪيل سپرين
نرڙ تي نور ڀري، نڪ ڊِگهو تلوار
ڀرون سچي سيگَ جئن، عينَ گلولا گلزار
دو نالي جئن دؤر وڙهن سي نور ڀيئي نروار

ماريو وچن مامر سان درسن سان ديدار
هڪ پوشاڪ پٽ جي، ٻيو هيري ڳچيءِ هار
دريا خان چئي ديدار، ڪجن اهڙن عجيبن جا.

لونگ فقير جي روايت موجب مائي بہ شاعر هئي جنهن دريا خان کي جواب ۾ چوائي موڪليو تہ:

گل چمن گلزار، گل جياپو جيءَ جو
هَلان گل همت سان، تڳان گل توار
ڏسي دلبر جا ديدار، گل مڙبئي گولا ٿيا.

# وياسي وينجهار

- **چنيسر راڄڙ**

چنيسر راڄڙ، پاڙو بالو وينٺل، ٽوپي واري پٽ، نارو اڳ تي گذريو. هن بيت جي ٽين سٽ ۾ وڏي صداقت ۽ نزاڪت آهي، جو اها دلي پيار ۽ سُرهي سنگت جو فطري اظهار آهي.

چاٽ اُني، چِٽڪو ٽيو، ٽيا پٽ مڙيئي پاٽي
مڪٽي اسان جي ملڪ تي سگهو ساماٽي
اسان پرين پاڻ ۾ گڏ چِجن ۾ چاٽي
اُڪنڊ اباٽي، جَهڻ پيان جهوري لهي.

- **مسو**

مسو خيرپور رياست جو وينٺل هو اڳ تي گذريو.

پِرين جن جي پاڙي ۾ وڏا طالع تن
ڏيهاڙيون ڏسڻ لئي اڪيون عيدان ڪن
گهڙيءَ گهڙيءَ جا گهمرا تڙ تي جهليا تَن
لڳن مُهران مَسو چئي تن ڪي ورهئون نا وِسرن
ڏايون نه ڏاپن، ڪا ايڏي اچ اڪين ڪي!

تڏهن ڪنهن ٻئي جواب ۾ بيت چيو ته:

پرين جن جا پرڏيهه ۾، تن جي پڙايو پاڳن
ڏسڻ ڪاڻ ڏيهاٽي پيون اڪيون آگم ڪن
محبت ملاقات لئي پيون ويچاريون وَسن
ڏايون نه ڏاپن، مَرُ هجي اچ اڪين ڪي.

- **عالم خان لنڊ**

عالم خان لنڊ، دادو ضلعي جو وڏو سگهڙ شاعر هو. ميرن صاحبن جي

اوائلي دؤر ۾ تي گذريو. فقيري حال وارو هو۽ "فقير عالم خان لُنڊ" سڏيو ويو.

محبت جي ميدان ۾ تا لافون لک هڻن
ڪم پئي ڪل پوي تہ ڪا جا ڳالھ سندن
سرديون گرميون گذري ويندِيون، ڳالهيون تيون ڳجهن
سئو ڪاڻ ساءُ نہ مَتجي، چڱا ائين چون
اها اتڪل عالم خان چئي ڪي رمزون رند رکن
الله تن مردن، شل گسان گسائي نہ ڪڏهين.

- **رحيم راهومو**

رحيم راهومو وينل رِڻ پاريو تعلقو ننگر پارڪر، 1910ع ڏاري گذاري ويو.

هنئين تي هوريون، باهيون بس نہ ڪن
هڪڙا مچ مجاز جا، بيا جانب جاد پون
سِڪان گهٽو سڪ ۾، اگَڻ مانَ اچن
رهاڻين رحيم چئي، اچي ڪيچي مان سان ڪن
سي ڪيئن آڳيون اڇامن، جي هوت لائي ويو هٽ سان

- **بهاول مهر**

بهاول پٽ ڦُلڻ، ڳوٺ رضا مهر، تعلقو پنو عاقل 1906ع ۾ 55 سالن جي عمر ۾ گذاري ويو. 'پهاڪي جو' (عقل ۽ دانائي جو) بيت چيائين تہ:

چلهہ تي سو دل تي، اهو ڏس ڏنو ڏاهن
ويو قدر قرب جو مهر چوي، ماڻهن
سَرءَ توڙي سياري، هڪ رهجي هوتن
هجي پورو سير سجڻ سان، توڙي وجي ولاتن
ڪي جاڻيندڙ جاڻن، اٿو پڪو پيچ پريت جو.

- **امير بخش چانڊيو**

سنہ 1080ع ۾ مرحوم جيئند خان کوسي جي ڳوٺ 'شِلو' تعلقو ننگرپارڪر ۾ وڏي ڪچهري تي. امير بخش ڪارو چانڊيو عمر پنجاهہ سال جو وينل پورلي، تعلقو ننگر پارڪر خوش طبع عوامي شاعر سان وڏي رهاڻ تي ۽ پوءِ بہ رهاڻيون تيون. سفارش ڪيم جنهن موجب وڏي وزير سيد

غوث علي شاهه سگهڙ امير بخش لاءِ ٽي سئو رپيا مهينو وظيفو مقرر ڪيو.

ساراهيان سچو ڏڻي جيڪو واحد وسيلو
اندر جي اڪير سان منهنجو هلي نٿو حيلو
وني اُڃ اندر کي لڳي قلب کي ڳلو
جنهن کي سِڪ سچي تنهن کي وجهي نٿو ويلو
پر درد منهنجي دل جو ڪنهن ڪونهه ڳليو
اڄ عاشق ٿو آهون ڪري، رندن ٿي رليو
برهه جي بيماريءَ سان، منهنجو هلي نٿو حيلو
ٽيندو محبت جو ميلو، مهندان ڏينهن محشر جي.

- ### قادر بخش خاصخيلي

سنه 1980ع ۾ ڪيل ڪچهري ۾ سگهڙ قادر بخش، عمر 58 سال، ويٺل ڳوٺ ڳوٺيو تعلقو ننگرپارڪر. پنهنجو هيٺيون بيت ٻڌايو.

ساريو تن سانگين کي، ٿا اولانبا اڇن
سِيارا سانگين تان ٿا ويرو تار وڇن
مٿان آيا اونهارا، ٿا ماهو ماهه ملن
آئي منڊ ميون جي، ٿا ماروئڙا مرڪن
شگر سي شاخن ۾، بيا پيرون ٿا پچن
ٻَڪا پچي پوشيدا ٿيا، ڪئي لالائي لامن
ڦوڳن ڦٽي ڦرڪيا، ليارٽا لَلَهڪن
سي ڪلي ڏسان خاصخيلي چئي پاور جي پَٽن
منهنجا ٿاريلا ٿرن، ٿا سُک گذارن سومرا.

# محبت جون مقالون

اڳيان عاشق اڳ ٿي گذريا جن مان ليليٰ مجنون ۽ شيرين فرهاد جا نالا گهڻو ياد رهيا. ڪنهن سگهڙ چيو تہ:

عشق تہ ليليٰ مجنون جو ٻيا سڀ خلل ۽ ڪيتا.

سنڌ ۾ سسئي- پنهون، سهڻي-ميهار مومل-راڻي، نوري-ڄام تماچي ۽ لاڪي-اوڏڻ جا داستان مشهور ٿيا. پر سچي محبت جا اهي داستان رڳو ماضيءَ ۾ واقع ٿيا يا پوئين ويجهي دؤر ۾ بہ ڪي سچي سڪ وارا پيدا ٿيا! جي هئا تہ انهن جي محبتن ۽ مشڪلاتن، دردن ڪشالن جي ڪيفيت ڪهڙي هئي!

انهيءَ حقيقت کي سمجهڻ خاطر، گذريل ٽيهن چاليهن سالن ۾ سنڌ جي هر ڀاڱي ۾ ڪچهريون ڪندي مون اتي جي سڄاڻن ۽ سگهڙن کان اهڙن سچي محبت وارن جون ڳالهيون پڇيون. مقصد هو تہ افسانن بدران، سچيون ڳالهيون ويچار هيٺ آڻجن تہ جيئن سنڌ ۾ محبت جي معيارن ۽ عاشقي جي منزلن کي پوريءَ طرح پرکي سگهجي.

اڄ ڪلهہ جي مادي دنيا ۾، 'محبت' کي 'جنسيت' تائين محدود ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ جنسيت ۽ محبت انساني پيدائش جون بہ خاص حقيقتون آهن: جنسيت جسم سان لاڳو آهي ۽ جسماني آهي، محبت روح سان لاڳو آهي ۽ روحاني آهي. 'جنسيت' حيواني آهي جو انسان بہ هڪ حيوان آهي ۽ ٻين حيوانن وانگر جنسيت بہ انسان جي سرشت ۾ سمايل آهي انهيءَ لاءِ تہ وڌي ويجهي ۽ انساني نسل برقرار رهي. جنسيت سان گڏ محبت ممڪن آهي پر لازمي ناهي: محبت کان سواءِ بہ 'جنسيت' سان نسلي واڌ وارو مقصد پورو ٿئي ٿو پر محبت جنسيت کان سواءِ بہ دائم قائم آهي ۽ 'جنسيت' کان سواءِ بہ وڌي ويجهي ٿي. سنڌ ۾ سڪ ۽ عشق وارن جا مثال موجود آهن جن ۾ 'جنسيت' کي ڪو دخل ڪونہ هو.

سڪ ۽ عشق، محبت جي مٿاهين منزل جا نالا آهن، بلڪ عشق

محبت جي ڪمال واري منزل آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ عشق ۽ محبت جا معيار نهايت مٿانهان رهيا آهن. سنڌ جي عشق ۾ ادب لازمي آهي. فارسي شاعري مان عشق جي افسانوي روايت جيڪا هندوستان ۾ آئي، تنهن ۾ عاشق محبوب کان حساب ڪتاب وٺي ٿو: هت نہ، تہ آخرت ۾ بہ حساب وٺڻ جي ڌمڪي ڏئي ٿو. غالب چيو تہ:

خلدمين هم ان پريزادون سہ لينگي انتقام

عشق ۾ ادب جي ڪمال کي شاهہ عبداللطيف پنهنجن بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. هن پوئين ويجهي دؤر ۾ علامہ اقبال بہ ادب جي ڳالهہ ڪئي جو چيائين تہ:

نَمازِ چشم عاشق کي هي هر دم باوضو رهنا

سنڌ ۾ عاشقيءَ جو معيار اهو آهي جو عاشق محبوب جي ادب ۾ رهي: عشق کي ڍڪي، پنهنجي درد کي دل ۾ سانديو ۽ محبوب کي هر ڪنهن آڏو پڌرو نہ ڪري.

عاشق ائين نہ چُوِن، تہ ڪو درد اسان جي دل ۾

- محبوب ۾ ڪو عيب ڪونهي، محبوب تي ڪو حرف ڪونهي، محبوب تي ڪا ميار ڪانهي. جنهن ڪري محبوب کان شڪايت بيجا آهي.

پريان سندي پار جي مڙئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري

- محبوب پنهنجو پاڻ مرادو پلارو ۽ پلائي وارو آهي:

پلائيءَ جا پيير، منهن ۾ محبوبن جي

—

پلائي آهين، پرين پلائي پانهنجي

سنڌ ۾ سچي سڪ ۽ عشق جي ڳالهين ۾ آدن عاشق جي ڳالهہ افساني طور مشهور رهي آهي. چيائون تہ: آدن جهڙو عاشق ڪونہ ٿيو. سنڌ جي هڪ وڏي سالڪ پير سائين اصغر جي زبان مان بہ اهي لفظ نڪتا تہ:'بيو سڀ ڪجهہ ٿياسون پر آدن نہ ٿياسون'.

آدن عاشق بابت روايت آهي تہ آدن نار جي ڳاڏي پئي ڪاهي، جو اتان

سونارن جي ڄڃ لنگهي ۽ مانجهاندي لاءِ ترسيا. انهن لمحن ۾ آدن ۽ ڪنوار جون پاڻ ۾ اکيون لڳي ويون ۽ دلين ۾ محبت سمائجي وئي. ڄڃ رواني ٿي ته آدن لئي جي وڻ تي چڙهي ويو ۽ پئي نهاريائين. جيستائين جو ڄڃ تي نظر پئي پئي. جڏهن ڄڃ نظر کان غائب ٿي وئي تڏهن لئي تان پاڻ ڇڏيائين ۽ مري ويو ۽ ڪيس اتي ئي دفن ڪيائون. ٻارهن مهينن کان پوءِ سونارن جي ٻي ڄڃ اتان لنگهي ۽ ٿورو ترسي. اها اڳين ڪنوار به ان ڄڃ ۾ هئي ۽ آدن جو پڇيائين. سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائونس. چيائين ته : مونکي قبر ڏيکاريو. ڏيکاريائون ته قبر کلي ۽ هوءَ اندر پيهي وئي ۽ قبر پورجي وئي. ڄڃ وارن پڇا ڪئي, ٻڌايائون ته هنن قبر کوٽي, پر اندر ڪجهه ڪونه هو.

پر سنڌ جي سرزمين به وڏا عاشق پيدا ڪيا. جن محبوبن جي آڏو پيو ته سڀ ڪجهه قربان ڪيو پر پنهنجون رٿون رضائون, خيال ۽ خواهشون ڇڏيون ۽ پنهنجا رايا ۽ پانيا پڳا. ڀٽائي صاحب چيو ته

تو وٽيون اسان وٽن, شل اسان وٽيون سڀ وڃن

—

پريان سندي پار جي مڙئي مٺائي

پڻ نينهن کي ڏکڻ ۽ اندر ۾ ساڻيڻ کي عشق جي صحيح آزمائش سمجهيائون. شاهه صاحب جي ترغيب ۽ تاڪيد ته:

نينهن نهائين جان, ڏڪيو ڪوهه نه ڏڪئين!

عثمان فقير سانگي چيو ته:

ڏاڍي عشق آتش چا لائي هي
......... پر سيني دي وچ سمائي هي

خليفي نبي بخش صاحب چيو ته: الله تعاليٰ عشق جي ڪري هي جهان خلقيو:

ڪنون اسرار رب آدم اُپايا
اصل ڪيتا اهو وهه عشق سعيا

پيِر حسن بخش (ڊنڙو) پنهنجي وڏي معنيٰ واري ڪلام ۾ چيو ته:

عشق ٻوڙو برهه ٻاتو آ

مُندن تي محبت وارن هڪ ٻئي ياد ڪيو. عبدالله فقير ڪاتيار جي مشهور ڪافي تہ:

مُندان ٿيون موٽن، چئو سڄڻ ڪڏهن ملندين.

ڪنهن ڳوٺ واري عاشق چيو تہ:

پلي آيا ٻير، جن واري نينهن نئون ڪيو.

ڪنهن سڪ واري چيو تہ:

ٻيو سودو وڻج واپار گهڻو هڪ عشق نہ ملهہ وڪامي.

هيئت سڪ ۽ عشق جون اهي ڳالهيون لکيون ويون آهن، جيڪي ڀڪين شاهدين سان معلوم ٿيون آهن. انهن کان سواءِ بہ ڪيئي ٻيون محبت جون مقالون ٻڌيون ويون جن مان سنڌ ۾ سچي محبت جي معيارن جي پرک پئي ٿي. مثال طور سنہ 1975ع ۾ جيڪب آباد ۾ ڪچهري ڪندي سردار علي بلاول خان ٻڌايو تہ: 1965ع جي ڳالهہ آهي تہ مان سکر پئي آيس تہ رستي ۾ هڪ اگهاڙو مجذوب مليو. هٿ ڏيئي چيومانس تہ:

هاءِ هاءِ، عشق اهڙا ڪم ڪري!

ٻڌندي ئي وجي ڪريو ۽ پوءِ هاءِ هاءِ ڪندي اٿيو ۽ چيائين تہ:

هائو ادا، عشق اهڙا حال ٿو ڪري!

اکيون لال هئس ۽ سندس ٻوليءَ مان ائين لڳو تہ لاڙ جي طرف جو هو.

# حياتان ۽ عطا

محمد عطا حسين، ٺٽي جي اميرخاني سيدن مان هڪ سهڻو جوان هو. پنهنجي عالم فاضل والد کان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي هئائين ۽ پڻ شاعري ڪيس ورثي ۾ ملي هئي. عطا سندس تخلص هو. حياتان نالي وڏي سونهن ڀري سان سندس نينهن لڳو ۽ هن ان نينهن کي سالن جا سال ساهه سان سانڍيو. ڪو ڏينهن ٿيو جو حياتان اوچتو بيمار ٿي ۽ گذاري وئي. جڏهن عطا کي اها خبر پهتي ته دانهن ڪيائين:

"هاءِحياتم رفت:"

(هاءِ هاءِ منهنجي حياتي وئي)

انهيءَ فقري مان ابجد جو حساب لڳايائون ته اهو حياتان جي وفات وارو سال يعني 1155 (هجري) نڪتو.

محمد عطا حسين جيڪو 'مير محمد عطا' جي نالي سان مشهور ٿيو حضرت شاهه عبداللطيف جو معتقد ٿيو. ڪيس درد لڳل هو ۽ شاهه صاحب وٽ درد جا داستان هئا. شاهه صاحب جي فيض سان هو وقت جون مذهبي نفرتون ختم ڪري، محبت جو متوالو ٿي ويو. شاهه صاحب کان عمر ۾ ننڍو هو ۽ شاهه صاحب جي وفات (1165هه) کان 13 سال پوءِ نائين تاريخ رجب جي سنه 1178هه تي وفات ڪيائين.

سندس فارسي شعر ۾ به حياتان جي محبت جو پرتوو نمايان آهي.

محو گشتم در خيال يار خويش
خود شدم آخر عطا غمخوار خويش.

# لال شاهه ۽ لال خاتون

(هينئن ڳالهه ڳڙهي خيري طرف آڳاتي وقت کان وٺي مشهور آهي. 12-جنوري 1979ع تي محراب پور جمالي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ سيني اها تصديق ڪئي. البت هن ڳالهه تي افساني جو رنگ چڙهيل آهي، جيتوڻيڪ ڳالهه پيراڻتي نظر اچي ٿي. محبت جي افساني طور ان کي شامل ڪجي ٿو.)

لال شاهه سيد، لال خاتون جنڻ تي عاشق ٿيو. درويش هو ۽ ڪنهن پيري خيرات لاءِ آيو ته مائي کي ڏسي مفتون ٿيو. پوءِ ٻئي پاسي نه ويو ۽ جتن جي ڳوٺڙي کان ٻاهر وڃي جهوپڙي ناهي ويهي رهيو. لِشاري جت هئا ۽ پيٺائي صاحب جا مريد هئا. پيٺائي صاحب اتي ويو ته انهيءَ سان حال ڪيائون. پيٺائي صاحب کين پارت ڪئي ته لال شاهه کي ڪجهه نه چئجو. لال شاهه روزانو اتي ايندو هو ۽ خير خيرات مليو يا نه مليو پر ديدار ڪري وري موٽي ويندو هو. اها ڳالهه وارثن کي ڪانه وڻي، پر پنهنجي مرشد پيٺائي جي امر جو صبر ڪيائون. آخرڪار فيصلو ڪيائون ته راتو رات ٽپڙ کڻي هليا وڃن.

انهيءَ ڏينهن جڏهن لال شاهه خيرات لاءِ آيو ته لال خاتون پاڻ خيرات کڻي آئي ۽ هيئن چئي خيرات ڏنائين:

"آءُ فقيرا! وٺ فقيرا! وڃ فقيرا!"

پوءِ لال شاهه ڏي نهاريو پويان پير ڪري هلي وئي. رات جو لڏو کڻي سڄو ويڙهو هليو ويو. صبح جو لال شاهه آيو ته ڏسي ته خير لڳو پيو آهي: پڊ سڃا پيا آهن. بس پوءِ اهي لفظ جيڪي مائي چيا هئا سي ورد ڪيائين ۽ پوئتي پير ڪري پنهنجي جهوپڙي تائين آيو. پوءِ اتان کان وٺي پڊن تائين اچ وڃ بڌائين ۽ اهي لفظ پئي چيائين 99 سال 9 مهينا ۽ 9 راتيون ائين هليو. ائين هلندي هلندي اهو گس چارو ڪري ڇڏيائين جيڪو ڪُور بڻجي ويو.

پيٺائي صاحب وري هت آيو ۽ سندس ڪنين اها ڳالهه پئي سو اچي لال شاهه کي سلام واريائين. لال شاهه تي عشق جو غلبو هو. پيٺائي صاحب حال پڇيو ته سڄو حال ڪيائين ۽ چيائين لال جي ديدار لاءِ اجا پيو دم ڪٽان.

پتائي چيو تہ مون سان هل تہ توکي هلي ديدار ڪرايان. لال شاهہ چيو تہ جي ديدار ڪرائيي تہ ٻيو مون وٽ ڪجهہ ڪونہ آهي باقي حضور جن وٽان ايمان جي چٽي آٽي اوهان کي ڏيندس. پتائي صاحب کيس اتي جتن ۾ وٺي آيو. مريد ڏاڍو خوش ٿيو. پتائي صاحب چيو تہ مائي صاحبہ هنڌ وڇائي، ماني تيار ڪري ۽ کارائي. مائي صاحبہ ائين ڪيو. ڪونئرو کٽي هٿ ڏئارڻ آئي. پتائي صاحب چيو تہ: اول پنهنجي عاشق جا هٿ ڏئار. مائي ڪونئري جي لار ناتي ۽ هٿن تي پاڻي پيو تہ شوشٽ ڪري ٻاڦ دونهون ٿي مٿي ويو. هنن ٻنهي جون اکيون اکين ۾ لڳي ويون! پتائي صاحب چيو تہ لال شاهہ هي ڇا! چيائين تہ اهي عشق جا دونهان آهن. تڏهن پوءِ پتائي صاحب چيو تہ "اسان عشق ڪونہ ڏٺو پر عشق جا دونهان ڏٺا." (اها ڳالهہ مشهور جو پير صاحب اصغر بادشاهہ اها ڳالهہ ڪئي). جيئن لار پوري ٿي ۽ دونهين جي لاٽ بيٺي تہ ٻئي عاشق وڃي ڪريا. جدا جدا جاين تي پوريائون تہ قبرون گڏجي ويون ۽ اجا تائين گڏيل آهن. پتائي صاحب وري قبر تي پيرو ڪيو ۽ سلام وارپائين تہ لال بيبي قبر مان اڌ ٻاهر نڪري چٽي پتائي صاحب کي ڏني. پتائي صاحب پڇيو تہ: لال شاهہ جو جواب ڪونہ آيو! بيبي چيو تہ: چٽي ان ڏني پر کيس اچڻ جو امر ڪونہ ٿيو جو هن توسان ٻاڦيو هو (عشق جو حال پڌرو ڪيو هو): منهنجو بہ ساڳيو حال هو پر مون سانديو.

# عِظمَت ۽ جنت

اڄڙي تر ۽ ناري جي پاسي جي ڳالهه آهي ته ڪا شادي هئي، جتي جنت نالي ڇوڪري پڻ سيني آيلن کي ميندي لاتي، عظمت فقير کي لاتائين ته هو جنت کي ڏسندي ئي عاشق ٿي پيو. فقير پيو جنت جنت ڪري، سو جنت جا مائٽ اتان لڏي ويا. عظمت فقير اتي ئي رهيو ۽ وقت گذرندو ويو ۽ پڻ جنت کي سارياڻين تان جو نابين ٿي پيو. پوءِ چيائين ته: جنت کي ياد ڪندي عمر گذري آهي: آءٌ نابين آهيان ۽ ڪيئن ڏسي ڪونه سگهندس. پر ايترو ڪريو جو اتي هلي ڇڏيو جتان جنت دلا پرڻ ٿي اچي، مونکي اتي پونگي اڏي ڏيو ته من سندس واءُ مونکي لڳي. فقير جي اهڙي حالت ڏسي ڪن انهيءَ تڙ جي پرسان فقير کي پونگي اڏي ڏني. عظمت فقير فراق ۾ بيت چيا:

1ـ ڪامڻ ڪين ڪتاءِ، اٿئي عشق عبادت جهڙو
لکين ڳالهيون لوڪ ۾، هي گوندر سڀ گماءِ
ڪيم حوالي تنهنجي سڪ مقابل ساهه
پر وَٽ پرين ڪينڪي اکيون ۽ ارواح
عاشقن الله، تيو اڳ بہ اتاهين عظمت چئي.

2ـ ڪت ڪاٽي ڪت، ولهي ويهه نہ وسيلي
اڳيان مَتي ڏيندئي ڪينڪي ساهيڙيون سبت
اتي رئندين رت، ڏسي پوٽيون پانهنجيون.

3ـ جهونو ٿيو ڪپڙو سَنڙ ڪونہ سهي
الله لڳ نگاهه ڪرتہ مون تئون مَرلُهي
اچي هوت هٿن سان اجاريوس اوهي
پلئہ جا پوي سا پُراٽي پرتي اتي.

آخرڪار اها ڳالهه پڌري ٿي جو چيائين ته هو لنگهندي ته آءٌ ڪيس ڏسندس. مائي ان ڏينهن ڪان لنگهڻ بند ڪيو. چيائونس ته:"هو لنگهي پئي ڏنئيس!" چيائين ته: لنگهي ڪانهي. پوءِ ماڻهن مائي کي چيو ته هڪ پيري

لنگهہ تہ آزمودو ڪريون. هو فقير ڪان منهن موڙي لنگهي تہ فقير هونگ هٽي. هي بيت ڏنو:

عادت اونڌي ڪنڌ جي پهل پرين تون ڇڏ
آهون عاشقن جون متان پون ئي هڏ
روح اسان سان گڏ، هئون سوالي تنهنجي سرجا.

ائين بيت ڏيئي فقير دم ڏنو. مائي بيهي رهي ۽ پنهنجي پوتي لاهي فقير تي وڌائين، پر چيائين تہ:

”فقيرا جيئري تہ مون تئون خواري ڪانہ لاتي، پر مئي بہ خواري ڏيو وڃين!“

# ٽُٽوءِ ڳَلهي*

ٽُٽو نالي مگريو اچڙي تر جو هو. اتي ٽُٽالو نالي مڪان مشهور آهي، جتي ٽُٽا مگريا (پاڙو ٽُٽا) رهن. ڳلهي 'گلوجا' پاڙي مان هئي، ڇوڪري لِهاڪ(جوان، سامائڻ واري) هئي جو تني جو ساٽس نينهن لڳو. ٽُٽي جو ڳلهي تي اکين جو نظارو هو. ٻيو غير گمان وچ ۾ ڪونہ هو. هو صبح جو پنهنجي تڙ مڪان تان هلندو هو ۽ ڳلهي جو ديدار ڪري موٽي ويندو هو. آخر ڳلهيءَ جي شادي تي تہ بہ فقير سائڻيءَ طرح اچڻ وڃڻ لڳو جنهن تي ڳلهي جي مڙس منع ڪيس پر فقير نہ مڙيو. تڏهن ڳلهي ڏوراپو ڏنس ۽ ان ڏوراپي تي فقير ٽپڙ ڪنيا.

ڳلهي جي مڙس مير بحرن ڪي جهلي ڇڏيو تہ پتڻ (ناري جو) نہ تپائجوس متان ڳالهہ پري تائين هُلي وڃي. پوءِ هو جيڏانهن وڃي تہ پتڻ نہ تپائينس. نيٺ جهنگ منهن ڪندي هلندي ڪتي ترسيو. سو ڇپائين تہ محبوب الائجي ڪهڙي ڏس تي آهي جو ديدار لاءِ ان طرف منهن ڪريان. سو پيو ٿري ۽ ڇوڏاري منهن ڪري وري هلي. هڪ ڏينهن ائين ڪندي رات پئجي ويس. سمهڻ وقت سوچيائين تہ محبوب الائجي ڪهڙي طرف آهي، هاڻي پير ڪيڏانهن ڪري سمهان! پوءِ وڻ تي چڙهيو ۽ رسو پيرن ۾ ٻڌائي پاڻ ڪي ٽنگيائين تہ جيئن پير مٿي هجن.

صبح جو ڏينهن ٿيو تہ ڏنائون تہ ڳلهي جي گهر جي ٻاهران وڻ ۾ ٽنگيو پيو آهي. ماڻهو اچي مڙيا ۽ ڏسڻ لڳا. تڏهن ڳلهيءَ جي مڙس چيس تہ: فقير تو نيٺ نہ ڇڏيو. هاڻي توتي ميار ڪانهي! پوءِ ٽُٽو ڳلهي جي ديدار مان وڃي ديدار الاهي ڪي پهتو.

---

* هي ڳالهہ ناري جي پريان خيرپور رياست جي جُبي واري پاسي مشهور آهي. راقم 29تاريخ ڊسمبر 1988ع تي فقير پير بخش ڳاهي سان گڏجي وڃي تني جي قبر ڏٺي. پڏريي جي تڙ ڪان اوير ڊرن. ان ڪان بہ اوير مقام واري ڍوري ۾ اصحابن جو مقام (شايد عرب اسلامي جي دؤر جو). اتي پٽر جي هڪ ننڍڙي قبر (بنا نقش نگار جي). اتي پرسان رهندڙ جانوري ٻروچن چيو تہ: ٻڌون ٿا تہ تني فقير جي آهي. ان ڪان اتران ويجهو آٿلي فقير جي قبر جنهن تي پڙ پيل هو. روايت موجب تتوءِ آٿلو وڪيي پوتا مگريا هئا.

# بچل ۽ هِرڪائي*

هي رياست خيرپور جي ٽپي جُبي جو داستان آهي. بچل عرف ڪِنوَرو راڄڻ پاڙو راڄپار وينل 'جنيءَ جو تڙ' هرڪائي تي عاشق هو. ايتري سڪ ۽ چِڪ هئس جو شڪار وقت گوشت پچائيندو هو ته به اول هرڪائي لاءِ ٽڪرو جدا ڪري رکندو هو. هڪ ڏينهن اها رک ۽ ڪري پيجي وڌائين. آيو ته هرڪائي کي بيحال ڏٺائين. چرخو پٽي ڪتيائين پر پوڻي هٿ ۾ رهيل. چرخو چوري ٿي ڪانءَ بچل پچتايو بخشايو پر چيائينس ته: بچل، تار توڙي ڇڏيئي! هاڻي بس! چرخو چري ڪيئن! اهو ٻڌي بچل پوءِ پاڻهي پاڻ کي ڏوراپو ڏنو ته:

حيف هجئي ڙي هنيان، حيف هجئي بچل فقير
ڪاڏئي ماس مرگهن جا، آيئي ڪانهَ ڪرير
اهڙو سجڻ امير، وساري ويهي رهيون!

پوءِ هرڪائي واري گهر طرف آيو ۽ ڏٺائين ته لڏي ويا، تڏهن چيائين:
سي لڏي ويون لوءِ، جن اجاڙيو تي عشق کي.
هرڪائي به سندس فراق ۾ پٽي رئندي هئي. بچل پوءِ انهن پڊن تي آيو جتي ايٽ (هرلو) هو. وري هرڪائي جي صورت ۾ چرخو ياد پيس ته چيائين:

ڪيهون ڪندو ڪالهه، ٻڌوسون ارٿ عجيب جو
جنئن هي ڏئي پاسا پاتار کي، تئن هو جر وَهائي جال
هڪڙي ڪِههَ ڪنگرين جي، ٻي مٿي موڙن مال
ڳُٽن ڳوڙها سپرين، لڪڻ سندن لال
بچل تن جا پال، ڳڻ ڳٽديندين ڪيترا.

يعني ته: اجا ڪالهه اسان هُرلي جو آواز پئي ٻڌو، هُرلي جئين هيٺ پاتار (کوهه ڏي) ۾ ڦيرا پئي ڏنا تيئن هن ڳوڙها پئي ڳاڙيا. هرڪائي جي مٿي

---

* هي ڳالهه راقم کي مٺو فقير مگريي (وينل ڳور وارو نارو جبو) تاريخ 6 ڊسمبر 1988ع تي ڪيل ڪچهري ۾ ٻڌائي.

تي گُتيل موتين جي مالها ايٽ جي ڪنگرين مثل هئي. ڪنورو پوءِ انهيءَ فراق ۾ پڇي پختو ٿيو ۽ ٻين کي بہ پئي سمجهايائين تہ سڪ جو سنڌو ئي ڪونهي ۽ سواءِ سهڻ جي عشق جو ٻيو ڪو علاج ئي ڪونهي. جتي هرڪائي جو گهر هو اتي ڪنڊو ٻينل هو. اتي هرڪائي کي ياد ڪندي چيائين تہ:

ڪنڊا، ڪرامت ڀريا، محبتي ملار
گهر پرين جا سامهان، ذڪر تنهنجا ڏار
ڪنڊا ڪامل يار، ڏي ڪا سڌ سڄڻ جي!

اڳتي ويو. ويجهو ٿيو. تہ ڪو ڇوڪرو گڏيس جنهن کان خبر پڇيائين. هن ٻڌايس تہ هرڪائي اڄ گذاري وئي، مقام تي ڪٺي ويا اتس پر اڃا ڪانڊي ڪين موتيا آهن. پوءِ ڪنڊي کي چيائين تہ:

ڪنڊا ڪرامت ڀريا محبتي ملار
ٻن تنهنجا پترڙا، هڪ هڪ جهڙو هار
پر ڪنڊا ڪامل يار، تو موتي ميڙ نہ ميٽو!

ٻچل فقير جي زبان وهي وئي ۽ ڪنڊو پوءِ سڪڻ لڳو: ميڙ ڪو نہ ڪيائين ۽ آخر ڪريو ۽ ڳري ويو.

# سميجوءِ سُڪان*

هڪ سميجو ويٺل ڳوٺ ساڳڙ، تعلقو سَم، رياست جيسلمير. تنهن جو پنهنجي قبيلي جي سُڪان نالي ڇوڪريءَ سان نينهن لڳو. ڪنهن وقت ڪا ڪاوڙ ٿي ۽ ان ڪاوڙ مان لڏي وڃي ٻاهڙ مير ويٺو. اتي فراق ۾ بيحال ۽ بيمار رهيو. پوءِ ياءُ ڪي ٻيا ويا تہ وڃي ڪيس ڪنهن طرح پرچائي وٺي اچن پر جيڪو وڃي تنهن کي چوي تہ:

سميجو ڇئي سڪ جو ٿو سَرٿو سور سَليان
آئين ڏَسيو تہ ڏيان، ڪو دارون هن درد جو.

اهو ٻڌي ڪوبہ ان جو جواب ڪونہ ڏئي ۽ موٽي اچي. بچل ڪنورو جيڪو پاڻ محبتي ۽ فراق جو ماريل هو ۽ پڻ شاعر هو تنهن کي چيائون تہ تون وڃي سمجهائينس اهو ويس تہ تنهن کي بہ چيائين تہ:

سميجو ڇئي سڪ جو ٿو سَرٿو سور سَليان
آئين ڏَسيو تہ ڏيان، ڪو دارون هن درد جو.

تڏهن بچل سامهون ٿي چيس تہ:

- دارون انهيءَ درد جو خاوند نہ خلقيو
مون کي بہ ووڙيندي ورهيہ ٿيا، گهوريندي گهر تو*
سڪندي سال لنگهي ويا، پڇائيندي پوءِ
سوين گڏيم کيلائو ڪنورو چئي، پر ڪنهن ڏس بہ ڪونہ ڏتو**

---

* هي ڳالهہ ۽ بيت منو فقير مگريي ٻڌايا، جڏهن راقم سندس دعوت تي، ناري جي پريان 'ڳور واري' پٽ تي 15-فيبروري 1986ع تي ويو.

* گهوريندي=ڳوليندي، ** کيلائو=کيڙائو ڳولا، ڏتو (ٻولي آهي)=ڏنو.

(1) ڏڪڻ ڏسڻ= ڏڪڻ جي واءُ ڏي ڏسڻ، سڪ سان ڏڪڻ جي واءُ لڳڻ جو انتظار ڪرڻ (جو اهو واءُ ناري ۽ پڻ مچر ماري) چوندا: لڳ ڏڪڻ ڏيهي، پيچ مچرن جي پيهي.

دوا دڪو هڪڙو نہ ڪنهن پر تئون پهچايو
ڪوئي ڪونہ سکيو دارون انهيءَ درد جو.

- دارون انهينءَ درد جو جي خاوند هو خلقيو
تہ ڪئن زليخا زوال تي جو سب ڪارڻ جوءِ!
ساهڙ خاطر سهڻي پاڻ وجهي پاڻيءَ ۾ لهرين ڪئن لوڙهيو!
ساهہ پيارو سپ ڪنهن سمجهي تو سيڪو!
ڪئن پئي هير هلاڪ تي رانجهي ڪارڻ روءِ!
ننگانت پاڙون دوزخ ۾ تو حال ڏسي هرڪوَ
ڪئن ڪتياڻي ڪِنورو چئي بانيڻ باڏايو!
زال ماڻهو ضائفان هوتن ڪارڻ هو
پنهونءَ خاطر سسئي ڏونگر تي ڏوريو
ڪئن سي بر بچل چئي، ڪيو ڪامڻ ڪشالو.
مومل ڪارڻ ميندري ڏکڻ ڪيئن ڏنو(1)
لوڙهيو لکين ماڙيون، ڪيائين محب منو
روئي راو ڏياچ لاءِ ڪئن سورٺ سُر ڪنيو!
الله سودو اڳ ۾ هن ڪامل لاءِ ڪيو
وڏئين ڪرڻ ڪپار ۾ هن وَرنهہ سر وڍيو.
پر جي ٿَڪي هٿ اچي هاڦُل-وَڏي کي،
تہ چيرائي ڪن ڪپار کان هو راتين ڪيئن رُليو!
برتڻ بيراڳيءَ جو پوري ڪيئن پڳو!
ڳلهيءَ ڪارڻ ڪيترو تي ٽُنو تنگ ٿيو (2) (1
سُرهيون چڏيو سچ ۾ سو جهنگل ڪيئن جهجيو (3)
ڏسيو ڳاڙها ڳوٺ ڳيسوڙن جا بجيو ڪئن برسيو (4)
جتن رکي ها تہ جَراڙ کي بہ هو ڪنهن ڪونہ ڪُنو.
لاکي لهريون لائيون ڪيئن اوڏڻ سان اٽڪيو!

---

(2) ڪلي ۽ ٽُني جو بيان هن کان اڳ اچي چڪو آهي، (3) سرهيون= ڳايون (4) بجيو نالي عاشق، ڳيسوڙا ذات جا. (5) ميهن= ميئن، مهاڻن (6) پڪو=ڪڙهيو پچي راس ٿيو (7) تانگهو=تانگهہ وارو سڪ وارو.(8) بهتر=چنو مَنهن

ڏسيو ماڻهو موچارا ميهن جا ڪئن تاچي ترسيو[5]
ليلان خاطر مجنون پڌر ڪيئن پڳو[6]
هڪڙي لڄا لوڪ جي ٻيو تن اندر ٽانگهو[7]
ٻيهي رهيو بر ۾ ڇڏي ساهه جو سانگو
ورنهه وَلين چانئيو ٻهتر ڪيئن ٻڏو[8]
ٻيهڻ سڄي سيج ۾ آهي اوکو اٽانگو
ڪوئي ڪونهه سکيو سبق انهيءَ سور جو.

# چڱوءَ مانڌر

(هيءَ ڳالهه خليفي صابر (پٽ خليفو علي پٽ خليفو نور محمد پٽ خليفو گل محمد) راجسين پوٽي، سنہ 1960ع ۾ ساٽس ڪيل ڪچهري ۾ ٻڌائي. خليفو صابر (ان وقت عمر 57 سال) پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪڇ مان لڏي اچي مٺي تعلقي ۾ 'ابن جي تڙ' تي ويٺو. چڱو جت وڏو سڃاڻ وڏي سمجهه وارو ۽ شاعر هو. پاڙي ۾ مانڌر نالي وڏي سڃاڻ ۽ سگهڙ زال پنهنجي گهر واري هئي، جنهن سان چڱي جي دلي محبت هئي. پاڙي وارن ۽ وارثن کي اها خبر هئي پر چڱو توڙي مانڌر وڏي لياقت ۽ صداقت وارا هئا ۽ ڪنهن کي بہ سندن هڪ ٻئي لاءِ مان ۽ محبت تي ڪو گمان ڪونہ هو. ڳچ وقت کان پوءِ مانڌر وارا لڏي وڃي گرڙبي ابڙاسي (ڪڇ) ۾ 'اوڙي' پٽ تي ويٺا. اتي ڪن بدخواهن مانڌر جي وارثن جي دل ۾ شڪ شبها وڌا. پوءِ جڏهن چڱو اتي ويو تہ هن کي سڀ گڏجڻ آيا: پر هن کي سڪ مانڌر جي هئي جنهن جا گهر وارا ڪين آيا. تڏهن ڪنهن چيس تہ: تنهنجي سڪ سچي آهي پر هتي گمراهي آهي ۽ هي ڪين سمجهندا ۽ تون پنهنجي دل پلي ڇڏ. پوءِ چڱو موٽي ويو ۽ ڪجهہ وقت ان فراق ۾ رهيو پر رهي نہ سگهيو ۽ ٻيهر 'اوڙي' پٽ تي آيو پر مانڌر وارا ان کان اڳ اتان لڏي ويا هئا. مانڌر وڏي ست سيل واري هئي، پر چڱي جي سڪ ۾ رهي ۽ آخر حج تي هلي وئي. چڱو شاعر هو جنهن فراق ۾ محبوبن جي لڏي ڇڏي وڃڻ کي سڄڻن جي سانگ طور هيٺين بيت ۾ بيان ڪيو (جنهن ۾ ڪڇ جي مختلف ماڳن مڪانن جا نالا آهن).

اڄ بہ اوڙيءَ پٽ تان پلاٽيو پرين
ڪاجا ڳجهي ڳالهه مَنَ ۾ هئي کي هوتن
رکي ويا روح ۾ هو پرين پڌر نہ ڪن
مونکي مانڌر ماريو ان پر عجيبن
ويندس ويراڳي تي آءُ پٺيءَ پرديسين
مونکي ننگ نينهن جا پاتا پيچ پرين
ڪرول قاسم پير چون تا جڳ جاتائون ڪن [1(1)]

(1) قاسم پير ۽ ڪرول سندس پٽ. گرڙبي ابڙاسيي ۾ سندن مزار (2) چاڙهئا جبل جو نالو

ناڙاپي جي نئن ۾ ڪيو ڪرڳل ڪنواڻن
آمارا تان اتي پئي تنواريو توڏن
اوگلڙي لنگهي ڏنو مورائو موڏن
تن کي جهاپا جهوڙا جهميون هئا گوربند گنگن
وڙ ننگر ووڙي هليا وچي مَٿَل ڪيائون من
نميا نڪتاٽي تان ويا ويراٽين
چٽاري چِٽ ڪيو انگيو انگٽيارين
ميزل چڏيندي موج سين سڏيو سرواٽين
’چاڙهئا‘ تي چاڙهيون قطارون ڪجن[2]
مَيا بيگ پور ۾ آندا اونيئڙن
”بانيڙ بيراڳيي“ ڪئون واڪيو وير وچن
”گُنگي سمي“ جي گس تي ڪاهيو ڪوهيارن
ڪوڏ’ڪُپائي‘ لنگهيا چڪي چڳيرڙن
اچي ڏنو اڪين سين ’مُنرو‘ محبوبن[1] 1
آٽي لڏون لاتيون ناڪي تي نيشن
پلي شاهہ بخاري جون ٽا ڪوڏ ڪرمشون ڪن[2]
وريا اُٿ واهينءَ ڏس تان جيڏيون جت وچن[3]
ڊُرها ڊبون ڊب جا تي لتاڙيا ليڙن[4]
يج پُرميا ڪينڪي ڪانڪڙ مانَ ڪِمنَ[5]
آٽي لڏون لاتيون مڏئي محبوبن[6]
گيهہ وڏائون ڊبئين، اتا ڳوٽرين
ڪِي ڪارو ڪاريلن ۾ ڪي پاٽي پونڙين[6]
ساٽي ٽئين سمنڊ ۾ محمد جني من
اڳيئن ويل اچي ڪئي جها جها جهمتين
تڙ تي طنبو ڪوڙيا، اچي عاشقن
جهيڪو جهماون کي تاٽيون تنگ ڪڏين

---

(1) يج=ڪئون ڪاچيل ڳٽي ۾ شهر منرو ان جو ناڪو (2) شاهہ بخاري منري وٽ (3) واهين ڏس=الهندو (4) ننڍڙا ڏنگر تڪر (5) پُرميا= پِرميا، ترسيا، ٽڪيا. ڪِمن=بيهن، ترسن (6) مڏئي بندر (7) ڪارو= تماڪ. ڪاريلن ۾ ڪاٹ جي دٻن ۾. (9) اوس= روشني (9) پاروچن= جتن

ڪُهيو تن ڪنواتن ڪي هو ماريو مي وجهن
رڙهي راڻا واءِ جو جهليو گس گنگن
پيهيون ڏٺيون پورب جون ميڙيون مڪراڻين
ڏونگر ڏنو جيڏيون اوس ٻه آرياڻين(8)
اتي تا تہ اچن جتي ڏاڻ ڏجن
چلا منديون مانڊريا ڪي ويندبون ور وجهن
ٻڌيون ٻاروچن تي سونهريون سونهن(8)
جهولندا اچن، جت چئي، تازي مهندان تن
سائي ريلن سوندريون تيون ماتين تي مَلهتن
ٻانهياري جو ٻروچ چئي، پرور رکئين پن(1) [1]
اميدون اونين، ڪٽي پرور سيپ پجائيون.

(1)ٻروچ= چڱو جت ٻروچ. (2) جمال ۽ جنت جو داستان ڳوٺ علي شير جاگيراڻي تعلقو روهڙي ۾ 25 جون 1966ع تي ڪيل ڪچهري ۾ سگهڙ نور محمد شنباڻي ٻڌايو. (3) جمت ۽ سڪيلڏي جي ڳالهہ وڏي سگهڙ ٻودن فقير پنيري تاريخ 3 مارچ 1966ع تي چونڊڪي (تعلقو سوراهہ) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ٻڌائي.

# جمال ۽ جنت[2]

منياٽين ۽ دَلي پوٽن طرف (ضلعو نوابشاهه) جمال ٻروچ جو مڱڻو جنت سان ٿيو. ٻنهي جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ محبت ٿي. پوءِ ڪو تڪرار ٿيو ۽ مائٽن جمال کي جواب ڏنو پر جمال جي دل ۾ جنت ويهي وئي هئي. سو چيائين تہ: آءٌ لائون جنت سان لهندس يا موت سان لهندس. سندس انهيءَ حال تي ان وقت ڪنهن بيت چيا جن مان هي بيت تہ:

نَت، منَياٽي، ابجي، دليوپوتا دنگ
جنت يار جمال جي جنهن جو اڳ لکيو هُس انگ
قلم ڪان ڪاڏي وجي، ويڙ وڏا هَس ونگ
ٻاروچاٽو ننگ، چڏي تہ چوري ٿئي.

# جَمِت ۽ سڪيلڏو[3]

سڪيلڏو راجڙ تعلقي ناري جو جمت (جميعت) تي عاشق هو ۽ هو بہ مٿس موهت هئي. هڪ پيري ويو تہ ٻڌائي ڪو نہ ويو ۽ وڃي حيدرآباد ۾ ويهي رهيو. ميرن جي ڏينهن ۾ راجڙ فوج ۾ هئا ۽ راجڙن جون حيدرآباد ۾ اوطاقون هيون. جمت آخرڪار ڏانهنس قاصد موڪليو تہ:

سڪي لڏا سڄڻا، مڱي لڏو مون
ڪجاڙي ڪون ڳسريون، سڄي نہ ڪرين تون
ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٿيون
رنو رهين تون، متان آءٌ مري وڃا.

پوءِ سڪيلڏو اتان هليو ٻن ڪوهن تي 'ڪاٺ جي تڙ' تي اچي تڪيو. جمت چنڙي جي تڙ جي اوپر طرف ويٺل هئي. اهو ئي ڏينهن هو جو جمت غم ۾ گذاري وئي.

# سوڀيوءَ ڦَٽُل

سوڀيو خان سيال زميندار هو. ڦٽُل تي عاشق ٿيو. آخر سڀ آسانگا پلي ڦٽل جي گهر جي اڳيان مست ٿي ويهي رهيو. پهريائين وارث ڪاوڙيا پر پوءِ ڪيس مستي ۾ مجذوب ڏسي ڪٽي بس ڪيائون. فقير اتي ئي ويٺو رهيو ۽ ڏينهن گذرندا ويا.

ان وقت خير محمد فقير هيسباڻي وڏي عمر جو ۽ وڏي رسائي وارو هو. چتي فقير سانگي جو اوائل هو. هڪ مائي چتي فقير وٽ خدا جو نالو ڪٽي آئي ته: خيرپور وارن ميرن منهنجو پٽ ڪوٽ تي چاڙهي ڇڏيو آهي، تون ميڙ ٿي هل. فقير چيو ته: مائي! منهنجي الائجي مير مڃن يا نه مڃن: هل ته هلون ٿا خير محمد وٽ. سو آيا خير محمد فقير جي ڳوٺ. سائين خير محمد مائي کي ويهاري چتي فقير کي چيو ته: هل ته هلي ٻاهران گهمي اچون. سو ٻئي گڏجي نڪتا ۽ خير محمد فقير اچي سوڀي فقير جي مٿان بيهاريس. چيائين ته: هي سوڀيو فقير آهي. هن ڪان ٿا دعا گهرون.

تڏهن خير محمد کي سوڀي فقير چيو ته : ”خير محمد! وڏا بار آن گهتيائي! اِٽ سوڀاهي ئي ڪونه. اي ته ڦُٽل هي!“

تڏهن چتي فقير چيو ته: جڏهن هاڻي سوڀيو خود ڦٽل آهي ته پوءِ ڦٽل جي در تي ويهڻ جي ڪهڙي ضرورت! اٿين چئي ڀاڪر پاتائون ۽ پوءِ سوڀي فقير اها جاءِ ڇڏي. چتي فقير ان موقعي تي ڪلام چيو ته:

لک بار شابس جا سيڪو چوي سچن
.....................................................
سوڀي جهڙو سيڪو لکن ۾ نه لين
ڦٽل ٿيو ڦريءِ لٿس محتاجي محبن.

# مصري ۽ نوران

مصري فقير مڱڻهار جو سندس قبيلي مان عثمان جي ڌيءَ نوران سان نينهن لڳو.* فقير انهيءَ محبت ۾ پچي راس ٿيو. ٻارنهن مهينا آزادي جا هئا مگر فقير ۽ نوران هڪ ٻئي جي ديدار ۾ محو رهيا. بالآخر نوران جو مڱڻو ڪيائون. فقير تي درد غالب پيو ۽ ڪا اهڙي آهه ڪڍيائين جو اهو مڱيندو مري ويو. وري ٻيو مڱيندو به ائين گذاري ويو. پوءِ ميڙ تي فقير وٽ آيا ته: تون شادي ڪر، توکي تا ڏيون، نه ته اجازت ڏي. فقير چيو ته: "جتي مون الاهي اسرار ڏٺو اتي ادب جي جاءِ آهي: زال مڙس وارو رشتو ڪونه رکندس. اوهان اڳ اجازت ونو ها، هاڻي اجازت آهي، پر ڏسڻ پسڻ کان نه ٻلجو." پوءِ ٽيو پيرو شادي ٿي، پر فقير سان اهو قول ڪونه پڙيائون ۽ فقير انهيءَ فراق ۾ حياتي پوري ڪئي. جڏهن پهريائين نوران جي شادي پئي ڪرايائين تڏهن سال 1337هه هو جو فقير هڪ بيت ۾ "چوڏهون سن، ستتيهون سال" ڄاڻايو آهي فقير هينيان بيت نوران جي فراق ۾ چيا جن ۾ سندس درد ۽ دانائي جون جهلڪيون آهن:

1_ الله جل جلاله مالڪ ملڪ ڏٺي
واڳون ويءَ وصال جون والي وار ڪٽي
سڻ سڪندي سڏڙا ناقص جا نڪٽي
ريزا روح رتيون ڪري وئا هوت هٽي
جيئي جاڙ پرينءِ ري، ڪئي پرت پٽي

---

* هي ڳالهه، پنهون پٽ حاجي عثمان لغاري 25 آڪٽوبر 1979ع تي حيدرآباد ۾ ڪيل ڪچهري ۾ ٻڌائي، مصري فقير پٽ الله اوٻاهيو مڱڻهار ڀاڙو سانچا، اصل ويٺل ترجا. پوءِ اچي سلطان آباد لڳ پير ڳڳو تي ويٺا. مصري اتي ڇاڻو ۽ سنه 1972ع ڌاري فوت ٿيو مصري فقير، پير جان محمد شاهه(جنهن جو ڏاڏو اميدن پريو حيدرآباد ۾) ۽ ميان قادر بخش لغاري (ڳوٺ جاني لغاري) پاڻ ۾ رهاڻي هئا. مصري فقير ۽ پير جان محمد سرائڪي ٻوليءَ جا سٺا شاعر هئا.

عاشق عشق وني يا ڪڍي قرب ڪٽي
لڳس لاري جن جي ويم سي وڪٽي
قلوا بلي قلب چئي، ڪيم وٽج وٽي
سو سودو صاب سگهو ڪرين ڪريم ڪارٽي
هن سڪنديءِ سڏ سٽي، وري وري ڪا واهه ٿئي

2۔وري وري ڪا واهه ٿئي، ويتر ڪرڻ ويل
ڪم سٽڻ تو سڏڙا ڪن اپارن اويل
توکان سري سپ ڪنهن، در قادر ناهه ڱويل
توه سدائين تو هٿ ۾، تنهنجي آهه طفيل
'الاباذن الله' چارڻ ۾ چوڏيل
سيني روز رساٽئين سدا جيئڻ سويل
تئن مونکي محبن ميلئين ڪرميلاپي ميل
عشق آر اتارئا الستي البيل
صبر ساعت نه سهان سور پرين جا سيل
سنا ساهه سرير کان جيڪس تين نه جيل
پيچ رقيبن روڪ جي قدرت سان ڱڙبيل
رهي ڪونه رقيبن مان روڪ ڪري جو ريل
پسان عشق اکين سان ڊونديءِ متي ڊيل
نرمل نوران ناز پري، آ ننگ پري سانيل
حسن حڪايت اڳري، اڪابر اٽگيل
سدا مُشڪي مشڪ جئن ڪنوٽين لايا کيل
بدن بُرس بهاريو چوتو ساڻ چنبيل
ابرو قوس ڪمانيون اکڙيون گُزر گليل
سچي سڪندي سامهون سچي سڪ سميل
اُتي عشق اُڪيل، ڪندو ڪثرت قادر قرب جي

3۔ڪثرت قادر قرب جي قلب اتي قطرات
ڪڙڪي "ڪُن فيڪون" کان سچي سڪ صفات
لااله الا الله محمد رسول الله ظاهر ٿي سپ ذات
عاشقن عيدون ٿيون پرهه ڦٽي پريات

صورت سورج ايريو اچا راتو رات
الفراق اشد من الموت، زاري ٿي ظلمات
ڪنهن در ڏيان دانهڙي واڪا ڪري وات
تون سڀاجها سڻنديو لون لون سندي لات
لا تقنطوا من رحمتہ الله، نيت ان آيات
پرور پرين ميل مون، ڪا واري وا وصلات
نہ تہ موڪل موت کي، نہ هجان هاڻ حيات
ڪلمي لڳ ڪرم سان، سڻ مصريءَ مُناجات
عجيبن آجات، ڪر قادر در دارين ۾

# بيبي راستي ۽ تاج محمد امروٽي*

مولانا تاج محمد امروٽي اصل ڳوٺ 'ديواني' (لڳ ڳاڙهي موري) ۾ ڄائو پوءِ اچي 'امروٽ' وسايائين. پهريائين پنهنجي والد وٽ تعليم ورتائون ۽ پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ اچي ڳوٺ پنهواري (پني عاقل کان 7 ميل اولهه) ۾ مولوي عبدالقادر انڊڙ وٽ پڙهڻ لڳا. مولوي صاحب جي نياڻي، بيبي راستي هڪ سدا ملوڪ ڇوڪري هئي. تاج محمد جي هڪ پيري مٿس نظر پئي ۽ ان جو وڏو اثر ٿيو. اها ڳالهه بالآخر پنهنجي استاد سان ڪيائون. مولوي صاحب چيو ته: اسان اوهان کي سڱ ڏنو.

پوءِ جڏهن ڳالهه پڌري ٿي ته انڊڙ قوم جي ماڻهن اعتراض ڪيو. مولوي صاحب کي چيائون ته: اسان ڪڏهن به ٻاهر سڱ نه ڏنو آهي، تون ڏيندين ته جهيڙو ٿيندو. مولوي صاحب اها حالت ڏسي صلح کي ترجيح ڏيندي ڪٽي مات ڪئي. اها ڳالهه تاج محمد تائين پهتي جنهن تي پاڻ به صبر ڪيائون. هوڏانهن بيبي راستي چيو ته : هڪ دفعو نالو پئجي ويو هاڻي جي اها ڳالهه قبول نه ٿي ته مونکي به ڪو ٻيو ور قبول ڪونهي. مولوي صاحب گذاري ويو ۽ بيبي راستي بنا شادي جي زهد ۽ عبادت ۾ زندگي گذارڻ لڳي.

مولانا تاج محمد پوءِ پنهنجي دؤر جو عالم، اڳواڻ ۽ وڏي رسوخ وارو ٿيو. انڊڙ به سندس مريد ٿيا. تڏهن ڪن ائين به سوچيو ته جيڪر اڳيون سڱ قائم رهي ۽ شادي ٿئي. آخر بيبي راستي کي چيائون ته: هو وڏو بزرگ ۽ فيض جو صاحب آهي، تون پل وڃي ذڪر فڪر وٺين ته اسان کي اعتراض ڪونهي. تڏهن بيبي راستي چيو ته: اسان هن کي هڪ پيرو ڏسي ڇيو سو ڪافي آهي. جڏهن اوهان ان کي نه سڃاتو تڏهن مون کي ان سڃاتو. اها تصوير منهنجي اکين آڏو آهي ۽ هميشه هوندي، باقي اتي وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونهي.

امروٽي صاحب پنهنجو 'پريت نامو' (يوسف زليخا جو قصو) پوءِ انهيءَ محبت واري ماحول کان متاثر ٿي لکيو.

---

* هي ڳالهه محمد معروف عرف ارشد انڊڙ راقم کي اسلام آباد ۾ سنه 1971ع ۾ ٻڌائي.

# ميون محمد علي ۽ بخت*

محمد علي کي ميون بہ سڏيندا هئا. تخت جو سائين هو: وڏي خاندان مان وڏو حسين هو. سندس شادي جو سعيو ٿيو. اها ڳالهہ مجي وئي تہ ڪا ڳائڻ واري گهرائجي، جيڪا اندر حويلي ۾ اچي ڳائي. پيشہ-ور ڳائڻ وارين کي ان وقت ’ڪچهريون‘ سڏيندا هئا. اهي عام سطح واريون بت-فروش نہ هيون: پنهنجو وڏو شان شوڪت رکنديون هيون ۽ خاصن مان خاصن کي پنهنجي محبت ۾ گرفتار ڪنديون هيون. حيدرآباد، خيرپور، لاڙڪاڻو شڪارپور ۽ قمبر انهن جا مرڪزي شهر هئا. هن شاديءَ ۾ وڏي اڳواڻ ’هوتان‘ نالي آئي ۽ پاڻ سان گڏ نئين اڀرندڙ ستاري بخت پري کي بہ ساڻ وٺي آئي. انهن اچي اندر حويلي ۾ ڳايو. گهوٽ محمد علي بہ پئي آيو ويو ۽ سندس نظر وڃي بخت تي پئي، جنهن جي حسن جي حملي کيس گهائي ڇڏيو پر سندس پنهنجي شاديءَ جو موقعو هو ۽ حويلي جي پابندين وارو ماحول هو. سو محمد علي سواءِ ديدار جي دل جو حال اوري نہ سگهيو. شادي جو ڏينهن گذريو تہ هوتان ۽ بخت هليون ويون:

دل جي اندر ۾ رهي، دلدار هي ويندو رهيو.

محمد علي جي شادي کان پوءِ ٿوري عرصي اندر سندس والد ۽ بين وڏن وفات ڪئي. انهيءَ ڏک واري ماحول ۾ محمد علي جي دل ۾ درد جاڳيو. بخت جي محبت وارو سَلو وڏي وڻ ٿيو هو. وڏن جي وڃڻ کان پوءِ محمد علي پاڻ سيني جو سائين ۽ پنهنجي ارادن جو مالڪ ٿيو. تڏهن هن پنهنجي شان مان کي محبت جي ميدان ۾ مهميز ڏني. فقيري ويس ڪرڻ جو سوچيائين

* هي ڳالهہ 1960ع ۾ راقم هڏي ۽ ان ڳالهہ جو پيڇر ڪنيو. ان شهر ۾ وڃي پڇا ڪئي. نيٺ هڪ وڏي عمر جي سڄاڻ چلڻ سائين چيو تہ مون اهو لقاءُ ڏٺو. راقم جو مبين محمد علي سان ناتو هو. سو پڇڻ تي پاڻ پنهنجي زبان سان ان جي تصديق ڪيائين ۽ چيائين تہ: سڄڻ حال حيات آهن پر اسان سڪ کي پنهنجي سيني ۾ سانڍيو آهي. اوهان بہ هن حال ۽ ڳالهہ کي سانڍيو. اها تاريخ چوٿين اپريل 1984ع هئي. اڄ ميون محمد علي هن جهان ۾ ڪونهي پر پاڻ اها ذاتي راز واري ڳالهہ راقم کي ٻڌايائين.

تہ من دلبر جو ديدار نصيب ٿئي. پوءِ هو پنهنجا رازدار ساڻ ڪري، ان حسن جي شهر ۾ پهتو ۽ اتي ڪنهن اوتاري ۾ صحبت سانگي ويهي رهيو. اتي جي ماڻهن کيس ڏنو ۽ سڃاتو: حيران ٿيا تہ شان شوڪت واري شهزادي کيئن اچي اوتارو وسايو آهي!

محمد علي روزانو ڪنهن بهاني يڪتارو کڻي ڳائڻي جي ويس ۾ بخت جي گهر واري گهٽي جي چوڪي ڏيندو رهيو. آڏو بہ خبر پهتي سا هڪ ڏينهن پوري زيب زينت سان ٻاهر ٿين در وٽ اچي انتظار ۾ بيٺي. محمد علي کي محبت جي نشي ۾ جهولندو ڏٺائين، دروازو کوليائين ۽ وڏي ناز ۽ نياز سان چيائين تہ: سائين اندر اچو ٻانهي جي خدمت قبول پوي! محمد علي چيو تہ: ”محبت کي مون دل ۾ سانڍيو آهي سا ائين سانڍيل رهندي. باقي ديدار لاءِ دل ماندي هئي. اڄ ديدار ٿيو ۽ اهو نظارو هميشہ لاءِ دل جي آئيني ۾ روشن رهندو. هي تحفا حاضر آهن-هاڻي خدا حافظ!“

# پيارو ۽ لڇم

پيارو فقير لنگهو علم وارو ۽ شاعر هو. 1915_1940ع واري دؤر ۾ تي گذريو. ديندار ۽ مولوي هو. هيٺين مولودي رنگ واري سندس ڪلام مان سندس شعر جو اعليٰ معيار ظاهر آهي:

مرسل مُنير مدني، نَر نور آ نظر ۾
زنگي زهور بدني، هر شاخ گل شجر ۾
1_خاصو خليل رب جو جاني جميل سڀ جو
ڪامل قنديل حب جو
شاهي خطاب شُدني، مقبول والقدر ۾
2_ياسين طہ تن ۾، سارو قصو صحن ۾
اسرار ڏس اکين ۾
پي جام جود جدني، والليل والفجر ۾
3_ڏس عشق جي علامت، رمزان ڏسي ٿئي راحت
ديدار جي دلالت
اسرار خاص خودني، تجلو ٿيو تجر ۾
4_تنهنجي اچڻ جي تياري، ساري دنيا سينگاري
تيا باغ تي بهاري
لولاڪ شان لُدني، افلاڪ بر بحر ۾
5_پيارو غلام گولو عاشق ڪري نہ اولو
بهرِ خدا جي بولو
روزِ جزاءِ جدني، معافي ڪندين محشر ۾.

اتفاق سان عقل پياري کان موڪلايو ۽ عشق ان جي جاءِ ورتي جو قمبر جي لَڇم نالي ڪڇري سان سندس لئون لڳي. لڇم جي تہ هِن غريب تي نظر ئي ڪانہ هئي، پر پيارو لڇم جي محبت ۾ مستان ٿي ويو. پوءِ يڪتاور ڪنيائين، ڪلام چيائين ۽ لڇم کي سارا هيائين. پياري لڇم تي ست ڦافيون

جوڙيون، جن مان هر هڪ ۾ سندس جدا جدا وصفون ڳڻ ۾ ڳالهيون ڳايائين. انهن مان سندس ٽن ڪلامن جا ٽلهه هن طرح تہ:

لچم لاتئي لوري، لچم لاتئي لوري

—

لچم لال قمبر ۾ تجلا ڏئي تجر ۾

—

مل محب منا منور، محبوب ڪر ـ ماٺا
نرگس نيڻ تنهنجا گل سورج تي ساماٺا

پياري جي هينين قافي، محرم فقير مگٺهار* پيروي مان جهونگاري ٻڌائي:

جانب تنهنجو جنسار درس ڪيان ديدار
توتي آ مهر مدار آهيان تنهنجي اختيار
1ـ آڱونيون اڳن دار، تائيتان منجن تار
بندڙا بروبر، پونچيون ڪن پچار
جيءُ ڪسيو جوڙي، پانهين پيڙي دار
لڪ ڪئي لَڪڙِي، آيو سارو سربار
2ـ نسبيون ڪن نظير، وادولا وجهن وير.
جهالر جهومڪ تنهنجي دل ڪئي دلگير
تنهنجيون ڪڙيون ڪنمال، مُنديون مين مشير
چلڪي چوپڪلي، چوڪندي چندن هار
3ـ چوتي ٽُل چاندي، ويڙ ڪئي دل واندي،
مهوري محبوبن جي دل ڪسي آندي
دستيون هٽن ڏَڪ هلي ٽيان هيڪاندي

---

* عجب اتفاق جو مرحوم مير شاهنواز خان شاهلياٽي سان گڏ اوستہ محمد ڪان مير الله ورائي خان جي ڳوٺ پئي وياسون تہ آڏو محرم پٽ خانو فقير لنگهو پئي ويو. گاڏي جهلي، فقير کي چيائون تہ ڪچهري ۾ اچي. مير شاهنواز خان پوءِ پياري فقير جي ڳالهہ ٻڌائي ۽ چيائين تہ محرم کي پياري جي خبر آهي. محرم آيو ڳالهہ ٻڌايائين ۽ پڻ هي قافي جهونگاريائين.

باٺهن- رکي، دل ٻکي، مور ٿيو مُهندار
4_نٿ بولي داڻا، موتي ڪن تا ماڻا
لعلان لاڪايون نورا نماڻا
تنهنجي هَٿِ دل- کس، آن پيي ائين جاڻان
دل کسي ڌُهري، بيني ڪيو بي قرار
5_پيارا پرين پار هينئڙي حسينا
تنهنجا ڇلا زيب دار منگليون مسينا
پائن سريون سيني ڪنگڻ نگينا،
پرين پائي ڪن زيب لايون ڇرن جا چمڪار

هي ڪافي محرم فقير ائين ٻڌائي، پر ان ۾ ڪي لفظ پورا صحيح ناهن. اصل لفظ ڪي ٻيا هئا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ پيارو فقير شاعر هو ۽ سندس لفظن جي پوچ ۽ سنجت مان اهو ظاهر آهي. هو سچو عاشق هو ۽ لڇم جي نالي ۾ پٽي پنهنجي عشق کي اجاريائين.

# گل ۽ ڪملا

گل جو اصل نالو غلام علي، ذات جو جاکرو ويٺل شهر لاڙڪاڻو دايا بہ سڏبا هئا. تپيدار هو جو لاڙڪاڻي شهر جي ڇوڪري ڪملا سان سندس نينهن لڳو.* ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا. هڪ پيري هي حد ۾ ويل هو. ڪملا کي ڇڪ ڪنيو ۽ پنهنجي گهران نڪري هن جي گهر آئي. گل جو پيءُ ويٺل هو تنهن کي چيائين تہ : آءٌ پنهنجو گهر ڇڏي اوهان جي گهر آئي آهيان ۽ اوهان جي آهيان. پيءُ کي اها ڳالهہ ڏيان ۾ نہ آئي. سو ڇوڪري جي ٻانهن اڇي سندس پيءُ جي هٿ ۾ ڏنائين. اتان انهن ڪملا کي جيڪب آباد موڪلي ڇڏيو.

غلام علي موٽي گهر آيو تہ پٽس ساڻس ڳالهہ ڪئي. هن کي وڏو صدمو پهتو. چيائين تہ : منهنجي ڪملا منهنجي گهر آئي، پر هن کي گهر ۾ رهڻ نصيب نہ ٿيو. پوءِ پيءُ کان منهن موڙيائين، نوڪري ڇڏيائين ۽ ڪملا ڪملا ڪري نڪتو. نيٺ پڇائي جيڪب آباد آيو پر ان وقت سندس حالت مجنون واري هئي ۽ گهٽي گهٽيءَ ۾ ڪملا ڪملا پئي ڪيائين. ڇوڪرن پٺيان ڪيس ڇيڙيو ۽ پٿر هنيا. اهو اندازاً سال 56_1955ع هو.

پوءِ ڪملا جي عزيزن پاسپورٽ ڪڍائي هن کي لکنو هندوستان موڪلي ڇڏيو. گل کي اها خبر پئي تہ هو هر ڪنهن کي منٿون ڪرڻ لڳو تہ ڪيس بہ پاسپورٽ وٺي ڏين تہ لکنو وڃي پنهنجي ڪملا کي ڏسي. ائين ڪملا ڪملا ڪندي گل هي جهان ڇڏيو.

* هي داستان 1979ع ۾ ارشاد علي خان جمالي ٻڌايو. جنهن کي ذاتي طور سچي خبر هئي.

# تلسان ۽ ناٿو

ناٿو پٽ ميوي جو پٽ قادر بخش جو. ويٺل ڳوٺ ديهه تپو گُليل، تعلقو گهوڙا باري، اُپلاڻين. تعلقي جاتي (درياءَ جي اوير) ۾ داروغو هو. هندو 'ياٿيا' به اتي جا هئا: ويشنوئي هئا ۽ ٻئي هندو جي هٿ جو به ڪين کائيندا هئا.

شايد جاتي ۾ ناٿي تلسان کي ڏٺو جو ساڻس سندس نينهن لڳو. ناٿي جي هڪ ڪافي جو ٿلهه ته:

جمعي ڏينهن جاتيءَ مان جانب ويو جا ڳائي

تلسان جو ناٿي سان پيار ٿيو ۽ چيائينس ته: آءٌ مسلمان ٿيان ٿي ۽ توسان گڏ هلنديس. هي واقعو اندازاً 1935/36ع جو آهي. پوءِ تلسان کي ڪنيائين اُپلاڻين مان پٽڻ ٽپي، 'ڪاري جي اُرهه' ۾ وڃي ويٺو. اتان ڪاري جبل جي اولهه لوياچ ۾ خاصخيلين وٽ ويو. جيڪي لاباري تي هٿ ايندا هئا. اتان ويو ڪنڊياري وارن خشڪن وٽ. اتان شهداد خان ڪيس اماڻيو ميرپور ماٿيلي طرف. اتي گامڻ خشڪ پئسا ونيءَ، هن کي گاڏي ۾ چاڙهي هندن کي اطلاع ڏنو ۽ گهوٽڪي تي پڪڙيو. سندس ڪافي ته:

گهوٽڪي ۾ گهاءِ لڳو دشمن ٽٽا دولاب ۾
رات سهڻي سوال ڪيو ڇا چوان جواب ۾
هوش هليو ويو حجاب ۾

نيچلداس وزيراڻي نٽي جو. تنهن جي زور تي وڏو ڪيس هليو. وڏو بار پيو. ناٿي ۽ تلسان کي گرفتار ڪري وٺي آيا. سجاٽپ لاءِ ناٿي کي آڏو ۽ واٽيي مڙس کي پويان بيهاريائون. وڪيل جي سچي چال هئي. پڇيائون ته: تنهنجو مڙس ڪهڙو؟ مائي چيو ته اڳيون يعني جيڪو اڳيان بيٺل آهي. پر وڪيل لکايو ته چوي ٿي ته "اڳيون" يعني ته واٽيو. تڏهن زوري تلسان کي اڳئين واٽيي مڙس کي ڏياريائون.

ڪراچي جي ڪورٽ مان بيان ڏياري، مائٽ تلسان کي وٺي پئي آيا،

تہ 'اگهيماٽي' وٽ همت پرين خشڪن موٽر کي جهليو ۽ صوبيدار جيڪو گڏ هو تنهن کان بندوق ڦريائون ۽ تلسان کي وٺي وڃي ڪراچي ۾ رهاياائون جتان پوءِ پوليس وري هٿ ڪئي.

پئنچات گڏجي، خشڪن جي چڱن مڙسن رئيس عبدالله خان، سندس ڀاءُ محمد خان، الهہ بخش ۽ قادر بخش (ناٿي جا سوٽ) تي ڦر جو ڪيس داخل ڪيو. تلسان کي چيائون تہ هنن خلاف بيان ڏي. پر هن بيان نہ ڏنو. پوءِ هن جي پيڻ کان بيان ڏياري سينِي کي ٻہ ٻہ سال سزائون ڏيارياائون. تلسان مسلمان تي ناٿي سان پرڻي هئي سو هن کي ڪٽي ويا هر دوار اتي وڃي وري هندو ڪيائونس ۽ پوءِ سکر طرف رهاياائونس ۽ پوءِ ڪراچي ۾ آنداائون. ناٿي کي ۽ ٻين کي سزا آئي ۽ ڪاٽي چيتا. (1) [1]

ناٿو تلسان جي فرق ۾ شاعر ٿيو. ناٿو قد جو پورو پنو پٽڪو گيڙو ٻڌندو هو. فراق ۾ ڪم ڪار ڇڏيائين. يڪتارو ڪنيائين ۽ پنهنجا ڪلام يڪتاري تي ڳائيندو هو ۽ پيو هلندو هو. ڪراچي تائين ويندو هو. هڪ ڀيرو لاهوت ۽ شاهہ نوراني تي بہ ويو (2). ڪلام ناٿي جو:

تلهہ: ادا هي زمانو اٿئي وقت ٿورو
فنا ۽ فڪر رک، يلي تي نو پورو.

پاڪستان کان اڳ تلسان ڪراچي ۾ هئي ۽ پاڪستان بعد اتان انڊيا ۾ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهاياائون. سنہ 1952ع ۾، ناٿي جي سڪ ۾ تلسان انڊيا مان ڪچين سان گڏجي سنڌ آئي. چوهڙ جمالي ۾ پوليس جهلي. پاسپورٽ ڪانسواءِ هئي سو چالان ڪيائون. ناٿو بيمار ۽ مرٽينگ حالت ۾ هو ۽ پنهنجي سوٽ امير بخش پٽ مٺي جو تنهن سان گڏجي ويو ۽ وڃي تلسان کي ڏٺائين ۽ چيائين تہ:

پيئي ڪٽي پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

پر تلسان ويچاري بيوس هئي جو پوليس هن کي نہ ڇڏيو ۽ هن کي وٺي ويا ڪراچي. ٻئي ڏينهن ناٿي دم ڏنو.

جيسين تائين ناٿو جيئرو هو تلسان تلسان پيو ڪندو هو. پاڻ ڪلام

---

(1) زباني محمد حسن خشڪ نٿو 31_8_1987 (2) زباني آري پنهون چانديو ڳوٺ حاجي محمد علي چانديو ڪارا چانديا. چيائين تہ اسان سان گڏ هليو هو.

ٺاهيائين ۽ پاڻ ڳايائين. ناٿي جو سوٽ الهه بخش دلو وڄائيندو هو ۽ هي پٽڪو جوٽي هيٺيان ڏيئي يڪتاري تي ڪلام چوندو هو. گيڙو پٽڪو کاچرو ٻڌندو هو وڏي درد ۽ سوز مان ڳائيندو هو. تلسان جي عشق ۾ ٻين کي سندس سڏ ته:

ناٿو چئي ٿو نينهن واريون ائين نڪري ٿيو نروار

اوائلي محبت واري وقت ۾ سندس چيل بيت ته:

ريل مڙيئي ريل، پر سونهٽي ريل ساهڙڪي جي
پاٽي پرين پڌرا، ٻانهاريون ڏيئي ٻيل
مونکي نيندا هيل، نازڪ پرين ناٿو چئي.

ناٿي تلسان جي سڪ ۾ گهڻا ڪلام چيا جن مان ڪي اڄا تائين وَر غلام شاهه ۽ گهوڙا ٻاري طرف ماڻهن کي ياد آهن. انهن مان ڪي مثال:

ٿلهه: دلبر درسن تنهنجي مونکي ماري ڪيو مستاتو

.................................................................

ڪري تاب حسن جا تجلا، جيئن بجلي جا آهن بدلا
تون عاشق مارين البيلا، جيئن پتنگ پچي پروانو.

–

ٿلهه: سر ڏيئي سودو ڪيم نازڪ تنهنجو نالو سٽي
پرت جا وئين پيچ پائي منڊ محبت جا هٽي

.................................................................

وڻج وارا ڪيئي واپاري، سر سوداگر هڪ هوندو
بنا ناٿي بدن منهنجي دل منهنجي جو تون ڏٽي

–

ٿلهه: اڄ اشارو مون ٿيو محبوب جي ماڙيءَ منجهان
گولي اچي گهوگهٽ ڪيو هو طاق جي تاڙيءَ منجهان

–

ٿلهه: برهه بدن تي باهيون، ٻاريون درد دکايا ديرا
عشق جني وٽ آيو ڪاهي، جنگ ڏنائين جهيڙا.

# عارب ۽ نوران

عارب ۽ نوران ڀيڻ جي قبيلي مان هئا. ٻارڙا هئا جو گڏ راند ڪيڏندا هئا. ٻنهي جو هڪ ٻئي سان چاهہ هو. جيئن وڏا ٿيا تہ اهو چاهہ ويتر وڌيو ۽ جوان ٿيا تہ سندن محبت عشق واري درجي تي پهتي. ٻنهي جي مائٽن وڏي رضا خوشيءَ سان سندن شادي ڪرائي. عارب همت وارو هو ۽ ٻاهر جي ڪمن ۾ مشغول هوندو هو ۽ نوران سندس واسطي پنهي سڪندي هئي. ان وقت ٻن ٻاڙيسري قبيلن جاگيراڻين ۽ ڀيڻ جو پاڙ ۾ تڪرار هلندڙ هو. عارب ڪنڌڪوٽ تعلقي ۾ دڙي جي شهر لڳ ويجي تڪيو جتي ماريائونس. ان وقت پاڪستان نئون ٿيو هو. عارب گهر ڪونہ آيو ۽ نوران ڪان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو. نوران پوءِ ڪٿ تي ڪانہ ستي ۽ عارب ڪي سارينديِ سگهي ئي ساهہ ڏنائين. نوران جي سچائي ڪي ياد ڪندي پوءِ بہ لوليون چيون تہ:

نوران نماڻي ٿي تون سياڻي
عارب جهڙو گهوٽ جڻي ڪا ماءِ ڀياڻي!

—

چڙهي جو منهن تي نوران هنڌ وڇايو
اسر جي ويلي عارب لاش تي آيو.

—

بيگاري جي پر تي نوران لتا تي ڏوئي،
ڪري ياد عارب کي ڳوڙها رت جا روئي.

# مونڻ پٽي ۽ راڻي *

مونڻ پٽي ويٺل حسڻ پٽي تعلقو ميرو خان. ان وقت عمر 55_60 سال، پهلوان ملهه هو. سمجهو ۽ سياڻو هو. 1970ع ڌاري راڻي سان عشق لڳس*، جنهن کي پرڻائي ڇڏيائون. پوءِ ڪو وقت مونڻ ان وڇوڙي فراق ۾ پٽي هليو ۽ هن تي ڏک جو دؤر گذريو. بي حال ٿيو پيو هوندو هو. هلندي هلندي ويهي رهندو هو. ان فراق ۾ بيت چيائين:

اڙيون اکيون اوڇتي، دل جي دار مدار
سُهٽيون سِٽان سِڪ جون لکيون لکٽهار
هاڻي ويهي ڪين وسار، مونڻ معشوقن کي.

—

ساتي پنهنجي سور جو هِت سمجهيم نہ ڪوئي
جيڪي ميرا ڪيا هئم محب لئي سي ٿَريان ڪيئن ڌوئي
هڪ وندِ وڇوڙي جو مليو پري ڏک سندي ڌوئي
پر ديد ملي تہ دوا ٿئي، اٿم آرزو اهوئي
جو مونڻ پسين پرين کي تہ ڇڏ سانگو سيوئي
هاڻي سوچي ڏس سوئي، جانب پنهنجي جيءَ ۾.

---

* هي ڳالهہ ڳڙهي خيري ۾ 13 جنوري 1979ع تي ڪيل ڪچهري ۾ ارباب سيال ٻڌائي، ان وقت اجا مونڻ جيئرو هو.

# سگهڙ شاعرءِ قصا

- **الله رکيو**

**سهڻي**

الله رکيو پٽ صديق فقير شر، خيرپور رياست جو ميرن جي وقت ۾ ٿي گذريو.

پڪيءَ متي ڪڪڙا، هتين ٽُرهو ٻنڌُ
محبتي ميهار جو باري اٿئي ٻنڌُ
آخر انهيءَ ڳالهه جو پار پوَندئي پنڌُ
رکيل وٺي رند، ڏس دونهان دوست ميهار جا.

- **يوسف**

**مومل**

ڪوٽ ڪري ڪوٽي، تو راڻو پاڻ رنجائيو
پائي ويئين پاند ۾، ڏوهه مڙيئي ڏوٽي
ياريءَ جي يوسف چئي، مَرمت هجيئي موٽي
جا عاشق هنئي اوٽي تنهن جا ٻُوجر باقي تو ڪيا.

- **ولي محمد فقير ڪيريو**

ويٺل ڳوٺ ملو مڪڻ، لڳ سرهياري، سسئي پنهون جي قصي جا، هرٽي جا ٻيا بيت چيائين. هڪ پيرو راقم سان ٻه رهاڻي ٿيو.

**سسئي**

سرتيون صلاح نہ ڏيو! آءٌ ڪيئن وهان وَر چڏي
ڏيندس ڪهڙو ڏوراپو، آهن مڙيئي مون ڏي
آءٌ ڪيئن ور وساريان، نٿي هڪ سمهڻ ڏي
پائي پاند ڳچيءَ ۾ ويندس تنهين جي تڏي

پوندي پاجهہ پاروچل کي وهاريندمر گوڏي ساڻ گڏي
منهنجو ور ولي محمد چوي ٿو هيٺن تي هٿ ڏي
سوڙهيءَ مهل سڏي، مونکي پنهل نيندو پاڻ سان.

## • سلام مهر

سلام مهر، ويئل ڪاڏار، ضلعو جيسلمير 1880ع ڌاري تي گذريو. سورٺ بابت چيل سندس بيت رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد-3 ۾ اچي چڪا آهن.

### سسئي

ستي نہ جاڳئين سسئي، ٿڪ نند وڌيئہ تيڙي
جنهين پهر پنهون ويو جهلين ها جهيڙي
ويندينءَ کهڙي واٽ سان پنهل جي پيري!
هو ڪيٽ وِيئي ڪيڙي، سورن جا سلام چئي.

### سهڻي

(1)

ڏمر وٽ ڏينهن نہ گذري سڪندڙيءَ سارو
عشق جي اُليل جو اچي اويارو
گهڙي ريءَ گهڙي پوان جي چلي ڪو چارو
هڪڙي لهر لڳن کي پيو پوي ٿو پارو
منهنجو ميهر يار ڏي، آهي ويڄ جو وارو
سنهڻيءَ سيارو، تہ بہ سَڪي ڪانہ سلام چئي.

(2)

ڪاري رات ڪُن ڪري پيون هر هر ڏئي هاتان
لڳن تيون لڳن کي چوليءَ سان چاتان
ڪير لنگهي واتان، بنا سڪ سلام چئي.

# شاعري گلو مياڻو

گل محمد پٽ خان پٽ توڳاچي پٽ تماچي مياڻو. مياڻن جي ڳوٺ ٽُٽ جو، لڳ جهُن، تعلقو ڏيپلو. پنهنجي وقت جو مشهور عوامي شاعر هو. بيتن ۾ پنهنجو نالو 'گلو' ڪري آندائين ۽ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو. سنه 1956ع ۾ وفات ڪيائين. سندس بيان ۽ سندس ڪجھ بيت لوڪ ادب جي ڪتاب 'بيت' ۾ آندا ويا، جيڪو سنه 1971ع ۾ ڇپيو. ان ڪان پوءِ تحقيق ڪندي سندس ٻيا بيت مليا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.* گلو جا بيت 'عام سنڌي بيت' جي صنف ۾ اهميت وارا آهن جو انهن ۾ پنهنجي انوکي اسلوب سان گڏ سنڌ جي ڏکڻ-اڀرندي واري لاڙ ۽ ڏيپلي تعلقي واري ٻاڳي جي ٻولي جا الفاظ ۽ اصطلاح آندل آهن. اُٺ هرڻ بابت ڇيل بيت ماٺهوءَ جي جواني واري بي خبري ۽ موڳائيءَ جا مثال آهن. ڀهراڙيءَ جو اڻ پڙهيل شاعر هو پر مڇ ۽ مورڙي بابت ڀهرئين بيت ۾ جيڪي قافيا آندل آهن تن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت تائين اجا، سنڌ ۾ 'صحبتي علم' (جيڪو چڱي صحبت مان حاصل ٿئي) جو وڏو معيار هو. اتي سندن پنهنجي ڳوٺ ۾ ندو مياڻو به سگهڙ هو. جنهن مينهن ايندو ڏسي بيت جي ڀهرين سٽ چئي ۽ پوءِ گلوءَ کي چيو ته ٻي تون چئه.

ندو: واءَ لڳو وس ٿي، آيو مينهن مٿا
گلو: ڪڪرن ڪارون ڪيون ڪري جوڙ جٿا

○ مڇ ۽ ملاح

1-ساراهيان صاحب کي، جنهن سان حَج نه حماتون[1]
ملاح جام مورڙا هٿا ستئي سوغاتون
سانديا ماءِ سهاڳ مان جنهن جي روح آيون راحتون

---

* 8 تاريخ سيپٽمبر 1983 ۾ وڌيڪ احوال لاءِ مياڻن جي ڳوٺ ويس ته معلوم ٿيو ته گل محمد وارا چار پاءَ هئا ۽ گل محمد کي هڪ پٽ علي محمد نالي ٿيو جنهن جو پٽ احمد جيڪو 1971ع ۾ گذاري ويو.

[1] حج نه حماتون=حجت ۽ حمايت. ڇهلايو=ٿهلايو ڇمان ڏيئي= ڇميون ڏيئي، سڪرون=مڻيون (سڪر=ڪنڊ، سغلاتون).

ڇَهلايو ڇُمان ڏئي سَڪرون سَغلاتون
ڇئي، پراڻائينڊس پٽن ڪي مرڪي ماساتون
ورتئون گهٽا ويس گلو ڇئي بخمل بناتون
موڙ بڌائون مُنهن تي زيور زيباتون
الله آساتون. مرهين ملاحن ڪي!

2_مرهين ملاحن ڪي، الله ايءُ اميد
خاوند سڀ ڪنهن خوش رکي هر ڪنهن ميڙي هيج[1]
ڪٽي ويا ڪَتن تان ڏسي ويڙهي ڏيج
سڄا ڇڏي سيج، وٺا مڙي سڀ مڇيءَ تي.

3_مڙي سڀ مڇيءَ تي هو ڇَلائي چڙهيا
نَڙا هَٽي ناڪيڙو[2] گهاتو سڀ گهڙيا
ڪلاچي جي ڪن ڏي ڪيڏي لُنگ لڙيا
پار نہ نڪتا پٽڙا ڪنهن اونريءَ منجهہ اڙيا
سي وڃي ڪين وريا، جيڪي مُنهن چڙهي وٺا مڇ جي.

4_منهن چڙهي ويا مڇ جي ڇڏيائون ورڻ جي وائي
ساري ڳهي سمورا ان ڪگ ڇڏيا ڪائي
تون گهرائي وٺ گلو ڇئي مورڙو مائي
سا ڪٽي پئي ڪست مان مٿو ملاحي
ڳل ڪري ڪائي. تون وڙهج تنهن ويريءَ سان.

5_وڙهج تنهن ويريءَ سان ڪٽي صبر جو ثمرو[3]
متان دل ڏڙڪارشين زوراور ذرو
وني حال هيبتيءَ جو ملاح مامرو
ڪائي جي ڪونيءَ ۾ وينو هٽي دُرس دڙو
گهڙي ڏنائين گلو ڇئي تانگهائي ترو
سو ماريائين مڇڙو جو ڪري خون خماريو.

---

[1] هيج=خوشيون.ڏيج=ڏاج.
[2] ناڪيڙو=ڪيڙائو مڇي ڳوليندڙ. اونري=ڏکيائي، ڏنگائي، مصيبت.
[3] ثمرو= سامان. هيبتي= هيبت وارو خوفناڪ.

6_جو ڪري خون خماريو تنهن ويريءَ سان وڙهجي[1]
ڪچون ڪُن ڪلاچ ۾ پيو گينواريو گجي
داءُ ان دشمن سان مَن لڙندي لڳي
پٽرا يَنَ پچاڙيءَ سان چندبيو سپ چڻي
مورڙي کي مياڻو چئي من ڏانءُ ويري ڏي
هتان لک لڏي، گهاتو گهٽا لنگهيا.

7_گهاتو گهٽا لنگهيا، جن جي هئا چٽ چُڳا[2]
ڪپڙا رکيائون ڪپ تي ويڙهي سپ وڳا
ڪلاچيءَ جي ڪن کي ڪڍي لنگ لڳا
وچن تا وير ۾ مورڙا مَڳا
گهڙي پيا گلو چئي سٽي جهوراٽو جهُڳا
موتيا نہ مڳا، وهي وڃايائون ورهين کي.

8_وڃايائون ورهين کي اونريءَ منجهہ آشوڪ[3]
ملاح ماري ميڙي ڪري وينو ڪُوڪ
ڪات هِن ڪچَئن لاءِ گهرايائين گهُوڪ
وِساٽا نہ وينا، هئي هاءِ اني جي هُوڪ
اهڙا مور ملوڪ، گذري ويا گلو چئي.

9_گذري ويا گلو چئي، هتان هزارون
ويا ملاح مماتيءَ کي پيون پاڙي پڪارون
وڏي سڏ ورڻ لاءِ ڪيون استين اچنگارون
ڪميٽي جون ڪير لهندو ساجن ري سارون
لاهي ملاح ميارون، وڃي سُک سمهي رهيا.

10_وڃي سک سمهي رهيا، گهاتو سپ گهرين[4]
ملاح منهنجي من تان وير نتا وسرين

---

[1] پچاڙيءَ سان=پچاڙ هٽڻ سان. ڏانءُ= بل.

[2] چٽ چڳا=تاج ۾ تونر. مڳا=مَڳ، پهلوان.

[3] آشولڪ (؟). گهوڪ=وڏو شاهي.

[4] گهرين=گهرن ۾ وسرين (بولي آهي)=وسرن، ترين (بولي آهي)=ترن (هرڻ).

وڏي تون وڳر ڪان، هلين پيو چڪيو چيڪارا
ڪئين هئا مرگهه موچارا، پر پجي بچيو ڪونڪو.

5_پجي بچيو ڪونڪو بڙا هئا بانئير[4]
هن چُنڊي چتي چڏيا، وڏا وڏا وير
ٻئرن ڀڪارون ڪيون، تيا دادلا دلگير
اهو ڪري ڪيئن قرير، جنهن شڪاري سڏائيو.

6_جنهن شڪاري سڏائيو ان جي بانس نہ توکي بوءِ
هو اجهو ڏسو اچي پيو سانجهي يا صبح
تون پائئين تہ بچي ويجان جانچي ٻي ڪا جوءِ
پر اُت بہ آهي اوءِ جنهن ڪاريهل چڏيو ٺي ڪونڪو.

7_ ڪاريهل چڏيئين ڪونڪو ٻيا جهنگل پيو جانچي
تنهنجي سيم سموري هو ويٺو آهي وانچي
ان کي شوق شڪار جو سو آيو يا اچي
هرڻ وتانس هڪڙو بچي ڪونہ بچي
جنهن کي تو پهچي، سو وتانس وچي ڪونڪو.

8_وتانس وچي ڪونڪو پيرن چڙهي پو
اهڙو چَهَل چتڪارو اسان ڪڏهن ڪونہ سٹو
اچي وئو جو اري ۾ منهن چڙهيو سو مئو
هاٹي ٿهين جي تپ ڏين، تہ بہ نہ چڏيندو تو
گهٹو رکج گلو چئي، تون پائي ان جو پو
تون رات ڏينهن پيو رو، هرڻ انهيءَ جي هور ۾.

- اُٹ

1_اٹ اهڙو حال، پر ڪرئين وايون وڳ جون
اچي وٺندا اوچتو جت جنهن مهال
ڪرها ڪهڙو ڏيندين ڪو سمجهي تون سوال
متان بانور پائئين تہ ڪو مهري هوس مثال

[4] بانئير= وڏن ٿلهن سڱن وارا، ٻئرن= وڏن ٻچن، قرير=قرار آرام

پسند تنهنجو پنڌ ڪري جڏهن جت جمال
گوڙين ڪري گلو چئي، پٽين تو بتال
هلج چانگا اهڙي چال، جو وٽين وڳ ڏٽي کي.

2_ اٺ توکي آه، ڏاگها ڏور هلٽو
هُت سوداگر تي سنبريا سي ايندا اڄ صباح
هتان نيندءِ هيڪلو وني وڳ وڇاءِ
ڪري ڪاهو ڪاه، وڃي پڄائيندئي پل ۾.

3_وڃي پڄائيندءِ پل ۾، اٺ نہ آرس ڪر
هت گينواريو پيو گهمين گلو چئي، اڳيان
سمجهي تو سفر
اڄ بک اٿئي اڳتي، هتي چيز گهٽيراچر
گڏ نہ هلندءِ گلو چئي، ڪو ليڙن جو لشڪر
گهمين ڪڏهن گهر، وري نہ ايندين وٿاڻ تي.

4_اڄان گت گونئرن جي، پر پوڙهو ٿئين پاڪيٽ
پائئين تہ ڪٽي چري ڪنواٽ ٿيان وريو چڪاسين چيٽ
ڪڏهن ڪين چڏيندءِ نيندا توکي نيٽ
پورا پڄي نہ سگهندين جي ٻيو چڪاسين ٻيٽ
ڏاگها تنهنجي ڏيٺ، مونکي ڪرها سجهي ڪانڪا.

5_ڪرها ڪري نہ سگهندين، ٻي اتي ڪا ٻٽَ
هن سوار سڌا ڪيا جي هئا توکان احمق اٺ
جن پئي گوڙيون ڪيون گلو چئي هئا نُلهہ وڏيرا نُٽ
گهٽا ڪري گُهٽ. هُن پُڄائي چڏيا پڙيءِ تي.

6_پڄي ويا پڙيءِ تي سي اڄان نہ وريا وڳ
لکين هتان لنگهيا، جي ڏنا پئي جڳ
ڪنهن کان پهتي ڪانڪا جو انن وني اڳ
ڪُل ڪوڪون ڪندا ڪريا دانهون مٿي دڳ
گونئرن جا گلو چئي، پَٽِ نہ لڳا پَڳ
ساڳي ان مان سڳ، ميو موتيو ڪونڪو.

- محبت ۽ مجاز

1_اُڏاڻو اڇين تو ڪانگا تون ڪتان.
هڙون ڪنيئي هٿ ۾ ٻڌيون ڏيئي ڳچ تان
ڪيئن ٻڌائج خبرون جُڙيون توکي جتان
اهي سڄڻ ڏي سوکڙيون آهن موڪليون متان
ڪوڙ ڳالهائج ڪينڪي جي ايندو هُجين اتان
تہ مون سان ڳڌ گلو ڇئي ويهہ ويجهڙو هتان
ڪڻ اکيون ڪل تان، جي هلايل هئين حبيب جو.

2_حبيبن هلايو قاصد تو ڪري
يلي جيءُ ايئن پرتئون پير پري
دوست منهنجي دلڙي پئي نچيو ناز ڪري
دوست منهنجي دلڙي تو آندي منجهہ اري
دوست منهنجي دلڙي ڇڏي قابو تو ڪري
هُجون ڳڌ گلو ڇئي، مَنَ اهو واءُ وري
توکان پل پري، سهيو سگهان ئي ڪينڪي.

3_سهيو سگهان ئي ڪينڪي آءُ جانب جدائي
عشق منهنجي اندر تي لولي آ لائي
ڪڏهين ڪري ڪانڪا ڪاجرو جهڪائي
سا سَجيهہ ڪري سمجهان، زياده جائي
وتان مون ويڇڻ جي، تون وارج نہ وائي
آءُ مري ويندس مياڻو ڇئي تو تولئي توائي
ڏنگي جي ڏائي، تہ بہ آهيان تنهنجي آسري.

4_آءُ تنهنجي آسري هميشہ هونداس
پئي ڪنهن جي ڪڏهين ڪا ڪاڻ نہ ڪيِنداس
ساجن تنهنجي سڏ تي آءُ امالڪ ايندياس
جانب توکان جيئري، آءُ منهن نہ موڙيندياس
ڳالهيون سي ڪندياس جي ڪانگل ڪيئي مون سان.

5_ڪانگا ڪچاڙو تو آندو قريبن ڪان،
مونکي ڏي منھنجا پرين لاھيان سوگ بہ سُوگاڙو
سڙي ان سور ۾ تيو جانب جيواڙو
انئي پھر عشق جو آھي قلب تي ڪاڙھو
آءٌ تي سڪان سانگيئڙن لاءِ جئن تواري تاڙو
وجي وينا وبجھڙا ڏيئي ڪات بہ ڪھاڙو
معشوق ڏني معاف تئي ھي درد دونھاڙو
پرين جو پاڙو آھي ڪانگا ڪھڙي ڪنڌ تي.

6_ڪانگل ڪيون مون سان ويھي سچيون سيئي
مون ٻڌيون ٻنھي ڪنن سان وتس جي ويھي
اِنھين ڳالھين ۾ ڳُٽين جي پُوري نہ پيئي
ھزارين مان ھڪڙي متان منٿ مڃيئي
ھڪڙو ساجن سرچيئي، ٻيا گھٽا رنا تہ گھوريا.

7_گھٽا رنا تہ گھوريا، ڪنھن جي پروا ڪڏ نہ پوءِ
ويھي ٻڌينس ڳالھيون تہ ڪانگ ڪچاڙو چوءِ
دوست منھنجي درد ڪي وينو ڏوبي جئن ڏوءِ
سُرھو سدائين پانئيان سجڻ سانگ سندوءِ
آءٌ متينديس موءِ، تنھنجو گھر گلو چئي.

8_تنھنجو گھر گلو چئي پرين ڪنھن پاسي
خوشبوءَ تنھنجي خلق ۾ وڻ چڙيا واسي
آءٌ ورھيہ ڪي وينئي آھيان تنھنجي دوست دلاسي
تڏھين پئي ڦيرا ڏيو ڦاسي، دانھيون ڪريو دلڙي.

9_دانھون منھنجي دلڙي تي ڪچاڙي لاءِ ڪري
پانيان شل پيڙي ھجان، پل نہ ٿيان پري
عاشق ۾ معشوق تان شَل وڇوڙو مَر وري

(8) چوءِ= چوي موءِ= (بولي آھي)=مُئي (9) چري= چريي
ھجن گڏ گلو چئي، مھند ڪو مَر مري
اھو لفظ اجايو چوڻ مون ڇَري

جڏهن تيندي گهُر گلو چئي، تڏهن جتندو ڪونه جري
سيڪو پيو سنبري، ته هفتي ۾ هلنداسون.

- **پتنگ**

1_ پتنگ جاٽين پاڻ ڪي، ته اُڏامندو اچ
متان منهن موڙئين ڏسي محبت سندو مچ
اُنهي باه سندي پر ۾ تون ناز ڪري پيو نچ
پَکن سوڙو پچ، عاشق تون آڙاهه ۾.

2_عاشق سي آڙاهه ڪان، مُڙن ڪين مورا
مچ ڏسي آئيا ثابت سمورا
گهڙن جي گلو چئي، پتنگ او پورا
اني دستورا، مشهور ٿيا ملڪن ۾.

- **لڏي ويا**

1_ لڏي ويا چڏي ڪري هيڪلائي هاڻ
سُجون سپيرين ري پانيان ملڪ مساڻ
جاني جوءِ چڏي وئا ڪنهن جي ڪيڏان ڪاڻ
گهوري وجان گلو چئي تنهن جي پيرن اُتان پاڻ
جن سان سدا مند سُواڻ،[1] اچ ڪونهي ڪِڙا تن جو

2_لڏي ويا چڏي، ڪري سجون پڌ سانگي
گهٽو رُنس ان لئه، تي مارن لئه دل ماندي
ساه سندو سانگي، ڏاتر مون ڏيکارئين.

- **جواني جو ين جي پچاٽي**

1_جوين جهت پت تي ويو اچا پڻ آيا
همت ويئي، هيٽائي تي، نه قراري ڪايا[2]
نڪا لست لگن ۾ متان ويئي مايا

---

[1] سُواڻ=بهار
[2] ڪايا= جنم. جند جان. بي ناهيا= جن ۾ ناه ڪونهي (پوڙها). مهمايا= مست. گهت ڪريو=گهٽيون ڪريو خال وجهيو مون ڪي (مقامي بولي)=مون ڪان. لرڻ=لڙي لڏي هلڻ.

پيريءَ پاسو ڏنو پيا يٽن[1] بي ناهيا
گهمن پيا گلو چئي، معشوق مهمايا
پيري پڌري پٽ ۾ آهن وَڏيرڻ وڃايا
گهٽ ڪريو گهايا، مونکي جوين جاڙ وڃي پيو.

2_جوين جاڙ وڃي پيو اڄ موڪلايو ماڳهين
سِڪ لَٿي، سڌ نہ ٿيئي، نڪو رهيو نينهين
چون ڏاڏو ڏوڪرو[2] پيون سيي ايئن سڌين
وَهي تو وَيڄڻ جي، هُئي اميد اصلئين
سنگت جهڙيون شئين، وڏيرڻ سڀ وڃائيون.

3_ميندي مکئين منهن تي، مر لاڳاتي[3] لائين
وارين وَنَڪ مَٿي، جا رنگ ۾ رتائين
ڏاها ٿيو ڙي ڏوڪرا، ايءُ لالي لِڪَ تائين
اڃا پنهنجي اٽڪل سين اُڳندا اتائين
قوت ڪونهي، ڪم نہ ٿئي، وئي وصيت وڃائين
گهايا پنهنجا گلو چئي، پيا وسلا وڃائين
پَهچ تي پاهين، اڃي هيٺائي هٿ وڌا.

4_پيري پاڳاريءَ جا پيچ تہ ڏيئين پار
عشق الائجي ڪيڏانهن ويو جنهن جي خبر نڪا چار
جُڙيو جواب جوانيءَ کي، هيٺائي وڌو هار
جيڪي شغل ڏنا هئي سرلي ۾، تنهن جي پوڙها ڇڏ پچار
هارڻ تڏون ڏيو ترين ڏيو لريو[4] گهمين لاچار
قوت ۾ ڪمي تي، تون نظر ڪري نهار
هاٿي اڳوٽا اوڳار اوهيئن پيو اُٿلائين.

---

[1] يٽن=هلن، گهمن، بي ناهيا=نهن نٿا، ڪوجها
[2] ڏوڪرو=پوڙهو شئين=شيون.
[3] لاڳاتي، لاڳيتي. اڳندا=ڦٽندا، نڪرندا.
[4] لرڻ=لڙي لڏي هلڻ. پاڳا

# نوءَ يعني وايو منڊل (Atmospherics) بابت سنڌ جي سياڻن جا ويچار

هي هڪ علمي ۽ تحقيقي مطالعو ان لاءِ آهي تہ سنڌ جي سياڻن سجاڻن، سنڌن سالن صدين جي جانچڻ ۽ تجربن سان، پنهنجي قريبي ماحول توڙي زمين-آسمان واري سڄي نوءَ يا وايو منڊل (Atmospherics) کي ڪيتري قدر سمجهيو ۽ پنهنجي بهبودي ۽ بقاء لاءِ ان مان ڪهڙا انومانَ ڪڍيا.

سِجُ، چنڊ، تارن، ستارن جي ايرڻ لهڻ واري گردش تي ويچارڻ، رات ڏينهن جي مٽ سٽ سان وقت جي وقفن يعني هفتن، مهينن ۽ سالن جو ذهن نشين ٿيڻ ۽ ان مطابق مال جي سنڀال ڪرڻ ۽ مختلف فصل پوکڻ ۾ وڏو عرصو لڳو هوندو. هي مطالعو خاص انهيءَ لاءِ آهي تہ سنڌ جي سياڻن سجاڻن سنڌ جي انهيءَ سڄي نوءَ ۽ وايو منڊل کي ماضيءَ ۾ ڪيئن جانچيو پرکيو ۽ پروڙيو.

- **نوءِ يا نود**

نوءَ جي لفظ ۽ اصطلاح جي هن وقت تائين هلندڙ استعمال مان معلوم ٿئي ٿو تہ هتي عالمن آڳاٽي عرب-اسلامي دؤر کان وٺي سنڌ جي وايو منڊل جي جانچ پڙتال کي باقاعدي هڪ علمي مطالعي تائين پهچايو. 'نوءَ' عربي لفظ آهي جنهن جو جمع آهي 'انواء'. انواء تي ٽين-چوٿين صدي هجري کان وٺي ڪتاب لکيا ويا جن مان ابن قُتَيبہ جو 'ڪتاب الانواء' مشهور آهي. ڪنهن ستاري يا نکٽ جو صبح ويل ايرڻ ۽ ان سان آسمان جي رخن، افقن، وائن، مينهن ۽ موسمن منڊن جو مٽجڻ، جي جاڻ ۽ مطالعو نوءَ جي مطالعي ۾ شامل رهيا. منڊ ضايع ٿيڻ بابت ان دؤر جو عام اصطلاح هو تہ "اخطاک نوءَ ک" يعني توکان منڊ وئي! اهڙو مثال لُڏن (تارن) وقت جوئر پوکڻ جو جڏهن اجان مينهن وسڻ جي اميد هوندي، چوندا:

لڏا لاڙي ويهه، مند وسندئي مينهڙا

يعني لڏا لڙي ويا، تو لڏا لاڙي چڏيا. تو لُڏن ۾ ڊرائي ڪئي ۽ مند وئي، هاڻي وري ٻئي سال ٻيءَ مند ۾ مينهڙا وسندئي!

سنڌ ۾ 'نوءَ'، لفظ توڙي اصطلاح طور الهندين طرف ڪوهستان، ڪراچي ۽ ٺٽي ضلعن ۾ استعمال ٿئي ٿو. ڪٿي نوءَ کي نو ويا نود بہ چون. جيئن اهو لفظ ڳالهائجي ٿو تيئن ساڳين لفظن ۾ هيٺ ڏجي ٿو.*

- جيٺ جي مهيني ۾، ڪوهستان واري پاڱي ۾ ٿڏڙيون هوائون ڏکڻ کان هلنديون. اهي ٿڏيون 'شهمالُون' هوائون گهڻو ڪري شام جو هلن ۽ ان وقت ڪراچي واري طرف صبح جو نود يا نوءَ پوي.
- چوندا: سمنڊ مان نوءَ اٿي ٿو يا اٿي ٿي.
- چوندا:نوءِ جا ڪڪر جدا، مينهن جا جدا.
- نوءَ معنيٰ سنهڙي بوندار
- نوءَ يا نوو، يعني ڌنڌ، غبار سنهڙي بوند. جيٺ واري مهيني ۾، اُب وارو نمونو اهڙو جو جبل ڍڪجي وڃي.
- ڇمر مان نوءَ يعني سنهڙي بوند وسندي
- نوءَ واري پيچ لاڪاڻ يا پب جبل جي مٿان اچي ويهندي، مٿان لڳندي ۽ جبل ڍڪي ڇڏيندي، چوندا: لاڪاڻ يا پب تي اج گيٺو آهي.

سڀ کان وڏيڪ اهم ڳالهه تہ 'انوا' جو لفظ رسالي جي سر يمن ۾ آيو آهي:

حبيب تون، طبيب تون،تون درد جي دوا
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انوا
صاحب ڏئين شفا، ميان مريضن کي.

'انوا' جي هڪ معنيٰ 'انواع' (جدا جدا قسم) ڪري سگهجي ٿي جيئن راقم پاڻ رسالي جي مستند ايڊيشن (سر يمن، داستان-1) ۾ لکي آهي. پر اهو بہ ممڪن آهي تہ شاهہ صاحب 'انوا' جو لفظ نوءَ جي جمع واري صورت ۾ آندو هجي (يعني دردن، آزارن جو لهڻ چڙهڻ ۽ سورن سختين وارو سجو ماحول ۽ سجي ڪيفيت). چاڪاڻ جو نوءَ جو لفظ توڙي اصطلاح سنڌيءَ ۾ آڳاٽي وقت کان رائج هو.

* 1950-1960ع ۾ ڪيل تحقيق موجب

سال جي ٻارهن مهينن واري ورڇ آڳاٽي دؤر کان مشهور هئي: پر سنڌ جي سڄاڻن نوءَ جي لحاظ سان سال جي نَوَنَ چاليهن ۾ ورهايو. مال متاع جي سنڀال ۽ وقت تي فصلن ڪاهڻ جي لحاظ سان، اهو سنڌ جو وڏو ڪارگر ڪَيلينڊر هو جيڪو ٻئراج واهن (1932ع) تائين رائج رهيو. پوري سال لاءِ اهڙي مفصل ۽ ڪارائتي ڪئلينڊر جو ٻئي هنڌ مثال نٿو ملي.

اي سڄاڻ! هن نو-چاليهي ڪئلينڊر کي سمجهڻ لاءِ مقامي مهينن جي چارٽ ضروري آهي. اسلامي ڪئلينڊر وانگر سنڌي مقامي مهينا چنڊ جي حساب سان قمري ڪري ڳڻيا ويا. يعني هر مهينو چنڊ ڏسڻ سان شروع ٿيو. هيٺ سنڌي قمري مهينا (جيڪي چنڊ ڏسڻ جي لحاظ سان قمري آهن، پر فصلن جي لحاظ سان شمسي) تن جي سامهون مغربي ڪئلينڊر جي برابري وارا مهينا ڏجن ٿا تہ جيئن اڳتي نوءَ جي بيان توڙي نَون چاليهن کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. هن جدول ۾ چيٽ برابر مارچ-اپريل جي ڏيکاريل آهي جنهن جي معنيٰ تہ قمري فصلي لحاظ سان چيٽ اندازاً مارچ جي شروع کان اپريل جي شروع تائين بيهندو پر شمسي فصلي لحاظ سان اندازاً 15 مارچ واري هفتي کان 15 اپريل واري هفتي تائين بيهندو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| چيٽ | = | مارچ | – | اپريل |
| وِهاءُ/ويساک* | = | اپريل | – | مئي |
| جيٺُ | = | مئي | – | جون |
| آهاڙ/آکاڙ | = | جون | – | جولاءِ |
| سانوڻ | = | جولاءِ | – | آگسٽ |
| ٻَڏرو | = | آگسٽ | – | سيپٽمبر |
| اَسو | = | سيپٽمبر | – | آڪٽوبر |
| ڪتي | = | آڪٽوبر | – | نومبر |
| ناهِري/مَنگهر | = | نومبر | – | ڊسمبر |
| پُوهہ | = | ڊسمبر | – | جنوري |
| مانگهہ | = | جنوري | – | فبروري |
| ڦڳڻ | = | فيبروري | – | مارچ |

* مخدوم محمد هاشم ٺٽوي لکيو تہ "ورهيہ وِهي وِهاءُ کان" يعني سال شروع ٿئي ويساک کان.

انهن مهينن مطابق هيٺ نوءَ جو تفصيل (الف) جدا جدا وائن (ب) مينهن جي آثيجن امڪانن (ج) مندن موسمن ۽ (د) نو-چاليهي ڪيلنڊر جي حوالي سان ايندو.

## (الف) جدا جدا رخن جا واء

واءَ جو اثر ٻن سببن سان پرکيائون: هڪ واءَ جو رخ ٻيو واءَ جو وقت، يعني واءَ ڪهڙي پاسي کان لڳي ٿو ۽ ڪهڙي وقت لڳي ٿو. انهن آثارن مطابق واءَ جو اثر آبهوا تي، مينهن جي امڪان تي، پوک جي نفعي نقصان تي، ماڻهن ۽ مال جي خوشحالي يا بيماري بيحالي تي معلوم ڪيائون.

- اتر-اولهه جي ڪنڊ جو واءُ يا اتر- اولهه جي ڪنڊ يا اتر- اولهه جو واءَ جڏهن وِچون لڪڻ جي ڪنڊي سج ايرڻ کان اڳ نڪري. تڏهن جي اتر- اولهه جي ڪنڊ وارو واءُ لڳو تہ ڪٽڪ ٻي بيٺل فصل ۾ ان کي ماريندو: داڻا سنها ٿيندا ۽ ٿورا ٿيندا. چوندا 'ڪنڊ ماري وڏوا واءَ سببان سخت پارا پوندا ۽ فصل کي ساڙيندا. چوندا: ڪنڊيءَ ٽڙهيي جا پارا' ان کي ماريندا، يعني وچونءَ جي ڪنُڊي نڪتي جنهن پارن کي ٽيڙهہ ڏنو. يعني اپاريو اٿاريو. ان وقت وارو پارو واءَ ۾ آهي، جي واءُ اڳ ۾ لڳو تہ اڳياڙي ساڙيندو. جي پڇاڙيءَ ۾ لڳو تہ پڇاڙي ساڙيندو. چوندا: وائي تہ ٻهہ تي ٻہ جائي" يعني جي اتر- اولهہ جي ڪنڊ پڇاڙي جو دير سان لڳي ۽ ان وقت ڪٽڪ ڳاهجي ڪجي وئي هجي تہ پيل ٻُهہ تي ٻہ پارو پوندو.
- اتر-اوير جي ڪنڊ جو واءَ يا هَٿيي جو واءَ. اهو واءَ جيڪڏهن دسهڙي وقت (اسو مهيني جي 8تاريخ) لڳو تہ جوئر کي ڪس ڪندو. يعني بيٺل جوئر جي سنگن ۾ داڻو مارجي ويندو. ان ڪونہ ٿيندو.
- پورب جو واءَ اوير جو ۽ اوير- اتر ڪنڊ جو واءَ جيڪو ڪڪر ۽ مينهن آڻي.
- ذڪڙ-اولهہ ڪنڊ جو واءَ يا واهوندي جو واءَ يا واهوندو يا واهوندا. هيءَ واءَ ذڪڙ-اولهہ کان سياري جي پڄاڻي تي لڳندو. رسالي ۾ سر سامونڊي جو بيت آهي تہ:

اتر لڳي اوهريا، واهوندي ورن

يعني وڻجارا جيڪي سياري جي شروع ۾ اتر واءَ لڳڻ سان سامونڊي

سفر تي ويا هئا سي شال سياري جي پوري ٿيڻ تي واهوندي جي واءَ لڳڻ تي وطن ورن. واهوندي جو واءُ ڏکڻ-اولهه جي ڪنڊ کان لڳڻ شروع ٿيندو ۽ اوير- اتر جي ڪنڊ تي ويندو. انهيءَ ڪنڊ کان وڏيڪ اولهه تي ڪونه لڳندو. مثلاً ڪراچي کان حيدرآباد پوءِ اڳتي اوير- اتر ڪنڊ تي شهدادپور، سنجهوري، سانگهڙ تائين لڳندو. پر اولهه طرف نوابشاهه-دادو طرف ڪونه لڳندو. فيض گنج، نري ميرواهه (خيرپور) طرف چوندا: ڪنڊ تي لڳي. ان کي پڇات به چون. اها جوئر توڙي ڪٽڪ کي ماريندي. ميرپور ماٿيلي طرف اولهه واري واءَ کي پڇات چون.

- ناسي واءَ: اولهه جو واءَ جيڪو ذرا ڏکڻ ڏي لڙي لڳندو. ان وقت اٺ واءَ کي پٺي ڏيئي ويهندو. اٺ طاقتور ۽ مست آهي جو اتر جي ٿڌي هوا کي به سامهون ٿي ويهندو پر ناسي کي پٺي ڏيئي ويهندو.
- ڏکڻ جو واءَ. واهوندن کان سواءِ به ڏکڻ جو واءَ جيڪو جتي ڪتي لڳي. اهو آرهڙ-اونهاري جو واءَ آهي. چوندا ته 'ڏکڻ گهلندو ته گُلائين (گلن واري) پوک کي ماريندو. ڪنهن سچاڻ چيو ته: لاڙ ۾ ڏکڻ لڳندو ته وونٽن کي مچائيندو پر اتر ۾ وونٽڻ کي ماريندو ۽ جوئر کي مچائيندو چوندا:

'ڏکڻ وائي سڀ سونهائي، اتر وائي مينهن وسائي.'

سنڌ جي هيٺئين وچئين ڀاڱي ۾ جڏهن مچر ٿيندا تڏهن چوندا:

لڳ ڏکڻ ڏيهي- ٻيج مچرن جي پيهي

اپريل کان جون تائين ڏکڻ- اولهه ۽ ڏکڻ وارو واءُ سخت گرم ۽ جهولا ٿي لڳندو.

- ڦگڻ يا ڦگڻ جو واءَ. ٿڌو واءُ جيڪو (ماٿيلي طرف) سيءَ بلڪ ڦرڪٽي لائي. ڪنهن چيو ته:'تڳيو پٺي تڳيو پر ماريو ڦُرڳ ڦگڻ جي!'

- **چووايو ۽ هٿيي جو واءَ**

چووايو يعني جيڪو واء چئني طرفن کان لڳي. اڪثر موسم جي مٽ وقت يا مينهن جي مند ۾ سانوڻ ۾ يا پوءِ بڊري جي مهيني ۾ لڳندو. 17،7، ۽27 تاريخ بڊري مهيني جي، ڏهن کن ڏينهن جي وٿين سان، چووايو لڳندو. اهي ٿي چووايا، ٿي 'هٿيا' (هٿيي جا واءَ) ٿي سگهن ٿا جيڪي جوئر ۽ ٻاجهري کي ڪس ڪندا. جوئر ۽ ٻاجهري جيڪڏهن دسهڙي تائين (8) آسو تائين) نسري ويون ته ڪارگر، نه ته هٿيي جا واءَ انهن کي ماريندا ۽ ڪَس ٿينديون.

- وائن جا مختلف نالا
- بوبڪ ۾ 22 مئي 1965ع تي مخدوم غلام رسول چيو ته چئن ڪنڊن جا چار واءُ آهن: اتر - اوير ڪنڊ جو واءُ پورب، ڏکڻ - اوير ڪنڊ جو واءُ ڪاچڻ، اتر - اولهه ڪنڊ جو واءُ هاوي ۽ ڏکڻ - اولهه ڪنڊ جو واءُ ڪامهه چوندا:

پورب لڳي سون وسائي، ڪاچڻ لڳي چاندي
ڪامهه لڳي ان وسائي، هاوي لڳي آنڌي

- خيرپور - ناري طرف ويساک واري مهيني ۾ ڏکڻ جي واءَ کي ويساکي ۽ پڻ نٽي جو واءَ (نٽي طرفان ڏکڻ کان لڳندڙ) چون.
- ظفر آباد ۾ 8 مئي 1990ع تي ڪچهريءَ ۾ ٻڙجڻ ڪنڊ واري واءَ بابت چيائون ته: ڏکڻ - اولهه ڪنڊ وارو واءُ جيڪو سياري جي پڇاڙيءَ ۾ لڳو ته چوندا: ٻڙجڻ ڪُنڊ لڳي آهي ڪٽڪ مارجي ويندي.
- خيرپور - ناري ۽ ماٿيلي طرف ڏکڻ - اولهه يا ڏکڻ واري واءَ کي پڇاٽ چون.
- 28 سيپٽمبر 1984ع ٺٽر ۾ تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ عيداڻي ۾ مهربان ميزبان محمد رحيم راهومي وٽ ڪچهري ٿي جنهن ۾ اتي جي وائن بابت چيائون ته:
  - پنڇاٽ واءُ: اتر - الهندي ۽ الهندي جي وچ وارو واءَ آهي جيڪو مينهن کي مچائيندو ۽ وسائيندو.
  - اُڳيتو واءُ: اوير ۽ ڏکڻ جي ڪنڊ وارو، آڙنگ ڪندو، ڪڪر ناهيندو، مينهن جي آسري وارو.
  - اتر جو واءَ يا اتر - اوير وارو واءُ، اهو سياري وارو واءُ.
  - ڏکڻ - اولهه جو واءَ، اهو ساڳيو واهوندو
  - چيائون ته (اتي) جيڪڏهن آکاڙ ۾ ڏکڻ واءُ لڳو، سانوڻ ۾ اپرنديون واءُ لڳو، بدي ۾ الهنديون ۽ اسوءِ ۾ اتريون واءُ لڳو ته پوءِ مينهن آيو.
  - اتر - اولهه ڪنڊ جو واءَ ساٽئه: وِهاڻيءَ جو واءَ، رات جي وهامڻ وقت اتر - اولهه ڪنڊ کان لڳي جنهن کي ڪاري ۾ ٻيڙياتا 'ساٽئه'(؟) چون.
- جنوري 1979ع تي محراب پور جمالي (اوستہ محمد) ۾ ڪچهري ڪندي، ناڙي جي وڏي سگهڙ چنيسر خان عمراڻي، ناڙي جي هوائن بابت چيو ته:

اوير وائي، سون اپائي، اتر وائي پارو پائي
اولهه وائي، ڏوڙ اپائي ڏکڻ وائي ننڊ اپائي.

اوير جو واءُ سانوڻ ۾ لڳندو ۽ برسات آڻيندو. اتر جو واءُ سياري ۾ لڳندو ۽ سيءُ آڻيندو. اولهه جو واءُ جي جوئر جي ڍيڍي-نيساري وقت لڳندو تہ ساريون پاپڙ تي ويندين. ڏکڻ جو واءُ لڳندو تہ گرمي گهٽ ٿيندي ۽ ماڻهو سمهي ننڊ ڪندا. چوندا:

ڳُهل ڏکڻ جي هير، نيڻان ننڊ تا گهرن

پر ڏکڻ جو واءُ سانوڻ ۾ لڳندو تہ جهڙ ڪٽي ڇڏيندو.

(ب) مينهن

مينهن جي وسڻ يا نہ وسڻ بابت هڪ تہ بلڪل هينئين بي خبري واري سوچ تي سوڻ ڳنڍيندا ۽ شُگون ڪندا جيڪي گهڻا سڀ خيالي ۽ انهيءَ ڪري حقيقت کان خالي. پر انهن کان سواءِ بيا آنيج جيڪي ڪن سڄاڻن ڪي نوءَ جي آثارن جي تور تڪ ۽ تجربي جي آڌار تي ذهن نشين ٿيا. پڇائون ڪندي انهن ٻنهي بابت هيٺيون تفصيل مليو.

- مينهن بابت شگون: اهي رڳو وهم ۽ گمان آهن.
  - صبح جي وقت، مال مان ڪا رڍ يا وهڙي ڪن ٽپيندي ۽ چرندي ڪانہ، تہ چوندا: مينهن ٿي ساري.
  - ٻڪريون رات جو ويٺي ڪن ۽ ٻت چنبڙينديون تہ چوندا: مينهن ڏنو اٿن.
  - گلوئي (بري ساندو) پنهنجي ڪڌ (ٻر) ڍڪي ڇڏيندي تہ چوندا: مينهن اچڻ وارو آهي.
  - لُنڊي (بلا) مٽي ٻُوڙي تي يا وڻ تي ويٺل هوندي تہ چوندا، مينهن ٿيندو.
  - چپر (ڪوهستان) ۾ لونبڙي ٻڪ ڪندي تہ چوندا: "ڪرائي چَندي" يعني ڪرائي ٿيندي. چپر ۾ سياري جي پڇاڙي واري آخري مهيني واري برسات کي ڪرائي (رتي شد وارو زور) چون.
  - ڏاچي جهيرائيندي پئي، يعني ٿر پرسان بيٺل هوندس تہ بہ پئي هُٽڪندي ۽ اکين مان پاڻي هاريندي تہ چوندا: مينهن ايندو.

ڪنهن سگهڙ برسات جي سوڻن لاءِ بيت چيو تہ:

اُبَ مانجهاندو ڪيو اُورڙ اونڌي واءِ
ڪِرڙو ڪانٺي چڙهيو ڳوري ڪجل پاءِ
هو وسڻ جا ويس ڪري، هو ور لئي واجهاءِ

اب يعني ڪوهيرو جيڪڏهن منجهند تائين هلي: رڍ (اورڙ) واءِ ڪي پٺي ڏيئي چري: سانڊو رنگ ڪڍي ۽ ڳُر مٿي ڪري. گهر واري سرمو پائي ۽ پنهنجي ور لاءِ واجهائي (جيڪو ٻاهر پورهيي تي ويل ۽ واپس وطن ورندڙ).

- جَر تي ڦوٽا ۽ جهڄون (ٻوڙيا ۽ جهڳ) ٿيندي.
- ٻڪريون آڏي-اَسر جو واڙ مان نڪري اتر طرف هلنديون.

- **مينهن جا آثار**

- سج جو منرو ۽ چنڊ جو منرو (ٻاهران گول گهيرو) جانچيائون ۽ ٻئي مينهن لاءِ سولو سوڻ ڪري سمجهيائون.
- ڏسندا تہ ساوڻ جي مهيني جو نئون چنڊ ڪيئن ٿو بيهي! ٻئي چوٽيون مٿي سامهون سنئين ڪمانڊ بيٺو تہ چوندا: مند بحال آهي. جيڪڏهن ڪمان وارو هڪ پاسو مٿي ۽ ٻيو هيٺ تہ چوندا: مٿئين پاسي وارو طرف وسندو.
- ڪتي ايري ۽ يڪدم مينهن پيو تہ چوندا: ڪتيءَ جو منهن ڏوتائين، وس ٿيندي.
- آسمان ۾ 'تتر ڪرڙي' واري ڇمري ٿيندي تہ چوندا مينهن پوندا.
- اڇي پڇ، اتر-ايرندي ڪان ٻن پهرن ۾ وراڻڍ (وچينءَ) جو ٿئي.
- اتر جو هلڪو واءُ، اتر-الهندي واري ڪنڊ ڪان لڳي تہ مينهن آيو.
- چنڊ جو ڪُونڊو (ننڍڙو پڙ) بيهي.
- سج لهڻ وقت ڳاڙهہ-ڦڪائي (ڳاڙهاڻ ڦڪاڻ گڏيل سمان) ٿئي.
- سج لهڻ وقت اتر طرف تي موگهون نڪرن.
- سمهاٽي وقت ڏکڻ جو واءُ گُهلي.
- ماچڙو يعني سج جو پڙُ جيڪو سج ايرڻ سان ٿئي ۽ لڙيي سج تائين هلي.
- صبح جو گهٽ ۽ وچين جو واءَ تہ چوندا: مينهن ڪونہ پوندو.

پرهہ جو آڙنگ، وراڻڊ جو واءُ
ڪَڙهہ لاهيو وچڙن جي، ڪُهيو وينو ڪاءُ.

پر جي صبح صاف سقرو تہ مينهن پوندو:

صبح ڪري سقرو، وچينءَ لائي واءُ،
تہ سس چئي ننهن کي، وهلي پيهر جاءُ.

- ڏينهن چڙهي ۽ ڏانگڙو (پينگهہ) نڪري، ۽ سج لهڻ وقت موگهہ نڪري تہ اهي آثار گهٽي منيهن جا:

سڪڻ تاٽي ڏانگڙو، لتي تاٽي موگهہ
وچڙا پوريو واڙي ۾، نيئن وَهن گهوگهہ

پوءِ مال جا ڦرڙا پوريو جو نيون زور سان وهنديون.

- ڏوپ وارو مينهن. سانوڻ جي مهيني ۾ فجر جي وقت ۽ بيو سج لٿي وقت. ڏوپ جي مهل (ڪير ڏهڻ وقت) مينهن آيو تہ چوندا: بيهندو ڪونہ (يعني گهٽو وقت هلندو ۽ گهٽو پوندو)
- ڪاروڪڪر، ٻاڙهاڻ واري آسمان مان مٿي چڙهي:

ڪاروڪڪر ايري، رَتيءَ ريهہ منجهان

تہ مينهن پوندو. چيائون تہ:

رَتيءَ پرهہ ايري، الهَي ڪاري واءَ
تہ پنهوارين پڪا، اڏيا اوچي پاسڙي.

جي سج ايرڻ وقت ٻاڙهاڻ ۽ سج ان ٻاڙهاڻ مان ايري، ۽ لهي تہ ڪاري ڪڪر ۾ ويجي لهي تہ انهيءَ آٿيج (اهجاڻ ۽ آثار) مان پنهوار (ٻڪرين وارا، مال وارا) سمجهندا تہ مينهن پوندا: انهيءَ ڪري پنهنجا پڪا متانهينءِ تي وڃي اڏيندا.

## • واءَ سان گڏ مينهن جا آثار

خيرپور ضلعي جي اوير ۽ روهڙي تعلقي جي ٿر واري ڀاڱي ۾ ڪن سياڻن واءَ سان گڏ مينهن جا آثار سنياليا. اتي جي سگهڙن جي ڪچهرين ۾ صابل ۽ بهاول ڀنيرن، گاگن ۽ جوٽي مگرين، ۽ مبارڪ ۽ قيصر سگهڙن جا پاڻ ۾ ڪيل هينيان سوال جواب مشهور آهن. آڪاڙ جي مهيني ۾ مينهن جي وس جي باري ۾ سگهڙ بهاول ڀنيري پنهنجي ساٿي صابل ڀنيري کان پڇيو تہ:

آهي تہ وس الله جي، ماڻهوءَ ناهہ مجال
پر آزمودا عمر جا ڪن سياڻا سال بسال
وسي يا نہ وسي، ڪا اهڙي ڳاڻن ڳِڙِي ڳالهہ!
صابل اهو سوال، بيني بِڌاءِ بهاول چئي.

صابل جواب ڏنو تہ:

1.وٿيون واءَ ويساکيءَ جون، لهي ڏنهون لاڙ
2.بنا آتش ايري، اچو منجهہ آڪاڙ
3. تہ ڪتي ڳاڙ ٻي سائينءَ سڌ صابل چئي.

يعني: جيڪو واء ويساک واري مهيني ۾ لاڙ واري طرف کان ڏکڻان لهي ۽ وٿيون ڪري لڳي، يعني لڳي ۽ وري بيهي.2. آڪاڙ جي مهيني ۾ سج بنا ڳاڙهاڻ جي اچو ٿي ايري.3.تہ پوءِ پريل مينهن نہ وسندا پر ڪتي ڪتي ڳاڙ ٿينديي، يعني ڪنهن هنڌ وسڪارو ٿيو تہ ڪتي نہ ٿيو. چوندا تہ جوهين جوهين وٺو يعني ڪتي ڪتي وٺو. گهڻو مينهن وٺو تہ چوندا: لم ڪري وٺو.
وري چيائين تہ:

1. تتر ڪَرڙي اُڀ ۾، اڳي ايرڻ ڪان
2. پرهہ واءَ پورب جو جڻن پارس لوهي سان
3. پوءِ سنگهار صابل چئي، ڪندا ونگي منجهہ وِهان
4.اُنهينءَ ويل آن، چونري چڳون چاڙهيان.

يعني:1. جي اڄ ايرڻ کان اڳ آسمان ۾ ڪڪرن جا تتر ڪرڙي وارا ننڍڙا گول گول ٽڪرا ٿين. 2. پرهہ ڦٽيءَ جو پورب (ايرندي) جو واءَ لڳي تہ جڻ لوهہ کي پارس لڳي ويو.3. پوءِ ايڏي وڏي وس ٿيندي جو وڏي مال وارا سنگهار ونگي جي نئن (جيڪا ناري تعلقي ۾ ٽڪر مان نڪري اوير طرف ناري کي وڃي پري ٿي) وٽ خوشيون ۽ وهانءَ ڪندا.4. گاهہ بہ وڏا ٿي ويندا جو آءُ انهن جون چڳون (منيون، موڙيون) گهر جي چونرن تي چاڙهيندس.
وري چيائين تہ:

بگا بادل اڀ ۾، سنجهي پورب ڪيڻ
سدائين سرها رهن صابل سندا سيڻ
ٿڌا ٿين نيڻ، ونگي ڏسي وهڪرو

يعني آسمان ۾ اڇا چٽا ڪڪر هجن ۽ سنجهي ۾ اوير (پورب) طرفان ڪنوڻ (ڪيڙ) ٿئي، تہ پوءِ (گهٽا مينهن پوندا) صابل جا مت خوش هوندا ۽ ونگي جي نئن ڪي وهندو ڏسي اڪيون تڏيون ٿيندئيون.

سگهڙ قيصر ۽ سگهڙ مبارڪ جي پاڻ ۾ ڪچهري ٿي. قيصر چيو مبارڪ کي تہ:

آهي وس الله جي، ٻئي ڪنهن ناهي ڪل
ڪڏهن آيا ابر موتيا وچن، بس ڪيون بادل
ڪڏهن وسن وڏڦڙا، پرن ترايون تل
قيصر چوي ڪل، مونکي ڏي مبارڪ تون!

تڏهن مبارڪ چيو تہ:

نَريو واءَ نتي جو ويساکي نہ وٽي
چارا لتيون چٽ ڪري، متي پئي مٽين
تہ ڪڪر ڪٽين ڪٽين مبارڪ چئي مينهن جا.

يعني نتي طرفان ڏکڻ وارو واءَ بيهي وڃي يا گهٽ ٿي وڃي ۽ ويساک جي مهيني واري مند نہ وٽي: ۽ مٽين متي وسي جيڪا لتيو چڙي، تہ پوءِ مينهن جا ڪڪر ڪٽي ڪٽي وانگر هوندا. وري چيائين تہ:

ڏينهان ڏکڻ واءَ، راتيان ڪنپ ڪندار
مبارڪ چوي مينهن جو ڪندو ڏَت ڏاتار
وَهن تَرايون تار، نَيون نبرن ئي ڪينڪي.

يعني ڏينهن جو ڏکڻ جو واءَ هجي ۽ رات جو ٿورا ڪنبڙيل ڪڪر هجن تہ پوءِ ڏٽيءَ جي مهر سان مينهن ملندو: ترايون پاٽيءَ سان تار ٿي ويندئيون ۽ نيون وهڻ کان بس ئي ڪين ڪنديون. وري چيائين تہ:

تِتر ڪَرڙي اڀ ۾، ايرڻ کان اڀَي
شامل واءُ شمال جو لهربون ڪيو لڳي
بادل ڪوڙ وڳي، منجهنڊ جو مبارڪ چئي.

يعني سج ايرڻ کان اڳ آسمان ۾ تتر ڪرڙي يا 'چٽ ڪرڙي' وارا ڪڪر ٿين، ۽ ان وقت اتر (شمال) جو واءَ ڇوٽ لڳي تہ پوءِ منجهنڊ جو ضرور مينهن جي گوڙ ٿئي.

گاگن ۾ جوٽو ٻئي مگريا. ناري تعلقي ۾ ساگري جا ويٺل هئا انهن پاڻ ۾ واءُ مينهن بابت هيٺيان سوال جواب ڪيا. گاگن چيو تہ:

ڏينهان ڏُڏهہ اپ ۾، وِرنڊيان گهُلي واءُ
سڻ جوٽا گاگن چئي، چنڊ ڏر پئي ويساهہ

ڏينهن سڄو لڙات (ڏڏهہ) رهي ۽ وچينءَ جو (ورنڊيان) واءَ ڪلي تہ پوءِ گاگن جي چوڻ موجب مينهن جو چنڊو زمين تي پوي (ڏرِ پئي) تڏهن وسڻ جو ويساهہ ٿئي.

چِٽر-ڪرڙي اپ ۾، ليليءَ ورٽو واءُ
سڻ جوٽا گاگن چئي، ڏر پئي ويساهہ

يعني: جي ڏينهن جو تتر ڪرڙي ۽ رات (ليل) جو واءَ وري، تہ پوءِ مينهن جون ڦڙيون جڏهن زمين (ڏرتي) تي پون تہ اعتبار اچي تہ وسندو.

اُگندي جو منچرو الهندي جي موگهہ
جوٽو چوي گاگن کي، نيون وهنديون گهوگهہ

عام روايت ۾ هئي بيت هن طرح تہ:

اوير سندو منچرو اولهہ سندي مونگهہ
واڙيو واڙيو وچڙا، نئن وهندي اونگهہ

يعني: جي سج جي ايرڻ وقت انڊلٺ (مچڙو) نڪري، ۽ سج لهڻ وقت الهندي ڏانهن موگهہ نظر اچي نہ پوءِ نيون گهوگهات ڪري وهنديون. انڊلٺ، منچرو (يا مچرو يا مچڙو) پينگهہ ۽ وسا ورني اهي چارئي نالا انڊلٺ جا. موگهہ (يا مونگهہ) سانوڻ جي مهيني ۾ سج لهڻ وقت الهندي طرفان جهڙ جي مثل ڳاڙهي ليڪ چڙهندي ۽ ايرندي ويندي.

ڪاري ڪنڊير اُلهي، رتيءَ رَينَ شُعاء
جوٽو چوي گاگن کي، پاٽي پَٽِ نہ ماء

جي سج لهڻ وقت الهندي طرف ڪڍير يعني ڪارين ڪڪرين جون قطار واريون چوٽيون ٿين ۽ ڳاڙهي شعاع سان سج (رين) ايري، تہ پوءِ (ايترو مينهن پوندو جو) پاٽي پٽن ۾ نہ ماپندو.

ڪاري ڪنڊير آلهي، ٻاڙهي رتي وهاء
سڻ جوٽا ڳاڳن چئي، آيو ڪر ٻولاء

جي الهندي طرف ڪاري ڪڪر هجي ۽ پڻ ٻاڙهاڻ مان سج ايري، تہ پوءِ ٻولائي چئہ تہ مينهن ڄاڻ آيو. چوندا: ڪنڊير ڪري اٿيو آهي، يعني چوٽين وارا ڪڪر طق ٻڏي مٿي چڙهيا آهن.

- جي ڪڪر ڪارا هوندا پر ڏکڻ جو تڏو واءُ چوٽ پيو لڳندو ۽ چمر پيو هلندو تہ منهن ڪونہ پوندو:

جي ڪارا چمر، تڏا واءَ
تہ ماءَ چيو پٽ کي: ابا وينو ڳابا ڳهي کاءَ

## مهينن مطابق مينهن:-

سنڌ ۾ مينهن جي پڪي مند سانوڻيءَ جي جنهن ۾ جيٺ کان بڊري (جون کان سيپٽمبر) وارا چار مهينا شامل. اها مڙئي مند مينهن جي، ڪنهن بہ وقت وسي تہ وس ڪري، چوندا:

جڏهن وسي تڏهن وس، مند مڙيائي مينهن جي

- چيٽ جو مينهن: پهرئين مهيني چيٽ وارو مينهن اوائلي آهي ۽ ان تي آڳاٽو فصل ٿيندو. تڏهن چيائون تہ:

چيٽي مينهن، پُٽيني پٽ، ڪنهن ڀاڳ واري کي ملن

'پُٽيني پٽ' يعني شادي بعد سگهوئي پهريون پٽ. پر جي چيٽ جو مهينو گهٽو مٿي تي ۽ ٿورو جون تي وينو ۽ جي مينهن وٺو ۽ پوک تي تہ ان آڳاٽي فصل کي جهولو ساڙيندو. تڏهن چيائون تہ:

چيٽ نہ چِمڪو ڀلو، وٺو ڀلو نہ جيٺ
رٺو ڀلو نہ راجا، ڪُتو ڀلو نہ سيٺ

چمڪي ۾ وڄ ڪرندي ۽ ڳڙو پوندو جيڪو چيٽ جي فصل کي ماريندو. جي چيٽ وسندو تہ باراني واري پوک کي جهولو ساڙيندو. هن سال (2003ع) جو تجربو جو چيٽ (اپريل) ۾ مٺي ۽ اسلام آباد ڪوٽ طرف زبردست برسات پئي. گاهہ ٿيو ۽ ماڻهن ٻاجهري ڪاهي ۽ سلا وڏا ٿيا. پر پوءِ مئي ۾ سخت جهولا لڳا جن گاهہ توڙي فصل ساڙي ڇڏيو. بعضي ايئن

ٽيندو جو چيٽ وسندو تہ سانوڻ پورو ڪونہ وسندو. چوندا: چيٽ چمڪيو تہ سانوڻ کي ڏڪ لڳندو. چوندا: چيٽ ونو سانوڻ مُنو

- آکاڙ جو مينهن: چوندا آکاڙ (جولاءِ) جي چوڏهين پنڌرهين تي جيڪڏهن جهڙ ڪڪر هوندا تہ پوءِ سڪار ٽيندو: پر جي چوڏهين سهائي هوندي تہ مينهن گهٽ پوندا.

آکاڙ جي پورن ماه جي اڀ ۾ ڪڪر وڄ
تہ اَن ويچجاءِ ماڙهئا، گهر رکجاءِ ٻج

جي آکاڙ جي پورن ماه، چنڊ نرمل هوءِ
تہ ان جا نکجاءِ مڙهئا، ڪڻ نہ ڪيجاءِ ڪوءِ

يعني جي آکاڙ جي مهيني جي چوڏهين تي آسمان ۾ ڪڪر هجن تہ پوءِ مينهن وسندا ۽ ان جام ٿيندو انهي ڪري رکيل ان وڪٽي ڇڏجو ۽ رڳو ٻج لاءِ رکجو. پر جي چوڏهين جو چنڊ چٽو ڏسبو تہ پوءِ ان سنڀالي رکجو ۽ ڪٽو بہ ٻاهر نہ ڪيجو. جانڪڻ معني قابو ڪرڻ، ٻڌڻ، سنڀالي رکڻ.

- آکاڙ جي شروع وارو مينهن پوک لاءِ ڪارائتو.

آکاڙ جي ٻيج، جي بدل ڪري بيج
تہ نيڙي رکج ٻڙڏڙا، جهوڙي رکج بيج

يعني:جي آکاڙ جي مهيني جي ٻي تاريخ بادل جي وڄ يا ڪنوڻ ڪري تہ پوءِ ڏاند (ٻڙد) ويچها ڪر ۽ ٻج جهولي ۾ ڪر.

آکاڙ ۾ آگم ڪري، سانوڻ صحيءَ وسي
ٻدي کي پر ڏيئي، ويڙيون پري وسي

يعني آکاڙ جي مهيني ۾ آگم ٿيندو پر سانوڻ ۾ سڌو صحي وسندو. سانوڻ ۾ آسمان لڙاٽيل هوندو جڏهن ان ۾ مينهن سمايل آهي. سانوڻ ۾ چنڊ ۽ تارا بہ ايڏا چٽا نہ هوندا. چوندا:

سانوڻ جون سهايون، آکاڙ جون اونداهيون (ٻئي هڪ برابر)

- ٻدري ۾ مينهن جا ڇڊا وسڪارا ٿيندا، يعني اوهيرا ٿيندا ۽ جٽي ڪٽي ٿيندا. انهن وسڪارن کي سنڌ ۾ ٻدري جا ڏاروڙا بہ چون.

- اَسوءَ جي مهيني ۾ بہ مينهن پوي پر اهو فائدي وارو ناهي:

اسوءَ سندي مينهڙين تن تولن وِڻاه
ڪيرين ڪونئر، ٻيرين ٻُور، وونئڻن ۾ ڪپاه

يعني اسوءَ جي مينهن مان ٽن شين کي نقصان آهي: ڪير يعني ڪونيٽ جي وڻ ۾ ڪونئر ڪي، چاڱري ٻير ۾ ٻور ڪي (جو مينهن سببان ٻور ڇڻي ويندو) ۽ وونئڻن کي نقصان ٿيندو.

- ناهري جو ميهن: ناهري خاص سنڌي نالو آهي، ٻيو نالو مَگِهر آهي جيڪو آڳاٽو سنسڪرت مان آيو. رات جي سهائي ناهري مهيني جهڙي ٻئي ڪنهن مهيني جي ناهي جو آسمان ۾ تارن جي روشني ڇٽي هوندي. خاص طرح ناهري مهيني جي چوڏهين جي چنڊ جي سونهن ۽ سهائي لاءِ وڏي سگهڙ شاعر جلال ڪتي چيو تہ:

ڪر چوڏهينءَ چنڊ ناهري، ڪڙي منجهہ خمار

چوندا: ناهريءَ جي چوڏهينءَ جو چنڊ ڪلندو. ان رات مصري ٻاهر ڪڍي رکندا تہ ان کي چنڊ جا ڪرٽا لڳن.

- مانگهہ جو مينهن: چوندا: 'مانگهہ' سياري ڏني 'تانگهہ' يعني سيارو گهٽيو ۽ سيءُ گهٽيا.

مانگهہ آڏين، ڪمر ڪنڌين، آيا اتر پاند
هرٽيون اهل وياٿيون، ڳوبون ڳُنڌين ڏاند
منڊ هيڪلياٿي سمهي، واهي وجي ڪانڊ

يعني مانگهہ مهيني جي اڌ پوري ٿيڻ تي، 15تاريخ ڏاري، هڪ تہ سيءُ ايترو گهٽجي ويندا جو ٿلهو ڪتو (ڪمر) بدن کي ويڙهيل بدران ڪلهي ڪنڌ تي رکيل هوندو: هرٽيون سڀ ويامي ويون هونديون، ۽ ڳانئن جي لڳ جي موسم هوندي ۽ سانهہ انهن کي پيا سنگهندا (ڳنڌڻ=بوءِ سنگهڻ): گهر واري اڪيلي هوندي جو مڙس رات جو چيٽ جي فصل جو واهي هوندو.

## نکتن جي ايرڻ مطابق مينهن

پوک وانگر مينهن جا نکٽ بہ تي: ڪتي، تيڙو ۽ لُڏا. اهي ٽن مهينن جي عرصي ۾ هڪ ٻئي پويان ايرندا ۽ مينهن آڻيندا. چوندا: وسڪارا تي، هڪ ڪتي جو ٻيو تيڙو جو، ٽيو لُڏي جو. ڪتي ايري تہ مينهن ڪتي نہ

ڪتي ضرور وسندو. اهو وسڪارو جڻ ڪتيءَ جي ايرڻ جي نشاني آهي. تيڙو ايريا تہ مينهن جتي ڪتي پر ’تنگڙتپو‘ يعني هڪ دڙي تي هوندو تہ ٻئي تي نہ هوندو. لڏا ايريا تہ بہ مينهن جتي ڪتي پرچڊرا وسڪارا ۽ اوهيرا.

- ڳتيون. مينهن جي پوري مند سانوڻ مهيني ۾ جڏهن ڪتيون پريات جو ايرندان نڪري اچيون ٿين، مٿي چڙهي چٽيون ٿين، نروار ٿين تہ چوندا:

ڪتيين اچ، پاٽيءَ بَچ

يعني ان وقت مينهن جي پاٽيءَ جو زور (بچ) پر ڪتيون مٿي چڙهي ڪاپار تي آيون تي مينهن جي موسم اڳ ختم ٿي وئي. درياءَ ۾ بہ پاٽي لهي ويندو. چوندا’ ڪتيون ڪاپار، پاٽي پاتار‘ يعني ڪتيون ڪاپار تي آيون تہ پاٽي وڃي ٿَرو وٺندو، پاتال ۾ ٿيندو. تڏهن چيائون تہ:

ڪتيون آيون ڪاپار، تہ بہ ماسي تي مينهن گهري!

- تيڙو اندازاً سانوڻ جي 17 تاريخ ايرندو ۽ تيڙو ايرڻ سان جتي ڪتي مينهن پر چوندا: ”تنگڙ تپوتي“ يعني تيڙو (تنگڙ) جا تپا آهن، هڪ دڙي تي وسندو تہ ٻئي تي ڪونہ وسندو. چوندا سانوٽي جو مينهن مينهن جي هڪ سگ تي وسي تہ ٻئي تي نہ وسي.
- بدري ۾ لڏا ايرندا ۽ لڏن جي موسم ۾ بہ مينهن جتي ڪتي پر ٿورا وسڪارا. چوندا: بدري جا ڏاروڙا. لڏا ڪاپار تائين تيسين تائين مينهن جو آسرو پر جي لڏن واري مند ۾ مينهن نہ وٺو تہ پوءِ آسرو لهندو: وري ايندڙ سال جو وارو آيو تہ وسندا. چوندا:

لڏا لاهي ويهہ، وٺ وَسندَئي مينهڙا

## مٺو ۽ ڪارو مينهن

مينهن هڪ مٺو ٻيو ڪارو. اها خبر ڪجهيءَ واري کي پوندي جو مٺو مينهن ڪجهيءَ کي فائدو ڏيندو ۽ ڪارو نقصان ڪندو. ٿانءَ ۾ مينهن جو پاٽي جهلي چکبو تہ بہ ذائقي مان فرق معلوم ٿيندو. ٿر ۾ ڪارو مينهن ڦوڳ، ڦير، ٿُمي ۽ ٻير کي ساڙيندو.

## مينهن جا وڏيڪ مجيل اهڃاڻ

آٿيج معني پار آثار نمونا ۽ اهڃاڻ جن مان مينهن جي وسڻ جا ڪاتا ڪجن. هيٺ ڏکڻ سنڌ ۾ مئي- جون ۾ سمنڊ مان اُڀ اٿندي ۽ اولهه- ڏکڻ واري هوا تي اتر-اوڀر ويندي. ان جو خاص نالو ڪوئل، پر اها اڀ ڪڪرن مثل (بعضي وڏن ڪارن ڪڪرن مثل). ان کي جهُڙ بدران ڇَمر چوندا. ڇپر (ڪوهستان) ۾ جهڙ کي عام طرح بہ ڇمر چون.

### -ڇَمر ۽ ڇتي

ڇمر ڀاڙ جا ڪڪر آهن جيڪي ڏکڻ-اولهہ واري هوا تي اتر- اوڀر وڃن. ڇمر ڇتي ٿيندي، شايد معنيٰ تہ اڃاڻ ڇڊا ڪڪر ٿيندا. اهو مينهن جي وسڻ جو اهڃاڻ يا آٿيج آهي. ماڇي خان جوکيي جو بيت آهي تہ:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڇَمَر ۽ ڇتي
مينهن جي ماڇي خان چوي، سارنگ منجهہ سٽي
مارن ساڻ مٽي، ڇنئون ڇنندي ڪينڪي.

ڇنئون ڇنندي ڪينڪي، يعني ڇنڻ سان ڪانہ ڇجندي. چوندا ڇتي ٿي تہ مينهن وسندا ۽ ڀيڙ وهندا يعني ڪڪر آمهون سامهون هلندا ۽ وسندا. ڇمر واءَ سان واءَ واري پاسي هلندا ۽ مينهن وارا ڪڪر مٿي هلندا ۽ واءَ کي سامهون هلندا. چوندا: اُتران ڪڪر ڀرجي بيٺا آهن، ڏکڻ جي واءُ جو قاصد وڃي تہ وهلا ورن.

### - آڙنگ ۽ آڳم

مينهن جي مند ۾ آڙنگ ٿيندو: يعني هوا بند ٿيندي. ڏينهن گرم ٿيندو ۽ رات بہ گرم ٿيندي. جي ڏکڻ جو واءَ ڇوٽ ڀيو لڳندو تہ آڙنگ ڪونہ ٿيندو. آڙنگ وقت جيڪڏهن ڪي ڪڪر بہ هوندا تہ ان حالت کي 'آڳم' چئبو. گهرن ۾ گهٽ ۽ اُگهم. ڀاهر آڙنگ ۽ آڳم.

### - ٻوهہ، ٻوهہ ڪري بيهڻ

ٻوهہ يا ٻوها يعني آثار. سانوڻ ۾ جيڪڏهن ڏينهن توڙي رات صاف پر گهٽ ۽ اگهم هوندو تہ چوندا: ٻوهہ ڪيو بيٺو آهي.

### - ڪڪرن جا ڇٽ

هڪ ٽتر ڪرڙي وارا ڇٽ. ۽ ٻيا ڪڪرن جا انگ ۽ ونگ. ورن ۽ رنگ

رسالي جو بيت آهي تہ:

جهڙي لالي لاک جي، تهڙي سارنگ سٽ
ايئن سي اُبن انگيا، جيئن سي چنيءَ چٽ
برسي پاسي پٽ، پريائين ڪن ڪراڙ جا.

## - ڪنوڻ

ڪنوڻ جو نمونو ۽ ڪنوڻ وارو طرف سجاڻي چوندا تہ ان طرف مينهن آهي. ڪنوڻ جو ڏس (طرف) سجاڻي تر وارا پورهيت تر ڏانهن روانا ٿيندا، ۽ الهندي طرف ڪوهستان جا پورهيت جبل ڏانهن موٽندا. چوندا: مند واري ڪنوڻ ضرور مينهن آڻيندي:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪئي چوٽي
منداڻتي مينهن جي ڪنوڻ نہ ڪوٽي
سيريئون ڦر موٽي، ونهڪين وڇ وراڻيا.

يعني مينهن پيو. گاهہ ٿيا ۽ جيڪي ڳئون ۽ مينهون وهڪي وبون هيون تن بہ وري ڦر ڪنيا. سانوڻ جي ڪنوڻ معني ڪڪر ۽ مينهن. سگهڙ چيو تہ:

ڪڪرين ڏاران نہ گوڙيون، وڄين ڏاران نہ مينهن
اکيين ڏاران نہ آشنائي، درد ڏاران نہ نينهن

سانوڻ ۾ اتر- اوير ڪنڊ ڪان ڪنوڻ ٿي تہ پڪ ڄاڻندا تہ مينهن ايندو جو اها منداڻتي ڪنوڻ آهي. ان کي ٻڪراسي يا ٻڪرار ڪنوڻ چون. ڪاري (ساموندي ڪناري) طرف، اتر- اوير واري ڪنوڻ کي 'احساني ڪنوڻ' سڏين. چوندا: 'احساني اُسري آهي' (يعني چڙهي آهي). اتر-اولهہ جي ڪنڊ واري ڪنوڻ کي 'ٻاڪرال' يا 'ٻڪرال' چون.

## (ج) موسمون ۽ مندون

اي سڄڻ! ڄاڻ تہ ڳالهائڻ ۾ 'موسم' جو لفظ گذريل ٻن سئو سالن اندر وڏيڪ رائج ٿيو آهي. اصل ڪان، سنڌ ۾ هارين ۽ مالوارن وٽ پڪو نالو مُدَ (مند) آهي. اڄ جو پڙهيل موسم ۽ مند ساڳي معنيٰ ۾ ٿو استعمال ڪري، پر مالوند ۽ هاري جي ٻوليءَ ۾ راقم کي موسم ۽ مُد ۾ فرق محسوس ٿيو: موسم نالو گهٽي ياڳي آبهوا سان لاڳو آهي ۽ مد (مند) نالو مال، پوک يا ڪنهن ٻئي ڪم يا شيءَ جي وقت جي مناسبت سان لاڳو آهي.

موسمون عام طرح سال جون ٽي ڀڱٽيائون: سيارو اونهارو ۽ وسڪارو يا سانوڻي. پڪي ٻوليءَ ۾ 'سيارو' چوندا ۽ نہ سياري جي مد (مند)، اونهارو ۽ نہ اونهاري جي مد (مند) البت آرهڙ جي مند چوندا جو ان ۾ ڪتي جو فصل ٿو پوکجي ۽ پڻ سانوڻيءَ کي سانوڻيءَ جي مد (مند) چوندا جو ان ۾ سانوڻيءَ جي پوک يا فصل کي اهميت آهي. سيارو يعني سيءَ وارو. اونهارو يعني گرمي وارو. سانوڻ يعني مينهن وارو. انهيءَ ڪري آب هوا جي لحاظ سان، سياري جي موسم، اونهاري جي موسم يا سانوڻي جي موسم چوڻ مناسب ٿيندو. انهن ٽنهي موسمن مان هر هڪ جي مدت چار مهينا، پر مندون سال ۾ گهڻيون ٿينديون: مثلاً ڪنهن ستاري يا نکٽ اڀرڻ جي مند، ڪنهن واءَ لڳڻ جي مند، مينهن جي مند، هر فصل پوکڻ جي مند، ڪنهن ميوي لهڻ جي مند (پيرن جي مند، ٻيرن جي مند) مال جي وٿاڻن ۽ واڙن مٽڻ جي مند وغيره.

آئي اتر مند، ساموندين سڙهہ سنبايا

يعني اتر جي واءَ لڳڻ جي مند، اوائلي سياري وارو وقت.

مند ٿي منڊل وڄئا. تاڙي ڪي توار

يعني مينهن جي مند ٿي.

هن مند مارو سنرا، واگهين وهاري

يعني مينهن واري هن مند ۾ مارو خوش آهن، جڏهين هو پنهنجو مال مٿي (واگهين) پٽ تي ٽا ويهارين.

- شاعر عاقل (اٻاوڙي طرف جو) مارئي جي زباني ماروئڙن جي ٻارهن مهينن جي گذران بابت هيٺيان بيت چيا جن ۾ مندن جي ماحول جا اهڃاڻ ڏنائين.*

ڦڳڻ- تڙ مارن جا تار هئا، ڦڳڻ حال في الحال
تڏي پرينديس ٽانوڙا، چري موٽا ٽئڙن مال

---

* اهي بيت سگهڙ شاعر غمتار مهر ٻڌايا جڏهن 5 نومبر 1967ع تي مرحوم جيوڻ خان پٺاڻي جي گوٺ (زمين واري اوطاق، تعلقو ميرپور ماٿيلو) تي وڏي ڪچهري ٿي. شاعر عاقل اڳ ٿي گذريو. اهي بيت اصل مقامي ٻوليءَ ۾ جيئن چيل هئا تيئن راقم ڪوشش ڪري لکيا. ڪن لفظن جي معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي.

رونس[1] گذاريم ڏينهڙا مٿي سانوڻ سال
هي ٿم حال حوال، تن سانگين ۽ ساٿيھ جا.

چيٽ۔ ٽا[2] ميوا مارواڙن ڏي پهلي چيٽ پئي
آنہ چاڙهين آجڙي، ڪاون ڪاج خوشي
عمر راو رسي، ڪر نہ اهڙي اجڙوال سان.

ويساک۔ تڙ مارن جا تار ٿيا، ورتي[1] منجھ ويساک
ڪرڙ ڪنڊي مون ڪامٽيون ڍوهيون اڇن ڍاک
مان وٽ اينديون سرتيون وتنديون ساهيڙيون ساک
عمر هيءَ مذاق، ڪرنہ اهڙي اجڙوال سان.

جيٺ۔ ٽا ميوا مارواڙن ڏي مئي منجهائون[2] جيٺ
مٿئون چونڊي آجڙي، ٽا هيٺئون گهمن گهيٽ
مان ڏي سرتين موڪليا پري پانئڻ پيٽ
مٽ نہ ڪر ميان سومرا، تون نہ مٽ برابر ميٺ
عمر لاهہ اُميٺ، ملان شال ملير ۾.

آکاڙ۔ٽاميوا مارواڙن ڏي آهڙ[3] منجھ عميق
پئي تي پنهوارن جي ڪنڊي ٻوٽي چيڪ
مٽ نہ ڪر ميان سومرا تون سوجهي ڪر شريڪ
لوئي لاهہ نہ ليڪ، آءَ اڳ اباڻي وڃڻي.

سانوڻ۔ٻڊرو۔سانوڻ لنگهي لانگهائو ٿيو آيو ٻڌه ٻلي
اُڀن اوهيرا ڪيا وُٺو پيرِ جهلي
سالڪ ٻگالھ سَلي، چڱا ڪم ڪريم جا.

اَسو۔ سرَءَ سڪيري[4] سجڻا ماه اَسو آيو

---

[1] 1. رونس=رونشو خوشي
[2] 2. ٽا=ٿيا (ٻولي آهي). آني=آڻي (ٻولي آهي). پهلي= پهرئين. آجڙي=اجڙوال، مال وارا.
[1] ورتو= بيٺو. شروع ٿيو ويساک جي بيهڻ سان. ڍوهڻ=روڙڻ.
[2] مئي منجهائون=خوشي منجهان گهيٽ=گهيٽڙا. پانئڻ=پاڻ، وڏا ٿانوَ. اميٺ= رنجش
[3] آهڙ=ارهڙ، آرهاڙ آکاڙ لوئي ليڪ= ليڪ لون جي، پاند لوئيءَ جو.
[4] سڪيري= گذري. 5.ورٽا ڏي= وطن ڏي، منگهر= ناهري جي مهيني ۾ گهونو= پٽ جي اوٽ.

پاٽي موٽيا پوئتي سانوڻ سڏاريو
هر ڪنهن پنهنجي وطن تي وري واجهايو
ڪر ساجن ڙي سعيو آئي مند ملڻ جي.

ڪتي-ڪتي منجهه ڪتن، ات سرتيون سهج ڪيون
اڃيون لوبون اُن جون ڪامل ڪاريون ڪن
هُن جون مَجيون مجر رتيون پاڳون پنهوارن
مان پي منجهئون تن، مونکي ڪڏ نہ ڪاٽياري ڪري

مگهر-وَريا ويڙيچا ورَٽا ڏي مَگهرِ ماروئڙا
واسيائون واريءِ جا تانَ وڏا ترڙا
اڏيائون عاقل چئي، گهونن ۾ گهرڙا
لڳا هَنِ لڳن کي ميڙيندي مرڙا
باباڻن ٻڪرڙا، تا مڻ مڻ ڪن ملير ۾.

- چٽر، چٽرون: چٽر/چٽ معنيٰ چٽائي يا اڇاڻ. سانوڻ مهيني ۾ آخر ۾ ٻرپ اڇڙا گوش ڪڍي نسرندا. ٻئي مهيني بڊري ۾ ڪانهہ ۽ پوءِ سر جا گنگ اڇا گوش ڪڍيندا.

سرءَ لڳي، سر موريا ڪڍيا گوش گنگن

ايئن سائي فصل سان لڳ اڇاڻ تيندي انهيءَ اڇاڻ کي 'چٽ' سڏيائون. ان جو ٻيو نالو 'چانهہ' يا 'چانهين' معنيٰ اڇاڻ يا اڇاڻ واري. هڪ ٻئي پويان، ٻرپ، ڪانهہ ۽ سرجي اڇن سنگن جي اڇاين يا چانهين جي لحاظ سان جمع ۾ 'چٽرون' يا 'چانهيون' چيائون.

وڻ 'لَئو' اڳ ۾ تو 'ڪنگو' ڪري، انهيءَ ڪري ڪي ڪُنگوءَ جي چٽائي کي پهرين 'چٽ' ڪري ڳڻين. پر عام اتفاق انهيءَ تي آهي تہ چٽون جملي ٽي:

- پهرين چٽر/ چٽ ٻرپ جي، جيڪو سانوڻ جي مهيني ۾ نسرندو.
- ٻي چٽر/چٽ ڪانهہ جي يا ٻُوڙي جي (ڪانهہ جو ٻيو نالو ٻوڙو) جيڪو سانوڻ جي آخر ۽ بڊري جي شروع ۾ نسري.
- ٽرٽي چٽر/چٽ سَرَ جَي. 'ڪانهہ جي چٽر پڳي، سَر جي لڳي،'اهو تڏهن جڏهن ڪَبَر سَر جي ڪاني تي ويهي سگهي. اصل نالي جي لحاظ سان،

سَر جي معنيٰ ٿي آهي سچو سر. سر ٻہ قسم آهي: هڪ سَر ٻيو ڪسر، يعني هڪ سچو سر ٻيو ڪوڙو سر. ڪوڙو سَرُ اڳ ۾ نسرندو ۽ سچو سر پوءِ نسرندو. رسالي ۾ شاهہ صاحب جو بيت تہ:

سَرَ لوهيڙا ڳيِيَا، ڪُسَرَ نِسِرِئا

يعني سَر (سچا سر) اڃان ڳپيا آهن، پر ڪُسر (ڪوڙا سر) نسري ويا آهن. انهيءَ لحاظ سان، پهريائين ڪوڙي سر جي چٽر، ۽ ان جي پويان سچي سر جي چٽر، ۽ جڏهن اها پڳي تہ ٿيو سيارو. چوندا: وڙهي سر واري پوئين اڌ چٽر تي. ان وقت ڏينهن ۾ سخت تاوڙي، تيک ۽ تک جيڪا لڳي ۽ نقصان ڪري، ايترو جو گهوڙي کي بہ گرمي مارينديءَ چوندا: 'گهوڙا مار ڏينهن' چوندا: اسوءَ هس ٻرن، يعني ڳهہ بہ ٻرندا ۽ زالن کي سختي ٿينديءَ گورک پکي جيڪو گرمي گهري سو بہ اَسوءَ ۾ چانو ڳوليندو ناڙي طرف. چٽر ۾ پهرين مٽ جانيي، سرنهہ، مٽرن، چٽن جي.

3 مارچ 1966ع تي چُونڊڪي (تعلقو سوراهہ، ضلعو خيرپور) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ وڏي سگهڙ بودن فقير پنيري (جيڪو پوءِ اپريل جي 30 تاريخ ڏاري گذاري ويو) چٽن کي هن طرح بيان ڪيو.

- هڪ چٽون، ٻيون نٽون، چوندا چٽون چڳيون، نٽون نہ.
- ڏهہ چٽون، ڏهہ نٽون، ڏهہ چاهيون، ڏهہ ماهيون:
- پهرين ڏهہ چٽون ٻرپ جون، يعني ٻرپ نسرندو
- ٻيون ڏهہ نٽون ڪانهہ جون، ڪانهہ نسرندو
- ڏهہ چاهيون:سَر جون، سر نسرندو

ڏهہ ماهيون چيڙ جي ماه (ڳپ) مٿي ٿيڻ واريون: تڏ پوندي چيڙ مٿو ٿي ويندو.

- **اونهاري ۽ سياري جي پڄاڻي:** اونهاري جي پڄاڻي (يا سياري جي آمد) ۽ سياري جي پڄاڻي وارن عرصن کي پوريءَ طرح ڏيان ۾ آندائون ۽ خاص طور تي انهن عرصن کي ترن، جون، سرن، برن جي مقدار سان ورچيائون. هيءَ ورڇ هڪ نرالي نوع جي ۽ نهايت دلچسپ آهي. اونهاري جو وڏي ۾ وڏو ڏينهن سنياريائون جنهن کان پوءِ جڻ اونهاري موٽ کاڌي. پوءِ ڳڻيندا تہ ان کان پوءِ سياري جي اچڻ تائين هڪ هڪ ڏينهن ڪيترو گهٽيو يعني ان ۾ ڪيتري ڪتر پئي، يا رات ڪيترو وڌي. هڪ دلچسپ جدول ذريعي اهو ڳاڻيٽو ڪيائون. اهڙي طرح

سياري جي وڏي ۾ وڏي رات سنياريائون جنهن ڪان پوءِ چڻ سياري موت ڪاڏي: ان ڪان پوءِ سياري جي پڇاڙي تائين هڪ هڪ رات ڪيترو گهٽي يعني ان ۾ ڪيتري ڪتر پئي تنهنجو تخمينو بہ هڪ جدول ذريعي ڪيائون.

چوندا: ٽيڙو اپرندا تہ ڏينهن جي عرصي ۾ ڪتر پوندي ۽ رات وڏندي ٽيڙو 17 تاريخ سانوڻ جي اپرندا. ان ڪان پوءِ يا ٽڏڙي (21 آگسٽ) ڪان پوءِ رات جي وڌڻ لاءِ چيائون تہ "رات ۾ تر پوندا" رات جي اها واڌ واري جدول هن طرح جوڙيائون.

چٽر، بہ چٽرون
چانهہ بہ چانهيون
آٽيو ڪانئيون
پاريون باهيون

يعني هڪ چٽر ڊرپ جي ۽ بہ چٽرون ڪانهہ ۽ سر جون: ٻنهي جي نسرڻ سان هڪ ڪانهہ جي چانهہ يا چانهين يعني ڪانهہ جي گوش يا ڦل جي اچاڻ: بہ چانهيون سي ڪوڙي ۽ سچي سر جي گوشن جون اڇايون.

ٻُڙهي خيري ۾ اناويهن ڏينهن جي جدول هن طرح بيان ڪيائون تہ:

ست چٽر۔ست ٻچٽر
ست چاهيون۔ست ٻچاهيون
پوءِ دردر باهيون

– سياري ۽ سياري جي (سيءَ جي) پڇاڙي کي سمجهائڻ لاءِ جيئن پوءِ هر رات جي گهٽتائي کي ترن ۽ جَوَن جي وٿين جي اندازي سان بيان ڪيائون. چوندا: وڇون اپرندو تہ تر پوندا يعني رات ۾ تر جيتري ڪتر پوندي. ان لاءِ جدول تہ:

ويهہ تر، ويهہ جَوَ
ڏهہ ڏر، ڏهہ سَر
پوءِ بہ ڏهہ ڏهاڙا ڏر
متان وائي ڏيئي ور
ستي رڪئي سوڙ ۾!

(وائي جو ور يعني اتر۔اولهہ ڪنڊ جي واءَ جو وڪڙ)

اهو جملي ستر(10+10+10+20+20+) راتيون ۾ ڏينهن. جئن ته 21 ڊسمبر واري سياري جي رات وڏي ۾ وڏي ان ڪان پوءِ رات گهٽبي يعني ان ۾ تر تر جي ڪتر پوندي. ايئن جملي ستر راتيون جيڪي 22 ڊسمبر ڪان وٺي اندازاً فبروري جي پڇاڙي تائين گهٽبيون وينديون. هن چوڻي موجب 20 فيبروري تائين سيءُ هوندو پر ڏهه ڏينهن بيا. وينديءَ فيبروري جي آخر تائين به خيال رکبو ته متان اوچتو سيءُ نه اچي وڃي. ان سيءُ لاءِ چوندا ته:سيارو پڇاڙيءَ واريون چڙهيون ٿو هٽي. چوندا: اهي ست سيءُ وڇونءَ جي ڪنڊ جي اپرڻ وارين ستن راتين جا.

- **سج جو اتر يا ڏکڻ ڏانهن سرڻ ۾ بيهڻ:** سج کي جانچيائون ۾ ڏنائون ته اونهاري جو سج وچ-اوپر ڪان اتر ڏانهن وڏي ٿو سري ٿو هلي ٿو تان جو وڃي هڪ حد تي بيهي ٿو: اتان وري پوئتي وري ٿو موٽي ٿو تان جو سامهون وچ- اوپر تائين اچي ٿو. ايئن اونهاري جا پهريان ٽي مهينا وڏي ٿو ۽ پويان ٽي مهينا پوئتي وري ٿو. سياري جي شروع ٿيڻ سان ڏکڻ طرف وڏي ٿو سري ٿو تان جو وڃي هڪ هنڌ بيهي ٿو. اتان وري پوئتي وري ٿو تان جو سامهون وچ-اوپر تي اچي ٿو. ايئن سياري جا پهريان ٽي مهينا ڏکڻ ڏي وڏي ٿو ۽ پويان ٽي مهينا پوئتي وري ٿو. 16 ڊسمبر 1987ع تي سيٺارجن جي سجاڻ مولا بخش (پاڙو وڏهر راڄپر، عمر پنجاسي سال) سان رهاڻ ٿي جنهن چيو ته: اهو ترن، جون، سرن ۾ برن جو ڳاٽيتو سج جي انهيءَ هلڻ چلڻ سان به لاڳو آهي، چاڪاڻ جو انهيءَ ڪري ئي اونهاري ۾ پهريان ڏينهن وڏا ٿا ٿين ۾ راتيون گهٽجن ٿيون، ۽ پويان ڏينهن گهٽجن ٿا ۽ راتيون وڌن ٿيون: سياري ۾ پهريائين ڏينهن گهٽجن ٿا ۽ راتيون وڌن ٿيون ۽ پويان ڏينهن وڌن ٿا ۽ راتيون گهٽجن ٿيون. اونهاري جي پڇاڙيءَ جو وينديءَ پڇاٽي تائين، راتين ۾ واڌ جا تر پون ٿا ۽ ڏينهن ۾ ڪتر جا: سياري جي پڇاڙيءَ جو وينديءَ پڇاٽي تائين، راتين ۾ ڪتر جا تربون ٿا ۽ ڏينهن ۾ واڌ جا.

## (د) سال جا نَوَ چاليها

اي سياڻا! سمجهه ته سنڌ جي سجاڻن سال کي نَوَن چاليهن ۾ ورهايو: يعني سال جون نَوَ مندون ۽ موسمون ڪيائون. ۽ انهن مطابق انهن کي نالا ڏنائون. البت جدا جدا پاڳن ۾، ڪن چاليهن کي نالن جي مٽ سٽ سان

سڏيائون. مثلاً ذڪرڻ سنڌ ۾ ٻن مکيہ فصلن جا نالا چيٽ ۽ ڪتي، پر اتر سنڌ ۾ سرءُ ۽ سانوڻي: چاليهن تي بہ اهي نالا پيا. ٻيو تہ چيٽ جون بہ معنائون: هڪ چيٽ مهيني جو عرصو (فيبروري-مارچ) ۽ ٻيو چيٽ جي فصل (ڪٽڪ) پوکجڻ وارو عرصو (آڪٽوبر-نومبر) انهيءَ ڪري چيٽ واري چاليهي کي ڪن هڪ معنيٰ ۾ ورتو تہ ٻين ٻي معنيٰ ۾.

جدا جدا بيانن کي پيٽيندي هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ: مجموعي طور سان، چاليها هيٺين ڳاٽيٽن ۾ نالن سان سڏيا ويا: (الف) چيٽ، نيهان، هاڙهہ ڪتي، سانوڻ يا سانوڻي، چٽر (چٽ)، سرءُ، سيارو ڦگڻ يا ڦوٿهڙو. (ب) چيٽ، نيهان يا هاڙهہ، ڪتي سانوڻ، چٽر (چٽ)، سرءُ سيارو-1، سيارو.2. ڦگڻ يا ڦوٿهڙو.

پر سوال آهي تہ نَوَ چاليها ڪهڙي ترتيب سان ڳڻجن. ڪي ڪتي جي فصل کان ڳڻين يعني پهريون چاليهو ڪتي وارو، ڪن جيڪو اتر ۾ جوئر جو چاليهو بہ سڏجي. پر جيئن تہ سنڌ جو شمسي سال چيٽ کان شروع ٿئي ٿو تنهن ڪري پهريون چاليهو 'چيٽ' مناسب ٿيندو. ٻيو سوال تہ هر چاليهي ۾ ڪهڙن مهينن جا ڪهڙا چاليهہ ڏينهن شامل سمجهجن ۽ ڪهڙين تاريخن کان هر چاليهي جي ڳڻپ شروع ڪجي؟ انهيءَ باري ۾ جدا جدا ماڳن تي جدا جدا ويچار ۽ پنهنجيون مقامي روايتون آهن.

نصرپور جي مشهور شخصيت ۽ شاعر سائين مصري شاهہ تاريخ 11- رمضان سنہ 1322هہ (1880ع) تي پنهنجي ڪچهري ۾ سال جي نَون چاليهن کي ٽن موسمن جي ورڇ سان هيٺين طرح سمجهايو:*

### سانوڻ يا سانوڻي جي موسم جا ٽي چاليها

- پهريون چاليهو جيٺ جي 17کان آکاڙ جي 27 تائين
- ٻيو چاليهو آکاڙ جي 28 کان بِدي جي 7 تائين
- ٽيون چاليهو بدي جي 7 کان اسو جي 17 تائين

### سياري جا ٽي چاليها

- پهريون چاليهو اسو جي 17 کان ڪتي جي 27 تائين

* سنہ 1322هہ ۾ سائين مصري شاهہ جي ڪچهرين جي اهڙن بيانن کي ان وقت سندن خاندان جي قادر شاهہ (وڏي) قلمبند ڪيو. راقم اهي اصلوڪا ڪ غذات ننڍي سائين قادر شاهہ (مرحوم) وٽ سنہ 1966ع ۾ ڏٺا ۽ ڪي بيان اتاريا.

- ٻيو چاليهو ڪتي جي 27 کان پوهه جي 7 تائين
- ٽيون چاليهو پوهه جي 7 کان ماگهه جي 17 تائين

## آرهڙ يا اونهاري جا ٽي چاليها:

- پهريون چاليهو ماگهه جي ١٧کان ڦڳڻ جي ٢٧تائين
- ٻيو چاليهو ڦڳڻ جي ٢٧کان ويساک جي ٧تائين
- ٽيون چاليهو ويساک جي ٧کان جيٺ جي ١٧تائين

سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ مندن توڙي چاليهن جي ڳڻپ جي شروعات، چاليهن جا سلسليوار نالا ۽ هر چاليهي جي مدت وارين تاريخن بابت اتر ۾ لاڙ ۾ ٿورو فرق آهي، ڇاڪاڻ جو مندن موسمن ۾ فرق آهي. ٿر ۾ ٿلهي ليکي موسمون ٽي:اونهارو، وسڪارو ۽ سيارو. سال جي شروعات ۾ به فرق رهيو. عام طرح سان سال جي شروعات چيٽ کان پرڪي ڪتي کان چون. هيٺ ٺٽي ۽ لاڙ ۾ چيٽ جي مهيني پوري ٿيڻ تي ويساک يا وهاءِ مهيني جي پهرينءَ تاريخ کان سال جي شروعات ڪندا هئا. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پڻ ڄاڻايو آهي ته ”ورهيه ويهي وهاءَ کان“ يعني سال شروع ٿئي وهاءِ (ويساک) کان.

ڄاڻو هارين ڪڙمين، مال وارن ۽ سڄاڻ سگهڙن کان پڇائن بعد مجموعي طرح سان سال ۾ نون چاليهن جي هيٺين سٽاءَ ذهن نشين ٿي جن جي آڏو انگريزي مهينا ڏنا ويا آهن ته سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. هر چاليهي جون تاريخون مصري شاهه ﷺ واري جدول مطابق رکيون ويون آهن.

- چاليهو چيٽ 27 ڦڳڻ_7 ويساک مارچ —1پريل
- چاليهو هاڙهه/نيهان 7 ويساک_17 جيٺ مئي_جون
- چاليهو ڪتي 17 جيٺ_27 آکاڙ جون_جولاءِ
- چاليهو سانوڻ 27 آکاڙ_7 بڊو جولاءِ_آگسٽ
- چاليهو چنڊ/چٽ 7 بڊو_17 اسو آگسٽ_سيپٽمبر
- چاليهو سرءُ 17 اسو_27 ڪتي سيپٽمبر_آڪٽوبر
- چاليهو اول سيارو اسو_27 پوهه آڪٽوبر_نومبر
- چاليهو چوٽ سيارو 7 پوهه_17 مانگهه ڊسمبر_جنوري
- چاليهو ڦڳڻ/ڦوٽهاڙو 17 مانگهه_27 ڦڳڻ فيبروري_مارچ
- هر چاليهي جي نوءَ ۽ مند جا اهڃاڻ هيٺينءَ طرح.

- **چاليهو چيٽ:** چيٽ جو چاليهو يا چاليهه ڏينهن جنهن ۾ چيٽ جو مهينو

۽ جنهن ۾ چيٽ جو فصل (ڪٽڪ وغيره) لهندو. وڻ ۽ ٻوٽا ڦٽندا. ٻاهڻ ڦٽندو مگرا ڪيڊندو: سرنهن دير مان گونچ ڪيڊندو. ڏينهن گرم ٿيڻ شروع ٿيندا. ڪتي ڪتي ڪڪر ٿيندا ۽ جي مينهن پيو ته فصل کي نقصان ٿيندو. هن چاليهي ۾ ٻاڳيا مال جا پاڻ وٿاڻ نه بدلائيندا: مينهن کي رڳو هڪ قلعي تان متي ٻئي تي به نه ٻڌندا. اڳ ڪوهن واري آبادي تي بصر، تماڪ، واڱڻ پوکبا هئا.

- **چاليهو هاڙهه يا نيهان:** هي چاليهو ڪتي جي ايرڻ کان اڳ وارو چاليهو. هن ۾ ڏکڻ-اولهه وارو واءُ (واهوندو يا ڪتيءَ وارو واءَ) چوٽ لڳي ۽ جڏهن اهو واءَ جهڪو ٿئي ته جڻ نيهان پوري ٿي. چوندا هي 'چاليهو چاليهو' آهي يعني سخت چاليهو آهي. هن ۾ ڏکڻ-اولهه وارو واءَ گرم جهولو يا سخت لوءِ ۽ لُک ٿي لڳندو. هن ۾ (سواءِ وونٽڻن جي) گهٽو ڪري ٻج نه ڄمندو. سخت گرمي ۽ لوءِ جي ڪري هن چاليهي ۾ پکي به پريشان هوندا. ننڍا نازڪ ڳيرا (ٻاٻيها) دانهون ڪندا ۽ ٿر طرف سخت لک ۾ مري به پوندا. شاهه جي رسالي جي بيتن ۾ آهي ته:

جتي نيهان نڪٽي، ڪن ٻوليون ٻاٻيها

—

ته ڪر لڳنم لُک، ٿر-ٻاٻيهو ٿي مران!

- **چاليهو ڪتي:** يعني ڪتي (نکث) جي ايرڻ وارو چاليهو ۽ ڪتي جي فصل يعني سانوڻي جي فصل ڪاهڻ وارو چاليهو. چوندا: هي ٻج پوکڻ وارو چاليهو آهي. هاڙهه جو چاليهو پڄندو (پورو ٿيندو) ته ڪتي ايرندي. ڪتي آڪاڙ جي 7 تاريخ سرجندي، 17 تاريخ کي ڪي ڏسندا، ۽ 27 تاريخ تي سڀ ڏسندا. آرهڙ ۽ آرهاڙهن چاليهي جا ٻيا نالا آهن. هن ۾ لکون ۽ جهولا جهڪا ٿيندا، هوا نرڻ شروع ٿيندي ۽ پڻ گهٽبي. گهٽ ۽ اُگهم سان مينهن جي مند نهڻ شروع ٿيندي. جهنگ وارن وٽن ۾ 'آر' (جيت) ڪراڪندي ۽ جهنگ ۾ تاڙو پکي تنواريندو.

آرهڙ نهاري، مند سنياري، تاڙي ڪي تنوار
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

اڳ جڏهن هن چاليهي ۾ درياءَ ۾ چاڙهه ٿيندو هو ته واهه ڪڙيا وهندا هئا ۽ ڪتي جا هر شروع ٿيندا هئا. (هاڻي بئراج واهن تي ڪتي جو وونٽڻ وارو فصل ذڪڻ سنڌ ۾ مارچ کان شروع ٿئي ٿو). هن چاليهي جي آخر تائين سڱر پڪو ٿي چٽندو. پهريائين پلڙا/پاپڙا چٽندا. پهريائين سڱر جي ميجر، پوءِ ليٽ، پوءِ ڪچو سڱر، پوءِ پڪو ٿي چٽيو ته ڪتي يا آرهاڙ جو چاليهو پڳو (پورو ٿيو). سڱر چٽيو ته (بئراج واهن کان اڳ) هُرلا ۽ اپٽ وهڻ شروع ٿيا. چوندا هئا:

سڱر ڪيرو ارٿ ڦيرو

اي سياڻا! تون 'ميجر' جي معنيٰ سمجهه. عام ٻوليءَ ۾ ميجر جي معنيٰ وٽن جا گونچ ۽ ٻوُر. پر خاص معنيٰ ۾ ميجر فقط ڪنڊي جي وڻ جو: يعني ميجر فقط سڱر جو. ٻئي وڻ جو ميجز نه چئبو. ميجر مان شڪر جون ڳوڙهيون ڪرن. ناري واري تر ۽ اترئين تر ۾، جهانگي ماڻهو پڪو سڱر ڪتي، ڪپڙ چاڻ ڪري، ان ۾ اونو يا ٻيو ڪير ملائي، باهه تي پچائي کائن. رڌڻ کان سواءِ ايئن کائجي ته پوءِ چئبي ڪُلَرَ.

- **چاليهو سانوڻ:** يعني چاليهو وسڪارو. سانوڻ واري مهيني ۾ مينهن گهڻو وسندو انهيءَ ڪري مينهن واري انهي ٻرپور مند کي 'سانوڻ' ڪري سڏيائون. بيت آهي ته:

وسڪارا سيارا ٿيندا، نيلا ٿيندا نيٽ
ڪتيون ڪاپار ايندِيون، هاري ڪيڙيندا کيٽ

يعني وسڪارا گهٽا ۽ ٿڌ وارا ٿي ويندا جو جڻ سيارا آهن: وٽن ٽڻن جا ٿار ۽ ٿاريون سُبڪ ساوا (نيلا) ٿي ويندا، ڪتيون ڪاپار ڏانهن وڌي ايندِيون ۽ هاري ٻاجهري ۽ جوئر جا فصل ڪاهيندا. سَر ڪاپار تي ڪتيون نومبر-ڊسمبر ۾ ايندِيون.

- **چاليهو چتر/چٽ:** يعني چٽ يا اڃاڻ وارو چاليهو جنهن ۾ ڪانهه، ڪُسر (ڪوڙا سر) ۽ سر (سچا سر) نسرندا ۽ اڃا گوش ڪڍندا. ٻاجهري، گوار ۽ ترن جو فصل لهندو، ماڪ پوندي، ٽپاولي ٿيندي. مال ٻه وروهجي پوندو. يعني انهن کي ورو يا وروهه ٿي پوندو جو ڪن نري ويندا. جان آڪرجي پوندي ۽ وات مان ڳگون ڳڙنديون. ٻاگيا وروهيل ڍور جي مٿان ٽپڙ ٻڌندا، لئي جا گرم ٿارا ٻڌندا، ۽ ڪن وٿان ليهه ڏيندا.

- **چاليهو سَرَءَ**: يعني سَرَءَ يا چيٽ جي فصل (ڪٽڪ) پوکڻ جو چاليهو، ان ۾ آڳاٽيون ياجيون بہ پوکبيون. عام ٻوليءَ ۾ سرءَ جي معنيٰ اونهاري جي پوري ٿيڻ بعد موسم جو متجڻ ۽ نرڻ جنهن سان ٿپاولي ٿئي. ڪانهہ ۽ ڪوڙا سر نسرندا. اهو خاص اسوءَ وارو عرصو جيڪو چٽر/چٽ جي چاليهي جو آهي، ۽ موسم جي انهيءَ مٽ وارو عرصو سرءَ جي چاليهي جي شروع ٿيڻ تائين آهي. هيٺئين بيت ۾ سرءَ جي چاليهي يعني چيٽ جي فصل پوکڻ واري وقت جا اهڃاڻ ڏنل آهن:

سرءُ آئي، سَر موريا، ڪانَون آل ٻچا
ڪونجن روهہ ڦٽا ڪيا، لڳن لوڙهہ منا

يعني سچا سر بہ مورجي ويا، ڪانون ٻچا اڏاري ڇڏيا ۽ اهي ال (نندا)ٻچا ساڻن گڏ آهن: ڪونجون بہ اچي ويون جن (پنهنجا اصل ماڳ) روهہ ڇڏيا جو انهن کي هت سنڌ جا لوڙهہ منا لڳا.

- **چاليهو اول سيارو**: چوندا: سيارو سرجندو گهٽو اڳ ۾ آهي:

سانوڻ ۾ سرجيو جائو آسوءَ ماهہ
ڏياريءَ ۾ ڏَرَڪُ ٿيو پاري وينو باهہ

يعني سانوڻ جي مهيني ۾ سرجيو (جو مينهن پيا ۽ ٿڌ ٿي)، اسوءَ جي مهيني جي شروع ۾ جائو ۽ اسوءَ جي آخر ڏاري چڱو خاشو (ڏرڪ) ٿيو جو 27 تاريخ ڏياريءَ تي باهہ ٻاري وينو.

- **چاليهو چوٽ سيارو**: يعني پُور سياري وارو چاليهو. سخت سيءَ وارو چاليهو. سياري جو هي چاليهو ساڙ ڪندو (فصل کي ساڙيندو)، هن ۾ ٻج ڪونہ پوکبو هن ۾ مينهن ڪانہ ڦربي (جو ٻج نہ جهليندي).
- **چاليهو ڦگڻ-ڦوٽهاڙو**: هيءَ گلن ٻوٽن جي ڦوٽهاڙي وارو چاليهو جنهن ۾ اجان رات جو سيءَ هوندا، ۽ ڏينهن جو گرمي لڳندي.

ڦگڻ ڦُليارو
راتيان پارو
ڏينهان پگهارو.

ايامن کان وٺي سنڌ ۾ سال جي هن نَوَ-چاليهي ڪئلينڊر جي 'چاليهن' جي نالن، عرصن، موسمن، منڊن جي ڄاڻ ۽ انهن مطابق ڪمن ڪارين ۾ مشغولي، 'چاليهن' جي اصطلاحي معنيٰ کي حيات توڙي ممات

جي منزلن سان ملائي ڇڏيو. پنهنجن پيارن عزيزن جي وفات تي چاليهه ڏينهن غم ڪيائون ۽ آخر ۾ ’چاليهو‘ (چاليهي جي خيرات) ڪري غم پورو ڪيائون. شاهه عبداللطيف سال جي نَوَن چاليهن جي مندن، رنگن روپن ۽ جُلوَن جنسارن بابت چيو ته: نَوَ چاليها چا، پرجي ڪٽي چاليهه چاليها هجن ته به محبوب جي سدابهار حسن جي ديدار سان پڄي نه سگهندا:

تهڙا چاليها نه چاليهه، جهڙو پسڻ پرينءَ جو

# تبديلي ۽ ترقيءَ جا اڳواڻ

(سنڌ ۾ وڏين خوبين وارا ۽ خدمت جي جذبي وارا ماڻهو موجود آهن. جن جو علم ۽ عمل نئي تبديلي ۽ ترقي لاءِ راهه روشن ڪري سگهي ٿو. ضروري آهي ته اڳواڻ انهيءَ کي ڪري مڃجي جيڪو خلق جي فائدي لاءِ ڪجهه ڪري ڏيکاري. اڳواڻ لاءِ اهو سوال پڇڻ ضروري آهي ته هن ۾ ڪهڙي خوبي آهي ۽ هن ڪهڙو عام فائدي جو ڪم ڪيو آهي. صحيح معنيٰ ۾ خوبين وارن ۽ خدمت ڪندڙن کي سڃاڻڻ ضروري آهي.* هيٺ ٿي مثال ڏجن ٿا)

- **استاد مير حسن سهتو، سائنس ۽ حرفت ۾ وڏي شعور وارو**

مير حسن پٽ حاجي محمد پريل سهتو ونڊير. پاڙو ستاباڻي سڏو پوتا. ڳوٺ جان محمد ونڊير (راڻي پور کان 3 ميل اوپر) ۾ 3-مارچ سنه 1940ع ۾ جائو. ساڻس 1 تاريخ آڪٽوبر 1986ع تي ملاقات ٿي ان وقت راڻي پور شهر ۾ 'اليڪٽرانڪس' جو دڪان هئس. منهنجي ميزبان مهربان درازن جي سيد ضياءَ الدين شاهه ساڻس ملايو. هو ٻه درجا انگريزي جا پڙهيو. پوءِ ڪيس مشين ڪلن وغيره جي جوڙجڪ ۽ عمل جو شوق ٿيو ۽ هو ان طرف مائل ٿيو. سنڌس زباني معلوم ٿيو ته هيٺيان ڪم ڪيائين.

- سنتن اٺن سالن جي عمر ۾ گراموفون جي ڦيري ذريعي، وڄڻو نصب ڪيائين جيڪو ڦري پيو ۽ واءِ پيو هٽي.
- ٻارڙو هو جو سندس پيءُ واچ جو ڪو 'سڪرو' ٿي کوليو جو ڇيائينس ته: بابا اڳ ۾ هي سڪرو کول. پٽس حيران ٿي واچ دٻلي ۾ بند ڪري رکي ۽ ڇيائينس ته:تون وڏو ٿجان ۽ ناهجان. پوءِ 12-13 سالن جي عمر ۾ انهيءَ واچ لاءِ 'بليڊ' مان 'گراري' ٺاهيائين ۽ واچ درست ڪيائين.
- انهيءَ ساڳي عمر ۾ 'جنريٽر' مان خامي ڪڍي درست ڪيائين. پوءِ

---

* اڪيلي سر اهو ڪم سڃاڻپ وارو هن وقت محترم محمد عثمان منگي ڪري رهيو آهي

واٽر ڪورس تي پاڻي جو 'fall' ناهي Hydraulic power تي هلائي پنهنجي ڳوٺ جي ڇهن سٽن گهرن کي هلڪن بلبن جي روشني پهچاياائين. 'جنريٽر' ۾ ڪاٺ جا پاڱا هئا جيڪي پسڻ سببان سال کن کان پوءِ ضايع ٿيا.

- گمبٽ اسٽيشن تي 'گمبٽ مل' جي پرسان 'ريڊيو ريپيئر' جو دڪان شروع ڪيائين حالانڪ اهو هنر ڪنهن کان بہ ڪونہ سکيو هئائين. پنهنجو ريڊيو ورتو هئائين جنهن کي کولي سڄي ڳالهہ سمجهيائين. ان کان پوءِ پورهيي کي لڳي ويو شادي ڪيائين. ٻار ٿيا، ضرورت وڌي، تہ ٻئي طرف توجهہ ڪيائين.
- بہ سال ڪراچي ۾ ويجهي، ٻئي ڪنهن سنگتي (گمبٽ جو) سان گڏ ويهي، نوان ريڊيا ٺاهڻ شروع ڪيائين. روزانو ويهہ کن ريڊيا ٺاهڻ لڳو. پر وڌيڪ ڪمائي خاطر توجهہ ڪري 'ميوزڪ هارن' ٺاهيائين. ان ۾ هڪ پرزو خاص پنهنجو رکيائين، جنهن ڪري ڪوبہ ڪاپي نہ پيو ڪري سگهي پر پوءِ جڏهن اهو پرزو عام ڪيائون تہ ٻين بہ ٺاهڻ شروع ڪيا ۽ هارن جي قيمت 80 روپين کان ڪري اچي 35 رپين تي بيٺي.
- پوءِ سوچيائين تہ ڪا ٻي شيءِ ٺاهيان 1979ع ۾ 'خود ڪار واش بيسن' (Automatic wash basin) ٺاهيائين: جڏهن ڪو هٿ ڏوئڻ لاءِ آڏو اچي تہ پاڻي وهي: صابڻ ڪڄجي تہ ايتري وقفي (ٻن سيڪنڊن) لاءِ بہ پيو هلي ۽ پوءِ بند ٿئي. 'هارن' مان جيڪو پئسو ڪمايائين سو wash basin جي Dice ٺاهڻ تي خرچ ڪري ڇڏيائين. هاڻي وڌيڪ پئسو نہ هجيس جو گينڊيون وغيره ڍانچو ٺهرائي. 'دادا ڀائي' وارن وٽ ويو ۽ سندن انگريز مئنيجر کي ڳالهہ پسند آئي، ٻي ملاقات ۾ ڪيس چيائون، تہ: اهو پرزو هڪ هفتي لاءِ ڏي تہ اسان ڏسون ۽ مطمئن ٿيون، پوءِ تنهنجو حصو رکي هي wash basin ٺاهڻ شروع ڪنداسون. اها ڳالهہ هن قبول نہ ڪئي، سرمائي نہ هئڻ سببان ۽ والد جي بيماري سببان ڏنائين تہ هميشہ لاءِ ڪراچي ۾ رهي نہ سگهندو سو ڪراچي ڇڏي آيو. پوءِ پاڻ بيمار ٿيو ۽ اپريل 1984ع ۾ سندس والد فوت ٿيو. انهي ڪري سندس وڏيون رٿائون رهجي ويون.
- ڪراچي ۾ روزانو محنت ۽ ڪم کان واندڪائي ۾ وري جدت پيدا ڪرڻ طرف سوچيائين. هڪ 'چڪي جو تصور' جيڪا هلڪي، سولي ۽ گهر ۾

هجي جو ڊاٽا ٻاهر ڪٽي وڃي نہ پيهائجن. ان جون ٻہ ڊزائينون: اڌ تي ۽ هڪ هارس پاورتي: اٺوٽلهو يا سنهو جيڪو گهرجي. سرمائي جي ڪمي سببان پنهجي هي ايجاد مارڪيٽ ۾ آڻي نہ سگهيو.

- هر ناهيائين جيڪو ڪمند جي پوک لاءِ ڪارگر. پنج-هَري (پنج گهوڙا) ۾ ترميم ڪري نئين قسم جا گهوڙا وڌائين.
- سندس حڪمت عملي موجب، ڪمند جو رس، تئي ۾ جڏهن گرم تئي تہ گج ڪڍي ڇڏجي تہ باقي گهٽي وقت لاءِ رکي سگهجي ٿو.
- ناري ۾ فوٽا ڪيڊڻ ويا تہ اتي 'ڊارڪ روم' ۽ Enlarger Development پنهنجا ناهيائين. 'لائيٽ' جي وقت جو مقدار خود مرادو ڪيائين.
- 1975ع ڌاري Apollo جي خبر آئي تہ هيٺان زمين تان ٽا ان کي درست ڪن. اها خبر ظفرآباد ۾ مرحوم الاهي بخش ٻانيڻ ڪئي. استاد مير حسن چيو تہ: ايئن هتي بہ تي سگهي ٿو جيڪڏهن Closed Circuit ڪري سگهجي. جڏهن ظفرآباد ۾ بجلي لڳي، تڏهن ايئن ڪري ڏيکاريائين جو هتي 'بٽن' دٻايو تہ ٽن ميلن تي ٽريڪٽر چالو تئي ۽ وري بند تئي . ان جي نمائش ڪري ڏيکاريائين. ضياءالدين شاهہ دوست اسان جو موجود هو جنهن پاڻ 'بٽن' دٻايو. ٽيلي فون ٻنهي طرف رکيائون ۽ تصديق تي. سوين ماڻهو ڏسڻ آيا. چيائين تہ Remote Control کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ايئن سمجهو تہ 'ساڪت بجلي' (جيڪا چپ ۽ خاموش آهي) آهي تنهن کي لوڏو ڏيئي حرڪت ۾ آڻجي ٿو.
- وائرليس ٽيلي فون Cardless Telephone ناهيائين. پهريائين البت Receiver جي رينج ٿوري هئي، پر پوءِ ان جي اندر واري سٽاءَ کي Adjust ڪندو ويو تہ Range بہ وڌندي وئي ۽ ٽن ميلن تائين پهتي.

بجلي جو ڪم، موٽر جو ڪم (پيٽرول توڙي ڊيزل انجڻ) ٽيلي فون، وائرليس، مڪينيڪل ڪم، سئنيما جون مشينون جنهن ۾ فوٽو گرافي ۽ آواز ٻنهي جي جاڻ-اهي سڀ حرفتون ۽ حيلا جڻ سندس ڏائي هٿ جو کيل هئا. سندس سوچ ۾ هن وقت (1986ع) هيٺيون تلون آهن:

- هڪ اهڙي تجويز وٽس تيار آهي، جنهن سان بہ موٽرون آمهون سامهون اچن تہ 'لائيٽون' 'ڊِم' تي وڃن جيئن وچ واري شيءِ نظر اچي. وٽس پرزو تيار، پر ضروري آهي تہ گورنمينٽ لازمي ڪري تہ اهو لڳائجي تہ ان جو وڪرو تئي.

- ”ڪيسي ۾ ڊاڪٽر“ اهڙو Computerجيڪو ڪيسي ۾ هجي ۽ مرض جو علاج ٻڌائي. ان لاءِ دوائن جي نالن بعد انهن جا ’نمبر‘ ڏجن. ’فيڊبسسٽم‘ ۾ مرض جي پڇا ۽ آثار جي پڇا هوندي، پوءِ ڪامپيوٽر ’نمبر‘ ڏيندو. (سندس بيان جيئن مون سمجهيو تيئن لکيو آهي-نبي بخش 1-8-1986)

استاد مير حسن 8-تاريخ نومبر 1990ع تي گذاري ويو. افسوس جو سرمائي جي ڪمي سببان هن جون اهي رٿائون رهجي ويون! سندس حياتيءَ ۾ سنڌ جي ڪنهن بہ سرمايي واري سندس چاڻ ۽ حرفت مان فائدو نہ ورتو! اهو انهيءَ ڪري بہ جو گهڻن کي اها خبر ئي ڪانہ رهي تہ ڪو اهڙو ماڻهو سنڌ ۾ موجود آهي! ضروري آهي تہ خاص خوبين وارن کي سڃاتو وڃي ۽ جنهن ڪم ۾ هو ماهر هجن تنهن مهارت مان وڌيڪ ترقيءَ ڏانهن قدم وڌايو وڃي.

- **حاجي سراج الدين سومرو، پٽن تي گاڏيون چاڙهيندڙ ۽ ٽر جا رستا کوليندڙ**

ٽر ۾ چاچري تعلقي جو ننڍڙو ڳوٺ ’سومرن جو پار‘ اتي سنہ 1944ع ۾ هڪ غريب گهر ۾ ڄائو. 1938ع ۾ ٽر ۾ ڏڪار پيو ۽ سندس والد محمد حسن لڏي اچي ميرپور خاص لڳ ڳوٺ سانوڻ خان ٽالپر ۾ وينو ۽ اتي ٻني ڪيائين. سراج الدين چار درجا سنڌي جا اتي پڙهيو. پوءِ ميرپورخاص مدرسہ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ ٽيون درجو انگريزي پڙهندو هو جو والد وري ڳوٺ ’سومرن جي پار‘ لڏي ويو ۽ سراج الدين جي تعليم ختم ٿي. 1959ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ دڪان ڪيائين. ۽ پوءِ 1965ع ۾ گڏڙي ۾ دڪان ڪيائين. 1967ع ۾ ڪوڪراپار ۾ حاجي عبدالرحيم ۽ ڪمپني جي دڪان تي نوڪري ڪيائين.

1969ع ۾ اتي ٻن ڀائيوارن سان گڏ پنهنجو دڪان ڪيائين پر 1971ع واري جنگ ۾ جڏهن ڪوڪروپار تي قبضو ٿيو تڏهن 78-موري جمڙائو تي لڏي آيو. 1873ع کان 1979ع تائين وري ڪوڪراپار ۾ حاجي عبدالرحيم ۽ ڪمپني سان دڪان ۾ ڀائيواري ڪيائين. ۽ پڻ ڪينسر ۽ گروڙ تائين گاڏي هلائڻ ۾ ڀائيواري ڪيائين. 1979ع ۾ محمد رحيم راهومي سان گڏ ڪينسر ۾ دڪان ڪيائين. 1979ع ۾ عمرڪوٽ آيو جتي دڪانداريءَ ۽ ٽرانسپورٽ

۾ حاجي عبدالرحيم ڪمپنيءَ سان ڀائيوار رهيو. 1994ع ۾ آخر پنهنجو دڪان ۾ ٽرانسپورٽ جو ڪم شروع ڪيائين.

- عمرڪوٽ ۾ اچڻ کان پوءِ حاجي صاحب جي ڏيان ۾ ڏنڌي جو ڪامياب دؤر شروع ٿيو. پر مٿئين تفصيل مان اندازو ٿي سگهي ٿو ته زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ هو ڪيترن ئي لاهن چاڙهن مان لنگهيو. هاڻي عمرڪوٽ ۾ اچڻ بعد سندس سڄو توجهه ٽرانسپورٽ طرف ٿيو. 1980ع کان 1986ع تائين ڪمپني سان ۽ پوءِ حاجي ميڻن شاهه ٽرانسپورٽ ۾ ڀائيواري ڪيائين. ٽرانسپورٽ جو انتظام ۽ گاڏين جي سنڀال سندس حوالي رهي. سندس نگراني هيٺ گاڏين لاءِ ورڪشاپ قائم ٿي. اها ساڳئي وقت اوطاق به هئي ۽ يار دوست جيڪي ٽر ڏانهن ايندا ويندا هئا سي اتي مهمان ٿيندا هئا. آءٌ ان وقت اسلام آباد ۾ (نيشنل هجره ڪائونسل جو صلاحڪار) هئس پر هر موڪل واري موقعي تي سنڌ جي ڪنهن نه ڪنهن ڀاڱي کي ڏسڻ ايندو هئس. به ٽي ڀيرا ٽر وڃڻ ٿيو ته ڦيرائين عمرڪوٽ ۾ حاجي صاحب سان ورڪشاپ- اوطاق تي ملڻ، سندس مهمان ٿيڻ ۽ ان سان گڏ ٽر جي واري ۾ پٽن ۾ ڪاميابي سان گاڏين هلائڻ بابت سندس رٿن ارادن مان واقفيت حاصل ٿي.

ڪيئن حاجي صاحب پيٽرول واريون پراڻيون گاڏيون ڊيزل تي بدلائي ٽر ۾ ڪاميابي سان هلايون ۽ سڄو ٽر اچ وڃ لاءِ کلي ويو. تنهن جو تفصيل هيٺينءَ طرح آهي. اهي گاڏيون پوءِ 'ڪيڪڙا' جي نالي سان مشهور ٿي ويون.

- **ڪولنگ سسٽم کي وڌائڻ:** ٽر جي واري ۽ وڏين شاهي پٽن ۾ ملٽري وارين پراڻين پيٽرول تي هلندڙ گاڏين کي ڊيزل تي تبديل ڪري هلايو ٿي ويو. پر ڊيزل واري گاڏي به گرم ٿي ويندي هئي ۽ بيهي رهندي هئي: ڪجهه وقت کان پوءِ ان جي ،نجڻ به ختم ٿي ويندي هئي. حاجي صاحب ڦيريون قدم اهو کنيو جو گاڏيءَ جي 'ڪولنگ سسٽم' کي وڌايو. ان لاءِ (1) هڪ ته ريڊيئيٽر جي، سائيز کي وڌائي وڏو ڪيو. (2) ٻيو ته ان ۾ پاڻي وارين نالين جي تعداد کي ٻيڻو ڪيو ته جيئن انجڻ مان ايندڙ گرم پاڻيءَ کي جلدي سان ٿڌو ڪن. (3) ٽين خاص ايجاد اها ڪئي جو پاڻيءَ جو ڊرم گاڏيءَ جي ڇت تي رکيو ويو. جنهن مان هڪ پائيپ ڊرائيور تائين آندو ويو جتي ان ۾ وال رکيو ويو. اتان اهو پائيپ ريڊيئيٽر جي ٻاهران انجڻ جي سامهون آندو ويو ۽ هڪ ڦوهارو لڳايو ويو. هاڻي جنهن وقت گاڏي

جي گرمي جو ڪانٽو خطري جي ليول تائين تي ويو تہ ڊرائيور وال ڪولي تي چڙهيو ۽ ريڊيئيٽر تي پاڻي ڦوهارو سان لڳي ناليين واري پاڻيءَ کي ٿڌو تي ڪيو جنهن انجڻ کي ٿڌو ڪري تي چڙهيو. مٿي ڊرم ۾ پاڻي ايترو رکيو ويو جو ذري ذري ڦوهارو هڻڻ جي باوجود گاڏي منزل تائين پهچي تي وئي. (4) چوٿون تہ اڳ ريڊيئيٽر ۾ ٿر جي کوهن جي کارو پاڻي استعمال تي ٿيو جيڪو جڏهن ريڊيئيٽر جي ناليين مان لنگهندو هو تہ ناليين جي اندرين ديوارن ۾ لوڻ جمع ٿيڻ ڪري ناليين کي سوڙهو ڪري ڇڏيندو هو ۽ ناليين مان پاڻي گهٽجي ويندو هو جنهن جي ڪري گاڏي گرم تي ويندي هئي. حاجي صاحب ڪاري بدران مٺو پاڻي استعمال ڪرايو جنهن سان ناليون ڪليل رهيون.

- **گاڏي جي گيئر سسٽم ۾ تبديلي:** ڪمپني جي ٺهيل گاڏي ۾ 6+6 گيئر(جنهن سان ڇهہ ئي ڦيٿا ڦرن ۽ زور لڳائن) صرف آڏو اڳتي وڌڻ واري ڦهرئين گيئر سان ۽ پوئتي هٽڻ واري سان آٽوميٽڪ خود بہ خود لڳي ويندو هو پر بئي، ٽئين ۽ چوٿين گيئر ۾ اهو نہ لڳندو هو ۽ گاڏي جا صرف پويان چار ڦيٿا ڦرندا هئا. جنهن سان گاڏي کي وزن سميت مٿي پٽن تي چاڙهي نہ سگهبو هو. شروع شروع ۾ حاجي صاحب 6+6 گيئر کي جدا ڪيو ۽ ان ۾ اها تبديلي آندي جو ان کي هر گيئر سان گڏ هٽي سگهجي. ان لاءِ ڊرائيور سان گڏ هڪ ٻيو ماڻهو وهاريائون. جيڪو ليور ڇڪي، ضرورت وقت گيئر هٽي ۽ ڪڍي. پر ڪنهن وقت 'رش' جي ڪري يا بي خيالي جي ڪري اهو گيئر وقت تي هٽي نہ سگهندو هو ۽ گاڏي ڦاسي پوندي هئي. انهي مسئلي کي ايئن حل ڪيو ويو جو 'ليور' جي جاءِ تي انجڻ جي طاقت مان 'ايئر پريشر سسٽم' سان ٦+٦ گيئر جو ڪنٽرول ڊرائيور کي ڏنو ويو جيڪو ضرورت وقت 'بٽڻ' دٻائڻ سان گيئر هٽي سگهي. اهو سسٽم اڄان تائين ڪاميابي سان ڪم ڪري رهيو آهي.
- **گاڏي ۾ گهٽي بار ڪٽڻ جي گنجائش:** ڪمپني جي گاڏي ادائي ٽن وزن ڪٽڻ لاءِ ٺاهيل هئي. ٿر جي وڏن فاصلن تي وڌيڪ وزن وارا بار پهچائڻ لاءِ حاجي صاحب گاڏي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي سوچيو تہ جيئن وڌيڪ بار ڪٽي. ان لاءِ هيٺيون تبديليون آنديون ويون. (1) 'چيسز/چيچز' جي گاڏين کي اندران ٻاهران لوهہ جون ٿلهيون

پٽيون هٽي ان جي مضبوطيءَ کي وڌايو ويو. (2) ڪمپني کان آيل گاڏين ۾ هر هڪ پاسي فقط ڏهه ڪمانيون لڳل هيون. حاجي صاحب جن اهي هر پاسي وڌائي ٻاويهه ڪيون. تعداد وڌائڻ سان گڏوگڏ ڪمانين جي ٿولهه کي پڻ وڌايو ويو. انهن ڪانسواءِ ٻه ٻيون ننڍيون ننڍيون تبديليون ڪري گاڏي ۾ وزن کڻڻ جي صلاحيت ٻارنهن ٽنن تائين وڌائي وئي.

- پيٽرول تي هلندڙ ملٽري جون رد ڪيل گاڏيون راولپنڊي ۾ گولڙهه واري ڊيپو مان خريد ڪرڻ لاءِ، حاجي صاحب 1986ع ۾ راولپنڊي آيو ته اتي مهرباني ڪري مون سان مليو. ٻڌايائين ته ملٽري واريون پراڻيون گاڏيون سهوليت سان انسان کي وڪڻي ڏيڻ بدران وڏي ٽڪرا ڪري ٽڪسيلا ۾ 'سٽيل مل' کي ڏين ٿا جنهن سان قومي نقصان ٿئي ٿو. هن صدر ضياءَ الحق سان ملڻ تي گهريو ۽ اتان ڪيس G.H.Q ۾ 'ڪوارٽر ماسٽر جنرل' سان ملڻ لاءِ چيائون. حاجي صاحب ساڻس مليو ۽ اها ڳالهه سمجهايائين ته پيٽرول واريون پراڻيون گاڏيون ڊيزل تي آڻي، ضروري تبديليون ڪري ٿر ۾ ڪاميابي سان هلائي سگهجن ٿيون. شاهدي طور پنهنجي ڪمپنيءَ جي ڪامياب تجربي جي ڳالهه ڪيائين. ملٽري وارن جانچ ڪري تصديق ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ پراڻين گاڏين کي وڏي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ واري پاليسي تبديل ٿي. غور طلب ڳالهه اها آهي ته ٿر جي ننڍڙي ڳوٺ جو حاجي سراج الدين وڏي حوصلي سان 'ڪوارٽر ماسٽر جنرل' سان وڃي مليو ۽ کيس قومي بچت جي ڳالهه سمجهايائين.
- پوءِ ملٽري وارن حاجي صاحب جي ڏسيل طريقي موجب پاڻ گاڏي ناهي ۽ ان جو نالو 'شهزور' رکيائون. ان گاڏي جي هلائڻ لاءِ افتتاح ٿيو ۽ حاجي صاحب کي سڏيائون. حاجي صاحب پنهنجي ناهيل گاڏي ۾ اتي پهتو. وڏو ميجر صاحب ۽ ملٽري وارا به آيا. جڳهه مقرر ڪيائون ۽ 'شهزور' کي ملٽري وارن جي پنهنجي ڊرائيور هلايو پر اها پٽ تي چڙهي ته ڦاسي پئي. حاجي صاحب چيو ته: اوهان جي ڊرائيور کي گاڏي هلائڻ نٿي اچي پوءِ پنهنجو ڊرائيور ويهاريائين ته گاڏي پٽ تي چڙهي وئي. تڏهن قبول ڪيائون ته گاڏي ۾ نقص ڪونهي پر ڊرائيور کي تجربي جي ضرورت آهي. ٻئي ڀيري 'شهزور' ۾ ملٽري جو تجربيڪار

ڊرائيور ويهاريائون ۽ حاجي صاحب پاڻ پنهنجي گاڏي هلائي. مقرر ٽيل منزل تي وري به حاجي صاحب جي گاڏي تي منٽ اڳ پهتي.

- ٽر ۾ گاڏين کي ڪاميابي سان هلائڻ لاءِ حاجي صاحب پڪن رستن ٺاهڻ تي سوچيو. اهو تڏهن جڏهن 1994ع ۾ کيس عمرڪوٽ کان ڪانٽيي تائين رستي ٺاهڻ جو ٺيڪو مليو. ان کان اڳ نئين ڪوٽ کان مٺي تائين هڪ قسم جو پڪو رستو واريءَ سان پندرهن في صد ڏامر ملائي ٺاهيو ويو هو. پر اهو رستو هيٺان هيٺ مٿي واري سطح سببان هيٺ مٿي هو ۽ جڻ تڏي وانگر وڇايل هو. حاجي صاحب پهريائين رستي جي هيٺان زمين واري سطح کي سنئون سڌو رکڻ تي سوچيو. ان لاءِ راولپنڊي مان ائگريڪلچر وارا پيٽرول تي هلندڙ ناڪاره بلڊوزر عمرڪوٽ آندا ۽ انهن ۾ 'بيڊفورڊ' جون انجڻيون وجهي سڄو سسٽم-بدلائي ڊيزل تي هلايو. پهريائين بلڊوزرن سان زمين جي هيٺئين فرش کي سنئون سڌو ڪيو ويو. بيو هڪ نئون ڪم اهو ڪيو ويو جو ٿر جي هڪ خاص مٽي، رائو يا رائلو. تنهن کي هيٺئين زمين جي مٿان وڇايو ويو ۽ ان جي مٿان پٿر وجهي، مٿان ڏامر ۽ سيمينٽ جو پٿو ڏنو ويو. اهو نئين قسم جو رستو سڌو سنئون ۽ پٿر جهڙو پڪو ٿي ويو. عمرڪوٽ کان ڪانٽيي تائين ۽ اڳتي ڇاڇري ۽ مٺي تائين حاجي صاحب جو ٺاهيل اهو نئون رستو مثالي آهي. ملٽري طرفان پڻ ان کي اول نمبر ۾ پاس ڪيو ويو آهي.

- **سونهن ۽ سرهاڻ جو سرواڻ رئيس علي نواز انڙ**

هن وقت سنڌ ۾ فردن توڙي ادارن مان ڪي ٿورا آهن جن ۾ جمالياتي ذوق جو جلوو نظر ايندو هجي. حسن جي تلاش ۽ حسن جي جلوه نمائي سان شاندار تهذيبون جنم وٺن ٿيون: پڻ سونهن ۽ سهڻائي جي ذوق سان فردن جي زندگيءَ ۾ سُرهاڻ اچي ٿي. رئيس علي نواز انڙ جيڪي ڪم ڪيا آهن تن ۾ هو سونهن ۽ سهڻائي جو سرواڻ آهي. جمالياتي ذوق ۾ هن وقت هو سنڌ جو نمائندو آهي.

هو سنه 1922ع ۾ شهر قاضي احمد ضلعي نواب شاهه ۾ انڙ قبيلي جي سردار گهراڻي ۾ ڄائو. پنهنجي والد رئيس ولي محمد کان وڏن واري زميمنداري کيس ورثي ۾ ملي. پنهنجي پيءُ جي ڇئن پٽن مان ننڍو پٽ هو

ذهين هو ۽ تعليم حاصل ڪيائين هو عيش عياشيءَ ۾ زندگي گذاري سگهيو ٿي، پر نوجواني ۾ ئي هن ۾ ڪامياب ۽ شانائتي زندگي گذرڻ جو شعور پيدا ٿيو: وڏن ۽ چڱن جي صحبت ۾ ويٺو ۽ هر چڱيءَ ۽ سهڻي ڳالهه کي پنهنجو ڪري سمجهيائين. سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ته سهڻائي واري سياست ڪيائين ۽ هر چڱي ڳالهه جي پُٺ ڀرائي ڪيائين.* سنڌ کان ٻاهر ويو سير ڪيائين ۽ جتي به ڪا سهڻائي ڏٺائين ته ان کي پاڻ وٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. سونهن ۽ سهڻائي جي تلاش واري جذبي نه فقط ڪيس هڪ مثالي شهري بنايو آهي پر سونهن ۽ سهڻائي جو ايترو ته عاشق بنايو آهي جو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ عملي طور هر سهڻي شيءِ کي ويتر وڌيڪ سهڻي ڪرڻ ڏانهن پيئي قدم وڌايو آهي. ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا: ڳالهه ٿورن لفظن ۾ ٿئي ٿي پر عملي طور ڪنهن ڪم تي جدت سان سوچڻ، ان کي هٿ ۾ کڻڻ ۽ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ذوق، حوصلي ۽ همت جي ضرورت ٿئي ٿي.

- نوجوانيءَ ۾ سنه 1940ع ۾ ڪشمير گهمڻ ويو ۽ اتي جڏهن مغل دؤر جا ٿي سهڻا باغ ڏٺائين ته پنهنجن ساٿين کي چيائين ته: اسان به اهڙا باغ بنايون. هنن چيس ته:ائين ٿي ڪونه سگهندو. چيائين ته: ڪوبه ڪم ڪبو ته ٿي ويندو. آءٌ اهڙو باغ بنائيندس. پوءِ قاضي احمد ۾ باغ لاءِ پلاٽ ۽ نقشو پنهنجن ذهن ۽ ذوق مان رٿيائين ۽ آخرڪار ٽيهن ايڪڙن جي ايراضي تي سهڻو باغ تيار ٿي ويو. جنهن جو نالو مخدوم طالب المولي مرحوم 'ناز باغ' تجويز ڪيو. هي باغ ڪنهن ذاتي نفعي لاءِ نه پر هتان جي ماڻهن جي خوشيءَ وندر لاءِ خوبصورتيءَ جي مثال طور بنايو ويو آهي. سير ۽ سرور لاءِ صاف رستن جي گهيرن گهمرن سان سينگاريل ۽ گلن ڦلن سان ڇانيل 'ناز باغ' سنڌ جو هڪ نهايت ئي خوبصورت باغ آهي.

---

* ان جو هڪ مثال هي ته آءٌ 1974_1975ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر هوس، شاگردن جو ڪو مسئلو پيدا ٿيو ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ ميمبر منهنجو نالو وٺي وائيس چانسلر خلاف ڳالهايو. رئيس علي نواز اٿي ان جو مدلل جواب ڏنو ۽ پڻ چيائين ته: 'ڊاڪٽر بلوچ هر طرح لائق آهي، هن يونيورسٽي کي سنڀاليو آهي ۽ هن جي سڀ تعريف ڪن ٿا. هن تي تنقيد اجائي آهي. هن سلسلي ۾ منهنجو ساڻس ڪو رابطو ڪونه ٿيو هو: مونکي به اها ڳالهه وزير تعليم پيار علي الانا صاحب پوءِ ٻڌائي ۽ رئيس جي تعريف ڪيائين.

- ٻہ چار سال اڳ جڏهن مونکي پاڻ هلي 'ناز باغ' گھمايائين تڏهن چيائين تہ: مون ٻاهر ڪي 'سفاري پارڪ' ڏٺا آهن، ۽ هن باغ سان لاڳيتو ڏکڻ طرف پنجاهن ايڪڙن تي سنڌو 'سفاري پارڪ' بڻائڻو آهي جنهن تي ڪم شروع ٿي چڪو آهي. 'پارڪ' جي رٿا ۾ سنڌس دانائي جي هڪ هي ڳالهہ جو پاسن سان اتر-ڏکڻ تي ٻہرن جا گھاٽا وڻ لڳايل آهن. چيائين تہ جانورن کي فطري طور جھنگ ۽ وڻ وڻن: ڏينهن تپندو تہ وڻن ۾ وڃي ويهندا. ٻيو تلاءِ لاءِ هيٺ کوٽايل کڏ جي پرسان مٿيءَ جو هڪ شاهي دڙو نظر آيو. پڇيم تہ چيائين:تلاءِ ۾ واڳون هوندا ۽ ڪنهن وقت ٻاهر نڪري انهيءَ دڙي تي ويهندا. هن وقت (جولاءِ 2003ع) 'سفاري پارڪ' ۾ هرڻ، چيتل ۽ ڪارا هرڻ گھمن پيا. ڪونجون ۽ پکي بہ پهچي ويا آهن. پڇيم تہ چيائين: جانورن جي پوري خدمت ٿئي پئي ۽ وڌن ويجهن پيا. خيرپور جي مير صاحب جن کان ڪارن هرڻن جون بہ ماديون ۽ هڪ نر مليو جيڪي وڏي نَوَ تي ويا آهن.
- علاج خاطر آمريڪا ويو ۽ اتي ڏٺائين تہ ڪيئن ٽا نلن سان سائيفن سسٽم ذريعي پوک کي پاڻي ڏين جنهن سان جاتن پلاٽن ۾ پاڻي هڪ ساريکو پورو وهي ٿو. زيان نٿو ٿئي ۽ پڻ ڪم ڪندڙ جو وقت بچي ٿو. هت اچي تجربي طور ساڳي سسٽم جو ڪاميابيءَ سان انتظام ڪيائين.
- زراعت ۾ جدت سان گڏ، فن تعمير ۾ پڻ سنڌس جدت ۽ سونهن وارو ذوق نمايان رهيو آهي. سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ اڳ گھرن ۽ اوطاقن لاءِ ڇپرن ۽ لانڍين جو رواج هو. قاضي احمد ۽ موري طرف وارا ماڻهو ڇپرن ٻڌڻ جا ڪاريگر هئا. رئيس علي نواز سوچيو تہ اجان بہ وڌيڪ سهڻو ڇپر ڪيئن ٻڌجي ۽ سهڻي لانڍي ڪيئن ٺاهجي! اتي ان وقت محمد رحيم لاکو سياڻو ۽ هٿ جو سيجهو هو. ان سان صلاح ڪيائين، ۽ نئين قسم جي ڇپر واري هڪ لانڍي تيار ٿي جنهن جهڙي اڳ ڪٿي ڪانہ هئي. انهيءَ قسم جو هڪ ننڍو ماڊل پوءِ 'فارم' تي بہ نهرايائين جيڪو مون بہ ڏٺو جنهن ۾ تيلين سان واٽيل اڏاوت ۾ ڪاريگري جو ڪمال آهي. رئيس وري سوچيو تہ ڪکن ڪانن بدران ڇو نہ ڪاشيءَ جي سرن سان ڇپر نموني واري سهڻي اڏاوت ڪجي! پاڻ ان جو نقشو خيال ۾ آندائين، ۽ ڪاشيءَ سال اها لانڍي ٺهي جيڪا اجان تائين موجود آهي ۽ اڏاوت جو هڪ نادر نمونو آهي. تازو (20 جولاءِ 2003ع) جڏهن

منهنجو قاضي احمد وٽان وڃڻ ٿيو (ساڻس سندس محبت ۽ ميزباني واريون ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن) تہ معلوم ٿيو تہ اها لانڊي وڏيڪ سهڻائي خاطر بہ پيرا اڳ بدلجي چڪي آهي ۽ ان کي اڃان بہ وڌيڪ سهڻي بنائڻ تي ويچار هلندڙ آهي.

- گذريل ڏهن سالن واري عرصي ۾ معزز مهمانن جي آجيان لاءِ ۽ پڻ ڏينهن جو پنهنجي ويهڻ لاءِ هڪ خاص قسم جي ننڍي انوکي عمارت جو سوچيائين ۽ پنهنجي ذوق ۽ ذهن سان ان جو نقشو تيار ڪري ان جي تڪميل ڪيائين. هي عمارت ايترو اوچي ناهي تہ بہ ٻن طبقن ۾ آهي جنهن ۾ ماڊرن قسم جون سڀ سهوليتون ويندي بورچيخاني ۽ 'سليف سروس' سميت رکيون ويون آهن. ٿوري جاءِ مان وڏي سُهڻائي سان گهڻو ڪم ورتو ويو آهي ايترو جو ظفر علي شاهہ صاحب (ڊيرو) هن جو نالو (آلِ-اِن-وَن) تجويز ڪيو.
- باغ جي شروعاتي نقشي بنائڻ وقت سوچيائين تہ باغ جي احاطي اندر سڀ کان پهريائين هڪ خوبصورت مسجد شريف هجي، ۽ باغ ۾ داخل ٿيڻ واري ڳالهہ جيڪا اسلامي تاريخي شهرن جي تعمير جو يادگار آهي ساهيءَ تہ باغ جي رستن پارڪن پلاٽن جي رٿا بہ مسجد شريف جي چار ديواري ۽ احاطي سان 'گونيا' تي سڌائي سان ڪيل آهي. اهڙي طرح بين جاين واري سٽاءِ پڻ قبلي سان ملايل آهي. ٻاهران مسجد شريف جي مهاڙي تي سهڻي خطاطي سان عبارت آرائي ٿيل آهي: محراب جي مٿان ڪاشيءِ ۽ شيشي جو سهڻو ڪم ۽ دروازن تي ڪاٺ جي نفيس گلڪاري ۽ نقش نگاري ٿيل آهي. اهو ڪم مقامي ڪاريگر علي احمد ڀَٽِي ڪيو جنهن کي رئيس صاحب پاڻ 'ڊزائين' جي تربيت ڏني. گرمي ۾ جماعت لاءِ ايئر ڪولر هلايا ويندا آهن.
- رئيس علي نواز جو تعليمي ترقي ڏانهن خاص توجهہ رهيو. پاڻ ڪيترن ئي ادارن ۽ انگريزي اسڪولن جو بنياد وڌائين ۽ سرپرستي ڪيائين، ليڪن معياري ديني تعليم جي سخت ضرورت پئي محسوس ڪيائين. ان لاءِ مسجد شريف سان لڳ هڪ ديني مدرسي جو بنياد رکيو ويو جنهن لاءِ درس تدريس توڙي مدرسي جي مهتمم ۽ جامع مسجد جي پيش امام جي رهائش لاءِ موزون عمارتون تيار ٿيون.

رئيس صاحب جي نيڪ نيت ۽ دين مان محبت جي ڪري اهڙو حسن اتفاق ٿيو جو ڪعبة الله جي امام جناب محمد بن عبدالله بن سبيل تاريخ 21 جون 1986ع تي عصر نماز بعد مدرسي داراالفلاح جو افتتاح ڪيو. درد تدريس جي انتظام ۽ ڪتبخاني جو معائنو ڪيو ۽ سانجهيءَ جي نماز ’ناز باغ‘ ۾ پڙهائي. حفظ قرآن ڪريم ۽ دين جي تعليم لاءِ مدرسو دارالفلاح باقاعدگيءَ سان هلندڙ جنهن جو مهتمم مولوي رضا محمد انڙ صاحب آهي جيڪو عالم فاضل آهي. هڪ سئو کن شاگرد پڙهن ٿا جن مان پنجاهه شاگرد مستقل طور اتي رهن ٿا جن جي کاڌي پيتي جو انتظام آهي.

ايئن ڳالهيون گهڻيون، پر خاص ڳالهه ته رئيس علي نواز جيئن پنهنجي زندگيءَ کي سجايو ۽ سهڻو ڪيو آهي سو مثالي آهي. سهڻو اخلاق، سهڻي رٿا، سهڻي تعمير ۽ سهڻي باغباني جنهن مان سيني کي فائدو پهچي سي سندس حسن جي تلاش واري جذبي جا من موهيندڙ مظهر آهن. (23 جولاءِ 2003ع).

# ظرافت ۽ مزاح

- سمندر خان نوحاڻي چيو تہ: ”سسئي جهڙي تي ڪانہ اسسئي حديث هئي.“ چيائونس تہ: ايئن ڪيئن، حديث تہ قرآن سان لاڳو آهي؟ چيائين تہ:

”قرآن ۽ سسئي ۾ ڪو فرق!“

- احمد علي خان پٽافي (ڳوٺ گل محمد پٽافي، تعلقو ميرپور ماٿيلي) ٻڌايو تہ: اسان وٽ بہ ڪاتيدار واٽر ڪورس جي پاڻيءَ تان اچي وڙهيا تہ مولوي صاحب وچ ۾ پئي کين ڏمڪائي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن تان هن تي ڪاوڙيا ۽ آخر مولوي صاحب کي دسيائون ۽ سندس ڏاڙهي پٽڻ لڳا. تڏهن مولوي صاحب چيو: ”اها نبي صلعم جي سنت آهي، ان کي هٿ نہ لايو باقي پٺي پلي ڪٽيو.“ اها خبر احمد علي خان تائين پهتي سو ڪاوڙيو ۽ انهن ٻنهي کي گهرايائين ۽ چيائين تہ اوهان کي سخت سزا ڏبي، تڏهن مولوي صاحب چيو تہ: مون خدا ڪارڻ کين منٿ پئي ڪئي، تون انهن کي نہ چئہ. احمد علي خان چيو تہ: ”نہ، انهن کي سخت سزا ڏبي.“ تڏهن مولوي صاحب چيو تہ:”جي تون ڪجهہ ڪندين تہ بہ الله ڍر ڪندو.“
- هڪ موڳو مست جلالاڻي، بي خبري واري حالت ۾، مسيت اندر گهڙي، هنگڻ وينو. مٿان مولوي صاحب آيو تنهن هن کي تنبيهہ ڪئي ۽ ڇڪي مسيت مان ٻاهر ڪڍيائينس. پوءِ ڀُڻ ڀُڻ ڪندو ويو تہ: ملن جا ڪم ڏسو! نہ پاڻ هنگن نہ ٻين کي سهن!
- سنہ 1966ع ۾ ڳوٺ عيسيٰ خان مري (لڳ قلهڏيون، ضلعو ميرپورخاص) ۾ ڪچهري تي جنهن ۾ ورند مري (وڏي عمر جو مست البيلو پر ڳالهين جو ڳهير) ذري ذري اجائي ڳالهہ ڪري: جي ڪو چويس تہ ان کي چئي: 'يلا' تون ڪٿي سيد سڏاءِ، تہ توکي ڏن ڏيان.“ هڪ بالڪل نہ مجڻ جهڙي ڳالهہ ڪري چيائين تہ: فلاڻا بہ گڏ هئا. اهي ويٺا هئا، انهن چيو

تہ:اسين گڏ ڪين هئاسون. تڏهن چيائين تہ:

يلا جي اوهين نہ هئو آءُ تہ هوس!
مون ڪان ڪوڙ ڪونہ ٿيندو!

- سگهڙ خاقل برڙو ڪچهري جو مور هو پر ڪنهن وقت پنهنجي ڳالهہ تي بيهي ويندو هو. هڪ بيت جلال ڪتي جو ڪري چيائين: تڏهن منهنجي ساٿي سجڻ محمد اسماعيل نون منهن وجهي چيس تہ:بيت ڪنهن ٻئي جو. ڪو ٻيو جلال هوندو! تڏهن چيائين تہ: سائين مون تہ سورن سان سڪيو آهي!
- محمد خان ڇيراٽي جمالي (ڳڙهي خيرو) ڪي ڏل نہ ڏيڻ سببان ٻڌجي آيا. مختيار ڪار جي آڏو پيش ڪيائون تہ: پنڪي مان ڏل واري رقم جا پئسا ڇوڙي ڏنائين. چيائونس تہ: اڳ ڏين ها. چيائين تہ:”مان ڪو لغور توروئي هئس جو يڪدم پئسا ڪڍي ڏيان ها!“
- ڦُل ڪنهن ملاڪڙي ۾ ڪنهن ڪي ٻي ملهہ ماري ۽ ان جي مٿان پيو رهيو. چيائونس تہ: اٿي! چيائين تہ: هن وقت تائين مون اهو هڪ دسيو آهي، سو مونکي ڇڏيو تہ دسڻ جو ساءُ لهان.
- جمعو نُهڙيو پاڙو پوت (ترائي طرف. تعلقي ڏيپلي جو). رات جو وات سان پئي ويو تہ سامهون واٽيو پئي آيو جنهن ڊپ ۾ هبڪي زور سان پڇيو تہ: ڪهڙو؟ چيائين: پوت. تڏهن واٽيي ڊڄندي دانهن ڪندي، ٻانهون ٻڌي چيو: ”مونکي بچاءِ مونکي جيدان ڏي!“ ڄاتائينس تہ ماڻهو جي صورت ۾ ڪو پوت آهي) تڏهن هن چيو تہ: ”آءُ ماڻهو آهيان. جمعو پوت!“ اتي واٽيي ڪڙائي سان چيو تہ:اڙي تون تہ پنهنجو آهين!
- ڏُن نالي وَنگرو چوري لاءِ چاموٺ جي گهر ۾ گهڙيو ۽ وڏي پيتي کڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. پيتي هئي ڳري، سو پئي زور لاتائين. اتي ڏٽي جاڳي پيا. چاموٺ هن ڪي ڏسي چيو تہ: ”اڙي ڏُن آهين ڇا؟“ هن جو ساهہ سڄو پيتي ۾ هو. سو جواب ڏنائين تہ: ”آهيان ڏُن. پر هيڪر زور لائيندوسانس!“

# سنڌ جو طب

- **سُوانجوءِ ٻَٽِيهو**

اي سڄڻ! سمجهہ تہ سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان وڻي پسارڪي وکر جي چاڻ ۽ طبابت جو علم مشهور رهيا آهن. اهو هڪ وڏو موضوع آهي جنهن تي ٻي رهاڻ ۾ روشني وجهنداسون. چاڻ تہ طبابت جي سُٽين پڙين مان هڪ خاص پُڙي سُوانجو يا ٻٽيهو آهي: اها ضائفان جي ويم جي علاج ۽ طاقت جي پُڙي آهي. پُڙي اصطلاحي نالو آهي نہ تہ حقيقت ۾ اهو هڪ وڏو پُڙو آهي جو ان ۾ گهٽيون شيون پون ٿيون. عام طرح اهو خيال تہ ان ۾ ٻٽيهہ شيون پون جو ان کي 'ٻٽيهو' چيائون. ٽر طرف اڄان تائين سوانجي کي 'ٻٽيهو' بہ چون.

1930ع کان اڳ آءُ سنڌي پڙهندو هوس تہ ڳوٺ جون دايون اڇي سوانجو لڪائيندڀون هيون. يعني سوانجي لاءِ گهربل شيون لڪائيندڀون هيون جيڪي شهدادپور مان پسارين وٽان ملنديون هيون. انهن مان بہ انو ڪا نالا اڄان تائين ياد آهن: هڪ چيلهہ چاڪ. ٻي ٽنپ ٽوٽي. 1950ع بعد جڏهن سنڌ ۾ طبابت ۽ پسارڪي وکر تي غور ڪرڻ جو موقعو مليو تہ 'سوانجي' ۾ شامل شين بابت معلومات طرف ڌيان ويو. جدا جدا پسارين کان پڇا مان معلوم ٿيو تہ جملي شيون پوريون ٻٽيهہ نہ آهن: پر جڏهن ڪو گهُرندو تہ پساري ڪي نہ ڪي شيون ملائي ٻٽيهہ پوريون ڪري ٿا ڏين.

سوانجي کان سواءِ بہ 'ٻٽيهو پڙي' مشهور آهي. چوندا: ٻٽيهو پڙي ناهي ڏي جو ڪارائجي تہ 'ٻٽيهہ نيڻ نري پون'. 'ٻٽيهو' نالو شايد انهي مناسبت سان بہ هجي تہ ٻٽيهہ نيڻ نري تا پون. يا 'ٻٽيهہ نارون نري پون' سيپٽمبر 1975ع ۾ سوانجي ۽ ٻٽيهي بابت ٿر جي ٻن شهرن اسلام ڪوٽ ۽ مٺي ۾ پڇا ڪندي معلوم ٿيو تہ اتي عام طرح سوانجو ۽ ٻٽيهو ساڳي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن پساري کي چئبو تہ ٻٽيهو ڏي تہ سوانجو ڏيندو. اسلام ڪوٽ ۾ پساري راڻي مل چيو تہ: چون ٻٽيهو ٿا، پر حقيقت ۾ شيون سوانجي جون آهن. البت دڪاندار ڪي نہ ڪي شيون وجهي تعداد وڌائين ٿا، باقي بنيادي شيون هي

آهن: رتن جوت، مهلب، ڳمرڪش، ڳسيلي، مُنهن جوت، منهن صفا، واوڙنگ، واپُونبا، ماوا ڪنڊيارا (يا) مائيان (تر جو اچار) اندر جوت يا ٽنيپ ٽوٽيون، چيلهه چاڪ، لوڌ ڪاني، ڪيسر، سمندر ڦيڻ، سوپاري ڪاري، بادام نِنڊا ۽ ڦوٽا. هن پڙي ۾ جملي 17 شيون. اهي سڀ شيون ڀهريائين جدا جدا ڪٽيندا، ۽ پوءِ ايترو وزن مصري ملائي ڳڏي ڪتي رکندا. سوانجي ڪان پنڌرهن ڏينهن پوءِ هي پڙي ڪارائيندا، ان کي مني ۾ ڳاٻت ۽ ڏيپلي ۾ ڪاٽرو چون. چوندا 'ڪاٽرو ڪتي رکيو اٿئون.'

سوانجي ماڻ راٽي مل جي مراد شايد ويم واري وقت جو علاج جنهن جون شيون ٻيون ۽ ٻٽيهي واريون ٻيون. مني جي پساري ڇڳن چيو ته: ٻٽيهي ۾ هيٺيون شيون ٻه پون ٽيون: ڪارو ڪوبرو، ٽورو وڏف، جيرو ۽ ايريو. 'ٻٽيهي' ۾ ڦوٽا، بادام ۽ لوڌ ڪاني نه پوندا ڇاڪاڻ جو اهي گرم آهن. ٻٽيهو ٿڌي اثر لاءِ آهي. سمنڊ ڦيڻ ٻه ڪي وجهن ۽ ڪي نه وجهن.

اسلام ڪوٽ ۾ مشهور دائي مائي سَتو پيلڻ ڪان سوانجي بابت پڇيم ته هي شيون ٻڌايائين: جيرو، وڏف، جاڻ، سُوا، ڪاريون مريون، ڦوٽا، ڪارو چانيهو، سنڊ، جنهور جون ٽڪيون، صحت ڳُندرو، سُرمو، پيپري ڪاني، دراز ڪاني يا سچيت ڪاني.

مني جي پساري ڇڳن چيو ته: هيٺيون شيون ٻه سوانجي ۾ شامل آهن: ساٽار (ساٽر)، پِپران مُور، چُوري باٽو، ڪاغذي بادام، لودر (لوڌر ڪاني) ڳُوند (ڪونيٽ جو ڪونٽر) چيائين ته: سرمو ۽ جنهور جون ٽڪيون سوانجي ۾ ڪين ٽيون پون.

شهداد ڪوٽ جي سجاڻ پساري آندل شيخ سان 8-فيبروري 1986ع تي سندس هٽ تي ڪچهري ٿي. پڇا تي چيائين ته: 'عرق ٻٽيهو' جنهن جو طبي نالو 'دسمول' سو ڪمپنيون ٽيون ناهين. چيائين ته 'سستي وارو ٻٽيهو' جيڪو پيٽ جي سور ۽ ڪامڻ (سائي) لاءِ فائديمند آهي، ان ۾ هيٺيون ٻٽيهه شيون ٽيون پون. 1. وڏف، 2.ٽڪيون جنهور جون وڏيون.3.ٽڪيون ڦوداني جون ننڍيون.4.وڏا ڦوٽا.5. ننڍا ڦوٽا.6. ٻُومادران، 7. آهُوبير،8.ڪني ڪاني،9.مارمُون،10. ٽڪر جو متيرو (چيڙ)،11.ڳُل شعور (بروهڪي ءَ ۾ گل ڪاڪر)، 12. ڀِنليرو13. ننڍي هريڙ14. وڏي هريڙ15. ڪُرٿو (طبي نالو گلور)،16. ٻِرنَجاسَڪَ، 17. موريپجو 18. ڦودنو 19. اڇڙو (نوشادر)، 20. گراتڪ، 21. آلونج،22. جهرُ، 23. رَتانڙ ڪاني، 24. ليمو سُڪو

25. ڪوڙ ڪاني، 26. ماتيتو 27. حسيڻ ٻوٽو 28. ريوند چيني،29. سينور، 30. گلاب جا گل، 31. چوڙَ 32. اُٺ ڪچور جو نرِگنڊو.

- **ڪُپَچ**

ڪُپَچ يعني خراب پچ. بدن تي ڏڏر آرايون. ساڙو خارش، ڦرڙيون، جنهن مان سَوَلي جند نہ ڇٽي. ساڙي ۽ کَهِ جي خراب بيماري. سنيال ۽ ڪري نہ ڪبي تہ 'پَچ' مان ڦري 'ڪُپچ' ٿيندو پَچ اٿلي ڪُپچ ٿيندو. پر پچ تيڻ ڪان سواءِ بہ ڪُپچ ٿيندو. هيئين لاڙ ۽ ڪڇ جي جتن جي ٻولي ۾ 'ڪُپچ'.

رسالي ۾ سر يمن جو بيت آهي تہ:

هارئاتو هري، ڪُپچ ڪاياسين ڪِئو
ڪَيَئي جي ڪري، تہ تون توانو ٿيين.

هِري، يعني ڇَسي تي هَري، هر شيءِ ڪائڻ تي هِري، ڪري= رک، پرهيز.

- **موريسر**

ٻيو نالو پڙوار، اهي وارا جيڪي ڇيرن ۾ اندران نڪرندا ۽ اکيون چنهبائيندا ۽ چُنجهيون ڪندا. رسالي ۾ سريمن جو بيت تہ:

پاڙي ويج هئام، تان مون مور نہ پُڇئا
تيلاهين پئام، موريسر اکين ۾.

- **ساٽر**

سنڌ ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽي هي دوا اسلامي طب ذريعي رائج ٿي، ايتري قدر جو ان جو سنڌي نالو ئي 'ساٽر' (۽ پڻ ساٽار) مقامي لفظ طور عام مشهور ٿي ويو.

رسالي ۾ سر يمن جو بيت آهي تہ:

صحت ساٽر سپرين، آهي نہ آزار

يعني پيارو سجڻ ساٽر ۽ صحت آهي، جنهن (جي مهر سان) سان درد دفعي ٿئي ٿو. عربي ۾ نالو صعَتر، فارسي ۾ آويشن. هيءَ هڪ ٻوٽو آهي جنهن جي هڪ جنس ڊگهن پنن واري ۽ ٻي گول پنن واري ٿئي.

ابو منصور موفق الدين علي هروي جو ڪتاب "الابنيہ عن حقايق

الدويہ“ جيڪو هن 947_951ع وارن سالن ۾ (فارسي ۾) لکيو تنهن ۾ صعتر کي، ٻئي درجي جي گرم خشڪ اثر وارو ڄاڻايو ويو آهي: وڏيڪ تہ رياح ڪڍي ٿي، بادي هٽائي ٿي، مٿي جو بار هلڪو ڪري ٿي، ڪاڏي جي اشتها وڌائي ٿي، معده کي مضبوط ڪري ٿي، وات ۽ زبان جو ذائقو سنو ڪري ٿي، پيشاب کولي ٿي، نظر کي پختو ڪري ٿي، پراڻو تپ هٽائي ٿي. هن مان شربت بہ ٺهي. اڳ ڪو بيمار ٿيندو هو تہ ساٿر جي ڳوتري ڳچيءَ ۾ پارائيندا هئا. وڏڙيون بہ اڪثر ٻارن کي ڳچيءَ ۾ ساٿر جي ننڍڙي ڳوتري پارائي ڇڏينديون هيون.

# سنڌ جو شاهي قلعو رني ڪوٽ

سنڌ تي ڪنهن ٻاهرئين حملي وقت هڪ اهڙي حفاظتي قلعي جي ضرورت هئي جتي آخر وقت تائين قلعي بند ٿي مقابلو ڪري سگهجي. ميان نور محمد ڪلهوڙي اهڙي ضرورت محسوس ڪئي ۽ عمرڪوٽ جي تاريخي قلعي جي مرمت ڪرائي ان کي حفاظتي قلعو بنايائين ۽ پوءِ نادر شاهه جي حملي وقت ان کي پنهنجي لاءِ پناهه گاهه ڪيائين. نادر شاهه ايڏو تڪڙو اچي قلعي تي ڪڙڪيو جو مقابلي جي ته ڪا تياري ٿي نه سگهي پر قلعي مان نڪري پرتي وڃڻ جي حڪمت عملي به ڪارگر ٿيندي نظر نه آئي. اهو انهي ڪري جو پريان ڏکڻ توڙي اوير، ڪڇ ۽ مارواڙ جا راجا سنڌ جي خلاف هئا ۽ اتي ميان واسطي ڪا پناهه جي جاءِ ڪانه هئي.

ان صورت حال مان سبق مليو ته سنڌ لاءِ فوجي حڪمت عملي جي لحاظ سان، عمرڪوٽ جي قلعي جي افاديت محدود هئي ڇاڪاڻ جو ان جي پٺيان پريان وارو پاسو محفوظ نه هو. ٽالپورن جي دؤر ۾ جڏهن حفاظتي قلعي جي تعمير تي سوچيو ويو ته فوجي حڪمت عملي جي لحاظ سان، ڏکڻ-اوير بدران اتر-اولهه طرف کيرٿر، وارن جبلن ۾ اهڙي قلعي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ شاهي قلعو رني ڪوٽ تعمير ٿيو.

سنڌ جي هن شاندار قلعي جي بنياد ۽ تعمير بابت ان وقت جي تاريخي حوالن مان پوري تحقيق سان ثابت آهي ته هي قلعو ٽالپورن جي دؤر ۾ تعمير ٿيو. ان دؤر جي شاعر غلام علي مائل جي هيٺين تاريخي قطعن مان ظاهر آهي ته هي قلعو جنهن جو نالو علي آباد رکيو ويو سو سنه 1230ع هجري (1815ع) ۾ نهڻ شروع ٿيو ۽ سنه 1234هجري (1819ع) ۾ نهي راس ٿيو. قلعي جي تعمير جو شروع ٿيڻ:

سال شروع اين علي آباد نام حصن
بِهر نشانِ نامِ شهانِ نکو شعار
فرمود با مراد جنين صبحدم خرد

"کرد از کرم، کرم علي آباد اين حصار" (=1230)

قلعي جي نهي راس ٿيڻ:

گفت سال ازستا يشش هاتف
"علي آباد بہ مين حصن است" (=1234)

هن شاهي قلعي جي تعمير بابت ان وقت جي انهن پڪين ثابتين هوندي وڏيڪ ڪنهن بحث جي گنجائش نہ هئي تہ هي قلعو ڪڏهن نهيو ۽ ڪنهن نهرايو. پر "ون يونٽ" (One Unit)واري دؤر ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي ايڊمنسٽريٽر ڪرنل رشيد کي شرف حاصل ٿيو جو هن هي شاهي قلعو ڏسي پنهنجي ذاتي راءِ قائم ڪئي تہ هي قلعو ضرور ڪنهن ٻاهرين طاقت نهرايو هوندو: سنڌ وارا ڪيئن ٿا اهڙو ڪارنامو ڪري سگهن!

ان دؤر جي وڏي آفيسر جي راءِ کي وڏو وزن هو ۽ پوءِ ڪي ٻيا لکندڙ بہ ڪرنل صاحب کان متاثر ٿي سنڌ جي تاريخي حوالن کان منهن موڙي هن قلعي جا ٻاهريان اڏيندڙ ڳولڻ لڳا.

تازو هڪ شاهدي سامهون آئي آهي جنهن سان ان تاريخي حقيقت جي تائيد ٿئي ٿي تہ بيشڪ هي قلعو ٽالپورن جي دؤر ۾ نواب ولي محمد خان لغاري جي نگراني ۾ تعمير ٿيو. تاريخ 18-اپريل (2003) تي حيدرآباد ۾ شاهہ لطيف ادبي ڪانفرنس جو افتتاح ڪندي، سنڌ جي سينئير وزير سند سردار احمد صاحب انگريزن جي اوائلي دؤر جي هڪ سرڪاري رپورٽ ڏانهن ڌيان ڇڪايو جيڪا سنہ 1845ع ۾ ڪراچي جي ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ ڪيپٽن ايچ، ڊبليو پريڊي هن قلعي بابت سنڌ جي گورنر چارلس نيپئر کي پيش ڪئي هئي. هي رپورٽ برٽش انڊيا آفيس لئبريري لنڊن جي رڪارڊ ۾ محفوظ آهي. ڪيپٽن پريڊي پنهنجي رپورٽ ۾ شاهي قلعي اندر ٽن ننڍن مضبوط قلعن جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي: هڪ شير ڳڙهہ فوجي نوعيت وارو قلعو ٻيو ميري، ميرن جي حويلين لاءِ رهائش گاهہ ۽ ٽيون زور ڳڙهہ. شاهي قلعي جي اولهندين ٻانهين جي حفاظت لاءِ، انهن کان سواءِ، شاهي قلعي جي اڀرندي ٻانهين واري مکيہ دروازي جي ٻنهي طرفن جملي ست مضبوط برج.

ڪئپٽن پريڊي جي اندازي موجب، قلعي جي اولهندين دروازي کان

ايرندين دروازي تائين، نئن جي ڪناري سان هلندي، مفاصلو اٽڪل چار ميل: اتران شير ڳڙهه ڪان وٺي ’شاهه پير‘ واري ڏاکڻين دروازي تائين مفاصلو ٽي ميل: ۽ شاهي قلعي جو سڄو گهيرو اٽڪل ٻارهن ميل.

قلعي جي تعمير بابت لکيائين تہ ”هي شاهي قلعو تيهہ سال اڳ مير ڪرم علي ۽ مير مراد علي جي حڪم تي تعمير ٿيو“ (يعني 1815ع ۾ ٺهڻ شروع ٿيو.) ”هي قلعو سنڌ جو (Torres Vedrus) ٿيڻو هو.“ هيٺيان ست نواب، سندن عملن اٿالن سميت، ڇئن سالن تائين، هن قلعي جي جدا جدا ڀاڱن جي تعمير ۾ رڌل رهيا.

1. ولي محمد خان لغاري، جنهن سڄي ڪم جي نظرداري ڪان سواءِ شير ڳڙهہ ۽ ميري جي تعمير جي نگراني ڪئي.
2. بهادر خان کوکر، جيڪو ولي محمد خان جو نائب (اسسٽنٽ) هو.
3. دريا خان نوڙهو (ٽالپر) جنهن زور ڳڙهہ ۽ ان سان لاڳو ڪمن جي تعمير جي نگراني ڪئي.
4. نور شاهہ، جنهن ’نور شاهہ جي ٻانهين‘ يعني نئن جي سڄي پاسي، شاهي قلعي جي ايرندين طرف وارن حفاظتي مورچن جي تعمير (جي نگراني) ڪئي.
5. غلام الله لغاري، جنهن ’غلام الله جي ٻانهين‘ يعني نئن جي کٻي پاسي، شاهي قلعي جي ايريندي طرف وارن حفاظتي مورچن جي تعمير (جي نگراني) ڪئي.
٦. سومار جاکرو، جيڪو جيسلمير جو هو تنهن قلعي جي ڏاکڻي ديوار ۽ ’شاهہ پير دروازي‘ جي تعمير (جي نگراني) ڪئي.
٧. دريا خان نظاماڻي، جنهن الهندين طرف وارن مورچن جي تعمير جي نگراني ڪئي.

وڌيڪ لکي ٿو تہ: نئن جيڪا قلعي جي وچان وهي ٿي سا انجنيئرن لاءِ هڪ وڏو مسئلو بڻجي وئي جو وڏي برسات ۾ جبلن مان مٿان ورندڙ پاڻي جو زبردست وهڪرو دروازا ٽوڙي وهو جيڪي پوءِ ٺهي نہ سگهيا.

# سنڌ جا قبيلا ۽ نسب ناما

(نسب ناما ۽ شجرا تاريخ جو حصو آهن. پر ڪنهن به قبيلي جو شجرو شروع کان وٺي معلوم ناهي. 1950ع کان پوءِ راقم سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق ڪندي، سنڌ جي قبيلن ۽ شجرن بابت پڻ پڇا ڪئي. ڪن سڄاڻن کي پنهنجي قبيلي جا يا پنهنجي ڪڙم جا جيڪي شجرا ياد هئا، سي لکيا ويا. اڪثر شجرن بابت بيانن ۾ اختلاف آهي. انهيءَ ڪري، جيڪو شجرو جنهن بيان ڪيو تنهن جو نالو ڏنو ويو آهي ته جيئن معلوم ٿئي ته اهي شجرو ان بيان ڪندڙ جي زباني مطابق آهي. ممڪن آهي ته سڄو صحيح نه هجي، پر اهو بئي ڪنهن سڄاڻ جي بيان کي پيٽڻ ۾ مدد ڪندو- نبي بخش)

هن وقت تائين ڪيل تحقيق مان جيڪو مواد حاصل ٿيو آهي سو قسطن وار شايع ٿي رهيو آهي. 'رهاڻ هيرن ڪاڻ' جي جلد-3 کان شروعات ڪئي وئي.

- **بدين ۽ نورائي جي جيلاني پيرن جو شجرو**

هڪ قلمي سند، لکيل تاريخ 27 ڏنهن سومر مهينو شوال سنه 1037هه نظر مان گذري جنهن جي حاشيي تي بدين ۽ نورائي جي جيلاني پيرن بزرگن جي مٿين پيڙهي وارا نالا هيٺينءَ طرح پڙهڻ ۾ آيا:

- وڏي پير سيد عبدالله کي ٻه فرزند ٿيا: سيد پير احمد ۽ سيد پير محمود. سيد پير احمد جو فرزند سيد پير شهاب الدين قادري جنهن جو اولاد بدين وارا پير، ۽ سيد پير محمود جو فرزند سيد پير اسماعيل جنهن جو اولاد نورائي وارا پير.
- وڏي پير سيد عبدالله کان مٿي شجرو: سيد پير عبدالله بن محمد بن قاسم بن حسين بن شمس محمد بن شرف الدين ابي زڪريا يحيىٰ بن بدرالدين بن ابي عبدالله الحسيني بن علاءُ الدين بن سيف الدين بن

احمد بن ابي صالح نصر بن عبدالرزاق حضرت سيد عبدالقادر جيلاني.

- ڪاغذ تي مٿيون شجرو اڳ جو لکيل هو. ان کان پوءِ پوئين ويجهي دؤر ۾ هيٺين لکت:

- سيد علي جنهن کي ٽي فرزند. سيد ابو العباس احمد شاهه. سيد موسيٰ ۽ سيد حاجي رومي. انهن مان سيد ابو العباس احمد شاهه جي اولاد مان سيد پير شهاب الدين قادري ٿيو جنهن جو شجرو: شهاب الدين قادري بن حافظ الدين شاهه بن سيد احمد شاهه برقدار بن سيد جعفر الحجه بن سيد عبدالله الا عرج بن سيد محي الدين محمد بن سيد ابوالعباس شاهه بن شاهه محمود.
- سيد شاهه ميرڪ بن شاهه محمود بن شاهه اسماعيل قادري.

- **سنڌ جي مَهڪاڻي مري ڪٽنب جو شجرو***

مري بلوچن جي وڏي قبيلي گزيني مري مان مَهڪاڻي شاخ جو اڳواڻ مير حاجي، سرداري جي نزاع سببان، مري علائقي کي ڇڏي پنهنجي ڪٽنب سان اچي ديري غازي خان ۾ رهيو. اتان ڪلهوڙن جي پوئين دؤر ۾ هو ڪاڇي ۾ آيو. چانڊيي سردار وٽ سندس وڏي عزت ٿي ۽ هن وڏي مان مرتبي سان چانڊڪي ۾ وفات ڪئي. 'مير حاجي درويش جو قبو' غيبي ديري کان پريان 'پنج ڪبڙي' وٽ آهي. مير حاجي جي اولاد ٽالپورن جي دؤر ۾ سنڌ کي وسايو. مير بجار خان هنن کي پنهنجو ڪيو ۽ پوءِ مير فتح علي خان جي دؤر کان وٺي سنڌ جي فوج ۾ سپه سالار رهيا. جنگ هالاڻي، جنگ ڪرڙي ۽ جنگ دو آبي ۾ هو وڏي بهادري سان وڙهيا. فوجي قوت سان گڏ هنن ٿنڊي الهيار کان ذڪر شهدادپور تائين ۽ پڻ اوير طرف واري غير آباد برپٽ کي آباد ڪيو ۽ شهر بڌا. ٽنڊو آدم، ڳوٺ مير حسن مري، ٻيراڻي ۽ ٻيا ڳوٺ هنن جا آباد ڪيل آهن. بعد ۾ هن ڪٽنب وارا خيرپور طرف آيا ۽ اتي ٽنڊو مستي، ٽنڊو نظر علي وغيره ڳوٺ سندن آباد ڪيل آهن.

مير حاجي وڏي کي ٻه گهر هئا: هڪ بڌاڻين مرين مان ۽ ٻيو لُهاراڻين

* هي پڇا سان گڏ. هن شجري جو مواد خاص طرح مير حاجي جي اولاد مان عبدالحسين خان مستياڻي ۽ نياز حسين جعفراڻي (ضلعو خيرپور) کان مليو جن سان 11-آگسٽ 1990ع تي ڪچهري ٿي.

مان. ڪيس اٺ پٽ ٿيا جن مان مستي خان، جعفر خان، ابراهيم خان ۽ حيدر خان چار سڳا ڀائر هئا: ۽ شهدادخان، شادي خان، دولت خان، ۽ شڪل خان پاڻ ۾ چار سڳا ڀائر هئا. انهن مان مستي خان، جعفر خان ۽ شڪل خان ڪي گهڻو اولاد ٿيو.

- مستي خان جو اولاد: مستي خان وڏو ۽ پڳدار هو. ڪيس ٽي پٽ ٿيا: بهار خان، ڪمال خان ۽ جلال خان.

– بهار خان بن مستي خان (ڪاڻ، لڳ منتار فقير راجڙ) وفات ڪئي. ڪيس پنج پٽ ٿيا: 1. قائم خان پڳدار جيڪو هالاڻي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو. 2. شهلي خان، 3. مستي خان (ٻيو) جنهن تندومستي ٻڌو. 4. بختيار خان جنهن جو اولاد تنڊي مستي ۾. 5. ڏڱاڻو خان. انهن جو اولاد.

1. قائم خان جو پٽ آدم خان جنهن تندو آدم ٻڌايو. لاولد گُذاريائين. آدم خان جي سجع:

آدم هميشہ قائم اندر بهار مستي

آدم خان جي پيڻ وڏي سونهن سوڀيا واري هئي جنهن جي شادي مير الله يار خان (مير ٺاري خان جي ڀاءُ) سان ٿي جنهن تندو الهيار ٻڌايو. داناءِ هو ۽ اڳواڻ هو پر شڪل صورت ۾ البت ڪوجهو هو. تڏهن چيائون تہ:

’ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الهيار‘

2. شهلي خان ’گدا‘ تخلص هو سندس اولاد موجود.

3. مستي خان (ٻيو) جنهن کي چار پٽ جن مان پڳدار محبت خان جيڪو ڪرڙي واري جنگ ۾ سپہ سالار هو. سندس اولاد تنڊي مستي ۾. ٻيو گل حسن خان جيڪو ڪرڙي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو جنهن کي ساراهيائون تہ:

’گل حسن گل ٿيو جنهن مستي ملهايو‘

4. بختيار خان جنهن جو اولاد تنڊي مستي ۾.

5. ڏڱاڻو خان جنهن جو اولاد پاڙو مستياڻي (تنڊي مستي ۾) جن مان عبدالحسين (بن رسول بخش بن غلام علي بن نبي بخش بن ڏڱاڻو خان) جنهن سان راقم جي رهاڻ ٿي.

– ڪمال خان بن مستي خان، جنهن جو اولاد ڪمالاڻي تنڊي آدم ۾ (منو خان، محمد دائود ۽ ٻيا)

- جلال خان بن مستي خان، جنهن جو اولاد ٽنڊي نظر علي (خيرپور ضلعي) ۾. مريد خان بن جلال خان کي پنج پٽ: ڪرم خان، مهر علي، سوڀو خان (جنهن جو پٽ فضل محمد جيڪو ڪرڙي واري جنگ ۾ وڙهيو)، نظر علي ۽ جلال خان جيڪو ڪرڙي واري جنگ ۾ وڙهيو.
- جعفر خان جو اولاد: جعفر خان کي پنج پٽ ٿيا: 1. زنگي خان، 2. ڪريمداد (لاولد)،3. صاحب خان، 4. رشيد خان، 5. سبزل خان (لاولد).
- زنگي خان جو اولاد: ٻه پٽ نهال خان، جهان خان. نهال خان هالاڻي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو. سندس نياڻي مير غلام علي خان جي گهر ۾ هئي. 1990ع ۾ سندس اولاد مان نياز حسين بن حاجي سائينداد بن الله بخش بن قادر بخش بن نهال خان بن الله بخش بن نهال خان شهيد (جنهن سان هن شجري جي باري ۾ منهنجي ڪچهري ٿي).

زنگي خان جو ٻيو پٽ جهان خان جنهن جو پٽ عالم خان جيڪو ڪرڙي جي جنگ جي پهرين معرڪي ۾ شهيد ٿيو. خيرپور طرفان شڪارپور جو گورنر هو. عالم خان جو پٽ جهان خان جيڪو ڪرڙي جي جنگ ۾ وڏي بهادريءَ سان وڙهيو ۽ شهيد ٿيو ته پٽ ٻيا جن جو اولاد عالماڻي.

- صاحب خان پٽ جعفر خان جو اولاد: هڪ پٽ مير حسن خان جنهن جو ڳوٺ مير حسن مري، ٽنڊي آدم جي پرسان.
- رشيد خان پٽ جعفر جو اولاد: رشيد خان جو پٽ گهنور خان، ان جو پٽ رشيد خان جيڪو مير شير محمد خان جي دو آبي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو. اولاد رشيداڻي مري، ٻيراڻي ۾ لڳ ٽنڊو آدم.
- ابراهيم خان جو الاد: سندس پوٽي کان پوءِ پيڙهي ختم ٿي.
- حيدر خان جو اولاد: اولاد حيدراڻي مري ٽنڊو آدم (اسٽيشن لڳ).
- شهداد خان جو اولاد: ٽنڊي الهيار ۽ ٻيراڻي جي وچ ٿي.
- شادي خان جو اولاد: ٽنڊي الهيار ۽ ٻيراڻي جي وچ ٿي.
- دولت خان، مير حاجي جو ستون فرزند: ايران سان گهوڙن جو سندس واپار هو هڪ ڀيري ايران ويو ته وري ڪو نه موٽيو.
- شڪل خان، مير حاجي جو اٺون فرزند: سندس پٽ خيرو خان جنهن جو هالاڻي واري جنگ ۾ محمد حسين ڪهاوڙ سان ڏويدو مقابلو ٿيو ۽ محمد حسين مارجي ويو. خيري خان جو پٽ الهداد جنهن جا ٻه پٽ: اميد علي خان ۽ احمد خان، پاٽوٻن وٽ سندس قبا. اميد علي خان هٿان ڪاوڙجي

ويو ۽ رنجيت سنگهه جو درباري ٿيو. شڪل خان جو اولاد شڪلاڻي مري،
ڳوٺ 'ست پڙيو' (نواب شاهه ڪان سڪرنڊ واري رستي تي).

شهبيگ مري، جنهن جي نالي سان ٿنڊي آدم ۽ جمڙائو واهه جي وچ تي ڳوٺ آهي، سو مير حاجي جي مامي ڳهٽي خان جي اولاد مان هو ۽ فقير هو. مٿي بيان تي چڪو آهي تہ آدم خان جي پيڻ مائي مريم مير الهيار خان سان پرڻائي وئي. اهو سڳ جڏهن آدم خان ننڍو هو تڏهن سندس مامي مريد خان پٽ جلال خان ڪيو هو. آدم خان وڏو ٿيو تہ ڪيس اها ڳالهہ پسند نہ آئي ۽ هو پنهنجي پيڻ کي پاڻ وٽ وٺي آيو. انهيءَ تي مريد خان آدم خان کي ماريو جڏهن هو ڳوٺ شهبيگ مري ۾ آيل هو. ان واقعي تي هنن خيرپور جي مير سهراب خان ڏانهن لکيو تہ هو خيرپور اچڻ ٿا چاهين. مير سهراب جواب ۾ لکيو تہ:'هليا اچو. اوهان کي مير بجار خان واري ڏنل ساڳي عزت ملندي' پوءِ خيرپور ويا جتي مستي خان ٿنڊو مستي بڌو ۽ ڏڱاڻي خان بہ لاڳيتو پنهنجو شهر بڌو. هي گهراڻو پوءِ خيرپور جي ميرن وٽ وڏي عزت وارو تي رهيو.

- **ٿر جو نهڙيا قبيلو**

ارباب تاج محمد مرحوم سان 30 آگسٽ 1953ع تي نُهڙيا قبيلي بابت ڪچهري ٿي. چيائين تہ نهڙيا ننڍي هوتي (پٽ جوٽو پٽ وڏو هوتي پٽ هالو)جو اولاد آهن جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: جوسب، هيسب ۽ جکرو. جکري جو اولاد ارباب ۽ ٻيا ٿر ۾.

هڪ روايت موجب نومڙيا بہ نهڙيا آهن ۽ هيسب پٽ هوتي جو اولاد آهن پر اها روايت ضعيف معلوم ٿئي ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ هيسب جو ڪو اولاد لس ۽ ڪوهستان طرف ويو هجي ۽ اتي جي ڪنهن راج سان. گڏجي ويو هجي پر 'نومڙيا' گهڻن قبيلن جو مجموعي نالو آهي. لس ۽ ڪوهستان جي سيني سنڌي ڳالهائيندڙ مسلمانن کي اتي جا واڻيا هڪ ئي نالي سان 'نومڙيا' سڏين. 28_آگسٽ 1982ع تي ارباب عطاالله (بن ارباب الله جوڙيو جيڪو ان وقت زنده هو) جي اوطاق 'مٺي ڳيچو' تي ڪچهري ٿي جنهن ۾ ارباب مير محمد ۽ ارباب فيض محمد موجود هئا. ان کان پوءِ 4هہ نومبر 1982ع تي ارباب فيض محمد جي دعوت تي ڪيل ڪچهري ۽ پوءِ ارباب مير محمد جي اوطاق اٺ_ٻهو تي 11 –آڪٽوبر 1984ع تي ڪيل

ڪڇهري ۾ وڏيڪ پڇا جو موقعو مليو. معلوم ٿيو ته پاڪستان کان اڳ پڪو شجرو هندو ياتن وٽ هو جيڪي هندوستان طرف جا هئا ۽ هتي ايندا هئا. پاڪستان کان پوءِ انهن جو اچڻ بند ٿيو. نهڙيا قبيلي وارا ٿر کان سواءِ ڪڇ، گجرات ۽ جيسلمير طرف به آباد آهن ۽ سڄو شجرو گهٽي پڇا کان پوءِ معلوم ٿيندو.

11_آڪٽوبر 1984ع تي ارباب مير محمد وٽ ڪيل ڪچهري ۾ مٿين پيڙهي ۾ هوتي (ننڍي) کان وٺي هيٺ ابراهيم تائين هن قبيلي جون هيٺيون نُکون معلوم ٿيون.

- جکرو پٽ هوتي، تنهن کي به پٽ ٿيا لاکو ۽ پلي. ڪڇ ۽ پڇم وارا نُهڙي پلي جو اولاد آهن.
- لاکو پٽ جکرو، تنهن کي ٽي پٽ: ڳاهو ساهڙ (جنهن جا ساهڙ نهڙي) ۽ راهو جنهن جا راهو نهڙي.
- ڳاهو پٽ لاکو، تنهن جا لاکا نهڙي، انڙ ۽ ساهڙ جنهن جا به پٽ: هڪ نندو جنهن جا نندا نهڙي ٻيو حاجي جنهن جا پوت نهڙي.
- لاکو پٽ ڳاهو جنهن جا ڇهه پٽ: راڄپار، انڙ جنهن جا انڙ نهڙي، اونو جنهن جا اونا نهڙي، ڏورٽ جنهن جا ڏورٽ نهڙي، ساهڙ جنهن جا ساهڙ نهڙي، مُورو جنهن جا مُورا نهڙي.
- راڄپار جنهن جا ٽي پٽ: گجڻ جنهن جا گجڻ نهڙي، ٻانيٽيو جنهن جا به پٽ. لاکو جنهن جا لاکا نهڙي ۽ ڏارو جنهن جا ڏارا نهڙي.
- گجڻ پٽ راڄپار، جنهن جا ٽي پٽ: عمر، خان جنهن جا خان نهڙي، ۽ پسايو جنهن جا پسايا نهڙي.
- عمُرَ پٽ گجڻ، جنهن جو راهڙ، جنهن جا ٽي پٽ: ميئڻ، ٻيو منهين، جنهن جا منهين نهڙي ۽ ويسو جنهن جا ويسا نهڙي.
- ميئڻ جا ٽي پٽ: ابراهيم، عامر جنهن جا عامر نهڙي، جراڙ جنهن جا جراڙ نهڙي. جراڙ جي ٻين پٽن جي اولاد مان حسن نهڙي، هاشم نهڙي، سارنگ نهڙي.
- ابراهيم جنهن جا ٽي پٽ راڄو آجو جنهن جا آجا نهڙي ۽ راور جنهن جا راور نهڙي. ٻين ڪچهرين ۾ نهڙيا قبيلي جي مکيه ڪڙمن ۽ انهن جي ڪن نُکن بابت هيٺين معلومات ملي. (اختلافن ۾ قطبيق جي ضرورت آهي).

- راڄو (ارباب ۽ پڳدار) انهن مان آجا، مِيڻَن (ميئن پوٽا)، لومڙيا، آمُر، ڏيسر، ۽ جراڙ.
- انڙ پوٽا: جن مان موڙا يا مُورا، ساهَڙ، ڏورٽ (جن مان هڪ نُک کورم) ۽ اونا (نوهڙ اونا) مورا ڪڙم مان پيم، جوٽا ۽ تاريئا نُکون تيون.
- راهُو يا راهواڻي: جن مان ماکيا، نيتا، چاندا، آري، ڪرن، هوٿي، جماريا، جعفر، بابڻ، دينا، بيسا، پهوڙ دوُرا، متواڻي.
- ٻنيا يا ٻنيپيا: راهواڻي ۽ ٻنيا پاڻ ڳڏجن ٿا.
- لاکا: جن مان هالا، صابو ۽ رائڏڻ، صابو ۽ رائڏڻ ٻئي ياءَ، صابو ڪانياواڙ جي علائقي ماناوادر ۾ ۽ رائڏڻ ڪڇ جي ڳوٺ ’ڪڇ ڪُنريو‘ ۾.

- **ٻيا پاڙا: ڪنڙ، مهراڻ پوٽا، ڪالهڻ**

ارباب لقب ٻن گهراڻن تي آهي: هڪ اهو جيڪو نسب جي لحاظ سان پڳدار آهي جنهن جو پاڳارو هن وقت (2003ع) ارباب خدا بخش آهي. مراسلہ نگار مولوي نيڪ محمد جيڪو ارباب نيڪ محمد جي نالي سان مشهور آهي، تنهن کان ارباب خدا بخش جي پيڙهيءَ جو شجرو هن طرح مليو: ارباب خدا بخش بن جلال الدين بن الله بخش بن تاج محمد بن منا خان بن تاج محمد بن توڳاچي بن راڄو بن ابراهيم بن ميئن بن راهڙ بن عمر بن گجڻ بن راڄپار بن روکو بن ڳاهو بن لاکو بن جکرو بن هوٿي بن جوٽو بن چيلاڙي بن هوٿي بن ساند بن پلي بن رائڏڻ جنهن جو مٿي وڏو ڏاڏو ڪاڪو جنهن اسلام قبول ڪيو.

ٻيو ارباب لقب هن قبيلي جي سماجي سياسي اڳواڻ گهراڻي تي آهي. مٿئين شجري ۾ تاج محمد بن منا خان جو ٻيو ياءُ توڳاچي هو جنهن جا ٽي پٽ ٿيا: منا خان، مير محمد ۽ احمد خان. منا خان جو پٽ ارباب حاجي الله جوڙيو جنهن سان راقم جو رهاڻيون ٿيون، خاص طور جڏهن مولانا احمد ملاح جي بيتن ۾ ترجمو ڪيل قرآن شريف جي ڇپائڻ جو ارادو ڪيائين. هي سندس وڏو خير جو ڪم ۽ وڏو ڪارنامو هو. سندس فرزند ارباب عطا الله سان وڏي ڪچهري ٿي. هن وقت ٿرپارڪر ضلعي جو ناظم آهي. ٻئي ياءُ مير محمد جو پٽ ارباب توڳاچي جنهن 1943ع ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ پاڪستان لاءِ ٺهراءَ لاءِ فيصلي ڪن ووٽ ڏنو. سندس وڏو فرزند ارباب منير محمد ۽ ٻيو فرزند ارباب فيض محمد (مرحوم) جنهن جي مهرباني سان راقم جون

ڪيٽلاري ۽ ترائي ۾ ڪچهريون ٿيون. پاڻ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ۽ جواني ۾ گذاريائين. ارباب توڳاچي جو ڀيو پاءُ ارباب تاج محمد جنهن سان راقم جي 1954ع ۾ رهاڻ ٿي. حلم ۽ تواضح سان سينگاريل هو. سندس فرزند ارباب امير حسن ۽ ڀيو پاءُ ارباب غلام رحيم جيڪو هن وقت (جون 2003ع) سنڌ جو وزير آهي.

- **ٽر جا وسائي پوٽرا (چانديا)**

ٽر جا وسائي پوٽرا چانديا جن جو ماڳ مرڪز ڳوٺ ڪاڪٽهار رحم علي (لڳ اسلام ڪوٽ) آهي سي ميان نصير محمد جي خليفي شاهه وسائي جي پوٽري جو اولاد آهن جنهن جو ذڪر متي 'تاريخ' جي باب هيٺ اچي چڪو آهي. هڪ روايت موجب شاهه وسائي کي ٻه پٽ ٿيا: ميرو ۽ ڪنڊو. ميري جو اولاد دادو ۾ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ جن مان هن وقت هڪ ٻچل فقير آهي جيڪو ماڏو شهر (ضلعو دادو) طرف رهندڙ آهي. ڪنڊو جو اولاد (يعني شاهه وسائي جا پوٽرا) ٿر ڏانهن آيو. انهن جو شجرو جيتري قدر معلوم ٿي سگهيو سو هيٺ ڏجي ٿو.

- شاهه وسائي جي پٽ ڪنڊو کي نوَ پٽ ٿيا: ميرڻ، گهرام، دولو شاهه، داد، لال. چِتو گهنوَر ۽ ٻيا. ميرڻ کي ٽي پٽ ٿيا: يارو قيصر ۽ جهان خان. گهرام جي اولاد جو ذڪر هيٺ اچي ٿو. دولو شاهه کي چانگن ماريو. داد کي ٽي پٽ ٿيا: مهراب، سهراب ۽ بالاچ. 'لال چِتو رنگ رتو' جو اولاد بهاولپور ڏي ويو باقي سندس قبر ڏِگهڙي لڳ ڏاجهيڙي واري مقام ۾ آهي. گهنور بنا اولاد جي گذاري ويو.
- گهرام فقير گودڙيو وڏي اثر رسوخ وارو فقير ٿيو. گهرام فقير ۽ بلال فقير هگورجو (بلاڻ لاٽين فقيرن جو وڏو) ساڳئي وقت ۾ هئا ۽ سندن هڪ ٻئيءَ سان ناتو واسطو هو. گهرام فقير سنڌ ۾ (نئين ڪوٽ لڳ) ديهه جنهڙ ۾ اچي وينو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ علي خان به وڏي رسوخ وارو فقير ٿيو. ڳچ عرصو فقير جنهڙ لڳ رهيا. گهرام فقير ۽ علي خان فقير ۽ ٻين اتي وفات ڪئي ۽ انهن کي اتي رکيائون. اهو علي خان فقير جو مقام سڏجي.
- علي خان جو پٽ قنبر جنهن کي ٻه پٽ ٿيا: رحم علي ۽ فتح علي. هي رحم علي فقير وڏو جيڪو ٽالپورن جي دؤر ۾ وڏي اثر رسوخ ۽ وڏي

ڄمار وارو ٿيو. ان وقت هي ڪتنب جنهن مان اچي متي تعلقي ۾ اسلام ڪوٽ کان ڏکڻ-اولهه ’چوپٽي‘ (چوپٽي وسائي پوٽا) ۾ رهيو ۽ پوءِ ڪاڪٽهار کي وساياڻون جيڪو پوءِ علي خان جي پٽ جي نالي سان ’ڪاڪٽهار رحم علي‘ سڏيو ويو. وفات کان پوءِ رحم علي فقير کي ٻه ڄڻ واري علي خان فقير جي مقام ۾ رکيائون.

- مٺان ڪندو ميرڻ ۽ گهرام کان وٺي هيٺ رحم علي وڏي تائين، سڄو اولاد ’وسائي پوٽرا‘ (ٿر وارا)، جن جا هينيا پاڙا:

- رحمعلياڻي: ڪاڪٽهار رحم علي ۾
- ميرٽاڻي: چوپٽي، بدين ۽ ڪِهڙي ۾
- مِناڻي: ڏوگهور ۽ چوپٽي ۾، جن مان لاڏو شاعر هو ۽ عبدالله مِناڻي شاهه جي راڳ جو وڏو راڳائي فقير هو.
- داداڻي: ڳوٺ سهراب وسائي پوٽا، چوپٽي ۽ فتح جي ڳوٺ ۾. حاجي سوڀي فقير مرحوم ۽ بچل فقير سان منهنجي ڀهرئين ملاقات 1975ع ۾ ٿي. سندس والد چاڪر خان پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم هو، هن وقت بچل فقير اسلام ڪوٽ ۾ حڪيم آهي.
- سلطاناڻي: لاپلہ ۽ ”سِرنگهو وسائي پوٽا“ ۾. ابراهيم بن عبدالواحد پنهنجي وقت جو وڏو مولودي هو.
- ڪرملياڻي: سِرنگهو وسائي پوٽا ۾.
- گلبيگاڻي: موراٽو ۾.
- رحيم خاناڻي: ڪِهڙي ۾.
- فتَواڻي: سرنگهو ۾.

- رحم علي فقير (وڏي) جو پٽ علي خان جنهن جا ٽي پٽ: سعيد خان، عزت خان، باگو خان. فتح علي جا ٽي پٽ: سائين بخش، محمد هاشم ۽ فضل محمد.
- سائين بخش جا ٽي پٽ: رحم علي (ننڍو)، لطف علي ۽ مدد علي. ڳوٺ ڪاڪٽهار ۾. رحم علي فقير (ننڍو) راقم جو ڀهريون ميزبان هو ۽ وٽس اڳين سَند سانديل هئي جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو. سندس پٽ نادر علي، سائين بخش، فتح علي، قربان علي، لياقت علي ۽ سبحان علي.
- محمد هاشم جا ٽي پٽ: حاجي ڀائيخان، محبت خان ۽ ٿنبر خان (جنهن جا غلام محمد ۽ يار محمد). حاجي ڀائيخان جو فرزند حاجي جان محمد

جيڪو وڏو لائق ۽ لحاظ وارو جنهن وٽ راقم ڳوٺ ڪاڪٽهار رحم علي ۾ 4 سيپٽمبر 1975ع تي مهمان ٿيو ۽ شاهه وسائي جي اولاد وسائي پوٽرن ۽ ٻين بابت پڇائون ڪيون. حاجي جان محمد جا ٽي فرزند: مير محمد، محمد هاشم ۽ محمد يعقوب جيڪي لائق ۽ اولاد وارا. سنه 1993ع ۾ نگران وزير زراعت جي حيثيت ۾ جڏهن آءُ سنڌ جي چيف منسٽر علي مدد شاهه صاحب سان گڏ ڳوٺ ڪاڪٽهار رحم علي ويس ته مير محمد خان دانائي وارو سپاس نامو پيش ڪيو. مير محمد جا ٽي پٽ نذير محمد، نياز احمد ۽ پائيخان. محمد هاشم (فوت) جا پٽ مير حسن، علي حسن، رياض حسين ۽ نواز حسن. محمد يعقوب جو پٽ ملڪ محمد تعليم يافته (ايم. ايس سي ايگريڪلچر) اديب ۽ ڪافين جو شاعر.

- فضل محمد جا چار پٽ: مير حسن، بهارو، حاصل فقير ۽ نواز علي جيڪي سڀ اولاد وارا. نواز علي پنهنجي وقت ۾ نَوَتڻ راند جو ماهر هو. سيني ۾ وڏو نالي وارو حاصل فقير ٿيو جيڪو فقيري حال سان گڏ جوش جذبي وارو شاعر هو. هن خالص عوامي رنگ ۾ بيت چيا ۽ پڻ مختلف موقعن تي پنهنجن بيتن ۾ پيش گوييون ڪيون جيڪي پوءِ سچيون نڪتيون سندس پٽ جن مان عبدالهادي ۽ پڻ پوٽو بشير احمد (بن عبدالڪريم) شاعر آهن.

- رحم علي خان (وڏو) لائق ماڻهو هو. نهڙيا قبيلي تي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪاهه ٿي ۽ ڪڇ ڏانهن هليا ويا. ميرن صاحبن رحم علي خان کي موڪليو جيڪو وچي ڪڇ مان کين وٺي آيو. سندن عزت افزائي تي 'ارباب' جو خطاب مليو ۽ ترائي ۾ رهيا. رحم علي کي مير نصير خان جي مهر سان، يارهين تاريخ محرم سنه 1252 هه ۾ سترهون ٽڙ جاگير تي مليا. اصلوڪي فارسي سَنَد جنهن جو نقل رحم علي فقير وٽ رکيل ان جون مسيارجي ويون سٽون هن طرح پڙهڻ ۾ آيون:

”رحم علی فقیر السلام که مسہور باشد۔ بابت آب نوشی.......... ریگستان تعلقه اسلام کوت..........کاشته که..... و پروانه بمهر...... در دست دارد........در این باب پروانه صادر شود۔ لهذا......شمارا هفت و عشرة 'تڑ' مملوکباد--- بدست او وا گذاشته پنچری را دران مداخلت کردن نخواهد داد، در این باب تاکید دانند۔ تاریخ 11 ماه محرم سنہ 1152ھ.

(هيٺيان ٿرن جا نالا) لاپلہ ديکھاريہ متھريہ فتو سنھاريہ وکيہ
کيکري۔ کاکنھار۔ پابوھر۔ درمہ۔ پيلوره۔ کهري..“

– وسائي پوٽرن چاندين جي طاقت ۽ بهادري جي ڪري چارلس نيپيئر، سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان پوءِ 1844ع ۾ رحم علي خان کي ميرن صاحبن جي وقت ۾ مليل ٿرن مان يارهن ٿرن ۽ ٻي پر واري زمين جي ڍل معاف ڪري ڏني. نيپيئر واري اها سَنَدَ ٿر پارڪر جي ڪليڪٽر ڪئپٽن ريڪس (Raikes) پنهنجي لکيل ياد نامي Memoir on the Thurr and Parkur Districts of Sindh ۾ شايع ڪئي جيڪو 1854ع ۾ بمبئيءَ مان حڪومت طرفان ڇپيو. ترجمو هيٺ ڏجي ٿو.

# ضميمو_K

بهادر ۽ باهمت چانڊيہ (يا وسائي پوٽہ) رحم علي لاءِ ضلعي اسلام ڪوٽ جي هيٺ ڄاڻايل يارهن ٽڙن بابت پڌرو ٿو ڪجي تہ ڏيڪاريو سينهڙي، موڙاٽي، ڇوٽو ڏورو علي چانگ، ڳجهانڙي، ڏرڻ، موڙاٽي وڏا سامي، جٽو ڏورو، گلو واءِ، ٽوڪوهر، ڪيڪهڙي

انهن ٽڙن ۾ پرواري آباد زمين بابت معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت جي دؤر ۾ اوهان کي انهن يارهن ٽڙن ۾ بي آباد زمين جي سيٿ ڏيل معاف هئي. تنهن ڪري سنڌ جي گورنر ميجر جنرل سر چارلس نيپيئر جي سي-بي، مهرباني ڪري، اوهان کي هي سند ڏيڻ فرمائي آهي. جنهن موجب اوهان کي انهن يارهن ٽڙن ۾ بي پر واري آباد زمين جي سيٿ ڏيل معاف ڪئي وئي آهي.

هي سند اڄوڪي تاريخ 15 آڪٽوبر 1844ع کان 14 آڪٽوبر 1852ع تائين سٺن سالن لاءِ بحال رهندي، اهو مدو پوري ٿيڻ کان پوءِ، سرڪار جي مرضيءَ تي ڇڏيل هوندو تہ جيڪڏهن ضروري ٿيو تہ ان ۾ ڦير ڦار ڪري سگهندي. چانڊيا قبيلي کان سواءِ ٻيو ڪو بہ شخص مٿي ذڪر ڪيل ٽڙ تي آباد هوندو تہ ان کي قاعدي مطابق ڏل ڏيڻي پوندي.

توهان جي حق ۾ سرڪار سگوري جي خواهش آهي تہ توهان سرڪار جي نوڪري ۾ ڪوشش ۽ محنت ڪندا رهو جيڪڏهن توهان جي ٽڙ ۾ چوريون ٿين تہ انهن چورن کي جهلڻ اوهان جي ذميداري هوندي.

15 آڪٽوبر 1844ع بمطابق 3 شوال 1260 هہ تي لکي وئي

انگريزن جي ملڪ تي قبضي بعد چوريون ۽ ڌاڙا شروع ٿيا. رحم علي خان ڌاڙيلن سان مقابلا ڪيا. ڪن ڌاڙيلن، نهڙين اربابن جو مال هنيو. رحم علي خان تائين خبر پهتي تہ هو هتان واهر لاءِ چڙهيو پر سندس پهچڻ کان اڳ ياڳين ۽ ڌاڙيلن جو مقابلو ٿيو جنهن ۾ ارباب تاج محمد ۽ ٻيا شهيد ٿيا. رحم علي خان پوءِ سڄي واهر کي سنڀاليو ۽ شهيدن جا لاش وڏي عزت سان ڏڪائي ڀرائي حفاظت سان پوئتي پهچايا.

## • ٿر جا سوڍا

[زباني وڏو سجاڻ ڏاڏي فقير سَروبيو (پٽ ڏيرو پٽ آسِيو پٽ ڏورنگي پٽ ويرو) ننگر پارڪر جو عمر 62 ورهيه جنهن سان 29 فيبروري 1960 تي وڏي رهاڻ ٿي.]

سنڌ جي سوڍن جو وڏو ڏاراورسي جنهن کي ٽي پٽ ٿيا:

1_ ڏُرجن سقل (وڏو): تنهن ڏاٽ ۽ عمر ڪوٽ وسايو. ڏاٽي سوڍا سڀ ان جو اولاد.

2_ آسرائو: تنهن ننگر وسايو. ويراه واهه ۽ راٽپور وارا ان جو اولاد

3_ جڳت سنگ: ان جي اولاد وڃي جهالا واڙ وسائي. اتي سندس پنهنجي بستي جيڪا ”پرمارن جي مُوري“ سڏجي.

## • ڏُرجڻ سل جو اولاد

1_ وڏا سوڍا سُرطاڻ: عمر ڪوٽ ۾.

2_ يوڄراج: ڇاڇري ۾.

3_ ڪان سنگ سوڍا: گدڙي طرف.

4_ مان سنگ سوڍا: گيڙي طرف.

5_ ساڏور: ڇيلهار ۾.

6_ نَرا: ڪاريو ۽ پابوهر ۾.

7_ مالڏو: ويڙهار ۾ ڏيپلي طرف.

8_ نَبا: اسلام ڪوٽ ۾.

## • آسرائو جو الاد

ان جو ڏيوراءَ، ان جو راٽو سرڪ، ان جو راٽو ڪنگهار، ان جو ارجڻ، ان جو راٽو ڀيم، ان جو راٽو باڪَرجي، ان جو راٽو گانگو. اهي سڀ ننگر پارڪر ۾ رهيا.

راٽي گانگي کي پنج پٽ ٿيا: آکو، نندو، مانو، سانتل ۽ ويري سال.

_ آکو جو اولاد: آکا سوڍا راٽيپور وارا ۽ ڏيگاٽي وارا راٽيپور لڳ، پوڏيسر وارا، مودري وارا (ننگر کان ٽي ڪوهه اولهه)، آڏيگام وارا، سوراچند وارا (راٽيپور جي ڀريان ڳوٺ).

_ نندو جو اولاد: نندا سوڍا، ويرا واهه وارا، ڀيا ٽراڏري جيڪي لڏي وڃا تروٽ واري دنگي ڪانپوءِ، ٿيا پيٿاپور ۾، ويرا واه کان ٽي ڪوه اوير.

_ مانو جو اولاد: مانا سوڍا، ڪاسبي ۾.

- سانتل جو اولاد: سَريچا جيڪي ڪارڙي ۾ هئا، پر ختم ٿي ويا.
- ويري سال جو اولاد: جيڪي سڪپور ۾ هئا، (ننگر ڪان 4 ڪوه الهندي طرف) اهي مري کپي ويا.

- **سنڌ جا سڃاڻ، هنرمند ڪڙم قبيلا**

سنڌ ۾ پاڳ، پان، چارڻ، پٽ، منگتا، ميراثي، مگڻهار، لنگها، لورا، ڍاڍي ۽ سروري سڀ جدا جدا ڪڙم قبيلا آهن، پر سڀ روايتي طور سڃاڻ، هنرمند ۽ ڪاريگر آهن. ڪن وٽ شجرا، ڪن وٽ قصا، ڪن وٽ راڳ ۽ وجت ۽ ڪي لوهارڪي ڪم جي هنر حرفت وارا، اهي ڪڙم قبيلا آڳاٽو اسلام تي آيا ۽ سواءِ ٿر جي ڪن چارڻن جي، ٻيا سڀ اڄ تائين مسلمان آهن.

- **پانَ**

پانن جو مشهور شهر سيوهڻ تعلقي ۾ 'پان' آهي، پر لاڙ ۾ پانن جا ٻيا پاڙا ۽ ڳوٺ آهن. 1950_1960ع واري دؤر ۾ جڏهن راقم انهن فقيرن جي 'پشت پُري' بابت پڇائون ڪيون تڏهن سڃاڳ سگهڙ طالب پان (وينئل درگاهه ابراهيم ناگوري، تعلقو ڏگهڙي) چيو ته: ڪعب بن زبير ڪي اسين پنهنجو مربي سمجهون ٿا جو هن نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ قصيدو چيو. اسين به ايئن پنجتن کي ساراهيون ٿا. ڪعب جي قصيدي جي نالي "بانت سُعاد" جي حوالي سان اسان جي وڏن پاڻ کي 'پان' سڏايو.

طالب وٽ، حاجي پريي فقير پان جو هٿ لکيل ڪتاب هو جنهن تي سنبت جي سال 1967ع جون تاريخون لڳل هيون جنهن مان معلوم ٿيو ته 19 صدي وارو مواد ڪتاب ۾ قلمبند ڪيائين. ان ۾ ڏنل مواد مان ۽ پڻ 18_ نومبر 1954ع تي طالب کي ڪيل پڇا مان پانن جي مختلف پاڙن بابت هينين معلومات ملي. مقصد هو ته پاڳن پانن کان سومرن جو شجرو هٿ ڪجي پر اهو ان وقت پورو نه ٿيو. هينيون احوال 1950_1960ع وارن سالن مطابق آهي.

- پاڳَ پانَ (يعني اهي پان جن جو پاڙو 'پاڳ'): اهي سومرن جا پان جيڪي سومرن جا شجرا رکن ۽ سومرن جون ڳالهيون ڪن.انهن مان آدم ۽ ٻيا رهندڙ ڳوٺ شير خان چانڊيو لڳ دڙيلو. تعلقو سامارو، ضلعو ميرپور خاص.

پاڳن پان جو هڪ گهر ڪڇ ۾ 'سومرين جي غار واري مقام' تي رهن.

اهي محمد فقير وڏي جي اولاد مان جيڪو سنڌ مان سومرن جون سامون ايڙي جاڙيجي وٽ وني ويو هو. سومرن جو شجرو رڳو محمد فقير جي اولاد وٽ رهيو. محمد جو پٽ حسين هو.

- دالا پان: شهر 'پان' ۾ ۽ ٻيا ٻه پاڙا اسحاقائي ۽ عاقلاڻي تعلقو ٽنڊو باگو ۽ لڳ فضل پنيرو.
- هُربا پان، موتيا پان ۽ آمناڻي پان (ضلعو بدين، سليمان جنهن سان راقم مليو) ۽ ٻيا.
- ڏَماچ، ڳوٺ سالار سومرو.
- چنڊيا پان، سجاول ۽ ٻيرو ضلعو بدين ۾.
- هاسماڻي، ونگي ۾ ۽ ساندي ۾.
- ليڏا پان، مرحوم حاجي يوسف وارا، ڳوٺ ساندو تعلقو بدين.
- چَناڻي پان، لڳ فضل پنيرو اسٽيشن.
- چَنيءَ پار پان، ڪڇ جي شهر ڀڄ ۾ ۽ پڙ پچم ۾ ڳوٺ بانڌو انهن مان اِجن فقير ٽيو جنهن جي مزار ڪاهڙ (ڪڇ) ۾.
- جَکيا پان، ملتان جو خليفو گهَٽو جکيو پان هو. جکيا ملتان وارن مريدن کان ڏن طور پنڪو ونن.

- **پَٽ**

پٽ جدا ۽ پاٽ جدا آهن. پٽ مسلمان ۽ سنڌ جا آهن. پاٽ هندو ۽ هند جا آهن. پاٽ وَهيون ۽ چؤبڙا رکن ۽ پُريون پيڙهيون لکن.

مسلمان پٽ، سنڌ ۾ مشهور ٻه پاڙا. هڪ نُور جو اولاد ٻيو گامون جو اولاد.

- نور جو اولاد ضلعي دادو ۾ لَڪي، مانجهند، لاڪا، پان.
- گامون جو اولاد، تلتي (لڳ عامري، ضلعو دادو)، ڏيڙان لڳ قاضي احمد. (ضلعو نواب شاهه) ۽ ڳوٺ اگرو راهُو تعلقو هالا (ضلعو حيدرآباد).

- **ڊادي مگڻهار فقير**

ڊَڍ، يا 'ڊِڍ' وڄائڻ مان ڊادي يا ڊادي نالو پيو. هي دهل جي وڄت هئي ۽ خطري وقت وڄائي ويندي هئي. هن پوئين ويجهي دؤر ۾ عام پڙهي ۽ پڌرائي لاءِ ڊِڍ وڄائيندا هئا. سنه 1930ع کان اڳ تائين اهو رواج هو جو ڊادي فقير دهل تي ڊِڍ وارا ڏونڪا هڻي (ڊِڍ وارا ٻول وڄائي)، وڏي آواز سان چوندو هو ته ”پڙهو بادشاهي! ٻڌي عام خاص...“ (ته هي اعلان آهي).

ٿر جا منگتا فقير ڏاڍي سڌجن جن جا جدا جدا ڪرتم آهن. 6 سيپٽمبر 1975ع تي شهر مِٺي ۾ ڪيل ڪچهري ۾ هوتي فقير ۽ ٻين جي زباني ڏاڍين فقيرن جا هيٺيان ايڪيهه پاڙا ڳڻيا ويا:

1_ گُٽسارَ (هوتي فقير وارا مِٺي ۾).
2_ وَالهيرا (سينهار تي ويٺل، مائي ياڳي والهيري هئي)
3_ڏيڏڙا (مراد فقير ڏيڏرو ۽ ٻيا، ڏيپلي ۽ مٺي ۾)
4_ وارٽو (هَريار تي ويٺل، ٻڍو فقير وارٽو)
5_ گيسورا (ڏيپلو ۽ سَرو تعلقي ڏيپلي ۾)
6_ ڪارونيار (اوڏاٽي، تعلقو ڇاڇرو ۽ ڏيپل، ٻلياري، ننگرپارڪر)
7_ گهيلا (ڪيرتي، تعلقو مٺي)
8_ ڪالتيرا (مِٺڙيو يٽي، تعلقو مٺي)
9_ سونليا (سينهار)
10_ ڏَگا (عمرڪوٽ ۾)
11_ جِينا (سونل ڀَهه نونن واري)
12_ سِيڏَر (عارب فقير مٺي وارو)
13_ ڪاريٺ (راٺهار تعلقو ڇاڇرو)
14_ بيڏ (مِهيارِي، تعلقو ڇاڇرو)
15_ ڪانڙيچا (ننگر پارڪر، سرو پير فقير)
16_ ڊُونڊيا (را چورو تعلقو ڇاڇرو)
17_ لاٽر (ڇاڇرو شهر)
18_ سورَهيا (ننگر پارڪر)
19_ پڙِيا (ننگر پارڪر، پوڏيسر)
20_ ڀُهدَرَ (خيري فقير وارا، حيدرآباد ۾)
21_ ڪاڙيرا (پيرو ن مل)

## • چارڻ

سواءِ ٿر جي، سنڌ جا چارڻ سڀ مسلمان آهن* سنڌ ۾ گهڻو مشهور

---

* هندو چارڻ رڳو ٿر ۾ هئا جيڪي اصل ئي هندوستان جا هئا ۽ پوءِ ٿر جي سوڍن ٺڪرن وٽ آيا. پاڪستان ٺهڻ بعد گهڻا هليا ويا. سيپٽمبر 1981ع ۾ پڇا مان معلوم ٿيو ته ويهه پنجويهه گهر ننگر ۾ آهن. ۽ ڪي 'گڏڙو چارڻ' جو ۽ ڪي پيماويري ۾ آهن. هرڏان چارڻ

جمن چارڻ ٿيو جيڪو کهڙن جو وينل هو ۽ وفات کان پوءِ پير ڳُنپر جي مقام ۾ (الڳ اسٽيشن پير ڪنپر، ضلعو خيرپور) مدفون ٿيو. راقم گهٽو اڳ سندس قبر ڳولي لڌي ۽ ان لکيل سنه (1152هه) پڙهيو. جمن چارڻ وڏو ۽ سگهڙ جلال ڪتي ٻئي ميان نور محمد جي دؤر ۾ هئا ۽ قلات جي خان عبدالله خان جي شهادت بابت پاڻ ۾ بيتن جي ڏي وٺ ڪيائون. اهي بيت راقم گهٽو اڳ شايع ڪيا جن ۾ جمن چارڻ عبدالله خان جي سورهيائي کي مڃيو. وڌيڪ تحقيق مان معلوم ٿيو ته جمن چارڻ کي هڪ پٽ ٿيو محمد وارث جنهن جا ٽي پٽ، ثابت علي، صاحب ڏنو ۽ فقير محمد جنهن کي اولاد ٿيو. فقير محمد جو محمد اسماعيل جنهن جو وري فقير محمد. ليمن چارڻ به جمن واري ڪٽنب مان ٿيو. هن پاڙي مان سگهڙپائي ۽ شاعري ۾ پهريائين نالو سهراب فقير پٽ غلام محمد ڪڍيو. سهراب فقير جو پٽ غلام محمد به سگهڙ شاعر هو جانو ۽ حسين به وڏا سگهڙ هئا. حسين چارڻ جو تاريخي شعر ڪتاب 'جنگ ناما' ۾ موجود آهي.

چارڻن جو ٻيو پاڙو وَتڻاڻي، جن جو وڏو وَتڻ اصل ۾ تلتي جي پِرِسان، بخاري پير تي ڳاڏهين سِراين جي ڳوٺ ۾ وينل هو. جانو ۽ صدر دين به هن پاڙي مان وڏا سگهڙ شاعر ٿيا. صدر دين کي سندس سگهڙپائي شاعري جي ڪري ميرن طرفان وظيفون ملندو هو. پنجن ڇهين مهينن ۾ هڪ ڀيرو حيدرآباد ويندو هو. هڪ ڀيري اتي بيمار ٿيو وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفن ٿيو. ان بعد محمد آچر ۽ دين محمد ٿيا. دين محمد جو پٽ حاجي محمد آچر هن پاڙي مان آخري سمجهو سگهڙ ٿيو. 3 جولاءِ 1954ع تي محمد آچر جي پٽ ميان دين محمد سان دادو شهر ۾ سندس دڪان تي ڪچهري ٿي.

---

(گيڙو چارڻن جو) ۽ سُوجو چارڻ (ڀيما ويري جو) تن سان ڪچهري ٿي. معلوم ٿيو ته اڳ هرداس چارڻ (وينل ڪارسر، تپو مان چيرو، تعلقو ننگرپارڪر) وڏو سگهڙ ٿي گذريو. ڪيتو ڏاڻ چارڻ پاڪستان کان پوءِ گذاري ويو.

هندو ياٽ ۽ هندو چارڻ ۾ فرق آهي. ياٽ وَهِي آهي، يعني لکت ۾ بندي آهي پرين پيڙهين جي، چارڻ شاعر ۽ ساراهيندڙ آهن: چارڻ ڪهوت چوندا ۽ ساراهيندا پر جنهن جي جيتري هوندي اوتري ڳائيندا. ٽالپورن جي دؤر ۾ سنڌ جي سرحد تي مضبوط ڪڙم قبيلا وهاريل هئا. نبي بخش پٽ جعفر جو کوسو 'راهندري' جي ڳوٺ جو وڏو بهادر هو. جالور طرف مقابلو ڪيائين ۽ مال هنيائين. تڏهن اتي جي هندو چارڻ کيس ساراهيو ته:

نبي بخش بهادر، ڪل ڪا نائڪ، راهڌري مسِ رهبا هي
جالور ڪي ڏرتي، پئسا پرتي، ٽاٽا پڻ ٿر هرتا هي
جعفر جايا، سانديون لايا، ڪو رَبارا ڪرتا هي

سندس ناناڻي آکهہ ڦلجي جا چارڻ پاڙو علياڻي هئا جن مان ٻيڙو ۽ ڪمڻ مشهور ٿيا. انهن مان ننڍو ڪمڻ (عمر 45 ورهيہ). جنهن سان بہ راقم جي ملاقات ٿي ۽ چارڻن سگهڙن جو ڳُڻ گڏ ڪيو ويو. افسوس جو لوڪ ادب رتا کي بند ڪرڻ سبيان اهو ذخيرو اشاعت هيٺ اچي نہ سگهيو.

- **وتڻاڻي پاڙي جي پُري:** دين محمد، مولوي محمد سهراب ۽ محمد قاسم ٽيئي ڀاءُ، فرزند محمد آچر جا، ان جي مٿي پيڙهي: آچر پٽ دين محمد پٽ محمد پٽ آچر پٽ غلام محمد پٽ سهراب (ٿلتي ۾) پٽ ورو پٽ گلاب پٽ وتڻ. وتڻ ۽ وريام ڀائر هئا. ميان دين محمد ٻڌايو تہ سهراب فقير کي سندس ڳُڻ جي ڪري ميرن صاحبن کان وظيفو ملندو هو. ان کان سواءِ بہ سو چاليهہ جريب زمين ملي جنهن جو ذڪر سهراب فقير پنهنجي هڪ شعر ۾ ڪيو آهي.
- **عالياڻي پاڙي جي پُري:** ڪمڻ پٽ ٻيڙو پٽ ڪمڻ پٽ ٻيڙو (جنهن جو ڀاءُ ايوب) پٽ عالي پٽ ايوب. ٻيڙي جي ڀاءُ ايوب جو پٽ عالي جنهن جا پٽ دائود ۽ ايوب.
- صدر دين وڏو شاعر هو. سندس اولاد مان مهرل اهو پٽ اميد علي پٽ مِهرل پٽ صدر دين پٽ مهرل. مهرل فقير پيرسن نابينا ويٺل ڳوٺ نهال چارڻ، ڪڪڙ ۽ ڪيڙي جي وچ تي، جنهن جون مهيني سنہ 1957ع ۾ وفات ڪئي. ڳوٺ نهال چارڻ ۾ ڀانن جا پاڙا جوسباڻي، لالاڻي، گهتاڻي.
- نٺ ڳوراهي ۾ چارڻ جن ۾ هينئر (1954ع) مولوي محمد.
- نارو شاهہ ۾ چارڻ جن ۾ ڪريمڏنو وڏي ناڻ وارو. افسوس جو گهڻي ڪوشش جي باوجود ان سان (1954ع ۾) ملڻ نہ ٿيو.
- ٻيا هالاڻي ۽ مولهڻ ۾ چارڻ، ۽ گهوٽڪي ۾ چارڻ، گهوٽڪي اسٽيشن کي ويجهو سليمان چارڻ جو ڳوٺ.

# ڪڇهري نارو

نارو وڏو ملڪ آهي جنهن جي وچ مان نارو وهي ٿو ۽ انهيءَ ڪري سڄو ملڪ نارو سڏجي. خيرپور ضلعي (اڳين خيرپور رياست) جو ايرنديون سڄو پاڳو ناري وارو ملڪ آهي جنهن مان ايرنديون نارو وهي ٿو. وهندڙ ناري سان لاڳو الهنديو پاڳو ٽڪر-ٽر- گهاڙ وارو علائقو آهي جنهن جي ويڪر سراسري ٻارنهن ڪوهہ (چوويهہ ميل) آهي ۽ انهيءَ ڪري 'ٻارنهن-ڪوهيون ٽر' سڏجي، ان جو ڏاکڻيون پاڳو ٽر ۽ اترئون پاڳو ٽڪر آهي، جنهن مان گهاڙ واري واٽ وڃي ٿي جنهن جو تفصيلي بيان رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ٻيو) ۾ اچي چڪو آهي. ٽڪر واري پاڳي جي اترين ڇيڙي تي ناري تعلقي جو مرڪزي شهر سوراهہ-ڇُونڊَڪو آهي. ناري جي اوير طرف وڏو بر بيابان ملڪ آهي جيڪو خيرپور رياست جو اڳيون ٿپو جُبو آهي جنهن جو انتظامي شهر جُبو ڪوٽ هو. ان جي ڏاکڻي حد سانگهڙ ۽ کپري تعلقن سان ملي ٿي. انهن تعلقن جي ٽر واري گهڻي پاڳي کي ناري مان ڪڍيل ٽن واهن- منڙائو واهہ کپرو واهہ ۽ ٽر واهہ- آباد ڪيو ۽ ان وقت کان وٺي 'ناري جا زميندار' مشهور ٿيا. کپري ۽ سانگهڙ تعلقن جو اتر- ايرنديون ٽر وارو پاڳو اتر طرف خيرپور ضلعي جي ناري واري ٽر سان ملي ٿو جيڪو عام طرح آچڙو سڏجي. هن ڪڇهريءَ ۾ خاص ذڪر اچڙي ٽر واري ناري جو ايندو.

اهو سڄو ملڪ خيرپور رياست ۾ شامل هو. ٽر بيابان هو پر مير سهراب خان وڏو سڄاڳ منتظم هو جنهن ناري واري ملڪ جون سرحدون ڇڪي جيسلمير سان قائم ڪيون، سرحدي قلعا اڏيا ۽ ناري واري علائقي ۾ انتظامي مرڪز طور 'جبو ڪوٽ' تعمير ڪيو. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هتان جي قبيلن ۽ راڄن کي نوازيو ۽ همٿايو جو هو سرحدن جا پڪا پاسبان بڻجي ويا.

ناري جي ملڪ کي ڏسڻ، اتان جي راڄن قبيلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ ۽ اتان جي سڄاڻن ۽ سگهڙن سان ملڻ لاءِ منهنجا رهنما ۽ منهنجا

ميزبان، مهربان فقير حاجي علي محمد راڄڙ (لڳ ڪپرو)، فقير پير بخش ٻگاهو (پڌريو) فقير قائم خان ڀنڀرو (لڳ چونڊڪو) هئا. سنگت ۾ مون سان گڏ سائين ضياءَ الدين شاهه (درازا) ۽ منهنجو سڄڻ ۽ سگهڙ عبدالرحمان مهيسر هئا.

- ### اچڙي ٿر جي ايراضي

اچڙي ٿر ۾ سانگهڙ تعلقي ۽ تعلقي کپري جا ڀاڱا ۽ خيرپور ضلعي جو تعلقو نارو جُهبو اچي وڃن ٿا. اچڙي ٿر جا دنگ هيئين طرح:

- اڀرندي طرفان، ڏکڻ تي ماٺڪاهو تڙ ضلعو سانگهڙ ۽ اتر ۾ تڙ دريا خان.
- الهندي طرفان، ڏکڻ تي تڙ پڌريو ۽ مٺي کوهي، اتر تي رتنگ گهنڙائو ڪاراهو ۽ چنڙو.
- اتران، جيلسمير ۾ ساڳڙ، ڪُلو ۽ نؤتڙ
- ڏکڻان تعلقي کپري ۾ چنداهو ڪارورو (ڍنڍ)، جُماڀهه، ڪنيرو چاڙهه، ڏُڀي (منڍ جمڙائو ڪان اٺ ـ ڏهه ڪوهه ڏکڻ ـ اوڀر).
- اچڙي ٿر جي ڊيگهه ويڪر: اتران ساڳڙ ڪان ڏکڻ ڪنيڙي تائين هڪ سؤ اسي ميل، ۽ الهندي پڌريي ڪان اوڀر تر دريا خان تائين هل سؤ ميل.

اچڙي ٿر جا ٽي انو ڪا طبعي آثار آهن جيڪي ٽيئي گڏ سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ ڀاڱي ۾ موجود ناهن: هڪ روهي، ٻيو ڍرڻ ۽ ٽيو ٻُرچندر.

- ### روهي

روهي زمين جو اهڙو وَراڪو آهي جنهن ۾ ڪا آبادي ڪانہ ٿئي ۽ جنهن ۾ هيٺ پاڻي ڪونهي، ۽ جي ڪٿي آهي تہ بہ اهڙو ست ڪڙو جو مال (جانور) بہ نہ پيئي. ڪو ڪري پار ڪان چور (جتي ناري جي پوڇڙي) وٺان روهي الهندي ڏي هلي ٿي ۽ ناري جي ٻاهران ٿر واري پاسي ڪان وٺ جهليندي اچي، ڪٿان ناري ڪان ٽن ميلن تي ڪٿان ڇئن پنجن يا ڇهن ميلن تي. ڏُبي ڪان پوءِ اتر-اڀير تي وري ٿي. چوٽياري ڪان اتر تي، راڙ ڪان اتر تي، جُما ڀهه ڪان اتر-اڀير تي. ڏُبي ڪان اتر ڏانهن مٺي ڪوهي تائين، اتان اتر ڏانهن قادن واري تائين. ڳور واري ۾ 5-ڊسمبر 1988ع تي منو فقير مگريي ۽ ٻين، قادن واري ڪان ڏکڻ توڙي اتر روهي جا پارهن طرح ڏنا:

- ڏکڻ طرفان روهي رٺو تڙ، ڪوڍ تڙ، نهندو ڪٽ، گهنڙائو ڪان شروع ٿئي ٿي.
- اوڀر طرفان دنگ چنڙ، سوهو ۽ ڪاراهو
- اولهہ طرفان سوني واري، لَڪو اُنياري، ڪمال واري ڳور وارو است واري، ۽ قادن واري.

- قادن واري ڪان 16 ميل سرحد ۾ اتان 16 ميل اڳتي هندوستان ۾. يعني اولهه-اوڀر وبڪر ١٦ ڪوهه.
- اڳتي سکر ضلعي ۾، ڪاٽل، ماڙي وارو ڪورياٽي وارو ميراهو پياري جو توڙ خانڻ منڙائو ۾ (اڳتي اوباوڙي تعلقي ۾) سنڌ. پنڌالي.
- سڄي روهي ۾ جيڪي ڏڙا يا ڀٽون تن جي مهاڙي يا ڳاٽ اتر طرف ۾ پوڇاڙ ڏکڻ طرف.

روهي ۾ جانور: هڪ وِڇون جنهن جا پير اهڙا جهڙا هٿ جي مک جو هيٺيون نشان. سيڙهيون ماري ٿو پورڙو ڪتي جيترو منهنار نندي، چئني پيرن تي هلي ٿو. پيو ڳوريٽ، تيو هڪ جانور مارياڻون ڪارو ٻولاهو سنهڙو ڏگهو.

- اڇڙي تر جا ڊِرڻَ (نون غُنو)

طبعي لحاظ سان، ڊرڻَ قدرت جو ڪرشمو آهي جن ڪي پورڙي-اڇيرڙي رنگ تي مائل واريءَ جي سنهڙن ذرڙن اڏامي اچي وڏين شاهي ڊگهين ديوارين يا ڀيٽن جي صورت ۾ بنايو آهي. ڊيگهه ۾ هلندڙ ڀٽون ڪتي ڪتي پڪڙي گولاون ڪوهن مثل تَسن واريون وڏيون شاهي ايراضيون ناهن ٿيون. پري ڪان اڳ ڏٺاري تي ڊرڻَ شاهي ديواريون پيا لڳندا ڊرڻَ جي ڪوهن ۾ هلندر ڊيگهه ۾ وچ واريون شاهي ويڪريون ايراضيون ايئن جو جڻ درياءُ پيو وهي جنهن جي وچ ۾ ٻيٽ ۾ ٻيٽاريون آهن.

- ڊرڻَ جي واري اهڙي جو جڻ پرڻ مان ڇاڻي وئي آهي. اها صاف ڪڙڪ اچي واری ڪانهي، پر اڇاڻ پوراڻ تي مائل آهي. البت چوڏاري ٻئي سائي جهنگ يا ميري مٽي واري ماحول ۾ اها اڇائيندي ۾ اچي لڳندي، ڊرڻَ جي اڇائي جي ڪري ملڪ تي نالو ئي ٿيو اڇڙو تر.
- ڊرڻَ ساجهر تپي ۾ ساجهر نري، ڊرڻَ جي پٽ جي واريءَ ڪان جلد تپي جلد نري. ڊرڻَ ۾ توڙي پٽ ۾، سياري جي سيءُ واري رات پوي تہ بچاءِ اهو جو ڊگهي کڏ کوٽي، ڪوپ ناهي ٻئي طرفان ڪپڙي ۾ گاهه جو اڙ ڏيئي سمهي رهي.
- سياري وارو چاليهو پڇندو تہ ڏکڻ جي هوا هوندي ۾ ڊرڻَ ۾ مٿان ڳارون هيٺ گهِر ڪنديون تہ گولايون ٿينديون. گرمي ۾ گهُٽ ۾ بہ ڳار هيٺ گهِر ڪندي تہ گوڙ ٿيندو. چوندا: ”گرمي ۾ گهٽ ۾ واري ڊِريڪي تي: ڊريڪندي تہ گوڙ ڪندي، پري ڪان گهوگهٽ ٻڌڻ ۾ ايندو جڻ تہ هوائي جهاز آهي!“

- ٻرڻ جي ڳارَ ۾ گهرندڙ واري، هوا تي پئي سِري، واري وهندي نظر ڪانه ايندي پر پئي اڳتي وڌندي. هوا ڏکڻ کان اتر ۾ ٻرڻ به پيو انهيءَ طرف ڏگهو ٿئي.
- ٻرڻ جي ريل (پاچل) پاسن تي نه ٿيندي پر وچ تي ٿيندي. (هلندڙ ٻرڻ پاسن تي ٿورو وڌندو اڳتي گهڻو وڌندو. اتر اوپر جي ڪنڌ تي هلندو.
- عام تجويز ته ٻرڻ ڇڏي اڳتي ويو اها ڇڏيل پيٽي ريج واري ۾ گهميل هوندي.
- عام تجربو ته ٻرڻ واري حد ۾ هيٺ پاڻي آهي ۾ پاڻي منو آهي.
- ٻرڻ جي آوڪَر (لنگهه)، تن ۾ ويريون ڪٽبيون ته ٿورڙو ئي هيٺ تي منو پاڻي نڪري ايندو.
- ٻرڻ جي سنهڙي واريءَ کان سواءِ ٻرڻ ۾ سهڻو ڳاڙهو رائو نظر اچي. اهو گڏ ڪرائي آڻجي ته وڏن ايوانن ۾ وڇائڻ سان سهڻو لڳندو.
- ڏينهن جو ٻرڻ ۾ مٽي وَرَ وڪَڙ، پونئرا، ڪُونر ڪُونر، گول گول ڪونڊا ۾ ڪن نظر ايندا. اهي ڪونر ڪونارا ڪي ننڍا ڪي وڏا ڳڻڻ ۾ شمار کان ٻاهر. رات جو ڪونر ۾ هيناهيون، سنئين سطح وانگر نظر ايندا، يعني سنئين زمين هينائين نظر ايندي. رات جو نئين ماڻهوءَ ڪي انڌوڪاري جو عجب نمونو نظر ايندو ۾ واقف ماڻهو به گهڻو ڪري رات جو ٻرڻ نه ٽپندا. رات جو مٿان ٻرڻ تي ماڻهو وڃي بيٺو ته ڄڻ سمنڊ جي ڪناري تي بيٺو آهي. چوندا ٻرڻ ۾ درياءَ هڪ مثال آهن. انهن مان سونها گهڙندا ۾ اڪرندا. مال جا ڇيڙا، هرڻ جون ڦولهڙيون ۾ خاص طرح انن جا ڦولهڙا. ٻرڻ جي اندر سَڏن واتن جا نشان ڏيندا. جانور سَنڌ ونئي هوندا جو انهن کي خبر پئي ٿي ته اڳتي زمين پڪي آهي يا ڳِچڻ گهِرڻ آهي. پر واقف ماڻهو ٻرڻ مان پيدل توڙي اٺ تي لنگهي سگهن ٿا. اٺ جي مهار ڇڏي ڏبي ته هو پاڻهي زمين سڃاڻي سولو هلندو. (معلوم ٿيو ته 1993ع ۾ چار سئو ماڻهو پاڳاري جي جماعت جا، مَٽ پاڻو مان هليا، پوءِ پر چنبر واري ٻرڻ مان ٽپي درگاهه ڏي ويا).
- هوا هلندي ۾ زور دار گهيرا ڪندي ته هڪڙا ڪؤنر لٽيندي ٻيا ٺاهيندي.
- ڏاڪٽين اڇڙي ٿر ۾ به ڏگها ٻرڻ، هڪ ايرنديون پيو الهديون. ايرنديون 'لاڪيو ٻرڻ' ڪپري تعلقي جي اتر ۾ 'راڄڙن جو نئون تڙ' اتان

شروع ٿيو ۽ اتر طرف تڙ گڙنگ (سهراب فقير وارو) پهتو ۽ اتان اڳتي جيسلمير جي ساڳڙ تعلقي جي رخ تي هليو ۽ پاڪستان جي سرحد ٽپيو. الهنديون ڊرڻ رتني تڙ ۽ ڪوٽ جبي کان شروع ٿيو ۽ پُرچنڊر جو الهنديو پاسو جمردين جو الهنديون پاسو پوءِ ساتو ٿي يا مَتَل واري وٽ الهنديون ۽ ايرنديون ٻئي اچي گڏ ٿيا ۽ پوءِ يڪو ڊرڻ اڳتي ساڳڙ جي رخ تي هليو ۽ سرحد ٽپيو. اهو ڊگهي ۾ ڊگهو ڊرڻ جنهن جي ڊيگهه چاليهه ڪوهه (اسي ميل).

5 ڊسمبر 1988ع تي ناري جُبي ۾ ڳور واري (پٽ) تي ڊرڻ بابت رهاڻ ٿي. چيائون ته اچڙي تر وارو ڊرڻ يڪو هڪ ٿي آهي جيڪو اٺ ميل اتر-ڏکڻ ۾ پنجاهه ميل الهندي-ايرندي تي آهي. ان مان اتر طرف هيٺيون پنج لامو نڪرن ٿيون.

(1) هڪ لامر پوچراج جي اولهه طرفان، اتر ڏانهن هندستان جي دنگ تي وئي.

(2) ٻي لامر اها اتر وچي 'مرڪٽوئي تڙ' جي اولاهين پاسي ڪٽي.

(3) ٽين لامر سَهائي جي ڍنڍ جي اولهه طرفان، نَريوئي تَڙ ۽ پِينئڏو تڙ (ٻئي پاڪستان جا) کان ٿي هندوستان ۾ وئي.

(4) چوٿين لامر سهائي جي ڍنڍ جي ايرندان آئي سان ٻَشيري تڙ (ٻَسيري تڙ) کان اڳتي وَسنو تڙ کان اڳتي هندوستان ۾ ٽپي وئي.

(5) پنجي لامر سِيٽاهو جي تڙ کان هلي ٿي ۽ اڳتي اتر طرف وڃي ٿي.

انهن لامن جي اوپر ۽ اولهه تي ڍنڍون پر سڀ کاريون، جيئن ته 'ريت ڍنڍ' جنهن ۾ ڇانهيون؛ ان کان اولهه 'دادوئي جي ڍنڍ' جنهن جو پاڻي ڳاڙهو ۽ ان ۾ ڪپڙو ٻوڙي وري مٺي پاڻي ۾ ڌوئبو ته جڻ صابڻ ۾ ڌوپي ويو. ٻه ڍنڍون هڪ 'لوڻ کاڻ' ۽ ٻي کارهوڙو جنهن ۾ 'کارو' نڪري، يعني کارو کار. لوڻ کاڻ کان اوپر پرچنڊر ڍنڍ (جنهن جو هيٺ ذڪر) ۽ ان کان اوپر سَهائي جي ڍنڍ جنهن ۾ سچو ڇانيهو. ان کان اوپر لِئيياري جي ڍنڍ جنهن ۾ صاف سنو لوڻ، جهڙا مصريءَ جا سنگ.

- ڊرڻ جي صورتحال

ڊرڻ کي ڏسڻ سان صورتحال سمجهه ۾ ايندي. راقم ڪوشش ڪري سرزمين تي وڃي هيٺيان ڊرڻ ڏٺا.

- تاريخ 6 ڊسمبر 1988ع تي پنهنجي يار قائم فقير ينيري جي مهرباني

سان، ساڻس گڏ ڪاراهو جو ننڍو ڊرڻ ڏٺوسون جيڪو سوراهہ ڪان اٽڪل پنجهٺ ميل ڏکڻ-اوڀر تي آهي. ڳورواري ڪان چار ڪوهہ اوڀر هلياسون ۽ وري ڇهہ ڪوهہ ڏکڻ هلياسون ۽ ڪاراهو جي تڙ تي پهتاسون. ڊرڻ تڙ سان لاڳو اوڀر طرف، هي ننڍو ڊرڻ جيڪو ڏکڻ ڪان اتر ڏيڍ ميل ۽ اولهہ ڪان اوڀر هڪ ميل. هن ڊرن ڪان اوڀر طرف لاڳيتي پاڪستان-هندوستان جي سرحد. مٿي چڙهي معائنو ڪيوسون تہ مٿين سطح تي ڪُونر ڪُونر وانگر هيٺ تي ڪوهاڏا. اندر دڙبن تي ننڍڙا وڻ ۽ ٻوٽا جيڪي هڪڙين جاين تي وري پئي ڏڪي تہ ٻين جاين تان پئي ظاهر ڪري جتان واري هٺي وچي اتي واري ٻيا ٻوٽا ٿين. مٿي ٻيئل ڦوڳ نهايت سائو. لنب گاهہ بہ چڱو خاشو. ميهہ، سيڻ، ٻوڙو (مُرٽ) ۽ سَيَن گاهہ نظر آيا. پر ڊرڻ جي خاص پيدائش ڊِريبڙ ٻوٽو جيڪو رنگ ۾ سائو نيرڙو اتي ٻڌايائون تہ مهراڻي ڪان اتر طرف رِنج (روهي) آهي جنهن ڪان اتر طرف ڊرڻ جيڪو وڏي درياءَ مثل.

تاريخ 27 ڊسمبر 1988ع تي فقير پير بخش ڳاهي جي رهنمائيءَ ۾ تي ڊرڻ ڏٺاسون. (1) هڪ پڊريي وارو ڊرڻ جيڪو اولهہ ڪان اوڀر چار ميل ويڪر ۾ ۽ ڏکڻ ڪان اتر ويهہ ميل ڊيگهہ ۾. (2) ٻيو مَهڙي ۽ گُوئِين وارو ڊرڻ، مهڙو ڊرڻ جي اتر ۾ ۽ گوئين ڏکڻ ۾. سمي فقير ڳاهي جي گهرن جي مٿان فوٽو ڪڍيوسون. (3) وَهنجوئي جو ڊرڻ، ٽي-چار ميل ويڪرو ۽ ڏهہ ميل ڪن ڊگهو. پڊريي مان روانا ٿي جوٽو ئي، مٿي ڪوهي، جِرهوڙي، سانهرو (پڪو ڪوهہ)، مقام واري ’آٽُلي جي ڪوهي‘ (جتي آٽُلو ۽ ٽُٽو دفنيل) چون ٿا تہ اصحابن جون قبرون)، امام ڳڙهہ (ميرن جو قلعو ڪورو مڪان) ۽ پوءِ اِنهارتَس. اِنهار معنيٰ واٽ، گس، چارو ۽ تَس معنيٰ هيٺاهين پاڻيءَ وارو گول ڪُونر. وهنجوئي واري هن ڊرڻ ۾ ڏکڻ ڪان اتر ٿوري ٿوري فاصلي تي پاڻيءَ جا چار تس جن مان ٻيو نمبر اِنهارتس، ۽ آخري اتر وارو وڏو تس (هڪ وڏي ڍنڍ) جنهن ۾ ڪانهہ، سَر، نڙال ۽ ڪِرهہ (ڪِهر) گاهہ. مٿي چڙهي’انهارتس‘ ڏٺو سون ۽ ان جو مٺو پاڻي پيتوسون. فقط پنج فوٽ ڪن گولائي ترائي ۾ هيٺان ترو پيو ڏسجي، پر پاڻي ڪٽي ڪو نہ . ان وقت ٻڪري جي ڏڻ اچي پاڻي پيتو. ڊرڻ ڪان هيٺ ويجهو شبل ڳاهو مليو جنهن پنهنجو مال پئي چاريو. نهايت ڪلٽو ملٽو ۽ خوش طبع. پڇڻ تي چيائين: ” سائين آءٌ شبل ڳاهو ويٺل

اِنهارتس، جنهن ڪان پڇندؤ سو خبر ڏيندو.“ فقير پير بخش ڪي چيائين تہ ”ٻڪر مهماني طور ڪنيو وڃ.“

- **پُرچنبر**

’پُرچنبر‘ اڇڙي ٿر جي عجائبات مان آهي، جنهن بابت ڪهاڻيو ۽ قصا آهن عام روايت موجب نوهہ نبيءَ جي چر واري پاڻي زمين مان ٽن جاين تان ڦاٽ ڪاڏو: هڪ سنڌ ۾ پرچنبر مان، ٻيا شام ۽ ترڪي مان، سڀاجها ڳوناٽا پرچنبر جي ميتا ڏيندا ۽ چوندا: پرچنبر پير، اميد پوري ڪجان تنهنجي متي ڏيندس.

هي اڇڙي ٿر جي وچ ڏاري پاڻيءَ جي هڪ ڍنڍ آهي پر ٻين ڍنڍن ڪان هن جو نالو نرالو آهي. پاڻي جو هي وڏو ذخيرو وچ ۾ ڪنڊائتو آهي جنهن جي ڏڪڻ-اولهہ توڙي ڏڪڻ-اوڀر ڪان ڀرڻ جون ديوارون آهن. مٿان ڀرڻ جي واري پئي گهري ۽ پانئجي تہ ڪنهن وقت ڍنڍ پورجي ويندي، پر ڪئين ورهيہ گذري ويا جهڙي آهي تهڙي. ڏڪڻ-اولهہ، اتر —اوڀر تي گهٽي ڊيگهہ ۾ پاڻي، پر وڏو اونهو پاڻي ڀرڻ جي وچ ۾ ڪنڊائتو ڏڪڻ-اولهہ تي.

راقم تاريخ 24 فيبروري 1995ع تي فقير حاجي علي محمد راجڙ جي مهرباني ۽ رهنمائي سان ’پرچنبر‘ ڪي وڃي ڏٺو. فقير حاجي نصير راجڙ گڏ هو. پرچنبر جي ٻنهي پاسن ٻارنهن چوڏهن ميلن تائين مٺو پاڻي، باقي ڀرڻ جي ٻئي پاسي ڪٿي پاڻي ڪونهي، ۽ جي آهي تہ ٻہ کارو.

پرچنبر وٽ پاڻي تي ڪوهہ (6-ميل) ڊيگهہ ۾ ۽ تي سؤ گز ويڪر ۾ آهي. خيرپور رياست واري وقت ۾ ميرن صاحبن پرچنبر جي عمق يعني تري تانگهڻ جو حڪم ڪيو. چون ٿا تہ هڪ سؤ انن جا واڃهہ ۽ مهارون ملائي، هڪ ڇيڙي تي وڏو جنبر ٻڌي هيٺ وارياٺون پر تري تائين نہ پهتا. واڃهہ جي ڊيگهہ پنج فوٽ ۽ مهار جي ڊيگهہ ساڍا ٽي فوٽ، ان جي معنيٰ تہ ساڍا اٺ سؤ فوٽ تائين ترو نہ ملي سگهيو. اهو معلوم نہ ٿي سگهيو تہ ڪهڙي مقرر جاءِ تان اهو تجربو ڪيائون.

- **ناري ۾ مال متاع**

نارو مال متاع وارو ملڪ آهي. وڏو مال ۽ وڏا مالدار ياڳيا، پر دارومدار سڄو وس تي آهي. پوک گهٽ ٿئي پر گاهہ گهڻو ٿئي.

ڀرڻ جي وڏين ويڪرين ايراضين ۾ ڪٿي (1) ڪوڪر جنهن ۾ وڏا

وڻ، اڪ، ڪنڊو، ٻائر وغيره. (2) ڪَرَلُ جنهن ۾ ٻُرانج، سَيَنُ، ڪترڻ وغيره گاهه ۽ مونَهِه جا ٻوڙا: ٻاڳيا اتي مال ڪاهي ويندا، يا اتان گاهه ائن تي ڪٽي ايندا. ڊرنءَ جي ٻنارين ۾ ٻاهڻ ۽ ڪجي جا وڻ، ڪِپ ۽ گاهه.

- ناري جا اٺ هڪ ڊرائني يعني ڊرن واري ٻاڳي اچڙي ٿر جا، ۽ ٻيا ريٽائي يعني ريٽي وارن پٽڻ جا اوٻاوڙي-ميرپور ماٿيلي کان هيٺ رياست تائين، ريٽي وارا اٺ ڏسڻ جا ملوڪ. ڊرائني بہ سهڻا قد پورو سارو پر منزل گهٽي ڪڍن ۽ سهڪو نہ ڪن. ڊرائني ائن جي تعريف راقم ميرپور ساڪري ۾ مرحوم حاجي محمد سوڍي کان ٻڌي، چيائين تہ: اٺ جي جملي نسلن ۾، منزل مارڻ ۾ مڪراني اٺ 'باوائي' ('باوا' واري علائقي جو) پهريون نمبر ۽ ڊرائني ٻيو نمبر. 24 فيبروري 1995ع تي اوطاق فتح علي تي ڪيل ڪچهري ۾ اها راءِ تہ ڊرائني اٺ سنهڙو ۽ پنڌ ۾ تکو. پنجويهه تيهه ڪوهه منزل تي ساڍن چئن پنجن ڪلاڪن ۾ پهچي: ٻيو تہ اٺ جي ڏاهپ جو منزل تي پهچي چيڙهه ڪري ٻيهي رهندو پل رات هجي ۽ جت مٿي اٺ تي ستو پيو هجي.

- **جانور**

- چاپو تيو اچڙو سنهڙو سانڊو، آگر جيڏو ڊرنءَ جي واريءَ ۾ ٽبي هٽي وڃي.
- ريگ ماهي، پنج ڇهه انچ ڊيگهه، اها بہ واريءَ ۾ ٽبي هٽي ٿي.
- ڊرنءَ ۾ هيٺ ۽ ٻي ملڪ ۾ ۽ روهي ۾ هيئيان خاص جانور:
- ٻورنهاري (ٻوربٽ) جنهن جي آڏو سونڍ.
- وجون: گمان تہ ٻورنهاري جو ڪار آهي: جهڙو رنگ اٿس. نڪ ۾ ڏڪ لڳندس تہ مرندو.
- پرنگ: رنگ هرڻ جهڙو ڪن ڪِيتا ۽ ڪنن تي وار پڇ ڊگهو ڪتي جهڙو پر ويندو نہ، پانج ۾ پنج فوٽ ڪن ڊگهو.
- ڊرنءَ ۾ بلا لنڌي، ٻي نہ.

- **نارو امن، ايمان ۽ محبت وارو ملڪ**

اچڙو ٿر-نارو امن وارو ملڪ آهي. گهرن جا در لٿا پيا هوندا ۽ مال وانڍن تي هليا ويندا. وانڍن تي بہ ٽپڙ ايئن ئي پيا هوندا. ڇهه مهينا وچان گذري ويندا تہ بہ ٽپڙ صحيح سلامت. ڪو ڪنهن جي شيءَ کي هٿ ڪو نہ

لائي. چوري آهي ئي ڪانه. مال جهنگ ۾ بنا ڌنار جي چرندو ۽ پاڻهي وقت تي ڌڻائيءَ لاءِ ايندو.

ناري تي وڏن درويشن جي نيڪ نظر رهي آهي. پير صاحبن پاڳارن جي جد امجد پير سائين محمد راشد (رحمة الله عليه) جن ناري ۾ سفر ڪيا ۽ سوَن دلين کي اسلام جي روح سان روشن ڪيو. ان کان اڳ, وڏي عالم عارف مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ناري جي سرزمين ۾ شهادت ماڻي. لنڊ بلوچ قبيلي جي وڏي الله واري مانائتي مائي نعمت فقيرياڻي جي مزار ايرڪي، ديهه سومريجي (تعلقو روهڙي) ۾ آهي جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. ناري ۾ ٻيا هيٺيان فقير تي گذريا جن تي به هر سال ميلا لڳن ٿا.

- ساجن فقير راڄڙ، ديهه ريگستان ڳرتاهر.
- طاهر فقير پرڪڻ پوٽو پرڪڻ درويش کي پاليو پڙهايو.
- سراه دين، ڳوٺ مامڙو ديهه مامڙو.
- ڪرم فقير مير جت، ماڳ مقام گرهر.

نارو محبت وارن جو ملڪ آهي. ناري جي ڪچهرين ۾ به پيار واريون واڌايون مليون. 23 سيپٽمبر 1989ع تي سومريجي مڪان تي ٿوهر فقير ڀنيري وٽ ڪچهري ٿي. مُندن جي ڳالهه هلي ته ڪچهريءَ جي مور قائم فقير ڀنيري بيت ٻڌايو ته:

منڊ سونهي سيڪا، ڪُنڊ ڪُجاڙو
جان هجي هَٿ سجو جان پرينءَ جو پاڙو

ڪنهن وقت ناري ۾ جڻ نينهن جون نديون پئي وڙهيون، مينهن ٿي پيو ته واريءَ مان به عشق جون ڪنييون ڦاٽي نڪتيون! ناري جي هڪ ڪچهري ۾ اتي جي سياڻي ڏاهي وڏيري علي مراد ڀنيري مون کي سمجهايو ته:

سائين! ٻين پاسن کي ماڻهو علم مان اُٿيا (مشهور ٿيا)،
ڪي واپار مان اٿيا ۽ ڪي ٻين ڳالهين مان اٿيا
پر هتي وارا اٿيا ته عشق مان ئي اٿيا!

هن ڪتاب ۾ 'محبت جون مقالون' ۾ ڏنل مثالن مان به معلوم ٿيندو ته بيشڪ ناري مان ڪي سچا عاشق اٿيا.

***

# آخري گذارش

"رهاڻ هيرن ڪاڻ" نالي مان ظاهر آهي، تہ اُن ۾ ڊاڪٽر صاحب مرحوم جُون سنڌ جي سهاجهڙن، سادڙن ۽ مِٺي هاڻن ماروئڙن سان ڪيل قُربن پريون ڪچهريون آهن ۽ انهن ۾ ڪاڇي، ڪوهستان ۽ ٿر ريگستان جي بر بحرن ۽ پٿر پهاڙن جي ليارن ۽ پيروئن جون ڳالهيون آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم کي اهو ڪريڊٽ وڃي ٿو تہ هو علم ۽ دانش جي عالمي استيجن تي بہ سنڌ جي واهڻ وستين، جهوپن جهوپڙين ۽ پکن پنهوارين جون ڳالهيون ۽ ڳُڻ ڳائيندو رهيو.

زير نظر ڪتاب کي سنڌ جي عالمي پايہ اسڪالر جي علمي ۽ ادبي سوانح حيات چئي سگهجي ٿو. ان ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي 1950ع کان وٺي 2000ع تائين پنجاه سالن جي عرصي تي ٻڌل سفرن سياحتن مان سوجهيل ڏاهپ ۽ ڏات جو "تت" آهي. بظاهر تہ سادڙن ماڻهن جون صفا سوليون ڳالهيون آهن. پر انهن ۾ عقل وارن لاءِ ڪيئي اشارا ۽ آثار آهن. ٻين لفظن ۾ سڄي سنڌ مان سموهيل اهڙا تہ لال، عقيق، زمرد، هيرا ۽ جواهر آهن، جيڪي پڙهندڙن کي پاڻ هرتو پيا پڌائن، تہ "سمجُهو ڪي سَمجهن".

هن ڪتاب جي خاص خوبي اها آهي، تہ ان جو پڙهندڙ گهر ويٺي سڄي سنڌ جو سير ڪري وٺي ٿو ۽ اتان ڏاهپ ۽ حڪمت جا موتي بہ ميڙي ٿو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڳالهيون پيش ڪرڻ جو اهڙو انوکو انداز ۽ نرالو نمونو پنهنجي اڻ پڙهيل پر داناءُ ناني مرحوم لعلڻ خان لغاريءَ جي صحبت ۾ سکي، هن ڪتاب جي صورت ۾ اوهان جي اڳيان قلم ۽ ڪاڳر جي قيد ۾ آڻي پيش ڪيو آهي.

هن ڪتاب جا نو جلد ڊاڪٽر صاحب جي حياتيءَ ۾ ئي پڌرا ٿي چڪا هئا. ڏهون جلد سنڌالاجيءَ جي زير اهتمام جنهن ڏينهن اهو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو ان ڏينهن ڊاڪٽر صاحب جو تيجهو هلي رهيو هو ۽ پاڻ حياتيءَ ۾ اهو ڪتاب ڏسي نہ سگهيا.

ڊاڪٽر بلوچ فيملي، ثقافت کاتي جي صوبائي وزير محترمہ سسئي پليجو صاحبہ، سيڪريٽري محترم عبدالعزيز عقيلي ۽ محترم محمد علي مانجهي صاحب جي بيحد شڪرگذار آهي، جو انهن "رهاڻ هيرن ڪاڻ" کي ٻن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ گڏوگڏ ڊاڪٽر صاحب جي ٻين ڪتابن جي اشاعت لاءِ پڻ جامع رٿا تيار ڪئي اٿن. اُن سلسلي ۾ اسان طرفان ڀهرئين ڇاپي جي اجازت سان رهاڻ هيرن ڪاڻ اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

تاريخ 31_05_2012 محمد ارشد بلوچ